# روح الاعظم

(سوانح گفتار فقیر فولاد علی قدس سرہ العزیز)



نگران

فقیر شمس الحق فولادی

# روح الا عظم

(سوانح ۽ گفتار فقير فولاد علي قدس سره العزيز)

**نگران**

فقير شمس الحق فولادي

03015399934

**سهيڙيندڙ**

عطا فولادي فقير

**معاون**

فقير شاهه مردان ( سجاده نشين)

فقير احمد جام

**سهڪار**

فقير مُنور علي چانديو

فقير عبدالستار چانديو

**ڊجيٽل ايڊيشن:**

2020ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

# حق ۽ واسطا


ڪتاب جو نالو : روح الا اعظم

(سوانح ۽ گفتار فقير فولادي علي قدس سره العزيز)

نگران: فقير شمس الحق عطا فولادي

سهيڙيندڙ: فقير عطا فولادي

ڇاپو: ٻيون، مئي 2020ع (واڌاري سان) اي ايڊيشن

ڪمپوزنگ اينڊ لي آئوٽ: حافظ گدا حسين چانڊيو

پهريون ڇاپو: 2010ع روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو

**ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت 2020ع**

**www.sindhsalamat.com**

ROOH - AL- AZAM

By: Faqeer Folad Ali Quds Sarha-ul –Aziz

Compiled by: Faqeer Atta Foladi

Compsode by: Fakeer Gada Hussain chandio

Roshni Composers and Printer, Hyder Chowk, Hyderabad

Printed by: Fine Communication, Hyderabad, Sindh

Published by: Roshni Publication, Kandiaro


## اسٽاڪسٽ

شاهه لطيف ڪتاب گهر، گاڏي کاتو حيدرآباد، پٺائي بوڪ هائوس اوريئنٽ سينٽر حيدرآباد + حيدرآباد لا هائوس، سامهون حبيب بئنڪ اسٽيشن روڊ. حيدرآباد،ڪانيا واڙا سٽور، اردو بازار، ڪراچي، حسين عامر نيوز ايجنسي مين بس اسٽاپ ، سجاول + لال بخش نيوز پيپر ايجنٽ، ٺٽو رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو+ رهبر بڪ اڪيڊمي+ رابعه سينٽر لاڙڪاڻو، مدني بڪ ڊيپو لاڙڪاڻو+ نيشنل بوڪ ڊيپو بندر روڊ لاڙڪاڻو+ نوراني بوڪ ڊيپو، بندر، روڊ لاڙڪاڻو اشرف بوڪ اسٽال، مسجد روڊ نوشهرو + رانوڙ ڪتاب گهر، سڪرنڊ، سڪندري بوڪ ڊيپو ڪپرو، حافظ ڪتب خانو ڪپرو، مهراڻ بڪ ڊيپو ڪپرو.

المهراڻ ادبي ڪتاب گهر، سانگهڙ، العزيز ڪتاب گهر عمر ڪوٽ + ٿر ڪتاب گهر عمر ڪوٽ، سليم نيوز ايجنسي، نيو بس اسٽينڊ دادو+ جنيد بوڪ ڊيپو دادو مراد بڪ اسٽال، سيهوڻ، تهذيب نيوز ايجنسي خيرپور ميرس+ نيشنل بڪ اسٽال پنج گلو چوڪ خيرپور ميرس، لغاري بڪ ڊيپو ٺري ميرواهه + مڪتبه عزيز کهڙا+ سچل ڪتاب گهر، درازا..

# انتساب

فقير امين محمد جي نالي ،
جنهن پنهنجي ساري عمر هادي شهنشاهہ
جي خدمت ۾ گزاري

۽

ٻين سيني صادق اليقين طالبان جي نالي ڪريون ٿا.
فقير شاهہ مردان
سجاده نشين درگاهہ

۽

فقير شمس الحق ۽ فقير احمد جام.

جڏهانڪر ٿيام، ساجاهہ سپرين سين،
تڏهان ڪر تر جيترو پل نہ وسريام
اندر روح رهيام، سڄڻ اوطاقون ڪري
(شاهہ)

# سنڌ سلامت پاران:

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب ”روح الا اعظم (سوانح ۽ گفتار فقير فولادي علي قدس سره العزيز)“ اوهان اڳيان حاضر آهي. هي ڪتاب فقير عطا فولادي پاران فقير شمس الحق عطا فولادي جي نگراني ۾ سهيڙيو آهي.

حضرت فولاد علي فقير جو ڪتاب ”روح الاعظم“سنڌي ادب ۾ تصوف تي بي مثال ڪتاب آهي. هي ڪتاب تصوف جي راهه ۾ هڪ روشن مينار مثل آهي. هن ڪتاب ۾ فقير صاحب نهايت خوش اسلوبيءَ سان فقر، فقيري ڪانسواءِ علم الشريعت علم الطريقت ۽ علم الحقيقت ۽ علم المعرفت جي پليءَ پيت تشريح ڪئي آهي. طلب طالب ۽ مطلوب جي منازل جون قرآن حديث نبوي ﷺ ۽ دلائل مثنوي مولانا جلال الدين روميءَ صاحب سان شرحون بيان ڪرڻ ۽ قدم بہ قدم هر هڪ ڏاڪي تي هلڻ قدم رکڻ ۽ جان نفس نادان جي گرفت کان بچائڻ عروج جي منزل تائين پهچڻ لاءِ واضح دليل شامل حال آهن.

هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو پاران 2010ع ۾ ڇپايو ويو. جڏهن تہ ٻيو (سڌاريل ۽ وڌايل) ڇاپو أي بوڪ ايڊيشن جي صورت ۾ سنڌ سلامت ڪتاب گهر پاران پيش ڪري رهيا آهيون. ٿورائتا آهيون حافظ گداحسين چانڊيو جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪلي.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# نذرانۂ عقيدت

ميڏا مرشد منور هي اصل انوار دي وانگون
جنهن دا جلوه رهيا روشن نسنگ نروار دي وانگون

مين هان دلدار در سولي، ويسان هرگز نہ مين خالي
منگان مين دان متوالي، قران قريدار دي وانگون

فقير فولاد فرزانہ علي گوهر موج مستانہ
تمهين هو مرد مردانہ مهند مهندار دي وانگون

تيڏي سرتاج چٽ سونهين، تيڏي اقدام اڳوهين
ميڏا ضامن پلا تون هين لائق لڄدار دي وانڱون

تيڏا هي شان شاهانہ پرودا مان ديوانہ
كرو كا مهر محبانہ شهہ ابرار دي وانگون

عطا تي كر عنايت كا كرو ساقي سخاوت كا
حامي هرد حمايت كا كرم كلتاري دي وانگون

فقير عطا فولادي

۷۸۶

جنگ شاهی
۱۹۵۵

جناب
بهترو
حبیب
مکرمی

بخدمت فیض حبیب کرم فرمای بجمال جانثار مسلمانان

و فقیر صاحب جوان سدا سهرسانی عزیز از جان گوهر فشان

دائما در ملک محبت و ودود آباد رست دبا

الحمد لله اشتیاق زیارت و دولت بشارت آنحضرت جان

با ادب الکتاب میرسانم - حبابا نوازش نامه

مرغوب شمایل که سراپا محبت و اخلاص و اشتیاق بود

غمشم را رسید گویی سرور القلب و شوق با ذوق

عطا فرمود - این بردو نوازش نامه برای فقیر

ورد روزانه بمنزله مانند تلاوت روزانه معمول

او تعالی آن ذات سامیه را دائما با این حسن کردار و محبت

و جامع عقل و تربیت، و با مسکینان و عاقلان با شفقت

روز بروز در ترقی و تربیت با عشق اخروی دارد

دعا فرمودن را بالغیب فرمائید

حضرت‌ها ما سلطان‌العارفان [illegible] چه طاعت که در جواب [illegible]

باقی این حصه یاد فرمانید جواب از جاهلان باشد خموشی

از انجا عمت خموشی اختیار کرده شد

و دیگر وقتیکه سالا بعین بپهلو گرفته است تکیه سر را سخت

بیقبضه خود شغله است که گرمی بیرون از جاء نمی توانم رفت

دستیابی دیدار عالیه تیمم با انوار است - حالا چه کنیم -

دعا فرمایند که او تعالی مسبب الاسباب است و در دور رمضان

دعد فرماید و از زیارت و صحبت عالیه بهره‌مند فرمایند -

بر الوقت این بیت بالمشافه بدجناب عالیه عرض میدارم

شکر لله نمردیم و رسیدیم بدوست

آفرین باد بر این همت مردانه ما

زیده حد ادب

تا وقت ملاقات لطفیه بهمین منوال یاد و شاد فرمایند

انشاء الله تعالی عنقریب زیارت عالیه حاصل خواهیم نمود -

آمین - فقیر فدا سکندر نقیبه اوزنگ

ولله طرف فقیر بانویم [illegible] برادرم امین محمد صاحب بسیار نیاز و ادب معروض - ۲۷ رمضان ۱۳[illegible]

# سٽاءُ

| | | |
|---|---|---|
| 1.ٻه اکر | فقير شمس الحق فولادي | 10 |
| 2. مهاڳ | فقير عطا فولادي | 12 |
| باب پهريون | | |
| روح الا عظم | | 18 |
| باب ٻيون | | |
| هادي پاڪ جي گفتار | | 52 |
| باب ٽيون | | |
| الوهيت جا راز | | 77 |
| باب چوٿون | | |
| شاهہ منصور جي حقيقت | | 168 |
| باب پنجون | | |
| رومي جي رهاڻ ۾ مثال | | 212 |
| باب ڇهون | | |
| روح رهاڻ | | 358 |
| باب ستون | | |
| وحدانيت جي واڪاڻ | | 471 |
| فقير جا سهڻا سخن | | 538 |
| ضميمون | | 595 |
| چند طالبن جو احوال | | |

# ٻه اکر

هيءَ حقيقت ۽ عالم آشڪار ڳالهه آهي ته حضرت فقير فولاد علي سائينءَ جهڙي علم ادب خواه تصوف جي تواريخ ۾ شخصيت ڪا ورلي ليندي، چاڪاڻ ته پاڻ علم عربيءَ ۾ علم فارسيءَ جا مستند ۽ بينظير عالم هئا.

سندس شخصيت گهڻ رخي هئي. حق گوئي خواه بي باڪي ته سندن خاص خوبي هئي. اهڙي جيد عالم جڏهن وري طريقت جي رنگ ۾ رڱجي، حقيقت جي حال ۽ معرفت جو مقام ماڻيو ته اُتان جا ماڻڪ ميڙي بحر عميق ۾ غواصي ڪري بحر جي موجن ۾ لهرن ۾ اٿل ۽ چولين سان جڳ واسي ڇڏيائين.

لنڪا لنڪا ڪن، لئه لنڪا جي اوهريا،
سٽي سونُ لنڪا جو، سُڪُ نه سامونڊين
پره پڳه جوڙيا، ڪاري ڪيڙئن،
وڏي ڀاڱ ڀِڙن جي ڪهيا ڪارو نيار ڏي

سندن علمي بحر مان سيراب ٿيڻ لاءِ محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، مرحوم جناب علي احمد بروهي صاحب، روهڙي جا رضوي سادات ۽ مرحوم عطا محمد حامي صاحب جن هلي اچي ساڻن صحبتون ڪري پرائي ويندا هئا. سندن گفتار تي مبني هي ڪتاب عرصي دراز کان قلمي صورت ۾ موجود رهيو، مگر شايد ڪن ناگزير اسبابن سبب ڇپجي پڌرو ٿي نه سگهيو.

هن ڪتاب جي شايع ٿيڻ تي ڏٽيءَ جي درگاهه ۾ آسائتو آهيان تہ سندس مدد ۽ عنايت سان ڪتاب ڇپجي قارئين ڪرام جي دست حنا ثابت ٿيندو. آمين.

مون اُيي تڙ جهل، پرين پڳہ چوڙيا،
ڪا مُهين ۾ ال، نات سڄڻ سيا جها گهڻو.

فقير شمس الحق فولادي

# مهاڳ

حضرت فولاد علي فقير جو ڪتاب روح الا عظم سنڌي ادب ۽ تصوف تي بي مثال ڪتاب آهي. هي ڪتاب تصوف جي راهه ۾ هڪ روشن مينار مثل آهي. هن ڪتاب ۾ فقير صاحب نهايت خوش اسلوبيءَ سان فقر، فقيري ڪانسواءِ علم الشريعت علم الطريقت ۽ علم الحقيقت ۽ علم المعرفت جي پليءَ پت تشريح ڪئي آهي. طلب طالب ۽ مطلوب جي منازل جون قرآن حديث نبوي ﷺ ۽ دلائل مثنوي مولانا جلال الدين روميءَ صاحب سان شرحون بيان ڪرڻ ۽ قدم بہ قدم هر هڪ ڏاڪي تي هلڻ قدم رکڻ ۽ جان نفس نادان جي گرفت کان بچائڻ عروج جي منزل تائين پهچڻ لاءِ واضح دليل شامل حال آهن.

هن ڪتاب ۾ فقير صاحب مطلوب اڳيان صدق دل سان سر جهڪائڻ اسم اعظم جي ذڪر کي عروة الوثقيٰ ڄاڻي مضبوطيءَ سان پڪڙڻ. اسم ڪمائڻ دم قدم جو خيال رکڻ جنهن طور ۽ طريقي سان سمجهايو آهي، شايد اهڙي سمجهاڻي اڳ ڪنهن بہ تصوف جي ڪتابن ۾ آيل يا ڏٺل نہ آهي.

بار بار مثال ڏيئي اها ڳالهہ سمجهائي ويئي آهي، سچل سرڪار جي چوڻيءَ مطابق تہ ”تون تہ آيو آن هتي کهڙي ڪم ميان، ڇو ٿو وطن وسارين پانهنجو“.

۽ اڪثر ڪري هن ڪتاب ۾ اهڙا مثال، تشبيهون ۽ استعارا شامل آهن. جو هر هڪ سادي طبع وارو ابوجهہ بہ تصوف جي آفاقي رستن کي سنيءَ طرح سمجهي سگهي ٿو.

اي مرد درميدان بيا گرسه رو د رفتن پده

يعني، مرد ٿي ميدان ۾ اچ سروجي تہ پرواه نہ ڪر ۽ وڃڻ ڏي
هن ڪتاب ۾ هادي شهنشاهہ حضرت فولاد علي فقير جسم جي
هستي ۽ هئڻ ڪي وڃائي واٽ وٺڻ لاءِ هر گهڙي للڪاريندي نظر ٿو اچي.
جيئن حضرت فقير غلام حيدر گودڙيہ جن فرمايو آهي تہ.

هي وڃي تان هو ٿئي، تڏهن ڳالهہ ساري پئي پڌر،
"ڪوڙيون ڪتابن جون پڙهين اٿئي، زهد تقويٰ سڀ ضرر".

يعني جسم سان جنبي جنگ جوڙ اهو نفس نامراد ۽ نحس اڪبر اٿيئي. ان جي مخالفت مان ۽ ذڪر اسم اعظم وسيلي معنوي معراج ڪي پهچڻ ممڪن آهي.

نفس جون نگاهون هميشہ عيش عشرتن ۽ سٺي طعام قيام لاءِ ڪتل هونديون آهن. انهن کان پاڻ کي پري رکڻ لاءِ مثال ڪردار هٿ ڪري، فقير صاحب سوليءَ سنڌيءَ ۾ سمجهايو آهي. ڏنار جي پور لئي جي پاڙ ۾ واڙ ٺاهڻ ۽ لئي جي پور ۾ گدڙ جو لڪيل هئڻ ۽ روزانو گهٽا مارڻ، سندن ٻاهر ڪاڏي بہ پيير جو نيشان نہ هجڻ، اهو سڀ ڪجهہ اندران نفس جي وهمن ۽ خيالات کي نظر ۾ رکڻ ۽ نفس کي لڪل وجود ۾ دشمن موجود هئڻ جا نصيحت ڀريا نڪتا ٻڌايل آهن. جن تي عمل ڪرڻ سان آدمي پنهنجي حياتيءَ جي پونجي، يعني دمن وارو خزانو خيالات جي گدڙن کان محفوظ بنائي ٿو سگهي. جيئن پاڻ فرمائن ٿا تہ.

"نفس اعظم بت بود اندر وجود ، جمله عالم ميکنداور اسجود"

وجود ۾ نفس وڏو بت موجود آهي، سڄي دنيا جا ماڻهو ان اڳيان ساجد ٿيا بيٺا آهن. قرآن پاڪ بہ ان نفس کي نفس اماره سڏيو آهي ۽ حڪم ڪيو اٿس تہ:

وَمَنۡ يُوقَ شُحَّ نَفۡسِهِ فَأُولَئِكَ هُمُ الۡمُفۡلِحُونَ

يعني، جنهن پنهنجي نفس کي سڏن ۽ حرص کان بچايو پوءِ آهي ڪامياب آهن.

دم جي ذڪر ڪمائڻ لاءِ قرآن ڪريم ۾ پڻ حڪم صادر آهي تہ:

وَاذۡكُر رَّبَّكَ فِي نَفۡسِكَ تَضَرُّعًا وَ خِيفَةً وَ خِيفَةَ وَدُونَ الۡجهر مِنَ الۡقَوۡلِ بِالۡغُدُوِّ الا صالِ

يعني، ڪيو ذڪر خدا پنهنجي جو پنهنجي ساهہ ۾ عجز ۽ عاجزيءَ سان، مگر مخفي طرح ۽ متان غافلن مان ٿيو.

ان آيت جو سهارو وٺي فقير صاحب بار بار تاڪيد ڪيو آهي تہ دم کي سنڀال. دَمُ غافل نہ رهہ الله تبارڪ وتعاليٰ جي عارفن تہ ايترو تاڪيد بہ ڪيو آهي تہ جو دَمُ خدا جي ياد کان سواءِ ٿو ڪڇي تہ ڄڻ اُهو دَمُ ڪفر ۾ ٿو هلي. يعني جو دَمُ غافل سو دَمُ ڪافر. اجا بہ وڌيڪ ” تہ دَمُ دي سرت سنڀال رکين”. اهو دم هئي اسرار الاهي دا. هڪ دم نال الله دي هو وڻ بهتر ڪنون بادشاهي.

هن ڪتاب ۾ فقير صاحب هادي شهنشاهہ دنيا جا لذات مذا ترڪ ڪرڻ لاءِ تہ تاڪيد ڪيو آهي، مگر آخرت يعني عُقبيٰ تان بہ هٿ ڪڻڻ جا مشورا ڏنا اٿس. پاڻ فرمائين ٿا تہ، دنيا جا طالب ڪدڙا آهن، عُقبيٰ جا طالب ماديون (عورتون) آهن. مگر الله جا طالب مرد آهن. ان ڳالهہ جي تائيد ۾ مولانا روميءَ صاحب بہ فرمايو آهي تہ:

” حوران به رخ نمايند، بي توجه کار آيند ”.

يعني بهشت بہ هڪ عاشق کي لالچ ڏني وئي آهي تہ جيئن کي سڏڙيا بهشت جي حورن ۽ ميوات جي لذتن ڏانهن لڙي پون ۽ ڪائونس اوجهل هجن، پر مردن تہ انهن بهشتي دلاسن کي بہ ٺڪرائي ڇيو آهي تہ توکان سواءِ حورون ۽ قصورون ڪهڙي ڪم جون آهن، اسان کي اُتي جڳهہ

عنايت فرماءِ جتي تون سامهون هجين. جتي تون نہ هجين تہ اسان اهڙِي بهشت کي بہ باهہ ڏيندا سون.

آدميءَ لاءِ دنيا جا مال متاع اولاد ۾ زالون دشمن قرار ڏنا ويا آهن، ڇو تہ الله جي ياد کان آهي غافل ڪرڻ جا اسباب آهن. قرآن ڪريم ۾ آهي تہ.

انّ منْ ازْ وَاجِکم وَأولا ديکُمْ عَدُوَّالّکُمْ فَاحْزرُوهُمْ

ترجمون: يعني، آهي دشمن اتوَ اُنهن کان ڊڄو.

اهڙيءَ طرح عيش عشرتون ڪشف وڪرامات، بهشت ۾ باغ، نهرون، سڀ رغبت ڏيارڻ جون شيون آهن. فقير صاحب هن ڪتاب ۾ انهن لالچن ۾ نہ ڦاسڻ جا وچن ورجايا آهن.

اصل عبديت جي پوش کي ڦاڙي، روحانيت واري قطري کي واپس عروج ڪرائي، وحدت جي واديءَ ۾ غرق ڪري، خود عين درياه ٿي پوڻ جا ڏس ڏنا آهن،

هجي ڪو مرد مجاهد پروانو ۽ رند رندانو،
جيڪو جان جو ڏئي نذرانو ۽ وجي هٿ ڪري
موج جو مئخانو. آسماني عروج حاصل ڪري،
وڃي ٿاهي عرش آشيانو. پوءِ اتي وڃائيندو
انا الحق جو نعرو ۽ اهو ئي رهندو تنهي جهانن ۾ سوڀارو.

مطلب تي هي ڪتاب الفقر لا يُحتاج الا الله خدا کان سواءِ ڪنهن جي بہ پرواهہ نہ ڪيڻ جو درس ٿو ڏئي، ڇو تہ جيئن تہ هن ڪتاب ۾ هڪ دفعو هاٿيءَ جي هندستان ڏسڻ بعد هو ڪتي بہ اڙيو نہ رهندو. جيئن هاٿيءَ جو اصل وطن هندستان آهي، پوءِ پلي ان کي عراق ۾ رکو. مگر جنهن وقت وطن ياد پيس تہ جبلن درياهن مان اڙيو نہ رهندو، وڃي پنهنجي وطن هندستان نڪرندو. ائين هي آدميءَ جو روح بہ اصل مقام الاروح مان عرش عظيم تان آيل آهي. هتي سندن، جسم جي رشتن ۽ لذات مذات جا ڏاوڻ وجهي، هن

ڪي هتي بند رکيو ويو آهي. جڏهن آهي ڏاوڻ چنائين تہ سڏو وجي پنهنجي اصلوڪي ملڪ عرش عظيم تي پهچندو. پوءِ پيو ايندو ويندو. جيڪڏهن هت رهڻ جو خيال پيس تہ هت رهندو ۽ وطن ياد پيس تہ امالڪ اڏريو وجي عرش تي نڪرندو.

ٻين سڀني ڪتابن ۾ ٻنهي جهانن جو ڳالهيون ڏنيون ۽ پڙهيون اٿئون، مگر ٽئين جهان جي ڳالهہ ڪنهن بہ ڪتاب ۾، ڪنهن بہ عالم يا اڪابر نہ ڪئي آهي، جيڪا هڪ نئين ۽ عجيب حقيقت هن ڪتاب جي نظر مان ڪيڻ سان معلوم ٿيندي، جيڪا عارفن عاشقن ڪانسواءِ ڪنهن جي سمجهہ ۽ ادراڪ ۾ بہ نہ آهي. حضرت سچل سرمست هڪ بيت استعاري وانگر استعمال ڪيو آهي. جنهن ۾ پاڻ فرمائن ٿا تہ:

حدين وجي هر ڪو، لاحد وجن پير،
سچو سي فقير، جيڪي حد لاحد لنگهي ويا.

هن ڪتاب ۾ بيحد ملڪ جو بيان نهايت عمدي ۽ واضح لفظن ۾ ڪيل آهي، جيڪا هڪ حيرت انگيز حقيقت آهي، اڳين ڪتابن ۾ معراج فقط حضرت سرور ڪائنات لاءِ مخصوص حقيقت سمجهي ويندي هئي، مگر فقير تہ مثال ڏيئي واضح ڪيو آهي تہ هارون رشيد دجلا تي پنهنجي لاءِ پل جوڙائي هئي، سا بہ اڄ تائين موجود آهي. باقي حضرت رسول صلي الله ﷺ جن جيڪو معراج جو رستو جوڙايو هو اهو ڪو بند ٿي ويو ڇا؟

سوال آهي مسافر جي محنت ۽ اورچائيءَ جو تہ هلندڙ طالب ڪيتري قدر اورچ آهي ۽ جانبازيءَ جانفشاني سان ٿو پنڌ ڪري، جيترو تکو هلندو اوترو پنڌ جلد نبرندس، نہ تہ ويٺن تان واري وري ويندي آهي. ڪيترائي عاشق عارف معراج جا صاحب ٿيا آهن ۽ ٿيندا پيا اچن.

هن ڪتاب ۾ اهڙا راز سمايل آهن. جيڪي سپ اڻ ڏٺل ۽ اڻ ٻڌل آهن. هن ڪتاب جي اچڻ سان سنڌي ادب تہ بجاءِ خود پر علِم معرفت کي سمجهڻ لاءِ بہ ڪليدي ڪردار ثابت ٿيندو.

الله اورانهون ڇڏي، پنڌ پراهئون پيا،
بنا نالي سپرين، سي اچا ڪي ٻيا،
واڪيندا ويا، صادق ٻڌيون سندرا.

5 مئي 2009ع

خادم درگاهہ

**فقير عطا فولادي**

ڳوٺ مينگهوفقير شر

تعلقہ ميرواہ ضلع خيرپور ميرس

سنڌ

باب پهريون

# روح الاعظم

## والصلواة والسلام علیٰ رسوله الامين وآله الطبين

## الطاهرين المعصومين

### سوانح حيات ۽ سندن خاندان

فقير صاحب جا وڏا اصل بلوچستان جي شوري علاقي جا رهاڪو هئا، مگر مير سهراب خان ڪين تقريبا 1175 هجري ۾ گهرائي، رياست خير پور جي تعلقہ مير واهہ جي موجوده ڳوٺ مينگهو فقير شر واري جڳهہ تي آباد ڪرايو. ان وقت ميان عبدالنبي ڪلهوڙي، جوڌپور جي راجا کان مدد وٺي مير بجار خان کي شڪست ڏني هئي، مگر پوءِ خوشامد طور عمر ڪوٽ وارو قلعو ڪيس ڏيئي ڇڏيائين، جنهن ۾ راجا پنهنجي ڪجهہ لشڪر سميت ترسي پيو ۽ رياست خير پور جو والي مير سهراب خان جو پاءُ مير غلام محمد شڪار ڪندي عمرڪوٽ وڃي نڪتو. اوچتو مير غلام محمد جي ماڻهن ۽ راجا جي ماڻهن وچ ۾ مهاڏو ٿي پيو، جنهن بعد مير غلام محمد پنهنجي مختصر ماڻهن سميت مارجي ويو.

اها خبر جڏهن ميرسهراب خان کي پيئي، تڏهن پاڻ ٻين ميرن کان مدد وٺي جوڌپور تي ڪاهي ويو ۽ راجا کي شڪست ڏنائين. ان بعد راجا پنهنجا نَڪَرَ موڪلي وقت بوقت ميرن جي رياست مان پيو ڦرلٽ ڪرائيندو هو. ان ڪري مير سهراب خان بلوچ قبيلا آڻائي سنڌ ۾آباد ڪيا، تہ جيئن نَڪَرَن جي حملن وقت سندن قوت کي ڏڪ رسائي سگهن.انهن بلوچن مان فقير صاحب جو ڏاڏو دوست علي فقير پنهنجن پنهنجن ڀائرن هر هڪ قائم خان، صالح خان، سهراب خان، دوستڻ خان ۽

واسو خان کي ساڻُ ڪري مير سهراب خان وٽ پهتا. انهن سڀني جا اولاد ساڳين ماڳن تي اڄ بہ موجود آهي، جن کي شَرَ ٿو سڏجي. انهن کان سواءِ سنڌ ۾ ٻيا بہ ڪيترائي قبيلا جهڙوڪ مري، بگٽي، رند، جتوئي، ٻڙدي، بليدي، جمالي، لاشاري، جلالاڻي، شنباڻي، بوزدار، لُنڊ، جلباڻي، جسڪاڻي، جانوري، چانگ، دشتي، مجيداڻا، مشوري، چانڊيا، گوپانگ، ٽالپر ۽ لغاري وغيره موجود آهن.

فقير صاحب جا وڏا اصل شاهہ وسائي رحہ جن جا مريد هئا. جيڪو ميان گاجي گنج بخش جي اولاد مان هو. جيڪو گنداواه (سيوي ڍاڍر) جي نالي سان ٿو سڏجي. سندن طريقو ميانوالي سڏبو هو. جيڪي ذڪر نفي اثبات بلند آواز سان ڪرڻ وقت پنهنجو سر ساڄي ۽ ڳاٻي پاسي لوڏيندا آهن. ان طريقي کي سهروردي طريقو بہ چئبو آهي.

هت اچڻ وقت دوست علي فقير جي پاءُ قائم خان، مير سهراب خان کان ڪچي ڪوٽ ۽ ڪلي جو پروانو ورتوقائم خان جي اولاد مان فقير غلام حيدر گودڙيہ جن پيدا ٿيا ۽ ميان دوست علي جي اولاد فقير فولاد علي پيدا ٿيا.

پاڻ 10 محرم 1282هجري مطابق 5مارچ 1867ع سومر ڏينهن صبح وقت ميان محمد يار عرف ملهار فقير جي گهر ۾ جنم ورتائون. سندن شروعات ۾ نالو عبدالحق رکيو ويو. مرحوم محمد يار کي جملي چار پٽ هئا. (1) محمد خان، (2) شادي خان، (3) ساهڙ خان ۽ (4) عبدالحق. فقير صاحب جي ننڍي هوندي کان امتيازي حيثيت هئي. سندن پالنا سندن والد بزرگوار جي هٿ هيٺ ٿي.

هڪ دفعي پاڻ ننڍي هوندي پنهنجي والد محترم سان گڏجي حضرت فقير غلام حيدر گودڙيہ رحمتہ الله عليہ جن وٽ آيا. جيڪو سندن والد صاحب جو سڳو مامو هو. غلام حيدر رحمتہ الله عليہ کين ڏسي پيشن گوئي طور فرمايو تہ هي ڇوڪرو وڏو ٿي اسان وانگر عشق الاهي جي معرفت جو معراج ماڻيندو. ائين چئي کين رکيل ڪارڪون کٽي ڏنائون.

فقير صاحب جو والد کهڙن جي مخدومن جو مريد هو. مخدومن وٽ عربي ۽ فارسي تعليم جو مدرسو هلندڙ هو. مدرسي ۾ اعليٰ تعليم يافته استاد مقرر ٿيل هئا، جنهن ڪري ميان محمد يار کي اتان جي تعليم پسند آئي ۽ پٽ عبدالحق کي ان مدرسي ۾ داخل ڪرايائين. ساڻن گڏ ڳوٺ جو بيو ڇوڪرو فيض محمد نالي به پڙهڻ لڳو.

فقير صاحب اتان جو نصاب پورو ڪري وڌيڪ تعليم لاءِ تعلقي ڪنڊيارو جي ڳوٺ آباد ۾ داخلا ورتي. جتي مخدوم حبيب الله نالي وارو استاد پڙهائيندو هو. پاڻ اتي بوستان تائين فارسي تعليم حاصل ڪيائون. بعد ۾ سوڀو ديرو واري ميرن جي مدرسي مان فارسي علم جي مڪمل تحصيل ڪيائون فارسيءَ سان گڏ دور ۾ سنڌي ۽ عربي به سکيا ۽ پڙهيا.

بعد ۾ عربي علم جي تحصيل لاءِ ضلعي دادوءَ جي شهر اگرء ۾ داخلا ورتائون ۽ عربيءَ علم جا به مستند عالم ٿي ڳوٺ موٽي آيا.

فارسي ۽ عربي علم جي تحصيل سان سندن شخصيت کي اهڙو ته رنگ لڳو جو دنيا جي ڪاروبار کان ڪنارا ڪش ٿي ويا. مگر عالمن ۽ فاضلن جي صحبت ۾ رهندا هئا. ان وقت مير فيض محمد جي رياست تي حڪومت هئي. ان وقت ۾ انگريزن قادر داد خان پٺاڻ کي پوليٽيڪل ايجنٽ ڪري رياست ۾ سڌارن لاءِ مقرر ڪيو. جنهن ديني تعليم کي فروغ ڏيڻ لاءِ ڪيترائي مدرسه قائم ڪيا. انهن مڪتبن کي ملان اسڪول ڪري چئبو هو. نون اسڪولن کلڻ وقت استاد اڻ لڀ هئا. مولوي عبدالحق کي سَنَد يافته ڏسي سرڪار کيس ملان اسڪول سپڙ خان رند جي مڪتب ۾ 5 روپيا پگهار سان استاد مقرر ڪيو. اهو وقت 1894ع جو هو. پاڻ ان اسڪول ۾ ٻه سال رهيا، بعد ۾ کين تعلقي فيض گنج جي ملان اسڪول منو چانگ ۾ مقرر ڪيائون، جتي پاڻ 11 سال ايمانداريءَ سان نوڪري ڪيائون. ان وقت کين عشق مجازي جي اهڙي ته چوٽ لڳي جو نوڪري ڇڏي ڳوٺ اچي ادا سائيءَ جي حالت ۾ گذارڻ لڳا.

عشق مجازي سندن طبيعت بدلائي حقيقت ڏانهن مائل ڪري ورِڌو ۽ حقيقت جي ماڳ مقام حاصل ٿيڻ لاءِ مرشد حقيقيءَ جي ڳولا ۾ لڳي ويا. هڪ دفعو پاڻ سفر جي خيال سان پنهنجي چاچي بهار فقير سان گڏجي ڪڏڙي شهر ۾ وڃي نڪتا ۽ ڪنهن جاءِ تي رات ترسي پيا. رات جو بهار فقير "عشق آرام ڪنهين ڪون ڏتڙا، مجني ڪرنگهه سڪايا هي" ڪلام چيو. اهو ڪلام ٻڌڻ سان فقير صاحب زارو قطار روئڻ لڳا ۽ چوڻ لڳا تہ جڏهن ظاهري عشق اهڙو آهي تہ حقيقي عشق ڇا هوندو. خدا ڪري تہ ان جو مزو نصيب ٿئي. جهڙيءَ طرح ڪنهن منزل تي پهچڻ لاءِ ڪو سونهون ضروري آهي، ان طرح حقيقي عشق جي منزل لاءِ ڪو مرشد ڪامل رهبري ڪري تہ بهتر ٿيندو. ان ڪري ان جستجو ۾ جتي بہ ڪو فقير ٻڌندا هئا تہ ان وٽس وڃي پهچندا هئا.

هڪ دفعي سندن ملاقات فقير پير بخش مغل سان ٿي، جيڪو هڪ عامل ماڻهو هو. ان کان ڪنهن ڪامل جو ڏس پڇيائون. جنهن تي فقير پير بخش مغل کين آيت الڪرسي عمل ۾ آڻڻ ۽ اغثني مداح جو ڪثرت سان پڙهڻ جو چيو. ائين ڪرڻ سان اوهان کي حضرت رسول الله ﷺ جي معرفت ڪامل مرشد خواب ۾ ملندو ۽ پوءِ توهان ظاهري طرح ان جا وڃي طالب ٿجو. اهو ٻڌي پاڻ عمل ڪرڻ شروع ڪيائون تہ آخر ڇهينءَ رات جو کين خواب ۾ حضرت قلندر ڪبريا سان گڏ ٻيو فقير بزرگ بہ کين ڏسڻ ۾ آيو. اُن وقت قلندر شهباز کين فرمايو: الله سان ملڻ ٿو چاهين، غير ڪڍيو اٿئي؟ پاڻ کين عرض ڪيائون: سائين مون کي تہ غير ڪڍڻ جي خبر نہ آهي. ان تي حضرت قلندر شهبازفرماين: اوڪارو ڏيو. پاڻ خواب ۾ اوڪارو زور سان ڏنائون تہ سندن وات مان پردي ۾ ويڙهيل شيءَ پري وڃي ڪري. ان بعد حضرت قلندر شهباز سندن هٿ وٺي کين ذڪر ذاتي سمجهايو ۽ سندن ڪن ۾ ڦوڪ ڏيئين فرمايائون: هتان وحدت جو درياه ٿيندو ۽ موجون ڪندو. پوءِ کين پر ۾ ويٺل فقير سفيد ريش بزرگ جي حوالي ڪيائون ۽ کين حڪم ڪيائون تہ توهان ظاهريءَ ۾ هن بزرگ کان

ضرور ذڪر ونجو. توهان لاءِ ڪامل مرشد اهو آهي. ان رات ۾ اهو ساڳيو خواب ٽي دفعا ڏٺائون. ان ڪري سندن حال پرشان ٿي پيو ۽ ان ڪامل جي ڳولا ۾ لڳي ويا. 1323 هجري ۾ طالب ٿيا ۽ 1332 هـ ۾ الله اثبات ڪيائون.

هڪ فعي گهوڙي تي چڙهي پنهنجي سئوٽ سکر خان، جيڪو مال جي سانگ سان صدر جي پٽئين وچي وينو هو. جڏهن ان وٽ پهتا ته سکر خان کين خدمت ۾ ڪاڏو تيار ڪري اڳيان رکيو. فقير صاحب ڪائنن ڪنهن فقير بزرگ جي پڇا ڪئي، جنهن تي سکر خان ٻڌاين ته مير علي مراد جو وزير خزانہ سيد محمد علي شاهہ وزارت ڇڏي آيو آهي، ۽ مستي جي حال ۾ پنهنجي باغ کي باهہ ڏيئي ساڙي ڇڏيو اٿائين. ۽ مجذوب مست آهي. ڪنهن سان بہ ملي ڪونہ ٿو مگر جيڪو بہ وٽس وڃي ٿو تہ نيزو ڪڍي سندن پٺيان ٿو پوي ۽ ماريس ٿو.

فقير صاحب اها ڳالهہ ٻڌي ماني ڇڏي، اٿي ڪڙو ٿيو ۽ اچي مست سيد جي پير ۾ وينو. مست کيس ڏسي چوڻ لڳو: ميان عبدالحق آيو آهين. تون اسان کي تہ ڇهہ ڏينهن اڳ ۾ پرتل آهين. فقير صاحب خاموش وينو رهيو. ان ريت اتي ڇهہ ڏينهن ترسي پيا. آخر ڇهين ڏينهن شام جو مست سيد کي عرض ڪيائون: قبلا اسان تي بہ عشق جي عنايت ڪريو. اسان ان مقصد لاءِ توهان وٽ ترسيل آهيون. اهو ٻڌي سيد صاحب کين فرمايو: چڱو ٿيو پاڻ زبان سان گهر ڪئي اٿو. ڇاڪاڻ تہ حديث پاڪ فرمان آهي

إقرار بألِلسانِ وَتَصِديقُ بِألقَلب

يعني جنهن ڳالهہ جي دل ۾ تصديق هجي تہ زبان سان بہ ضرور ظاهر ڪجي.

ان ڪري اگر توهان زبان سان گهر نہ ڪريو ها تہ خالي واپس وڃو ها. هاڻي اچو تہ توهان کي راهِ طريقت ٻڌايون. ائين چئي کين هڪ ڪنڊ ۾ وٺي ويا ۽ کين پاڻ کان ٿورو پري ڪري ويهاريائون ۽ اشاري سان کين حق جي تلقين ڪندا رهيا. کين پري ان ڪري ويهاريائون جو سيد صاحب تي مستيءَ جو حال هو ۽ کين ويجهو ويهارين ها تہ فقير صاحب بہ مجذوب ٿي

وجن ها يا ضرب الاهيءَ سان فقير صاحب جو دم پرواز ڪري وڃي ها. چاڪاڻ تہ ڪيترائي نرم دل طالب جان بحق ٿي ويندا آهن.

هڪ روايت آهي تہ شيخ شبلي موج مستيءَ جي حالت ۾ هڪ طالب کي ذڪر ٿي سمجهايو تہ جيئن هن ذڪر حق جي ضرب ٻڌي تيئن وڃي ڪريو ۽ انتقال ڪري ويو. هادي سائين جي ذڪر وٺڻ وارو سال 1323 هجري هو. ذڪر ڏيڻ ڪانپوءِ کين تلقين ۽ هدايت ڪندا رهيا، ۽ سندن نالو عبدالحق مان تبديل ڪري فولاد علي فقير رکيو ويو. جيڪو اڄ تائين مشهور آهي. ذڪر وٺڻ وٺڻ بعد پاڻ ياد الاهيءَ ۾ محو ۽ مستغرق ٿي ويا. جيئن حضرت نانڪ يوسف فرمايو آهي:

دم دم ڏمـاَل دم ڪـي ڪـرني نـہ فـرامـوش
مـوسـيٰ بـہ طـور سـيـنـاَ ارني نـو فـرامـوش

يعني، هر دم سان ذڪر جي ڏمال نو وسارج. جيئن حضرت موسيٰ عليہ السلام طور جبل تي رب ارني چوڻ نو وياريو هو. ان طرح فقير صاحب بہ رات ڏينهن اسم سان اورڻ لڳا. ذڪر الاهي ۽ ديدار خداوندي جي ذوق ۾ زماني جي عيش عشرت کان سندن خيال کڄي ويو. پاڻ دنيا جا سڀ لڳ لاڳاپا ڇڏي گوشہ نشيني اختيار ڪيائون. گويا ڪہ مست ۽ مجذوب ٿي ويا. ڪيترا سال جهنگ ۾ گهمندا ٿي رهيا.

ان مستيءَ واري عرصي دوران سندن چاچو بهار فقير گذاري ويو تہ بہ پاڻ ان جي مغفرت لاءِ تڏي تي بہ ڪون وينا. ماڻهن کي چوندا رهيا تہ روح امر آهي، ان تي موت آهي ئي ڪونہ اسان جي چاچي جو ڪپڙن جو وڳو پراڻو ٿي ويو هو. سو مٽايو اٿن. مون کي عذر جي ضرورت نہ آهي، اوهين پنهنجي ڳڻتي ڪريو. جو زنده هوندي بہ مئل آهيو. پاڻ کي زنده رکڻ لاءِ ڪا ڪوشش ڪريو.

پاڻ فقيري اختيار ڪرڻ کا اڳ صوم و صلوت جا پابند هئا. مگر ذڪر جي زورِ روانيءَ سبب نماز جي هڪ رڪعت بہ نہ پڙهي سگهندا

هئا. ان ڪري ورد وظيفا ۽ نمازون ڇڏي ڏنائون. رات ڏينهن ذڪر حق ۾ مست ۽ مگن رهندا هئا. سندن چوڻ مطابق نہ ذڪر جي صورت ۾ دم دم سان سيرڪن جيترو سونو گولو سندن سيني ۾ گهڙيال جي ڪانٽي وانگر مٿان ڏڪ هڻي هيٺ پيو لهي. اهڙي طرح ذڪر جو هر هڪ پيروان نوراني شعلہ سان ڦرندو رهندو هون.

**بيت: حضرت شيخ عطار رحہ**

تانه بازی درره حق هر چه هست، آنچه میباید کجا آید بدست
باص بائم ای بسپ دریاد حق، حق خبرداری زعدل و داد حق
زنده دار راز ذکر صبح وشام را، در تغافل مگذارین ایام را
یاد حق آمد غذا این روح را، مرهم آمد این دل مجروح را
گر زمانِ غافل رحمان شوی، اندر آن همدم شیطان شوی
لب م جنبا جُزبه ذکر کرد گار، زانکه پاکان راهی بوده است کار

ترجمہ: جيڪي اٺئي سوجيسين خدا جي راھ ۾ ختم نہ ڪندين، جيڪو توکي ملڻو آهي، تنهنجي هٿ نہ ايندو. اي پٽڙا سدائين خدا جي ياد ۾ رھہ، جيڪڏهن توکي خدا جي عدل ۽ انصاف جي خبر آهي. صبح ۽ شام ذڪر سان جيئرو رھہ، هي حياتيءَ جا ڏينهن غفلت ۾ نہ گذار. خدا جي ياد روح جي خوراڪ آهي، هن زخمي دل لاءِ پڻ ذڪر ئي ملم ۽ مرهم آهي. جيڪو وقت خدا کان غافل رهندين تہ اهو وقت شيطان توسان گڏ هوندو. خدا جي ذڪر کان سواءِ چَپ بہ نہ چور، ڇا ڪاڻ تہ پاڪن جو ڪم بہ اهو آهي.

### فقير صاحب کي وصال حق حاصل ٿيڻ

فقير صاحب مرشد جي ڏسيل رنداني راھ تي نهايت جانفشاني سان گامزن رهيا جو دم غافل سو دم ڪافر سمجهندا هئا. پورا اٺ سال ياد الاهي ۾ محو ۽ مگن رهيا. آخر نائين سال جي آخر ۾ کين خبر پئي تہ کُهڙن شهر ۾ هڪ مست سيد الله اوباهيو شاھہ جيڪو سيد الهندو شاھہ دربيلي واري

جي خاندان مان هو اهو رهي ٿو. اهو ٻڌي پاڻ اُن مست وٽ هلي ويا ڇا ڏسن ته سيد مستي جي حال ۾ هڪ مسجد ۾ مٿي تي کوهه واري ڳوري سِرَ رکيون بيٺو آهي ۽ اهو سندس معمول هو ٿورو وقت آرام ڪري گهوڙيءَ کي ڪنهن وڻ سان ٻڌي پاڻ سيد جي اڳيان اچي حاضر ٿيا. مست کين ڏسي پڇيو ته توهان کي ڇا کپي؟ فقير صاحب کين عرض ڪيو ته دل جي راز جا مالڪ آهيو ڇا چئي ٻڌايان.ان تي مست مُرڪي فقير کي چيو ته تعويذ لکي ٿو ڏيانءِ. جنهن تي فقير وراڻيس ته تعويذ ته مان پاڻ لکندو آهيان. اهو ٻڌي مست چيس ته پوءِ زبان سان چئو ته ڇا کپئي؟ حضور پُرنورصلي الله عليه وسلم فرمايو ته ”اِقْرارُ رم بِاَلِسّانِ وَتصْدِيقُ بِاَلقلب“ دل جي راز کي ته سمجهان ٿو مگر زبان سان گهرو جيڪي گهرڻو هجيوَ.“ ان تي فقير صاحب عرض ڪيو ته سائين الاهي عشق جي عنايت ڪريو.

اهو ٻڌي مست فيريون ڏيڻ لڳو جو سندس مٿي واري سر به ڪري پئي ۽ چوندو رهيو ته بيشڪ ٿيندو بيشڪ ٿيندو جيئن توهان چاهيو ٿا انشاءَ الله تعاليٰ ائين ٿيندو. اهو ٻڌي فقير صاحب واپس هلڻ لڳو ته مست کين رات ترسڻ لاءِ چيو ۽ فقير به ترسڻ لاءِ راضي ٿيو. مگر اوچتو مست سيد جي نظر وڻ سان ٻڌل گهوڙيءَ تي پئي ۽ فقير کي چوڻ لڳو ته افسوس توهان سان ڦڪڙي ساڻ آهي. توهان پلي وڃو. توهان جو مقصد پورو ٿيندو.

فقير صاحب مست کان موڪلائي صدر جي پٽين ۾ لال بخش پٽيءَ وٽ اچي رات ترسيا. .فقير لال بخش ڳائڻ ۾ ڪمال رکندو هو. جيڪو صرف توحيد ئي ڳائيندو هو. ان دفي فقير صاحب لال بخش پٽيءَ کي ساڻ ڪري مرشد جي دربار ۾ وڃي محفل ڪرائي محفل شروع ٿيڻ سان سندن طبيعت تي عشق الاهي جو اهڙو ته جزبو پيدا ٿيو جو پاڻ روبرو راڳ ٻڌي نه پيا سگهن ۽ بنگلي کان ٻاهر نڪري وڃي ويٺا ۽ اتان ڪلام ٻڌندا رهيا. محل ۾ احمد فقير ۽ شهمير فقير ڪلام ڳايا. آخر لقمان جو ويٺل عبدالرحيم فقير ڳائڻ شروع ڪيو. سندس پهرين ڪلام جو مطلع هو ته

”رخ را نجهن دا ڪعبه قبلا عشق دا بَڌاِحرام ميان“

اُن ڪلام ٻڌڻ سان مٿن وجد طاري ٿي ويو. عارفن جو معراج آواز ڪلام ذريعي ٿيندو آهي ۽ ان طرح ئي روح عروج نزول ڪندو آهي. پاڻ ان وجداني ڪيفيت ۾ پَٽ تي سمهي پيا ۽ مٿن وحدانيت جو نشو طاري ٿي ويو.

سندن چوڻ مطابق تہ ان مدهوشيءَ ۾ ڏنائون تہ سيد الله اوباهيو شاهہ اچي سندن مٿان بيٺو ۽ کين چوڻ لڳو مٿي تہ نهاريو. .پاڻ جيئن جو مٿي نهاريائون تہ ڪعبت الله شريف ۽ چوڏهن معصومن جا رضا ظاهر ظهور پيا ڏسجن. سڄي رات مدهوش رهيا صبح جو جڏهن بيدار ٿيا تہ فقراءَ کان آواز ڪلام جو پڇيائون. کين ٻڌايو تہ آواز ڪلام پورو ٿي ويو آهي. اهو ٻڌي پاڻ گهوڙيءَ تي چڙهي ڳوٺ روانا ٿيا مگر موڪلايائون ڪون. جان ڪٽي ڏسن تہ سڄو فقراءُ سندن پويان پيو اچي. کين هادي بخش فقير عرض ڪيو تہ سائين هنن کان موڪلايو تہ سهي توهان لاءِ ٿا اچن. فقير صاحب جواب ڏنو تہ هينئر مون کي ڪير بہ هٿ نہ لائي پري کان پلي موڪلائين. سيد بخش علي شاهہ جيڪو لقمان شهر جو وينل هو ۽ پڻ سيد محمد علي شاهہ جو طالب بہ هيو. اهو ماڻهن کي چوڻ لڳو تہ هن وقت فقير تي مستي جو حال آهي ڪيس ڪير بہ هٿ نہ لائي. اسان جي هادي پاڪ سيد محمد علي شاهہ کي بہ ساڳيو حال پوندو هو.

پاڻ اتان نڪري مراد جسڪاڻيءَ وٽ ڪوٽ ڏيجي ۾ اچي ترسيا ۽ ڪجهہ وقت لاءِ ڪاٺ پيئڻ ڇڏي ڏنائون. سندن چوڻ مطابق کين مستيءَ جي حال ۾ ڏسي سيد الهہ اوباهيو شاهہ روحاني طرح مگرجيءَ کان سندن ڳوٺ تائين گڏ آيو ۽ پوءِ ڪانئن موڪلائي موٽي ويو. وچڻ وقت ائين چيائين تہ جيڪڏهن مان توهان سان گڏ نہ اچان ها تہ توهان مجذوبيت ۽ مستيءَ ۾ پنهنجا ڪپڙا ڦاڙيو ها. هاڻي ڳوٺ پهچي چڪا آهيو ۽ وجداني ڪيفيت بہ جهڪي آهي. سيد وچڻ وقت کين تسلي ڏني تہ توهان جلد الاهي عشق

جو معراج ماڻيندئو. ان بعد فقير صاحب ماڻهن سان ميل ميلاپ ڇڏي ڏنو. ويهہ ڏينهن ۽ ويهہ راتيون هڪ جاءِ تي ويهي ذڪر ۾ مشغول رهيا.

آخر ايڪيهين رات سندن جسم ۾ سجود پيدا ٿيو. جاڏي بہ منهن هجين تہ ان طرف سجدي ۾ ڪري پيا پون. ائين پيو معلوم ٿئي تہ ڄڻ ڪو شاه عاليجاه سندن اڳيان بيٺو آهي جنهن کي سجدو ٿا ڪن. ان رات جي پوئين حصي ۾ کين آواز ٻڌڻ آيو تہ توکي حضرت علي المرتضيٰ جن جي دفتر ۾ داخل ڪيوسون علي فولاد تون پاڻ ۾ تہ نظر ڪر. اهو ٻڌي سندن ظاهري اکيون ٻوٽجي ويون ۽ مٿن نينهن جو نشو غالب ٿي ويو. سندن چوڻ مطابق آسمان جي طرف هڪ صورت ظاهر ٿي. جيڪا کين چوڏاري نظر اچڻ لڳي. جا ڏي پيا منهن ڦيرائن تيڏانهن سندن سامهون ساڳي صورت پيئي ڦري. "فاينما تولو فثم وجہ الله" پيا ڏسن. ان حال ۾ سندن ننڊ ختم ٿي ويئي. پورو هفتو مٿن اهو وجد حال طاري رهيو. آخر هڪ ڏينهن سندن اک کلي، مئيخانہ مان ٻاهر نڪتا. ٽپهريءَ جو وقت هو. پاڻ جيئن گهٽيءَ مان هلندا ٿي ويا تہ سامهون سندن مرشد حضرت سيد محمد شاهہ جي صورت کين ظاهر ظهور ڏسڻ ۾ آئي جيڪو ڇهہ سال اڳ دنيا مان رحلت ڪري چڪو هو. پاڻ جيئن سندن ملڻ لاءِ اڳتي وڌيا تہ کين فرمايائون تہ آءُ تہ هلون. ائين چئي سيد صاحب مٿي پير آسمان ڏانهن هلڻ لڳو مِشَما من راسِ من دون الا قدام. (حديث پاڪ) يعني آءُ مٿي پير آسمان ڏانهن ويس سواءِ پيرن جي. پاڻ بہ مرشد جي پويان هلڻ لڳا. تان جو آسمان مان پار ٿيڻ وقت ڪتاب جي ورق اٿلائڻ جيتري دير ٿي لڳي ائين ستئي آسمان لنگهي ويا. آخر ستين آسمان تي کين شاهہ آعظم ذات حق پاڪ وينل نظر آين. ڏسڻ سان مرشد سميت ان ذات کي طواف ڪيائون. اهو سڀ ڪجهہ روحاني طرح هو. "جسم برخاڪ وجان بر آسمان. يعني جسم زمين تي ۽ روح آسمان تي" طواف پورور ڪري سجدي ۾ ڪري پيا. ان وقت ساقي صاحب سان ترار جي اڌ جيترو رنگين ڳن سان هڪ خنجر هو. سجدي ڪرڻ وقت اهو خنجر اسان ٻنهي کي هنيائون ۽ اسان جا سر دڙ کان ڌار ٿي پيا. شاهي

تخت جي پر سان شراباً طهورا جو ڳاڙهي رنگ جو ڏُنگ پريل هو. ان مان اسان ٻنهي کي پنهنجي هٿ مبارڪ سان جام ڀري پياريائون. ايتري ۾ اسان ٻيئي زنده ٿي پيا سون. اسان وري سجود ڪيو ۽ وري اسان جا سر ڌڙن کان ڌار ڪيا ويا ۽ وري جام پياريا ويا ۽ اسان جيئرا ٿيا سون. ان طرح اسان سوين ڀيرا قتل ۽ سوين ڀيرا جيئرا ٿيا سون. (حديث پاڪ) لَوردت قُتِلَ فِي سبِيل الله" ثُمّ احيا ثُمّ اقتل ثُمّ احيَا ثُمّ اقتل" ان جو نالو ملڪوت آهي. پاڻ ڪريم ﷺ جن ٻه ان جاءِ جو بيان ڪيو آهي. ان جاءِ کي فنا في الشيخ چئبو آهي. جتي طالب مطلوب ۾ فنا ٿيندو آهي. پورو هفتو اتي رهيا سون. پوءِ اسان طواف بند ڪيو ۽ اڳيان ٿي ٻينا سون ته منهنجي وجود مان مون جهڙا ٻه شخص هڪ کٻي پاسي ۽ ٻيو سڄي پاسي نڪري ٻيهي رهيا. کٻي پاسي واري جي پوشاڪ پيلي رنگ جي، سڄي پاسي وارو ڪارن ڪپڙن سان هو. اسان حيرت مان ڪين ڏٺو ته هي ڪير آهن .ايتري ۾ خبر پئي ته پيلي رنگ جي پوشاڪ وارو ڪفر ۽ ڪاري پوشاڪ وارو دين هو. ان منزل جو بيان حضرت فقير غلام حيدر گودڙيه رحمته الله عليه هن طرح ڪيو آهي. ٿيا دين ڪفر ٻيئي دورديدان دوست اڙايون.

ان کان پوءِ سندن نظر مٿئين طبق تائين ويئي. جتي ڪين رف رف نظر آئي ان رف رف تي ڪين هڪ عظيم صورت ڏسڻ ۾ آئي جنهن کي هڪ ڀيرو طواف ڪيائون. ان جڳهه جو نالو مقاماً محموداً آهي. جنهن لاءِ قرآن ڪريم ۾ آيل آهي ته فبعث اللهُ مَقَاما محمُودا. هن جاءِ جو نالو فان في الرسول آهي. اتي ٽي هفتا رهيا سون. بعد ۾ مٿي ويا سون جتي لوح محفوظ ڏٺوسين. ان ۾ پنهنجي عمر ڏٺي سون ته 63 ورهيه لکيل هئي. هن وقت اسان جي عمر 90 سال آهي. اهو اسان جي رهڻ جو اختيار آهي. ڇاڪاڻ ته جنهن سان بادشاه راضي ٿيندو آهي ته پوءِ هو پنهنجي مرضي ٻه هلائيندو آهي.

اتان اڳتي وياسون ته جنت الماويٰ ڏٺي سون. ان محلات جي چوڌاري چارئي مغرب ملائڪ وينا هئا، اسان جو وجڻ حضرت عزرائيل عليه السلام

وڃان ٿيو. ان تي حضرت عزرائيل عليہ السلام چوڻ لڳو: مار خدا جا مرد اهڙا بہ آهن جيڪي اسان کان بہ اڳتي ٿا وڃن. جيئن حضرت فقير غلام حيدر گودڙيہ رحہ فرمايو آهي

عاشق ويا اوڏهين جت جاءِ نہ جبرائيل
محبت جي ميدان ۾، ماڳ نہ ميڪائيل
آڏوتي اڳي لنگهيا، ڇڏي اڏ ۾ عزرائيل
غلام حيدر گودڙيا، نيا سڪ سبيل
انئي پهر عليل، عاشق گم الله ۾

جڏهن ان منزل کان اڳيرو هلياسون تہ عرش عظيم جو حاطو نظر آيو. عرش عظيم جو سمورو منظر حيرت ۽ عبرت جهڙو هو. جنهن جو بيان ڪري نٿو سگهجي. عرش عظيم جي ٻاهران روزازل کان اڄ تائين جا سڀئي عارف طواف ۾ مصروف آهن. طواف ڪندي سڀئي تسبيح ۽ تقديس ڪندا رهندا آهن. جنهن جو ذڪر قرآن ڪريم ۾ آهي"حولہ العرش يسبحون الملا ئڪتہ" انهن عارفن مان حضرت شيخ عطار رحمتہ الله عليہ مون کي هٿ کان وٺي عرش عظيم جو طواف ڪرايو. جڏهن چوڏاري ڦيرو پورو ٿيو تہ منهنجي نظر سامهون نوراني بحر تي پئي، ان ڏسڻ سان شيخ عطار رحمتہ الله عيلہ کان منهنجو هٿ ڇڏائجي ويو ۽ مان ان بحر نور ۾ غوطو هنيو ٻاهر نڪتس تہ ذڪر بند ٿي ويو. اسان جي لنئو لنئوءَ مان نعره انا الحق بلند ٿيو. منهنجو وجود ان وحدت جي درياه ۾ گم ٿي ويو ۽ مان خود درياءِ ٿي پيس.

" قطره چون دريا فتاده نام قطره نا پديد
جملگي درياه شد گم قطره گرديدا نوران"

يعني ڦڙو جڏهن درياءِ ۾ پيو تڏهن گم ٿي ويو ۽ درياه سان سمورو عين درياه ٿي پيو.

مـاڻ ڪريـان تـہ مشـرڪ ٿيان ڪچيـان تـہ ڪـافر
انـهـيءَ وائـيءَ ور، ڪـو سـمـجـهـي سـچـيـنـڊو چـوي
(سچل)

جـر ٿـر تِـڪ تـنـوار، وڻ تـڻ وائـي هـيـڪـڙي
سـيـئـي شـيءِ ٿـيـا، سـوريءَ سـزاوار
هـمـہ مـنـصـور هـزار، ڪـهـڙا چـاڙهـيـو چـاڙهـيـن
(سچل)

## فقير صاحب جي انا الحق جي نعري هڻڻ تي ماڻهن جي مخالفت

جيئن ڪنهن جهنگ ۾ شينهن رهندو آهي ۽ لڪل هوندو آهي تہ جانور مرون ۽ ماڻهو خاموش هوندا آهن، مگر جڏهن نڪري گجگوڙ ڪندوآهي تہ سندن چوڏاري ڪانو ڪِرِيون، هيڙها ۽ ڦيڪاريون بہ ڦشري ڪري ڏاڙڏاڙ ۾ دانهون ڪري سجي سنسار کي سجاڳ ڪندا آهن. تہ متان هي شخص ڪنهن مهل ڪو حملو ڪري، ڪنهن کي نقصان نہ پهنچائي وڃي. اهڙي طرح فقير عارف جي نينهن جو نعرو بہ شينهن جي گجگوڙ جهڙو آهي. جڏهن ڪو رند عارف پنهنجي منزل مقصود تي پهچي خود مقصود ٿي ويندو آهي تہ پوءِ گداگر مان شاه ٿي پوندو آهي. اهو شاه تہ ڪنهن جي جهل سان جهلجڻ جو نہ هوندو آهي. هو پاڻ کي انا الحق جي اعلان وسيلي ظاهر ڪري وجهندو آهي. جيئن ان بادشاهہ لم يزلي حضرت موسيٰ عليہ السلام سان پاڻ کي وڻ مان ظاهر ڪيو هو ۽ کيس هدايت ڪري فرعون ڏانهن موڪليو هئائين. ان ڳالهہ کي هر هڪ عالم تسليم ٿو ڪري. مگر جيڪڏهن فقير عارف مان پاڻ ظاهر ٿو ٿئي تہ دنيا سندس دشمن ٿيو پوي.

ماڻهو تہ شاهہ منصور حلاج کان بہ ڪونہ مڙيا. ان کي بہ سوليءَ تي چاڙهي باهہ ۾ ساڙيائون. شيخ عطار جو سر نيزي تي چاڙهيائون. شاهہ سرمد

جو سر ڪاٽيائون. ائين ڪرڻ سان مسندون برباد تہ ڪون ٿيون. هو تہ هميشہ زنده ۽ تابنده آهن.

هڪ ڳوٺ ۾ جنهن جو مٿن عشق شهنشاهہ جي عنايت ٿي ۽ منصوري مقام حاصل ٿيو تہ ڳوٺ وارا سندن سخت مخالف ٿي بيٺا. ڪن تہ جنگ ڪٽي جوٽي. ڪين خوف ٿيو تہ متان ماڻهو ظاهري ميجوتيءَ وارن ماڻهن کان ڦري فقير جا پوئلڳ نہ ٿي پون . ان ڪري هر هڪ ڪونہ ڪو بهانو. بنائي شرارت شروع ڪئي. ڪن فقير تي ڪوڙا ڪيس ڪيا تہ ڪن مٿن ڪفر جا الزام هنيا.

هڪ دفعي انگريزن جي مارشل لا واري وقت ۾ هڪ شخص فقير صاحب هي مئخاني جي لوڙهي ۾ ڏورواري بندوق لڪائي وڃي ڪوٺ ڏيجيءَ ۾ فوج کي اطلاع ڏنو تہ فقير چوريءَ جا هٿيار ٿورکي. مگر خدا جي قدرت جڏهن هو اتي پهتو تہ اول تہ هن کان تلاشي ورتائون ۽ تلاشي دوران هن جي کيسي مان هڪ خط نڪتو. جنهن ۾ فوج خلاف حُرن کي همٿائڻ ۽ ڀڙڪائڻ جو مضمون لکيل هو. چوندا آهن تہ آيو شڪار لاءِ مگر خود شڪار ٿي ويو. يعني گرفتار ٿي ويو ۽ آخر سزا ڪاٽي واپس موٽيو.

هڪ دفعي فقيرجي طالبن لوڙهي مان ڪاٺيون ڪندي رکيل بندوق ڏسي ورتي اها بندوق ڪٽي اچي فقير صاحب کي ڏنائون، جيڪا مٽيءَ ۾ ڪٽجي ۽ ڪاٽي ويئي هئي. جڏهن ان شخص کي بندوق ليڻ جي خبر پيئي تہ ڏاڍو پشيمان ٿيو. ڇو تہ ان بندوق فقير کي نقصان بجاءِ خود رکڻ واري کي مارائي وڌو هو.

ڳوٺ وارن فقير صاحب کي اڻ ڳڻيون تڪليفون ڏنيون هيون ڪڏهن تہ ڪين مارائڻ لاءِ بہ ماڻهو تيار ڪري موڪليائون. هڪ دفعي فوٽي چانگ، جيڪو هڪ ڏاڙيل هجڻ ڪري مشهور هو. ان کي انعام اڪرام جون لالچون ڏيئي. فقير جي مارڻ لاءِ تيار ڪيائون.

ان ڪري هڪ هن رات فقير جي مئخاني ٻاهران بيهي رائفل سان فقير صاحب تي فائر ڪيو مگر قدرت جو ڪرشمو جو نہ آواز ٿيو ۽ نہ

گولي ٻاهر نڪتي. ناليءَ مان پاٽيءَ جا ٽيپا وجي هيٺ ڪريا. ان وقت فقير صاحب رات جي پوئين حصي ۾ مراقبي ۾ ويٺا هئا. هن همراه ٻيو بہ فائر ڪيو. تڏهن بہ ساڳيءَ طرح سان ناليءَ مان پاٽي نڪتو. اهو ڏسي هي حيران ٿي ويو ۽ هي ڏڪڻ لڳو. سندس هٿ مان رائفل ڪري پئي. ڪِرڻ سان رائفل جي نالي ڏنگي ٿي ويئي. هي ويتر ڊڄي ويو ۽ خوف مان اتان ڊوڙندو وڃي پنهنجي دوست گهنڊ جي ويٺل سيباڻي شر وٽ پهتو ۽ ڪيس سموري حقيقت ٻڌايائين. جنهن تي سيباڻو خان شر هن تي ڪاوڙجي پيو ۽ ڪيس ڏاڍي تنبيہ ڪيائين تہ توکي جرئت ڪيئن ٿي جو اسان جي شر فقير کي مارڻ لاءِ هليو هئين. ان تي هن ٻڌايس تہ، ڪيس ڳوٺ جي مولويءَ ۽ چڱن مڙسن تيار ڪيو هو تہ هي هڪ لاغرض ماڻهو آهي ۽ پيرن فقيرن کي گهٽ وڌ ٿو ڳالهائي خدا ٿو سڏائي، ان ڪري ڪافر ماڻهو آهي. هن کي مارڻ ثواب جو ڪم آهي جنهن ڪري مان ڪين مارڻ لاءِ تيار ٿي ويو هوس مگر پشيماني ڪانسواءِ ڪجھ حاصل ٿيو ئي ڪين. سيباڻو شر سمجهي ويو تہ هن کي ڳوٺ وارن تيار ڪيو آهي ۽ فقير صاحب بہ معجزانہ طور سلامت آهي، ان ڪري هن کي رات ٽڪائي موڪلي ڇڏيائين. روايت آهي تہ هڪ دفعي ڳوٺ وارن فقير صاحب تي فرياد ڪيو تہ فقير صاحب مسجد شريف جي بي حرمتي ڪئي آهي. ان وقت مختيارڪارالله بخش خاصخيلي هو. جيڪو ڪوٽ ڏيجي جو ويٺل هو. ان فقير صاحب ڏانهن حاضريءَ جو نوٽيس موڪليو. جنهن ڪري فقير صاحب سواري نہ هجڻ ڪري اڳواٽ وريل داس هندو، جيڪو هيڊ منشي ۽ فقير صاحب جو طالب هو، وٽ رات وڃي ترسيو. صبح جو فقير صاحب ڪورٽ ۾ پيش ٿيو تہ مختيار ڪار صاحب فقير کان پڇو تہ ڇا توهان مسجد شريف جي بي حرمتي ڪئي آهي؟ فقير صاحب تي ان وقت مستيءَ جو حال هو. جواب ۾ چيائين: مسجد ڪنهن جي آهي، صاحب چيو: مسجد خدا جو گهر آهي. وري فقير پڇيس: مان ڪنهنجو آهيان،مختيار ڪار چيس :خلقيل تہ توهان بہ خدا جا آهيو. تڏهن فقير چيس: جڏهن مسجد بہ خدا جي ۽ مان بہ

خدا جو تہ پوءِ هنن فريادين تي ڪهڙو بار پيو آهي. جو مون تي فرياد ڪيو اٿن. تنهن تي مختيارڪار چيس: تون ادنگا جواب ٿو ڏئين. تون تہ سزا جو لائق آهين. فقير چيس: اگر اختيار هجيس تہ هندو بہ سزا ڏيئي ٿوسگهي پوءِ تہ مسلمان ۽ هندوءَ ۾ ڪهڙو فرق ٿيو. افسوس جو توهان هنن شرپسندن ماڻهن جي غلط بيانيءَ کي صحيح ٿا سمجهو. مان اهل علم، اهل ذڪر، خرقہ پوش طالبن وارو ماڻهو آهيان. هي ڪم تہ هڪ جاهل ۽ غير مسلم ماڻهو بہ نہ ٿو ڪري سگهي، مان ڪيئن ڪندس.

مگر صاحب ٻڌي چڊ تہ علم ٻن قسمن جو آهي. (1) علم ظاهري(2) علم باطني. توهان ۽ هنن ماڻهن ظاهري علم تہ پڙهيو آهي. هي سڀ باطني يعني روحاني علم کان جاهل آهن. ان مان معلوم ٿيو تہ جسماني بصيرت هوندي بہ توهان جي روحانيت انڌي آهي. اهو ٻڌي مختيارڪار فقير صاحب کيس ڪيس مان بري ڪيو فريادين کي متنبہ ڪيو.

هڪ دفعي ڳوٺ جي مخالفن فقير تي فرياد ڪيو تہ هي دين اسلام کي گاريون ٿو ڏئي، حالانڪہ فقير صاحب خود دستار بند عالم فقيہ ۽ علم حديث ۾ ماهر هو. آخر فقير صاحب ڪورٽ ۾ ويو ۽ ڪائنس پڇا ٿي جنهن تي فقير صاحب ڪجهہ ٻڌائڻ بجاءِ ڪورٽ ۾ جاڏي ڪاڏي نهارڻ لڳو ۽ چورڻ لڳو تہ ڪورٽ ۾ مان جوابدار تہ پهتو آهيان فريادي بہ شاهدن سميت آهن مگر جنهن دين کي مون نقصان پهچايو آهي سو ڪٿي آهي. ان ڪانسواءِ اوهان ڪيس ڪيئن ٿا هلايو؟

مختيارڪار اهو ٻڌي في الحال تہ سوچڻ لڳو تہ واقعي دين پاڻ تہ انساني صورت ۾ موجود نہ آهي جو جوابدار مٿس جرح ڪري. مگر پوءِ چيائين: دين تہ اسلام جو نالو آهي. ان کي انساني صورت ۾ ڪورٽ ۾ ڪيئن ٿو آڻي سگهجي. ان ڪري توهان تي هڪ سئو روپيہ ڏنڊ آهي، جيڪو فقير صاحب ڀري ڏنو.

ٻي روايت ۾ آهي تہ ڳوٺ جو ملان. جيڪو فقير صاحب جو سخت مخالف هو ان جي شخصي دوستي هئي رياست جي وڏي وزير حسن جان

پناڻ سان. ان وٽ ملان شڪايت ڪئي ويو تہ فقير شريعت جي سخت خلاف آهي ڪفر جا ڪلمان ٿو چوي من خدايم جا نعره ٿو هڻي. حسن جان پناڻ پاڻ بہ ملان ماڻهو هو تنهن ڪري ڪيس جوش آيو ان ڪري هن حڪم جاري ڪيو تہ فقير صاحب کي سخت سزا ڏني وڃي. اهڙو حڪم نامون وٺي ملان هٿو هٽ اچي گل حسن پناڻ ۽ محمد ابراهيم پناڻ جن کي ڏنو. جن هڪدم تعلقي ميرواه جي پوليس آفيسر کي حڪم ڪيو تہ فقير کي گرفتار ڪيو وڃي.ان وقت پوليس آفيسر سيد محمد شاهہ آڳڙا شهر جو وينل هو. اُن صاحب فقير صاحب تي هڪ فاحش عورت کي زوريءَ زنا جي ڪيس ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو. مگر ان عورت زور پريو تہ ڪيس فقير ڏيکاريو جيئن ڪورٽ ۾ ڪيس سچاٽي سگهان. ان ڪري فقير کي مائيءَ جي روبرو ڪيائون . ان وقت فقير صاحب جي عمر 50 سال هئي. جڏهن هن عورت پيرسن فقير الفي پوش ۽ سفيد ريش کي ڏٺو تہ دانهون ڪري چوڻ لڳي تہ آءٌ گنهگار ضرور آهيان مگر مون ڪان هي نہ پڇندو جو فقير هڪ پيءُ جيترو آهي ۽ گيڙوءَ پوش ۽ سفيد ريش آهي ان تي مان نا حق الزام مڙهيان.

صوبيدار مجبور ٿي وزير کي چيو تہ سائين هيتري ڪوشش باوجود فقير تي ڪوبہ ڪيس نہ ٿو بيهي. ڪيئن ان پيرسن فقير کي گرفتار ڪريان. اهو ٻڌي وزير وري حڪم ڪيس تہ فقير کي هٿرادو تر جا زميدار شاهد بيهاريو تہ فقير پاٿاريدار آهي. چوريون ٿو ڪرائي. ان تي صوبيدار کي اهڙا خوشامدڙيا ماڻهو ملي ويا جن سندن چوڻ تي فقير صاحب تي ساک ڪئي بيان ڏنا تہ فقير چورن جو مک ۽ اسمگلر بہ آهي جيڪو جوڌپور جيسلمير مان مال آڻي ڪچي موڪليندو آهي. جنهن ڪانپوءِ فقير کي چالان ڪري موڪليائين. ان وقت ڪورٽ گمبٽ ۾ هئي ۽ جج صاحب الله بخش پير ڳڙي هو. ڪيس هليو ۽ ماڻهن ڪورٽ ۾ بہ ساڳيا بيان ڏنا. هنن سيني ظاهري حاڪمن کي خوش ڪرڻ لاءِ عاقبت جو خوف وساري ڇڏيو.

آخر فقير صاحب کي جج چيو تہ توهان شاهدن تي جرح ڪريو. مگر فقير صاحب جج صاحب کي چيو تہ جڏهن توهان فيضگنج ۾ مختيارڪار

هئا ۽ مان بہ فيض گنج ۾ استاد هوس توهان منهنجي اسڪول ۾ بہ آيا هئا. ڪڏهن منهنجي شڪايت توهان کي ملي هئي يا توهان ڪجهہ مون کي غلط محسوس ڪيو هو. هن وقت تہ مان پيرسن آهيان. مگر توهان جي سامهون هنن مخالفن مون تي الزام هنيا آهن. توهان ۽ پلي بالا حڪام ۽ هنن ماڻهن کي خوش ڪرڻ لاءِ سزا ڏيو. اهو ٻڌي جج صاحب کين ٻارهن مهينا سخت پورهئي سان سزا ڏني. فقير صاحب کيس چيو تہ حضرت يوسف عيلہ السلام کي بہ ماڻهن ڪوڙا الزام هڻي جيل موڪليو هو مون کي بہ اهڙي يوسفي سزا قبول آهي. مگر الزام ڪوڙا آهن. اسان عشق الا هي قبول ڪيو آهي پوءِ محبوب جي هٿان اهو بدلو ٿو ملي تہ اکين تي آهي.

فقير صاحب کي گمبٽ جيل موڪليو ويو. جن ماڻهن صاحب تي بيان ڏنا هئا اهي موٽندي ريل گاڏيءَ جي فرسٽ ڪلاس ۾ پلجي ويا، جنهن تي ريل جي عملي کين گرفتار ڪري ٿي ڏينهن جيل ۾ رکيو ۽ هر هڪ تي ويهہ ويهہ رپيا ڏنڊ بہ وڌائون. هوڏانهن ان جج صاحب جي گهر کي ڪاٽ لڳو ۽ ان ساڳئي رات سندس 2500 ( بہ هزار پنج سئو جو سامان چوري ٿي ويو جنهن تي جج صاحب پشيمان ٿيو تہ هڪ بزرگ فقير کي سزا ڏيڻ ڪري مون کي بہ خدا سزا ڏني آهي. مگر بعد ۾ فقير کي پڪي جيل ڪوٽ ڏيجيءَ موڪيلو ويو جتي فقير صاحب کي پنج مهينا قيد ڪرڻ بعد کيس سزا معاف ڪري آزاد ڪيو ويو.

نائب وزير گل حسن پناڻ جيڪو پاڻ کي شريعت جو پابند سمجهندو هو ان جو پٽ آغا غلام نبي پناڻ پيءُ سميت فقير جي ملاقات لاءِ آيا ۽ کين گل حسن پناڻ چوڻ لڳو تہ توهان الله سڏايو هو هاڻي استغفار پڙهو تہ بخشش ٿئوَ.

فقير صاحب کيس چيو تہ اسان سواءِ ساهي جي الله جو ذڪر ڪيو هو. ان ذڪر جي عيوض هتي پهتا آهيون. هاڻي اسان الله جي نالي وٺڻ کان بہ توبہ ٿا ڪريون ۽ هي فارسي بيت پڙهيائون :

مطلوبه نه طلبيم که طلب حرام است

الله نه گوئيم که در شرک به مانيم

يعني، اسان ٻيو مطلوب نٿا گهرون ڇو ته ٻي ڳُهر حرام آهي. الله ٻيو نه چوندا سون ڇاڪاڻ ته شرڪ ۾ پوندا سون.

آخر گل حسن پنهنجي ڪي مير علي نواز. علي بخش چانڊئي کان سخت ڏک هٽايائين. سندس مٿو فاتي پيو.

جڏهن گل حسن پنهنجي فقير صاحب جي ملاقات تي آيو ته فقير صاحب ڪيس ائين نه چيو ته تون به خوش نه ٿي ته هڪ صوفي فقير ڪي سزا ڏيڻ سان تصوف بند ٿي ويندو. خود تنهنجي پٽ غلام نبيءَ ڪي تصوف ۾ آٽي ڪيس گيڙو پارائيندا سون. هن وقت توکي صوفي لفظ کان نفرت آهي مگر اڳتي به تولاءِ سزا تيار آهي.

ان تي غلام نبيءَ پنهنجي پيءُ کي چيو ته بابا قهر درويش برجان خويش يعني فقير تي ظلم ڪرڻ پاڻ تي ظلم ڪرڻ جي برابر آهي.

هڪ هفتي ڪان پوءِ آغا غلام نبي درازن ۾ وڃي سخي قبول محمد اول جو طالب ٿيو ۽ پوشاڪ گيڙوءَ جي پاتائين. سندس پيءُ ڏاڍو سمجهايس مگر ڪجهه به نه هليس.

هڪ دفعي آغا غلام نبي شراب جا دُنگ پرائي اچي فقراءَ جو نذر رکيو. هن ڪي نه پئسي جي ڪمي هئي، نه وري ڪو روڪڻ وارو. ڇاڪاڻ ته سندس پيءُ وزير هئو. پاڻ به فقراءَ سان شراب خوب واپرايائين. اوچتو گل حسن وزير ميلي ۾ اچي پٽ جو حال ڏٺو. ڏک سهي نه سگهيو ۽ دل جو دورو پئجي ويس ۽ مري ويو.

هوڏاهن وزير ابراهيم به سکيا ڏينهن ڪونه ڏٺا. مير علي نواز خان خود به تصوف جو قائل هو ۽ فقير صاحب جو طالب به ٿيو هو. مير علي نواز کي جڏهن اها خبر پئي تڏهن سندس آفيس ۾ پاڻ روبرو هلي آيو ۽ ڪيس آفيس مان مٿي ۽ پيرين اگهاڙو ڪري ڪڍيائين ۽ وڃي اسٽيشن تان گاڏيءَ ۾ چڙهيو. مير صاحب اڙدائن کان لعنتون ڪرايس. ان حالت ۾ هي

ڳوٺ پهتو ۽ پهچڻ شرط هن هيرو ڪاڏو ۽ مري ويو. اهڙي طرح سندس عاقبت خراب ٿي. چوندا آهن تہ ڏڄ فقير دي مار ڪنون. جنهن دي لفظ تکي تلوار ڪنون.

فقير صاحب مئيخاني ۾ ڪجهہ شاگردن کي پاڻ وٽ رهائي،ڪين عربيءَ فارسي جي تعليم ڏيندا هئا ۽ وٽس علم ڏسي ماڻهو فيض وٺڻ لاءِ گڏ ٿيندا ويا. اهو ڏسي ڳوٺ وارن کي حسد ٿيو. ان ڪري هڪ ماڻهو موڪلي ڪيس چيائون تہ تون فقير تي ڪو بهانو تيار ڪري اچ تہ جيئن مٿس ڪو ڪيس ڪري سگهون. جيئن ماڻهن جو توجهہ هٽائي سگهجي

اهو ٻڌي اهو ماڻهو فقير صاحب وٽ آيو ۽ موٽي ويو. جمعي جو ڏينهن هو. جمعي نماز تي وڃڻ ڪري هن. مسجد ۾ وڃي ڏاڙ گهوڙا ڪئي تہ هھڙو قهر جو فقير فولاد علي رحمتہ الله مسجد ۾ قرآن شريف تي چڙهيو وينو هو ۽ قسم کٽي اها ڳالهہ ڪرڻ لڳو.

اهو ڏسي ان پيش امام سان گڏجي ٻئي صبح جو ٺري ميرواهہ جي مختيارڪار گيهي رام هندوءَ وٽ وڃي فرياد ڪيائون ۽ سزا ڏيارڻ لاءِ صاحب تي سياسي زور بار بہ وڌائون. آخر فقير ڪورٽ ۾ پيش ٿيو. مختيارڪار فقير کي فقيري پوشاڪ ۾ ڏسي اُٿي بيٺو ۽ فقير کي ويهڻ لاءِ ڪرسي ڏنائين. مختيارڪار ان ملان کي چوڻ لڳو تہ افسوس آهي جو هھڙو فقير آهي تہ بہ اوهين نہ ٿا مڃو. هي فقير جيڪڏهن هندو ساڌ بہ هجي ها تہ اسان مٿس سر قربان ڪريون ها. هي تہ اوهان جو مسلمان فقير آهي. موکي پڪ نٿي پوي تہ هن فقير ڪا قرآڻ پاڪ جي بي حرمتي ڪئي هوندي. آخر هو هڪ ماڻهوءَ کي مڻ بصرن جو ڏيئي شاهدي لاءِ وني آيا مگر فقير جي سامهون اهو بہ ڦري ويو.

آخرمختيارڪار فقير صاحب کان پڇيو تہ سائين جو نالو؟ پاڻ چيائون تہ الله. وري پڇيائينس تہ توهان جي عمر ڪيتري آهي؟ پاڻ چيائين تہ عمر جو آند پاند ئي ڪونهي. عمر اُن جي ليکبي آهي جنهن تي موت هجي. آءُ تہ هميشہ حيات آهيان. وري فقير کان پڇيائين تہ ڇا ڪندا

آهيو؟ فقير چيو تہ آءٌ ماريندو جياريندو آهيان ۽ ٻئي جهان هلائيندو آهيان.

مختيارڪار سمجهو هو، تنهن چيو تہ فقير تي هن وقت ايڪانت ۽ ويدانيت جو جوش آهي. هن وقت فقير کي تڪليف ڏيڻ ايشور سان اهنج ڪرڻ جي برابر آهي. ٻي تڪليف کان بچائي فريادين کي تارڻ لاءِ فقير صاحب تي بہ روپيہ ڏنڊ وڌائين جيڪي فقير صاحب ڀري ڏنا.

## فقير صاحب جو حليو ۽ پوشاڪ

فقير صاحب جسم ۾ قداور ۽ برجستو هو. منهن ويڪرو،ڪليل پيشاني، اکيون وڏيون ۽ سدائين نينهن جي نشي ۾ مخمور هونديون هيون. سندن نڪ ڊگهو ۽ ڪنڊو هو. ڏند سفيد ۽ چمڪندڙ. گفتگو دوران پر معنيٰ ۽ پر لطف جملا استعمال ڪندا هئا. سندن جسم الف اشباع وانگر سنئون سڌو هو. رنگ پورو هون. سندن محاسن مبارڪ جا وار رکيل هوندا هئا.

پوشاڪ گيڙوءَ جي مٿان الفي بہ گيڙوءَ جي پائيندا هئا.مٿي تي سائي يا اڇي رنگ جي ڪلاه پائيندا هئا. سلوار موڱي ۽ ڪلهن تي گيڙوءَ رنگ جي چادر ڍڪيندا هئا. هٿن ۾ هڪ بہ چانديءَ جا جون فيروزي ٻڙن واريون منڊيون پائيندا هئا. پيرن ۾ موچيءَ کان جتي نهرائي پائيندا هئا.

سندن گفتگو بظاهر تہ اڏنگي هئي، مگر حقيقت ۾ حق جي گفتار هئي،جيڪا عام ماڻهو سمجهي نہ سگهندا هئا. مگر سندن حال جا واقف تہ پري کان پنڌ ڪري اچي گفتار ۽ توحيد جي تلقين ٻڌندا هئا. سفر وقت هٿ ۾ هڪ ڊگهي ٻُن سان نيزو کڻندا هئا، جيڪو مير علي نواز کين تحفي ۾ ڏنو هو.

روايت آهي تہ هڪ دفعي پاڻ طالبن ۽ مريدن سان سفر تي نڪتا. کين هٿ ۾ اهو نيزو هو. رستي ۾ هڪ شخص کين ڏسي پڇيو تہ سائين جن جو نالو؟ پاڻ چيائين تہ الله ج. وري پڇڻ واري پڇيو تہ رهو ڪٿي؟ پاڻ ڪيس

ٻڌايائون تہ ديڳ ۾. پڇڻ واري عجب مان چيو تہ مار اسان نہ پھتا سون. فقير چيس تہ ابا دير سان آيو آھين. ائين چوندا اڳتي هلندا رهيا ۽ هو بيهي رهيو. پاڻ ڪجهہ اڳتي ويا تہ سندن طالب امين محمد فقير ڪائنڻ پڇيو تہ قبلا هن شخص چا ٿي چاهيو توهان کيس ڪهڙا جواب ڏنا فقير فرمايس تہ هن شخص مون ڪان سائين جن جو نالو پڇيو. مون کيس چيو تہ سائين جن جو نالو الله جل شانہ آهي. وري پڇيائين تہ رهو ڪٿي. مون چيو مانس تہ رهو يعني شورو ديڳ ۾ هوندو آهي. مون ساڻ تہ ڪونہ آهي. جنهن تي هن چيو مار اسان نہ پڳا سين. مون چيومانس تہ جي تون پاڇيءَ تي نہ پهتو آهين تہ پڪ دير سان آيو هوندين. اُهو هو سندن گفتگو جو انداز. اجا بہ اهڙا سوين مثال اٿن.

## فقير صاحب جي رهڻي ڪرڻي

پاڻ سادو ڪائيندا سادو پهريندا هئا. ٻين کي بہ سادگي سان رهڻ جي تلقين ڪندا هئا ۽ چوندا هئا تہ عيش عشرت ڪرڻ سان آدمي جو نفس گهٽا گناه ڪندو آهي. سادگيءَ سبب نفس هيٺو ٿي پوندو آهي. جنهن ڪري نافرماني نہ ڪندو آهي.

پاڻ انفرادي شخصيت جا مالڪ هئا،ڪين خالق ڪائنات جيڪا صورت عطا ڪئي هئي سا سواءِ سينگار جي بہ سهڻي ٿهندي هئي.ڪين ڪائڻ پيئڻ لاءَ هڪ ڪشتي هوندي هئي. هڪ گلاس جست جو ۽ هڪ گلاس ڪُٽِ جوبہ هين. پاڻ هر وقت بدعت ڪان بيزار هوندا هئا. صرف حقو چڪيندا هئا ۽ فرمائيدا هئا تہ حقو طالبن لاءِ چڱو آهي چو تہ سندس ٻاڙ ڪين ننڊ ڪرڻ نہ ڏيندي آهي. جاڳڻ سان طالب جا دم ذڪر ڏانهن ٿي پوندا آهن. سڄي رات سمهڻ وارو ماٺهو مئل وانگر هوندو آهي. پاڻ هر نشي ڪان بيزار هئا. مگر عشق الاهي جو نشو مٿن هر وقت رهندو هو. جيڪو عقل کي اجاگر ڪندو آهي. جيئن هڪ عارف سچل سرمست جو فرمان آهي تہ

“ خَمُرَ ڪنهن خاصي خماريا، سالڪن ڪيا سِر فدا
ڪيف ڪنهين جي ڪڪوريا، جُنگ ٿيا جسمئون جدا”

سندن طبيعت لا احتجاج الا الله هئي، خدا ڪانسواءِ ڪنهن کي به سوال نه ڪندا هئا. پاڻ ظاهري طرح مسڪين هئا. مگر ساري عمر ڪنهن کان به ڪجھه گهريائون ڪونه. ان ڪري ماڻهو کين تونگر سمجهندا هئا ۽چوندا هئا ته فقير صاحب وٽ دنيا جي ديڳ رکيل آهي، جنهن مان آهستي ٿو ڪائي ۽ کپائي.

سندن ڪاڏو لسي ماني هئي، يا بصر کي مڪ هٽي، ان سان ماني کائيندا هئا. ڪڏهن ته بک تي به ويلا ويڻا هوندا هئا، مگر ڪنهن کان گهرندا ڪين هئا، سندن قرب ۽ محبت اهڙي هوندي هئي جو ڪير به هڪ دفعو سندن محبت لاءِ ايندو هو ته وري ڪڏهن به ڪانئن ڌار نه ٿيندو هو. پاڻ اهل علم هئا ان ڪري علم وارن جو قدر ڪندا هئا. پاڻ عربي فارسي ۽ اردو سنڌي جا اڪابر عالم هئا. سنسڪرت جو به مطالعو هون. وٽن ڪتابن جو وڏو ذخيرو موجود هوندو هو. فارسي ڪتابن مان مولانا جلاالدين روميءَ جي مثنوي، شيخ عطار جو بسير نامون ديوان آشڪار، ديوان شمس الحق تبريز، منطق الطير ۽ شاهه عبدالطيف جو رسالو، ديوان بيدل ۽ ديوان بيدل دهلوي، تاريخ روضته الصفا جيڪا زوار شاهنواز سندن لاءِ ايران مان وٺي آيو هو. شاهه نامون هِجوَ نامون ۽ راڳ ساگر وٽن موجود هئا.

راڳ جي هر صنف ۽ ڌن ۽ هر طرز مان خوب واقف هئا. طالبن کي تلقين وقت آيات قرآني ابيات مثنوي مثالن طور ٻڌائيندا رهند هئا. مثنوي جا مثال ٻڌي طالب هدايت حاصل ڪندا هئا. شاهه جا بيت ٻڌڻ سان طالبن جون دليون وڏيڪ نرم ۽ متاثر ٿينديون هيون شاهه صاحب جي بيتن جون ظاهري توڙي باطني معنائون ڪندا هئا.سندن ترجمو حضرت

شاهہ صاحب جي عين خيال ۾ تصور مطابق هوندو هو. پاڻ شاهہ صاحب جو هي بيت گهڻو ڪري پڙهندا هئا.

“جي تو بيت ڀانئيان، سي آيتون آهن،
نيو من لائين، پريان سندي پيچري”

شاهہ صاحب جي هر هڪ بيت سان قرآن پاڪ جي آيت ملائي ۾ پيٽائي ٻڌائيندا هئا. ڪائنن سڀني عارفن جا ڪلام موجود آهن. پاڻ فرمايائون تہ اها مالڪ جي مرضي آهي تہ هو پنهنجي معراج ۾ مشاهدن جو بيان چاهي تہ شعر ۾ ڪرائي ۾ چاهي تہ نثر ۾ ڪرائي اسان اهو بيان نظم بدران نثر ۾ ڪيو آهي. آءٌ اڳين سڀني شاعر عارفن جي شرح ۾ معنيٰ آهيان.

## فقير صاحب جي سالڪن سان ملاقات

روايت آهي تہ پاڻ جڏهن اٺن سالن جا هئا تہ پنهنجي والد صاحب سان گڏجي حضرت فقير حيدر وٽ ويا. فقير صاحب کين ڏسي فقير غلام حيدر گودڙيہ رحمتہ الله سندن والد صاحب کي مبارڪ ڏني ۾ چيائين تہ هي ڇوڪرو هڪ ڏينهن منصوري معراج ماڻيندو. هن تي بہ اسان جو وارو حال ايندو. شڪر آهي جو هي بہ اسان جي ڀاڻج جو اولاد آهي. ائين چئي کين ڪارڪون کٽي ڏنائون.

هڪ دفعي جهوڪ شريف جي سجاده نشين ميان غوث محمد فقير وٽ ويا ۾ اتي اڪثر ويندا هئا ۾ پيرين پيادا پنڌ ڪري حضرت شاهہ عنايت شهيد جي زيارت لاءِ ويندا هئا. ساڻن گڏ سندن ڀائٽيو دوست علي فقير ساڻن گڏ هلندو هو. هڪ دفعي جهوڪ شريف ۾ ترسيل هئا تہ کين خواب ۾ شاهہ عنايت شهيد ديدار ڪرايو ۾ ميان غوث محمد فقير سجاده نشين کي حڪم ڪيائين تہ فقير فولاد علي کي مون وارو تاج ڏيو.اهو خواب ميان غوث محمد بہ ڏٺو ۾ پهرين رات خيال نہ ڪيائين وري ٻي رات

بہ ساڳيو خواب ڏنائين تہ بہ اعتبار نہ ڪيائين. آخر ٽين رات ڪيس زبردست تاڪيد ٿيو تہ جيڪڏهن توهان اسان جو چوڻ نہ ڪندئو تہ نقصان هيٺ ايندئو. اهڙي تاڪيد بعد ميان غوث محمد فقير شاهہ شهيد وارو رڪيل تاج ڪٽي اچي فقيرفولاد علي ڏنو.

## فقير صاحب جا هم عصر

حضرت سخي قبول محمد درازي بہ سندن زماني ۾ موجود هو. هڪ دفعي وٽن ويا تہ سخي صاحب پاڪر پائي ڪين پيشانيءَ تي چمي ڏنائون ۽ چيائون تہ توهان کي آفرين هجي جو عشق الاهي ۾ ايتريون تڪليفون سنيون اٿوَ. اوهان هن دور جا منصور آهيو. اوهان جيتريون تڪليفون ڪنهن بہ ٻئي صوفيءَ نہ سنيون آهن. اوهان کي حضرت سرمست جو همراز چئجي تہ بہ وڌاءُ نہ ٿيندو.

حضرت سيد مهدي شاهہ تہ سندن شيدائي هو. سيد صاحب سدائين مستي جي حال ۾ رهندو هو. پاڻ زميندار هوندي بہ سائو يا گيڙوءَ رنگ جو جامون ۽ چير پائيندا هئا. اڪثر ڪري رقص ڪندا هئا. پاڻ جڏهن بہ فقير فولاد عليءِ وٽ ايندا هئا تہ سندن لاءِ تحفہ تحائف ڪنيون ايندا هئا.

پاڻ ڪڏهن ڪنهن دوڪان تان ڪا شيءِ خريد ڪري گاڏيءَ ۾ چڙهي سڌو اچي فقير صاحب جي اڳيان اهو سامان رکندا هئا. سامان جي رقم سندن طالب ڀريندا هئا. ساٽن ڳائڻ وارن جو ٽولو بہ هوندو هو جنهن کان راڳ شروع ڪرائي پاڻ نچڻ لڳندا هئا. محفل پوري ٿيڻ بعد ادب ۽ احترام سان فقير صاحب فولاد علي سائين کان اجازت وٺي پوءِ ڪرندا هئا.

فقير صاحب سان صحبت لاءِ محمد فقير ڪٽياڻ فقير در محمد هيسباڻي نصير فقير جالاڻي، علي محمد فقير ٽالپر وٽن ايند هئا.

### بيت : شيخ عطا صاحب رحمتہ اللہ

گوترا عقل است باد انش قرین، باش درویش وبه درویشان نشین۔
جيڪڏهن توکي عقل ۽ سمجھ آهي تہ فقير ٿي رھ ۽ فقيرن سان صحبت ڪر.
همنشيني جز به دوريشان کن، تانواني غيبت ايشان مَ کن،
فقيرن کانسواءِ دوستي نہ رک، جيترو ٿي سگهيئي تہ سندن گلا نہ ڪر.
جب درديشان کليد جنت است، دشمن ايشان سزاء لعنت است۔
فقيرن جي دوستي جنت جي ڪنجي آهي. انهن جو دشمن لعنت جو حقدار آهي
از حضورِ صالحان صالح شوی، ور نشيني بابدان طالح شوی۔
نيڪين جي سنگت مان نيڪ ٿيندين، بڇڙن جي صحبت مان بڇڙو ٿيندين.
هر که اوبا صالحان همدم شود، در حريم خاص حق محرم شود۔
جيڪو چڱن سان صحبت ڪندو اهو خدا جي خاص گهر جو واقف ٿيندو.
تاتواني بابدان صحبت مکن ،غير درويشان دگر رغبت م کن
جيترو ٿي سگهئي تہ بڇڙن سان سنگت نہ ڪر، فقيرن کانسواءِ ٻين سان (غيبت دلاڙو نہ رکج )
وانکه باعطاری گردد قريب م اوهی بايدبه بو لی خوش نصيب
جيڪو عطار واري سان ويهندو. اهو ضرور خوشبوءِ حاصل ڪندو.

## فقير صاحب سان اميرن ۽ نوابن جو ملاقاتون

1924ع ۾ رياست خيرپور جو والي مير علي نواز خان ٽالپور پهريون پيرو فقير صاحب جي مئيخانہ تي منزل انداز ٿيو. فقير صاحب جي صحبت مٿس ايترو تہ اثر ڪيو. جو فقير صاحب ڪان جام وحدت طلب ڪري حاصل ڪيائين ۽ تصوف ۾ داخل ٿيو. ان بعد مير صاحب گيڙو لباس پائيندو هو. مير علي نواز "ناز" شاعري نہ سندن صحبت ۽ محبت کانپوءِ شروع ڪئي. مير صاحب آواز ڪلام جو نهايت شوقين هو. سندس دربار ۾ گويا ۽ قوال هميشہ رهندا هئا. سندن دل ۾ ذڪر الاهي گهر ڪري ويو هو ۽ بادشاهي هوندي بہ فقيري ماڻي اٿن.

روايت آهي تہ مير علي نواز"ناز " مهراڻي واري زمين مان هڪ هزار ايڪڙ جو پروانو مئيخانہ تي آڻي ڏنو مگر فقير صاحب ونڻ ڪان انڪار

ڪيو ۽ چيائينس تہ جنهن توهان کي مير صاحب بادشاهي ڏني آهي سو اسان کي روز ڏيڻ ۾ غريب ڪونہ ٿيندو. اسان توهان جا احسانمند ٿيون. اسان جو ذات حق پاڪ ۾ پورو ڀروسو آهي. مير علي نواز خان فقير صاحب ڏانهن خط نهايت آداب واري عبارت سان لکندو هو جيڪي سندن درگاهہ تي موجود آهن.

ان ڪانسواءِ قيصر خان مگسي جيڪو مگسي قبيلي جو سردار هو. اهو خود درگاهہ تي هر سال ايندو هو ۽ پاڻ فقير صاحب جو طالب هو فقير صاحب کي ڪيترا ڀيرا دعوت ڪري جهل مگسي بہ وٺي ويو هو سندن سارو ڪٽنب فقير صاحب جن جو عقيدت مند هو.

خان بهادر امام بخش خان جتوئي بہ فقير جو عقيدتمند ۽ طالب هو. جيڪو پڻ وڏي احترام ۽ عزت سان وٽن ايندو رهندو هو. ڪيترائي ڀيرا فقير صاحب کي دعوت ڪري سندن بنگلي تي وٺي ويندو هو.

سرائي امداد علي ٽالپورن وارو بہ فقير جو طالب هو. هڪ دفعي سرائي امداد علي ڪربلا معليٰ ۽ نجف اشرف جي زيارت تي ويو. مولا علي عليہ الصلواتُ والسلام جن جي دربار ۾ زار زار روئي ۽ ٻاڏائڻ لڳو. جڏهن سندن اک لڳي کيس ننڊ اچي وئي تہ خواب ۾ حضرت مولا عليہ الصلواتُ والسلام سندس مٿان اچي بيٺا ۽ کيس فرمايائون تہ اسان تو وٽ تنهنجي ڳوٺ جي اوڀر طرف فولاد علي فقير جي صورت ۾ رهون ٿا. تون ان سان ملندو ڪر. ان سان ملندين تہ ڄڻ اسان سان ملاقات ڪيئي. بس سندس خواب پورو ٿيو. جاڳڻ سان انجام ڪيائين تہ جڏهن ڳوٺ ويس تہ اول وڃي فقير صاحب جي پيش پوندس.

جڏهن واپس آيو تہ اول تہ سندس ڳوٺ بدران سڌو سنئون فقير صاحب جن وٽ اچي حاضر ٿيو ۽ کين خواب جو سمور احوال پيش ڪيائين. فقير صاحب جن جي قدمن تي ڪري پيو ۽ آخر تائين سندن جانثار ٿي رهيو.

هڪ دفعي مجلس جي موقعي تي سرائي امداد علي نواز ۽ زوار غلام حسين حاجاڻي فقير صاحب وٽ آيا. فقير صاحب کين چيو ته اسان جي ڳوٺ ۾ حضرت امام حسين عليہ الصلوات والسلام جن جي عزاداري جي شروعات حضرت فقير غلام حيد گودڙيي ڪئي هئي. مگر هاڻي جيئن پوءِ تيئن ماڻهو عزاداري گهٽائيندا ٿا وڃن. تنهن ڪري اوهان اسان کي ڪنهن ڪاريگر کان تازيو ٺهرائي ڏيو ته جيئن اسين به عزاداري کي وڌيڪ ترقي وٺرايون. اهو ٻڌي سرائي امداد علي ٽالپور وڏن مان پنهنجو ٺهيل تازيو ڪڍائي اچي فقير صاحب وٽ پهچايو جيڪو هر سال محرم جي موقعي تي سينگاريو ويندو آهي.

زوار غلام حسين حاجاڻو به فقير سائين جو طالب هو. هو مرحوم فقير صاحب کي منصور زمانه چوندو هو. نهايت عقيدت ۽ احترام سان فقير صاحب وٽ ايندو رهندو هو. فقير صاحب کان مثنوي روميءَ مان چند سبق به پاڙ ورتا هئائين .

حاجي غلام قادر خان انڙ صاحب لاڙڪاڻي وارو به فقير صاحب جو طالب هو. جڏهن به فقير صاحب وٽ ايندو هو ته ادب وچان هيٺ ويهندو هو. هي صاحب نهايت سخي دل انسان هو. نرم دليءَ ۾ به پنهنجو مٽ پاڻ هو. آواز ڪلام ٻڌڻ سان زارو قطار روئيندو هو. فقير صاحب جي چوڻ مطابق هن کي فنافي الشيخ جو درجو حاصل هو.

دعا طلبي لاءِ امير علي لاهوري ۽ ڪمشنر محمد اسماعيل عرف نُونُ صاحب به سائڻس ملاقات ڪئي هئي.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ به سندن قادر الڪلامي کان بيحد متاثر هو ۽ وٽن ملڻ لاءِ به ڪيترا ڀيرا سندن مئيخانه تي هلي ايندو هو.

مرحوم ڊاڪٽر عطا محمد حامي 1982ع ۾ فقير سائين حضرت غلام حيدر گودڙيي جن جي ميلي تي آيو. جو ڪيس فقير صاحب جي ميلي ۾ ادبي ڪانفرنس لاءِ سڏايو ويو هو. راقم الحروف حامي صاحب کان پڇا ڪئي ته ميان حامي صاحب توهان جو فقير فولاد علي سائين لاءِ ڪهڙو

رايو آهي تہ پاڻ چيائين تہ ادا فقير صاحب بحر عميق هو. ان جي پوري وصف بڌائڻ لاءِ مون وٽ لفظ ڪين آهن.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي تماهي مهراڻ رسالي ۾ فقير صاحب جي مختصر سوانح ڇپرائي هئي.

سيد عطا حسين شاهہ ۽ سيد عابد حسين شاهہ موسوي روهڙيءَ ڪان بہ وٽن ايندا هئا.

سيد پير علي شاهہ جج جيڪو سول ڪورٽ ٺٽيءَ ۾ مقرر ٿيو هو. سو بہ فقير صاحب جي ملڻ ڪانپوءِ ڏاڍو متاثر هوندو هو.

ان ڪان سواءِ دور قريب جا اديب بہ وٽن ڪجهہ نہ ڪجهہ پرائڻ لاءِ ايندا هئا. جيئن علي احمد بروهي. ولي داد خان بروهي اعواڻ مختيار ڪار غلام قادر سومرو سول جج ٺٽي ميرواه. پرائيس ڪنٽرولر جلباڻي صاحب بہ وٽن گهڻو ايندا ۽ فيض پرائيندا هئا.

## فقير صاحب جن جي مستن سان ملاقات

وصال حق حاصل ٿيڻ ڪان اڳ خواه پوءِ فقير صاحب جن وٽ مست فقير رهندا هئا تہ ڪڏهن فقير وٽن هلي بہ ويندو هو. وٽن امام بخش ڪيهري مست ۽ سيد عبد الله شاهہ مست گهڻو ڪري رهندا هئا، هلندڙ طالبن جي مدد لاءِ قدرت مجذوب موڪليندي آهي. ڪڏهن وٽائن مست هليا ويندا هئا تہ پاڻ پير ڳوٺ ۾ آندل فقير ڪوري مست وٽ هلي ويندا هئا .

روايت آهي تہ هڪ دفعي صاحب آندل مست ڏانهن وڃڻ لاءِ تيار ٿيو ۽ مست کي ڪشف وسيلي خبر پئي تہ جاءِ مان نڪري رستي ۾ ٻهارڻ لڳو تہ بسم الله پلي آيو. ميان پالي وارو ٿو اچي، مست صاحب فقير صاحب کي نيزوڪٽڻ ڪري ميان پالي وارو ڪري سڏيندو هو. فقير صاحب ڳوٺان اچي فقير علي بخش انصاريءَ وٽ ترسيو. جنهن جو مئي خانو پير ڳوٺ شهر

ڪان ڏکڻ طرف آهي. صبح جو وٽن ٻيا طالب اچي پهتا ان ڪري ٿي ڏينهن ٿي راتيون توحيدي گفتار ۾ اتي ترسي پيا. چون ٿا تہ آندل فقير مست ٿئي ڏينهن سندن استقبال لاءِ ڦريو رستي ڪي بہ ڏيندو رهيو ۽ مٺيان لفظ بہ چوندو رهيو.

آخر فقير صاحب جڏهن آندل فقير وٽ پهتو تہ مست پنهنجي طالب عبدالرحيم  فقير ڪان شهر مان پلو پچرائي فقير صاحب ڪي مهمانيءَ ۾ ڪاريائين.

ان ڪانسواءِ خيرپور ۾ الله ڏني مست عرف بيبي بادشاهہ زادي جيڪا وڏي منزل جي مالڪ هئي ، هڪ دفعي فقير صاحب مرحوم، امين محمد فقير ۽ مرحوم عطا الله فقير سان گڏجي ان مست مائي وٽ ويو. جيڪا برهنہ رهندي هئي. پري ڪان فقير ڪي ايندو ڏسي مست مائي ڪپڙو ماٿهن ڪان اوگهڙ ڍڪڻ لاءِ گهريو. ماٿهن ڪيس چيو تہ اسين جو تنهنجي سامهون مرد بيٺا آهيون ڪنهن ڪان اوگهڙ ٿي ڍڪين. اسان ڪان تہ حجاب ڪيو ئي ڪونہ ٿي. ان تي مست ڪين چيو تہ اوهين اڪين هوندي بہ انڌا  آهيو. اڄ مون وٽ اڪين وارو مرد ٿو اچي. ايتري ۾ فقير سائين طالبن سميت اچي وٽس پهتا.

فقيرياڻي سندن ڏاڍو ادب ۽ احترام ڪيو. سندن هٿ ۾ گلاب جو گل هو سو اچي فقير امين محمد ڪي ڏنائين ۽ چيائين تہ نبي ڪي پيروي ڪرو. اسم اعظم ڪمائو تو تم فنا في الله هوگا.

## مخدوم غلام صاحب (مخدوم طالب المولىٰ جي والد) جي فقير صاحب ڪي دعوت ڪرڻ جواحوال

حضرت مخدوم غلام محمد فقير فولاد علي جي منزل جي ساراهہ ٻڌي ڏانهس دعوت جا خط لکيا. مگر فقير صاحب ڪن مجبورين سبب وڃڻ ڪان معذرت گهري.

اهو ڏسي مخدوم صاحب فقير صاحب کي دعوت نامي سان گڏ 200 روپيه به ڪرائي لاءِ مني آرڊر ڪري موڪليا. جنهن تي فقير مخدوم صاحب ڏانهن لکي موڪليو ته سائين مخدوم صاحب پاڻ وٽان ڀونڊ ڪڍي اسان ڏي ڇو موڪليو ۽ پئسا واپس موڪليائونس. مگر ڪين سندن سڪ ۽ خلوص جو احساس ٿيو ان ڪري هڪ ڏينهن پاڻ ۽ سندن فرزند ميان علي گوهر فقير ۽ امين محمد فقير ۽ زوار علي اڪبر کي ساڻ ڪري وڃي هالن ۾ پهتا. مخدوم ڪين ڏسي ڏاڍا خوش ٿيا. ادب ۽ احترام سان سندن آڌرڀاءُ ڪيائون. فقير صاحب کي پاڻ سان گڏ ڪٺي ويهاريائون ۽ حلوه جو ٿالهه تيار ڪرائي سندن اڳيان رکيائون. حلوو ڪو واٽئي جو ٺاهيل هو جنهن ڪري حلوو کائڻ کان انڪار ڪيائون. جنهن تي مخدوم صاحب ڪين چيو ته اسان جا فقير ته سڀ ڪجهه کايون ٿا وڃن.

ان کانپوءِ فقير صاحب کي مخدوم صاحب پان سان وڃي بنگلي ۾ ويهاريو ۽ اڪيلائپ ۾ ڪچهري ۽ توحيد جي رهاڻ ۽ گفتار شروع ڪئي. رهاڻ بعد سيني گڏجي دعوت وارو طعام کاڌو به ڏينهن فقير صاحب اتي رهيو ۽ موڪلائڻ وقت مخدوم صاحب فقير صاحب جي کيسي ۾ 400 روپيا نذراني طور وڌا ۽ چيائون ته نذر الله نياز حسين قبول ڪريو. پوءِ فقير صاحب اجازت وٺي ڳوٺ موٽي آيو.

روايت آهي ته 1930ع ۾ فقير صاحب کي سخت بخار ٿي پيو. ڳالهائڻ کان به خاموش ڪري ويا. ڳوٺ جو هندو حڪيم وسندمل هو ان کي آندو ويو. ان نبض ڏسي چيو ته ابا فقير صاحب وصال ڪري ويا آهن. توهان ڪفن دفن جي تياري ڪريو. حڪيم واپس ويو ۽ فقير صاحب ٿوريءَ دير بعد اٿي ويهي رهيا. پاڻ فرمائڻ لڳا ته آءُ بيماري جي تڪليف سبب خاڪي جسم مان نڪري الله تبارڪ وتعاليٰ جي بارگاهه ۾ حاضر ٿيو هوس .مگر ان بادشاهه لم يزلي حڪم فرمايو ته تون موٽي وڃ توتي ڪجهه ڪم رکيل آهن. ان ڪري آءُ موٽي آيو آهيان ۽ ڪجهه وقت لاءِ هت رهندس. پوءِ روئڻ وارن کي به پاڻ منع ڪيائون.

## ڪمال ديري ۾ فقير صاحب ڪي دعوت

هڪ دفعي لعل بخش جويي ڪمال ديري ۾ پنهنجي پٽ جي شاديءَ جي دعوت ڏيئي فقير سائينءَ کي گهرايو. ان دعوت ۾ ٻيا عالم ۽ مولوي بہ شريڪ هئا. مگر لعل بخش فقير سائين کي عاليشان مسند ٺاهي، ان تي ٻين کان مٿانهين جاءِ تي ويهاريو. فقير سائين کي ڏسي مولوي پاڻ ۾ چوڻ لڳا تہ هي فقير آهي جيڪو الله تبارڪ وتعاليٰ سڏائيندو آهي. فقير صاحب اهو آواز ٻڌي مولوين کان پڇيو: ابا توهان مان وڏو مولوي ڪهڙو آهي؟ انهن مان هڪ اٿي بيٺو ۽ سندس نالو عبدالله هو. ذات پڇڻ تي هن پنهنجي ذات سفيد باف يعني ڪوري ٻڌائي. فقير سائين پڇيس: ابا علم مڪمل ڪيو اٿئي يا اجا رهيل اٿئي. جنهن هن ٻڌايو تہ سائين سڀ علم پڙهيو اٿم. تنهن تي فقير سائين پڇيس تہ ابا خداوند ڪريم فرمايو. آهي: لا نُفرقُ بَينَ اَحدٍ مّن الرُّسلِهٖ” يعني ڪنهن بہ رسول جي رسالت ۾ فرق نہ آهي. پوءِ ڇو حضرت موسيٰ عليہ السلام طور سينا تي مدهوش ٿي ويو حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ کي معراج وقت عرش عظيم تي روبرو گهرايو ويو؟ سندن اکيون مبارڪ نور جي جهلڪار ڏسي هٽڪيو بہ ڪين. اهو ڪهڙو سبب هو؟ اهو ٻڌي مولوي صاحب چيو تہ سائين ڪو ڇڱو ڪم ڪيو هوندائين. فقير چيس تہ پاڻ ڪريم تہ ٻين نبين کان نماز بہ گهٽ پڙهي هئي. ڇاڪاڻ تہ حضور ﷺ جن تي نماز پنج وقت فرض هئي. ان کان اڳ ٻين نبين تي تہ پنجاهہ وقت نماز بہ هئي. ٻيو ڪهڙو ڇڱو ڪم ڪيو هئائون. مولوي صاحب ماٺ ٿي ويو. فقير صاحب پوءِ کيس ٻڌايو تہ هر هڪ نبيءَ جو درجو ۽ مرتبو جدا آهي. مگر رسالت وارو ڪم سڀني تي ساڳيو رکيل آهي. ڪن نبين کي صرف پنهنجي ڳوٺ تي تبليغ جو حڪم ڏنائين تہ ڪن کي وري ساري ڪائنات لاءِ پيغمبر ڪري موڪليائين. اهم ڪم حضور ﷺ جن تي رکيل هو جو ساري موجودات لاءِ نبي آهن، ان ڪري سندن رتبو ۽ مان بہ مٿاهون آهي. اهو ٻڌي مولوي

صاحب فقير سائين جا هٿ چمڻ لڳو. آخر ۾ فقير سائين کان اوبر ٿيل ڪاڏو ڪاڏائين.

## فقير سائين جن جي وفات

فقير صاحب جن پهرين ربيع الاول 1387هه مطابق 10جون 1967ع ڏينهن ڇنڇر وقت صبح 10 بجي وصال ڪيو. ان اولياءَ الله لايموت ينقلون من الدار الي الدار. يعني بيشڪ خدا جا ولي مرن ڪونه ٿا مگر هن گهر کي مٿائي هن گهر ۾ رهن ٿا، پاڻ 12، 13، 14، ذوالحج درگاه تي عشق شهنشاهه جي نالي منسوب ڪري ميلو ڪرائيندا هئا. پڇاڙي واري ميلي ۾ پنهنجي فرزند سائين علي گوهر فقير، خواجه محمد پريل فقير مڱريو، نور علي فقير سومرو، الله رکيو فقير خاصخيلي، بو علي فقير ڪوريجو،محمد حسن فقير قريشي، محمد جمن فقير لاڙڪ، سچل فقير لاڙڪ، محمد موريل لاڙڪ نوشهروفيروز وارا جن کي سڏي تاڪيد ڪيائون: هن ميلي کي هر سال معمول مطابق ملهائيدا رهجو. سيني طالبن کي لازم آهي ته خاص ڪري هن موقعي ۾ ڪير به غير حاضر نه رهي.

پاڻ فرمائيندا هئا ته هي جسم فاني اٿوَ، مٿان پلجي هن کي چنبڙي وڃو اسم اعظم سان محبت رکجو ته آءٌ سدائين توهان سان گڏ هوندس.

پیوند دم دم سی هادی حقیقةَ

### بيت : حضرت بو علي قلندر

هوش در دم دار ای مرد خدا ، یک دم م باش از حق جدا

اي خدا جا مرد سوچ دم ۾ رک، هڪ ساهه يا دم به خدا کان جدا نه رهه

نفی گردان از دل خود ماسویٰ مل، تاں نه گنجد در دلت غیر از خدا

خدا ڪانسواءِ دل مان بيا خيال ختم ڪر، ته جيئن خدا ڪانسواءِ تنهنجي دل ۾ غير نه اچي

زنگ دل با صیقل لا پاک کن، سینه با تیغ محبت چاک کن۔

دل جي ڪٽ لاءِ جي روات سان لاهہ سيني کي محبت جي تلوار سان کول
چون شوی تو فارغ از ذکر خدا، راه یابی در حریم کبریا
جڏهن خدا جي ياد ۾ فنا ٿيندين، پوءِ خدا جي گهر جو رستو لهندين
چن در کثرت نمائی خویش را، یک زمان در خانئه وحدت بیا
ڪيترو پاڻ کي ڪثرت ۾ ڏيکاريندين، هڪ گهڙي وحدت جي گهر ۾ اچ
آشنا شو ان چنان با یار خویش، تا که خود را گم کنی از کار خویش
پنهنجي محبوب سان ائين محبت ڪر، جيئن پاڻ پنهجي ڪم کان گم ڪري سگهين.
زنده گردان این دل پژ مرده را، زنده کن با عشق جانان مرده را
من مئل دل کي جيئرو ڪر، محبوب جي عشق سان مئل کي زنده ڪر.

سندن درگاهہ ڳوٺ مينگهو فقير شر ۾ آهي. حضرت فقير غلام حيدر گودڙيي جن جي درگاهہ هن درگاهہ کان ٿورو اتر اوڀر طرف آهي سندن درگاهن تي مقرر تاريخن تي ميلو لڳندو آهي. ان ميلن ۾ سيئي طالب ۽ عقيد تمند اچي حاضر ٿيندا آهن. محفل سماع ٿيندي آهي.

ميلي ۾ امداد علي سومرو، غلام حسين فقير ڪوري، پٺي فقير ۽ ٻيا فقير ۽ ٻيا محول مچائيندا آهن درگاهہ جي اڏاوت جو ڪم خواجہ محمد پريل فقير مڱريو اصل ويٺل لڳ ڪنڊيارو پنهنجي شاگردن جي مدد سان بنا معاوضي مڪمل ڪيو ڪاٺ جو پيڃرو بہ خواجہ محمد پريل فقيرپاڻ تيار ڪيو آهي.

سال 1995ع ۾ فقير محمد صالح عرف بوعلي فقير درگاهہ جي مرمت ۽ چوديواري ۽ فرش بندي بہ طالبن سان گڏجي ڪرائي. علم پاڪ آر.سي. سي. تحت علم پاڪ تي خطاطي بہ خواجہ محمد پريل فقير مڱريي پنهنجي هٿن سان ڪئي.

## باب ٻيون

# هادي پاڪ جي گفتار

## بيان عشق

عشق عجب اوقات، جس پر آوي اُس سمجهاوي

”عشق شهباز عقل چون دراج
عقل در حضرتش بود محتاج“

يعني عقل تتر وانگر عشق شهباز مثل آهي. عقل سندس اڳيان ٻيوس ۽ محتاج آهي.

عشق لولاڪ جي چِٽ آهي. عشق تخت سليماني آهي عشق ذري کي اکيون ڏيئي سج جهڙو روشن ڪندو آهي. عشق عاشق کي بيخوديءَ جو شراب پيارندو آهي. عشق ملسمان کي ڪافر ڪندو آهي. عشق ڇا آهي سئيءَ مان ترار ٿيڻ ڦڙي مان درياهہ ٿيڻ. جهرڪيءَ مان شهباز ٿيڻ. ستاري مان سج ٿيڻ. ڇٽگ مان آڙاهہ ٿيڻ ٻليءَ مان شيهنن ٿيڻ ڪسيءِ مان درياهہ ٿيڻ.

عشق عين ذات آهي جيڪو غير کي ساڙي ڇڏيندو آهي. عشق ازلي محبت جو نالو آهي. جيڪا آدميءَ جو دل ۾ پيدا ٿيندي آهي. سهڻي صورت ڏسڻ سان دل موهجي پوندي آهي، عاشق جيڪڏهن پاڪائي ڪندو تہ اها صورت رهبري ڪندس. المجاز قنطر الحقيقت يعني مجازي عشق حقيقت جي ڏاڪڻ آهي. جنهن جي وسيلي عرش عظيم تي پهچندو آهي.

مگر خراب نظر رکيائين تہ ڪِري پوندو تحت الثريٰ ۾ ويندو. عشق اهڙي باهہ آهي جو هن خاڪي جسم کي رچائي لعل ڪري ٿو وجهي.

جيئن لوهه باهه ۾ وجهبو تہ باهہ جهڙو ڳاڙهو لعل ٿي پوندو. عشق معراج ڪرائيندو آهي. عشق زاهدن عابدن کي نچائيندو آهي، عشق عقل کي چٽ ڪري ڇڏيندو آهي. عشق اياز مان محمود ڪندو آهي. عشق واڳونءَ جي وات مثل آهي، جنهن کي وات پيو سو نہ بچندو. عشق جي اچڻ سان نفس ناس ٿي ويندو آهي. عشق جنهن وٽ ايندو آهي. تنهن کي درد بلائون ۽ مصيبتون عطا ڪندو آهي. جيڪو مصيبتون برداشت ڪندو سو مرد آهي. ملامتن سهڻ وارو رند عارف آهي. مگر جيڪو ڀڄندو ۽ نيڪنامي کي پسند ڪندو سو نامرد ۽ پاڳل آهي.

هي ڪثرت جو جهان عشق جي موج مان پيدا ٿيو. جيئن درياه جي موج سان پاڻي ڪچي ۾ ويندو آهي. ڪيتريون ئي مڇيون سير لاءِ نڪرنديون آهن. جڏهن درياه ۾ پونديون آهن ۽ موت کان بچي لايموت ٿي ونديون آهن. مگر جن مڇين موٽن جي نہ ڪئي تن لاءِ ڪيئي ڄرڪا، گدڙ ۽ شڪاري اچي پهچندا آهن ۽ کين کائي چٽ ڪري ڇڏيندا آهن. اهڙي طرح هي آدمي بہ جيڪڏهن دم جي موج سان جوانيءَ ۾ اسم اعظم جي ڪمائي خدا ڏانهن موٽندا تہ الله اثبات ڪندو. جن ائين ڪيو سو موٽي وجي اسم اعظم جي درياه ۾ مليا، تن تي موت آهي ئي ڪونہ. مگر جن موٽڻ جي نہ ۽ ڪئي ۽ فاني حياتيءَ کي حيات جاودان سمجهي ويهي رهيا انهن لاءِ نفس گدڙ ۽ ڄرڪو آهي جيڪو کين جهٽ ڏيئي وجي پنهنجي ڏر يعني قبر ۾ رکندن. جتي جهنم جي باهہ نفس جو گهر آهي. جنهن کي نفس ماريو سو ٻنهي جهانن ۾ مري ويو. ان لاءِ ٻئو موت آهي. ان اهڙي جو نالو نيشان ئي ميٽجي ٿو وڃي.

عشق دل ڦرجڻ جي هڪ جاءِ آهي. جنهن ۾ گهٽي خواري ۽ ملامت آهي. عشق شهباز آهي ٻيا جهان وارا سندس شڪار آهن عشق کي پنج سئو پر آهن. سندس هر هڪ تحت الثريٰ کان عرش عظيم تائين آهي. هي ڳالهہ بہ آسيري پاسيري آهي. جيڪا ٻڌايون ٿا تہ الله جو سڌو سڌ ٿا ڏيون ڇاڪاڻ تہ عام ماڻهو الله تبارڪ وتعاليٰ جا دشمن آهن. سنوان سڌا لله ج

ڏي نٿا هلن. جيئن شاهوڪار چور کي پنهنجي گهر جو پڪو ڏس ڪونہ ڏيندو آهي. تيئن هنن آدمين مان ڪي الله جا چور آهن. سڌو ڏس ڏيون تہ الله جو رنج ٿيندو تہ هن چغلي چو ڪئي. ان ڳالهہ سمجهڻ لاءِ هجي ڪو سياڻو جيڪو سمجهي.

عشق ڇا آهي عاشق لاءِ باطني راز ظاهر ٿيڻ. عشق گدا گر کي شاهہ ڪندو آهي. عشق خوديءَ کي ڪائيندو آهي ۽ عاشق کي بيخود ڪندو آهي. عاشق عاشق جي شينهن اڳيان هرڻ وانگر بي وس آهي. جنهن مهل عشق آيو تہ عاشق جي حد نون ئي آسمانن کان پري ٿيندي. عشق جبل کي رئي ڪري سگهي ٿو. عشق اهڙو آهي. جو دريائن سمنڊن کي سڪائي ڇڏي ۽ آسمان کي ذرا ذرا ڪري دز ڪري ڇڏي. بيئي جهان عشق پنهنجي محبت مان ظاهر ڪيا. موليٰ جو عشق هيري وانگر قاتل زهر آهي جنهن وٽ ايندو تنهن کي ماري ختم ڪندو. عشق غيور بہ آهي عشق غفور بہ آهي. حضرت ابراهيم عيلہ السلام جي آڙاهہ کي گلزار عشق ڪيو.

عشق ابراهيم رادر نآرزد، بعد ازنش نآر را گلزار کرد
عشق ابراهيم کي باهہ ۾ وڌو ۽ بعد ۾ باهہ کي باغ ڪيائين

عشق يوسف کي زليخا وٽ ٻانهو ڪري وڪيو. پوءِ وري بادشاهہ ڪيائين. عشق حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ کي معراج ڪرايو. عشق شاهہ منصور کي سوليءَ تي چاڙهيو. عشق شيخ صنعان کي جٽيو پارايو. عشق شاهہ شمس الحق جي کل لهرائي عشق شيخ عطار رح جو سر وڍايو. سنڌ ۾ عشق شاهہ عنايت کي شهيد ڪرايو. عشق غلام محمد وڻجاري کي شهيد ڪرايو. عشق حضرت بلا شاهہ کي شهيد ڪرايو. عشق ذولنون مصري کي قيد ڪرايو. عشق ڪنهن کي بہ ڇڏيو ناهي. عشق هن آخري وقت ۾ فولاد کي جيل ۾ وجهرايو. ڏنڊ ڀرايائينس. عشق جي عطا ۽ چاهت ڪنهن ذات تي نہ آهي. ذات پات عشق ڪونہ پڇندو آهي. عشق کي جيڪو ڳوليندو سو کيس لهندو آهي. ڪعبہ جا حاجي ملهہ جو ڪپڙو وٺي

احرام ڀڏندا آهن. عاشقن کي عشق عرش جو احرام پارائيندو آهي. مجازي عشق اها پل صراط آهي جيڪو ان تان لنگهي ويو سو چڙهي ويو. جي ڪاچي پيو تہ ڪريو پاڪ نظر سان عاشق مجاز مان الله ڏسندو آهي.عشق مدهوشيءَ جو جام پيارڻيندو آهي. ظاهري عقل لاءِ عشق شهباز آهي. عشق ظاهري مسلماني وڃائي الاهي دين پيدا ڪندو آهي. عشق خوديءَ کي ختم ڪري من خدايم جو طبل وڄائيندو آهي. عشق ڪافر کي مسلمان ڪندو آهي، عشق اهڙي قوت جو مالڪ آهي جو اک ڇنڀ ۾ ٻئي جهان ڏاهي وجهي. عشق ٻنهي جهانن کان بي نياز ڪندو آهي. عشق سيني هوسن ۽ سنڌن کان نامراد ڪندو آهي عشق دنيا خواه عقبيٰ جي مراد نہ رکندو آهي. عشق نفس لاءِ قاتل زهر آهي. عشق عقل کي روئي ڪندو آهي .عشق حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي مسلمانن کي بہ معراج ڪرائيندو آهي. الله جو عشق بنا پرن جي آدمي کي اڏاريندو آهي. عشق عاشق جي مٿي ۾ تاج وجهندو آهي. عشق ڏوهہ ثواب جي حد کان پري اچلي وجهندو آهي. عشق جي ڪنلن کي وري وري نئون ساه ملندو آهي عشق اهڙي حياتي عطا ٿو ڪري وري مٿس موت اچيئي ڪونہ عشق جي شطرنج راند عارف کيڏندا آهن. عشق جي شمع تي روح پروانو آهي. عشق نجو حقيقت ۽ معرفت آهي. منجهس ظاهر جو ڪو بہ دخل ڪو نہ آهي هن جهان ۾ عشق جو جڻ ڏهن ورهين جو ڏڪر آهي. عشق هر مذهب کان بلند ۽ بيزار آهي. عشق ۾ صرف سر ڏيڻ جي درڪار آهي. جن جي دل ذڪر اسم اعظم سان جيئري ٿي تہ عشق جي خبر بہ انهن جيئرن کي آهي جن جي دل اسم اعظم کان خالي آهي سي مئل آهن انهن مئلن کي عشق جي ڪهڙي خبر.

عشق ۾ جيڪي جيئرا ٿيا تن لاءِ بشارت آهي عشق جي درگاهہ مان ڪثرت ۾ صرف بہ شيون آيون آهن. (1) والايت (2) نبوت. ولايت جو درجو نبوت کان وڏيڪ آهي. مگر حضرت رسول الله ﷺ جن کي نبوت ۽ ولايت ٻيئي حاصل هيون. اڳين نبين کي صرف نبوت حاصل هئي، عشق جو

دستور آهي تہ جيڪو پهريائين سر وڃائيندو تہ پوءِ عشق جي شهر ۾ اچڻ ڏيندس نہ تہ تڙي ڪيندس. عشق جو طلبغار ڪو ڪونهي سپ ڪو نفس جي ڏوَن ۾ مزن جو قائل آهي. عشق نفس لاءِ هلاهل جي گوري آهي، ان زهر کائڻ کانپوءِ ڏسو تہ عشق ڪهڙونہ رنگ ٿو لائي، جنهن عشق جو زهر پيتو تہ ان خاڪ کي بہ سوين پيا سجدا ڪن ۽ ان وٽان مرادون پيا پوريون ڪرائين .عشق جي باهہ هن باهہ کان گهڻو مختلف آهي. ان باهہ ۾ اهڙي لذت آهي جو چئبوتہ سمورو جسم اچلائي وجهجيس عشق هڪ هيري مثال آهي. جيڪو سپ ڪنهن وٽ  ڪون ليندو آهي. اسان عشق جا ڪٺل آهيون. مجرو بہ ڪٺل کي ڏينداسين. دنيا دار ڏانهن واجهايون بہ ڪونہ. اسان عشق جو ديدار ڪيو ان ڪري ڪاڏي پيتي جو سڏون ختم ٿي ويون. اسان جي دل جي روشنائي رات کي ڪتي ڏينهن ڪري ڇڏيو آهي. عشق ڪلال خاني مان جيڪو شراب پيتو سين تنهن مُلن جي مسلمان کان ائين بيزار ڪري ڇڏيو آهي جيئن ڪفر کان بيزار ٿبو آهي. عشق جي حسن جا بہ ٿيهہ اکر آهن. انهن مان هڪ الف جو بيان بہ پورو نہ ٿوٿي سگهي. قرآن، توريت، انجيل، زبور ۽ ٻيا سيئي ڪتاب ان بيان مڪمل ڪرڻ لاءِ حيران آهن قيامت تائين بيان ڪندا رهندا تہ بہ پورو نہ ٿيندو. جيڪڏهن عشق جي راهہ ۾ دين ايمان وڃن ۽ ڪافر ٿي پئجي تہ شڪراني ۾ تانهريءَ جي ديڳ تيار ڪري معصوم ٻارن کي کارائجي. ڏوڪڙ هجن تہ اهي بہ قربان ڪجن ۽ لک شڪرانا ڪجن تہ چڱو ٿيو تہ دين ايمان کان جند ڇٽي پئي نہ تہ دين ايمان جو بار غرق ڪري ڇڏي ها. عشق جي بسم الله جو نيشان اهو آهي تہ هو پهريائين محبوب اڳيان ڪسي حلال ٿيندو. عشق وسنو اٿئي ان درياهہ ۾ غرق ٿيءُ. ظاهر جو حسن رڳورنج اٿئي عشق مجازي هجي يا حقيقي ٻنهي مان الله ڏسڻ ۾ ايندءِ

هزار ڀيرا ڪعبتہ الله جا حج ڪرين تہ بہ الله منهن  ڪونہ  ڏيکاريندءِ عشق جو جلال آدمي کي شيطان کي بہ نوري ڪري ٿو وجهي مگر عشق جو

جمال اهڙو آهي جو شيطان بہ نوري ڪري ٿو وجهي اسان کي جيڪا عشق جي پوشاڪ پارائي هئي ان تي هي بيت لکيل هو

ملامت صيقل زنگار عشق است، ملامت شهنه بآزار عشق است

ملامت ڪٿ لاهڻ لاءِ عشق جو ريگ مال آهي، ملامت عشق جي بازار جي شرناءِ آهي.

عشق جي هڪ ديدار دين ايمان تباهہ ڪري ڇڏيو. رسمي دين کان ائين بيزار ٿياسين جيئن هندو مسلماني کان بيزار آهي. عشق اسان کي وڏي آواز سان سڏ ڪري چيو تہ اوهان کي پنهنجي دفتر ۾ داخل ڪيوسون پوءِ عشق شراب پياريو. شراب پيئڻ کان پوءِ ڏنوسون تہ ساري جهان ۾ ڪفر جو هل هنگامو مچي ويو. عشق ظاهري دنيا ۾ بہ خوشبوءِ ڪئي ۽ باطني طرح نوَن آسمانن کان پري وني ويو. شراب پيئڻ بعد دين ايمان واجهائي ۽ پيجي پيو. عشق اهڙي شيءَ آهي جو ڏسڻ کانپوءِ ڪير بہ بچي ڪونہ سگهندو. سندس ڏسڻ سان نفس پسم ٿي ويو. عشق جي درياهہ ۾ دين ايمان ائين لڙهي ويندا آهن جيئن ڪک پن لڙهي وڃن. عاشقن ۾ عشق جي ڪماليت ڏٺي سون. زاهدن ۽ عابدن ۾ رياءُ ۽ خودي ڏٺي سون، تڏهن انهن کان پري پڄي وياسون جڏهن عشق جو واعظ ٻڌوسون تہ ملن قاضين واري فقہ ۽ حديثن کي ترڪي ڇڏيوسون. عشق جي ڳالهہ ڪجي تہ اسرافيل بہ رئي ٿي وڃي. عشق جي خبر اسرافيل يا عزرائيل کي نہ آهي هو تہ صرف ڪم تي مقرر آهن .عشق جي ميدان ۾ علم ۽ عقل جو گهوڙو هڪ وک بہ هلي نہ سگهندو چو تہ هو منڊو آهي. دين ايمان عشق کان ائين پڄندا آهن جيئن عقاب باز کان لومڙ پڄي.

باز لوهہ ڏيندس تہ ڪڪڙاٽ پيو ڪندو ۽ ڏر بہ هٿ نہ ايندس. چنبي سان سندس ڪوپري لهي ويندي اٿس. عشق اسان کي دنيا جي ڪاڏن پيتن کان سخت بيزار ڪيو آهي. مومن اهو آهي جنهن جي دل الله جو آئينو هجي، جيڏانهن نهاري تيڏانهن الله نظر اچيس فَأَيْنَمَا تولو فثم وجه الله

هجي. الحديث المومن مرآئته الرحمان مومن جي دل ۾ روح ان دريا اعظم سان ائين ڳنڍيل هوندا آهن جيئن سج سان سندس ڪرڻا ڳنڍيل هجن ٿا.

قرآن قريم ۾ ٻه هر هنڌ ايمان وارن کي خطاب آهي مسلمان کي ڪٿي ٻه خطاب نه آهي مومن جي دل ذات ذوالجلال جو تخت گاهه ڪمائڻ سان قلب المئومنين عرش الله تعاليٰ. مومن اهو آهي جيڪو ذڪر ڪمائڻ سان قلبي روشنائي ۾ صفائي حاصل ڪري. رسمي مسلمانن کي مومن ڪين چئبو. حقيقي مسلمان ۾ مومن اهو آهي جيڪو جودم غافل سو دم ڪافر سمجهي.

## فقيري عادتون

اٺن پهرن مان ٻه پهر رات جو ننڊ ڪرڻ، اجائي گفتگو کان پاسو ڪرڻ، هلڻ وقت نظر پنهنجي سيني ۾ رکڻ. ڪبي سڄي نه واجهائڻ غير الله جي ڳالهه ڪنن سان نه ٻڌڻ، ڪچهري ۾ اڪيلو هجڻ، گهر ۾ ٻه مسافر ٿي رهڻ، غير الله سان دل نه لڳائڻ، دنيا جي دوستن کان منهن موڙڻ، جيڪو طالب جسم جي قيد مان نڪرندو سو معراج ماڻيندو. جيڪو خاڪ نڪتو سو پاڪ ٿيو. جيڪو خاڪ ۾ رهي مري ويو ۾ جسم مان نه نڪتو معراج تائين نه پهچندو مگر عاقبت ۾ بهشت ضرور ملندس، جيڪو جسم جي قيد ۾ رهيو سو هلاڪ ٿيو جيڪو جسم جي قيد مان نڪتو سو بي باڪ ٿيو. جنهن عشق جي راهه اختيار ڪئي سو هشناڪ ٿيو. طالب کي علم جي ضرورت آهي. حديث ۾ آهي ته من تزهد بغير علم فهومات ڪافر آ. يعني جيڪو ڄاڻ کانسواءِ زهد ڪندو سو ڪافر ٿي مرندو. ان ڪري اول هر شيءَ جي ڄاڻ رکجي پوءِ ڪوشش ڪجي.

علم ريءَ فقيري جئين ، واريءَ منجهه پروڻ
هئي اڳيئي پتري ويتر آيس ڏوڻ

اول علم آموزو آخر اين جا بيا

کہ بي علم وارو حضـــورش نيســـت جاءِ

يعني پهريائين علم سکجي پوءِ فقيري ڏانهن اچجي ڇو تہ جاهل جي بارگاهہ الاهي ۾ جاءِ نہ آهي،

عشق جو علم حياتي ۽ نفس جو علم مماتي آهي. دمن جي سنڀال ڪرڻ طالبي آهي. جنهن دمن جي سنڀال نہ ڪئي سو طالب نہ آهي. پاڻ کي سٺن کاڌن لذتن ۽ گهڻي ننڊ کان بچاءِ تہ تنهنجو شان ملائڪن کان بہ مٿي ٿيندو. سندن پرواز کان تنهنجو پروانو مٿي ٿيندو. جن پاڻ سڃاتو تن الله سڃاتو. جن الله سڃاتو سي ڪافر نفس کان آجا ٿيا. خلق جي دوستي کان چريو ٿي گذار. عام ماڻهن جي ميجوتي کان هٽرادو چريائي بہ بهتر آهي. جيڪو الله جي عشق ۾ ايندو سو رڱجي ويندو هت ذات پات جي پڇا ڪانهي. جيڪو وهي سو لهي. اها دل الله جو دروازو اٿوَ. جيڪو ذڪر سان ان دروازي کي کڙڪائيندو رهندو تنهن کي ضرور الله منهن مبارڪ ڏيکاريندو. جنهن ڪچهري ۾ الله جي گفتار نہ آهي سا ڪچهري مردار آهي. جيستائين الله جي عشق ۾ سر نہ ڏيندين تيسين تائين ديدار نہ ٿيندءِ حضور پاڪ ﷺ جن ہدايل عروت الوثقيٰ لتڪندڙ رسو اهو دم جو ذڪر اٿيئي جيڪو ان کي مضبوط پڪڙيندو سو عرش عظيم تائين پهچندو. الله پاڪ آهي تنهن ڪري چاهي بہ پاڪن کي ٿو الله پاڪ سان هڪڙو دم رهڻ بہ ٻنهي جهانن جي بادشاهي کان بهتر آهي. حضرت سچل سرمست فرمايو آهي تہ هڪ دم نال الله دي هووڻ بهتر ڪنون بادشاهي.

الله جي راضپي جي اها نشاني آهي تہ آدمي سندس ياد ۾ مشغول هجي. مگر ناراضگي جي اها نشاني آهي تہ آدمي ساري عمر گمراهي ۾ گذاري عبادت تي فخر نہ ڪر متان زاهد عابد برسيا وارو ڪم ٿيئي.

بيت :حضرت قلندر شهباز

بلغم وبر سيسابه بين، صد داغ لعنت بر جمين
در شهر مارسم چنين كس را نه باشد چون چرا

يعني بعلم ۾ برسياڪي ڏس تہ سندن پيشانين تي لعنت جا سوين داغ لڳاياسون اسان جي شهر ۾ اهڙي رسم رواج آهي، ڪنهن کي بہ ڪڇڻ جي مجال نہ آهي

پاڻ کي الله جي حوالي ڪر تہ الله تنهنجو ٿئي. قضا جا مالڪ پاڻ ٿيو. جيڪو قضا جو محتاج ٿيو سو موچڙن هيٺ آهي. گمراهہ ۾ خدا کان غافل جي تعبيداري هر گز نہ ڪريو. روئڻ جو وڏو درجو آهي. جيڪو عشق الاهي ۾ محبت خدا ۾ روئيندو تہ ان کي بشارت آهي. گهٽي ڪائڻ تي حق پاڪ ناراض ٿيندو آهي. جيڪو طالب گمراهن سان محبت ڪندو تہ خود بہ گمراه ٿيندو. طالب جي دل ڪوه طور مثل آهي ڇو تہ ان دل مان الله پاڪ ڪلام ڪندو آهي. موسوين لاءِ لن تراني جو جواب آهي مگر اسان محمدين لاءِ سبحان الذي اسريٰ بعبده جو انجام آهي. ياد رکو تہ حضرت موسيٰ عليہ السلام کي هي اسم اعظم وارو طريقو ڪو نہ هو. تڏهن بہ زبان سان رب ارني ٿي.چيائين ڪيس روحاني زبان جي خبر ئي ڪانہ هيس. اهو طريقو صرف حضرت رسول الله ﷺ لاءِ امانت رکيل ۾ مخصوص هو. جيڪو الله کان پنيرو آهي. تہ الله بہ ان کان پنيرو ٿيندو جيڪو الله جو ٿيو تہ الله بہ ان جو آهي

الله جون ڳالهيون الله جا محبتي ٻڌندا عامن کي ڪو بہ اثر نہ ڪنديون. جن کي الله تبارڪ وتعاليٰ پنهنجو ديدار پسايو تن جا وڏا ڀاڳ آهن. جنهن دل ۾ الله جو ذڪر نہ آهي سا دل برباد ۾ شيطان جو ٽڪاڻو آهي.

حديث: الحُب لله وَالبُغضُ الله عَدم ذِكُر الله

يعني الله جي محبت جي نشاني سندس ياد آهي. ساڳس دشمني جي نشاني سندس ياد جو نہ هجڻ آهي.

وَمَنْ يَعْشُ عَنْ ذِكْرِ اللّٰه نُقَيِّضْ لَهٗ شَيطانَ فَهُوَ لَهٗ قَرِين۔ (القرآن)

جنهن دل ۾ خدا جو ذڪر نہ آهي ان ۾ شيطان رهندو آهي ۽ اهو ئي ان جو دوست آهي.

ذڪر ڪندڙ دل عرش عظيم مثل آهي. خدا جي ياد کان ﭘليل دل بيمار آهي. اي مسلمانو حلال کائو. الله جو ذڪر حلال نوراني ۽ روحاني طعام آهي. الله کان غفلت حرام ۽ مردار آهي. الله جو ابتو ﭘير ڪٽبو تہ ﻟيندو. سبتي ﭘير سان نہ ﻟيندو. ذڪر الاهي ابتو ﭘير آهي. جيڪو ذڪر الاهي سان ذات حق تعاليٰ جي اڳيان ڪنو سو حلال آهي. جنهن کي بنا تڪبير جي عزرائيل ماري وڌو سو حرام آهي، حق تعاليٰ کي وڏ ۾ وڏ ٻہ شيون ﭘسند آهن. هڪ شهيد جي رت ٻيو خدا جي محبت ۾ روئڻ دين جي شهيد کي بهشت ملندو مگر عشق شهيد کي تحت الثري کان عرش عظيم تائين سارو ملڪ انعام ۾ ملندس. جيئن حضرت امام حسين ۽ سندس ساٿي ٻنهي جهانن ۾ مختيار آهن گناهن بخشائڻ لاءِ الله جي محبت ۾ روئڻ بهترين علاج آهي. الله جي محبت ڪانسواءِ ٻيو سڀ ڪجهہ دنيا جو قيد آهي جيئن ڪي زالون حاملہ ٿي ﭘڪو ٻار ڄڻينديون آهن ۽ ڪي وسڪٽيون ڪنهن ڪاڌي ﭘيتي جي شيءِ تي ۽ سٺي طعام کي ڏسي ٻار ڪيرائي وجهنديون آهن اهڙي طرح ڪن هلندڙ طالبن جو هلندڙ ذڪر هوسن جي ﭘويان لڳڻ ڪري وس ڪندي ختم ٿي ويندو آهي. مگر جنهن طالب جي دل ۾ اسم اعظم جو ختم رهجي ويو تہ اتان الله اثبات ٿيندو. دل هڪ ٿانوَ مثل آهي. منجهس دنيا سمائبي يا منجهس الله سمائبو هڪ ٿانو ۾ ٻہ شيون نہ ماﭘنديون حرام ڪاڌو دل کي ڪارو ڪندو آهي. الله جي ذات بي ﭘرواهہ آهي. موليٰ جي ملڪ ۾ جيڪو ڪٿي سو ڪائي جيڪو ڪيس ياد ڪندو تہ هو ان جو آهي ڪﭘڙن رڱڻ ۾ ﭘائڻ ۾ فقيري ڪانہ آهي. ائين هجي ها تہ ﭘينو فقير وڏا فقير هجن ها.

هر هڪ علائقي ۾ سو ورهيہ کان ﭘوءِ عارف ٿيندو آهي. اڳ انسانن جي هدايت لاءِ نبي سڳورا ايندا هئا. مگر ماڻهن هر هڪ نبي کي تڪليفون ڏنيون هيون. اهي ماڻهو تہ عارفن جا فقيرن مان نہ ٿا مڃن آخرت

۾ بهشتي بهشت ۾ دوزخي دوزخ ۾ ويندا مگر فقير عارف جي نور ۾ ٽيپي هٽي هڪ ٿي ويندا.

مان تون حق ۽ باطل آهن عشق جي اچڻ ڪانپوءِ پيئي ڪونہ رهندا آهن. دل چئن عادتن سان مري ويندي آهي. اهو باطل جو اصول آهي تہ جنهن بہ عارف جوڪتاب يا ڪلام پڙهبو تہ هو پاڻ اچي حاضر ٿيندو ۽ پڙهندڙن سان گڏ پاڻ بہ پڙهائيندو. ساري جهان کي خوديءَ ماري ختم ڪيو آهي. مگر فقيرن، عارفن، عاشقن خودي ختم ڪئي تڏهن الله وٽ پهتا. ڪانيءَ جي ترار توڙي سوني مياڻ ۾ هوندي تہ بہ ٻرڻ جو ڪم ڏيندي، جنگ ۾ ڪم ڪانہ ايندي. عام ماڻهو ڪاٺ جي ترار وانگر آهي جيڪي پنهنجي ڪڏن ڪرتوتن سبب جهنم جي باهہ ۾ وجي سڙندا. توڙي زربفت ۽ اطلس جون پوشاڪون پهريندا هجن. مگر عاشق جو روح جوهر دار ترار آهي ان کي ڪهڙي بہ پراڻي مياڻ ۾ رکبو تہ بہ مالڪ کي اهم ڏيندي.

ڪاڏي جا بہ قسم آهن هڪڙا ڪائن ٿا جيئن لاءِ پيا جيئن ٿا ڪائڻ لاءِ جيڪي جيئڻ لاءِ ٿا ڪائن تن جي زندگي خدا جي ياد ۾ ٿي گذري جيڪي زنده رهن ئي ڪائڻ لاءِ تن جي حياتي عيش عشرت ۽ نفساني هوسن پوري ڪرڻ ۾ ٿي گذري، جن جو آخري ٽڪاڻو سجين مڪان يعني دوزخ آهي. جيئن ڪوهيڙو سج کي ڍڪي ڇڏيندو آهي تيئن حرام ڪاڌو ۽ سنڌن جو دونهون دل جي اکين کي انڌو ڪري ڇڏيندو آهي. جنهن کي روزگار جي ڳڻتي آهي. ان جي مراد ماني آهي ۽ غافل آهي. ٻين ڏوهن جا قيدي آزاد ٿي سگهن ٿا مگر حرص جا قيدي ساري عمر قيد ۾ آهن. انهن جو آزاد ٿيڻ ناممڪن آهي. عام ماڻهن جو دين ايمان ان شهوت آهي وچولي درجي وارن جو دين ايمان الله آهي. خاصن جو دين ايمان الله تعاليٰ جو گهڻي انداز ۾ ذڪر ڪرڻ آهي. خاص الخاص جو دين ايمان ۽ زندگي عشق شهنشاهہ آهي. طالب جيئن دم تکو هلائيندو تيئن الهام ذريعي ذات ذوالجلال وٽان دلاسا پيا ملندس ۽ کيس دلجاءِ ٿيندي رهندي ۽ نيٺ وجي پهچندو.

تکي طالب کي حضرت رسول الله حضرت پير مولیٰ علي عليہ الصلوات والسلام ديدار پيا ڪرائيندا ۽ دلجاءِ پيا ڏيندس. محبت واري طالب جا دم عرش عظيم تي پهچندا آهن. دمن واريون تنواروں ذات ذولجلال کي رحم پيدا ڪنديون آهن. نيث ٻاجهہ ڪري کيس ديدار ڪرائيندو آهي.

دنيا جا طالب کدڙا آهن عقبيٰ جا طالب مئونث آهن. الله جا طالب مرد آهن محبوب جي ملڻ لاءِ تہ گهٽن کي اميد هوندي آهي پر محبوب جنهن تي پاڻ راضي ٿيندو ان کي پاڻ گهرائيندو آهي. هي ذڪر وارو رستو حضرت رسول الله پير مولیٰ علي عليہ السلام ۽ اهلبيتن مسجد نبوي جي صُفح ۾ رهندڙ طالبن کي سمجهايو. هو معراج جو بہ اهوئي رستو آهي. ٻين عبادتن سان ڪڏهن بہ معراج نہ ٿيندو آهي.

اسم اعظم شينهن مثال آهي. جيئن شينهن ڪاوڙمان ڪنهن شيءِ کي اڇليندو آهي ائين اسم اعظم بہ ڪمائڻ واري کي پرواز جي طاقت ڏيندو آهي جو هو عرش عظيم تائين وڃي سگهندو آهي. پاڪائي سان نماز پڙهڻ ملائڪن جي خصلت آهي. محبت سڀني عبادتن جو مغز آهي. محبت واري عبادت قبول پوندي آهي.محبت کانسواءِ رسمي عبادت ڇٽبي هر هڪ رسم بيڪار ۽ رَدُ آهي. نماز بي ريائي ۽ سواءِ ڏيکاءَ جي پڙهجي. ان جو ملهہ ئي نہ آهي عبادت کانسواءِ آدمي گڏهہ آهن. سندن عمر صرف هينگون ڪرڻ گڏهين پنيان ڊوڙندي ئي گذرين، جيڪي انسان رات جو جاڳي پاڪائي سان زباني ذڪر ٿا ڪن نمازون ٿا پڙهن، خدا کان ڊڄن ٿا پرائو حق نٿا کائين، انسانن جي ڪم ٿا اچن، ڪنهن جي بہ دل نٿا ڏکائين سي بهشت جا حقدار آهن. اهو ملائڪن وارو درجو آهي. عام مسلمانن لاءِ نماز بچاءُ آهي. جيڪو دل سان بہ الله ذڪر نہ هلي ۽ ظاهري نماز بہ نہ پڙهي سو تہ پادر کائيندو. عام ماڻهن ۽ خاص جي موت ۾ فرق آهي. الله اثبات ڪرڻ کان سوا ماڻهو مري ويو تہ ڄڻ ڪتو مري ويو. کيس گهلي وڃي کڏ ۾

اڇلائيندس تہ متان ڏپ ڪري مرڻ بعد سندس نالو ئي ختم. الله اثبات ڪرڻ وارا هميشہ حيات ۽ عالم آشڪار آهن.

دم عيسيٰ عليہ السلام اثيئي جي سجاتئي تہ واهہ نہ تہ گڏهہ جو گڏهہ آهين. نفس توڙي نمازون صلواتون ۽ تسبيحون پڙهي تہ بہ اعتبار نہ ڪجوس. هي وڏو مڪار ۽ رهزن اٿو. ويساهہ ڏيئي مڙئي مڏي اعمالن جي لوڙهي ويندو. افسوس جو نفس گڏهہ بکيو ٿئيو تہ قرض ڪٽي بہ ڪارايوس ٿا. مگر روح جو خيال ئي نہ ٿا ڪريو. سڪي تاڙو ٿي ويو اٿو. سندس خوراڪ ذڪر الاهي آهي جيڪا ڪيس فقر ڪانسواءِ ڪير بہ نہ ٿو ڪارائي، نفس جي سڏن آدمي کي الله کان پري ڪيو آهي نہ تہ الله تہ تمام ويجهو آهي ايتري خدا جي ڳڻتي ڪن تہ خدا جيڪر ڪائن پري ٿيئي ڪونہ ماڻهو متيءَ جي پيدائش آهن ڪائن بہ متي ٿا پوءِ اُهي آب حيات ڪيئن پيئندا. آب حيات روحاني خوراڪ آهي. پوءِ جيڪڏهن پنهنجو روح ان جي جيئڻ لائق بنايائون تہ واه نہ تہ جواب اٿن هي خاڪي وجود بہ عشق جو عارضي تنبو آهي. جنهن مهل بہ هن ۾ عشق آمد ۽ موج ڪئي تہ هي فاني پوندو. پوءِ هي نہ رهندو عين هو هوندو.

معدو نفس جي مسند آهي. دل خدا جو تخت گاهہ آهي. جنهن معدي واري مسند لذتن ۽ مزن سان آباد ڪئي تہ ان مان هوسن ۽ شهوت جا درخت پيدا ٿيندا جيڪي ڪيس جهنم ۾ ساڙڻ لاءِ ٻل جو ڪم ڏيندا. مگر جنهن ذڪر الاهي سان دل وارو تختگاهہ آباد ڪيو تہ ان وٽ تخت جو مالڪ هڪ ڏينهن ضرور مهمان ٿيندو. ان ڪري سندس شان زماني جي بادشاهہ کان بہ وڏي ويندو. جنهن پنهنجي عمر معدي جي خدمت ۾ گذاري تہ ان جو مقام ڪارو دوزخ آهي. جنهن جي باهہ بہ ڪاري آهي.

دوزخ هڪ چورس ڪوٽ آهي اندر ڪاري باهہ ٻرندڙ اٿس اتان جي مقرر ملائڪن جي شڪل بہ ڪاري آهي. انهن کي قياس اصل ڪونہ آهي. ان باهہ جو ٻل ماڻهو ۽ پٿر آهن. خدا کان غافل ماڻهو جڏهن مرندا آهن تہ ڪين اُهي ملائڪ سندن ڪنڌ ۾ لوهہ جي ٻياني وجهي ان پت متان ڪٽي

اندر اڇليندا آهن. ماڻهن جي پوڙ ڪري ٻاهه وٺي وڏا اولانيا ڪندي آهي. جيڪي پيٽ جي ٻاهران ڏسڻ ۾ ايندا آهن. جهنم ۾ معدو هڪجهڙا آهن. ڪيترو ٻه پيرين تہ ٻه هل من مزيد يعني اڃا ٻيو هجيو تہ آڻيو پيو چوندو.

ظلم ۾ حسد مهل معدي کي نفس چئبو آهي. شهوت جي غلبي وقت هن کي شيطان چئبو آهي مڪر ۾ ٺڳي وقت ڪيس خناس چئبو اٿس. نفساني خودي وقت هي چمڙي مثل آهي. جيڪو ڪنهن کي بہ پاڻ جهڙو نہ سمجهندو آهي. ڪاوڙ مهل خنزير آهي. آدميءَ ۾ سيئي خصلتون موجود آهن. چاهي هو شيطان ٿئي چاهي لنگور ٿئي ۾ چاهي هو ميڙيل رڇ ٿي پوي. هر هڪ خصلت کي تصور آهي. ان خصلت وقت سندس شڪل معلوم ڪري سگهبي آهي.

نفس هڪ وڻ مثل آهي جيڪو هر وقت دل جي پاڪ صحن تي خيالات جا پن ڇاڻيندو ۾ گند ڪندو رهندو آهي. جيڪڏهن ذڪر جي ٻهاري سان دل جو صحن صاف ڪبو رهبو تہ گند ڪونہ ٿيندو.

شاهہ اعظم صاف دل ۾ رهي سگهي ٿو گند واري جاءِ تي شيطان رهندو آهي شيطان خدا جي دشمن وٽ رهندو آهي نہ دوست وٽ فقير ان کي چئبو آهي جيڪو دم سجايا ڪري ۾ دمن جي حفاظت ڪندي جسم مان نڪري پوي. يعني عبد مان الله ٿي پوي.

افسوس انهن مسلمانن جو آهي جيڪي نفس کي گناهن کان نہ ٿا روڪين. ڇاڻي واڻي گناهہ ڪندا ٿا رهن ۾ چوندا ٿا رهن تہ سياڻي اسان کي حضرت رسول الله ڇڏائيندو. نفس کي هٿ بہ مزن کان نٿا روڪين ۾ آخرت ۾ بہ عيش عشرت جا آسرا رکن هوڏانهن حضرت رسول الله فرمايو آهي:

من اراد الدنياً فله اراد الآخرة فله الآخرت من اراد المولى فله المولى

ترجمو: جيڪو دنيا گهرندو تنهن کي دنيا ملندي. جيڪو عقبيٰ گهرندو تنهن کي عقبيٰ ملندي، جيڪو موليٰ گهرندو تنهن کي مولا ملندو.

هڪ هٿ ۾ ٻه گدرا نه ايندا آهن. دنيا ٻه گهرن عقبي ٻه گهرن ۽ موليٰ ٻه ملين ائين ڪڏهن ڪو نه ٿيندو حضور پر نورﷺ جن ذات ذولجلال جي مرضي جي خلاف ڪو ٻه ڪم ڪونه ڪندا هئا. ٻي فرمان بندي جي دوزخ ۾ وڃڻ سبب ڪين ذور ٻه ڏک ڪونه ٿيندو. چاڪاڻ ته پاڻ مڪمل هدايت ٻڌائي چڪا آهن. هر هڪ طالب کي ذڪر وٺڻ ڪانپوءِ ٻه ٽي سال سيني پنهنجي ۾ نظر ۽ ڌيان ڪرڻ گهرجي ۽ ڪيس مراقبو ڪرڻ کپي. ڇو ته هر هڪ ماڻهوءَ جي دل تي غير جي ڪارهن هوندي آهي. اها جلدي نه لهندي آهي.

عام ٻي حاصل صوفي طالب کي ذڪر ڪرڻ وقت سندن صورت جو تصور رکڻ لاءِ چوندا آهن. حقيقت ۾ اها بت پرستي آهي. جيڪو طالب پنهجي سيني ۾جنهن ٻه صورت جو تصور ڪندو ته ان تي عاشق ٿي پوندو ۽ خدا وسري ويندس جيڪو شرڪ آهي. تکي ذڪر هلڻ سان از خود دل ۽ خيال ۾ ڪامل مرشد جي صورت پيدا ٿيندي آهي، اُها صورت سچي آهي ۽ طالب کي فائدو ڏيندي آهي. مگر ناقص مرشد جي صورت شيطان مثل آهي. عالم اهو آهي جيڪو پاڻ سڃاڻي مگر پي ايچ ڊي ڪرڻ وارو عالم نه آهي. جيستائين نفس سان ياري اٿيئي ته خدا سان دشمني ڇاڻ نفس سان دشمني ڪر ته الله سان دوستي ٿي پويئي نفس لاءِ بک ائين آهي جيئن آدمي لاءِ هيرو ڪائڻ نفس سان جنگ ڪرڻ وارو خدا وٽ مقبول آهي. عين ۽ غين جي ساڳي صورت آهي مگر نقطئه جو فرق آهي. فقير عارف الله جا قاصد آهن خدا جي خلق کي الله جو پيغام ٿا پهچائين. جيڪو چاهي ته ٻڌي جيڪو نه چاهي ته نه ٻڌي .عارفن هڪ اکر پڙهيو ته ٻئي جهان پڌر تي ٿي پين. فقير کي ملامت جو شوق ٿيندو آهي ۽ بادشاهه کي شڪار جو عشق الاهي وارو فقير اديب آهي. چاڪاڻ ته ادب ٻه عشق ٿو سيکاري. جيڪو روح وانگر پاڪ ۽ نفساني غلاظتن کان صاف آهي سو فقير آهي. خدا کان سواءِ ۽ ٻئي ڪنهن سان ٻه محبت نه رکڻ وارو ئي فقير آهي ۽ اهو ئي تصوف آهي. دل ذڪر سان صاف رکڻ خلق جي محتاجي کان پري رهڻ

نفس سان مخالفت ۽ دوستي. ٺهراءُ نہ ڪرڻ ڪشف ۽ ڪرامتن کان دور رهڻ، روح جي حقيقت معلوم ڪرڻ، اسم اعظم ذريعي جسم مان نڪرڻ. جنهن لاءِ سارو جهان سڪي ٿو سو ٿي پوڻ جو نالو فقيري آهي. ماڻهن فقيري مئن کان ورتي تڏهن جيئرا نہ ٿيا. اسان فقيري جيئرن کان ورتي تڏهن جيئرا ٿي پياسون ۽ بقا حاصل آهي. ڪڏهن بہ ڪونہ مرنداسون. فقيري جا پنج اصول آهن. (1) خلوت درانجمن يعني ڪچهري هوندي اڪيلو هجڻ. (2) سفر در وطن يعني گهر ۾ بہ مسافرن وانگر رهي. (3) هوش دردم، يعني دم جي ذڪر ۾ خيال هجيس، (4) نظر در قدم يعني نظر پيرن ۾ هجيس (5) ياد ڪرد باز گشت، يعني خدا جي ياد هميشہ رهي ۽ ڪڏهن بہ منهن نہ موڙي جيڪو الله جي پنڌ ۾ جان قربان ڪري ان کي ڪاهوڙي چئجي. جنهن جي دل الله جي ذڪر سان روشن آهي تہ ان جو وجود بہ روش هوندو. دم وارو ساز سپني سازن جو سردار آهي. سنڌ جي فقيرن جي فقيريءَ ۽ منظوري حضرت قلندر شهباز جي هٿ ۾ آهي. جنهن کي منظور فرمائيندو تہ اڳ ۾ ان کي پاڻ منهن ڏيکاريندو فقير جو رايو ۽ راضپو درياهہ وانگر آهي سُج ڏانهن لڙي پوي تہ آباديون ٿي پون. آباديءَ کان مٿ ڪري تہ برباديون ٿي وڃن فقير جي انتها اها آهي تہ هر صورت ۾ پاڻ کي ڏسي

## خوديءَ جي حقيقت

پاڻ کي پانئڻ ۽ سمجهڻ، هئڻ ۽ هستي ڪرڻ کي خودي چئبو آهي. خودي ٻن قسمن جي آهي.(1) نفساني خودي (2) رحماني خودي. نفساني خودي پاڻ پانئڻ کي چئبو آهي. جو چئجي آءٌ بہ آهيان ۽ الله تبارڪ وتعاليٰ بہ آهي. اها دوئي ۽ نفساني خودي آهي. عام خلق ان ۾ گرفتار آهي. اهڙا آدمي قبر جا قيدي آهن. اها خودي پليد آهي.طالب مرشد کان ذڪر وٺي دل ۾ ڪمائيندو تہ نفساني خوديءَ نابود ٿي ويندي. جنهن کان پوءِ رحماني خودي پيدا ٿيندي آهي. اها خودي طالب کي ذڪر الاهي وسيلي نفساني

خوديءَ تان دست بردار ڪندي آهي، پوءِ اهو آدمي پاڻ کي اصل موجود نہ سمجهندو آهي. فقط ذات حق پاڪ کي موجود سمجهندو آهي.

اها پاڪ خودي آهي. هر هڪ آدميءَ کي غفلت سبب نفساني خودي آهي. اسم اعظم ڪانسواءِ رحماني خودي ڪانہ پيدا ٿيندي آهي. جنهن سان هو نفساني خوديءَ مان جند ڇڏائي سگهن. ان رحماني خوديءَ کي بيخودي بہ چئبو آهي. جنهن سان فقير عارف من خدايم جو نعرو هڻندا آهن. جيئن شاهہ منصور، شيخ عطار، سچل سرمست، بيدل بادشاهہ شمس الحق تبريزءِ ٻين ڪيترن ئي من خدايم جو دم زنيون هنيون آهن مگر عام خلق، جن جون روحاني اکيون بند آهن تن کين نہ سڃاتو. تڏهن کين ڪونہ سڃاتائون . ڪن کي شهيد ڪيائون ڪن جي کل لهرايائون ۽ ڪن کي تعذير ڏيکاريائون.

جِنُ بہ آدميءَ سان ڳالهائي سگهي ٿو. مگر خداوند ڪريم جو انسان سان ڳالهائڻ کي نہ ٿا مڃين. عام خلق انڌي آهي. الله تہ هر جاءِ تي موجود آهي ۽ فاينما تولو فثم وجهہ الله آهي. جيڏانهن منهن ڦيرايو ٿا تيڏانهن الله اوهان کي سامهون آهي. ونحن اقرب وارو الله زمين ۽ آسمان ٺهڻ کان اڳ بہ موجود هو ۽ هاڻين بہ موجود آهي ۽ هميشہ موجود رهندو. سندس ابتدا جي ابتدا ڪانهي ۽ نہ سندس ڪا انتها ڪانهي ۽ نہ سندس ڪاانتها ئي آهي. هو ازل ۽ ابد کان بلند ۽ برتر آهي. اکيون تہ هر هڪ کي آهن مگر انهن ماڻهن کي شهوت جي لذتن ۾ مزن انڌو ڪيو آهي. پوءِ جيڪو پنهنجون اکيون پاڻ وڃائي تہ ان ۾ ٻئي ڪنهن جو ڪهڙو ڏوهہ اصول آهي تہ جيڪي پوکبو سو لڻبو. جيڪو پوکيندو ئي نہ تہ لڻندو وري ڇا؟ سيد اهو آهي جيڪو عرش عظيم جو واقف هجي ڇاڪاڻ تہ ساداتن جو اصل وطن ئي اهو آهي.

طالب کي هر نشي کان پري رهڻ کپي. کين گهرجي تہ پنهنجون اندريون عادتون گهٽائي ڇڏين ائين نہ ٿئي جو پاڻ ۾ ٻاهريون عادتون بہ وجهي ڇڏين. مراقبہ وقت طالب کي هيٺ ويهڻ گهرجي. ڇو تہ هيٺ ويهڻ

سان نفس ذليل ٿيندو آهي ۽ روح  کي طاقت ملندي آهي. پهلواني اها نہ آهي تہ ڪو وڏو بار کڻجي يا ملهہ دسي وڃجي. پهلواني تہ اها آهي تہ نَوَن ئي آسمانن مان مٿي لنگهي وڃجي. عبد مان الله ٿي پئجي. طالب اهو آهي جيڪو ذڪر تہ ڪثرت سان ڪري مگر حوران ۽ بهشت نہ گهري صرف ڪائنات جي خالق جي ديدارجي تمنا دل ۾ رکي. روح بادشاه آهي مگر هن جسم جي قيد ۾ پيل  آهي. ڪيس نفساني خيالات ۽ هوسات جا ڳجها زنجير پيل آهن. جڏهن لاجي ترار سان اهي ٽوڙي وڌائين تہ پوءِ هي نون ئي آسمانن مان اڙيو ڪو نہ رهندو. صوفي اهو آهي جيڪو دم بہ قضا نہ ڪري. اٿندي ويهندي گهمندي ڦرندي سندس خيال سدائين ذڪر ۾ هجيس نفس سان جنگ هجيس سڏائي تہ سڀڪو صوفي ٿو مگر حقيقي صوفي ڪروڙن مان ڪو هڪ هوندو هي ساروجهان مان جو ماريل آهي.

**بيت**

“مئين  ماريا  جڳ  سارا

مئين  ڪون  ڪنهين نہ  ماريا ”

جنهن کي نفس ماري وڌو سو خاڪ ٿيندو. جنهن پنهنجي نفس کي ماريو سو بي باڪ ٿيو. جنهن کي جيڪي ڪم ڪار ڏينهن جو هوندا تہ رات جو ساڳيا خيالات خواب ۾ پيو ڏسندو. هن بوتي ۾ نفس ڪتو ۽ روح ملائڪ گڏ وينا آهن. هر هڪ پنهنجي طرف ٿو تاڻي. جنهن هن نفس ڪتي کي پاليو تہ هي ڪيس ضرور پنهنجي گهر يعني تحت الثريٰ واري گهر ڏانهن وٺي ويندس. جيڪڏهن روح ملائڪ کي پاليائين تہ هو وري نفس ڪتي کي اتي ماري ڦٽو ڪري پنهنجي اصلي ملڪ عرش عظيم ڏانهن وٺي ويندس. ساري جهان ۾ فقيرن کان سواءِ ڪندي ان ڪتي مان جان نہ ڇڏائي آهي، گهڻي خلق کي اهو ڪتو پنهنجي ڏر يعني دوزخ ڏانهن گهليون ٿو وڃي. جيڪو پاڻ کي وساريندو تہ الله انکي ياد ڪندو آهي. ڏٺو

دوزخ جا اُلا وسائيندو آهي ۽ بک نوراني برسات وسائيندي آهي. هي وجود هڪ بنگلو آهي. جنهن بنگلي ۾ روشني جو بندوبست نہ هوندو آهي تہ ان ۾ اونداهي ۽ بنگلو خالي هوندوآهي اهڙي طرح جنهن وجود ۾ ذڪر الاهي جا ڏيئا نہ ٻرندا هوندا تہ اهو وجود بہ اونداهو هجڻ ڪري جلد ويران ٿي ويندو آهي. هي وجود الله جي آڏو جبل وانگر هڪ آڙ آهي. اگر تون بہ لا جي کهاڙي سان ان آڙ "وجود" کي ڀڃي وجهندين تہ الله پڌر تي ڏسندين سڀ ڪنهن انسان ۾ ظاهري ۽ حقيقي وجود آهي تڏهن تہ انسان دنيا. جا ڪاروبار ٿا هلائين، نہ تہ هي بوتو ڪڏ جي اڇلائڻ جي لائق آهي. هن وجود جو پورو ڀانڊو جيڪڏهن سڏن کان خالي ڪندين تہ هيرن ۽ لعلن سان ڀرپور ٿي پوندءِ. آدمي هن وجود کي ڏسي حيران ٿي ٿا پون جيڪڏهن روحانيت جي حسن کي ڏسن تہ جيڪر ڪائڻ پيئڻ بہ وسري وڃين.

ڊئونار ۽ بُک نور آهي.سڀ هوسان ۽ سڏان ڏوَمان پيدا ٿينديون آهن. بک سان سڀ سڏون ختم ٿي وينديون آهن ۽ صرف الله ياد ايندو آهي. ڀنگ ۽ شراب پيئڻ هر گمراهي جو منڍ آهي. هر هڪ نشو الله جي ذڪر کان گمراهہ ڪندو آهي. جيڪڏهن دل کي اسم اعظم سان طواف ڪبو تہ الله اثبات ٿيندو. عام لفظ اعميٰ مان نڪتل آهي. جنهن جي معنيٰ آهي انڌو. جنهن هن حياتي ۾ الله نہ ڏٺو سو قيامت جي ڏينهن بہ انڌو هوندو. مَنْ فِي هٰذِهِ الاعمیٰ فَهُوَ فِي الآخِرَةِ اعمیٰ (القرآن) جنهن جو اکيون هن حياتيءَ ۾ انڌيون آهن سي قيامت جي ڏينهن بہ نور واريون ڪين ٿينديون. مسلمان تيستائين نالي ۾ مسلمان آهي جيستائين اسم اعظم وسيلي هن وجود مان نٿو نڪري . جيڪو بہ هن طرح پنهنجي وجود مان نڪتو تہ حقيقي مسلمان آهي اهو ئي معراج ماڻيندو ۽ معنيٰ جي ملڪ جو مالڪ ٿيندو. عاشق ۽ عارف وحدانيت جي حالت ۾ انا الحق جو دم هڻندا آهن. ان وقت مٿن بيخودي جو نشو هوندو آهي. نفساني هستي نہ هوندي اٿن اها حقاني هستي آهي جيڪا سچي آهي. جيئن حضرت موسيٰ عيلہ السلام سان خدا وڻ مان ڳالهايو هو تہ موسيٰ اني اناالله. جنهن تي هرڪو اعتبار ٿو ڪري.

مگر جيڪڏهن اهو ساڳيو الله تعاليٰ ڪنهن پاڪ دل مان آواز پيدا ڪري ٿو وجهي تہ رسمي مسلمان جهيڙو ٿا ڪن. مگر افسوس جو اهي جِنَ جو اثر بہ قبول ٿا ڪن. مگر نعوذ با الله ڇا خداوند ڪريم ڪي جن جيتري بہ قدرت ڪانہ آهي. مگر جنهن جسماني آزادي، معراج مشاهدي ڪان سواءِ من خدايم جو نعرو هنيو سو ڪافر آهي. ڪوڙي تہ الله جي لعنت آهي .لَعُنتَ اللّٰہ عَلی الکَاَذِبِینَ۔

مطلوب يعني مرشد جو مثال ان باغائي وانگر آهي جيڪو صوفي ٻير جي اک ڪنهن ڪٽيءَ ٻير ۾ هٽندو آهي تہ ان مان مٺا ٻير ٿيندا آهن. اهڙيءَ طرح ڪامل مرشد بہ هڪ ويران دل ۾ اسم اعظم جي اک لڳائيندو آهي ۽ مالڪ سنڀال ۽ حفاظت ڪئي. نفساني سڌن جا اٺ ٽڙيائين تہ ان مان معرفت جا ميوا پيدا ٿيندا. سرهاڻ جا گل ٽڙندا. ٻيا بہ ڪيترائي ان مان فيضياب ٿيندا. حفاظت نہ ڪيائين تہ ميوا تہ بجاءِ خود مگر ٿاري ئي ختم ٿي ڪاڇي ويندي.

جيڪو ماڻهو سي ايس پي جو امتحان پاس ڪندو آهي تہ هو اهو ڪمشنر ليکبو آهي سندس اصلي نالو لڪي ويندو آهي. اهڙي فقيريءَ جا بہ چار درجہ آهن. (1) فنافي الشيخ (2) فنا في الرسول. (3) فنا في الله (4) بقا با الله.اهو الله اثبات ڪرڻ جو علم آهي. جيڪو بہ اهو علم عشق جي يونيورسٽي مان پاس ڪندو تها هو آدم مان الله ٿي پوندو. سندس نالو ۽ نفساني هستي حق جي هستيءَ ۾ گم ٿي ويندا. نسورو ئي نور ٿي پوندو.

**بيت**

بُندُ ڪهڙو بہ باهہ ۾ جي ٿا وجهو. عين آتش ٿي پوي ٿو ٿا ڏسو
جنهن ڏنو الله سو الله آهي، جو گهڙيو منجهہ باهہ سوئي باهہ آهي

جيڪو فقير هن جسم جي قيد مان جيئري نڪتو تہ ان جو آستانو عرش عظيم آهي هي وجود روحانيت جي پوشاڪ آهي ماڻهو ان پوشاڪ تي بہ حيران ٿيو پون جيڪڏهن هن روح جي اصليت ڏسن تہ ٻئي پاسي

ڪونہ نيھارن آدمي ڪي ھي وجود آللہ جي ڏسڻ لاءِ عطا ٿيو آھي. جنھن ھن وجود ھوندي بہ اللہ نہ ڏٺو تنھن ڪجھہ بہ نہ ڏٺو. روحاني اکيون بہ اللہ جي ڏسڻ لاءِ آھن. جنھن انھن اکين سان بہ اللہ نہ ڏٺو تنھن بہ ڪي ڪين ڏٺو ھي ڪن عرش عظيم جي گفتار ٻڌڻ لاءِ آھن. جنھن انھن ڪنن سان الھامي گفتار نہ ٻڌي سو ٻوڙو آھي. جنھن زبان وحدانيت جي گفتار نہ ڪئي اھا زبان وڍيل پلي آھي. ان ڪان ڪتي جي زبان چڱي آھي پچو تہ اھو مالڪ جي در تي پوئڪي تہ ٿو جنھن سر ذات حق ڪي روحاني سجود نہ ڪيو آھي سر ۾ بوتو سوليءَ تي لٽڪيل پلو. جيڪي پير حق جي رستي تي ھلڻ ڪان لاچار آھن اُھي پير وڍيل پلا. جنھن جي سيني ۾ محبت الا ھي نہ آھي سو ٻرندڙ ڪوڙي ۾ سڙيل چڱو.

ھن وجود ۾ تي روح آھن. (1) روحق مقدس، جيڪو دم جي حفاظت ڪري (2) روح منزه جيڪو ننڊ ۾ نگھباني ٿو ڪري، (3) روح مقنس جيڪو ھن وجود جو نالو آھي، ھن ڪي مقناطيس روح بہ چئبو آھي، جيئن لوھہ ۾ مقناطيس جي پاڻ ۾ ڪشش ھوندي آھي. ان طرح ئي ٻئي روح پاڻ ۾ ھڪٻئي ڏانھن مائل ھوندا آھن. مگر ٻنھي ڪي ڪوشش ڪان بچائي رکڻ پر ھيزگاري آھي.

قرآن ڪريم ۾ آھي تہ جنھن پنھنجي نفس ڪي سڌن ڪا قابو ۾ رکيو تہ اھو ڪامياب آھي " وَمَن يُوقَ شُحَّ نَفْسِهٖ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُونَ. ظاھر باطن عشق شھنشاھہ جي حڪومت آھي. مگر پاڻ ان ظاھر ۾ باطن ڪان نرالو آھي. ان ڪاروبار ھلائڻ لاءِ ملازم مقرر ٿيل اٿس، سموري انتظام لاءِ ھڪ وزير اعظم ٻيو. نائب وزير اٿس جنھن جو نالو احمد بہ آھي محمود بہ آھي، ٽيون دفتردار آھي ساري جھان جو دفتر ان جي ھٿن ۾ آھي. ان جو نالو شاھہ مردان ۾ لقب شير يزدان آھي. چوٿون صوبيدار اٿس جيڪو بالا حڪام موجب ڪم ڪندو آھي. جنھن جو نالو عزرائيل آھي.

صوفين جا بہ قسم آھن. (1) معنيٰ جا صاحب (2) ماني جا مل. معنيٰ وارا صاحب صوفيءَ سمنڊ جي مڇي مثل آھن ۾ ماني وارا گلوئي مثل آھن

سمنڊ جي مڇي کي ڪير بہ سولائيءَ سان شڪار نہ ٿو ڪري سگهي. مگر گلوئي صرف ٻر مان ٻوٽ ٻاهر ڪيندي تہ ڪوئا مار باز جهٽ ڏيئي ڪٽي ويندس. انهن لاءِ باز عزرائيل آهي. معنيٰ وارا صوفي عزرائيل کان سَوَ ڪوهہ پري معنيٰ واري ڪن ۾ وجي غرق ٿين اتي عزرائيل جي پهچ ئي ڪانهي، ان ڪري انهن تي موت ئي ناهي.

اسم اعظم عرش عظيم جي ڏاڪڻ آهي جيڪو ان ڏاڪڻ تان چڙهي ويو تہ ان جي رهڻ جي جاءِ عرش عظيم آهي. مڙس اهو آهي جنهن پاڻ کي طواف ڪيوان جو ڪير بہ مٽ نہ آهي جيڪو سِپَ ڳوليندو سوئي موتي لهندو. جيڪو سِپ تائين نہ پهچندو اهو موتي ڪيئن لهندو. ماني لاءِ حيران ڇو آهيو. جانورن کي جهنگ ۾ پکين کي هوا ۾ رزاق روزي ڏئي ٿو. اوهان جو الله تان اعتبار ڀڳل آهي ڇا؟ دونهون ڏسڻ ۾ تہ اڇو هوندو آهي پر شين کي ڪارو ڪندو آهي.ائين سڏون بہ ڏسڻ ۾ چڱيون هونديون آهن مگر دل کي ڪارو ڪري ڇڏيديون آهن.

جنهن اسم اعظم لاءِ ملان ۽ قاضي حيران آهن اهو عشق شهنشاهہ اسان فقيرن کي عطا ڪيو آهي. ڪل ذڪر پنج آهن. چار ذڪر نور جلال مان آهن هڪ ذڪر نور جمال مان آهي انهي ڇئني ذڪرن سان نفس نہ مرندو آهي، صرف نور جمال واري ذڪر سان مرندو آهي، نور جلال باهہ آهي ۽ نور جمال پاڻي آهي، نفس بہ باهہ جو ٺهيل آهي. نور جمال مان ذڪر نفي اثبات آهي. جيئن باهہ کي پاڻي وسائيندو آهي. تيئن ذڪر نفي اثبات نفس کي ناس ڪري ڇڏيندو آهي. جيڪو بهشت لاءِ ٿو عبادت ڪري سو پنهنجي نفس جو مزدور آهي جيڪو عبادت خدا لاءِ ٿو ڪري سو اهو خدا کان غير واقف آهي. ڇو تہ خدا تعاليٰ عبادت کان بي نياز آهي جڏهن تون شهر مان گذرين تہ ماڻهن جو آواز تنهنجي ڪن تي نہ پوي ڪچهري ۾ بہ اڪيلو هج.

ٻانهي ۽ خالق جي وچ ۾ آسمان عرش ڪرسي حجاب نہ آهي. صرف پاڻ ڀانئڻ حجاب آهي. جيڪو پيٽ پري ڪائيندو سو هميشہ بکيو رهندو.

جيڪو ڪنهن انسان اڳيان هٿ ٽنگيندو اهو هميشہ محروم رهندو. توڪل وارا اوقاتي آهن. توڙي باهہ ۾ گهرندا تہ بہ خبر ڪانہ پوندن. توڙي ترار جو ڌڪ هٽبن تہ بہ زخم ڪو نہ ٿيندن. پيٽ خالي رکڻ جوانمردي آهي. جنهن هن کي سڃاتو تنهن جو ڪم باريڪ آهي جنهن نہ سڃاتو تنهن جو رستو تاريڪ آهي. پيٽ پري کائڻ سان حڪمت نہ رهندي آهي، ماٺهو ننڊ جسم لاءِ ۽ دماغ لاءِ سڪون سمجهندا آهن پر اسان لاءِ اوجاڳو سڪون آهي. اڌ رات ڪانپوءِ اٿي ويهہ تہ تنهنجا سڀ ڪم نيڪ ٿي ويندا. ڏُن جي مٿان بهشت ۽ هيٺان جهنم آهي. نفس جهڙي دشمن سان دوستي نہ رک شيطان جهڙي مڪريل سان متان محبت ڪرين.

تصوف جي معنيٰ آهي حق جي نصيب لاءِ نفس جا سڀ نصيب ترڪ ڪرڻ، جاهل جي دنيا ترڪ ڪرڻ ڪان عاقل جي دنيا طلبي چڱي آهي. دل بي انت درياهہ آهي. جڏهن اهو درياهہ حق سان پربو تہ اتان نور اٿلي عضون تي پوندي اگر اهو باطل سان پربو تہ ان اونداهي اٿلي عضون تي پوندي درويش اهو آهي تہ ڪير بہ وٺس وجي تہ خالي نہ موٽي ۽ نا اميد نہ ٿئي عارف اهو آهي جيڪو ٻنهي جهانن ڪان آسرو پلي وجي ڪيس دم دم سان هزار تجليون ظاهر ٿين ۽ هڪ وک سان عرش عظيم ڪان بہ مٿي هليو وڃي ۽ ٻئي قدم سان واپس موٽي اچي.

اهو وڏو بادشاهہ حضرت رسول الله وارو پهريان پائي آيو. جنهن ٻہ رستا ٻڌايا.(1) خاصن وارو رستو جنهن ۾ دم ذڪر ڪان خالي نہ هجي، فوت الانفاس قتل الانبياءُ (ترجمو) جنهن دم قضا ڪيو تنهن ڄڻ نبي شهيد ڪيو.(2) عامن وارو رستو. جنهن ۾ نماز. روزو،حج، زڪوات ۽ خيرات جو تاڪيد ڪيل آهي.

اسان جا اول آخر ٻنهي جهانن ۾ ٻارهن امام ۽ چوڏهن معصوم اڳواڻ ۽ رهبر آهن. جيڪي اهلبيت پاڪ آهن. اهي امام العارفين آهن انهن جي مدد ڪانسوا ڪو بہ عارف باالله نٿو ٿي سگهي، حضرت امام حسن عليہ السلام ۽ حضرت امام حسين عليہ السلام اسان جا وسيلا ۽ جنت جي

جوانن جا سردار آهن. انهن شهيدن جو ماتم هميشہ ڪرڻ گهرجي، خاص ڪري تيرهين محرم تائين. شريعت موجب دل حاضر هجي يا نہ نماز جائز آهي. طريقت موجب دل حاضر نہ هوندي تہ نماز جائز نہ آهي. علي ۽ احمد هڪ آهي مگر بيائي وارن لاءِ ٻہ آهن. علي مان مراد ولي آهي. عام ماڻهن جي نماز پنج وقتي آهي فقيرن جي نماز دم دم سان هوندي آهي عام ماڻهو خيالات کي اڳيان ٻيهاري سجدو ڪندا آهن مگر فقير الله کي روبرو سجدو ڪندا آهن، نمازي ويچارا بهشت لاءِ پاڻ ٿا پتوڙين تہ جيئن ميوا ۽ ستر حورون ملن. هت تہ هن ڪان هڪ عورت بہ راضي نہ ٿي ٿئي. هت تہ ستر حوران بهشت وارن کي ڏاڙهي کوهي پٽ ڪري ڇڏينديون.

روزو ٻن قسمن جو آهي (1) عام روزو (2) خاص روزو. عامن لاءِ صرف رمضان مهينو روزا رکي باڪي يارنهن مهينا کائيندو پيئندو عيش ڪندو وتي. خاص روزو آهي ٻئي جهان ترڪ ڪرڻ، دنيا خواه عقبيٰ جي لالچ ڇڏي ڏيڻ. دنيا جي محبت سان دل مري ويندي آهي. زنده دل ڪان شيطان بہ ڊڄندو آهي. شيطان کي ڏوهي ڪيئن چئجي انسان ڪل عقل آهي برايون ڪن پاڻ ۽ ڏوهہ وري شيطان تي ڏين نماز ۾ نياز ۽ زاري اهڙي ڪجي جو نيزو لڳي تہ بہ خبر نہ پوي نيڪي بدي خدا جي طرف ڪان آهن پر نيڪي نيڪن هٿان ۽ بدي بدبخت هٿان ٿيندي آهي فقير سان هڪ گهڙي صحبت ڪرڻ هزار ورهين جي عبادت کا ڀلي آهي.

”يَک زَمانہ صحبت با اُولِيا، بَهتر ازُ صد سال طاعت بي رياءُ

من اَرادَ اَن يجلس مَعَ اللهِ فَلَيجس مَعَ اَهل تَصوفُ (حديث)

ترجمو: جيڪو چاهي تہ مان الله سان صحبت ڪريان ان کي گهرجي تہ هو صوفي فقير سان صحبت ڪري گويا الله سان صحبت ڪيائين

بندي جي الله سان هيڪوٽي محبت هوندي تہ الله جي ساڻس ڏهوٽي محبت هوندي، عورت تي عاشق ٿي کيس راضي ڪندين تہ هوءَ توکي پيشاب واري جاءِ ڏيکاريندءِ الله تبارڪ وتعاليٰ تي عاشق ٿيندين تہ هو توکي پنهنجو ديدار ڪرائيندءَ الله ڪنهنجي ڪمائي ضايع نٿو ڪري پر بندا

پنهنجي ڪمائي پاڻ ٿا برباد ڪن. دل بادشاهہ جو تخت گاهہ آهي اتي ڪنهن بہ نامراد لچ ۾ بيقدر ڪي اچڻ نہ ڏيو متان بادشاهہ ڪاوڙجي پئيوَ. قلب المومنين عرش الله تعاليٰ، حاجي ڪعبتہ الله جو طواف ڪندا آهن مگر ڪعبتہ الله وري فقيرن جو طواف ڪندو آهي.

جيڪا شيءَ هٿ ڏنل هوندي تہ هٿ بہ ليپي پوندي، ان مان مراد شافع محشر آهن جي هٿ ڏنل هوندا تہ محشر جي ميدان ۾ ايڏي وڏي ميڙ ۾ ڪيئن وجي جان ڇڏائڻ لاءِ ڪين منٿون ڪبيون. تنهن ڪري ڪوشش ڪري هٿ ئي ڏسڻ لاءِ جهد ڪريو. جيڪو پنهنجي نفس سان جنگ ڪندو سو خدا وٽ پهچندو جيڪو پنهنجي نفس تي خدا ڪارڻ سختي ڪندو تہ خدا جي ڪرامتن ڪي وجهو ٿيندو.

جيڪو ٽن ڳالهين ڪي پسند ڪندو تنهن ڪي موت ويجهو آهي. (1) سنو ڪاڏو ڪائڻ (2) سنا ڪپڙا پائڻ ۽ (3) دنيا دارن سان صحبت ڪرڻ .جنهن الله سجاتو تنهن سڀ ڪجهہ سجاتو. اڪيلائي ۾ هڪ دم ويهڻ بہ عين عبادت آهي ۽ سيني عبادتن کان بهتر آهي ڪوشش ڪر تہ دل سجاڳ ٿيئي. دل اها بيدار آهي جيڪا خدا جي ياد ۾ گم آهي. زبان سان توبہ ڪرڻ زالن وارو مڪر آهي. توبہ اصل اها آهي جو وري گناهہ ڪي ويجهو نہ وڃجي. جنهن فقير پنهنجي تعريف ڪئي اهو فقير نہ آهي پرمڪار آهي.

## باب ٽيون

# الوهيت جا راز

(1) ملڪوت هڪ وڏي رعب واري جاءِ آهي. جڏهن اتي آءُ ويس ته معلوم ٿيو ته اها حضرت مولا علي عليه السلام جن جي تخت جي جاءِ آهي. جنهن جو نالو فنا في الشيخ جي منزل آهي، سو مرشدن جو مرشد ۽ پير مغان آهي. انا مدينته العلم وعليٌ با بها وراي حديث هن جاءِ جي باري ۾ آهي. اها جاءِ الله جي احديت جي آهي.

(2) جڏهن جبروت جي وياسين ته معلوم ٿيو ته ان جاءِ جو نالو فنا في الرسول آهي. ان جاءِ جو دستور ٻي طرح آهي. اُتي حضرت رسول الله ﷺ سان همدم ٿي رهياسون. ان ڪان مٿي چئن مقرب ملائڪن جي رهڻ جي جاءِ آهي الله جل شانه جا خليفا آهن هر هڪ تي عليحده ڪم رکيل آهي. ان ڪان مٿي وياسين. لوح قلم ڏٺوسون ۽ پڙهيوسون. لوح قلم جي پهرين سٽ ۾ جيڪو ڪجهه لکيل هو سو عام ماڻهوءَ کي نه ٻڌائبو چو ته هي ڪتاب سيڪو پڙهندو ۽ راز ظاهر ٿي پوندو. مگر جيڪو طالب اچي پڇندو ته ان کي ضرور سمجهائبو. جيڪو فقير جي درتي دلي طرح خدمت ڪندو ۽ جڏهن ڪيس لائق سمجهوسون ته ان کي ان وقت سمجهائينداسون.

عرش عظيم کي عليين چئبو آهي. جڏهن عرش تي وجي ڏٺوسين ته هيءَ جاءِ ته اسان جي آهي اتي ڪرسيءَ ته به مان ويٺل هُيس. هڪ دفعي ڪنهن پڇيو ته عرش به مان ڪرسي به مان بهشت به ته دوزخ به جبرائيل به مان ته عزرائيل به مان ته اسرافيل به مان ته ميڪائيل به مان. آدم ۽ نوح به مان ادريس ۽ ابراهيم به مان موسيٰ به مان ته عيسيٰ به مان ته محمد به مان آدم ڪان اڄ تائين به مان آهيان ٻيو ڪير آهي. اهو ٻڌي پڇڻ وارو وائڙو ٿي

ويو۽ چوڻ لڳو تہ سندس عقل گم ٿي ويو آهي. ان وقت اسان تي مستيءَ جو حال طاري هو.

روايت آهي تہ ڪنهن فقير کان پڇيو تہ توهان جي عمر ڪيتري آهي. فقير چيس تہ زمين آسمان سج چنڊ کان اڳ هئاسون. اسان جي عمر جو آند پاند ئي ڪونہ آهي. اسان کي الله ڏسڻ جو اصل شوق ڪونہ هو مگر الله کي منهنجي ڏسڻ جو شوق جاڳيو. نو سال آءٌ الله جو آئينو هئس هينئر چاليهہ سال ٿيا آهن تہ مان پاڻ پنهنجو آئينو آهيان.

هڪ دفعي اسان کي ٻڌايائون تہ جيڪو اسان کي گهري، اول پنهنجي نفس کي بدڪار عورت جي طلاق وانگر ڏئي پوءِ اهو اسان جي ذڪر ۽ ديدار جو لائق ٿيندو. عاشق جي قيمت جان جلائڻ مان ٿيندي آهي. عشق جو جام بهشت جي حورن قصورن کان بهتر آهي. دنياجي دوستيءَ مان غرور پيدا ٿيندو آهي. عارف جي صحبت مان حق جو نور پيدا ٿيندو آهي. بيواهو ٿيءُ تہ واهہ لهين ننڍڙڪو ٿيءُ تہ ڏٽڪو ٿئين جيڪو خدا گهري تہ اهو خلق کان پري پڇي نفس. جو علم مماتي آهي. عشق جو علم حياتي آهي. صوفي لاءِ آرام توحيد آهي طالب جو ذوق ذڪر سان آهي. عارف جو شوق فڪر سان آهي. فڪر هت نہ پيدا ٿيندو مگر معراج کان پوءِ ست ئي طبق آسان ٿيندا. جيڪو پاڻ کي وساريندو تہ الله کيس ياد ڪندو. صوفي لاءِ عشق جي ملامت سلامتي آهي. جيڪو الله کي الله سان ڏسندو سو هميشہ جيئرو رهندو. مگر جيڪو الله کي پاڻ سان ڏسندو سو مري ويندو. صوفياءَ ڪرام کي عبادت فرض آهي جيستائين عين اليقين ٿين. وَعْبُدْ رَبَّکَ حَتّیٰ یَاْتِیَکَ الْیَقِین. کانپوءِ سندس عبادت بيهي ويندي. ڇو تہ ذڪر مذڪور يعني خدا لاءِ ڪبو آهي. ذڪر سڏ آهي خدا کي. جنهن مهل مذڪور ظاهر ظهور گڏ اچي ٿئي تہ پوءِ سڏ ڪنهن کي ڪبو. خدا سڃاڻڻ لاءِ انڌو ٻوڙو ۽ گونگو ٿبو تڏهن کيس سڃاڻبو. زبان سان ڳالهائبو تہ ذڪر ڪونہ ٿيندو. تنهن ڪري ماٺ ڪبي يعني گونگو ٿبو. ڪنن سان عام ڳالهيون ٻڌبيون تہ بہ

خيال متجي ويندو. اکين سان ٻيون شيون ڏسبيون تہ بہ خيال ڇڪجي ويندو. تنهنڪري ڏسڻ کي بہ روڪبو يعني انڌو ٿبو تڏهن خيال خدا ڏي رجوع ٿيندو. اها آهي انڌائي ٻوڙائي ۾ گونگائپ. صوفي اهو آهي جيڪو ذڪر سان نفس کي فنا ڪري. آسمانن تي هڪ جاءِ آهي جتي نفس کي ڪهاڻو پوندو آهي. ستر هزار پيرا مرندو ۽ وري جيئرو ٿيندو. پوءِ بقا لهندو.

معرفت ٽي حدون پري آهي. نماز پڙهڻ واري وقت مون کي جٽيو ٻڌل هو. ڪوشش ڪيم تہ ڇجي مگر نہ ڇڳو. ويتر ٿلهو ٿيندو ويو. پوءِ مرشد هاديءَ جي منهن پياسين جنهن اسم اعظم جو رستو ڏسيو. پوءِ اسم اعظم سان عشق شهنشاهہ اهو جٽيو ڇنو. هڪ دفعي ذات حق کان پڇيوسين تہ توهان سان ڪيئن ملجي چيائين تہ پاڻ ڦٽو ڪرِ تہ اسان وٽ پهچندين. بلها شاهہ فرمايو آهي تہ،

" بليا رب دا ڪيوين پاوڻا _ايڌون پٽڻا اوتي لاوڻا "

ماڻهو منهنجي بوتي جي وهٽ گڏهہ کي ٿا ڏسن جيڪڏهن منهنجو اصلي حسن ڏسن تہ سڀ سجدي ۾ ڪري پون. مگر هي بوتي تي پليل آهن. نہ تہ مان تہ اعليٰ ذات آهيان وچ ۾ فولاد تہ آهيئي ڪونہ. هي جيڪو ظاهري فولاد ڏسو ٿا سو تہ موئيرو آهي. جيئن ڳئون جي اڳيان مئل گابي جي کل لاهي ڪائين جو ٽنگون وجهي موئيري جي مٿان اٿو هاري ڳئون ڏهبي آهي. هي ظاهري فولاد بہ ائين آهي.

الله آدمي کي چوي ٿو تہ يا ٻانهو ٿيءُ يا مان جهڙو ٿي پئو انهن ٻنهي ڪمن مان جيڪو ڪري سگهين سو ڪر اسان بہ ٽيهہ ورهيہ ٻانهپ ۾ هياسين ربوبيت جي ڪوشش ڪئي سين. پوءِ مرشد هادي سبق ڏنو پوءِ نو ورهيہ سبق سان رهياسين، آخر نائين سال جي پڇاڙيءَ ۾ اسم اعظم وٺي وڃي الله ڪيو.

جيڪو ماڻهو الله کان گمراهہ آهي تہ سندس ظاهر واري حياتي بہ دوزخ ۾ آهي. جنهن ڏسڻ ڪانسواءِ الله جو نالو ورتو سو علم اليقين آهي.

جنهن الله ڏٺو سو سندس نالو ساري عمر نہ وٺندو ۽ نہ عبادت ئي ڪندو ان کي نالو وٺڻ ڪفر آهي. مگر نالو ورتائين بہ تہ روئي ڏيندو. نالو وٺڻ ٻيا ئي آهي جيڪو پاڻ الله ٿي پيو ڪيس نالي وٺڻ جو ڪهڙو ضرور ڇو جو گناهہ آهي، مگر ڳالهہ ڪندي عبادت ۾ نالو وٺندو.

مثال مثنوي جلال الدين روميءَ پهريون نالو ئي نہ ڪنيو آهي.

**بيت**

بشنو از نئی حکايت چون کند، واز جدائيهآ شکايت ميکند

يعني ٻُڌن نڙ جو آواز ڇا ٿو چوي. هو پنهنجي اصليت کان جدائيءَ جي شڪايت ٿو ڪري.

جيڪو سمجهہ وارو آهي سو سمجهندو . جيڪو انڪاري ٿيو سو انڌو آهي. عاشق عارف جو نيشان تہ از دنيا بي نياز. يعني دنيا کان بي نياز رهڻ آهي نياز وارو فقير ٻانهو آهي. مثال بادشاهہ مير علي نواز خان جي شڪاريءَ حسوءَ وزير جي پٽ کي مار ڪيڏي مير جي حجت سبب ايترو لاغرض ٿي پيو هو. مگر جيڪو احڪم الحاڪمين جي تخت تي ويٺو سو ڪنهن جي ڪاڻ ڪيندو. صوفي فقير جڏهن من خدايم جي ملڪ ۾ ويندو تہ ان تي هزارين الزام نهندا. ڪيس پڪو ڪرڻ لاءِ عشق شهنشاهہ مٿس مصيبتان موڪليندو. جيڪڏهن مصيبتن مان عشق کان بيزار ٿئي تہ هليو وڃي. جنهن کي نفساني حياتي آهي اهو دم نڪتي کان پوءِ جڙ ڪتو مري ويو. جيڪو حق سان حيات آهي. سو سدائين جيئرو آهي. هن جو جسم مان نڪرڻ ائين آهي جڻ پراڻو ڪپڙو لاٿائين هتئون نڪتو تہ هُت وڃي رهندو.

الله ٻہ جايون جوڙيون آهن (1) سجين (2) عليين جن زندگي غفلت ۾ گذاري سي مئي کانپوءِ سدائين سجين ۾ رهندا. جن خدا ياد ڪيو ۽ الله ڏٺائون انهن جو ذهن عليين مڪان ۾ آهي. جنهن کي حق پاڪ گهرندو سو فقير عارف وٽ ويندو ۽ ان وٽان علم لدني حاصل ڪندو. اها آهي الله جي مهرباني. عالم اهو آهي لدني علم جو دِل سان دور ڪري، مگر ظاهري علم

وارا پورهيت ڪاسبي آهن. عارف عاشق جيڪڏهن نفس جي راءِ تي غلط ڪم ڪري وجهي ته ان ڪان ڪير به پڇڻ وارو ڪونهي. هلندڙ طالب غلط ڪم ڪندو ته ڏوهي ٿيندو. ان جي پڇڻ لاءِ گهڻا آهن.

جنهن کي صفاتي شهود آهي سواسير آهي، جنهن کي ذاتي شهود آهي سوامير آهي. جيڪو نفس کي فنا ڪندو سو بقا وٺندو. ان کي جو حق جو ديدار ٿيندو. جيڪو فاني نه ٿيو سو بي حاصل آهي. تصوف ۾ فقير اها آهي ته ان جي دل ۾الله ڪان سواءِ ٻئي ڪنهن جي به محبت نه هجي ڪنهن سان به واسطو نه هجي.

تون به جي بي مثل ٿيندين ته بي مثل کي لهندين. مثل ۾ فاٿل هوندين ته ڪيئن بي مثل کي ڏسندين. مثل هي نفساني بوتو آهي. عشق هڪڙي دل فرجڻ جاءِ آهي.جنهن ۾ خواري ۽ ملامت آهي عشق شهباز ۽ پيو سارو جهان تتر مثل آهي، تتر شهباز جو شڪار آهي.هي سارو جهان عشق جي اڳيان ڪجهه به نه آهي. معرفت جي حاصل ڪرڻ لاءِ طالب کي جاهل ٿيڻو پوندو سڀ علم وسارڻو پوندس. جيستائين تون به آهين ۽ الله کي به ڄاڻين ٿو ته مشرڪ آهين. الله گم ڪيون پاڻ اثبات ڪيو بيٺو آهين. پوءِ جڻ ان بت جو پوڄاري ڪافر آهين. ماڻهو الله جي عبادت دوزخ جي ڀو ڪان ٿا ڪن ڪي وري بهشت جي لالچ تي عبادت ٿا ڪن اهي ٻئي نه هجن ته الله کي ڪير به نه ليکي. عالم چئبو آهي پاڻ سڃاڻڻ کي نه سڃاتئه ته ڪافر آهين. جٽيو ٻڏل اٿيئي، عاشق ڪماليت کي پهچندو آهي ته بي ادب ٿيندو آهي. بي ادبي جا ٻه قسم آهن هڪ بي ادبي الله گم ڪري پاڻ اثبات ڪرڻ. اها عام بي ادبي آهي اهڙا ماڻهو دوزخ جا حقدار آهن. جن پاڻ الله ۾ گم ڪيو سي الله جا حقدار آهن. اها بي ادبي من خدايم واري آهي. جنهن کي سڀڪو ڪافر ۽ بي ادب پيو سڏيندو. حقيقت ۾ صحيح ادب اهو آهي.

وجد حال مئل دل کي جيئرو ٿو ڪري حق جو مشاهدو صوفي جي هئڻ واري هستي کي ماري ٿو. وجد حال نفس جون سڀ وصفون رد ۽ چٽ ٿو ڪري صوفي دم قضا نه ڪندو. جنهن دم قضا نه ڪيو سو نوز آهي. جيڪو

زبان سان لله الله ٿو ڪري تہ ان جو الله پري عرش تي آهي اهو ڏکيو ملندو. من قال الله لاَ يَرفَعُ الله يعني جنهن زبان سان الله الله چيو سو ڪيس ڪو نہ سڃاڻيندو. جنهن دم ذڪر ڪمايو تہ ان جو الله ونحن اقربُ آهي. ويجهي کي ڏسبو چاليهہ سال ٿيا آهن جو الله توحيدي گفتار ٿو ڪري وچ ۾ فولاد آهيئي ڪونہ جيڪو فقير جي صحبت ۾ رهيو سو جوانمرد اهو آهي جيڪو شفاعت ۾ اميد نہ رکي جنهن شفاعت ۾ اميد رکي سو نامرد آهي. فقيري دل سان ذڪر صاف ڪرڻ جو نالو آهي. نفس جي مخالفت ڪرڻ، ڪشف ڪرامات کان پري رهڻ، نفساني وصفن کي ترڪ ڪرڻ حقيقت معلوم ڪرڻ. اسم اعظم ڪمائي هن جسم مان نڪرڻ. جنهن ڪاڻ سارو جهان سڪي ٿو اهو تي پوڻ اها ڳالهہ ظاهري فقيريءَ جي ڪجي ٿي. فقير جو بيان وڏيڪ ڪبو تہ منصور وانگي هي بوتو فاڙجي پوندو. جيڪوصوفي ڪنجوس آهي سو دنيا جو عاشق آهي. ڪامل صوفي جي دل درياهہ وانگر ٿيندي. آهي جيڪا لهرون ۽ موجون ڪندي آهي. جنهن فقير الله ڏٺو تنهن جي دل درياهہ مثل آهي .

فقيري اها آهي جو ناپيد شيءَ کي ظاهر ڪري ۽ پاڻ ناپيد ٿئي جنهن فقير وٽ دنيا جي ميجوتي ۽ نفساني عزت ٿي تنهن جو منهن ڪارو ۽ نيلا پير اٿس. اهو هِتِ هُتِ انڌو آهي. جيڪو صوفي الله کان ڪشف ڪرامات ۽ منوتي گهرندو ۽ خوش ٿيندو ان جو بہ منهن ڪارو آهي. عالم مولوي جيڪو حرام کائي سو بہ درگاهہ ايزدي مان تڙيل آهي عالم کي حيف آهي جو عبادت تي فخر ڪري عقبيٰ ڇڏي دنيا جي لالچ لاءِ ڊوڙي

جنهن صوفيءَ الله جل شانهٗ کان ڪشف ڪرامات گهري تنهن کي سندس ديدار کان جواب آهي ٻنهي جهانن ۾ ان جو منهن ڪارو آهي. جيڪو اسان جي دل ۾ سوز ۽ درد آهي اهو ٻاهر ڪڍون تہ ٻيئي جهان سڙي وڃن. زبان سان ڳالهہ ڪرڻ وقت اسان اهو ٻنجي ٿا پئون. اها هن جسم جي زبان نہ مگر الله جي زبان آهي. جتي آءُ رهندو آهيان اتي ڪنهن بہ بني آدم جي مجال نہ آهي، مقرب ملائڪن کي بہ پهچڻ جي طاقت نہ آهي جيڪو

اتي ويندو اهو ڏسندو.عامن کان هيءَ جاءِ بلند ۽ برابر آهي. هيءَ عاشقن جي حد ۽ رهڻ جي جاءِ آهي.

عشق را منزل دلا دور است و دور

يعني. عشق جي منزل تمام پري آهي،

اسان جي ساڻ جو سردار حضرت رسول الله ﷺ آهي عشق جي عاشقن سان گڏ اسان ان جا جماعتي آهيون. جڏهن مان عرش عظيم تي ويس تہ روزازل کا اج تائين جي سمورن عاشقن ۽ عارفن تن سڀني مونکي طواف ڪيو ۽ ڪن ڏينهن کانپوءِ بيحد ملڪ ۾ وياسين تہ ملائڪن کي بہ حيرت لڳي اسم اعظم جتان جو آهي تہ ڪمائڻ واري کي بہ اتي ٿو پهچائي. ان جي منزل جي حد ئي ڪانہ آهي. زاهدن، عابدن، غوثن، قطبن جي حد آهي مگر عاشقن عارفن جي حد آهي ئي ڪانہ حضرت خواجہ خضر عليہ السلام لاءِ دنيا سڪي ٿي مگر اسان خضر کي پنهنجو در لنگهڻ بہ نہ ڏنو. چيوسونس تہ تون اسان جي ڪم جو نہ آهين اسان لاءِ الله ڪافي آهي. تنهنجي اچڻ سان وٿي پوندي.

جيڪو دنيا جي ڪمن ۾ مصروفيت سبب الله جي ياد کان غافل آهي سو درگاهہ حق تعاليٰ مان تڙيل آهي مگر جيڪو صوفي ملامتي ۽ خلق کي ناپسند آهي سو خدا کي زور پيارو آهي سڀني آدمين مان جنهن ملامت ۽ خواريءَ جو بار کنيو سورند آهي ۽ شاهہ منصور جو ثاني آهي. فقير جي ملامت ۽ خواريءَ جو مٽ ٻنهي جهانن جي عبادت بہ نہ آهي ڇو تہ اهو فقير هر وقت ايمان ۾ اسلام ۾ مگر معراج ۾ رهي ٿو. کيس هميشہ عشق آهي. پوشاڪ ۽ حقاني تاج مٿي ۾ پيل اهي.

جنهن مون کي سڃاتو تنهن الله تبارڪ وتعاليٰ کي سڃاتو. جيڪو منهنجو دوست ٿيو سو الله جو دوست آهي مگر جيڪو منهنجو دشمن آهي سو سڄڻ الله جو دشمن آهي. جنهن مون سان صحبت ڪئي تنهن ڄڻ الله سان صحبت ڪئي.

مسلمان بهشت لاءِ ٽنگن کي تيل مکيون وينا آهن مگر ڏس تہ مان ڪنهن کي بہ ياد آهيان جي نہ تہ پوءِ سواءِ ياد گيري جي مان ڪيئن انهن کي بهشت ۾ اچڻ ڏيندس. سنڌ جي عالمن جو حال اهو آهي جو ڪائنن ڪوسوال پڇي تہ جواب نہ ڏئي سگهندا. پوءِ خلق ۾ ڪنڌ ڪٽي نہ سگهندا.

اسان جي وصل کي چاليهہ سال ٿيا آهن جو اسان هي گفتار شروع ڪئي آهي. ماڻهو سمجهن ٿا تہ هت ٿو ڳالهائي پر اسان ٻئي ملڪ ۾ ويهي ٿا ڳالهايون. عشق جي درد حال جو ڪير بہ واقف ڪونهي. مست گهڻا آهن. مگر سالڪ ڪو نہ آهي ڪنهن سان حال اور جي چاليهن سالن ۾ ڪو بہ معراج وارو سالڪ نہ مليو آهي.

اسان کي عشق جي رهبري مصطفيٰ ۽ مرتضيٰ ڪئي آهي اهي اسان جا هادي ۽ رهبر آهين نہ تہ اسان هئاسون. ڏنارن ۽ جهنگلن کي نوازيائون. وٺي وجي الله وٽ پڄڏيائون اهڙي عنايت ڪيائون جو ارض وسما جي راج جا واقف ٿي پياسون.

جن الله ڏنو ۽ ساڻس همدم ٿيا تن کي سفاعت جي ڪهڙي ضرورت،شفاعت تہ اسان جا سچا طالب پنهنجي ٽولن جي ڪري سگهندا. سيپاٽي ڏسئندو تہ اسان بہ حضرت رسول خدا سان گڏجي مسلمانن جي شفاعت ڪنداسون. جيڪو منهنجي ڳالهہ دل وجان سان ٻڌندو تہ ان فقير جو پڇاڻو معاف آهي. جيڪو مان اصل آهيان ۽ جنهن منهنجي اصليت کي ڏٺو تنهن الله ڏٺو.

نامردن جا پير عبادت ۾ ويهي ويهي سڄي ويا مگر پائي بہ حاصل نہ ٿين مگر مردن جي ويهڪ جي جاءِ اٺ جي ڏاڦوڙي جي ترئ جهڙي ٿي وئي سي وڃي الله کي پهتا ۽ ساڳيو پاڻ ٿي پيا. صوفي جڏهن هن جسم مان نڪرندو تہ الله جو گهر چاليهہ وکان اٿس. اهي بره جون باهيون ڏيئي نفي اثبات سان عشق جو ڪورو پڇاياڻون تڏهن الله جو گهر ويجهو لڌن نہ تہ پنجاهہ هزار ورهين جي پنڌ تي آهي. مسلمان روزو نماز ڪن اسان پنجاهہ ورهين ۾ سجدو ڪونہ ڏنو.

اسان اهڙا تہ نياڳا آهيون جو ملائڪن وٽ ماڻهن جا دفتر روزن ۽ نمازن سان ڀريل هوندا مگر ملائڪن جي دفتر ۾ اسان جو هڪ سجدو نہ ليندو. ماڻهو عبادت تي الله کان ڪشف ۽ ڪرامتون گهرندا آهن الله انهن کي پينو سمجهي کين اها پن ڏئي ٿو اُهي ان پِن تي خوش آهن، ڪشف ڪرامت نفس جو ڏيئو ۽ الله جو مڪر آهي. انهن کي الله پنهنجي ديدار کان جواب ڏيندو آهي. جيئن ڪو فقير ستر واري گهر مان ٻانهيءَ کان خير وٺيون هليو وڃي الله کي جو سوال ڪجي تنهن کان پاڻ الله چو نہ ٿي پئجي. سوال کان ڇٽي پئجي. اهڙو ڪم ڇو نہ ڪجي جو اسان وٽ ٻيا سوالي اچن ۽ پاڻ لا احتياج هجون. الله سوال کان ڪپندو آهي آحضرت موسيٰ رب ارني جو سوال ڪيو هيس تہ کيس لن تراني جو جواب ڏنو هئائين. ان ڪري عارفن سمجهيو تہ سوال ڪونہ مڃيندو تنهن ڪري پاڻ ڇو نہ ٿي پئجي. هونءَ الله وٽ ڪونہ ڏيندو. دنيادار کي سوال ڪبو سو بہ سئو پنجاهہ ڏيندو سوبہ ڪپي ويندو. تنهن کان ڇو نہ دنيادار ٿي پئجي جو سوال ئي ڪرڻو نہ پوي فقيرن آڻ ڪٿ خزانو هٿ ڪري وڌو. رب ارني واري سوال وقت موسيٰ ٻانهو هو بادشاهہ ٻانهي کي تخت تي ڪونہ ويهاريندو آهي. اهڙي همٿ ڇو نہ ڪجي جو ملڪ الموت کان موت جو دفتر ئي کسي وٺجي. پوءِ جاڏي وڃي اوڏانهن هيلو وڃجي.

هلندڙ طالب کي سيني تي ڪو خطرو ممڪن ٿيو تہ سندس روح جيڪو معرف جي مالڪ ڏي پنڌ ڪيو هو سو روح ٻارهن مهينن جي پنڌ تان ڪري پوندو. وري جڏهن ڪوشش ڪري ٻارهن مهينا پڌ ڪندو تڏهن وڃي ساڳي جاءِ تي پهچندو.

ڪنهن ماڻهوءَ اسان کان پڇيو تہ دين ۽ ايمان ڪٿي رهندا آهن؟ اسان چيس تہ اڳ ۾ تون دين ۽ ڪفر جو رنگ ٻڌاءِ تہ پوءِ توکي سندس رهائش ٻڌايون اگر ڪنهن کي دين ۽ ڪفر جي سڃاڻ ٿئي تہ الله کانس پري آهيئي ڪونہ.

ڪنهن پڇيو تہ واصلي عاشق ڪنهن کي چئجي؟ اسان چيس تہ جيڪو فنا في الشيخ ۽ فنا في الرسول جي منزل کان اڳتي ويو سو واصلي عاشق آهي. جيڪو فنا في شيخ آهي سو عارف آهي جيڪو ان کان هيٺ آهي سو اولياءُ آهي.

دنيا جي ڳولا ڪرڻ پاڇي جي پٺيان ڊوڙڻ مثال آهي ڪيترو بہ پويان ڊڪندس تہ ڪونہ پهچندس. جيڪڏهن پٺي ڏيئي هلندو تہ پاڇو سندس ڪڍ لڳندو. دنيا بہ ائين آهي جيڪو دنيا ڇڏي الله ڏي هلندو تہ دنيا سندس ٻانهي ٿي پوندي ۽ هي پاڻ بادشاهہ ٿي پوندو. جنهن صوفيءَ سوال ڪيو سو صوفي نہ آهي.

دنيا عقبيٰ ۾ سمائجي سگهي ٿي مگر مان منجهنس نہ سمائبس ظاهري عالم چوندا آهن تہ اسان حضرت رسول الله ﷺ جن جا وارث آهيون، مگر ڪوڙا آهن. عالم اهو آهي جنهن کي ظاهري علم ۽ باطني يعني لدني علم هجي ظاهري عالم ڪاسبي آهي لدني عالم لاءِ ظاهري علم بہ عيان ٿي پوندو. امرنهيءَ جو دفتر لوح ۽ قلم جيئري پڙهي ويندو. لدني علم واري نظر تحت الثريٰ کان عرش عظيم تائين ڇُٽي پوندي. اهو بهشت ۽ حورن تي ٿنوليون ڪندو ظاهري علم واري کي پنهنجي قبر جي بہ خبر نہ پوندي صرف ظاهري علم سان دل ڪاري ٿيندي آهي. قلب تي مس ۽ اکرن جو نقش ڄمي ويندس حضرت رسول الله ﷺ اسان جو رهبر سمنڊ آهي اتان وير نڪري تہ ٻئي جهان غرق ٿي وڃن. مولوي ۽ عالم امام ٿا سڏائين اهي امام نہ آهن. سچو امام اهو آهي جيڪو ٽنهي جهانن جي خبر ڏئي،

شريعت ۾ حرام حلال جي خبر بہ ان کي پوندي آهي جيڪو شريعت تي هلي نہ تہ شريعت ڪنهن کي لٽ ڪانہ هڻندي آهي. چور سان بہ راضي تہ ڀاڳئي سان بہ خوش، چور ۽ ڀاڳيو ٻئي گڏ نماز پڙهندا تہ شريعت نہ ٻڌائيندا تہ چور ڪهڙو آهي؟ عارف معرفت کي پهتا تڏهن شريعت کي

سچاتائون مگر شريعت وارا مفتي ۽ ملان رشوت جي عيوض غلط فتوائون ڏيئي حقدارن جو حق ڪسي ٻين کي ٿا ڏين.

عام ماڻهو جيڪا رحمت ٿا گهرن سان خاص ڪي گهرجي ئي نہ جڏهن مان عرش عظيم تي ويس تہ عاشقن ۽ عارفن کي الا احتياج ڏٺم جن تن ڏينهن تائين مون کي طواف ڪيو. مگر جڏهن عرش مان ٻاهر نڪتس تہ منهنجي پرن جو واڪو ۽ آواز ايترو تہ زوردار ٿيو جيئن ڏهن پدرهن جهازن جي گڏجي اڏرڻ سان آواز ٿيندو آهي.

روزازل واري ڏينهن کي رات ڪانہ پهتي آهي. اهو سج اجا تائين ساڳي جاءِ تي بيٺو آهي جنهن کي غروب آهي ئي ڪونہ ماڻهو روزازل واري ڏينهن کي گهڻو وقت گذريل ٿا ٻڌائين. مگر اها اسان جي ڏپهري جي جاءِ آهي اتان اسان پري خوني درياهہ ڏي وياسين جيڪو تمام پري آهي.

دين اسلام شيطان ۽ ڪفر کان ايترو ڊڄندو آهي جيترو لالچي عالم جاهل صوفيءَ کان ڊڄندو هجي. طمعي عالم دنيا جي لالچ تي پيڻ ڀاءُ بہ نڪاح ۾ حلال ڪري ڏيندو آهي. جاهل صوفي بہ ديدار ڪونہ ڏسندو مگر ڊاڙان ۽ لافان پيو هڻندو جاهلن تي منڊ پيو هڻندو. پنهنجن وڏن جون وڏيون وڏيون ڪرامتون پيو ٻڌائيندو تہ جيئن وٽس ماڻهو ڦاسن. نمازان ڊگهيون ۽ تسبيحون پيو پڙهندو جيئن برسيا ۽ بلعم باعود ڪندا هئا عبادت.

جيڪو پنڌ ڪري عاشق عارف جو ديدار ڪندو ۽ دل سان سندس صحبت ٻڌندو تہ ان کي هزار پيادل حجن جو ثوا ملندو. يعني صوفي آن جائيڪہ او الله شد صوفي اهو آهي جيڪو الله ٿيل هجي. ان جي زيارت الله جي زيارت اجيترو ثواب آهي. ڪنهن پڇيو تہ اوهان الله ڪٿي ڏٺو. مون کيس ٻڌايو تہ اتي ڏٺومانس جتي مان نہ هيس. فقيرن کي خبر هجي تہ الله تسبيح ،نماز ۽ مصلي سان ڪونہ ليندو. ناحق مٿا نہ هڻو. عمر ڳري ويندو. الله کي پڌر تي ڇڏي منهن ڏوڙ ۾ نہ هڻو. جيڪو دوزخ جي خوف ۽ بهشت جي لالچ تي عبادت ٿو ڪري تہ سندس دڪوئي داخل نہ ٿيندو.

روزِ ازل ۾ الله تبارڪ وتعاليٰ خلق کي پيدا ڪري دنيا عقبيٰ ۽ نعمتون ۽ درد سندن اڳيان رکيائين. ان مان عاشقن صرف درد کنيو ۽ ٻيا سڀ لذتن ڏانهن ڀڄي ويا. خاص عبادت اها آهي جنهن مان الله جو ديدار ٿئي. اها دل جي عبادت آهي، زبان جي عبادت قبول پئي ته بهشت ملندو. هٿن پيرن جو عبادتون روزو حج ۽ نماز ۽ مقامات مقدسہ جون زيارتون ڪرڻ آهن. اها عام عبادت آهي.

فقيرن ٻن قسمن جي آهي. 1. عام فقيري، 2. خاص فقيري عام فقيري شريعت تي پورو هلڻ خاص فقيري الله جي وصل لاءِ جفائون ڪرڻ آهي. جنهن سان شريعت نہ پهچندي توحيد جي گفتار کان جڪڏهن سيئي نبي سڳورا منع ڪن ته مان بس نہ ڪندس، پر جي حال جي وقت ۾ ماٺ ۾ هجان ۽ اهي اچي چون ته گفتار ڪر ته ڪو نہ ڪندس، ان وقت ۾ نہ ڳالهائبو ان وقت جيتوڻيڪ مرشد اچي ته نهاربس بہ ڪين. حال جي وقت ۾ ادب نہ رهندو آهي. ادب جسم سان آهي نڪرڻ کان پوءِ ادم ڪونهي. فقير جڏهن عبديت جي چولي ۾ ڪثرتي هوش سان هوندو ته رسول الله ﷺ جو بہ ادب اٿس. هن چولي مان نڪرڻ کانپوءِ ڪنهنجو بہ ادب نہ ڪندو آهي. سمورو وحدت ٿي پوندو آهي جئين زائفان کي جن اچڻ کان پوءِ بي حجاب ۽ بي ادب ڪري ٿو وجهي طالب ائين جڏهن وحدت ٿي پيو ته ڪنهنجو ادب ڪندو. صوفي جڏهن معراج کي پهتو ته سندس زبان اڙانگي ٿي پوندي ٻيا ماڻهو نہ سمجهڻ ڪري سندس دشمن ٿي پوندا آهن. ماڻهن جي ڏڪ ڏوڙ بہ دين تائين آهي. جتي فقير ويو آهي اتي دين جو ڏَسُ ئي ڪونهي. فقير عارف زبان سان الله جو ذڪر نہ ڪندو ۽ نہ وري ٻئي جو ذڪر ٻڌي سگهندو. جو مٿس وجد حال هوندو آهي. شينهن جي سامهون ويندو مگر ذڪر ٻڌي نہ سگهندو. جنهن عارف باالله جي واتان وحدانيت جي گفتار نہ ٻڌي ۽ نہ پاڻ زبان سان خدا جي ياد ڪيائين. سو مئوو ته ڄڻ ڪتو مري ويو. جنهن ذڪر ۾ محويت ورتي سو پاڪ آهي.

ماڻهو قدرت ٿا ڏسن جي قادر ڏسن تہ جيڪر چڙيون هڻي مري وڃن .خاڪي بوتو دپ نہ جهليندو الله کي الله سان ڏسبو آهي. جنهن مهل الله ڏٺائين تہ ڪو بہ مذهب ڪو نہ بچندس، نہ هندو رهندو نہ مسلمان رهندو جيڪو سني شيعو مذهب سان الله ڏسڻ گهرندو سو چڙ تہ بتي ٻاري سچ کي ڏسڻ ٿو گهري مذهب وارا حسد جي ڪوهہ ۾ ڪريل آهن سي الله ڪيئن ڏسندا. الله خود بہ پاڪ آهي گهري بہ پاڪن کي ٿو. مسلمانن وارو الله مسجدن ۾ ويٺو آهي ۽ هندن جو الله ٺڪاڻن ۽ مندرن ۾ ويٺو آهي. ان ڪري مسلمان جيستائين ڪافر نہ ٿيندو تيستائين الله کي نہ پهچندو. هندو بہ جيستائين مسلمان ٿي مسجد ۾ نہ ويهندو تہ نہ پهچندو. الله جو دستور آهي.

مسلمان خواهہ هندو هڪبئي کان نفرت ٿا ڪن جيستائين سندن الله نفرت ۽ حجاب نہ پچندن تيستائين الله کين منهن نہ ڏيکاريندو.

زمين جو سفر پيرن کي ٿڪائيندو آهي مگر آسمانن جو سفر دل کي ڪشادو ڪندو آهي جيڪو ماڻهو هن جهان ۾ فقير عارف وٽ محبت لاءِ نہ ويندو تہ قيامت جي ڏينهن ان کي الله نہ منهن ڏيکاريندو ۽ نہ پاڻ وٽ گهرائيندس. الله کي جن ڳولي لڌو تن سان تعديون ڪيائين، ڪن جا سر وڍرايائين. ڪن جا سر نيزي تي چاڙهيائين.

ڪن جا سر ڪلهن کا ڪيرايائين. تہ ڪن جا سر نيزي تي سوار ڪرائيائين. دشمنن کي عيش عشرتون ڪرايائين انهن ڪئون دوستن کي تڪليفون ڏيارپائين. الله اهڙو مڪر بار آهي.

صوفي کي الله پيدا ڪو نہ ڪيو آهي صوفي الله کا اڳ آهي صوفين تي الله جو ٿورو ڪونهي. الله ٻيا وڏيرا پيدا ڪيا آهن. مان الله کان ٿي ورهيہ وڏو آهيان. هن ڳالهہ کي اهو سمجهندو جنهن معراج ڪيو هوندو ۽ فنا في الله يا بقا يا الله ٿيو هوندو

عبادت کي ڏڪو ڏيئي معرفت جي سمنڊ ۾ وڃي غرق ٿيءُ جيستائين عبادت ۾ آهين تہ عزت ڪونہ ٿيندءِ عاشق اتي آهن جتي عام حيران آهن.

ڪنهن شخص اسان کان پڇيو تہ توهان نماز ڇو نہ ٿا پڙهيو. اسان چيس تہ حقيقي الله جي نماز تہ اسان تي ڪانهي تون جيڪڏهن هتئون وارو سنڌي الله ڏيکارين تہ ڪٺي پڙهون.

هت ٻانهپ تي ماڻهو فخر ٿا ڪن. جيڪڏهن ڪنهن رئيس جا آهن تہ اٺندي ويهندي ڪلو اٺن. جبرائيل کي جيڪڏهن ٻانهپ جو لقب ملي تہ پاڻ جبل تي هٽي پرزا پرزا ڪري ڇڏي, ٻانهپ اهڙو عذاب آهي. ڪشف ڪرامت الله جو مڪر آهي. جيڪو ان تي راضي ٿيو تنهن کي ديدار ڪئون جواب آهي جيئن ماءُ ٻار کي ڇمڪٽو ڏيئي پاڻ ڪم ڪار ڪندي وتندي آهي ۽ ٻار ڇمڪٽي سان راند ڪندي راضي هوندو اهي.تيئن جيڪو ڪرامت جي ڇمڪٽي تي راضي ٿيو ان کي ديدار نہ ٿيندو. جنهن ڪشف ڪرامت ڦٽي ڪئي اهو ڪامل عارف ٿيندو.

جيڪو نماز پڙهندو سو خلق ۾ مقبول ٿيندو. ان جو اهو بدلو آهي. ان جو الله وٽ ڪو بہ پاڳو ڪو نہ آهي. لوح وقلم جو نالو ٻڌي ماڻهو عبرت ٿا وٺن. مگر اهو تہ اسان جي پيرن کان بہ هيٺ آهي. اسان ان کان بہ مٿي آهيون. اهو تہ اسان فقيرن جي روزنامچہ جي بندي اهي ڪن کي گهٽو ڪن کي ٿورو ٿا ڏيون.

اڳ ۾ عرب ۾ احمد نالو رکرائي آيا هئا سون ۽ خلق ڏانهن قرآن موڪليوسون. عامن کي بتن جي پوڄا کان منع ڪئي سون ۽ خاصن کي دم وارو ذڪر ڏسيوسون تہ جيئن توهان جي وجود ۾ الله آهي ان کي طواف ڪريو ۽ ڪيس ڏسو. پارين کي مسجدن جو ڏس ڏنو سون پوءِ جنهن سمجهو ان معرفت جو نور ڏنو.

هي سنڌي ٻولي ۾ الله جو ڪتاب آهي. هن ذريعي خلق کي سمجهايون ٿا. جنهن اعتبار ڪيو سو معرفت الاهي جو صاحب ٿيو جن نہ مڃيو سي بتن جا حقدار ٿيا. عرب ۾ عربيءَ ۾ ڳالهايوسون. جيڪڏهن عربن سان سنڌيءَ ۾ ڳالهايون ها تہ سنڌيءَ ۾ ڳالهايون ها تہ اسان ڏي منهن ٽئي ها. ٻولي اُها ڳالهائڻي آهي جيڪا ماڻهو سمجهن عربن سان عربي ڳالهائي

هئي سون هاڻي سنڌين سان سنڌي ٿا ڳالهايون. اسان پاڪائي ۽ پليدي کان پري آهيون. شراب جو درياهہ پيتوسون تہ بہ ڍئو ڪين ٿيو. جيئن پيئون ٿا تيئن اُڃ گهٽي. شراب پيئڻ کان بس ئي ڪانهي. ماڻهو قرآن جو دور ڪندا آهن مگر عارف دل جو دور ڪندا آهن. دل ايڏي تہ ويڪري آهي جو قرآن جا ٽيهہ سيپارا ۽ ٻيون پارسيون سڀ اندران ڪڍيو پيا پڙهن. تہ بہ عامن دل کي نہ سمجهيو ۽ نہ دل جو دور ڪيائين.

ڪنهن پڇيو تہ ٻانهپ ڇا آهي؟ اسان چيس تہ جتي اسان وياسون اتي ٻانهپ آهي ئي ڪانہ. ٻانهپ جو ٻانهن کا پڇ. عاشق عارف جو شان اهڙو آهي جو ساري دنيا اگر ڪيس. سجدا ڪري تہ بہ گهٽ آهي. سندس شان اجا وڏيڪ آهي. عارف جيڪڏهن توحيد جي ڳالهہ ڪندو تہ ماڻهو ڪيس ڪافر چوندا. زبان سان توحيد جي گفتار ڪرڻ عاشق جي عبادت آهي. گفتار ۾ جيڪا ڳالهہ ڪندو تہ اها سندس ملڪ جي ڳالهہ هوندي مٿس ٻي ڪا بہ عبادت لازم آهي.

فقير اهو آهي جيڪو روح وانگر پاڪ هجي ۽ نفساني غلاظتن کان صاف هجي، صوفي جڏهن حق جو مشاهدو ڏسندو ۽ فاينما تولو ٿيو تہ ذڪر ڍرو ٿي ويندس مگر؟ زور سان هلندس. ملڪوت ۾ خواه جبروت ۾ ذڪر زور سان هلندس. خوف کان ڪاهيندو تہ متان ديدار بند ٿي وڃي، ذڪر جتان جو آهي جڏهن عارف ان حد تي پهتو تہ پاڻيهي بيهي رهندو. پوءِ جي صوفي ذڪر ڪندو تہ مشرڪ ٿيندو. جنهن سيني مان الله اثبات ٿيو تہ سندس ٻوتي مان توحيد جون ڳالهيون ائين زوريءِ پيون نڪرنديون، جيئن تتر پڃري امن زوريءَ نڪرندو آهي. صوفيءَ کي توحيد جي گفتار سان قرار ايندو آهي.

اسان و ٿ ڪيترائي ماڻهو توحيد جي گفتار ٻڌ لاءِ اچن مگر ان تي عمل نہ ٿا ڪن. ٻڌي اڻ ٻڌي ڪيو ٿا ڇڏين. توحيد جي گفتار سندن لاءِ سَمَنَ مثال آهي. اگر جي اجا بہ عمل نہ ڪيائون تہ مٿن مصيبت جو وارنٽ نڪرندو. جيڪو دل وجان سان مجاهدو ڪندو تہ ڪيس ڇوٽڪارو ٿيندو

۽ ڪيس خدا بہ منهن ڏيڪاريندو. جيڪو محبوب ان جي نفس تي مصبيت موڪليندو.

الهام ذاڪرن ۾ تکن طالبن کي ٿيندو آهي مگر عاشق الهام کان گهڻو پري ويا هو الهام موڪليندڙ سان گڏ آهن. الهام ٻئي کي ٿيندو آهي. جيڪو ساڳيو سر تي پيو تنهنکي الهام جي ڪهڙي ضرورت، جڏهن مون تي جوش ۾ مستي جو حال پيو ۽ فاينما تولو فثم وجهہ الله تي پهتاسون تيئن جوش ۾ مستي وڌي وئي. تڏهن الله اظهار ٿيو. جيستائين سڃاڻپ هئي تيستائين الله کان پري هياسين جڏهن نفساني هستي ويئي تڏهن ڪل عقل آيو. جڏهن شهباز عشق آيو تہ عقل کانءَ ملڪ ڇڏي ڀڄي ويو. جنهن الله سڃاتو تنهن کان عرش کان تحت الثريٰ تائين ڪابہ شيءَ ڳجهي نہ رهندي طالب جو مرشد سان گڏ هجڻ مهل گفتار هلندي تہ نفس کي وارو نہ ملندو. نفس تباهہ ٿي ويندو. فقير کي الله کان سواءِ ٻيو ڪو بہ نہ سڃاڻيندو. وري الله کي بہ فقير صوفي سڃاڻندو. وري الله کي بہ فقير صوفي سڃاڻندو. عارف جي دل الله جو آئينو آهي الله ان ۾ پنهنجو منهن ڏسندو آهي جيڪي بہ فقير سڪ سان ايندا ۽ محبت سان پيش پوندا تہ فيض بہ پائيندا ۽ دل جو آئينو بہ صاف ٿيندن. طالب جيڪڏهن مرشد جي خدمت ڪندو تہ سندس بہ درجا بلند ٿيندا ڇاڪاڻ تہ هادي مرشد بہ نائب خدا آهي ۽ هو الله جو طواف ڪري ٿو. اهو نہ ذڪر جو منصب اٿس. جيڪو ماڻهو خدا کي ياد ڪرڻ لاءِ رات جي ماني نہ کائيندو تہ ڪيس ڏهن ورهين جي عبادت جو ثواب ملندس، رات جي ماني نہ کائڻ عبادتن جو منڍ آهي.

حضرت رسول خدا جيئرو آهي. مگر ماڻهو ڪيس نٿا ڏسن، عارفن دنيا جو هڏو دنيا جي ڪتن لاءِ ڇڏيو عقبيٰ زاهدن کي ڏنائون پاڻ وچي الله سان گڏجي هيڪاندا هيڪ ٿيا طالب دنيا مخنث طالب عقبيٰ مئونث طالب المولیٰ مذڪر هِتِ هُتِ خوش اهو آهي جنهن پاڻ سڃاتو. صحبت جو لائق اهو آهي جيڪو ٿيئن جهان جو رهاڪو هجي. دنيا ناپاڪ آهي جيڪو ان سان محبت ڪندو سو بہ پليد ٿيندو. دين اسلام صفات لاءِ برابر سچ آهي.

جڏهن معرفت اظهار ٿيندي تڏهن خود پاڻ اسلام ٿي ويندو پر مالڪ بہ دين جو پاڻ ٿي پوندو. تون ۾ مان ٻئي حق ۽ باطل آهن. عشق جي اچڻ کان پوءِ ٻئي نہ رهندا.

اٿن پهرن ۾ الله هر هڪ آدمي وٽ اچي ٿو ۽ جاچي ٿو تہ ڪهڙو مون کي ياد ٿو ڪري. هو هر هڪ کي سڃاڻي ٿو ڪهڙو سندس آهي ۽ ڪير شيطان جو آهي. الله کي الله سان ڳولبو آهي جو ڪيس بہ پنهنجي جنس لهندي.

الحديث رَايتُ رَبِّيّ بِه عَينَ رَبِّي

يعني، الله کي الله سان ڏٺم.

چور جي ۽ سندس پاٿاريءَ جي خبر چور کي پوندي آهي. نفس سان الله ڪونہ ليندو آهي.

پاڪن سان سچي رسولي محبت ڪندو آهيان جنهن جا هو لائق آهن. گمراهن کي الله جي داٻ ۽ تاب جا دڙڪا ڏيندو آهيان ۽ هٿائڻ ۽ سنڌو هلائڻ لاءِ ڪين دوزخ جا دڙڪا بہ ڏيندو آهيان. شيطان کي محبوب جي هٿان ملامت مليل آهي. اهو بار هن کنيو. آدم رحمت ڪنيئن، هن مڙسي ڪئي آدم لن تراني ڏي لڙيو. جيڪو شيطان کي ڳالهائيندو سو معتبر نہ آهي. هو بہ مڙس آهي ياڙين پٽن ڪئون هڪدم پلوءُ وٺندو آهي. محبوب جي ملامت جو بار عاشق کنيو پوءِ ٻين جو ڇا ويو. مان جيڪو اصل آهيان ان کي ڪنهن نہ ڏٺو آهي. سڀ ڪو هن سواريءَ گڏهہ کي ٿوڏسي حضرت رسول الله ﷺ جيڪو. الفقر فخري فرمايو آهي اهو اسان لاءِ آهي ۽ اهو اسين آهيون، ڇو تہ اسان کي ڏسي رسول خدا خوش ٿيندو آهي، مان اهو هماءِ آهيان جو ساري دنيا جا مخلوق آدم ڪئون وٺي انبياءِ اولياءِ رسول خدا سميت منهنجي ڇانوَ ۾ ويهندا آهن. مان معرفت جو سج آهيان ٻيا سڀ ستارا آهن، زمين ۽ آسمان منهنجي ٻنيءَ جي دونهين مان نهيا آهن. باطل مان طالب کان الله جو راض گهٽيو تہ طمع ۽ حرص ۾ وڃي پوندو. دنيا جي طمع سيني گناهن جو منڍ آهي، علم هُنُر ڦٽو ڪري سچو ان جو ٿي

پوءِ جيئن هيئاهين ۾ ڪنڊ پوندو آهي تون بہ ائين ڪري پوءِ جيستائين ذڪر جي ترار سان جسم ريت رسم ختم نہ ڪندين تيستائين عشق ڪان پري هوندي.

هڪ دفعي الله جي مشاهدي ۾هزار ورهين جي عبادت ڪان بہ پڏيڪ مزو آهي. ايتري عبادت ڪان الله تبارڪ وتعاليٰ جو هڪ نياز وڏيڪ آهي الله ڪان وڏيڪ عبادت ڇا ڪندي جيڪو فقير عشق الاهي جي ملامت ڪٽي ان ڪي اولا عظم نبي سڏجي تہ گناهہ ڪو نہ ٿيندو مگر ظاهر جي نبوت جو قانون بند آهي. مگر فقير باطني نبي آهي. باطني نبوت بند نہ آهي. هلندڙ طالب توحيد جي راڳ جي سڪ ايتري رکي جيتري روزائت ڪي اونهاري ۾ اڃ لڳندي آهي. حديث ۾ آهي تہ السماع معراج الا ولياءُ ويراڳ وَلئَن جو معراج آهي. وليءَ ڪي بہ سڪ توحيد جي راڳ جي ايتري هوندي آهي. جيتري اُليءَ واري اڃ لڳندي آهي. عارفن جي ڪلام ڪي توحيد چئبو آهي نہ ڪي عام راڳ ڪي صوفيءَ ڪي وجد مهل عشق جي پوشاڪ پوي ٿي ۽ راز الاهي جي چادر پوي ٿي. تنهن مهل هو ڦڙڪي ۽ ڏڪي ٿو.

صوفي لاءِ بوتو آڙ آهي. جڏهن ٻاهر ٿو نڪري تڏهن وجد حال پويس ٿو. وجد جا ٻہ قسم آهن(1) ابتدائي وجد ڪنهن طالب ڪي نور جي ذات تجلات ڪري سيني ۾ وڄ وانگر لنگهي پوي. (2) حقيقي وجد، جيڪو عارفن ڪي روبرو ۽ سچو وجد ٿيندو آهي. عارف ڪي هر حالت ۾ پرواهہ نہ هوندي آهي. عارف ڪان گناهہ جو ڪم نہ ٿي سگهندو. ڇو جو عارف جو نفس لا جي ترار سان ڪنل آهي. هلندڙ طالب جو نفس ڪنل نہ آهي. توڙي ڪهڙو بہ سچو هجيس تہ بہ ترڪڻ ۽ گمراهي جو خوف اٿس، جيستائين خوف ورجا جي ڏاڪڻ تان نہ ٽپندو تيستائين خطرو اٿس، جڏهن پير مغان جي رهبريءَ سان نفس ڪهرائي پاڻ مان ٻاهر نڪري پوي تہ پوءِ خطرو ڪونهيس. جسم مان نڪرڻ بہ ٻن قسمن جو آهي، (1) عام(2) خاص. عام تہ ڪتا بہ مرندا آهن خاص آهي جيئري جسم مان نڪرڻ ان ڪي وصل چئبو آهي.

دنيا جي حرص ۽ طمع واري کي ڪنهن عارف جو نقطو نه لڳندو آهي ته اها بيماري جلندري مرض لادوا چئبو آهي. قالو قلو بنا غلف. چيائون ته اسان جي دلين تي پردا آهن. ذڪر جي مست جي دوا ديدار الاهي آهي عاشق جو رياءُ ۾ ڪفر زاهد جي سئو ورهيه بي ريائي عبادت کان بهتر آهي. پنهنجو قدم بوتي مان ڪڍي سر تي رک ته ٻي وک تي الله وينو آهي. صوفي اهو آهي جنهن کي توحيد ٻڌي وجد ٿئي. منهن جي رونق بدلجي وڃيس صوفي عارف ادب جي اسڪول جو استاد آهي. ڇو ته ٻي ادب اهي آهن جن الله گم ڪيو مگر صوفي ته پاڻ الله ۾ گم ٿيو. صوفي ادب جو عالم آهي. هن وٽان پيا ٻه قيامت تائين ادب پيا سکندا. اهو علم ادب جو رستو هلندو رهندو. الله کي الله سان سڃاڻبو آهي جيئن اکين جي نور سان سج ڏسبو آهي انڌو ته نه ڏسندو ذڪر جو جوهر فڪر آهي فڪر جو جوهر خيال آهي. فڪر ذڪر کان تکو آهي ذڪر هڪ پيرو ڦرندو ته فڪرلک پيرا ڦري ويندو. فڪر کان وري خيال تکو آهي. لامڪان کان تحت الثريٰ تائين خيال جو ملڪ آهي خيال اهڙو تکو آهي جو اک جي ماٽڪي مٿي ڪيو ته لامڪان پهچبو. هيٺ نهاريو ته هي پاڻ آهي. صبر ذڪر جو وڻ آهي ۽ عين اليقين سندس ميوو آهي. عين اليقين ٿيو ته سارو ملڪ سندس آهي. وڏيڪ ڳالهه ڪرڻ جو ضرور ڪونهي. جيڪو عين اليقين ٿيو ته پاڻهئي خبر پونديس، مرشد پاڻ ٿي پوندو. اتي طالب ۽ مطلوب جو فرق نه آهي. محبت ۽ يقين سيني عبادتن کان بهتر آهي. فقير خلق ۽ دنيا دارن سان محبت نه ڪندو. دنيا سان محبت ڪرڻ وارو فرعون ها مان ۽ نمرود آهي. جيڪو خلق جي رغبت کان بچي ذڪر ۾ محو ٿيو ته ان جي پاڳ ۾ الله آهي ۽ اهو نبين مان آهي. اڳي جيڪي الله گهرندا هئا تن کي نبي سڏبو هو. هاڻي نبوت ختم آهي. هاڻي انهن فقير عارف سڏجي ٿو جن لاءِ ڪريم ﷺ الفقر خزينته من خزائن الله فرمايو آهي يعني فقير الله جي خزانن مان هڪ خزانو آهن فقير سڏائڻ سان فقير ٿبو نه آهي فقير اهي آهن جن الله اثبات ڪيو. ماڻهن کي هدايت رسول ڪريم وٽان ملي آهي.

توڪل ان کي چئجي ٿو الله ڪانسواءِ ڪنهن بہ ماڻهوءَ ۾ اميد نہ رکڻ اچا بہ توڪل جي انتها اها آهي تہ عبد مان الله تي پوڻ. جيڪو ڪم الله وساري ان کي دنيا چئبو آهي محبت جي لائق اهي آهن جيڪي جسم مان نڪتل آهن. جيڪو جسم مان نڪتو سو جسم جو قيدي آهي. نفس سان دشمني ڪر تہ الله توکي سيني ڪان لااحتياج ۽ لاغرض ڪري. ڪامل صوفي اهو آهي جيڪو معرفت ۾ پهچڻ ڪانپوءِ مرڻ تائين حال جي حقيقت ۾ رهي. سندس وات مان هميشہ توحيد جي گفتار هلندي هجي. ڪامل صوفي توڙي زماني جي گفتار ڪري تہ بہ خوف نہ اٿس يا بادشاهي هلائي تہ بہ ڪثرت نہ وچڙندس. جيئن پاڻي وارو پکي ڏنڊ ۾ ٽبي هڻندو آهي تہ بہ پر بہ ڪو نہ پسندو اٿس ۽ اڏرندو وتندو آهي. فقير بہ جنهن مهل چاهيندا تہ پرٽاٽ ڪيون اڏريا هليا ويندا. نفس سان دشمني ڪر تہ الله دوست ٿيئي. جي نفس جو يار آهين تہ الله دشمن اٿيئي. صوفي پهريائين تجريد ۾ رهي پوءِ تفريد ۾ اچي ٿو ان ڪانپوءِ توحيد ۾ پهچي ٿو هن جو ڏسڻ خواه گفتار سدائين توحيد جي هوندي آهي عاشق پهتي ڪانپوءِ بہ سال لاڳيتو چوٿين مڪان ۾ رهندو. ان ڪانپوءِ ڪڏهن هتِي ڪڏهن هُتِ پيو رهندو ان جي اچڻ وڃڻ ۾ صرف اک ڇنڀ جيتري دير لڳندي.

نمازي مسلمان گهڻا آهن مگر حقيقي مسلمان ڪو نہ ليندو. صوفي جيستائين خواري ۽ ملامت ڪان ڀڄندو تيستائين خدا وٽ نہ پهچندو. جيڪا دل ڪاري تي تنهن جو اڇو ٿيڻ مشڪل آهي. مگر جيڪڏهن ڪامل مرشد شاهہ منصور جهڙو ملي ويس تہ ڪيس صيقل سان سڌاري سگهي ٿو. سو بہ ائين جو مرشد جي مهر ڪئون پوءِ رت واتئون ايندس تڏهن دل اڇي ٿيندس. علم وارو ائين آهي جو ڪيس الله ڏسڻ جو يقين نہ ٿيندو. سدائين وهمن ۽ خيالن ۾ پيو گذاريندو ۽ سر جو سانگو بہ نہ لاهيندو. طالب تي مهرباني ٿيندي تہ هو الهام غيبي ظاهري ڪنن سان پيو ٻڌندو. جيڪا طالب لاءِ وڏي تسلي ۽ مهرباني آهي. الله جي ذڪر کي وسارڻ وڏي ۾ وڏو گناهہ آهي. نفس جيئرو آهي تہ طالب مئل آهي نفس مئو تہ طالب فقير

قيامت تائين جيئرو رهندو. جنهن نفس کي محڪم ڪيو تہ سارو جهان سندس فرمانبردار ٿي پوندو خدا کي عبادت کان نفس جي مخالف وڌي پسند آهي.

توڪل ٻن قسمن جي آهي. (1) توڪل عام اها آهي تہ الله ڏيندو ۽ ڪائونس ان، مان ۽ دنيا پيا گهرندا. نفس کي مزن کا نہ روڪيندا. توڪل خاص آهي الله جي ديدار لاءِ ڪين ڪامل يقين هوندو آهي ان ڪري وصال ٿيندو اٿن دينا کي ٿي طلاقون ڏيڻ پرهيزگاري آهي. نفس کان بيزار رهڻ صرف حق سان محبت ڪرڻ.

نفس جو عادتون چار آهن. (1) حق جو منڪر ۽ ملحد آهي.(2) بي شناسي.(3) باندرو واريون بائليون ڏيڻ. جيڪي اچيس حرام هجي. توڙي حلال ڪائي ويندو (4) مڪار آهي. باغن ۽ ملڪيتن تي خوش نہ ٿيو جو ڏاڏي آدم سان بهشت جهڙي باغ بہ وفاداري ڪانہ ڪئي. جنهن مان ڏڪا ڏئي ڪيس ڪڍيو ويو تو بہ ان جي قبول آهي جنهن دنيا ترڪ ڪئي، جيڪو نفس کي ترڪ ڪندو سو الله ٿي پوندو. نفس ناراض ڪرڻ سان الله راضي ٿيندو آهي.

جيڪي ماڻهو ظاهري عبادت ۾ جنهن جاءِ کي سجدو ٿا ڪن اُها اسان جي گهوڙي ٻڌڻ جي جاءِ آهي. دنيا جو جهان بازار آهي نفس ان ۾ واپاري آهي. جنهن نفس کان ڪابہ شيءَ خريد ڪئي تنهن جي دل ڪاري ٿيندي ۽ خدا ناراض ٿيندس. جيڪو دنيا ۾ نفس جي مرضي تي هلندو تنهن کي نانگ جي زهر وانگر نفس جو زهر وٺي ويندو. نانگ جو زهر چڪ پائڻ سان وٺندو آهي مگر عورت جو زهر ڏسڻ سان وٺندو آهي علم فيض سڀ چَٽ ٿي ويندس.

گهڻي ڪائڻ مان غفلت ٿيندي هي. دنيا نفس جو شراب خانو آهي. جيڪو هن شراب خاني ۾ رهندو سو الله کان غافل ۽ گمراهہ رهندو. دنيا ۽ دنيا وارن جي محبت سڀني گناهن جو بنياد آهي، ننڍين توڙي وڏن دنيا دارن تي لعنت آهي.

## بيت رومي صاحب جو

اهل دنيا چه ڪهين وچ مهين ـ لعنت الله عليهم اجمعين

معرفت وارن لاءِ عرش کان تحت الثريٰ تائين سير ڪليل آهي. مگر شريعت وارا انڌن وانگر لٺ تي ٽا هلن. جيڪو صوفي عبادت ڪندو تنهن جڻ ڪنڌ تي مڻ جو پٿر ٻڌي ڪن ٽپو ڏنو سو وري نہ نڪرندو. فقير جي منزل ڪي عام ماڻهو ڪفر ٿا سمجهن. پر جي اهو ڪفر ڏسن تہ سڀ سجدي ۾ ڪري پون ۽ ڪي سجدي ۾ مري وڃن تہ ڪي سڙي وڃن جيڪو. زبان سان الله ڪي ياد ٿو ڪري سو درگاهہ الاهي مان تڙيل آهي جن الله اثبات ڪيو سي زبان سان الله جو نالو نہ وٺندا. جڏهن الله اثبات ٿيندو تہ ڪلمي قرآن ۽ نبين تان آسرو ڪڇي ويندس جڏهن پاڻ الله ٿي پيو تہ ٻين ڇا ڪندو. سج اڀرڻ کان پوءِ ستارن ۽ چنڊ جي ضرورت نہ رهندي آهي. جيڪو الله نماز ۽ زباني ذڪر تي راضي ٿئي ان ڪي اسين بيزار آهيون. اهو الله رشوتي آهي. جيڪو منهنجي ٻڌائڻ تي خوش ٿئي ان ۾ اسان جو ڪهڙو ڪم. اسان جو نئون الله آهي. پر اٽي الله کان بيزار آهيون.

استغراق ڇا آهي؟ عاشق جڏهن حق جي ذات ۾ گم ٿيندو تہ صفات نہ رهندي نہ هي رهندو نہ هو رهندو. اهو استغراق آهي. جيڪو نمازي ٻين کي بي نمازي سمجهي کانئن نفرت ڪندو تنهنجي نماز رد آهي، قبول ناهي، صوفي لاءِ نماز ۽ خلق جو نياز الله ڏانهن آڏي پٽ آهن عارف جو مقصد ملڪوت آهي. جيڪو ڪثرت ۾ هر هڪ شيءِ ۾ الله ٿو ڏسي سو ڪچو ۽ هينين حدن ۾ آهي. قضا جا مالڪ ٿيو. آهي. جيڪو قضا جو محتاج ٿيو سو موچڙن ۾ آهي. جيڪو قضا تي راضي ٿيو تنهن کان الله لڪي ويندو.عبادت تي جيڪو خوش ٿيندو سو جاهل آهي جيڪو ڪرامت تي خوش ٿيندو سو ڪاهل آهي.

اسان فقيرن کي الائي چا ٿيو آهي جو نہ دين نہ ايمان رکون،نہ ڪفر نہ اسلام رکون، ڪعبو نہ قبلو نہ مسجد نہ مڙهي، نہ خوف، نہ رجاء، نہ قبر جو پئو نہ محشر جو خوف، نہ بهشت جي لالچ نہ دوزخ جي ڪاڻ نہ شفاعت جي ضرورت نہ شريعت نہ طريقت نڪا حقيقت نہ يقين نہ ئي الله جي غرض اسان اهڙا ڪتا ۽ ڪهنا ڪافر ٿي ويا آهيون ۽ عظيم ڪفر ۾ وڃي پيا آهيون جو اسان جو ان ڪفر جي ڪُن مان موٽڻ محال آهي.

روئڻ ٻن قسم جو آهي هڪ روئڻ فراق جو ٿيندو آهي جيڪو وس کان ٻاهر آهي ٻيو روئڻ وصل جو بہ ٿيندو آهي. جڏهن ڪو ساز سروز شروع ٿيندو آهي تڏهن وصل جو روئڻ ٿيندو دنيا پائخانو ۽ ڏونڊ آهي. ڏونڊ ۽ پائخانو ڪتي جو مرڪ آهي. فقير اوڏانهن نہ ويندو. صوفي اهي آهن جيڪي انساني وصفن کان نڪري ويا پاڻ مان نڪري وڃي عشق اعظم جي درجي کي پهتا. جيڪي فقير لامڪاني ۽ عارف بالله آهن سي هونءَ تہ ظاهري ڪم ڪار پيا ڪن پر جڏهن آئينہ ۾ منهن وجهن تہ الله پڌرتي پيا ڏسن، نہ جبل آڏ ٿيئن نہ آسمان.

عشق جو وڻ ذڪر سان سائو ٿيندو آهي جيڪو آخر ۾ من خدايم جو ميوه ڪندو آهي. نفس جي وڻ کي پائخاني جو پاڻي سائو ڪندو ۽ آخر پيشماني جو ڦر ٿيندو اٿس. جيڪو اهو ڦر کائيندو ان جي ڪفن کي لعنت جا ٽاڪا هڻندا، سچو طالب اهو آهي جنهن جا نفساني خيالات فنا ٿي وڃن. وڃي هڪ حقاني خيال بچيس ۽ ان ذات جي سڪ رهيس. جيڪو فقير ڏهہ ٻارهن سال پاڻ کي طواف ڪندو سو هن بوتي مان نڪري معراج ڪندو. جيئن حضرت رسول الله ﷺ ڪيو هو. جيڪو ان ڳالهہ کي ڪوڙو سمجهندو تنهن تي لعنت آهي.

زاهد عابد جي پهچ بهشت تائين سو بہ جيڪڏهن عبادت قبول پويس، بهشت روحاني چڪلو ۽ رنن جي رهڻ جي جاءِ آهي. مگر صوفي فقير جي پهچ لامڪان تائين آهي. جيڪو شخص الله ڏي بہ نہ هلي ۽ نماز روزو بہ نہ ڪري سو ڪلا ڪائيندو عام مسلمان لاءِ نماز بچاءِ آهي، اها بہ بندگي آهي

معراج جي رستي واري ڳالهه رندي آهي. نماز عام ماڻهن لاءِ آهي. جيڪو دل وجان سان پڙهندو ته ان کي بهشت ملندو نماز عام خلق تي خدا جو محصول رکيل آهي. جيئن شهزادا انگلينڊ مان سياست جو علم پڙهي حڪومت ڪن ائين دم جو ذڪر به بادشاهي جو علم آهي جيڪو دم جو ذڪر ڪمائيندو سو من خدايم وارو امتحان ڏيئي ٻنهي جهانن ۾ عرش عظيم جو مالڪ ٿي پوندو. صوفين جو علم به شاهزادن وارو علم آهي.

قناعت ڇا آهي، جيڪو ملي تنهن تي راضي رهڻ. وڏيڪ الله کان نه گهرڻ ۾ نه ملڻ تي رنج نه ٿيڻ فقير اهو آهي جنهن کي فائدو پويس ته خوش نه ٿئي ۾ نقصان پويس ته رنج نه ٿئي، هي الله جو ٿئي ته الله سڄو سارو هن جو ٿي پوندو.

سخاوت ڇا آهي. هي دم آدمي کي خزانو مليل آهي. جنهن پنهنجا دم عشق جي راهه ۾ ذڪر الاهيءَ سان خرچ ڪيا ته پوءِ انکي شاهي خزاني جي حڪومت ملندي. پاڻ ٻين کي به خزاني مان پيو ورهائي ڏيندو. شجاعت ۾ پهلواني اها آهي ته الله جي راهه ۾ سر جو به سانگ نه ڪرڻ نفس سان جنگ ڪرڻ شينهن مارڻ کان نفس مارڻ ۾ وڏي پهلواني آهي. فقير عارف جي ڪرامت اها آهي ته جنهن دل ۾ الله جو اير پير ئي نه هجي پوءِ اها دل الله الله ڪري ۾ جيئري ٿي پوي. مئو جيئرو ڪرڻ سولو ڪم آهي مگر مئل دل جيئري ڪرڻ ڏکي آهي.

نماز هڪ ڪڙئي مثل آهي جنهن جي پڇاڙي ۾ بهشت آهي. مگر نماز جي ڪڙئي کي اڳئي ماڻهو وهمن جا ڪنڊ وجهيو ٿا ڇڏين ان ڪري سندس چيڙو بهشت تائين پهچي ئي ڪونه ٿو. اجا به واٽ تي سوراخ ۾ ڊورا اٽس. انهن سوراخن مان پاڻي پڇي ڊورا ٿو پري جيڪو نقصان آهي. نماز واري ماڻهن جو فصل سماءِ ۾ توجهه کانسواءِ تباهه ٿيو وڃي.

الله بهشت کان لکين ڪوهه پري آهي. الله وٽ صرف دم وارو درياهه موجون ڪندو وڃي ٿو. نمازي روزانه مسجد ۾ پنج آنا لاهيون اچن انهن ماڻ هڪ به پچونه ٿو ڦتي. سندن سپ آنا ڪنا ٿي وڃن ٿا. ڪڪڙ به آري واري

روزان جو ڏيئو ڪري ڦوسان ڏيئي سڀ آنا ڪنا ڪيو ڇڏي، ائين نمازي به بيٺي ڪان پوءِ خيالات جون ڦوسون ڏيئي سڀ نمازون برباد ڪيو ڇڏين. ڪڏهن به نمازيءَ من خدايم جو نعرو نه هنيو هوندو.

طالب کي گهر جي ته مرشد کان ذڪر ورتي ڪان پوءِ رات جي ماني نه کائي، هجر توڙي وصال ۾ ائين ڪري. وصل ۾ پهتي ڪان پوءِ پاڻهيئي سندس کائڻ پيئڻ جهڪو ٿي ويندو. جڏهن به وارو مليس ته نفس سان تعدي ڪري. طالب کي سياري جو رات جي ماني کائڻ گهرجي ۽ اونهاري ۾ صرف انين پهر کائڻ کپيس. طالب کي ائن پهرن مان صرف هڪ پهر ننڊ ڪرڻ گهرجي. ڏينهن جو به ننڊ نه ڪري جو رات واري اوجاڳي. جي ڪسر نفس ڪيندس ۽ ڪٽي دسيندس. حديث پاڪ آهي ته النوم عليٰ محب الاحرام. يعني عاشقن لاءِ ننڊ ڪرڻ حرام آهي. طالب کي لذات ۽ مذات کان پري رهڻ گهرجي. ڇو ته سٺن کاڌن کائڻ سان ذڪر جي غفلت ٿيندس. صوفي کي گهرجي ته جيڪڏهن مليس ته به نه کائي ۽ جي نه مليس ته شڪرانو ڪري. پنهنجي گهران به گهري نه کائي. طالب لاءِ مئي جي نيت جي ماني حرام آهي صوفي کي هندو جو طعام ۽ هٿ جي شيءَ وٺڻ حرام آهي. هندوءَ جو هٿ لڳو ڄڻ ٻليءَ وڃايو. صوفيءَ کي گهرجي ته ٻار واريءَ عورت واري رَڪَ ۽ پرهيز ڪري. ڇو ته ٻار واري عورت ڊوءِ ڪري به نه کائيندي آهي. پاڻي به گهٽ پيئندي آهي. گوشت به نه کائيندي آهي اوجاڳو به ڪندي. هر وقت ٻار جي ڳڻتي هوندس. جيستائين سندس ٻار وڃي پنڌ ڪري پيءُ جي ڪڍَ لڳي صوفي کي به ايستائين پرهيز ڪرڻي آهي جيستائين پاڻ مان نڪري وڃي ذات سان ملي پوءِ کيس ڪو به خوف نه آهي. صوفي کي زنا جي سخت منع آهي، زنا جا ڪيترائي قسم آهن. اک جي زنا غلط ڏسڻ. ڪن جي زنا غلط ڳالهيون ٻڌڻ. زبان جي زنا غلط گفتگو ڪرڻ. چوٿين هٿن جي زنا غلط جسم تي هٿ لڳائڻ پير جي زنا، زنا جي طرف پنڌ ڪرڻ، ارادي جي زنا ۽ وڏي زنا جنهن طالب مرشد وٺڻ کانپوءِ زنا ڪئي ته تخت الثريٰ ۾ وڃي پوندو. نه مرشد نه رسول الله ﷺ شفا

ڪندس. ڇو تہ الله جي بي فرماني آهي. الله سر جو عيوض وٺندس. مرشد
ڪان اڳ پلي هزارين اهڙا ڪم هجنس تہ مرشد جي هٿ وٺڻ سان سندس
گناهن جي سموري ڦرهي ڌهي صاف ٿي ويندي . پوءِ ڦرهيءَ کي ڪارو نہ
ڪري صوفي کي گهرجي تہ ڪنهنجي بہ اوبر نہ ڪائي توڙي هڪ مرشد جا
طالب هجن تہ بہ هڪ ٻئي جي ٿانوَ ۾ نہ کائين. ڪافر جو هٿ لڳل يا عام ماڻهوءَ جو
طعام نہ کائي ڇو تہ دل کي ڪارو ڪندو آهي ۽ دل اسم کان غافل ٿي
ويندي آهي. مٺ جو پاڻي بہ طالب لاءِ حرام آهي. صوفيءَ کي اگر اوچتو
پرائي حسين زال منهن پوي تہ اتفاق آهي وري ڏٺائين تہ اها اک جي زنا
آهي ٻيو دفعو ڏسڻ شهوت جي راءِ سان ٿيندو. ان ڪري ٻئي دفعي ڏسڻ سان
لعنت جو حقدار ٿيندو. صوفي جيڪڏهن مريدن کي پرائي ٻڌل ڳالهہ يعني
ڪنهن عارف جي منزل جو بيان پنهنجي نالي ڪري ٻڌائيندو تہ سندس
هزار پيڙهيءَ تائين لعنت اٿس صوفيءَ کي گهرجي تہ هو ذات حق جي سئين
سڌي ڳالهہ عام کي نہ ٻڌائي صوفي عاشق کي آسمان ڪونہ ڏسبا آهن.
آسمانن مان سندس نظر ٻسٽ عرش عظيم کان پري ويندي جتي هو پاڻ
کي ڏسندو. اتي سڀ سندس آستانا آهن سندس مرضي آهي هِتِ رهي يا
هُتِ رهي ۽ گهمي. آسمان عابدن زاهدن جادوگرن فلاسافرن لاءِ آڙ آهن. ڇو
تہ آدمي بہ ان جا جزا آهن متان ڪنهن جي نظر نہ پئجي وڃي.

عرش ۽ ڪرسي بہ ڪثرت آهن مگر اها ڪثرت بالا آهي. اهو ٻنهي
جهانن جي حڪومت جي گادي جو هنڌ آهي. عاشقن جي حد عرش
ڪرسي کان پري آهي. ان جو نالو نہ وٺبو ڇو تہ اهو فقير تي گناهہ آهي.
صوفي کي جڏهن معراج ٿيندو تہ پاڻ بہ نماز ڪو نہ پڙهندو مگر ٻين
جي نماز تي بہ ڪِلَ ايندس. ۽ چوندو تہ کين خبر نہ آهي تہ نماز جو مالڪ
ڪٿي آهي. جنهن کي الله سمجهي سجدو ٿا ڪن. صوفي جڏهن الله اثبات
ڪيو تہ ڪعبہ تي اک نہ ٻڌندس. ڪعبہ وٽ ويندو تہ بہ صرف ان لاءِ ويندو
تہ ڏسان تہ ماڻهن جي سجدي جي جاءِ ڪهڙي آهي.

الله اسان کان گھڻو ئي لڪو پر لهي وڃوسينس. جيڪو ساري جهان کان لڪل هو اسان پڌر تي لڌس. جيئن ڪنهن ٻيلي ۾ شينهن هجي ان ٻيلي کي ڪٽي باهه ڏجي ته شينهن پڌر تي نڪري پوندو. تيئن اسان نفس واري ٻيلي کي ڪٽي باهه ڏني ته الله پڌر تي نڪري پيو. الله آسمان ڇڏي اچي آدم ۾ لڪو هو اسان ڪيس مسجدن ۾ ٻين پاڪ جاين تي ڳوليو پر ڪونه لڌو پوءِ مرشد الله جي هجڻ ۽ رهڻ جو ڏس هن بوتي ۾ ڏنو ۽ اسم اعظم جي سرچ لائيٽ هٿ ۾ ڏنائين ۽ بوتي جي باهه جو چيائين ائين ڪيو سون الله پڌر تي نڪري پيو .وفي انفسڪم افلا تبصرون. پوءِ ڪڍ دم جو پيرو ڪنيوسون ڏٺو سو ته دم به بي مثل آهي. الله به بي مثل آهي. ان ڪري جنس جنس سان ليندي تنهن ڪري الله کي الله سان لڌوسين جنهن صوفي الله ڏٺو ته رسول خدا به روضي کان ٻاهر اچي ملندس.

عاشقن عارفن جيئري ئي نفس ۽ قبر کان آزادي ورتي ۽ اهي قبر جا قيدي ڪين آهن. صوفي جڏهن بوتي جي مڙهيءِ مان نڪتو ته پوءِ ڪٿي به ڪونه اڙيو. جيڪو جسم جو قيدي آهي سو هٿ به قيد هوندو. جيڪو صوفي به سڏائي ۽ حق جي طلب به ڪري ته عشق جي دفتر تان لوڏيل آهي. جنهن صوفيءَ نماز پڙهي سو عشق محبت جي مئخانه ۽ پير مغان ساقي حوض ڪوثر وٽان لوڏيل آهي، اهو نفس جو تابع آهي نفس عشق جو دشمن آهي.

### بيت

گر نماز و روزه هي فرمايد ـ نفس مکار است مکر زايد
راست فرموده است آن رسول جواز ـ ذرهءِ علقت به از صوم نماز

جيڪڏهن توکي نفس چوي ته نماز پڙهه ۽ روزا رک، نفس وڏو مڪريل آهي ۽ مڪر وڌائيندو آهي.

سچ فرمايو آهي رسول الله ﷺ تہ تنهنجي عقل جو ذرو روزي نماز کان بهتر آهي

ڏسو تہ حضرت رسول الله ﷺ يتيم هو. هجرت ڪري قريشن جي پيَو کان مڪي مان مديني ۾ وڃي رهيو. پوءِ ڏسو تہ عشق شهنشاهہ کين ڪيڏو سرفراز ڪيو جو ساري ڪائنات ۾ محمدي نغارو وڃي ٿو. نماز تہ سوا لک انبياءَ ڏنو ڪيو. ڪو بہ معراج تي نہ پهتو. پوءِ ذات ذوالجلال حضرت رسول خدا ﷺ کي فَاَوحیٰ اِلیٰ عَبدِہ مَا اَوحیٰ ۽ وَذکُرُ رَبّکَ فی نَفُسِکَ جو رستو ڏسيو.ان رستي سان هلي رسول الله ﷺ معراج ڪيو ۽ عرش اعظم جا مالڪ ٿيا. طالب کي عشق جي باهہ ۾ دم جودود دکائڻ گهرجي، جتي عشق جي باهہ ٻرندي آهي اتي غير سڀ سڙي ويندو آهي. هن دنيا کان هٽرادو چريائپ بہ چڱي آهي. هٽرادو چريا ٿي دنيا مان جند ڇڏايو ۽ خدا ڏي رجوع ڪريو.عشق جي شراب سان پيئي جهان زنده آهن. سيڪنهن ساهواري ۾ عشق جو شراب آهي. اسان کي نہ دين نہ ايمان نہ دنيانہ عقبيٰ گهرجي اسان کي فقط عشق جي محبت گهرجي. قبر ۾ بہ اهو گهرنداسون.اوهان کي زالون ۽ پٽ الله کان گمراهہ ڪندا. ڇو تہ اهي جنجل آهن. الله اهڙي ڪٿل آسامي نہ آهي جو جيڪوان جو ڏيندوان کي روزي نہ ڏيندو. جنهن کي الله جي محبت نہ آهي سو مئل آهي. طالب جيستائين دم اسم سان آهي تيستائين عاشق آهي.جڏهن بوتي مان نڪتو تہ پوءِ الله جو معشوق ٿيو. جسم درياہ اعظم جي جهڳ آهي. جڏهن جهڳي ختم ٿي تہ نجو درياہ ڏسڻ ۾ ايندو. دل ذات حق جي رهڻ جي جاءِ آهي نيڪي بدي سڀ تو وٽان ٿيندي. رحمان رحيم ۽ قهار بہ تون ئي آهين. جي الله ڏي هلئين تہ نفس پنهنجي تي حم ڪيئہ جي نہ هلئين تہ نفس تي قهر ڪيئہ موچڙن جا ڦهڪا هوندءِ ۽ دوزخ جو عذاب ٿيندءِ جي تون پاڻ سڃاڻين تہ لوح محفوظ قلم عرش ڪرسي بہ تون ئي آهين جيڪڏهن الله ڏسڻ جي محبت اٿيئي تہ هر هڪ دم سان الله جو ذڪر ڪر. جيڪڏهن تون خواب ۾ پاڻ کي پناگر ڏسين ۽ جاڳين تہ ساڳيو ئي حاڪم هجين. خواب آهي دنيا جي

حياتي جنهن ۾ تون ٻانهو ٿيو ٿو وتين جي جاڳين تہ تون ساڳيو ئي سر آهين. جاڳڻ آهي جسم مان نڪرڻ. اسم اعظم جي وسيلي جسم مان نڪرڻ عرش عظيم جو معراج ڪرڻ. عارف جي دل الله جو عام جي دل شيطان جو آئينو آهي، لعل ۽ موتي تہ شاهوڪارن وٽ لڀندا آهن مگر هيرو ڪنهن ڪنهن بادشاهہ وٽ لڀندو آهي. الله جو عشق بہ هيرو آهي، سڀ ڪنهن وٽ نہ لڀندو. مولويٰ جو عشق بہ هيري وانگر قاتل آهين جنهن وٽ هوندو تہ سندس نفس کي ماري ختم ڪندس ذات حق جي ڏسڻ جي خواهش اٿيئي تہ دل کي اسم اعظم جو تخت ڪر تہ الله ڏسندين نہ تہ جواب اٿيئي، جيستائين نفس کي نہ کهندين تيستائين حق جي طرف پرواز ڪري نہ سگهندين نفس ٻلي وانگر تاڙ ۾ آهي جيئن ڪنهن پکيءَ منهن هيٺ ڪندو تہ جهٽ ڏيئي جهپي ڪٽي ويندس . تون بہ پرواز ڪري نفس کان جان بچائي هليو وڃ جيئن اڏري ويل پکي بہ بچي ويندا آهن. نت نفس گهلي وڃي پنهنجي ڏر” دوزخ“ ۾وجهندو ۽ جيڪي اسم اعظم سان هليا سي ٻلي نفس کان بچي ويا. مگر غافل مارجي ويا. هي جسم الله جي اڳيان پت آهي. جنهن اسم اعظم جي ڏڪن سان اها پت پڳي تہ پوءِ اهو نسورو نور مگر ساڳي ذات ٿي پيو.

فقير عارف جي ڪائڻ پيئڻ ڏي نہ ڏسو هن جهان ۾ ٿورو گهٽو ڪاڏو پيتو تہ حضرت رسول الله ﷺ ۽ حضرت پير مولويٰ علي عليہ السلام بہ هو حرم پاڪ بہ هئن ۽ اولاد بہ ٿيو هون، مگر ان هوندي بہ مڪمل ذات هئا.

اهو وڏو شهنشاهہ چمڙا پوش ڪري پاڻ تي احمد ۽ علي نالا رکائي آيو هو. فقير عارف بہ ائين آهن. جو ڳي جي منڊ پڙهڻ سان جوڳي ٻنجي ٿاپون.ايسر مهاديو جي منتر ۾ بہ اثر هو باقي رسول الله ﷺ جي ٻڌايل سبق يعني اسم اعظم ۾ ايتري طاقت يا اثر ناهي ڇا ؟ جو ساڳيو ٿي پون، ماستر مان ماستر ٿيو پون باقي الله جي اسم اعظم مان الله نہ ٿو ٿي سگهي. ڇو نہ ٿيندو پر جهدِ جفائون ۽ ڪوشش ڪرڻ سان ٿيندو.

هي اوهان جو جسم الله جي آڏو جبل وانگر آڏ آهي. اهو جبل فرهاد وانگر لاجي ترار سان ڀڃ ته الله پڌر تي ڏسين. الله کي خلق کان ڪو خوف ڪونهي. جو لڪل آهي مگر اوهان کيس ڏسي نٿا سگهو.

سمنڊ مان ڪو هيڙونڪرندو آهي سو سج کي ٻه ڍڪي ۾ لڪائي ڇڏيندو آهي، اوهان جو جسم ٻه مٽيءَ جو ٿيلهو آهي پوءِ ڪيئن نه الله جي آڏو ٿيندو. ڇا هن جسم جي ڪوٺ ۾ سج نه آهي. باقي هي ڏسي، ٻڌي ۽ ڳالهائي ڪير ٿو.

جيڪو طالب ذڪر سان صبر نه ٿو ڪري تنهن کي ديدار نه ٿيندو اهڙو بي صبر مرڻ بعد قالو يا ويلنا جو دانهون ڪندو. ذڪر سان صبر ڪرڻ فرض آهي. مگر وصل کانپوءِ بي صبري ٿيندي آهي. جو ذڪر يا عبادت اٿس ئي ڪانه ان کان پوءِ فقير جي عبادت توحيد جي گفتار آهي. جنهن هِتِ رسول الله ﷺ نه ڏٺو پوءِ قيامت ۾ ته سيئي شان شوڪت سان بيٺا هوندا. ڏٺل هوندس ته سڃاڻيندو. ڏٺل کي ڏٺل جو ننگ ٻه پوندو اڻ ڏٺل کهڙي منٿ ميڇيندو. حضرت رسول الله ﷺ پاڻ نعرو هڻندو آهي.

مَن رأٰنی فَقَدَ راءَ الحقُ

يعني جنهن مون کي ڏٺو تنهن الله کي ڏٺو

ائين رسول خدا کي ابو جهل، ابو لهب، سفيان ٻه ڏٺو هو. سيني ته الله ڪو نه ڏٺو هو. جنهن جو ساڻن جنگيون پي ڪيائون اهو ڏسڻ ٻيو ٿيندو آهي.

اڄ ڪلهه گهڻا ماڻهو فقيري جو دم هڻن ٿا. طالب ۽ مريد ٻه ڪن ٿا. رسول الله جو فرمان آهي ته جنهن مون کي ڏٺو سو ڪافر ٿيو. مَن رَاني فَقد ڪَفَرَ. يعني جيڪو اها حديث سمجهندو ۽ اتي پهتل هوندو ان کي طالبن ڪرڻ جو حق آهي. جنهن کي ان حديث جي خبر نه آهي ان کي ڪو حق نه آهي ۽ رهندو گنگڙ ڪنڌ ۾ اٿس. خود ئي موچڙا کائيندو. ٻين کي ڪيئن ڇڏائيندو.

ٻي سڀ شيءِ پاڻي سان ڌوپي ٿي مگر دل ڇاسان ڌوپندي آهي. جيئن مسلمانن تي قرباني ڏيڻ فرض آهي تيئن عشق جي راهه ۾ ٻه قرباني ڏيڻ

فرض آهي هي ڏيکو ساري عمر چنو آهي. مکڻ ماکيون ۽ الله جو ڪافي نعمتون کاڌيون اٿس ان کي مرشد اڳيان پير مولا علي جي اڳيان قربان ڪر.

**بيت**

گاؤ و تن قربانئی شیر خداست، گر ترا با او سر صدق و صفا است

هي ڏيکو جسم مولا علي جي اڳيان قربان ڪر. جيڪڏهن ان سان سچائي ۽ صفائي اٿئي

هي ڳالهه اسان اکين ڏٺي ٿا ڪريون اگر اسان پڙهيل يا ٻڌل ڳالهه ڪريون تہ اسان تي خداءِ رسول ۽ ملائڪن جي لعنت هجي. اها راز الاهي جي اکئين ڏٺي ڳالهه آهي.

نفس عزرائيل جو همصلاح آهي. عزرائيل نفس کي چيو آهي تہ تون انهن کي وجي رجهاءِ. نہ تہ اهي نہ توکي وٽ ڏيندا نہ مون کي . هي وجود نَوَن آسمانن جي تصوير آهي ۽ زمين جو نقش آهي. نوَ پاسريون نون آسمانن مثال آهن. ستين پاسري ملڪوت مثل آهي ۽ اٺين پاسري جبروت مثل آهي ۽ نائين عرش عظيم مثل آهي.

جيڪو طالب ذڪر ۾ غرق ٿيندو سو رڳو ذڪر ٿي ويندو. جيڪڏهن دم قضا نہ ڪندو تہ هر هڪ سال ۾ هڪ هڪ پاسري مان روح نيڪال ٿيندو رهندو. مگر طالب جي نڪرڻ جو مدار حق جي مرضي تي آهي. ڪن کي نون سالن ۾ تہ ڪن کي ڏهن بارهن يا پدرهن سالن ۾ پرواز ڪرائي. طالب جڏهن جسم مان نڪتو تہ پلڪ ۾ پهچندو هي دم جو شينهن خاڪي پڃري ۾ واڙيل آهي. نوَ آسمان سندس پيلو آهن. معرفت سندس ملڪ آهي. آدمي جو معدو زمين مثل آهي. خاڪي بوتو نفس جو حصو آهي، نفس زمين جو رهاڪو آهي. نفس واڳون مثل زمين ۾ چنبا کوڙيون وينو آهي. روح کي نڪرڻ نٿو ڏئي. روح جي نڪرڻ جو علاج اسم اعظم وسيلي ٿيندو. دم دم سان اسم اعظم جو بندوقون هٽبيس تڏهن روح

جون واڳون نفس مان جان ڇڏائيندو. جسم مان نڪرڻ وقت مٿي تي لت رکندو. پوءِ وک وک سان هر هڪ آسمان ٽپندو ويندو. شروع جو وچڻ ائين ٽيندس پوءِ اک ڇنڀ ۾ ايندو ويندو رهندو عروج ۽ نزول ان کي چئبو آهي.

هر هڪ آدمي جا پير معدي ۾ ڪتل آهن. معدو روح کي قابو ڪيون وينو آهي. ڪيس سير ڪرڻ نٿو ڏئي. ان معدي روح کي حرص. ننڊ ۽ شهوت جا ڏاوڻ وڌا آهن، جنهن ڪري سير نٿو ڪري سگهي، انهن ڏاوڻن ڪپڻ جو اسم اعظم بهترين علاج آهي. جيڪو دم ڪمائيندو تہ ان جا ڏاوڻ ڪپبا نہ تہ نہ ڪپبا. ڇٽن جهڙا ڄنگهن ۾ نيئر بہ سنگهران ڇيلهہ ۾ ۽ پيرن ۾ ڪڙيون پيل هونديس. رڪوع جي حالت ۾ بيٺو هوندو واجهائڻ جي اجازت بہ نہ هوندس، ان ڳالهہ جو قرآن ڪريم شاهد آهي. اِنَّا جَعَلۡنَا فِيۡ اَعۡنَاقِهِمۡ اَغۡلٰلًا فَهِيَ اِلَى الۡاَذۡقَانِ فَهُمۡ مُّقۡمَحُوۡنَ. يعني بيشڪ اسان سندس ڳچين ۾ ڳٽ وڌا پوءِ اهي ڪاڏين تائين پيل اٿن. جنهن ڪري ڳاٽي پر ٽنگيل آهن. هيءَ ڳالهہ بہ اکئين ڏٺي ٿا ڪريون. ڪوڙي کي لعت الله آهي.

عاقل ۽ داناءَ اهو آهي جيڪو پاڻ سڃاڻي. جسم مان نڪري معراج ڪري. داناءَ جو مٿي جيئري اهو سير آهي نادان اهو آهي جنهن پاڻ ۾ الله کي گم ڪيو ان جهڙو ٻيو ڪير بہ نادان ڪونهي. جيڪو عيش عشرتن ۾ رهي سو احمق آهي. اهو الله کان غافل هوندو. ماڻهو مسلمان ٿا سڏائن مگر سچو مسلمان اهو آهي جيڪو رسول الله ﷺ جي هٿان ڪلمون پڙهي. رسول الله ﷺ جيئرو آهي. ماڻهو مائٽن هٿان ڪلمون سکيا سي مري ويا، جيئرا بہ ڄڻ مئل آهن. رسول خدا ﷺ هٿان ڪلمون پڙهن ها تہ مرن ئي ڪونہ ها.

جنهن عارف جي منزل فنا في الشيخ ۽ فنا في الرسول آهي اهو شخص بہ رسول خدا آهي.اهڙي مرد مرشد هٿان ڪلمون پڙهن رسول الله ﷺ وٽان ڪلمون پڙهن مثل آهي هتي ڳوٺ ۾ ڪوٽومل هندو هو جيڪو ڪلمون بہ پڙهندو هو. مگر جٽيو بہ ٻڌل هوس ڪافر هو. جيڪي زباني ڪلمون پڙهن ٿا تن کي بہ جٽيو ٻڌل آهي. مگر اسم اعظم وسيلي ملڪوت ۾ اهو

جڏهن ته ڪافر جو قبر مثل ٽٻيو ٻچندو آهي. تڏهن ماڻهو مسلمان ٿيندو آهي. عام مسلمان جو قبرون به مثل آهن ڇا ڪاڻ ته انهن جڏهيو ڪونه چنو. نفس ڪافر جي محبت ۾ ڪافر ٿي مري ويا. ڪافر جي قبر مثل هوندي آهي. مسلمان به ان کي چئجي جنهن جي قبر جيئري هجي.

بي فرمان شهوت زمين ۾ جهنم جو پاڳو آهي. فرمان واري شهوت ٻج آهي. شهوت نار به آهي ته نور به آهي. هدايت آهي ته گمراهي به آهي. سڀ وصفون شهوت ۾ آهن جنهن کي جيڪو پاڳو مليو سو ڪٽي ٿو. هي بوتو به نانگ جي ڪل وانگر آهي. نانگ به ڪل لاهيون گهمندو وتي. عارف به بوتو لاهي ڇڏين ۽ پوءِ معرفت ۾ معراج جو سير ڪندا وتن.

جنهن دل کي دنيا جي طلب آهي ۽ الله وسريل اٿس اها بيمار آهي، عارفن وٽ دلين جو علاج آهي. جنهن سان تندرست ٿيو پون. عارفن دلين جي ڪارنهن جي علاج جو نسخو عرش عظيم مان وتو آهي. جيڪو صدق دل سان وٽن ايندو ته ان جي دل جي ڪارنهن لاهي ڇڏيندا. غافلن جي دلين تي حرص هوس جو دونهون چڙهيل آهي جنهن ڪري ڪاريون اٿن، اهي انڌا ٻوڙا ۽ گونگا آهن. جيئن قبضي سان گئس دماغ تي چڙهي ماڻهوءَ کي سودائي ڪري ڇڏي ٿي. ائين آدمي جي معدي مان دونهون هوسان ٿيون پيدا ڪن ۽ پوءِ شهوت اڀري ٿي. جنهن سان قلب ڪارو ٿيو پوي. پوءِ اهو انڌو ٻوڙو گونگو آهي، جنهن ڪري چرين وانگر ڪنهنجي به هدايت نٿو ٻڌي. آسمان مان الهام به نه ٻڌي سگهي ۽ الله ظاهر پڌر تي آهي اهو به ڏسي نه سگهي.

سچ ۽ ڪوڙ ڇا آهي. سچ الله جو يادگيرو آهي. ڪوڙ دنيا ۾ غفلت آهي. جنهن الله جو يادگيرو وساريو سو ڪوڙي دنيا جي منهن پيو. حضرت موسيٰ وارو نيل درياهه هِتِ آهي. روح موسي اهي ۽ نفس فرعون آهي. جيڪو موسيٰ يعني روح جي تابع ٿيو اهو ذڪر ڪمائيندو ان کي هي دنيا جو جهان آساني سان اڪري وڃڻ ڏيندو. مگر جيڪو نفس فرعون جو تابع آهي اهو گمراهه آهي. ان لاءِ پاڻي رت جهڙو ٿي پوندو ۽ ڪيس ٻوڙي ماريندو.

ماڻهن جي دعا ۾ پٽ درگاهه الاهي ۾ چونه ٿي قبول پوي. ماڻهو انڌا ٻوڙا ۽ گونگا آهن تڏهن سندن ڪا به شيءَ الله وٽ پهچي ئي ڪانه ٿي. سر لاهي ڏين ته هڪدم دعا ۾ پٽَ اگهامين .دم جو رستو لٽڪندڙ رسو عروت الوتقيٰ آهي . دم جو ذڪر عرش عظيم تي پهچائيندو آهي دنيا ڪوهه مثل آهي. جنهن اهو رستو نه ورتو سو ٻڏي مري ويندو ۽ غرق ٿي ويندو. جيڪو فقير ماڻهن جي ٽوڪن کان ڊڄندو هو الله وٽ قبول ناهي. جيڪڏهن اوهان ڪي ڏوهاري ۾ دوزخي ڏسڻو هجي ته وڏيري وٽ وڃي ڏسو ته الله جي گفتار جو نالو ئي نه هوندو جيڪڏهن دوزخ ۾ وڃڻ جو خيال هجي ته انهن جي ڪچهري ۾ وڃي ويهو. وَكَذَٰلِكَ جَعَلْنَا فِي كُلِّ قَرْيَةٍ أَكَابِرَ مُجْرِمِيهَا لِيَمْكُرُوا فِيهَا لِأَنفُسِهِمْ وَمَا يَشْعُرُونَ. يعني اهڙي طرح اسان سڀني ڳوٺن ۾ وڏيرا ٺاهيا آهن جيڪي جرم ڪندڙ آهن ۽ سندن ٺڳي پاڻ سان آهي. مگر ڪين سمجهه ڪين آهي. واصل با الله صوفي جو سينو عرش عظيم ۽ توحيد جي شرح ۾ معنيٰ آهي. هن ڪان عرش فرش تائين هڪ وار به ڳجهو ڪو نه هوندو عارف وجد وقت ذات حق پاڪ جي روبرو ٿين ٿا. جيئن هرڻ شينهن جي اڳيان بيهوش هوندو آهي، تيئن فقير به توحيد جي گفتار ۾ ڪلام سان وجد حال ۾ اچن ٿا ۽ بيهوش ٿين ٿا. ان ڳالهه جو به قرآن شاهد آهي، اِنَّمَا الْمُؤْمِنُونَ إِذَا ذُكِرَ اللَّهُ وَجِلَتْ قُلُوبُهُمْ وَزَادَتْهُمْ إِيمَانًا بيشڪ مومن اهي آهن. جو جڏهن خدا ياد اچين ته سندن دلين ۾ لرزش پيدا ٿي ٿئي عارف ڪامل جو نيشان به اهو آهي ته توحيد جي ڪلام ۾ سرور ٻڌڻ سان سندس جسم ۾ لرزش پيدا ٿيندي. مگر لرزش نه پوپس ۽ ماڻهن سان وينو ڳالهائي ته اهو انڌو ۽ بي حاصل چئبو. توحيدي ڪلام ۾ غزل عرش عظيم جا پيغام آهن. اهو فقير عارفن ۽ منصورن جي زبان مان الله پاڻ ڳالهايو آهي. هر ڪنهن سان الله سندس ٻوليءَ ۾ ڳالهائيندو آهي. حضرت سرور ڪائنات ﷺ سان عربيءَ ۾ ڳالهايو. حضرت موسيٰ سان عبراني، عطار سان فارسيءَ ۾، جلال الدين روميءَ سان پهلوي ۾، ڀٽائي سان سنڌيءَ ۾ سچل سرمست سان

بہ سنڌيءَ ۾ ڳالهاياٺين. الله هر هڪ ٻولي ڄاڻيندو آهي. جيڪوالله کان غافل ٿو مال سان محبت رکندو تہ مٿي ڪانپوءِ بہ مال ڪيڏ لڳو وتندس جند ئي ڪونہ ڇڏيندس.

جيڪو راز جو مسئلو نہ سمجهہ ۾ اچيوَ تہ عارفن کان پڇو جيڪي اوهان کي سمجهائيندا ڇو تہ لدني علم کان عارف واقف آهن ملان قاضي غير واقف ۽ انڌا آهن. اهڙن عارفن لاءِ قرآن فرمائي ٿو تہ فَاسۡئَلُو اَهۡلَ الذِكۡرِ اِنۡ كُنۡتُمۡ تَعۡلَمُوۡن. يعني اهل ذڪر وارن کان پڇو جيڪي اوهان نہ ڄاڻندو هجو

غافل جي هر گز تعبيداري نہ ڪريو جيڪڏهن ڪندوءِ تہ جهنم جي باهہ ڏانهن وٺي ويندوَ. دنيا وارن جي ڪچهري ۾ نہ ويندا ڪريو ڇو تہ اتي خدا جو ذڪر نہ آهي. جي ويوءِ تہ ڄڻ بت کي سجدو ڏنوَ. ان جي آخري منزل مَسَڻ ۾ ٿيندي وڏيرن وٹ وڃڻ ۽ ويهڻ جو اهو درجو آهي. جنهن ماڻهوءَ کي اها خبر نہ آهي تہ مان ڪاٿان آيو آهيان ڇا لاءِ آيو آهيان ۽ ڪاڏي وڃڻو آهيان تہ ان جو حال ائين آهي جيئن اوڏ گڏهن کي چرڻ لاءِ ڇوڙي ڇڏيندا آهن ۽ هو ڍيرن تان گند گاهہ کائي گڏهين جي پويان هينگندا وتن. دنيا جا ماڻهو گڏهہ آهن جيڪي مادين گڏهين جي مُٺَ تي منهن رکيون سگهندا وتن هينگون ڪري پاڻ بہ اتي مُٺي ڏين.

هيءَ عشق جي گفتار عطر ۽ عنبر آهي ان کي دنيا جا گڏهہ ڪيئن پسند ڪندا. جيڪي مُٺَ حيران آهن. انهن کي اهن گفتار مان ڪهڙو فيض پوندو. عرش عظيم جي عطر جي ڪين ڪهڙي خوشبوءِ ايندي. هن ڪتي نفس کان اسم اعظم جي سنگهر نڪتي تہ ڪونہ ڪوزيان ڪري وجهندو. تنهن ڪري ڪيس مظبوط هٿ وجهجن

عشق شهنشاهہ جو فرمان آهي تہ جيڪو اسان جو ديدار گهري تہ دم قضا نہ ڪري ۽ سر جو سانگ بہ نہ ڪري دم قضا ڪرڻ محبوب جي ديدار نہ ٿيڻ جي نيشاني آهي.

جيڪوموتين جي ٻُولا ۾ سمنڊ ۾ گهرندو تہ ڪيس واڳن ۽ مانگر مڇ جو خوف نہ ٿيندو. سر تان هٿ کڻندو تہ موتي هٿ ڪندو. مگر جيڪو سر جو سانگ ڪري ڪناري تي بيهي رهندو سوموتي ڪيئن هٿ ڪندو.

عاشق اهوآهي جيڪو دنيا عقبيٰ تان هٿ کڻندو اهو ديدار الاهي بہ ڪندو. درد حال ۽ اسم اعظم سان نفس جي هستي جي پاڙ پٽيو. عشق جي بدنامي کٽو.نيڪامي ڇاڪندوء منصوري حال عشق مان پيدا ٿيندو جيستائين سر نہ ڏيندين تہ الله جي ديدار کان جواب اٿيئي.

صوفي جڏهن عشق جي ساقيءَ وٽان جام پيئندو آهي تہ ڪڏهن شمس الحق تبريزي ٿي پوندو تہ ڪڏهن جلال الدين رومي تہ ڪڏهن شاهہ منصور ٿي انا الحق جا نعرا هڻندو. دل جي شيشي کي ذِڪرَ جو صيقل نہ هڻندين تہ عين اليقين ۽ حق اليقين نہ ٿيندين، اسم اعظم ۾ گم نہ ٿيندين تہ جسم جو قيدي آهين.

ساري خدائي کي نفس جو جٽيو بڌل آهي. حقيقي مسلمان نہ آهن.حقيقي مسلمان جي بانگ من خدايم جي بانگ آهي.الله جڏهن منهن ڏيکاريندو آهي تہ ڪافر کي مسلمان ڪندو آهي ۽ مسلمان کي جٽيو ڀڏرائي ڪفر جا ڪلمان چورائيندو آهي.

هڪ دفعو ذات حق اسان کي ٻڌايو تہ مونکي ڪنهن بہ قسم جو حجاب ڪونهي نہ اوٽ آهي نہ پردو. ماڻهو پنهنجو پاڻ کي پاڻ اوٽ ٿيا بيٺا آهن. پاڻ هان نڪري پون تہ رڳو مان هجان، مگر غافل مون کي گم ڪيون پاڻ کي ظاهر ڪيون بيٺا آهن. دنيا جا جڏهن تعلقات ٽوڙيندا تہ عشق جي باهہ ٻانهپ جي گهر کي ساڙي ڇڏيندي ۽ پوءِ الله پڌر تي ڏسندين.

روئڻ جو وڏو درجو آهي ذات حق جي سڪ ۾ روئڻ اصل بہ آدم عليہ السلام سيلون جي ٻيٽ تي رنو هو. سندس روئڻ جي پاٽي سان سائو گاهہ ڄمي مٿان وري ويو هوس. آخر روئڻ قبول پيس. نبوت مليس. ذڪر ڪمائڻ سان سڪ ۽ درد پيدا ٿيندو آهي. درد سان روئڻ ايندو آهي. روئڻ

سان سڀ گناهہ معاف ٿيندا آهن. روئڻ سان قلب جي ڪارنهن بہ صاف ٿيندي آهي.

گهٽي ڪائڻ واري کي خودي پيدا ٿيندي آهي. عيش عشرت سبب ڪلندو آهي. ان کي ذات حق اهڙي بيماري ڏيندو جو دوا ئي نہ لڳندس. هڪ دفعي ذات حق مون کي ٻڌايو تہ مان ماڻهن کي سڏيندو ٿورهان ۽ ڏسندو ٿو رهان تہ ڪڏهن ٿا مون ڏي اچن مگر هو تہ مون کي پٺي ڏيون پنهجن ڪمن سان ٿا گهمن. ذات حق ٻڌايو تہ مان تہ هڪ پلڪ بہ پري ناهيان تہ بہ ماڻهو مون کان جدا گهمندا ٿا وتن.

سر کي ذات حق اڳيان نذرانو رکو ۽ عشق الاهي خريد ڪريو اهو سهانگو سودو اٿو. ان کان وڏيڪ نفعو نہ ملندوَ. هي جسم بيڪار اٿوَ. جنهن کي موت جو صوبيدار عزرائيل گهٽي ماريندو ۽ پوءِ ڇو نہ ان کان اڳ ۾ خوشيءَ سان ذات حق اڳيان کيس قربان ڪريو. دنيا ڏوکو آهي. دنيا دار واريءَ مان تيل ڪيڻ جي آسري تي محنتون ٿا ڪن. پاڻيءَ مان مکڻ ڪيڻ جي اميد اٿن. مگر دنيا مان ڪنهن کي بہ ڪجهہ حاصل ئي نہ ٿيو آهي. الله جي عشق محبت کان سواءِ عمر اجائي آهي.

دنيا دارن جو اصول آهي تہ دنيا دار کي عزت ڏيندا آهن پوءِ چاهي هو هندو هجي. مگر عارفن کي حقارت سان ڏسندا آهن. عام ماڻهن ۾ ملن جو الله تعريف تي خوش ٿئي مينهن وسائي مگر فقيرن جو الله بي پرواهہ آهي. هزار انتظاريون ڪريونس. تہ بہ واجهائي بہ ڪين. اسان جي الله جي تعريف رسول بہ لڪائي ڪئي آهي. اسان سچاڻي وڌس. اتي وجي لڏوسونس. جتي رسول الله ﷺ ويو هو نہ تہ ڪونہ سچاپي ها. ان ڪري ڳوٺ وياسونس. اتي چيائين: اَنَا اَنْتَ فَاَيَنَ اَنْتَ ،اَنا اَنْتَ فَاَنْتَ اَنِ يعني هم تم هويا تم هم هويا مان تون آهيان تون آءُ آهين.

بيت

من تو شدم من شدي من تن شدم جان شدي.
تا کس نه گويد بعد زين تو ديگري من ديگر م،

مان تون ٿيس تون مان ٿئين، مان جسم ٿيس تون جان ٿي پئين
پوءِ ڪير به ائين نه چوندو ته تون ٻيو آهين ۽ مان ٻيو آهيان.

الله ان کي وٽ ڏيندو جيڪو سندس ابتو پير ڪٽندو. الله ساري دنيا کان لکل هو اسان ابتو پير ڪٽي وچي گهر قابو ڪيوسون. گهر کي ڪڙو ڏسي پاڻهيئي پڄندو آيو اسان گهوڙي تي چڙهي جنگي فوج ساڻ ڪري نيٺ وچي الله جو قلعو فتح ڪيوسون.

اسان کي اسم اعظم جي اهڙي ته طاقت هئي جو هي ته هڪ الله هو جي ويهه الله هجن ها ته به لهي وجهون ها، هاڻي جيڪو به اسان وٽ ايندو ته انکي ابتو پير ڪٽائيندا سون.

نفس جو ڪاڏو مردار آهي. ملن کي ختما ڦبيا، ڏوَ ڪيائون. ان ڪري بي حاصل رهي مري ويا. فقير عارف موتو قبل انت موتو مري جيئرا ٿي پيا.

سوليءَ جو ذوق عارفن ماڻيو ملا سچا ۽ سگهڻا. عاشق هزارين مئل دليون جيئريون ڪن. ڪيترن کي فيضياب ڪن.

فقير عاشق هتئون وڃن ته شراب جا مَٽَ پيئون ٻي ٿي بيخوديءَ جا غزل ٻڌيون بوتي کي ٽڪ هنيون هليا وڃن. فقيرن کي ذات حق پاڻ وٽي ويندو آهي. جنهن ڪان جان ورتي هئائون ڏيندا به ان کي آهن، دنيا دارن ۽ غافلن لاءِ عزرائيل صوبيدار رکيو آهي. پگهار تي بيٺل آهي جيڪو دنيا دارن کي سڪرات جي سختيءَ ۽ بي عزتيءَ سان وٺي ويندو آهي. عشق جو رشتو ۽ دوستي ڪفر سان آهي. مسلمانيءَ مان جيڪو ڪافر ٿيندو سو ضرور وڏيءَ لالچ يا نعام تي ٿيندو. فقير عارف دين اسلام کي پراڻي پهراڻ وانگر لاهي ڪٽي اڇلن. سوبه ڪنهن وڏي دلاسي تي.

مسلمان لک درود صلواتون پڙهن تہ بہ عشق واجهائين بہ ڪون فقيرن ڪي اٽڪل آهي جو رڳو سڏ ڪنس تہ عرش کان اک ڇنڀ ۾ اچي حاضر ٿئي.

جڏهن اسان کان عشق، دين ڦٽو ڪرايو تہ هوڪو ڏنوسون تہ دين ۾ مسلماني هڪ پائيءَ تي ٿا وڪڻون هجي ڪو وٺڻ وارو. ڪنهن بہ نہ ورتو. ملن وٽ اڳيئي موجود هو. اهي نہ پيا وٺن. حضرت خواجہ خضر معرفت وارو هو تڏهن تہ موسيٰ نبيءَ جو عقل سندس اڳيان حيران ٿي پيو. هي دنيادار جيڪي پاڻ کي ديندار ٿا سمجهن تن کي رسمي دين جي بہ پوري خبر نہ آهي. تن کي الله ۾ لدني علم جي ڪهڙي خبر.

الله قيامت جي رکت ڪونہ ٿو ڪري جان دم نڪتس تہ الله جو صوبيدار هٿ ڪڙي هٽي کيس قسيم النار والجنته ڏانهن وٺي ويندس. پوءِ هن کي طومار يعني اعمالنومون ملندو. پاڻ پڙهندو. جنهن ۾ ڳاڙها اکر نيڪيءَ جا ڪارا اکر بديءَ جا لکيل هوندا، جي ڪارا اکر گهڻا هوندس تہ بهشت دوزخ ورهائڻ وارو حڪم ڪندو تہ هن کي دوزخ ۾ ڌڪو ڏيوس. پوءِ پوليس وار پڪڙي وجي دوزخ ۾ اڇليندس ۽ جي ڳاڙها اکر گهڻا هوندس تہ بهشت ملندس.

مگر فقير عارف شهباز آهن هڪ وڻ تان اڏري ٻئي وڻ تي وڃي ويهندا آهن. عامن جو موت سڪرات جي سختيءَ بعد گرفتار ٿي ويندا آهن. عامن ۽ خاصن جو ڪائڻ پيئڻ ۽ روئڻ هڪجهڙو آهي مگر ٻنهي جي موت ۾ فرق آهي.

عشق هماءُ آهي جنهن ان ۾ فناءِ ڪاڏي سو بہ هماءُ ٿي پوندو. ٻيو بہ جيڪو عاشق جي پاڇي ۾ ايندو سو بہ هماءُ ٿي پوندو. فقير محبوب وٽ ويا ان ڪري کين شهباز ۽ هماءُ لقب ملين. الله اسان سان ائين گڏ آهي جيئن ماٺهوءَ سان پاڇو گڏ هوندو آهي. الله اسان کي عرش کان تحت الثريٰ تائين پنهنجي سموري حڪومت جو سير ڪرايو آهي. اسان جتي وياسين. اتي

نہ ڪفر نہ اسلام نہ دين نہ ايمان نہ سجدو نہ سلام نہ جماعت نہ پيش امام هو.
عشق اسان کي آسمانن جا رستا ڏيکاريا. مديني ۾ مڪہ تہ هتئون ٿا ڏسون.

الله کان جيڪي غافل آهن. سي ڪئن وانگر آهن زمين ۾ ٻر ڪٽي ان ۾ گاهہ ان ۾ گڏ ڪري ٿا رکن. هنن لاءِ عزرائيل ٻلو آهي، جيڪو ڪين ٻر مان منهن ڪڍڻ سان چڪ ۾ ڪنيون وجين. جيڪو صفاتي بوتي ۾ غرق هوندو سو تيستائين الله کان بيگانو هوندو. مگر جڏهن ان مان نڪري پاڻ تي پيو سو ذات تي پيو پوءِ قدرت هن جي هٿ ۾ آهي، عاشق جڏهن ذات ۾ گم ٿيا سي صفات کي ڇا ڪندا. حضرت موسيٰ سان الله وڻ مان بہ ڳالهايو هو مگر انسان جيڪو ڪيئي سال دل ۾ ذڪر ٿو ڪمائي پوءِ اتان نہ ڳالهائي سگهندو؟

غافلن کي جڏهن ٻلي عزرائيل جي خبرپوندي آهي تہ سڪي ويندي اٿن. اڪيون گهر جي ڇت ۾ هٽي ڪوئي وانگر ڪرندڙا ٿي ويندا آهن. پوءِ پاڻ ڏيکاري ساهہ ڪڍيون هليو ويندو اٿن. سڀ ڪنهن انسان جي وجود ۾ بيو حقيقي وجود بہ آهي. انسان تڏهن ئي گهمن ۾ ڪم ڪار ڪن ٿا. جيئن ترار مياڻ ۾ پيل هوندي آهي. مياڻ جي شڪل بہ ترارجهڙي هوندي آهي مگر ڪم جي ترار آهي، هي بوتو مٽيءَ جو گهوڙو آهي. ڪم ڪار ۾ ڪاروبار ڪرڻ جنگيون ڪرڻ معرفت ماڻڻ حقيقي وجود جو ڪم آهي.

اسم اعظم جي مدد سان اگر هن وجود مان ڇنڊجي نڪتو سو معنيٰ جو اعظم جبرائيل آهي اهو ذاتي وجود هن بوتي ۾ ائين پيل آهي جيئن کير ۾ مکڻ موجود هوندو آهي مگر آدمي انڌا آهن جو نہ ڏسن ٿا نڪي سڃاڻن ٿا، ائين طالب پنهنجي سيني جي ٿانوَ ۾ مرشد کان سنبائڻ وجهرائيندو آهي. پوءِ بنا ساهيءَ جي دم جي جهيرڻي سان ولوڙويندو تہ روحاني معرفت جو مکڻ نڪري پوندس.اگرو ٿي ڏيندو تہ کير ٺري ويندس ۾ بيٺي تڪليف ڪرڻي پوندس. وري جڏهن اوجاڳا ۾ بکون ڪڍندو تڏهن وڃي کير مان مکڻ نڪرندو. جن مرشد کان سنبائڻ بہ نہ وجهرايو ۾ نڪي کير ولوڙيائون تن جا کير خراب ٿي ويا. نہ ڄميا نڪي مکڻ ئي مِليُن اهڙن ماڻهن. لاءِ

بادشاھہ عزرائيل کي حڪم ڏيندو تہ سندس ساھہ نهايت ئي سختيءَ سان ڪڍيو وڃي ۽ کين گرفتار ڪري مئجسٽريٽ وٽ پيش ڪيو وڃي جيڪو کين ڪاري باھہ واري ڪوٽ ۾ اڇلائيندن ڏسو تہ ساري جهان کي دم جي جهيرٽي ۾ کير ولوڙڻ جي خبر ئي نہ آهي. جيڪو ماڻهو الله جي محبت ڪانسواءِ مري ويو تہ کيس لاش کي خيالات جون ڳجهيون پيون کائيندس ۽ نالو ئي گم ٿي ويندس. جيڪي جسم جي قيد ۾ مري ويا سي پوءِ بہ قيدي هوندا.

هڪ دفعي شرن جي مقام پرسان لنگهياسون تہ هڪ مماتي واري اسان کان سڏ ڪري پڇيو تہ فقير منهنجون ٻڪريون خوش آهن. اسان چيس تہ پنڌ گهڻو اٿيئي وڃي ڏسي اچ. جنهن چيو تہ سائين وڃڻ نٿا ڏين. اهڙي طرح سڀ مماتي وارا بهشتن سميت خدائي حڪم جا محتاج آهن. امر ڪانسواءِ گهمڻ وڃڻ جي اجازت نہ اٿن. جن جيئري جسم مان نڪري معراج ڪيو سي آزاد آهن اهي عاشق ويچارن جي واهرو سڏن تي اچي حاضر ٿين.

جيڪو ماڻهو مرڻو هوندو آهي ان جي مقام وارن کي اڳيئي خبر پوندي آهي تہ اجهو ٿو اچي. توڙي هو خوش گهمندو هجي. مقام وارا نيڪ جي اچڻ سان خوش ٿيندا آهن ۽ ڏوهاري جي اچڻ کان ڊڄندا آهن. مقام ۾ ڏوهاري جي پهچڻ سان ڦهڪو ڦهڪاٽي ٿي ويندو آهي. جيڪو بہ جيئرو ماڻهو مقام ۾ ويندو تہ مماتي وارا سڀ چوندس تہ ختمون ڏي، اهڙي گهر ڪندس جيئن وهانوَ تي ٻار مناڻيءَ لاءِ چنبڙي ويندا آهن. جن کي ماڻهو نہ ڏسندا آهن. مگر عارفن کي ڏسڻ ۾ ايندا آهن اسان کي جڏهن مقام وارا ختم لاءِ تنگ ڪندا آهن ان وقت اسان هڪ نالو ڪڻندا آهيون تہ پوءِ جيئن باز اڳيان پکي ڇپي وڃي ائين سڀ چپ ٿي وڃن ۽ اسان جي جند ڇٽي پوندي آهي .

مائٽن جي دوستي بہ وفا دارنہ آهي. جڏهن ماڻهو مرندو آهي تہ لاچار سندس ماءُ ٻارهن مهينا روئيندي پيڻ ڇهہ مهينا، پٽ چار ڏينهن روئيندس،

زال تي ڏينهن ڪانپوءِ تاڙ ڪندي ته ڪو وانديو ۾ ڇڙو مڙس ڪيان مگر هجي ٿوڻ مڙس. اها آهي مائٽن جي وفاداري الله جي محبت وارو هِتِ هُتِ الله جي پناهه ۾ هوندو.

اڳي جڏهن درياهه پائيندڙ ڪوهه وٽان لگهندو هو ته ڪوهه جو چڪ ڪيڏي ابتو ڪري ڪوهه جي سِرَ سِرَ ڪري ٻاهر اڇلائيندو هو. پاڻ سان ملائي هڪ ڪري سندس وجود ختم ڪندو هو. هي طالب به ذڪر ذريعه مذڪور وٽ پهتو ته گهن سان ڪوهه واري ڪار ٿيندي، ٻانهپ جو نيشان ئي نه رهندس فقير عارف به ائين آهن. پاڻ گم ٿي وڃن رڳو الله وڃي رهي. جيڪڏهن توکي الله طرف ڪشش ٿئي ٿي ته پڪ ڄاڻ ته اها گهر الله جي آهي. جنهن دل کي دنيا جي ڪشش آهي ته اُها ڪيس اسفل سافلين دوزخ جي هيٺئين تري جي ڇِڪَ اٿس.

هجئي ڪا مڙسي ته نون ئي آسمانن مان لنگهي پوءِ، اها دل الله جو دروازو اٿوَ. ان در جو ڪڙو کڙڪائيندا رهو ته ضرور هڪ ڏينهن توهان سان الله منهن ڏيکاري ڳالهائندو. هن صفات سان لله جي ذڪر ۾ گم غرق ٿيندين ته الله ڏسندين. ڦڙي مان درياهه ٿي پوندين. صفات مان ذات ٿي پوندين. جيڪو بوتو پاڻ کي پائين ته اهو عاقبت ۾ خوار خراب ٿيندو. هن سان هن کي لهُه هن ڪانسواءِ هو ليندءِ. الله ڪانسواءِ پينگ سُڄ آهي. الله کي پڌايو به اسان آهي. اثبات به اسان ڪيس. ڊورن ڪان پڇو ته ڪو الله جو ڏس ڏيندا. الله به اهڙو معتبر آهي جو جيڪو ڳولي لهيس ته ان سان تعديون ٿو ڪرائي. ماٺهو ٻچي مارائيس ٿو. شاهه شمس لڏس ته ان جي کل لهرايائين. اسان جي وڏي پاءُ منصور کي سوليءَ تي چاڙهايائين. شيخ عطار کي قتل ڪرايائين. اسان جي مائٽ شيخ صنعان کي جٽيو پارايائين. اهي سڀ جُنيون الله کي ڦبيل آهن. اسان انهن سيني چٽڪين جو پلوءُ وٺنداسونس. مجال اٿس جو پلاند نه ڏئي. جيڪو عشق ۾ مري جيئرو ٿيو سو هميشه حيات آهي وري نه مرندو. جيڪي ماني تي حيران آهن تن کي عشق جي کهڙي خبر. هن بوتي جي پوري بنڊ کي اناج کي خالي ڪندين ته هيرن

جواهرن سان ڀرپور ٿيندءِ. پاڻ کي سٽن ڪاڏن گهٽي ننڊ ۾ گهٽي ڳالهائڻ کان بچائيندين تہ تون ملائڪن کان بہ مٿي ويندين. جنهن جي جسمات عشق ڦاڙي وڌي تہ سندس صفات رئي ٿي ويندي ۽ ذات ٿي ويندو. هي عشق جو بيان عارفن لاءِ آهي اهي نفس کان وٺندا آهن. اهي ئي صاحب معراج آهن.

حضرت مصطفيٰ مدني سرڪار ﷺ جن معراج جو ڏگ ٿاهي آيا آهن. اهو رستو اڃا بند نہ ٿيو آهي. مگر عاشقن عارفن لاءِ ڪليل آهي. انڏن لاءِ ڏڪيو آهي. فقيرن لاءِ معراج چاليهن قدمن تي آهي. چاليهن قدمن سان فقير ست ئي آسمان گمهي موٽي ايندا آهن. سازن آوازن ۾ جيڪا حقيقت آهي اها. جيڪڏهن ظاهر ڪريون تہ ٻئي جهان غرق ٿي وڃن. اسان جا تڪا گفتا دين ايمان وارا ٻڌي نہ سگهندا, پڄي ويندا جيڪو اهي تيرن جهڙا گفتا سينو سپر ڪري ٻڌندو سوئي عرش جا سير ڪندو.

عارفن جي صحبت مان من خدايم جي دم هڻڻ واري جوانمردي پيدا ٿيندي آهي. قاضي ۽ ملان نفس جا طالب آهن ۽ نندي ٻار وانگر کير پياڪ ٻار وانگر آهن. توحيد جي گفتار معنيٰ جي ماني آهي. کير پياڪ ٻار ماني نہ کائي سگهندو آهي ۽ مانيءَ سان گهٽجي پوندو آهي. انڪري اهي عشق جي ڳالهہ سان گهٽجي پوندا آهن. جنهن طالب جي دل ۾ سوجهرو نہ آهي سو نفس جو تابع آهي. تڏهن ٿو اوندهہ ۾ گذاري.

عام ماڻهن جي دلين جا ڪن بند آهن. ان ڪري سڀڪو طالب عرش جا الهام نٿو ٻڌي. جيڪو طالب ٿي ۽ سڏن جا ڀُڇا ڪنن مان ڪڍندو سوئي ٻڌندو. جنهن طالب اسم اعظم سان دل جا دروازا کولي وڌا سو هر هنڌئون الله کي ڏسندو. آدمي ان جو نالو آهي جيڪو الله ڏسي. جنهن الله نہ ڏٺو سو انڌو آهي, دنيا جو طالب هت بہ خوار آهي تہ عاقبت ۾ بہ خوار هوندو. ۽ سندس منهن ڪارو آهي. جنهن الله لڌو سو هِت هُت سرخرو آهي. روح الله جي صحبت جو پياسو اهي. مگر نفس دنيا جي لذات مذات ڏانهن جهليون وينو اٿس.

وحدانيت جي گفتار وقت اهڙي ڪا موج ايندي آهي جو چئجي تہ زبان وڏي ڇڏجي جسم گهات ڪجي ۽ قلم ڀڃي ڇڏجي جزوي عقل عشق اڳيان منڊو آهي. وحدت جي ڳالهہ پاڻ ٿو ڪري. ٻوٽو روح لاءِ ائين آهي جيئن ڀڄڻي مينهن کي ڪنڌ ۾ پيچر ٻڌبو آهي، ذات ذوالجلال وٽ جڏهن وياسون تہ انجام ڪيو هئائون تہ فولاد قيامت جي ڏينهن حضرت رسول ﷺ سان گڏ خلق جي شفاعت ڪندين ان ڏينهن اسان جونالو عماد الملڪ رکيو هئائين.ان نالي جو رواج عرب بادشاهن ۾ هيو جو هو وزيرن کي ان نالي سان سڏيندا هئا.

قيامت جي ڏينهن ڏسندئو تہ جن اسان کي تڪليفون ڏنيون هيون تن لاءِ ملائڪن کي حڪم ڪري جهنم ۾ موڪليندس. ملائڪ اسان جي حڪم ۾ آهن.اهي اسان جي پيرن کي بہ نہ پهچن. ايترو هيٺ آهن. شرن مان جيڪي اسان جا محبتي بديءَ ۽ زنا کان بچيل آهن اهي رحمت ۾ داخل آهن. عزرائيل جي اک اهڙِي دهشتناڪ آهي جو عام ماڻهو ڏسيس تہ هڪدم ڪانچ ۾ دست وهي وڃيس ۽ مري وڃي، مگر جبرائيل جي اک رحمت آهي.

اسان عزرائيل جي سڄي پاسي کان لنگياسين تہ حيرت مان چوڻ لڳو: بلي اهڙا بہ مرد آهن، جيڪي اسان کان بہ مٿي وڃن. اسان جي سردار حضرت رسول ڪريم ﷺ فرمايو آهي: من طلب شيءُ جَدَوَجَدَ. يعني، جيڪو ڳوليندوسو لهندو. ڪنهن جو ڊور ويندو آهي تہ بہ ڪيڏو ڳوليندو آهي. مگر مسلمان الله وڃايون وينا آهن، تہ بہ نٿا ڳولين حيف اٿن. جنهن الله لڌو ان جي مٿيءَ بہ مان ٿي لهي. هزارين ماڻهو ان وٽان مرادون پوريون ٿا ڪرائين.

توڪل ڪري ماڻهو کوهہ کٽندا آهن. وڏي محنت ڪانپوءِ وڃي پاڻي کي لهن. اوهان دل جو کوهہ کٽو تہ الله لڀئي پئيو. جنهن ڪچهري ۾ الله جي ڳالهہ ناهي تہ اتي نفس ٽپڙ کڙو ڪيون وينو آهي. اتي لذات ۽ شهوت جي ڳالهہ پيئي هلندي.

وحدانيت جي شراب جي نشي ۾ اهڙي طاقت آهي جو بوتي جو دلو ڀڃي وجهندو آهي. دلي ڀڃڻ بعد نجي ذات آهي. صفات نہ رهندي، الله جي صحبت کانسواءِ بادشاهہ بہ پناگر پٽ مثل آهي. هيءَ ڪثرت جي راند الله رچائي آهي. پاڻ بہ ان راند ۾ گهمندو ٿو وتي. مگر ڪير بہ ڪونہ ٿو سڃاڻيس. جنهن الله کي لڌو سو پاڻ گم ٿي ويندو. عشق بادشاهہ جي اچڻ بعد هي جزوي عقل ٽپڙ ويڙهي ويندو. ذات حق پاڪ عشق جي باهہ جو آڙاهہ ٿو مچائي ۽ عاشق ان آڙاهہ ۾ پنهنجي جان ٿو جلائي

مُشڪ ڪلندو تہ ڪچهري سموري ۾ خوشبوءِ ٿي ويندي. ائين توحيدي مُشڪ آهي فقيرن لاءِ دنيا جي ڳالهہ ڍونڍ آهي. ذات حق جو فرمان عاشق کي ضعيف ڪندو آهي.عشق جو وصال عاشق کي آرام ۽ فرحت ڏيندو آهي.

جيتري اوهان کي الله جي سڪ آهي الله کي بہ توهان جي اوتري سڪ آهي يُحِبهُم يُحِبُونہ. جيئن هاٿي کي هندستان ڏيکاربو تہ هو ڪڏهن بہ وڃڻ کان نہ مڙندو. طالب جي جڏهن اک کلي تہ هاٿيءَ وانگر سوارن کي ڪيرايون دريائن جبلن مان پار ٿيندو وڃي پنهنجي اصلوڪي ملڪ هندستان ۾ پهچندو.

جبلن ۾ هڪ پکي آهي سڄي عمر پاڻي نہ ڏٺو آهي. سدائين وتندو آهي. پاڻي ڳوليندو. جڏهن پاڻي لهيس ۽ چنهنب ٻوڙي تہ مري وڃي. الله جي طالب جو مثال بہ ائين آهي جيڪي الله پٽ پهتا سي پاڻ رهيا ئي ڪونہ.

مال ۽ دنيا جي عاشقن جو بهشت ۾ ڪهڙو حق آهي بهشت ۾ اهو ويندو جنهن جي ٻولي الا الله هوندي هن بوتي جي خدمتن جي عبادت ڇڻ ٻلو ڪٽي ويو دڪوئي داخل نہ ٿيندن. ماڻهو اهڙا انڌا آهن جومال جو ملهہ تہ سڃاڻن ٿا مگر پنهنجو ملهہ ڪونہ ٿا سڃاڻن. جي سڃاڻن ها تہ بهشت دوزخ ۽ عزرائيل جي ڪاڻ نہ ڪڍن ها.

نفس قرآن. نماز ۾ صلوات پڙهي . تہ بہ اعتبار نہ ڪجوس، هن جي هٿ ۾ هر وقت ڪئينچي هوندي آهي جنهن مهل وجهہ مليس تہ ڪيسو ڪتري مڏي ڪنيو هيلو ويندو. يعني سڀ نيڪ عمل هڪ ڏڪ ۾ ناس ڪندو. طالب الموليٰ مذڪر وارو خيال ڪجي طالب الدنيا مخنث وارو ڪدڙو ڪندو. جيڪا جماعت دنيا تي حيران آهي. تہ قيامت جي ڏينهن انهن جي منهن تي ڪارو نيشان هوندو. جنهن ڪري سڀ ڪو سڃاڻي ڪيس لڄي پيو ڪندو.

هي بوتو ذات حق جي اڳيان ڪتو ڪافر آهي. الله جو دشمن آهي. جيستائين اهو ڪتو ڪافر جيئرو آهي. تيستائين روح الله ڪي ڏسي نہ سگهندو. جڏهن سچ لهي ٿو تہ سڀئي ماڻهو مري ٿا وڃن. اهو سمهڻ مرڻ جهڙو آهي. اَلنَومَ اَختُ المَوتُ. (حديث پاڪ) يعني ننڊ موت جي ڀيڻ آهي. سچ قدرت جي هڪ نڙي آهي. جڏهن اها نڙي ڦوڪجي ٿي تہ ساري جهان جا سڀ ساهہ وارا اٿي گهمن ٿا. اها رواجي قيامت آهي. قيامت جي معنيٰ بہ بيهڻ آهي. سو اها رواجي قيامت هلي ٿي. وڏي. قيامت جي اچڻ وقت آسمان ۾ جبل رئي ٿي ويندا. ان ۾ اجا دير آهي ان وقت ظاهر باطن ٿي پوندو. دنيا ۾ آسمانن جي حياتيءَ جو ڏهون حصو گذريو آهي. نوَ حصا اجا اٿس. هر هڪ حصي ۾ ڏهہ لک ورهيہ آهن،

مرشد ڪان اسم اعظم جو نار چاڙهاڙيو جيڪو اهو نار هلائيندو تہ سارو جهان ان جي آبادي ليکبي. دنيا جو ماڻهو ڪراڙو ٿيو تہ ڪاسائين جي ڪتي وانگر هڏن جي پويان وتندو پڄندو. مال دنيا ۾ پٽن تي پهرو پيو ڏيندو. ان جي اولاد ڪي ڪتي ڏارڻ جي ضرورت نہ پوندي. خلق ڪان منهن موڙيندو تہ الله ڏي رُجوع ٿيندين. نماز نفس جو قوت آهي. روح جي خوراڪ دل سان الله جو ذڪر ڪرڻ آهي. طالب اگر مرشد ڪان پري گذاريندو تہ نفس دسي وجهندس. ٻار جڏهن روئنيدو آهي تہ ماءُ ٻبو ڏيندي اٿس. تون بہ جڏهن روئيندين تہ عشق جو ڪير ملندءِ. اوهان جو نفس اهڙو دشمن آهي جيڪڏهن سندس سموري حقيقت توهان ڪي ٻڌايون تہ حيرت مان مري

وجو جيئن جانورن لاءِ شينهن خطرناڪ آهي. ائين اوهان جو نفس اوهان لاءِ اهڙو خطرناڪ آهي. ان گڏهن نفس کي بک لڳيوَ ٿي تہ چرجي ٿا پئو. قرض ڪٽي بہ ڪارايوس ٿا مگر ڍوَ ڪرڻ ڪانپوءِ اهو ڪڏ ۾ اچليندوَ. مگر روح جيڪو اوهان جو بهترين دوست آهي ان جي ڳڻ ئي نہ ٿا ڪريو. ڪيس ذڪر جي خوراڪ ڏينديئو تہ نفس سان مقابلو ڪندو. فقير جي دشمن جو منهن ڪارو آهي. الله جي رنگ ۾ جيڪو بہ رڱجي ويندو. هت ذات جي پڇا ئي ڪانهي. اسان بوتي ۾ ان ڪري رهيل آهيون تہ جيئن ٻين بوتي جي قيدين جي رهبري ڪري کين آزاد ڪرايون. اسان بوتي جي قيد کان آزاد آهيون. ٻين کي بہ بوتي مان نڪرڻ جو ڍنگ سيکارڻ لاءِ ترسيل آهيون.

سياري جي رات طالب لاءِ غنيمت آهي. ان ۾ طالب کي دم ڪمائڻ ۽ مراقبي ۾ خوشي ٿيندي آهي. هاڙهہ جي رات ۾ گرميءَ سبب طالب ويهڻ ۾ تنگ ٿيندو آهي. دم ڪمائڻ ۽ مراقبو ائين آهي جيئن غواض ٽٻي هڻي سمنڊ مان موتي ڪڍندا آهن. ائين طالبن کي بہ دم دم سان موتي هٿ ايندو آهي. طالب لاءِ اونهاري جو ڏينهن وري سياري جي رات وانگر آسان آهي.

ڏهي يا چاليهي ڪيڏڻ وقت دل ۾ بيو ڪو بہ خيال نہ آڻي. جيڪڏهن ڪو بہ اجايو خيال وينس ڪمائي ڪوچ ٿي ويندس. الله جي طالب کي گهر جي تہ سدائين خيال ذڪر ۾ ۽ نظر سيني ۾ هجيس. اهو سندس چاليهو آهي. جيڪو هميشہ ان خيال ۾ رهندو ان کي الله تمام ويجهو آهي. مگر ڪو متان ائين سمجهي اسان چاليهي وسيلي نفس ڪتي سميت درگاه ايزدي ۾ ويندس مگر الله پنهنجي بارگاهہ ۾ عزرائيل ويهاري ڇڏيو آهي. جيڪو اهڙن کي نڙيءَ ۾ چڪ هڻي تحت الثريٰ ڏي اچليندو آهي. الله ڏي طالب تڏهن ويندو جڏهن سندس روح سندس نفس کان ڏار هوندو. نفس ڪتي کي هِتِ مضبوط سنگهر ۾ ٻڌي پوءِ ويندو تہ الله وٽ پهچندو.

الله پاڻ پاڪ آهي ۽ گهري بہ پاڪن کي ٿو. نفس پليد آهي. ان جي الله وٽ ڪابہ جاءِ ڪانهي.

عين ۽ غين جي صورت ساڳي آهي مگر نقطہ جو فرق آهي نقطہ غير جو آهي جڏهن اهو غير وارو نقطو ڍاهيندو تہ عين ٿي پوندئو. هي نقطو جسم آهي مگر اندر اهو ئي عين آهي ۽ ذات آهي.

جيڪو دل وجان سان پنجن پاڪن جو حضور گهرندو تہ ان کي يقينا حضور ٿيندو. جيڪي اسم سان هلي هلي بوتي کان ڏار ٿيا تن کان الله جدا ڪونهي. شينهن هميشہ پنهنجو شڪار ڪري کائيندو آهي ٻئي جي اوبر نہ کائيندو آهي. هي ڪتاب بہ جي الله جو محبتي پڙهندو تہ ٻي صحبت جي ضرورت نہ پوندس. مگر صرف ڪتاب پڙهڻ سان منزل تي نہ پهچندو: رڳو ڪتاب تي ڀروسونہ ڪجو متان ديدار کان رهجي وڃو. جيڪو اسم اعظم سان ڪتاب جو مطالعو ڪندو تہ سڏو عرش تي نيندس.

قرآن پاڪ ۾ توحيد جون آيتون صرف ٿيٽيهہ آهن. ٻيو. سمورو قرآن امر نهي ۽ الاهي قانون آهي، الله تبارڪ وتعاليٰ حضرت رسول الله ﷺ ڏانهن هي ڪتاب موڪلي خلق کي حڪم ڪيو تہ جيڪو هن ڪتاب جي ہدايل حڪمن تي هلندو تہ گمراهہ نہ ٿيندو. جيڪو النحرافي ڪندو تہ نفس ۽ شيطان جو شڪار ٿيندو. نفس ۽ شيطان ٻئي هڪ آهن مگر عادتن مطابق نالا جدا اٿن. پراوا مال ڦرڻ ۽ ظلم ڪرڻ خونريزي ڪرڻ وقت تہ نفس آهي. جڏهن شهوت پرستي ڪيائين تہ شيطان سڏبس.

نيڪيون ماڻهن لاءِ سون جو ٻيڙيون آهن. بديون ۽ بڇڙايون لوهہ جون ٻيڙيون آهن. انهن ٻنهي کان الله پري آهي. جيڪي انهن تي ٻيٺل آهن سي قيدي آهن. کهڙو بہ قيدي بادشاهہ سان گڏ ويهي نہ سگهندو. .بادشاهہ سان گڏ اهو ويهندو جيڪو ڏوهہ ثواب جي حدن کان ٽپي جسم جي قيد مان آزاد ٿي معراج ڪندو. اهو الله بادشاهہ سان گڏ ويهندو. پوءِ اهو ڦڙي وانگر آهي. جيئن ڦڙو درياهہ ۾ پوڻ کانپوءِ گم ٿي عين درياهہ سان ملي هڪ ٿي ويندو آهي.

موت نفس تي آهي روح تي موت ڪونهي. قرآن پاڪ ۾ كُلُ نَفسٍ ذائِقةُ المَوتِ آهي. يعني هر نفس موت جو ذائقو چکندو. روح لاءِ نه آهي. روح آهي ذاتي، نفس آهي صفاتي نفس خاڪ جو حصو آهي، روح ذات پاڪ جو حصو آهي.

الله ڏي جوانيءَ ۾ هلو. عبادت جو دنگ پنجاهه ورهين تائين آهي. پوءِ هي جسم ڪراڙو ۽ ڪمزور ٿي ٿو وڃي. جوانيءَ ۾ جيڪي ڪرڻو هجيوَ سو ڪري وٺو. پير پيغمبر هليا ويا اوهين به هليا ويندوءِ جيڪو وطن کان بيخبر ٿيندو سو مارجي ويندو. بي خبر آدمي به نفس ۽ شيطان جو شڪار ٿي ويندو. الله جي ياد ڪانسواءِ پٽ پوٽا جيڪي پاليو. ٿا سي ڪا هٽندوَ ۽ پوءِ زهر ٿيندوَ.

ظاهر ۾ اسان شر هيا سين پر سيد محمد علي شاهه کان اڳ پيوند ڪرائي سين ته سيد ٿي پياسين. جيئن پيوندي ٻير جي اک لڳائڻ سنڌيءَ ٻير مان ساڳي پيوندي ٻير ٿي پوندي آهي اسان عرش جا هيراڪ آهيون. خاندان جي معنيٰ آهي گهر ڇاڻندڙ. صحيح خاندان اهو آهي جنهن پنهنجو گهر سڃاتو.اسان گهر سڃاتو ان ڪري اسين خاندان آهيون.عام ماڻهن عارفن جي ڪلام جي معنيٰ ئي نه ٿا سمجهن. مجال آهي جو عالم فاضل هڪ مصرح. جي معنيٰ ڪري سگهي. معنيٰ جي خبر ان کي پوندي جنهن جون چارئي حدون. (1) ملڪوت (2) جبروت (3) لاهوت (4) لامڪان گهميل هونديون. معراج جو صاحب آهي. مثال هي بيت آهي.

منهن محراب پريںءَ جو. جامع سڀ جهان
قرهي تان فرقان جي، ڪاتيائون قرآن
اڏامي ات ويو. عقل ۽ عرفان
سيوئي سبحان، ڪاڏهن ڪري نيتيان.
(شاهه)

هي بيت آهي ته سنڌيءَ ۾ ۽ هجي ڪو ته ڪاٽيائون قرآن جي معنيٰ ڪري. اسان کي سرڪار اها معنيٰ سمجهائي آهي. اها معنيٰ ته هيٺ آهي. اسان اڄان ته به حدان مٿي ۽ پري آهيون. اسان لاءِ نَوَئي آسماني ڪائي وانگر آهن. بادشاهه لم يزلي جي نظر ۾ ته ڪولي ڪان هاٿي تائين ظاهر آهي. سيئي ڏوهه ثواب ڪائي مان ڪيس ڏسجن ٿا. عارف ۽ عشاق الله کي هتئون ائين ٿا ڏسن جيئن هو پاڻ ساري جهان کي ٿو ڏسي. جيئن نفس جا قيدي آهن تن لاءِ هر هڪ آسمان جبل وانگر آڙ آهي.

ملان قاضي مسلمان مفتي مخدوم حاڪم سڀ هن جسم جا ٻانها آهن. هنن نڪي رسول جي فرمانبرداري ڪئي نه ڪي الله جا ٻانها ٿيا انهن کي نفس پلائي پنهنجو فرمانبردار بنائي ڇڏيو. پنهنجي خالق کي نه سڃاتائون پر نفس باندر جو چيو مڃيائون.

آدمين کي جڏهن بيماري جو چرڪ اچين ته الله کي سڏين منٿون ڪن عهد انجام ڪن ته اسان کي خوش ڪر ته توکي ياد ڪنداسون ۽ صدقه ڏين ته جيئن هن بوتي جي ٻُنڊ مان نه نڪرن. مگر جڏهن خوش ٿين ته الله ڏانهن نهارين به ڪونه اهڙا ڪوڙا دغاباز آهن. جن عارفن آسماني سير ۽ معراج ڪيو آهي. اهي فالون پيا وجهندا ته هن ڪاڪوس خانه مان نڪرون. جتان آيا هئا سون اوڏانهن وڃون. هي آدمي جوانيءَ ۾ الله ڏي نه لڙندا آهن مگر ڪراڙپ ۾ ڪمزور ٿيڻ ڪانپوءِ دعائون پيا گهرندا. نئون ڪپڙو خيرات ۾ ڏبو آهي. ته وننڌڙ به خوش ٿيندو آهي پر آٽو ڏبس ته لاچار وٺندو مگر راضي ڪو نه ٿيندو. هي به جيڪر پنهنجي جواني الله جي راهه ۾ خرچ ڪن ته قدر به ٿئين. ڪراڙپ ۾ الله ڏي وڃڻ جو قدر ڪهڙو.

جيڪو تو ۾ آهي ان کي جيڪر ڏسين ته ڪاڏن پيتن ۾ ڏوڙ جا ٻڪ وجهين. آدمي جيڪي ان تي حيران آهن انهن کي معنيٰ ۽ ذڪر جي ڪهڙي خبر. الله تعاليٰ ٻئي جهان پنهنجي دانائي مان ناهيا آهن. سيئي ساهوارن جا دم حياتيون موت فوت مقرر ڪيا اٿس. نفس جي ڪاڏي پيتي بغداد مچائي ڇڏيو آهي. معراج ڪرڻ ڪانسواءِ ماٺهو رسمي مسلمان آهي

جيڪو ماڻ جهڙي پياري نفس کي ڪهندو سو ستين آسمانن مٿي مان ويندو. محمود غزنوي بادشاه جي غلام وانگر جيڪو ماڻ جو يادگيرو ڪندو سو الله جو ديدار ڪيئن ڪندو. جيڪو نفس جو فرمان بردار هوندو اهو عارفن اڳيان ڪهڙو ڪنڌ کڻندو. هن آدمي جي عمر ڪوڙو صبح آهي. جيڪڏهن آدمي ذڪر وسيلي اصلي ملڪ ڏي وڃي ته اهو سچو صبح آهي.

اڳي ٿرن مان جت اٺن جو قافلو ڪاهيندا هئا. بگهڙ ۽ ممان به پاسو وٺيو هون هون ڪنديون هلنديون هيون. جيڪو جت ان قافلہ مان ٽڙي ٻاهر نڪرندو هو. ته انکي اهي جانور کائي ڇڏيندا هئا. هن آدميءَ به جي دمَ الله ڏي هلايا ته دمن وارو قافلو سلامت رهندس. جيڪڏهن مرشد ۽ ذڪر ڪانسواءِ زنده رهيو ته نفس شيطان اهي بگهڙ ۽ مَمان اٺس کٽي کائي ختم ڪري ڇڏيندس.هر بيماريءَ جي دوا آهي، نفس جي دوائي ڪانهي.اهو وردن وظيفن سبب ويندو ٿلهو ٿيندو. اثر ئي نہ ڪندس، الله جي ذڪر ڪانسواءِ سندس حرص جي باهہ وسامنديئي ڪانہ.

هڪڙو شر ٽي سال گم ٿي ويو هو. سرڪار الاهي جي عنايت سان عرب، عراق، ايران، مصر ۽ شام ۽ روم بنا پاڙي گهمي موٽي ڳوٺ آيو. موٽڻ بعد گڏهہ تي سوار ٿي وٽي پيو نڳيون ڪندو. زيارتن جو ڪوبہ اثر ڪونہ ٿيس. ذڪر سان وڃي ها ته فيض به پويس ها. دنيا وارا گمراه آهين ۽ سڀ نفس جا نوڪر آهن. دنيا دارلکين روپيہ ميڙين ۽ گڏ ٿا ڪن مگر نہ کائن نہ کپائن مگر سندس پويان کيس مرڻ مهل تڙ ڏيئي هٿ ٽپڙ تي رکرائي موڪلي ڇڏنس. چو ته لاش جا هٿ سٿرن تي نہ ٻيهندا آهن.

سرڪار ايزدي جو قانون آهي.تہ هي آدمي جنهنجو ساري عمر تابع ٿو رهي مگر مئي ڪانپوءِ مال دنيا ۽ پٽن کان اهو کنيون وڃي. دنيادار الله کان غافل آهن کين نہ ديدار نصيب ٿئي نہ زيارت، سندن ملڪيت بہ ڪنهن نہ ڪنهن هاڃي ۾ هجي ٿي وڃي يا سڙي وڃي يا چوري ٿي وڃي يا ڦرجي وڃين. يا ڪا اهڙي بيماري لڳين جو ساري دنيا خرچ ڪن ته بہ جان نہ

ڇٽين. پاڻ کي ڪجهہ بہ نصيب ڪونہ ٿئين. دنيادار جي اڳيان الله جي ڳالهہ ڪرڻ ائين آهي جيئن ٽنڊڻ کي گل سنگهائڻ. جو هو سنگهڻ سان مري ويندو. عارفن کي زماني جي ڪچهري ۾ ويهارڻ ائين آهي جيئن ڪنهن واٿهڙو کي صوبيدار بي گناهہ جيل ۾ وجهي. يا پوئنر کي ڪي ڇيٽو سنگهائجي تہ مري وڃي. هڪ رات ذڪر سان ويهڻ سوَ حجن کان بہ وڌيڪ آهي. دل جو طواف عرش عظيم جي طواف جي برابر آهي. حاجي حضرت ابراهيم جي ٺهيل مسجد کي ٿا طواف ڪن مگر عاشق ۽ عارف عرش عظيم کي ٿا طواف ڪن.

اسان جو محبوب ڏسڻ ۾ آدمي جهڙو آهي مگر شاهہ محمود بادشاهہ وانگر ڪئي. سومنات مندر جهڙيون مڙهيون پڳيون اٿس. جيڪو پاڻ مان نڪتو تہ ان جو سمهڻ بہ جاڳڻ برابر آهي جيڪو طالب گمراهن سان محبت صحبت ڪندو تہ پاڻ بہ گمراهہ ٿيندو. هن وات کي لذتن کان بند ڪيو. حورن جي اميد تان هٿ کڻو اسم اعظم ڪمايو تہ الله توهان سان گڏ آهي هن جسم ۾ روح ٻار مثل آهي عام ماڻهن لذتن ۾ رهي پيٽ ۾ روح وارو ٻار سُڪائي ڇڏيو. ان ٻار جو جياپو اسم اعظم آهي.اگر هميشہ ان ٻار کي اسم اعظم جو پاڻي ملندو رهي ها تہ مدت تي جسم مان ٻاهر نڪري عرش تي وڃي ها مگر سڪل ٻار جسم مان ئي نڪري ڪونہ سگهندو تہ عروج ڪهڙو ڪندو.

اهي عام آدمي جڏهن مرن ٿا تہ ان سڪل ٻار سميت قبر ۾ پورجن ٿا. جنهن عزرائيل کان ماڻهو ڊڄن ٿا اسان جڏهن ڪيس ڏسندا آهيون تہ ڪل ايندي آهي. فقير نڪو قرآن پڙهن. نہ نماز. نہ حديث، نہ الف نہ ب. فقير صرف اسم اعظم رسول الله ﷺ جهڙا ساڳيا ٿي پون اسان وٽ ڏنار طالب ٿيا جن پندرهين ويهين ڏينهن کان پوءِ رسول الله ﷺ جو ديدار ڪيو. ملن ۽ مولوين ساري عمر نمازون پڙهي نرڙ گسائي ڇڏيا اٿن مگر ڪڏهن خواب ۾ رسول ڪريم بہ ڪونہ ڏٺو اٿن. جن اسم اعظم ڪمايو ۽ فنا في الرسول ٿيا سي ساڳيا روحاني رسول ٿي پيا. چو تہ رسول الله ﷺ فرمايو آهي تہ

منهنجا طالب ۽ امتي فنا في الشيخ ۽ فنا في الرسول ۽ فنا في الله ٿيندا. جوڳين جي منڊڻ ۾ به اثر آهي جو سندن شاگرد جو ڳي ٿي پون ٿا. باقي رسول ڪريم ﷺ جي ٻڌايل اسم ۾ ايترو اثر به نه آهي ڇا؟ ڏسو ته ماڻهو ڪهڙا نه انڌا آهن.

ملامت سان دل صاف ٿيندي آهي. طالب جي نفس ۾ جيڪا خوديءَ جي ڪارڻ هوندي سا ملامت رهڙي لاهي ڇڏيندس. شاهه منصور ۽ ذوالنون مصري کي جيل ۾ وڏو هئائون پڄرن ۾ شينهن ڦاسندا آهن گدڙيان لومڙ ڪونه ڦاسندا آهن. فقير آسماني شينهن آهن. مسلمان پنهنجي پيءَ کان جيلن ۾ وڏو هو متان اسان واريءَ شريعت کي منڊيءَ کان وٺي ڪٽي نه وجن. شاهه منصور جو نالو عرش تائين مشهور آهي مگر جن ساڻس دشمني ڪئي تن جا نالا ئي گم ٿي ويا.

دنيا جا ماڻهو حبشي آهن جو آئينو ڏسي پڄندا آهن. شاهه منصور ۽ شاهه شمس الحق تبريز الله جو آئينو هئا. هنن هٽي پيڇي وڏا ڇو ته هنن جا عيب ظاهر پيا ٿين. الله ماڻهن کي وٺ ڪونه ٿو ڏئي نه ته جيڪر ساڻس ماڻهو وڙهن. عزرائيل کي به لڪائي ٿو موڪلي ظاهر موڪليس ته جيڪر ماري وجهنس هنن ماڻهن کي الله جون باهيون آهن. جتئون به ڳالهائي ٿو ته پرزا ڪري ٿا ڇڏنس. ماڻهو الله جا سخت دشمن آهن. رسمي مسلمان هڪ الله کي عرش تي ويهاري ڇڏيو آهي. ٻيو ڪعبه جي ڪوني تي چاڙهي سندس ڏاڪڻ ڪڍي ڇڏي اٿنس. لهي نٿو سگهي هنن جي سمجهه ۾ رسمي مسلمان جو ڪعبو قبلو دنيا آهي جيڪا انبيائن عاشقن جي تڙيل آهي. مگر اسان فقيرن جو ڪاڪوس خانو آهي.

هڪڙو ملڪ آهي جتي فقير شينهن ٿي پوندا آهن. ۽ پنهنجي نفس کي شڪار ڪندا آهن. اهو ملڪ زمين کان گهڻو پري آهي. عام مسلمان ڪعبه جي پٽ جا حاجي آهن. اسان فقير عرش جا حاجي آهيون. هن ڪعبه جي حاجي الله کي لبيڪ چون مگر اسان عرش جا حاجي اناالحق چوندا آهيون. پاڻ الله ٿي ڪعبه ۽ عرش جا مالڪ ٿي پوندا آهيون. ڪعبه

جا حاجي ڪعبہ ڪي طواف ڪن. عرش جا حاجي عرش واري ڪعبہ جي رهاڪو عاشقن ڪي طواف ڪن. ڪعبہ جا حاجي مٽا ڪوڙائن. عرش جا حاجي عرش واري ڪعبہ ۾ غير خيال ڪوڙائي ختم ڪن. هن ڪعبہ جا حاجي گهٽا وٺي قرباني ڪن ۽ عاشق سر قرباني ڪري اُضحيٰ ڪن. هي حاجي اولهہ وڃن ۽ عاشق اوڀر وڃن. هنن جا معلم ڪوري ناري ٿين. مگر اسان جا معلم رسول خدا ۽ موليٰ علي ٿين .جيڪي اسان کي طواف ڪرائين هي حاجي ڪعبہ کي طواف ڪن هت اسان کي سارو جهان سجدا پيو ڪري هي حاجي موٽن تہ ڏنڊن ۽ واپارن ۾ غرق رهن اسان حاجي سدائين ذات حق جي توحيد ۾ غرق آهيون. هي حاجي حرص طمع ۽ سڏن جي بندي پڙهندا وتن. عاشق دنيا ۾ بہ هدايت جو دفتر کوليون ويٺا آهن ۽ کنهن بہ دنيادار جو احتياج نہ ڪڍن. دنيا جي حاجين ۽ عارفن جي حج ۾ اهو فرق آهي.

جيڪو الله جي ٿي پيو تہ الله بہ ان جو ٿيندو. جيڪو الله کان پنيرو ٿيو تہ الله بہ ان کان پنيرو ٿيندو.الله جو ٿيڻ آهي ان جي ذڪر سان محو رهڻ هر هڪ آدميءَ تي الله جي ڍل مقرر آهي جي نہ ڏيندو تہ ڪا نہ ڪا چپ ڪرندس. اوهان ڏٺو آهي تہ ذات حق پاڪ هماليہ جبل مان پاڻيءَ جون نديون وهائي ڇڏيون آهين. انهن جي آڌار تي دنيا جا ماڻهو ۽ جانور پلجن ٿا. سياري ۾ برف ٿو ڄمائي جيڪا پاڻي جو ذريعو بنجي ٿي. جيڪڏهن پاڻ اهو انتظام نہ ڪري تہ پاڻيءَ کانسواءِ نديون سڪي وڃن. دنيا برپٽ ٿي وڃي، نہ انسان زندهہ رهن نہ جانور. ڍل مان مراد آهي الله جي نالي تي خيرات ڪرڻ ۽ ڏيڻ. سائلن کي خيرات کان خالي نہ موٽائڻ. مسڪينن جي مدد ڪرڻ. رسول الله ﷺ ۽ پنجتن پاڪ ۽ امامن سڳورن جي نالي ۽ موقعہ تي خير ۽ نياز ڪرڻ اگر ماڻهو ائين ڪندا تہ ڪابہ مصيبت ڪانہ ايندن.

جيڪو طالب ذڪر سان رهندو تہ سندس قلب روشن ٿيندو. دل واري روشنائي سندس منهن مان ظاهر ٿيندي. ڏينهن توڙي رات سجايا ڪري.

قرآن گواهہ آهي تہ تَعۡرِفُ فِی وُجُوهِهِمۡ نَظۡرَةَ النَّعِيۡم '' نعمتن جي چمڪار سان سندن منهن سجا پندا. رات جو نہ جاڳڻ واري جو منهن بين کي ڪونہ وڻندو پر پاڻ کي بہ ڪونہ وڻندس. تکي طالب کي روزانو نوان ۽ ڳجها راز معلوم ٿيندا جيڪي مرشد کي ٻڌائيندو رهندو ڍري طالب کي ديدار نہ ٿيندو. مگر جي بدين کان بچيل هوندو تہ آخرت ۾ حورن جي چڪلي ۾ چڙهيندس.

حسد واري کي سائي عينڪ چڙهيل آهي. سڄو جهان سائو پيو ڏسبس. جنهن اها سائي عينڪ پيچي اڇلي تہ ان کي ڏينهن ڏسڻ ۾ ايندو. حسد ڪاري پاٽي مثال آهي. جيڪو حاسدن جي اکين ۾ لٽل آهي. رسول الله ﷺ جهڙي حاذق حڪيم ابوجهل ۽ ابولهب جهڙن حاسدن جون اکيون نہ ڪيون تہ عارف واري حاسدن جو اکيون ڪيئن ڪندا. حرص طمع شهوت ۽ چوري واري جون اکيون ٿينديون آهن. مگر حاسد جي اک نہ ٿيندي ذڪر اسم اعظم سان شهوت جي باهہ بہ وسامي ويندي ماڻهو ان الله جو ٿا ڪائن ۽ الله کان گمراهہ بہ رهن. ماڻهو گمراهہ تڏهن آهن جو ڪاڏي وقت هر هڪ گرهہ سڏن ۽ هوسن سان اماڻيندا آهن. جنهن سان دل ڪاري ٿيندي آهي عارفن جو قانون آهي تہ مانيءَ جو هر هڪ گرهہ ذڪر جي ڦيري سان چباڙي کائيندو وڃجي.

حقيقت ۾ آب حيات اهو دم وارو ذڪر آهي. جن جيئري اهو آب حيات هِتِ پيتو هُتِ بہ اهي پيئندا نہ تہ بين لاءِ مُٺُ آهي. فقيري ٻن قسمن جي آهي هڪ سمنڊ جي مڇي جيڪا سدائين جيئري رهي. اهي واصلي فقير آهن ٻي فقيري ڪپڙن پائڻ ۽ ڳالهين ڪرڻ واري ساگلوئي مثال آهي. ان جو شڪاري عزرائيل آهي جيڪو مرض ڏيئي گهتو ڏيئي ڪنيون وڃين. اسم اعظم جو ذڪر خضر وارو آب حيات آهي. ان بہ اهو ذڪر ڪمايو هو. جنهن ڪري هو هميشہ جيئرو ٿي پيو. خضر جو بوتو جيئرو ڪونهي. ان جو روح جيئرو آهي. روحاني حياتي ڪاڏي پيتي کان پاڪ آهي وَلَا تَقُولُوۡا لِمَنۡ يُقۡتَلُ فِیۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ اَمۡوَاتًا بَلۡ اَحۡيَآءٌ عِنۡدَ رَبِّهِمۡ يُرۡزَقُوۡنَ فَرِحِيۡنَ بِمَاۤ اٰتٰهُمُ اللّٰهُ. خضر جي حياتي بہ اسم اعظم سان آهي. عارفن جي روح کي خضر چئو جبرئيل

چئو نهي ٿو. جبرئيل بہ لاچار چئجي ٿو نہ تہ فقير ڪا بي شيءِ آهن. جيڪو روح بوتي مان جيئري آزاد ٿيو سو بہ خضر وانگي سدائين حيات آهي. خضر حضرت رسول الله ﷺ کان وڏيڪ ڪونهي. حضرت رسول الله ﷺ جن بہ ظاهري جسم ڦٽو ڪيو. سندن روضہ مبارڪ مدينہ ۾ آهي موسيٰ جو روضو بہ سمنڊ جي ڪناري تي آهي خضر بہ ڪٿي بوتو ڇڏيو هوندو.

جيڪو الله ۾ فناءِ ڪائيندو سو سدائين جيئرو رهندو نہ الله ئي مرندو نہ اهو عارف ئي مرندو. مثل خلق جيئري ڪي ڪانہ ڏسندي، جيئري ڪي جيئرا ڏسندا آهن جنهن نفس ۾ فناءَ ڪاڏي اهو فنا ٿي ويو. سارو جهان نفس ۾ فناءَ ڪائي مري ويو.

طالب لاءِ ڪامل مرشد دستگير آهي. طالب ڪي مرشد جي صحبت جي ايتري ضرورت هوندي آهي جيتري نندي ٻار ڪي کير جي ضرورت هوندي آهي. طالب لاءِ بک ائين آهي جيئن شڪاري ڪتي ڪي بک ڏبي آهي تہ ٻچ تي ميرجي اٿندو آهي ڍئو ڏبس تہ شڪار جي پويان ٻچ تي ڪونہ اٿندو. نفس ڪتي ڪي بہ بک ڏيو. ڍئو ڏيندئوس تہ گهٽي ننڊ ۽ گناهہ ڪندو. جنهن ڪچهريءَ ۾ رات ڏينهن الله جي گفتار هلندڙ آهي اتي نماز روزي جي ضرورت ڪانهي. مرشد ننڊ ڪندو تہ ٻوءِ ڪونهيس طالب اجا پنڌ ۾ آهي. ان ڪري ٻوءُ اٿس. طالب لاءِ ننڊ ۽ سٺا ڪاڏا زهر آهن. عارف زهر کي بہ هضم ڪري ويندو مگر طالب ڪي هڪدم ماري وجهندو. جيڪو الله کان نہ دڄندو سوهر شيءَ کان ڊڄندو. دل ۽ روح جو گذران الله جي ڳالهين سان آهي. چو تہ هو آيل اُتاهون جا آهن .الله جون ڳالهيون الله جا محبتي دل جي ڪنن سان ٻڌندا آهن. تڏهن اثر ٿيندو اٿن. عام ماڻهو ظاهري ڪنن سان ٻڌاندا آهن تڏهن تہ اثر نہ ٿيندو اٿن. ڪامل مرشد جي دامن ۾ مضبوط هٿ وجهہ ٻڌايل ذڪر سان چنبڙيل رهہ ڪپڙي جي دامن ڪم ڪانہ ڏيندي. ڪامل مرشد جي صحبت هزار ورهين جي ظاهري عبادت کان بهتر آهي هي بوتو بہ محبت الاهي لاءِ شاهي محل ٺهيل آهي

سائين ۾ ٻانهو مالڪ سڃاڻن ٻہ هن ٻوٽي سان آهي. جيڪڏهن هن ٻوٽي مان محبت پايون وٺيون هليو ويندو تہ قيامت تائين روح ڪي ٻہ محبت هوندس. الله وارن کي ٻہ ٻوٽي سان محبت آهي جيڪي اسم اعظم سان رهن ٿا پوءِ اها محبت يڪي ساڻ هوندن. ڪٿڻ هارائڻ جو هنڌ هي ٻوٽو آهي. جيڪو وهايائين اهو ئي ڪم ايندس. مجازي عشق پلصراط آهي. جي ڪاپي پيو تہ ڪري پيو جي لنگهي ويو. تہ چڙهي ويو. پاڪ نظر سان الله ڏسبو آهي. مائٽن جي محبت ٻہ ان ٻوٽي سان آهي،روح سان نہ آهي. ساٻہ پٽ پوٽي تائين هيٺ ٻہ ٽٽل تہ مٿي ٻہ ٽٽل آهي، گذريل مائٽن مان اولاد جو ڏک ڏاڏي ڏاڏيءَ ماءُ پيءُ ۾ ماسيءَ کي ٿئي ٿو. ٻين مائٽن کي ڪونہ ٿو ٿئي. ماڻهو مري ٿو تہ باطن وارا عذر خواهيءَ لاءِ اچن ٿا. جڏهن ظاهري ماڻهو عذر چئي بس ٿا ڪن تہ پوءِ سڀ مماتي وارا اچن ٿا. جج کي ماڻهو ڪونہ ٿا ڏسن.

جيڪو طالب ذڪر ڪمائيندو تہ نيٺ دل جي ڪارنهن لهنديس ۾ ضرور سيني ۾ حقيقت جو سج اڀرندس. عاشق سچا سارا اسم اعظم جي لهر ۾ غرق ٿيا ۽ ٻنهي جهانن کان بيڪار ٿيا. ڪوبہ لاڳاپو نہ رکيائون انهن جي دل لامڪان جو آئينو آهي. اهو آئينو هنن جو جياپو آهي طالب جيستائين مرشد ۾ فنا نہ ٿيندو. تيستائين عرش ڏي لنگهڻ نہ ڏيندس، مستي ۾ خودي واري لاءِ سرڪار ايزدي جو ڪٽو وينو آهي. نڙي ۾ چڪ وجهي هيٺ ڳوٺ ڏي اماڻيندس نفس جا مڪر اسم اعظم ناس ڪندو آهي. ٻي ڪابہ دوا نہ لڳندس.اسم اعظم جي پناهہ وٺ تہ نفس ڪتي کان بچين نہ تہ تنگون ڪيڏي تحت الثريٰ ۾ هٽنديءَ اوهان نفس جي ريجهہ ۾ خوش آهيو نفس کي وارو لڳو تہ دين ايمان وارا سڀ ڪپڙا ڪٽي ويندوَ. جيئن چور چوڪرا راند وارن جا ڪپڙا ڪٽي، ويندا آهن ۽ هو پوءِ پنهنجي اگهاڙا گهر ايندا آهن. تونگر سون جا ڳهہ پائن ۽ غريب چانديءَ جا ڳهہ پائين اهي سڀ روح کي رڪاوٽ جون ٻيڙيون آهن. توڙي زالون پائن تہ ٻہ سندن مردن جي دل قاتل آهي تنهن ڪري ٻيئي ڏريون ڪاٺ ۾ آهن.

جنهن جي دل ۾ اسم اعظم ساماڻيو ۽ الله اثبات ڪيائين ته ان جو نالو عاشق آهي. ان جي مٽي به جيئري هوندي. هزارين سوالين جا ڏک ۽ پاپ پيئي لاهيندي. فقير ٻن قسمن جا آهن. هڪڙا فقير شهباز آهن. دلين جو شڪار ڪن انهن جو پرواز لامڪان تائين آهي ٻيا فقير ڪئا مار آهن رنگ باز جهڙو اٿن اهي سڌن جا ڪئا مارينڊا وتن انهن جي اڏام ٻرن تائين آهي. جيڪي زماني وارا ٿا ڏسو.

ڍونڍ ماڻهو لاءِ عفونت ۽ ڏپ آهي پرسان لنگهيو ته نڪ تي هٿ ڏيئي لنگهڻو پوندو. مگر ڪتن کي ڏپ اڇي ته ڇر جي پون ۾ ڳولي وجي ڪائن.

اَلدُنيَا جِيفَه وَطَالبهَا ڪِلَاب

يعني، دنيا ڍونڍ آهي ان جا طالب ڪتا آهن.

دنيا جي ماڻهن جو اهو حال آهي ته هڪڙا ڊنگ ڪرسين تي ويٺا هوندا ۽ لوسي ڪتا سندن نوڪر آهن. ٻچ تي اهي لوسي ڪتا به سر وڃي جلائن ۾ موٽن ته انهن جي اڳيان ڪوس ڪوس ڪن. دنيا جا ڪتا دنيا جي ڳالهه ۾ پئونڪان ڪندا آهن. اسان پنهنجي روح کان قُقُنسُ پکي واري ٻولي ۾ توحيد جي گفتار جو سروز ٿا وڄرايون. جيڪو هڪ دفعي توحيد جي جام يعني اسم اعظم سان مست ٿيو ته ڪڏهن به دنيا جي ڪاروبار ۾ نه ڦاسندو.

ملن قاضين کي سدائين قبر محشر جو خوف آهي. اسان نه قبر محشر جي خوف نه شفاعت ۽ بهشت جي اميد رکون. اسان موسيٰ واري لٺ آهيون جيڪي نفس جا فرعون آهن اهي ڳهي ڇڏيندا سون. اسان جو وارُ وارُ آئينو ٿي پيو آهي. هر طرف کان حق کي ٿا ڏسون. روزائت ۽ نمازي سچ جا پوڄاري ساندا آهن. جيڪو ڪماليت تي پهتو ته ذڪر فڪر ڏهو چاليهو گوشه نشيني سڀ معاف ٿيس. اسم اعظم وهمن جو بندو آهي. جيئن ڪنڌ بند ڪبو آهي. نماز روزي سان وهم بند ڪونه ٿيندا آهن.

جيڪو اسم اعظم نہ ڪمائيندو تہ عزرائيل جي ظلم جو شڪار ٿيندو. اسم اعظم ۾ جيڪا حقيقت سمايل آهي. ان جي سُڌِ ڪمائڻ واري ڪي پوندي نہ ڪمائڻ وارو انڌو رهجي ويندو.

وهندڙ پاڻي ڪي واهہ چئبو آهي. بنا پاڻيءَ جي سڪل ڦٽل پيڏو چئبو اٿس. آدمي بہ هلندڙ ذڪر واري ڪي چئبو آهي نہ تہ خالي پيڏو آهي. اسم اعظم جي مدت پنج نوَيا ٻارنهن ورهيہ آهي جي چڙهي ويو تہ واهہ نہ تہ هن بوتي ۾ رهجي ويندو. عنقا پکيءَ جو آنو بہ ٻارهين مهيني ڦڙندو آهي. جي ڦڙيو تہ آکيري مان اڏري هليو ويندو نہ ڦڙيو تہ وهمن ۽ خيالات جا گدڙ کائي ويندس جيڪو طالب مرشد کان ذڪر ورتي کان پوءِ ڦري وڃي سو منافق آهي. جيڪو ڪامل مرشد کئون ڦريو سو رسول الله ﷺ کان ڦريو پيير موليٰ علي کان ڦريو ۽ الله کان ڦريو. اهو علي نبي جو منڪر آهي. ڪافر مسلمان ٿي سگهي ٿو مگر منافق نا اميد آهي رسول الله ﷺ بہ ڦريل منافق کي جهنم جون بشارتون ڏيندو هو. اسان بہ منافق لاءِ محشر ۾ ملائڪن کي حڪم ڪنداسون تہ ٻيانا ڪنڌ ۾ وجهي ٻُنڊ وانگر جهنم ۾ اڇلايوس. انهن ملائڪن جومهاندو ڪولهن وارو آهي. هورنگ جا ميرا ۽ گوڏن تائين چڊيون پاتل اٿن هٿن ۾ ڏهہ ٻارهن هٿ ڊگهيون ٻيانيون هونديون اٿن. ڏوهارين جي ڪنڌ ۾ اهي ٻيانيون وجهي دوزخ ۾ اڇلائيندا اٿن. انهن کي رسول الله بہ ڪونہ ڇڏائيندو. اجا ٻچ ڪري مارائيندن.

فقير جو دشمن سنئون سڌو الله جو دشمن آهي. دنيا جو ظاهري مرتبو خواري آهي. باطن ۾ اهو دوزخ جو حقدار آهي. خودي روح کي نہ هوندي آهي. روح جي عزت الله جي ذڪر ۾ آهي. محبت الاهي ڏي مائل ٿيڻ ۾ آهي. خلق کان منهن موڙڻ ۾ آهي.

جسم جو گهٽگهرو بت پرست آهي. اهو ملحد مشرڪ آهي. فقيري ان لاءِ اختيارڪبي آهي تہ جيئن مخلوق ڦري خالق ٿئي. مسٽر محمد علي جناح جيسين رعيتي هو تيسين ڪنهن ڪونہ پي ليکيس. پوءِ اهڙي

سرجوشي ڪيائين جو بادشاهه ٿي پيو. سچو پاڪستان هن جو حڪم مڃڻ لڳو.

جيڪو صوفي ٻانهپ مان جند ڇڏائي عبد مان الله نه ٿيو ته سندس ذڪر اجايا. هي نفس جو ٻانهو رهجي ويو. جيڪو صوفي عبادت ٿو ڪري ته پڪ ڄاڻو ته هن الله ڪونه ڏٺو آهي. اسان وٽ هڪ مادر زاد انڌو آيو. اسان پڇيس ته سڄ جو رنگ ڪهڙو آهي؟ چوڻ لڳو ته ڪارو اٿس. اڪين وارا مڃيندا ته سج جو رنگ ڪارو آهي. اهو صوفي جيڪو ظاهري عبادت ٿو ڪري سو به مادر زاد انڌو آهي. ان کي معرفت واري سج جي ڪهڙي خبر.

صـــوفيءَ ڏوهـه نســوري، هوءَ جا عبـادت عامن،

خبـر نـه خـامـن، پـختن جي پروڙ جي

بيدل سائين طالب" موتو قبلل ان موتو" ٿيو ته پوءِ هو پاڻ معشوق ٿي پوندو مسلمان به رسول الله ﷺ کي الله جو معشوق چوندا آهن. اها سچي ڳالهه آهي. معشوق جي عزت عاشق کان وڏي ٿيندي آهي. اسم اعظم جي شرابا طهورا پيئڻ واري کي محمد مصطفيٰ سمجهو جنهن ان سان صحبت ڪئي ته فيض پوندس. نه پيئڻ وارو ملعون ابوجهل آهي. ان جي صحبت ايتري خراب آهي جڻ يزيد جي اوپر پيتائين.

مرشد جي هٿان جنهن اسم اعظم جو سرمون پاتو ته ان جي ديد عرش ڪرسيءَ کان پري لنگهي ويندي پاڻ سڃاڻو. مگر اوهان کي شهوت ۽ حرص پلايو آهي.فقير الله جا قاصد آهن. جيڪي الله جا پيغام ماڻهن کي ٻڌائن ٿا. پر افسوس جو هو نٿا ٻڌن. انهن کي الله جي ضرورت ئي ڪانهي. رنن جي پڙون جي ڳالهه به ڪن ڏيئي ٻڌن ٿا. انهن سان خوش پيا ٿين. انهن کي سُوا مينهن ڏيئي ٿا ڇڏين مگر فقير کي ڪڪڙ به نه ڏين جيڪو فقير الله جي پڙوت ڪري چوين ته الله کي ياد ڪريو ان کي نه وساريو چڱي طرح هلو چلو ان مهل فقير سان وڙهي پون مگر رنن جي پڙون سان ٺريو پيا ٺرن.

عام ماڻهو اهڙا انڌا آهن گمراهہ جي ساراهہ ڪندا ۽ فقير کي ڪافر سڏيندا.

هڪ پيجري ۾ طوطو ۽ ڪانءُ ٻيئي گڏ ويٺل آهن. ٻنهي جي ٻولي ابتڙ آهي. طوطو چويس تہ الله کي ياد ڪر. ڪانءُ چويس تہ هل تہ هلي ڪاٽي ڍونڍ تاڙيون کائي مزا ڪريون سياڻي گهٽ وڌ کلو جهلي ويندا سين اسان بہ ٻين سنوان. هي ڳالهيون ٻڌي طوطو پريشان ٿي ويندو. ڪانوَ جي ڏکهي ڇهنب ڪئون پيو ڏچندو تہ متان جهرڪي وانگر ڪٽي وجي.

جنهن زبان سان توبہ ڪئي ان جي توبہ قبول ناهي. جنهن زباني ذڪر ڪيو تنهنجو چارڻ ڏگ پلجي ويو. عارفن جي حياتي حق سان آهي. جيئن وڏي عمر ٿيندس تيئن گهڻا ماڻهو فيض پيا پرائيندا. دنيا جي ماڻهن جي وڏي چمار ذلالت آهي. سندس پوين کي ڪتي ڏارڻ جي ضرورت نہ پوندي پٽن جو ڪم نہ وٽندس تہ پوءِ ڪان ڪندو هي دنيا جا ماڻهو پراوا نوڪر آهن. جنهن ساري عمر پرائي خدمت ۾ گذاري تہ جڻ چيڙ وڙهو. آخر ذليل ۽ خوار ٿي مرندو. هن جي موت مان پاڙي وارا عبرت پيا وٺندا.

هي نفس دائي جي مثال آهي. روح ماءُ جي مثال آهي. جيڪو ماءُ کي ڇڏي دائي جي ڪيڏ لڳو تنهن کي دائي پرائي رت پونءُ جو پورهيو يعني حرام کارائيندي. دائي جي پليل چوڪر کي دم دم سان جهنم جو ديدار حاصل ٿيندو. ڇاڪاڻ تہ روح ماءُ جو ڇيو نہ ورتائين روح جو ڇيو وٺي ها تہ هن جو عروج عرش کان پري وڃي ها ۽ معرفت جو نور نصيب ٿئيس ها. مگر هن ٻوتي جي دائي نفس جو فرمانبردار ٿيو تنهن ڪري کيس جهنم ۾ پهچايائين.

طالب جي روشنائي ذڪر جي آڌار تي ٿيندي جيترو ذڪر کي زور هوندس اوترو ديدار حاصل ٿيندس. جيڪڏهن نفس ۾ اڙيل هوندو تہ ذڪر ڪمائڻ سان صفاتي شهود ٿيندس. پاڪ صورت ڏاڙهي سان ڏٺائين تہ اجا نفس جو قيدي آهي. دل جي روشنائي نہ اٿس. طالب جيڪڏهن توحيدي ڪلامن تي عارفن جو صورتون جاڳندي ڏاڙهيءَ سان ڏٺائين تہ اهي سهي

اٿس سازن تي جاڳندي بہ اکين تي نشو طاري ٿي ويندو آهي پوءِ سڀ عارف ءِ عرش جو مالڪ بہ ايندو آهي. جنهن جو ديدار ٿيندس. السماع معراج الا ولياءُ يعني آسمان ڏانهن سواءِ پرن جي طالب اڏرندو ۽ سندس مرشد ڪيس رهبري ڪندو.

عارف عاشق انبياءَ ۽ اولياءَ امام سڀ بادشاھ لم يزليءَ اڳيان ستارا آهن ۽ هو پاڻ حقيقت جو آفتاب آهي. جنهن بہ عارف يا عاشق جو ڪلام يا ڪتاب پڙهبو تہ اهو عاشق اچي حاضر ٿيندو. پڙهندڙ کي ڪونہ ڏسبو مگر هو گڏ پيو پڙهندو. اهو قدرتي قانون آهي. تڪو طالب اهو آهي جيڪو اڻ ٻڌل ۽ اڻ ڏٺل ڳالهيون ڪري. اسان جو ظاهري نالو بادشاھ لم يزليءَ فولاد مشرقي رکيو آهي مگر ملڪوت ۾ اسان جو لقب سلطان العارفين آهي. يعني عارفن جو بادشاھ الله تبارڪ تعاليٰ خلق جي هدايت لاءِ بقا باالله جي منزل واري عاشق کي موڪليندو آهي جيڪو نبيءَ جي برابر آهي. ان لاءِ حديث شاهد آهي تہ الشيخ في قومہٖ لَکَ فِي اُمّتِہٖ .يعني جنهن قوم ۾ عارف يا عاشق موجود آهي تہ اهو ڄڻ پنهنجي امت جو نبي آهي. هر قوم ڏانهن خدا هادي موڪليندو آهي. يونان عراق جي ملڪن ۾ذات حق جي واصلن کي نبي سڏبو آهي. يونان حڪيم سڏبو آهي. هندوستان ۾ اوتار سڏبو آهي. سنڌ ۾ عاشق ۽ عارف سڏين. حضرت رسول الله بہ دين هلايا هئا. (1) ظاهري دين روزا نماز حج زڪوات خيرات وارو دين.(2) لدني علم وارو دين. باطني يا لدني علم سان الله ڏسبو آهي ظاهر علم ۽ دين سان الله ڪونہ ڏسي سگهبو آهي.

رسول جي ظاهري دين ڪان وڏيڪ الله جي دفتر ۾ ٻيو ڪوبہ دين ڪونهي. اسان کي الله جي جهڳي جي پوري خبر آهي. تنهنڪري عارف بہ ان دين جي تائيد ڪندا آهن. مگر عام ماڻهن کي رسول الله ﷺ ظاهري دين جو سبق ڏنو ۽ خاصن کي لدني دين جو سبق ڏنائين جيڪو: وَالذُکرُ رَبّک فِي نَفْسِکَ تَضرّعًا وّخِيفَتہَ ودُونَ الجَھْر وَلا تَکُونُو مِنَ الغَافِلِينَ ”. يعني

پنهنجي رب جو ساهہ سان ذڪر ڪريو. زاريءَ سان ۽ آواز ڪانسواءِ ڳجهي طرح غافلن مان ٿيو. اهوسڀ فيض رسول الله ﷺ موليٰ عليءِ ڪي عطا ڪيو. جتان ڪائنات ۾ پهتو اسان جا رهبر بہ اهيئي آهن ۽ اسان جو يقين ۽ اعتبار بہ انهن تي آهي. پاڻ رسول الله جن بہ دم واري ذڪر سان معراج ڪيو هو اهل صفحہ وارن ڪي صرف ذڪر لاءِ رهايو هئائون. جيڪو اڄ تائين هلندو پيو اچي. قيامت تائين هلندو. اهل صفحہ وارا صوفي الله جي دين جا طالب ٿيا هئا. جن جي لاءِ قرآن ڪريم جي ٽئين سيپاري ۾ فرمايو آهي. لِلفُقَراءِ الَّذِينَ اُحصِرُو فِي سَبِيلِ اللهِ اسان جو رهبر رهنما علي المرتضيٰ من عرف نفسہ فقد عرف ربہ نہ فرمائي ها تہ اسان جيڪر منجهي مري وڃون ها. جيئن ڪو مسافر بر ۾ منجهي ۽ ڪيس بگهڙ ڪائي وڃن. دنيا جو جهان بيابان آهي. جنهن ۾ ڪيتري خلق ذات حق ۽ رسول الله جي ديدار ڪانسواءِ خيالات جي بگهڙن ڪائي ختم ڪئي آهي. تيئن اسان کي رهبريءَ ڪانسواءِ خيالات جا بگهڙ ڪائي وڃن ها. مگر هاڻي اسان بي خوف آهيون. لاخوف عليهم ولاهم يحزنون اسان آهيون اها آيت اسانجي شان ۾ آهي. اسان ڪوڙ ڳالهايون تہ اسان تي. نہ تہ شڪ ڪندڙن تي لعنت آهي. اسان جڏهن من عرف وارو سندرو ٻڌي هلياسون تڏهن الله رسول ۽ مولا علي سڀ ڏٺا سون. اصل ۾ تيئي هڪ آهي مگر عامن لاءِ ٽي نالا آهن. الله جو ذڪر اهڙي پناهہ آهي جيئن شينهن جي پناهہ ۾ لومڙي رهي ۽ سندس اوبريون ڪائي خوش گهمندي وتي. ماڻهو الله جي ڳالهہ کان پلجي ويا آهن. حقي قبلي کان سندن مٿو ڦري ويو آهي. ڪي اتر نہ ڪي ڏکڻ ڪي اوپر ڪي اولهہ ٿا وڃن. سياڻن کان قبلہ ڪو نہ پليو آهي. ماڻهن جو دين ايمان دنيا جو ڍونڍ آهي. ڪين الله جي ڏپ وڌيئي نہ ٿي. جيئن ڍونڍ تي ڪانوَ ڪتا ۽ ڳجهان حيران آهن تيئن هي دنيا وارا بہ ان دنيا تي حيران آهن. خلق ناسوتي آهي ناسوتي لفظ کي بگاڙي ناسودي ڪيو ويو آهي. ناسوت هن جهان کي چئبو آهي، عزرائيل سندن تاڙ ۾ آهي مگر هي سجاڻن ئي ڪو نہ ٿا.

ختمن ۾ جماڻن جي چانورن تي ڪانون وانگر وجي گڏ ٿين، چون تہ
هي ختمون فلاڻي جو آهي. مگر ڪڏهن تہ سندن مٿان بہ عزرائيل اچيو
وڃي. جيڪو طالب ڪري ڪندو تندرست رهندو نہ بيمار رهندو. رسول
الله فرمايو آهي. تہ مڙس اهو آهي جيڪو بہ گهمرا ڄمي هڪ گهمرو تہ
ڪتو بہ ڄمي ٿو خدا. انجيل ۾ فرمايو آهي.

لم يلد ملكوت السموات ثم تولد مرتين.

هن بوتي جي خدمت ۾ رهندي تہ روح ڏٻرو ۽ ضعيف ٿي ويندو.

روح کي اسم اعظم جو طعام کاراءِ تہ هن بيڪار بوتي مان نڪري
معراج تي وڃين. جيڪي ماڻهو نماز روزو بہ ڦٿو ڪن تہ ذڪر بہ نہ ڪن تہ
اهي گمراهہ آهن ۽ جهنمي آهن. مگر جنهن کان اسم اعظم نماز روزو
ڇڏايا اهو وحدتي آهي. ان کي الله جو لقاءُ نصيب ٿيندو. طالب جڏهن
ذڪر جي شوق ۾ ڪعبہ قبلي جا واسطا ڇڏيا. آهن. تڏهن ديدار ٿيندس.
مگر بنا ذڪر جي واسطا ٽوڙيائين تہ جهنمي آهي. جيستائين آدمي جسم
جو قيدي آهي تيستائين کيس. عبادت ڪرڻي اٿس. جي عبادت نہ ڪندو
تہ ڏوهاري ٿيندو. جيڪي الله جي دين ۾ داخل ٿيا تن تي ربوبيت جو ڪم
رکيل آهي. ان ۾ ئي مس پورا آهن نماز ٻانهن تي جسماني زڪوات آهي
ربوبيت واري تي زڪوات ڪانہ آهي. ربوبيت وارا فقير جسماني ڏيڱو
حوض ڪوثر جي ساقيءَ اڳيان قربان ڪرڻ لاءِ سنبريا بيٺا آهن. جسم جا
قيدي ان جسم جي ڏيڱي جي هر وقت خدمت ٿا ڪن. ابراهيم واري آڙاهہ ۾
ابراهيم جهڙو ويندو ٻيو ويندو تہ سڙي ويندو. شهوت جي باهہ نمرود آهي
زالون پٽ باغ ملڪيتون ماسوا الله سڀ شهوت آهن. الله جايون ٽاهيون
آهن. (1) اعليٰ مڪان (2) هيٺين جاءِ. ماڻهو مختلف قسمن جا آهن. ڪي
اعليٰ مڪان جا حقدار تہ ڪي وري بهشت جا حقدار. هر ڪنهن کي
محنت آهر. جاءِ ملندي جيڪو نفس شهوت جي غرقاني ۾ هوندو تہ ان کي
دوزخ ۾ جاءِ ملندي جنهن جي باهہ ڪاري آهي. ظاهر ۾ جيئن عام خاص
کي عزت آهر جاءِ ملندي آهي اُتي بہ ائين آهي.

الله آدم کي عرش تان لاهي دنيا ۾ ڦٽو ڪيو پر هار هالي ڍور وانگر هڪ بنڊي جسم جي ڪٽي ڪنڊ ۾ وڏائينس ڇو تہ روح عرش جو هيرا ڪ آهي ۽ هيٺ نہ رهندو. موتي ايندو جيڪا هستي اها بند ٽوڙائي اچي تہ پلي اچي. الله آدم کي عاشقيءَ ۾ معشوقي جي فراق جي چَس لاءِ آندو آهي. نڪي ڪثرت جي ڪمن لاءِ مگر هت تي ڪي ماڻهو زالن تي عاشق ڪي پٽن تي تہ ڪي دنيا دولت تي عاشق آهن. الله جا عاشق بلڪل ٿورا ليندا. ماڻهو چوندا آهن تہ الله جو دروازو وڏو آهي. مگر اهو دروازو صرف تي گرائون آهي. هن عشق جي ٻجهارت کي ڪو سمجهندو. عام ڪونہ سمجهندا.

نفس سامري گابو آهي.جنهن خلق گمراهہ ڪئي آهي. هي تڏهن ختم ٿيندو جڏهن حضرت موسىٰ اچي ڪهندس. دلين جو ملڪ آزاد ٿيندو. موسىٰ جي امت دم آهن. اجايل ننڊ نہ ڪندو. اج جي معنىٰ سِڪَ آهي ذات حق پاڪ جي سِڪ وارو ننڊ نہ ڪندو جيستائين ڏسي نہ قيامت ۾ الله جي ڏسڻ وارو وعدو ڪوڙو اٿو. جيڪو هت الله کي ڏسندو هت بہ اهو ئي ڏسندو. جيئن عزيز نبيءَ پٽن کي چيو هو تہ مان سئو ورهين ڪان پوءِ موٽي ايندس، سئو ورهين ڪان پوءِ جڏهن آيو. پيو روپ وٺي آيو تہ هڪڙي پٽ کيس سڃاڻي ورتو. سو مست ٿي پيو ٻين نہ سڃاتو پڇيائونس تہ بابو ڪڏهن ايندو کين چيائين تہ منهنجي پويان ٿو اچي. هيو پاڻ عزيز عليہ السلام. مگر هنن کي دلاسو ڏنائين. الله بہ ائين دلاسو ڏنو آهي.

ماڻهو درياهہ جي ڪپ تي سمهيا پيا آهن.ان مان لپ پري نہ ٿا پيئن رڃ ڏي ڀڄا ٿا وڃن. دم جو درياهہ وهي ٿو. دم سڃايا ڪن تہ اج لهي پوين. هڪ دفعي الله ڏسن تہ جان مال سڀ ڪجهہ قربان ڪري ڇڏين. مگر هنن سڀ ڪجهہ نفس تئون سر قربان ڪري ڇڏيو آهي. ان ذات کي ڏسن تہ ڪاڏن پيتن مان ڏپ اچين پر هي ڪتي وانگر دنيا جي ڍونڍ تي حيران آهن. جيئن ڏپ گهٽي تيئن ڪتا خوش ٿين. ماڻهو چون ٿا تہ دنيا بہ هجي ۽ الله بہ ملي. بہ گدرا مٺ ۾ نہ ايندا آهن. دنيا گهرندا تہ دنيا ملندن الله گهرندا تہ

الله ملندن جيڪوالله کي اڪئين ڏسندو اهو حقي مسلمان آهي نہ تہ ماڻهو رسمي مسلمان آهن هي نفس ڏهن ٻارهن سالن جي مسلماني جي سبق پڙهائڻ سان مس ٺو وڃي. مسلمان ٿئي نہ تہ ڪتو ڪافر آهي، اسان جيڪي ڏٺو آهي اها ڳالهہ زبان سان ڪريون تہ زبان ڏري پوي ۽ اسان وٽ جيڪو حُسن جو بادشاهہ لم يزلي آهي ان جو برقعو لاهيون تہ جهان جا ماڻهو سڙي مري وڃن. يوسف جو جوڙيندڙ اسان وٽ آهي.

آدمي ۾ معرفت جو نورسج جي مثال آهي جيڪو هوسن جي رئي سان ڍڪجي ٿو وڃي. آدمي سڏان ترڪ ڪري تہ حقيقي مسلمان ٿيندو. سڏن بند ڪرڻ جو ڏس ڪنهن عارف ڪان پڇيو نہ تہ نفس تحت الثريٰ جي تري ۾ هٽندو. جن سڏان ختم ڪيون تن جي متي ٿي چمجي. سارو جهان خوديءَ ختم ڪيو آهي. مگر عارفن خودي ختم ڪئي آهي. نفس گبر ۽ يهودي آهي الله جو دين قبول نہ ڪندو پر دنيا جو دين اٿس. چو تہ دنيا ۾ ظاهري سک آهن. الله جي دين ۾ ڏک آهن. روزو نماز ائين آهي جيئن پڏر تي ڏيئو ٻارجي ۽ ٿوري هوا تي وسامي وڃي. مگر ذڪر خدا جو وج وانگر آهي جو اهو پاڻيءَ تي بہ وسامنديءَ ڪانہ مگر زور وٺندي آهي. جنهن کي ذڪر جي باهہ لڳي تہ جيستائين نفس سڙي نہ ويندس تيستائين باهہ ڪانہ وسامندي.

مصر جون زالون يوسف کي ڏسڻ آيون. ڏسڻ سان پنهنجا هٿ ڪپي وڌائون جيڪو يوسف جي خالق کي ڏسندو سو دنيا عقبيٰ تان هٿ ڪپائيندو.

روح نوح آهي نفس ڪنعان آهي. ۽ دنيا هن جي زال آهي. دنيا جو جهان طوفان آهي. ذڪر نوح واري ٻيڙي آهي. دنيا ۽ نفس ان ٻيڙيءَ تي نہ چڙهندا. هستيءَ جي جبل تي ويندا . جتي ٻڏي مري ويندا.

نفس فرعون آهي. روح موسيٰ آهي ۽ ذڪر موسيٰ واري لٺ اٿس جيڪا فرعون جا سپ جادوگر ڳهي ويندي ۽ فرعون کي عشق جي درياہ ۾ غرق ڪندي.

دنيا وانگر دنيادار بہ بدمعاش آهن دنيا جا ماڻهو ڪانو آهن. فقير عاشق عشق جا شهباز آهن. دنيا جا ماڻهو عارف جي صحبت کان ائين پري ڀڄندا جيئن ڪانوءُ شهباز کان ڀڄي. روح جو لائق معراج آهي ۽ نفس جو لائق قبرستان آهي. جنهن ساري عمر گمراهيءَ ۾ گذاري ان جي منهن ڏسڻ جو ڪهڙو ضرور. وڏيرن ۽ زميندارن جو جيڪو حال ٿيندو تنهن جو قرآن شاهد آهي. اها خبر الله کي الله جي رسول کي ۽ فقيرن کي آهي. دوزخ جي داروغن کي انهن جي پارت ٿيل آهي. جڏهن اتي پهچندا تہ پاڻ ڏسندا. روح سليمان نبي آهي.اهو نفس کائنس دل وارو تخت کسيون ويٺو آهي. منڊي بہ چورائي ويو اٿس. اسم اعظم واري منڊي هٿ ڪندو تہ تخت ملندس، جسم جهان مثل آهي ۽ اهو جهان جيل آهي جيڪو جسم جو مطيع آهي سو قيدي آهي، جيڪي ان قيد مان نڪرندا اهي بادشاهہ آهن. هي رسمي دين عشق جو منڪر آهي جيڪو اسم اعظم سان ذات حق اڳيان ڪٺو سو حلال آهي. جيڪو بنا تڪبير جي عزرائيل گهٽي ماريو سو حرام آهي. ذڪر جو پاڻي مٺو آهي. نفس جون سڌان ڪوڙو پاڻي آهي. جيڪو ڪوڙو پاڻي پيئندو سو انڌو ٿي پوندو عاشق ڪعبہ ۾ جمي توڙي بتخانہ ۾ تہ بہ اهو نور الاهي آهي هن جي ذات نہ پڇو. عاشقن الله جي پوشاڪ پاتي آهي. رسول الله جو فرمان آهي تہ دنيا ڍونڍ آهي. سندس ڳوليندڙ ڪتا آهن، ڪتن جو قوت هوسان آهن. سڄڻ جو قوت ذڪر الاهي آهي. ٻيون پهلوانيون ڪريو ٿا. مگر روح ۽ ساهہ نہ سڃاتو. ساهہ ڪانسواءِ هي بوتو ٻن پهرن ۾ ڏپ ڪري ويندو. جن روح ۽ ساهہ کي سڃاتو سي وحدت جي درياهہ ۾ غرق ٿيا.

ماڻهن کي سمجهہ نہ آهي جن شين کان رسول الله منع ڪين تہ انهن عملن کان نہ مڙيا پنهنجي روح کي بيمار ڪري ڇڏيائون وصل کان رهجي ويا. روح ابراهيم دم اسمائيل ۽ نفس ڪافر آذر آهي. هوسان بت اٿن. جيڪو ابراهيم وانگر ذات حق جي اڳيان نفس جا بت ڀڃندو تہ ان تي ابراهيم وانگر آڙاهہ بہ باغ ٿي پوندو.

نفس جو جڏهن ڍئو ٿيندو تہ فرئون وارا ڪم ڪندو. سياٽپ ڪان پورڙائي چڱي آهي. سياٽو تہ ڪانءُ بہ آهي. جيڪو ڍونڍ ڪائيندو آهي. بلبل پورڙي آهي گلن تي ويهندي ۽ ميوات ڪائيندي آهي جنهن ڳالهہ جي الله رسول منع ڪئي آهي.فقير اوڏانهن اصل نہ وڃن.ملان ڳالهيون شريعت جون ڪندا سندن عمل ابتا هوندا. جنهن پاڻ کي ڏٺو تہ عشق جي مستيءَ بہ ان تي معراج بہ ان تي پوءِ اهو پاڻ الله ٿي پيو ٻيو هن جو الله ڪونہ آهي. حضرت قلندر پاڪ ٿو فرمائي تہ” الله نہ گوئيم کہ درشرک بما نيم” يعني ٻيو الله نہ چونداسين ڇو تہ شرڪ ۾ رهجي وينداسين. ملڪوت يمن آهي هي جسم اڌوڙ اٿوَ يمن جو ستارو ڏسڻ سان طالب رڱجي ويندو ڏسڻ سان غير ڇنڊجي صفا ٿي ويندس. مڪلوت واري ستاري جو نالو نہ ڪڍبو ڇو تہ مسلمان ان نالي کان ڪپندا آهن،

نوح وارو طوفان بہ نفس جي شامت مان ٿيو هو.ڪربلا جو ڪيس ۽ قتل يزيد پليد جي نفس ڪيو هو. ڪوئٽيا جو زلزلو بہ لم يزلي بادشاهہ کي نفس ڇيڙائي وڌو هو. لوط وارو شهر بہ نفس غرق ڪرايو. اڄ تائين اهڙا گهڻا مثال آهن. اسان بہ سنڌيءَ ۾ ماڻهن کي سمجهايون ٿا تہ نفس جي حڪم ميڃڻ کان بچو. نفس کان پاسو ڪري الله جي ذڪر سان رهو جيڪو عين دين آهي. ائين ڪنڌئو تہ بچاءُ ٿيندو نہ تہ نفس سوارٿي ڪنهن اونهيءَ کڏ ۾ ڪيرائي وجهندوَ هي جسم دوڪان مثل آهي. ڪنهن دوڪان ۾ پراڻا لتر ۽ موچڙا رکيل آهن تہ ڪنهن ۾ ڪپڙا تہ ڪنهن ۾ مناڻ رکيل آهي. هر ڪو انسان مختيار آهي جنهن کي جيڪي وڻي سووهائي.

مڙس اهو آهي جيڪو پنهنجو طواف ڪري. جيڪو ائين نہ ٿو ڪري سو پليل آهي. حديث ۾ آيو آهي تہ قلب المومنين بيت الله. يعني مومن جي دل الله جو گهر آهي. فارسي ۾ آهي تہ ”راه خدا سوئي آسمنان نيست، راه خدادر قلب مومنان است” جو رستو آسمان جي طرف نہ آهي مگر الله جو رستو مئومنن جي دل ۾ آهي. جيڪو ماڻهن جو اڳواڻ آهي سو ماڻهو نہ آهي مگر ڏاند آهي. ڪچي ڪاٺي جاڏي نوائبي تہ نوين پوندي سڪڻ ڪانپوءِ

نوائڻ سان پڄي پوندي. ائين جيڪو ننڍڙائي ۾ الله ڏي لاڙبو تہ لڙي پوندو مگر ڪراڙو ماڻهو نہ لڙندو.

ماڻهن کي ٻالپڻي کان وٺي مائٽن رسمي دين سيکاريو آهي تڏهن اهي اهو ٻُڌ ڪنيون ٿا وتن. مسلمان جي ننڍڙي ٻار کي جيڪڏهن ٽڪاڻي ۾ پالبو تہ ٻاڻيون پيو پڙهندو ۽ تپشائون پيو ڪندو. ڏوتي ٻڌي پيو گهمندو. جٽيو ٻڌي سمرڙي پيو. پڙهندو صبح جو سنان ڪري ڪٿا پيو ٻڌندو. ٽڪاڻي ۾ مٿو پيو ٽيڪيندو. ڪڙاهہ پرساد پيو ڪندو. وري جيڪڏهن هندن جو اهڙو ننڍڙو ٻار مسلمانن وٽ ڇڏجي هن کي عربي فارسي پڙهائيندا. جڏهن وڏو ٿيو. ڳئون دسي کهندو. طوهر تي بہ ڦنبر کهرائيندو. واهگروءَ کان وَنءُ پيو ويندو. ڏاڙهي ڪٽي ڇڏيندو. واٽين تي ٿوڪون پيو ڪندو. ان رسمي دين جو اهو حال آهي.

ان لاءِ رسول الله ﷺ جن حديث فرمائي آهي تہ

كُلُ مَولُود يُولَد عَلىٰ فِطرت لابواهه يَهُودَانِه وَيَمجِسانِه اَونَصرَانهِ

يعني هر هڪ ٻار پنهنجي مائٽن جي فطرت مطابق ٿو ڄمي. سندس مائٽ توڙي يهودي هجن يا مجوسي هجن يا نصارا هجن.

حقاني دين اهو آهي جيڪو رسول الله ﷺ جي هٿان ٿو ملي، ڪامل مرشد جو هٿ الله جو هٿ آهي. رسول الله ﷺ جو هٿ آهي، قرآن گواهہ آهي تہ "انما يبايعونک يد الله فوق ايديهم" يعني جنهن رسول تنهنجي بيعت ڪئي تہ تنهنجي هٿ مٿان الله جو هٿ هو". يعني گويا الله جي بيعت ڪيائون. نفس جي پالنا پرهيز گارن وٽ ٿئي ٿي. اتي شيطان وينو آهي ٻڪن واري دعا جو قبول پوڻ مشڪل آهي. جيڪو ذات حق ۾ گم نہ ٿيو تہ عرش کان باطني طرح سندس لاش تي بہ باهہ جا الا پيا ڪرندا. سندس غفلت وارا خيال سڄي عمر وارا الن جي شڪل اختيار ڪندا.

عارفن جو سڀ صورت ۾ سير آهي. ملان نفس جا تابع آهن. ماڻهن کي ايذائڻ کان نہ رهندا آهن ڇو تہ سندس نفس جيئرو آهي، جيڪو حق

جي وصال کان محروم ٿيو اهو حيران آهي. حرص واري جو علاج ڪونہ آهي اسان اتي وياسين جتي ٻئي جهان ٽپ ڏين تہ بہ نہ پهچن اها اسان جي آرام جي جاءِ آهي

اسان ڪي جيڪو ڳوليندو سو نہ لهندو.اسان اتي ويا آهيون جتي ملائڪن جي پهچ بہ ڪانهي. هلندڙ طالبن جي ذڪر جو چڙو وڄندو پيو .جڏهن شهر ۾ ويا تہ سندن چڙو بہ بند ٿي ويندن. هي آدمي ائين آهي جيئن پاڻي تي ڦوٽو تري. رهي بہ درياهہ سان گڏ ٿو. مگر جڏهن درياهہ ڪي سڃاڻي ٿو تہ ساڻس ملي هڪ ٿي وڃي ٿو. نہ تہ پليو ٿو وتي. آدمي اصل بي شناس آهي جو چمڙ سان ماءُ جي رت ٿو چوسي. پوءِ ٻين سان ڪهڙي نيڪي ڪندو. يوسف ڀريا ڻ جي اندران وينو آهي. جنهن ڀريان لاٿو تنهن ڪاڻ يوسف پڌر تي آهي. جنهن نہ لاٿو تنهن ڪاڻ يوسف گم آهي. ڪعبہ ۽ بت خانہ ۾ ڪجهہ بہ نہ آهي ماڻهو لاحاصل موٽي ايندو. ڏسندو ڪجهہ بہ نہ جيڪڏهن توکي معرفت جو ملڪ ڏسڻو آهي تہ اڳ ۾ نفس کي ترڪ ڪر تہ راز جو واقف ٿئين،

اسان عشق جي عبرت جو ساز آهيون ڪنن مان ڪپهہ ڪڍ تہ اسان جي ساز جو آواز ٻڌين. جيڪو سڙندو سو روشنائي ڪندو. جيڪو عشق جي باهہ ۾ نہ سڙندو سو عزرائيل جي غضبي موت ۾ سڙندو جيڪو گمراهہ آهي ان لاءِ بہ عزرائيل تيار وينو آهي جيڪو سپ ڳوليندو تنهن کي موتي ليندا. جيڪو نہ پڇندو تنهن کي خيالات جا گدڙ ڪائي ويندا. لالچ نانگ مثال آهي. جيسين پاڻ مان نہ نڪرين تيسين هوس نہ ڪجان تہ مان ڪو معنيٰ جي ملڪ جو مالڪ آهيان توڙي قرآن پڙهين يا ستر حج ڪرين. جيڪڏهن روزي نماز مان ڪجهہ ٿئي ها تہ ڪبر مان هماءُ ٿئي ها. ظاهري عبادت مان فيض ملي ها تہ عزرائيل کي گهڻو ملي ها. هاڻي ويچاري تي هر پاسي کان لعنتن جا وسڪارا اٿس. نماز مان خودي پيدا ٿيندي آهي. نماز ۽ خوديءَ جو شيطان دشمن آهي. جيڪو الله کان گمراهہ آهي سو سوئر وانگر جڏهن پوک جي مالڪ ڏنس تہ ڏڦو هڻي ماري وجهندس. ماڻهن جو

نفس گڏھہ آھي دنيا زال گڏھہ اٿن جيسين انھن سان ھوندا تيسين الله ڏي ڪونہ ھلندا.

نفس چوي ٿو تہ آسمان کان پرتي ڪو ملڪ ھجي ھا تہ ضرور آسمان کي ڪو تنگ ھجي ھا. روح چوي تہ برابر پرتي ملڪ آھن. ان الماعون ملڪ بي پايان آھي مان جڏھن دنيا ۾ نہ آيو ھوس تہ اتي رھندو ھوس. ملڪوت جبروت لاھوت سڀ ملڪ منھنجا ڏٺل آھن. اھي سڀ منھنجا واھيرا ھئا. اڙي نفس مان جڏھن ماءُ جي رحم مان آيس تنھنجي ڪاڏن پيتن ۾ لذتن اھي واھيرا وساري ڇڏيا. تو جيڪا ڪاڏي جي ڄاروچائي ان ۾ ڪوڙجي ويس،اڙي نياڳا نفس تو روڪيو آھي نہ تہ مان ڪڏھن ڪڏھن پرواز ڪري اوڏانھن ويندو آھيان.ھت ماڻھو واپاري ٿي آيو آھي جيڪو وکر وٺيس سو وھائي. ڪي موتي وھائين ڪي موچڙا وھائين. جيڪي ڪلالن وٽ مٽن جي پر ۾ رھندا آھن تن کي ڪائڻ پيئڻ کان نفرت ايندي آھي. طمع نفس جي پوک آھي، ان پوک کي نہ ان نہ پن ٿئي.

ھن سيني جو عجب ٿو لڳي، جو آھي بہ حقيقي ڪعبہ مگر منجھس مڙھي وارا خيالات جا بت لات منات ۽ عزيٰ بہ موجود اٿس. الله جو ذڪر منجھس نہ ھلندو تہ اھي بت زور وٺي ويندا ذڪر ڪانسواءِ بت خانو آھي، ان سيني ۾ وسوسن وارو خناس ٿو رھي، جنھن سيني ۾ والذکر ربک. في نفسک. ويد خلون في دين الله وارو ڏڳ ھٿ ڪيو تہ ان سيني ۾ ٻنھي جھانن جي رحمت محمد مصطفيٰ ﷺ جي رھڻ جي جاءِ آھي، رات جي جاڳڻ مئون فقير عارف ٿيا. طالب ننڊ ڪندو تہ ديدار نہ ٿيندس. شاھہ اعظم بہ ننڊ نہ ڪندو آھي. تڏھن جاڳندڙ جاڳندڙ کي ڳولي لھندو آھي. ذات حق پاڪ ٿن ھنڌن تي آرام ۾ آھي چوٿين ھنڌ آرام ڪونہ اٿس. ھي رات جو اوجاڳو ڪري سڏ ڪريس تہ ھي قرار ۾ ۽ ھو بيقرار ٿيندو. مثال دنيا جا مجازي عاشق معشوق ڏسوٿا معشوق نہ ملڻ تائين عاشق بيقرار ھوندو آھي ۽ معشوق قرار ۾ ھوندو آھي. وصل کانپوءِ عاشق قرار ۾ ۽ معشوق بيقرار. ان طرح ظاھر ۽ باطن جو ساڳيو دستور آھي. جيڪو اسم اعظم ۾ سر ڏيندو

اهو حقيقي مسلمان ٿي نفس ڪافر کان جان ڇڏائي واندو ٿيندو. نماز پڙهڻ نفس جو مڪر آهي نماز سان بہ ڪيس مسلمان نہ سمجهوس. نفس جي ڏاڏي شيطان ڇهہ هزار نوسئو ستر ورهيہ نمازون پڙهيون تہ بہ مسلمان نہ ٿيو. هي بہ ان جي اولاد آهي. نفس بادشاهہ آهي. شيطان وزير اٿس. رسول الله فرمايو آهي تہ جنهن زالن ۽ نفس جي صلاح ورتي تہ اهو کوهہ ۾ ڪرندو. انهن جي مخالفت ۾ اصلاح اٿوَ

عشق جو ملڪ فنا ۽ بقا جي ملڪ کان گهڻو پري آهي. عاشق جي رهائش ان ملڪ ۾ آهي. اهو ملڪ اسم ذڪر اسم اعظم کان ويهوڻ پري پنڌ تي آهي. جڏهن ذڪر جي مستيءَ پيدا ٿيندي تڏهن طالب بوتي مان نڪرندو. پوءِ شراب جي مستي پيدا ٿيندس. شراب جي مستي ڪانپوءِ صوفي هوشيار ٿيندو ۽ وري ٽين مستي پيدا ٿيندس. ان ڪانپوءِ چوٿين مستي پيدا ٿيندس.جيڪا بقادار هوندس اجا ٽين مستي جي ڪا ڳالهہ آهي جيڪا نہ ڪبي.

نفس جو هٿيار اهڙو آهي. جو راڄ گنوائي ڇڏيائين.سڏون ۽ شهوتي خيال نفس جو هٿار آهن.

اسان کي عشق جي ڪلال خاني ۾ لت ڏئي ڪٽي ڪنائون تڏهن حلال ٿياسين نہ تہ حرام هئاسون. جيڪو نفس جي هن قلع ڪوٽ کي پڃيندو تنهن کي سلطان العارفين جو لقب ملندو. حاجي انڌا آهن جيڪي پٿ کي طواف ٿا ڪن. وَنحنُ اَقربُ اِلَيهِ مِن حَبلِ الوَرِيد. واري الله کي طواف ڪن ها تہ اڪبري حج ٿئين ها. سج ۽ چنڊ کي اسان جي روشنائي ڏنل آهي. بئي جهان اسان جي هوش ۽ عقل تي حيران آهن اسان هت فنا جي شهر ۾ انا الحق جو نعرو هنيو جنهن ڪري ملن ۾ اچي ڦڙ ڦوٽ پيئي. ماڻهو اسان کي ڏسي لاحول ٿا پڙهن مگر باطل ۾ اسان جو ذات حق جا وزير اعظم آهيون. دنيا ۾ تبليغ لاءِ ٿا رهون تہ من ڪو الله ڏي هلي.

لوح محفوظ ۽ لوح قلم ۾ اسان جي عمر 63 ورهيہ لکيل هئي مگر هاڻي 90 روهيہ ٿيا آهن. رهون پنهنجي اختيار سان ٿا. جڏهن مرضي پيئي

تہ هليا ويندا سون. جسم جي گهڙي پچڙ ڪانپوءِ طالب آب حيات پيئندو اڳ ۾ لائق نہ آهي ماڻهن جي اڳيان عشق الاهي جو نالو ڪٽڻ ڪبيرو گناهہ آهي. راڻي مومل جي ڳالهہ ٻڌائين تہ ڪن ڏئي پيا ٻڌندا. شهوت جي ڳالهہ ٻہ ٻہ پيرا پيا ٻڌندا.

دم عيسيٰ روح الله. تون دمن جي وسنوَ ۾ الله ڪي وسارين ٿو مگر جڏهن سچ ۾ منزل ٿيندءِ تہ هٿَ هٽندين. جن پٽن ڪاڻ مرين ٿو اهي ياد بہ ڪونہ ڪندءِ ڪتو ياد هوندن مگر تون وسري ويندين.

استغراق ڪري پاڻ ڪي طواف ڪر تہ آزاد ٿئين. چوربتي جو دشمن آهي.اڳ ۾ بتي وسائيندو پوءِ چوري ڪندو. قلب ۾ جيڪا ذڪر جي روشنائي هوندي سا گمراهي جي اونداهيءَ سان ختم ڪندو. ۽ پوءِ سولو شڪار لڳندس. روح جي باز ڪي نفس جي ڏور جو ڏاوڻ پيل آهي. جڏهن اهو ڏاوڻ ٽٽس تہ هڪدم اڏاڻو هليو ويندو. روح ترار آهي بوتو ڪاٺ جو مياڻ اٿس جنهن ۾ پيل آهي. ڪو ڪاريگر.ان مياڻ مان ڪڍيس تہ هيري جي ترار جو ڪم ڏيندي جي نہ نڪتو تہ ڪاٺ سان گڏ ڳري ويندو

"اگر به آسمان نه رود هما تيغ چوبين است"

يعني اهو روح آسمان ڏانهن نہ هليو تہ ڪاٺ جي ترار آهي.

ڪاڏن پيتن ۽ شهوت جي ذوق ۾ جيڪو قاتل آهي سو ڄڻ ڪتو يا سوئر آهي ڇو تہ منجهس انهن واريون عادتون آهن. سڏائين ٿو عيسيٰ ۽ هينگ گڏهہ واري ٿو ڪرين جيڪو صوفي زميندار ٿو ڪري سو گڏهہ اهي الله سائين هڪڙن ڪي روحاني ذڪر ڏنو ۽ ٻين ڪي دنيا جو هڏو ڏنو آهي پوءِ جنهن ڪي وٽي تہ ذڪر ڪمائي يا هڏو چوپي. عشق نازي آهي مان نڙ آهيان جيئن ٿو وڄان تيئن ٻوليون ٿو ڪيان.

مولا عليءَ جي هٿئون جنهن ڪافرنفس ڪي مسلمان ڪرايو تہ پوءِ سئي مان ترار ٿي پوندو. الله ڏي نہ هليئن تہ ٽڪرجي مم آهين ٻار بہ ڏسي پڇي ويندءِ جي ذڪر ڪمائيہ تہ شينهن ٿي پوندين. پوءِ هزارين دليون شڪار ڪندين. جي نہ تہ ٻلو آهين زيان ڪندي تہ ماڻهو مٿو چٽي ماري

چڏيندءِ جيڪو هن لاش مان نڪرندو اهو عرش اعظم جو شينهن ٿي پوندو. من خدايم جو نعرو هڻندو. هتي ماڻهو ٻن قسمن جا آهن هڪڙا فقير عارف آهن جيڪي ذڪر نفي اثبات جا هيرا لعل ٿا وڪڻن ٻيا واپاري ڏوڙ دوا ڪري ٿا وڪڻن. زماني جا ماڻهو ڏوڙ جا واپاري آهن. جسم ڏوڙ لٽين سان ڪٽائي اٿس. تيئن هي ماڻهو لاشو ڪنيون ٿا وتن. اي طالب تون ان ڪان جند ڇڏائي عرش تي پرواز ڪر.

عشق شهنشاهه جڏهن جو نعرو هنيو تڏهن دين پاٽيهي ڪٽي جٽيون ٻڌندوءِ دين لڪي هليو ويندو. روبرو خوف ڪان نه ايندو جي عشق شهنشاهه جي هوندي دين ظاهر ٿيندو ته ڦاهي چاڙهيندس.جيئن اورنگزيب جا پوٽا انگريزن جي خوف ڪان بازيگرن سان گڏجي وڃي رهيا هئا. آخر هڪ ڪي روهڙيءَ ۾ سجاٽي ڪيس ڦاهي چاڙهي ڇڏيائون. جيڪي سياٽا پڪي هئا سي دنيا جي چوڳي ڏي ويا ۽ ڪوڙڪن ۾ ڦاٿا. اسان پورڙا هئا سون. داٽن ڪي ڇڏي اڏاٽا هليا وياسون. پورڙا گلن جا عاشق هوندا آهن، ڪانوَ ڍوندِ جا. اسان شرن جي ڳوٺ ۾ عشق جي ديڳ چاڙهي هوڪا ڏناسون ته ڪواچي ڪائي. ڪن ٿورن ڪانسواءِ ٻين ڪونه ڪاڏوءِ الزام هڻي ڪافر بي دين سڏيائون ڪو چوي ته الله ٿو سڏائي ڪو چوي ته شر آهي. ٻڌايو ته الله نه آهي ته ڪير آهي، رسول الله ﷺ مديني ۾ جائو ته جسم ڏسي پلجي پيا ۽ اعتبار نه ڪيائون ۽ پاڻ جهڙو سمجهيائون. مگر هو ته ذات الاهي هو اسان سان به ائين ڪيائون.

”شش هزار نهه صدو هفتاد قالب ديده ام
ليکه همچون سبزه صدبار هاررئيده ام“

يعني ڇهه هزار نوَ سئو ستر جسم تبديل ڪيا اٿم. سبزيءَ وانگر سوين دفعه ڦٽو آهيان مسلمان پرپٺ رسول الله ﷺ تي ايمان رکن ٿا مگر جيڪڏهن روبرو ڏسن ته وڙهي پونس. هي ته الله سان به وڙهي چڪا آهن. فقير الله سڏايو ته چيا رسول نه آهي .رسولي منزل ته هيٺ آهي ان ڪري

سيڻي دشمن شرن کي الله مسڻ ڏي اماڻيندو. زائفان کي جن وٽي ٿو تہ پڏر تي لهر ٿو ڪرائيس. باقي رسول الله ﷺ جي سبق ۾ ايتري بہ طاقت نہ آهي. آسمان ڪوريئڙي جي تاجي آهن. فقير عروج وقت ڦاڙيون هليا ٿا وڃن. زماني جا ماڻهو مک وانگر ان تاجيءَ ۾ ڦاٿل آهن. فقير عنقا باز آهن. هن زماني جا ماڻهو بي جان گڏيون آهن. جن سان ٻار راند ڪيڏندا آهن. راند ڪانپوءِ انهن گڏين کي ويڙهي ڳوٿرين ۾ وجهندا آهن. قبرون ڳوٿرين مثال آهن.

جنهن ذات حق جي اسم اعظم جي وير ۾ ٽبي هنئين تہ اهو تاڪُ چنبو ٿي پوندو. مادري عادتون متجي ويندس. تخلو بااخلاق الله واريون الوهيت جون عادتون پيدا ٿيندس. ڪتو پيو پئونڪندو. شينهن انالحق جي گجگوڙ ڪندو.اسم اعظم حيدري ترار اٿو. جيڪو اها ترار هلائيندو سوهن مرحب نفس کي ماريندو. اسا خوديءَ جو مٿ اسم اعظم سان پيچي نڪري وڃي پنهنجي محبوب کي طواف ڪيو آهي.اسان سيمُرغ پکي آهيون. دنيا وارا انڊا پکي آهن. جهنگلي شينهن جانورن کي ماري کائيندو آهي مگر عشق شهنشاهہ موليٰ جو شينهن ماري وري جياريندو. آهي عام ماڻهو نفس جو کاڄ ٿي ويا مگر عشق شهنشاهہ نفس جي خودي کائي پاڻ نسوري ذات ٿي پوندو آهي. ماڻهو اعوذ باالله ۽ لاحول بہ پڙهندا ٿا وتن مگر ساڻن شيطان گڏ وينو آهي. شاهہ منصور عشق شهنشاهہ جو ماستر آهي. جنهن ک دارَ رَسن ۾ ڦاهي جو ڪتاب هٿ ۾ آهي. ڦهر درويش برجان خويش. الحب الله والبغض الله دوستي ۽ دشمني خدا ڪارڻ رکندا آهن بادشاهہ جا حاضر باش وڏيڪ يا پر ڳٺن جا مختيارڪار وڏيڪ آهن. پر ڳٺن وارا بہ حاضر باش جي ڪاڻ ڪيڏندا آهن.

نفس قارون دم خزانو ۽ مرشد موسيٰ آهي. اهو هدايت ٿو ڪريس تہ اهو خزانو الله جي راهہ ۾ خرچ ڪر. جيڪو چوڻ نہ ڪندس تہ قارون وانگر غرق ٿيندو. جن الست بربڪم جي جواب ۾ هائو ڪئي سي نفس جي قيد ۾ آيا. شهوت جي شوق ۾ رهيا. اها هائو عامن ڪئي هئي خاصن لاءِ عبديت

عذاب هئي. خاصن جواب ڏنو تہ اسان توسان رهنداسون انهن بوتي کي ٽُڪ هنيئن تڏهن معنيٰ وارو معراج ماڻيائون. محبوب سان گڏ رهڻ عبادت کان وڏيڪ آهي. ڪرسيءَ واري آيت پڙهي سين تہ ڪرسيءَ تي ويجي ويناسون. جن عبادت ڪئي سي رهجي ويا. عارفن ڪانسواءِ ڪنهن بہ الوهيت جو درجو نہ لڌو منصور قلندر ٻڌو تہ سيني مرشد کان فيض ورتو.

### بيت

"هر آن کار که بی استاد باشد
يقين دانی کربی بنياد باشد"

يعني جيڪو ڪم بي استادو هوندو. پڪ سمجهہ تہ ان ڪم جو بنياد پڪو نہ هوندو.

ماڻهن کي مائٽي جي رشتن گمراهہ ڪيو آهي ان ڪري مسلمان هوندي مقام ۾ سڙندا. هندو ظاهر ۾ سڙن ٿا مگر مسلمان باطن ۾ سڙندا. ملان قاضي اُٺ ڪتابن جا پڙهيا تہ بہ معرفت وارو علم هٿ نہ آين. عارفن صرف هڪ اکر پڙهيو تہ ٻئي جهان پڌر تي ٿي پين. عرش عظيم کان. ڪروڙ ڪوهہ پري هڪ ڪڪري آهي هي ڪتاب اُتان آندو اٿئون هي ڪتاب هماءِ جي پرن ۾ لکيل هو. اسان جي لاءِ رکيل هو. ٻين ڪتاب لوح وقلم مان آندا هئا .جيترو هتئون لوح وقلم پري آهي. هماءُ اَن کان ويهوڻ پنڌ پري آهي. عرش عظيم تي بادشاهہ ڪڏهن گلابي چيرو ٻڌندو آهي تہ ڪڏهن تاج پائيندو اهي. ڪڏهن ملڪوت ۾ اڇي تاج پائيندو آهي. جبروت ۽ لاهوت ۾ لولاڪي چٽ پائيندو. آهي لاهوت کان مٿي وري سُرخ تاج پائيندو آهي جنهن ۾ پنج هل آهن. سندس زلف خم خم شعر وار ڏگها اٿس.

عبديت مائٽن جي سيڪاريل اَلَ آهي .هن تي ڪو لقب ڪونہ هو. ٻانهپ بہ عبادت آهي جيسين پاڻ نٿو سڃاڻي تيسين عذاب ۾ آهي. لڪين

ان آڙ ۾ قاتل آهن. عبديت هڪ بيماري بہ آهي. جڏهن حاذق حيڪم مرشد ڪان علاج ڪرائبو تہ هماءُ تي پوندو ۽ بين ڪي بہ هماءُ ڪري وجهندو. جڏهن هاتفي آواز ٻڌوسين تڏهن اسان جي بوتي مان جنن ۽ پوتن جا ولر نڪري پيا. اسان آزاد ٿي پياسين.

جيڪو بيچون ۽ بي مثل ٻڌو اٿوَ سواسان جو شاگرد آهي. ان حڪومت سياست ۽ دٻدٻي جو سبق اسان جي اسڪول ۾ پڙهيو آهي. ڪيس سپ تعليم اسان ڏني آهي. هو اسان ڪي ياد ٿو ڪري ۽ اسان جي بندگي ٿو ڪري ۽ ڪندو آهي.

جيسين دنيا عقبيٰ ترڪ نہ ڪندوء تيسين ديدار نہ ٿيندوَ. هن بوتي تان آسرو ڪٽڻ ۽ ذڪر اسم اعظم ۾ گم ٿيڻ جونالو ترڪ الدنيا آهي. اي طالبو هيءَ ڳالهہ ٻڌي متان هيانءُ ڏريوَ. مان پنهنجي سر جو قسم ڪٽي چوان ٿو تہ فقيري معراج آهي. هڪ لت پنهنجي سر تي رکو ٻي ملڪوت ۾ ٽين جبروت ۾ چوٿين لاهوت ۾ پنجتن لامڪان ۾ ٿيندي. ڪلئي پنج وکان اٿوَ. متان ڊنا آهيو. صرف ذڪر ۾ گم ٿيو. عشق اهڙو منو طعام ڪارايو جو لُنئو لُنئو زيان ٿئي پيئي. وار وار اکيون ٿي پون. هر طرف اکيون ڪلي پيون ۽ نظر بہ ڪلي پيئي دل تہ اسم اعظم جو تختنگاهہ آهي مگر سڌن ڪان خالي ٿئي تہ امالڪ اسم اعظم جون مشينون هلي پون ۽ نفس فنا ٿي وڃي. اسم اعظم ڪمائڻ وارو عشق بادشاهہ جو وزير ۽ خاضر باش آهي.

سڌڙئي جو ٻنهي جهانن ۾هر هارو منهن ڪارو آهي. هن بوتي ۾ تہ الله وينو آهي. مگر اوهان مٿس نفس غالب ڪري ڇڏيو آهي. دل واري ڪعبہ ۾ وهو معڪم اينما ڪُنتم موجود آهي. ان جو طواف ڪري جهاتي پائي ڏس تہ الله ڏسندين. ماڻهن ڪي الله تہ سڌي ٿو مگر هونديون هيون. جيڪي هاٿي اچي پنجاهہ سٺ سالن تي بينيون آهن. انڌي ڪي سونهن جي ڪهڙي خبر. ماڻهو بہ الله ڪان انڌا آهن تڏهن لطف نہ ٿو اچين. نفس سان رهڻ ڪفر ۽ اسم اعظم سان رهي نفس ڪان پري پڃڻ عين دين ۽ اسلام آهي. انسان ڪم تي ٽا پاڙين الله تي پروسو ڪن تہ ڪين بکيو ئي ڪين ڇڏيندو. ذڪر

اسم اعظم جي ڏڪن سان هي نفس جلد تباهہ ٿيندو ۽ الله چٽو ڏسندو. جسم ۾ رهڻ سان معراج نہ ٿيندو آهي. جيڪو دين ايمان روزو نماز کي عشق جي درياهہ ۾ لوڙهيندو سو مرد آهي. طالب جڏهن جسم مان نڪري بئي جهان عشق اڳيان نذرانو رکيا تہ عشق شهنشاهہ چوندس تہ هم تہ هم هويا تہ هم هو يا. ماڻهو جيڪڏهن هزار ورهيہ مسجد ۾يا ڪعبہ ۾ نمازون پڙهي نراڙ گسائي ڇڏي تہ بہ يتين ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ ڏسين نہ سگهندو. جيڪو پاڻ سان گڏ الله کي ٿو ڄاڻي اهو ٿيڏو آهي. ان جي نظر ۾ فرق آهي. جزوي عقل گمراهن جو رهبر آهي. ڪل عقل عاشقن فقيرن نبين جو رهبر آهي. جزوي عقل ٻرنگو آهي ۽ ڪلي عقل يڪرنگو آهي.

بازيگر بئنسري وڄائي پورو نور جسم جي ڇپيءَ ۾ وڏو آهي. جيڪو آدم جي بوتي ذريعي هر شيءِ ڪائي ٿو وڃي. جنهن ان پوري نور نفس کي ماريو اهو نبي ۽ عارف مانيءَ لاءِ ڇو حيران آهين. رزاق پکين کي هوا ۾ جانورن کي برن ۾ پاڻي آهي. جي جانورن کي پاڻيءَ ۾ روزي ڏئي ٿو. توکي بک ماريندو ڇا. پاڻ کي ڪچهري ۾اڪيلو سمجهہ گهر ۾ مسافر ٿي رهہ. عشق جي راهہ ۾ سرڏيئي سخا ڪر، ماني ڪارائيندين تہ ڇا ٿيندءِ جيڪي آدمي پاڻ ۾ وڙهن ٿا سي آدمي نہ آهن ڪتا آهن ڇو تہ ويڙهہ ڪم ڪتن جو آهي. حرص وارو ماڻهو گنهگار آهي. مرڻ ڪانپوءِ سندس روح کي پناگرن واري پوشاڪ پيل هوندي آهي.

گارر ڏون چاڙهہ جنين جا چست ٿيا. نيت مقابل نين ماڻهو ميرا ڪپڙا. دنيا جي محب سان دل ڪاري ٿيندي آهي. آدمي شهوت جي زور مهل انڌو ٿي پوندو آهي ڪيس. حلال حرام حڪم ۽ منع جي خبر ئي نہ ٿي رهيس ذڪر الاهي سان دل روشن ٿيندي آهي. هو تہ توسان گڏ آهي تون زيارتن لاءِ ڇو ٿو ڊوڙين. جيڪو هتي الله جي ڏسڻ ڪانسواءِ انڌو ٻوڙو مري ويو. سو قيامت ۾ بہ صم بکم عميُ هوندو. نفس دين ايمان کي ائين ٿو ناس ڪري جيئن ڪتو هڏا ڪائي ناس ڪري، سڏائين ٿو آدمي ۽ ڊوندي جي پويان ڪتن وانگر ٿو ڊوڙين. درگاهہ الاهي جي پهچڻ جو رستو ذڪر آهي.

مرشد کان دل تي ذڪر جو اکر لکراءِ ہيو ڪويہ چارو ڪونہ اٿيئي دونهين جو رنگ اڇو آهي مگر شين کي ڪارو ڪندو آهي. سڏن جو بہ اهو حال آهي جو ڏسڻ ۾ تہ سَيون پيون لڳنديون مگر سندن پوئواريءَ ۾ دل ڪاري ٿي پوندي. اسان واصلن عارفن جو جيڪو ڇيو مجيندوسوالله پاڪ وٽ پهچندو. اسان جڏهن حق پاڪ وٽ پهتاسين تہ سروزيءَ رباب جو وڄايو تہ دل ڦرجي ويئي ۽ اهڙي لذت محسوس ٿي جو اها اڳ ۾ نہ ڪتابن مان آئي آهي نہ قرآن ۾ هئي. ڇئون پيا تہ سر ڪٽي گهات ڪجي. جيڪي سروز جا انڪاري آهن. سي جهنمي آهن جيڪي دنيا جي لذت لاءِ ٻڌن سي بہ ناري آهن. عارفن ٻڌن تہ اهي نور حقاني آهن اجا بہ کين ذات حقاني چئجي تہ بہ وڏاءُ نہ ٿيندو. عارفن جي نظر روميءَ زندگيءَ ۾ ڪاري اچي تي نہ آهي هوهر ساهہ واري ۾ هلندڙ دم کي ذات حقاني ٿا سمجهن. ماڻهن کان الله انجام ورتو هو تہ مون کي ياد ڪجو ۽ هنن انجام ڪيو هو ياد ڪرڻ جو. مگر ڏسو تہ هت کيس وساري ويٺا آهن. اهو ٿيو الله سان ڪوڙ ڳالهائڻ جنهنجو خدا کين اهڙو نتيجو ڏيندو جو کين عجب لڳندو. هي عمر گذارن پٽن جي خدمت ۾ آخر کين الله جو صوبيدار هڪ ڏينهن اچي هٿ ڪڙيون هڻي. وٺي ويندن ۽ وڃي جهنم ۾ اڇليندو موت سدائين سندن انتظار ۾ تاڙ ۾ آهي تہ رڳو کيس سرڪار ايزديءَ جي اجازت جو اشارو ملي تہ ڪنڌ مروٽيونس. مگر خبر ئي نہ ٿا رکن. نندون ۽ عيش ڪندي عمر ٿي گذارين. رن جي انجام تي بہ ساري رات بيهي ٿا گذارين. مگر خدا جي ياد ۾ گهڙي بہ نہ ٿا اٿن. موت ڏي ڪاهيون ڊوڙندا خوشيءَ سان ٿا وڃو. گمراهي موت آهي. ابدي حياتيءَ ڏانهن اوهان کي سيلهہ ٿا لڳن. ماڻهوءَ جي عمر پاڻيءَ وانگر آهي. جيڪو وهي ويو تہ پوئتي نہ موٽندو. آدمي درياهہ جا ڦوٽا آهن. جي جلد فنا ٿي ويندا. ماڻهو پنهنجن عملن سبب پيشمان آهن ذڪر ڪمائين ها تہ ائين نہ ٿئي ها. اهڙو طالب ئي ڪونہ آهي جيڪو الله جي ڳولا ۾ سر جلائي.

عبد تي عشق جو قرض آهي. هي ڦڙو اصل درياهہ جي موج مان ڌار ٿي آيو آهي. ڳوليندي ڳوليندي جڏهن ڦڙو درياهہ ۾ پيو تہ خود درياه ٿي پوندو. ماڻهن جي اکين تي حرص جا وَرَ چڙهيل آهن سڏن ۾ حرص جا نہ تہ الله لڪل تہ آهي ئي ڪونہ آهي. ڪنهن عارف فنا في الله واري ڪان آهي رَوَلهرائي تہ ديد ڪلي پوندس. عارف جو نيشان اهو آهي تہ هو نہ زبان سان ڪلمون پڙهندو نہ نماز پڙهندو نہ خلق جي تعبيداري ڪندو. مٿس ڪفر جا الزام ۾ گلائون هونديون ڪي ڪافر گبر پيا چوندس مگر هو هر مذهب ڪان بيزار هوندو. سندس مذهب ملت عشق آهي.

**بيت**

ملت عشق ازهمه دينها جدا است

عاشقانرا مذهب و ملت خدااست

يعني نفس حقيقي سيني مذهب ڪان ڌار آهي. عاشقن جو ملت ۽ مذهب صرف خدا آهي.

هي نفس حقيقي ڏيئي لاءِ طوفان آهي. اسان جڏهن فقيري اختيار ڪئي تہ موليٰ جي محبت اسان ڪي زوران زور هئي. دنيا خواه عقبيٰ جي ڪابہ محبت ڪانہ هئي، اسان سان گڏ ڪيترائي فقير ٿيا هئا. مگر جن ڪي دنيا جي محبت هئي. تن ڪي دنيا ملي.

من اراد الدنيا فله الدنيا من اراد العقبىٰ العقبىٰ من اراد المولىٰ فلهٗ المولىٰ

يعني، جنهن دنيا گهري تنهن ڪي دنيا ملي جنهن آخرت گهري تن ڪي آخرت ملي. جن موليٰ گهريو تن ڪي مليو.

طالب جڏهن فنا في الله ۾ ويو تہ پوءِ اڙيو ڪوبہ رهندو. تنهي جهانن جي حقيقت حاصل ٿيندس. پير مغان جي صحن ڪي ٻهاري ڏبي تہ دل جي صفائي ٿيندي. طالب جڏهن جسم جي لالچ مان نڪتو تہ ان ڪي اسم اعظم مان پيا ذڪر نڪرندا. ذڪر جو ڦيريون اڏ بہ بس ٿي ويندس پوءِ اَنَا جو ذڪر پيدا ٿيندو. انا بہ هڪ ملڪ جو ذڪر آهي ان وقت طالب مرشد ڪان

۾ حدان پري لنگهي ويندو. پوءِ اَنَا جو ذڪر ۾ بس ٿي ويندس. پوءِ ڦر جو ملڪ ايندو. جتي طالب ڦرجي ويندو. طالب جي دل جا ڪن جڏهن سرلا ٿيا تہ پوءِ سڏ پيو ٻڌندو. آءُ آءُ جي پڪار پيو ٻڌندو. فقير عارف آفاتيون ائين لڪندا آهن جيئن خلق کي خبر نہ پوي، ههڙي محبت ٻڌي پوءِ ۾ طالب دنيا ڏي وڃي افسوس صد افسوس آهي ان طالب تي، لولاڪ جي بادشاهہ کي اسم اعظم جو چٽ پيل آهي. آدمي جي نصيب ۾ روازازل کان سرڪار روزي لکي آهي سا ملندس. وڏيڪ ڪوشش ڪندو تہ ٻئي پاسي کان ڏوڪو ايندس.

زنا ڪرڻ سان پرائي زائفان مري ڪانہ ويندي. ٻئي ڏريون خوش ٿينديون مگر پرائو حق آهي، طالب کي پرائي حق ۾ دخل ڏيڻ ڏوهہ آهي. جيڪو طالب ٿي ذڪر پڇي ائين ڪندو تہ سندس ٻيڙي جا تختا اڏري ويندا. زائفان جي وارثن جو رنج ۽ ذات ذولجلال جي نافرماني آهي. جنهن ڪري تحت الثريٰ ۾ ويندو. سندس ٻيڙي سڙهہ سوڌي غرق ٿي ويندي. ذات حق واحد جوبہ ان تي ڏمر ٿيندو. الله ۾ ملائڪن جي مٿس لعنت پيئي وسندي ۽ اهم جهنم جو حقدار ٿيندو. فقير عرش جو شهباز آهي جنهن ساڻس صحبت ڪئي تہ ان جي دل شڪار ٿي ويندي. فقير جي دل جنهن شيءِ ڏانهن رايو ڪندي تہ اها شيءِ حاضر اچي ٿيندس. سج ۽ چنڊ هتي آهن هوڏي سدائين پرپات آهي جيڪو الله جي ذڪر تي عاشق ٿيندو تہ اهو لاخوف آهي. مجاز رڳو خوف آهي. مجاز رڳو خوف آهي. مجاز جو عشق گهڻو تيز آهي. ان جي باهہ ککن جي باهہ جهڙي تيز آهي. جي بچيو تہ حقيقت کي پهچندو جي نہ پهتو تہ سڙي مري ويندو. عشق مجاز پاڪائي سان غير کي ساڙي ڇڏيندو آهي ۽ وري زناني صورت تي رک ۽ نگهباني ٻہ گهڻي آهي. اها پلصراط آهي اتان ڪريو تہ جهنم ۾ ويندو.

سيدن کي نفساني هستي ڦري ڇڏيو آهي. تڏهن الله کي نہ پهتا. ڏسو تہ ساري سنڌ مان ڪي ٻہ ٽي سيد الله کي پهتا. تن جون قبرون ٻہ قيامت تائين روشن آهن. باقي ڪيترا سيد نفس ماري ڇڏيا ڇڻ ڪال ڪائي

چڙهين. الله ماڻهن کي هيٺ ان ڪري رهايو آهي ته جيئن مونکي ياد ڪن. پر ماڻهو ته هت الله کي پنهنجي ڏيون پنهنجا ڪم ڪاريون ڪندا ٿا وتن. الله ڏي نهارين به ڪونه ٿا. خوديءَ جي اوٽ کي ساڙيو ته الله پڌر تي ڏسبو دم ۾ پيل آهي ان سان دوستي ڪبي ته نور ٿي پئبو. طالب کي نفس تي نگاهه رکڻ کپي ته پوءِ وصل ٿيندس. اسان ذڪر کي پاڪر وڏو جنهن تکو ڪٽي وڃي وڏي ڪُنَ ۾ پهچايو ۾ درياهه جي هن پر وڃي نڪتاسين ٻيو جيڪو ذڪر کي قابو جهليندو. ته ان کي به ذڪر الله وٽ وڃي چڙهيندو. محمد علي شاهه عارف کي هر شيءِ مان معنيٰ نظر ايندي. اسان جي مرشد سيد. خواهه ڏاڙهي ۾ شهپرن جو وار نه ونرايو هو. طالب کي به جڳائي وار نه ونرائي. ا سم اعظم الله جو چار آهي. قلندر شهباز توڙي ٻين سڀني عارفن کي اهم دم وارو رستو جاري هو. هاڻي پوين ۾ ڪلهي ڏنيڻ ۾ ڏاڙهي ڪوڙڻ جو رواج آهي سڀني انبيائن اوليائن ۾ عارفن کي دم جي ذڪر وصل ڪرايو. نفس دهريو ۾ الله جو منڪر آهي. تڪليف ۾ الله کي مڃيندو سک ايندس ته چوندو ته الله آهي ئي ڪونه تنهن ڪري هن جي مٿان مار هجيئي هجي. مارمنڪر جي مٿي ۾ ڏينهن ۾ ڏهه سَوَ ڏنبا. نفس جا خدمتي مئي ڪانپوءِ جن ۾ پوت ٿي پوندا. آويلو انهن جي قبرن پرسان لنگهيو ته پتر هٽندا ۾ اهڙو ڊيڄاريندا جو بخار چڙهي ويندو. فقيرن جي قبرن تي رات ڏينهن ماڻهو پاڪر وڃهي پيا مرادون حاصل ڪندا. درد مرض لهرايون وڃن. اهوان ڪري جو عام ماڻهو زاني هئا. پوءِ انهن جي عملن جا پوت ماڻهن کي پيا ڊيڄاريندا. الله جو فقير اهو آهي جيڪو خلق کان نامراد آهي جنهن کي خلق جي مراد آهي سو خلق جو فقير آهي. ماڻهن سان هترادو چريائي ڪري منهن موڙجي نه ته ذڪر ڪمائي نه سگهندو. ماڻهن جي سڪٽي صحبت مان تعريف ڪانسواءِ ٻيو ملندو ڇا. الله وٽ دنيا عقبيٰ ڪرامت منوتي ۾ پنهنجو ديدار سڀ ڪجهه موجود آهي الله کان جيڪو جا به شيءَ گهرندو ان کي اها شيءِ ڏيندو.

الله اڪيلائي ۾ اُبالو ٿيو هوان ڪري ڪثرت ۾ آدم کي آئينو ڪري بنايائين. الله کي جيڪو ڏسندو انکي خبر پئي جي مجال نہ آهي اسان جو وجود محمدي سالڪي آهي اسان رسول الله جي پاڳي جا آهيون، ان ڪري ان جي طريقہ تي پيا هلنداسون. اسان جو رهبر ڪو گورک ناٿ يا مڇندر ناٿ نہ آهي. اسان جي فقيري رسول الله ۽ مولي علي سائين جن جي طريقہ واري آهي. جيئن پاڻ معراج ڪيو هئائون تيئن اسان کي بہ معراج ڪرايائون. لعل لڏ جي ڀير ۾ آهي جيڪو ڪوٽنيڊو سو لهندو. اسان ننڍي هوندي ڏسندا هئاسون تہ ملان ۽ قاضي اسم اعظم ڪاڻ حيران هوندا هئا. چوندا هئا تہ قرآن جو آهي پر ليپي ڪونہ ٿو. اهو اسم اعظم قرآن ۾ تہ پڌر تي آهي، جيڪو عشق شهنشاهہ اسان کي عنايت ڪيو. جنهن جي برڪت ۽ طاقت سان عرش کان تحت فرش نوري ۽ ناري سڀ ڪجهہ ڏسون ٿا. فقيرن جي الله پٽ رکندو آهي جيڪو الله تي توڪل ڪندو تہ اسان جو نگهبان آهي.

جيڪي پير ۽ مشائخ آهن اهي ڳوهہ مثل آهن، ڳوهہ جي چڪ مان زهر ڪونہ چڙهندو آهي. اهي بہ ڳوهہ وانگر بي حاصل آهن. فقير عارف واسينگ نانگ آهن. انهن جي رهڻ ئي ڪافي آهي. ساري عمر نشو نہ لهندو. عارفن جي زبان ۾ ئي زهر آهي. اهي زبان سان جيئن چوندا تئين ٿي پوندو. "چوندا آهن تہ ڊج فقير دي مار ڪنون جنهن دي لفظ تکي تلوار ڪنون" هڪ دفعي اُٺ کي ڪپر رهڙ ڏني تہ اُٺ ڪري پيو ۽ مري ويو. عارف بہ نفس لاءِ ائين آهن. نفس ڪيڏو بہ مضبوط ڇو نہ هجي عارفن جي رهنڊ ئي ڪونہ سهندو. هلندڙ طالب جوڳي گهڻا آهن مگر انهن مان لا جي ترار سان ڪنل ڪاپڙي ڪونہ ٿو ڏسجي ڪاپڙي جوڳي گرنار ۾ رهندا آهن. گرنار جي ڪوٽ کي ست منزلون آهن. گرنار ستن اسمانن ڏانهن اشارو آهي. جيڪو ستن آسمانن کان پري ويو هوندو اهو ئي لاجي ترار جو ڪنل ڪاپڙي آهي، پلي ملڪ گهمو پر هيءَ ڳالهہ اوهان کي ڪٿي بہ ٻڌڻ ۾ ڪانہ ايندي. هر هڪ طالب فقير کي گهرجي تہ قلندر شهباز جي زيارت ضرور

ڪري، چاڪاڻ تہ سڏ صوبي جي فقيريءَ جي واڳ قلندر شهباز جي هٿ ۾ آهي اتي وچڻ سان طالب قبول پوندو. اسم اعظم الله جو منڊ آهي ذڪر واري طالب وٽ انبياءَ اولياءَ ۽ خود الله بہ اچي حاضر ٿيندو. فقير جڏهن اوچتو مٿي ويو تہ سچل فقير بيدل فقير ۽ نانڪ فقير ۽ ٻين عارفن جي ڪلامن مان هن کي مدد ملندي جنهن سان هي ان حَدَ مان لنگهي ٻي حد ۾ ويندو. سمجهہ واري لاءِ شاهہ عبداللطيف جا بيت ۽ ڪلام مدد آهن. زيارت جو ذوق وڏندس. اهل صفحي وارا صوفي رسول الله ﷺ کي چوندا هئا تہ اوهان هر هڪ سان راز چو ٿا کوليو. ان تي پاڻ فرمائيندا هئا تہ وَمَا عَلَيۡنَاۤ اِلَّا الۡبَلٰغُ. يعني اسان تي آهي. پيغام پهچائڻ پوءِ انهن جي مرضي هلن يا نہ هلن، مگر محشر جي ڏينهن انهن جي ميار نہ رهندي تہ حضور اسان کي ذڪر جي ڳالهہ نہ ٻڌائي هئي، جنهن جي نظر ذات حق جي لقاءَ تي پيئي تہ بوتو ياد نہ رهندس. زالن جي زينت ڳهہ آهن مگر فقيرن جو سينگار ذڪر آهي عشق هيرو آهي. هر ڪنهن وٽ نہ ليندو آهي. عارفن جي صحبت ڪٽيل دل کي اچو ڪندي آهي. طالب جڏهن بوتي مان نڪتو تہ احمد ۽ احد کي هڪ صورت ۾ ڏسندو. وحدانيت جي گفتار ۽ عارفن جا ڪلام محبتي طالب لاءِ لفظ بہ لفظ سان تيرن جو مينهن پيا وسائيندا. جيڪو ڪم گمراهي. پيدا ڪندو تہ ان جو نالو گمراهي آهي. ڀنگ پيئڻ منع آهي. چو تہ هر هڪ نشو الله کان گمراهہ ڪندو آهي. الله جي محبت اسم ۾ آهي جيئن تڪو ذڪر ڪاهيندو تيئن محبت گهٽي ٿينديس. ذڪر جي ڍري ٿيڻ سان الله جي محبت بہ ڍري ٿينديس. ذڪر دل جي روشني آهي. ذڪر جو نہ هجڻ اونداهي دل جي نيشاني آهي. نفس آهي تڏهن الله جوقدر آهي. نفس نہ هجي ها تہ الله ڪيئن لبي ها. جنهن مون کي ڏٺو تنهن کي الله جي ڏسڻ جي ضرورت ڪانهي.

شاهہ منصور بيخوديءَ سان ان الحق چيو هو سچ آهي. مگر فرعون باخودي سان اناالحق چيو هو جيڪو ڪوڙ هو. جيڪو هر شيءَ ۾ الله ڏسي پوءِ چوندو تہ هر شيءَ ۾ الله آهي تنهن تي ڏوهہ ڪونهي مگر جيڪو بنا

ڏسڻ جي چوندو سو ڏوهي آهي. فقير بي نياز آهي. الفقر لا احتياج الا الله. مست الله کي اوچتو ٿا ڏسن تنهن ڪري چريا ٿي ٿا وڃن. طريقت سان ڏسڻ محمدي معراج آهي. مست جو فيض پاڻ تائين آهي مگر سالڪ مان هزارين فيض ٿا وٺن.اسان فقيرن سان صحبت ڪئي مگر ڪافي ڪلام جي خبر ئي ڪانہ پيئي. هلندڙ وقت ۾. ”چرخا چار تڪر مين ڪيتا“ جي ڪافي ٻڌم تہ معنيٰ نہ سمجهيم. جڏهن هن مان نڪري معراج ڪيوسين تہ قرآن، حديث،غزل، ڪافيون سڀ آساني ٿي پيا. الله جو اسم معنيٰ جو سمنڊ آهي. سڀ درياهہ موجان لهريون ان ۾ آهن، معنيٰ جي ٿوري گهٽي خبر آعارف جي صحبت مان بہ پوندي آهي. مگر جسم مان نڪتي ڪانپوءِ سڀ معنيٰ جي خبر پوندي آهي. جيڪو خوديءَ کي ختم ڪندو تہ حق جو سر ٿي پوندو.

جي پـائن جوڳي ٿيـان، تــہ ســڪ چوران کي بــات.
توڙي ڪســن ڪات، تہ بہ ســاڳي ســلن ڪينڪي

فقير بہ الله جي مڪمل ۽ هوبهو ڳالهہ نہ ڪندا آهن. مگر لڪائي ڪندا آهن. جڏهن آءُ ٻانهون آهيان ئي ڪونہ پوءِ سڏايان ڇو. هيءِ دل جي علم جي ڳالهہ آهي. نفس آهي بہ ڪافر اسم اعظم ان کي ڦيرائي الله ڪري ٿو وجهي.

اسان شرن کي عام ماڻهو چور سمجهندا آهن. مگر هي فيض ۽ پهچ اسم اعظم جي آهي. صديق فقير سومرو چور هو. اسي خون ڪيا هئائين جڏهن فقيري ۾ آيو تہ اڳيو سر ٿي پيو. الله جو اسم اهڙو آهي جو گداگر کي شاهہ ٿو ڪري الله جو اسم جي نيزي سان هن گبر نفس کي فنا ڪري دنيا درياهہ مثل آهي. جيڪڏهن ماهئي سانهہ جو پڇ وٺبو تہ پار ٿپي وڃبو. اسم اعظم بہ اهڙو پهلوان آهي جو جنهن ان جي دامن پڪڙي تہ آسمانن جي پريںءِ پر وڃي چڙهيندس. جتي پاڻ تہ محمدي معراج ڪندو پر ٻين کي بہ معراج ڪرائيندو. هي نفس رڍ جي مثال آهي جيڪڏهن درياهہ ۾ ان رڍ

جو ڪنهن پيچ پڪڙيو تہ رڍ پاڻ بہ بڌندي مگر انهيءَ ڪي بہ ٻوڙي ماريندي نفس لومڙ وانگر آهي. مڪريل آهن ۽ هن ٻوتي ۾ مذهبن جو هزارين ڏريون آهن ڪڏهن چوي ٿو تہ سني ٿيان تہ بهشت ۾ ويچان ڪڏهن چوي تہ شيعو ٿيان تہ امام سڳورا ڇڏائين. الله جي ذڪر ڏي ويجهو بہ نہ ويندو. هوڏانهن قرآن ۾ حڪم بہ اٿس. وَٱذْكُر رَّبَّكَ فِى نَفْسِكَ''

جيڪو پاڻ تي عاشق ٿيندو تہ سچو عاشق بہ اهو آهي. ٻين تي عاشق. ٿيڻ وارو ٻيائي ۾ آهي .ڪوهہ جي مالهہ جيڪڏهن پاڻي ڪان هڪ هٿ مٿي هوندي تہ پلي نار سڄو ڏينهن هلي پر پاڻي ڪونہ نڪرندو. اهڙي طرح الله جي ذڪر ڪانسواءِ دم پيو هلندو تہ اجايو آهي. هي دم بہ ڪوهہ جي مالهہ وانگر آهي اگر هيٺ ڪبي تہ لوٽا پريل ايندا. هي دل بہ ڪوهہ جي مالهہ آهي. جيڪڏهن ذڪر سان ڪاهبو تہ عرش کان فرش تائين ان جي آبادي ٿيندي.

جواني نئين ڪل جو نالو آهي. لوهر جيئن نئين ڪل جي ڦوڪٽي ٺاهي چلهي ۾ لوهہ ڪي ڦوڪيندو تہ لوهہ جلدي نرم ٿي پوندو. ائين نئين جواني ۾ الله ڏي هلبو تہ جلد پهچبو ستر ورهين کان پوءِ ماٺهوءَ جي دل ۾ خيالات جا سوراخ پيدا ٿيندا آهن. پوءِ ذڪر ڪمائبو تہ مزو ڪونہ ايندس. الله جي ذڪر ڪمائڻ جي مند جواني آهي. يُحِبهُم ويُحِبُونَہ جي معنيٰ اها آهي تہ الله جي محبت ۾ ڪنهن ڪامل مرشد کان ڏس پڇي ان سان لاڳيتو هلجي تہ الله بہ چاهيندو جيڪو اڳ ۾ غير پي جاتائين سوڳري ويندس ۽ پنهنجي ملڪن ملڪوت جبروت ۽ لاهوت جو هيو اتي وڃي پهچندو. ٻانهو جيسين پاڻ ڪي نٿو ڏسي

تيسين ٻوتي سان محبت اٿس نڪتي کان پوءِ ٻوتي ڪي پيو سمجهندو. فاذڪروني اذڪر ڪم جي معنيٰ بہ اها آهي تہ تون مون ڪي گهر تہ مان توڪي گهران.

هيءُ نڙ گُهٽُ روح جو توتارو آهي. آوازءِ ڳالهائڻ سڀ روح جو آهي. ٻوتو خالي پانڊو آهي روح ۽ سينو ڪيميا آهي. ٻوتو صرف روح جي

سواري آهي. عارفن جي دل محبوب جي مڙهي آهي. اهو گهر محبوب جي آهي. عشق جي شراب پيئڻ ڪانپوءِ دين ايمان انب جي چوسيل ڪوکڙي وانگر اڇلي ڇڏيوسين. آب حيات بہ اسان جي شراب جي اوبر آهي. محبوب جو اسان سان آهي . تہ پوءِ رسمي ڪعبہ سان اسان جو ڪهڙو ضرور. خودي ۾ خدا پاڻ ۾ نہ نهندا آهن مڙهي ڪعبہ نہ ٿيندي خودي ۾ خود بت آهي. بت سان خدا ڪيئن گڏ ٿيندو. جنهن عين اليقين جو سرمون پاتو سو حق اليقين پاڻهئي ٿيندو. عاشقن جو محبوب سان اهڙو راز آهي جو جبرائيل ۽ عزرائيل کي بہ خبر ڪانہ آهي. عارفن جي درد وارو طوفان اُٿي ۽ درد دُکي تہ ملائڪن جا پر بہ سڙي وڃن. هي ماڻهو خدا فروش آهن ڇو تہ هي خدا کي نفس جي طمع تي وڪڻن ٿا. اهڙا خدا فروش عام آهن مگر خود فروش ڪو ڪونهي. اسان عشق جا ڪنل آهيون مجينداسون بہ ڪنل کي ڪنهن چڱي پلي کي نهاريون بہ نہ سيڪو اسان کي بي دين ٿو چوي مگر اسان هو دين هٿ ڪيو آهي جيڪو ڪن نبين بہ مس هٿ ڪيو هو. عشق جي ديدار ڪانپوءِ ڪاڏي پيتي ۾ ننڊ جي هوس سڙي وئي. اسان جي دل جي روشنائي رات کي ڪتي ڏينهن ڪري ڇڏيو آهي. عشق جي ڪلال خاني مان شراب پيئڻ ڪانپوءِ مسلماني کان ائين بيزار آهيون جيئن ڪفر کان بيزار ٿبو آهي. مسلمان جيئن جيستائين وحدانيت جو شراب نہ پيتو تيستائين سندن نماز ڇڻ واءُ ڪٽي وئي جيئن پوک ڪَس تي وڃي. ماڻهو اسان کي بي دين ٿا چون مگر اسان دعائون ٿا گهرون تہ شل اسان جون ست پيڙهيون عشق واريءَ بي دينيءَ تي قائم هجن. جتي اسان جا پير ويل آهن اتي دنيا جي بادشاهن جا تاج بہ نہ پهچندا نہ وري اسان جي پيرن جي دز جو مٽ ٿيندا. جيئن گرڙ پکي ڪوهہ قاف ۾ ٿو رهي اسان بہ ائين ٿا. رهون عرش اعظم کان لک ڪوهہ پري هڪ ڪڪري آهي اسان جي رهت اتي آهي. جيڪو الله سمجهي بيو جاڻي ۽ نماز پڙهي سو ڪتو ڪافر آهي, جنهن هن ڳالهہ کي سڃاتو سو واصلي آهي. جنهن نہ سڃاتو سو بيحاصل آهي ۽ ڏوهاري آهي, انسان کي تہ پاڻ وفي انفسڪم يعني مان توهان ۾ آهيان ٻڌايو

اٿائين. ڪمند ۽ جوئر شڪل ۾ ڪهجهڙا آهن. پاڻي بہ ساڳيو پيئن. ڪمند جي رس مٺي آهي ۽ جوئر جي رس ڦڪي آهي، عارف ڪمند مثال آهن ۽ عام ماڻهو جوئر جي ڪانگڙ وانگر آهن. عام خاص فقير ۽ سيد بہ ساڳيو ساهہ ٿا کڻن مگر انهن ۾ فرق ڪيڏو آهي.

رسول الله جي ترار اثبات ڪرڻ لاءِ ڪيڏيون لڙائيون ڪيون ۽ لوهہ جي ترار وهايائين تہ لاجي ترار قائم ۽ ڪامل ٿئي. اڳي ڪافر بت پوڄيندا هئا ۽ هاڻي جا مسلمان پنهنجي بُت جا خدمتي آهن. پوڄارائي ڇئجن. ڪن جا بت زالون آهن، تہ ڪن جا پُٽ. تہ ن جا دوڪان تہ ڪن جا مال بت آهن. اهي سپيئي ُبت پرست آهن جيڪو بہ لاجي ترار وهائيندو. تہ ان کي عرش کان تخت الثريٰ تائين بادشاهي ملندي جيڪا قيامت تائين قائم رهڻ واري آهي. جنهن اسان کي دل اکين سان ڏٺو سو ڪافر ٿيو. جهن نہ ڏٺو سوبہ ڪافر ٿيو. حقيقي مسلمان هي ڳالهہ سمجهندو. عشق حقيقي يا مجازي جو الله مڙهيءَ مان ڏسبو نہ ڪعبہ مان. رسمي مسلمان اسان کي ڪيئن سڃاڻيندو ڇو جو هن جي دل ۾ سينو شهوت جي باهہ جي دونهين ڪارا ڪري ڇڏيا آهن. باهہ ٻرڻ واري جاءِ جي ڇت ڪيڏي نہ ڪاري ٿيندي آهي. رسمي مسلمان جي دل بہ اهڙي ڪاري آهي. جنهن ساقيءَ هٿان شراب پي الله لڌو تنهن جو نہ ڪعبہ سان واسطو نہ بهشت جي اميد نہ دوزخ جو خوف نہ دين ڪفر سان واسطو. نہ روزي نماز سان رهندو. نماز پڙهڻ وارن جي مٿي تي قرآن رکي پڇون تہ جنهن کي سجدو ٿا ڪريو تنهن کي ڏٺو اٿو. صبح جو جنهن مهل ملان بانگ ڏيندو آهي تہ اها مهل اسان جي شراب پيئڻ جي آهي. شراب جي هر هڪ ڍڪ سان هوش ڇڏيندو ويندو آهي. اسان جو ساقي منٿن سان هڪ هڪ ڍڪ ڏيندو آهي. پر هڪ ڍڪ سان سر وڃيندو رهندو آهي. ۽ اسان ڪيس پلوَ وجهندا رهندا آهيون تہ ڏڪ پل هڻ پر ڍڪ ڏي. اها پري جي ملڪ جي ڳالهہ آهي. هن شراب پيئڻ وارو نہ مرندو ئي ۽ ڇوٽڪارو بہ هوندس. ملان نياڻيون ميڙ ڪري اچي تہ بہ شراب جو ڍڪ بہ نہ ڏبس پٽائي صاحب جي وقت ۾ ڪيترا ملان قاضي ۽

نيڪ نمازي هئا تن جي ڪا قبر بہ ظاهر آهي پٽائي شراب وحدت پيتو تہ سندس نالوءِ قبر روشن آهي. ملامت ۽ خواري فقير عارف جو سينگار آهي. هن خاڪي وجود مان انا الحق جو نعرو ٿا هڻون بحر بازار ۾ محبوب کي ٿا ڏسون. محبوب جي محراب اڳيان ڪعبہ قبلو مسجدون مندر ۽ مڙهيون ڪليسائون گرجا گهر سڀ سجدي ۾ آهن.

جڏهن ذڪر ذاڪر ۽ مذڪور ٽيئي هڪ ٿي ويا. تڏهن نڪو وصل نڪو فراق نڪو هي نڪو هُو رهيو اها ڳالهہ عارف سمجهندو ٻئي جي ماءُ ڪي بہ طاقت نہ آهي. انا الحق جي محلات ۾ ويٺي ڪان پوءِ رومي زنگي ملان قاضي ڪارا اڇا ٻانيڻ مفتي يهودي ۽ نصارا شيخ مشائخ پر ڇهڙا چمار سڀ هڪ ڏٺاسين اڳ خبر نہ هئي،

مستيءَ جي ڳالهہ ڪيان تہ هي فولاد وارو ٻوٽو خواه ٻڏندڙ سڀ سڙي وڃن. جڏهن مان ناچ ڪندو آهيان تڏهن ملڪوت جبرورت ۽ لاهوت منهنجي پيرن هيٺان هوندا آهن. ساقي جي هٿان شراب پيئڻ بعد مون تي ايترو نشو غالب آهي جو مون تي ٻيو نشو ٽيئي ڪونہ اسان جي ٻوٽي جي مٿي لامڪان جي شراب سان ڳوهيل آهي مگر ظاهر ۾ هت ٿا رهون.

عشق جلال ماڻهوءَ کي شيطان ۽ ناري ڪري ٿو وجهي. مگر عشق جمال شيطان کي بہ نوري ڪندو آهي. هر هر پاڇي ڏي ڏسڻ سنا ڪپڙا. پائڻ، هر هر ڏندڻ ۽ ڦٽي ڪرڻ، تسبيح هٿ ۾ ڪري ڪلاه ۽ پيچي ٻڌي نماز پڙهڻ. پرهيزگاري ڪرڻ. نفساني خودي آهي. اهڙي جي نماز ۽ عبادت قبول نہ آهي. اسان جي عشق جو لام مونڊو نہ آهي نہ وري اسان جي حُسن جي انتها آهي. اسان جي سجدي جي جاءِ محبوب جو منهن آهي. پوءِ مسجد تہ نهيو پر ڪعبہ ڏي وڃڻ بہ روح نٿو ٿئي. هڪ دفعي عيد جي نماز لاءِ صف ۾ بينس ملان الله اڪبر چئي قران پڙهڻ شروع ڪيو تہ اوچتي منهنجي اڳيان نماز جو مالڪ اچي بيٺو ۽ چيائين تہ تون ڪنهنجي نماز ٿو پڙهين. اهو ڏسي مون کي وجد يعني بيهوشي ٿي ويئي. جڏهن هوش آيو تہ هليو آيس. مسجد خواه مندر خواه مڙهيءَ ۾ ان جي ئي عبادت ٿا ڪن.

سيڪو پنهنجي پر ۾ خالق کي ياد ٿو ڪري سيني جي ٻڏي ٿو. ٽڪاٽن ۾ سازن سروزن واري راڳ روپ واري عبادت ۾ به انهن کي سڏ ڏئي ٿو.

ڏس ته جنهن کي ظاهري صورت جو ڏنگ ٿو لڳي ته ان کان ننگ ناموس ۽ عبادت برباد ٿي ٿا وڃن. مگر هو ته حقيقي حسن آهي. ان جي ڏسڻ کان پوءِ دين ايمان ڪيئن بچندا. اسان کي عشق. دين ايمان ۽ پليدي کان پاڪ ڪري ڇڏيو. اهڙو شراب پيتو سين. جو جبرائيل ملائڪن سميت حيران ٿي ويو. ڇو ته ملائڪن جو ان شراب ۾ حصو ڪونهي. ساقيءَ وٽ دين ايمان تسبيح ۽ مصلو روزو نماز سڀ ٽيڙ ڳهه رکياسين ته شراب جو هڪ جام مليو. جنهن سان ٻيئي جهان رئي ٿي ويا. ملن ۽ قاضين کي ان سودي جي خبر ڪانه هئي، جي خبر هجين ها ته سجدو ئي ڪونه ڏين ها.

ملڪوت درياه جو گرساب ڳُن آهي. جتي نفس جي ٻيڙي جا تختا فنا ٿي ويندا آهن. اتي فقير معراج جي حالت ۾ پنهنجي خون ۾ رنگين ٿي ويندا آهن ۽ اهو انهن عارفن جو وضو آهي. جسم جي سِپَ جو ڀڳي ته ان مان موتي ٻاهر نڪتو. موتي وٽي جو اڏاٽو ته الست واري جاءِ تي وڃي پهتو. اتي دوڪان آهي جتي صراف ويٺو آهي. ان کي اهو موتي ڏيئي شراب وٺي پيتوسين ۽ جسم جي قيد مان آزاد ٿياسين. اي طالبو لذتون ڦٽيون ڪيو ته عشق جي بنيءَ تان طعام مليوَ جيڪو ڪن ڪن نبين به مس ڪاڏو آهي. اسان کي مُلن جي واعظ کان بينن شرنائن دهلن ڏڪڙن جو آواز وڏيڪ پسند آهي. بت پرستي شراب خوري ۽ ڪفر ٿيئي اسان جو مذهب ۽ دين ايمان آهن. جڏهن بيچون ٿي پياسين ته بيچون لهي ان ۾ هڪ ٿي پياسين ۽ عشق جي ڪماليت ڏٺي سين. عشق جو ڪمال اهو آهي. جو اسان جو مٽ ڀڃي پيو مگر شراب ڪونه هاريو. وڏا به دين ايمان واري پل تي بيهي رهيا ۽ ان شراب کان رهجي ويا. عام مسلمان اسان کي ملحد ڪافر ۽ زنديق سڏيندا آهن. مگر جيڪو ملڪ هن ملحد ۽ زنديق ڏٺو آهي ۽ حاصل آهي سو منصورن، قلندرن، عارفن ۽ انبيائن کي حاصل آهي. ۽

فيصلي جي ڏينهن فيصلو بہ هي ڪندو. هن زنديق ڪي ايتر اختيار آهي جو بهشت ۽ دوزخ بہ هي ورهائيندو. ها نفس پروري واري مسلماني ڪهڙي ڪم جي، جيڪڏهن عشق جو راز ظاهر ڪجي تہ سڄي دنيا خراب ٿي وڃي. جنهن ڪي عشق الاهي جي سُڌِ نہ آهي. تہ ان جي نماز قبول نہ آهي.

جڏهن ٽڪاڻي ۾ وياسين تہ مسجد منبر ۽ نماز روزي ڪان دل بيزار ٿي وئي جنهن ڪي اسم اعظم جي ترار هٿ ۾ آهي تنهن ڪي ڪوبہ ڀَوءُ ڪونهي جنهن ڪان ڇڏائي وئي تہ بڌل دشمن بہ دسي وجهندس. جيسين سياڻو آهين تہ ٽڪو نہ لهين.

عشق ۾ چريو ٿيندين تہ ڪروڙ لهندين.

باب چوٿون

# شاهه منصور جي حقيقت

شاهه منصور جي وجود ۾ وحدت جي اک پيوند ڪئي ويئي. جا هن محبت جي پاڙي سان پالي وڌي ڪئي. جڏهن ڦر ڪيائين ته ان مان انا الحق جو ميو پيدا ٿيو. جيڪي مسلمان ان راز جا واقف نه هئا تن شاهه منصور کي پنهنجي شهر مان تڙائي ڪڍيو. مگر توحيد ۽ الاهي فيض ڪٿي لڪي نه سگهيا. شاهه منصور جتي پيو وڃي اتي سندس هزارين طالب پيا ٿين. بغداد شهر جا ماڻهو کيس جادوگر سمجهي پنيان پيا لڳا وتن. ڪن ماڻهن وقت جي حاڪم جا ڪن ڀريا ته شاهه منصور وٽ ايتري خلق گڏ ٿي آهي. سو ضرور بغاوت ڪري. حڪومت سان جنگ ڪندو. حڪومت کي ڊيڄاري کيس اُتان به شهر نيڪالي ڏياريائون. جو آخر مسافر ٿي هند. سنڌ. چين، ايران، خراسان ماورا ۽ النهر. بصري، مڪي ۽ بلخ ملڪن ۾ گهميو. انهن ملڪن ۾ به هن فقيري حال ۽ توحيد جو ٻج وڌو. انهن ملڪن ۾ اسم اعظم جو جيڪو معراج جو رستو آهي. سو پکيڙيائين.

شاهه منصور ٻارنهن سال تستر ۾ رهيو جتي شيخ جنيد کان فقيري ۽ توحيد جو مسئلو پڇيائين. جنهن تي شيخ جُنيد وائڙو ٿي ويو. جواب نه ڏنائين. جنهن تي شاهه منصور کيس. اڻ ڄاڻ سمجهي کائونس منهن نه ڦيرايو. سوال هي هو ته الله نفس ۽ شيطان ٽيئي گڏ آهن. انهن کي ڌار ڌار ڪري سمجهاءِ. جيڪو هو ٻڌائي نه سگهيو مگر عشق شهنشاهه اسان کي ٻڌايو آهي.

ظاهر وارا شاهه منصور جهڙي عارف جي ٻولي سمجهي نه سگهيا. تڏهن ئي سندس خلاف ٿي بيٺا. عشق جي ٻولي اڙانگي آهي. عام ڇا سمجهندا ان مخالف سبب شاهه منصور خراسان ويو. ۽ ڪجهه وقت نيزوزيستان ۽ ڪرمان ۾ رهيو. پوءِ موٽي ايران آيو. اتي توحيد جي گفتار

نالي هڪ ڪتاب لکيائين. اهواز جي رهاڪن کي اهو ڪتاب ڏاڍو پسند آيو. اهي ماڻهو کيس حلاج الا اسرار سڏڻ لڳا.

شاهه منصور ٻه سال مڪي ۾ هڪ سال بصري ۾ پوءِ اهواز ۾ رهيو اتان عالمن عمر ۽ ابوعثمان ساڻس دشمني ڪئي. تنهن ڪري اتان اِئين چئي نڪتو ته هتان جا ماڻهو مون تنگ ٿا ڪن. تنهن ڪري، اوپر وارن ملڪن ڏانهن وڃان ٿو. تي عام آدمين کي حقاني راهه ڏيکاريندس ائين چين ڏانهن ويو. هندستان مان ٿيندو. سنڌ ۾ آيو. ان وقت سنڌ ۾ عربن جي حڪومت هئي. سنڌ جا ماڻهو شاهه منصور کي ابو المغيث يعني فرياد ٻڌندڙ بابو سڏيندا هئا. چين جا ماڻهو کيس ابو المعين. چوندا هئا ۽ پارس جا ماڻهو کيس ابو عبدالله عارف سڏيندا هئا. خراسان جا جيڪي سندس طالب هئا، اهي کيس ابوالمسمين يعني عقل جو ابو سڏيندا هئا. خوستان جا ماڻهوکيس. حلاج الاسرار چوندا هئا. مگر بصري وارا کيس مخبر التوحيد سڏيندا هئا. بغداد وارا طالب معطلم سڏيندا هئا.

شاهه منصور پاڻ پيجارو ڪونه هو. مگر هڪ دفعي ڪپهه جي ڍير وٽان اچي لنگهيو. اشاري سان سموري ڪپهه ڪڪڙن کان ڌار ڪيائين، ان ڪري مٿس،حلاجُ معنيٰ پيجارو لقب پئجي ويو. شاهه منصور ماڻهن کي توحيد ٻڌائي الله ڏي رجوع ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو. مگر ماڻهو سندس دشمن ٿي پيا. هڪ دفعي ڪنهن شخص پڇيس ته سائين توهان جو مذهب ڪهڙو آهي. جنهن تي جواب ڏنائين ته پنجاهه سالن کان ڪنهن ٻه مذهب سان تعلق نه رهيو آهي. مگر عشق الاهي هٿ ڪيو اٿم، ڇاڪاڻ ته سڀ مذهب بهشت ۽ دوزخ جا پائبند آهن. مذهب ته قبر جي بچاءُ لاءِ هٿ ڪبو آهي. ۽ نماز ٻه هزارين ورهين جي هڪ دم ۾ پڙهي هيم. هر هڪ سان غسل ٻه ڪندو هيس. هجي ڪو ته ان جملي جي معنيٰ ٻڌائي. اها معنيٰ اهو ٻڌائيندو جيڪو منصب ۾ شاهه منصور جهڙو هوندو. شاهه منصور هزار ورهين. جي نماز هڪ دم ۾ پڙهي. مگر اسان ستن هزارن ورهين جون نمازون هڪ دم ۾ پڙهيون آهن، هر هڪ دم سان وضو ٻه ڪيوسون ۽ سمورو

قرآن بہ هڪ دم ۾ پڙهيوسون. اها الٽي مام آهي. جيڪا ڪو سمجهندو جيڪو هن ملڪ ۾ ويو هوندو سوئي ڄاڻندو. هڪ دفعي شاهہ منصور، ابراهيم خواص کان پڇيو تہ ڇا پيو ڪرين. چيائين : توڪل کي پڪو پيو ڪريان. شاهہ منصور چيس. توڪل نفس ۽ پيٽ جي پائيبند آهي. توحيد ۾ ڪڏهن فاني ٿيندين.! هيءَ سڄي عمر نفس جي تابعداري ۾ گذريئي، باقي ڪڏهن توحيدي ڏي هلندين! جنهن تي ابراهيم خاموش ٿيو.

هڪ دفعي شاهہ منصور ڳالهہ ڪئي تہ موسيٰ عليہ السلام ابليس کي چيو. اي تڙيل، آدم کي سجدو ڇو نہ ڪيئي، جي ڪيس سجدو ڪرين ها تہ ڪونہ تڙجين. ها جنهن تي ابليس چيس تہ وڏي بيوقوفي تہ تو ڪئي، جو الله کان ديدار گهريئي ۽ توکي چيائين تہ انظر اِلَي الجبل، يعني جبل ڏي نهار. تو الله کان منهن موڙي جبل ڏانهن نهاريو. مون تہ خدا کي جواب ڏنو تہ توکان سواءِ ٻئي جي اڳيان نہ جهڪندس.

هڪ دفعي شاهہ منصور کان ڪنهن موسيٰ ۽ فرعون بابت پڇيو جنهن تي پاڻ چيائين تہ تہ ٻئي حق تي هئا. جنهن کي ازل ۾ جيئن هلايائون ائين پيا هلن. وري پڇيائونس: الله وٽ پهچڻ جو ڪهڙو رستو ۽ فاصلو آهي پاڻ چيائين: بہ قدم هڪڙو دنيا تان هٽ ڪڻ ۽ ٻيو عقبيٰ تان هٽ ڪڻ تہ اجهو ٿو موليٰ وٽ پهچين. صوفي واحد ذات حق آهي نہ هو ڪنهن کي ڄاڻندو نہ هن کي ڪو ڄاڻيندو. الله کي جيڪو ڳوليندو سو لهندو. عارف جي دل نشانو آهي. ۽ عشق نشان ڇٽيندڙ پوءِ عشق جو نشانو ڪيئن گسندو. عاشق تي خلق جو ملامتون ۽ تهمتون ۽ طعنہ ٿين تہ ڪيس وار جيترو بہ ڏک نہ ٿئيس. اهو خلقِ عظيم آهي.

ازل کان ابد تائين جيڪي آهي. سو وحدت آهي. ازدها جي وات ۾ ٻيئي جهان ائين آهن جيئن درياهہ ۾ ڪک آهن. عشق جي درد جي تصوير ڪيڄي. تہ سڀ جهان اوڏهين ڏسن. ڪنهن کي بہ بهشت ۽ دوزخ ياد نہ هجي. دنيا ڦٽي ڪرڻ نفس جو زهر آهي. عقبيٰ ڦٽي ڪرڻ دل جو زهر آهي

پاڻ کي ڦٽي ڪرڻ روحاني زهر آهي. آدمي جيستائين پاڻ مان نٽو نڪري تيستائين اهو رسول الله جي دل تي بار آهي.

هڪ دفعي شاهه منصور کان پڇيائون تہ نماز ۾ ڪن واري دعا الله وٽ پهچي ٿي يا نہ؟ پاڻ چيائين تہ ڪونہ ٿي پهچي. صوفي اهو آهي جيڪو اک جي پنبڻيءَ سان ٻيئي جهان ڪٽي وجي. عشق اهڙو آهي جو ارادو ڪري تہ سڃي جي پاڪي مان ظاهر ٿي پوي. جيڪڏهن حجاب ڪري تہ زمين ۽ آسمان مان بہ لڪي وڃي.

سڏان نفس جي حياتي آهن حق دل جي حياتي آهي ۽ عشق روح جي حياتي آهي. جيڪي سازسروز ذات الاهي لڪايا آهن جيڪڏهن انهن کي ظاهر ڪري تہ سڀ موجودات نچڻ لڳي جيڪڏهن پنهنجو انهن کي ظاهر ڪري تہ سيني جو دم نڪري وڃي. پڇيائون تہ صبر ڇا کي چئجي؟ پاڻ چيائين تہ ڪهن آدميءَ جا هٿ پير وڍجن ۽ سوليءَ تي لٽڪائنس تہ بہ دانهن نہ ڪري. عجب جو اهو حال شاهه منصور تي نازل ٿيو. شاهه منصور کي ماڻهو سمجهي نہ سگهيا. مگر منڪر ٿي ساڻس وڙهيا.

311 هجريءَ ۾ خليري مقتدر با الله وٽ ماڻهن دانهيو تہ شاهه منصور انا الحق جو نعرو ٿو هڻي ۽ الله ٿو سڏائي. جنهن تي ڪيس خليفي گهرائي چيو تہ انا الحق نہ چئو. مگر هو الحق چئو. پاڻ چيائين تہ هوالحق اهو چوندو جنهن جو الله وچايل هوندو ۽ الله کان ڌار هوندو مگر مان پاڻ الله آهيان منهنجي ڳالهہ اهو سڃاڻندو. جنهن پاڻ سڃاتو هوندو منصور ڪٿي آهي منصور تہ بحرا واڳهہ ۾ ٻڏي ويو. حضرت شاهه منصور کي خلق جي هجوم جي روبرو سوليءَ تي چاڙهيو هئائون. ٿي هزار ستر تہ صرف ملان ۽ قاضي هوا. ڦاسيءَ جي تختي تي چڙهڻ وقت ڪائونس پڇيائون تہ عشق ڇا آهي پاڻ چيائين تہ اڄ بہ ڏسندو سڀاڻي ۽ پرينءَ بہ ڏسندو. ان ڏينهن شاهه منصور کي سوليءَ تي چاڙهيائون ٻئي ڏينهن لاش کي باهہ ڏنائونس ٽئين ڏينهن هوا ۽ دجلہ درياهہ ۾ وڌائونس.

سوليءَ وقت هڪ طالب آخري وصيت جي گهر ڪيس جنهن کي چيائين تہ پنهنجي نفس کي ذڪر ۾ محو ڪر نہ تہ توکي حرص جي ڪوهہ ۾ اڇليندو. جتان نڪري نہ سگهندين. وري ڪائونس پُٽ وصيت طلب ڪئي جنهن کي چيائين تہ پُٽ سارو جهان روزي نماز ۽ عبادت جي ڪوشش ۾ هجي تہ تون معرفت ۽ علم لدني هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪجانءِ علم لدني جو هڪ نُڪتو ساري جهان جي جنن انسانن جي عبادت کان افضل آهي. شاهہ منصور کي پيرن ۾ بيڙيون پيل هيون تہ بہ چالاڪ ۽ هوشياريءَ سان پيو گهمي پڇيائونس. تہ اهو ڪهڙو سبب آهي چيائين تہ وجود جي تنگوتي کي بند ڪيون عرش عظيم ڏي ٿو وڃان.

تڏهن خوشي ٿي ٿئي اناالحق جو نعرو هڻندو هي عربي شعر پڙهيائين

نَدِيمی غَير مَنُسُوبِ اِلا شَیءِ مِنَ الحيَفُ

سَقانی مِثُل مايَشرَب کَفعُل ضيف باالضيفُ

فَلَمّا دارَب الكاسُ دَعَايا اَلنَطيعُ والسيفُ

كَذا مِنُ يشرَبُ الراحُ مَعَ النبينُ باالصيف

يعني منهنجو محبوب حيف ڪرڻ جهڙو نہ آهي. جڏهن وٽس ويس تہ مون کي شراب ڏنائين جيئن ميزبان مهمان جي عزت ڪندو آهي ڪاراياائين ۽ پيارياائين مان عشق جي شراب جا پيالا پيتا تہ محبوب نطع ڪٽي پٿاري ( نطع معنيٰ چمڙي جو وڇايو جنهن تي مجرم کي قتل ڪيو ويندو آهي) ۽ ترار ڪيدي ڪهڻ لڳو. ان شراب جو مُلهہ سر ڪپائڻ اهي جيڪو عشق ازدهان کان هاڙهہ جي منڊ ۾ ڪهنو شراب وٺي پيئندو تہ ان جو حال اهو ٿيندو.

شاهہ منصور جڏهن سوليءَ تي پهتو تہ تختيءَ کي چمي ڏنائين ڏاڪي تي پير رکندي چيائين تہ جيڪي گهريو هيم سو اڄ حاصل ٿيو. جسم جي قيد مان اڄ آزاد ٿو ٿيا. سندس طالب دانهون ڪري چوڻ لڳا تہ

قبلا توڪان پوءِ هي ملان ۽ قاضي اسان کي بہ مارينداپاڻ کين چوڻ لڳو تہ مونکي مارين جي اوهان کي مارياٸون تہ بيڻا ثواب هٿ ڪندا.

سوليءَ وقت شيخ شبليءَ پڇيس تہ عشق ڇا آهي؟ ۽ تصوف ڇاکي چئجي؟ ان کي چيائين تہ هي جيڪي ڏسين ٿو اهو سڀ ڪجھہ عشق ۽ تصوف آهي. ان ڏينهن ماڻهن شاهہ منصور کي پٿر پئي هنيا. ريس تي شيخ شبلي بہ شاهہ منصور کي گل هنيو تہ دانهن ڪيائين. پڇيائونس تہ پٿرن تي دانهن نہ ڪيوَ مگر گل تي دانهن ڪيوَ. جواب ۾ چيائين تہ عام ماڻهو معذور ۽ بي خبر آهن هي شيخ باخبر آهي. ڇاڪاڻ تہ شاهہ منصور کي پٿر هڻڻ جائز ڪين آهن. انهن بخبرن جي پٿرن جو نہ ڏک ٿو ٿئيم ۽ نہ ايذاءُ ٿو اچيم. مگر هن خبر واري جو ڏک ٿو ٿئيم.

پوءِ شاهہ منصور جا هٿ وڍيائون کلي چيائين تہ مون کي ٻيا هٿ بہ آهن جيڪي عرش عظيم کان لنگهيل آهن. انهن جي وڍڻ جي اوهان کي طاقت ڪانهي. وري شاهہ منصور جا پير وڍيائون جهن تي چوڻ لڳو تہ هي پير وڍيا اٿو جن سان زمين تي سير پئي ڪيم مگر اڃا مونکي ٻيا پير بہ آهن جن سان هماءُ ۽ عُنقاءَ پکي وانگر ٻنهي جهانن کان پرتي جو سير ٿو ڪيان هجيوَ طاقت تہ اهي پير بہ وڍيو. پوءِ پنهنجي رت منهن ۽ ٻانهن کي مکڻ لڳو. جنهن ماڻهن پڇيس تہ رت ڇو ٿو منهن کي مکين. چيائين تہ مردن جو گل گونو ۽ عطر سندن رت هوندو آهي. ٻيو تہ متان رت وهڻ ڪري منهن هيڊو ڏسو ۽ سمجهو تہ خوف ٿيو اٿس ۽ وڏيڪ عربيءَ ۾ چيائين تہ فی العِشُقِ لَاُیصَحُ وُضُوئهما اِلّا بِدَمِ يعني عاشق جو رت ڪانسواءِ وضو صحيح ڪونہ ٿيندو آهي. سوليءَ تي چڙهڻ وقت ڪنهن پڇيس تہ معراج ڇا آهي. چيائين تہ مردن جو معراج سوليءَ جي ڏاڪي ۽ تختي تي ٿيندو. زبان وڍجڻ کان ٿورو اڳ ۾ قرآن ڪريم جي هيءَ آيت پڙهيائين:

يَستَعجلُها الذِينَ الايُوء مِنُونَ وَالذِينَ آمَنو مُشُفِقُون مِنُهَا وَيَعلَمُون اَنه الحَقُ

يعني جي ايمان تئا آڻين سي تڪڙ ڪندا آهن جن ايمان آندو آهي سي مهربان آهن انهن مان ڄاڻين ٿا تہ هو حق تي آهي.

ان بعد خليفي مقتدر با الله عاشق جو سر وڍڻ جو حڪم ڏنو سر وڍجڻ وقت پاڻ ڪِلي ڏنائين. پوءِ شاهہ منصور جي هر هڪ عضوي مان انا الحق جو آواز بلند ٿيو. آخر سڀني عضون کي ڪٽي ڪپي قيمون ڪيائون تہ انا الحق جو آواز بند ڪونہ ٿيو. ايتريقدر. جو سندس هٿن پيرن جي آڱرين مان بہ سوڳيو آواز پي آيو. آخر سندس ڪٽيل جسم کي باهہ ڏيئي ساڙيائون خاڪ مان بہ آواز آيو. آخر ڪار اها خاڪ دجلو درياهہ ۾ وڌائون تہ درياهہ موج ڪري شهر بغداد ۾ گهري پيو. وهندو پاڻي مان بہ ساڳيو. آواز پي آيو بغداد تي مصبيت اچڻ لڳي طوفان نوح جاري ٿيڻ لڳو. پر شاهہ منصور اڳ ۾ پنهنجي طالب کي سمجهايو هو تہ جڏهن مسلمان منهنجي لاشي جي خاڪ درياهہ ۾ وجهندا تہ درياهہ موج ڪندو ۽ بغداد ٻڏڻ لڳي تہ اوهان هڪ دم منهنجي گودڙي ڪٽي درياہ ۾ اڇلجو. ان ڪري پاڻي کي ايندو ڏسي طالب گودڙي ڪٽي درياهہ ۾ اڇلجو. ان ڪري پاڻي کي ايندو ڏسي طالب گودڙي ڪٽي درياهہ ۾ اڇلائي تہ پاڻي جو چاڙهہ ختم ٿي ويو. ۽ شهر ٻڏڻ کان بچي ويو.

حسين بن منصور حلال الاسرار عشق مڪان پنهنجي طالبن ڏانهن خط عربي ۾ هن طرح لکندو هو.

”من الله هُوَ لَا ربِي الااولُ النُورُ سَلا طِحو لا مِعَ والا صلُ الا صلی والحُجةُ الحج وَرَبُ لَا رَبَابُ ورب الطورُ نِيَازُ الغيثُ مصباحُ النُورُ المتصور فی کل صورته اِلیٰ عبده فلان“

يعني: مان اهوازلي ۽ منڍ وارو الله آهيان جيڪو سڀني چمڪندڙ نورن جو اصل نور آهي ۽ جملي حجتن جي حجت آهيان پالڻهار جو پالڻهار آهيان ۽ طور سينا واري موسيٰ جو الله آهيان برسات موڪلڻ وارو سج جو نور مان

آهيان. سڀ ڪنهن صورت ۾ ظاهر ٿيڻ وارو مان آهيان هي خط فلاڻي ٻانهي ڏي آهي.

شاهه منصور جا طالب وري ڏانهنس هيٺين عبارت ۾ خط لکندا هئا:

سُبحانک يا ذَاتَ الذات منتهى غَايَتَ الذَاتُ يا عظيم يا کَبيرُ ـ اَشهَدُ اَنکَ البَارى القديم، المُنيرُ المتصور فِي کُل زمان وفِي زِمانا صُورة الحُسينُ بن منصور عَبدک ومِسکينکَ وفقيرک المُستجيرُ المُنيبُ اِن الراجعى برحمتک عا علام الغيوب يقول هذا هذا

يعني: تنهنجي تعريف سان شروع تون سڀن هستين جي هستي آهين. تون سڀني خوشين جي ابتدا. اي عظيم اي ڪبير. مان شاهدي ٿو ڏيان تہ تون بيشڪ باري قديم آهين. سج چنڊ جو پيدا ڪندڙ آهين. سڀني وقتن ۾ ظاهر ٿيندڙ آهين اسان جي وقت ۾ حُسين بن منصور جي صورت ۾ ظاهر ٿيو آهين. فقط تهنجو ٻانهو مسڪين فقير تنهنجو فقير . تنهنجي مدد جو محتاج تنهنجي پناهہ جو اميدوار تنهنجي رحمت جو طالبگار. بيشڪ تون مون تي پنهنجي رحمت موڪليندين. اي ڳجهہ ڄاڻيندڙ تون ئي اسان جون هي التجائون اگهائيندين. راوي البيروني.

شيخ جنيد بغدادي ۽ شيخ شبلي روح ان وقت راز جا واقف نہ هئا تڏهن پي شاهہ منصور جي خلاف فتوائون ڏنائون. حڪومت جي بہ مٿن زور هو. شاهہ منصور ڪانپوءِ راز جا واقف ٿيا.

اسان هي معراج وارو ۽ آسماني اشتهار ٿا ڪيون تہ جيڪو شاهہ منصور کي گهٽ وڌ يا ڪچو چوندو تہ ان کان الله ۽ رسول بيزار آهن اهو صوفي آهي تہ غير واقف ۽ ٻنهي جهانن ۾ انڌو آهي. اهو ۽ سندس پيءُ ڏاڏو ۽ سندس ست پيڙهيون ڏوهاري آهن. اسان اُن کي لعنت جو ڪفن ۽ سندس پيشاني تي داڳ ٿا لڳايون. قيامت ۾ بہ سندس ڪفس تي لعنت جا ٽاڪا لڳل هوندس. اهو انا الحق جو نعرو نہ رڳو منصور جي واتان نڪتو پر رسول ﷺ خدا جي واتان بہ نڪتو انا احمد بلا ميم جي حديث مشهور

آهي مَن راني فَقد راءَ الحقُ. مان رَاني فقد کَفَرَ. يعني آءٌ احمد آهيان پر ميم کانسواءِ جنهن موکي ڏٺو تنهن الله کي ڏٺو. جنهن مون کي ڏٺو سو ڪافر ٿيو. " من راني فقد راءَ الحق موج ۾ مرسل چيو. هنيو طبل تہ صاحب تاج جي قدسي حديث آهي تہ."

يَتَقَربُ الانسان بِاَلفرآئض ـ فَاذا اَحِبکَ اَحبَنی مَنِ قَصَدَکَ قصَدَنی مَنِ رَاک فَقد رَانی کُنتُ سَمِعَه وبصره وَيَداک ولسانه وَرِجله وبی يسمع وبی يبصر وبی ينطق وبی يمشی وبی يبطش

ترجمو: جڏهن انسان ڪمال کي ٿو پهچي تہ ان سان جنهن ٻئي بہ صحبت ڪئي تہ چڻ الله سان صحبت ڪيائون جنهن ڏٺو ڪجهہ ان کي تہ چڻ الله کي ڏٺائين. جنهن ان سان ملڻ جو ارادو ڪيو تہ چڻ الله سان ملڻ جو ارادو ڪيائين. الله ٿو فرمائي تہ مان ان جا ڪن آهيان جنهن سان ٻڌي ٿو. مان ان جي اک ٿو ٿي پوان جنهن سان هو ڏسي ٿو. ان ڪامل انسان جي زبان ٿي ٿو پوان جنهن سان هو ڳالهائي ٿو. ان جا هٿ پير ٿو ٿي پوان جنهن سان هو ڪم ڪار ٿو ڪري. هاڻي ڏسو تہ اتي منصور ڪاٿي رهيو. حديث موجب ڪامل انسان جو وجود حقاني وجود ٿو پوي.

قال غوث اعظم حديث قدس. الا نسان سري وانا سره. يعني رب العالمين ٿو فرمائي: انسان منهنجو راز آهي ۽ مان انسان جو راز آهيان

لَو عرَفا اِلا نسان مَنزِل الانسانِ يَقُول في کُلِ نَفسِ فِي اللهِ الغنا وَاَنَ المَلکُ لاَ مَلِکُ اِلا انا

ترجمو: جيڪڏهن انسان پاڻ کي سڃاتو تہ چوندو تہ هر هڪ ساهہ ۾ الله آهي مان بادشاهہ آهيان مون کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بادشاهہ ڪونهي. حضرت علي المرتضيٰ عليہ السلام فرمائن ٿا تہ اَنا عَربُ بلا عَينُ. يعني مان عرب آهيان سواءِ عين جي انا قسيم النار وَالجنہ يعني بهشت ۽ دوزخ ورهائڻ وارو بہ آهيان.

حضرت بايزيد بسطامي عليہ رحمت فرمائين ٿا تہ لوائي اعظم من لواءِ محمد ﷺ سبحاني مان اعظم شاني لاالہ الا انا فاعبُدني. يعني، منهنجو

جهندو پور نور ﷺ جي جهندي ڪان وڏو آهي مان پاڪ آهيان منهنجو شان وڏو آهي. مون ڪانسواءِ ٻيو ڪوبہ عبادت جي لائق ڪونهي منهنجي ئي عبادت ڪريو.

حضرت شاهہ شمس الحق فرمايو آهي. اسجدني قم باذني. يعني مون کي سجدو ڪريو.

مثل ڪي چيائين تہ منهنجي حڪم سان اُٿ تہ هو جيئرو ٿي اٿيو. شيخ جنيد بغدادي مستيءَ جي حال ۾ چيو تہ ليس سِوا اللهُ في جُبَتي. يعني منهنجي خاڪي چولي ۾ الله ڪانسواءِ ٻيو ڪوبہ ڪونهي.

مولانا جلال الدين رومي فرمائي ٿو:

آن منم هم خود انا الحق گفتني است باده از ما مست شُد نئي ما از او همه عالم از ما هست نئي ما از وا

يعني مان اهو آهيان. جيڪو پاڻ انالحق ٿو چوي شراب کي منهنجي ڪري مستي ٿي آهي. نڪي ان جي مستي مون تي ٿي آهي، سارو جهان مون منجهان آهي، نڪي مان ان مان آهيان اهي جملا شرابا طهورا لاءِ آهن نہ ڪي هن دنيا واري شراب لاءِ آهن.

باده در جوشش گائي جوش ماست، چرخ گردش اسير هوش ما است

شراب اسان وٽان جوش سوالي ورتو اهي. آسمان اسان جي حڪ جو آهي پائيبند آهي

آهڙي طرح حضرت سلطان قلندر شهباز نہ نعرو هنيو آهي،

شهباز لامڪانم بيرون زڪون ومڪانم، مسجودانس جان ام مطلب تو آشيانم،

لامڪان جو شهباز آهيان ٻنهي جهانن کان آزاد آهيان. انسانن ۽ جنن جو الله آهيان مطلب تہ تنهنجو آستانو آهيان.

من ام عثمان مروندي که يار خواجو منصورم ملامت ميکنند خلق که من برادرمي رقصم.

مان عثمان مروندي آهيان خواجہ منصور جو يار آهيان خلق ٿو ڪون ٿي
ڪري. مگر مان سوليءَ تي بہ نچان ٿو.

حضرت شاهہ عنايت شهيد کي يار محمد ڪلهوڙي شهيد ڪرايون ٿي مان دهليءَ سرنيزي تي ڪٽايون پيا وڃن تہ مجذوب مست ڏسي پڇيس: " پير پريان جي پڙ ۾ ڪنهن چيئہ تان پاءِ " هڪدم سر مبارڪ جواب ڏنو: ديراست کي آواز منصور کُهُنُ شدا اکنون من جلوء دهم وارو رسن را". يعني شاهہ منصور جي انا الحق جي نعره کي گهڻو وقت ٿي ويو هو. ان ڪري سوليءَ تي پهچي انهن کي نئون ٿو ڪريان.

حقيقت ۾ شاهہ منصور صوفين عاشقن جو سرتاج آهي. هر هنڌ هنڌ، سنڌ ۾ سندس ذڪر مشهور آهي. مولانا جلال الدين رومي، شاهہ منصور جي قاتلن کي غدار ٿو سڏي، عشق جو اسلام شاهہ منصور ۽ شمس الحق تبريزي جهڙن عارفن روشن ڪيو. انهن انسانن هن جهان ۾ الله وارو دين اظهار ڪيو الله جي دين کي شاهہ منصور اهڙو پڌرو ڪيو. جو عشق جي حال سندس لاشو بہ ساڙائي ڇڏيو. سڄي دنيا ۾ عارفن جو قبرون زندهہ آهن، مگر شاهہ منصور جي قبر نہ ليندي اهڙو هن شهنشاهہ امتحان پاس ڪيو جو قيامت تائين سندس نالو روشن رهندو ملن ۽ قاضين سمجهيو تہ ڪيس ساڙي سندس خاڪ هوا ۾ اڇلائڻ سان سندس نالو گم ٿي ويندو. پر هو تہ ائين فضا ۾ پکڙجي ويو. ۽ سيني صوفين جو سرتاج تہ حضرت امام حسين عليہ السلام آهي. مگر حضرت امام حسين ڪانپوءِ هن پنهنجي سر جو اهڙو امتحان ڏنو جو ٻئي ڪنهن بہ صوفيءَ ائين نہ ڪيو آهي.

## رومي صاحب جا بيت

بود منصور عجب خوش زنده حال، در ره توحيد اور اقصد ڪمال.

شاهہ منصور عجب خوش ۾ زنده حال هيو. توحيد جي راهہ ۾ ان جا سوين ڪمال آهن.

شير مانده غره انا الحق نمود، گئو چو گان عشق منصور ربود.
شينهن وانگر انا الا حق جي گجگوڙ ڪيائين. عشق جي ميدان جي منصور گوءِ ڪٽي ويو.
درس ده استاد جمله عاشقان که باتحمل بُر دبار ظلم شان.
سيني عاشقن کي سبق ڏيندڙ استاد هو.انهن جي ظلم جو بار وڏيءَ بردباري سان کنيائين.
عارفن اندر تحير مانده اند، عاميان در عبرت او هم شدنده.
سڀ عارف حيرت ۾ پيل آهن. عام ماڻهو پڻ ان جي عبرت ۾ آهن،
بات سوار تاخت بر جمله جهان، لاابالي را کمر بسته عيان
سڄي جهان ۾ هڪ سوار گهوڙو ڊوڙايو ظاهر ظهور بي پرواهي تي ڪمرٻڌائين
خلق بروئي جمع جمله صد هزار، يک تن نعره زده آن نامدار.
ان تي لک ماڻهو گڏ ٿيا. هڪ جڻي نامدار تيرن مان نعرو هنيو
سه هزار هفتادن ازعالمان همچون مورو مدخ بروئي مفتيان
ٽي هزار ستر عالم هئا، ڪولين ۽ ماڪوڙن وانگر اتي مفتي گڏ ٿيا هئا.
امتحان عشق راداه همين آفرين بروح پاکش آفرين.
عشق جو اهڙو امتحان ڏنائين. جو ان جي پاڪ روح کي به آفرين هجي،
عضو هائي خاک پاکش سوخته، نعره انا الحق همه افروخته
ان جا خاڪي عضوا پاڪ ساڙي ڇڏيائون، ته به هر عضوي مان انا الحق جو نعرو ڪڙو ٿيل هو.
عبديت رابر خانه اش برباد کر، احديث راخر قئه آباد کرد.
ٻانهپ جو گهر ڊاٺائين احديث جو لباس آباد ڪري ڇڏيائين.
صوفيان رافخر منصور آمده عين وحدت نور بر نور آمده
صوفين کي منصور تي فخر آهي جو وحدت جي نور کي اعليٰ نور ڪيائين.

## عشق حقيقي

جنهن جي دل ۾ حقيقي عشق جو دونهون دکيو تہ پوءِ اهومرشد ڳولي لهندو. ذات حق پاڪ سچي طالب کي مُنجهائيندو نہ آهي. رب العالمين جهان ۾ ٻن قسمن جا مرشد ڇڏيا آهن. هڪ مرشد رسول الله ﷺ جهڙو طالب جي رهبري ڪري گمراهي کان بچائيندس ٻيو مرشد شيطان جهڙو.

جنهن تي سرڪار رنج ٿيندي تہ اهو مرشد وٽجي وڃندو. راضي اٿس تہ ڪامل مرشد ملندس جيڪو کيس الله جو سڌو رستو ڏسي رهبري ڪندس.

جيڪو دم دم ۾ خيال جي نظر سان ذڪر ڪمائي تنهن کي صوفي چئبو آهي. وذڪر ربڪَ فِي نفسِڪَ وارو رستو هلي.صرف ڪپڙن پائڻ سان صوفي ڪونہ ٿيندو آهي. دمن جي حفاظت واري کي صوفي چئبو آهي.

الله جي پنڌ جا سڀ ڏک سک عيد پيو سمجهندو. ڏکن کي خدا جا موڪليل سمجهي چوندو بسم الله سچو صوفي ان کي چئجي جيڪو جسم جي قيد مان نڪري معراج ڪري. جنهن نفس سان حياتي گذاري الله اثبات نہ ڪيائين ان کي صوفي هر گز نہ چئبو اهو لعنت جو حقدار آهي.ان کان الله ۽ رسول بيزار آهن ڇو تہ هن روح موسيٰ کي قتل ڪيو ۽ نفس فرعون جو تابع رهيو.

## بيت ديوان آشڪار

صوفي آن جائي کي چون الله شد يافت راهه بعد ازان آگاه شد.

صوفي اهو آهي . جيڪو الله ٿيو رستو لهي خبردار ٿيو.

اى دلا در عشق تو ديوانه باش . بر شمع حسن چون پروانه باش

اي دل تون عشق ۾ چريو ٿي. حسن جي شمع چون تي پروانہ وانگر هج

هست بجز عشق آن ويران دل، آن دل نه بود مگر از آب وگل

عشق کانسواءِ دل ويران آهي . اها دل نہ آهي مگر مٽي ۽ پاڻي آهي.

گر نه باشند متاثر از عشق او، هئى هئپ از مردگى زنده بشو۔

جيڪڏهن تنهنجي دل عشق کان متاثر نہ آهي. تہ افسوس آهي مئل
مان جيئرو ٿيءُ

مرده دل آنست کی درون درد نیست ، عاشق آن نیست که رخش زرد نیست
مئل دل اها آهي جنهن ۾ درد نہ آهي، عاشق اهو نہ آهي جنهن جو منهن
هيڊو نہ آهي

عشق هدایت بکمالت بود ، عشق کمالات و ولایت بود
عشق جي هدايت ڪماليت جي آهي. عشق ۾ ڪماليت جي ولايت آهي

عشق دو ایکی میکند، بیخ دوئی را از میان بر میکند
عشق ٻن کي هڪ ڪري ٿو ڇڏي وچ مان ٻيائي جي پاڙ پٽي ٿو ڇڏي

عشق به رساند کمالت ترا ، عشق به بخشد عنایت ترا۔
عشق توکي ڪماليت تي پهچائيندو .عشق توکي عنايت بخشيندو

عشق نیارد به ملامت ترا ، عشق دهد درجهٔ هدایت ترا۔
عشق توکي شرمسار نہ ڪندو. عشق توکي هدايت جو درجو ڏيندو.

عشق آن شهزبر بود بر همه ، شیر همان است دیگران چون روبهه
عشق سيني کان زور آهي. عشق شينهن آهي ٻيا لومڙي وانگر آهن.

## مانگر مڇ جي ڳالهہ

ڪراچيءَ جي ڪُن ۾ مانگر مڇ رهندو هو. اتان مير بحر ست پائر شڪاري هئا. ڇهن پائرن مڇي ڦاسائڻ لاءِ سمنڊ ۾ جار اڇلايا. سيني جا جار ڦاسي پيا. سيني صلاح ڪئي تہ ٽٻي هڻي. ڏسون تہ جار ڇا ۾ ڦاٿا آهن. ڪين مانگر مڇ جي خبر نہ هئي. هنن جون ٽٻيون آزمايل هيون. ڪنهن جي ٽٻي پهر هئي تہ ڪنهن جي ڏيڍ پهر تہ ڪنهن جي ٻہ پهر هئي. سيئي هڪبئي پٺيان ٽٻيون هڻندا ويا ۽ ڇهن کي ئي مانگر مڇ کائي ويو. سندن ستين پائڙ جو نالو مورڙو هو. سو ڏاڍو عقلمند هو. تنهن ڇا ڪيو جو هڪ ڪاٺ جي پيتي کي چوڌاري ڪاوا هڻائي ٿلهي پائيپ جهڙي نهرائي ان ۾

وري چوڏاري رُڪ جا ڪات ۽ ڇُرا وجهرايائين. پاڻ ان پائيپ ڪائي جي ٻ ويهي سمنڊ ۾ لهي ويو. مانگر مڇ اُتي تيار بيٺو هو ۽ مٿس حملو ڪيائين. جيئن وات ڦاڙي هن کي چڪ وڏائين ته سندس ٻيئي ڄاڙيون ڪپجي ويون. ٻن ٽن منٽن ۾ مانگر مڇ مري پيو ۽ مورڙو به ٻاهر نڪري آيو. موتو قبل انت موتو تي ٻاهر نڪتو.

مطلب ته ڪراچيءَ جي ڪُن هي جهان آهي هي نفس ۽ جسم مانگر مڇ آهن. سڏڙيا ماڻهو جيڪا عبادت ٿا ڪن تي ڪٽي مانگر مڇ ڳهي ٿو وڃي. ڇو ته هي اسم اعظم جي اوزار کان خالي آهن.

مورڙو آهي روح جيڪو اسم اعظم جو خنجر ڪٽي اندروني مانگر مڇ کي وات ۾ هٽندو ته سندس اندريان رئيس عضوا لاجي ترار ۽ شاهِ مردان جي ذڪر سان وڃي وڍيندو. نفس مانگر مڇ جا عضوا آهن حرص طمع شهوت ۽ ڪاڏو پيٽو ننڊ عيش عشرت.

مورڙي طالب جي روح جڏهن مانگر مڇ اهونفس ماريو ته پاڻ آزاد ٿي ٻاهر نڪرندو پوءِ ان جاءِ تي ويندو جتي ”انا مدينته العلم وعليٌ بابها“ موجود آهي. اها جاءِ ملڪوت ستين طبقه آسمان تي آهي. موتو قبل اتي ٿيندو. پوءِ جيڪو هيو سو ٿي پويندو.

ڪاڏو ٻن قسمن جو آهي هڪڙو ڪاڏو عامن جو جيڪي نفس جي حياتي ۽ عيش عشرت ۽ ننڊ ڪاڻ آهي، عام ماڻهو الله جي ذڪر ڪانسواءِ ٿي وقت ٿا ماني ڪائين. ٻيو ڪاڏو خاصن جو آهي. جيڪو صبح شام يا ائين پهر ٿا ڪائن ۽ سمورو وقت الله جي محبت ۽ ذڪر ۾ گذارين.

خوردن و آشا ميدن خاصان ذکر کردن است

يعني. خاصن جو ڪائڻ ۽ پيئڻ ذڪر ڪرڻ لاءِ آهي.

خوردن براءِ زيستن وذکر کردن است تو معتقدمي کفي که خوردن براءِ زيستين است

ڪائڻ جيئڻ ۾ ذڪر ڪرڻ لاءِ آهي. تون وري پروسو ڪيون ويٺو آهين تہ ڪائڻ صرف جيئڻ لاءِ آهي.

خاصن جو ڪائڻ پيئڻ خدا جي ياد ڪرڻ آهي.انهن جو جياپو ئي ذڪر الاهي سان آهي. عامن جو جياپو ڪائڻ پيئڻ ۾ غفلت ۾ ٻڏل آهي خاص الخاص جو دين ايمان ذڪر الاهي ڪثرت سان ڪرڻ آهي. خاص الخاص جو دين ۽ زندگي عشق شهنشاهہ آهي. متواسط يعني وچولي درجي وارن جو ايمان الله آهي.

هي وجود عشق جو تنبو آهي. جڏهن عشق جي طوفان سان ڦاڙيائين تہ ٻنهي جهانن مان لنگهي وڃي. ٿيئن جهان ۾ پهچندو. اتي خدائي دم هڻندو تہ من خدا. مان الله آهيان. ٿي ڏينهن ان انا الحق جي ملڪ ۾ رهندو ٿن ڏينهن ڪانپوءِ عبرت جو سمنڊ پيدا ٿيندو جنهن ڪي اڪئين پيو ڏسڻ سان ڦرجي ويندو. جيئن ڪنهن سان ڌاڙو ٿيندو آهي. ائين ڏسڻ سان هوش عقل دين ايمان سڀ ڪجهہ ڦرجي ويندس. ڪائڻ پيئڻ بند ٿي ويندس. اج بہ نہ لڱندس عناصر تي اڳي ئي هيٺينءَ منزل ۾ سڙي ويندا آهن. باقي جيڪا عناصرن جي بوءِ رهيل هوندس سا بہ سڙي ويندس. هتان ويٺي عرش عظيم جا سڀ آواز هت پيو ٻڌندو

## بيت رومي صاحب

صورتش بر خاَن جاَن بر لامکان لامکان فوق وهم سالکان

ان جو جسم خاڪ تي روح لامڪان تي هوندس. لامڪان ڪان سالڪن جو خيال مٿي ويندو آهي.

بل مکان ولا مکان در حکم او همچون درحکم بهشت وچاَرسو .

مگر مڪان ۽ لامڪان ان جي حڪم ۾ هوندا, بهشت جا بہ چارئي طرف سندس حڪم ۾ هوندا.

هر دم اورایک معراج دان بر سر فوقش نهد حق تاَج آن

ان جوهر هڪ دم معراج سمجهه ان جي مٿي تي حق تعاليٰ تاج ٿو رکي ان حد ۾ پهتي کانپوءِ عاشق معشوق ۽ معشوق عاشق ٿي پوندو. عشق جي ڪماليت اها آهي. معراج وارو رستو ڪليل آهي پر جيڪو همت ڪندو سو پهچندو. معراج واري فقيري عشق شهنشاهه جي وزارت آهي. جنهن تي بادشاهه ڪاوڙبو ته وزارت تان لاهي ڪوٽوار ڪندس. جنهن صوفي نماز پڙهي ته سمجهو ته بادشاهه وزارت تان لاهي ڪوٽواري ڏني اٿس. ڇو ته ان صوفيءَ بادشاهه جي فرمانبرداري نه ڪئي صرف نفس جي خدمت ۾ رهيو. جيڪو صوفيءَ الله جي پناهه کان ٿڪو ۽ بي ايمان ٿيو ۽ آخرت جي ڀوَ کان نماز پڙهيو اهو نفس جو تابع آهي موچڙن جي ڀوَ کان نماز ٿو پڙهي.

عام خلق لاءِ نماز چڱي آهي جنهن ۾ هنن لاءِ موچڙن جو بچاءُ آهي. سابه جيڪڏهن دل وجان سان پڙهيا ته واهه نه ته رياءَ واري نماز ڳچيءَ ۾ ڳٽ اٿن، خاصن لاءِ نماز پڙهڻ گناهه آهي. خاصا اهي جن من خدايم جو دم هنيو.

بيت

طاعت يامان گناهه خاصگان .وصلت عامان حجاب خاص دان.

عامن واري عبادت خاصن لاءِ گناهه آهي. عامن جو وصل خاصن لاءِ پردو حجاب آهي.

انبيائن اوليائن ۽ عارفن تي نماز ڪانه آهي. جيڪڏهن انهن نماز پڙهي ته سيکارڻ جي لاءِ ڇو ته عرب ۽ عراق ۽ شام ۾ بت پرستي هئي ان ڪري انهن کي نماز پڙهڻ سيکاريندا هئا. جيئن استاد الف به پڙهائيندو آهي. بندوق جي ايجاد کان اڳ مائٽ ٻارن کي ڪاٺيءَ جي ترار ڏيندا هئا. جنهن سان هو جنگ جو فن سکندا هئا. جوانيءَ ۾ ڪاٺيءَ جي ترار ڦٽي ڪري رُڪ جي ترار ڪڍندا هئا. اهڙي طرح نماز روزو ڪاٺيءَ جي ترار ۽

ڏال آهي. وحدانيت جو ذڪر دوڪاندار مرشد وٽان وڃي وٺندو. اُها رُڪ جي ترار آهي جنهن سان قلعہ فتح ٿيندو آهي.

مگر هي عام ماڻهو اڄ سوڌو ڪراڙپ تائين نماز پڙهڻ چڻ ڪاٺيءَ جي ترار سان ٿا ڪيڏن جڻ اجا ڇوڪرا آهن. مردانو رستو طالب المولیٰ مذڪور وارو وٺن اها ڪاٺ جي ترار پاڻهيئي ڪري پوين. اِنما الحَيوت الدُنيا لَعِبُ وَلهو جي ڪري ڇوڪرا آهن. جيڪو جنگ جي ميدان کان ڊڄندو پيو پُر امن وارو ملڪ ۾ جنگ جي ميدان ۾ رڪ جي ترار ڪم ٿي ڏئي. ڪاٺ جي ترار جواتي ڪم ئي ڪونهي.

### بيت

تيغ چوبين رام بر در کارزار . بنگر اول تاَن نه گردو کامگار .
ڪاٺ جي ترار جنگ ۾ ڪٽي نہ وڃ پهريائين ڏس تہ جنگ ۾ ڪامياب ٿيندي
گر بود چوبين برو ديگر طلب رد بود الماس پيش آيا طرب
چون نہ داري مروت وزور دست، کود کان راتيغ چوبين بهتر است
جيڪڏهن هٿن جي طاقت ۽ مروت نٿو رکين، ٻارن واري ڪاٺ جي ترار چڱي اٿيئي
تيغ اصل اي جوان در دست گير تيغ چوبين کودک بيکارم گير
اي جوانمراد اصلي ترار هٿ ۾ ڪڻ ٻاراڻي ڪاٺ جي ترار نہ ڪڻ
تاَن تودارري تيغ چوبين دست خويش پيش مردان احمقي است ريش .
جيستائين هٿ ۾ ڪاٺي جي ترار اٿيئي پوءِ مرون سامهون بيوقوف ۽ سُسِتُ ليکبين.
تيغ لادر دست کن اي پهلوان تاَن رسي تواز مکان تاَن لامکان
اي پهلوان لا جي ترار هٿ ۾ ڪڻ، تڏهن تون هتان لامڪان ۾ پهچندين.
تيغ لا ازبهر حق وقتل غير . مي کشا تاَتوروي بر نهه طبق

لاجي ترار حق جي غير ڪپڻ لاءِ آهي. ترار وهاءِ تہ تون آسمانن تائين وڃين

تيغ لا از بهر قتل نفس خام ، تاشود اين نفس توزير لگام

لا جي ترار هن خبيث نفس جي مارڻ لاءِ آهي. تڏهن تنهنجو نفس لغام سان جهلبو

تان نه خواني لا اله الا الله را ، دانه يابي من ج ي اين راه را.

جيستائين لااله الا الله نہ پڙهندين تہ هن رستي جو ڇوٽڪارو نہ ملندءِ

## چئن ڇوڪرين جي ڳالھ

هڪ ڳوٺ جو چار ڇوڪريون پاڻ ۾ گڏ راند ڪيڏنديون هيون. آخر چارئي ڇوڪريون وڏيون ٿيون انهن هڪ ڇوڪري ڪي شادي لاءِ ونواھ ۾ مائٽن ويهارو. سندس خدمت دائي جي حوالي ڪيائون سندس جسم جا غلط وار بہ دائي ڪوهي ڇڏيندي آهي ۽ ستر ۾ رهندي آهي سندس دعا بہ قبول هوندي آهي.

ڪوهي پٽ ڪريج پنهنجي تون پرينءَ لئہ
بنبي ڪانہ ڇڏيج، جنهن مان ڪوڪير ٿئي.

هي آدمي ان زائفان جيتري همت بہ نٿو ڪري جو هوءَ مڙس ڪان اڳي پنهنجو منهن پيءُ ماءُ ۽ پائرن ڪي بہ نہ ڏيکاريندي آهي.

هڪ ڏينهن تنهي ساهيڙين ونواھ ۾ ويٺل ڪنوار ڪان پڇيو تہ ادي توڪي ڇا ڪيو اٿن. جواب ڏنائين تہ ادي مون ڪي تڙ ڪرائي گهرجي هڪ ڪنڊ ۾ ڪٽي ويهاريو اٿن ۽ ڪنهن ڪي بہ منهن ڏيکارڻ ڪان منٿ ڪئي اٿن ٻن ٽن ڏينهن بعد وري اچي پڇيائونس تہ ادي اڄ ڇا ٿيو؟ ڪنوار چيو تہ ادي اڄ آنڻ هنيو اٿن ۽ گيھ ڪٽيون ٿيون ڪارائين. ستين ڏينهن پڇيائونس تہ ڪنوار جواب ڏنو تہ ادي اڄ ڏاڍا تڙ ڪرائي ڪپڙا ۽ ڳھ

پارايائون. ساهرن جي الوالان لڳي ويئي ڏاڍا ڏُهل شرنايون وڄيون گهوٽ ٻه ڪپڙا پائي شام جو اچي در تي ويٺو.

پرڀات جو ڪانپورَ سهيلين پڇيس ته ادي اڄ رات ڇا ٿيو. ڪنوار چيو ته اڄ رات نڪاح جا وڪيل آيا. ملان نڪاح پڙهيو. پوءِ گهوٽ سان لاوان ڏياريائون. پوءِ سڀ مرد ۽ زالون هليا ويا. اسان گهوٽ ڪنوار ٻه ڄڻا رهياسون. ڪنوار اهو چئي ماٺ ڪري ويئي سهيلين پڇيس ته ادي پوءِ ڇا ٿيو.

ڪنوار جواب ڏنو ته ادي جيڪا پرڀاتي ان کي پاڻهيئي خبر پوندي اڳتي ڳالهه نه ڪبي.

عشق جو احوال به ائين آهي جنهن تي آيو اها خبر ان کي هوندي ٻين کي ڪهڙي خبر هي طالب به ڪنواري زائفان وانگر آهي. هن کي به ائين ڪرڻ گهرجي. حلال ۽ پاڪ ڪاڏو ڪائي عام کي منهن نه ڏيکاري. ذڪر ڪان منهن نه موڙي. اسم اعظم هن جي دائي آهي جيڪو سندس دل جي صفائي ڪندو رهندو. ماءُ هن جي مرشد آهي. نفساني خيال سهيليون اٿس. حضرت عشق بادشاهه طالب جو گهوٽ آهي جنهن طالب ڪنوار وانگر پرهيز ڪئي ته ڪنهن نه ڪهن ڏينهن عشق شهنشاهه طالب جي سيني واريون دهل شرنايون وڄائي گهوٽ ٿي سندس گهر اچي لهندو. مسلمان جا طعنا تنڪا دل شرنايون اهن ڪونيڪ چوندس ته ڪوبد پيو چوندس ڪوبي دينو ملحد چوندس. هو چوندو ته مان خدا آهيان ٻانهو نه آهيان.

حيف آهي ان صوفيءَ کي جو زائفان جيتري به پرهيز نٿو ڪري ته وٽس گهوٽ ڪيئن ايندو. زائفان به جيڪا بنا پرهيز جي جهنگ جهر گهمندي وتندي تنهن کي گهوٽ ڪيئن قبوليندو.

## ننڍن ٻارن جي سنگت

ننڍيا ٻار راند کيڏنديءَ چوندا آهن ته الله سائين جا ڳابا چاريندين. ٻيو ڇوڪرا هائو ڪندو. وري چوندس ته ڪتي ٻلي کان ڪونه ڊڄندين. چوندو ته نه پوءِ آزمائڻ لاءِ چوندس ته تاڙي ڪن ٺوڪ. انهن مان هڪ جو نالو ڪڍندو. پوءِ تاڙي يا ٺوڪ سان اک ڇنڀيائين ته چوندس ته تون ڊڄي وئين تون الله جا ڳابا نه چاري سگهندين.

مطلب ته ذڪر ساهه سان ڪمائڻ الله جا ڳابا چارڻ آهي. ڪتو ٻلو نفس ۽ شيطان آهن. تاڙي ٺوڪ ملامتون ۽ مصيبتون آهن. جيڪو انهن تڪليفن کان نه ڊنو سو الله جي ڳابن چارڻ جي لائق آهي چارڻ وارو ساڳيو سر تي پوندو. پوءِ اهو الله واري جوءِ ۾ وڃي پهچندو. اتي پهتو ته هٿيڪو ٿيو.

## حضرت موليٰ عليه السلام

هڪ دفعي ڪنهن شخص موليٰ پاڪ کان ڇيپو ته سائين الله جي اسم ۾ ڪهڙي فضيلت اهي جو سيڪو ٿو ونئي. پاڻ فرمايائون ته مجهول صبر ڪرائين نه چئومتان قيامت اچي وڃي. ڇو جو بي ادبي ٿو ڪرين.

وائڙا ٿئي جهان تاراجيءَ ج هڪ پڙ ۾ وجهجن ٻئي پڙ ۾ اسم الله جو وجهجي ته بہ اسم اعظم وارو پُڙ ڀاري ٿي پوندو.

هن اسم اعظم ۾ الله جي ذڪر کي اهڙي فضيلت آهي جو جيڪڏهن ڪو آدمي زمين ۾ آسمان مانيون ڪري جبل ۽ واري مصري ڪري درياهن ۽ سمنڊن جو پاڻي گيهه ڪري انهن جي ڪتي پوري مسڪينن کي کارائي ته بہ ان خيرات جي ثواب کان الله جي ذڪر جو هڪ پيرو دم سان سيني تي گهمائڻ جو درجو وڏيڪ آهي.

### بيت رومي صاحب

لفظ الله اسم با لا شان دان، که اندرون آرام شد کون و مکان

الله جو اسم وڏي شان وارو آهي ڇو ته ان ۾ ٻيئي جهان سمايل آهي

الف الله هر دم کون را ابتدا، هر علم هر کتب را الف اوستاَ.

الف الله ٻنهي جهانن جي ابتدا آهي. هر هڪ خواه ڪتاب جو الف استاد آهي
نام ديگر جملها را فنا است، تا ز آدم نام الله را بقا است،
ٻين سڀني نالن کي فنا آهي آدم عليہ السلام کان الله جي نالي کي بقا آهي.
مغز جمله عالم و ديگر چون پوست ، پوست فاني است باقي نام دوست
ساري جهان جو اهو اسم مغز اهي باقي جهان کل آهي کَلَ فاني آهي دوست جو نالو باقي آهي
پوست ديدن ديدنا بينا کن کي مغز ديدن مو به مو بينا کند
کل ڏسڻ سان انڌو ڪندي اکين کي، مغز جو ڏسڻ وار وار مان ديد پيدا ڪندو.
کور بهتر چشم آن کي رئو حق، گشت ناديده سيه باشد ورق
جن اکين الله نہ ڏٺو سي ابڏيون پليون نہ ڏسندڙ اکين لاءِ هر شيءَ ڪارو پنو آهي
گفت المعنيٰ هو الله شيخ دين، جمله اطباق آسمان وهم زمين،
دين جي مرشد چيو سڀني آسمانن ۽ زمينن جي طبقن جي معنيٰ الله آهي
بحر معنيٰ هاست رب العالمين، همچون خاشاک در آن بحر روين
رب العالمين معنيٰ جو سمنڊ آهي. ٻيا سڀ هلندڙ درياهہ ۾ ڪک پن اهن

## سُڪي ٻُنڊ ۽ ٻيڙيءَ جي ڳالهہ

درياهہ ۾ سُڪل ٻُنڊ ٻڏندو ترندو اچي ٻيڙيءَ وٽان لنگهيو ۽ ڪائونس پڇيائين تہ تون ۽ مان ٻئي ڪاٺ آهيون تون پاڻ بہ ترين ٿي ۽ هزارين مڻ بار بہ کنيو ٿي اچين. مان تہ پاڻ ئي درياہ ۾ ٻڏو تري سگهان. ان جو ڇا سبب؟ ٻيڙي چيس تہ مون کي ڪاريگر جا هٿ لڳل آهن مگر تون ڪنهن ڪاريگر وٽ ويو ئي ناهين.

مطلب تہ جنهن ماڻهوءَ کي ڪنهن ڪاريگر يعني مرشد جو هٿ لڳو آهي سو بہ ٻيڙيءَ وانگر ٻنهي جهانن ۾ تري ويندو. پاڻ تہ ترندو ٻين کي بہ تاريندو. عام ماڻهو سڪا ٻنڊ آهن جن کي ڪنهن ڪاريگر مرشد جو هٿ لڳل نہ آهي. اهي ٻُڏي ويندا ۽ وڃي جهنم ۾ پوندا. جن لاءِ قرآن ڪريم فرمايو آهي تہ لايموت فيها ولا يحيٰ يعني ان ۾ نڪي مرندا نڪي جيئرا ٿيندا. بيهوشيءَ جي حالت ۾ پيا سڙندا.

## بيت رومي صاحب جو

هر که اوبي مرشد روبي راهه شد، اوز غولان گمراهه ودوچار شد.

جيڪو مرشد کان سواءِ هن رستي ۾ هليو اهو ڇپن ۽ مَمَڻ جي آواز تي ڀلجي دربدر ٿيندو.

بهترين در هر دو عالم پيران، مرشد کامل اڪثير دان

ٻنهي جهانن ۾ مرشد کي وڏيڪ سمجھ ڪامل مرشد کي خدا اڪثير سمجھ

هر که اوبي مرشد کامل بود، اوبه راه گمراه مائل بود.

جيڪو بنا ڪامل مرشد جي هوندو، اهو ڀلجي لڙي ويندو.

## شريعت طريقت حقيقت ۽ معرفت جي تشريح

شريعت ۽ طريقت ڇا آهي. شريعت گمراهيءَ کان بچڻ لاءِ هڪ روشن چراغ مثل آهي. ان تي عمل ڪندي طالب ڪامل مرش جي امر تي هلي ته اها طريقت آهي. شريعت ۾ حلال حرام نيڪ ۽ بد جي سڃاڻ ٿئي ٿي. مگر طريقت سان هلندي جڏهن عشق جي شهر ۾ پهتو ۽ سڀ ڪجھ اکين سان ڏسندو ته اها حقيقت آهي. جڏهن ان شهر ۾ ويو ته شهر جو مالڪ ٿي پوندو. ان شهر ۾ تي ڏينهن رهندو اتي بيخودي جو دم هڻندو ان بيخوديءَ جي تختنگاهه ۾ اهڙو اثر آهي جو زمين ۽ وڻن مان هڪ ساڳي ٻولي پيو ٻڌندو.

سيئي آدمي ان شهر جا حقدار آهن پر ڇا ڪجي جو شرالوسواس الخناس نفس خلق کي گمراهه ڪري ڇڏيو آهي. ان نفس ۽ روح جون ٻه مختلف فوجان آهن جيئن ٻن بادشاهن جون سرحدن تي فوجون بيٺل هونديون آهن. ائين عام ماڻهن وٽ نفس جي فوج طاقت واري آهي. تنهن ڪري سندن روح ڪمزور آهي. جنهن ڪري سندن روح حق کي نٿو پهچي سگهي. جيڪڏهن ڪو لڪي دمن واري فوج کي زور وٺرائي ته نفس

ڪي شڪست ڏئي وجهندو ۽ پاڻ اها ذات ٿي پوندو عشق جي شهر جو مالڪ پاڻ ٿي پوندو

جڏهن عارف بيخودي جو نعرو هڻي ان محلات ۾ تخت ڪي ڇڏي ٻاهر نڪتو ته پريان معرفت جوسج اڀريل آهي. ان جو نالو معرفت آهي. عربيءَ ۾ مقولہ آهي تہ لَو ظَهرت الحَقَائِق بِظُلمت الشرايع. يعني حقيقت ظاهر ٿي پيئي تہ شريعت لڪي ويندي. شريعت مثال آهي ڏيئي جي جڏهن سج اڀريو تہ ڏيئو ختم شرمسار ٿي ويندو بتي جي روشنائي اونداهي ۾ ڪم جي آهي مگر سج اڀرڻ ڪانپوءِ بتي ڪهڙي ڪم جي. جيستائين آدمي جسم ۽ نفس جو قيدي آهي تيستائين مٿس شريعت لاڳو آهي. جسم جي قيد مان نڪتي ڪان پوءِ ساڻس شريعت جو ڪوبہ واسطو ڪونهي. پوءِ هو عين ذات آهي ذات حق بادشاهہ آهي شريعت ڪوتوار آهي. بادشاهہ تي ڪوتوار جو ڪهڙو حڪم هلندو. ذات نہ هندو نہ مسلمان

"الله نہ سمون سومرو نڪي منجهان سيدن
وحده الشريڪ لہ جهڙو ڪونہ چون"

جنهن پاڻ تہ ان جو آخري نعرو انا الحق آهي جنهن پاڻ سڃاتو ڳ تہ ان جي آخري منزل هن آيت مطابق ياليتني ڪُنتُ تُرابا آهي.

## ڪوٽ ۾ قاتل قيديءَ جي ڳالهہ

مثال جيئن ڪو آدمي وڏي ڪوٽ ۾واڙيل هجي. سندس ڪوٽ ۾ واڙيل هجي. سندس ڪوٽ جي ٻاهران درياهہ پيو وهي. هي ويچارو اُڃ جي تڪليف ڪان اندران پاڻي ۾ پٿر پيو اڇلي پاڻيءَ جي ڇڇڪي تي خوش پيو ٿئي تہ اجهو ٿو پاڻي پهچي. آخر پٿر اڇلي خواهہ ٿپ ڏيئي ڪوٽ وڏي هجڻ ڪري نہ نڪري سگهيو نہ پاڻيءَ تي پهتو.

هي آدمي بہ هن جسم جي ڪوٽ ۾ قيد ۽ بند آهي هڪ نہ پر سڀ ماڻهو ان ڪوٽ ۾ بند آهن. درياهہ اعظم ذات ذوالجلال آهي. سڀ ڪو

ماڻهو هندو هجي يا مسلمان الله ڏسڻ جي خواهش رکي ٿو پر ملان قاضي پير مخدوم سيني کي ان درياهہ جي پاڻيءَ پيئڻ جي سڌ آهي. اهي صرف ظاهري عبادت ڪري دعائن جا ٻڪن جا پٽر ٿا اُڇلين انهن پٽرن اڇلڻ سان سندن اچ ڪانہ ٿي لهي نہ وري درياهہ ٿو نظر اچين. ائين پاڻيءَ ڏسڻ ۾ حاصل ڪرڻ ڪانسواءِ اڃ ۾ مري ٿا وڃن.

مگر جن کي مرشد ڪامل هٿان ان جسم جي ڪوٺ کي ڪات هڻڻ لاءِ ذڪر جو رنبو مليو سي اها پٽ پيچي درياهہ کي پهتا.

اهي درياهہ جو پاڻي تہ پي ويا پر سچو درياهہ پاڻ ٿي پيا.

انهن کي وذڪر ربڪ في نفسک وارو مظبوط رنبو مليو. انهن کي تہ پٽ پيچڻ سولي ٿي پين. ملان قاضي پير مخدوم شيخ مشائخ غوث قطب ان جسماني ڪوٺ جي قيد ۾ رهجي مري ويا.

اقيمو الصلواة واتو الزکواة جا پٽر ڪوٺ مان اڇلي ٿڪجي پيا. مگر درياهہ تي نہ پهتا.

## عظيم ڪتيءَ جي کوئن جي ڳالهہ

عظيم ڪتيءَ جي گهر وارا ساري رات اٿو پينهي ڪافي اٿو گڏ ڪري رکندا هئا. صبح جو ڏسن تہ اتي جا ٿانوَ خالي پيا آهن. اجا ڪٽي ڏسن تہ گهر ۾ ڪوئن ٻرڙ ڪري اٿو ڪائي ناس ڪري ڇڏيو آهي.

عظيم ڪتي آهي نفس جنبُ آهي دل ماڻهو ساري رات نمازون تسبيحون ۾ تهجد تحليل پڙهن. صبح جو دل ۾ خيال اچين تہ اڄ رات اسان ڏاڍي عبادت ڪئي آهي. بيهي بيهي پير سجي ويا آهن. اهي خبيث خيال سندن دل ۾ اچن تہ سڀ عبادت ناس ٿي وڃي.

### بيت رومي صاحب

زبان در ذفکر خانه، چه حاصل ازین نماز پنجگانه

زبان ذڪر ۾ دل گهر جي فڪر ۾ اهڙي پنج وقت نماز مان ڇا ملندو.

ان نماز تو کنند آخر تباهه مکر ها باطل کنند رویت سیاهه .
اها نماز آخر توکي تباهہ ڪندي ڪوڙ ۽ مکر تنهنجو منهن ڪارو ڪندو.

## عشق جي بيداري

عشق جي بيداري ملڪ فلڪ جنن انسانن خواهہ ٻنهي جهانن جي حياتي آهي. عشق جي اچڻ سان ظاهر باطن گم ٿي ويندو. ڪثرت عدم ٿي ويندي، عشق جي ذات کي بقا آهي. ٻئي جهان ان جي موج آهن پاڻ کي ڳرَ ئي ڪانهي. قاضي تم کو کيا کهون جو يار موجدا رهوا. بحر لهردا رهوا.

ظاهر باطن عشق جي حڪومت ۽ دبدبو آهي. شهنشاهہ ظاهر خواهہ باطن کان نرالو آهي. ظاهر توڙي باطن جي هلائڻ لاءِ ملازم رکيل اٿس. هڪ وزير اعظم ۽ ٻيو نائب وزير اٿس. جنهن جو نالو احمد بہ آهي. محمود بہ اٿس، ٽيون دفتر دار اٿس ڪائنات جو دفتر ان جي هٿ ۾ آهي. ان جو نالو شاهہ مردان آهي. دفتر جي مالڪ جو لقب شيريزدان آهي. جنهن کي وڏيس تہ قبول ڪري يا رد ڪري يا داخل ڪري نہ ڪري. سڀ ڪجهہ سندس اختيار ۾ آهي. چوٿون صوبيدار آهي جنهنجونالوعزرائيل آهي. اهوسمورو عملووزير اعظم جي هيٺ آهي.

زمين آسمان ۽ عرش ڪرسي جي ٺهڻ کان اڳ اسان ايترو پري رهندا هئاسون جيترو هتان عرش عظيم پري آهي. ان پنڌ جي اڌوڻ جيترو پري هڪ ڪکري آهي ان ڪکريءَ مٿان تخت هو ان تي رهندا هئا سون اڪيلا هئاسون هاڻي هن مٽيءَ جي جامي ۾ آهيون اسان کي هن کيل تماشي ۾ 90 ورهيہ ٿيا آهن. اسان کي هن جاميءَ جي حياتيءَ ۾ شاهہ اعظم جي تخت تي رهندي چاليهہ ورهيہ ٿيا آهن وزير اعظم وٽ تي ڏينهن رهياسون پوءِ پري لنگهي وياسون.

بهلول داناءَ سان منسوب ڳالهہ :

چه خوش گفت بهلول فرخنده فال که من از خدا پيش بودم دو سال.

بهلول داناءَ ڪهڙو نہ چڱو چيو آهي تہ مان خدا کان ٻہ سال اڳي هوس. مگر اسان جو چوڻ آهي تہ اسان الله کان ٽي سال وڏا آهيون.

هجي ڪو واقف جيڪو هن ڳجهارت کي پچي. عام ماڻهو ڇا سمجهندا هن ڳالهہ کي اهي سمجهندا جيڪي جسم جي قيد مان آزاد ٿيا هوندا

## بيت

شکم پرور چه داند این سخن را. مگر آن کس که بازد جان وتن را.

من سه سال قبل بودم از خدا، این رمز کس نه واند جزخدا

پيٽ پالو هن ڳالهہ کي ڇا سمجهندو اهو ڄاڻندو جنهن جسم ۽ جان سان کيڏندو هوندو.

مان خدا کان ٽي سال اڳ هيس هن اشاري کي خدا کانسواءِ ڪي بہ نہ ڄاڻندو.

احمد احمد ۽ علي ٽيئي هڪ آهن مگر جاين ۽ حدن جا نالا آهن.

حضرت شاهہ عبدالطيف ڀٽائي رحہ چيوآهي تہ ٽيڏيون ڀائرن ٽي هوت مڙيوئي هڪڙو.

جڏهن طالب دفتر دار وٽ ويو تہ پاڻ سڙي عين شمع ٿي پوندو. پوءِطالب کي پروانوچئبو دفترداران وقت سندس نالوسلطان العارفين رکندو.

عشق جو بيان ڪهڙو لکون, سوَ قيامتون ۽ ڪائناتون پوريون ٿي وڃن تہ بہ عشق جو بيان پورو ٿي نہ سگهندو. عشق ئي ڪري سگهي ٿو. اسان جي ڏاڏي حضرت رسول ڪريم ﷺ بہ عشق جو بيان اشارن ۾ ڪيو آهي. مگر وضاحت نہ ڪئي اٿس. خلق جي عقل مطابق ڳالهايو اٿس. اسان جي ڏاڏي جو دماغ ۽ سينو اعليٰ هو. هيءَ ڳالهہ لکڻ جهڙي نہ آهي. پر چريائي ۾ لکي وينا آهيون.

ساري جهان کي ڪفر جو جٽيو ٻڌل آهي. اهو جٽيو اهڙو مخفي آهي جو ڪنهن کي بہ خبر ڪانهي. توڙي هزار حج ڪري ڪعبہ ۾ مري تہ بہ اهو جٽيو نہ ٽٽندس. مگر اهو جٽيو شاهہ اعظم جي روبرو ڇڄندو آهي.

مصرع : ذات نسورو نور. صاحب سانگ ڪيو. صورت جو

جٽئي ٽٽڻ ڪانپوءِ ڪاٿي رسول خدا ﷺ تي پوندو ڪاٿي ڪل شيءِ محيط تي پوندو. ڪاٿي پاڻ الله تي پوندو. هر جاءِ تي پاڻ کي پيو ڏسندو. جڏهن شاهہ عظيم جي روبرو پهتو تہ جٽيو نڪاءُ ڏيئي ٽٽي پوندس.

رقصيم بر قصيم که خوبان جهانيم ، نازيم به نازيم که ماعين عبانيم

نچان ٿو نچان ٿو جو جهان جو محبوب آهيان، ناز ناز ٿو ڪريان جو ظاهر ظهور آهيان.

خلق جو الله اهڙو آهي جو تعريف تي خوش ٿئي. مينهن وسائي روزي ڏئي چڙن کي زالون ڏئي ماڻهن کي مال ۾ پٽ ڏئي.

من تازه خدا داريم از کهنه خدا بيزاريم

يعني اسان جو الله نئون آهي. پراڻي الله کان بيزار آهيان.

صوفي جڏهن حَسبِيَ الله کان لنگهي ويو تہ الله الله کي واٽ ۾ ڇڏيندو.

قحبئہ زن شوهر نرمي دهد

اسان جو الله اهڙو آهي، جو لک انتظاريون ڪريونس تہ بہ واجهائي ئي ڪونہ نہ وري مرڪي. اهڙي ناز ۾ بيپرواهيءَ جي خمار ۾ لا احتياج آهي. هيءَ ڳالهہ اهو مڃيندو جيڪو جسم مان نڪتل ۾ قتل ٿيل هوندو

اُقتُلُونِي اُقتُلونِي يَاثِقَاتُ . اِنَ فِي قَتَل حَيَاتُ فِي حَيَاتُ .

اي وڏي شان وار وري قتل ڪر قتل ڪري بيشڪ قتل تنهنجي ۾ زندگي آهي. حياتي آهي.

شرح راه از کور کئي پرسد بگو

يعني. انڌي کان ڪير دڳ پڇندو ۽ هو ڪهڙو دڳ ڏيندو.

کيست نابيناز رازش خبر ، هست دربند هوائي درحذر

انڊو اهو آهي جيڪو خدا جي راز ڪان اڻ ڄاڻ آهي .ٻئي جهان ان جي پيرن جي مٿي آهن.

عرش عظيم تي ذات ذوالجلال جو نالو احد آهي. اٺين آسمان تي نالو احمد ﷺ اٿس. ستين آسمان تي نالو علي ع اٿس. زمين تي نالو محمد ﷺ اٿس، اهي سڀ نالا ان ذات جا آهن.

احد برعرش احمد بر فلک شد محمد برزمين اين نام يک

احد احمد دان علي رادربيان، سر وحدت و معرفت کردم عيان.

عرش تي احد آسمان تي احمد، زمين تي بہ ان جو نالو محمد آهي.

بيان ڪرڻ ۾ احد احمد ۽ علي نالا آهن، اهو معرفت جو راز آهي جيڪو ظاهر ڪيو سين.

نفس نامراد آهي جيڪو ڳاليهن ڪرڻ سان نہ مرندو آهي. جيڪو ذڪر ۾ جان جلائيندو تہ ان جو نفس مرندو آهي بنا ذڪر جي فقيري ڪنهن ڪم جي ڪانہ آهي، هي سر جو سودو آهي سر ڏيندو تہ سر ملندس. هي اصل وحدانيت جي درياهہ جو قطرو آهي. هن بوتي ۾ اچي قيد ٿيو آهي. هن بوتي جي قيد ۾ پيل آهي. هن بوتي جي ڪوٺي کي سون مٽن جا قلف لڳل آهن ۽ انهن جي ڪنجي بہ آدميءَ سان ساڻ آهي. اهي نفس جو سڏان رات ڏينهن انسان جي خيال ۽ ذهن ۾ رهن ٿيون. جيڪي سمجهو تہ قلف آهن. اهي قلف اسم اعظم جي ذڪر جي ڪنجي ڪانسواءِ نہ لهندا آهن جي قلف لهي پيا تہ هڪ قدم بوتي جي مٿان رکندو تہ ٻيو قدم آسمان تي پهچندس. اها وک هر هڪ آسمان جو مفاصلو طئي ڪندي ستين آسمان تي وڃي قرار وٺندو.

### بيت

مردتا نه نبد بر نفد پاءِ، ره کجا يا بدبه درگاه خدا

اين عجب که جان به زندان اندر راست وان گهي مفتاح زندانش به رست

يعني مرد جيستائين نفس تي قدم نہ رکندو تيستائين خدا جي درگاھہ جو رستو ڪيئن لهندو.
انصاف اھڙن ماڻھن جو آهي جيڪي ڪنهجي هوندي بہ قيد ۾ بند آهن ۽ قرار سان ننڊ ۾ ڦوڪون پيا ڏسن.
عجب اهو آهي جو جان قيد ام اهي ۽ ڪنجي بہ سندن هٿ آهِ آهي.

## لٽن پريلن جي ڳالھہ

جيڪڏھن ڪو ماڻھو رهي بہ درياھہ تي ۽ سندس جسم ۽ ڪپڙا گپ ۾ پريل هجن. جيستاين تڙ ڪري درياه ۾ ٽبي هڻي صاف نہ ٿيندو تيستائين ان گپ ۽ ميراڻ جي مصيبت ۾ رهندو.
اها ميراڻ نفس جي شهوت جي باھہ اٿس. طمع جي گپ جسم ۽ ڪپڙن کي لڳنل هجيس. اها ميراڻ ۽ باھہ آهي جيڪا دوزخ جي باھہ آهي. ان جو وسامڻ ڏکيو اهي مگرجڏھن انسان اسم اعظم جي درياھہ ۾ ٽبي هڻندو تہ ان جي باھہ کان بچندو.
ذڪر ڪل پنج آهن ان مان دم وارو ذڪر ساھہ سا ڪمائڻ سان يدخلون في دين الله ۾ داخل ٿيندو تہ ابهہ بہ وسامي ويندس انکاپوءِ مَن عُرُوج الرُوح تيز الفلک جو اسرار ظاهر ٿي پوندس.
انهن پنجن ذڪرن مان هڪ خاص ذڪر آهي جيڪو نفس جو قاتل آهي ٻيا چار ذڪر نور جلال مان آهن. نفس بہ نور جلال مان آهي جلال سان جلال خوش ٿيندو آهي. باقي ٻيا ذڪر ان جا زبردست آهن. ان ذڪر کي رسول الله بہ مخفي رکيو آهي. ان ذڪر جي شان جي خبر ان کي هوندي جيڪو فنا في الله ۽ بقا باالله جي درجي جو هوندو.
نور جلال باھہ آهي ۽ نور جمال پاڻي آهي جيئن پاڻي باھہ کي وسائي ڇڏيندوآهي. ذڪر نور جمال بہ نفس جي باھہ کي وسائي ڇڏيندو آهي. مگر هنن ذڪرن سان نفس کي مڇر جي چڪ جيترو بہ اثر ڪونہ ٿيندو آهي. مگر هن شهنشاھہ ذڪر سان نفس نابود ٿي ويندو آهي. ان کانپوءِ

فلڪن مان هڪ صورت ظاهر ٿي پوندي آهي. جنهن ڪي روحاني اکين سان پيو ڏسندو ۽ نفساني اکيون بہ روح جي زور سان پيون ڏسنديون. جنهن کي فلڪن مان اهو ديدار ڪليو تہ زبان بند ٿيندي. ڪائڻ بہ گهٽجي ويندس. ماڻهو ويجهو ايندس تہ وجد حال پئجي ويندس. اهو نيشان ان جي معراج ڪلڻ جو آهي. اهو رستو ذڪر اسم اعظم ئي کوليندو. ان جي نظر هيٺ هوندي آسمان ڏانهن نهاري نہ سگهندو. مٿي نهاريندو تہ وجد پوندس. ان صورت جو مثال لاچار سج سان ڏجي ٿو ڇو جو دنيا ۾ ٻي ڪا بہ اهڙي شيءِ نہ آهي.

متان سمجهو تہ هيءَ ڳالهہ ڪان ننڊ يا مراقبي جي آهي هيءَ ڳالهہ بيداري ۽ هوش هوشياري سان ٿا ڪريون هيءَ ڳالهہ چوڏهن علمن جي تحصيل جي آهي جيئن پي ايچ ڊي ڪندا اهن سياست ۾ هيءَ ڳالهہ بہ الوهيت جي سياست جي آهي عشق جڏهن جسم مان نڪري حقيقت جي سج ۾ ٽپي هٽندو تڏهن اهو بدر منير ۽ حقيقيت جو سج ٿي پوندو. مصرع. تهانپوءِ پرپجهن پڪا پنهنوارن جا. ان مهل عاشق هي نہ رهندو مگر هوٿي پوندو. ڪنهن مدت ڪانپوءِ هي هوسارو هڪ ملڪ ٿي پوندو.

جڏهن عاشق هو ٿيو. تڏهن ڪل ڪثر تي آواز بہ پنهنجا آواز پيو سمجهندو. ٻي سڀ شيءِ وصل ساڻ قرار وٺندي آهي مگر هي وصل بہ فراق جهڙو آهي. فراق بہ اهڙو جو واويل جهڙو جيڪو ڪڏهن ڪٿي ٻڌو بہ ڪونہ اٿئون جو وصل بہ فرق ٿي پوي.

## نَعلنِ جي چور جي ڳالهہ

هڪ شخص جابلو ملڪ ۾ رهندو هو. جبل جا ماڻهو گهوڙن ۽ گڏهن جي سنبن ۾ نعل هڻندا آهن تہ متان انهن جا پير گسي نہ وڃن. اهو شخص لوهرن وٽان نعل چورائي گذر ڪندو هو. هڪ درويش چيس تہ نعلن جي چوري مان ڇا ملندءِ لعلن جي چوري ڪر. هن پڇيس تہ لعل جي چوري ڪٿان ڪيان. فقير چيس تہ تنهنجو هر هڪ دم لعل آهي پوءِ فقير اسم

اعظم سمجهايس. جنهن سان هو محڪم ٿي ويهي رهيو. عاشق جي فيض مان چور واصل باالله ۽ بقاالله جي درجي تي پهتو.

## خواب واري جي ڳالهه

هڪ دفعي حيدرآباد جي شخص خواب ۾ دهلي جي شهر ۾ خزاني جي ڪوٺي ڏٺي. هاتفي آواز ۾ حڪم ٿيس تہ اها ڪوٺي تنهنجي آهي ۽ وڃي هٿ ڪر. صبح جو ننڊ مان اٿڻ سان پيادو منهن ڪري نڪري پيو سوين ڪوهہ پنڌ ڪري وڃي دهليءَ نڪتو. شهر ۾ پهچي ان جاءِ جي ڳولا شروع ڪيائين. بک اڃ تي بہ سال پورا ڪري ڳوليندو رهيو. ڪوٺي لڌائين ڪانہ رات جو هڪ صوفي عارف جي مڪان ۾ رهندو هو. ننگر ڪائي صبح جو وري پڇا ڪري ڳولا لاءِ ويندو هو. هڪ ڏينهن هن کي پريشان ڏسي فقير پڇيس تہ توسان ڪهڙي ويڌن آهي. جنهن تي هن فقير کي خواب واري سموري ڳالهہ ڪري ٻڌائي .

فقير صوفي چيس تہ بيوقوف هيترا سال رليو آهين. اڳي تہ ٻڌائين ها. هاڻي ٻڌ دهلي تهنجي دل آهي۽ ان ۾ دم خزانو آهن. ائين چئي ذڪر الاهي سمجهايائيس .جنهن سان هو مشغول ٿي ويهي رهيو آخر منصوري منزل ۽ فنا في الله جي درجي کي پهتو. هاڻي هن وٽ هزارين ماڻهو اچڻ وڃڻ لڳا. سيڪو نياز نذر پيو ڏئيس. پئسن جا کوڙ ٿي ويس. پئسن ڏي نهاري بہ ڪونہ پيو. ڪنهن پڇيس تہ پئسن کي هٿ ڇو نہ ٿو لائين. جواب ڏنائين تہ ان ملڪ ۾ ويو آهيان جتي منهنجي مٽان لعلن ۽ موتين جو مينهن ٿو وسي. هي پئسہ حرام ٿا نظر اچن. هن مان ڍونڊ جي ڏپ ٿي اچي. اهڙو صاحب ڪماليت جو ٿي پيو. جو اَلدُنيَا جِيفَت پيو سمجهي.

### بيت

چيست دنيا دم بود اندر وجود، نحن اقرب نام او راشد نمود
دم بود بل عين حق وعين ذات، آن بنده خوش که دم خود راشناخت
هر که دم نه شناخت او محروم شد، ازدو عالم نام او معدوم شد

دنيا ڇا آهي، هن وجود ۾ جيڪي دم آهن. نحن اقرب ان جو نالو ٿيو. دم هيس پر عين حق ۽ عين ذات ٿي پيس. چڱو اهو آهي جنهن پنهنجي دم کي سڃاتو

جنهن دم نہ سڃاتو اهو محروم ٿي ويو. ٻنهي جهانن ۾ ان جو نالو ختم ٿي ويو

## شينهن جي ڳالھ

ٻيا جانور سڀ ٻيا ليڻ. مگر شينهن گهٽ ليندو آهي. جنهن بہ جوءِ ۾ شينهن رهندو تہ ان ۾ سندس هاڪ ۽ خوف ڇانيل هوندو. سندس پر ۾ جي رهندا تہ گدڙ ۽ لومڙ ڦيڪاري ۽ فشري ڪري ٻين جانورن کي اطلاع ڏيندا رهندا آهن مگر شينهن انهن تي ڪن ئي ڪونہ ڏيندو آهي.

عام ماڻهو بہ جهنگلي جانورن وانگر آهن. فقير جن من خدايم جو دم هنيو سي شينهن آهن. اهڙن عارفن کي شينهن چئبو آهي. گدڙ ۽ ڦيڪاريون اهي عارفن عاشقن جا منڪر ۽ حاسد آهن. اهي ملان ۽ قاضيءَ جي روپ ۾ عارفن عاشقن جي مخالفت ۽ شڪايت ڪندا رهندا آهن. چوندا آهن تہ فقير انا الحق جو نعرو هنيو آهي ۽ ڪافر ٿي ويو آهي. شيعن کي چون تہ فقير الله ٿو سڏائي سنين کي چپن تہ فقي خليفن جي گلا ٿو ڪري.

نادان ائين نہ ٿا سمجهن تہ جهن ذات حق ۾ تبي هنئين ۽ خود ذات ٿي پيو. سو صفات ۾ مشهور ٿيو. جيڪو عين الله ٿي پيو سو خليفن ۽ ٻي مخلوق جي ڪهڙي محتاجي ڪيندو. خليفا تہ هن جي هٽ جا ٿهيل آهن.

عام ماڻهو فقير تي بهتان ان ڪري ٿا هڻن تہ جيئن ڪو بہ سني يا شيعو وٽس وڃيئي نہ متان فقير وٽ ماڻهن جو اجتماع ٿئي. پر جيڪي الله وٽ قبول پيل آهن تن. ڪي الله ٿو موڪلي جيڪي اچي ٿا فقير وٽ حاضر ٿين. جن تي الله ناراض آهي سي فقير جي حاضريءَ کان محروم ٿا رهن.

ڏسو تہ سلمان فارسي پهريائين آتش پرست هو. ڪٿان اچي رسول الله ﷺ وٽ پهتو ۽ فيضياب ٿيو. ڏسو تہ اهو درگاره الاهيءَ ۾ قبول پيل هو. جنهن ڪري رسول الله ﷺ فرمايو آهي تہ السُلَيمانُ من اَهلِبَيتي. يعني سليمان منهنجي اهلبيتن مان آهي. وفاداريءَ سبب سيدن ۾ شمار ٿي ويو.

رسول الله ﷺ جي شهر وارا ابو جهل. ابولهب, ابو سفيان ۽ عبدالله بن ابي مناف سندن پاڙيسري هئا. ان هوندي بہ منافقي نہ ڇڏيائون. اهڙا وٺي ٿا وڃن. مگر ويجهڙائي وارا بي فيض ٿا وڃن.

دريمن پيش من، من دريمن . ترجمون فارسي

يمن ۾ رهندڙمون سان گڏ آهن مگر مون سان گڏ رهندڙمون کان يمن جيترو پري آهن.

قدرت جو قاعدو آهي تہ موسيٰ سان گڏ فرعون بہ هو. ابراهيم سان گڏ سندس دشمن نمرود بہ هو. جتي عيسيٰ هو تہ اتي يهودي بہ هئا. رسول الله ﷺ سان گڏ موجود دشمن ابو جهل بہ هو. موليٰ عليہ السلام سان گڏ دشمن معاويہ بہ هو. امام حسين عيلہ السلام سان يزيد بہ هو.

شاهہ منصور. شمس الحق تبريزي ۽ ٻين عارفن جا دشمن ملان ٿيندو قاضي هئا چار سو ورهين کانپوءِ منصور جهڙي عارف تي هل هنگامون ٿيندو آهي. من خدايم جي دم هڻڻ وارن عارفن تي ڪفر جا الزام ايندا آهن. عشق شهنشاهہ منصوري نعري کي ڪنهن نہ ڪنهن هڏان تازون ڪندو آهي. جهن تي ملن ۽ قاضين ۾ ڦرڦوٽ ٿيندي آهي.

## ڪورو ڊِلو ۽ پراڻو ڊِلو

ڪورو ڊِلو چانوَ ۾ ڊِڪيل هوندو آهي. جنهن ڪي ڏسي سيڪو پڇي اچي مجهائنس پاڻي پيئڻ لاءِ ايندو آهي. مبادا ان ۾ ايريو پيل هجي ۽ سندس پاڻي ايريي جي ڪري ڪوڙو ٿي ويندو آهي. ماڻهو هن جو ٻاهريون ڏيک ڏسي پاڻي ڪڍي پيئڻ جي ڪندا آهن ۽ هڪدم گرڙيون ڪري هاري ڇڏيندا آهن. مگر گهڙامنجي هيٺان ڪو پراڻو ۽ ڀڳو ڊِلو رکيل هجي ۽ منجهس مصريءَ جو سير بہ پيل هجي تہ بہ ماڻهو نهاريندس ئي ڪونہ ڇو جو ڏسڻ ۾ ميرو ۽ ڀڳو ڏسندا. مگر ڪورو ڏسي ڪوڙي پاڻيءَ واري دلي ڏانهن ماڻهو ڊوڙ پيا ويندا.

اهڙي طرح ماڻهن جي ڊِڪ ڊوڙ بہ ظاهري لباس تي آهي ڪوداناءُ هوندو جيڪو ان ميري ۽ ڀُڳي دلي ڏانهن ايندو.

ظاهر وارا پير ڪورا دلا آهن. جن جون پوشاڪون بہ سٺيون ۽ ڪاڏا بہ سٺا خليفا بہ گهڻا جيڪي خواه مخواه وڃنا پيرن جون ڪرامتون پيا ٻڌائيندا.

### مصرع

ظاهرش آراسته باطنش همچون شيطان

يعني، انهن جو ظاهر سينگار آهي مگر انهن جو باطن شيطاني آهي.

ان طرح انهن پيرن جي وجود ۾ ايريو شهوت ۽ سڌن جو پيل آهي.

ڪڏهن بہ نفس جي مخالفت نہ ڪندا. سڄي ڄمار نفس جي فرمانبرداريءَ ۾ گذاريندا. ويچارن وجود کي ڏک نہ ڏنو ڪڏهين.

ڀڳڙا دلاهي فقير آهن، جن جي زبان مان انئي پهر وحدانيت جي قيل قال پيئي هلندي ظاهر ۾ عارفن تي عام ماڻهو ڪاوڙيل ۽ شڪايتي هوندا آهن. ڪفر جا الزام لڳندا آهن. مگر باطن ۾ سجوئي نور آهن.

ظاهر زهد ڪن ٿا ڪوئي، باطن ۾ اٿن برهہ بياض
هٿين پيرين هلي هر ڪوئي، عاشق ڪن ريءَ پرين پرواز

## ڏينيوءَ جي ڳالھ

هت ڏينيوءَ جو قسم گهريتڙيءَ نالي ٿيندو آهي. هن کي ڏنگ بہ ٿيندو آهي. هي سانوڻيءَ جي موسم ۾ ظاهر ٿيندو آهي ۽ گم ٿي ويندو آهي. هو ٻچا هن ريت ڪندو آهي. پاڻيءَ جي پرتان آلي مٽي وات سان ڪٽي گهرن جي ڀتين ڇتين ۽ ڪامن ۾ گهر ٺاهيندو آهي. سندس گهر ۾ خانا ٿيندا آهن. هر هڪ خالي مان سائي گاهہ جا ڪيئان آڻي ان گهر ۾ بند ڪندو آهي آخر انهن ڪيئن مان هڪڙو ڪيئون ٻين ڪيئن کي کائي وڏو ٿي ٽُنگ ڪري ٻاهر نڪري ويندو آهي. جنهن کي ننڍو ڏينيو يا گهريتڙي چئبو آهي.

صوفي فقيرن جي شروعات بہ رسول الله ﷺ مسجد نبوي جي صفحي ۾ چار سئوفقيرن کي دم جو رستو ٻڌائي رهائڻ سان ڪئي هئي. اهي فقير رسول الله ﷺ جي مئخانہ ۾ رهندا هئا. سيني کي رسول الله ﷺ پنهنجي مبارڪ زبان سان اسم اعظم جي ڦوڪ ڏني هئي. انهن کي بند ڪري مسجد جي صفحي ۾ ويهاريو هئائون.

سچا دام وارا صوفي ان وقت کان وٺي اڄ تائين دم ڪمائين ٿا. جان ٿا جلائن اهي هن ٻانهپ وارو ڍوري جا بنا پرن جي ڪيئان آهن. جن کي رسول الله ﷺ جي سبق جو اهڙو اثر ٿيو جو اهي ساڳيو رسول الله ٿي پيا ۽ ساڳيو معراج ڪيائون. هوا ۾ پرواز ڪيائون. عرش اعظيم تائين پيا اچن وڃن. افسوس انهن مسلمانن جو جيڪي رسول الله ﷺ جي فيض کي نہ ٿا ڄاڻن. پاڻ انڌا آهن. تڏهن ٻين فقيرن کي بہ پاڻ جهڙو ٿا سمجهن.

**بيت**

"ســڏيون ڏين ســماوَ جون ڳجها ســر ســلن
نــامــردن ڏيــن مــردي، صــحــت مــريضــن،
مـلان ســچـان ۽ ســڪـٺـا هـو ڪـرامتون ڪـن"

عام ماڻهن اهو نہ ڄاتو تہ فقيرن ۽ اسان ۾ زمين آسمان جيترو فرق آهي. اهي فقيرن عارفن جي خلاف تڏهن آهن جو انهن کي پاڻ جھڙو ٿا سمجهن. مگر جن سڃاتو سي وڃي حق جا واقف ٿيا. جن انبيائين ۽ اوليائن کي پاڻ جھڙو سمجھيو سي گمراهہ ٿيا. انهن جو مثال اک جي وڻ ۽ انب جي وڻ وانگر آهي ڇو تہ ٿوهر ۽ اک بہ اهو پاڻي پيئن ٿا جيڪو انب ۽ ٻيا ميويدار وڻ پيئن ٿا. پاڻي ٻنهي قسمن جا وڻ ساڳيو پاڻي ٿا پيئن مگر انهن جي ميوي ۾ ڪيڏو فرق آهي.

ان طرح دنيا جا ماڻهو ۽ فقير کاڌو پيتو ساڳيو ٿا کائن مگر انهن ۾ فرق اهو آهي تہ فقير جي کاڌي مان ذڪر حق جو نور الاهي وحدانيت ۽ اثباتي جو گفتگو پيدا ٿي ٿئي. جنهن مان سوين ماڻهو فيضياب ٿين ٿا. جيئن موات مان ۽ ڪمند مان ڪيتريون ئي مٺيون شيون ٺهن ٿيون. مگر عام ماڻهن جي کاڌي مان زنا چوري ظلم خونريزي ۽ فساد ٿين ٿا. انهن مان گفتگو بہ خراب ٿئي ٿي. انهن جي کاڌي مان نفس طاقت ٿو وٺي ۽ شهوت وڌي ٿي. جيئن ٿوهر ۽ اک مان رڳو ڪوڙاڻ ۽ زهر ٿو پيدا ٿئي.

هرڻ بہ ٻن قسمن جا آهن. گاهہ ۽ پاڻي بہ ٻيئي ساڳيو ٿا کائن. هڪڙي جي پيٽ مان ڀاڻ ۽ گندگي نڪري ۽ ٻئي جي پيٽ مان مُشڪُ ۽ خستوري نڪري جيڪو بادشاهن جي ڪم اچي. جنهنجو ذرو ڪچهري ۾ کلي تہ سڄي ڪچهري ۾ هبڪار ٿي وڃي.

عارف جي ڪچهري مان توحيد ۽ اثباتي جي گفتگو پيئي ٻڌبي جيڪا مُشڪ ۽ خستوريءَ مثال آهي. عامن جي زبان مان دنيا جي ڳالهہ پئي هلندي جنهن مان دنيا جي ڌپ ۽ ڌونڌ پيئي ايندي. انهن لاءِ رسول اللهﷺ فرمايو آهي تہ دنيا ڌونڌ ۽ ان جا طالب ڪتا آهن.

**بيت**

ڪُتو ڪرتي هڏيون، تون جوان جگر کاءُ

الدنيا جيفتہ وطالبها کلاب هي تہ هيئن سين لاءِ.

سـجـڻ جـي سـيـاهـ مـون مـن مـٿـاهـون ڪـيـو.

عامن ۽ خاصن ۾ اهو فرق آهي.

## مولوي محمد عاقل عرف آڪيداس

مولوي محمد عاقل ۽ فاضل سنڌ جو رهاڪو هو. ميان عبدالنبي ڪلهوڙي جي وقت ٿي گذريو آهي. جڏهن عشق ۾ پير پاتائين تہ برگيزيده عارف ٿي پيو ۽ ظاهري علم جي پچر ڇڏي ڏنائين. حقيقت ۽ معرفت معلوم ٿيڻ ڪانپوءِ رسمي دين اسلام ڪان ڦري ويو.

### بيت رومي صاحب

ڪفر ايمان نيست آن جائيڪه اوست،

زائڪه اين مغز است او هم زنگ پوست.

جتي الله آهي اتي دين ڪفر آهيئي ڪونہ ڇاڪاڻ تہ عشق مغز آهي هو رنگ ۽ کل آهي.

پاڻ ڇا ڪيائين جو ڌوتي ڪٽي ٻڌائين. ڏاڙهي ڪوڙائي ميچون رکايائين. جڻيو ڪٽي ٻڌائين. سمرڻي (تسبي) هٿ ۾ ڪنيائين. ڏاند تي چڙهي هندن هٿ پنندو پيو وتي. چوٽي ڇڏرائي پڳڙي ڪٽي ٻڌائين.

ذات ذوالجلال جو دستور آهي تہ جنهن جنهن جي سر تي عشق ايندو آهي تہ ان کي مسلمان مان ڦيرائي ڪافر ڪندو آهي. ڪفر جا ٽڳا پهرائيندس. عشق دين ڌرم کي پڇندو بہ ڪين آهي. عشق پنهنجي حڪمراني ڪري حجاب جي پٽ پچرائيندس.

### بيت

عشق را با ڪافري ياري بود،

ڪافري . خود عين درويشي بود.

عشق جي ياري ڪافريءَ سان آهي. عشق جي ڪافري عين درويشي آهي.

هن دروش پنهنجو نالو محمد عاقل مان ڦيرائي آڪيداس رکيو. ڦهر درويش برجان خويش جي ڪاوڙ پنهنجي جان تي هوندي آهي. نالو تڏهن مٽرايائين تہ جيئن مسلمان سندس خلاف ٿين. فقير جي مرضي هجي تہ هن نفساني بوتي کي قتل ڪرايائين. يا ڪا جُٽِ ڪريانس. گهٽوئي ملپڻ ۾ گذاريو اٿس اهو عالميءَ وارو لقب لهريانس. فقير پاڻ کي حقيقت جي اکين سان ڏٺو هو تہ مان اهو ناهيان مان ڪو ٻيو آهيان.

**بيت**

مان نہ آينم مان نہ اينم مانہ اين،

هر دو عالم هست مارا زير زين.

مان هي ناهيان هي ناهيان مان هي ناهيان، ٻيئي جهان منهنجي زين جي هيٺيان.

فقير تي ماڻهو حيرت مان چٽرون پيا ڪن تہ ڏسو جو هي عالم مان ڦري ڪافر ٿي ويو آهي. سيڪو ملامت پيو ڪريس.

**بيت**

ملامت صيقل زنگار عشق است،

ملامت شهنه بازار عشق است

ملامت عشق جي ڪٽ لاهڻ لاءِ ريگ مال آهي ملامت عشق جي بازار جو چوڪيدار آهي.

ڪُهڙن ۾ شريعت جي گادي هئي. هن سمجهيو سندس نفس کي مخدومن وٽان ضرور ڪلا لڳندا. چو تہ دين اسلام اصل ۾ عشق جا دشمن آهن.

هڪ ڏينهن فقير راند تي چڙهي مخدومن وٽ ويو. فقير پنگ تماڪ ۾ حقو ڏنڊو ڪونڊو ساڻ ڪينو. هن ڇا ڪيو جو حقہ جو پاڻي مسجد ۾

هاريائين. ڇيڻا ڪٽي مسجد ۾ مچ ڪٽي ٻاريائين. ڏاند ڪٽي مسجد جي ٿلهہ سان ٻڌائين.

پاڻ فقير مسجد ۾ پنگ ڪٽي گهوتي، پنگ پي فقير مسجد ۾ حقو ڇڪڻ لڳو صبح جو سوير مسجد جي شاگردن اچي هن کي ڏنو ۽ وڃي مخدومن کي ٻڌايائون، ايتري ۾ مخدومن سان گڏ شهر جا ملان قاضي ۽ ٻيا ماڻهو اچي گڏ ٿيا. مسجد ۾ ٻرندڙ باهہ بہ وسايائون ۽ ڇيڻا بہ مسجد مان صاف ڪيائون. فقير پاڻ والو ميمڻ جي دڪان تي وينو چوي تہ هن نفس ڪاڻ دونهون دکائي آيا آهيون اجهو ٿو بيڙ ٿئي، آخر ماڻهو سندس چوڌاري اچي مڙيا. جڏهن سندس اها خلق ويجهو آئي تہ پاڻ هي بيت چيائين تہ.

**بيت**

اي ملايان مفتيان خوش آمديد، انچه برمن حکم گو قتل کنيدم ديوان آشکار
قاضيان اي مفتيان خوش آمديد، زود شوتا قلعه هستي بشکنيد

اي ملان مفتي پلي ڪري آيا . مون لاءِ حڪم ڪيو ۽ قتل ڪريو.

اي قاضيو ۽ مفتيو پلي ڪري آيوء. جلدي ڪريو اسان جي هن بوتي هستي مان جان ڇڏايو. هستي جو ڪوٽ ڍاهيو. جيڪو شريعت جو حڪم هجي ڪريوس.

اهوٻڌي سيني قاضين مفتين روئي ڏنو ۽ کيس قتل ڪرڻ کان مڙي ويا ۽ کيس تعذير ڏنائون کيس گڏهہ تي چاڙهي لترن جي ڪنڌي پارائي شهر ۾ ڍانڍورو ڏنائون. کيس سندس پويان دهل ۽ شرنايون وڄنديون هلن ۽ پويان ڇوڪرا پتر پيا هڻدا هلنس. مخدومن کي خبر هئي تہ عالم تہ وڏو آهي مگر عشق جي دام ۾ اچي ويو آهي. تنهن ڪري قتل نہ ڪيائونس. فقير جي ڏاند جي خدمت ڪندا هئا. جنهن ڪري کيس هندو سمجهي خدمت ڪندا هئس. ڇو تہ فقير ويد شاستر پڙهيل هو ۽ ٻولي ۽ لباس بہ هندڪو ڪندو هو.

مخدومن فقير جو ڏاند سگهو ڏسي کهي کٽي خيرات ڪيائون فقير ڪي جڏهن شهر جي چڪر ڪان موٽائي آيا تہ فقير ڏاند ڪنل ڏٺو. اهو ڏسي فقير ڦهاري ٿي چوڻ لڳو تہ خبردار جنهن بہ منهنجي ڏاند جي ٻوٽي ڪاڏي تہ اهو ترار هيٺيان ايندو ۽ چوندو هليو ويو تہ منصور وارو پلاند وٺندو سانوَ

هڪ دفعي عبد النبيءَ ڪلهوڙي کي ڪنهن ٻڌايو تہ کُهڙن وارا مخدوم بہ عباسي ڪهلوڙا آهن. جيڪي لشڪر گڏ ڪري اوهان جي مقابلہ لاءِ تياريون ڪن. اهو ٻڌي عبد الغنيءَ ڪلهوڙي پناٽن جو لشڪر گهرائي مخدمن تي ٻچ ڪرائي تہ هنن مان هڪ ماڻهو بہ نہ ڇڏيو. جمع جو ڏينهن هو ان ڪري نماز لاءِ مسجد ۾ ملان قاضي عام خاص 140 ماڻهو موجود هئا. ڏاند جو گوشت بہ انهن ماڻهن کاڌو هو. پناٽن مسجد جو دروازو بند ڪري سيني کي قتل ڪيو. فقير تہ چگو پلو هليو ويو. هيءَ مخدومن ڪان ڏاند جي بها اگڙي. هنن ملن کي عشق شهنشاهہ حضرت صالح واري ڏاچيءَ وارو تماشو ڏيکاريو.

**بيت**

عشق چون اندر دلش منزل گرفت، نام نيشان علم او درعشق رفت

عشق جڏهن عاشق جي دل ۾ منزل ڪئي تہ ان جو نالو نيشان ۽ علم ختم ٿو ٿئي،

از محمد عاقل اکيداس نام، چون ز توحيد خدا نوشيد جام،

محمد عاقل مان اکيداس نالو رکيائين. جڏهن خدا جي توحيد مان جام پيتائين.

تنگ ونام علم را بر باد کرد، معرفت آن عشق را آباد کرد.

علم جي ننگ نامون کي برباد ڪري، عشق جي معرفت آباد ڪيائين.

آن ملايان از زبان عارف تمام، کشته ومقتول گشتند والسلام

عارف جي زبان سيئي ملان ڪسي قتل ٿي ويا والسلام

آن ملايان مفتيان حيران شدند، اندرين اوصاف سرگردان شدند،

اُهي ملان ۽ مفتي حيران ٿي ويا فقير جي ان ڪرامت سندس مٿو ڦيرائي ڇڏيو

چون عَلَمُ زد عشق ذاتي آشکار، شهر جمله گشت گريان زار زار

ذاتي عشق جڏهن ظاهر ظهور علم کوڙيو تہ سارو شهر زار زار روئڻ لڳو

## گبر جي ڳالهہ

ڪنهن مسلمان گبر کي چيو تہ مسلمان ٿيءُ ۽ ڪلمون پڙهہ جنهن تي گبر کيس جواب ڏنو تہ اوهان واري مسلمانيءَ کان ڪافر ڀلو آهيان. اهو جٽيو چڱو اٿم. اوهان مان صحيح مسلمان بسطاني هو. ان مسلماني جي طاقت نہ مون کي آهي ۽ نہ وري اوهان ۾ آهي.

## بيت رومي صاحب

مسلمان آنست که او خود را شناخت، اندر امن دولت وحدت شناخت

من عرف را با دل وجان وشناخت، خام هستي کرد گم حق را شناخت

مسلمان آنست که او خود را بديد، خويش را گم کرد باقي حق رسيد

مسلمان اهو آهي جنهن پاڻ کي سڃاتو. امن ۾ وحدت جي دولت کي سڃاتائين. من عرف واري مام کي دل جان سان سڃاتائين، ڪوڙي هستي گم ڪري حق کي سڃاتائين.

مسلمان اهو آهي جنهن پاڻ کي ڏٺو پاڻ کي گم ڪري باقي حق کي پهتو.

## نئون دلو ۽ درياهہ جو سفر

ماڻهو جڏهن ٻيڙيءَ تي چڙهي درياهہ يا سامونڊي سفر ڪندا آهن تہ ٻہ پاڻ سان پاڻيءَ جو دلو ٻيڙيءَ ۾ کڻندا آهن چو تہ منجهائس پاڻي نريل پيئندا هلندا آهن. درياهہ ڀريو پيو هوندو آهي تہ بہ ان مان پاڻي ڪونہ پيئندا آهن. دلي جي ضرورت پوندي اٿن.

مطلب تہ هي آدمي ونحن اقرب واري درياهہ ۾ جسم جي ٻيڙي تي هلندو ٿو وتي فقيرن عارفن جو وجود ٿڌي دلي وانگر آهي. انهن جي صحبت ٿڌي ۽ وڻندڙ آهي. جيڪو سندن صحبت ۾ ڏندو تہ ٿڌي پاڻي جيترو لطف ايندس. صحبت مان پاڻ بہ عجب ٿي پوندو. توڙي انسان کي

ونحن اقرب وارو الله بہ عارف جي معرفت سچاپندس چاڪاڻ تہ اها ذات عارفن ۾ ئي سمايل آهي. الله آهي تہ سڀ ڪنهن سان پر مرشد ڪامل جي رهبريءَ کانسواءِ آدمي بي خبر آهن. عارف محبوب سان فراق وصال ماڻيون وينا آهن. اهي ئي ٻئي اڻ واقف کي رستو ڏيندا.

**بيت**

گرچه در دريا شوي کشي سوار، از صبوئي آب نوشي باوقار.
گرچه دريا جمله آب است اي پسر، آن صبويت بهتر آيد درسفر.
آب درياه تيره و آن آب صاف، همچون برفِ سود صافي ناب صاف.
صحبت عارف خدا همچون صبو، که اواز آب عشق پرشدتا گلو

جيڪڏهن درياه ۾ ٻيڙي تي چڙهندين تہ دلي مان قرار سان پاڻي پيو پيئندي اي پنڙا توڙي سڄو درياه پاڻي آهي تہ بہ اهو دلو توکي سفر ۾ وڌيڪ ڪم ايندو. درياه جو پاڻي ميرو ۽ هو صاف پاڻي آهي برف جهڙو ٿڌو ۽ اڇو آهي. عارف جي صحبت دلي وانگر آهي. جيڪو عشق جي پاڻيءَ سان ڳچيءَ تائين ڀريل آهي.

## حضرت بهلول داناءُ

حضرت بهلول داناءَ کان پڇيائون تہ بغداد شهر ۾ ڪيترا سياڻا آهن ۽ ڪيترا چريا آهن؟ پاڻ جواب ڏنائين: سياڻو ڪو ڪو آهي ٻيا ڪل چريا آهن. چو تہ جيڪي نفس ۽ سڌن جا فرمانبردر آهن, سي سڀ چريا آهن. سياڻا صرف اهي آهن. جن نفس جي مخالفت ڪري الله اثبات ڪيو آهي.

آدمين کي الله دنيا ۾ سانگ تي موڪلي تاڪيد بہ ڪيو آهي تہ مونکي ياد ڪجو. منهنجي عبادت ڪجو ۽ نفس جي مخالفت ڪجو. مگر جي ماڻهو هت آيا تہ جڏي ۽ ڪاڏي پيتي ۾ جنبي ويا. الله کي سيندئي ڪونہ ٿا ڏين. ڪل عقل ۽ شهباز اهو آهي جنهن الله اثبات ڪيو.

الله تبارڪ وتعاليٰ حضرت دائود عليہ السلام کي نبي ۽ زمين تي بادشاھ ڪري موڪليو ۽ حڪم ٿيس تہ ماڻهن تي حڪمراني ڪر ۽ انصاف ڪجانءِ

متان نفس جي تعبيداري ڪرين. اهي مون کان گمراهہ ڪندءِ الله نبين کي بہ سڏن ۾ نفس جي پويان لڳڻ کان منع ٿو ڪري ڇو تہ سڏون حرام ۽ گناهہ جو منڍ آهن. مگر افسوس جو سارو جهان سڏن جي پويان آهي. سي وري فقيرن ۽ عارفن تي ٺوڪون ٺا ڪن. فقيرن الله اثبات ڪيو ۽ سنڌن کان آزاد آهن. تنڪي سڏڙين جون ٺوڪون ڇا ڪنديون.

## بيت شيخ عطا رحہ

چون شتر مرغ شناس نفس را، نئي کشد بارونه پرد برهوا
گر به پر گوئيش بگويد اشترام، ورنهي بارش بگويد طائرم
گربه طاعت خوانيش سستي کند، ليکه اندر مصيت چستي کند
نفس را آن بهه که درزندان کني، هرچه فرمايد خلاف آن کني

نفس کي اُٺ پکي سمجهہ. نہ بار کڻندو نہ هوا تي اڏرندو.
جي چئبس تہ اُڏر تہ چوندو اٺ آهيان. جي بارکڻائبس تہ چوندو پکي آهيان.
عبادت تي سڏبس تہ سستي ڪندو. مگر گناهہ ڪرڻ ۾ تکڙ ۽ چالاڪي ڪندو.
نفس کي قيد ڪرڻ چڱو آهي. جيئن چوئي تہ ان جي ابتڙ ڪر.

## باب پنجون

# روميءَ جي رهاڻ ۾ مثال

لَا يَخَافُوْنَ لَوْمَةَ لَائِمٍ .خلق جي ملامت ڪندڙن کان نٿا ڊڄن جيڪي حق جا واقف آهن، سي خلق جي رغبت عامن جي صحبت ياري ۾ مائٽي کان منهن موڙي حق جي محويت ۾ گم ٿيا، تنهنڪري خلق انهن سان حسد ٿي ڪري.

مثال هڪڙا درياهہ ۾ غرق ٿيا ٻيا سڪيءَ تي بيٺا رهيا. پوءِ جيڪو ٻڏل هوندو ان جو سڪيءَ وارن سان ڪهڙو ڪم. نہ وري ٻڏل سڪيءَ تي بيٺل وارن سان ڪو واسطو رکندا. ڪنهن وقت کان پوءِ توحيد جي محويت ۾ غرق ٿيل ٻاهر نڪرندا تہ سندن گفتگو قرآن ۽ حديث جهڙي ٿي پوندي. هنن درياهہ مان هيرا لعل ۽ معرفت جا جوهر لڌا. پوءِ جيڪو نصيب وارو هوندو سو اچي ان محويت واري فقيري وٽ صحبتي ٿيندو. پوءِ اهو پاڻ بہ ان وحدانيت جي درياهہ ۾ ٽٻي هڻندو.

پوءِ فقير جي وڏنڊڙ عزت ڏسي عام ماڻهو پيا حسد ڪندا. فقير جي عزت جو دروازو نہ انا مدينتہ العلم وعلي با بها واري مولا عليءَ کوليو. پوءِ اهو عارف عشق الاهي جي ٻلي ٿيو. نفساني ۽ خبيث خيالات جو وڻ لاجي ترار سان وڍي ڇڏيائين. تڏهن عشق پنهنجو ڪيس عشق بہ نہ چاهيندو آهي تہ ڪو سندس فقير ڪثرت ڏانهن لڙي وڃي، تنهن ڪري هن کي خلق کان ملامت پيو ڪرائيندو آهي. شريعت وارا عزيز توڙي مائٽ بہ پيا لڙندس تہ هي اسان جي ابن ڏاڏن واري دين کان ڇو منهن موڙي ويو آهي. مگر فقير تہ وڃي الله جي دين ۾ داخل ٿيو. پوءِ سندس پراڻي دين سان ڪهڙو ڪم. ان خلق جي نفرت سبب فقير مڪمل طرح سان الله ڏي لڙي پوندو.

پسگردائي وارا پيا چوندا تہ هن جو فقيريءَ ۾ ڪهڙو حق آهي اسان جو ابو ڏاڏو فقير هو. هي وري نئين مان فقير ٿيو آهي. فقير وٽ تہ ماڻهو ايندا

رهندا. هُنن ڏي ماڻهو ڪين بي حاصل ڏسي ڪونہ ويندا جنهن ڪري حسد پيا ڪندا. انهن حاسدن جي وڏن مان هڪڙي لاجي ترار سان نفس کي ماريو هو. جهن تي ساڻس نفس انجام ڪيو هو تہ توسان تکي ترار آهي مان توسان وڙهي نٿو سگهان باقي تنهنجي پوين جون ٽنگون ڏُڏِ کان ڪڍي ڇڏيندس.

پوءِ انهن هٿ موڪري ۽ پنج هٿ ڊگهي الفي کٽي پاتي ۽ سمورا لباس فقيري کٽي ڪيائون. جيڪو ساڻن ڳالهائي تہ سندن وات مان ٻڪرين ۽ گابن جا کر پيا نڪرن. حرام حلال بہ ڪايون وجن نہ ڪين قرآني علم ۾ نہ هو حديث تي هلن ۽ ڪين ظاهر جو علم بہ نہ آهي. ختمن تي بنا سڏ جي ڦيريائين ڦهچن. اتي ڪائي وري گيڙوءَ جي چادر ۾ پنارڪ ٻڌي اچي ٻارن کي ڪارائين ۽ وري چاندي، پاٽيءَ لاءِ وجن ۽ پويان بکيو ڪتو اچي گيڙوءَ جي چادر ۾ چڪ وجهين جو اڳڙي بہ نہ بچين، جيڪي گهٽن چانورن لاءِ وجن سي اوڏاهون بہ خالي اچن ۽ هٿ وارو حال ڏسي ارمان پيا ڪن تہ افسوس هاءِ ويئي تہ هوءِ بہ ويئي.

بنا ذڪر فقيريءَ جو اهو حال آهي حديث ۾ آهي:

اَلفَقَرُ سَوَادُ الوجهه فی الدا رين

ٻنهي جهانن ۾ منهن ڪاري واري فقيري اها آهي.

سند جي گاديءَ وارن مان ڪو مرندو تہ سندس پٽ کي توڙي جو زاني غاصب نفس جو تابع شهواني پٽ هجيس الله ۽ مسلماني قانون امرنهي کان بہ انڌو هجي تہ بہ مڙي سڙي ٺپي ٺاهي بزرگ واريون الفيون ۽ دستار کٽي پاياٿيندس ۽ چوندا تہ ساڳيو سائين آهي. ڪپڙن پائڻ واري فقيري جو کهڙو حال آهي. مثال ڪنهن زائفان کي کٽي مرداڻا ڪپڙا پارائبا تہ مرد تہ نہ ٿي سگهندو. مگر عام خلق جي ڦرڻ ڪاڻ پيچ کٽي ٻڌندس ۽ خليفا سندس تعريفون ڪري پيا مسافريون ڪرائيندس. اهڙا فقير غيا کوهہ جا لائق آهن سڏائن وري درويش.

مثال ڪوئا مار باز ڪيڏو به سهڻو هوندو ته به ڪوئا مار سڏبس. شهباز ته نه ٿيندو. شينهن جيڪڏهن ڊونڊ کائي ته ڪتو چئبس شينهن نه چئبس. جيڪڏهن صوفي ڪپڙا فقيري پائي حرام کائي ته ڪتو آهي. شينهن نه آهي.

## بيت رومي صاحب

ورهمي شير خورد مردار را، سگ به دانش گر کنداين کادرا
موش را گر باز گيرد باز نيست ليکه اندر سلک باز انبار نيست
موش گيرش نام شداندر جهان، گرچه رنگ وريش باز اوعيان
صوفي چون عاشق دنيا است وجاه، يوم دين گردد خوارو رو سياهه

جيڪڏهن شينهن حرام کائي ته ان کم کندڙ کي ڪتو سمجهه
باز جيڪڏهن ڪوئا وني ته باز نه آهي، شڪل ۾ باز جهڙو آهي مگر باز نه آهي.
دنيا مرڻ ان جو نالو ڪوئا مار آهي، توڙي جو رنگ ۾ منهن باز جهڙو اٿس.
صوفي جيڪڏهن دنيا ۾ مرتبه جو عاشق آهي ته قيامت جي ڏينهن خوار ٿيندو ۽ منهن ڪارو هوندس

صوفي ٻن قسمن جا آهن هڪڙا معنيٰ وارا ۽ ٻيا مانيءَ وارا.

معنيٰ وارا صوفي سمنڊ جي مڇي آهن. ماني وارا صوفي گلوئي آهن معنيٰ وارا علم لدني ۽ معرفت ۾ ويا سي سمند جي مڇي آهن انهن تي موت آهيئي ڪونه. قرآن موجب لَاخَوفُ عليهم وَالاَ هُم يَحزَنُونَ. اِن اولياءَ الله لا يمُوت آهن. يعني اهي مرندا ڪين نه ئي انهن تي ڪو خوف آهي. فقير هماءَ آهن جن جو سير تحت الثريٰ کان عرش تائين آهي. مگر ماني وارا صوفي حرام خور سانباها آهن. هنن جو سير پائخانن ۽ ڊونڊن تائين آهي. سانباهي کي رڳو لَوَڙ گسائي هڻجيس ته به يڪدم مري ويندو. انهن لاءِ عزرائيل جو ڀوءُ لَوَڙ مثال آهي. مگر معنيٰ وارا صوفي عزرائيل کي لا جي ترار سان ماري لکين ڪوهه پري لنگهي ويا. اتي تمام پري هڪڙو سمنڊ جو ڪن

آهي ان ۾ ٽپي هٽي پاڻ سمنڊ تي پيا. اتي عزرائيل جي پهچ ڪانهي. ان جاءِ تي عزرائيل سندن زير دست ٿي پيو.

هن زبان کي ڪهڙي مجال آهي جو سمنڊ جو بيان ڪري ان بيان ڪرڻ لاءِ سوين زبانون هجن ۽ قيامت تائين بيان ڪنديون رهن ته به پورو نه ٿيندو.

مانر صوفي گلوئي وانگر جان ڪٽي ٻر مان ٻوٽ ٻاهر ڪڍن ته ڪوئا مار ڪٽين ته سرڻ به ڪٽين. انهن لاءِ عزرائيل باز آهي شڪاري به ٻر ۾ پاڻي وجهي ڪنڌ پچي ڪٽي رڏي ڪائنس هنن لاءِ شڪاري ڇُهڙو نفس آهي. اهي مانرصوفي نفس جو قوت آهن. عزرائيل به نفس جو روپ اختيار ڪري اچين. جنهن جي شڪل پوري رڇ جهڙي ٿئي جنهن جي ڏاس زمين سان گسندي ايندي ان کي ڏسڻ سان اهڙن صوفين جوساهه نڪري وڃي ٿو. ڪانچ ۾ دست وهي وڃين ۽ دم جي ڏور ٽٽي وڃين. پوءِ ڪين ملائڪ قسيم النار وٺي وڃن پوءِ اهو شهنشاهه ملائڪن ٻن کي حڪم ڪري جنهن جاءِ جو لائق هوندو ته اوڏانهن موڪليدس. نفس جي فرمانبرداريءَ سبب ڪين ڪاري پاٽيءَ ۾ ڏکو ڏياري چڏيندن.

## ملامت ڇا آهي؟

ملامت عشق جي وجهڙائي آهي ڏسو ته آدم کي بهشت مان ڪڍي سيلون جي ٻيٽ تي ڦٽو ڪيائون جتي 300 ورهيه پي رنو. سندس روئڻ جي پاڻيءَ مان گاهه ڄائو. سو مٿئون وري ويس. بيبي حوا کي وري مغرب ۾ اڇلايائون. ڪي سال هڪ ٻئي جي فراق ۾ پي رنا. آخر نيٺ مالڪ حقيقي ڪين عرفات جبل تي پاڻ ۾ ملايو ۽ پوءِ ڪيڏي آبادي ٿي. انبيائن ۽ عارفن جي پيدائش ٿي. اهڙو فيض پيدا ٿيو. جيڪو قيامت تائين پيو هلندو.

گناهه ڪرڻ سان قلب تي ڪارو داغ ٿي پوندو آهي، جيڪو روئڻ سان ڌوپندو آهي. ظاهري عبادت سان ڪونه صاف ٿيندو آهي. اهو ڪارو داغ دل کي وحدانيت ڪان انڌو ڪندو آهي. اهو داغ روئڻ ڪانسواءِ نه روزي

نماز سان نہ قرآن پڙهڻ سان نہ ڏهن چاليهن سان ڏوپندو. جيئن آدم جو بهشت وارو گناهہ روئڻ سان ڌوپي ويو. اهڙي طرح آدم جي اولاد جا گناهہ بہ روئڻ سان ڌوپندا آهن. ان لاءِ قرآن ڪريم ۾ فرمان آهي تہ فَلْيَضْحَكُوا قَلِيلًا وَّلْيَبْكُوا كَثِيرًا :يعني کلو ٿورو ۽ گهڻو روئيندو ڪريو.” اندر داغ لڳا قدرت کا، جب رويا تو دهويا “

## بيت

بهر گريه آدم آمد، تابود گريان ونالا برزمين
توچه داني ذوق آب ديد گان، عاشق نان تو چون ناديد گان
هريک قطريه همچون در که اوز بهر حق بود درچشم حر
خون شهيدان آب گريان نزد حق، از عبادت عالم برده سبق

آدم زمين تي روئڻ لاءِ آيو هو تنهن ڪري رنو ۽ دانهون ڪائين.
تون اکين جي پاڻي جي لطف کي ڇا ڄاڻين. تون انڌن وانگر مانيءَ جو عاشق آهين.
روئڻ جو هر هڪ قطرو موتيءَ وانگر آهي. جيئن حق جي لاءِ حُر جي اکين ۾ هو. روئڻ جو پاڻي الله جي اڳيان شهيدن جي خون جهڙو آهي. ساري عالم جي عبادت کان وڏيک آهي

حديث: ليَس شيءُ عند الله قطره الدمع في سبيل الله وَقطره الدمع مَن خيشته الله

يعني الله کي ٻين شين کان وڏيک ڪابہ شيءِ پسند نہ آهي. شهيدن جي رت ۽ الله جي محبت ۾ روئڻ وارو اکين جو پاڻي.

جيڪو محبوب جي اڳيان لاجي ترار سان سر وڍرائي نذرانو رکي سو شهيد آهي. مگر اهو عشق جو شهيد آهي. جيڪو لوهہ جي ترار جو وڍيل آهي سو غازي آهي. دين جي شهيد کي بهشت ملندو مگر عشق جي شهيد کي عرش کان وٺي تحت الثريٰ تائين انعام ۾ ملڪ ملندس. ان جو غين جو نُڪتو ڊهي ويندو پوءِ عين ذات ٿي ويندو.

عشق جي شهيد لاءِ مولىٰ علي عليہ السلام فرمايو آهي تہ ضربتہ الحبيب زبيبُ يعني محبوب جوڌڪ بہ انگور جهڙو آهي. انگور هڪ

اشارو آهي. وَسَقَاهُمْ رَبُّهُمْ شَرَابًا طَهُورًا. يعني انهن کي پنهنجو پالڻهار پاڪ شراب پياريندو.

اسم اعظم جي ڪمائڻ مان عشق جي محبت قلب ۾ پيدا ٿيندي آهي. اها سڪ ۽ روئڻ وصال جي ويڇهڙائي آهي. اهو روئڻ گناهن جي پاڙ پٽي ڇڏيندو آهي. اهو فراق دوزخ جي باهه کي به وسائي ڇڏيندو آهي. آدمي جو ڪاڏي وارو معدو دوزخ آهي. جنهن مان هوسان ۽ ڪفر واري گمراهي پيدا ٿيندي آهي. جنهن ڪري شهوت جاڳي پئي ٿي. هو دوزخ جيڪي ٻڌجن ٿا. اُهي به برحق آهي، مگرهن معدي واري دوزخ جا تابعدار آهن. اصلي دوزخ هي معدو آهي. هن جي پرجڻ مان شهوت جي باهه فساد خونريزيون ڪفر ۽ حق جون جمله بي فرمانيون پيدا ٿيون ٿين. نفس به اهومعدو آهي جيڪو ذڪر ۾ گم ٿيو ته ان جو قلب المومنين عرش الله تعاليٰ آهي. تن جو مقام عليين آهي. مگر جيڪي معدي جي هوسن ۾ گم ٿيا ته اَلمَقدَةُ الانسان جَهنمُ الاسُود. يعني انسان جو معدو ڪارو جهنم آهي. اهڙو معدي جي پوڄارين جو مقام سجين آهي هي ڳالهه اڪئين ڏٺي آهي لَّعۡنَتَ اللهِ عَلَى الۡكٰذِبِيۡنَ. جيڪو اعتبار نه ڪندو ته ان جي ستن پيڙهين تي به لعنت آهي.

هو باطني دوزخ ماٺ ۾ آهن. آدمي جي معدي جون هوسان حق جي منڪري جو ٻل آهن. جيڪو آدمي سڄي عمر گڏ ٿو ڪري اهو ملائڪ ڳاني ۾ وجهي ان آدمي کي ڪڻائيندا ۽ ان جي هوسن جي بندين سميت ڪٽي وجي ڪاري دوزخ ۾ اڇلائيندس. اهو حڪم به قسيم النار والجنت ملائڪن کي ڏيندو جهن جي هو بجا آوري ڪندا. پوءِ باهه جا ٻيڙ تي ويندا. وَقُودُهَا النَّاسُ وَالحِجَارَةُ. يعني ان باهه جوٻل ماڻهو ۽ پٿر آهن. جنهنجي ساري عمر عيش عشرت ۾ گذري تنهن جي آخرت ۾ جاءِ سجين آهي.

جيڪو ذڪر اسم اعظم سان سيني ۾ گم ٿيو ان جي ظاهري جيئري ۽ منزل عليين مڪان آهي ۽ اُتي ويندو به پيو ته ايندو به پيو. اهو بوتي ۾ رهندي به اهو مڪان ڏسندو رهندو. اهل ذڪر معنيٰ جون موجون پيا

ماڻيندا انهن کي معنيٰ ۾ جبرائيل چئبو. دم نڪرڻ ڪانپوءِ بہ اهي عليين مڪان ۾ رهندا اک چنبِ ۾ پيا ايندا ويندا. هي ملڪ بہ انهن جو تہ هو ملڪ بہ انهن جو آهي.

مگر معدي جا قدي هٿ بہ موچڙا ڪائيندا تہ اڳتي بہ ڪائيندا لم يزلي بادشاهہ انهن کي ڪاري دوزخ ۾ موڪليدو. عارف عاشق ان کي ڪاروپاٽي بہ سڏيندا آهن. مستي جي حالت ۾ ڪي راز وارا فقير وڏي بادشاهہ کي انگريز سرڪار بہ چوندا آهن.

دوزخ کي چوڏاري پٽ آهي ان ۾ اندر ڪاري باهہ ٻرندڙآهي، ان جي ملائڪن جي شڪل بہ ڪولهيءَ ۽ ڀيل جهڙي آهي. سندن پوشاڪ، صرف چوتو پاتل اٿن. انهن ملائڪن کي ڏهہ ٻارهن هٿ ڊگهيون لوهہ جون ڀيانيون هٿن ۾ آهن. جن سڄي عمر معدي نفس جي خدمت ڪئي ۽ الله کي وساري ڇڏيائون ۽ جڏهن اهي مرندا تہ اهي ملائڪ انهن کي ڪاري پاٽي ڏي وٺي ويندا. پوءِ بادشاهہ اعظم سان ولر جا ولر ساڻ ڪري انهن کي ڪنڌ ۾ لوهہ جو ڀيانيون وجهي پٽِ جي مٿئون ويندن اندر اڇلائيندا. ماڻهن جي پوڻ سان باهہ وٺي آنبہ ۽ ٻيڙ ڪندي دنيا جي باهہ ڳاڙهي آهي هوءَ باهہ ڪاري آهي. هن باهہ ۾ ڪائيون وجهبيون تہ سڙي خاڪ ٿي ويندون مگر هن باهہ ۾ ماڻهو سڙندو بہ پيو پر هوندو اهڙو ئي وري سڙندو وري ساڳيو ٿيندو وري سڙندو ۽ وري ساڳيو ٿيندو. لَا يَمُوتُ فِيهَا وَلاَ يَحيٰ. يعني نڪي ان باهہ ۾ ماڻهو مرندا نڪي جيئرا ٿيندا بيهوشيءَ جي حالت ۾ پيا سڙندا. ها سزا معدي جي خدمتگار جي لاءِ آهي. قرآن ڪريم فرمايو آهي.

يَوْمَ نَقُولُ لِجَهَنَّمَ هَلِ امْتَلَأْتِ وَتَقُولُ هَلْ مِن مَّزِيدٍ

جنهن تي جهنم چوندو تہ اڃا ٻيا ماڻهو بہ آڻيو

ڏسو تہ ان معدي جهنم کي ڪيتري گهرج آهي. جو چوندو تہ ساري جهان جي دنيا مون وٽ هجي. ٻئي ڪنهن کي بہ ڪک بہ نہ ڏيان.

هر هڪ آدميءَ کي اها هوس آهي تہ سموري بادشاهي مون کي هجي

**بيت**

هفت اقليم گر بگيرد بادشاهه، همچنان در بند اقليم ديگر
نيم نان گر خورد مرد خدا، به دل درويشان كند نيم دگر
نفس هر كس كمتراز فرعون نيست ليكه اور اعون ماراعون نيست

توڙي بادشاهہ کي ست بادشاهيون هجن تہ بہ ٻئي ملڪ وٺڻ جي تمنا هوندس. خدا جو ٻانهو اڌ ماني کائيندو تہ ٻيو اڌ مسڪين ۾ ورهائي ڇڏيندو.

هر ڪنهن جو نفس فرعون کان گهٽ ڪونهي. مگر ان کي طاقت هئي اسان کي طاقت نہ آهي.

هر ڪنهن نفس کي جيڪڏهن طاقت هجي تہ فرعون، نمرود، هامان ۽ يزيد وارا ڪم ڪري ڏيکاري ننڍي وڏي زميندار جي حيثيت بہ گهٽ آهي مگر انهن جا ڪم ڏسو ڪير بہ ڪيس ڪم کان موٽائي تہ ڪوڙا قسم کڻي بہ ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائيندس.

معدو بہ دوزخ وانگر آهي جو اناج ميوات سڀ ڪجهہ کايون ٿو وجي تہ بہ ڀرجي نہ ٿو. هي دوزخ وانگر اجا ڪجهہ هجيئي تہ آڻ پيو ڪندو. باطني دوزخ هو آهي مگر ظاهري دوزخ معدو آهي. معد جي باطني دوزخ واري اولاد آهي جيئن ڪمائي اولاد کي کارائجي ٿي. هي معدو نہ هجي ها تہ باطني دوزخ جو دنيا ۾ نالوئي ڪونہ هجي ها. مثال هي وڻ آهي تہ هو پاڇو اٿس. پاڇي جو مهاندو بہ وڻ جهڙو ٿيندو آهي. اهو نفس روح کي قتل ڪيون وينو آهي رسول الله فرمايو آهي

اَمَا النارُ فَلَا تَمثيل حَتيٰ يَضَعُ الرجُلُ يقول قَطُ قَطُ فهَهنا لکَ تَمِثِيل الا خِرتِ حَتي الجبارُ قد ميت فيها.

دوزخ دانهون ڪندو تہ اجا ڏائو نہ آهيان جنهن کان پوءِ ذات ذو الجلال پنهنجو قدم مبارڪ ان ۾ وجهندو پوءِ چوندو تہ بس بس.

ان وانگر جنهن عارف جي سيني ۾ اسم اعظم ذريعي حق جي اثباتي ٿي سندس نفس ۽ معدو برباد ٿي ويندس. آدمي جي وجود ۾ حق جي اثباتي بہ ذات حق پاڪ جو قدم مبارڪ آهي. ذات ذوالجلال جي ظهور کانپوءِ

نفس جي چون چرابس ٿي ويندي. حق ڪانسواءِ سپ هَوَسون ختم ٿي ويندیون جيئن سج ايرڻ ڪانپوءِ چمڙو گم ۽ غرق ٿي ويندو. ذات حق پاڪ جي اڳيان نفس بہ چمڙو آهي پوءِ قبر ۾ پهچڻ تائين وري ڪابہ هوس ڪانہ ڪندو. اهو سمجهو تہ نفس لا جي ترار سان ڪُسجي ويو.

شاهہ اعظم جو وعدو آهي تہ فَتَمَنَّوُا الْمَوْتَ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ. يعني موت جي گهر ڪريو جيڪڏهن اوهين سچا آهيو. موتو قبلل ان تموتو مرڻ کان اڳي مري وڃو وارو فرمان ڪو ڪوڙو ٿيندو ڇا؟

لايَسعني فِي اَلارضي وَلاسمائي. آءُ نٿو لڪي سگهان پنهنجي زمين يا آسمان ۾ مگر مومن جي قلب ۾ لڪيو پيو ڪا بہ لڪڻ جي جاءِ نہ ٿيس. مئومن اهو آهي جيڪوالله جو آئينو هجي. حديث: المومن مراءَ ة الرحمن. يعني مومن رحمان جو آئينو آهي. جيڪو الله جو آئينو ٿيو تہ ان جو معدي وارو دوزخ وسامي ويندو ۽ ان لاءِ باطني دوزخ بہ ختم ٿي ويندو. تان جو مومن دوزخ جي پرسان لنگهندو تہ دوزخ دانهون ڪري چوندس تہ جلد لنگهي وڃ جو تنهنجي توحيد جو فيض منهنجي باهہ ٿو وسائي حديث: جُزيا مئومن فَاِنَ نُورِکَ اطفَاءَ نارِي. يعني اي مومن تکو هل جو تنهنجو نور منهنجي باهہ وسمائي ٿو.

بک نور آهي ڍئونار آهي. اگر معدي ۾ ڍئو هوندس تہ شهوت ڪڙي ٿيندس وڃي حق جي نافرماني ڪندو ڍئو نمرود ۽ يزيد کي بہ هُيو انهن کهڙا ڪم ڪري ڏيکاريا .بک انبيائن ۽ اوليائن منظور ڪئي انهن بک مان الله اثبات ڪيو ۽ نور اظهار ڪيو.

شاهہ منصور جي چولي مان الله ڳالهايو هو مگر ماڻهن نہ سڃاتس نفس معدي جو اهو حال آهي. جو بہ ڏينهن بخار ۽ بکون آيس تہ شهوت بند ۽ رد ٿي ويندس. زال سان بہ سمهڻ نہ وڻندس. شهوت جا خيال ئي ختم ٿي ويندس.

## بيت رومي صاحب

اصل دوزخ معده آدم بود که معده دوزخ پیدا شود
عرش اعظم سینئه انسان بدان، که ازسینه مي رسددر لامکان

اصل دوزخ آدمي جو معدو اهي ڇو تہ دوزخ بہ ان معدي مان ٿو پيدا ٿئي. انسان جو سينو عرش اعظم سمجهہ جوان سينہ ذريعي لامڪان ۾ ٿو پهچي.

گر مقام معده ماوا تو شد نار سود دوزخ جاءِ تو شد.

جيڪڏهن تنهنجو معده ٺڪاڻو آهي تہ پوءِ ڪاري دوزخ ۾ تنهنجي رهائش ٿيندي.

معده را تو بر در سینه بدان، تاشوي تو بادشاهه دو جهان

معدي کي سينہ جي درتي پهچاءِ تہ تون ٻنهي جهانن جو بادشاهہ ٿيندين.

شد دواني معده راجوع مدام ، که ازاو حاصل کني معنیٰ مدام

معدي جي دوا هميشہ بک اٿيئي پوءِ ان مان معنيٰ پيئي ملندءِ

جوڻ مر خاصان حق راميد هند.، که اندرین ملک حقاني مير سند.

بک حق جي خاصن کي ڏيندا آهن اهي بک مان حقاني ملڪ ۾ پهچندا آهن.

سير معده بود دشمن خدا، کارهادا رد پراز مکر ورياءِ

معده جو ڍئو خدا سان دشمني آهي. پوءِ سڀ ڪم اٽڪل ۽ رياءِ ها پيو ڪندو.

جوع نور حق وسيرنا ردان ، جوع تجري تحتها الا نهار دان ،

بک حق جو نور آهي ۽ ڍئو باهہ سمجهہ بک کي بهشت سمجهہ

حديث: ”الجوع طعام الله يحي به الابدان الصديقين“

يعني بک الله جو طعام آهي جنهن سان سچن عارفن جا وجود ۽ بدن زندهہ ٿيندا آهن.

بک سان نفساني هوسون مري ويندیون آهن. الله ياد ايندو آهي. ننڊ گهٽ ايندي آهي. نفس ۽ معدو ذليل ٿيندا آهن. حديث طوبيٰ لِمَن ذِلت نفسہُ يعني ڍئو ڪرڻ سان نفس گناهن ۽ ذات حق جي بي فرماني ڪندو آهي. غفلت جي ننڊ ايندن نہ الله ياد نہ ايندس نہ رسول.

نفس بہ جسم ۾ بادشاهہ آهي. شيطان وزير اٿس. ظلم ۽ حسد وقت نفس چئبس. شهوت جي تابعداري وقت شيطان چئبس مڪر ۽ فريب جي

حالت ۾ هن کي مڪريل ڇاهو سڏبس. انسان جي وجود ۾ دغا بازي بہ موجود آهي. فساد وقت هن کي خبيث سڏبو آهي. يعني سوئر سڀ ڪجهہ ڪري وجهندو. انسان حرام خور آهي. ڪاوڙ جي حالت ۾ سامهون ايندڙ کي ڇيري ڦاڙي ڇڏيندو. نفساني هستي وقت لنگور ٿيو پوي. شهوت راني ۾ بي شناسي وقت هن کي ابليس چئبو. ابليس جي شڪل ۾ لنگور جهڙي آهي. ڇو تہ جيڪي زائفون خدمت ڪنديس تہ انهن بہ بي شناسائي واري اک وجهندو. نمڪ حرام ٿيندو.

ظلم جي وقت هن جي شڪل جهنگلي رڇ جهڙي آهي.شهوت ڏانهن راغب ڪرڻ وقت شيطان نالو اٿس. غافلن ۾ ننڊ وارن لاءِ نالو هنومان اٿس. سيئي نالا آدميءَ تي خلصت مطابق آهن. هي خلصتن مطابق روپ اختيار ڪندو آهي. سيني روپن اختيار ڪرڻ جا اختيار بہ اٿس. قرآن ۾ آهي تہ مِنْ شَرِّ الْوَسْوَاسِ الْخَنَّاسِ(۴)الَّذِیْ يُوَسْوِسُ فِیْ صُدُوْرِ النَّاسِ(۵) هر خصلت کي صورت آهي. جيڪا خصلت آدميءَ تي غلبو ڪندي تہ باطن ۾ اهائي شڪل ٿي پونديس. ان ڪري آدمي کي خصلت مان سڃاڻبو آهي.

آدمي موت کان پوءِ پنهنجي عادت واري صورت اختيار ڪندو خدا جي حڪم سان اهو ٿي پوندو بہ ملائڪ ڪنڌ ۾ زنجير وجهي رڇ وانگر ڪاهيندس ۽ ڪاري پاٽي واري ڪوٺ وٺي ويندس. جتي ٻيا ملائڪ هوندا جيڪي هن کي ڪنڌ ۾ ڏکهي لوهہ جي ٻياني وجهي پيٽ مٿان ڪٺي اڇليندس. جتي سندن پورڻ سان ڪاري باهہ جو دڏڪو ٿيندو. قرآن ۾ آهي تہ يحشرون علیٰ صور يَحسَنُ عِندَنا قِرَدَت والخنازير. هڪ تہ ملائڪن وچي دوزخ ۾ وڏو باقي روح مقدس قبر تي سزا سان ٻيهندو جنهن کي پيرن ۾ بہ زنجير پيل هوندا. ڳچيءَ ۾ ڳٽ جيڪو چيلهہ کان مٿي ڇڪيل ٻڌل هوندس. قبر تي رڪوع جي حالت ۾ ٻيٺو هوندو. نهائين واري جاءِ تي نظر هوندس. ڪاڏي بہ نهاري نہ سگهندو. اَغلالا فهي اِلي الاذقان ۾ هوندو. جنهن جو مطلب اڳ ۾ ٻڌايل آهي.

ٿيون روح منزه قبر جي لاشي سان گڏ پيو هوندو. جنهن کي قبر ۾ ٻڌڻ ۽ مال ۽ ماڻهن جي لتاڙڻ جو ايذاءُ ايندو. بيٺل روح کي جهولي خواه سيءَ جي تڪليف ايندي قبر ۾ پاڻي پوندو تہ روح منزه قبر مان هوڪو ڪري نڪري ويندو. آسمان ڏي جاءِ نہ ملندس. پاڻي سڪڻ کانپوءِ ساڳيو قبر ۾ اچي سمهندو پاڻي ۽ لتڙ جو جيترو جيئري ماڻهوءَ کي ايذاءُ ۽ تڪليف ايندي آهي اوتري تڪليف ايندس منزه روح هن بوتي جهن کي مقنس روح بہ چئبو آهي مقناطيس وجود جو عاشق هو. تنهن ڪري بوتي سان گڏ پيو هوندو.

## بيت رومي صاحب

حشر برتو اعمال تست، آنچه ديدي نيک وبد احوال تست

توتي حشر تنهنجي اعمالن جي صورت ۾ آهي. جيڪو نيڪ يا بد احوال ڏسين ٿو تنهنجوئي احوال آهي.

دروجو ما هزاران گرگ وخوک، ونا صالح وخوب وخسوک

اسان جي وجود ۾ هزارين بگهڙ ۽ سوئر آهن، چڱا شڪل ۽ بدشڪل بہ آهن

سيرت که آن دروجودت غالب است هم بران تصوير محشر واجب است

جيڪا بہ عادت توتي غالب هوندي حشر ۾ اها تصوير ضروري هوندي.

آدمي محتاج بر سيرت است زانکه زين تصوير حيواني شود.

آدمي عادت جو محتاج آهي ان ڪري صورت حيواني ٿو اختيار ڪري.

هم ازين سيرت شود محشر قوم، هي به خيزد بعد مردن نفس شوم

ساري قوم پنهنجي عادتن سان محشور ٿيندي مرڻ کان پوءِ نفس شوم ٿي اٿندو.

گر هي خواهي کي انسان شوي، غرق ازجسم وجان ازخودروي.

جيڪڏهن چاهين تہ انسان ٿي اٿان. غرقي ٿيءُ جسم مان ٻاهر نڪر

تاز ظلم جسم خوديابي نجات محو شود در عشق اعظم ذکر ذات

تڏهن پنهنجي جسم مان نجات لهندين، جڏهن عشق اعظم جي ذڪر ۾ محو ٿيندين.

تاتو باشي قيد اندر جسم وجان ، اين عذاب بر تو شد جاودان

جيستائين جسم جي قيد ۾ هوندين. تيسين اهو عذاب توتي هميشه هوندو.

گو تو ميخواهي نجات از وجود، گم شو در اسم اعظم اي عنود.

جي تون جسم مان ڇوٽڪارو چاهين ٿو ته اي هندي اسم اعظم ۾ گم ٿيءُ

افسوس آدمي الله جي بندگي نه ڪئي. ٻانهي ٻوتي جو ٻانهو ٿيو. ساري عمر شهوت جو قيدي رهيو. شهوت جو قيدي ڪير آهي. زالون پٽ ڌيئر زمينون ملڪيتون باغ گهوڙا مطلب ته الله کان سواءِ ٻيو سڀ ڪجهه دل ۾ رکڻ شهوت جو قيد آهي. غير الله جي خدمت ڪرڻ بهشت ۽ حورن جي خواهش ڪرڻ ان آسري تي عبادت ڪرڻ پيرن ۾ ڇوٽڪاري جي اميد رکي سندن خدمت ڪرڻ، ماڻهو ائين نٿا سمجهن ته اهي پير پاڻ دڳ تي دسيا پيا هوندا. الله پيرن جي مارائڻ لاءِ ڏهه ڏهه ملائڪ سنبرايون بيٺو هوندو ۽ وري مريد به مٿئون چاڙهيندن جيئن شڪاري سوئر تي ڪتا ڇڏيندو آهي. ڇو ته هي الله کان غافل هئا. عام ماڻهن هنن کي مال ۽ ملڪيتون پي ڏنيون هنن الله جي چوري پي ڪئي. ان ڪري پيرن تي الله جي پڪڙ ۾ ٻچ ٿيندي، اهو تڏهن جڏهن دم نڪرندن. جيئن چور پٽن تي پڪڙبو آهي. ۽ ڪٽيندڙ ٽڪجي پوندا آهن. ائين پيرن کي لوهه جون سيخان تپائي وات ۾ ڏيندن ته ماڻهن کي الله جو رستو به ڪونه ڏسيوَ ۽ ناحق مال پي کاڌوَ. پوءِ ڦالويا ويلنا چوندا.

جيڪي ماڻهو شهوت پرستيءَ ۾ پٽن ۽ مال جي خدمت ۾ دم ڏريگانه وڃايون جڏهن جي ڏور ٽٽندن تڏهن خوشيءَ سان ناخوشيءَ سان لاش جا مائٽ ۽ ملان لاش کي آلت هٿن ۾ ڏين ڇو ته هن الله وساريو هو عمر گمراهيءَ ۾ گذاري هئائين. ان ڪري الله به جوڙي جٽ ٿو ڪرين جو ميڙيل

مال ۾ ٽپڙن ڪان لن هٿ ۾ ٿو ڏئين. مائٽ بہ خير خواهي ڪري پٽي چيلهہ ۾ هٿن جي مٿان ٻڌي ڇڏيندس تہ مٿان هٿ پري ٿيندس ان ۾ قابو هٿ هجنس

## بيت رومي صاحب

اهل دنيا راچه حاصل شدا زين ، بعد مردن دست در خايش به بين

دنيا واران کي هن مان ڇا حاصل ٿيو مرڻ کان پوءِ خصين ۾ ٿان ڏيو

آلئه شهوت به دستش نيست مال، نئي بودش دنيا نه ملک نئي منال

شهوت جي اوزار ڪانسواءِ هٿ ۾ نہ مال نہ ملڪيت نہ دنيا نہ ملڪ هوندس دانهون نہ ڪر.

چونکه عمرش تابع غير خدا. بود اندر قيد جسماني فنا

ڇو جو سندس عمر گمراهي ۾ گذاريائين خدا ڪانسواءِ جسم جي قيد ۾ مري ويو.

اين سزائي آنکه شهوت راپرست، ازبرائي جسم پروبال شکست

شهوت پرست جي اها سزا آهي جسم لاءِ ڪنپ ۾ پر پيچي ڇڏيائين

اهل دنيا بنده بندو وجود ، جسم راساجد شده اندر سجود.

دنيا وارا وجود ٻانهي جا ٻانها ٿيا. جسم کي سجدو ڪري سجدي ۾ ڪري پيا.

بت پستند ناريان وتن پرست ، پاک آن باشد که زين تن خود به رُست

بت پرست جسم پرست جهنمي آهي پاڪ اهو آهي جيڪو جسم مان نڪتو جان ڇڏائي

ملامت عشق جو قوت آهي تان جو سيني نبين اهي ڏک ۾ خلق جون ملامتون قبول ڪيون. حضرت نوح عليہ السلام 95 ورهيہ خلق جا ڏک ۾ ٿوڪون سٺيون قرآن ۾ آهي.

وَاِنِّيْ كُلَّمَا دَعَوْتُهُمْ لِتَغْفِرَ لَهُمْ جَعَلُوْٓا اَصَابِعَهُمْ فِيْٓ اٰذَانِهِمْ وَ اسْتَغْشَوْا ثِيَابَهُمْ وَ اَصَرُّوْا وَ اسْتَكْبَرُوا اسْتِكْبَارًا(۷

يعني، بيشڪ مون انهن کي جڏهن بہ سڏيو تہ تون انهن کي بخشين، تڏهن پنهنجون آڱريون پنهنجي ڪنن ۾ وڌائون ۽ پنهنجا ڪپڙا پاڻ کي ويڙهيائون ۽ (ڪفر تي) قائم رهيا. ۽ تمام گهڻو هَٺُ ڪيائون.

سوره نوح آيت نمبر 7

اهڙي طرح متن چارپائي جا الزام هنيائون ۽ توڪون ڪرڻ لڳا پيڙي واري وقت ۾ تہ وڏي ويا.

كَذَّبَتْ قَبْلَهُمْ قَوْمُ نُوحٍ فَكَذَّبُوا عَبْدَنَا وَقَالُوا مَجْنُونٌ وَّازْدُجِرَ (٩) فَدَعَا رَبَّهٗٓ اَنِّيْ مَغْلُوْبٌ فَانْتَصِرْ (١٠)

يعني، انهن ماڻهن کان اڳ ۾ نوح جي قوم ڪوڙو ڪيو. اسان جي (ٻانهي خاص) جي تڪذيب ڪئي هئائون ۽ چيائون تہ هي چريو آهي. ۽ نوح کي ڏمڪي ڏني ويئي، پوءِ نوح عليہ السلان پنهنجي رب کان دعا گهري تہ آءٌ عاجز آهيان اوهان مدد ڪريو. ( ۽ انهن کان بدلو وٺو)

حضرت ابراهيم عليہ السلام حضرت موسيٰ حضرت عيسيٰ عليہ السلام جهڙن انبيائن کي تڪليفون ڏنائون ذڪريا عليہ السلام کي شهيد ڪيائون. حضرت رسول ڪريم ﷺ ۽ موليٰ علي عليہ السلام جن کي مڪي مان لڏائي ڇڏيائون .حضرت امام حُسين عليہ السلام کي اهلبيتن سميت ڇا ڪيائون. امان زين العابدين کي ڪٽنب سميت عشق قيد ڪرايو. انهن وقتن ۾ فرعون نمرود ۽ يزيد نيڪ پيي سمجهيا ويا. ابوجهل بہ نيڪ ليکبو هو. شاهہ منصور کي عشق شهر سوليءَ تي چاڙهي.هٽ پير وڏرايس. بايزيد بسطامي صاحب کي عشق شهر مان تڙائي ڪيڊرايو. عشق شمس الحق جي کل لهرائي. شاه ڪرمل نجم الدين ڪبريٰ ۽ شيخ عطار رحہ کي قتل ڪرايائين. بلا شاهہ کي عشق کهرايو. ڪلهوڙن جي دور ۾ شاهہ عنايت شهيد کي قتل ڪرايائين. غلام محمد وٽجارو ملن ۽ قاضين مارايو. مولوي محمد عاقل عرف آڪيداس کي کهڙن جي مخدومن کا تعذير ڏيارئائين. ان کانپوءِ عشق فولاد علي فقير وٽ آيو. شرن جو ڳوٺ ۾ من خدايم جي دم تي ڪوڙا ڪيس ڪرايائين. ڏنڊ وجهريائين. ٻارهن مهينا

وزير ابراهيم جيل ۾ وڌس. جڏهن فقير واپس آيو تہ وزير اعظم ابراهيم جو عشق شهنشاهہ لاهہ ڪڍي ڇڏيو. ڪيس ميرعلي نوازمٺي پيرين اگهاڙو ڏڪا ڏيئي بنگلي مان ڪڍرياياڻين. اهڙيءَ حالت ۾ ڳوٺ پهتو ۽ چريو ٿي پيو ۽ زهر کائي مري ويو.

ان وقت ۾ علي محمد جمالي عامل هو. ان تي وزير ابراهيم جو ويساهہ هو. ان ڪي بہ بچاءَ جون گهڻيون منٿون ڪيائين. مگر جواب ڏنائين تہ هو فقير عارف باالله ڪي ناحق قيد ڪرايو آهي. تنهن ڪري توتي رسول الله ﷺ ۽ مولاٰ عليہ السلام ناراض آهن. هاڻي ڪجهہ بہ نہ ملندءِ هيءَ حقيقت علي محمد فقير جي پنهنجي زباني آهي. جيڪا ڳالهہ هو سدائين ڪچهرين ۾ ڪندو هو.

ڪوٽ ڏيجي ۾ قيد ڪرائڻ ۾ گل حسن پناڻ جو هٿ هو. ان وقت هو نائب وزير هو گل حسن بزرگ حسن جان جو مريد هو. جيڪي ٽڪڙ جا بزرگ ليکبا هئا. ان بزرگ ڪي مولوي نوازعلي چاڙهي وٺي آيو هو. چاڪاڻ تہ مولوي نوازعليءَ جي گل حسن جان ٽڪڙائي، سان دوستي هئي ۽ هو وري فقير جو سخت دشمن جو. ايترين ڪوشش ڪانپوءِ گل حسن وزير فقير تي زوريءَ زنا جو ڪيس ڪرائڻ لاءِ تر جي وڏيرن ۽ پوليس تي زور پريو. جنهن تي بکان منديءِ ٻي سونا ڪيرياڻيءَ ڪي وٺي فقير جي صورت ڏيکاري آيا ۽ ڪين چيائون تہ هن فقير تي زوري زنا جو ڪيس ڪرڻو آهي. اوهين پوليس وٽ اهڙو بيان ڏيو. جنهن تي ٻنهي رنن فقير جي صورت ڏسي صوبيدار ڪي جواب ڏنو تہ سائين اسان سڄي عمر خراب پيشي سان رهيون آهيون، مگر ههڙي پيرسن ۽ خدا واري فقير تي ناحق نہ ٻيهنديون سين.

پوءِ فقير تي زميندار گمبٽ ۾ الله بخش پرڳڙيءَ جج وٽ بيان ڏنو تہ فقير چوريون ٿو ڪرائي ۽ ڇئن زميندارن ڪلمون پڙهي بيان ڏنو. ان وقت فقير ڪي مٿي ۾ تاج ۽ جسم تي الفي پهريل هئي. تنهن تي جج صوبيدار ڪي جهڻڪون ڏنيون تہ فقير ڪي فقيري پوشاڪ ۾ ڪورٽ ۾ ڇو آندو اٿئي. مگر آخر بيانن مطابق فقير ڪي ٻارهن مهينا سزا مقرر ڪيائين جنهن تي

فقير جج کي چيو تہ تون مون کي ناحق سزا ٿو ڏئين باقي عشق شهنشاهہ پاڻهي ئي توکان حساب وٺندو. رات ٿي جج جو گهر مان چور کاٽ هڻي. اڍائي هزار روڪ ۽ بيو سامان کڻي ويا صبح جو جج صاحب پڇتائي چوڻ لڳو تہ مون فقير کي ناحق سزا ڏني. ڪيس ڪنهن بي ڪورٽ ڏانهن موڪلي ڇڏيان ها تہ نقصان نہ ٿئي ها. ۽ سندس پڇاڙي اهڙي ٿي جو پاڻ بہ حيدرآباد واري جيل ۾ زهر کائي مري ويو.

اسان جڏهن جيل ۾ هئاسون تہ وزير گل حسن پٽ آغا غلام نبي سان گڏ بن گهوڙن واري ٽانگي تي آيو. فقير کي ڏسي پٽ کي چوڻ لڳو تہ هي فقير الله سڏائڻ جي ڪري قيد ڪرايو اٿم. جنهن تي پٽس چيس. ڦهر درويش برجان خويش. فقير کي وڏيڪ تڪليف نہ ڏجانءِ نہ تہ فقير خبر ڏيندءِ .ان بعد کان خير عافيت پڇيائين جنهن تي فقير چيس تہ رنج ڪونہ آهيون ڇاڪاڻ تہ سڀ ڪجهہ الله محبوب ڏانهن ٿا سمجهون توکي ڪهڙي طاقت آهي وري چيائين توبهہ ڪريو الله سڏايو هيئہ گناهہ لهني اسان چيس تہ نوَ سال الله جو نالو ورتو هوسين ڏهين سال الله هي ڪم ڪيو آهي هاڻي اصل الله جي نالي وٺڻ کان توبهہ آهي. هاڻي الله چونداسين تہ شرڪ ٿي پوندو. اهو ٻڌي وزير گل حسن ماٺ ڪيون هليو ويو.

## بيت

مطلوب نه طلبيم که اين طلب حرام است، الله نه گوئيم که در شرک به مانيم

يعني مطلوب نٿا گهرون ڇو جو گهر حرام آهي الله نہ چونداسين ڇو جو شرڪ ۾ رهجي ويندا سين.

پوءِ الله کي غصو آيو ۽ ان شريعتي ماڻهوءَ جو پٽ صوفي ٿيو. درازن واري فقير جو طالب ٿيو. هڪ دفعي درازن جي ميلي تي شراب جي بيل گاڏي پرائي فقيرن کي پيارڻ لڳو ۽ پاڻ بہ پيئندو رهيو گل حسن پناڻ کي ذات ذوالجلال پٽ جي فقير ٿيڻ ۽ شراب خوريءَ جو داغ ڏنو.

آخر ميو علي نواز جي چوڻ سان علي بخش چانڊيئي گل حسن کي مٿي ۾ ڏک هنيو جو مٿو ڦاٽي پيس. ٻه مهينا اسپتال ۾ علاج ڪرائي بچو ۽ نوڪري به ختم ٿي ويس.

عشق سهانگو نه آهي. جيڪو عشق جا بار ۽ مصيبتون ڪٽيندو تنهن وٽ عشق شهنشاهه ايندو.

خواهي عشق وسلامت ماني اين حڪايات راست نه باشد
گهرين ٿو عشق ۽ سلامت رهين اها ڳالهه نهي ٿي ڪانه ٿي.

جيڪو عشق وٽ ايندو تنهن کي عشق سلامت ڪونه ڇڏيندو. اهو قائدو عشق جو پراڻو آهي. اسان سان جيڪي لڙيا سي ٻاهريان ڪين هئا مگر فقير غلام حيدر جا پوٽا هئا. جيڪي خواه مخواه اسان سان ساڙ ۽ حسد ڪندا هئا. هو سمجهندا هئا ته ته پيڙهيا فقير آهيون مگر هي نئون فقير آهي. هن جا شهر وارا ۽ ٻاهريان ماڻهو مريد ٿا ٿين. پاڻ وري بيخودي جا نعرا ٿو هڻي. اسان پراڻن فقيرن جو نالو ناس ڪري ڇڏيو اٿائين. هن وٽ ماڻهن جي اچ وڃ آهي. اسان ڏي نهاري ڪير ڪونه ٿو. فقيري به اسان جي ۽ وڏيرپ به اسان جي هن اسان جي بي عزتي ڪئي آهي. ان ڪري حسد ڪندا هئا.

انهن مان اسان جو هڪ طالب ٿيل جيڪو ست سال صحبت ۾ به رهيو هو. اهو مائٽن جي چوڻ تي اسان جو مخالف ٿي پيو. ان وقت اسان ڇوڪرن کي فارسي پڙهائيندا هئاسون. ان وقت اسان به نئين مان عشق جي ملڪ ۾ ويا هئا سون تازو معراج ٿيل هو. مگر هوش عقل سلامت هو ۽ ٻارن کي پڙهائيندا هئاسون.

هڪ دفعي اسان وارو ڦري ويل طالب سيڪاري جاسوسيءَ لاءِ موڪليائون. جيڪو اچي اسان وٽ ٿورو ويهي اٿي هيلو ويو ۽ جمع جو ڏينهن هو ۽ ڳوٺ وارا جمع نماز ۾ مسجد ۾ گڏ ٿيل هئا. ان مسجد ۾ مولوي نواز علي نماز پرهائيندو هو. هي همراهه ان جو سئوٽ هو. اهو ملان پڙهيل هو ۽ ٻيا سڀ جاهل هئا. نماز کانپوءِ هن جاسوس همراهه وٺي هُل هنگامون

ڪيو تہ مان اڄ فقير فولاد علي کي ڏسي آيو آهيان جيڪو قرآن پاڪ تي مٿان ويٺو هو. حالانڪہ اهو هڪ بهتان هو. جيئن شاهہ منصور تي بهتان مڙهيو هئائون تہ پٽ کي ماءُ سان ٿو پرڻائي مگر حقيقت ۾ اها عورت سندس ڀاڻهي هئي. حسين بن منصور حلاج کي ڦاهيءَ جي سزا ملان عمر ڏني هئي.

اهو ٻڌي سيئي گڏجي ان شاهد کي ساڻ ڪري نريءَ ۾گيهي رام مختيارڪار وٽ فرياد ڪيائون. اسان جي حاضريءَ تي فقراءَ سميت ڪورٽ ۾ وياسون. مختيارڪار فقير جو حُليہ ۽ پوشاڪ ڏسي مولوي صاحب کي چوڻ لڳو تہ افسوس جو پنهنجي مسلمان فقير تي اهڙا الزام ٿا هڻو. اسان جو هندو فقير هجي ها تہ مٿس هٿن جون ڇائون ڪريون ها. ائين چئي ڪين درخواست واپس ڪيائون ۽ ڪين چيائين تہ توهين مسلمان آهيو پنهنجي شريعت موجب جيڪو وٽيو سو فقير سان ڪيو. جنهن تي مولويءَ اسان کان پڇو تہ فقير توکي شريعت موجب تعذير قبول آهي. اسان چيس تہ اوهان کي جيڪڏهن هن ۾ڪا ڪچائي ڏسڻ ۾ اچي ٿي تہ قتل ڪيوس. سنگسار ڪيوس. سوليءَ تي چاڙهيوس يا ڍنڍورو ڏيوس تنهن تي ملان چيو تہ اسان کي لکي ڏيو اسان لکي ڏنس تہ وري ملان ڦري ويو تہ تعذير ڏيڻ سان فقير مشهور ٿي ويندو. اسان فقير تي ڪيس هلائڻ ٿا چاهيون. جنهن تي مختيارڪار چيس تہ فقير سان توهان جو مذهبي ۽ شريعتي تڪرار ڪونہ آهي ڪو گهرو تڪرار آهي.

آخر مختيارڪار ڪيس هلايو. ملان شاهدن کي مڻ ٻصرن جو ڏيئي بيان ڪرائڻ لاءَ آندو هو مگر اهي شاهد بہ ڦري ويس.

مگر اسان جڏهن ڪورٽ ۾ لنگهياسون تہ پويان درين کان مائٽن منٿون ٿي ڪيون تہ نہ ڪڇجانءِ اسان وري ڪنڌ ورائي عشق جي اعليٰ دربار ڏي نهاريو جيڪا تمام پري عرش عظيم تي هئي.

**بيت**

اَحسَنُ تَقوِيمِ .در قرآن بخوان .اَحَسنُ تَقويمِ زعرشش دوردان

حسين ترين صرف قرآن ۾ پڙهي اٿيئي. اها حسين ترين صورت عرش کان گهٽ ڪو پري آهي.

ان عشق بادشاهہ فرمايو تہ جيڪي آهين سوچئي ڏي هيئر امتحان جي مهل اٿيئي. هتي نفس جو سانگ ڪندين ڇا؟ جيڪي آهين سو ٻڌائي ڏي. جڏهن اسان کان پڇيائون تہ نالو ڇا اٿيئي. اسان چيو نالو الله آهي. وري مختيارڪار چيو تہ ڪلمون پڙهہ اسان چيس تہ محمد رسول الله ﷺ ڪري اسان جي خلق جي هدايت لاءِ موڪليو هو. ڪلمون ڪيئن پڙهون. وري چيائين تہ فقير عمر ڪيتري اٿئي مون چيس تہ عمر جو آند پاند ئي ڪونهي. عمر ان جي ليکبي آهي جنهن تي موت هوندو آهي مان سدائين جيئرو رهڻ وارو آهيان. وري پڇيائين تہ کهڙو ڏنڏو ڪندو آهين مون چيس تہ مارڻ جيارڻ ۽ جهان هلائڻ منهنجو ڏنڏو آهي. اهو ٻڌي سپاهي جي هٿ ۾ بندوق ڏسي ملان کسي مون کي هٽڻ جي ڪئي تہ سپاهي کسي ورتس. اسان سپاهي کي چيو تہ بندوق ڏيئنس تہ اسان هن بوتي جي قيد مان آزاد ٿيون مگر هن بندوق نہ ڏنس.

عشق غيور جا ڪم جو باطني بندوق ٻارهن مهينن کان اڳ ملان جو گهر ٻار عشق شهنشاه رئي ڪري ڇڏيو دير گيرد. سخت گيرد يعني دير سان وٺندو آهي مگر سمورو حساب وٺندو آهي. ائين عشق شهنشاهہ فنا ڪري ڇڏيس.

مگر جج صاحب مات ڪري ويو. ماٺهو حيرت ۾ هئا تہ عجب هن جسم مان ڪهڙي گفتار ٿي نڪري. شاهہ منصور واري نعري کي عشق نئين طرح زنده ڪيو.

## بيت

دير است کي آواز منصور که هن شد .ا کنون براو جلوه هم دار رسن را.

منصور جي نعره کي گهڻو وقت ٿيو آهي، هاڻي ان کي تازو ڪري سوليءَ ۽ رسي کي تازو ڪريون.

آخر مختيارڪار چيو تہ فقير تي اثباتي ۾ مستيءَ جو جوش آهي. ان ڪري فقير کي مان سزا نہ ڏيندس. مختيار ڪار تي سفارش جو زور پيل هو. ان ڪري مٿس هڪ سئو رپيہ ڏنڊ رکيائين جيڪو فقير پري ڏنو.

عشق جيڪي مونسان ڪيون ڳالهيون لکڻ نہ جهڙيون پڙهڻ نہ جهڙيون. عشق فقير فولاد علي کي ڏنڊ پرايا قيد ڪرايو. ملان قاضي فقير کي بہ قتل ڪن ها مگر انگريزن ملن جي شريعت جا هٿ ڪپيا هئا چو تہ انگريزين شرعي قانون ڪري ڇڏيو هو.

هڪ دفعي فقير غلام حيدر جي پٽ درمحمد مخودم الله بخش جج صاحب وٽ فرياد ڪيو تہ فقير دين کي گاريون ٿو ڏئي. فقير جڏهن حاضريءَ تي ويو تہ جج صاحب پڇيس تہ فقير توهان دين کي چو ٿا گاريون ڏيو؟ فقير چيس تہ دين فريادي آهي يا تون. جي دين فريادي آهي تہ گهرائينس ڪٿي آهي. جيڪڏهن مان دين جي ڳاتي ۾ کهاڙي هڻين آهي. يا ڏاڙهي پٽي اٿمانس تہ ڏيکاريو ڪٿي آهي.

مخودم صاحب توهان سمجهو ٿا تہ جنهن کي گار ڏبي سو ڏک هٽندو. مون کي بہ ڏک لڳل ڪين آهي ۽ جي مون دين کي ڏک هنيا آهن تہ متان اسپتال ۾ هوندو اتان هل جلد زباني ونوس متان مري وڃي.

مختيارڪار چيو تہ فرياد دُرمحمد شر ڏني آهي. اسان چيس تہ در محمد شر ڇا دين جو پٽ آهي يا پاءُ. جو دين جي پاران ڪورٽ ۾ آيو آهي. هي تہ فقير غلام حيدر جو پُٽ آهي. پٽس دين تہ ڪونہ هو. جنهن تي موجود امام علي شاهہ جج کي چيو تہ صاحب فقير کي جواب ڏيو. جج صاحب هنن جو حسد سمجهي فرياديءَ کي ڪورٽ مان ڪيرائي ڇڏيائين.

سيد شهاب الدين شاهہ هالاڻي وارو نريءَ ۾ هڪ دفعي مختيارڪار ٿي آيو. در محمد شر وري ان وٽ فرياد ڪئي تہ فقير شيطان جي خيرات ڪئي آهي. جنهن تي مختيار ڪار فقير کي گهرائي پڇيو تہ فقير شيطان جي خيرات ڇو ڪيو اٿئي. اسان چيس تہ صاحب شيطان الله جي دربار جو دربان آهي. ڪيس ان ڪري ڪارايوسين تہ جيئن اسان کي دربار ۾وڃڻ ڏئي.

مختيارڪار پڇيو تہ پوءِ ڇا ٿيو. اسان چيس تہ جوئي هيڏو سوئي ٿيئڙو. اسان ساڳيو ئي حق ٿياسون. جنهن حيرت ۾ اچي چيائين تہ هان! فرياد ۾ اچا پيو الزام هو تہ فقير مسجد ۾ گڏهہ کي زنا ڪئي آهي. جنهن تي مختيار ڪار فقير صاحب کان پڇيو تہ ڇا توهان مسجد ۾ اهڙو ڪم ڪيو آهي؟ فقير چيس تہ توهان چوندا آهيو تہ مسجد الله جو گهر آهي، چيائين هائو پوءِ فقير چيس تہ اسان کي ڪنهن پيدا ڪيو آهي چيائين تہ الله! يلا گڏهہ ڪنهن جي خلقيل آهي. چيائين تہ الله جي ان تي مون چيس تہ پنهنجي ئي گهر ۾ پنهجي گڏهہ کي ڪم ڪيو اٿم. پرائي گهر تہ ڪونہ ويو آهيان. جڏهن مان مسجد ۾ گڏهہ الله جا ٿياسون تہ پوءِ بين جو ڇا ويو.

اهو ٻڌي مختيار ڪار چيس تہ اقراري ٿو ٿئين جيل نہ ڏيانءَ مون چيس تہ جيل کان نہ ٿو ڊڄان. جيل واٽيہ مختيارهجي تہ بہ ڏئي ٿو سگهي تون تہ سيد آهين. توهان ٻڌايو تہ علم گهڻن قسمن جا آهن. چيائين تہ علم ٻن قسمن جا آهن. هڪڙو علم ظاهري ۽ ٻيو علم باطني. فقير چيس تہ باطني علم ڪهڙو آهي. پاڻ چيائين لدني علم کي باطني چئبو آهي. مون چيس تہ تون ظاهري علم پڙهيو آهي باقي لدني علم جي تہ خبر ئي ڪانہ پويئي. تون اسان جي صورت ۽ عمر ڏس تہ هن وقت ۾ اسان سوبہ مسجد ۾ اهڙو زنانو ڪم ڪنداسين چيائين تہ تنهنجا شر ٿا چون اسان چيس تہ جهڙا انڌا تهڙو تون انڌو آهين پوءِ بس ڪري فرياديءَ کي ڳالهايائين تہ تو جيڪي فقير جو شڪايتون ڪيون آهن فقير ۾ تہ هڪ ڳالهہ بہ نہ آهي.

عشق شهنشاهہ ذولنون مصريءَ کي من خدايم جي نعري هڻڻ تي ست ورهيہ جيل ڏياريو هو.

**بيت**

کفر ايمان هم قرين و يک ديگر اندر هر کر کفر نيست ايمان نيست

ڪفر ۽ ايمان هڪٻئي جا مائٽ آهن. جنهن کي ڪفر نہ آهي تنهن کي ايمان بہ نہ آهي.

يوسف نالي هڪ شخص بادشاهہ جي شهر ۾ رهندو هو. جيڪو حُسن ۾ يوسف ثاني هو. اتفاق سان بادشاهہ زادي ان تي عاشق ٿي پيئي هڪ رات وجهہ وٺي بادشاهزادي محلاتن مان نڪري اچي ان سان سمهي پيئي. ڇرڪ ڀري اٿيو. پڇيائينس تہ ڪير آهي. پاڻ چيائين تہ مان بادشاهزادي آهيان. ۽ توسان ملڻ آئي آهيان يوسف چيس تہ مونکي نہ گهرجين. ائين چئي اٿي ڀڳو ۽ چار پنج ميل پنڌ ڪري وڃي هڪ جهنگ ۾ نڪتو ۽ اتي سمهي پيو خواب ۾ ڏٺائين تہ ٻہ ملائڪ آسمان مان آيا آهن. پاڻ پڇيائين تہ ڪير آهيو. ڇو آيا آهيو. ملائڪن چيس تہ اسان ملائڪ آهيون الله تبارڪ وتعاليٰ اسان کي تنهجي ديدر لاءِ موڪليو آهي. تہ يوسف جي زيارت ڪري اچو ڇو جو تون پهلواني ڪري بادشاهزاديءَ کي جواب ڏيئي آيو آهين. وري کيس آرام آيو تہ ڏسي پيو تہ رسول ڪريم ﷺ جن وٽس آيا آهن. جنهن فرمايس تہ مون کي ذات ڪبريا موڪليو آهي تہ فلاڻي مسلمان ههڙي فتح ڪئي آهي وڃي کيس ديدار ڪرائي اچو تہ مان بہ ان لاءِ آيو آهيان هاڻي تون مصر جي شهر ۾ ذالنون مصريءَ وٽ وڃ ان کان اسم اعظم وڃي پڇ. يوسف ثاني مصر ويو تہ ذوالنون. مصري اڳيئي هن جي انتظار ۾ ويٺو آهي. جنهن چيس تہ آءُ ميان يوسف ثاني حضرت رسول الله ﷺ تنهنجي پارت اڳيئي ڪئي آهي. ۽ پوءِ کيس حق جو رستو اسم اعظم سمجهايائنس. اهو يوسف ثاني اڳتي هلي فنافي الله ۽ بقا باالله جي در جي تي پهتو. ساڳيو ئي ذالنون مصري ٿي پيو.

**بيت**

طالب را عين مطلوب بدان در لباس مختلف داني همان

طالب کي ساڳيو مرشد سمجهہ صرف لباس مٿيل سمجهينس.

ڏسو توڙي هن وٽ ملائڪ ۽ حضرت رسول الله ﷺ جن ديدار لاءِ هلي آيا تہ بہ ظاهري فقير ڏانهن ڏس ڏنائون. ڇو تہ صورت کي فيض بہ صورت مان پوندو آهي آسماني منزلن جي حقيقت ڪامل مرشد وٽان معلوم

ٿيندي آهي. باطن جي صورت مان سبق ناممڪن ۽ ٽڪنڊڙ نہ ٿيندو آهي. حضرت رسول الله ﷺ جن يوسف ثاني کي ذالنون مصري ڏانهن ان ڪري ڏس ڏنو جو پاڻ ڪريم ﷺ جن روح مقدس هئا يوسف جسم سان هو.ان ڪري جسم واري کي ڪماليت واري مرشد ڏانهن اشارو ٿيندو آهي. ڇو تہ روح ۽ جسم جي جنس مختلف آهي روح صرف اشارو ڪري سگهندو. فيض ظاهري ڪامل مرشد جي ذڪر مان ٿيندو. روح جسماني واري صحبت نہ ڪري سگهندو. فيض سڀ رسول الله جو آهي. ذوالنون مصري کي فنا في الشيخ، فنا في الرسول فنا في الله ۽ بقا با الله جا سڀئي درجا حاصل هئا. هر جنس پنهنجي جنس مان فائدو حاصل ڪري سگهندي آهي. روح چاهي انبيائن جو هجي يا عارفن جو هجي. روح اهڙيءَ شيءَ آهي. جنهن کي بوتي جو هٿ نہ پوندو آهي.

جسماني واري ڪامل مرشد جي صحبت طالب کي سچائي سان عمل ڪرڻ سان بقا باالله جي درجي تائين پهچائيندي.

هڪ رات قلندر سلطان پاڻ اسان کي ذڪر جي تلقين ڪئي هئي ۽ ائين بہ چيائين تہ هتئون درياهہ سمنڊ ٿيندا موجون ٿينديون. مگر اهو ذڪر پنجهہ ڇهہ ڏينهن بہ ڪونہ هليو. پوءِ اسان جيڪا ساٽس صورت گيڙوءَ جي ويس سان گڏ ڏني هئي سين سا ڇهين ڏينهن پنجويهن ڪوهن پنڌ تان ظاهر ۾ وچي هٽ ڪئي سين. جنهن پڻ ساڳيو قلندر شهنشاهہ وارو ذڪر سمجهايو. سمجهڻ ڪانپوءِ اهڙو هلي پيو جو بيٺي گهمندي ڦرندي توڙي شهر ۾ جيئن مشين هلندي آهي. ائين هلي پيو ٿيهن ورهين کان نماز پابنديءَ سان پڙهندو هيس. قرآن پاڪ جو دور بہ ڪندو هيس. ذڪر ورتي ڪانپوءِ رڪعت ياد نہ پيئي بيهي. قرآن جي هڪ سٽ بہ پڙهي نہ پيو سگهان. خيال اهڙو رجوع ٿي ويو جو پهرئين ڏينهن ذڪر جي صورت ڏسڻ ۾ آئي. طالب مرد جو سينو زائفان جي رحم وانگر آهي. اها بہ بار جو تخم جهپي وٺندي آهي. ائين طالب جو سينو بہ مرشد واري لبيڪ جهپي وٺندو آهي.

جيڪڏهن سندس سيني ۾ الله جي اسم جو تخم رهجي ويو ته اتي الله جو اسم ڄمي پوندو.

جيڪڏهن زائفان وسڪڻي هوندي ته پڪل پاڃي جي بوءِ تي ٻار ڪيرائي وجهندي. تيئن طالب به سڌن ۽ لذتن ڏي لڙي پيو ۽ ننڊ گهڻي ڪيائين. ته اسم وارو ٻار ڪِري پوندس. مگر جنهن سيني ۾ اسم اعظم ڄمي ويهي رهيو ۽ ڪري ڪري پرهيز ۾ ٻار جي مدت وانگر اسم جي مدت پوري ڪيائين ته حقيقت وارو ٻار پيدا ٿيندو ۽ وري ڪِري پڳائين ته ٻار بيمار ٿي پوندس ۽ پيو ڏٻرو رهندو. پر جيڪڏهن ٻار جي پالنا سٺي نموني ڪيائين ته گهمڻ لڳندو تيستائين طالب ماءُ وانگر باهه پاڻي ۽ ڪڏ کان حفاظت ڪندس ته وڏو ٿي پوندو. جڏهن سمجهه لائق ٿيو ته ڊوڙي وڃي دربار ۾ پيءُ سان ملندو. پڻس جي دربار مٿي آهي. ۽ ستين طبقه جي مٿان ان جي حڪومت آهي. ۽ تخت به اتي اٿس. پوءِ هو دلجاءِ سان پيو ايندو ويندو.

## بيت

دائيه آن خيال رامي پرورد، تاز همت دائيه بالامي پرد

ان دائي ٻارڪي خيال سان پالي وڏو ته ان دائي جي همت سان مٿي پيو اڏامندو

اي طالب آن دايه کدام است آن طالب ذکر اسم اعظم آن کودک است

اي طالب اُها دائي ڪهڙي آهي اهو طالب آهي ۽ ذڪر اسم اعظم وارو ٻار آهي.

ظاهري جسم وارو مرشد زائفان جي مڙس وانگر آهي ۽ طالب زائفان آهي. زائفان ظاهري جسم وارو مرشد سان سمهندي ته ڍڪي ٿيندي. خواب خيال وارو اشارو آهي. خواب ۾ زائفان کي تڙٻه پئجي وڃي ته به ڍڪي نه ٿيندي.

مرشد جي ڳولڻ لاءِ قرآن ڪريم ۾ به حڪم آهي. ته يَاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَ ابۡتَغُوۡۤا اِلَيۡهِ الۡوَسِيۡلَةَ وَ جَاهِدُوۡا فِيۡ سَبِيۡلِهٖ. يعني اي ايمان وارو الله ڏانهن اچڻ لاءِ وسيلو وٺو. ان جي راهه ۾ ڪوشش ڪريو. جهد جفائون ڪريو. ان طرح حديث پاڪ ۾ به فرمايو آهي ته الرَفيقُ ثمَ طريقُ. يعني اڳ ۾ سونهون

ساڻي هجي پوءِ رستي سان هلو ڪامل مرشد طالب لاءِ حاذق حڪيم آهي. طالب ڪي نفس سڌن جي بيماري آهي. اها بيماري وحي جبرائيل جهڙي حڪيم ڪانسواءِ نہ ڇڏيندي آهي.

موليٰ عيلہ السلام فرمايو آهي تہ

الصورُ الانسانُ يفي اَكبَرُ الحُجَجُ عَليٰ خَلقِه وَهيَ الكِتابُ كَتَبَ بِيَدِهِ

يعني انسان جي صورت خلق الله ۾ وڏي حجت آهي ۽ اهو ڪتاب آهي جنهن کي پنهنجي هٿن سان لکيائين. وَهيَ الهَيُكَل الذِي بِناءَ بِحُكمه وَهيَ المَجمُوعِ الصُورُ العَالَمين، وَهيَ المُختصرت مِن لوحِ المحفوظِ. وَهيَ شاهِدُ علي غائِبُ وَهيَ الحُجته علَي كُلِ جاهِد، وَهِيَ الطرقتهُ المُستَقِيم اِليٰ خَير وَهيَ الحبسر المَمَدُودت بَينَ الجَنَه وَالنَار. يعني ۽ اها سندس حڪم سان عبرتناڪ ٿهي ۽ اها ڪائنات جي سيني صورتن جو مجموعو آهي ۽ اها لوح محفوظ جو اختصار آهي ڪوشش ڪندڙ لاءِ حُجت آهي ۽ اها ئي صراط المستقيم آهي هر هڪ نيڪيءَ لاءِ ۽ هي بهشت ۽ دوزخ جي وچ ۾ ڏگهي پل آهي.

## بيت

چيست انسان آئينه اسرار حق، ڪامل گورفت بر هفتم طبق

انسان ڇا آهي انسان حق جي راز جو آئينو آهي. گويا ڪامل ستين آسمان تي ويو.

ڪامل عارف بود چون ڪيميا، از مسح طالب شود از خود جدا،

ڪامل عارف ڪيميا وانگر آهي. ان جي هٿ لڳڻ سان طالب پاڻ کان جدا ٿيندو آهي.

زر شود طالب زڪان لامڪان، همچون شهباز رود از دو جهان.

لامڪان جي کاڻ جو سون ٿي پوندو آهي. شهباز وانگر ٻنجي جهانن مان نڪري ويندو.

چابڪ وبي باڪ اندر عالم، همچون زر جعفرش نه بود گم،

دنيا ۾ هوشيار ۽ بي خوف هوندو. سون وانگر نديءَ ۾ گم نہ ٿيندو.

مي رود آن جا ڪه نه بود آسمان نئي ملاڪ جن باشد درميان

اتي ويندو جتي آسمان بہ نہ هوندو نہ اتي ملائڪ نہ جن هوندا.

نئي بود خورشيدو ماه نئي اثير ، نئي بود بنده نه خادم نئي امير

نہ اتي سج چنڊ ۽ نہ ڪتي هوندي، نہ اتي ٻانهو نہ نوڪر نہ امير هوندو.

ماڻهو چون ٿا تہ اسان جا مرشد حضرت علي ڪرم الله وجهہ ۽ حضرت امام حُسين عليہ السلام آهن، پرپٺ ٿا چون. انهن کين ڏنو بہ ڪين آهي. اهو اجايو اروڙ آهي. ظاهر واري مرشد کان ٿهن ٿا تہ متان ماڻهو چون تہ فلاڻي جو طالب ٿيو آهي. ظاهر جسم ڏسي پلجي پيا روحانيت نہ سڃاتائون تہ فقير ڪهڙي منزل جو مالڪ آهي. عارف کي ستين آسمان تي فنا في الشيخ اٺين آسمان تي فنا في الرسول نائين آسمان تي فنا في الله ۽ عرش عظيم کان پري بقابا الله جا دوجا حاصل آهن. اهي درجا رسول الله مولىٰ علي ۽ پنجتن پاڪ ۽ ٻارنهن امامن کي حاصل هئا. جيڪو انهن چئني درجن جو واقف ۽ معراج جومالڪ هوندو تہ ان کي بندو نہ چئبو. ان جو رسولي ۽ الوهيت وارو درجو آهي. اهو انسان خلق ڏي حق جا پيغام پيو آڻيندو.

ماڻهو نہ انڌا آهن. بوتو ڏسي چون ٿا تہ فلاڻو پٽ فلاڻي جو ذات بہ فلاڻي اٿس. ظاهر تي پلجي پيا. باطني اسرارنہ ڏٺائون. ائين نہ سمجهيائون تہ رسول الله جو فيض هلندڙ آهي. جيڪو قيامت تائين پيو هلندو. نماز روزي وارو حڪم هلي ٿو باقي لدني علم وارو علم ۽ فيض ۽ معراج وارو رستو ختم سمجهيو اٿن. مگر ان رستي ۾ ڏک آهن، ننڊ ڦٽائڻ گهٽ کائڻ صبر ڪرڻ غير الله جي گفتار کان ڪن ۽ اکيون بند ڪرڻ. خيال هميشہ ذڪر سان سيني ۾ رکڻ. اهي ڳالهيون خلق کي ڏکيون لڳيون. مگر صبح جو بہ رڪعتون نماز پڙهي وري ٻيپهري تائين الله ڏي واجهائڻ ئي ڪونہ ان آسري تي نہ نماز تي بهشت ملندو. نماز اسم مئونث آهي. حورن جي جنس بہ مئونث آهي. جنس جنس سان ٺهندي آهي. حديث ۾ آهي تہ طالب الدنيا مخنث وطالب العقبىٰ مئونث وطالب المولىٰ مذڪر. يعني دنيا جا طالب

ڪدڙا آهن. عقبيٰ جا طالب ماديون آهن مگر موليٰ جا طالب مرد آهن مرد ٿيڻ ڪن جو ڪم آهي. حورن جا طالب ٿي مئونث ماديون ٿي پيا. مرد اهي آهن جن پنهنجون سر ذڪر اعظم ۾ گم ڪيو. هي وڃائي هو ٿي پيا. انهن ٿنهي جهانن جون موجان ماڻيون سڻن ڪاڌن ڪائڻ وارا اتي رهجي ويا. اهي عزرائيل ڪال جو قوت ٿيا موليٰ جي طالبن ڪي به ماري ڇڏيو.

عام ماڻهن ۾ مسلمانن رسول الله ﷺ ۽ پنجتن پاڪ ڪي سمجهيو ته اهي سڀ روضن ۽ ضريح اقدس ۾ دفن ٿيل آهن. مگر ائين نه ڄاتائون ته اولياءَ الله لايموت. يعني الله جي ولين تي موت ڪونهي هو. سدائين جيئرا آهن. دنيا جي ماڻهن تي جيڪا مشڪل پوي ۽ ڪين سڏين ته هو سيئي سندن سڏن تي ساڻي اچيو ٿين ۽ انهن جون مشڪلون اچي حل ڪن مگر هنن ڪي حاضر ناظر ڏسڻ جي طاقب ڪانهي تنهن ڪري ڪين ڏسي نه ٿا سگهن. مگر خواب ۾ ڪي ڪي ڏسن ٿا. عام ماڻهو جيڪڏهن انهن ڪي ظاهر ۾ ڏسن ته مري وڃن.

جنهن ڪي ظاهر صورت وارو مرشد نه آهي سو گمراهه آهي ڏن وٺن ڪاڻ مرشد ته گهڻا آهن مگر قيامت ۾ اهي ڪونه لينداا. اهي خود گرفتار هوندا. اهي پاڻ ٻڏل ٻين ڪي ڪيئن ڇڏائيندا رسول الله اڃا به وڌيڪ تاڪيد فرمايو آهي ته من لاشيخ لا فشيخه شيطانا. يعني جنهن ڪي مرشد نه آهي ته ان جو مرشد شيطان آهي. حضرت رسول الله ﷺ ۽ پنجتن پاڪ به ڪامل مرشد جي ذڪر ڪانپوءِ ديدار ڪرائيندس. اڳي هزارين عبادتون ڪري ته به ديدار ڪونه ٿيندس. ڇو ته اهو ذڪر وارو رستو خود رسول الله ﷺ جو شروع ڪيل آهي. راهِ طريقت ۾ ذڪر جا پيير به پاڻ آهن. ذڪر هلائڻ سان طالب ڪي پهرايائين پاڻ ديدار ڪرائيندا آهن. سيني جي صفائي ڪانسواءِ ديدار نه ٿيندو. اگر ڪنهن ڪي بنا ذڪر جي ديدار ٿيندو ته اهو چريو ٿي پوندو. اهي پاڻ به نور آهن. ذڪر جي نور سان انهن جي نور جي تابش به برداشت ڪري سگهبي.

انبيائن اوليائن عاشقن پر خود الله تعاليٰ جي آڻڻ جو منڊ اهو. ذڪر آهي. حديث ۾ آهي تہ لِڪُل ڪدورتُ صِقالته وصقالته القلب ذڪر الله تعاليٰ يعني هر هڪ ڪٽ لاهڻ لاءِ قلعي آهي مگر دل جي قلعي الله تعاليٰ جو ذڪر آهي.

جيڪڏهن ڪوبہ ملان دين جي جنگ ۾ مارجي پوي تہ بہ ان کان دهل شرناءِ وڄائڻ وارو مڱڻهار وڏيڪ آهي.شريعت ڇا آهي. امر نهي آهي روزانو زال سان سمهڻ گهٽي ننڊ ڪرڻ گهڻو سپ ڪجھ شريعت ۾ حلال آهي. مگر فقيري طريقہ ۾ حرام آهي.

## بيت شيخ عطار رحہ

در شريعت بود آنچه حلال . در طريقت بود همه مردار

جيڪي شريعت ۾ حلال آهي طرقت ۾ اهو حرام آهي.

ملان بهشت تي ٿا پڏن مگر عارفن جو فخر دوست آهي. عارفن جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي هو ڪُل شيءَ محيط ۽ همہ اوست آهن. شريعت آهي بدي کان بچڻ حقيقت آهي حق ۾ بيخودي ٿيڻ. معرفت آهي ٻنهي جهانن کان ٽپي لاحد ٿيڻ.

منهنجو مٿو لامڪان آهي منهنجا پير تحت الثريٰ آهن منهنجو قدبي پايان ڏگهو آهي. منهنجو کاڌو ۽ خوراڪ سار سروز ۽ توحيد جو بيان آهي شاه حسن جا ڪلام مون لاءِ طعام آهي. هن جسم مان ائين نڪتاسين جيئن پکي عرش کان تحت الثريٰ تائين منهنجي گهوڙي جو عروج ۽ نزول آهي. باقي جي انتها آهي تہ هر صورت ۾ پاڻ کي ڏسي.

وحدت جو طالب اهو آهي جيڪو ذڪر وحدت ڪثرت سان ڪري مگر ان جو عيوض دنيا عقبيٰ ۽ حوران قصوران نہ گهري دل ۾ ڪابہ تمنا نہ ڪري دنيا عقبيٰ جي ڪابہ لالچ نہ هجيس. هر وقت ديدار جي تمنا هجيس. صوفي وصل کانپوءِ ٻي نشانيان ٿي پوندو آهي جنهن کي ڳوليائين ٿي سو

پاڻ ئي ٿي پوندو آهي. پوءِ ڪُل شيءِ محيط ٿي پوندو. دم واري شيءِ ۾ پاڻ ڪي پيو ڏسندو. پوءِ جنهن مهل بوتي جي قيد مان نڪتو تہ پاڻ ڪي پيو ڏسندو.

قيد جي پڃري مان نڪرڻ سان هر هڪ آسمان مان ائين لنگهيس جيئن ڪتاب جو ورق اٿلائبو آهي. ائين ڇهن ئي آسمانن مان لنگهي ستين آسمان تي پهتس. ڇو تہ منهنجو مطلب بہ اتي هو. اتي وڃي ڏٺم تہ مان پاڻ آهيان پري ڪان عشق پيي ڏٺم تيستائين ان جي ڪشش ڪنيون پي ويئي. اتي پهتي ڪانپوءِ سمجهيم تہ مان پاڻ آهيان ۽ هي تخت گاهہ بہ منهنجو آهي. ملڪوت جبروت لاهوت باهوت هاهوت ۽ لامڪان آهي مڪان پري ڪان پيي ڏٺم. جڏهن مان انهن حدن ۾ ويس پيي تہ ان مسند تي مان ويٺل هوس. پوءِ خبر پئي تہ مار اهي ملڪ تہ اصلي منهنجا آهن. مان رڳو هن بوتي جي قيد ۾ پيي گذاريو. اڳي اهڙي ڪل ڪانہ هئي ٻڌا هياسين تہ زاهد عابد ۽ ملان قاضي چوندا هئا. تہ فقير ڪي حضور حاصل ٿيندو آهي. ناسوت جا مشرف مقامات جيئن مڪ مدينہ نجف اشرف ۽ ڪربلا وغيره مگر هن ابتي بندوق قاڻ ۽ جسم مان نڪرڻ جي ڪنهن ڪي بہ خبر ڪانہ هئي نہ ڪنهن ڪتاب ۾ لکيل هو نہ ڪنهن ملان قاضيءَ ئي ٻڌايو هو. اها بندوق اسم اعظم ڦاڙي مرشد هادي مجذوب سالڪ هو. جنهن اسم اعظم جو لفظ زباني ڏسيو هو.نہ صحبت ٻڌايائين تہ هڪ لفظ مان هيڏو منصب ٿيندو.نہ وري ڳالهہ ٻڌايائين تہ ڪو هن سان جسم مان نڪري سگهبو ۽ هي اسم اعظم نفس لاءِ زهر جي گوري آهي. جيڪو دوئي جي ديوار ڪي ڊاهي ڇڏيندو.نہ وري ڪنهن ٻڌايو هو تہ ان اسم اعظم سان لعل ليندا آهن انهن لعل جا تُجارَ ۽ دنيادار رسول الله ۽ مولا علي آهن سياڻو دنيادار چورن جي خوف ڪان هيرن ۽ جواهرن ڪي ڪنهن گند جي ڍير ۾ پوري ڇڏيندو آهي ڇاڪاڻ تہ چور پڪيءَ جاءِ ڪي ڪاٽ هڻندا آهن ڍير ڏي گمان ئي ڪونہ ويندو اٿن تہ ان ۾ لعل پوريل هوندا.

ڍير ڇا آهي انسان جو وجود ڍير مثل آهي. ان ڍير ۾ دمن جا هيرا ۽ لعل پوريل آهن. مگر ماڻھو بي خبر آهن ڪين ڪاڪل ئي ڪانهي تہ هن وجود ۾ بہ ڪي هيرا پوريل آهن ڪن ڪن ڪاهوڙين اهي لعل ڍير مان ڳولهي لڌا ۽ دنيا دارتي پيا. دنياداري ڇا آهي. راز الاهي جي خبر پوڻ ۽ اکين سان ڏسڻ ۾ آسودگي آهي.

اسان کي مرشد هادي شهنشاهہ سيد محمد علي شاهہ چڱو جو اسم اعظم جي حقيقت ۽ تعريف نہ ٻڌائي هئي جيڪڏهن ٻڌائي ها تہ پاڙي تي ويهي رهون ها ڇوتہ اسم اعظم اڳ بہ ٻڌل هو ۽ سڀ ڪنهن مسلمان کي اچي ٿو. مگر ڪمائڻ جو طريقو ڪونہ اٿن نہ ڪمائڻ ٿا ۽ نہ ئي پرهيز ٿا ڪن.اسان تي عاشق شهنشاهہ رحمت ڪئي محبت ڏنائين جو ڪمايوسين. اسم ڪمائيندي بہ ڪيئي راز ڏناسين تڏهن محڪم تي ويهي رهياسين. جي ڪمايون ها تہ پين شرن هاہو ڪتن وانگر هجون ها ڪائڻ سان صحيح سيد ٿي پياسين. پوءِ شرُ ذات فان ٿي ويو. شين جا نقطا ڊهي ويا باقي سين رهيو يعني سر ٿي پياسون.

بيت

هر که عاشق شد جمال ذات را. اوست سید جمله موجودات را.

جيڪو الله جي ذاتي حسن جو عاشق ٿيو. اهو سڀ موجودات جو سردر آهي.

سيدن ناهڻ وارو سدائين حيات آهي. اج بہ سيد ناهي ٿو سگهي، ڪراڙو ڪونہ ٿيو آهي. اڳ ۾ فولاد بلڪل جهنگلي هو ۽ جاهل هو. حق کان غافل هو. چوري حرام خوري شهوت جو قائل هو اوچتو سيد محمد علي شاهہ وٽ مائل ٿيو. پوءِ وحدانيت جي جام ۾ اهڙو مائل ٿيو جو جنهن سان محمد علي شاهہ ۽ فولاد زائل ٿيو رڳي ذات ئي ذات رهي. حق رهيو باطل ويو. وَ قُلۡ جَآءَ الۡحَقُّ وَ زَهَقَ الۡبَاطِلُ اِنَّ الۡبَاطِلَ کَانَ زَهُوۡقًا (٨١) يعني جڏهن حق آيو تہ باطل فنا ٿي ويو ۽ بيشڪ حق جي اچڻ سان باطل فنا ٿيندو آهي.

عجب عشق جو بيان آهي جو آدم ان جي نيشان جو نيشان آهي هي ملڪ ۾ هوءِ ملڪ ۽ هو ملڪ عشق جو مڪان آهي. ٻئي جهان عشق جي رياست آهن. عشق جو تخت گاھ ٽئين جهان ۾ آهي. ٻنهي جهانن ۾ عشق جي حڪومت طرفتہ العين يعني اک ڇنڀ ۾ آهي. عشق ٽنهي جهانن جو سلطان آهي. جنهن کي ٻنهي جهانن جي خبر نہ آهي. سو نادان آهي. جنهن عشق کي نہ سڃاتو سو بي ايمان آهي. جنهن پاڻ سڃاتو سو انسان آهي اَلِانسانُ سِرُي وَاَناَ سِرُہُ .ان جو نيشان آهي. شيخي پيري بزرگي نفس جو سامان آهي هي جهان توڙي هو جهان پينگ ۽ بيابان آهي. جيڪو ٻنهي کان نڪتو سو مرد مردان آهي. سو غازي رستم داستان پهلوان آهي معرفت جي ملڪ ۾ عاشق عشق جو قرآن آهي. جيڪو جيئري جسم مان نڪتو سو حيوان آهي. جيڪو جسم مان نڪتو سو عشق اڳيان قربان آهي. هي هو جهان ان جي ننگر جا خانۂ مهمان آهي انجو لقب سلطان العارفين منصور زمان آهي. عاشق لاءِ هي جهان زندان آهي. هي جهان هي جسماني جو نالو ۽ نيشان آهي. هيءَ جسماني نہ هجي ها تہ هي جهان ڪٿي هجي ها.

هي جسم اعظم درياھ جو جهلي بند آهي .جنهن بہ لاجي ترار سان هي جسم جو بند ڀڃي وڌو تہ ملڪ غرق ڪندو. جيئن ظاهر وارو درياھ ملڪ ٻوڙي غرق ڪندو آهي.

هن جهلي بند جي موج آهي. وهمن جا شهر نفس جي خيالن جا ڳوٺ دين ۽ ڪفر جون جهوپڙيون ٻوڙي غرق ڪندو آهي. ۽ پاڻ وڃي ساڳي درياھ ۾ پوندو آهي. پوءِ موج نعرو هڻندي آهي. اَنَا بَحرُ اَنَا بَحرُ يعني مان درياھ آهيان.

جيئن انباه جي پرسان مياڻي وٽان درياھ جهلي بند ڀڳو هو ڪيترائي شهر ٻوڙيندڙ سيوهڻ وٽان وڃي درياھ ۾ پيو. درياه ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن بہ هنڌ موج نہ سمائجي سگهندي ان کي درياه ئي جهليندو آدمي بہ جيڪڏهن لاجي ترارسان جسماني بند ڀڃي وجهي ها تہ ساڳيوئي وڃي درياه اعظم ۾

پوي. جنهن مهل بند پکڙائين تہ آسمانن مان ائين ويندو جيئن معراج وارا ويندا آهن. هن کي بہ ائين معراج ٿيندو. هن جي پهرين اٿل ملڪوت جي شهر ۾ پهچندي. ملڪوت جتي رڳوپاڻي تي ويندو. اتي بہ هڪ بند آهي جتي هفتو رهندو. ان کان پوءِ جبروت ۾ ويندو فنا في الرسول جي شهر ۾ پوندو جتي ايڪيهہ ڏينهن رهندو. ايڪيهين ڏينهن جبروت جو بند پڇجي پوندو. پوءِ اتان موج ڪندو عالم لاهوت ۾ فنا في الله ۾ پهچندو جتي ٽي ڏينهن رهندو ۽ وري موج زور وٺندي ۽ اهو بند پڇجي وڃي بيحد ملڪ بقا با الله ۾ رهندو هيٺ مٿي پاڻي ٽي ويندو. پوءِ پاڻ کي بہ پاڻيءَ ۾ ڏسندو ۽ چوندو تہ جتي ڪٿي مان آهيان بس بيو ڪونهي.

**بيت**

اسم اعظم برد مارا زين جهان، اسم اعظم برد اندر لامکان

اسم اعظم مون کي هن جهان مان ڪڍي ويو. اسم اعظم لامڪان ۾ وٺي ويو.

اين جهان و آن جهان يکسان شده، بحرا اعظم موج آن طيغان شده

هي جهان ۽ هو جهان هڪ ٿي ويا. وڏي درياهہ جي موج اهڙي اٿل ڪئي

اسم اعظم کرد مارا شاهباز، کرداوازهردوعالم بي نياز

اسم مون کي شاهباز ڪري وڌو. ٻنهي جهانن کان بي نياز ڪيائين،

زين جهان و آن جهان بيزار کيائين. روح اعظم را در آن هوشيار کرد

هِن هُن جهان کان بيزار ڪيائين. روح اعظم ان ۾ هوشيار ڪيو.

اسم اعظم قلعه خيبر شکست، دور شد مرحب عمر نتر بشکست

اسم اعظم خيبر جو قلعہ ٽوڙيو. مرحب پڇجي ويو ۽ عمر انتر کي ڪنائين،

اسم اعظم ذکر باشد ذا کرآن، اسم اعظم فکر باشد فا کرآن

اسم اعظم ذڪر ڪندڙن جو ذڪر آهي. اسم اعظم فڪر ڪندڙن جو فڪر آهي.

ميکند معراج احمد ابن ذکره، هردو عالم تاج دار دزين ذکر

هي ذڪر احمدي معراج ٿو ڪرائي ٻنهي جهانن تي ان ذڪر جو تاج آهي.

جيڪو نفس سان حيات آهي سو هِتي هُتي ممات آهي. جنهن نفس واري حياتي حق کي ڏسي سو زنده آهي. عشق وٽ سو پائيندو آهي. شاهه منصور پنهنجي سموري حياتي حق کي ڏني ۽ عشق ۾ خرچ ڪئي ته سدائين زندهه آهي. شمس الحق تبريز جان عشق ۾ قربان ڪئي ته هميشه حيات ٿيو. جن عشق ۾ سرڏنو ته سدائين زندهه رهيا قلندر شهباز عش ۾ شهوت کي قيد ڪيو ته سندس درتان ڪئي بيمار چڱا وڃن. هر هڪ حاجت وارو حاجت پوري ڪرائي وڃي عارفن جي ننگر تي لکين پيا پلن.

جنهن عشق ۾ الله اثبات ڪيو ته انهن جي قبرن تي هزارين پيا ٻهاريون ڏين. جيئن الله زنده آهي تئين هي به زنده آهن. جسم جي حياتي جو ڀروسو نه ڪريو. جسم روح جي پوشاڪ آهي. جڏهن پراڻي ٿئي ته لاهي ٿو ڇڏي. اوهان ڪيتريون. پراڻيون پوشاڪون لاٿيون آهن. جنهن روح کي سڃاتو تنهن الله کي سڃاتو اوهان روح ۽ روح واري حياتي کي نه سڃاتو تڏهن الله کان غافل آهيو. قرآن ۾ کل نفس ذائقته الموت ته آهي مگر ڪل روح ذائقته الموت ٻڌو اٿوَ؟ جو روح تي موت هجي. مگر ائين آهي ئي ڪونه هي جيڪي قبرستان ٿا ڏسو اهي سڀ نفس جون قبرون آهن. روح جون قبرون نه آهن.

جن الله وساريو ته انهن جا نفس ۽ روح ٻيئي قيد ۾ آهن. قبرن تي ٻڌل آهن جن الله ياد ڪري اثبات ڪيو تن جا روح عرش اعظيم تي ذات حق جي روبرو رهندڙ آهن. نفساني قبرن تي ڪتا ٿا مٽن. جانور ٿا لتاڙين. مگر عارف هميشه حيات آهن اِن اولِيَاءَ اللهِ لَايَمُوتُون بل ينقِلُون من الدار الِي الدارِ. يعني بيشڪ الله جا ولي نه مرندا آهن پر نقل مڪاني ڪري هڪ گهر کان ٻئي گهر ڏانهن ويندا آهن.

صوفي اهو آهي جيڪو الله جي ذڪر کان دم خالي نه ڪري الله کان سواءِ ٻيو ڪوبه خيال دل ۾ نه آڻي اٿندي ويهندي. الله جي ذڪر سان هجي. صوفي جنهن اذاتم الفقر فهو الله ٿيو پوءِ ان جا ذڪر فقر سڀ ٻيهي ويندا عاشق ۽ عارف به ان کي چئجي باطن ۾ هو الله جو معشوق آهي ته هن جي

عاشقي تم الفقر وٽ پوري ٿي. پوءِ هي معشوق ته هو عاشق ٿيو. پڪو ڪم تڏهن ٿيس.

اڄ ڪله صوفي عام ٿا سڏائين. پر سچو صوفي ڪروڙن مان ڪو هڪ ليندو. سارو جڳ نفس ماري ناس ڪيو. آهي مئن ماريا جڳ سارا مئين ڪونه ڪنهن نه ماريا. جنهن نفس کي لاجي ترار سان ماريو سو فهو الله ٿيو. جنهن کي نفس ماريو سو خاڪ ٿيو جيڪو خاڪ کان پاڪ ٿيو سو پاڪ ٿيو.

هتان نارو واهه ٻارهن ڪوهه پري آهي وچ ۾ رڃ جبل ۽ ريگستان آهي. جنهن ۾ بگهڙ ۽ ٻيا جانور ماڻهن سان وڙهندا آهن. جيڪڏهن ڪنهن کي وچٿو پوندو آهي. ته هو جانورن کان هٿيار ۽ رُڃ کان پاٽي ساڻ کڻندا آهن. مگر جڏهن ناري واهه تي نظر پوين ته پاٽي وارو ٿانءُ کٽي ڦٽو ڪن. چو ته پڪ ٿيندي اٿن ته ههڙو واهه ٿو وهي هاٽي اڄ ڪونه ستائيندي. مطلب ته هي طالب به جسم جو گهڙو کٽي هلي ٿو حق جي طرف.ان پاٽي دَم آهن. توڪل جو سندرو ٻڌي رُڃَ ڏي هلي ٿو. هتان آسمانن جو مفاصلو ڪيترو آهي ان جسم جي گهڙي سان توڪل ڪري وڃي ٿو پهچي. رستي وارا جانور نفس شيطان ۽ غير خيال اٿس. شهوت ۽ هوسون به اٿس ڪيترائي طالب ان رڃ ۾ مارجي ويا. ڪن وري سلامتيءَ سان ٿر جهاڳي وڃي گهڙو درياه اعظم تي پهچايو ۽ درياه ڏسڻ سان گهڙو کٽي ڀڳائون ۽ پاٽي پاٽيءَ سان گڏجي ويو.

### بيت

جيڪي پاڻ وڃي پاٽي ٿيا تن کي ڪونهي ڀوءَ ٻڏڻ جو.

عشق جي منزل هِن هُن جهان کان پري آهي .عام رسمي مسلمان عشق جي حالت کان انڌا آهن. عشق جي خبر ان کي پوندي جيڪو عرش کان اڳتي پري لنگهي ويو. عشق اهڙي حالت آهي رسول الله ﷺ به قرآن ۾ اهو نالو لڪائي ڇڏيو آهي. قرآن به رسول الله ﷺ جي بيخودي جي حالت ۾

جذب الاهي وجد جو شعر آهي. جيڪو وجد جي حالت ۾ چيائون ان کي ڪلام الله ٿو چئجي. در حقيقت اهو ڪلام ربي آهي نہ مخلوقي. قرآڻ ۾ سورت عسق آهي. رسول الله ﷺ حڪمت عملي ڪري لدني رمز سان لڪائي نالو ڪنيو آهي.

قرآن ڪريم جي پندرهين سيپاري ۾ آهي تہ حضرت موسيٰ عليہ السلام سان الله وٽ مان ڳالهايو هو. باقي جي انبيائن اوليائن سان ۽ عارفن سان سندن وجود مان ڳالهائيندو تہ الله کي ڪو ڏج يا گناهہ ٿيندو ڇا؟ عام مسلمان هن ڳالهہ کي نہ سمجهن ٿا ۽ نہ اعتبار ٿا ڪن. ڇو تہ انهن جي دل ڏامبر جهڙي ڪاري آهي. هر هڪ دل الله جي ذڪر ڪانسواءِ ڪاري آهي. جِنُ بہ زائفان مان ڳالهائي ٿو ان مان آدميت وصف گم ڪري پاڻ ٿو ڳالهائي. باقي الله کي طاقت ڪانهي جو ڪنهن عارف جي وجود مان ڳالهائي. موسيٰ عليہ السلام کي وٽ مان اني انا الله ٿي چيائين ان تي اعتبار اٿن. باقي ونحن اقرب ۽ اليه من حب الوريد" ۽ وهو معكم اين ما كنتم فاينما تولو فثم وجه الله وارو ڪنهن عارف جي وجود مان ڳالهائي ٿي اهي مسلمان لنيون ڪٽي ان سان وڙهن ٿا. مسلمان تہ شاهہ منصور شمس الحق تبريز ۽ شيخ عطار شاهہ عنايت شهيد شاهہ سرمد جهڙن عارفن سان بہ وڙهيا هئا. اهي عشق جي راز کان انڌا هئا. الله رڳو ٻڌو هئائون ڏٺو ڪين هئائون .

رسول الله جيڪو سالڪيءَ ۾ ڳالهايو ان کي حديث ٿو چئجي مگر وجد وقت ڪيل ڳالهہ کي قرآن سمجهون ٿا. مسلمانن جي جسماني زبان کليل آهي. مگر روحاني زبان بند ٿي اٿن ۽ ڪن بہ بند اٿن. سندن روحاني اکيون بہ بند اٿن . تڏهن تہ ديدار ڪونہ ٿو ٿئين. اهي ئي تہ صُمٌ بُكمٌ عُميءٌ فَهُم لَا يَرجِعُون آهن. جيئن گونگي جا ڄمڻ کان ڪن بند هوندا آهن ۽ مائٽن جي ٻولي ڪونہ ٻڌندو آهي ۽ ران ران ڪندو آهي. ڪنن سر لا مائٽن واري ٻولي ڳالهائيندا آهن. هنن عام جي زبان بند اٿن ۽ زباني دنيا جي بڪ

بڪ يعني ران ران پيا ڪن. مسلمان چون ٿا تہ روزازل واري ڏينهن ڪي رات ٿي آهي پر روزازل واري ڏينهن ڪي قيامت تائين رات نہ ٿيندي اچ بہ جيڪو وجي ٿو سو روبرو سجدو ٿو ڪري. اسان بہ چوڏهين صدي ۾ وياسين تہ ڪروڙين ۾ پدمين سجده ڪياسين ۽ طواف بہ اهڙو ڪيوسون جونہ ڪنهن آدمي يا جن يا ملائڪ کي مجال آهي. ان سج ڪي قيامت تائين غروب ڪونهي، اهو سج بہ طالبن ڪي سڏي ٿو تہ اچو پر جن جا ڪن ٻوڙا آهن سي ڪونہ ٿا ٻڌن جن اهي سڏا سي ڊوڙندا ٿا وڃن. وڃي ان سج ڪي ڪروڙين پدمين سجدا ۽ طواف ٿا ڪن. سڏ ٻڌڻ سان جسم جي قيد مان نڪري وڃي اِنَّآ اَعۡطَيۡنٰكَ الۡكَوۡثَرَ ؕ واري شراب مان طهورا پيئن. پيئڻ سان نڪري پون ۽ وڃي روزازل واري سج کي پهچن.

## بيت

نيست ذڪر فڪر جسم وجان نئي در آنجاهوش نئي هم اندران.

ذڪر فڪر ۾ جسم جان ناس ٿي وڃي ٿو. ان جاءِ ۾ نہ جسم نہ هوش نہ اسم ٿو رهي.

نئي درانجا عشق عاشق نئي معشوق ماند، نئي در آنجا خالق ومخلوق ماند

ان جاءِ تي عاشق معشوق ٿو رهي نڪي ان جاءِ تي خالق ۽ مخلوق ٿو رهي.

حيرت وعبرت بود در اين مقام، ڪفر ايمان رفت در توحيد جام

هن جاءِ تي حيرت عبرت جو مقام آهي. توحيد جي جام سان ڪفر ۽ ايمان ويو.

گمشده اين جسم وجان يڪبه رگي- ڪفر ودين بي چار ڪرد آوارگي

هڪ دفعي هي جسم ۽ جان گم ٿي ويا. ويچاري دين ۽ ڪفر پريشان ٿي ڀاڄ ڪئي،

هوش وعقل رفت ظاهر حيرت، طالب ومطلوب گم در عبرت

هوش ۽ عقل ويو ظاهر رڳو حيرت رهي. طالب ۽ مطلوب غيرت ۾ گم ٿي ويا.

ڪفر وايمان رفت آن جائي ڪه بود جسم رفته گشت گم خاڪي وجود.

ان جاءِ تي پهچڻ سان ڪفر ۽ ايمان هليا ويا.جسم بہ ويو تہ خاڪي وجود بہ گم ٿي ويو.

ازمسلماني شدم ازدين همين، رفته ام ازڪفر وايمان ڪيش اين

ان مسلماني ۽ دين کان وياسين دين ڪفر مذّهب ۽ ايمان کان وياسين

## سروز آواز ۽ راڳ جي حقيقت

جن مرشد هاديءَ جي هٿان اِنَّآ اَعۡطَيۡنٰكَ الۡكَوۡثَرَ. وارو شراب پيتو سي عارف ۽ يدخلون في دين الله ٿيا. پوءِ اهي عارف عرش عظيم کان به پر انهين ملڪ جا پيغام ٽا آڻين. جن ڪي ڪلام ٿو چئجي توحيد جا انهن. مان ڪي ڪلام حدن جا آهن ته ڪي بيحد ملڪ جا، حدون آهن، ملڪوت، جبروت ۽ لاهوت ملڪ مگر هن جهان ڪي ناسوت چئبو آهي. هن جهان جي درد ۽ فراق جي ڪلامن کي ويراڳ چئبو آهي. انهن ۾ فراق يعني جدائي جو جذبو سمايل هوندو آهي. طالب جيڪڏهن اهي ڪلام ٻڌندا ته سندن دل ۽ روح ڪي جذبو پيدا ٿيندو. ذڪر الاهيءَ جو ذوق وڌندن،جڻ سڪل پوک کي پاڻي اچي ويو. طالب جو روح پنهنجي اصلوڪي ملڪ وحدت واري ٻولي ٻڌندو جيئن مڇي پاڻيءَ کان ٻاهر تڙپندي آهي ائين تڙپندو.هن جو ذوق به تيز ٿيندو.سرور ٻڌڻ سان طالب جو روح معرفت جي ملڪ ڏي ايترو تکو عروج ڪندو جيترو ريل گاڏي تکي هلندي سروز ٻڌڻ ڪانسواءِ طالب پيادي وانگر آهي. سروز لاءِ رسول ڪرم ﷺ فرمايو آهي. اَلسَمَاعُ مِعرَاجُ الاولِيَاءُ. يعني راڳ ويراڳ اوليائن لاءِ معراج آهي. عام راڳ شوڌن وارو طالبن کي نه ٻڌڻ گهرجي. ڇو ته انهن ڪلامن ۾ عشق جي بوءَ ٿي ڪانهي فقيرن ڪي بي حاصل جا ڪلام ٻڌڻ نه گهرجن ۽ جائز نه آهن.

ڏسو ته خود رسول الله کي به سروز ٻڌڻ جو شوق هو ظاهر علم جا عالم ۽ فاضل جيڪي لدني علم کان غير واقف آهن. ان ڪري آواز ٻڌڻ کان نفرت ٿا ڪن. هڪ دفعي محبوب مصطفيٰ ﷺ جن کان پڇيائون ته زمين آسمان ۽ ڪائنات جي خلق کان اڳ ۾ الله جي رهت ڪٿي هئي؟

پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو ته هڪ ڪڪري هئي جنهن جي هيٺيان ۽ مٿان هو هواءِ هئي. ان ۾ رهندو هو. ڪڪري جو نالو بيو اهي مگر اٽواقفن کي لڪائي ٻڌايائين هنن جو ملڪ ڏنل نه هو تڏهن پڇيائون.

سندن هوش عقل ۽ فهم مطابق مثال ڏنائون هيءَ حديث ترمذيءَ شريف مان ورتل آهي. ترمذي جامع جلد دوم صفحہ 378 سوره هود.

جنهن اهو ملڪ ڏٺو هوندو تنهن کي خبر نفس پرست کي ان رازجي کهڙي خبر تہ فقير عارف آواز کي ڇو پسند ڪندا آهن. آواز ۽ سوز جي ڪلامن سان اها ڪڪري هت حاضر ناظر ٿيندي آهي. جنهن جي روبرو ڏسڻ سان فقيرن تي وجد حال پوندو آهي. ٻيا ورد وظيفا ڪثرتي آهن مگر عارفن جا ڪلام ان ڪڪريءَ لاءِ مقناطيس آهن. جو ڪشش سان هت اچي نڪري اسان جيڪر ان ڪڪريءَ جي حقيقت مڪمل پڌري ڪريون جو عام خاص ٻڌن. پر جڏهن حضرت رسول الله ﷺ بہ اها ڳالهہ لڪائي ڪئي آهي. ان ڪري مخفي ٿا رکون ڏوهہ گناهہ جي پرواهہ ڪانہ آهي. اسان ان حد کان ٻاهر آهيون مگر راز جي کولڻ سان هن جسماني وجود تي اها ڪڪري ڪانہ ڪاشامت نازل ڪري وجهندي.

شروعات ۾ مستي جي حال ۾ اسان راز ظاهر ڪيا هئا. ان ڪري اهنج قيد مشڪتون ۽ تعذير آيا هئا. جن کي فقير منهن ڏنو. فقير کي جسماني سانگونہ آهي. فقير جيستائين حدن ۾ هوندو تہ جسم تي ڦهاري هوندو جو چوندو پيو تہ اج ڀهي قتل ٿئي. جڏهن ان ڪڪري واري ملڪ ۾ وڃي رهيو تہ پوءِ بوتو پيارو لڳندس. ڇو تہ هن بوتي ۾ رهڻ سان اهڙا اسرار ڪليس تہ ان کي جو حاصل ڇو ڀاهين.

اسان چاليهن ورهين کان اها ڪڪري آئينہ وانگر ٿا ڏسون جيئن عام ماڻهو آسمان کي ٿا ڏسن تيئن اسان ان ڪڪريءَ کي ظاهر ٿا ڏسون. هيئر ڳالهہ ڪندي بہ ڏسون ٿا. جيستائين جسم ۾ رهنداسون تيستائين ڏسندا رهنداسون. جسم مان نڪتي کان پوءِ هي ظاهر باطن ۾ گم ٿي ويندو.

حدن ۾ رهندي آواز ۽ سروز مهل ڪڪري حاضر ناظر ٿئي ٿي ۽ روح فقير جي بدن مان نڪري ڪڪريءَ ۾ ملي وڃي ٿو ۽ وجد پيدا ٿو ٿئي. جسم ڪڪريءَ جو تاب نٿو جهلي سگهي. هي اهڙو نازڪ حال جو آواز ۽

سروز مهل ڪو وار جيترو بہ حسين خيال دل ۾ اچي تہ ان ڪڪريءَ کي چڻ جبل آڏو اچي ٿو وڃي. يا ڪو دنيا ناسوت جو ڪلام چوي تہ مڻ نشن جا بہ لهي وڃن ٿا ۽ ڪڪري آڏ ٿي وڃي.

جسم نہ رڳو عارفن کي پيارو آهي مگر انبيائن کي بہ پيارو هو. چو تہ جنهن بنگلي ۾ شاهہ اعظم ويهندو تہ اهو بنگلو ڪيئن نہ پيارو لڳندو. جيئن ميرن بنگلو ٺهرايو هو. ان کي لکي بنگلو چئبو آهي. ان ۾ بادشاهہ صرف ملاقات لاءِ اچي ويهندو هو تہ انجي ڪيتري نہ عزت ۽ مان آهي. ڪيترائي بهاريدار اٿس. باغ باغيچا اٿس.

رسول الله ﷺ پنهنجو گهر تڙ ڇڏي پنهنجي جسماني وجود کي دشمن کان بچائڻ لاءِ غار ۾ اچي لڪو هو. اسان جي مربيءَ کي بہ بنگلو پيارو هو. تہ پوءِ طالبن کي پيارو نہ ٿيندو ڇا. پاڻ ڪريمن صلح حديبيہ بہ لشڪر جي ٿورائي جي ڪري ڪيو هو. احد جي جنگ ۾جڏهن زخمي ٿي ڪري پيا هئا تہ ان مهل موليٰ علي سائين کي سڏيو ڇيو هئائون تہ ياعلي منهنجي سنڀال ڪر. چوڻ جسماني بنگلي کي بچائڻ لاءِ هو.

هن ڪتاب کي اُهي ماڻهو پڙهندا ۽ پسند ڪندا جن کي راز جي خبر هوندي جن شرابا طهورا پيتو هوندو. ۽ ذڪر وارا هوندا. عام مسلمان لاءِ هن ڪتاب ائين آهي جيئن انڌي لا ۽ آئينو. آئينہ مان انڌي کي ڪهڙو لطف ايندو.

حاڪم نالي ڪنهن شخص جي روايت آهي. تہ جڏهن حضرت رسول الله ﷺ مڪہ کان مديني هجرت ڪري آيا سندن استقبال لاءِ ڇوڪريون دف وڄيائينديون راڳ ڪنديون سندن اڳيان آيون ۽ عربيءَ ۾ هيءَ شعر ٿي چيائون تہ

نَحنُ جَوارُ مِن نَبي نَحاَرَ يامُحَمدُ جُنُدُ مُحمد مَنَ جَار

طلع البدر علينا من الثنيات الوداع

وجب شكر علينا مادعا الله داع

ان راڳ تي رسول الله راضي ٿيو. ڪين چوڻ لڳو. اَللهُ يحببڪن يعني الله توهان سان محبت ڪري ٿو. اگر رنج ٿئي ها ۽ ڪيس راڳ نہ وڻي ها تہ ضرور ڪين منع ڪري ها.

(حاشيہ بخاري مترجم ڪتاب المناقب
پ 15 صفحو 77 احمدي پريس لاهور مواهب الدينہ)

رسول جڏهن معراج وقت ان ڪڪري تائين پهتو تہ اهو ملڪ رڳو آوازن ۽ سروزن جو آهي. هي هتان وارا آواز ۽ سروز اتان جو نقل آهن ۽ اهي اصل آهن. جيڪو ان ڪڪريءَ واري ملڪ ۾ ويندو تہ ان جو قوت بہ سروز هوندو ۽ ان جو لاڙو بہ آواز ۽ سروز ڏي ٿيندو. جيڪڏهن هڪ پاسي واعظ هجي ۽ ٻئي پاسي آواز ۽ سروز هجي تہ ننڍا ٻار واعظ جي بجاءِ سروز ڏي وڃي پهچندا. ڇو تہ هن جي ارواحن تازا آواز ۽ سوز ان ملڪ مان ٻڌا هئا. ان ڪري ننڍي ٻار کي گهڻي ڪشش ٿيندي آهي. باطن واري ملڪ جي. ان ڪري ننڍا ٻار راڳ جي مٿان پرواني وانگر ڪرندا آهن. آواز ۾ وڏيڪ ڪشش ان ڪري جو روحن جو اصل ٽڪاڻُ ٿئين جهان ۾ هو. پوءِ آهستي آهستي لاهوت ۾ آيا ۽ پوءِ جبروت ۾ ۽ پوءِ ملڪوت ۾ روحن جو درياهہ اچي ٿو. ٿيون جهان سروزن جو ملڪ آهي. تڏهن سروز ۽ آواز سڀ ڪنهن کي وڻي ٿو. جنهن کي سروز ۽ آواز نہ وڻي تہ پڪ سمجهيو تہ ان جو روح جهنمي آهي. روح ٻن قسمن جا آهن. هڪ ناري روح ٻيو نوري روح. جهنم ۾ سروز آهيئي ڪونہ. آدم جو روح بہ بوتي ۾ نہ پيي گهريو .پوءِ ملائڪن حڪم الاهي سان سروز ٻيهي وڄايو جنهن تي روح کي محويت جو نشو ٿي پيو. نشي جي حالت ۾ بوتي ۾ گهري وينو. بوتي ۾ وحدت جي مئي وڏائون. تڏهن روح تي وحدت جو نشو چڙهيو. هاڻي بہ جيڪو باخبر هوندو سو وصيت ڪندو تہ سندس ختمي ۾ ڏڪڙ ڏما ڏمر ڇير جا مان ناچو ۽ شرنايون دهل ۽ بين باجا لاش جي پويان وڄائيندا اچن ۽ ان کي توحيد جي ڪلامن جو ختمون ڏين. گلاب جي پاڻيءِ بدران شراب جون بوتلون ڇڻڪائيندا اچنس شراب گهڻو هجي تہ تڙ بہ ان سان ڪرائنس قبر جو

ليپو به شراب جي پاڻيءَ سان تيار ڪن. ڪتولو به ڏاک جي ڪاٺين مان ٺهيل هجي. پوءِ ان جو درجو ۽ شان نهايت وڏو آهي پوءِ ان کي منڪر نڪير جي ڪاڻ نه رهندي جيڪڏهن ان وٽ منڪر نڪير ايندا ته به دسرائيندس ۽ دڙڪا دهمان ڪندن.

اهڙو وحدتي شراب جو شوقين ته عزرائيل جي به ڪاڻ نه ڪيندو. جيڪڏهن ساهه وٺڻ ايندس ته به ساهه ڏيڻ کان ڪتو جواب ڏيندس ۽ چوندس ته مون ساهه توکان ته ڪونه ورتو آهي. ورتو به پنهنجي محبوب کان هيم ته ڏيندس به ان کي.

هي آدمي الله سان آڏيارو آهي. سچو پاسو نفس جو اٿس ۽ ڪبو پاسو دل وارو الله جو آهي. جيڪڏهن نفس واري پاسي زور ورتس ته الله واري پاسي کي ناس ڪري ڇڏيندو. سچو نفس ٿي پوندو. جيڪڏهن الله واري پاسي زور ورتس ته الله ٿي پوندو. نفس وارو پاسو به فرمان ۾ ٿي پوندس. جڏهن سچو الله ٿي پيو ته عزرائيل ميڪائيل ۽ جبرائيل منڪر نڪير سڀ هن جا زيردست ٿي پوندا. حديث مَن ڪَانَ اللهُ ڪَانَ اللهُ له يعني جيڪو الله جو ٿيو ته الله به ان جو ٿيندو.

سروز رسول الله ﷺ جن کي وڻندا هئا، ته پاڻ ڪڏهن به سروزن کان منع نه ڪئي هئائون جنهن تي اوهان مسلمان ڪلمون ٽا پڙهو اهو خود محبت سان ٻڌندو هو. جيڪو ٻڌائيندو هيس. تنهن کي دعا ڪندا هئا.

حديث: عن عائشيته نبت ابي بکر دخل النبي ﷺ عَلَهِما يَومَ الفِطرُ وَاَلا ضُحيٰ وَعِندَنَا قَلِيسَانِ بِمَا نَفَارَدَفَتُ اِلاَنصَارِ يَومُ البقاتُ.فَقَال ابو بکر مَن مَار الشيطانِ مرتين فقال النَبِيُ صَلعَمُ دَعهُمَا يَا اَبَا بَڪرُاِنَ لِڪُلِ قَومِ عِيدَ وَعِيدنا هَذَاليَومِ

يعني بيبي عائشه کان روايت آهي ته عيد جي موقعي تي پوءِ عيد الفطر هئي يا عيد الاضحيٰ هئي، انصارن جون به ڇوڪريون آيون رسول الله ﷺ وٽ جن دفن تي راڳ پي ڪيو خليفي ابوبڪر به دفعا چيو ته هي ڳائڻ ۽ وڄائڻ شيطاني ڪم آهي. تنهن تي سردار ڪريم چيس ته ڇڏين ڀلي ڳائين ۽ وڄائين ڇاڪاڻ ته سڀ ڪنهن قوم جي خوشيءَ جو ڪو ڏينهن ٿيندو

آهي. اسان جي خوشي اڄ آهي. ڪتاب المناقب پارو پندرهون صفحو 80 احمدي پريس لاهور.

ٻئي دفعي منا جي مقام تي 10 _11_12 ذوالحج جي موقعي تي ڇوڪرن پي ڳايو اتي بہ رسول الله ﷺ کين منع ڪان ڪئي

قالت عائيشيت رضه رايتُ النبيُ ﷺ يستر لي وَآنَا اُنظر الي الحبشيت وهم يلعبون في المسجد. فزجرهم ابابكر فقال النبي ﷺ امنا بني ارفد

ترجمو: بيبي عائشہ رضہ چيو تہ مان ڏٺو تہ ڪنهن رسول الله وٽ مسجد ۾ راڳ پي ڪيو. مان سندن پويان بيٺي هيس تہ خليفي ابوبڪررضہ انهن کي جهڙڪيو تہ مسجد ۾ راڳ ڇاجو آهي. جنهن تي رسول الله فرمايو. اي بني ارفد ه بي فڪر ۽ بي خوف تي ڳايو.

هي آواز ۽ سروز انبيائن ۽ اوليائن جو قوت آهن. جن معراج ڪيو ۽ بقا با الله جو درجو حاصل ڪيو. آواز کان نفرت وارن جو قوت ٻوڙ ۽ ماني آهي. خاصن جي عزت سروز ۾ آهي. جيڪا عامن لاءِ ذلت آهي.ان کان سواءِ مثنوي مولانا جلال الدين روميءَ جو ڪلام جيڪو سندس چوڻ موجب فارسيءَ ۾ قرآن آهي.

**بيت**

مثنوي ومولوي ومعنوي،

هست قرآن درزبان پهلوي.

سو سڄو ئي آيتن ۽ حديثن سان پريو پيو آهي. هر فرقي وارا ان کي چڱي طرح مڃين ٿا. انگريزن وٽ بہ ان جو ترجمون موجود آهن. مسلمانن مان صرف مذهبي شيعن کان سواءِ ٻيا سيئي مذهب ان ڪتاب کي معتبر ڪتاب سمجهن ٿا. جن کي حضرت رسول الله ﷺ پنجن پاڪن جو حضور حاصل آهي. اهي شيعا باطني اکين وارا آهن. اهي رومي صاحب جي قول ۽ فعل کي قبول ڪندا. مگر جيڪي علم اليقين ڪنين ٻڌل ڳالهين تي شيعا آهن. اهي هن ڪتاب کان منڪر آهن ٻيا سڀ ڪڇرين ۾ رومي صاحب جا بيت مثالن طور ڪتب آڻيندا آهن. مگر ظاهربين نہ

رڳو مولانا روميءَ جا پر هر هڪ صوفي عارف کان منڪر آهن. سنڌ ۾ شاهه جو رسالو به روميءَ جي مثنوي جي طرز تي ٺهيل آهي. ڏسو ته رومي صاحب جي سروز ڏي ڪيڏي نه رغبت آهي.

رومي صاحب ڪونيا شهر، جيڪو روم ۾ انگليڊ جي دنگ تي آهي اتان دجو ويٺل هو. فقير جو روضو به اتي آهي. رومي صاحب جي فيض مان ڪيترين ئي درگاهون فيضياب ٿيون آهن. جن جو اندازو ڪرڻ مشڪل آهي. سندس شعر جو آغاز ئي نڙ سروز سان ٿئي ٿو.

## بيت مثنوي

بيشنواز نئي چون حڪايت ميڪند واز جدائيها شڪايت ميڪند

ڪه ازينستان مرابه بريده اندر، از نفيرم مرد زن ناليده اند

نڙ کان ٻڌ ته ڪهڙي ڳالهه ٿو ڪري. جدائي جون شڪايتون ٿو ڪري. جڏهن کان مون کي ٻوڙي مان وڍيو اٿن ان ڏانهن کان منهنجي دانهن تي مرد ۽ زالون روئيندا ٿا رهن.

اهڙي طرح ڪتاب جي شروعات ئي نڙ جي آواز سان ڪئي اٿس چو ته هو باطن بين عارف هوهن سروز جو مالڪ ڏٺو هو. اهو جلال الدين رومي صاحب ٿنهي جهانن جو رهاڪو هو. سارو جهان هن جهان جو رهاڪو آهي. ٻن جهانن جا رهاڪو به ڪي ڪي آهن ٽئين جهان جي حقيقت حضرت شمس الحق تبريز پنهنجي ڪتاب مرغوب القلوب ۾ هن طرح ڪئي آهي.

مقام قرب و منزل بي نيشان است،

بجز کون مکان ديگر جهان است

قرب جو مڪان ۽ منزل بي نيشان آهي. هن هُن جهان کان سواءِ ٻيو جهان به آهي.

مولانا روميءَ جي دربار تي هر جمع جي رات سَوَن جي تعداد ۾ نڙن جو سروز ٿيندو آهي. ٻارهين مهيني تہ سندس دربار تي هزارين نڙن وارا گڏ ٿيندا آهن. مولانا روميءَ جي روح کي رڳو نڙ جي آواز جو ختمون ملندو آهي. هڪ ڏينهن مولانا. سوناري جي دوڪان تي اچي بيٺو سونارو پنهنجي وڏاڻ سنداڻ تي اهڙي سريلي نموني پيو هٽي جوان آواز ٻڌڻ سان مولانا صاحب ڪري پيو وجد .حال ۾ بل کائڻ لڳو ۽ هي بيت چيائين.

يــڪ ڪــنــج پــديــد آمــد درايــن دوڪان زد ڪــوبي،

زه صــورت زه معنيٰ زه خوبي زه چــوبي.

سوناري جي دوڪان مان اهڙو تہ آواز پيدا ٿيو جو واه جوان جي صورت ۽ معني ۽ سونهن ۽ ڏڪ جا آواز آهن

رومي صاحب ان وجد حال ۾ پيو هو تہ صلاح الدين سندس پير پنهنجي اکين تي پئي گهمائندو رهيو ۽ سيني سان پيو لڳائي. جڏهن رومي صاحب وجد حال کان فارغ ٿي اٿيو. تہ صلاح الدين بہ اٿي تاڙي وڄائي ٻاهر نڪري ماڻهن کي ٻچ ڪري دوڪان پنهنجي جي لُٽ ڪرايائين ۽ رومي صاحب جي پوئيان لڳي پيو. ۽ سندس طالب ٿيو. مولانا صاحب پنهنجي مثنوي ۾ صلاح الدين جي تعريف بہ ڪئي آهي. اهو پاڻ جهڙو ڪامل درويش ٿي پيس.

هڪ دفعي مولانا جلال الدين روميءَ صاحب وٽ هڪ مڱڻهار آيو جنهن اچي وٽس سروز وڄايو. آواز تي رومي صاحب مست ٿي نچڻ ٻاهران ڦرڻ ۽ وري پهرياڻ بہ لاهي ڪٽي اڳيان اڇليائينس. ۽ لڳو سلوار بہ اڇلڻ تي هو تہ ماڻهو ڪيس هٿ وجهي پري ڪٽي ويا. ۽ مڱڻهار کي سروز کان بند ڪيائون هي آهي سزرو جو حال جو اهڙي عارف کي بہ بيهوش ڪري وڌائين.

عام طرح سان ڏسو تہ هر هڪ عاشق عارف جي ميلن تي سروز ٿا وڃن ۽ توحيد جا ڪلام ٿا چئجن عارفن جا سخن بہ سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ عرش جا پيغام آهن ۽ انهن کي خدائي ڪلام چوندا آهن.

## بيت

پس غذائي عاشقان آمد سماع، که دراو باشد خيال اجتماع
عاشقن جي غذا لاءِ ويراڳ آيو جوان ۾ خيال کي سڪون ۽ ٽڪاءُ ملي ٿو.
نالئہ سرناءِ وتعديد دهل.
شرناءِ ۽ دهل جي آواز کي
بانگ گردد شهنائي گردد خلق، مي سرا اينرش بطنبور وبه خلق
شرناءِ جي آواز تي خلق ڦري ٿي. ان کي طنبور ۽ نڙيءَ جي آواز سان ڳائن ٿا.
ماهمه اجراءِ آدم بوده ايم ، در بهشت آن لحنهابه شنيذه ايم
اسان سڀ آدم جي اولاد آهيون. بهشت ۾ اهي آواز ٻڌا هئاسون
قوتي گيرند خيالات صغير بلکه صورت گردد از بانگ صغير
دل جا ننڍا خيال طاقت وٺن ٿا. پر پڪين جي آواز مان بہ صورت ظاهر ٿئي ٿي.
آتش عشق از نواها گشت تيز، آن چنان که آتش آن جوز ريز،
عشق جي باهہ آوازن سان تيز ٿئي ٿي اها باهہ اهڙي آهي جڻ اکروٽ هاري ٿي.
آنکه عالم مست کردي آمدي کلميني ياحميرا ميزدي.
ان کي مستيءَ جي عالم ۾ مون پليڪار ڪئي. مون سان ڳالهاءِ اي محبوب آواز کي وري هڻ.
مصطفيٰ آمد که ساز دهم دم . کليميني يا حمير کليميني
مصطفيٰ آيو ۽ سازسان گڏ ٿيو. مون سان ڳالهاءِ اي محبوب مون سان ڳالهاءِ
اي بلال افراز بانگ سلسلت زآن دم که اندر دم دم دردلت،
تنهنجو آواز جو سلسلو بلال کي بہ وڏائي ٿو. ان وقت جڏهن تنهنجي دل ۾ مون دم ڦوڪيو هو.

زان دم که آدم ازاو مدهوش شد، هوش اهل آسمان بیهوش شد.
ان ڦوڪ سان جنهن سان آدم بيهوش ٿيو هو. آسمان وارن جو هوش بہ هليو ويو هو.
مصطفيٰ بي خوش زآن خوب صوت ، شد نازش از شب تعریس فوت
مصطفيٰ بہ ان آواز سان بيخود ٿي ويو هو.ان جي رات واري نماز بہ گذري ويئي هئي
سر ازان خواب مبارک بر نه داشت تا نماز صبح دم آمد به چاشت.
ان بيخودي مبارڪ مان سجاڳ نہ ٿيا.تان جو صبح جي نيرن جو وقت ٿي ويو.
در شب پیش آن عروس، یافت جان پاک ایشان دست پوس
بيخودي واري رات محبوب جي روبرو ڏسڻ سان محبوب جي دست بوسي ڪيائون.

## ساري سنگھار جي ڳالھ

ساري سنگھار نالي هڪ مالدار شخص ٺٽي مستي جي اتر ۾ ڍوري جي ڪپ تي ڍگهي تلي نالي پٽڙ تي ويٺل هو. تڏهن درياھ اتان وهندو هو. ڪنهن ماڻهوءَ کيس ٻڌايو تہ هڪ ڏاچي درياه مان اچي ڪپ تان وڻ چري وري درياھ ۾ موٽي ٿي وڃي. سندس اچڻ وڃڻ جو گهير ٺهيل آهي. ساري سنگھار ميربحرن کي چيو تہ ڪنهن طرح اها ساموندڙ ڏاچي مون کي ڦاسائي ڏيو. قدرت الاهي اها ڏاچي ڪا ڍڪي هئي ۽ درياھ جي ڪپ تي ويامي پيئي. ميربحر ڏاڍي ڪوشش سان ان جو ٻچو ڦاسائي ورتو ۽ ڏاچي ڀڄي ويئي. ميربحرن اها ننڍي گوري وٺس ڪاهي. آيا هن وٽ اڳ ۾ ڏاچين جو وڳ هو. ميربحرن کي ان گوريءَ عيوض انعام ڏيئي راضي ڪري ڇڏيائين ۽ گوري جي شوق سان پالنا ڪيائين. جڏهن اها گوري چئن سالن جي ٿي تہ سوَن ڪوهن تان چري وري شام جو وٿاڻ تي موٽي ايندي هئي. ان ڏاچيءَ جي اچي هاڪ ٿي ۽ ٻين جتن کي ساڙ ٿيو. آخر ان ڏاچيءَ کي چور چورائي ٿرپارڪر جي ڇيڙي ۾ هڪ گهاٽي واري کي ڏيئي آيا.

چاڪي يعني. گهاٽي وارو سامونڊ ڏاچيءَ کي گهاٽي ۾ وهائي رات جو ڪوٽ ۾ واڙي نير هٽي ڇڏيندو هوس. آخر اتي وڏي وبائي پندرهن ڏاچون ٿيون هوڏانهن سارو سنگهار ڏاچيءَ جي سڪ ۾ روئي روئي انڌو ٿي پيو. ايندڙ ويندڙ ماڻهن کي پيو وئوڙون ڏيندو هو.

آخر هڪ مرليءَ واري جوڳيءَ کي پار پتا ڏيئي چيائين تہ تون ملڪ ٿو گهمين ڪٿي ڏاچي اهڙن پارن سان ڏسين تہ مونکي ٻڌائجان جوڳيءَ گهمندي ڦرندي نيٺ وڃي اها ڏاچي ڏٺي ۽ موٽي اچي ساري سنگهارکي ڳالهہ ڪيائين تہ تو واري ڏاچي فلاڻي هنڌ گهاٽي ۾ ٿي وهي سارو سنگهار ڏاچيءَ کي ويسران سڏيندو هو. جوڳيءَ کي سئو روپيہ ڏيئي ڏاچيءَ ڏي پيغام ڏيئي چيائين تہ تون مرليءَ ۾ آواز سان هي نياپو ڏاچيءَ کي وڃي ڏي تہ ڏاچيءَ پاڻهيئي هت پهچندي.

پيغام هي هو تہ.

"چر ڏکهي پيءُ تلي، راڻي پهرين جهوڪ،
ول چرندي وسران رتي والي ڪوٽ"

جوڳيءَ پهچڻ شرط مرليءَ جي آواز ۾ ڏاچيءَ کي گهاٽي ۾ وهندي ٻڌايو. ڏاچيءَ ٻيهي اهو بيغام ٻڌو. گهاٽي واري جوڳيءَ کي چيو تہ تون ڪو جادوگر آهين ڇا جو منهنجي ڏاچي ساري عمر ۾ ٻيٺي نہ آهي ائين چئي چاڪيءَ ڏاچيء کي لڪڻ هٽي هڪليو تہ ڏاچي ٻہ ٽي وکان هلي منڊي ٿي پيئي ۽ جنگهہ مٿي ڪٽي ٻيهي رهي. ڏاچي مڪر ڪيو. ان ڪري چاڪيءَ ڏاچي ڇوڙي وڃي ڪوٽ ۾ ٻڌي ۽ منڊائپ جي ڪري نيئر نہ هنيائينس

اهو وجهہ وٺي ڏاچي رات جو پڪڙ ڇنائي ڪوٽ ٽپي ٻيون پنهنجون نسل واريون ڏاچيون ساڻ ڪري اچي ساري سنگهار وٽ پهتي ساري سنگهار کي ننهن ٻڌايو تہ چاچا اسان واري ڏاچي ويسران آڳر تي ويٺي آهي ۽ ٻيون ٻہ پندرهن ڏاچون ساڻ اٿس. سارو سنگهار ننهن کي چيو تہ ويسران ڏاچيءَ جو اوڳر منهنجي اکين کي هڻو تہ آءُ سڄو ٿي پوندس.

ٺُنهٽس ائين ڪيو تہ هوا ڪين ڪان ڏسڻ لڳو. ڀاتي اُٺَ ماڙجا ان ويسران جو نسل آهن. جيڪي ڏينهن ۾ سوين ڪوهہ پنڌ ڪري سگهندا آهن. حيدرآباد واري ڦليلي بہ اها ڀاتڻ ڏاچي ٽپي هئي جيڪا پڻ ان نسل مان هئي.

مطلب تہ هي انسان بہ ان ويسران ڏاچيءَ وانگر ان وڏي سمنڊ ۾ درياهہ اعظم جا آهن. جيڪي پنهنجي مالڪ ذات ذوالجلال کي وساري ويٺا آهن. هنن کي حرص جي چورن چورائي نفس چاڪيءَ جي حوالي ڪيو آهي. جيڪي ڪاروبار جي گهاٽي ۾ ٿا وهن. وجود جي ڪوٺ ۾ شهوت جا نيئر لڳل اٿن. جوڳيءَ مرشد جي مرليءَ سان پيغام ٻڌي بہ وساري ڇڏيو اٿن.

انصاف تہ ان جانور ڏاچيءَ جو آهي جيڪا پيغام ٻڌڻ ڪانپوءِ رات جو سَوَ ڪوهہ پنڌ ڪري پيتيون پيچي اچي تنبي مستيءَ ۾ پنهنجي مالڪ سان ملي. تنبو مستي منصور جو ملڪ آهي. فنا في الله جو شهر ۽ عرش اعظم جو ملڪ ۽ ماڳ آهي. آدمي پنهنجي اصلوڪي ماڳ ۽ وطن کي پيغامن ٻڌڻ ڪانپوءِ بہ وساريون ويٺا آهن.

## بيت

آنچه من کردیم باخود هیچ نبینانه کرد درمیان خانه گم کردیم صاحب خانه را.

اهو جيڪي اسان پاڻ سان ڪيو آهي سو انڌي ڪان بہ نہ ٿئي پنهنجي گهر جي مالڪ کي گم ڪيون ويٺا آهيون.

اي به ویرانه شدي مغرور مست، وطن را نسیان کردي ریش سست

اڙي پيينگ ۾ مست ۽ مغرور ٿيو ويٺو آهين. وطن وساريون سست ٿيو ويٺو آهين.

اصل وطن خود فراموش کردئي، عمر هادر خواب وغفلت بُردهِ،

پنهنجي اصلي وطن کي وساري ڇڏيو اٿيئي سڄي عمر غفلت جي ننڊ ۾ وڃائي ڇڏيئہ

نغمئه سرناءِ پیغام خدا، که از شنیدن جسم وجان گردد فدا

شرناءِ جون نعمتون خدا جو پيغام آهي. ان جي ٻڌڻ سان جان جسم فدا ٿيو پوي.

توز مطلوب الاهيءَ بردهءِ جام توحيد وطهورا خوردهءِ

تون محبوب الاهيءِ هٿان توحيد جو پاڪ شراب پيتو آهي.

نغمئه انفاس مرشد گوش گير، تانه گردي اندرين دنيا اسير.

مرشد جي دم واري نغمه ڏانهن ڌيان ڏي ته جيئن هن دنيا ۾ گرفتار نه ٿئين.

نغمه سرناءِ مرشد معنوي، سخت محکم گير تانه شوي غوي

مرشد جي معنيٰ واري شرناءِ کي مضبوطيءِ سان پڪڙ گمراهه نه ٿيندين،

هم ازين سر ناءِ در معنيٰ رسي، اندر آن بيچون گردون در روي،

ان شرناءِ سان معنيٰ جي ملڪ ۾ پهچندين اصل ان بيچون ۾ اندر وڃي پهچندين.

## حڪايت : ڳالهه

ميرن جي وقت ۾ ٻٽئي جورواج هو.ان پرڻ لاءِ ڏڙوائي مقرر هوندا هئا. ڪنهن جاءِ تي ان ڏوڙائيءَ ان پي پريوءِ ڏڙا واڪن تي پيا. ڳڻن. ڏڙن لکڻ تي منشي وينو هو. ڏوڙائن سرائڪيءَ ۾ واڪ پي ڏنا ته پنڌرهي، سورهين، سترهين، ان ٻڌڻ سان مُنشيءَ ڪپڙا ڪٽي ڦاڙيا. مست ٿي جهنگ هليو ويو.

منشيءَ محسوس ڪيو ته جيڪو الله جي پنڌ ۾ هلندو سوئي الله کي لهندو پر سَتُ يعني توڪل به رکي جيئن هن منشيءَ سمجهيو ائين اڄ ڪالهه جا ملان قاضي يا عوام ماڻهو الله کي ڪونه ٿا سمجهن. جن کي الله جي گهرج اهي تن کي الله سڏي ٿو. هڪ ٻن لفظن يا حرفن وسيلي پاڻ ڏي گهرائي ٿو وٺي. مگر جن کي نٿو گهرائي تن کي مخلوق جي درن تي ٿورلائي ظاهر جا عالم فاضل هن توحيد جي ڳالهه کان انڌا آهن اهي رڳو نفس ۾ غرق آهن ۽ دنيا جي جهان کي پنهنجو ڪيون وينا آهن. هر وقت گمراهي ۽ بد ڪم ڪن ٿا. جن الله کي اقرب ويجهو ڄاتو تن سڃاتو الله به تنکي سڃاتو گمراهن جي دل بيمار آهي. وَ اَمَّا الَّذِيۡنَ فِىۡ قُلُوۡبِهِمۡ مَّرَضٌ فَزَادَتۡهُمۡ رِجۡسًا

اِلٰى رِجۡسِهِمۡ وَمَاتُوۡا وَهُمۡ كٰفِرُوۡنَ(١٢٥) قرآن. يعني جن جي دلين ۾ بيماري آهي الله انهيءَ تي پليدي کان پليدي وڌائيندو آهي. اهي دليون ڪٿيل ۽ بيمار آهن الله نہ ڏسنديون.

مثال: مورھہ نئہ قلات کان جبلن جي پر ڏيندي سيوهڻ کان سنڌو درياھہ ۾ پوي ٿي. ان نئہ جي پرسان هڪ بروهي ريڍار رهندو هو هڪ ڏينهن شينهن جو ٻچو ان نئہ ۾ لڙهندو اچي ان ريڍار جي پرسان لنگهيو. بروهيءَ ان کي پڪڙي کڻي ڏاريو رڍن جي واڙ ۾ سنگهر سان ٻڌائينس. پاليندي وڏو ڪيائينس هورڍن سان هري مري ويو. ڏينهن جو رڍن سان گهمي شام جو وٿاڻ تي موٽي ايندو هو. رڍن سان شينهن جي هوندي ڪوبہ گدڙيا بگهڙ ڪونہ ايندو هو. بروهي کي بہ پڪ هوندي هئي تنهن ڪري رڍن سان گڏ بہ ڪونہ ويندو هو.

هڪ دفعي جبل مان هڪ شينهن اچي بروهيءَ واري شينهن سان گڏيو چيائينس تہ تون ڪيئن رڍن سان گڏ ٿو گهمين. مون وانگر شينهن آهين. چو شڪار سان گڏيو ٿو وتين. بروهي واري شينهن چيس تہ مان رڍ آهيان شينهن ڪتي آهيان. پوءِ جابلو شينهن پيچ مان نڪاءُ ڪڍي ڏيکاريس. اهو ڏسي بروهي واري شينهن بہ پنهنجي پيچ مان نڪاءُ ڪڍيو جابلو شينهن جهٽ ڏيئي هڪ رڍ ماري وڌي. اهو ڏسي بروهي واري شينهن بہ ائين ڪيو. ائين ٻنهي گوشت ۽ رت کاڌو آخر سارو ڌڻ ماري ٻيئي جبل ڏانهن هليا ويا.

هي آدمي بہ عرش اعظيم واري وڏي شينهن جو ٻچو آهي جيڪو ڪثرت جي نئہ ۾ لڙهي هت آيو. آهي بروهي ريڍار هي نفس اٿس. وَنفخَتُ فِيِہِ مِن رُوحِي. جي آيت موجب هي معرفت جي ذاتي شينهن جو ٻچو آهي جابلو شينهن مرشد اٿس. رڍون نفساني خيال اٿس. جن جو ڌنار آهن ناسوت ۾ نفس اٿس. هن کي چاريندي ورهيہ گذري ويا آهن بيخبريءَ ۾ڪراڙو ٿي ويو آهي. جو پاڻ کي بہ رڍ ٿي سمجهي. جڏهن مرشد اچي هدايت ڪيس ۽ آسمانن جي عروج ۽ نزول جا ٽپا سيکاريائينس. خيالات

جا ڏڻ اسم اعظم جي ڏڪن سان ماري ختم ڪيائينس. معراج مهل مرشد گڏجي وڏي جبل يعني عرش اعظيم ڏي وٺي ويس. جوئي هيو سوئي ٿيو. ساڳيو شير خدا ٿيو.

### بيت

غره کن تو شير واري شير حق، تا رسد آن غره بر هفتم طبق

اي حق جا شينهن تون شيهن وانگر گوڙ ڪر جيئن تنهنجي اها گوڙ ستين آسمان تي پهچي.

ميش مرهوم وجودت کن فنا. تا رهي زاين جسم فاني در بقا،

پنهنجي وجود جي وهم واريون رڍون فنا ڪر ته جيئن هن فاني جسم مان نڪري بقا جي ملڪ ۾ رهين.

پنجئه شير خدائي آرزود تا که اندر عشق گم گرد دو جود،

خدائي شينهن جو چنبو جلدي مٿي ڪر ته جئين تنهنجو وجود عشق ۾ گم ٿئي.

چيست پنجه اسم اعظم ذکردان، قوت شير الاهي بيکران،

چئبو ڇا آهي. اسم اعظم جو ذڪر سمجهه ان لاهي شينهن جي طاقت بي انداز آهي.

طالب ومطلوب کوه آسمان برورند پاءِ کوبان جان فشان

طالب ۽ مطلوب آسمان واري جبل تي نچندا جان قربان ڪندا ويندا.

غرق گشتند هردو اندر نور هو، ڪل شيءِ هالک الا وجهه

ٻيئي هو واري نور ۾ غرق ٿيندا. ان جي ذات کانسواءِ هر شيءِ فنا ٿي ويندي.

## گداگر ملنگ جي ڳالهه

هڪ شهر ۾ هڪ گداگر دودو شينهن جي کل ڪلهي تي کڻي گدا لاءِ شهر ۾ آيو. هن کي ڏسي ويڙها ڪتا ڏپ سنگهي گهر ڇڏي ڀڄي پيا وڃن. مال جانور وڙا ڀڄي نڪري پيا وڃن جيڪي ڏٻرا اُٺ اٿي به نه سگهندا هئا سي به گوڏڙيا پيا ڀڄن. هي ته ظاهري ۽ جهنگلي شينهن جي پراڻي کل هئي.

ذات جو الجلال جنهن سيني ۾ سمايو تہ اتي غير خيالات هنن جانورن وانگر هل جو شهر ڇڏي ڀڄي ويندا. جنهن طالب جي سيني ۾ اسم اعظم جي ذڪر جاءِ ڪئي تہ ان وٽان بہ غير وهم ڀڄي ويندا.رڳو ابدي شينهن وجي رهندو.

**بيت**

جس بيلي وچ شينهن پيا. اٿان ڪل جناور ڀڄ گيا،
سڻ سيتي گجگوڙ تنهن دي. هر هڪ وڃ بي وطن ٿيا.

اڄ رات 18 ربيع الاول 1372 هجري خيال ذڪر سان وينا هئاسون تہ انبيائن ۽ اوليائن جي محفل ڏٺي سين. اتي حضرت عيسيٰ اوچتو آيو سيني سندس استقبال ڪيو. حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي هٿ ۾ لدني علم جو ڪتاب هو جنهن مان هيءَ ڳالهہ پڙهي ٻڌايائين تہ.،

هڪ انڌو ماڻهو هو ان جو گهر ڪڪائون هو. هن کي ديد ختن ٿئي ٿورو وقت ٿيو هو. انڌائپ کان تنگ اچي ڇا ڪيائين جو ڏسڻ جي سڪ ۾ اماڙي ٻاري گهر کي ڪٽي باهہ ڏنائين تہ متان وڏي باهہ سوجهري تي ديد کلي پوي باهہ جو آنبهہ ٿي ويو سندس گهر وارن وٺي دانهون ڪيون. باهہ وسائڻ لاءِ سڄي ڳوٺ ڪوشش ڪيون مگر باهہ وسائڻ کان گهٽي ٿي ويئي سندس سمورو گهر ۽ سامان سڙي ويو. ماڻهن گهر سڙن جو سبب پڇيس تہ چيائين تہ مان پاڻ ساڙيو آهي. ڇو جو مون کي ڏسڻ جو شوق هو. مون سوچيو هو تہ متان وڏي باهہ سان نظر کلي پوي ۽ ڪجهہ نہ ڪجهہ ڏسي وٺان. سندس بيوقوفي جو ٻڌي هر هڪ ماڻهوءَ بجا پي ڏنس ۽ لعنتون پي وڌائونس.

حاصل مطلب تہ هي آدمي گمراهي جي وهمن سان انڌا ٿيل آهن هنن ساري عمر جو جهڳو دنيا جي حرص ۽ شهوت جي باهہ سان ساڙي ڇڏيو آهي. ماڻهن جو خيال آهي تہ حرص ۽ طمع سان سندن لاءِ پنهنجي حياتي جو سمورو گهر ساڙي تاراج ڪري ڇڏيو اٿن. جنهن اهو حياتي جو گهر ۽

دمن جي ملڪيت شهوت جي باهہ سان ساڙيو تنهن تي انبيائن ۽ اوليائن جي لعنت وسندي.

روح بادشاهہ آهي مگر جسم جي قيد ۾ پيل آهي. هت دنيا ۾ هن جو سير ڪجهہ ڏنل ۽ ڪجهہ اڻ ڏنل جاين جو پيو ٿيندو مگر حياتي ۾ دمن ڪي اجايو وڃايائين ۽ آسمانن جو سير ڪري نہ سگهندو. ڇاڪاڻ تہ نفساني خيالن ان پاسي ڪان هن ڪي پٺ ڏيئي ڇڏي آهي. نفساني خيالات جا ڳجها زنجير پيل اٿس. جيڪڏهن لاجي ترار سان آهي زنجير ٽوڙيائين تہ پوءِ هن جو عروج نزول عرش عظيم ڏانهن ٿيندو پوءِ جڏهن هن جو صفاتي دم ٽٽندو تہ اوڏانهن هليو ويندو.

طالب جي دل موسيٰ وارو ڪوهہ طور آهي جيئن الله موسيٰ سان ڳالهايو هو تئين طالب جي دل ۾ بہ گفتار هلندي آهي. حضرت موسيٰ رب ارني چيو هو تہ خواب ۾ لن تراني چيو ويو هيس. جيڪو حضرت موسيٰ جي ساري امت لاءِ بہ سمجهڻ گهرجي. مگر اسان محمد ڪريم ﷺ جي اُمت لاءِ سبحن الذي اسريٰ بعبده جو انجام آهي تڪي هلندڙ طالب جو سينو طور سينا آهي. وقت بوقت بيغام الاهي ۽ گفتگو پيو ٻڌندو. جنهن جي ٻڌڻ سان طالب ڪي پڪ ٿيندي تہ منهنجي ياد جو سلسلو الله سان ڳنڍيل آهي. عرش جا آواز پيو ٻڌندو. ذڪر سان روحاني ڪن سرلا ٿي پوندس. ڪنهن مدت اٽڪل ٻارهن ورهين ڪانپوءِ جسم مان نڪري پوندو. مرشد جرئيل وانگر هن جي رهبري ڪندو ۽ آسمان ڏانهن اپ سرو ساڻ وٺي ويندس. پکي پرواز ڪندا آهن مگر طالب بنا پرن جي پرواز ڪندو. پکي سپ لهوارا اڏرندا آهن. مگر طالب سڌو بندوق جي گولي جيترو تکو مٿي ڇهن آسمانن مان ائين ويندو جيئن گولي ويندي آهي. ستين آسمان تي هن جو مقصد آهي اتي ست ڏينهن رهندو. اهو عشق جو قاعدو آهي. تہ جيڪو بہ اتي آيو تہ ست ڏينهن رهڻو پوندس. ان وقت ۾ طالب جو وجود شينهن وارو ٿي پوندو آهي. شير يزدان مولا علي جو لقب آهي. ان قدرت واري شينهن ۾ فناءِ ڪائيندو آهي. ظاهري انڌا ڏسي نہ سگهندا آهن.

پڪ ڄاڻو تہ ھي طريقو اسم اعظم جي ذريعي جسم مان نڪرڻ وارو موسيٰ عليہ السلام ڪي ڪونہ ھو. تڏھن تہ زبان سان رب ارني پيي چيائين اھو روحاني رستو رسول الله ﷺ لاءِ رکيل ھو. جيڪو طالب ڏوق سان اسم اعظم ڪمائيندو تہ عرش عظيم جا پيغام پيو ٻڌندو ۽ وڏيڪ شوق جاڳندس. جسم مان نڪتي ڪانپوءِ پيغامن جي ضرورت ڪانہ پوندس. تکي طالب کي رسول الله ﷺ ۽ موليٰ علي ديدار ڪرائي دلجاءِ ڏيندس. مراقبي وقت عارف ۽ اولياءَ پيو ڏسندو.

جيڪو طالب قبول پوندو آهي تہ ان کي پهريائين قلندر شهباز ديدار ڪرائيندو آهي. سنڌ جي فقيري جي واڳ بہ قلندر شهباز جي هٿن ۾ آهي. الفقر فخري واري فقيري نہ ڪي پنڻ واري فقيري.

محبت واري طالب جي ڏڪر وارو سڏ عرش اعظم ڪي لرزائي وجهندو آهي. ان ڪري ذات حق پاڪ عارفن ڪي موڪليندو آهي. تہ وڃي منهن ڏيکاري دلجاءِ ڏيوس. پوءِ فقير ڪي پيشوا رهبر بہ اچي منهن ڏيکاريندس ۽ گفتگو بہ ڪندس. جنهن تي طالب ڪي يقين ۽ جوش پيدا ٿيندو. اهڙي طالب لاءِ ظاهر جا مست بہ حڪم الاهي سان پيا ايندا ۽ رهندا. اهڙو طالب جنهن بہ عارف جي مقبري جي زيارت لاءِ ويندو تہ اهو عارف سندس اڳتي اچي استقبال ڪندس. طالب جي دل طور سينا آهي. جسم مان نڪرڻ ڪانپوءِ معراج جو مالڪ آهي اهڙي فقير جي ڪنهن دل راضي ڪئي ۽ دعا ورتائين سا هڪدم منظور ٿيندس. فقير جي رنجائڻ وارو فرعون آهي. پوءِ فقير فرعون کي ائين ٻوڙيندو جيئن موسيٰ فرعون کي ٻوڙيو هو.

عارف عاشق جي آر بہ درياهہ وانگر آهي. ڪڏهن غير آباد کي آباد ڪري تہ ڪڏهن آبادي ڪي برباد ڪري جيئن بقار تان درياه آر متايو تہ سج ۽ غير آباد ڪري ڇڏيائين. نہ تہ بقار جا مهاڻا پڪي ماري انهن جا کنيپ بہ انگريزن کي سون برابر ڏيندا هئا هر هڪ آبادگار هزارين مڻ ان ڪڻندو هو ڪيئي مزدور ماڻهو صرف لاباري جي مزدوريءَ مان ان جو ٻوريون آڻيندا

هئا جڏهن درياهہ بقار تان آر مٽايو تہ ڍندون سڪي ويون زمينون بنجر ٿي ويون. مهاڙا بہ ويران ٿي ويا. جن کي سونا زيور هئا تن کي ٽامي جو ڇلو بہ ڪين آهي. فقير عاشق اهڙو آهي جو ڪفر مان نبي ڪري وجهي. بهشتي تي ناراض ٿئي تہ جهنمي ڪري ڇڏيس. فرعون مان موسيٰ ۽ موسيٰ مان فرعون ڪري وجهي. هيءَ ڳالهہ ڪلي عقل جي آهي جزوي عقل وارن کي سمجهہ ۾ نہ ايندي مَا زَاغَ الْبَصَرُ وَ مَا طَغٰى(١٧) واري عقل جي ڳالهہ آهي. ڪنهن کي بہ ڪڇڻ جي طاقت نہ آهي تہ هئين ڇو ڪيائين. هيئن ڇو ٿيو. ٿيئي جهان فقير جي هٿ ۾ آهن جيئن وڻيس تيئن ڪري سگهي ٿو.

**بيت**

بل مکان ولا مکان در حکم او ، همچون در حمکش بهشت وچارسو

بيشڪ مڪان لامڪان ان جي هٿ آهن بهشت يا چارئي طرف ان جي حڪم ۾ آهن.

لامکان نئي که دروهم آيدت، هر دم دروي خيال زايدت

لامڪان تنهنجي سمجهہ ۾ نہ ايندو هر هڪ دم ۾ ان جا خيال پيا وڌندا.

اسپ عام رانه بود آن جا مجال، پاءِ لنگش ماند پيش ذولجلال

عام گهوڙي کي پهچڻ جي مجال نہ آهي ذات پاڪ اڳيان منڊو آهي.

عقل جزوي کور ماد رزادرا بر عصاد دارد هميشه کاروبار

جزوي عقل وارو ماءُ پيٽان انڌو آهي، ان جو سدائين ڪم لٺ تي آهي.

چغد عنقارا کجا گيرد شکار. شب پر خور شيد کئي گيرد کنار

چپ شهباز جو شڪار ڪيئن ڪندي. چبرو سج جي پر ڪيئن وٺندو.

هر که از خود رفت دا ندين سخن، آشکارش باشدين سر لدن

هيءَ ڳالهہ اهو سمجهندو جيڪو پاڻ مان نڪتو ان تي ئي لدني راز کلندا.

عشق راپا نصد پر است وهر پر، از فراز عرش تاتحت الثريٰ

عشق کي پنج سئو پر آهن هر هڪ پر عرش کان تحت الثريٰ تائين آهي

جزوي عقل نفساني ۽ ڪل عقل الاهي آهي. جيڪو عرش اعظم جو آهي. جزوي عقل ناسوت واري حرام خور ڪانوَ جو آهي. ڪل عقل شهباز

لامڪاني آهي. جزوي عقل جي نظر ڏوندڙ تي آهي. ڪلي عقل شهباز دلين جو شڪار ڪندو آهي. ڏوندڙ ڇا آهي. رشوت چوري، ختمن جون مانيون ڪانڊپا سڀ ڪجهه ڪانءُ عقل ڪانيون وجي.ان جو عزرائيل آهي ڇٽيءَ مار. مئي جي پويان ختمه ۾ منهن ڪندا آهن.اهي دنيا جا ماڻهو ڪانون مثال آهن جيڪي اتي اچي گڏ ٿيندا آهن پوءِ ڇانورن ڪائڻ مان هڪ نه ٻئي ڪي تپ يا نمونيا ٿيو پوي. پوءِ ڇٽي مار عذرائيل ڪي وجهه لڳي جو ڪين ماري ڪفن جي ڳوٿري ۾ وجهي ڪٽي وجي دوزخ جي ملائڪن بازن حواله ڪري. مئي جي ماني ختمون يا ڪاڌارو آهي. اها ڄاريءَ مثال آهي. جو هڪڙو نه ٻيو دسيو پيو. هوندو.

ذڪر ۾ هلندڙ صوفيءَ ڪي ختمي جي ماني ڪائڻ حرام آهي. ڪائڻ سان دل ڪاري ٿي پوندس ۽ ذڪر نه هلندس. مهيني ٻن جو ڏوڪوا ايندس طالب لاءِ ختمو ڪائڻ ائين آهي جڻ مئل جو گوشت ڪاڏائين. مگر رسول الله ﷺ ۽ اهلبيتن ۽ الله وارن فقيرن جي ماني نقصان نه ڪندس. مگر ان ۾ ڳائو گوشت هجي ته نه ڪائي. ڇو ته رسول الله فرمايو آهي. ته لَحمُ بقر بَلاءُ وَلبن بَقر شَفاءُ. يعني ڳائو گوشت مصيبت ۽ کير شفا آهي ڳائي گوشت ڪائڻ سان ذڪر الاهي بس ٿي ويندو آهي. قلب ڪارو ٿي ويندو آهي ان ڪان وڏيڪ ٻي ڪهڙي مصيبت آهي مگر جنهنکي ٻيا گوشت ملن ته پلي ڪائي نفس جي لاءِ گهٽو نه ڪائي حقيقت ۾ باطني بادشاهه جي گوشت ڪائڻ ڪان منع آهي ڇو ته گوشت ڪائڻ سان روح جي وات ۾ بدبوءِ ٿيندي آهي. ڇو ته گوشت نفس جي غذا آهي روح جي غذا ذڪر الاهي آهي.

قوت حيواني بشر ذڪر خدا ست،
قوت حيواني اورانا سزا ست.

انسان جي اصل غذا خدا جو ذڪر آهي. روح ڪي حواني غذا ڪائڻ نٿو سونهين. حضرت آدم ڪان وني اڄ تائين ٻن آدمين گوشت نه ڪاڌو هو. ڇاڪاڻ ته سرڪار الاهي ڪائڻ وعدو ورتو هو ته اوهان ڪي ٻه تحفا ڏجن

ٿا. جيڪي گوشت کائڻ ڪري ڪارگر نہ ٿيندا. اهي ٻہ ڄڻا هڪ حضرت موسيٰ عليہ السلام ۽ ٻيو حضرت علي عيلہ السلام. انهن ٻنهي پنهنجي ساري عمر ۾ گوشت نہ کاڌو هو. انهن لاءِ تحفا باطني آهن جن جي اسان کي خبر آهي مگر ٻڌائڻ کان منع آهي.

## آدم جي تخليق جو مقصد

حسن جي بادشاهہ کي پنهنجي منهن ڏسڻ لاءِ آئينہ جي ضرورت هوندي آهي. ان ڪري ذات ذوالجال آدم کي پنهنجو آئينو ڪري پيدا ڪيو. مگر آدميءَ وري سڌن ۽ شهوت جي ڪمن سان پاڻ کي ڪارو ڪري ڇڏيو آهي. اهڙي دل شاهہ سن لم يزلي کان تڙيل ۽ نفس جي حوالي ٿيل آهي. اهڙو تڙيل آدمي پلي ڪيڏا بہ ظاهر تجمل رکندو هجي تہ بہ ان جي حد جهنم آهي. جنهن دل سان اسم اعظّم سان پنهنجي صحن جي صفائي ڪئي تہ اها دل الله جو آئينو آهي. دل پاڻ کي ڏسي من خدايم جا نعرا هڻندي. اها دل شاهہ شمس الحق تبريز. شاهہ منصور ۽ شهنشاهہ قلندر جهڙي ٿي پوندي. ان دل ۾ عشق امام حقاني پنهنجو تخت گاهہ ڪندو.

(وَ مَنۡ يَّعۡشُ عَنۡ ذِكۡرِ الرَّحۡمٰنِ نُقَيِّضۡ لَهٗ شَيۡطٰنًا فَهُوَ لَهٗ قَرِيۡنٌ(القران (٣٦)

يعني، جيڪو ٻاجهاري الله جي ياد کان منهن موڙي ٿو ان تي شيطان غالب ڪريون ٿا. پوءِ اهو ان جو همنشين رهي ٿو. خدا جي ياد کانسواءِ دل نفس جو ٽڪاڻو آهي. جنهن هت الله وساريو ۽ شهوت پرستي ۽ نفس پرستي ۾ عمر گزاريائين تہ محشر ۾ اهو انڌو ٿي اٿندو.

وَ مَنۡ اَعۡرَضَ عَنۡ ذِكۡرِىۡ فَاِنَّ لَهٗ مَعِيۡشَةً ضَنۡكًا وَّ نَحۡشُرُهٗ يَوۡمَ الۡقِيٰمَةِ اَعۡمٰى(١٢٤)

جنهن پنهنجي ذکر کان انڪار ڪيو تہ ان جو گذر تنگ ڪنداسون ۽ قيامت ۾ محشر جي ڏينهن انڌو ڪري اٿاريندا سون.

## مذهب ڇا آهي

بيت

مرا از قيد مذهبها برون آورد عشق او،
کہ چون خورشيد طالع شہد نہان گردند کوکبها

مون کي مذهبن جي قيد مان عشق ٻاهر ڪڍايو. جڏهن سج اڀريو ته ستارا ڇپي ويا.

جنهن جسم مان نڪري معراج ڪيو تنهن کي نه قبر محشر جو خوف نه دوزخ جو ڀوءُ نه بهشت جي اميد هوندي.

معراج جو رستو ڪو بند آهي ڇا. سنڌو بئراج انگريزن ٺاهيو هو سا پل به اڄ تائين آهي. ان تان اڄ تائين سيڪو ٽيڪو ٿو. جيئن ان پل تان ٽپڻ جي ٽئڪس آهي تيئن هن معراج واري پل تان ٽپڻ لاءِ دم ڏيڻا پوندا آهن. جيڪو دمن جي ٽئڪس نه ڏيندو تنهن کي به آسمان ڏي لنگهڻ ڪونه ڏيندا. هي معراج جو رستو اصل دين الله ۾ اِنَّآ اَعۡطَيۡنٰكَ الۡكَوۡثَرَ. آهي. هن رستي وارن لاءِ سخت ڏک ۽ تڪليفون آهن جنهن ڪري مسلمان نماز وارو رستو اختيار ڪيو ڇو ته صبح جي نماز بعد ادائي پھرالله ڏي وجهائين به ڪونه مگر هن معراج واري رستي ۾ فوت النفاس قتل الانبياءَ دم قضا ڪرڻ نبين کي قتل ڪرڻ جي برابر آهي. اهڙو سخت حڪم آهي. جنهن ڪري عام اهو رستو ڇڏي ويا. مذهبن وارن وچي اڙون ورتيون. هت به سٺا ڪاڏا ۽ مزا ورتائون ۽ آخرت ۾ به بهشت جا آسرا رکيون ويٺا آهن مگر ڪنهن به مذهب واري الله اثبات نه ڪيو.

حقيقي مسلمان اهو آهي جيڪو موتو قبلل انت موتو ٿئي يعني مرڻ کان اڳي مري. جيئري مرڻ واري مدت جي پويان حياتي آهي. عزرائيل. واري موت جي حد تحت الثريٰ آهي محبوب جي هٿان مرڻ سان نئين حياتي ملندي آهي. ان جي رهڻ جي جاءِ عرش برين آهي هو عزرائل کان لکين ڪوهه پري هليو ويو فقيرن ساهه ورتو به الله کان هو ته وري موٽائي به الله کي ڏيندا.

عام ماڻهو الله کي ساهہ موٽائي ڏيڻ کان ڪيٻائين ٿا. ان ڪري الله عزرائيل هٿان انهن کي گهرائي ٿو. جيڪو موچڙا هڻي وٺي ٿو وڃي.

آدمين کي الله هيءَ جسماني وارو دوڪان مسواڙ تي ڏنو هو. هو وري پنهنجو سمجهون وينا آهن الله کي مسواڙ بہ ڪونہ ڏنائون. مسواڙ آهي عبادت الاهي سان بہ نہ ڪيائون ان وجود واري دوڪان ۾ الله دمن واري روڪڙ رکرائي هئي ۽ حڪم ڪيو هئائين تہ اها دمن واري روڪڙ منهنجي نالي تي هلائجو. هنن اها روڪڙ پنهنجي ڏيوالي نفس کي اوڌر تي ڏيئي ڇڏي ۽ عيش عشرتن ۽ ننڊن ۾ کپائي ڇڏيائون. پوءِ سڄو نيا ڳو نفس هضم ٿيل رقم ڪٿان ڏئين. گذريل دم ڪو وري ايندا ڇا. انهن کپايل دمن جي اڳاڙڻ لاءِ عزرائيل کي حڪم ملندو تہ ان ڪُپتئي کي قيد ڪري في النار جهنم ۾ وجي ڇڏيوس. پوءِ اهو: قالُو يا وَيلَنا پيو چوندو تہ ڏٺي منهنجا هن عذاب کان تہ خاڪ ڪري ڇڏ.

مثال ۾ عام مشهور آهي تہ مٽيارين جي شهر جي کوهہ ۾ ٻلو ڪري پيو. ماڻهن وڃي قاضي کي ٻڌايو تہ سائين کوهہ ۾ ٻلو ڪريو آهي هاڻي ڇا ڪريون. قاضي چين تہ کوهہ مان سَوُ (100) دلا پاڻي ڪڍو پوءِ کوهہ حلال ٿيندو. ماڻهن اهو پاڻي ڪڍيو پر ٻلو ڪونہ ڪڍيائين ٻن ڏينهن کانپوءِ قاضي کوهہ وٽان اچي لنگهيو ۽ کوهہ ۾ ڏٺائين تہ ٻلو پاڻي ۾ سڄو پيو آهي. پوءِ ٻلو ڪڍرايائين ۽ وري پاڻيءَ جا سَوُ دلا ڪي رايائين. تنهن کان پوءِ ڪين پاڻي پيئڻ جي اجازت ڏنائين.

مطلب تہ رب العلمين آدمين کي چيو هو تہ دل جي کوهہ مان نفس جو ٻلو وَالذڪُر رَبکَ فِي نَفسِڪَ سان ٻاهر ڪڍجو. مسلمانن ان ٻلي نفس کي دل مان ڪڍيو ئي ڪونہ ٻاهران تسبيحون پڙهيون پيا شوڪارين. دل کی ذڪر سان ٻلی نفس جی وسواسن کان صاف نہ ڪيائون. جيڪو مِنْ شَرِّ الْوَسْوَاسِ الْخَنَّاسِ﴿۴﴾الَّذِیْ یُوَسْوِسُ فِیْ صُدُوْرِ النَّاسِ آهی سو دل جی کوهہ ۾ پيو آهی. باقی مسلمان رڳو پيا ٿا مذهبن تی وڙهن، سيڪو پنهنجی مذهب کی پيو پڏائي. وڙهندي عمريون گذري وين دمن وارو روڪڙو وڃائي

ڇڏيائون. دوکان ڦٽائی برباد کري ڇڏيائون وَهُوَ مَعَكُمْ اَيْنَمَا كُنْتُمْ وَ نَحْنُ اَقْرَبُ اِلَيْهِ مِنْ حَبْلِ الْوَرِيْدِ فَاَيْنَمَا تُوَلُّوْا فَثَمَّ وَجْهُ اللهِ وارو الله نہ سڃاتائون. جيکڏهن هر هک دم سان ذکر کن ها تہ الله اکين سان ڏسن ها. القرآن. ان الله اشتري من المومنين. يعنی الله مومنن کان دم ۽ مال خريد کري ٿو ۽ عيوض ۾ بهشت عطا ٿو کري. مومن پنهي جهانن ۾ زنده آهي. المومن حيٌ في الدارين. وَلَا تَقُوْلُوْا لِمَنْ يُّقْتَلُ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ اَمْوَاتٌ بَلْ اَحْيَآءٌ وَّ لٰكِنْ لَّا تَشْعُرُوْنَ (۱۵۴) جيکی خدا جی راهہ ۾ ماريا وڃن ٿا تن کی مئل نہ چئو پر هو جيئرا آهن پنهنجی پالڻهار وٽ مگر توهان کی خبر نہ آهي جن جو دم ذکر کان خالی نہ آهی انهن تی موت آهيئی کونہ.

الله سائين جيکو مال ٿو خريد کري اهو مال بہ نفس آهی جيکو پٽن کان وڌيک پيارو آهی ان کی ذوالجلال جی اڳيان مولیٰ علی عليہ السلام جی هٿان قربان کرائی پوءِ رت جی درياهہ مئون طالب تڙ کندو پوءِ هک سر ڏيندو تہ ٻيو ملندس اهو سر بہ محبوب خنجر سان لاهيندس لکين کروڙين ڀيرا پيو کسندو ۽ جيئرو ٿيندو. هر دفعی کسڻ سان جام مِنْ كَاْسٍ كَانَ مِزَاجُهَا كَافُوْرًا پيو پيئندو. پوءِ انا انت فاين اِنِي. يعنی مان تہ تون آهيان، مان کٿی آهيان. مان تون ۽ تون مان ٿی پوندو. عبديت وارو غير ختم ۽ گم ٿی ويندو. جيکو هيو سو ٿی پوندو. صفات ۾ ذات ۾ ملی عين ذات ٿی پوندي صفات عدم ٿی ويندي. رسول الله ﷺ معراج واري جاءِ تی فرمائن ٿا تہ لوا قتل فی سبيل الله ثم احيا ثم اقتل. ثم اقتل ثم اقتل. مومنن لاءِ جيکو بهشت جو انجام کيو ويو آهی سا مخفی ڳالهہ آهی. بهشت آهی ذوالجلال جو سدائين ديدار پوءِ قيامت تائين اهو ديدار بند ٿيڻو ئی نہ آهی. سرکار جو چوڻ آهی تہ بهشت بہ هک اوٽ آهی بهشت تہ سندس ديدار آهی بهشت جی مالک جو ديدار کو بهشتن کان گهٽ آهي ڇا؟ اهو ديدار اکبراعظم بهشت آهي حضرت رسول ﷺ عقبیٰ جي طالبن کي مئونث يعني مادي سڏيو آهي. الله جي طالبن کي پاڻ مذکر

يعني مرد سڏيو اٿن. اهو مئومن مرد مردانو آهي مومن جو روح ذات حق روح الاعظم ۾ ائين ملي هڪ ٿي وڃي ٿو جيئن درياهہ ۾ ڦڙو ملي هڪ ٿي وڃي جيئن سج جون راسيون سج سان ڳنڍيل هونديون آهن. مومن بہ الله سان ائين ڳنڍيل هوندو آهي. حديث ۾ آهي تہ روح االمومن الا تشد اتصالا بہ روح الله .مومن ۾ موحد اهو آهي تہ جيڪو الله ۾ محيط ٿيل هجي ۽ ڪو بہ دم خالي نہ ڪري. هر هڪ دم اسم اعظم سان هلائي دم ۾ اسم اعظم سان سيني ۾ نظر ۾ خيال هجيس. اسم وارن لاءِ قرآن فرمايو آهي تہ يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اذْكُرُوا اللّٰهَ ذِكْرًا كَثِيْرًا وَّ سَبِّحُوْهُ بُكْرَةً وَّ اَصِيْلًا . ذڪر جو ڪمائڻ ماٺ سان ٿيندو آهي. گفتگو گهٽ ڪري مگر خيال ذڪر ۾ هجيس قرآن ڪريم ۾ بار بار صبر جو تاڪيد ٿيل آهي. جڏهن ماڻهو اندروني طرح صبر ۾ هوندو تہ صبر بہ ڪندو. مَن لاَ صَبَرَ لَه لا اِيمانَ له جنهن کي صبر نہ آهي تنهن کي ايمان ڪونهي. راحتہ الانسان في حفظ السان.انسان جي راحت زبان جي حفاظت ۾ آهي. من صَمت نجيٰ. جنهن ماٺ ڪئي سو آزاد ٿيو. انسان جو مرتبو زبان جي حفاظت ۾ آهي.

## بيت

لب به بندو گوش بندو چشم بند. گر نه بيني ذات حق بر ما بخند.

چپ ڪن ۽ اکيون غير الله کان بند ڪر. پوءِ جيڪڏهن ذات حق جو جلوو نہ ڏسين تہ اسان تي کلئون ڪجانءِ

اڳين نبين تي نماز پنجاهہ وقت ۽ سٺ روزا ۽ زباني ذڪر مقرر هئا. جڏهن حضرت رسول الله ﷺ بنهي جهانن جي بادشاهي تي وينو تہ پنهنجي نئين آئين جو اعلان ڪيائين. پهريائين رسول الله بہ اڳين نبين جي پيروي پي هلائي. هڪ ڏينهن پاڻ مسجد ۾ ٽيپهري جي نماز جماعت سميت پڙهيون اوپر منهن ڪيون ويٺا هئا تہ اوچتو وڻن اوپرو ماڻهو آيو. جنهن جي اچڻ سان ڪچهري وارن نشي جو پرتو پئجي ويو. هو اچڻ سان رسول الله ﷺ جي گوڏن تي هٿ رکي اچي ويٺو. پاڻ بہ گوڏا پيچي ويٺو.

گهڻي تائين پاڻ ۾ روحاني گفتگو ڪيائون. اها روحاني گفتار پاڻ ڪريم جن سمجهن پيا ٻيا ڪونہ پيا سمجهن پوءِ اهو پيغام مڪمل ڪري هليو ويو. مسجد مان ٻاهر نڪرڻ ڪانپوءِ غاعب ٿي ويو. پوءِ جڏهن جماعت تان هيبت لٿي تہ محبوب مصطفيٰ کان پڇيائون تہ آقا اهو ڪير هو. حضرت رسول ڪريم ﷺ جن ٻڌاين تہ اهو اخي جبرائيل عليہ السلام هو جيڪو پيغام ڪٺي آيو هو. هيءَ ڳالهہ مشڪوات شريف مان ورتل آهي حضرت رسول ڪريم ﷺ جن اها ڳالهہ عام ماڻهن جي سمجهڻ لاءِ جبرائيل جو اولو ڪري بيان ڪئي آهي نہ تہ هو لم يزل بادشاهہ پاڻ هو. ان ڪانپوءِ سچن طالبن کي ٻڌايائين تہ جبرائيل عليہ السلام چئي ويو آهي. انهن کي هي چار ذڪر سمجهاءِ جيڪي مون گنبذ مان ٻڌا آهن تہ هي محمد ڪريم ﷺ کي چئو تہ پنهنجن سچن طالبن کي چوي تہ هي چار ذڪر دم سان ڪمائين تہ جيئن مون وٽ اچن. اهو گنبذ مون کان مٿي آهي.

پوءِ اهي چارئي ذڪررسول الله ﷺ خاصن مسلمانن کي سمجهايا. عامن کي زبان سان ذڪر ڪرڻ ۽ خاصن کي دم سان ذڪر ڪرڻ جو حڪم ڪيائون. جنهن ڪري خاص الخاص اڄ تائين ان ذڪر وسلي عرش عظيم تي پهچن ٿا. قرآن ڪريم ۾پڻ ارشاد آهي تہ اِنَا نَحنُ نَزلناَ الذِڪرَ وِاِناَ لَہ لَحَاَفِظُون. اهي چارئي ذڪر حضرت رسول الله ﷺ جن تي نازل ٿيا. جن لاءِ الله پاڻ چوي ٿو تہ انهن ذڪرن ۽ ذاڪرن جو مان پاڻ نگهبان آهيان. جو اڄ تائين اهو فيض آسماني هلندو پيو اچي جنهن مان فقيرن عارفن کي معراج ٿو ٿئي. ان ذڪر جي وسيلي صادقن فقيرن کي قيامت تائين اهو معراج ٿيندو رهندو. قلبي ذڪر وارن لاءِ اهو انعام آهي زباني ذڪر وارن لاءِ ناهي.

جنهن گنبذ مان جبرائيل عيلہ السلام آواز ٻڌي پيغام ڪٺي ايندو هو اسان چاليهن ورهين کان اتان اچون وڃون ٿا.جيترو پنڌ دنيا کان اهو گنبذ پري آهي اسان جي منزل ان گنبذ کان اٺوڻ پنڌ پري آهي. اتي ٻيو آسماني ملڪ آهي جنهن جي ڪابہ حد ڪانهي آسمان ۽ عرش هيٺ آهن اسان

جي رهت لکين ڪوهہ پري آهي. اتان رات ڏينهن اچون وڃون ٿا. جيئن ماٺهو هتان آسمان کي ڏسن ٿا.اسان ائين هتئون سڀ ڪجهہ ڏسون ٿا. اسان جڏهن چئني مالائڪن جبرائيل، اسرافيل، ميڪائيل ۽ عزرائيل وٽان لنگهندا آهيون تہ عبرت وٺندا آهن ۽ چوندا آهن تہ مار مرد هي آهن جيڪي اسان کان بہ اڳتي لنگهيا ٿا وڃن. اسان جيڪڏهن وار جيترو بہ مٿي چرون تہ پر سڙي وڃن.

عزرائيل عليہ السلام جي اک تہ اهڙي آهي جو دنيا جا غوث قطب ۽ پير ڏسن تہ کرڙيون هٽي مري وڃن، اسان تہ مڇ ئي نہ چڏينديسين. اسان کي درياه اعظم جي ڇڪ کنيون وينديآهي ان ڪري هنن تي نظرئي نہ ويندي ۽ نہ اک ٻڏندي آهي بہ سال اسان ان رستي سان ايندا ويندا رهياسين. چو تہ ملڪ ملڪوت جي حد پورب ڏي پاسيري آهي. جبروت ان کان اوپر طرف لاڙون آهي. لاهوت وري اجا اوپر آهي. بيحد ملڪ وري. انهن کان ٻئي پاسي آهي. ان ڪري شاهہ اعظم اسان کي سڌ ڪرائيندو آهي. ۽ حجاب جا پردا ڦاٽي آهن. ان ڪري اسان جو اچڻ وڃڻ سڌو ٿيندو آهي. اجا ڪي راز جون ڳالهيون آهن جيڪي ڪرڻ جهڙيون نہ آهن. ان طرح ٻارهن مهينا لا ابالي گفتار هنن نفساني ڪنن سان ٻڌندا ۽ اکين سان ڏسندا هئاسون. معراج ڪئي کان پوءِ بہ ٻارهن مهينن تائين مدهوش هئاسون ۽ ماڻهن جو ڳالهائڻ نہ وڻندو هو. اڃ بک ٻيئي ڇڏي ويون. پوءِ معرفت ۾ گهٽي رهڻ بعد ٿورو گهڻو کاڌو وٺيو پوءِ درجي بدرجي معدي کي هيرايوسين.

آباد شهر ۾ پڙهندا هئاسين اُن وقت ڏاڙهي لٿي پي، اتي مولوي مصريءَ ٽيپهريءَ جي نماز بعد واعظ بہ مشڪوات شريف پڙهي مخدوم حبيب الله ۽ سندس پٽ غلام محمد اهو واعظ ڪرائيندا هئا. لطف الله ڪلهوڙي جي ير ۾ آباد جي ڏکڻ ۾ مخدوم جو ڳوٺ هو. ان واعظ ٻڌڻ سان ساري جماعت روئي ڏنو. اسان کي بہ حيرت لڳي.

هاڻي اسان سان بادشاهه لم يزلي اهڙي عنايت ڪئي آهي جو رسول الله جي اسم اعّظم واري سبق عنايت ٿيڻ سان ڏسون ٿا ته جبرائيل، ميڪائيل، عزرائيل ۽ اسرافيل ۽ جمله ملائڪ اڏ ۾ به نه آهن. اسان کي عشق شهنشاهه ايترو پري وٺي ويو. جاٽي حد ئي ڪانه جيئن مثال مٿي ست ماڙ تي ڪو محبوب شاهه حسن جو يا ڪا سهڻي زائفان روزانو صبح جو ناچ پيئي ڪري ۽ سروزن طبلن جا آواز به پيئي ڪري ته هزارين عاشق محلات جي ٻاهران اچي ويهندا

ڪي روئيندا پيا ته ڪي ڳچيءَ ۾ ڳارا وجهي حيران بيٺا هوندا ته مان اسان کي گهرائي سڀ ڪو حُسن جي سڪ ۾ پيو سڙندو ملن جي اميد ته سيني کي هوندي مگر جنهن تي اهو محبوب پاڻ راضي ٿيندو ته ان کي هڪدم پاڻ وٽ گهرائيندو. پوءِ ان کي پاڻ وٽ رهائيندس. پاڻ سان گڏ ڪندس. وڏيڪ حقيقت نه لکبي. اَلعَاقِلُ تکُفِيتُه الا شارۃُ. عقل واري لاءِ اشارو ڪافي آهي. ولا يختص بر حمته و لو شاءَ الله ذُو لفضل الا عظيم

دنيا سڀ درياهه ڪو ڪو ڪوتارو تنهن ۾،
وهي لهر لوڀ جي آتشي آڙاهه
طالبن نتانهن، موڙي چاڙهيون مڪڙيون.

دنيا جو جهان ڪلاچيءَ وارو ڪن آهي. هي ٻوتو مانگر مڇ آهي. ڪن ۾ اهومانگر مڇ روح کي وات وجهون ڳهون ويٺو آهي. جنهن شخص مرشد هٿان وذكر رَبکَ فِي نَفسِکَ واري تسبيح هٿ ڪري پڙهي. ۽ دم خالي نه ڪندو ته يڪدم ان مانگر مڇ جي وات مان ڇٽي پوندو. جيئن حضرت يونس تسبيح پڙهڻ سان مڇيءَ جي وات مان ٻاهر نڪتو هو. ڇٽڻ جي تياري ٿيندس ته آسمان مان الهام ٻڌندو. سيئي ڪن سرلا تي پوندس. صفائي واري آئينه تي نظر پوندس. اهو آئينو دنيا جي جهان ۾ نه آهي مگر آسمانن جي ستين حد تي آهي ٿورن ڏينهن ۾ منزل به منزل وڃي پهچندو. جتان آيو هو اتي وڃي پهچندو. ان جاءِ جي ٻولي عربي آهي پوءِ رڳو ذات

ٿي پوندو. نعرو بہ اها ذات هڻندي. هي رهندو ئي ڪونہ جيئن لوهہ باهہ ۾ وجهبو آهي تہ سرڙاٽ ڪري پري ڪان پيو ساڙيندو. چوندو پيو تہ مان باهہ آهيان. پوءِ اهي لوهہ بہ باهہ وارو ڪم ڪري سگهندو. تپائي اڇلبس تہ جهڳا ساڙي ڇڏيندو. انهيءَ ڪئون پري لک ڪوهہ تهان پر ٻجهن پڪا پنهوارن جا. لک عبادتون ڪري تہ بہ دم واري ذڪر ڪانسواءِ جسم مان نڪري نہ سگهندو.

هي طريقو حضرت رسول الله ﷺ حضرت مولىٰ علي عليہ السلام ۽ اهل بيتن جو اهل صفحہ وارن خاص الخاص جماعت کي ٻڌايل هو. جيڪو اڄ تائين عارف عشاق ۽ اهل تصوف وارا هلائيندا پيا اچن. اهو ئي معراج وارو رستو آهي.

**توحيد جو بيان**

سيئي آدمي فرنگي، يهودي، حبشي، پٺاڻ، ايراني، توراني، هندو، مسلمان، سيد ۽ برهمڻ، غوث قطب سيني جا انگ عضوا هڪجهڙا آهن. سيني جو ڪلڻ ۽ روئڻ ڪنگهڻ هيٺيان مٿيان وارو هڪ جهڙا آهن. نر ۽ مادي جو قالب بہ هڪجهڙو آهي. انسانن جون ذاتيون ۽ نالا رڳو سڃاڻپ لاءِ آهن. نہ تہ سهڻا ڪارا سڀ الله جو مظهر آهن. زير بالا الله آهي. الله ڪانسواءِ زمين تي ٻي ڪابہ شيءَ ڪانہ آهي. آسمانن ۽ زمينن تي خواه زمين ڪان هيٺ بہ ان جي حڪمراني آهي. وَهُوَاللّٰهُ فِي السمٰوٰاتِ وَالارضِ.

**بيت**

هر جا آپ الله آهي شهنشاهہ اولىٰ عبديت جي

اها ڳالهہ مشهور آهي تہ فرهاد نالي هڪ شخص ايران ۾ شيرين محبوبہ جي دلاسي تي ڪاٺ جي ڪهاڙي سان جبل ٽڪي درياه وهايو. هو اها وادي اڄ تائين وهي ٿي. پيدائش ٿئي ٿي. ان فرهاد جي جسم ۾ ڪير هو جنهن جبل ڏاريو هو. آدمي جي بوتي جي ڪهڙي مجال آهي.

## بهلول جو بيان

بهلول داناءَ پنهنجي مثنوي ۾ چيو آهي تہ هڪ سائل پير مولا عليءَ کان پڇيو تہ مٿي آسمانن ۾ ۽ بهشت ۾سج ۽ چنڊ آهن يانہ پاڻ فرمائون تہ هي سج ۽ چنڊ ڪثرت لاءِ آهن، اوڏانهن اونداهي آهي ئي ڪانہ وري پڇيائونس تہ آسمانن ۾ رهت ڪنهنجي آهي. جنهن تي موليٰ فرمايو تہ بهشتن ۾ اهو آدم سردار آهي. ننڍا وڏا بهشت آدم سان ڀريا پيا آهن. جبرائيل، ميڪائيل، عزرائيل ۽ اسرائيل چارئي ملائڪ بہ آدم آهن. پر عرش ڪرسيءَ تي جيڪو الله ٻڌين ٿو سو بہ آدمي آهي. اها ئي آدم جي صورت آهي. وري فرمايون تہ من عرف نفسہ فقد عرف ربہ جنهن پاڻ سڃاتو سو الله آهي نہ سڃاتائين تہ بيڪار آهي.

### بيت

ازان تان اندران اشباه باشي. به معنيٰ چون رسي الله باشي
جيستائين شڪ ۾ آهين تہ بخير آهين، معنيٰ واري ملڪ ۾ٻهتين تہ الله آهين.

بهلول جو قول آهي الله ڪپہ وانگر آهي. ڪپہ جا بہ سوين نالا آهن ڪاتي. پهرياڻ، ڪاتي ڪوٽ، ڪاتي صدري، ڪاتي رئو تہ ڪاتي پوتي، ڪاتي پٽڪو، ڪاتي سوڙ، ڪاتي تنبو، ڪاتي گوڏڙي. اهي سڀ ڪپھ جا نالا آهن. الله بہ ڪثرت ۾ائين آهي. جيئن ڪپھ هر شيءَ ۾ موجود آهي.

ڪنهن مولويءَ فقير کان پڇيو تہ تنهنجو مرشد الله سڏائيندو هو سو تہ مري ويو. فقير چيس تہ هي جهان ڪنهنجو آهي مولوي چيس تہ الله جو پلا هو جهان ڪنهنجو آهي مولويءَ وري پڇيس تہ ٻيئي جهان الله جا آهن. فقير چيس تہ پوءِ مرشد جي مرضيءَ جو مالڪ آهي جتي وڻيس اتي رهي جي الله پيي سڏايائين تہ رهڻ جو بہ اختيار اٿس. تو مئو ڪيئن ڏٺو

هت الله ٻيا رکائي آيو آهي. ماڻهو ڀلجي پيا آهن. هو آسمانن وارو جهان وحدت باڪثرت آهي خاص طرح سان. مگر هي جهان ڪثرت

آهي. خاص الخاص نج وحدت پري آهي. اتي واحد آهي ۽ ڪثرت ۾ نالو جمع اٿس.

## بيت

اتحاد معرفت کردم بيان، سر وحدت کثرت کردم عيان

معرفت جي اتحاد جو بيان ڪيم، وحدت ۽ ڪثرت جو راز کوليم

آدم و حق هر دو يک دان در نظر اين چنين دا ند مگر صاحب نظر.

آدم ۽ الله ٻيئي ڏسڻ ۾ هڪ سمجهه هي اهو ڄاڻندو جيڪو صاحب نظر هوندو.

نامها اندر جهان افسانه است، ليکه اين گشت ازيک اندا نه است

دنيا ۾ نالا رڳو افسانہ آهن. مگر اها ساري پرک ان ذاتي تي آهي.

انبياءُ اولياءُ خاص و عام پست آن يار يگانه والسلام

انبياءَ اولياءَ ۽ خاص عام ماڻهو. اهو اڪيلو ۽ يگانو يار آهي.

عارف جيڪڏهن هر شيءَ ۾ الله چوندو تہ ان تي ڪوگناهہ ڪونهي چو تہ هن اکين سان ڏٺو آهي. هو پاڻ ذات ۾ محيط ٿيو آهي. مگر ٻانهي تي ثواب ۽ گناهہ آهي. عارف ٻانهپ کان آزاد آهي.

مثال بادشاهہ سان ڪوپٽ يا ڪو همسفر تخت تي ويهندو تہ هو خوش ٿيندو مگر ڪو هاري ناري يا ڪو چٽ چاموٽ تخت تي گڏجي وينس تہ موچڙا کائيندو. گلاب جي ٻوٽي کي بہ گلاب چئبو آهي. مگر گل کي بادشاهہ تخت ۽ اکين تي رکندا آهن. ٻوٽو هي بوتو آهي روح گلاب جو گل آهي. جيڪو هن نفس سان گڏ وينو آهي. هن جي خراب خصلتن جي ڪري هي بہ پليد ٿي پيو آهي. نفس جي بدصحبت ۽ شهوت جي تابعداري ۾ ونجي ويو آهي. روح آهي تہ پاڪ مگر نفس جي سنگت ۽ صحبت جي ڪري ڏوهاري ٿي پيو آهي. ان جي پاڪ ڪرڻ جو دوران ڪامل مرشد عارف با الله وٽان دوا ونڻ سان ٿيندو. اهو دوران ذڪر آهي. جنهن کي شوق ۽ ذوق سان پرهيز سان ۽ اوجاڳن سان ڪمائيندو تہ روح پاڪ ٿي پوندو. رڳو پرهيز نہ ڪيائين. تہ بہ پاڪ نہ ٿيندو. پليد روح تي قبر محشر جو پڇاڻو ۽ مارڪٽ آهي.

پاڪ روح تي پڇاڙوئي ڪونهي ان نفس جي موذي مرض جي دوا حضرت رسول الله ۽ پير مولئ علي عرش ڪان آندي هئي جيڪا هميشہ پيئي هلندي.

## ساموندي ڳئون

هي جانور سمنڊ ۾ ٿيندو اهي هن جا سنگ تمام تکا ٿيندا آهن. رات جو ٻاهر نڪري ڪناري تي چرندي آهي ۽ ڏينهن ٽيڻ سان سمنڊ ۾ هلي ويندي آهي هن جي فطرت ڇا آهي تہ رات جو سمنڊ جي تري مان لعل چڪ ۾ ڪڍي ٻاهر ڪناري تي رکندي آهي ان جي روشنائي تي گاهہ ڏسي ڪائيندي آهي پوءِ چور اکريون ڪڍي لڪي ويهندا آهن ۽ هڪدم ڪڍي لعل اکريءَ سان لڪائين تہ ڳئون چرجي پوندي آهي تہ اها روشنائي ڪنهن بند ڪئي. ڳئون گهڻوئي ڦوڪٽ ڪري چور کي ڳولي مگر چور ڳئون جي تکن سڱن جي خوف ڪان لڪي وجي وڻ تي چڙي. آخر ڳئون سمنڊ مان وجي ٻيو لعل ڪڍي اچي روشنائي ڪري گاهہ ڪائي.

سمنڊ جي ڪناري وارو گاهہ سرهو خوشبودار ٿيندو آهي. ان ڪري ڳئون جو ڇيڻو بہ خوشبودار ٿيندو آهي. جيڪو عنبر ٿي وڪامندو آهي.

مطلب تہ هي طالب وحدت جا الله جون ساموندي ڳئون آهن اسم اعظم جو ذڪر اهي سمنڊ وارا لعل آهن. طالب جي سڪ محبت ۽ اوجاڳا خوشبودار گاهہ آهن. توحيد جي گفتار عارف جو عنبر اهي چور اهو نفس اٿس جيڪو وهمن جون اکريون ڪڍي ذڪر لعل جي مٿان ٿو رکي جيستائين غير خيال ۽ وهم طالب جي دل تي هوندا تيستائين ذڪر جا ڦيرا نہ هلندس. طالب لاءِ اهو وقت اوندهہ ٿي پوندو. پر جيڪو خفتي طالب هوندو سو ڳئون وانگر ذڪر ڪان بس ڪونہ ڪندو. چور نفس کي ذڪر جي تکن سڱن سان ماري وجهندو. نفس جي آزار ڪان آزاد ٿي پوندو.

### بيت

گاؤ بحري همت اورا بين تأبه اين همت شوي ين اليقين

ساموندڙ ڳئون جي همت ڏس، جئين ان همت سان عين اليقين ٿئين.

دم بدم گوهر ز بحر دل بر آر. دزد را باشاخ ذکرش مرده دار
دم دم سان دل جي درياه مان موتي ٻاهر آڻ، چورکي ذڪر جي سڱن سان مار،
گاهه عشق و درد حالت. را به خور، از زبان تو شود عنبر اثر.
عشق ۽ درد حال جو گاهه کاءُ تنهنجي زبان عنبر جي اثر جهڙي ٿي پوندي،
تاشور آزاد آسيب عيار، در غواص بحر جان شو نامدار
جيئن چور جي اهنج کان آزاد ٿئين،اي نامدار هن جان واري بحر ۾ ٽٻي هڻ

## واڍيءَ جي ڪيري جي ڳالھ

هندستان جو هڪ سيٺ هڪ لک چوئيتاليھ هزار سِرُنِ جوڪورو مزدورن کي ٺيڪي تي ڏنو.مزدورن باهہ شروع ڪئي. گرميءَ وقت سيٺ کان مزدورن ٿاڌل گهري جنهن تي سيٺ کين ٿاڌل کان جواب ڏنو تہ توهان سان ٿاڌنل جي ٻولي ڪانهي. مزدورن ڪٺي ماٺ ڪئي ۽ ڪوري جي باهہ جهڪي ڪيائون ڏينهن جو هوريان هوريان بندي وجهي پيا ٻارن ۽ رات جو سمهي پيا پون ۽ باهہ وسامي پيئي وڃي. صبح جو ڪٺان ٽانڊو آٽي وري پيا ڏينهن جو باهہ شرو ڪن. تان جو سيٺ جو سڀ ٻل ڪپي ويو. ۽ هل سر ٻهہ ڪانہ پڪي.

مطلب تہ هندستان آسمانن جو ملڪ آهي. سيٺ آهي مرشد جيڪو آسمانن کان آيل آهي. مرشد طالبن کي ٺيڪو ڏنو ساري عمر ٻل ڪري ائن پهرن جا دم جيڪي هڪ لک چوئيتاليھ هزار آهن. عشق جي ڪوري ۾ دم جو سرون دل ۾ پچايو. مگر هن عشق عشرت ۽ فرحت جي ٿاڌل گهري جنهن کان مرشد منع ڪين. ۽ چيائين تہ اهو ڪورو توهانکي ٺيڪي تي آهي مگر هنن ڇا ڪيو جو ڏينهن جو ذڪر جا ٻہ ٽي پيرا ڏيئي ساري رات سمهيا پيا هجن. صبح جو ڏسن تہ باهہ وسامي پيئي آهي. چٽنگ ٻہ ڪانہ آهي.چٽنگ ڇا آهي. معرفت جو نور ۽ تجلات نوراني.پوءِ اهڙن طالبن جو اهو عشق جو سمورو ئي ڪورو ڪچو نڪتو. ان ڪري سيٺ ٻہ مزدوريءَ کان جواب ڏيندن. مرشد کان جيڪا حال جي روڪڙ ورتي هئائون. سا بہ موٽائي وٺندن ۽ ڪپٽ جي ڪيس ۾ صوبيدار عزرائيل کان هٿ ڪڙي هٽائي

جيل دوزخ ۾ وجهندن جتي کانئن سڀ ڪجهہ وصول ٿيندو. پوءِ قالو يا ويلنا جون دانهون ڪندا.

اڄڪلهہ جا پير بزرگ وقتي ذڪر ڪمائيندا آهن. هڪ صبح جو جنهن مهل پائخانو ۾ پيشاب زور پرين تڏهن اٿن. ساري رات ننڊ ڪن. سمهڻي واري نماز بہ هزارين. خيالن سان پڙهن ۽ پوءِ سمهي پون صبح جو پائخاني کان موٽي اچي گونگهٽ ڪري ويهن. ٻاهران خليافا اڳ تي ويٺا هوندا ۽ اشارن سان ٻين کي پيا چوندا تہ سائين ڏي وڃ جو سائين مراقبي ۾ آهي. هڪڙي بلبل جهڙي عورت مسجد جي پرسان لنگهي تہ خليفا چوندا تہ اها عورت سائينءَ جي محبوب آهي هوڏانهن سائين مراقبو ٿو ڪري ۽ حضور ۾ ٿو پهچي. اهڙا مراقبا سڀ ننڱيءَ جا آهن. ٻيو مراقبو ٽيپهريءَ جو ڪين صرف ماڻهن جي ڏيکارڻ لاءِ ساري رات رنن سان چاگهيون ڪن ڏينهن جو وري ماڻهن کي هدايتون ويٺا ڪن ۽ ميڇن سان ويٺا ڳالهائين. اهو هنن جو ادب آهي، اڌ رات کانپوءِ ذات ذوالجلال هر هڪ ٻانهي کي سڏيندو آهي تہ ياعَبَدِي ياعَبَدي يعني اي ٻانها اوٻانها تہ انهن سڏن تي سڏئي نہ ڏين ۽ هي ننڊ سمهيا پيا آهن يٰٓاَيُّهَا الْمُزَّمِّلُ(١) قُمِ الَّيْلَ اِلَّا قَلِيْلًا ٻيٺو پو پڪارين تہ ننڊ ۾ ٻڏن ئي ڪين اهڙن افعالن سان انهن جو ڪورو ڪيئن بچندو جن اهو دل وارو ڪورو دمن ذڪر سان پچايو تن جي جيئري ئي جاءِ وطن لاهوت لا مڪان آهي ان ۾ هميشہ رهندا.

## بيت

همچون کوره عشق راشوردين است، هر که اوزين کوره نه بود کودن است.

عشق کي بہ ڪوري وانگر شور آهي، جيڪو ان ڪوري مان نہ آهي سو ڪچو يعني احمق آهي.

کوره ازعشق در دل بيغروز سر بسر اين هيزم جان رابه سوز

دل ۾ عشق جي ڪوري جي ٻاهہ ٻيار جسم جي ڪاٺ کي چڱي طرح ساڙي ڇڏ

کوزه را آتش چون روز وشب شود، کوره پخته شودو مطلب شود.

ڪوري ڪي رات ڏينهن باهہ هوندي تہ ڪورو پچندو ۽ مطلب بہ ٿيندو.

گر فرزي آتش اورا گاه گاه خام گردند خشتها گردد تباهه

ڪوري ڪي جيڪڏهن ڪنهن مهل باهہ ڏينديں تہ سرون ڪچون ٿي وينديون ۽ ڪورو تباه ٿي ويندو.

آتش وقتي مرا اوارا شد زيان، اين چنين امد وصبت عارفان

وقتي باهہ سان ڪوري جو زيان ٿيندو. عارفن اهڙي وصيت ڪئي آهي.

## چوڪيدار جي ڳالهہ

بادشاهي خزاني تي چوڪيدار مقرر ٿيل هوندا آهن. سامان جي حفاظت سندن فرض هوندو آهي. چوڪيدار اگر سجاڳ هوندو آهي تہ چور چوري ڪرڻ همت ئي نہ ڪندو جيڪڏهن هو غافل هوندو تہ خسيس چور تہ ڪاٿ هٽي مال سامان ڪٽي ويندو. سرڪار کي جڏهن خبر پوندي تہ چور کي سوگهو ڪري سمورو سامان ڪائونس پرائي وٺندا.

ان طرح سان هر هڪ آدميءَ وٽ بہ دمن جو خزانو آهي. هر هڪ دم ڪتاب جي ورق وانگر آهي. هر هڪ آدمي وٽ دمن جو مڪمل ڪتاب آهي.ان جي پڙهڻ لاءِ خداوند ڪريم قرآن ڪريم ۾ فرمايو آهي تہ:

اِقْرَاْ كِتٰبَكَ كَفٰى بِنَفْسِكَ الْيَوْمَ عَلَيْكَ حَسِيْبًا(۱۴)

يعني پڙهہ پنهنجو ڪتاب گهٽو پنهنجي دم سان جو اج ( قيامت جي ڏينهن توتي حساب ٿيندو اهڙي طرح دمن کي سجايو ڪرڻ لاءِ تاڪيد ڪيل آهي.

تنهنجو نفس هر وقت تاڙ ۾ آهي تہ جيئن ننڊ اچيس تہ سمورو گهر ٻهاري وڃانس. مطلب تہ جيڪڏهن پيٽ پري سمهندو تہ ننڊ اچي ويندس ۽ نفس چور کي وارو لڳي ويندو ۽ دمن وارو شاهي خزانو چورائي برباد ڪندس. مگر جاڳندڙ جو سامان ڪير ڪٽندو. اهڙي طرح ننڊ ستل جا جيڪي دم اجايا ويا سي مُوٽي ڪين ايندا.

## هڪڙي صوفيءَ جي ڳالهه

حضرت رسول الله ﷺ جن ڪانپوءِ جيڪي شهر اسلام ڪان رهيل هئا انهن تي ترڪ حملہ ڪري پيا فتح ڪندا هئا. هڪڙي صوفيءَ جو رستي تي مڪان هو. لشڪر ان وٽان لنگهندا هئا ۽ وٽس ٽڪ پٽن لاءِ ڪجهہ ترسندا بہ هئا. هڪ دفعي ان صوفيءَ مجاهدن کي چيو تہ مان بہ جيڪڏهن توهان سان هلان ۽ مان ڪو هڪڙو ڪافر ماري ثواب ۾ جهاد ۾ شامل ٿيا. ترڪن چيس تہ تنهنجو جنگ ۾ تجربو نہ آهي ٿو عمر مڪان ۾ گذاري آهي توکي جنهگ ۾ پاڻ بچائڻ جي خبر نہ آهي. تون هن ڪم مان نہ جاڻين. توکي ڪافر ٻڌي آڻي ٿا ڏيون تون ان کي قتل ڪجانءِ تہ توکي ثواب ملندو.

آخر غازي ترڪ ويا ۽ ٻن ٽن ڏينهن ڪانپوءِ موٽيا ۽ پان سان هڪ ڪافر ٻڌي اُٺ تي ڪٽي آيا. هن کي ٻڌل ڪافر اچي ڏنائونس پر ان کي مڪان پويان ٻڌي ڦٽو ڪري آيا. صوفيءَ کي هڪ جوهردار ترار هٿ ۾ ڏيئي چيائونس تہ وڃ ٻڌل ڪافر کي ماري ثواب جو درجو حاصل ڪر. هي ترار ڪٽي ويوءِ گهڻي دير تائين ڪونہ موٽيو. ترڪ جو اٿي ڏسن تہ اهو ٻڌل ڪافر صوفيءَ کي نڙيءَ ۾ چڪ هنيون دسيون ويٺو آهي صوفيءَ ڪان پيشاب ۽ پائخانو ڪانچ ۾ وهي ويو آهي ۽ ترار پري پيئي هيس.

ترڪن جو اهو ڏٺو تہ ترار ڪٽي ڪافر کي ماري وڌائون ۽ صوفي کي هٿن تي ڪٽي مڪان ۾ ڦٽو ڪيائونس. ڪيس پاڻي وغيره پياري هوش ۾ آنڌائونس. هوش ۾ اچڻ ڪانپوءِ پڇيائونس تہ توکي ٻڌل ڪافر ڪيئن دسيو. چيائين تہ مان اجان ترار اولاري مانس تہ ڪافر جو مون ڏانهن ڏٺو تہ منهنجي دل ۾ ڏڪٽي پئجي ويئي ڏڪي ڏڪي ڪري پيس پوءِ خبر ڪانهي تہ ڇا ٿيو. اوهان مون کي جيئندان ڏٺو آهي.

اهو ڏسي ترڪن کيس مڪان مان لوڏي ڪڍيو. تہ تون صوفين ۽ صوفيائپ جي ڏانوَ جو نہ آهين. تون وڃي تڪاٽي جي پر وٺي وڃي ديڳين کي ڪاٺيون سور ۽ ڏامان ڪاءُ.

حاصل مطلب تہ غازي ترڪ حضرت رسول الله ﷺ ۽ پير مولا علي عليہ السلام آهن. جيڪي نفس ڪافر سان جنگ ڪندا آهن. نفس جا شهر مسلمان ڪندا آهن. ٻيا فقير عارف بہ انهن جي ڏسيل فرمان موجب نفس سان جنگ ڪندا آهن. حضور پر نور ﷺ فرمايو آهي تہ رَجَعناَ مِنَ الجِهَادِ الاَصغَرِ اِليٰ جِهَادِ الاڪبر. يعني اسين ننڍي جهاد موٽيا آهيون وڏي جهاد ڏانهن ملڪي جنگ ننڍو جهاد آهي مگر نفس سان جنگ ڪرڻ وڏو جهاد آهي. ٻيو بہ جيڪو طالب انهن جي ريس تي صوفي بنجي ذڪر پچي سنڌن جي پويان ڊوڙي. ننڍان ڪري ۽ مزا وٺي. مرشد غازيءَ ترڪ جيڪا هن کي اسم اعظم جي جوهردار ترار هٿ ۾ ڏني ۽ ڪافر نفس بہ وجود ۾ ٻڌل ڏسيائينس ۽ پوءِ بہ ذڪر جي ترار نہ وهايائين. تہ ان ٻڌل ڪافر جو چڪ سندس نڙيءَ ۾ هوندو. پوءِ اهڙو صوفي وحدت جي مئخانہ جي لائق ڪونهي. اهو وچي هندن جي ٽڪاڻن ۾ رهي. جنهن کي ڪافر نفس ٻڌل ڏسيون ويٺو هو.

**بيت**

اصــغـر ڏي آهـيـن گـهـڻـا. تـون اڪـبـر ڏي آءُ
مـتـان لـوڙيـو لاهـئـيـن. هـن مـجـوسـيءَ مـٿـاءُ
حـيـدر جـي هـٿـاءُ وڙهـہ تـہ ويـري مـارئـيـن.

**بيت مثنوي**

چون ز مرشد بر گرفتي تيغ تيز، پيڪر اين نفس ڪافر ريز ريز،
جڏهن مرشد کان تکي ترار ورتئہ ان سان هن ڪافر نفس جو وجود پرواز ڪر.
گر تو غالب ميشوي بر شوم تن، خاص باشي در حضور ذوالمنن.
جيڪڏهن هن ظالم جسم تي غالب ٿئين تہ پروردگار جي بارگاهہ ۾ خاص سڏبين
گر تو مغلوب شدي خجل و خوار، ڪشته ڪافر و حالت زرزار.

جيڪڏهن هار ڪاڏيءَ تہ خوار ۽ لڄي ٿيندين. ڪافر جو ڪنل ۽ حالت بري ٿيندءِ

تيغ ذکر اسم اعظم را بزن، کافر مغلوب راهين قتل کن

اسم اعظم جي ترار وهاءِ دسيل ڪافر کي هٽي قتل ڪر.

رستم جوئي برو خنجر بيار، ورنه خودراهچون آن صوفي شمار

رستم پهلوان آهين. خنجر ڪڍ. نہ تہ پاڻ کي اهو صوفي سمجهہ

رستم جوئي بزن تيغ آبدار، ورنه همچون مخنثان کون راسپار

رستم آهين تہ جوهر دار ترار وهاءِ نہ تہ ڪدڙن وانگر ڳُئي ٻين جي حوالي ڪر.

## گڏهہ ۽ بگهڙ جي ڳالهہ

اڳئين وقت ۾ ناري واهہ کي بند ڪونہ هو. سدائين پاڻي اٿل ڪري پيو وهندو هو. هيٺاهين. جاين تي چاليهہ پنجاهہ گڏهہ چيڪ پيا چبر چرندا هئا. اوچتو ۾ هڪ بگهڙ اچي هريو. جيڪو لوهہ ڏيئي گڏهہ ماري پيو کائيندو هو. جڏهن هڪ گڏهہ بچو تڏهن گڏهہ بہ بگهڙ کي اک ۾ رکيو. بگهڙ بہ هر وقت گڏهہ کي مارڻ جي تاڙ ۾ هوندو هو. گڏهہ بہ سمجهيو تہ هي تہ ماري آهي جنهن منهنجا سڀ سنگتي ماري ڪاڏا آهن. گڏهہ پڌر تي پيو چرندو وتي ۽ تيڏي اک سان نظر بگهڙ ۾ هجيس . ڪنهن وقت گڏهہ چنو پي تہ بگهڙ اچي سامهون ڪوهہ ڪيس. گڏهن جي مرڻ ڪپڻ جو هن کي بہ ساڙهو سو وات ڦاڙي ڪٽي بگهڙ کي ڪنڌ ۾ چڪ وڏائين. پوءِ تہ بگهڙ گڏهہ جي وات ۾ هو. بکن جي ڪري گڏهہ بہ سڪي تاڙو ٿي ويو. بگهڙ جو پوبون اڌ گڏهہ دڙهن سان کوهي چڏيو. باقي صرف بگهڙ جو ڪنڌ وات هجيس گڏهہ بہ خوف کان وات ڪيڍي ئي ڪونہ پيو متان بگهڙ جئيرو هجي ۽ حملو ڪري پوءِ ماڻهن ڦاسائي گڏهہ کي ورتو ۽ وات ۾ ڪانيون ڏيئي بگهڙ جو ٽڪرو گڏهہ جي وات مان ڪيڍيائون ان ڪانپوءِ گڏهہ ڪائڻ پيئڻ لڳو.

ڏسو تہ گڏھہ ڪيڏي نہ همت ڪئي، جو پنھنجو ماري ماري وڌائين. هن بي همت صوفيءَ کان تہ اهو گڏھہ ڀلو هو جنهن دشمن کي ماري وڌو. هاڻي بہ جيڪو صوفي نفس جو ماريل آهي تہ اهو صوفي نہ سڏائي اهو ان گڏھہ کان بہ گھٽ آهي.

## بيت مثنوي

اسلام اي صوفيان کم همت، اي شمايان ننگ آدم در صفت

همت آموزيد زاين خربي بها، که اوز چنگي گرگ يا بيد رها.

اي ڪم همت صوفيو. اوهان صرف آدمي جي صفت ۾ ٿا سڏجو.

ان اَملهہ گڏھہ کان همت سکو. جنهن پنهنجي دشمن بگھڙ کان جند ڇڏائي.

## حضرت موسيٰ ۽ خواجہ خضر جي ڳالھہ

حضرت موسيٰ طور سينا تي الله کي عرض ڪيو تہ مالڪ مون کي لدني علم عطا ڪريو. حضرت موسيٰ کي الله خضر عليہ السلام ڏي موڪليو. پوءِ ان سڪ ۾ خواجہ خضر کي ڳولي لڌائين. اچڻ وقت خواجہ خضر چيس تہ اگر توکي علم سکڻو آهي تہ مون کان ڪنهن بہ ڪم جي باري پڇا نہ ڪجانءِ پو پاڻ ۾ گڏجي هليا. تہ درياءَ ۾ هڪ رن زال جي ٻيڙي درياه مان پار ٽپاين. مگر ڪپر تي بيهي خواجہ خضر عليہ السلام ٻيڙي جي تري ۾ لت هڻي هڪ تختو ڀڃي وڌو. اهو ڏسي خواجہ خضر کي حضرت موسيٰ عليہ السلام چيو تہ هي ناحق ڇو ڪيئہ خضر عليہ السلام چيس تہ پوئتي موٽ. جنهن تي موسيٰ عليہ السلام منٿون ڪيس تہ وري ڪونہ ڪڇندس. ٿورو پنڌ ڪيائون تہ هڪ ننڍو ڇوڪرو گڏين. جنهن کي خواجہ خضر عليہ السلام چماٽ زور هڻي ماري وڌو. موسيٰ عليہ السلام چيس تہ وري هي ٻيو ناحق ڇو ڪيئہ حضرت خواجہ خضر چيس تہ مان توکي بروقت چيو هو تہ مان جيڪي بہ ڪيان تون پڇجانءِ نہ هاڻي پوئتي موٽ. وري موسيٰ منٿون ڪري مڃايس ۽ گڏجي اڳتي هليا تہ هڪڙي شهر

۾ قتل جاءِ ڏنائون ۽ ان جي ناهڻ لاءِ سرون وجهڻ شروع ڪيائون. آخر ٻارهن مهينا ڪم هليو. جاءِ تيار ڪيائون موسيٰ اچي ڪک تي چوڻ لڳو تہ منهنجا تہ ڪم لاهي ڇڏيئہ ڪمائي ٻنڌ نڪري ويو آهي ماني پاڻي ڏيڻ وارو بہ ڪونہ آهي. مان اهڙي علم سکڻ کان بس ڪئي مون کي گذريل ڪمن جو مطلب سمجهاءِ تہ مان واپس ٿو وڃان.

خضر عليہ السلام چيس تہ ٻيڙي ان ڪري پوم جو هڪ ظالم بادشاهہ ٻيڙا مارائينو پي. آيو هيءَ ٻيڙي رن زال جي هئي ۽ ڀڳل ٻيڙي ڏسي. بادشاهہ ڪهرائي نہ ويندو. سموري ٻيڙي رن زال ڪتان نهرائي ها مگر هڪ تاکي آساني سان نهرائي سگهندي ڇوڪرو ان ڪري ماريم جو ان جو ماءُ پيءُ بهشت ۾ هئا هي سامائجي ها تہ بر اڪم ڪري ها. جنهن ڪري سرڪار الاهي سندس پيءُ ماءُ کي بهشتن مان تڙي ڪيڍن ها هن جي گناهن جو اثر سندس مائٽن تي پوي ها. جهڙي طرح صالح اولاد جو درجو آدم تائين پهچي ٿو. ۽ حديث موجب خون جي ڏوهہ جو اڌ قابيل کي ملي ٿو.

هيءَ جاءِ ان ڪري نهرايم جو هن جا مالڪ حج تي ويل آهن خزاني جون بہ ديڳون هٿ پوريل آهن. جاءِ جا نشان ڊهي وڃن ها تہ هنن کي پسئہ ڪونہ لڀن ها هاڻي هو هيڏي اچڻ وارا آهن اهو ٻڌي حضرت موسيٰ علي السلام واپس موٽيو.

سوال: ذات ذوالجلال حضرت موسيٰ جهڙي پيغمبر کي خضر عليہ السلام ڏانهن ڇو موڪليو؟

قرآن ڪريم ۾ ذات حق پاڪ حڪم ڏنو آهي تہ باخبر علم وارو عارف جيڪڏهن ظاهر ۾ اڍنگو هلي تہ پڪ سمجهو تہ ان جو حق سان وصل آهي. اهو علم لدني جو مالڪ آهي ظاهر ۾ بي دينو ٿو ڏسجي مگر اندران سڄوئي دين حق ۾ مستغرق آهي. لاخوف عليهم والايحزون هن جو شان آهي هن. کي ڪابہ پرواهہ ڪانهي هو ڏوهہ ثواب کان گهڻو مٿي آهي.

قرآن ڪريم ۾ اهڙي تلقين آهي تہ فَسۡـَٔلُوۡۤا اَهۡلَ الذِّكۡرِ اِنۡ كُنۡتُمۡ لَا تَعۡلَمُوۡنَ(۴۳) جيڪڏهن توهان نٿا ڄاڻو تہ اَهۡلَ الذِّكۡرِ وارن کان پڇو حقيقت

۾ نبي ۽ عارف هڪجهڙا آهن. مسلمان انهن کان فيض تہ ڪونہ ورتو رهندو انهن سان لڙيا.

اول ۾ شاهہ منصور کي سوليءَ تي چاڙهيائيون. شمس الحق تبريزيءَ جي کل لاٿائون. شيخ ابو العباس ۽ شيخ هيڪل نجم الدين کبريٰ کي شيعن قتل ڪيو. معروف ڪرخيءَ کي بہ شيعن قتل ڪيو. سنڌ ۾ شاهہ ڪرمل، بلاول، صوفي شاهہ عنايت، غلام محمد وڏجارو، عبدالرحيم گرهوڙي کي شهيد ڪيائون. بلاشاهہ کي بہ مسلمانن قتل ڪيو. مسلمانن اهو ڄڻ الله بادشاهہ جو چوڻ ورتو مصر ۾ ذوالنون مصريءَ کي ست سال قيد ڏنائون. آخر هن زماني ۾ بہ فولاد علي فقير کي بہ جيل ڏياريائون. ڏنڊ ڀرايائونس. تعدير ڏياريائونس اهي سڀ ڪم مسلمانن ڪيا.

جيئن حضرت موسيٰ ۽ خواجہ خضر جي ڳالهہ آهي اسان بہ ائين مسلمانن جي هدايت لاءِ آيا هئاسون. مگر هنن نہ ڄاتو جيڪي اسان جا مخالف هئا سي سڀ تباهہ ٿي ويا انهن جون قبرون بہ لتڙ ۾ آهن مٽئون ڪت ٿا مٽن فقير تہ خوش چڱو ڀلو وينو آهي. فقير جو نالو هند، سنڌ، عرب، ايران ۾ عشق شهنشاهہ مشهور ڪيو آهي. هر هنڌ ماٿهو پيا ٿا اسان جو پڇن مگر هنن شريعت وارن کي تہ ڳوٺ کان ٻاهر ڪير سڃاڻي بہ ڪونہ ٿو. هنن کي اسان سان نفساني حسد هيو. اسان سان شريعت جو بهانو ڪري لڙيا شريعت کي تہ پاڻ ئي پوريءَ طرح ڪين ڄاڻندا هئا. انهن ملن ۾ حرام ۽ حلال هڪجهڙو هو. پراوا مال ڦرڻ چوري ۽ زنا انهن لاءَ حلال هئي.

### بيت

در د شريعت بود هر آنچہ حلال

در طريقت بود همه مردار

جيڪي شريعت ۾ حلال آهي .اهو طريقت ۾ سڀ حرام آهي.

شمس الحق ۽ منصور سان جيڪي قاضي مفتي لڙيا انهن جو ڪوناڻ نيشان آهي يا ڪا قبر يا ڪوزيارت گاهہ آهي. مگر جن ڪي بي شريعتو سمجهي قتل ڪيائون انهن وٽان بيمار ڇٽا وڃن هزارين سوالي اچن مطلب ۽ مرادون حاصل ڪن.

هڪڙو نمازي شر هو. جيڪو فقير غلام حيدر سان لڙندو هو پوءِ ان جي پوٽي کان پڇيوسين تہ تنهنجو ڏاڏو نيڪ نمازي هو سندس قبر ڪٿي آهي. سندس قبر ڏيکار تہ توکي انعام ڏيون. مگر جواب ڏنائين تہ مون کي خبر ڪانهي. پوءِ اسان وٽ هڪ حجم ڇوڪرو آيو جنهن کان پڇيوسين تہ فقير غلام حيدر شر جي قبر ڪٿي آهي. تہ جيائين تہ هلو تہ ڳوٺ ۾ ڏيکاريانوَ. فقير جي قبر تي عاليشان روضو ٺهيل آهي ۽ زيارت گاهہ آهي.

ساري رات سبحان جاڳي، جن ياد ڪيو.
ان جو عبدالطيف چئي.مٿيءَ لڏو مان.
ڪوڙئين ڪن سلام. اچي آتڻ ان جي.
( شاهہ

شريعت ۽ معرفت الاهي جو اهو فرق آهي. تڏهن تہ حضرت موسيٰ شريعت جي پيغمبر کي الله پاڪ . معرفت واري خواجہ خضر ڏانهن علم لدني سکڻ لاءِ موڪليو هو.

**بيت**

چون گرفتي پيرهن تسليم شو . همچون موسيٰ زير حکم خضر شو .
جڏهن دامن ورتي اٿئي تہ تسليم بہ ڪر، موسيٰ وانگر خضر جي حڪم تي هل
صاحب علم لدني خضر راه مرگدائي را کند چون بادشاهه
علم لدني جي مالڪ خضر جو طريقو گداگر کي بادشاهہ ٿو ڪري.
مرشد بايد که چون رهبر شود غير مرشد کارها ابتر شود.

مرشد اهڙو هجي جيڪو رهبر ٿئي، غير مرشد ڪانسواءِ سڀ ڪم خراب ٿيندا.

مرشد که او صاحب معراج تاجه. که او بود حاجت روا خود لا احتياج.

مرشد اهو. جيڪو معراجي تاج جو مالڪ هجي جيڪو بين جو حاجت روا هجي ۽ پاڻ بي پرواهہ هجي.

همچون وحي حق بود او پيشوا، هم در اين معراج معنيٰ رهنما

وحي وانگر حق جو نمائندو هجي. هن معنيٰ جي معراج ۾ رهبر هجي.

تا به هفتم آسمان يکسر رود، طالبش با او وادهم برهم شود

ستين آسمان تائين هڪدم وڃي طالب ۽ پاڻ گڏ هڪيئي سان وڃن ٿا.

غير رهبر اهل دل بينا نه شد. همچون موسيٰ سينئه ش سينا نه شد.

مرشد ڪانسواءِ دل وارو ڏسندو ڪين. موسيٰ وانگر ان جو سينو طور سينا نہ ٿيندو.

## ملان ۽ ميت جي ڳالھ

هڪ سال نوشهري ۾ وبا جي بيماري پيئي بيماريءَ جي پوَ ڪان گهڻا ماڻهو بيمار مٿ چڙي هليا ويا. هن بيماريءَ جو اهڙو خوف آهي جو ماڻهو بيمار گهر جي پاتين کي ڇڏي هليا ويا. جيڪي پويان مري ويا. ان ڪري شهر جي صوفي شاهہ نصير ڳڻ ڪئي تہ مسلمان جي لاشن کي ڪفن ڏياري دفن ڪجي. هڪ ملان کي گهرائي هر هڪ جي لاش کي غسل ڪفن دفن ڪرائڻ جي مزدوري 5 روپيہ مقرر ڪيائين ملان کي همراهي لاءِ پنهنجا بہ ٽي فقير بہ گڏي ڏنائين. ڪنهن لاشي جي چيلھ سان پئسہ ٻڌل پيا لين تہ ڪن جي ڪيسن مان پئسہ پيا لين.

هڪ ميت هو جيڪو پٽ کي ٽيڪ ڏيون ڪن تي هٿ رکيون ويٺو هو.اتي ئي ساهہ نڪري ويو هوس ۽ سڪي ويو هو ملان ميت کي غسل ڏياري ڪن تان هٿ لاهي چڪي پٽيءَ سا چيلھ سان ٻڌائينس جيئن قبر ۾ لاٿائون تہ ملان ميت جو منهن ڪعبہ ڏي ڪري چيلھ واري پٽي ڇوڙي ملان جا پٽي نوڙي پي ڇوڙي تہ ميت جي ٻانهن ڏوڙي هئي ساڇڙڻ سان ملان

جي ڳراٽيءَ ۾ پئجي ويس. ملان وٺي دانهون ڪيون قبر ۾ ڌوڙيو ٽي ويو. ڪانڌي فقير بہ ڀوَ کان ڀڄي ويا. ۽ وڃي شاهہ نصير کي اطلاع ڏنائون تہ سائين ملان ۽ ميت وڙهي پيا آهن شاهہ نصير اچي ڏسي تہ ملان پوڪي ڪبر پري ڇڏي آهي، ملان کي هڪ وبا جو خوف هو ويتر جو ملان کي ميت جو ڪنڌ ۾ ٻک پئجي ويوان ڪري ملان تہ مري ويو شاهہ نصير چيو تہ ملان کي بہ ان ميت سان گڏ دڦالت ڪيو وڃي. ائين ڪيو ويو. ملان کي نہ تڙ نہ ڪفن نہ جنازي نماز ٿيس. ڀلا تڙ ۽ جنازي وارو ملان پاڻ هو اهي ڪم پيو ڪير ڪري ملان کي ميتن وارا پيئسہ بہ ور ۾ پيل هئس. انهن سميت دڦالت ٿي ويو.

حاصل مطلب تہ جيڪو آدمي سڄي عمر لالچ ۽ ڪمائي ۽ حرص ۾ رهندو ۽ خدا کان غافل رهندو تہ اوچتو نفس ٻک هٽي ڪٽي ڪڏ ۾ ڪيريندس ۽ سر وڃائي ڇڏيندس. جيڪڏهن ڪنهن کي پاڻ بچائڻو آهي تہ خدا جي ياد کان غافل نہ رهي.

## بيت

نفس سر کش بي رياضت رهنما کئي شود ازدهان فرعون رادر کن عصا کئي ميشود

ظالم نفس رياضت کانسواءِ رهنما ڪيئن ٿيندو. ازدهان بلا فرعون لاءِ هٿ ۽ عصا ڪيئن ٿيندو.

بلاست نفس عنان زدست عقل گرفت عصا چون از کف موسيٰ افتاد ثعبان شود

نفس بلا آهي ان کي عقل سان وٺ. لٺ جڏهن موسيٰ جي هٿ مان ڪري تہ نانگ آهي.

عنان نفس زکف دادن بصيرت نيست. سگ درنده اسير قلا وملي بايد

نفس جي واڳ هٿان ڇڏڻ دانائي نہ آهي. پنڊو ڪتو زنجيز ۾ ٻڌڻ گهرجي.

عنان نفس سر کش گر يگري که درد روز جزا شرمنده نه باشي.

ظالم نفس جي واڳ وٺندين تہ قيامت جي ڏينهن شرمندو نہ ٿيندين.

## هندو بت پرست جي ڳالهہ

هڪ هنڌ و ڏٺوسين تہ هڪ هندوءَ کي ٻيا سڀ هندو. پيا مارين. اسان کانونس پڇيو تہ توکي ڇو ٿا مارين دانهن بہ ڪونہ ٿو ڪرين. هن چيو تہ مون اهو گناهہ ڪيو آهي جو تور ڪندي وڏي بت جو نالو ڪنيو آهي. اسان ۾ قائدو آهي تہ وڏي بت جو نالو اهو کڻي جيڪو گهر ٻار ڦرائي صفائي ڪري. تڏهن ان نالي کڻڻ جو لائق ٿيندو. اهوپڏي اسان کي عجب لڳو تہ هي هندو ٿي ڪري بتن جو ڪيڏو ادب ٿا ڪن مسلمان اهڙا آهن جو ڄاڻي واڻي پراوا حق بہ کائن ۽ قرآن پاڪ بہ کڻن ذات حق پاڪ جو قسم بہ کڻ هن دن کي بت جو ڪيڏو ادب آهي مسلمان مانيءَ جي ٽڪر تي ٻنهي جهانن جي بادشاهہ جو قسم بہ کڻي وڃن.

## جت جي ڳالهہ

گمبٽ ۾ تورتان هڪ جت جو سوئو چورائجي ويو. سيني جتن کي الله رسول جا قسم ڏنائين تہ بہ سوئو ڪنهن ڪونہ ڏسين آخرت جت چيو تہ پير صالح شاهہ دا قسم هوي ميڪون سوئا ڏسو. جيڪو نہ ڏسيسي تہ اهن ڪون پير صالح شاهہ پڄسي.

اهوپڏي سوئي کڻڻ واري چيوتہ تہ ايجها قسم نہ گهت ٿهر نہ ڪرين. گِهنِ آپڻا سوئي کڻڻ واري گهر اچي تانهريءَ جي ديڳ خيرات ڪئي تہ متان پير اچي هي حال آهي مسلمان جو پير کان ڊڃن ٿا نہ الله کان ٿا ڊڃن نہ رسول الله ﷺ کان نہ ڪلمہ کان نہ قرآن کان.

اهو مالڪ الملڪ جيڪواهڙا هزارين پير پيو ٺاهي ۽ ماري عام مسلمان وٽ ذات حق پاڪ جو اهو قدر آهي جو الله کي پيرن کان بہ گهٽ ٿا سمجهن.

### بيت

این مسلمان حمیت دین چون هنود مي نه دراند عزت حق در وجود
این مسلمانان که نام حق تعالیٰ کم شمارنداز بزرگان وکسان

هي مسلمان دين جا مددگار هندوءَ جيترو احترام بہ وجود ۾ نٿا رکن
هي مسلمان تہ حق تعاليٰ جي نالي کي پيرن ۾ ماڻهن کان بہ گهٽ ٿا سمجهن.

## شينهن بگهڙ ۽ لومڙ جو بيان

هڪ شينهن شڪار لاءِ بگهڙ ۽ لومڙ ساڻ ڪنيا شينهن وچي ڳئون ماري بگهڙ ٻڪري ماري ۽ لومڙ سيهڙ ماريو. پوءِ شينهن بگهڙ کي چيو تہ ورهاست ڪر. بگهڙ چيو تہ قبلا هر ڪنهن جي شان آهر شڪا موجود آهي. ڳئون توهان کي ٺي سونهين .ٻڪري اسان جو ڪاج آهي.سيهڙ لومڙ کي ٺا ڏيون

ان ورهاست تي شينهن کي ڪاوڙ لڳي ۽ بگهڙ کي چنبو هڻي ماري وڌائين. پوءِ لومڙ کي چيائين تہ هاڻي تون ورهاست ڪر. لومڙ کي بگهڙ جي سزاياد هئي تنهن ڪري چيائين تہ قبلا سيهڙ سائين جن جو ناشتو آهي ٻڪري ماجهاندي لاءِ ۽ ڳئون توهان رات جو ڪائجو شينهن پڇيس تہ باقي لومڙ تون ڇا ڪائيندين. لومڙ چيو تہ سائين توهان ڪاڌو تہ اسان ڪاڌو. تنهن تي شينهن چيس تہ تون اهڙو عقل ڪٿان سکئين.هٿ ٻڌي عرض ڪيائين تہ سائين اهو عقل بگهڙ جي سزا ڏسي سکيو آهيان. تنهن تي شينهن چيس تہ هليو آءُ تون منهنجو آهين مون سان هليو آءُ.

حاصل مطلب تہ جيڪو آدمي ذات ذوالجلال جي اڳيان پنهنجو پاڻ ۾ هئڻ پائيندو تہ ان سان بگهڙ وارو ڪم ٿيندو. جيڪو نفس کي ذات حق جي اڳيان فناءَ ڪندو تہ لومڙ وانگي ذات حق پنهنجو ڪندس.

### بيت

جمله هستیها به پیش اوگذار چون توئي کي اندرين بحر کا مگار
قطره راپیش بحر لافش غلط ، گم شدن واجب تراباً شد فقط.

چون ستاره پيش خورشيد ازل شو فنا کن جسم کلي ربدل،

هئڻ ۾ هستي مالڪ اڳيان ڦٽي ڪر تڏهن تون ان بحر ۾ ڪامياب ٿيندين. قطره جي سمنڊ اڳيان ڊاڙ غلط آهي. توکي فقط ان ۾ گم ٿيڻ واجب آهي ستارن وانگر سج اڳيان فنا ٿيءُ ۽ سارو جسم نذرانو دل سان ڏي.

## اُٺ جي ڳالهه

هڪ شخص اٺ تي بار ڪنيون وڪڻ لاءِ ناري ڪٽي ويندو هو اتان واڻ ۾ پيسا آڻيندو هو ان طرح سندس گذارن ٿيندو هو هڪ دفعي سندس اٺ رستي ۾ بار هوندي واءُ جي بيماي سبب مري ويو.هي ڏاڍو پريشان ٿيو ۽ رنو آخر سوچيائين تہ اٺ تہ سڄو سارو سلامت پيو آهي. هنبي ڪهڙي شيءِ هئي جيڪا مون کي بہ ڪٽي پيئي ۽ بار بہ ڪٽي پيئي هاڻي هنمان اها سيءِ نڪري ويئي آهي تہ اٺ جو سارو جسم بيڪار پيو آهي

ان هن آدمي جيو بوتو بہ اٺ وانگر آهي جنهن ۾ ذات الاهيءَ جي نور مان ذرو پيل آهين جنهن سان دنيا جا ڪاروبار حڪمتون جنگيون جهيڙا ڪندو ٿو وتي جڏهن اهوذرو نڪري ٿو وڃي تہ پوءِ بيڪار لاش يعني ڪجھ بہ نہ ٿيو پوي

### بيت

کاين وجدت چون شتوپر بار گير ليک دروي حاکم ذات بصير

هي تنهنجو وجود بہ اٺ وانگر بارکڻندڙ آهي پر ان ۾ ذات حق موجود آهي.

چون شُود بيرون شوي مرده ابد . همچون هيمان بي نقد بيکار رد

جڏهن ان مان ذات نڪتي تہ مردو ٿيندو خالي ٻتون وانگر بيڪار رد ٿيندين

پس شانس ذات خود راد ر وجو د موتو قبل موت او باشد نمود

پوءِ پنهنجي وجود ۾ ذات کي سڃاڻ مرڻ کان اڳي مرڻ ان کي ڏيکار.

گر به ميري همچون عام ،ه چون سگان حق نه داني کور باشي ازدر گاهه

عامن وانگر هئين تہ ڪتو ٿي مئين حَق کي نہ سڃاتئہ تہ درگاهہ کان انڌو رهجي وئين

گر به ميري پيش مرگ اي نامداري، تابد نامت پائدار
اي نامدار موت کان اڳ مئين تہ قيامت تائين تنهنجو نالو زنده رهندو
چون تولا گردي بقايان تمام فاني حق شو بدان اين وسلام
جيڪڏهن تون لا ٿيندين تہ بقا لهندين حق ۾ فناءِ کاءُ تہ اهو ڪافي اٿيئي

## بادشاهہ محمود ۽ غلام جي ڳالھ

هڪ دفعي شاهہ محمود ڪاهہ ڪري هندستان فتح ڪيو بادشاه پاڻ حسن پرست هو اتي هڪ حسين ڇوڪرو ڏٺو جنهن تي عاشق ٿي پيو آخر ان کي خريد ڪيائين ۽ کيس غزنيءَ وٺي ويو هن جي خدمت لاءِ ڪيترائي نوڪر بيهاريائين هڪ ڏينهن بادشاهہ هن کي سڪ ۽ پيار مان ڪٺي پاڻ سان تخت تي ويهاريو. ڇوڪرو تخت تي ويهڻ سان روئڻ لڳو. روئيندي تخت تان ڪري پيو ۽ بيهوش ٿي ويو. آخر جڏهن هوش ۾ آيو تہ بادشاهہ پڇيس تہ تون ڇو روئي تخت تان ڇو ڪري پئين؟ چيائين: مون امڙ ياد پيئي هئي، افسوس جو غلام تخت تي ويهڻ ۾ عزت نہ سمجهي ۽ ماءُ کي ياد ڪري ڪِري پيو.

حاصل مطلب تہ شاهہ محمود ذات ذُوالجلال آهي هندستان هي دنيا جو جهان آهي غزني مٿيان آسمان اٿس ٻانها ۽ نوڪر هي آدمي آهن شاهہ محمود تہ ٻانهن تي گهڻوئي رحمان ۽ مهربان آهي. غلامن تي گهٽي ٻاجھ اٿس پر هنن کي امڙ نفس جي ياد ڪينو ٿي وڃي هڪدم قرب الاهي جي تخت تان هيٺ ڪري ٿا پون. ڪم عقلي جي ڪري هن کي قرب الاهي بہ گهٽ ٿو نظر اچي،

## هڪ بادشاهہ جو ڪتي سان شوق

هڪ بادشاهہ کي ڪتي سان شوق هو. کيس ڳانيون ۽ مٽڪا پاريا هئائين. هڪ دفعي پاڻ ڪتي کي ڪاهي شڪار تي نڪتو. ٿورو اڳتي هليا تہ ڪتي ڍوڻڍ ڏٺو هنن مان ڇڏائي وڃي ڍوڻڍ کي چنبڙيو نڪرن کي

ٻہ ڏاڙهي پيو. ۽ آخر بادشاهہ ويس تہ ان کي ٻہ ڏاڙهڻ لڳو ڊونڊ تي اچي بيرائو.

حاصل مطلب تہ ڪتو هي نفس آهي جيڪو وڏي بادشاهہ جو ڏاريل آهي مگر ان کي وساري الله کان منهن موڙي دنيا جي ڊونڊ تي ريجهي پيو آهي. هن جو شڪار آهي. خوديءَ کي ڪائڻ پاڻ کان بيخود ٿيڻ اهو شڪار ڪونہ ڪيائين گمراهي اختيار ڪرڻ ۽ مالڪ کي نہ سڃاتائين پٽڻ برابر آهي.

**بيت**

اين سگ بر يجيفهءِ دنيا ودون مکيند بر جيفئه سر خود را نگون

هي ڪتو هن دنيا جي ڊونڊ جي لالچ تي پنهنجو سر ٿو وڃي ڪوڙي

از براءِ جيفه دندان تيز کرد او گريزن دهن خود خونريز کرد

ڊونڊ لاءِ ڏند تکا ٿو ڪري ان جي ڪرڻ سان پنهنجو وات رت ۾ ٿو ٻيري.

ناشناسد خويش بيگانه کدام شه فراموش کرد خدمتها تمام

بي شناس پنهنجي پرائي کي ڪونہ ٿو سڃاڻي بادشاهہ جي ڪيل خدمت وساري ڇڏي اٿس

اين بهر جيفئه دنيا بطال آدمي گم کرد روئي ذُوالجلال

هن ڪوڙي دنيا جي لالچ لاءِ آدمين ذات ذوالجلال کان منهن مٽائي ڇڏيو آهي.

حال وصال و وجد را گم کرده است روئي اندر جيفئه آورده است

حال وصال ۽ وجد کي گم ڪيو اٿس منهن اچي ڊونڊ ۾ هنيون اٿس

شاهه اعظم جمله خدمتهائي او . کرد نسيان جيفئه شده وائي او ،

وڏي بادشاهہ جون سيئي خدمتون وساري ڊونڊ تي ڪريو آهي ان لاءِ افسوس ۽ واءِ واءِ آهي.

## شاهہ محمود بادشاهہ ۽ اياز جي ڳالهہ

بادشاھ محمود غزنوي محبت مان پنھنجو شاهي تخت ۽ حڪومت اياز غلام جي حوالي ڪئي. مگر هن انڪار ڪيو ۽ روئڻ لڳو. بادشاھ پڇيس ڇو ٿو رئين ڇپائين جي بادشاهي وٺندس تہ بادشاهي ڪمن ۾ مصروف ٿي ويندس ۽ توکان پري ۽ جدا ٿي ويندس ان ڪري اهڙي حڪومت مون کي نہ گهرجي.

ان طرح فقيرن عارفن کي الله دنيا جو جهان انعام ۾ ڏيئي تہ بہ هر گز قبول نہ ڪنداسون

## بيت مثنوي

از دو عالم تر ديدار يار. در و وصال حق نور زد هيچ کار

يار جو ديدار ٻنهي جهانن کان وڌيڪ آهي. حق جي وصال بدران ٻيو ڪجھ بہ قبول نہ ڪندا

اين حکومت چيست آن ضعيف از مگس کمزور باشد آن نحيف

هي حڪومت ڪهڙي آهي جو ضعيف آهي مک کان بہ ڪمزور ۽ هيٺِي آهي.

بين حکومت عارفان عاشقان. درد مندان را دوا شد خاک ان

عارفن ۽ عاشق جي حڪومت ڏسو. جو انهن جي خاڪ مريضن لاءِ دوا آهي.

چشم بکشا بين بطرف اولياءِ خاک ايشان درد مندان را دوا.

اکيون پٽ ۽ اوليائن ڏانهن انهن جي خاڪ بيمارن لاءِ دوا آهي.

ان شنيدي بو الحسن خرقان را شد سوار شير هيزم گش روا

ان ابوالحسن خرقانيءَ جوپڌي اٿيئي جو شينهن تي چڙهي ڪاٺيون ڪنيون ايندو هو.

تازيانه کرد مار زهر ناک که از زهوش جسم خاک افتد هلاک

زهريلو ناگ لڪڻ ڪري ڪٽندو هو جنهنجي زهر سان خاڪي جسم فنا ٿئي ٿو.

تو نه ميدان که هر شخص کي هست هم سواري ميکند بر شير مست

توکي خبر نہ آهي تہ جيڪو مرد آهي سو مست شينهن تي سواري ڪري سگهي ٿو.

## سلطان ادهم بن ابراهيم بلخي رحہ

سلطان ادهم بن ابراهيم بادشاهي ترڪ ڪري درياءِ جي ڪپ تي جهوپڙي ناهي. اتي رهندو هو. هڪ دفعي اتي ويٺي پنهنجي گودڙي ٽي سيبيائين تہ سندس اڳين وزيرن مان هڪ وزير اچي لنگهيو جنهن ڪيس ڇيو تہ ڏسو تہ بادشاهي ڦٽو ڪئي اٿس تہ ڪيڏو نہ تڪليف ۾ ٿو گذاري ائين چئي وري چوڻ لڳس تہ هل هلي پنهنجي بادشاهي سنڀار خواه مخواه تنگ دستيءَ ۾ وينو آهين. اهو ٻڌي سلطان سئي ڪڍي درياه ۾ اڇلي وزير کي چيائين تہ سئي ڪڍي ڏي وزير چيس تہ هل تہ هلي هزارين سيون وٺي ڏيانوَ سلطان چيس تہ مونکي ساڳي سئي کپي. وزير معذرت ڪئي ۽ چيائينس: درياه مان ساڳي سئي ڪيئن لپندي آخر ادهم سلطان مڇين کي حڪم ڪيو تہ ساڳي سئي ڪڍي ڏيو. جنهن تي درياه جي ڪپ سان ڪيترين ئي مڇيون سونيون سيون ڪڍي اچي اڳيان بيٺس.بادشاه پنهنجي سئي سڃاڻي هڪ مڇيءَ جي وات مان ڪڍي ورتي.وزير کي چيائين تہ ڏس تہ هيءَ بادشاهي وڏيڪ آهي. جو پاڻيءَ جا جانور بہ حڪم ٿا مڃين يا هوءَ بادشاهي وڏيڪ آهي. جنهن تي وزير شرمسار ٿيو.

### بيت مثنوي

آنکه او حق منظور جان مرغ تابع امرش بدان

جنهن کي جان حق تعاليٰ منظور ڪئي پوءِ پکي خواه مڇيون ان جي حڪم ۾ هونديون.

چونکه اوز دغوط اندر بحر نور. هر دو عالم زير فرمانش عرش وحور

جڏهن ان نور جي درياه ۾ ٽٻي هنئين تہ پوءِ ٻيئي جهان عرش ۽ حورون ان جي حڪم ۾ آهن.

کوهه قاف باغ بستان سراءِ زير حکمش چونکه شد در حق فنا

کوهہ قافہ جبل باغ باغیچا ۽ جهان جڏهن حق ۾ فنا ٿيو تہ سڀ حڪم ۾ هوندس

چون فنا شد ماند آن باقي خدا. جسم و جان گشته فنا اندر بقا

هي فنا ٿيو تہ باقي خدا رهيو. سندس جسم ۽ جان بقا ۾ فنا ٿيو.

قطره چون در بحر گشته ناپديد عين دريا گشت در بحر رسيد

ڦڙو سمنڊ ۾ گم ٿيو تہ ساڳيو درياهہ ٿي ويو. درياهہ ۾ پهچڻ سان

## شيخ شبليءَ جي ڳالهہ

شيخ شبليءَ جا چاليهہ حج ڪيل هئا عشق ۾ اچڻ ڪانپوءِ سندس پرسان ڪا گبرن جي مڙهي هئي. جتي سارنگيون ڏڪڙ پيي وڳا. تہ ناچو بہ پيي نچيا. گبرن باهہ کي طواف پيي ڪيو. فقير سروز ٻڌڻ سان مست ٿي پيو. چيلهہ ٻڌي گبرن سان جهمر هڻڻ لڳو. اهو ڏسي ڪنهن چيس تہ چاليهہ حج ڪاڏي ڪيئہ ؟ چيائين: اهي حج انهن سروزن ۽ ناچن تئون گهوري ڇڏيم وري سوال ڪندڙ چيس. جهمر بہ گبرن سان ٿو هڻي. فقير چيس تہ توکي گبر ٿا ڏسڻ ۾ اچن مگر مان رڳي ذات ٿو ڏسان .قرآن ۾ ڪونہ ٻڌو اٿئي تہ فاينما تُولو فثم وجہ الله اڳي اها خبر ڪانہ هيم تڏهن چاليهن حجن تي خرچ ڪيم نہ تہ اهي سڀ پئسہ هٿ مڙهيءَ ۾ ڪٺاهہ پرساد ۽ پنڊاري ۾ ڏيان ها. پر منهنجو وس نہ هو حديث، السماع معراج الاولياءُ يعني ويراڳ ولين جو معراج آهي. جو ٻڌڻ سان بوتي کي باهہ لڳي وئي ۽ مڙهيءَ کي خود بيت الله ڏنم عامي ڪعبي کان بيزار آهيون.

### مصرع

ڪعبہ وڃن ڪيئن ڪاپڙي، جيڪي عام کان آجا ٿيا.

### بيت رومي رحہ

کعبه و بت خانه یکسان شوند چون نظیر بر ذات آن یزدان شود

ڪعبي ۾ مڙهي ٻئي هڪجهڙا ٿين ٿا جڏهن نظر ان ذات حق پاڪ تي پوي ٿي..

ڪيست اندر ڪعبه بتخانه نيست غيز حق دردن آستانه

ڪعبہ ۽ بت خانہ ۾ ڪير آهي ان آستاني ۾ الله کانسواءِ ٻيو ڪير نہ آهي.

ڪافر ومومن همه ازنور حق ميشود يکسان به معراج فلک

ڪافر ۽ مومن ٻيئي حق جي نور مان آهن آسماني معراج سان هڪجهڙا ٿا ڏسجن

ڪفر دين خود محض ذات ذو الجلال اين خبراورا که صاحب وجد حال

دين ۽ ڪفر صرف ذات ذوالجلال جا آهن هي خبر وجد حال جي صاحبن کي هوندي

ڪافر ومومن دوباشد ازدوني احولي باشد همين مائوتوئي

ڪافر ۽ مومن دوئي جي ڪري ٻہ ٿيا آهن. اها ٽيڏائي مان ۽ تو ۾ آهي.

من وتو چون رفت مانند يک خدا غير حق گرد فنا ذاتش بقا

مان ۽ تون جڏهن وئي تہ هڪ خدا وجي رهندو غير فنا ٿيندو باقي ذات رهندي

احولي اين قيد جسم وجان بود چون رهد ازجسم پس يزدان شود

ٽيڏائي هن جسم جو قيد آهي. جڏهن جسم جي قيد مان نڪتو تہ الله ٿي پوندو

فاينما تولو فثم وجه الله بين توشوري بعد از لهو حق اليقين

جيڏانهن نهاريندي تہ الله ڏسندين جسم جي بازي کانپوءِ حق اليقين ٿيندين- راند جسم جي مشغولي آهي. ان مان آزاد ٿيڻ بعد ئي حق اليقين ٿيندين.

## مجنونءَ جو عشق

هڪ دفعي مجنونءَ چيو تہ جيڪڏهن سارو جهان مون کي آفرين ڏئي ۽ رحمت وجهي ۽ ليلا مون کي گاريون ڏئي ۽ پوندا ڏئي تہ ٻين جي آفرينن ۽ رحمتن کان محبوب جون گاريون ۽ پوندا وڌيڪ پسند پوندم. ڇو تہ محبوب جي ملامت روبرو آهي. ديدار تہ ٿيندو. لوڪ جي رحمت ۽ تعريف محبوب کان تہ دوري آهي.

**بيت**

اين ملامت زين جهت آن عارفان برگزيده آن رحمت عاميان

عارفن جهان جي ملامت قبول ڪئي عامن جي رحمت کان وڌيڪ آهي.

اين ملامت جي آئينه شان اين ثنا زنگ دل آن عارفان

ملامت دل جي آئينہ کي صاف ڪندي آهي عامن جي تعريف عارفن جي دل کي ڪٽ چاڙهيندڙيون آهن.

آن جفا معشوق باشد صد نفعا که آن زحق آيد بلا نه بود عطا

معشوق جون جفائون بہ نفعو آهن. جيڪا بہ حق کان نہ اچي اها بلا آهي عطا نہ آهي

## هڪ مست لا اُبال ۽ سڪندر بادشاهہ

هڪ دفعي سڪندر بادشاهہ ڪنهن مست کان اچي دعا گهري، سندس مطلب پورو ٿيو تنهن تي بادشاهہ فقير کي چيو: جيڪي گهرڻو ائين سو گهر فقير چيس تون روءِ زمين جو بادشاهہ آهي مهرباني ڪري مڪين کي منع ڪر تہ مون تي نہ ويهن: اهو ٻڌي بادشاهہ چيس تہ فقير مڪيون منهنجي حڪم ۾ نہ آهن. فقير چيس تہ تون تہ مڪين کان بہ هيٺو ۽ ضعيف آهين. پوءِ ٻيو توکي ڇا گهران.

مگر جيڪي باطن جا بادشاهہ آهن انهن عارفن جي حڪم ۾ ڪوليءَ کان وٺي هاٿي ۽ شينهن جهڙا سڀ جانور سندن فرمان ۾ آهن.

**بيت**

اين حکومت چيست که آن باشد، ازمگس کمزور، باشند آن نحيف

اها ڪهڙي حڪومت جيڪا مک کان بہ هيٺي هجي ۽ مک کان بہ ڪمزور ۽ ڏٻري هجي

بين حکومت عارفان وعاشقان، درد مندان رادوا شد خاک شان

عارفن ۽ عاشق جي حڪومت ڏسو. جو انهن جي خاڪ بہ مرض لاءِ شفا آهي.

چشم بکشا بین به طرف اولیا، خاک ایشان درد مندان را دوا

اکيون کولي اوليائن ڏانهن ڏسو جو انهن جي خاڪ بہ دوا آهي

وصل او مرزند گي تا ابد قرب معنئ ذات الله الصمد

انهن جو وصل ابدي زندگي آهي. الله بي نياز جي ذات معنيٰ جو قرب آهي.

وصل او خوشتر ازین هر دو جهان. وصل او شد بادشاهي دو جهان جاو دان.

ان جو وصل ٻنهي جهانن کان ڀلو آهي. ان جو وصل دائمي بادشاهي آهي.

وصل حضرت حق بود آب حیات وصل دنیا چیست آن زهر ممات

حضرت حق جو وصل آب حيات آهي. دنيا جو وصل موت جو زهر آهي.

هر که واصل نیست او کافر بود، گرچه کارش نیات و خوش با فر بود

جيڪو واصل نہ آهي سو ڪافر آهي. جيتوڻيڪ نيڪو ڪار هجي.

تاج و تخت و بادشاهه جهان، همچون کفش واصلان نه بود نیشان

دنيا جي بادشاهي يا تخت واصل جي جتي وانگر آهي جو جنهنجو نشان بہ نہ هوندو آهي.

واصلان چون محوا اند در حق تعالٰی. چشم ایشان بر غیر نئي اولا ابال

واصلي حق تعاليٰ ۾ غرق هوندا آهن. انهن جي غير تي اک ئي نہ هوندي آهي بي پرواه آهن.

## حڪيم سقراط ۽ سڪندر بادشاهہ

ڳالهہ ٿا ڪن تہ سڪندر بادشاهہ حڪيم سقراط جي مئي خانہ جي ٻاهران ٻيهي ڪيس ماڻهو موڪليو تہ بادشاهہ توهان سان ملڻ ٿو چاهي جنهن تي سقراط چيو. تہ منهنجي ڪهڙي ڪم جو آهي. اهو تہ اسان جي ٻانهيءَ جو پٽ آهي. قاصد واپس وڃي بادشاهہ کي ٻڌايو. جنهن تي بادشاهہ کي ڪاوڙ لڳي، پر سمجهو هو ۽ پاڻ فقير ڏي هليو آيو ۽ اچي پڇيائينس. سائين مون کي ايترو خسيس ڇو ٿا سمجهيو. فقير چيس تہ دنيا اسان جي ٻانهي آهي، ۽ تون ان جو پٽ آهين. جيڪو الله بادشاهہ جو فرمانبردار ٿو ٿئي تہ پوري ڪائنات، هوا باهہ پاڻي ۽ هر هڪ جاندار شيءَ ان جي تابع

ٿيندي آهي. مگر جيڪو شيطان جو تابعدار ٿو ٿئي تہ ان تي هر ڪا شيءِ حڪومت ڪندي آهي ان ڪري دنيا اسان جي تابعداري آهي ۽ ٻانهي آهي. توهين دنيا جا طالبگار آهيو. يعني سندس پٽ آهيو.

حڪيم جو اهو جواب ٻڌي بادشاهہ ڏاڍو شرمندو ٿيو ۽ دعا گھرڻ لاءِ فقير جي پيرن تي هٿ رکيائين. جنهن دل ۾ الله سمائبو آهي تہ اها دل لا احتياج هوندي آهي.

لاغرض باشند عاشق ذوالجلال تيغ بر آن لاطمع صاحب ڪمال

الله جا عاشق بي پرواهہ هوندا آهن ترار وهائيندڙ بي طمع ۽ ڪمال جا صاحب هوندا آهن

سيف رحماني لسان عاشقان نئي خطر نئي خوف دارند از جهان

عارفن جي زبان الله جي ترار آهي. ڪين دنيا وارن جو ڪوبہ خوف و خطرو نہ هوندو آهي.

پيش چشمش بادشاهه بز غالئه همچون هولان روز شب در ناليه

انهن جي اڳيان بادشاهہ بہ ڇيلاهوندا آهن ڇپن وانگر رات ڏينهن دانهن ۾ آهن

عاشقان چون شاهه شاهان لامکان نئي نگه در اند بر هر دو جهان

عاشق لامڪان جا بادشاهہ هوندا آهن. ٻنهي جهانن تي سندن اک نہ ٻڌندي آهي.

## اورنگزيب بادشاهہ جا بوعلي قلندر ڏانهن تحفا موڪلڻ

اونگزيب تہ بادشاهہ خسروءَ وزير هٿان بو علي ڏانهن خط لکي موڪليو تہ ” بردر دوريشان دربان نہ بايد“ يعني درويش جي در تي دربان نہ هوندو آهي. ان وقت حضرت بو علي قلندر جي در تي دربان بيٺل هو. جنهن خسروءَ کي اندر وڃڻ کان روڪيو. مگر آخر امير خسرو وجي بو علي قلندر کي خط ۾ تحفہ ڏنو. جنهن تي حضرت بو علي قلندر بادشاهہ ڏي لکيو” اي خرزاده من اشياءِ کہ تو بہ خسرو فرستادئي بہ من رسيدند“ يعني اي منهنجي گڏهہ جا ڪودڙا. جيڪي شيون تو خسروءِ هٿان مون ڏي موڪليو آهن. سي

موکي پهتيون آهن. اهو خط ڏسي امير خسروءِ کي خوف ٿيو تہ متان هي خط بادشاهہ کي ڏيان ۽ چڙمان کي مارائي ڇڏي. تنهن ڪري اهو خط ڪڍي امير خسرو پنهنجي مرشد حضرت خواجہ نظام الدين اولياءَ کي ڏيکاريو. خواجا نظام الدين اولياءِ اهوخط ڏسي. امير خسروءَ کي تسلي ڏني تہ حضرت بو علي قلندر بادشاهہ تي وڏي مهرباني ڪئي آهي جو کيس پنهنجي گڏهہ جو کودڙو سڏايو اٿس. پنهنجي گڏهہ جو کودڙو بہ پيارو ٿيندو آهي.

فقير حقيقت ڇئي آهي تہ هيءَ دنيا گڏهہ جي مثال آهي. دنيا جا طالب دنيا کي گهڻو پيارو رکندا آهن تنهنڪري انهن کي گڏهہ جا ٻچا يعني کودڙا سڏبو آهي ان ۾ ڪوبہ ڏوهہ نہ آهي.

پوءِ امير خسروءِ اهو خط ڪڍي اچي بادشاهہ کي ڏنو ۽ بادشاهہ ناراض ڪونہ ٿيو. مگر راضي ٿيو. جتي ذات حق سمايو تہ انهن جو دماغ بہ ذاتي هوندو آهي. نہ صفاتي هوندو آهي.

**بيت**

پيش چسم عاشقان و عارفان مادہ خرزادہ بود شاهه جهان

عاشقن ۽ عارفن جي اڳيان دنيا جا بادشاهہ گڏهہ جا کودڙا آهن.

پيش عارف هست دنيا بس حقير کرہ خر بادشه دانں فقير

عارفن جي اڳيان دنيا وارا حقير آهن. فقير بادشاهہ کي بہ کودڙو سمجهندو آهي.

چيست دنيا خر صفت کوته نظر دم به دم افتدو آخرد رنظر .

دنيا گڏهہ وانگر گهٽ نظر آهي. هر هر پيئي ڪرندي تہ بہ نظر هيٺ هوندس

هر که اخر ديد نظرش دور تر ، هر که آخر نه ديد شد همچون خر

جنهن پڇاڙي ڏٺي تہ ان جي نظر ڊگهي آهي. جنهن پڇاڙي نہ ڏٺي تہ اهو گڏهہ وانگر آهي

کيست صوفي بر نيارا زماتوا ، درنياز ان مانند باشدا و گدا .

صوفي اهو آهي جيڪو هن هن کان بي نياز آهي . جيڪو نياز ۾ رهيو تہ اهو گداگر آهي.

کیست صوفي باخدا وم نشین آنکه شد عین الیقین حق الیقین

صوفي اهو آهي جيڪو خدا سان همنشين هجي ان ئي ڏس پڪ ڪئي ۽ پاڻ تي پيو.

صوفيءَ از خود جدا. گشته فنا چون نه ماندا و ماند باقي آن خدا

صوفي اهو آهي جيڪو پاڻ مان نڪري فنا ٿيو جڏهن پاڻ نہ رهيو تہ باقي الله رهيو.

چون خدا ماند بود آن بادشاه هر چه خواهد کرداو راشد روا.

جڏهن خدا ٿيو تہ پوءِ اهو بادشاهہ آهي. اهو جيڪي بہ ڪندو تہ ان کي جائز آهي.

## اخلاق سڌارڻ لاءِ هدات

حضرت رسول الله ﷺ جن ڪان وٺي بادشاهن تائين فقراءَ جي شناس هئي. پوءِ انگريز آيا. انهن فقيرن ۽ عارفن جي شناس وڃائي ڇڏي. مسلمان تصويرون خواه عادتون ختم ڪري ڇڏيائون. ماڻهن انهن جي پيروي ڪندي، ڏاڙهي مڇون ڪوڙائي مٿن ۾ ٽوپلا پاتا. مسلمان بہ حڪومت جي تقرقي سبب فئشن مٽايو. حضور پاڪ جن جي حديث ”قوم فهو منهم“ مطابق جيڪو جنهن قوم جهڙي تصوير رکندو اهو انهن مان محشر ۾ اٿندو اهڙا مسلمان بہ قبرن تي انگريزي پوشاڪ سان بيٺا هوندا.

### بيت

اي مسلمان شرمدار از مصطفيٰ از لباس فرنگ داري پوشها

اي مسلمانو حضور مصطفيٰ جو شرم ڪيو. فرنگين جا لباس ٽا پايو.

هين زتقليد فرنگي بي اثر خورده السلام راخون جگر.

فرنگين جي پوئلڳي بيڪار آهي تون پلين تہ اسلامي جي ڪاڏي تي ٿو

تون فرنگين ميروي سوئي فرنگ کرده ناموس خود نابود ننگ

تو فرنگين وانگر فرنگين ڏانهن وڃي ٿو پنهنجي ناموس کي تباهہ ڪري ڇڏيو اٿيئي.

چون تو بر خيزي بر آن روز شمار کئي شوي از دست احمد رستگار
محشر ۾ اٿڻ وقت رسول الله ﷺ جي هٿان شفا ڪيئن لهندين
آن محمد مصطفيٰ سلطان ما. بادشاه انبيائو اوليا.
اهو حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ اسان جو بادشاهه آهي انبيائن ۽ اوليائن جو به بادشاهه آهي.
زين مسلمان خدا شد سخت رنج از براۓ تو نها ده صد شکنج
ان مسلماني ڪري خدا توتي سخت رنج آهي ان ڪري تو لاءِ شو آزار تيار ڪري رکيا اٿئين
آمدي از کعبه ديول شدي خود مسلمان نيستي کافر بودي.
ڪعبه مان اچي ديول ۾ وئين مسلمان مان ڪافر ٿي پئين
اين نه دا نستي همين جو روجفا سينه ات خالي زحب اوليا.
اهڙو ظلم سمجهه ۾ نه ٿو اچيئي تنهنجو سينو اوليائن جي محبت کان خالي آهي.
هم ازين فيشن گرفتار آمدي دل سياهت گشت درنا آمدي
اهو فيشن گرفتار ڪرائيندءِ دل ڪاريءَ سان جهنم ۾ ويندين.

## مئل هي سسيءَ جي ڳالهه

هڪ ڪڙمي زمين تي ڪم ڪرڻ ويندي مقام مان لنگهيو مقام ۾ ڪنهن ماڻهوءَ جي سسي ٻاهر پيل هئي جنهن پڇيس ته ڪاڏي ٿو وڃين. ڪڙميءَ چيس ته زمين مان جهنگ ڪڍڻ ٿو وڃان سسيءَ ته سال ڪيتري پيدائش ٻنيءَ مان ٿيندي اٿيئي. چيائين ته ٻه ٽي خرار ٿيندا آهن،سسيءَ چيس ته تون هن وقت موٽي وڃ وڃي گهر آرام ڪر، مگر فصل جي مند تي تون 12 اٺ ڪاهي اچجانءِ مان ان جا پري ڏيندو سانءِ اهو ٻڌي ڪڙمي موٽي وڃي گهر وينو ۽ فصل جي مند ۾ 12 اُٺ ڪاهي مقام ۾ ويو. سسيءَ چيس ته ڪاڏي ٿو وڃين چيائين ته توان چيو هو اهو ڪٺڻ آيو آهيان سسيءَ چيس ته جيئرو هيس ته تو جهڙا هزارين پڙوا ڪاريا هئم تون چا آهين. مون

وٽ ان ڇا جو مقام ۾ان پيل هوندو ڪڏهن ڪنهن ڪان ٻڌو اٿيئي. ماٺ ڪري هليو وڃ تہ ماڻهو نہ ڪلنديئي اهو ٻڌي لڄي ٿي واپس گهر وريو ۽ ٻارهن مهينا ٻڪون ڪاٽيائين.

مطلب تہ هي جهان مقام آهي. ۽ نفس مئل سسيءَ مثل آهي. جيڪو ان ٿو ڪائي. آدمي ڪڙمي آهي هن مئل جي سسيءَ نفس ڪيترائي گمراهہ ڪري ڇڏيا. اسم اعظم جو ذڪر ۽ دم ان جا خرار آهن. پوءِ نفس جي صلاح سان ڪيئي آدمي گمراهيءَ ۾ غرق ٿي ويا.

**بيت**

ان سر مرده بداني را، كه بامرش تو همي ماني دوتا

هن نفس کي مئل سمجهہ جوان جو فرمانبرداري ۾ ڪبڙو ٿي ويو آهين.

صد هزارين طالبان گمراهه كرد زير فرمان كردار چاهه كرد.

ان هزارين طالب گمراهہ ڪري ڇڏيا. تابعداري ڪري کوهن ۾ اڇلائي ڇڏيائين.

هر كه امر او نه گير شاهه شد دردو عالم چون منور ماهه شد

جنهن ان جو حڪم نہ مڃيو سو شاهہ ٿيو. ٻنهي جهانن ۾ چمڪندڙ چنڊ ٿيو.

سرفراز اين جهان وآن جهان. هر كه تو من نفس كرده زيرران

هن هن جهان ۾ سرخرو ٿيو اهو جنهن پنهنجو نفس فرمان ۾ ڪيو

اي برادر نفس زن بدكار دان كه بغير قتل نه دهندش امان

اي ادا نفس کي بدڪار عورت سمجهہ قتل ڪرڻ کانسواءِ نہ ڇڏينس.

رهزن راقتل سر بهتر بود ،از جودش جان آن رادر رود

ڌاڙيل کي قتل ڪرڻ سٺو آهي جسم مان ساهہ ڪڍي ڇڏجيس

بر به نزد شاهه ملكوت آسمان سر كند تاتاج او پير مغان

ملڪوت جي بادشاهہ وٽ وڃ اتي پنهنجي مٿي تي مرشد تاج رکندو

وسقاهم جام نو شاندترا خلعت توحيد پوشاند ترا.

شرابا طهورا جام پيار. ئي ۽ توحيد جي پوشاڪ پارا وئي

تا ابد رسته شوي زين بد افعال زوبرو بيني جمال ذوالجلال.

هن بدڪار مان پچاڙيءَ تائين ڇٽي پوين. ذات ذوالجلال جي سونهن بہ روبرو ڏسين.

اسم اعظم را بدان جام طهور ، هر که این جام خورد آنجایش نه دور

اسم اعظم کي پاڪ شراب سمجھہ جيڪو هتي اهو جام پيئندو تہ اتي بہ ان ڪان پري نہ هوندو.

هر که از جام طهورا خورد جام حال مستي من خدایم او مقام

جنهن طهورا جو جام پيتو.ان تي مستي جو حال ۾ من خدايم جو مقام هوندس

هر که لذّت اسم اعظم را نه یافت ، او به في النار جهنم روزتافت

جنهن اسم اعظم جي لذت نہ ورتي اهو قيامت ۾ جهنم جي باھہ ۾ ويندو.

دامن این ذکر گیري اي دلاتانه افتي اندرین چاهه فنا .

اي دوست ذڪر جي دامن وٽ تہ فنا جي کوھہ ۾ نہ ڪرندين

ذوالفقار از براءِ نفس دون گیر تایک قدم گردد هر دو کون

ڪميني نفس لاءِ ذوالفقار وٽ تہ بيئي جهان هڪ قدم ٿيندءِ

گر گذّاري اسم اعظم جان من غرق گردي اندرین طوفان زمن

محبوب جيڪڏهن اسم اعظم کي ڇڏيندين تہ زماني جي طوفان ۾ غرق ٿيندين.

## بهلول داناءَ ۽ محمود غزنويءَ جو بيان

هڪ دفعي محمود غزنويءَ بهلول داناءَ وٽ ويو. چيائينس: سائين مون ڪفرستان بہ ماري ميجايو سومنات مندر بہ ڊاٺو اٿم. منجهس پيل بت بہ سڀ ڀڳا اٿم. اوجاڳا. تڪليفون ڪري ذڪر فڪر بہ ڪيان ٿو. تہ بہ الله تبارڪ وتعاليٰ منهن نہ ٿو ڏيکاري ڇا سبب آهي جو ايڏن ڪمن تي بہ راضِي نہ ٿو ٿئي.

بهلول داناءَ چيس. تو وٽ بادشاهي ۽ لشڪر ديدبو هجڻ ڪري تنهنجي نفس کي هستي آهي.توبيا بت تہ ڀڳا مگر جيڪو وجود ۾ وڏو بت

لات نفس اندر ۾ اٿيئي ان ڪري تو وٽ خودي آهي. تون خوديءَ کي ختم ڪري نفس جو سڏون ختم ڪر تہ الله پڌري پٽ ڏسين.

**بيت**

نفس اعظم بت بود اندر وجود جمله عالم ميکنندا ور اسجود

وجود آدمي ۾ وڏو بت نفس ويٺو آهي. سارو جهان ان کي سجدا ٿو ڪري.

ليکه ان صوفي که از خود شد جدا .از تيغ حق اورا کندا ز تن جدا

صوفي اهو آهي جيڪو پاڻ مان نڪتو حق جي ترار سان نفس کي واڻ کان جدا ڪندو.

فاتح اکبر بود آن نفس کشت نفس کشته راز ندهم پاءِ وپشت

وڏو فاتح اهو آهي جنهن نفس کي ماريو وري ڪٺل نفس کي پادر بہ هنيائين

او بود تبريز رومي درجهان آنکه واصل گشت باحق جاودان

اهودنيا ۾ تبريزءِ رومي آهي.اهو ئي هميشہ حق سان وصل ۾ رهندو

اسپ معنيٰ اندرين ناتاخته من عرف را ائو هم نه شناخته

جيڪو معنيٰ جو گهوڙو هن رستي ۾ نہ ڊوڙائيندو اهو من عرف جي مام کي نہ سڃاڻيندو

مادر مادر بتت چون زندهه ماند جسم وروح باجيفه اندر گند ماند

تنهنجي بت جي ناني جڏهن جيئري آهي تہ پوءِ جسم ءِ روح لالچ جي گند ۾ خراب ٿي ويا.

گرتو کشتي نفس اين ناپاک را. پاني همت بر نهي افلاک را.

اگر تون پليد نفس کي کهندين تہ همت سان آسماني تي پير پهچندءِ

لامکان پرواز گاهِ جائي تو لامکان ملجاءِ هم ماواءِ تو.

لامڪان تنهنجي پرواز جي جاءِ آهي. تہ لامڪان ئي تنهنجي آرام ۾رهڻ جي جاءِ آهي

## قريش بلا جي ڳالھ

گھڻو وقت اڳي عربستان ۾ قريش نالي هڪ بلا هئي جيڪا ماڻهن جا قافلا ماريندي هئي حضرت رسول الله ﷺ جي وڏن گڏجي تيرن ۽ تلوارن سان اها بلا ماري هئي. ان ڪري قريشي سڏجڻ لڳا.ايڏيءَ پهلوانيءَ جي ڪري الله تبارڪ وتعاليٰ انهن کي انعام ۾حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن کي انهن جي اولاد مان نبي ڪري موڪليو جيڪو ڪائنات لاءِ هادي ٿي آيو.

حاصل مطلب تہ اڄ قريش بلا هي نفس آهي. جيڪو سڀ ڪنهن جو دشمن آهي. الله کان روڪيون وينو آهي. ماڻهن جي دمن جا قافلا ڪپائي ڇڏيا اٿس.اڄ بہ جيڪو دم ذڪر جي ترار سان ان نفس کي ماريندو ان وٽان رسول خدا اظهار ٿيندو. فنا في الشيخ ۽ فنا في الرسول جي حڪم تي عمل ڪرڻ سان فقيرن ۽ محبتن کي سمجهائيندو تہ هن طريقي سان الله ڏي هلبو رسول الله ﷺ بہ تہ آدم زاد هو. آدمي ٿي آيو هو. مگر آدم جي پردي مان سمجهايائين، جنس جنس مان فيض وٺندي آهي

**بيت**

ڪنند هم جنس باهم جنس پرواز ڪبوتر با ڪبوتر باز باز

يعني جنس جنس سان گڏ اڏرندي آهي. ڪبوتر ڪبوترن ۽ باز بازن سان اڏاريندو

آدميءَ جي صورت ۾ هادي ٿي آيو. عارف عاشق بہ ائين الله خلق ڏي هادي ڪري موڪليا آهن جن کي فنا في الشيخ وفنا في الرسول جو درجو آهي. اهي بہ جنس جا هادي آهن.

**بيت**

نفس را هر ڪس ڪه ڪرده او فنا هادي خلق است از راهه خدا.

جنهن پنهنجي نفس کي فنا ڪيو. سوئي خدا جي طرف کان خلق جو هادي آهي،

هر ڪه ڪرده نفس خود را پئمال يعني باذڪر رخدائي ذوالجلال

جنهن پنهنجي نفس کي خدا جي ذڪر سان پائمال ڪيو.

اوست عارف واصل حق باليقين هادي راهه هديٰ حق اليقين

پڪ سان اهوئي عارف ۽ حق جو واصل آهي حق اليقين جي سئين واٽ جو هادي آهي.

زانکه کوثر خورد اواز ذوالمنين گشت فاني درو صالش جان وتن

جنهن محسن خدا وٽان ڪوثر پيتو اهو جان تن سميت ان جي وصال ۾ فنا ٿيو.

شو فنا في الذات الله الصمد همچون روح پاک احمد با احمد

الله بي نياز جي ذات ۾ فنا ٿي احمد مصطفيٰ جي پاڪ روح وانگر احد سان هڪ ٿيءُ

هر کر اديدي کوثر سر خرو او محمد خواست پاکيز خو

جنهن کي ڪوثر سان فيضياب ڏسين اهو محمدي عادتن وارو آهي اتان خصلتون پرايون اٿس.

## ٽريءَ جي ڳالھ

هڪ ٽريءَ ماڻهو عطر فروش کان مشڪ خريد ڪيو. هن ذري ڪٽي ڏنس.اها ذري وني وات ۾وجهي ڳِهي ڇڏيائين ۽ پوءِ ڪٿو ڪٽي پٽاريائين ۽ مشڪ جي واپاريءَ کي چوڻ لڳو تہ هيءَ تہ جنس ڏيکاريئي هاڻي هڪ روپئي جو هن ڪٿي ۾ وجهہ ان تي عطر فورش چلم مان نڙ ڪڍي بہ ٽي وهائي ڪڍيس مار ڏيئي اٺاري ڇڏيائينس.

حاصل مطلب تہ طالبن کي مرشد الله جو ذڪر ڏيو سو ٽريءَ وانگر جنس سمجهي کائي حضم ڪري ڇڏيائون هنن بہ ڪٿو ڪٽي پٽاريو تہ ڪو وڏو سٺ هٿ ڏِگهو وظيفو ملي جنهن تان ڪلا کائي موٽيا اسم اعظم تہ سڀ ڪنهن جو بِڏل آهي. ان تي جٽن کي اعتبار نہ آيو.

**بيت**

گفت المعنيٰ هو الله شيخ دين ، بحر معنيٰ هاست رب العالمين

معنيٰ جي مالڪ دين جي بزرگ چيو تہ الله جو نالو معنائن جو سمنڊ آهي.

جمله اطباق زمين وآسمان همچون خاشاک در آن بحر راون

آسمانن ۽ زمينن جا سيئي طبقہ ان وحدت جي وهندڙ درياھ ۾ ککن وانگر آهن

اسم الله مشک پر خوشبو بدان منزل او از مکان تا لامکان

الله جو اسم خوشبودار مشڪ سمجھ ان جي منزل مڪان کان لامڪان تائين آهي

شد معطر مشک نامش دو جهان زندگيءَ هر دم عالم نام آن

ان جي نالي سان ٻيئي جهان سرها ٿيا اهونالو ٻنهي جهانن جي جان آهي

مشک نام پاک ذاتش اي غلام بئو خوش سر عارفان عالي شمام

اي ٻانهان ان جي پاڪ ذات جو نالو ئي مشڪ آهي. ها وڏي خوشبوءِ تہ عارف آهن

مشک او خالص براءِ دل دماغ قوت جان دل تنه همچون لاغ

دل دماغ لاءِ اهو خالص مشڪ آهي دل ۽ جان جي طاقت آهي اجايو نہ آهي.

اندک داني اين مشک را، حيف باشد حيف برزين مرترا

توهن مشڪ کي گهٽ سمجهيو آهي. ان تي توکي حيف آهي حيف آهي

## هڪ صوفيءَ جي ڳالھ

هڪ شهر ۾ ڪنهن واپاريءَ مناڻ پي وڪيو هوڪا پي ڏنائين تہ ڏاڍي سهانگي ٿو ڏيان. هجي ڪو جو وني صوفي فقير چيس: ائين ڏئين تہ وٺانءِ ان تي واپاري چڙٻ ڏيئي چيس: ائين ڪونہ ڏيندس ان تي آسمان مان ذات حق الهام ڪيس تہ يار اسان وٽ مٺين مناڻ موجود آهي.اسان ڏي اچين تہ ڪارائينداسين. يعني رڳو گهر مان تنهنجو بنا قيمت جي سچو سارو آهيان.

مطلب تہ سرڪارلم يزلي اڻ ملهو ماڻهن تي عنايت ٿو ڪري مگر جيڪو ان جو ٿيندو تہ الله بہ ان جو ٿيندو.

### بيت

لطف حق بي رشوت وبي طمع بين مهربان چون هست رب العالمين

الله جي مهرباني بنا رشوت ۽ سواءِ لالچ جي آهي. رب العالمين اهڙو مهربان آهي

قصد کن درذکر حق خاموش مر شو ازدرش لاتقنطو هاتف شنو

يقين ڪر حق جي ذڪر کان ماٺ نہ ڪر ان جي در تان نا اميد نہ ٿيو. جو هاتفي آواز ٻڌو

زود کن این قلعه هستي شکن تابه بيني تو جمال ذوالمنين

جلدي ڪر هي هستي جو ڪوٽ ڊاهہ تہ جيئن ذوالجلال جو حسن ڏسي سگهين،

پس به بيني بحر اعظم بيکران همچون قطره گم شوي تو اندران

پوءِ وڏو بي پايان سمنڊ ڏسندين. تون ان ۾ ڦڙي وانگر گم ٿي ويندين.

تونه باشي بحر باشد درميان موج بر موج وتلا طم هرزمان

تو ان سمنڊ ۾ هوندين ئي ڪونہ هروقت موج مٿان موج ۽ اٿل هوندي

این وجودت چون صداقت است ني . درشکن این تاتو باشي کامل

هي تنهنجو وجود سپ وانگر آهي هن جي ڀڃڻ سان ڪامل ٿيندين

این صدف اعظم حجاب بحرتو . دست کن مقصود گوهر زین برو

هي سپ تنهنجي بحر جو حجاب اولو آهي. ان مان مطلب جا موتي هٿ ڪر

## بت پرست ڪافر تي لم يزلي بادشاهہ جي عنايت

هندستان ۾ هڪ هندوءَ بت کي سڏ ۽ سجدا پي ڪيا. جبرائيل عرش مان لبيڪ جو آواز ٻڌو. جبرائيل سرڪار کي عرض ڪيو تہ ڪنهن کي ٿا لبيڪ چئو فرمان خداوند ٿيو تہ هندستان ۾ هڪ هندو بت پرست آهي. ان کي ٿو سڏ ڏيان. اهو منهنجي گمان تي منهنجي محبت سان پوڄا ٿو ڪري مان ڄاڻان ٿو تہ مون کي سڏ ٿو ڪري هندو اهو آواز ٻڌي مسلمان ٿي پيو.

حاصل مطلب تہ ذات ذوالجلال کي ڪهڙيءَ بہ ٻوليءَ ۾ ويا ڪهڙيءَ بہ صورت ۾ سڪ سان سڏيندين تہ سڏ ملندءِ جيئن ماءُ جا ٻُبا ٻار لاءِ سگهجي پوندا آهن. ائين هوڏانهن بہ بي پايان محبت آهي جيئن ٻار ماءُ کي سارو ڏينهن امان امان ڪري پيو سڏي تہ ماءُ جيءُ ابا! جيءُ ابا! ڪندي نہ ٿڪبي.

رب العالمين ساري جهان جو پالڻهار آهي. جهڙيءَ ريت ٻار جنهن ٻوليءَ ۾ کوسڏيندس ته ان کي لبيڪ چوندو.

حديث آهي تہ:” الخلق عيال الله“ يعني ملخلوق الله جو عيال آهي.

**بيت**

بهر مادر گر به گريد طفل زاد مهربان مادر به گير ددر كنار

ماءُ لاءِ ننڍڙو ٻار جيڪڏهن روئيندو تہ هڪدم مهربان ماءُ ياڪر ۾ کڻندس،

گر به گريه مادريک هست . تان به جوشد شير از پستان الست

جيڪڏهن تنهنجي ماءُ روئڻ سان ويجهي ٿئي ٿي. تيئن الستي ٻُڌن مان كير جوش كندو.

چون به بازي ميشود شغل طفل . مادرش پروانه دار دزان طفل

جيستائين ٻار راند ۾ رڌل هوندو ان کري تيسين ان جي ماءُ کي ڪا بہ پرواهہ نہ هوندي

مادرو دايه بهانه جو بود تانكه آن طفل نه گريان ميشود

ماءُ ۽ دائي ٻهانا ڳوليندي آهي. جيستائين اهو ٻار روئيندو ناهي.

نحن اقرب شير مادر باهمه است طالبان رازين روشن چه غم است

نحن اقرب وارو ماءُ جو کير سيني کي ويجهو آهي پوءِ طالبن کي اهڙي ورتاءَ مان کهڙو خوف آهي.

گر به گريه شير حق آيد قرين، وربگزري كور شوتا يوم الدين

جيڪڏهن روئيندن تہ حق جو کير ويجهو ايندءِ اگر ڇڏيندين تہ قيامت تائين انڌو هوندين.

پس به گريه كار گرد صواب. گريه كن دامن بگير اي ذوالباب

پوءِ روءُ تہ تنهنجو روئڻ ڪارگر ٿئي. روئي دامن وٺ اي عقل وارا.

چيست دامن ذات حق اين ذكر هو، تاتو هم آغوش شوي هم روبرو.

حق جي ذات جو ذڪر دامن آهي. تڏهن تون ياڪر ۾ روبرو ٿيندين.

گريه از ذكر حق گرددمدام . ذكر رادر گير بيني والسلام

حق جي ذڪر سان دائمي روئڻ ٿيندو آهي. ذڪر کي وٺ تہ الله ڏسين وسلام

## نشئيءَ جي واڙي پوڪڻ

هڪ نشئي ماڻھوءَ گدرن جي واڙي پوکي، هي نشو بہ ڪندو هو ۽ ڪنجوس بہ ڏاڍو هو. الله جي نالي تي ڪجھ بہ نہ ڏيندو هو سندس واڙيءَ ۾ اچي گدڙ هريا. هن کي نشي جي پنڪي اچي تہ گدڙ ڳاڙها گدرا کايون وڃنس. هي رڳو نشي ۾ پنڪيون پيو کائي. ان طرح پاڻ کي هڪ گدرو بہ نصيرب نہ ٿيس. ٻج جا پئسا بہ ڪونہ ڏنا هئاسين. ان بہ کٽي ڪيس ڪيس ۾ وري ڏل وارن وٺي وڃي جيل ۾ هنيس. پوءِ دتہ نشا بہ لهي ويس ۽ دانھون پيو ڪري.

مطلب تہ هي آدمي اهونشي آهي. نشو هن کي بہ ان جو آهي واڙي الله جو ذڪر اٿس. ٻج ڏيڻ وارو الله ۽ رسول ﷺ ۽ مرشد اٿس. اهو نشو آهي. جو جنهن ذڪر وساري ڇڏيو اٿس. ٻوڙپلاءَ کايون صبح تائين ننڊ ۾ گوگھرا پيو هٽي جاڳ ئي ڪانہ ٿئيس گدرا هن جا دم آهن گدڙ خبيث خيال اٿس. جيڪي گدرا کائي ٿا وڃنس جنهن مرشد ذڪر ڏسيو هيس سو بہ ڦهڪا ڪيدرائيندس. رسول خدا بہ دوزخ جي باھہ وجھرائيندس ڏل جو صوبيدار غزرائيل هٿ ڪڙي هٽي ڪاري ڪوٺ ۾ وجھرائيندس پوءِ اتي ڦالو يا ويلنا جون دانھون پيو ڪندو.

### بيت

اي زخوردن نان شدي گمراهه است غير ذڪرش ڪافرو بت پرست

اي ميان ماني کائڻ سان گمراھہ ٿيو آهين ان جي ذڪر کانسواءِ بت پرست ڪافر آهين.

جله عمر تو تباه از خواب شد خواب تو از حق همه حجاب شد

تنهنجي سڄي ڄمر ننڊ ۾ تباھہ ٿي ويئي تنهنجي ننڊ حق کان اوٽ ٿي ويئي

واءِ بو توزين خيال گمراهي همچون کو ران بيخبر اندر چهي

تنهنجي گمراهي واري خيال تي افسوس آهي انڌن وانگر بيخبر ٿي کوهہ ۾ وڃي ڪرئين.

ترا ڪ افيون نان بگير اي هوشيار ڪن غذائي نور حق ليل ونهار

آفيم ۽ ماني ڪائڻ ڇڏي هوشيار ٿيءُ رات ڏينهن ذڪر جي نور جي غذا ڪر.

ڪم ڪم ازنان دست برداري ڪنيد. نفس دون را بر سردار ڪنيد.

ماني ڪان هوريان هوريان هٿ ڍور ڪريو. ڪميني نفس جو سر ڦاهي چاڙهيو.

گر خوري يک روزا نو نور خدا نان حيواني ڪني يڪدم رها

جيڪڏهن هڪ ڏينهن حق جي نور مان ڪائين تہ هڪدم جانورن وارو ڪاڌو ڇڏين ڏئين.

از ازل چون قت توذڪر حق است، از غذائي نفس گشتي زير دست

ازل ڪان تنهنجو ڪاڌو ذڪر حق جو آهي. مگر نفس جي غذا توڪي زير دست ڪيو ڳيو آهي.

گر چه شوق نان نه بود شوق خدا، اندرين معنيٰ همي يابي بقا

جيڪڏهن ماني جوشوق نہ هوندءِ تہ خدا جو شق ٿيندءِ پوءِ هن معنيٰ ۾ بقا حاصل ڪندين

شُو چو طفل شير خوارو پاڪ جان، تاروي يڪدم سوئي آسمان

ڪير پيار ٻار وانگر پاڪ جان ٿيءُ تہ هڪدم آسمان ڏانهن پرواز ڪرين.

آسمان چه عرش زير پاءِ تو. ازمڪان تالا مڪان پس جاءِ تو.

آسمان ڇا عرش تہ تنهنجي پيرن هيٺيان هوندو. مڪان ڪان لامڪان تائين تنهنجي جاءِ هوندي

اين شغال دزدرا گردن بزن، تيغ ذا ڪر الله دم اور ابزن

هن چورگدڙ جو ڪنڌ ڀڃ هن ڪي الله جي ذڪر جي دم جي ترار هڻيس

## هڪڙي نواب جي ڳالهہ

هڪ دفعي ڪنهن نواب جي رياست تي راجپوتن ۽ مرهٽن اچي سوڙہ رکي ان ڪري نواب پنهنجي وڏي بادشاهہ ڏي دهليءَ مدد لاءِ ويو پوءِ اتان

لشڪر وٺي اچي راجپوت ۽ مرهٽا ماريائي ناس ڪيائين پوءِ ڳٽتي لاهي دائمي آرام سان تخت تي ويٺو

مطلب تہ طالب ڪي نفس جا خيالات راجپوت ۽ مرهٽا آهن ان ڪري ملڪوت ۾ دهلي يعني فريادي دل واري دبادشاهہ وٽ وڃي ٿو پوءِ اتان اسم اعظم واري دم جي ذڪر جي توبن سان مرهٽا ۽ راجپوت ڪجهہ ماري ٿو ۽ ڪجهہ ڀڄائي ڪڍي ٿو. جنهن ڪان پوءِ آرام سان الڪو لاهي تخت تي ٿو ويهي.

### بيت

نفس فاني کن بذکر ذوالجلال اين بود کافي سپاه لايزال

نفس ڪي ذوالجلال جي ذڪر سان فناءِ ڪر. هيءُ لازوال لشڪر توڪي ڪافي آهي.

از سپاه ذکر وهم وغير خيال از تفنگ فکر گردد پائمال

ذڪر لشڪر سان وهم خيال ۽ فڪر جي تيرن سان پائمال ٿي ويندا

لشکر کافر مرهٹا هاهما، بردر تو دائما شد جنگها

انهن ڪافرن مرهٽن جو لشڪر سدائين توسان جنگ جوٽيون بيٺا آهن

نفس کافر راهمين ران يک نفس غير ذکر الله دان ديگر هوس

ڪافر نفس ڪي هڪدم هڪلي ڪڍ، الله جي ياد ڪانسواءِ ٻيوسڀ سڏون ڄاڻ

گريه قيد وهم ماني کافري، کافري چه بکه از انها ابتري

وهم جي قيد ۾ آهين تہ ڪافر آهين. ڪافر ڇا پر انهن ڪان بہ گهٽ آهين

زود شو شاه دل همراز باش، اتا انعامت هر دو عالم راشناس

جلدي ڪر دل جي بادشاه وٽ پهچ تہ توکي انعام ۾ ٻئي جهان ملن

## هڪ زائفان جي ڳالهہ

هڪ زائفان مڙس کي ڏنو تہ پاڪي کٽي ٿوريءَ دير ۾ پاڻ بہ هيٺيان وارلاهي آئي زائفان چپٽين جي ايذاءَ کان بچڻ لاءِ پاڪيءَ سان هٽي

هڪڙو ڪنو ڪپي وڌو. جو سندس مڙس چيس تہ اچ تہ همبستري ڪريون اهو ٻڌي جوڙس سوسٽ ڪرڻ لڳي مڙس پڇيس تہ ڇو ٿي سوسٽ ڪرين. چيائين تنهنجي ريس تيا پاڪي ڪنئي هيم. سو هڪڙو پاسو ڪپجي پيو آهي مڙس. چيس رن توکي ڪنهن چيو تہ چپٽن جو پورهيو ڇڏي رڪ سان راند ڪر

مطلب تہ رڪ سان راند دعشق جو پنڌ آهي ۽ ذڪر ڪمائڻ آهي عام عبادت چيپٽن جو پورهيو آهي چيپٽن جي پورهئي وارو رڪ جي راند جي ريس نہ ڪري اهو پورهيو چڱو اٿس.

## بيت

طآلب العقبيٰ مونث همچون ، ڪئي رسدزين ڪا رپيش ذوالمنين
عقبري جو طالب زائفان آهي ان ڪم سان حق جي اڳيان ڪيئين پهچندو.
اين عبادت عام او را بس بود تيغ مردانه به ريتس ڪئي شود
ان لاءِ عام عبادت ڪافي آهي. مرداني ترار ڪيئن وهائي سگهندو
موتراش زن چه داندازتراش خانه مخفي را ڪند او چاڪ فاش
زائفان پاڪيءَ سان وارن ڪوڙڻ مان چا ڄاڻي مخفي جاءِ ڪي ڪپي ڇڏيندي.
عشق همچون بازئي آهن بود. زاهد خائف هلان جان شود
عشق رڪ جي راند وانگر آهي زاهد کي سر وڃڻ جو خوف ٿيندو
عشق چون غازي بود غازي طلب اين ملايان ڪئي رسند در راه رب
عشق غازي آهي گهري بہ غازي کي ٿو هي ملان رب جي راه ۾ ڪيئن پهچندا
خائقان را بس بود روزو نماز اين ره پروانگان چون سوزو ساز
ڊڄڻ کي روزو نماز ڪافي آهي. پروانن لاءِ هي رستو غم ۾ خوشي جو آهي

## سڪندر بادشاه ۽ افلاطون وزير جي ڳاله

حضرت رسول الله ﷺ جن ڪان اڳ هڪ جهنگلي جانور هو جنهن جو اکيون اهڙيون تہ تيز هيون. جو جنهن ڏانهن بہ ڏسي تہ اها شيءِ ٽوڙي

ماڻهو هجي يا جانور ڦٿڪي ڪري پون ۽ مري وڃن. پوءِ اها جانور ان کي ڪائي گذر ڪندو هو. اهو زمانو سڪندر بادشاهه جو هو ان تنگ ٿي پنهنجي وزير افلاطون سان صلاح ڪئي ته ڇا ڪجي. ان ڇا ڪيو. جو لوهه جي تختي کي روات سان روهڙي صاف ڪري آئينو بنايائين پوءِ اهو آئينو هڪ سپاهيءَ کي ڪٽايائون هوان کي ڪڙن ۾ هٿ وجهي پاڻ ان جي آڏو هلندو ويو هن جي جهنگ ۾ اچڻ سان اهو جانور نڪري آيو ۽ سپاهيءَ آئينو منهن ۾ ڏنس. ان تي نظر پوڻ سان اهو جانور پاڻ ڪري پيو. ۽ مري ويو. افولاطون چيو ته هي جانور ڪئي پاڻيءَ مان پيدا ٿيو آهي.

حاصل مطلب ته ذّات حق پاڪ سڪندر اعظم وانگر آهي. اهو جانور نفس آهي جيڪو دنا جي جهنگ ۾ ٿو رهي هن جي لذتن جي اک مان ماڻهو گمراهه ٿي ويا آهن حضرت رسول الله ﷺ جن افلاطون حڪيم آهن جنهن ان خطرناڪ جانور نفس جي مارڻ لاءِ اسم اعظم جي ذڪر جو آئينو ٺاهيو سو نفس کي ماري ختم ڪندو ۽ پوءِ نفس جي آزار کان آزاد ٿي پوندو جنهن اهو آئينو هٿ نه ڪيو ته ان کي اهو نفس جانور ماري ختم ڪري ڇڏيندو.

### بيت

چشم نفس گبر لذات جهان. جمله عالم را کرداو گمر هان

نفس گبر جي اکين ۽ دنيا جي لذتن سڄي جهان کي گمراهه ڪري ڇڏيو آهي.

مرگ انسان جمله لذّات لطيف گرد خورد طالب همي گرد کثيف

سڀئي لذتون انسان جو موت آهن. جيڪڏهن طالب کائيندو ته اهو به ڪمينو ٿيندو

هين بياور زود داين آئينه را. تار هابي ازين جو رو جفا.

ائين جلدي ڪر اهو آئينو کڻي اچ ته انهن ڏکن ۽ مصيبتن مان جان ڇٽئي

زنگ آئينه زصيقل دور کن. جسم وجان راز ذکر پور نوز کن

آئينہ جي ڪٿ ذڪر جي روات سان لاهہ جان ۽ جسم ڪي ذڪر سان پر نور ڪر

اين را افلاطون محمد دان ڪرم ڪه اوز سرتاپاره شد نور قدم

اهوافلاطون محمد مصطفيٰ ڪي سمجهہ جو اهو سراپا نور آهي.

تا ازين حيوان يابي تونجات توشوي زنده واو گرددممات

ائين ان نفس جانور کان بچاءُ ٿيندءِ تون بچي ويندين ۽ هو مري ويندو.

گر نه بودي آن محمد مصفطيٰ طالبان راغير او ڪئي رهنما

جيڪڏهن محبوب مصطفيٰ ﷺ نہ هجن ها تہ طالبن جي ان ڪانسواءِ ڪير رهبري ڪري ها.

جهد ڪن در راه عشقش ازيقين تارسي در راه رب العالمين

عشق جي رستي ۾ يقين سان ڪوشش ڪر. تڏهن رب العالمين جي رستي ۾ پهچندين

## ڪانوَ جي آني ۽ ٽريءَ جي ڳالهہ

هڪ شهر جي ماڻهوءَ ڪي ڪانوَ جا آنا هٿ آيا ٽريءَ ڪيس ڏسي پڇو تہ ڇا ڪنيو اٿيئي ڇيائينس: هُماءَ جا آنا آهن.ٽري ساوا آنا ڏسي هرڪجي پيو ۽ ٽريءَ ان شهري کان هڪ آنو هڪ سئو روپين ۾ خريد ڪيو. اهو آنو گهر ڪٽي آيو ۽ ڏاڍي حفاظت ڪيائنس نيٺ ڦڙي پيو. ٻچو پالي وڏو ڪيائن تہ ٻارن کان تڪر ڪسي پيو ڪائي ڍونڍ ڪائيندو پيو وتي گهر جي آڳر تي ٽپڪون ڏيندو پيو وتي اهو ڏسي ٽري عجب ۾ پئجي ويو ۽ چوڻ لڳو تہ واهہ هي ڪهڙو هماءُ آهي. جو ٻارن کان تڪر بہ کسي ٿو ۽ ڍونڍ بہ ڪائيندو ٿو وتي ڏاڍو ارمان ٿيس تہ مان اجايو هن جي حفاظت ڪئي

مطلب تہ هي دنيا جا ماڻهو هن بوتي ڪي هماءُ سمجهي پيا ٿا پالين جان ڦڙي پيو تہ ٿان ٿان ڪندو وتي ۽ ڍونڍ بہ ڪائيندو وتي ٻار آهن غريب انهن جا مال ڦريندو وتي پوءِ تہ پاليندڙ بہ ڏاڍو پيشمان ٿيندو.

### بيت مثنوي

8

زاغ تن بيضه همي داني هما. اين همايت نيست زاغ پر دغا

جسم جي ڪانوَ کي هماءَ جو آنو ٿو. سمجهين هي هماءُ نہ اٿئي هي تہ دغا باز ڪانءُ اٿي.

بيضه زاغ پروري دائم مدام خوردونوشش مي نه داني نئي حرام

هميشہ هن جسم ڪانو جي آني کي ٿو پالين. هن ڪائڻ پيئڻ ڪونہ ٿو سمجهين تہ حرام ٿو ڪائي

اين هماءُ روح را توده غذائي چيست هم ذکر خدا

هن روح هماءُ ڪاڏو ڪاراءِ اها غذا چا آهي ذڪر خدا جو.

تابه سپرد اين هماتالا مکان ،لامکان آشيان اونهان

تہ اها هماءُ لامڪان تي پهچا وئي لامڪان ان جو ڳجهو آکيرو آهي.

آسمان وعرش ڪرسي يا قلم پيش پروازش همي گردد قدم

آسمان وعرش ڪرسي يا قلم ان جي اڏام اڳيان هڪ وک ٿيندا

سير روح پاک شد همچون هماءُ سير نفس خاک زاغ گند ها

پاڪ روح جو سير هماءُ وانگر ٿيندو ڪانءُ خاڪي نفس جو سير گندگي آهي.

## هڪ ريبار جي ڳالھ

هڪ ريبار ٻڌايو تہ مان مال ڪاهي سانگ سان ناري ويس. ان واھہ کي اڳ بند ڪونہ هو. اٿل سان سارو علائقو پاڻيءَ سا پرجي ويندو هو. ٻڌايائين تہ مون ريڍن جي واڙ هڪ لئي هيٺيان ٻاهران لوڙهو ڦيرائي ٺاهي هئي رات جو ريڍون ان لئي هيٺيان ويهنديون هيون لئو ڪو پورو هو.هروز ڪونہ ڪوگهٽو يا ڦر ڪاڏو پيوهوندو هو. پير ڪٽي ٽڪس. پر ڪاڏي بہ پير نہ پيو نڪري هڪ رات چا ٿيو. جو پري ڪان گدڙن ڪٽي ڪوڪون ڪيون مرجاڻ تہ ان لئي جي پور ۾ گدڙ ۽ گداڙي ٻچن سميت رهيل هئا. جن ٻاهراين گدڙن کي ورندي ڏني. مان ڪوڪ ٻڌڻ سان لئي جي ان پور ۾ بيو. سڪو بند ڪٽي وڏو ۽ لئي کي ڪٽي باھہ ڏنم تہ گدڙ ٻچن سميت سڙي مري ويا.

مطلب تہ ھي جسماني دمن جي واڙ آھي. نفس گدڙان معدي واري ڍڍر ۾ ٻچا ڪيون ويٺو آھي. جو دمن جا گھٽا ماريون ۽ ڪايون ٿو وڃي. ھي جھان ناري واھہ وانگر آھي. ھيءَ سڀ موجودات درياھہ مثل آھي ھتي ھر ھڪ آدمي ڪنھن سانگ تي آيو آھي. پوءِ طالب ھن ريدار وانگر بوتي جي پور وات ۾ صبر جا بنڊ وجھي بند ڪري ڪٽي الله جي اسم سان باھہ ڏئيس تہ دمن وارو ڏڻ بچي پوندس ۽ ھڪ ھڪ دم دريگانو ٿي پوندس

انسان ۾ چار عناصر آھن. اھي گدڙ جا چار ٻچا آھن. ھوا. باھہ پاڻي ۽ مٽي .اھي سڀ " اَلعِشق نَار وَيحرِک مَاسَوا المَحبوب. يعني عشق باھہ آھي. جيڪا محبوب الله کانسواءِ ٻي سڀ غير شيءَ کي ساڙي ڇڏيندي آھي. پوءِ جو ھيڙو سو ساڳيو ٿي پوندو. اسان بہ ساڳيا ٿياسين ۽ پاڻ کان وياسي

## بيت مثنوي

نفس اندر جسم تو کرده وطن چون شغال خود بچه هايت به تن

نفس تنھنجي جسم ۾ گھر ڪيون ويٺو آھي. گدڙ وانگر تنھنجي دم جا ٻچا ٿو ڪائي

اين همه اوقات تو کردي تباهه خويش گوئي صو فيم نه بود صلاح

ھي تنھنجا سڀ وقت تباھہ ڪري ڇڏيائين پاڻ چوين ٿو صوفي آھيان لائق نہ اٿيئي

صوفي اب الوقيت باشد اي رفيق نيست فردا گفتن از شرط طريق

صوفي وقت جوپٽ ۽ دوست ھوندو آھي. طريقت ۾ سياڻي جو شرط روا نہ آھي.

آتش ذکرش بود اين را دوا ره درخت جسم را يابي رها.

ان جو علاج ذڪر جي باھہ آھي جسم جي وڻ کي باھہ ڏي تہ آزاد ٿئين

اندرين جوف تن بيکار را، آتش افروزو رهي زين جفا

ان بيڪار جسم جي لالچ ۾ باھہ ٻار انھيءَ ظلم کان جند ڇٽئي

عشق نار و يحرک ماسوا غير سوزد ميشود باقي خدا

عشق باهہ آهي. خدا ڪانسواءِ هر شيءِ ساڙيندو آهي. غير سڙي باقي خدا وچي رهندو.

ذکر یزدان کن شغالان را بسوز تاشب تاریک تو گردي چون روز

خدا جو ذڪر ڪري گدڙن کي ساڙ تہ اونداهي رات مان تون لاءِ ڏينهن ٿئي

ورنہ گردي این شغالان راشکار ،عمر تو ضایع پیشمان در شمار

نہ تہ تون انهن گدڙن جو شڪار ٿيندين تنهنجي عمر ضايع ٿيندي ۽ پيشمانيءَ ۾ شمار ٿيندي

## گدڙ جي سياٽپ

هڪ شڪاري چوڏهين جي رات بندوق ڪٽي شڪار تي ويو. شڪار نہ لڳس آخر ٿڪجي اچو بوچڻ مٿان وجهي سمهي پيو بندوق ڪڇ ۾ پيل هيس. هن کي ستل ڏسي گدڙهن جي مٿان ٽپي ويو. ائين ہہ ٽي دفعا ڪائين. گدڙ جو مطلب هو تہ جيئرو هوندو تہ جاڳندو جي مئل هوندو تہ ڊو ڪنداسين پوءِ پير جي آڱوٺي ۾ چڪ وجهي ڏٺائينس شڪاري ڇانهر ڪئي. گدڙ کي پڪ ٿي تہ مئل آهي. گدڙ پنيرو ٿي ڪوڪ ڪئي. سنگتين کي گڏجي ڪائڻ لاءِ سڏ ڪيائين. شڪاري بندوق پريون وينو هو. گدڙ بہ اچي گڏ ٿيا. گدڙن جو ولر ڏسي نڪاءُ ڪٽي بندوق ڪيائين ۽ گدڙن جي ولر مان گهڻا ماري وڌائين جيڪي بچياسي نڪاءَ تي ڀڄي ويا.

### بيت

غافلان را این شغال نفس خورد علم حکمت فیض برکت هضم کرد

غافلن کي نفس جي گدڙ ڪائي ڇڏيو. سندس علم حڪمت فيض برڪت چٽ ڪري ڇڏيائين

کیست بیدار آنکه باذکر خدا اوزمکر نفس مي یابدرها.

سجاڳ اهو آهي جيڪو خدا جي ذڪر سان آهي اهونفس جي مڪر کان بچي ٿو وڃي.

دیگران را خورد نفس بي شناس که روز حق غافل زذکرش بي قیاس

ٻين کي ٻي شناس نفس ڪائي ڇڏيو جيڪي حق جي ذڪر کان غافل هئا.

گر تفنگ ذکر داري وار هي. ورنه داري مرده جان گمر هي.

جيڪڏهن ذڪر جي بندوق اٿيئي تہ بچندين. جي نہ اٿيئي تہ مرندين ۽ گمراه آهين

ذکر حق گردد پناه جان تو. قلعه حق قوت ايمان تو،

الله جو ذڪر تنهنجي جان جي حفاظت ڪندو ذڪر حق جو قلع ۽ تنهنجي ايمان جي طاقت اٿيئي

ذکر حق اسلح شغال وهم را، که از خيال خام به رهاند ترا،

حق جو ذڪر وهمن جي گدڙن لاءِ هٿيار آهي. جيڪو توکي اجاين خيالن کان ڇڏائيندو.

جمله عالم اين شغالان خوره است زنده آنکه شنا سداور امر ده است،

سارو جهان گدڙن ڪائي ڇڏيو آهي. جيئرو اهو آهي. جنهن ان مئل کي سڃاتو.

## هاٿيءَ جو هندوستان ڏسڻ.

هاٿيءَ جي پيدائش هندوستان جي مقبوضہ ڪشمير ۾ ٿيندي آهي. جتان ماڻهو خريد ڪري دنيا جي ملڪن ۾ ڪڻي ويندا آهن.پوءِ جتي بہ هندو آهي تہ وطن ياد پوڻ شرط نيٺر ٿوڙايون سوارن کي ڪيرايون هندوستان ڏانهن هليو ويندو آهي. جهنگ جبل بہ آڙ ڪونہ ٿينس.

سواسان جي هاٿيءَ بہ عرش اعظم يعني هندوستان ڏنو تنهن ڪري مهن ڪري ملڪ ڇڏي سڌو هليو ويو. ڪاٿي ڪونہ اٽڪيو. گڏهہ کي وطن ياد ڪونہ ايندو آهي. جتي ڇڏبس تہ ڇپر ۾ ڇتيون ٻيٺو چهبدو. دنيا جا ماڻهو گڏهہ آهن. پنهنجو وطن وساري دنيا جي ڍوريءَ ۾ ٽا چرن.

### بيت مثنوي

فيل آنست آبکه از خود شد جدا، رفت اندر ملک اعظم در بقا

هاٿي اهو جيڪو پاڻ کان جدا ٿيو. بقا واري وڏي ملڪ ڏي ويو.

فيل آنست که آنکج از خود رفت کرد معراج محمد از درست

هاٿي اهو آهي. جيڪو پاڻ کان ويو. حضرت محمد مصطفيٰ وارو صحيح معراج ڪيائين

پيلبانءِ نفس اول بر کنيد خانئه بيگانه را برهم زنيد

اول هاٿي جي سوار نفس جي پاڙ پٽ ان ڏارئين گهر کي ڍاهه

پس حجاب نيست در هندوستان اين وصيت راشنواي دوستان

پوءِ هندستان ڏانهن وڃڻ ۾ ڪا به اوٽ ڪانهيس اي دوستو هن وصيت کي ٻڌو

طالبان راجذبه جوش پيل وار، تار هنداز پيلبان اين ديار

طالبن کي هاٿي وانگر جوش ۽ جذبو هجڻ گهرجي تڏهن نفس سوار مان جان ڇٽندن

چون تو رستي دور نه بود آن ديار، عرش اعظم قرب وصل يار غار

جڏهن تون نفس مان ڇٽندين ته پوءِ توکي اهو ملڪ پري ڪونهي ۽

خرا گر هر جا که بيند خس گياه، از وطن يادش نه باشد هيچ گاهه

گڏهه جتي به گند گاهه ڏٺو ته وطن جي ياد وسري ويندس

اين خران اهل دينا وطن را، کرد نسيان محو گشتند در گياهه

هنن دنيا جي گڏهن وطن کي وساري ڇڏيو ۽ گاهه ۾ گم ٿي ويا.

اهل دنيا رادهم تحفه همين لعنت الله عيلهم اجمعين

دنيا وارن کي هي تحفو ڏيان ٿو. مٿن سڀني تي الله جي لعنت هجي.

## ملان جي واعظ جي ڳالهه

هڪ دفعي واعظ ۾ پي ڪيو ته جنهن شراب پيتو ته ان جو درگاهه الاهي ۾ سوال نه اگهامندو. اتي هڪڙو رند عارف ويٺو هو. تنهن چيس ته بيخبر ملان جنهن شراب پيتو تنهن کي سوال ۽ دعا جي ڪهڙي ضرورت. دعا جو حو پاڻ مالڪ ٿي پيو. پوءِ اهو ڪنهن کي به سوال نه ڪندو ۽ سوال ڪرڻ

ڪي ڏوهہ سمجھندو. شراب پيئڻ ڪي ڪابہ پرواهہ ڪانهي جنهن شراب نہ پيتو سو رحمت الاهيءَ کان پري آهي. پري وارو برابر سوال ڪندو.

## بيت مثنوي

هر که از ساقي وحدت خورد جام رست از خود از سوال و اين حرام

جنهن وحدت جي ساقيءَ هٿان جام پيتو اهو پاڻ کان ۽ سوال جي حرام کان ڇٽو

غين بي نقطه چوان اوشد جمله عين. اين سوال و اين دعا اورا چون غين

نقطي کان سواءِ غين عين ٿي پوندو. سوال ۽ دعا گهرڻ ان لاءِ غين آهي.

سوال کردن خود دولي اورا بود ، چونکه او خود مالک مکه بود.

ان کي سوال ڪرڻ ٻيائي نظر ايندي. ڇو جو اهو مڪ جو مالڪ ٿي پيو.

شاهه را چه احتياج است با بيش و کم چونکه او شاهه جهان او را چه غم ،

بادشاهہ کي ٿوري گهڻي جي ڪهڙي ضرورت جهان جي بادشاهہ کي ڪهڙي ڳڻتي هوندي.

لا غرض و لا احتياج او هست شاهه تخت قدسي جاءِ با چترو کلاهه

اهو بادشاهہ لاغرض ۽ لااحتياج آهي. تخت قدسي جاءِ اٿس ۽ رنگين ڪلاهہ اٿس

هر که نا خورده خمر محرم شد نام او از دفترش معدوم شد

جنهن شراب نہ پيتو سو وسريل ٿيو. ان جو نالو دفتر تان ڌهي ويو

او بود اندر دعا و در سوال چون يقينش نيست ناديده ذوالجلال.

اهو دعا ۽ محتاجي ۾ رهندو. جڏهن تہ ان جو يقين ئي نہ آهي نہ خدائي ڏٺائين

## ٽريءَ جي ڳالهہ

هڪ ٽريءَ شهر ۾ تنبا تنگيل ڏٺا دوڪاندار کان پڇيائين تہ اهي ڇا آهن دوڪاندار چيس تہ اُٺ جا آنا آهن آخر هن هڪ تنبو سَوَ روپين ۾ خريد ڪيو دوڪاندار چيس تہ هي آنا ٻارهين مهيني ڦٽندا آهن وچي گهر

۾ رک ٽريءَ تنبو نوڙيءَ ۾ ٻڌي ٽنگي رکيو. نوڙي لڏي ڇڄي پيئي ۽ تنبو اچي هيٺ ڪريو. ۽ ڀڄي پيو. تنبي جي ٺهڪي تي سندس گهر جي ڪنڌيءَ سان لوڙهي مان لومڙنڪري وٺي ڀڳو ٽري ٻه وٺي ان جي پويان ڀڳو آخر ڀڄندي ڀڄندي وڃي ڀُل ۾ کوهه ۾ ڪريو.

مطلب ته هي آدميءَ جو بوتو اهو آنو يعني تنبو آهي جنهن مان مرڻ مهل اهو لومڙ نفس نڪري پوندو ۽ ڊوڙي وڃي قبر واري کوهه ۾ ڪرندو حياتيءَ جا دم تنبي جي خدمت ۾ وڃايائين هن کي گمان هو ڪو اٺ پيدا ٿيندو مگر اٺ جي بجاءِ لومڙ نڪري پيو.

## بيت مثنوي

اين کدوه مغز اُشترم دان نيست بيضه نيست اشترا اندران

هي ڪدو مغز ڪانسواءِ آهي ان کي اٺ نه سمجهه اهو نه آنو آهي نه وري اندر اُٺ اٿس

اين تن توچون کدوئي جوف خشک مشک دا نسته م خراو هست پشک

هي جسم ڪدو جي تنبي وانگر سڪل ڪوکو آهي مشڪ سمجهي خريد نه ڪر مگر اها سڪل ڪل اٿيئي

عمر خود بربادکردي اندرو . که چه حاصل کردي ئي ناشته. رو؟

پنهنجي عمر ان ۾ برباد ڪئي اٿيئي منهن. ٻيڙو ڪرڻ ڪانسواءِ ڇا مليئه

نفس تون چون روبه پر حيله ساز . ميز نداو مرتراد حرص وآز

تنهنجو نفس اٽڪلن سان لومڙ وانگر پريل آهي. اهو توکي حرص جي آڙاهه ۾ اڇليندو.

اين کدو بگذار سوئي دل خرام . آنکه ذات او کند باتو کلام

هيءُ تنبو ڇڏي دل خريد ڪر. ته اها ذات پاڪ توسان ڪلام ڪندي.

همچون موسيٰ تو کليم الله شوي طور سينا عرش اعظم برروي

موسيٰ وانگر تون الله سان ڳالهائيندين عرش اعظم ۽ طور سينا تي ويندين

شوق ذکر حق تعاليٰ پار کن خويش را تو اندران دربار کن

حق تعاليٰ جي ذڪر سان شوق رک. پاڻ کي ان دربار ۾ موجود ڪر.

## توبچيءَ جي ڳالهہ

هڪڙي توبچيءَ نَوَ شينهن ماريا هئا. هڪڙي جهنگ ۾ پاڙيءَ جي ڍنڍ هئي جتان جهنگلي جانور پاڻي پيئندا هئا . اهو توبچي چوڏهينءَ جي رات پاڙيءَ جي پرسان کڏو ٺاهي شينهن مارڻ لاءِ لڪي وينو توبچيءَ بندوق پري وينو تہ جانورن جو ولر پاڙيءَ جي ويجهو آيو. ايتري ۾ هڪ انساني صورت ڳاڙهن ڪپڙن سان انهن جانورن جو اڳ ورتو حقيقت ۾ اهو جانورن جو رکوالو ملائڪ هو. پيپن جانورن کي ان ورايو. مگر نر جنس وارو هڪ جانور پاڙيءَ ڏي زوريءَ ڪري ڀڳو ۽ ورائڻ سان نہ وريو ملائڪ چيس تہ تون وڃ تہ توکي فلاڻو توبچي ماري. جانور جيئن پاڙيءَ تي آيو تہ توبچي بندوق هڻي ماري وڌس.

مطلب تہ طالبن لاءِ مرشد اهو ملائڪ آهي. نفس بہ توبچيءَ وانگر لڪو وينو آهي جيڪو بہ الله جي ياد کان منهن موڙي انهن کاڌن پيتن ڏانهن ويندو تہ اهو ماريءَ نفس هٿان مرندو.

ماريءَ ميرا ڪپڙا بغل منجهہ بندوق
مرگهہ نہ تيو ويسلا لڪل اٿو نزديڪ
متان ڪشي کان قهر جو ستي ڪريو سيخ
ڪلي ڪلي ڪندو سوڪ ۽ لحم گڏيندو لوڻ سان

اين صيّاد تو بچي لعين ديده دل را کشا اي بي يقين
هي. لعين نفس شڪاري اٿئي دل جون اکيون کول اي بي اعتبار
ورنه زين دشمن نه يابي تو امان طمع کورت کرده تو در جهان
نہ تہ هن ماريءَ کان بچي نہ سگهندين توکي لالچ هن جهان ۾ انڌو ڪري ڇڏيو آهي.
غفلت و لذت و عيش اين جهان چون تفنگ نفس دشمن را بدان
هن جهان جي غفلت ۽ عيش عشرت کي نفس دشمن جي بندوق سمجهہ
اين عدوئ چند کشته زار زار چون تو گمراهه کرد مردم صد هزار

هن دشمن تو جهڙا هزارين ماري ڇڏيا آهن

توز نزديک او درو دور باش فرصت برتو نيا بر آن قلاش

تون ان کان پري پج نہ تہ ڪتي مان نہ بچندين

در امان ذکر حق خلوت گزين تاشوي تو محو رب العالمين

حق جي ذڪر جي پناري رهڻ گهرجي تون رب العالمين ۾ محوءِ مصروف ٿئين

رو بہ پيش عاشقان ذوالجلال تاز فيض ذکر شان گيري کمال

ذات ذوالجلال جي عاشقن وٽ وڃ تہ انهن جي فيض مان ڪماليت ملئي

در پناہ مرشد روجاءِ گير تاشوي تو از سير شاهه مير

مرشد جي پناهہ ۾ وڃي جاءِ تہ تون شاهہ جي سير جو امير ٿئين

## هاٿيءَ جي ڳالهہ

ماڙ جا ماڻهو پورهئي تي سنڌ ۾ آيا .هنن جي پرسان هاٿيءَ جا ٻچا گهمندا پيا وتن اتان جي ماڻهن هنن کي منع ڪئي تہ متان ڪو هاٿيءَ جو ٻچو کهي کائو هڪڙي کي نصيحت ياد هئي ان نہ کاڌو باقي ٻين هڪڙو ٻچٽ پڪڙي کهي کاڌو ايتري ۾ وڏي هاٿيءَ کي خبر پئي هڪدم پئل پئل ڪندو آيو. سڀني کي اچي سنگهيائين. جنهن نہ کاڌو هو تنهن کي ڇڏيائين باقي ٻين کي ڪنڌ ۾ سونڊ وجهي آسمان ڏانهن اڇلائيندو ويو. ائين سڀني کي ذرا ذرا ڪري ڇڏيائين

مطلب تہ فقير عارف هاٿيءِ جا ٻچا آهن. ماڙ جو ملڪ آسمان آهي اهو داناءَ حضرت رسول الله ﷺ آهي هي آدمين جا روح اوڏانهون سانگ تي آيا آهن. اهي سڀ انساني جامون پائي هٽ ڪنهن واپار سانگي آهيا آهن. هاڻوڪي زماني ۾ اسان بہ ان وڏي هاٿي جا ٻچا آهيون. اسان سان جيڪي بہ شهر وارا يا آفيسر لڙيا تن جو بند ڪٽي ڇڏيائين. سڀني کي فنا ڪري ڇڏيائين .هڪ ئي ڪونہ بچو. هي انصاف ان وڏي هاٿيءَ جو ٿو ليکجي تہ ٻچن تہ ڪيڏو نہ مهربان آهي فقير تہ خوش وينو آهي. پنهنجي

مرضيءَ سان هٽ رهي ٿو. جڏهن وچڻ جو رايو ڪيائين تہ باز وانگر ڏور ٽوڙايون هليو ويندو. وچي پنهنجي واهيري ۾ رهندو.

### بيت

اوليا اطفال حق اند اي اند اي پسر ، در حضور غيب آگهه باخبر

اولياءِ حق تعاليٰ جا ٻچا آهن غيبي حضور کان واقف ۽ باخبر آهن

همچون بچئہ فيل باشند عارفان آن عيال الله صوفي سالکان

عارف هاٿيءَ جي ٻچن وانگر آهن اهي سالڪ صوفي الله جو عيال آهن.

عارفان چون بچئہ کلان حافظ آن ذات حق بر جان شان

هاٿيءَ جي ٻچي وانگر اهو وڏو هاٿي انهن جي جسم جان ۾ جو نگهبان آهي.

در امان ايزدي آن جان بود. که او به ادب وخادم عارف شود

جيڪو عارفن جي ادب سان خدمت ڪندو ان جي جان پروردگار جي امان ۾ هوندي

عارفان را حق بود پشت وپناهه بر و جود عاران سايئہ الله

عارفن لاءِ حق تعاليٰ ٽيڪ ۽ پناهہ آهي. عارفان جي وجود تي الله جو سايو آهي.

دشمنان عارفان خوار تباهه تاقيامت در ندامت رو سياهه

عارفان جا دشمن خوار ۽ تباهہ آهن. قيامت تائين شرمساري ۾ منهن ڪارو اٿن

تاتواني عارفان راشو غلام فائدهاين جا ورداني والسلام

جيترو ٿي سگهيئي تہ عارفن جو غلام ٿي رهہ. ٻنهي جهانن ۾ فائدو ۽ سلامتي ملئي

## سُرندائي جي ڳالهہ

سنڌو نديءَ جي ڇوڙ وٽ. سمنڊ جي ڪناري پرسان ڪافي جهنگ ۽ ٻيلو آهي. پوءِ ان ٻيلي ۾ ڪٿان ڪٿان جون مينهون اچي ٻيلي ۾ رهن. پوءِ اتي ٿاهڙ ٿي وڃن انهن جي پڪڙڻ لاءِ شوقين اچن ۽ دونهي ڪري هوريان

هوريان مينهن کي هيرائي ڪاهي. اچن ۾ ڏارين ۾ هڪڙو لهڻو نالي شر هو. جيڪو سرندو به وڄائيندو هو. گهمندي گهمندي ان ٻيلي ۾ ويو. رات جو اتي هن ققنس پکيءَ جو آواز ٻڌو. آواز ٻڌڻ سان بيهوش ٿي ويو. ان آواز سان جهنگ جا پکي به اهڙا بيهوش ٿي ويا. جو هٿن سان کٽي ونجن. جڏهن لهڻو هوش ۾ آيو ته ققنس پکيءَ جي آواز وارو نمونو سرندي ۾ ڪڍي وڄائڻ شروع ڪيائين. هت اسان وٽ به آيو هو ۽ اچي ان طرز سان سرندو وڄايائين ته ساري ڪچهري زار زار روئڻ لڳي ۽ ذري گهٽ بيهوش پي ٿيا. ته ڪيس ڪچهريءَ وارن منع ڪئي پوءِ بس ڪيائين.

رب العالمين جيڪي آواز آسمان ۾ لڪايا آهن. جيڪڏهن اهي آواز هن جهان وارا ٻڌن ته مست ۽ چريا ٿي وڃن پوءِ هي ڪثرت جو جهان هلي نه سگهي جيڪي فقير ذڪر سان حق جو وصل ڪن ٿا. اهيءِ اهي آواز ٻڌن ٿا. تڏهن اهي فقير ظاهري آواز سان ذوق ٿا رکن ۽ دنيا تان هٿ ڪڇي ٿو وڃين. سروز اهڙي شيءَ آهي.جنهن لاءِ حضرت رسول الله ﷺ جن المساع معراج الاولياءَ فرمايو آهي.

## بيت

هر که از خود رفت داند این سرود کرد معراج الاهي از وجود

جيڪو پاڻ کان ويو سو ان کي سمجهندو ان وجود مان نڪري خدائي معراج ڪيو.

او چه داند که اندرین جسم فنا . غرق باشد او نه شد از خود جدا .

جيڪو هن جسم ۾ فنا ٿي ويو اهو ڇا ڄاڻندو اهو غرق ٿي ويو ۽ پاڻ کان جدا نه ٿيو.

این سرو داز لامکان نئي از مکان، لامکان شد نغمه گاه عارفان

هي آواز هن جهان جو نه آهي لامڪان جو آهي لامڪان عارفن جي ڳائڻ جي جاءِ آهي.

از شنیدن نغمه گردند عاشقان نیم بسمل مرغ جان سالکان

ان راڳ جي ٻڌڻ سان عاشق اڌ ڪٺل پکي وانگر ڦٿڪن ٿا.

از تپش او همچون ماهي در مثال از ، سرود قدس ذات ذوالجلال
ان تاءَ کان مڇيءَ وانگر ٽپن ٿا ذات ذوالجلال جي آواز ٻڌڻ سان
زاهد چون خشک جان بي اثر او چه داند ذوق ذاتي بي خبر
زاهد سڪل جسم وانگر بي اثر آهن. اهي بي خبران ذاتي ذوق کي ڇا ڄاڻن.
زاهدان ديوار ريان بس چون جمود اونه گرده عبراز خاڪي وجود.
زاهد بيئل ڀت وانگر آهي انهن خاڪي وجود مان عبور ڪونه ڪيو آهي.

## ققُنس پکيءَ جي ڳالھ

هن پکيءَ کي چنهب ۾ سوراخ ٿيندا آهن انهن مان مختلف آواز ڪيندو آهي. جن جي ٻڌڻ سان ماڻهو پکي توڙي جانور بيهوش ٿي ويندا آهن. اهو پکي ڇا ڪندو آهي جو ڪاٺيون گڏ ڪري آکيرو. ٺاهي اتي آنا لاهيندو آهي پوءِ آنن تي ويهي آواز ڪندو رهندو آهي ۽ زور سان پرن کي ڦڙڪائيندو بہ رهندو آهي. ان باهہ ۾ پاڻ سڙي ويندو آهي. ۽ آنا ڦٽي پوندا اٿس. جيڪي ٻچا ڦٽن اهي ٿاندا ڪائي وڏا ٿين هن پکيءَ جو گذارو ۽ حياتي ان طرح آهي

مطلب تہ فقير عارف ان ققنس پکيءَ وانگر آهن اسم اعظم جو سروز وڄائيندي هن بوتي کي باهہ ڏئي ساڙي ڇڏين دل واري آني تي جيڪو حجاب هين سو ڦاٽي پوين. ۽ روح جو ٻچو ڦڙي پوين. خام خوديءَ کان بيخودي ٿي پون. پوءِ روح پرواز ڪري. ملڪوت ۾ وڃي نڪري، ستين آسمان کان اورتي ڪونہ بيهي پوءِ اصل قُقنُس ٿي پوي.

### بيت

اي برادر مرغ آن ققنس توئي نغمه ساز وحدت ومعنوي.
اي ڀاءُ اهو ققنس پکي تون ئي آهين. معنيٰ ۽ وحدت جو ساز وڄائيندڙ بہ تون ئي آهين
هين بر آواز نغمئه ذکر خدا ، تاروي زين نغمه بر عرش عليٰ
هن طرح خدا جي ذڪر جو نغمون ڳاءِ تہ جيئن ان نغمي سان عرش عُليٰ تي وڃين.

آتش ده بيضه دل رااي پسر تا که پرده رد آئي بدر
ٻچڙا دل جي آني کي باهہ ڏي تہ جيئن پردو ڦاٽي پوي ۽ تون ٻاهر اچين
تاز آواز اين توحيد قال، از شيندن طالبانرا وجد حال
ان آواز ۽ توحيد جي ڳالهہ ڪر تہ ٻڌڻ سان طالبن کي وجد حال پوئي
هر که اندر عشق حق بابد کمال پيس زبانش چون زبان ذوالجلال
جيڪو الله جي عشق ۾ ڪمال کي پهتو پوءِ ان جي زبان ذوالجلال جي زبان ٿي پوندي
يسمع وبصر وبي ينطق وجود سر بسر فاني بودا ندر نمود
ٻڌندڙ ڏسندڙ ۽ ڳالهائيندڙ تنهنجي وجود ۾ آهي هي سارو جهان فاني آهي ۽ هو سمايل آهي.
گرچه گويد اين زبان او کلام، نيست آدم آن خدا دان والسلام
توڙي جو هي زبان سان ڪلام ٿو ڪري تہ بہ آدم نہ آهي ان کي خدا سمجهہ

## ٻڪرار ۽ سروزيءَ جي ڳالهہ

هڪڙي سوزيءَ ساز پيي وڄايا هي سنوسروز وڄائيندو هو ۽ ان تي سندس گذران هو هڪ دفعي وتس سوٽو نالي ٻڪرار آيو سروز ۽ راڳ ٻڌڻ لاءِ ٻڌڻ سان ٻڪرار روئڻ ۽ ڪرڙيون هڻڻ لڳو. جڏهن هن ساز وڄائڻ بند ڪيو ۽ هو بہ هوش ۾ آيو تہ سروزيءَ سمجهيو تہ ڪو وڏو انعام ڏيندو سروزيءَ پڇيس تہ توکي ڪهڙي ڳالهہ بيهوش ڪيو. چيائين تہ منهنجو چانهون ٻڪر هو. اهو بہ جيئن توپي ڳايو ۽ ڏاڙهي بہ ڏڪايئہ پي، تيئن منهنجو ٻڪر جڏهن ٻڪرين تي ٻڙڪندو هو تہ ڏاڙهي بہ تو وانگر ڏڪائيندو هو ۽ آواز بہ تو جهڙو هوس هاڻي هو ٻڪر مري ويو آهي.۽ هيئر اهو ياد پيو. جنهن ڪري روئڻ آيو ۽ بيهوش ٿيس. اهو ٻڌي سروزيءَ کي حيرت وٺي ويئي.

مطلب تہ زماني جي ماڻهن سان جيڪڏهن توحيد جي ڳالهہ ڪبي تہ
جڙ سوٽي ٻڪرار اڳيان ساز وڄايوسين. ضرور هنن کي بہ ڪا رَنَ ياد
ايندي يا ڪوڏاند يا ڪوسنو گهوڙو ياد ايندن. خدا تہ ياد ئي ڪونہ ايندن.

**بيت**

نغمئه توحيد از بزبان کجا نغمئه بلبل کجا از غان کجا

توحيد جو راڳ ڪاڏي تہ ٻڪرار ڪاڏي. ڪاڏي بلبل جي ٻولي تہ ڪاڏي ڪانو جي ڪان ڪان

آفتاب وشب پر از هم جدا. او بود روشن واورا تاريک جاءِ

سج ۽ چمڙو ٻيئي هڪٻئي کان ڌار آهن سج روشن آهي ۽ هواوندهہ ۾ رهي ٿو.

خرچه داند قيمت قند شکر. پيش اوسر گين هر دم خوب تر.

گڏهہ مناڻي ۽ کنڊ جوکهڙو قدر کندو. جن سدائين زکام هوندو آهي.

گرباب مي سرائي پيش ميش، اوچه داند ميگذار عمر خويش

جيڪڏهن رباب رڍ جي اڳيان وڄائبو.اها ڇا ڄاڻي تون عمر اجائي ٿو وڃائين

هر که او خواهد خدائي ذوالجلال اوبداند رمز اين توحيد حال

جيڪو الله گهرندو اهو ئي هن راز ۽ توحيد جي حال کي سمجهندو

بخت بالا اوست نزد عارفان. رفت اندر گوش صحبت سالکان

عارفن جي نظر ۾ اهو بخت وارو آهي.جنهن جي ڪنن ۾ سالڪن جي صحبت پهتي.

اين جهان وآن جهان اورا انعام هر که اونو شيد زين ساغر کلام

ٻئي جهان ان کي انعام ۾ ملندا. جنهن ان وحدت جي پيالہ مان پيتو

## حاتم طائيءَ جي لاش جي ڳالهہ

حاتم جو لاش ڪنهن جبل جي نئين ۾ دفن ٿيل هو. پوءِ نئين وهڻ ۽
لاش لڙهڻ جي خوف کان ڪوٺي ڪڍيائون تہ جسم تہ ڇا هڏا بہ ڪجهہ

ڳريل هيس ۽ صرف سڄو هٿ صحيح سلامت هيس. جنهن سان سخا ڪندو هو. يعني جنهن هٿ سان الله جي نالي تي سخا ڪندو هو.

مطلب تہ جن طالبن الله جي نالي ۾ دم هلايا تہ انهن جي مشين خراب ۽ برباد نہ ٿيندي، جيئن گهڙيال جو ڪانٽو ڦرندو آهي ائين قيامت تائين پيئي ڦرندي اها ڳالهہ اڪئين ڏٺي ٿا ڪريون جيڪو اعتبار نہ ڪندو تہ قيامت تائين لعنت اٿس.

هر گز نه ميرد آنکه دلش زنده شديد به عشق

جنهن جي دل الله جي عشق سان جٿري ٿي تہ اهو هر گز نہ مرندو

ثبت است بر جديده ۽ عالم دو ام ما

ڪائنات جي ڪتاب ۾ اها هميشگي ثابت آهي.

## بيت مثنوي

هر که دم را خود دهد راه خدا کئي دم او مرده گرد ديا فنا

جيڪو دم خدا جي راهہ ۾ ڏيندو تہ ان جا دم نہ مرندا نہ فنا ٿيندا

ذکر حق دل مرده را زنده کند تا به ابد آن جانش پاينده کند

حق جو ذڪر مئل دل کي جيئرو ڪندو آهي آخر تائين ان جي جان بقادار ٿئي ٿي

ذکر حق کن تا پش حق حاضر شوي. تا جمال يا را ناظر شوي

الله جو ذڪر ڪر تہ الله جي اڳيان حاضر ٿئين. جيئن يار جو حسن ظاهر ڏسين.

زود گرد با مراد خويش يار. هر که ذکر حق را گير در کنار

جلد پنهنجي مراد کي حاصل ڪندين جيڪو بہ حق جي ذڪر کي ياڪر وجهندو.

گر هي خواهي وصال ذوالمنين ذکر کن هين ذکر کن هين ذکر کن

جيڪڏهن ذات حق سان ملڻ ٿو چاهين تہ ذڪر ڪر هئين ذڪر ڪر هيئن ذڪر ڪر.

## ڍنڍ ۾ پيئڻ پکيءَ جي ڳالھ

هي ڍنڍ جو اڇي رنگ جو پکي ٿيندو آهي ان کي ميربحر ڦاسائي کنيَن سوڌي کل لاهي. منڍيءَ سميت مٽي ۾ پائي.پوءِ اهڙن پکين جا ولر هٿن سان پڪڙيندا آهن انهن کي پاٽي ۾ سير ڏيندا اڇليندا ويندا آهن. هن پکيءَ ۾هلڪي ڇيلي جي گوشت جيترو گوشت ٿيندو آهي جيڪو ميربحر کائيندا آهن.

مطلب تہ هي آدمي بہ ذات پاڪ جي جنس آهي. مگر هن کي پر ڪونہ آهن مگر وڏي پکيءَ کي پر آهن ڏسو تہ ميربحر ان کي ڪئين ٽا وٽن ۾ اڳ ۾ پاڻ وڃائي گم ڪن ٽا ۽ پاڻ پيئڻ پکي ٽا ٽي پون تڏهن ٽا ان درياھ جي پکي کي پڪڙي سگهن

هي آدمي جڏهن الله جي ذڪر ساڻ وڃائي گم ڪندو ۽ پاڻ ان پکيءَ جي نموني پوش پائي اهڙو ٿي پوندو تڏهن اهو وڏو پکي پنهنجي ويجهو اچڻ ڏيندس. هم جنس ٿيڻ کانسواءِ هو پکي بہ وٽ ڪونہ ڏيندو هم جنس ٿيڻ کان پوءِ هي رهندو ئي ڪونہ اها ساڳي جنس ٿي پوندو

### بيت مثنوي

چون شوي تو مرغ آبي اي دلا ، تابہ گيري مرغ آن سا کن بقا

اي دل جڏهن تون پکيءَ جي جنس ٿي پوندين تڏهن ملڪ بقا پکيءَ کي وٺي سگهندين

جنس بر جنس است همد همنشين. جنس شوتا جنس حق را باز بين

جنس جنس سان ٺهندي آهي ساڳي جنس ٿيءُ تہ حق جي جنس کي ڏسين

اسپ با است دائم در قرار . فيل بافيل است هر دم هوشيار

گهوڙو هميشہ گهوڙي سان خوش ٿيندوآهي هاٿي سدائين هاٿيءَ سان هوشيار رهندو آهي.

ذکر حق کن تا شوي فاني چنان جنس تو فاني و با جنس آن

خدا جي ذڪر سان هيءَ جنس فنا ٿيندي تہ هوءَ جنس بقا ٿيندي

قرب حق يابي وصل جاو دان. هم جنس گردي بذات بي نشان

حق جو وصل ۾ ميلاپ دائمي ٿيندءِ ساڳي جنس ٿيندين. تہ بي نيشان ذات ٿيندين.

محو باشي تو نه ماني درميان غير رفته اندرون بيرون همان

تون وچ ۾ گم ٿي ويندين تون رهندين ئي ڪونہ غير ويو پوءِ اندر ٻاهر اهو آهي.

## پناڻن جي ٽڪل گڏھ جي ڳالھ

لاڙ مان پناڻ لڏو ڪنيو پي آيا. سندن لڏ وارا اٺ ۽ گڏھ ڏاڍا ڏٻرا هئا جڏهن مڪيءَ جي ٻيلي وٽان لنگھيا تہ گاھ ڏسي اٺ ۽ گڏھ ٻيلي ۾ چوري ڇڏيائون

اهي جانور ٻيلي جُھو گاھ کائي ٻُنبڊ ٿي پيا. ٻارهين مهيني اهو پناڻن جو لڏو اتان اچي لنگھيو. گڏھ انهن جي ٻولي سڃاڻي اٺ کي چيو تہ مون هينگ ٿي اچي اٺ چيس تہ ڏاڍا سکيا ٿا گذاريون. هينگ نہ ڪر جو ساڳيا بار ڍوئڻا پوندا. گڏھ نہ مڙيو وٺي هينگ ڪيائين تہ پناڻن چيو تہ وارو ڪيو پروڪو ٽڪل گڏھ اجا اتي موجود آهي آخر گڏھ ۽ اٺ کي هٿ ڪيائون .ساڻن ٻيو اٺ ٽڪل هو. ان جو بار بہ گڏھ تي ڪٽي رکيائون تہ گڏھ ٽڪجي ويهي رهيو. وري جيڪو اٺ سنگتي هيس. ان تي بارءِ گڏھ رکيائون جڏهن روهڙيءَ پهتا تہ اٺ گڏھ کي چيو تہ يار مون کي ڪڏ ٿو اچي جيئن توکي هينگ پي آئي ائين چئي اٺ وٺي جو ڪڏ ڏنو تہ گڏھ مٿئون جو ڪريو تہ ٽن هنڌن تان گڏھ جي چيلھ ڀڄي پئي ۽ پٿرن تي اچي ڪريو سو ميڄالو بہ ڇٽجي پيس. ۽ مري ويو. ان طرح گڏھ ڳجهن ۽ ڪتن جو ڪاج ٿيو.

فارسي چوڻي: ڪردني خويش آمدني پيش

يعني ،جهڙي ڪرڻي تهڙي پرڻي.

مطلب تہ هي جهان مڪيءَ جو ٻيلو آهي. ان ۾ روح اٺ آهي ۽ گڏھ نفس اٽس ٻيئي گڏ ٿا رهن جڏهن ٽڪل گڏھ کي دنيا جا ڍو ٿا ٿين تہ هو خوديءَ جي هينگ ٿو ڪري اٺ ويچارو بہ ان جي ڪئي ۾ ٿو لوڙي پوءِ

جنهن مهل روح نفس جي بار کان تنگ ٿو ٿئي ۽ موت جي جبل تي ان نفس گڏھہ کي ٿو اچلي ۽ خيالات جا ڪتا ۽ ڳجهان کائي ٿا وڃنس

**بيت**

نفس تست آن لاغر خر نموي، گاهه خور ده احمق وجسم قوي

تنهنجو نفس ڏٻرو گڏھہ آهي. گاھہ کائي اڏنگو ۽ سگهو ٿو ٿئي

ازخودي آواز من من ميکند اندرون من جسم را بر هم زند

خوديءَ کان مان جي هينگ ٿو ڪري. ان خوديءَ سان جسم کي پرزه پرزه ٿو ڪري.

گر خر مسکين شود در مرغ زار، تاعمر نامش نه گيرند يار کنار

جيڪڏهن ساوڪ ۾ گڏھہ مسڪين ۾ ماٺ ۾ هجي ها تہ ساري عمر ڪير نالو ڪونہ وٺيس ها.

هر کس بر لاغر رحم کند. ور رودا اندر خودي ظلم کند

جيڪڏهن ڪو ڏٻري تي قياس ڪري چاريندس تہ خودي ڪندو ۽ ظلم ڪندو

گر شود مسکين نه گويد کس اورا ليک هستي يش بگير اندز جا

غريب هوندو تہ ڪير بہ نہ چوندس. هستي ڪيائين تہ ان جاءِ تان ڪيرائيندس

مي نه داني اين خر خواه را، رئو کئي بيني تو وجهه الله را.

هن خودي واري گڏھہ کي نٿو سڃاڻين تہ پوءِ الله جو منهن ڪيئن ڏسندين

چونکه با اين خر خجل خو کردئي، زين سبب از ذات حق در پرده ئي

جڏهن جو گڏھہ سان شرمساري واريون عادتون ڪيون اٿئي ان ڪري حق جي ذات پرده ۾ اٿئي

چون به ميري خر شوي تو لاابال، خر نه باشد ماند باقي ذوالجلال

جڏهن مري نڪرندين جسم مان تہ بي پرواھہ ٿيندين پوءِ گڏھہ هوندوئي ڪونہ صرف ذات ذوالجلال هوندو.

## هڪڙي پير جي ڳالهہ

هڪڙي عارف زماني جي پير کي معافي ۾ چڙهيل ڏٺو. سندس ٻاهران نوڪرن جي هٿ ۾ اگهاڙيون ترايون ۽ بندوقون. هيس عارف انهن کان پڇيو تہ معافي ۾ ڪير آهي نوڪرن چيو تہ پير صاحب آهي فقير عارف چين تہ هي پير ڪٿي آهي. هي تہ ڪو خوني ڏاڙيل آهي. جو چوڌاري هٿيارڪنيون قيد ڪيون بيٺا آهيوس تہ متان ڀڄي وڃي يا. ڪنهن سان وڙهي پير هجي ها. تہ الله تي ڀروسو هجيس ها. ۽ بنا خوف جي گهمندو وتي ها هي تہ قيدي آهي.

## بيت

هر که بر ذاتش توکل کرده است. بي حفاظت غير عمرش برده است
جنهن ان جي ذات تي ڀروسو ڪيو آهي. تہ ٻين جي حفاظت کانسواءِ عمر پوري ٿو ڪري.
اين اسيران جهان باشند اسير نام خود گويند مابا شيم پير
هي دنيا جا قيدي قيد ۾ آهن پنهنجي نالي چون ٿا تہ اسين پير آهيون
هر که تکيه ميکند دائم مدام ، اوز غير حق نه ترسد نزد عام
جنهنجو سدائين الله تي ڀروسو آهي اهو الله کانسواءِ ڪنهن کان بہ نہ ڊڄندو.
آنکه بي تکيه است اوترسان بود. اوز مورو مگس خود لرزان بود
جنهن کي توڪل نہ آهي اهو ڊڄندو وتندو اهو ڪولي ۾ مک کان بہ ڏڪندو رهندو.
هر که بي خوف باشد از خدا. اوز نظر عام ميگردد جدا
جيڪو خدا کان نٿو ڊڄي سو عام کان بہ لڪندو وتندو
زنده است آنکه بر حق تکيه کند اوبه هر دم غوطئه در حق زند
جيڪوالله تي توڪل ٿو ڪري سو زنده آهي سدائين حق ۾ ٽٻيون ٿو هڻي
مرده دل بيمار آن باشد کس. هر که مرد غير حق گذار دخس
مئل دل وارو ۽ بيمار اهو ماڻهو آهي. جيڪو خدا کانسواءِ ٻين کان مدد ٿو گهري

## تمساح جانور جي ڳالھ

هي هڪڙو جانور آهي جيڪو ڏُنڊ ۾ ليٽي وات ڦاڙي ٽنگون سڌيون ڪري جهنگ ۾ سمهي پوندو آهي. هن جي وات ۾ زبان ۾ ڪيئن وانگر برج ٿيندا آهن. هي جيئن وات ڦاڙي سنل هوندو آهي. تئين پکي هن کي مئل سمجهي ڪيئن کائڻ لاءِ هن جي وات ۾ گهڙي وڃن جڏهن سندس وات پکين سان ڀرجي وڃي تہ وات ڪٽي بند ڪري ۽ سڀ پکي کائي وڃي. هن جو گذر سدائين دغا بازيءَ سان آهي.

مطلب تہ هي نفس بہ ان جانور وانگر آهي. هن جو وات حرص آهي تہ ڪيڙا خيالات اٿس. پوءِ جيڪو بہ آدمي سندس خيالات جي لالچ تي هن جي وات ۾ حرص ۾ آيو تہ سڄو سارو ڳهي ويندو پوءِ هن جو نڪرڻ محال ٿي پوندو پوءِ هي في النار جهنم ۾ وڃي پوندو.

**بيت**

نفس مکار دهن کردباز ، ميخور دار را که فتش در مکار

نفس مڪار وات ڦاڙيون ويٺو آهي جيڪو ان جي وات ۾ ويندو سو ڪاڇندو

درد هانش حرص کرم هو سها . او براڻي مکر او کرده رها

ان جي وات حرص ۾ سڌن جي ڪيڙن جي خواهش ڪئي. اهو هڪ ساه سان سندس وات ۾ ويو.

ذودا وفي النار دوزخ شد رجوع ، چونکه اورا گمراهي کرده طلوع

اهو هڪدم دوزخ ڏانهن ويو. ڇو جوان ۾ گمراهي ظاهر ٿي آهي.

طالبان را آگهي يابندازين، صد هزارن خورد آن مکر لعين

طالبن کي ان کان هوشيار رهڻ گهرجي. ان لعنتيءَ سوين هزارين نڳيءَ سان کائي ڇڏيا.

زينهار از مکر او ايمن مر شو . روپناهه نزد صاحب دل به جو .

ان جي نڳيءَ کان بي خبر نہ ٿيءُ. وڃي ڪنهن صاحب دل مرشد جي پناهہ هٿ ڪر

## زماني جي بادشاهن جي حقيقت

زماني جي بادشاهن جو اهو حال آهي. جو سندن کاڌو تيار ٿيڻ کان پوءِ اڳ ۾ ڪتي کي کارائيندا آهن. متان زهر هجيس. اڳ ۾ ڪتي کاڌو ته سمجهيو ته ڪتي جي اوبر بادشاهه کاڌي.

غريب غربو سيڪو بنا خوف جي ماني کائي ۽ پچاڙيءَ ۾ ٽڪر ڪتي کي اڇلين. بادشاهه توڙي سڄي عمر زهر جي خوف کان احتياط ڪن ته به مري وڃن. بچندا ته ڪين آهن. ته به هنن کي اجايو خوف ويٺل آهي الله تي اصل ڀروسو ڪونه ڪن. ائين نه ڄاڻن ته سندن جيترا دم هوندا ته انهن کي ڪير به ڪٽائي نه ٿو سگهي. سارو جهان وقت تي تازي ماني کائي، هنن کي ان حڪومت مان ڇا حاصل ٿيو. غريب به ساڳيو ڪفن پائي قبر ۾ وڃن. ته هي به ساڳيو ڪفن پائي ساڳي زمين ۾ وڃن.

اڃا غريب بنا خوف جي گهمندا مگر هي هميشه هٿيارن جي پهري ۾ نڪري سگهندا. ڄڻ ته ڪو خوني قيدي آهي. مگر آهن ته هي به خوني جو پنهنجي روحن کي ڪهيون. ويٺا آهن. مگر نفس ۽ سڌن کي پاليائون تڏهن ته ٻاهران پهرا اٿن ته متان پيچي وڃن. اهڙي بادشاهيءَ کان ته ماٺهو سڪٺو ڀلو جو ماٺهو آزاد ۽ بنا خوف جي ميلا ملاکڙا ڏسندا وتن مگر هي پاٽي ٻڄندي پيئن.

**بيت**

بادشاهان را به بين حال عجيب خوردن ايشان بود کم از غريب

بادشاهن جو عجب حال ڏسو. جو انهن جو کائڻ پيئڻ غريبن کان به گهٽ آهي.

هر کس بي خوف خود طعام وشراب او به هردم خوف کرده در عذاب

سيڪو سواءِ خوف جي کائي پيئي. ٿو بادشاهه سدائين خوف جي عذاب ۾ آهن.

خاص وعام ميخورد بر وقت خويش، خوردن شاهان بود خود

عام وخاص ماٺهو وقت تي کائڻ ٿا. بادشاهن جو بي وقت کائڻ آهي.

خوف ميدارند ز مرگ آن مدام ميروند آنها همي ميرند تمام

هي سدائين مرڻ کان ڊڄن ٿا اهي مري ته اوئين به وڃن ٿا.

ليکه شاهان جي توکل روزگار ، خوف ميدارند آن ليل ونهار

مگر بادشاهن جو گذر توڪل ڪانسواءِ آهي. رات ڏينهن خوف ۾ ٿا رهن.

روزتوکل کن بذات ذوالجلال، اي شهاتا تو نصيب درو بال

وڃ ذات ذوالجلال تي توڪل ڪر، اي بادشاهه تنهنجو نصيب مصيبت ۾ آهي

## پيئڻ بلا جي ڳالهه

ڪو شخص رات جو ستو پيو هو ننڊ ۾ هن جي ارهه تي پيئڻ بلا چڙهي ويٺي هئي. اوچتو هڪ گهوڙي سوار اتان اچي لنگهيو بلا کي ڏسي سمهيل کي اٿاري گهوڙي جي اڳ ۾ ڪري لڪڻ هٿي ڊوڙيائيس هن سان بلا جي ڳالهه نه ڪيائينس. آخر هن ڊوڙي ڊوڙي الٽي ڪئي جڏهن سپ زهر نڪتس ۽ آجو ٿيو. تڏهن هن سان ڳالهه ڪيائين.

مطلب ته هي آدمي گمراهيءَ جي ننڊ ۾ ستو پيو آهي. هن جو نفس پيئڻ بلا آهي جيڪو مٿان چڙهيو ويٺو اٿس. گهوڙي سوار هن جو مرشد آهي. جيڪو طالب کان الله جي ذڪر جي ڊوڙ ٿو ڪرائي جنهن ڪري هن جي اندر مان غير ۽ دوئي نڪري ٿا وڃن. جنهن ڪانپوءِ هن کي ابدي حياتي ٿي ملي. هونئن ته پيئڻ جي ڪاڏل جو سڄ ايرڻ سان ڪنڏ پڇي پوندو آهي. سڄ ايرڻ آهي هن جي حياتي جا دم پورا ٿيڻ.

**بيت**

مار نفس آدمي کرده تباهه تا شکار موت گشته بي گناهه

نفس جي نانگ ماڻهو تباهه ڪري ڇڏيا ته موت جو شڪار ٿي ويا.

گر به مرشد مير سد طالب خدا زوداز زهر هوس گردد جدا.

جيڪڏهن خدا جي طالب وٽ مرشد پهچي ٿو ته هو جلدي هوسن جي زهر کان بچائيس ٿو.

ديگران را آن زهر مار گران ميند ازاد عارف لامکان

بين کي به ان وڏي زهر واري بلا کان لامڪان وارو عارف آزاد ٿو ڪري

ترک کردن غیر را این قئي بود ازفنائي جسم اوباقي شود

غير کي ترڪ ڪرڻ التي آهي. ان جو جسم فنا کان بچي ٿو پوي.

ورنه هریک مبتلا شد خاص وعام اندرین زهر نفس مرگ مدام

نہ تہ سڀڪو عام خاص ان ۾ قاتل آهي. ان نفس جي زهر ۾ هر ڪو هميشہ لاءِ مئل آهي

هر که شد آزاد زهر نفس دم بدم باذات حق شد هم نفس

جيڪو سڏن جي زهر کان آزاد ٿيو. سو سدائين ذات حق سان گڏ ٿيو

## کوهہ واري جي ڳالھ

هڪ شخص ڪنواٽيءَ تي پري کان کوهہ مان پاڻي پريندو هو. آخر هڪ امين نالي ٿوپي چيس تہ گهر ۾ کوهہ کڻاءِ پوءِ هن همٿ ڪري گهر ۾ کوهہ کٽايو ۽ پري کان پاڻي کڻڻ جي تڪليفن کان بچي پيو. پوءِ ويچارو پيو ڪري تہ مار پاڻي تہ ڪو ونحن اقرب ويجهو هيو.مان ناحق پري پي رليس اڻ جاڻائي ۾ سڏ نہ هيم تہ ڪو پاڻي منهنجي گهر ۾ آهي. هي آدمي بہ ائين حج ۽ زيادتون ڪندو ٿو وتي تہ ڪو الله ايڏاهون ملندو. پر الله تہ ساڻ ۽ گڏ اٿس. وفي انفسکم افلا تبصرون ۽ اوهان جي جان ۾ آهي پوءِ ڇو تہ ٿا ڏسو

### بيت

همچون بر اسراغ غواص امین. چاهه دل رابر بکن اي مهه جبین

امين ٿوپي جي ڏس وانگر اي سهڻا دل جي کوهہ جي کوٽائي ڪر

تاازین خاکي جسم آب بیاب. تارهي از منت هرناصواب

ان طرح من خاڪي جسم مان پاڻي هٿ ڪر تہ سيني جي ٿورن کان ڇٽي پوين.

هر دم چه کن ۾ شو آسائشي دلا. تاکه دریابي آب صفا

هر هڪ دم سان کوهہ کڻ ساهي نہ پٽ جيئن ان مان صاف پاڻي لهين

پس زمنت ديگران خود وارهي، چون به خانئه خويش دريابي چه

پوءِ بين جي ٿورن کان پاڻ بچاءِ جڏهن پنهنجي گهر ۾ کوهہ لهي وڏءِ

غافل آب طالب که از چه دیگران آب بیارد کشند منت گران

جيڪو بين جي کوهہ تان پاڻي ڪڍي سو غافل طالب آهي ۽ وڏا ٿورا ٿو کڻي

آب نحن اقرب ریاد دار . تاشوي از آب خويش فرخنده وار

ونحن اقرب وارو ويجهو پاڻي ياد رک، تہ جيئن پنهنجي پاڻيءَ سان سرخرو ٿئين

## محمد عارف صوفي بهاولپوري

گولو شاهہ نالي شاهاڻي مير سهراب خان جي حاضريءَ جو وڏو غلام هو. جيڪو هڪ دفعي وٺانئس ڪاوڙجي دائود پوٽو جج صاحب عرف صادق بادشاهہ وٽ وڃي نوڪر ٿيو. هي شاهاڻي فقير. حضرت خويش خير محمد هيسباڻيءَ جو طالب هو. پاڻ هتي رياست ۾ فقير تاجن ۽ ڪلاهن ۽ گيڙوءَ جي پوشاڪن سان ڏٺا هئائين اتي ڪنهن کان پڇيائين تہ هت بهاولپور ۾ ڪو فقير آهي. نوڪر چيس تہ هتي محمد عارف نالي هڪ فقير آهي. فقير محمد عارف پلي پوشاڪ پائيندو هو. گهوڙي تي چڙهي گهمندو هو. مگر سندس نظر سيني ۾ هوندي هئي ڪيترا ماڻهو خوديءَ کان بہ نظر سيني ۾ ڪندا آهن. مگر فقير ائين نہ هو گولا شاهہ جڏهن کيس ڏٺو تہ سمجهيائين تہ هي ڪو دنيا جو ماڻهو آهي. جڏهن فقير محمد عارف ويجهو آيس. تہ هي بيت چيائين.

دل به دست آور هر چه خواهي کن. حق نگهدار پس کج کلاهي کن

يعني دل تريءَ تي رک پوءِ جيڪي وڻيئي سو ڪر. حق نظر ۾ رک پوءِ ڏنگي ٽوپي پلي ڪر.

ان تي گولي شاهہ چيس تہ اسان کي اوهان جي ابتي پير ۽ رنگ جي خبر نہ هئي معاف ڪجو ڪي فقير چشتي طريقي جا اهڙي اميراڻي لباس ۾ لڪل هوندا آهن.

اڳي سنڌ ۾ زاهدن ۽ عابدن کي بہ ماڻهو فقير چوندا هئا. پوءِ فقيرن بدناميءَ لاءِ گيڙوءَ جي پوشاڪ اختيار ڪئي مگر اندروني طرح اهي

واصلي هوندا هئا. صوفي حيدري ظاهري پوشاڪ گيڙوءَ جي ۽ مٿي ۾ تاج پهريندا آهن. اڄوڪي وقت ۾ فقيري گيڙوءَ سان مشهور ٿي ويئي آهي. هاڻي جڳائي تہ اڇو لباس پائجي اڇي لباس سان ڪوبہ فقير ڪونہ سمجهندو.

## بيت مثنوي

دل چون باشد صافي از ذڪار حق. همچون آئينه شود صافي دلق

دل اگر حق جي ذڪر سان صاف هوندي تہ پوشاڪ بہ آئينہ وانگر صاف هوندي

هر چه پوشد گو بپوش اورا روا اطلس وزربفت اورا شد سزا

جيڪو وٽيس سو پائي ان کي جائز آهي. پٽ ۽ ذري جي پرت سان بہ ڪپڙا ان کي لائق آهن

دل چون دست ڪلاه تاج دار. اوست شاهي گو بوداز دل نثار

دل تريءَ تي اچئي تہ پوءِ ڪلاه ۽ تاج پاءِ پوءِ اهو بادشاهي جو مالڪ آهي توڙي دل تان قربان ٿيل هجي.

دل اندر دست نه آيد خرقه صوف شد خواري سرخ خلعت چون خوف

دل هٿ ۾ نہ اچئي تہ صوفي ڪپڙا يا ڳاڙها ڪپڙا خواري ۽ خوف کان اٿئي

سرخ رنگ بس نه آيد هيچ ڪار. دل بيآور دل بيار

گيڙو پوشاڪ ڪنهن ڪم جي نہ آهي. دل هٿ ڪر. دل هٿ ڪر دل هٿ ڪري آڻ

اي بغير دل بود بيڪار جان نيست صوفي بيدرد اورا بخوان

اي ادا دل کانسواءِ جسم بيڪار آهي اهو صوفي نہ آهي ان کي بيدرد سمجهہ

## جهنگلي باز جي ڳالهہ

باز اونهاري جي موسم ۾ جبلن ۽ رڻن پٽن ۾ رهندا آهن. سياري جي موسم ۾ سانگ تي هتي ايندا آهن. باز هيٺين قسمن جا آهن. (1) شهباز، (2) شڪرو، (3) لغڙ، (4) ذور، (5) بحري باز وغيره

بازدار انهن کي دام ۾ ککر جو چوزو وجهي فاسائيندا آهن ڦاسڻ کانپوءِ انهيءَ جون اکيون سبي بند ڪندا آهن ته جيئن ڏسي نه پوءِ رات جو هن کي ننڊ ڪرڻ نه ڏيندا آهن ڏينهن جو هٿ تي ويهاريون ويٺا هوندس. ننڊ جيڪڏهن باز ڪندو ته هرندو نه هن ۾ جهنگلي عادتون ۽ تاهه موجود هوندو. پوءِ جڏهن صفا هري وڃن ته انهن کي گوشت کارائيندا آهن ڪانوَ جو ڪنپ اچلي باز کي شڪار ڪرڻ سيکاريندا آهن.

پوءِ جڏهن باقاعده هٿ تي هري به وڃي ۽ ڪنپ به چنبي سان پڪڙي اچي جهوليءَ ۾ پوي ته پوءِ روزانو ٻارهن تيرنهن تتر ۽ تلورون پيو ماري پوءِ اهو باز بادشاهي ٻانهن تي پيو ويهارجي .ا يڏو هن جو شان ٿئي.

مطلب ته هن آدمي کي به مائٽن ۾ چلهه واريون عادتون آهن پوءِ مرشد هادي هن کي توحيدي گفتاران ٻڌائيندو ته عشق جي دام ۾ ڦاسي پوندو. پوءِ باز وانگر رات جو اوجاڳا ڏبس پوءِ سڀ گهرو عادتون ڇڏي ويندو. پوءِ اهو ساڳيو آدمي دلين جو شڪار ڪندو. هزارن کي پيو فيض ڏيندو. جيڪي فقيرن جو شڪار ٿيا. سي ٻين کي به پرواز ۾ شڪار پيا سيکاريندا پوءِ اهي پاڻ به عين باز ٿي پوندا ڏسو ته جهنگلي ماڻهوءَ جو پٽ پڙهي ۽ امتحان پاس ڪندو ته آفيسر ٿي به ٿيو پوي.

**بيت**

هين بيآموز از بازان خصال تاشوي منظور ذات ذوالجلال

ائين بازن کان عادتون سکو ته ذات ذوالجلال کي منظور ٿيو.

شوتو دربيداري وذکر خدا تاکه علت خام تو گردو فنا

تون خدا جي ياد ۾ جاڳندو رهه ته تنهنجون خراب عادتون ختم ٿين

تاتو شهباز آن معنيٰ در شکار غير حق از تو شوديکدم فرار

جيئن تون شهباز وانگر معنيٰ جو شڪار ڪرين. ته حق کانسواءِ سڀ غير ڀڄي ويندو.

دمبدم بر دست شهه ساکن شوي. جسم را بگذار در باطن روي.

هروقت بادشاهه جي هٿ تي هجين جسم کي ڇڏي باطن ۾ وڃ

هر که باشهباز باشد همنشین اوشود همراز شهباز یقین
جيڪو شهباز سان رهندو اهو شهباز جو همراز ٿيندو.

## اُٺ گاڏي واري جي ڳالهہ

هڪ شخص اٺ گاڏي تي چاليهہ مڻ بار ڪڍدو هو اوچتو سندس اٺ ڪاري واءُ جي بيماري سبب مري ويو. جت رڙيون ڪيون دير سان خيال آيس تہ اٺ پيو تہ سلامت آهي سچو جسم جاچي ڏٺائينس تہ سلامت پيو هو پوءِ سوچيائين تہ هن اٺ ۾ڪو بيو هو جنهن بار پي کنيو ۽ پنهنجي جسم بہ پي کنيائين. پوءِ وڃي روئڻ ڪان بس ڪيائين.

مطلب تہ هي جسم بہ اٺ وانگر آهي ان ۾ ڏها ذات ويٺي آهي جنهن جي طاقت سان بار ٿو ڪڍي جنگيون ٿو ڪري حڪومت ٿو هلائي مگر ان ذات نڪتي ڪانپوءِ ڪو ٻلو سندس نڪ چپ ڪائي تہ بہ هڪل ڪونہ ڏيندس،

اشتر تو این وجود بار گیر هر دم بار کشدت شدا سیر
هي تنهنجو اٺ بار کڻندڙ آهي. هر وقت بار کڻڻ ۾ قائل آهي.
این همه طاقت بوددر ذات حق بعد مردن بین وجود خود غرق.
هي سپ طاقت حق جي ذات ۾ آهي. مرڻ ڪانپوءِ پنهنجو غرق ٿيل وجود ڏس
نیست طاقت مرا وارا جنبش کند، گرچه اطفالش کس قتل کند
ان کي طاقت نہ آهي جو چري سگهي توڙي سندس ڪو آکهہ کي قتل پيو ڪري
قوت از حق بود اندر جسم هر که داني رائگان اورا رسم
جسم ۾ اها حق جي طاقت آهي جنهن کي تون بيڪار ۽ عام رواجي ۽ بيڪار ٿو سمجهين.

## درياهہ جي آر جي ڳالهہ

هڪ دفعي ڪڇي جي شخص ڳالهہ ڪئي تہ سانوڻيءَ جي مند ۾ ٽيپهريءَ جي وقت مينهن جي چاري سان درياهہ مان پاڻي وهي آيو. سندس گهر ان مال جي چاري جي پرسان هو. سندس مال ۾ سامان ڪکڙ وغيره گهر ۾ هئا، ان گهر جي پر سان هڪ پراڻو پر مظبوط لئي جو وڻ بيٺل هو. ان لئي جي وڻ تي پيهو ناهي ان تي وينا هئاسون ۽ رات جو ان تي ستاسون. اڌ رات جون مون پاسو ورايو تہ منهنجي ٻانهن پاڻيءَ ۾ ڇپڪو ڪيو. اٿي ڏٺم تہ سڄو درياهہ سير ڪري اسان ۽ لئي کي لوڙهيون ٿو وجي ڪکڙ ڇپرن تي وينل هئاسي. بہ ککن تي ترندا ٻانگون ڏيندا پيا وڃن.

ڍور ڍڳا ان ۾ لڙهي ويا. ان شخص وٽ سيڻہ هئي. ان تي تري نڪتو پار ٻچا بہ تر تي ڪڍياسون مگر سڀ اڌ مئا ٿي نڪتا. مطلب تہ هيءَ انساني دل مينهن جي چاري مثل آهي آدميءَ جي وجود ۾ ذڪر اسم اعظم درياهہ وانگر آهي. پوءِ جنهنجي وجود ۾ ذڪر گهيرو ڪيو. تہ سندس وجود مان غير خيال جا وڻ پاڙئون پٽي ڪڍي ويندو پوءِ جنهنجي دل ۾ ذات ذوالجلال مهرو هنيون تہ اتي پاڻي ٻيڪيون ڪندو. اهي ٻيڪيون انا الحق جو هونگان آهن.

## بيت

هست انسان شاخ رہ بحر عظيم ميز ند بر موج آن لطف عميم

آدمي ان وڏي بحر جي شاخ آهي. اهو گهيرو ڪرڻ وارو موج تي موج هڻي ٿو.

مهرہ درياءِ اعظم بيکر ان غير حق فاني کند دريک دم آن

ان وڏي درياهہ جو چاڙهہ بي پايان آهي هو. هڪدم حق کانسواءِ غير کان فنا ڪري ٿو.

آن درختان غير وهم عبديت يک دم بر کند ازا حديت

اهي وهمن ۽ ٻانهپ جا وڻ احديت سان پاڙئون ٿو پٽي اڇلي

نعرہ انا الحق زندا رو بر ملا غير را چون غرق کردہ را انا

اهو ظاهر ظهور انا الحق جو نعرو ٿو هڻي غير کي انا ۾ غرق ٿو ڪري.

آن انا بحر نزد خاکي وجود آن انا منصور دان تو اي عنود

اها ان خاڪي وجود لاءِ بحر آهي اي ظالم اها انا منصور سمجھہ
پس بود آن بحر باقي دربقا در بقا با الله ماند از خود جدا
پوءِ بقا ۾ باقي درياھہ آهي. پاڻ نہ هوندو مگر بقا با الله ۾ رهندو.

## ڪلهوڙي بادشاھہ ۽ بلوچ جي ڳالھہ

اڳئين وقت ۾ سڀ ڪنهن کي ترار چيلهہ سان ٻڌ هوندي هئي. اهو رواج ڪلهوڙن ۽ ٽالپورن جي حڪومتن تائين رهيو. هڪ دفعي ڪو ڪلهوڙو بادشاھہ سوئر کي ڪارگر ڌڪ نہ لڳو تنهن ڪري چپ ڪري ويهي رهيو. بادشاھہ کيس ڏسڻ ويو تہ مري ويو. آهي يا نہ بادشاھہ جڏهن وٽس ويجهو ويو تہ سوئر دسي وڌس. نوڪر ۽ سپاهي ڊڄڻي باز ڏسي پڇي ويا.اتي جهنگ ۾ ڪو بلوچ مسڪين بيٺو هو ۽ ترار هڻي ماري وڌائين ۽ بادشاھہ کي ڇڏيائين. ان ڪري بادشاھہ هن کي گهڻو انعام ڏنو جاگير ۽ پلو گهوڙو بہ ڏنائين. بلوچ گهوڙي تي چڙهي گهر اچي تہ جوٽس چيس تہ مئا ڪنهن کي ماري ان جا ٽپڙ ڪٽي آيو آهين ڇا. زال کي چيائين تہ نہ اهو مڏيءَ ترار جو بخت ڦاٽو آهي پوءِ کيس سموري ڳالھہ ڪري ٻڌايائينس.

مطلب تہ روح آهي سو بادشاھہ آهي. ان کي نفس سوئر دسيون ويٺو آهي. جيڪو لاجي ترار سان ان نفس کي ماري روح بادشاھہ کي آزاد ڪرائيندو سو بہ اهڙو انعام حاصل ڪندو. عرش کان تحت الثريٰ تائين سارو ملڪ انعام ۾ جاگير ٿي ملندس هزارين پيا بہ هن جي فيض مان فيض حاصل ڪندا. براق لا ابالي هن کي ڪٽي عرش جو سير پيو ڪرائيندو.

### بيت

تيغ در دست کن تو لا حجاب تا بہ بيني ملک معنيٰ را عجاب
تون جي حجاب ٿي لاجي ترار ڪڻ تہ تو معنيٰ جي عجب ملڪ کي ڏسين
تيغ لا داري زکس نصرت مہ خواهہ تا شوي بر تخت اعليٰ بادشاهہ

لاجي ترار تو وٺ آهي. ٻئي ڪان مدد نہ وٺ جيئن تون اعليٰ تخت جو بادشاهہ ٿئين

نفس خود راقتل کن این خوک را ۔ تا حضور نور بینی بوملا

پنھنجي نفس سوئر کي قتل ڪر. تہ نور جوحضور ظاهر ظهور ڏسين

تاپسند طبع شاهه آئي دلا ناز انعام خدا یابي بقا

ائين ڪندين تہ بادشاهہ جي طبع کي پسند ايندين ۽ خدا جي انعام سان بقا حاصل ڪندين.

محو گردند جمله عصیانت همه چون به بیني شاهه را تو دم دمه

تنهنجا سڀ گناهہ ميٽجي ويندا. جڏهن بادشاهہ کي دم دم سان ڏسندين

بخت بالا تو برون از حد حساب ۔ شاهه عالیجاهه باشي در لقاب.

تنهنجو بخت حد ڪان وڌي ويندو. پوءِ تنهنجو لقب شاهہ عاليجاہ ٿيندو.

## بادشاهہ جي گھوڙي جي ڳالهہ

بادشاهہ کي جيڪو گھوڙو پسند ايندو سوسوار کي ڏيندو تہ هلت چلت ۽ خصلتون سهڻيون ڪري ٺاهي ڏئي. هن کي پوءِ سوار لُچائي ڪئون الياڻ ڏيندس. جڏهن گھمائي سوار ڪان تسلي وٺندو تڏهن بادشاهہ گھوڙي جي ڪنن جي مٿان بندوق جوٺڪاءُ ڪيندو تہ جيئن جا چيس تہ ڇرڪ تہ ڪونہ اٿس. جڏهن تسلي ٿيندس. تہ پوءِ بادشاهہ پاڻ چڙهي ڏسندس جڏهن گھوڙو ڪامياب ٿيندو تہ پوءِ سوين سئنس گھوڙي جي خدمت لاءِ رکندو هن کي راتب پيا کارائيندا ۽ ٺان تي پيو لٽيندو ٻڌي پيو چرندو. مٿان جهل پيئي هوندس، پيو ڪوبہ مٿس سواري نہ ڪندو.

مطلب تہ هي انسان گھوڙي مثل آهي، دنيا جو جهان بادشاهہ جي گھوڙي جي تنبيلي مثل آهي. سوار مرشد مثال آهي. ڪامل مرشد جيڪو ڏها ۽ چاليها ڪيرائيس ۽ صاف ٿو ڪريس. دم وارو ذڪر ڏسي هن جا سڀ عيب ثواب لاهي ٿو ڇڏي. لا جو لغام ڏيئي صحبت جي سواري هيٺ آڻي هن جا سڀ ڇرڪ ۽ ٺاپا نابود ٿو ڪري رڳو اسم اعظم جي هڪ رفتار

ٿو هلائيس. پوءِ بادشاھ هن تي هڪ پيرو سواري ڪئي. پوءِ سڄي عمر ويٺي هنڌ پيو ڪائي. آرام پيو ڪري پوءِ ٻئي ڪنهن جي سواري يعني نفس ۽ شيطان جي حرڪتن ڪان بہ بچي پيو.

## بيت مثنوي

همچون اسپ شاهه کلي پاک شو ، زير ران شاهه خوش خالاک شو .

بادشاھ جي گهوڙي وانگر سمورو ٿيءُ بادشاھ جي ران هيٺان چالاڪ ٿيءُ

ليکه اول پير را کن پيشوا ، خوبهائي بت کند بهتر دوا

پر اڳ ۾ مرشد کي رهبر ڪر. جيڪو تنهنجي جسم جي خوبين جي لاءِ سٺي دوا ڪري.

تاز خوئي خام وار سته شوي دل پسند شاهه عاليجاهه شوي

جيئن خراب عادتن کان ڇٽي پوين. بادشاھ جو من پسند ۽ وڏي مرتبہ وارو ٿئين

يک سواري شاهه به از صد طواف تا که کعبه هم کني اندر طواف

بادشاھ جي هڪ چڙهي سون طوافن کان بهتر اٿئي تان جو ڪعبہ توکي طواف ڪري.

صحبت مرشد کند چندان پسر که گداراشاهه کردند سر بسر

پٽ مرشد جي صحبت ائين سمجهہ جو گداگر کي سرسبز بادشاھ بنائي ڇڏي ٿي.

## بادشاھ ۽ مولويءَ جي ڳالهہ

هڪ مسلمان بادشاھ ڪچهريءَ ۾ شراب پي ورهايو. هڪ مولوي بہ ڪچهري ۾ ويٺو هو بادشاھ مولوي کي بہ جام پري ڏنو تہ پيءُ . مولوي چيو تہ مان مري وڃان تہ بہ شراب نہ پيئندس. آخر بادشاھ نوڪرن کي ٻچ ڪري دسرائي مار ڏيارايائيس. مار ڪانپوءِ چيائين تہ ڏيو تہ پيئان پوءِ بہ تي جام پي ويو. پيئڻ ڪانپوءِ مولوي هاءِ هاءِ پيو ڪري ۽ چوي پيو تہ مون کي شراب جي خبر ڪانہ هئي مان رڳوائين عمر گذاري ڇڏي. جيڪڏهن هتي ڪلال خانو هجي تہ طواف ڪيانس. آخر ڪلال خاني تي ويو. اتي وڃي

ڏنائين تہ مولوي قاضي ۽ مفتي سڀ مٽن جي پاڙ ۾ پيا آهن. اتي دانهن ڪري روئيندي چيائين تہ هي اسان کي جهليندا هئا. پاڻ شراب جي مٽن جي پاڙ ۾پيا آهن. ساقيءَ کان پڇيائين هي ڇو هت پيا آهن. ساقيءَ چيس تہ تنهنجو انهن سان ڇا آهي تون ماٺ ڪري شراب پيءُ پوءِ ساقيءَ ۽ شراب خاني کي طواف ڪيائين.

مطلب تہ مولوي نفس آهي جيڪو وحدانيت جي شراب جوانڪاري آهي ساقي حوض ڪوثر حضرت مولا علي آهي. شراب آهي دم وحدانيت جو جيڪو مرشد جي هٿئون آخرت جي موچڙن جي پوَ کان پيتائين پوءِ اسم مان مزو آيس مرڻ ۽ جيئڻ جو. پوءِ ساقي کي بہ طواف پيو ڪري ۽ هر هر شراب پيو پيئي جنهن ساقيءَ هٿان شراب پيتو سو قيامت تائين زنده رهندو جنهن نہ پيتو سو مرده ٿي مري ويو.

مـردود ٿـي مـئـا، مـاهـر ٿـي نـہ مـئـا
حـبـاب ئـي هـئـا. انـهـيءَ واديءَ وچ ۾

**بيت**

همچون ملان نفس خود داني دلا،
که از شراب عشق شد مانع ترا

ادا نفس کي ملان سمجهہ جو عشق جي شراب کان توکي منع ٿو ڪري

## ماڪڙ جي ڄم جي ڳالهہ

سانوڻيءَ جي برسات ۾ ماڪڙ هڪبئي مٿان چڙهي لڳ ڪري نر ماديءَ کان جسم ۾ هلڪو ٿيندو آهي. لڳ ڪانپوءِ ٻارهين پهر واريءَ ۾ پڇ هڻي اهي آنا ڦٽي پون. هن جي ٻچن جي شڪل ماڪوڙيءَ جهڙي ٿيندي آهي. جيڪا رنگ ۾ وچولي ڪاري ٿئي. اهي ٻچا ٽيڪيون ڏيئي واريءَ مان نڪري گاهہ ۽ ٻوٽن جا پن کائيندا وتن. ان وقت ۾ هنن جو رنگ گاهہ جهڙو ٿيندو آهي. هنن جي پرن تي کوپي وانگر پردو چڙهيل هوندو آهي

پوءِ اهي ٻچا پنهنجي مائن کي ڏسي وٺي پرڙاٽ ڪري اٿن تہ سندن پردو ڦاٽي پوي ۽ پوءِ وتن سنگت ڪيو. گڏ فصل ڪائيندا.

مطلب تہ طالب جي دل واريءَ جي دڙي مثل آهي. پوءِ دل تي سڪ ۽ محبت جو مينهن ٿو وسين پوءِ مرشد هن جي دل ۾ الله جي اسم جو ٻج ٿو وجهي اهوٻج سيني ۾ سمائجي سڏن ۽ هوسن جي پوکن کي وتي ڪائيندو. جڏهن طالب وٽان سڏن جي پوک ڪاڄي پڌري ٿي ۽ باقي وجي ان رهيس. پوءِ مرشد شهنشاهہ اچيس تہ ان جي ڏسڻ سان وجود وارو کوپو ماڪڙ جي ٻچن وانگر ڦاڙي وجهي ۽ مرشد سان گڏ معراج تي اڏاٽو. هليو وڃي بوتي واروکوپو اتي هو آسمان جي مٿان عرش جي سير تي

حديث من عروج الروح تيز الفلڪ يمشي من الرائس بدون الااقدام

جنهن روح عروج ڪيو سو آسمانن ڏانهن مٿي پر تيز پرواز ڪندو پيرن ڪانسواءِ وڃن آديسي اُپَ سرا.

## بيت مثنوي

گرهي خواهي رسي درمعرفت، ملخ بچه وار شود تربيت

جيڪر چاهين تہ معرفت ۾پهچان تہ ماڪڙ جي ٻچي وانگي سکيا وٺ

تاتو فصل وهم رافاني کني، پس به سوئي اصل خود رجعت زني

جيئن تون وهمن جي فصل کي ناس ڪرين. پوءِ پنهنجي اصل طرف موٽ ۽ پرواز ڪرين.

پرده جسم صفاتي رابدار تابطرف ذات خود داري عبر

ظاهري جسم جي پردي کي ڦاڙ. تہ پنهنجي ذات جي خوشبوءِ حاصل ڪرين

گرتو اندر پرده ماني خوار وزار، قوت هر مرغ شوي مرگ شي کرار

نہ تہ تون پردي ۾ ذليل رهندين. ۽ موت ڪان پوءِ هر پکيءَ جو قوت ٿيندين.

زود کن اين پرده برادري غلام. طائر بالا فلک شود والسلام

جلد ڪرهي غلامي جو پردو ڦاڙمٿئين آسمان جو اڏامندڙ پکي ٿي ۽ سلام

## بي عقل شڪاريءَ جي ڳالهہ

پکي مٽي هوا ۾ اڏامندو آهي ۽ بي عقل شڪاري تير ڪمان کڻي پاڇي کي تير هڻندو آهي. تيرن جي سموري ٿيلهي کپائي ڇڏيندو آهي. مقصد بہ حاصل ڪونہ ٿيندو اٿس

مطلب تہ هي آدمي بہ وڏي پکي جو پاڇو آهي. هنن ماڻهن جا دم تيرن مثال آهن. جيڪي هن جسم جي پاڇي جي خدمت ۾ کپائي ڇڏيائون اصل وڏو پکي هٿ ڪونہ آين ۽ نڪي ڏٺائون جي هنن جا تير صحيح نشان تي لڳن ها تہ مقصد ٿئين ها. پر هنن اهي تير اجايا.هڻي غضب ڪري ڇڏيا.جيئن ڪتو پکيءَ جي پاڇي کي چڪ هڻندو آهي تہ پکي تہ وٽ ڪونہ ڏيندو اٿس. اجايون پئونڪان ڪري عمر وڃائي ڇڏيندو آهي اهڙي طرح هنن ماڻهن بہ پاڇي پويان ڪتي وانگر ڊڪ ڊوڙ ۽ هل هلاچا ڪري ساري عمر غرق ڪري ڇڏي. مقصد اصل هٿ ڪونہ آين.

## پولي جي طمع جي ڳالھ

هندوستان ۾ پولا جام ٿيندا آهن. اتان جا ماڻھو پولي جي سامهون دلو زمين ۾ پورين ۽ هنن پولن جي سامهون ڀڳڙا ۽ ريوڙيون دلي ۾ وجهي پاڻ پري ڀڄي وڃن. پولو ڊڪ ڪري ٻيئي هٿ دلي ۾ وجهي منيون کڻي پري جيڪي دلي جي منهن ۾ ڦاسي پون. پوءِ جهٽ ڪري ماڻھو اچي ڪنڌ ۾ڳراهو وجهيس. هن جون منيون نہ نڪرڻ ڪري ماڻھو دلو کڻي ڀڄي پوءِ ڪاهي اچي پنائينس.

مطلب تہ هي آدمي جن ڪان الله وسريل آهي سي پولا يعني پليل آهن دلو هنن جو وجود آهي ڀڳڙا هي ڪاڏا پيتا ۽ مال متاع اٿن. ٻيئي هٿ ان ۾ وجهون وينا آهن. عزرائيل هنن جو شڪاري آهي. جيڪو هنن کي اچي ٻڌي کڻي ٿو وڃي توڙي بيمار ٿين تہ بہ دلي مان هٿ نہ ڪڍن هنن جي واتان

زماني واري گفتار پيئي نڪري تان جو عزرائيل ٻڌي تحت الثريٰ ڏي اماڻيئين.

## هنجهہ پکي ۽ ڪوئي جي ڳالهہ

ڪئو مينهن ۾ پسي پيو ۽ سيءَ کان ڏڪڻ لڳو هنجهہ پکي هن کي ڏکيندو ڏسي قياس ڪري چيس تہ منهنجي پرن هيٺيان لڪي ويهہ تہ تنهنجو سيءُ لهي. ڪوئي ڇا ڪيو جو سندس پرن هيٺيان ويهي سندس پر ڪترڻ لڳو. آخر هن جو ڪنيڙاٺيون ڪتري گوڙو ڪري ڇڏيائنس. ٿوري اُڏا ڪي پيو ڏئي تہ منهن ڀر پيو ڪري.

مطلب تہ اهو ڪوئو هي نفس آهي. روح اهوآسماني پرواز ڪندڙ هنجهہ پکي آهي جيئن ڪوئي هنجهہ جا پر ڪتري ڪيس اڏامڻ کان جڏو ڪيو. تيئن هن نفس شهوت ۽ ڪاڏي پيتي جي سڌن سان روح جا ڏامڻ وارا پر ڪتري ڪوهي ڇڏيا آهن. ڇو تہ نفس خاڪي آهي ۽ روح عرشي آهي.

هڪ دفعي سائينءَ ڏاند ڪاهي واڻين جي مندر ۾ وجي ڪهي خيرات ڪيو ۽ مسلمانن کي کاريائين جنهن تي واڻيہ مئجرجي پيا ۽ فقير تي وجي فرياد ڪيائون. مئجسٽريٽ فقير کي گهرائي پڇيو تہ فقير هي ظلم ڇو ڪيو اٿيئي. فقير چيس تہ مون باس باسي هئي جيڪا مندر مراد پڄائي آهي. ۽ مان باسيل ڏاند ڏيئي آيو آهيانس .

واڻيہ پاڻ اسان جي پيرن تي باسون ۽ پڙ ڏيندا آهن پوءِ مون ڪهڙو ڏوهہ ڪيو مون تہ مندر ۾ سيسا ڪئي آهي اهوٻڌي فقير کي ڪيس مان آزاد ڪيو ويو.

## خدا ۽ شيطان جي خيرات

هڪ دفعي فقير سائين ڇا ڪيو جو هڪ سگهو متارو ڏاند ڪاهي ان کي اوپر منهن ڪري سير ڏياريائين ۽ ان ۾ چانورن جو پلاءُ تيار ڪرايائين

۽ وري ٻئي پاسي جوئر جو ڦڪو الوٽو پٽ تيار ڪرايائين پوءِ ڳوٺ جي ماڻهن کي دعوت ڪري اعلان ڪيائين تہ هي ڏاند جي گوشت جو ٻوڙ ۽ پلاءُ مون شيطان جي نالي تي خيرات ڪيو آهي. هن پاسي الله تعاليٰ جي نالي تي جوئر جو پٽ خيرات ڪيو اٿم. اوهان کي جٿان پسند اچي اتاهون کائو

اطلاع باوجود ماڻهن خلاف شريعت ڏاند ڪنل مان ۽ ان مان ٺهيل پلاءُ جو ذرو بہ ڪونہ ڇڏيو. مگر الله جي نالي واري کيل پٽ مان ڪنهن آڱر بہ نہ ٻوڙي.

ٻن ٽن ڏينهن گذرڻ بعد ڳوٺ جي ملن، ۽ مفتين، ۽ وڏيرن گڏجي فقير صاحب تي فرياد ڪيو.انهن ڏينهن ۾ مختيارڪار کي مئجسٽريٽ جا پاور هئا. مختيار ڪار صاحب فقير صاحب کي گهرايو ۽ پڇيائين تہ فقير تو هڪ ۽ ڪعبہ جي طرف منهن ڪرڻ بجاءِ اوپر ڏي منهن ڪري ڏاند خيرات ڪيو ۽ خيرات وري ڪيوَ بہ شيطان جي نالي تي.

جنهن تي فقير صاحب جواب ڏنس. تہ صاحب ڳوٺ وارا مون کي شيطان جو جماعتي سڏيندا هئا.ان ڪري انهن کي آزمائڻ لاءِ مون ظاهر ظهور شيطان جي ڪري کين دعوت ڪيم. تہ ڏسان تہ جي هي شيطان جي خلاف هوندا تہ شيطان جي نالي واري خيرات ۽ پلاءُ ڦٽو ڪري الله جي نالي وارو جهڙو تهڙو پٽ کائي ويندا جو سڀ شريعتي ماڻهن ٿا سڏائين.مگر اسان کي بي شريعت سمجهندڙن خود پاڻ شيطان جي حرام خيرات کائي ختم ڪئي.

ٻيو تہ شيطان الله جو دربان آهي. ڪنهن کي خوشيءَ سان الله ڏي وڃڻ يا سندس عبادت ڪرڻ نہ ڏيندو آهي. ان کي ڏاند جي خيرات ۾ مصروف رکي اسان موقع وٺي سڌو وڃي الله تبارڪ وتعاليٰ سان ملاقاتي ٿياسون. اهو ڪم اسان انهن ٻن مقصدن کي نظر ۾ رکي ڪيو هو. اهو ٻڌي مختيارڪار کين ڪيس مان بري ڪري ڇڏيو.

## باب ڇهون

# روح رهاڻ

جيستائين هي عاشق آهي تيستائين هي هلاڪ آهي. فراق ۾ سوز سان هن جي هلاڪي آهي هن مان نڪتو تہ ملجوت ۾ جبروت ۾ ۽ لاهوت ۾ بہ عاشق آهي. فنا في الله ۾ بقا باالله ۾ پهتي ڪانپوءِ هي ٻارهن مهينن تائين عاشقي ۾ بيقراريءَ ۾ رهندو ٻارهن مهينن تائين هن جي پڪاوت پئي ٿيندي پڪاوت ڪانپوءِ هن کي قرار ايندو ۾ هو بيقرار ٿيندو تنهن ڪان پوءِ هي معشوق هو عاشق ٿي پوندو. جيستائين هي عاشق آهي تيسائين ڪچو آهي ۾ مارجڻ جو خوف اٿس.

عشق نور بہ آهي. تہ نار بہ آهي. سوز بہ آهي تہ ساز بہ آهي.ڏک آهي تہ سک بہ آهي عشق جو درد رڳو وصال آهي. عشق وصل بہ فراق ۾ درد آهي. وصل ڪانپوءِ سڪو آرامي ٿيندو آهي. مگر عشق وٽ وصل بہ هجر ۾ فراق آهي ۾ بي آرامي آهي. جيئن جدائي فراق آهي تيئن عشق جو وصل بہ عين فراق آهي. عشق ڏسڻ خود بي انتها درد آهي. جيئن عاشق عشق کي ويجهو تيئن درد ۾ فراق زياده ٿيندس. جيئن فراق ۾ درد تيئن لذات بي انداز.اها لذات ٻنهي جهانن جي بادشاهي کان وڌيڪ آهي جيئن جيئن لذت وڌندي تيئن تيئن جوش ۾ مستي زياده. جيئن جوش ۾ مستي تئين بيخودي ٿيندي ۾ نفساني بوتو نابود ٿيندو عشق جي مستي، جيئن عشق جي مستي تيئن، عاشق پست ٿيندو. جيئن عاشق پست تئين عشق جوجوش وڌيڪ. جيئن عشق جو جوش تيئن عاشق نيست نابود ٿيندو وڃي.جيئن عاشق نيست ٿيندو تيئن ديدار جو ذوق وڌندو ويندس. جيئن ديدار جو ذوق وڌندو تئين حيراني ٿيندي، جيئن حيراني ٿيندي تيئن ساھ نڪرڻ کي ايندو. هي ڦڙو سخت ڪشش ڪري تہ درياہ سان گڏجان تيئن ساھ هيئيئن ڏڙمان ڇڏي هيئين اڏ لُڪيءَ تائين اچي پهچي ساھ ظلم سان نڪرندو آهي پر هن

ساهہ نڪرڻ سان ايتري فرحت ۽ جاوداني عيش حاصل پيو ٿئي جيئن مڇي پاڻي ڪاڻ سڪي ۽ تڙپي جيئن لوهہ مقناطيس ڏانهن ڏسي ڇڪجي لڙڪي پوي.

حقيقت جي وجود کي ٻہ هٿ آهن. ڪبو هٿ ۽ سڄو هٿ ڪبو هٿ جلال آهي. ۽ سڄو هٿ خالص جمال آهي جلال ڪفر آهي ۽ جمال اسلام آهي. جلال نار ۽ جمال نور آهي جمال مسلماني آهي مگر ان ۾ نور ۽ نار مرڪب آهين مفر خالص جمال ۽ خاص الخاص مسلمان اهو آهي جنهن پاڻ مان نڪري محمدي معراج ماڻيو.

عشق ڇا آهي؟ جنهن هن وجود کي عشق ۾ فنا ڪيو الوهيت جي محبت ۾ هستيءَ کي ذڪر وحدانيت سان نابود ڪيائين عشق جي درد حال جي خبر ان کي هوندي نہ ڪي زاهد عابد يا ملان کي هوندي زاهد عابد ۽ ملان شاهہ جي ٻانهپ ٿا ڪن. مگر عاشق پاڻ شاهہ ٿا ٻڻجن. ٻانهي کي شاهہ جي ڪهڙي خبر. جزوي عقل منگل ڪوتوار آهي. جنهن جي ڳالهہ ٻڌڻ جهڙي آهي.

اسان جي حال جي وقت دوران مير امام بخش خان لاءِ اسان جي ڳوٺ جي اتر طرف دپ شڪار گاهہ ٺهيو.ان لاءِ منگل ڪوتوار مير جي رسائي لاءِ 500 ماڻهو گڏ ڪيا. ان وقت ۾ رياست ۾ ڇيڙ ۽ بيگر جو رواج هو. بادشاهہ جي اچڻ تائين اهي ماڻهو منگل ڪوتوار جي حوالہ ۾ رهندا هئا. ڪوبہ ڇيڙ پڇندو هوتہ ان کي منگل ڪوتوار پڪڙائي مارائيندو هو.

هڪ دفعي منگل ڪوتوار ڪٽ تي ويٺو هو ڏاڍي رعب تاب سان حڪم وينو هلائي. زميندار ۽ امير بہ سندس انتظار ۾ بيٺا هجن ٻڪر ڪڪڙ ۽ کير سڀ موجود هجن. ديڳيون چڙهيون پيون هجن. منگل ڪوتوار کي اهڙي خوءِ هجي جو ڄاڻجي پيو تہ ڄڻ بادشاهہ ئي هي آهي. بادشاهہ جي اچڻ کان ست اٺ ڏينهن ڪوتوار رڻ ٻاري ڏنو.

جنهن وقت بادشاهہ جو اڏام ڏوم سان اچڻ ٿيو تہ ڪوتوار اٿي ڀڳو. لَوَنِ ۾ لڪي ڪبڙن ۾ لڪي آخرڪار جهنگ ۽ واريءَ ۾ ٻڪي ٻڪي ساڻو

ٿي پيو. جهنگ ۾ هرڻ ۽ ڦاڙها رهندا هئا سوبہ پڌر پيو نظر اچيس. اتان بہ پڳو تہ متان هٿ بہ ڪو ڏسي وٺي. هن جي لکڻ جو سبب اهو متان بادشاهہ جي انتظام ۾ ڪا ڪوتاهي ٿي هجي ۽ بادشاهہ مار ڏياري رسائي ۽ انتظام نہ ٿيل هو پر منگل جو نالو ئي بڌو هئائين.

آخر منگل چا ڪيو جون نار جي مالهہ ۾ هٿ وجهي پاڻيءَ ۾ ٽپ ڏنائين ۽ رڳو ناسون متي ڪري پاڻيءَ ۾ ويهي سارو ڏينهن پاڻيءَ ۾ ويٺو هو. بادشاهہ جي وڃڻ ڪانپوءِ ڇڪي ٻاهر ڪڍيائونس.

**بيت**

عقل خود شختہ است چون سلطان رسید . شحنہءِ بیچارہ در کنج خزید

عقل سایئہ حق بود حق آفتاب ، سایہ را با آفتاب اوچہ تاب

عقل ياڻ ڪوٽوار آهي بادشاهہ جڏهن پهتو تہ ڪوٽوار ڪنڊن ۾ پيو لڪندو.

عقل حق جو پاڇو آهي ۽ حق سچ آهي. پاڇو سج سان ڪهڙو چمڪندو.

عشق جي جلال مان سج دوزخ ۽ درندہ خواہ زهري بلائون پيدا ٿيل آهن. ۽ سمنڊ ۾ ڪوڙو پاڻي بہ عشق جي جمال مان بهشت چنڊ ۽ ٻيا حلال جانور تارا ۽ مٺي پاڻيءَ وارو درياہ ٿيل آهن. آدمي جلال ۽ جمال جا مرڪب آهن. آدمي جو ڪفر ۽ گمراهي جلال آهي هدايت جمال آهي. عبادت الاهي سان آدمي جو جلال گم ٿي ويندو آهي. باقي رڳو جمال نوري ٿيو پوي.

**بيت**

از عبادت این جلالت گم شود پس جمالت نور حق محکم شود

عبادت الاهي سان گمراهي واري جلالت گم ٿي ويندي آهي. پوءِ حق جي نور جو جمال مضبوط ٿيندو آهي.

شد جلالت نار نور حق جمال. زانکہ نور حق شوي صاحب کمال

جلالت نار ۽ جمالت حق جو نور آهي ان حق جي نور سان ڪمال جو صاحب ٿيندين.

این جلالت قرع اهل ضلال وآن جمالت حصہ اهل کمال

هيءَ جلال گمراهن جي ڪُٺي ۾ آهي ۽ جماليت ڪمال وارن جو حصو آهي

جهد کن تان صاحب معنيٰ شوي همچون مجنون سئو ليليٰ خودي روي

ڪوشش ڪر تہ معنيٰ جو صاحب ٿئين، مجنون وانگر ليليٰ جي طرف

فاذکروني اذکرکم را به بين . انيدرين معنيٰ شوي تو همنشين

پوءِ فاذکروني اذکرکم کي ڏس، هن معنيٰ جو صاحب ٿئين

خود که را آمد چُنين دولت به دست . قطره را بحر تقاضا گر شده است

اهڙي دولت پاڻيهئي ڪنهن کي هٿ ايندي، ڦڙي کي سمنڊ جي حوالي ڪري ڇڏي

همچون ماهي سوئي دريا رو شتاب جستجو و الله اعلم بالصواب

مڇي وانگر درياه ڏانهن تکويچ، الله جي ڳولا ڪر پوءِ والله اعلم بالصواب

جلالي جلال ۾ خوش تہ جمالي جمال ۾ خوش ٿا رهن، يعني نوري، نور ۾ خوش تہ ناري نار ۾ خوش. بهشتي بهشت ۾ راضي تہ دوزخي دوزخ ۾ جيئن بهشت وارو دوزخ وارن جي خلاف تيئن دوزخ وارا نيڪ عملن کان نفرت ڪن ٿا.

مَرَجَ الْبَحْرَيْنِ يَلْتَقِيٰنِ (۱۹) بَيْنَهُمَا بَرْزَخٌ لَّا يَبْغِيٰنِ جي معنيٰ ۽ تشريح اها آهي اهل جلال ۽ اجل جمال ڪيئن سڃاڻجي. ڪردار ۽ گفتار مان ولتغر فنهم في لحن القول انهن کي زبان جي لهجي مان سڃاڻي سگهي ٿو.

عاشقن جو درجو جلال ۽ جمال کان گهڻو پري آهي، ڇاڪاڻ تہ هو عين وصال آهن. هن کي نہ دوزخ جو پيئو نہ بهشت جي اميد جتي عاشق آهي تہ اتي نہ زمين نہ عرش نہ ڪرسي جي اٿئي مڙسي نہ سڏ لهہ ان سور جي. يان سِرَجي شفاعت جي بہ اميد بہ اهو رکندو جيڪو حق کان بيخبر ۽ ڏوهاري هوندو. اهو ئي دوزخ جو خوف ۽ بهشت جي اميد رکندو. اسان کي شفاعت جي بہ اميد نہ آهي نہ وري ضرورت آهي. صوبيدار ۽ حج جي ڪاڻ بہ اهو ڪيندو جيڪو ڏوهاري هوندو.

**بيت**

توپاک باش برادرم دار از کس باک زنند جامه ناواک گازران بر سنگ

اي ادا تون پاڪ رهه پوءِ ڪنهن ڪان به نه ڊڄ. ڪتي به ميري ڪپڙي کي پٽر تي هڻندا آهن،

بيشت دوزخ آدميءَ سان ساڻ آهن. سينو ۽ دل بهشت اٿس معدو ۽ شهوت دوزخ اٿس. جو الله جي ذڪر سان سيني ۾ گم آهي سو بهشت ۾ جيڪو شهوت جو تابع آهي سو دوزخ بهشت ۽ دوزخ ٻيئي ڪثرت مان پيدا ٿيل آهن. بهشت به روحاني چڪلو آهي ۽ رنن جي جاءِ آهي فقيرن جو چڪلي سان ڪهڙو واسطو

اسان اتي وياسين جتي ڪثرت اصل مان ڪانهي. اتي جنن ملائڪن خواه انسان جي پهچ ڪانهي بهشت ۽ دوزخ صفاتي درجا آهن فقير ذاتي آهن اسان اتي ويا اهيون جتي رسول الله ۽ اهل بيتن ڪانسواءِ ٻيا سوا لک انبياءَ ۽ اولياءَ توڙي هٽ ڏگها ڪن ته به اسان جي پيرن کي به نه پهچن.

مڙس اهو آهي جيڪو ٻنهي جهانن تان ٽپو ڏيئي پرين پر لنگهي وڃي جيڪو جهانن جي حد ۾ آهي سو ڪثرتي آهي ڪثرت وارو شمار ۾ ڪونهي رسول الله ﷺ ۽ سندس اهلبيتن ڪانسواءِ ٻيا نبي سڳورا هنن ٻنهي جهانن جا گذراني هئا. مگر ٽئين جهان ۾ نه پهتا هئا. ڇو ته انهن کي عشق شهنشاهه دم وارو رستو نه ٻڌايو هو. زباني ذڪر ٻڌايو هئائين زباني ذڪر جي حد رڳو بهشت تائين آهي فاوحيٰ اليٰ عبده ما اوحيٰ.

ذات ذوالجلال من عرف وارو رستو خاص طرح سان حضرت رسول الله ﷺ جن لاءِ لڪائي مخصوص ڪري رکيو هو. جيئن پيءُ سوڪڙي وڏن پٽن کان لڪائي ننڍي پٽ لاءِ رکندو آهي ۽ گڏ به ننڍي پٽ سان ٿيندو آهي.

پوءِ حضرت رسول الله ﷺ جن اهو رستو موليٰ عليه السلام ۽ پنجتن پاڪ ۽ اهلبيتن ۽ اهل صفحه وارن فقيرن کي عطا ڪيو.

مثال جيئن هڪ واپاري آيو. پهرين سال ٿوم بصر ڪٽي آيو جيڪي عام ماڻهن ۽ رنن زالن به خريد ڪيا. ٻئي دفعي اطلس جا ڪوٽ ڪٽي آيو.

جيڪي ڪن خاص اميرن ۾ دنيا وارن ورتا. غريب نہ وٺي سگھيا. ٽئين دفعي هيرا آندائين جيڪي بادشاهہ ورتا. تيئن حضرت رسول الله ﷺ بہ وحدت جو سوداگر ٿي آيو دنيا ۾ تن قسمن جا سودا سامان آندائين. ٿوم بصر روزو نماز آهي اطلش جا ڪوٽ ورد وظيفا آهن ۾ تهجد ۾ ڏها چاليها آهن عشق الاهي هيرو آهي. جنهن بادشاهہ دلين خريد ڪيو. انهن خريد ڪيو جيڪي الست بربكم قالو بلا وارو وعدو ڪري هٿ پهتا هئا.عشق بہ نفس لاءِ هيري جهڙو قاتل زهر آهي. جزوي عقل لاءِ بہ عشق الماس زهر آهي. جو هيري زهر جي گوري ڪان پوءِ پڇڙي نہ ڇوريندو تيئن ڪانو عقل بہ عشق اڳيان دپ ڪونہ جهليندو آهي.

## بيت

عشق الماس است زهر زاغ را، عقل جزوي ميشود کلي فنا

عشق ڪانو عقل لاءِ هيرو زهر آهي. جنهن ۾ جزوي عقل سڀ فناءِ ٿيندو آهي.

عشق الماس است بهر شاهه دل. مي خرند خاصاني حق اگاه دل.

عشق بادشاهہ لاءِ الماس زهر آهي. دلين جي خبر وارا ۾ حق جا خاصا خريد ڪن ٿا.

سير بصل شد غذائي عام را. تا سهل گيرند هر يک يک جدا.

بصر ٿوم عام جي غذا لاءِ آهي. تہ جيئن هر هڪ وٺي سگهي

ليکه هر بيوه زن شد دستياب بر نماز و روزه دل اغتلاب

ان کي هر هڪ رن زال بہ وٺي سگهي ٿي نماز روزي تي دل غالب ڪر.

عشق شاهه است عشق راشاهان خرند. آسمان عرش را پرده درند

عشق بادشاهہ آهي.خريد بہ بادشاهہ ڪندا. اهي آسمانن ۾ عرش جا پردا ڦاڙي ڇڏيندا.

مي پرند آن قرسيان در الا مکان. لامکان پرواز گاه عاشقان

اهي ملائڪن واگر لامکان ۾ اڏرن ٿا. لامڪان عاشق جي اڏرڻ جي جاءِ آهي

مرغ قدسي لامکان شاهباز طرفته العين مي رسند در ملک ناز

اهي لامڪاني قدسي شهباز آهن اک ڇنڀ ۾ ناز جي ملڪ ۾ پهچن ٿا.

مي رسند آن جا ڪه جن وانس هيچ مخلوق بجز آن قدس نيست

اتي ٿا پهچن جتي نہ جن نہ انسان ٿي آهن. ان پاڪ ذات ڪانسواءِ ٻي ڪا بہ مخلوق ڪانهي.

افسوس انهن مسلمانن جو آهي جيڪي پنهنجي نفس کي گناهن کان نٿا روڪين. ڄاڻي واڻي گناهہ بہ ڪندا ٿا رهن خدائي ڪلامَ ۽ حديث نبوي جي منع هوندي بہ گناهہ ڪري نفس کي راضي ٿا رکن ۽ رسول الله تي شفاعت جو بہ پڪو آسرو اٿن. چوريون . بڇڙايون حق غضبيون بہ ڪن پرارا مال بہ کائن ۽ چون تہ اسان کي رسول الله بهشت ۾ موڪليندو.

اهڙن بد ڪمن جو بار پاڪ رسول الله ڏانهن اڇلائين. تہ اسان جو بار رسول الله کڻندو. افسوس انهن جو آهي. جو هٿ بہ نفس کی مزا ٿا وٺرائين ۽ اوڏانهين بہ مزن جا آسرا رکن. قرآن ۾ آهي وَمَنۡ يَّقۡتُلۡ مُؤۡمِنًا مُّتَعَمِّدًا فَجَزَآؤُهٗ جَهَنَّمُ جنهن آدميءَ روح جي ايماني وجود کي ڄاڻي واڻي قتل ڪيو. يعني پاڪائي ڪٽائين ان جي جهنم آهي.

بهشت ايزدي سرڪار جي اهڙي آسماني نعمت آهي جو رسول الله ڪانسواءِ ٻيا انبياءَ اولياءَ سڀ بهشت جي دروازي تي بيٺا آهن. دروازو بند آهي. رضوان نالي ملائڪ دروازي تي بيٺو آهي بهشت وارو دروازو قيامت جي وعدي مطابق سرڪار الاهي جي امر ڪانپوءِ کلندو.

دنيا ۾ ڏسبو تہ جيڪو بہ بنا موڪل جي پرائي باغ ۾ لنگهيندو تہ مالهي مار ڪري وٺي وڃي مالڪ وٽ پهچائيندس پوءِ مالڪ جي مرضي جيئن وڻيس تيئن ڪريس. هت ڪثرت ۾ ائين آهي مگر وحدت جي ملڪ ۾ ائين نہ آهي ڇا؟ باغ جي مالهن مان جيڪو ايندو سو دربان جي کهڙي ڪاڻ ڪيندو.

هڪ عبرت جهڙي ڳالهہ آهي. هن وقت ياد آئي آهي تہ سانوڻ جو مهينو هو ڏيڍ پهر ڏينهن جو هو. ان وقت آسمانن مان هاتفي آواز آيو ۽ ذات ذوالجلال مخاطب ٿي فرمايو تہ ڏسين ٿو تہ مان ڪنهن کي بہ ياد آهيان

اسان بہ چيو تہ تون ڪنهنکي بہ ياد نہ آهن. پوءِ چيائين تہ اهي منهنجي نعمتن ۽ بهشت ۾ کهڙي اميد ٿا. رکن مان چيو تہ رسول الله ﷺ تي ڀروسو ٿا رکن تہ اسان کي اهو بهشت ۾ اماڻيندو. جنهنن تي پاڻ مثال ٻڌايائون تہ پٽ پيءُ جي مرضي تي هلندو يا نہ پٽ پيءُ جي اجازت کانسواءِ مال ۾ حجت ڪندو؟ اهو بہ پيءُ جي راءِ تي هلندو پيءُ جي برخلاف قدم نہ کڻندو. مگر اجازت ۽ امر سان جيڪا پيءُ جي راءِ سان پٽ جي راءِ هوندي تيئن رسول الله بہ اسان جي راءِ کان ٻاهر نہ ويندو اسان جی امر ۾ هلندو نہ ڪی برخلاف هلندو. قرآن ڪريم ۾ بہ آهي تہ مَنۡ ذَا الَّذِیۡ یَشۡفَعُ عِنۡدَہٗۤ اِلَّا بِاِذۡنِہٖ ؕ یَعۡلَمُ مَا بَیۡنَ اَیۡدِیۡہِمۡ وَ مَا خَلۡفَہُمۡ ۚ يعني ڪير آهي جيڪو سندس اجازت کانسواءِ ڪنهنجي سفارش ڪري سگهي جيڪي انهن جي اڳيان آهي ۽ جيڪي سندن پويان آهي تنهن سڀ کي ڄاڻندڙ آهي. ان آيت جي معرفت اها تقرير آهي.

مٿين حقيقت جي مناسبت سان هڪ ڳالهہ آهي تہ هڪڙي امير کي گهڻا پٽ هئا. جن ۾ اوچتو اچي بيماري پيئي.سڀ مري ويا. امير کي ڏک کونہ ٿيو۽ نکي رُنو. زال چيس تہ هيترن پٽن جي مرڻ تي ڏک کونہ ٿيئہ نہ وري رُني. ڇاجي ڪري. امير چيو تہ چڱو جو مئا جو بي فرمان هئا جيڪا ڏات سور ڪندي آهي سا ڪيرائبي آهي نہ تہ ناسور ڪندي آهي اهي ناسوري عضوا هئا چڱو جو مئا شڪر ٿو ڪريان.

اهڙيءَ طرح حضرت رسول الله ﷺ کي بہ فرمانن جي جهنم ۾ سڙڻ جو ڏيک کونہ ٿيندو پاڻ ڪريم جن بہ بي فرمانن مسلمانن کان بيزار آهن.قرآن ۾ آهي. لاتنفعهم الشفاعت الشافعين يعني انهن کي ڇڏائڻ وارن جو ڇڏائڻ فائدو کونہ ٿيندو وَلَا تَزِرُوَ وِازرَت وزر اٰخُريٰ يعني ڪوبہ هڪڙو ٻئي جو بار نہ کڻندو. ان هوندي بہ قيامت ۾ شفاعت ڪندن بہ کڻي مگر تيستائين سزا ۾ پڳڙيون ٿي ويندا جيستائين قيامت اچي تيستائين تہ سزا کائيندا.

عارفن ۽ عاشقن جو شفاعت سان ڪوبہ ضرور ڪونهي. ڇو جو هنن الله اثبات ڪيو. فنا في الشيخ فنا في الرسول ۽ فنا في الله بقاالله جا چارئي درجہ حاصل ڪيائون جڏهن پاڪ ٿيا تڏهن اهي درجہ نصيب ٿين. پليدن کي اهي درجہ ڪڏهن بہ حاصل ڪين ٿيندا. جيڪي پاڻ پاڻي ٿيا تن کي ٻڏڻ جو ڪهڙو خوف ٿيندو. جيڪو شخص پاڻ پاڻي ٿيا تن کي ٻڏڻ جو ڪهڙو خوف ٿيندو. جيڪو شخص پليد ۽ ڏوهاري هوندو اهو سفارش ۽ شفاعت جي گهر ڪندو.

**فقرو:** اگر قدرت قبول كردن، بجز خود الله گفتن ودر شفاعت اميد وار بودن نامردگي. بيهودگي وعين كفراست. يعني قدرت کي قبول ڪرڻ پاڻ کانسواءِ ٻيو الله چوڻ ۽ شفاعت جي اميد رکڻ عين ڪفر ۽ بيهودگي آهي.

بقابا الله جي درجي وارا عاشق عارف سڀاڻي قيامت جي ڏينهن پاڻ رسول الله سان گڏجي گنهگارن جي شفاعت ڪندا.

**الحديث:** الشيخ في قومه ک انبي في امته يعني ڪنهن بہ قوم ۾ عارف عاشق ائين آهي جيئن ڪو نبي پنهنجي امت ۾ هجي عارف ان کي چئجي جنهنجو الله اثبات ٿيل هجي.

## بيت

حامل العرش عظيم ذوالجلال صاحب حال وجد صاهب كمال آهي

زات ذُولجلال جي عرش عظيم کي کڻندڙ آهن اهي وجد حال ۽ ڪماليت جا صاحب آهن.

عاشقان كردند طواف ذات حق، مي كنند بر عرش وبر نهه طبق

ذات حق ۽ عرش پر نون ئي طبقن جو طواف ٿا ڪن عاشق

با ررسول الله جا همراز اند آن . در همه حالت مكان تالا مكان

رسول الله جا همراز آهن هر حالت ۾ مڪان کان لامڪان تائين

الفقر فخري حديث آن جناب از برائي عارفان آمد خطاب

رسول الله ﷺ جن جي حديث انهن عارفن لاءِ خطاب ۾ آئي آهي

با محمد در شفاعت هم در هند. یاوران بي کسان و گمر هند

حضرت محمد مصطفيٰ صلی اللہ علیہ وسلم سان گڏجي بيواهن ۽ گمراهن جي شفاعت ۽ مدد ڪندا.

چون اويس عارف اندر يمن با محمد جنت خو ليکن بي وطن

اويس قرني جهڙا يمن ۾ عارف عادتون مصطفائي هيس توڙي پرديسي هو.

زان سبب فرمود محمد مصطفيٰ ﷺ در شفاعت همره اويس را.

ان ڪري سرڪار اويس کي شفاعت ۾ همراه فرمايو آهي.

زانکه بيخود فاني في الله بود هستيش نابود حق آگاهه بود

هو بيخود هو ۽ الله ۾ فنا ڪاڏل هئس. هستي ناس هئي ۽ حق کان باخبر هو.

از اويس نام مانده در جهان ليکه بود دائم اندر لامکان

دنيا ۾ اويس جي نالي رهيل هو مگر هيو هميشه لامڪان ۾ رهندو هو

حضرت سليمان اول آتش پرست گشت مسلمان اهل بيت و حق پرست

حضرت سلمان فارسي اڳ ۾ باهه جو پوڄاري هيو. پوءِ مسلماني ۽ حق پرستيءَ سبب اهلبيتن مان ٿي ويو.

گشت سيد در جماعت سروران سيد و عارف شده فخر جهان.

سيدن جي ٽولي ۾ سيد ٿي ويو. سيد ۽ عارف ٿي جهان جو فخر ٿي ويو.

هر که عاشق شد جمال ذات را، اوست سيد جکه موجودات را.

جيڪو الله جي ذاتي حُسن جو عاشق ٿيو اهو ئي ساري ڪائنات جو سيد آهي.

حضرت رسول الله ﷺ وري وري حضرت اويس قرنيءَ کي ياد ڪري تعريف ڪندا هئا هر وقت فرمائيندا هئا ته اني لوجه نفس الرحمان من طرف اليمين يعني مون کي خدا جي دم جي خوشبوءِ يمن جي طرف کان ٿي اچي هوڏانهن اويس جو اهو حال هو جو ڏاچون چاريندو هو ۽ اڻ پڙهيل هو. ڪوبه هنر ڪونه هيس پر لدني علم جو ماهر عاشق عارف فنا في الله جي درجي جو صاحب هو ۽ بقا باالله جي درجي وارو هو. ان ڪري رسول الله پنهنجو جبو پهرڻ وارو ۽ ڪمبل ۽ عصا وفات ڪرڻ کان پوءِ موڪلڻ جو حڪمن فرمايو هو ۽ ڪيس چورائي موڪليو هئائون ته منهنجي امت جي

پارت هجئي جنهن تي حضرت اويس نياپي واري کي چيو تہ بني حزرج جي قبيلي جون جيڪي رڍون آهن انهن جي وارن جيترا گنهگار مسلمان الله وٽان آءٌ ڇڏائيندا سين.

ڏسو تہ حضرت رسول الله صلی الله علیه وسلم ظاهر ۾ ائن چارينڍڙ اويس قرني تي ڪيڏو ڪرم فرمايو. سبب اهو هو جو هو جسم مان نڪتل هو. معراج ڪيل هيس. اڄ بہ جيڪو اسم اعظم وسيلي معراج کي پهچندو اهو قيامت جي ڏينهن حضرت رسول الله صلی الله علیه وسلم سان گڏ جي شفاعت ڪندو.

جنهن بہ الله اثبات ڪيو سو اويس آهي نہ رڳو هو هڪ اويس هو. خالق اڪبر اڄ بہ اويس پيدا ڪري سگهي ٿو. اڄ ڪو ڪراڙو تہ ڪونہ ٿيو. آهي. ڪُل يَومِ هو في شان. روز بروز ان جو شان نئون آهي. يُحي ويميت آهي مارڻ خواه جيارڻ وارو قاعدو بہ ساڳيو اٿس تہ پاڻ بہ اهو ئي ساڳيو آهي. جيڪڏهن دنيا جي وهنوار يعني موت ۽ زندگي ۾ ڪا تبديلي اچي ها تہ ڪراڙو چئجي ها.

پيو تہ ظاهري نبوت بند آهي چو جو الله جي جهڳي ۾ دين محمدي کان سواءِ ٻيو دين اصل ڪونہ آهي. فقيرن کي الله جي جهڳي جي پوري پوري خبر آهي هن دين کانپوءِ ٻيو ڪوبہ دين ٿيڻو ئي ڪونهي. الله جي گهر ۾ جيڪو تحفہ رکيل هو سو حضرت رسول ڪريم جن کي عطا ڪيائين.

رسول الله صلی الله علیه وسلم جن جو فيض اڄ تائين هلندو پيو اچي ان جي لاءِ عاشق عارف بقا با الله جي درجي وارا مقرر ٿيل آهن. جيڪي محمدي دين کي هلائيندا ٿا اچن.

فنافي الرسول جي درجي وارو عاشق عارف ٿيڻ ڪو سولو ڪونهي. جڏهن آدم اسم اعظم وسيلي جيئري ئي جسم مان نڪرندو.سوئي جبروت ۾ ويندو. ۽ ان درجي تي پهچندو جتان عاشق احد مان احمد ٿي آيو آهي. جبروت جبرائيل جي رهڻ جي جاءِ آهي. فقير عارف جبروت ۾ ساڳيو رسول خدا ٿي پوندو آهي. لولاڪ جوچٽ پائيندو آهي سلطان باهو ٿو چوي تہ.

“چــت لــولاڪــي ســـر تـــي آيـــا،
مـــئـن تـــان اٿـــان بـــاهـــو نـــام ڏاريـــا.”

فنافي الرسول ڪانپوءِ فقير فنا في الله جو الوهيت ۾ من خدايم جا نعرا هڻي ٿو سگهي. ساڳيو الله تي پوي ٿو.

ماڻهو ڪهڙا نادان آهن جو پيوندي ٻير بہ ساڳي تي پوي ٿي. ايسر مهاديو جو منڊ بلائڻ جي زهر ۾ اثر ڪي هٽائي ٿو سگهي نانگ جو وات بہ ان منڊ سان بند ٿي وڃي ٿو. باقي افسوس جو جيڪو اسم اعظم رسول الله صلى الله عليه وسلم جسم وڃائڻ لاءِ ڏسيو آهي سو ايسر مهاديو جي منڊ ڪان بہ گهٽ آهي! جوان جو منڊ بہ اجا هلي ٿو باقي رسول الله جو فيض بند ٿي ويو آهي؟

هي ذڪر الاهي بہ نفس لاءِ منڊ آهي جنهن ڪي رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جاري ڪيو آهي. جيڪو بہ وذڪر ربڪ في نفسڪ ڪمائيندو تہ ان ڪي اها منزل ملندي جيڪي اهو ذڪر نہ ٿا ڪمائين اهي نفس ۾ شيطان خواه شهوت جا تابع آهن نہ الله جا انئي پهر شهوت پرستيءَ ۾ ٿا گزارين. تن ڪي هي عظيم ملڪ حاصل نہ ٿيندو معنوي معراج ڪو سٺرو آهي ڇا معنوي معراج ان ڪي حاصل ٿيندو جيڪو اسم سان جلائيندو. پهريائين ان واڱون نفس جي وات مان نڪرندو پوءِ اهي نوَ آسمان ان لاءِ نوَ وڪون آهن. ان ڪانسواءِ هزار ورهيهہ نمازون ۾ قرآن پڙهي تہ بہ عشق جي بوءِ بہ نہ پوندس نہ وري عشق جي ملڪ جي خبر پوندس. ڇو جو هن من عرف وارو رستو تہ ورتوئي ڪونہ طالب بہ فنا في الله جي درجي واري عارف جا سڏرندا. بي حاصل جا طالب بہ چٽ تہ پاڻ بہ چٽ.

جيڪڏهن قرآن پڙهڻ ۾ نمازون قبول پيس تہ بہ آسماني چڪلي وارين رنن جي پوءِ جي بوءِ ايندس سو بہ جيڪڏهن محبت ۾ پاڪائي سان پڙهيو تہ دل وارو ڪلمون ڪم جو آهي. زباني ڪلمہ مان ڪجهہ بہ ڪونہ ٿيندس زباني ڪلمون مائٽن ڪان سڪيائون رسول الله صلى الله عليه وسلم جي هٿئون سکن ها تہ حقي مسلمان ٿين ها.

فنافي الله ۾ بقا باالله واري عارف هٿان وحدانيت جي ذڪر جو رستو پچي الله جي طرف هلڻ گويا رسول الله جي هٿئون ڪلمون پڙهڻ آهي جنهن سان طالب معراج جي حد تائين پهچندو آهي. موليٰ جي ملڪ ۾ جو ڪٿي سوڪائی.

قَالَ لَا يَنَالُ عَهْدِي الظّٰلِمِيْنَ(١٢٤) يعنی ظالمن لاءِ اهو وعدو نہ آهی.

عشق جو رستو ۾ فقير لڳڻ ۾ ويامڻ نہ آهی. جيڪڏهن لڳڻ ۾ ويامڻ سان فيض هٿ اچی ها تہ سيدن ۾ پيرن کی هٿ اچی ها. پير سيد اهو رستو ڦٽو ڪري لذتن کی چنبڙي ويا. تڏهن انهن کان اهو حق وڃائجی ويو.

هاڻی فقير من عرف نفسہ فقد عرف ربہ جنهن پاڻ سڃاتو تنهن الله سڃاتو توڙي ڪنهن جا ابا ڏاڏا فقير هجن مگر پوين نفس کی نہ سڃاتو تہ فقير نہ چئبا. اهی پيوندي ٻير جو ڪوڪڙو آهن ڇو تہ اهو ٻوڪبو تہ سنڌي ٻير ٿيندي پيوندي ٻير جي اک ۾ اثر هوندو آهي. ڪوڪڙي ۾ ڪو بہ اثر ڪونہ هوندو آهی.

عاشق جو ذڪر الاهی ڏسڻ معرفت جی اک آهی. اها اک جنهن کی لڳی سو پيوندو ٿيندو. شهوت جو ٻج بہ ڪوڪڙو آهي جنهن مان سوڌو ۾ ساڳيو نہ ٿيندو.

سيد جی ذات نہ آهی جيڪو الله تی عاشق ٿيو سو سيد ٿيو. سيد جی معنیٰ آهی سڄی موجودات جو سردار. جيڪو دنيا جی ڪمن ڪارن تی عاشق ۾ غرق آهی سو سيد نہ آهی. مگر اهو دنيا جو ڪتو آهی رسول الله جو فرمان آهی، اَلدُنيَا جِيفَتہٌ وَطَالِبُهَا كِلَابُ ، يعنی دنيا ڍونڍ آهی ان جا ڳوليندا ڪتا آهن. حضرت سلمان کی ڇو اهلبيتن ۾ داخل ڪيو. ۾ ڪيس سيد شمار ڪيو. حالانڪ هو اگ ۾ آتش پرست يعنی باهہ جو پوڄاري هو.

اڄ بہ جيڪو دنيا ۾ شهوت جی باهہ کان آزاد ٿی الله جی طرف ذڪر اسم اعظم سان هلندو ۾ گم ٿيندو سو مسلمان پارس وانگر سيد آهي.

**بيت**

هر که عاشق شد به ذکر ذات حق، او ست سید در زمین و در فلک
جيڪو ذات حق جي ذڪر تي عاشق ٿيو. اهو ئي آسمانن ۽ زمين تي سيد آهي،
هر که بر دنیا ست عاشق شد العین همچون قارون رفت در قهر زمین
جيڪو دنيا تي عاشق ٿيو سو لعنتي ٿيو. قارون وانگر اهو زمين جي ڪوهه ۾ ويو.
او سگ مردار خوار مسام هر که بر دنیا است عاشق والسلام
اسو سدائين حرام کائڻو ڪتو آهي. دنيا جي عاشق جو اهو حال آهي.
قطره چون در بحر مي افتادئا ین دریا گفتن اورا شد روا
ڦڙو جڏهن درياءَ ۾ ٿا اڇليو ته پوءِ ان کي درياه چوڻ جائز آهي.
چونکه قطره گم شده دریاه شده عین بحر موج شده بیغم شده
جڏهن ڦڙو گم ٿيو ته درياه ٿيو موج ڪندڙ ساڳيو درياه ٿي پيو.
قطره را هر گز نه بیني رخ نما چونکه قطره از سراپا شد فنا.
اتي قطرو ظاهر ئي ڪونه هوندو. ڇو جو ڦڙو مڪمل فنا ٿي ويو.
قطره هر گز کئي بیابي اندر او کل شي هالک الا وجهه
ڦڙو ان مان ڪڏهن به لهي نه سگهندو، ان جي ذات کانسواءِ هر هڪ شيءَ هلاڪ ٿيندي آهي.

موحد اهو آهي جيڪو پنهنجي وجودي هستي کي ذات ذوالجلال جي ذاتي هستي ۾ پرواني وانگر ساڙي عين شمع بنجي پوي. اَلعِشق نَار وَيحرِک مَاسَوا المحبوب ، يعني عشق باهه آهي يعني عشق باهه اهي جيڪا الله کانسواءِ ٻي هر شيءِ کي ساڙي ڇڏيندي آهي عبديت جي وهمن ۽ صفاتي هستي کي ذاتي شمع ۾ پرواني وانگر ساڙيو هجيس. ان جي پنهنجي هستي جو نالو نيشان نه رهيو هجي. ملان مفتي قاضي هر روز پنهنجي هستي نفساني کي پاليندا خوش ڪندا ٿا رهن. علم مان رڳو پاڻ کي پلو ڇاڻن سکيا ٻيو سارو جهان خبيث ٿا سمجهن.

## بيت

علم ظاهر جو پڙهي ٿئي ٿو ملان هر طرف کان ٿو ڏسي شيطان عيان
ٿو پڙهي لاحول هردم هرطرف علم مان حاصل ڪيائين هي شرف،

علم مان حق جی ڏسڻ کئون چشم بند رود لاحولی ۽ هستی کيئين بلند-
نظر عالم جی قبر تائين ٿی پوي. عاشقن جی ديند عرشن کان ٽپی-
زاهدن ملن جو آهی هی سفر، قبر کان پرتی ناهی. تن جوگذر،
آملان سيارو ارضی روزشب آسمانن طرف نٿوٿئی منقلب پائی لنگ-
وروح ان جو بي ذکر محمد معراج کان هو بي خبر.

يعني ملان جو روح ذکر کانسواءِ منڊو ٿيندو آهي.

عشق جي عالم جڏهن لدني علم جو امتحان فنا في الشيخ واري ملڪوت جي منزل ۾ حوض ڪوثر جي ساقي اڳيان پاس ڪيو ۽ جسم وارو پاليل ڏڳواتي وجي ڪهائي قربان ڪيائين. ان جو پوءِ غير ويو ۽ وجي ذات رهي. جيڪا هميشہ حيات هوندي پوءِ ان جي حد فاينما تولو فثم وجہ الله آهي. پوءِ اهو جا ڏي نهاريندو تہ ان طرف کان الله کي پيو ڏسندو سيني چئيني مڪانن ۾ ساري عمر الله پيو ڏسندو. اهو ديدار قيامت تائين بند ڪونہ ٿيندس. جيئن بادشاهہ ڪنهن کي جاگير بخشي ۽ قيامت تائين واپس نہ ڪريس. جيئن بقار جو علاقو شاهہ جهان بادشاهہ سيدن کي جاگير طور ڏنو هو. اها جاگير اڄ تائين قائم آهي ڪسڻ وارن تي لعنت لکي چڏيائين.

ان طرح جنهن فقير کي ان اعظم ملڪ جو ديدار عطا ٿيوتہ پوءِ عشق جو بادشاهہ نفس ۽ شيطان کي کسڻ کان لعنت لکي چڏيندو. ان ڪري اهي بہ فقير کان اها عشق جي لقاءَ جي جاگير کسي ڪونہ سگهندا نفس. ۽ شيطان بہ ذات ذوالجلال جي قبضہ ۾ آهن فقي عاشق کي جيڪو ملڪ جاگير ۾ مليو ان جي حدن جا نالا هي آهن. (1) ملڪوت، (2) جبروت (3) لاهوت (4) باهوت (5) هاهوت (6) لامڪان. جيستائين فقير هن خاڪي جسم ۾ هوندو تيستائين سندس عروج نزول يعني اچڻ وڃڻ انهن ملڪن ۾ پيو ٿيندس اچڻ وڃڻ بہ جاڳندي پيو اکئين ڏسندو جنهن وقت بہ خياڪ ڪندو تہ ات بينو هوندو جنهن بہ ساهواري شيءَ کي ڏسندو

تہ صاف طرح سان الله پيو ڏسندو. جيڪڏهن نفساني نظر سان ڏسندو تہ ظاهري نفساني جسم پيو ڏسندو.

### بيت

عارف عالم لدني علم جو تاجور. هر طرف کان حق ڏسي ٿو در نظر
عشق جو عالم جڏهن ٿئي باخبر. عرش اعظم جو ڪري سالڪ سفر
فاينما تولو فثم وجہ الله ڪي دمبدم عاشق ڏسي الله ڪي ملڪ
سپ ملڪوت ۽ جبروت جو ٿو. ٿئي علين مڪان لاهوت جو عيان
محمدي معراج سان ٿئي سرفراز آه عاشق لامڪاني شاهباز.
الفقر لا احتياج الا الله. واقف حق راز مخفي بارگاه
مڪِ جو پراوز ڇہ شهباز جو چپ ۽ عنقيٰ ۾ فرق پرواز جو
سير چپ جو آه ويراني زمين، سير عنقا ۾ فرق پرواز جو-
سير چپ جو آه ويراني زمين. سير عنقا ۾ فرق پرواز جو.
مڪ جا اڏري سگهي شهباز سان سير بيحد عرش اعظم جي پريان مڪ
جو آهي سير مانيءَ جي مثان. جاڻي ڪائي ڪور يا خاص طعام.

فقير جي توحيدي صحبت ۽ فيض مان هزارين فقير ۽ فيض وارا ٿي وڃن ٿا. جن مان ڪي بقا باالله جي درجي تائين پهچن لدني علم جي عالم عارف جي نظر ڪيميا جهڙي آهي. جيڪا خاڪ مان خدا ڪري وجهي.

ڪيميا گر ڪرتاهي هس ڪوطلا.
فقر ڪرتا خاڪ ڪو اعظم خدا.

ڪيمياگر چانديءَ جي هس ڪي سون ڪري ٿو وجهي، مگر فقير اهڙو اڪثير آهي. جيڪو خاڪ کي خدا ٿو ڪري وجهي. ظاهر جي عالم جي صحبت جو اثر ڪونہ ٿو پوي سندس عزيز قريب لوفر چور زاني ٿين ٿا. پاڻ عالم سڳورا اصلوات جو لڪ پڙهي پنجن روپين تي وڪڻن يا ڪنهن ڪپڙي تي شوڪاري منهن بند ڪري ڏين. ۽ وننڌڙا ها ڪپڙي ڪٽي وجي گهر ۾ ڪولي تہ مان برڪت پوي.

اڪثر ڪري ڪهڙن جا عالم صلوات جو لڪ پڙهي ڪنهن طمع تي ماڻهن کي بخشي ڇڏيندا هئا. عام ملا ختمي جماڻي تي قرآن ڏاڍيان پڙهي

ختمون ڏين تہ جيئن ماڻهو اڳتي پيا بہ کين ختم لاءِ وٺي وڃن ۽ اهو سڄو ئي قرآن هڪ ڏوتي وڪٽي ڇڏين. پنهنجي قبر محشر لاءِ ڪجهہ بہ بچائي ڪونہ رکن. پوءِ جڏهن منڪر نڪير سندن اعمالناموں کين ڏيکاري، جنهن ۾ ڪارا اکر بديءَ جا ۽ ڳاڙها اکر نيڪيءَ جا هوندا آهن.ان نقشہ کي ان وقت کوليو ويندو. آهي جنهن مهل ڪانڌي ميت کي قبر ۾پوري پاڻ گهر ويندا آهن پوءِ جن جو اهڙو اعمال نامون هجي يا جن الله گم ڪري پاڻ اثبات ڪيو. انهن لاءِ سرڪار منڪر نڪير کي انهن تي بچ ڪرائيندي آهي. پوءِ انهن سان واويل ۽ عذاب شروع ٿيندو آهي.

هڪڙو عالم مولوي ۽ حاجي اسان جو سنگتي هو. بي حد شريعتي ۽ نمازي بہ اهڙو هو جو وقت بہ قضا نہ ڪيو هئائين روزن جو وري اهڙو پابند هو جو اونهاري جي موسم ۾لابارو ڪندي بہ روزو نہ گسائيندو هو مگر هن کي هڪ دعا هئي جو مردن کي تڙ ڏياري انهن جا ڪپڙا ڪٽي پاڻ پائيندو هو. اگر ڪو هن جي غير موجودگيءَ ۾ ڪنهن ٻئي ملان ڪپڙا ڪنيا تہ ان تي ڪيس ڪري ان کان بہ اهي ڪپڙا واپس ڪرائي پاڻ پائيندو هو. يا ڪائونس ڪپڙن جا پئسہ پرائي وٺندو هو پيو تہ حضرت امام حسين عليہ السلام جي غم ۾ ماتم جي سخت خلاف هو.حضرت امام علي عليہ السلام ۽ حضرت امام جعفر صادق جي بر خلاف ۽ منڪر هو. ختمن جماڻن ۽ مانين جو ڏاڍو شوقين هو. عمرائين گذريس.

سندس مرڻ جي حقيقت هن طرح آهي تہ پيپهري وقت مري ويو. سندس مائٽياڻيون ۽ نياڻيون پٽڻ ۽ پار ڪيڻ لڳيون تہ حاجي صاحب مولوي ڏاڍو پلارو نيڪ بخت نمازي هو. چورون پال هو. انهن پارن ڪيڻ وقت يڪدم ڏڪي اٿي ويٺو پاڻ پٽڻ وارين عروتن کي سمجهائي چوڻ لڳو تہ ائين نہ پٽيو هيئن چئو تہ حاجي ڪونہ هو مڪي ڪونہ ويو هو. مگر گنگا ويو هو. رنن زالن جا حق کائيندو هو ۽ يتيم ڦريندو هو مسلمان هوئي ڪونہ مگر واڻيہ هو. رنن جڏهن ملان جي واتان اهي لفظ ٻڌا تہ عبرت

۾ اچي ويون. مرد بہ حيرت ۾ اچي ويا. يعني جڏهن باطني ۽ سچ واري زبان
کليس تہ سرڪار الاهي عام ماڻهن جي عبرت لاءِ ۽ هدايت لاءِ هن کان
زوريءَ چورايو. ائين چئي مولوي مري ويو. آخر ڪار ٻيپهري کان وٺي اڌ
رات تائين مٿس مري وڃڻ ۽ جيئري ٿيڻ جي حالت هلندي رهي هر هر
پٽيون ٻڌنس ۽ ڇوڙنس پيا. سرڪار الاهي جي طرفان سندس اها حالت
ڏسي سندس سڀ مائٽ چڙي پيجي ويا. ات رات ڪانپوءِ سچيءَ طرح مري
ويو. پوءِ وچي دفن ڪيائونس.

هڪ دفعي هن جي قبرستان کا ن اڌ ميل کن پري اسان جو گذر ٿيو.
اسان کي پري کان هن جي روح ڏسڻ جو خيال ٿيو. پري کان ڏٺوسين تہ ان
جو روح سندس قبر تي صفا اگهاڙو ويٺو هو. جان تي ڪابہ اگڙي ڪانہ
هيس. آخر هلي اچي سندس قبر تي پهتاسين.

تہ بہ ساڳي طرح ڏٺو سين. اسان هندن جي مسڻن ۾ هندن جا
ڪيترائي روح ڏٺا تہ انهن ک بہ پوشاڪ بہ ڏسڻ ۾ آئي. مگر هن مسلمان
مولوي ۽ حاجي صاحب کي ڪا بہ پوشاڪ نہ ڏٺي سين. هندن، مسلمانن،
يهودين ۽ فرنگين کي بہ پوشاڪ مليل آهي. اجا بہ ڏٺوسي تہ عرش اعظم
تان آسمان هيٺيان مولوي جي قبر تي دم دم اچي ٿي ڪريا. جيڪي باهہ
جهڙا هئا. انهن اُلن لڳڻ وقت حاجي صاحب جهنم اسود ۾ وارد پي ٿيو.
جهڙي طرح سڪي ڪاني پاڻيءَ ۾ اُيي ڪري زور سان پاڻيءَ ۾ اچلبي آهي
تہ يڪدم ٻاهر نڪري ايندي آهي آهڙي طرح مولوي جي اچ وچ لڳي پيئي
هئي ڪائونس پوشاڪ هن ڪري ڪسيل هئي جو لالچ تي ماڻهن جي اگهڙ
ڏسندو هو. ان ڪري سرڪار الاهي ڪيس اگهاڙو ڪري ويهاريو هو. هن جي
عبادت نماز روزا ۽ حج وغيره موليٰ علي عليہ السلام جي بغض هئڻ ڪري
ناقبول ٿيا.

اسان جي امت مسلمہ ۾ حضرت علي عليہ السلام جو مرتبو حضرت
رسول ڪريم جن ظاهر ظهور ٻڌايو تہ من ڪنت مولا فهذا علي مولا اللهُم وَال

من والاه وعادمن عاداه دمک دمي ورو حک روحي وجسک جسمي انا وعليٰ من نور واحد

يعني جنهن جهن جو مان (رسول) آقا ۽ موليٰ آهيان هي علي ان جو موليٰ ۽ آقا آهي. اي پالڻهار محبت ڪر ان سان جيڪو علي عليہ السلام سان محبت ڪري ۽ دشمني ڪر ان سان جيڪو علي عليہ السلام سان دشمني ۽ بغض رکي اي علي تنهنجو روح منهنجو روح تنهنجو ساهہ منهنجو ساهہ تنهنجو جسم منهنجو جسم آهي اي علي عليہ السلام توهين ۽ آءٌ هڪ نور جي پيدائش آهيون. هيءُ باطني علم جي ۽ لدني علم جي ڳالهہ آهي. هن ۾ ڪوبہ ڪوڙيا حسد ڪونہ آهي. چو تہ باطن تي ڪوڙهڻ سخت خراب آهي. ان ۾ جي ڪوڙهجي تہ لعنت الله علي الڪاذبين ڪوڙن سان اهو وعدو آهي.

جزوي عقل ۽ ڪل عقل الله ڪانسواءِ ٻيو سڀ ڪجهہ چاهڻ سڌ آهي. بهشت حوران قصوران گهرڻ عقبيٰ جي طلب يا دنيا جي ڪابہ شيءَ گهرڻ سان سڀ نفساني عقل جو ڪم آهي. جزوي عقل پورهيت يعني ڪسبي آهي جيڪو مائٽن ۽ استادن جو سيکاريل آهي ليکي چوکي وارو سکڻو عقل آهي. الله ڪانسواءِ جيڪو بہ عقل آهي سو تابعدار آهي. ۽ جزوي عقل آهي، جيڪو مائٽن جي ڪيل ڪمن جي پيروي پيا ڪن. ان جزوي عقل کي زاغ يعني ڪانءَ بہ چئبو آهي جيئين ڪان جي نظر ڪاڏي ۽ فائدي واري شيءَ تي هوندي آهي قدرتي قانون سا جڏهن جزوي عقل جا ظاهري ڪنپ يعني دم پورا ٿيندا آهن تہ جيئن ڪانوَ جو ٻچ پٽي ڪوڪو ڪبي آهي تہ ڪانون جا هُل حشر ٿي ويندا آهن اهو ٻچ پٽيل ڪانءُ بہ سنگت سان گڏ پيو دانهون ڪندو آهي تہ اهو ٻچ مان هُيس جيڪو هاڻي مري پيو آهيان ان طرح آدمي جو جسم بہ ڪانءُ وانگر هي بہ مٽن مائٽن سان گڏ روئيندو پٽيندو آهي. ڪٿ تي اهو ٻچ پيو هوندو ۽ روح پيرانڏي ڪان هٿ وجهون روئيندو ويندو ۽ چوندو ويندو تہ اهو مان آهيان چو تہ مان بہ هن ڪانءُ عقل سان همرنگ ٿي ويو هُيس. ڪانوَ جي ٻچ وانگر روح بہ پاڻ کي

مٿي پيو سمجهندو ڇو تہ سڄي ڄمار روح بہ هن بوتي جي قيد ۾ رهيو. ٻاهر نڪتو محمدي معراج ڪونہ ڪيائين. ونحن اقرب وارو الله جيڪو هن ۾ موجود هوان کي ڪونہ سڃاتو هئائين جيڪڏهن سڃاڻن ها تہ ٻئي الله جي گهرئي ڪونہ ڪن ها. نہ سڃاڻڻ جي ڪري هنن پاڻ کي مٿي سمجهيو ۽ سموري حياتي گنوائي ڇڏيائون.

حضرت موليٰ علي عليہ السلام جزوي عقل ۽ ڪلي عقل لاءِ فرمايو آهي تہ.

رايتُ العَقلُ عَقلَين مَطبُوع وَمَسمُوع ،لَم يَنفَعُ مَسمُوع إذالَم يَکُ مَطبوع

يعني مون ڏٺو تہ عقل جا ٻہ قسم آهن.(1) جزوي عقل(2) ڪلي عقل جيستائين ڪلي عقل حاصل نٿو ٿئي تيستائين جزوي عقل ڪو بہ فائدو ڪونہ ڏيندو.

## بيت

سچ فرمايو آهي سلطان دين. شهسوار مرتضيٰ عالم يقين
عقل جزوي ۽ ڪلي کي ڪيائين جدا. تاجدار انبياءَ او اولياءَ
عقل سڪتو ٻڌ وارو بي اثر لکيائين ان کي بي سودو بي خبر
عقل طبعي ڪل عقل زاغ البصر. نور توحيدي آهي ڪلي نظر
عقل ڪلي آهہ درياہ بيڪران عقل ذاتي شاهہ اعظم لامڪان
عقل جزوي ڇا نلي درياہ جي جاجزو آهي ڪلي درياهہ جي
موجع طغياني نلي کهڙي ڪري. شهر بوڙڻ جو قلم ڪيئين ٿي ڏري

اهو سڪتو ۽ ٻڌ وارو عقل جيئن شهرن ۾ واٽر سپلاءِ وارو پاڻي جون ناليون هونديون آهن. انهن نالين ۾ بہ پاڻي درياہ جو هوندو آهي. مگر نليءَ جي پاڻي کي درياهہ واري طاقت نہ هوندي آهي ڪلي عقل درياهہ آهي جزوي عقل نلي آهي اهو فقط نفس جي خدمت لاءِ آهي بس جيڪڏهن اهو درياہ وارو آيل پاڻي نليءِ مان همٿ ڪري موٽي درياہ ۾ وڃي پوي تہ اهو بہ ڪڙڪا ۽ ڪن ڪندو ڪپڙن ۾ پيڙون ڏيندو. پوءِ اهو جزوي عقل بہ

ڪل عقل سان ملي قل ٿي پوندو. پر ان جزوي عقل کي رڳو ڪائڻ پيئڻ جي ڳڻتي آهي. ساري جهان جي خلق کي ان جزوي عقل روليو آهي. ان جي سوچ آهي تہ هتان ويندس ئي ڪونہ هي هتان وچڻ باسي ئي ڪونہ ٿو. هتان جون نعمتون بہ بهشت آهن. انهن نعمتن جا مزا بہ جزوي عقل ماڻي ٿو. جزوي عقل جو وطن دوزخ آهي. ان هتان جا سپ مزا ورتا آهن. تنهنڪري هنن بهشت وارين نعمتن کان جواب اٿس. ڪڏهن ڪڏهن آدمي کي خيال پوندا آهن تہ هن دنيا مان اهو ڪجهہ حاصل ڪري وٺجي جيڪو اڄ تائين هٿ نہ آيو آهي.

آدمي لاءِ ضروري آهي حق جي طرف موٽي. الله جي عبادت ۽ ذڪر فڪر ڪري. ڇاڪاڻ تہ اسان جا ابا ڏاڏا بہ ڪمائي ڪمائي مري ويا. دنيا مان ڪجهہ بہ هٿ نہ آين: وَلَقَدْ جِئْتُمُوْنَا فُرَادٰى كَمَا خَلَقْنٰكُمْ اَوَّلَ مَرَّةٍ وَّتَرَكْتُمْ مَّا خَوَّلْنٰكُمْ وَرَآءَ ظُهُوْرِكُمْ ترجمو: اوهين اسان وٽ اڪيلا اڪيلا آيا جيئن اسان اوهان کي اڳ ۾ پيدا ڪيو هو ۽ جيڪي اسان اوهان کي ڏنو هو سو پنهنجي پٺيان ڇڏي آيا.

ان مان ظاهر آهي تہ آيا بہ اڪيلا آهيون تہ ويندا سون بہ اڪيلا اهي خيال پيا پوندن. اها اڳڻتي ڪل عقل واري. حصي کي ٿيندي آهي. جزوي عقل عشق جو منڪر آهي. ۽ حق کان بيخبر آهي. جزوي عقل الله جو بہ دشمن آهي. جيئن ڪانءُ ڪمان سان نفرت رکندو آهي.

مثال حضرت رسول الله جن بہ لڙاين ۾ پهلوانن کي ڪافرن ۽ مشڪرن جي مقابلہ لاءِ موڪليندا هئا. جيڪو جزوي عقل جو تابع آهي سو بہ خدا جو دشمن آهي ان روح کي اندران ڪفر جو جٽيو بڌل آهي. پوءِ ظاهر ۾ ڪٽي حاجي مولوي قاضي پير مخدوم ڇو نہ هجي ۽ نمازي بہ هجي. آدمي جيستائين موتو قبل لن تموتو ٿي. ان جزوي عقل مان جند نٿو ڇڏائي تيستائين هن کي نفس جي حيوانيت جو جٽيو بڌل آهي ۽ اهو محض مشرڪ آهي. اهڙا آدمي رسول خدا کي نہ الله کي هت دنيا ۾ يا قيامت ۾ ڏسي ڪونہ سگهندا ڪوبہ ديدار ڪونہ ٿيندين.

من في هذه اعمیٰ فهو في الاخرت اعمیٰ. جيڪو هن دنيا ۾ ڪجهه نه ٿو ڏسي سو آخرت ۾ به ڪجهه ڪين سندو. ”قرآن ڪريم“ مثال جيئن خلق جي ميڙ ۾ ڪو آدمي ڏٺل هوندو ته ان کي پري کان سڃاڻبو ۽ سندس ضرورت به ڏٺل پوري ڪندس. اڻ ڏٺل آن واقف ڪنهين ڪم نه ايندس اهڙي طرح قيامت جي ڏينهن ايڏي وڏي هجوم ۾ جتي نبيءَ ۽ مرسل ۾ امام وڏي شان ۾ شوڪت سان بيٺا هوندا. پوءِ هت جنهن الله ۽ رسول الله کي نه ڏٺو هوندو ته اهو اتي ڪيئن سڃاڻندو. اهڙي هل هجوم ۾ ڪو ڏٺل هوندس ته وجي پاند لڳندس. مگر اڻ ڏٺل کان لڄي پيو ٿيندو پنهنجو اعمال نامون ڏسي شرم کان ڪهڙي منٿ ڪندو. منهن لڳي نه سگهندو.

ان جزوي عقل جي هڪ اکئين ڏٺي ڳالهه آهي ته اسان جي ڳوٺ ۾ هڪ هندو رهندو هو سندس نالو اڏو هو. هو مري ويو پوءِ هن کي مائٽ ٽٽيءَ تي مسڻ ڏانهن کڻي ٿي ويا. علي بخش ڊڪڻ اسان وٽ وينو هو. واڻيا ميت سان ”رام رام سنگ هي“ چوندا ٿي ويا. ان ڊڪڻ اسان کان پڇيو ته هن واڻيه جو ڪهڙو حال آهي جنهن تي فقير چيس ته ويجهو ٿي هو. ويجهو ٿيو ته فقير سندس سيني تي هٿ گهمايو ته متان ڏسي ڊڄي وڃي. پوءَ فقير چيس ته واڻيه جي ٽَٽيءَ جي پيرانديءَ طرف نهار. هن ڏٺو ته برابر اهو واڻيو مٿي اگهاڙو ڏوتيءَ جي لانگ گهلبي ٿي ويس ۽ ٻئي هٿ ٽٽيءَ جي ٻانهينءَ ۾ اٽس ۽ باباڙي بابا ڪيون ٿو پٽي. اهو سڀ ڪجهه ان علي بخش ڊڪڻ اکين سان ڏٺو. اهو ڊڪڻ اهڙو اسرار ڏسي حيران ٿي ويو ۽ فقير کان حق جو رستو پڇيائين پوءِ باقي عمر محبت الاهي ۾ گذاريائين. آخر پنجين ڇهين سان گذاري ويو ۽ بلڪ هوشياريءَ سان دم پرواز ٿيس.

ڪوبه آدمي جيستائين حق ۾ فنا نه ٿو ٿئي تيستائين اهو حقيقي مسلمان نه آهي ڪوبه امير هجي يا بادشاهه ڪيڏو به داناءُ هجي ته به سمجهو ته فنا نه ٿيو آهي. جزوي عقل جي ٻانڌاڻ ۾ ٻڌو پيو آهي. سمجهو ته اهو نادان آهي چو ته هو توحيدي جي حال جو منڪر ۽ لذتن جو قائل آهي. چو ته فقيريءَ ۾ بک ڏک ۽ تڪليفون آهن ڪلي عقل اهو آهي جنهن کي

سڪ پيدا ٿئي تہ مان الله ڏسان. پوءِ جستجو ڪري ۽ عارفن جي صحبت شوق سان ڳڌي ڪنهن ڪامل عارف کان حق جو رستو پڇي. اسم اعظم ڪمائي يدخلون في دين الله وارو دڳ هٿ ڪري ڪلي عقل جا اثر اهي آهن ڪلي عقل واري کي دنيا ۽ دنيا جي لذتن مان ڏوند جهڙي بدبوءِ ۽ نفرت ايندي آهي ان ڪري هو انهن سڀني ڳالهين کان پري پيو ڀڄندو.

## بيت

پشت پاازان تخت کيکائوس را، به ده از کف مرده ناموس را.

ڪيڪائوس جي تخت کي بہ ٺڏو هڻ، سر تريءَ تي رک مگر ناموس نہ ڇڏ

کل عقل شاهه است ماازاغ البصر، عقل جزوي ميکند هر سو نظر.

ڪل عقل بادشاهہ آهي ان جون اکيون تيز آهن. جزوي عقل واٽڙون وانگر هيڏي هوڏي ٿو نهاري.

کل عقل نور است نو لا مکان عقل جزوي منکر حق را بدان

ڪلي عقل لامڪان جو نور آهي جزوي عقل حق منڪر آهي

عقل کل باران است ابد آدمان عقل جزوي آب گنده نادان دان،

ڪل عقل آسماني ڪڪر جو پاڪ پاڻي آهي، جزوي عقل بيٺل ۽ ڪنو پاڻي آهي.

عقل کلي کري حق را بدان که بر آن را کب شده شاه جهان

ڪلي عقل کي حق جي ڪرسي سمجهہ جوان تي بادشاهہ جهان جو سوار آهي

حضرت رسول الله ﷺ عقل جزوي کي ڪلي عقل کي پنهنجي حديث ۾ جدا ڪري ٻڌايو آهي.

اِن الله تعاليٰ خَلَقَ المَلائِکت رَکَبَ فِيهُم العقلُ وخَلَقَ البَهَائِمُ رَکَبَ فيهُم الشهوات وَخَلَقَ الادَمُ رکب فيهم العَقلُ وَالشهواتِ فَمَن غلَبَتِ الشهواتِ عليٰ عَقله فَهُو ادنيٰ مِنَ البَهَائِم.

ترجمو: بيشڪ الله تبارڪ وتعاليٰ ملائڪن کي پيدا ڪيو تہ انهن کي صرف عقل ڏنائين ۽ جانورن کي پيدا ڪري انهن کي شهوت ڏنائين ۽ آدم کي پيدا ڪري

انهن کي عقل ۽ شهوت ٻئي گڏ ڏنائين. پوءِ جنهن آدميءَ جي عقل تي شهوت غالب ٿي ته اهو جانورن کان به مرتبي ۾ گهٽ آهي. شهوت ۽ ڪائڻ پيئڻ جو سڄو جزوي عقل وارن حيوانن کي مليل آهي جيڪو ان جو تابع ٿيو سو به حيوان آهي ڪتو ڏسو جيڪو شهوت جي پويان ڦتجي مارجي ٿو پوي.

آدمي ۾ اڌ حصو ملائڪ جو آهي اڌ حصو گڏهه جو آهي اگر آدميءَ ۾ ملائڪن واري ڪلي عقل زور ورتو ته اهو آدمي ملائڪن کان به افضل آهي جيڪڏهن گڏهه کي ٻڏي دسي وڌائين ته اهو جبرئيل کان به وڏيڪ آهي.

## بيت مثنوي

آدمي نصف ملائڪ نصف خر . قدرت يزدان دران کرده اثر

آدمی اڌ ملائڪ آهی ۽ اڌ گڏهه آهی خدا جی قدرت ان ۾ اهڙو اثر رکيو آهي.

از بهائم شهوتش آميخته از ملائک عقل دروي ريخته

جانورن ۾ شهوت مليل آهی ملائڪن کی عقل مليل آهي

از ملائک اثر ذکر ذوالجلال از بهائم اثر شهوت را کمان

ملائڪن کي ذوالجلال جي زڪر جو اثر آهي جانورن ۾ شهوت جي اثر جو ڪمال آهی

ازبرا کي امتحان اين کرده اند لائق مردم کفر ودين کرده اند

هی فقت امتحان لاءِ ڪيل آهی ماڻهن کی دين ۽ ڪفر جي لائق ڪيو اٿن

شهوتي نا راست نور عقل کل. عقل کل را گير تا يابي وصل

شهوت باهه آهی ۽ ڪل عقل نورا اٿئی ڪل عقل هٿ ڪر ته وصل کي لهين

عقل کل را جبرئيل شد غلام شاهه اعظم هست اين بس والسلام

ڪلي عقل واري جو جبرئيل به خادم آهي ڪلي عقل خود بس شاهه اعظم آهی

گر شود غالب شهوت خر تمام . آدمي رادر جهنم شد مکام

جيڪڏهن شهوت غالب ٿيس ته سمورو گڏهه آهي ان آدمي جي جاءِ جهنم آهي.

## علم اليقين _ عين اليقين _ حق اليقين

ٻڌل ۽ پڙهيل ڳالهه تي فڪر اعتبار ڪرڻ کي علم اليقين چئبو آهي. ٻيو تہ جيئن ڀري ڪان باهه جو ڪورو ٻرندو ۽ سندس دونهون ڏسجي ۽ پڪ سمجهي تہ اهو بہ علم اليقين آهي روبرو وڃي ڏسجي تہ ان کي عين اليقين چئجي پوءِ ٽپو ڏيئي باهه سان هم رنگ ٿي وڃجي تہ ان کي حق اليقين چئبو آهي،

جيستائين طالب ويساهه سان حق جي رستي سان هلي ٿو تيستائين علم اليقين آهي پوءِ ذڪر سان هلندي خواب ۾ يا خليل ۾ مشاهدو ڏٺائين ۽ ان ملڪ جي خوشبوءِ آيس تہ پوءِ عين اليقين ٿيو. مثال جڏهن خستوري واري تاتاري هرڻ جو پير ڪڍبو آهي تہ ان کي بہ علم اليقين چئبو. پير ڪڍي جڏهن هرڻ کي اکين سان ڏٺائين عين اليقين ٿيو ۽ جڏهن هرڻ کي ڪنڌ ۾ هٿ وجهي هٿ ڪندو تہ ان کي حق اليقين چئبو ائين ذڪر الاهي بہ ان ڪٿورئي هرڻ جو پيرو اهي جيڪو پير مرشد ڪڍائيندو آهي پوءِ طالب اهو پيرو جهنگلن جبلن مان ڪڍندو وڃي نيٺ پهچندو. جهنگ ۽ جبل بکون ۽ اوجاڳا ڏها چاليها مجاهدا پرهيز ۽ مرشد ڏي پيادو پنڌ ڪري صحبت ٻڌڻ آهي. جڏهن انهن جهنگلن مان لنگهي پارپيو ۽ ان ڪٿوريئي هرڻ کي ديدين لاتائين تہ ان اکئين ڏسڻ کي عين اليقين چئبو آهي پوءِ اهو جيڏانهن ڪيڏانهن هر طرف ڪان حق کي پيو ڏسندو. ان وقت فقير آسمان ڏانهن ڏسندو تہ وجد حال پوندس پٿين جبلن مان وجهہ الله واري صورت پيو ڏسندو.

**بيت**

رفتن يک منزل بر ئيو ناف بهتر از صد مبزل وحج وطواف

ڪٿوري واري هرڻ جي پويان هڪ منزل هلڻ سوين حجن ۽ طوافن کان وڌيڪ آهي.

ديدن آهوئي معنيٰ اين بدان بهتر از صد سال طاعت انس وجان

هرڻ جي ڏسڻ جي معنيٰ هيءَ آهي جو انسانن ۾ جنن جي سئو سال عبادت کان وڌيڪ آهي.

اهوئي معنيٰ شده هفت آسمان وجهه الله چون گيرد عيان

هرڻ جي معنيٰ جو ملڪ ست آسمان آهن. پوءِ الله جي ذات پڌرتي ٿيندس

ميکنند ديدار اوجان رافدا. از وجود خود بخود گردد جدا.

ان جو ديدار جان قربان ٿو ڪري. پنهنجي وجود مان پاڻ ٻاهر نڪري پوندو.

مطلب تہ اڙڪانہ ٿيندس. پورو هفتو اهو حال هوندس. هفتي ڪانپوءِ جسم مان نڪري جبروت مان لنگهي لاهوت جي منزل فنا في الله ۾ حق اليقين ٿيندو. منصور واري ملڪ ۾ من خدايم جو نعرو هڻندو. ملڪوت ۽ جبروت واري ملڪ ۾ فقير کي سک ٿيندي تہ اهو الله وارو ملڪ ڪٿي آهي. آخر بيخودي واري فنا في الله جي ملڪ ۾ هن کي تسلي ٿيندي يعني عين الله ٿي پوندو. ذڪر سان هلندي شهود. وارو ملڪ ۾ طالب کي بخار ٿيندو. جوش جي حالت هوندس. ڪنهن سان بہ نہ ڳالهائيندو شهودن حاصل ٿيڻ سان هن کي حق جي طرفان شاهدي ملندي ۽ پڪ ٿيندس پوءِ مشاهدن جي آسري تي پيو هلندو ان ڪانپوءِ شهود بہ بس ٿي ويندس تڪو ذڪر ڪاهيندو تہ شهود بہ ٿيندس نہ تہ ڪونہ ٿيندس ان وقت ۾ ذڪر جي ڊرائي ڪان طالب کي هوشياري ڪرڻ کپي ڊري طالب کي معنيٰ جو ملڪ هٿ نہ ايندو

## پيرن بزرگن جي معرفت ۽ منزل سڃاڻڻ

جنهن بہ پير يا بزرگ جي ڪچهري ۾ وڃجي تہ پهريائين ماٺ ڪري ويهجي اگر ڪچهري ۾ الله جي اثباتيءَ جي ڳالهہ نڪري تہ ڄاڻجي تہ اتي الله آهي جتي الله جي گفتار ڪانسوا ٻي گفتگو هلي تہ اتي پڪ ڄاڻو تہ نفس ۽ شيطان آهي ڪي راند فقير بقا باالله جي درجي وارا جن توحيد جا هوڪا ڏنا تہ عام خلق انهن تي ڪفر جا الزام هڻي ڪيس ڪندي اهڙا ماڻهو بہ آهن جيڪي فقير کي ڏسي لاحول ٿا پڙهن تہ فقير ڪافر ٿي ويو آهي

ڪافر جي منهن پياسون انهن کي فقير چوندو تہ اوهان اهڙا انڌا آهيو جو خود الله رسول الله جي منهن پوبوَ تہ ان تي اعتبار نہ ڪندئو

الحديث: ان اوليائي تحت قبائي لا يعرفهم غيري.

يعني بيشڪ اولياءَ منهنجي قبا هيٺان لڪل آهن انهن کي مون کانسواءِ ڪونہ سڃاڻندو. ان حديث مطابق جيڪڏهن حضرت رسول خدا هي جسم اختيار ڪري اچي تہ هاڻوڪا عام مسلمان ساڻس وڙهندا ڇو تہ انهن ڪوثر جو جام نہ پيتو آهي. اهو ڪوثر وارو درياهہ هر هڪ آدميءَ وٽ وهي ٿو. مگر انهن جا مرشد انڌا آهن جو مريدن کان ڏن وٺي پنهنجو پيٽ ڀرين مگر هنن مريدن کي ڪوبہ رستو نہ ڏسيو. پاڻ بہ انڌا تہ سندن مريد بہ انڌا. مريدن کان پئسہ وٺي ليپ پيا گهرائين پوءِ مريد جي گهر وڃي چونڊ پاتي تاڙي پوءِ مريد کي پڇائين تہ وڃ جو فلاڻي هنڌ اسان جو ڪيس وسري ويو آهي. سو ڪٽي اچ مريد کي موڪلي پوءِ اهو ڏن وٺو مرشد گهر ۾ ديڳ هنيون وينو هوندو. پوءِ ساڻوٽيڻ کان پوءِ ٽڪان اينو اچلي. لچ کان تڙ بہ نہ ڪري مريد پاڻي بہ نبيءَ جي ننهن ٽيڻ لاءِ مٿا پيئي ڏئي صبح جو نڪرڻ وقت مريد کان ڏن گهري. جٽ وٽ ان وقت ڏن ڏيڻ لاءِ ڪي بہ ڪونہ هجي. پوءِ جنهن مريداڻي ليپ جو مزو ورتو سان پنهنجي نٽ لاهي مڙس کي ڏئي تہ وڃ ماريا مرشد کي ڪجهہ تہ ڏي جو نانگ بہ ٻارهين مهيني ڪل لاهيندو آهي. مرشد سائين ڪارو نانگ اٿئي پاڻ کي پٽائيندين ڇا. خليفو وري پير کي سارهيندو تہ سائين هڪ دفعي ڳوهہ مان پلو ڪري وڏو هو. اٿ جي ليڏٽن مان لڏون ڪيا هٿائين نر اٿ ڏهي ان جو ڪير پاڻ پيتو هٿائين. جنهن کي عام ماڻهو ڪرامت پيا سمجهن حديث: وجعلنا شيخ الناقص انسان کما جعلنا رجيم الشيطان.يعني اسان جوڙيا. آهن ناقص مرشد انسانن جا جيئن اسان تڙيل شيطان جوڙيو آهي اهڙي مريداڻي جنهن پنهنجي نٽ لاهي مرشد کي ڏن ڏنو هو اها هر مهيني جو پهرئين سومر تي مرشد جي درگاهہ تي پيئي ويندي يا تہ ڇوڪر جي جهنڊ

باسيندي ڀهاني سان پيئي ويندي. مڙس کي چوندي ته ماريا مرشد جي درگاهه تي منهنجو پنڌ باسيل آهي. نه هلندين ته نقصان ٿيندءِ پوءِ اهو مريد ڪٿي وانگر درگاهه تي ٻڌو وينو هوندو. مريدياڻي ٻانهن هٽي حاويليءَ ۾ هلي ويندي پير. ٻه لاهور وارا ليپ لايون وينو هوندو جيڪو مريدن جي ڏن مان گهرايو هئائين.

هڪ دفعي ڪنهن پير جي خليفي ڳالهه ڪئي ته هڪ سال ڪنهن مريد پير جي دعوت ڪئي پير. موٽر تي چڙهيل وٽس آيو. رات اچي مريدن وٽ ترسيو. مريدن ڏنو ته شام جو سندس پرسان گلوبون. ساندا، نر گلوپا، سانهه جن جا پيٽ چيريل هئا ۽ سڀن ۾ ٽنگيل هئا خليفه کان ڪنهن پڇيو ته جنهن ٻڌايو ته پير صاحب انهن گلوئن ۾ مينهن وسائڻن کي ترن جي تيل ۾ گڏي ليپ ناهي ڪنهن دنيادار مريدياڻي کي مزو وٺرائيدو. آهي پوءِ اها جيستائين جيئري هوندي تيستائين گهر جو سڀ مال ڳهه خليفه چيو ته پير سائين جي حوالي پيئي ڪندي آهي. ساري عمر گهمرو بند نه ڪندي خليفه چيو ته پير سائين جي حويليءَ ۾ ٻه بنگلا آهن هڪ گهر جي پاتين لاءِ ٻيو خاص مريدياڻين لاءِ ٺهيل آهي.

پير ٻانهيءَ کي سمجهائي ڇڏيندو آهي ته جيڪا دنيادار ۽ ڳهن واري مريدياڻي ڏسين ته ان کي پنهنجي خلاصي ڪمري ۾ موڪليندي ڪر. پير صاحب جي خلاصي ڪمري ۾ وڇايل هنڌ طول وهاڻان ۽ ڪوچ ميزون ۽ انهن تي ڪاڏي پيتي جو سامان رکيل هوندو آهي. مريدياڻي اچڻ سان وجي آهلندي سندس مڙس اوطاق ۾ انتظار ۾ وينو هوندو آهي. نه ڪو سڏ ڪرڻ وارو نه سڏ ڏيڻ وارو. پوءِ پير ۽ مريدياڻي يعني ٻانهو ۽ ڏٽي پيا ڳن ڏين اها ڳالهه هڪ ٻڪي خليفي ڪئي جنهن ان حالت ڏسڻ بعد ان پير تان ويساهه ڪنيون. مگر اجا ٻه چيائين ته آسري ۾ هجون ته مان پير الله رسول جي ڳالهه ٻڌائي. آخر سمهڻيءَ جو پير وات ڪوليو ۽ خليفي کان پڇيائين ته زائفان اڳ ۾ انزال ڪندي آهي يا مرد؟ خليفو چوڻ لڳو ته سائين زائفان. وري پير چيو ته زائفان جي ساري بدن ۾ شر شر ٿيندي آهي. انزال وقت.

مريد چيو تہ ٻڌڻ سان ٿري پياسون. جيڪو مون دعوت تي خرچ ڪيو هو سو بہ حرام ٿي ويو. ان کان پوءِ پير سمهي پيو صبح جو منهنجي پٽن جون زالون سينگار ڪري پير کي پيرين پوڻ ويون موٽڻ مهل مون کائن پڇيو تہ توهان مان پير صاحب کي ڪهڙي وڻي. ڪنهن سان انجام رکيائين جنهن تي منهنجا پٽ مون سان وڙهڻ لڳا مون چيو مانہ تہ پير وٽ ڳالهہ ئي جماع جي پئي هلي.

صبح جو پير مان جان ڇٽي. موٽر تي چڙهي هيلو ويو.

**حديث:** قال الرسول من احب شيءَ فاکثر ذکره

يعني جيڪو جنهن شيءَ سان محبت ڪندو تہ ان جي گهڻي ڳالهہ ڪندو پير جي بہ جنهن شيءَ سان محبت هئي سا ڳالهہ زبان مان ٿي نڪتس.

## بيت

پير صاحب سڀ پلارا نيڪنام. قدرتن کي آهہ مريدن جو تمام.
۽ مريدياڻن جا آهن غمسگار. قرب جا ڪوڏيا ڪيئي هن قربدار.
قبر محشر جو ذمون پيرن ڪيو. پوءِ جٽ جو چا زياده ٻيو ويو.
پير صاحب خوش مريدياڻي بہ چاڪ، جٽ بہ خوش ڇهڙو ٻاهر آ منجهہ اوطاق.
پير صاحب سونهارا ۽ پلا، دير منهجهہ مريد ڪائي ٿو ڪلا.
جا مريدياڻي سخي آهي صفا. روڪ رويئي جي نہ ڏين ٿا هو جفا.
گس تي لانگهو ڪرن. ٿا واهہ جو اصل کان رستو اٿن هن راهہ جو.

پير صاحب ڪوڪا پنڊ بہ پڙهيل ٿين ٿا. جيڪا مريدياڻي پيرين پون ايندي تہ ڪوڪا. پنڊ مان تاريخ ڪڍي هٿ ڊگهو ڪري پٺيءَ تي ڏڪ هڻندا. يعني پٺي نپوريندا. ٿوپيءَ جي ڏڪن سان مريدياڻي جو ڪم لڳهي ويندو. جيئن شنباڻي واپاري ٻڪريءَ جي رڳ جاچيندو آهي.اهي پير مريدياڻي کي مائي اصل نہ سڏيندا نہ وري سندن مٿي تي هٿ رکندا ٿوپي تي ڏڪ هڻي چوندا تہ مريدياڻي خوش آهين چڱي ڀلي نوبتي پوءِ اها مريدياڻي هر مهيني مڙس کي تنگ ڪندي تہ ماريا ضرور سائين ڏي هل جو منهنجو پنڌ ٻاسيل آهي جيڪڏهن مڙس نہ هلندس تہ گوگائي مرچ ڪي

ڏاڍو ٻڏي ٻار کي مرچ ڳئي ۾ وجهندي ۽ ٻار روئڻ بند نہ ڪندو. پوءِ چوندیس تہ ماريا ٻار کي دعا لکرائي ڏيون هاڻي تہ هل پوءِ لاچار ڇٽ هلندو پير وٽان موڪلائڻ مهل مائي ڏاڍي کي چڪ ڏيئي مرچ ڪٽي ٻاهر ڪيندي ۽ ٻار ماٺ ڪري ويندو. پوءِ مائي مڙس کي چوندي تہ ماريا ڏس سائين ڏي آيو آهين تہ ٻار بہ خوش ٿي ويو آهي.

پيريءَ کان پري ٿي. بزرگيءَ کان بيزار
گهيرا اهوئي گهڙ تہ ملين تون مطلوب کي

## حڪايت

هڪڙي پير جو ميرد مري ويو. پير ان رن زال کان ڏن وٺڻ آيو. مائي چيس تہ سائين ڪنڻ ڪمائڻ وارو هليو ويو مان ڪٿان ڏيان پير چيس تہ گيش ڏي. مائي چيس تہ مان در تي ڪونہ آهي. پير چيس تہ توسان ڪس ٿا ڪائون جو تون هڪ دفعي زنانو ڪم ڏن ۾ ڏي جاهل عورت انڪار نہ ڪيو پير کان ڪم لهرائي ويهي رهي هي تہ پيرن جا ڪم اٿوَ اهڙن مرشدن کان شيطان بہ لڄي ٿو ٿئي.

انهن پيرن جو مثال گيدڙن وارو آهي. جيئن اهي گدڙن وٺڻ لاءِ لئي جي جهڳتي ۾ ويهي گدڙن واريون روڙون ۽ ڪڪڙن جي ٿان ٿان ڪندو تہ گدڙ سمجهندو تہ منهنجي سنگتيءَ ڪا ڪڪڙ ورتي آهي. جو مون کي ٿو سڏي پوءِ گدڙ انهن ٻولين ۽ آوازن تي ڇرجي اڏاٽو ايندو. پر اتي تہ گيدڙي تازي ڪتا جهليون بيٺو هوندو گدڙ جي ڏسڻ سان گيدڙي ڪتن مان رسيون ڪٽي ڪيندو. جيڪي يڪدم گدڙ کي پڪڙيندا. پوءِ گيدڙي گدڙ کي کهي ٻوڙ ڪري ڪائيندا. ان ۾ سنڌي گيھ وجهندا ۽ چوندا تہ ڍالڊا حرام آهي جي وڏو سي تہ گدڙ جو گوشت حرام ٿي ويندو.

مطلب تہ گيدڙي اهي زماني وارن ڏن وٺو پير آهن خليفا تازي ڪتا اٿن. گهڙيال ۽ گهنڊ اهي گيدڙن واريون روڙان ۽ ڪڪڙن واريون ٿان ٿان

اٿن لئو هنن جو ڏيک ويک ۾ ظاهري ناٺ آهي ۽ الله هنڻ جي آڙ آهي. عام ماڻهو سمجهندا تہ جيئن پير هت شان شوڪت سان آهي.الله وٽ بہ اهڙا قبول پيل هوندا. گدڙ اهو نئون مريد آهي جيڪو پير جي سنن ڪپڙن ۾ سوارين کی ڏسی ويساهہ ٿو ڪري پير وٽ پهچڻ سان تازي ڪتا يعنی خليفا وڪوڙي ويندس ۽ پير جو ڪرامتون پيا ٻڌائيندا سين تہ سائين اهڙو آهی جو پنگ مان پلي ڪئي هئائين. جوئر جي سنگن مان واڱڻ ڪيا هئائين.

جيڪڏهن انهن پيرن ۾ ڪرامت هجی ها تہ گهر ويٺی پيا کائن ها سوال ڪري نہ کائن ها. السوال حرام ولو کان ابواه يعني سوال حرام آهي توڙي پنهنجي بابن کي ڪجي حضرت رسول الله ﷺ بہ پنڻ کا منع ٿو ڪري.

## بيت

” ڪتو ڪرتي هڏيون تون جوان جگر کاءُ “

الدنا جيفہ وطالبها ڪلاب. هئي هيئن سين لاءِ سڄڻ جي ساڃاهہ مون من مٿاهون ڪيو.

ڪن پيرن جو رواج آهی. تہ جيڪو نئون مريد ايندو اٿن تہ ان جی وارن جی چڳ ڪپی درگاهہ ۾ ٽنگی ڇڏيندا آهن پوءِ ان ڇٽ کی اڳئين مئل پير جی قبر تی وچی هن جی ٻانهن ونی چوندا تہ هی نئون مريد ٿيو آهی هن جی پارت هجيوَ هیءَ ٻانهن پرتل اٿو. پوءِ مريدن وارو فتر يعنی بدمعاشن جی لسٹ ۾ ان جو نالو لکندا. جنهن کانپوءِ ڇٽ هٽيڪو ٿيو. پوءِ اهی پير هن جون ست پيڙهيون پيا ڦريندا. خليفا هن کی مبارڪون پيا ڏيندا تہ تنهنجا وڏا ڀاڳ آهن جو دفتر ۾ داخل ٿی وئين. مريد فخر ۾ اچی ويندو پير هن کی نہ نماز نہ روزو نہ کوذکر فکر ئی ڏيندا. واپارين وانگی جيئن خريد ڪيل ٻڪريءَ کي ڪٽ وجهبو آهي. ائين چڳ وڍي چوندس تہ تون اسان سان گڏ هوندين.

هڪ دفعي جی ڳالهہ آهی تہ ڪوري پير جی پيرن تی ڪِري ڍنيڍڪارا ڏيڻ لڳو ۽ ڪيس چوڻ لڳو تہ هن گڏهڙي جی پارت هجيوَ پير چيس تہ ڳڻيتی نہ ڪر تون اسان سان گڏ هوندين پير جی جيڪا منزل هوندي مريد بہ اتی ساڻ وٺيون ويندو. بئی تخت الثريٰ ۾ هوندا فَجَزَآؤُهٗ جَهَنَّمُ خٰلِدًا فِيْهَا (النساء، تحت الآية :٩٣) انهن جي جزا جهنم هوندي ان ۾ پيا هوندا.

مثال: هڪ ڀهراڙي جی انڌي هوڪو ڏنو تہ مون کان ڪو پنج روپيہ وٺی ۽ رستی سان لائی شهري انڌي هن کان پنج روپيہ وٺی چيس تہ منهنجی پويان لڳو اچ. هن لٺ کان ورتس. شهري انڌو پئسن جی خوشیءَ ۾ تکو هليو. آخر بازار جی وڪڙ ۾ ڪو کوهہ هو ان ۾ وجي ڪريو ۽ پويان ڀهراڙيءَ وارو انڌو بہ وجي ڪريس. وَ مَكَرُوْا وَ مَكَرَ اللّٰهُ ؕ وَ اللّٰهُ خَيْرُ الْمٰكِرِيْنَ (اٰل عمران، تحت الآية ٥٣:)

شهري انڌا اهی پير آهن. ۽ ڀهراڙيءَ جا انڌا اهی سندن مريد آهن. جيڪی ڏن وٺيون مريدن سميت وجی ٿا جهنم ۾ ڪرن ايشان را شياطين الانس الله تعالیٰ نام نهاد است اهی انسان شيطان آهن.

قرآن ۾ آهی ته لَا تَتَّخِذُوْا عَدُوِّیْ وَ عَدُوَّكُمْ اَوْلِيَآءَ

يعنی منهنجی دشمن ۽ پنهنجی کی مرشد ڪري نہ وٺو. الله تعالیٰ فرمائی ٿو تہ نفس جا تابعدار منهنجا دشمن آهن. جيڪو انهن کی دوست ڪندو تہ جڻ الله سان دشمنی ڪيائين. انهن الله گم ڪري نفس کی اثبات ڪيو آهي نفساني خودي کي بلندي ڪرڻ انهن پيرن جي عادت آهي.

**بيت**

اي بسا ابليس آدم رئو هست پست به هر دست نه شايد دادست

گهڻا ماڻهو شيطان جي مهانديٰ آهن. پوءِ سڀ ڪنهن جي هٿ ۾ هٿ نہ ڏين گهرجی.

چون شغال گير ميگويند دعويٰ تا که بگيرند شغلان را به دغا

اهي گيدڙن وانگر روڙان ٿا ڪن. تہ جيئن گدڙن کي نڳي سان ڦاسايون.

آن شغال بي خير بر جنس خويش ميرو دافتادو خيزان او به پيش
اهو بي خبر گدڙ پنهنجي جنس ڏانهن ڪرندو ٿاڀڙندو اچي ٿو پهچي.
او همي داند خروس يافت است اين عنايات خدا بر تافته است.
اهو ٿو سمجهي ته ڪا ڪڪڙ لڌي اٿس. هيءَ ڪا خدا جي عنايت ٿي آهي.
درپس صياد سگ راچون ڪشاد آن شغال آمده بروئي فتاد
شڪاري جڏهن سندس پويان ڪتو ڪوليو ته اهو آيل گدڙ اچي هٿيڪو ٿيس.
آن بزرگان صيادو آن مرد. شدشڪار آن برزرگان مزيد
اهي پير شڪاري آهن ۽ سندن مريدان پير جو شڪار ٿي ويا.

مثال تترن جو شڪاري جڏهن شڪار تي ويندو آهي ته اڳ ۾ پنهنجو ڏاريل تتر پڃري سميت ڪٺي جهنگ ۾ رکندو آهي پڃري جي پر ۾ تڪڙان ۽ ديڙا اڏيندو آهي. پوءِ سينڍ وڄائي پڃري واري تتر کي ٻولائيندو آهي اوپري تتر جي لات ٻڌي ٻيا جهنگلي تتران جي وڙهڻ لاءِ ايندا آهن ويجهي اچڻ سان سپ تتر ڦاسي پوندا آهن

## بيت

چون صياد آرود بانگ ضغير تا فريد مرغ را آن مرغ گير
جڏهن شڪاري سينڍ وڄائيندو آهي ته پکيءَ کي ڦاسائي وجهندو آهي.
شيخي پيري بزرگي هم رهزني است. اين خيال باطل ازباو مني است
پيري بزرگي ڏاڙيلائپ آهي. هي ڪوڙو خوديءَ جو آهي.

اهڙي طرح خليفن جي ڪرامتن ٻڌائڻ سان ماڻهن تي جڃ منڍ لڳي ٿو وڃي. چوندا آهن ته سائين درياه تان جتيءَ سوڌو ٽپي ويو. هوڏهن سائين اڏ به ڪونه ٽپندو هو اهي پير مريدن کي عبادت جي هدايت اصل ڪونه ڪندا رڳو پيا چوندن ته تنهنجي قبر محشر جو آءُ ذميندار آهيان بهشت ۾ توکي اسان اماڻيندا سون پير جي ٽيڪ تي جٽ چوريون بديون ڪندو وتندو. انهن لاءِ قرآن ٿو فرمائي ته اِنَّ الَّذِيۡنَ كَذَّبُوۡا بِاٰيٰتِنَا وَ اسۡتَكۡبَرُوۡا عَنۡهَا لَا

تُفَتَّحُ لَهُمۡ اَبۡوَابُ السَّمَآءِ وَلَا يَدۡخُلُوۡنَ الۡجَنَّةَ حَتّٰى يَلِجَ الۡجَمَلُ فِىۡ سَمِّ الۡخِيَاطِ ؕ يعني بيشڪ جن اسان جي آيتن کي ڪوڙو ڪيو تہ تڪبر ڪيائون. انهن لاءِ اسان آسمانن جا دروازا نہ کوليندا سون ۽ نہ انهن کي ايستائين بهشت ۾ داخل ڪبو جيستائين سئي جي ناڪي مان اٺ نڪري وڃي جيئن اهو ناممڪن آهي تيئن انهن ڪارفرن ۽ نہ مڃيندڙن جو بهشت ۾ وڃڻ بہ نہ ممڪن آهي. يعني جنهن حق جي نافرماني ۽ هٺُ ڪيو اهو بهشت ۽ آسمانن جي طرف وڃي نہ سگهندو جيئن اُٺ سئي جي ناڪي مان نہ لنگهي سگهندو تيئن اهي پير پاڻ ئي نہ لنگهي سگهندا تہ مريدن کي ڪٿين اماڻيندا. اهي پاڻ ئي نفساني هستيءَ ۾ غرق آهن. ڪنهن کي بہ پاڻ جهڙو نہ ٿا پائنئن. ساري عمر نفس پرستي بدي جماع ۽ ليپن ناهڻ ۾ گذري وين. الله کي واحد القهار ۽ ملائڪن جو بادشاهہ ۽ سزا ڏيڻ وارو نہ سمجهيائون سڄي عمر نفس جي خدمت ۾ گذاريائون قرآن ۾ آهي تہ اَلۡخَبِيۡثٰتُ لِلۡخَبِيۡثِيۡنَ وَالطَّيِّبٰتُ لِلطَّيِّبِيۡنَ يعني پليد پليدن لاءِ پاڪ پاڪن لاءِ آهن سوجهڙا پير تهڙا مريد پيرن کي ئي الله جي خبر نہ آهي تہ مريدن کي ڇا ٻڌائيندا. خدا جي قانون امربا المعروف ونهي عن المنڪر جي ٻنهي کي خبر ڪانہ آهي نفساني خوءِ ايڏو تہ بلند ڪين جو انن گهوڙن بجاءِ معافي جي سواري يعني ماڻهن جي ڪلهن تي چڙهن جيئن ڇهن مهينن جو ٻار يا ڪو بيمار پينگهي ۾ ڪڇندو آهي.

سوا لک انبيا ۽ اولياءَ ٿي گذريا آهن تہ ڪنهن بہ ماڻهن تي سواري نہ ڪئي آهي اهي پير هت عيش ٿا ڪن. مگر خدا جي درگاهہ ۾ ناقبول آهن. ڇو تہ انهن نفس جي فرمان ۾ حياتي گذاري ڇڏي الله اثبات ئي نہ ڪيائون.

فقيرن جي آستانن تان هزارين آزاد ٿيا اچن مگر انهن پيرن وٽان هڪ بہ ڇٽيندو الله اثبات ڪرڻ وارن جا نالا ۽ خيالات قيامت تائين روشن آهن جيئن شاهہ منصور. بايزيد بسطامي صاحب جنيد بغدادي شيخ شبلي رحمتہ الله عليہ وغيره

والله باالله پيرن سان اسان جي ڪا بہ دشمني ڪانهي. ڇو تہ اسان جو جوانيءَ جي عمر تائين انهن پيرن تي بي حد ويساهہ هو. اسان پاڻ انهن پيرن تي ڪک بہ نہ سهندا هئاسون. تہ پير الله وٽ پهتل آهن.

هڪ دفعي اسان جي گهڙي دوست اسان سان پيرن جي مخالفت ۾ ڪي لفظ چيا. جنهن تي ڪي سال مون ان ڪان منهن ڦيرائي ڇڏيو. مگر جڏهن ذات ذوالجلال عشق شهنشاهہ اسان کي معرفت علم ۾ آسماني سير عطا ڪيو تڏهن وڃي اک کلي ۾ نيڪ ويد سڄاتائون " پي پيالو عشق جو سڀ ڪجهہ سمجهيوسون " پوءِ جو پيرن ڏانهن نهاريوسون تہ اونداهہ ۾ ڪاري رات لڳي پئي آهي الله جي ذڪر ۾ توحيد جي پيرن وٽ پينگ آهي هنن ساري عمر شهوت پرستيءَ ۾ گذاري ڪڏهن الله جوذڪر جو پيرو دل تي نہ گهمايو اٿن نہ وري عمل چڱا اٿن. روحاني اکين سان ڏٺو سون تہ سندن نفس وڏو بزرگ پاليل اٿن.

**بيت**

ڪارشيطان ميڪند نامِيش ولي. گرولي اين است لعنت برولي

ڪم شيطاني ڪن ٿا ۽ نالو ولي ٿا سڏائين اگر هي ولي آهن تہ پوءِ لعنت اٿن.

من احب شي فاكثر ذكره

هنن وٽان هميشہ نفس ڪتن سوئر جي ڳالهہ نڪرندي

**بيت**

اهل دنيا چه کهين وچه مهين لعنت الله عليهم اجمعين

ننڍا توڙي وڏا دنيا دار سڀني تي الله جي لعنت آهي.

اهل دنيا كافران ومطلق اندر. روزو شب دربک بک و درزق زق اندر

دنيا وارا پورا ڪافر آهن رات ڏينهن بڪ بڪ ۾ زق زق ۾ آهن

قبلئه باطن نيشان ذلو لمنين قبلئه ظاهر پرستان فرج زن

باطن وارن جو قبلہ الله آهي. ظاهر وارن جو قبلہ زائفان جو فرج آهي.

قبلئه دنيا ست پيران راسجود قبلئه عارف بود رب الودود

دنيا وارن جو قبلہ پيرن کي سجدو ڪرڻ آهي عارفن جو قبلہ الله راحمين آهي.

صادقان را صادق باشد مقال کاذبان را کاذبي شد قيل وقال

سچن جي ڳالهہ ٻولهہ بہ سچي آهي ڪوڙن جي ڳالهہ ٻولهہ بہ ڪوڙي

چيست دنيا گفتگو غير حق آدمي را ميکند تيره ورق

آهي دنيا ڇا آهي حق جي ڳالهہ کانسواءِ ٻيو ڳالهائڻ غير. حق واري گفتگو آدمي جي دل کي ڪارو ڪندي آهي.

نار دنيا ناريان را ميکشد نور عقبيٰ نوريان ميکشد

دنيا جي باهہ دوزخين کي ڇڪي ٿي عقبيٰ جو نور وارن کي ٿو ڇڪي

حب دنيا مي بردا ند مهيم حب مو ليٰ مي دهم عرش عظيم

دنيا جي محبت جهنم ۾ ٿي موڪلي موليٰ جي محبت عرش عظيم ڏانهن ٿي موڪلي

دنيا جو طالب مخنث پير ڪيڏي بہ شان شوڪت گاڏيون ڪارون پاجيرو تي چڙهيل هجي. بازءِ ڪتا ساڻ هجنس تہ بہ آدمي کي گهرجي تہ ان ڏانهن نهاري بہ نہ اهو پير نفس جي هستيءَ سان نفس جي فرمان ۾ رهي ڪري جهنم ڏي ٿو وڃي.

## بيت

سر درا ذوق از غذار کر وفر مر مخنث. را بود ذوق ذکر

مرد کي شوق غزاءِ مردانگيءَ سان هوندو آهي کدڙي کي شوق مرداني اوزار سان هوندو آهي.

جز ذکر نئي اونئي ذکرُاو سوئي اسفل هي برد آن فکر او

اوزار کانسواءِ ان کي ڪنهن بہ ذکر سان شوق نہ آهي اهو فکر ان جهنم جي طرف ٿو وٺيون وڃينس

گر هر آيد تا فلک از وےئ مر ترس که او به شوق سفل آموزيد درس

توڙي آسمان کان پيو اچي تہ بہ ان کان نہ ڊڄ ڇو جو هن ڪمينائي جو سبق سکيو آهي.

گر مخنث ـــ گے پرد خوف مر کن که به ذوقی پشت شدا ورا کهن

توڙي ڪدڙو اڏري ته به خوف نه ڪر ڇو جو هن کی پُٽ جو پراڻو شوق آهی.

دنيا جا طالب پير ڪدڙا آهن جيڪی خلق کی گمراهه ٿا ڪن ڇوته ماڻهو انهن وٽ الله تعالیٰ جی گمان تی اچن ٿا. انهن کی هدايت جی بجاءِ گمراهه ٿا ڪن. قرآن ۾ آهی ته يخدعون الا انفسهم جنهن معنيٰ مرٿ ي ڏيئي ڇڪا آهيون اهي پاڻ ٺڳجي ويندا.

الحديث: الخلق عيال الله. احبهم الله من نفعهم لعياله آذاهم الله من اذاهم لعياله

يعنی مخلوقات الله جو عيال آهی جنهن ان کی نفعو پهچايو ته الله ان سان پيار ڪندو. جنهن ان کی ايذايو ته الله به ان کی ايذاءُ پهچائيندو ظاهري نفسانی طاقت تی اهی پير ماڻهن کی ايذائن ٿا ۽ بی انداز ظلم ٿا ڪن. رسول الله جی فرمان موجب اهی الله جا دشمن آهن. الله جی خلق سندس عيال مثل آهی جيڪو به ڪنهن جی عيال کی رنجائيندو ته مائٽ کی ضرور ڪاوڙ لڳندي ۽ ان جو دشمن ٿيندو. انهن لاءِ قرآن ۾ آيو آهی ته لم تقولون مالا تفعلون يعنی جيڪی پاڻ چوندا آهن ائين پاڻ ڪندا ڪين آهن. اتامرون الناس بالبر وتنسون انفسکم ماڻهن کی نيڪی جو حڪم ڪندا مگر پاڻ ڪا اهو عمل وسريل هوندو. ماڻهن ڪي نيڪيءَ جو حڪم ڪندا مگر پاڻ ڪان اهو عمل وسريل هوندن

اسان وٽ مستی ۽ بيخودي جی اوقاتن ۾ اسان جی وڏن جو آهتی مرشد آيو. ان وقت اسان جی بوتی جا مائٽ چاچو ۽ مامون مري ويا هئا اڃڻ سان پيرن اسان کان ڏن گهريو. پيرن جی اعمالن جی اسان کي اڳي خبر هئي ۽ عشق جي اثبات سان سڀ حقيقت سامهون آئي

## بيت

قحط ده ساله به پيران ديده ام زان سبب بر حال شان خنديده ام

پيرن وٽ ڏهن سالن جو ڏڪر ٿا ڏسون ان ڪري سندن حال تي کل اچي ٿي.

مي نه داني قحط معنيٰ نزد شان حب دنياٰ شهوت وطمع اندران

خبر نہ اٿيئی تہ انهن وٽ معنيٰ جو ذڪر آهي انهن ۾ دنيا جي محبت ۽ شهوت جی لالچ آهی

خدا ۽عشق جي معنيٰ کان اڻ ڄاڻ آهن. سيئي بي حاصل ۽ وحت کان بي اثر آهن.

کو رچشم کور جاَن وکور دل، درخودي مرده فتاَده درغفل

اکين جان ۽ دل جا انڌا آهن خودي جی عفلت ۾ مئا پيا آهن

قوت ايشان حب دنياٰ احب جاَه بي خبر باَشندا از کر الله

انهن جو وقت دنيا ۽ عزت جي محبت آهي. الله جي ذکر کان اهي بي خبر آهن

ان آيل پير کی چيو سون تہ اسان جا لاکيٽا مائٽ توکوڙا دلاسا ڏيئی مارايا. جو تون چوندو هئين تہ مون کی ڏن ڏيو ۽ پوءِ اوهان جی قبر محشر جو منهنجو ذمون آهی غريب هجڻ کري جی روک نہ هين. تہ وٽو ٽالهی بہ ڏن ۾ کنيون ويندو هئين. جڏهن هو بيمار ٿيا ۽ سکرات ۾بہ تو کونہ پهتين. جڏهن هو مري ويا تہ اسان مقام جی لون تی چڙهی توکی سڏ کياسی اهی بہ تو کونہ ٻڌا جی سڏ ٻڌين ها تہ اچين ها. پر تون صم بکم عمی فهم لا يرجعون. گونگو ٻوڙو هئين پوءِ قبر ۾وٽن منکر نکير اچی پهتا تن تہ ڏاڙهيون پٽی پڌر کري ڇڏيائون جيئن رڍ کی گدڙ دسيندو آهی ۽ رڳی بجهڙ پيئی هوندي آهی.اسان جی مائٽن سان منکر نکير اهڙي تعدي کئی تو سکٽا دلاسا ۽ آسرا ڏيئی مڙس مارايا آهن تو انهن کی نہ ذ کر فکر نہ کنهن عبادت جو ڏس ڏنو. هو ويچارا گمراهیءَ ۾مارجی ويا. تی تو پئسن تی مڙس چو مارياۜ اهو ٻڌي پير پجڻ لڳو. پر اسان پجڻ کونہ ڏنس. اسان ٻن ٽن پيڙهين تائين ابن ڏاڏن جی ڏنل ڏن جو ليکو کري ڏيڍ هزار روپيہ پير ڏي قرض رقم روک هاٽی جو هاٽی ڏي يا ويهہ تہ جيئن منکر نکير اسان جی ابن ڏاڏن جو ڏاڙهيون کوهيون آهن تيئن تنهنجی ڏاڙهي بہ کوهيون هن ورتي صون جيکا پئسن ۾ جهلي سون. جنهنجي

بنياس مان اڄ تائين گهوڙيون بيٺيون آهن پوءِ ته پاڙي وارا به ڏن ۾ دعوتن کان ڇٽي پيا. پير وري اسان جي ڳوٺ ڏي منهن ئي ڪونه ڪيو.

## عشق جي حقيقت

جيئن فراق بيشمار تيئن عشق بسيار. جيئن عشق بسيار تيئن ماشوق درڪنار، تيئن عاشق بيقرار، جيئن عاشق بيقرار تيئن عشق جو اسرار. جيئن عشق جو اسرار تيئن عاشق جو سربردار. جيئن عاشق سربردار تيئن معشوق رقص دار. جيئن معشوق رقص دار تيئن عاشق بی اختيار. جيئن عاشق بی اختيار تيئن عشق برقرار. جيئن عشق برقرار. تيئن عاشق دل افگار، جيئن عاشق دل افگار تيئن معشوق ڦيريدار جيئن معشوق ڦيريدار تيئن عاشق موجدار، جيئن عاشق موجدار تيئن معشوق غمگسار، جيئن معشوق غمگسار تيئن عاشق وصل وجد دار، جيئن عاشق وصل وجد دار تيئن عاشق حال زار، جيئن عاشق حال زار تيئن عجب عشق زورئون زور نئون وصال جيئن عشق جو وصال تيئن عاشق خسته حال، جيئن عاشق خسته حال تيئن عشق لا اُبال. جيئن عشق لاابال تيئن عشق جو حال، جيئن عشق جو حال تيئڻ عاشق بی حال، تيئن درد جو ڪمال، جيئن درد جو ڪمال تيئن عشق جو وصال جيئن عشق جو وصال تيئن درد جی ڏمال، تيئن عشق جی الٽی چال، تيئن تيئن توحيد جی مقال، توحيد جی مقال اهڙي جو سچی عمربس نه ٿئي، هجر ته اوئين هجر آهي مگر عشق جو وصل به هجر جهڙو.

عشق جی بی پرواهی واري گفتار سان زمين زمن ملڪ فلڪ وڻ ٽڻ جهنگ جبل به ڏڪندا آهن. ڇڙو ڪوهه قاف کی حڪم ڪيائين ته ڪوئيٽا جو شهر ۾ سندس پسگردائي ناس ڪئي هئائين. عشق جي بي پرواهی جواهڙو حڪم آهی.

عاشق جو ڪهڙو حال آهی هر دم پيو مري ۾ جيئی. مرڻ ۾ جيئڻ ڇا جئين هجر تيئن وصل جيئن وصال تيئن هجر. توڙي وصال ته به ڦٽيل. هجر

۾ تہ وڏيڪ ڦٽيل. هجر توڙي وصال ٻنهی ۾ نہ سک آهی نہ آرام آهی. ورئڻ ٻہ ٻن قسمن جو آهی هڪڙو روئڻ هجر جو تہ ٻيو روئڻ وصال جو ٿيندو آهی. مثال جيئن ٻہ وڇڙيل زالون پاڻ ۾ ملنديون آهن تہ پاڻ ۾ ڀاڪرن پيو روئينديون آهن. هوڏانهن عين وصل ۾ هونديون آهن. گڏ واري وقت ۾روئڻ جو عجب آهی عشق وصل ۾ ڇو روئيندا آهن ڇو تہ گذريل جدائی وارو ارمان ان وصل يعني ميلاپ ۾ ٿيندو اٿن تہ ڪهڙي محبوب کان ڏار ڇو گذاريوسون.

دنيا عشق جو بت خانو عقبیٰ عشق جو ميخانو آهی. جيڪو ٻنهی کان نڪتو سو مردانو آهی. عشق جو طالب يگانو آهی. دنيا جو طالب بيگانو آهی دل عشق جو پيمانو آهی. جنهن دل وحدت جو شراب پيتو. سا دل آهي جنهن دل شراب وحدت نہ پيتو سا دل نہ پر گل آهي يعني خاڪ آهي.

## بيت

دل بود مر آته جه ذوالجلال در دل صافي نمايد حق تعالیٰ

دل ذات ذوالجلال جو آئينو آهی صاف دل ۾ الله تعالیٰ ڏسڻ ۾ ايندو آهي

در حقيقت دل بود عرش عظيم كه دارو ساكن بود رب العليم

حقيقت ۾ دل بود عرش اعظم ڇو تہ ان ۾ رب اعظم رهندو آهي.

دل چه باشد لامكان يك گام او هر دم عالم گم شده در نام او

دل ڇا آهي جو لامڪان ٻہ ان جي هڪ وک آهي ٻيئي جهان ان جي نالي ۾گم آهن

دل بود مر عشق را جائي عجب، كاندر او آرام گير پاک رب

دل عشق جی عجب جاءِ آهی جو ان ۾ رب پاڪ آرام وٺندو آهی.

شرح دل را نيست گنجائش تمام . مي نه گنجد شرح دل رات قيام

دل جی تشريح جي اصل گنجائش نہ آهي قيامت تائين دل جو بيان پورو نہ ٿيندو.

شاهه دان دل راد گر رعيت بدان حكمران دل اندر او تالا مكان

دل کي بادشاهہ ۽ ٻين کي رعيت سمجهہ لا مڪان تائين دل جي حڪومت آهي.

قصه دل ڪوته دل را بيان پس به جوو الله اعلن بالصواب

دل جو قصہ ۽ بيان مختصر ڪر.پوءِ وچي ڳول وڏيڪ خدا ٿو ڄاڻي.

صوفي اهو آهي جيڪو دمن جي حفاظت ڪري، دمن جي حفاظت ڪندي جسم مان نڪري پوي عبد مان الله ٿي پوي. رسول خدا اسان جو هادي ۽ رهبر آهي اهو بہ صوفي هو جنهن ان احمد بلا ميم چيو يعني آءُ ميم کانسواءِ احد آهيان. مولىٰ علي سائين بہ انا عرب بلا عين چيو يعني آءُ عين کان سواءِ رب آهيان شاهہ منصور بہ انا الحق چيو. جو گهڻو مشهور آهي. بسطامي صاحب سبحاني مان اعظم شاني چيو يعني مان پاڪ ۽ وڏي شان وارو آهيان لوائي اعظم من لوائي محمد. يعني منهنجو جهنڊو مطفىٰ جي جهنڊي کان بہ وڏو هوندو هيءَ رمز جي ڳالهہ آهي ڪو معنىٰ جو مالڪ ڄاڻندو بسطامي صاحب ان ڪري چيو جو فنا في الرسول جبروت کان مٿي عالم لاهوت ۾ فنا في الله ۾ وچي فقير الله ٿي پيو. الوهيت جي منزل رسولي منزل کان هڪ درجو مٿي آهي. شمس الحق تبريزي صاحب اسجدوني چيو يعني مون کي سجدو ڪيو. قم باذني چئي مئي کي جيئرو ڪيائين. شيخ عطار نيشان پور ۾ من خدايم جو نعرو هنيو جنهن تي سندس سر لاٿو. ويو سر لهڻ کان پوءِ ڪاغذن جو دستو گهرائي پنهنجي رت مان قلم ٻوڙيندو بيسر نامون نالي ڪتاب لکيائين سر گوڏن تي رکي ڏڙ لکيو. اهو اثر رسول الله جي سبق ۾ هو جيڪو علم استاد ڄاڻندو آهي سو شاگردن کي سيکاريدو آهي. استاد عربي فارسي پڙهيل هوندو تہ شاگردن کي بہ پڙهائيندو. دنيا سپ درياه آهي جنهن ۾ لوپ جي لهر ٿي وهي. طالبن تتاهہ موڙي چاڙهيون مڪڙيون جيڪو طالب هوندو سو. هن لوپ کان بچي ويندو. نہ تہ ان دنيا جي درياه ۾ لکين وجود غرق ٿي ويا. جيڪو ٻڏو سو غرق ٿيو. جو تريو سو چڙهيو.

## علم ۽ جهل جو بيان

فقيريءَ ۾ طالب کی علم جی سخت ضرورت آهی چاڪاڻ تہ ڪجهہ عارفن عاشقن جا فارسیءَ ۾ عربیءَ ۾ شعر آهن انهن کی پرهڻ ۽ سمجهڻ لاءِ پڙهيل هئڻ ضروري آهی. علم ڪانسواءِ فقيريءَ ۾ سڌرڻ ڏکيو آهی. چاڪاڻ تہ وحدانيت جی گفتار ڪتابن ۾ آهی. اهڙي ڪتابن پڙهڻ سان طالب جو يقين محڪم ۽ ڪامل ٿيندو. توحيدي ڪتاب طالب لاءِ جيتوڻيڪ مددگار آهن تہ بہ گهڙو پڙهڻ نقصان آهن. چو تہ گهڻو پڙهڻ سان همہ اوست سکی پوندو ڪتابن پڙهڻ ۽ ڏسڻ ڪانسواءِ همہ اوست ڳالهائڻ سخت ڏوهہ آهی همہ اوست واري ملڪ ۾ وڃڻ ڪانپوءِ مٿس ڏوهہ ڪونہ آهی رڳو بڌ ۽ ڪتابن پڙهڻ سان همہ اوست نہ چئجی همہ اوست جی معنیٰ آحی تہ هر شیءَ ۾ الله آهی ائين اڻ ڏٺو چوڻ ڪفر آهی اهڙي آدمیءَ تی ملڪن فلڪن ۽ الله جی لعنت آهی . فقرو : اگر راز حق را محرم نيستی دروغ مر گو کہ لعنت الله علی الکاذبين. يعنی جيڪڏهن خدا جی ڳجهہ جو واقف نہ آهين تہ ڪوڙ نہ ڳالهاءِ جو ڪوڙن تی خدا جی لعنت آهی،

واصل عارف جيڪڏهن همہ اوست ڳالهائيندو تہ ان تي ڏوهہ نہ آهي چو تہ هن ائين ڏٺو آهي جيئن چوي ٿو.

**بيت**

مرد واصل هر چه گويدا ودرست ناقص گر گويد بود گفتار است

واصل مرد جيڪا ڳالهہ ڪندو تہ اها صحيح آهي ناقص چوندو تہ ان کي بيان چئبو.

زانکه ناقص بت گراست وبت پرست هست نادان کي ازوجود خودنه رست

چو تہ ناقص بت ٺاهيندڙ ۽ بت پرست آهي. اهڙو نادان آهي جو پنهنجي وجود مان بہ نہ نڪتو آهی.

مرد دانا کامل صاحب وصال آزدو عالم بر کشيده پرو دبال

داناءَ مرد ڪامل ۽ وصال جو مالڪ آهي چو تہ ٻنهي جهانن تان هٿ کينل اٿس

او سخن گوويد همچون جعفر . ناقص نارسته زين تن کافر
اهو جيڪا ڳالهه چوندو تہ جعفر طيار وانگر چوندو ناقص جسم مان نڪتل ڪين آهي، انڪري ڪافر آهي.
عارف رسته فازو وجود خود بدر ناقص محبوس محکم جسم در .
عارف پنهنجي وجود ڪان ڇٽل ۽ ٻاهر آهي. ناقص وجود جو قيدي آهي.
عارف پرواز دارد لامکان ناقصان راسير آسمان
عارف لامڪان جو پرواز ڪندو آهي. ناقص جو سير آسمان جي هيٺيان آهي.
عارف اندر گفتگو شد لاغرض. زان سبب توحيد او راشد فرض
عارف ڳالهائڻ لاءِ لاغرض هوندو آهي ان ڪري مٿس توحيد جي گفتار فرض آهي.
کاملان وعارفان هم شيرا ند ناقصان کل همچون موش
ناقصان ڪل ڪوئن وانگر آهن
شير غزان مي بر آرند جمله هوش
يعني گجندڙ شينهن سيني جو هوش ختم ٿو ڪري.
موش درر تار کئي سوراخها. ميکند اگ مکر ها وحيله ها .
ڪوئو اونداهن سوراخن ۾ رهندو آهي. اتي اٽڪلون ۽ حيلا بهانا پيو ڪندو آهي.
طالب لاءِ علم ضروري آهي جو فقيري ۾ مدد ڪندس. مگر گهڻو علم بہ نقصان آهي. جو وهمن ۽ خيالن ۾ غرق ڪندس سواءِ علم جي فقيري بيڪار آهي.
حديث: مَن تَزهَد بغيرِ عِلمِ مَاتَ کافِرُ
يعني جنهن علم کانسواءِ زهد ڪيو تہ ڪافر ٿي مرندو.

**بيت**

کس کو فقربي علم گير شود ديوانه يا کافر به ميرد
جيڪو علم کانسواءِ فقيري وٺندو تہ يا چريو ٿي ويندو يا ڪافر ٿي مرندو.

علم ريءَ فقيري واريءَ منجهہ پروڙ. هڪ اڳيئي پتري ويتر آيس ڏوڙ.

لدني علم کانسواءِ جيڪو فڪيري ڪمائيندو تہ ڪافر ٿي مرندو. مصرع في فقيري عل ٻاجهئون درد باشد لا دوا رسول الله صلي الله عليه وسلم فرمايو آهي تہ اُطلِب العِلمُ ولو ڪان بالسين عِلم جي ڳولا ڪريو توڙي چين وڃڻو پوي. اهو لدني علم لاءِ چيل آهي عارف علم لُدني جا استاد آهن. اهڙا استاد ڪروڙين مان ڪو هڪ ملندو. ڇو تہ سالڪ جي منزل رسول الله واري آهي سالِڪ فقير تي ماڻهن جو ويساهہ گهٽ ٿيندو. هو سمجهندا تہ اسان وانگر ڪائي پيئي ٿو. ڪپڙا بہ پائي ٿو ٻار بہ ڄڻي ٿو. مستين تي گهڻو ويساهہ هوندو آٿن مگرمست سالڪن وارو فائدو ۽ فيض نہ ڏيندا جيڪڏهن ڪنهن تي راضي بہ ٿيا تہ پاڻ جهڙو چريو ڏاتورو ڪري ڇڏيندس ڇاڪاڻ تہ هو پاڻ ئي سالڪيءَ واري محمدي رستي سان هليل ڪين آهن. پوءِ ٻين کي اهو رستو ڪيئين ۽ ڪٿان ٻڌائيندا.

تلقيان ٻن قسمن جون آهن (1) تلقين ايزدي (2) تلقين محمدي جنهن کي ايزدي تليقين ٿيندي تہ هڪ ٻن راتين ۾ ان جا ڪشف ڪُلي پوندا ۽ چريو ٿي ويندو. سالڪي نہ رهندس محمدي تلقين مرشد ڪان ذڪر وني ڪمائڻ کي چئبو آهي ذڪر ڪمائڻ سان گهٽن سالن ڪانپوءِ حق کي پهچي معراج ڪندو ان کي سالڪ چئبو آهي. هن جو عقل سالم رهندو پوءِ ان ڪان جيڪو ان ڪان ذڪر پچي ڪمائيندو تہ اهو بہ اهڙو ئي سالڪ ٿي پوندو سالڪ عارف جون هي وصفون آهن تہ ڪنهن کي بہ هٿ سان يا وات سان رنج نہ ڪندو. نہ ڪنهنجو مال ڪائيندو. هن جو ويني هنڏ روزگار پيو ايندو ۽ ساري عمر ۾ ڪنهنکي بہ سوال نہ ڪندو توڙي بک تي وينو هجي. جهن شيءَ جي بہ ضرورت پوندس تہ اها شيءِ پاڻيهئي اچي ملندس ڪنهن جي بہ جماڻي يا ختمہ جي ماني نہ ڪائيندو نہ ڪنهنجي ڪاڻ ڪڍندو همهشہ سُخن سِڌو ڳالهائيندو انئي پهر هن جي زبان مان توحيد جي گفتار پيئي نڪرندي عام ماڻهن جي گوڙ کان پيو ڪيٻائيندو عام خاص سان مٺاڇري دل سان ڳالهائيندو هن کي زماني جي ماڻهن جي

اچڻ وڃڻ تان خار پيئي لڳندي پر جيڪڏهن وٽس فقير ۾ الله جا طالب ايندس تہ خوش پيو ٿيندو انهن جي دل وجان سان خدمت پيو ڪندو ۽ انهن جي خدمت مان ٿڪبو ئي ڪونہ

**بيت**

گر ترا عشق است ازوي خواه نيز ، دست زين دامن مر کن کوتا نيز
جيڪڏهن عشق اٿيئي تہ اجا بہ وڌيڪ گهر ان جي دامن مان هٿ نہ ڪڍ
گر به شوق او دلت شد مبتلا مرگ بر تو کئي بود هر گز روا
جيڪڏهن تنهنجي دل ان جي عشق ۾ مبتلا آهي تہ پوءِ توتي ڪڏهن بہ مرش ورا ڪونهي
گو تو مردي طالبي وحق شناس بندگي کردن در آموز اياس
جيڪڏهن توحق شناس مرد طالب آهين تہ اياز کان بندگي ڪرڻ سک
گر ترا مشغول خلدو وحور کرد. تو يقين دان آن ز خويشت دور کرد
جيڪڏهن توکي بهشت ۾ حورن ۾ ريجهايائين تہ پڪ سمجهہ تہ توکي پاڻ کان پري ڪيائين
هر که درد عشق دارد سوز هم شب کجا يابد قرار وروز هم
جنهن کي عشق جو سوز ۽ درد هوندو تہ ان کي رات ڏينهن بيقراري هوندي
تا که نه گردي مرد صاحب درد تو در صف مردان نه باشي مرد تو
جيستائين تون درد جو صاحب نہ ٿيندين تہ تيستائين مردن جي قطار ۾ نٿو بيهي سگهين

## عشق جي ڳالهہ

عشق شهباز آهي جنهنجو هر هڪ پر عرش عظيم کان تحت الثريٰ تائين آهي اک جي ماٽڪي مٿي ڪبي تہ نظر لامڪان تي پهچي جي نظر هيٺ ڪبي تہ اهو پاڻ آهي. عشق اثبات ڪرڻ واري عارف جي اها منزل آهي.

عام ماڻهو چوندا آهن تہ زمين اڍائي قدم آهي اهو سراسر غلط آهي مگر اسان لاءِ تہ ڪل زمين هڪ قدم بہ نہ آهي عاشق جي هڪ وک هٿ تہ ٻي لامڪان جي تخت تي پهچي ٿي. آسماني حدون ۽ منزلون هي آهن.(1) فنا في الشيخ يعني ملڪوت ۽ عالم ارواح (2) فنا في الرسول يعني جبروت (3) فنا في الله يعني لاهوت اهي سڀ ڪثرت آهن. ڪنهن وقت ڪان پوءِ ڪثرت فنا ٿيندي ۽ باقي باالله رهندو. جا هميشہ لاءِ آهي اهي ٽيئي منزلون عاشق جي دل تان بس ٿينديون آهن جيئن درياهہ موج ڪري ٽن ڪوهن تان ٻيڙن ڪي مهاڻن سميت ڇڪي اچي ڪن ۾ غرق ڪندو آهي. پوءِ نہ ٻيڙي رهندي نہ مهاڻو رهندو. رڳو درياهہ رهندو. ان طرح هي وجود ٻيڙي آهي. ملاح نفس اٿس تيئن بقا باالله جي منزل بہ عشق عظيم نہ سج نہ چنڊ آهي. اهو هڪ بيحد ملڪ آهي. اهو ملڪ عرش عظيم ڪان اڻوڻ پنڌ پري آهي. جنهن کي بيحد ملڪ چئبو آهي.

## مصرح

”من به مهر تيز درياه آمد . آمدم من در عجب جا آمد

يعني تيز تکي درياهہ جي ڪن ۾ آيو آهيان مون کي حيرت آهي تہ ڪهڙي عجب جاءِ تي آيو آهيان. قائم فقيري ان کي چئبو آهي ان منزل ڪانپوءِ هر هڪ شيءِ ۾ اها هڪ ذات پيو ڏسندو.

ڏسڻ ٻن قسمن جو آهي. (1) نفساني اکين سان نفساني صورت ڏسبي ذات وارين اکين سان ذات ڏسبي. جيڪو طالب جسم مان نڪري معراج ڪندو تہ اها منزل ان طالب جي آهي. اها منزل لامڪان آهي.جيڪو طالب خاڪي جسم ۾ مئو تہ اهو خاڪ ٿيو. جيڪو جسم جي قيد ڪان آزاد ٿيو سو پاڪ ٿيو. سچو فقير بہ اهو آهي جيڪو پاڪ ٿيو. مولا علي عليہ السلام سائين فرمايو آهي.تہ من عرف نفسہ فقد عرف ربہ جنهن پاڻ سڃاتو تنهن الله کي سڃاتو پوءِ اهڙي فقير کي سجدو ڪرڻ سڌو سئون خدا کي سجدو آهي ڇو تہ ان جو وجود حقيقي ڪعبہ آهي.

حديث: قلب المومنين بيت الله مومنن جي دل الله جو گهر آهي،

اسان جڏهن معراج تي وياسون تہ پهريون قدم پنهنجي سر تي رکيوسون تہ پريان مطلوب ذاتي مرشد پندرهن قدمن تي نظر آيو ڏسڻ سان اسان جو رنگ روپ مرشد جهڙو ٿي ويو. جڏهن سندس ويجها ٿياسون تہ مطلوب چيو. تہ آءُ تہ هلون ”ائين چوڻ بعد مٿي وڃڻ لڳاسون جڏهن پهرئين آسمان تي پهتاسون تہ آسمان مان لنگهڻ وقت ورق اٿلائڻ جيتري دير لڳي يا وک کڻڻ جيتري آسمان مان لنگهڻ وقت ايتري لذت آئي جو پنج سئو زبانون هجن تہ بہ بيان ڪري نہ سگهجي. هيءَ تہ سندس هٿ سان نهيل آسمانن جي سير ۾ لذت آهي مگر انهن سيني ۾ منهنجي جوڙيندڙ ۾ ڪيڏي نہ لذت ۽ خوشي هوندي جنهن وقت فقير فنا في الوجود يعني فاينما تولو فثم وجهہ الله ٿيو ان حال ۾ ڪيس هڪ هفتو رهڻو پوندو. هفتي ڪان پوءِ طالب کي مطلوب ذاتي ڪامل مرشد وٺي وڃي معراج ڪرائيندو

فنا في الوجود ڇا آهي ست ڏينهن ڪاڏو پيتو بند ۽ ڳالهائڻ بند تي ويندو. ستين آسمان مان عشق جي هڪ متڪلم صورت پيدا ٿيندي جنهن جي ڏسڻ سان فقير تي وجد جي حالت طاري ٿيندي پکين يا ڪنهن ساز جي آواز سان بہ وجد ٿيندس.

معنوي صورت جي سونهن حُسن زيب ۽ دبدبو سندس تخت تاج ۽ پٽريٽن جي روشنائي اهڙي آهي جو هي دنيا وارو سج اڳيائنس لڄي پيو ٿئي جيئن بادشاهہ اڳيان ڪوتوار لڄي ٿيندو آهي. چنڊ جو حال تہ گهٽو گهٽ آهي.

### بيت

اُيريو سج حقيقت جو تارا ٿيا تباهہ
وحدتي وصال جو. صاحب تاج ڪلاهہ
ڪري آيو ڪاهہ پڳائين ڪوٽ ڪفر جو

جڏهن مطلوب سان گڏ پيو آسمان طئي ڪيوسون ان وقت جيڪڏهن ڪو تکو اوزار ساڻ هجي ها تہ يڪدم پاڻ ماري وجهون ها. چو تہ سير آسماني وقت معنوي صورت بہ سامهون هئي ڇهہ آسمان لنگهي ستين تي ٿي وياسين تہ اتي اسان ٻنهي ان صورت جو اهڙو طواف ڪيو جو جيئن مشين ڦيٿا تيز ڦرندا آهن. پوءِ طواف ڪندي معنوي معشوق جي سيني ۾ اڳ ۾ مرشد غوطو هنيون پنيان اسان بہ غوطو هنيون طواف ڪرڻ مهل جڏهن اسان سندس تخت اڳيان سجدو پي ڪيو تہ ان محبوب اسان جو سر خنجر سان وڍي شرابا طهورا جو جام پياريو. هر دم ۾ هزار هزار جام شراب جا پيتاسون. هن جاءِ جي قرآن ۾ شاهدي ٿو ڏئي وَ سَقٰهُمْ رَبُّهُمْ شَرَابًا طَهُوْرًا(٢١)اِنَّ الْاَبْرَارَ يَشْرَبُوْنَ مِنْ كَاْسٍ كَانَ مِزَاجُهَا كَافُوْرًا يعني سندن پالڻهار انهن کي پاڪ شراب پياريندو. بيشڪ ڀلارا پياريا ويندا . پيالن ۾جنهن ۾ ڪافور مليل هوندو.

منجهان ڪيف ڪلال جي جنين پيتو جام
موتو قبل انت سولي تن سرجام
حسن جا هنگام تنين سر سنباهيا.

انهيءَ عشق جي ڪيف ڪلال جي منهن محراب ۾ هزار ورهين جي نماز ادا ڪئي سون. ان موقعي کان اڳ ۾ ايڪيهہ ڏينهن ۽ راتيون ننڊ ختم ٿي ويئي هئي . رڳو ذڪر حقاني رهيو. طلب واري وقت ۾ اها ڪل ڪانہ هئي تہ ڪو فقيري جي پويان ڪو معراج ۽ ساقي ۽ ڪلال خانو بہ آهي هي حال جيڪو ڏسندو تنهن کي خبر پوندي. 21 رات جي ٽهائي باقي هئي تہ هڪ آواز ٻڌم هاتفي جيئن ڪو ماڻهو سڏ ڪندو آهي آسمان کان آواز ٿيو تہ اي فولاد علي توکي پير مولا علي جي دفتر ۾ داخل ڪيوسون. هاتفي آواز ٻڌڻ سان لئو لئو نري پيئي جيئن. ڪنهن اجايل کي پاڻي ملي يا ڪنهن قيدي کي آزادي ملي. ان کان پوءِ پهر ڏينهن تي ٻيو آواز ٿيو تہ پاڻ ۾ نظر ڪر.ان آواز ۾ اهڙو تہ ڪواثر ۽ نشو هو جو زوريءَ اکيون بند ٿي ويون ستين آسمان تي معنوي صورت اپري پيئي.پوءِ اکيون پٽي جاڏي پيو

نهاريان تاڏي سڄڻ سامهون ڪيترو به اڪيون پوتيان يا ڪنهن جڳهه ۾ وڃان يا سوڙ وجهان ته به اها صورت آڏو هيم ان موقعي ته سلطان ابراهيم بن ادهم تي وڃڻ ٿيو ۽ اتي جبل جي غار ۾ وڃي وينس ته به اها صورت آڏ نه ٿي. ان معنوي صورت کي جڏهن طواف ڪندي سجدو بس ٿيو ته تڏهن مون منجهان به صورتون نڪتيون. هڪ ڪبي پاسي کان ۽ ٻي سڄي پاسي کان ڪبي پاسي واري صورت کي هيڊي رنگ جي پوشاڪ ۽ سڄي پاسي واري صورت کي ڪاري پوشاڪ هئي ملڪوت واري بادشاهه فنا في الشيخ کان پڇيوسون جنهن فرمايو ته هيڊي پوشاڪ وارو ڪفر ۽ ڪاري پوشاڪ وارو دين آهي. اهي اڄ هتي ختم ٿيا. انهن جي پهچ هيستائين هئي ان وقت معنوي محبوب اسان کي سلطان العارفين جو لقب ڏنو ٿيا. دين ڪفر ٻئي دور ديدان دوست اڙايون. ساقي صاحب کي اڇي رنگ جو ڇٽ مٿي ۾ پيل هو. يعني اڇي تاج جنهن کي چانديءَ جي ڪلنگي هئي ان تاج جي چوٽيءَ ۾ اڇو پٽ جو گل لڳل هو. تخت به سفيد رنگ جو هو. دين ڪفر جي ڏار ٿيڻ بعد يڪدم نظر انين آسمان مان ٽپي مٿي ويئي.

**بيت**

عشق جي اوقات ۾ دين ڪفر ٿيو ڏار
محبتي مهندار سورهيه سوليءَ چاڙهيا.

ان بعد هو هوا ۾ هڪ رفرف يعني ڏولي نظر آئي اول ان ڏوليءَ کان طواف ڪيم ان ۾ هڪ صورت هئي اها فنا في الرسول جي منزل هئي. جنهن کي جبروت چئبو آهي. پري کان اها صورت پي ڏٺي سين جڏهن ان ۾ ٽبي هنئين سين ته اسان پاڻ هئاسون. دين ڪفر جي ڏار ٿيڻ وقت حيرت لڳي ته هيءَ ڪهڙو عجيب ڪرشمو آهي جو ڪڏهن اڳ ۾ نه ٻڌو هوسون نه ڪتابن ۾ پڙهيو هوسون نه ڪنهن عالم فاضل اها ڳالهه ٻڌائي هئي.

جبروت جي منزل ۾ اسان کي لولاڪ جو ڇٽ مٿي ۾ پيل هو ۽ اسان ان حال ۾ ٽي هفتا اتي رهياسون. ان موقع ۾ اسان تي اهو حال هو جو دين اسلام تي سخت ڪاوڙ هئي ۽ بر خلاف هئاسونس. ۽ ڪفر جا لفظ نڪتا.

اهي لفظ ڏسڻ ۾ ڪفر هئا مگر هئا عين دين ان تي زباني ڪلمہ گو مسلمان اسان سان لڙيا. ان حالت ۾ اسان ڪليو اعلان ڪيو تہ اولهہ طرف واريون سڀ مسيتين ڍهرائجن ۽ اوڀر واري حقيقي ڪعبہ ڪي سجدو ڪجي ۽ ڪرائجي. چاڪاڻ تہ اسان لدني علم وارو جيڪو اسرار ڏنو سو ٻنهي جهانن ڪي هلائيندڙ سوا پهر سج واريءَ جاءِ تي اوڀر طرف آهي. جو ٻيا سڀ طرف ان اوڀر طرف جا تابعدار آهن. عام ماڻهن جو ملامتون اسان جو قُوت آهن گِلا بدنامي ۽ خواري عشق جو زيور آهي. نيڪنامي نفس جو قُوت آهي. جيڪو فقير بدنامي کان ڀڄي ۽ نيڪنامي لاءِ ڪوشش ڪري تہ اهو عشق بادشاهہ وٽان تڙيل آهي جنهن فقير نماز پڙهي تہ ان مان ڪجهہ نہ ٿيندو اهو عامي ماڻهن کان بہ پري آهي. ڇو تہ هو ٻانهو آهي. ٻانهي مان نيڪي نہ ٿيندي حديث ۾ آيو تہ لاَ خَيرَ في عَبِده وَلَو كَانَ صَالِحا. ٻانهو توڙي نيڪ هجي تہ بہ ان مان چڱائي نہ ٿيندي.

آدميءَ کان حضرت عشق بہ ڪم ٿو گهري (1) عبديت(2) ربوبيت (3) يعني يا تہ ٻانهپ جو حق ادا ڪيو يا مون منجهہ محيط ٿيو. جيئن ڦڙو درياه ۾ پوي فقيري آهي درياه ۾ ڦڙو ملي هڪ ٿي وڃڻ عين درياه ٿيڻ.

ربوبيت آهي سئي مان ترار ٿيڻ عبديت آهي گسي گسي ترار مان سئي ٿيڻ. پوءِ جنهن فقير دم جو رستو ڇڏي نماز پڙهي ان جو حال بہ ترار مان سئي ٿيڻ جهڙو آهي.

### بيت

روزو ۽ نماز آهي بهشت جي راهہ
قرب جي ڪلاهہ نہ پائيندا نماز سان

رسول الله صلى الله عليه وسلم جن نماز ان ڪري پڙهندا هئا جو عرب جا ماڻهو جهالت جي ڪري هٿ جي ٺهيل بتن جي پوڄا ڪندا هئا. جن کي بت پرستيءَ کان روڪي حقيقي معبود جي سجدي ڪرڻ جي سکيا ڏنائين پاڻ ڪريم جن بہ ساڻن گڏجي نماز پڙهندا هئا. جئين استاد شاگردن کي الف

ٻہ ياد ڪرائڻ لاءِ ساڻن گڏجي پڙهندو آهي نہ تہ استاد کي الف ب جي ياد ڪرڻ جي ضرورت ڪانہ هوندي آهي تيئن حضرت رسول الله صلی الله عليه وسلم کي ٻہ نماز پڙهڻ جو احتياط ڪونہ هو. چو تہ پاڻ فرمايو اٿن تہ" مَن رَانِي فَقد راءَ الحَقُ. يعني جنهن مون کي ڏٺو تنهن ڄڻ الله کي ڏٺو.

عشق اصل لا ابال آهي. جڏهن جلوو ڪندو آهي تہ اتان پراڻن رسمن رواجن کي چٽ ڪندو آهي چو تہ جڏهن حضرت سرور ڪائنات صلی الله عليه وسلم جن پنهنجو نئون دين ۽ قانون جاري ڪيو تہ جيڪو اڳ ۾ اڪثر ڪري حضرت موسيٰ عليہ السلام ۽ حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي دينن کان مختلف هو. جيڪو عربن کي ڏاڍو ڏکيو ٿي لڳو آخر ان عشق الاهي سيني قوتن کي ناس ڪري نئون نغارو وڄايو. جيڪو اڄ تائين قائم آهي.

اهو محمد مصطفيٰ صلی الله عليه وسلم جيڪو ظاهري ۾ لکي پڙهي نہ پيو ڄاڻي انکي عشق شهنشاهہ لدني علم جو ماهر عالم ڪيو جو جنهن جي لکيل ڪتاب ۾ جيڪي حروف مقطعات ٿا سڏجن انهن جي معنيٰ ۽ نفسير لاءِ ساري دنيا جا فاضل اديب ۽ عالم اڄ تائين حيران ۽ پريشان آهن.ان هوندي ٻہ معنيٰ يا تفسير ڪير بہ ڪري نہ سگهيو آهي.

عشق اهڙو شهنشاهہ آهي جو جيڪڏهن ڪنهن ڪافر وٽ ايندو تہ ان کان مسلمانيءَ جا هوڪا ميمبر تي چاڙهي ڏياريندو. اگر مسلمان وٽ ايندو تہ ان جي زبان مان ڪفر جا ڪلمان چورائيندو. جيڪي گهڻو ڪري ظاهر ۾ دين اسلام جي ابتڙ هوندا.

**بيت**

محمد تاجدار هر دو عالم
محمد سپهدار هر دو عالم

يعني پاڻ ڪريم صلی الله عليه وسلم جن ٻنهي جهانن جا تاجدار ۽ بادشاهہ آهن حضرت رسول الله صلی الله عليه وسلم جن وَ مَآ اَرۡسَلۡنٰكَ اِلَّا رَحۡمَةً لِّلۡعٰلَمِيۡنَ(١٠٧) ٻنهي جهانن جي گادي ۽ تخت تي ويهي نئون اعلان ڪيو. اڳين ۽ سٽ روزا رکڻا

هئا ۽ زباني ذڪر ڪندا هئا. اڳين نبين جي دين مان هڪ هڪ جزو پنج وقتي نماز جا عادي ڪرايائين. يدخلون في دين الله جو آرڊر پاس ڪيائون واذکر ربک في نفسک تضرعا وخيفته دون الجهر يعني ذڪر ڪيو الھ جي پنهنجي دم سان ڳجهو ۽ سواءِ پڌرائي جي فاذکر الله ذکرا کثير العلکم تُفلِحون. ذڪر ڪيو آلله جو ڪثرت سان جيئن توهان ڪامياب ٿيو.
حديث: العلماءُ في امتي کاالا انبياءِ بني اسرائيل منهنجي امت جا عالم سڳورا ائين آهن جيئن بني اسرائيلن جا نبي هوندا هئا. عالم اهي جن کي علم ظاهري ۽ علم باطني ٻئي هجن. صرف ظاهري علم وارو عالم نٿو ٿي سگهي ڇو ته صرف ظاهري علم وارو باطني علم کان غير واقف هوندو آهي ڇو ته ظاهري علم سان حق حاصل نه ٿيندو آهي علم لدني کانسواءِ يدخلون في دين الله نه ٿي سگهندو. العلماءُ ورثه الا نبياءُ يعني عالم نبين جا وارث اهل الله ۽ عارف عاشق آهن. من عرف نفسه فقد عرف ربه وران عالمن لاءِ اها بشارت آهي.

حضرت رسول الله صلی الله علیه وسلم ۽ حضرت موليٰ عليه السلام جن اهو خاص رستو اهل صفحه واري جماعت جن ٻراندازن چار سئو آدمي هئا. انهن کي سمجهايو هئائون. حضور سرڪار جن وٽ مسلماني لاءِ جماعتون انيديون هيون انهن جي سيني ۾ نظر وجهندا هئا انهن مان جيڪا دل الله اثبات ڪرڻ جهڙي سمجهندا هئا ته ان کي خاص دَم وارو رستو ٻڌائي صفحه واري جماعت ۾ داخل ڪندا هئا ٻين کي توحيد جي اثباتي جي لائق نه هجڻ ڪري کين عام دين وارو روزو نما حج زکوات ۽ ڪلمه قرآن وارو رستو سمجهائيندا هئا. ڇو ته هو عشق جي بار کڻن جهڙا ڪين هئا. هو ان عامي دين واري رستي تي خوش ٿي ويندا هئا.

حضرت رسول الله صلی الله علیه وسلم جيڪو معرفت جو کير ولوڙيو هو ان مان جيڪو دين الله وارو مکڻ نڪتو سو موليٰ علي عليه السلام. اهل بيتن ۽ خاص صفحه وارن اصحابن کي کارايو هئائون. باقي لسيءَ ۾ به ٿي مٺ

پاڻيءَ جا وجهي عام سوالن کي ورهائي ڏنائون اها ورهاست عام آدمين کي ملي. عام آدمين کي عام رستو نماز ۽ روزي وارو سمجهايائون.

جيڪو قيامت جي گرميءَ ۾ باهہ جو بچاءُ آهي عام رستو اٺئي روزو نماز خاص رستو اٺئي سوزو گداز.

اهو خاص رستو بہ سينہ هلندو ٿو اچي. انهن اهل صفح وارن ۾ خليفہ الله حضرت موليٰ علي عليہ السلام هو ۽ بيا ابوذر غفاري سلمان فارسي، بلاول اويس قرني ۽ مقداد ۽ حبيب ابن مظاهر جن مکيہ هئا.

حاصل مقصد تہ حضرت رسول الله صلى الله عليه وسلم جن تي بہ ڪيفيتون هيون. عبديت جي ڪيفيت ٻي احديث جي ڪيفيت. حديث ۽ بيخوديءَ جي ڪيفيت ۾ جيڪي ڳالهايائيون سو ڪلام الله ۽ حديث ۽ قدسي چيو ٿو وڃي. عبديت واري ڪيفيت جي ڳالهہ کي حديث نبوي ٿو سڏجي.

**بيت**

حال مخفي ڪيو. محمد خلق کان
وحي حق جي قلب جنهن ڪيو هي بيان،

جڏهن اوري اڏ ۾ رهيو هو جبرئيل
پوءِ پريان جي ڪئين ڪيائين قال قيل

وحي جو پردو ان ڪري ڪيائين جو قرآن ۾ اڪثر ڪري اِني انا الله جا نعرا هر هنڌ آهن. جيڪڏهن ڪلام پنهنجي کي ڪلام الله نہ چون ها تہ عرب گمان ڪن ها تہ خدائي نعره ٿو هڻي. ۽ دعويٰ ٿو ڪري. هو تہ بتن جا پوڄاري هئا. ڪين شڪ پوي ها. تہ اڳ ۾ نبي سڏائي اڄ الله ٿو سڏائي. مٿن نبوت ۽ خلق جي پيشوائي جو بار بہ هيو. ان کان سواءِ محبوب جي راز جي ڳالهہ هميشہ خواب لهڻ يا ملائڪ جي اوٽ وٺي ڪبي آهي. قل جو لفظ قرآن ۾ گهڻين جاين تي آهي. ان جو مطلب هي آهي تہ رسول الله جو مقدس روح جنهن من راني فقدراءَ الحق ۽ انا احمد بلا ميم جو دم ٿي هيو. سو بيخودي جي حالت ۾ محمدي وجود کان ٻاهر نڪري محمد مصطفيٰ صلى الله عليه وسلم

جي وجود کي پيو چوي تہ اي محمد ﷺ مسلمانن کي ٻڌاءِ تہ هو اسان جو حڪم مڃين. ڇو تہ حضور پر نور جو پاڪ روح مقدس جسم جي قيد کان لاقيد هو. ٻيا روح انهن جي بوتن جا قيدي هئا هميشہ دستور آهي تہ قيدين جي مٿان حڪمران بہ قيدي هوندا آهن. پر سڀني قيدين لاءِ لاقيد جو حڪم ضرور مڃڻو هوندو آهي.

**بيت**

قيد اعظم جسم جهڙو ڪونہ ٻيو. جو جسم جي قيد سو قيدي ٿيو
آہ محمد ۾ علي الله هڪ . آہ برحق ڳالهہ هيءَ تنهن ۾ نہ شڪ
ذات ايزد پوش احمد جو ڪيو. لئہ سڏاري پوش چمڙي ۾ لڪو

آدمي ذات الاهي کان ڏاڍا تہ ڪين هئا. مگر سبب هي هو تہ ذات الاهي منزل مقدس ۾ مبري جلواہ دار روح آهي. جنهن جي تاب طور سينا جبل سا ڙيو هو ۾ موسيٰ جهڙي نبيءَ کي خر موسيٰ صعقا مدهوش ڪيائين. جسم ظاهر آهي روح باطن آهي. ظاهر ۾ باطن ٻئي هڪ ٻئي جي خلاف آهن جيئن ڏينهن رات جي خلاف آهي پوءِ ان ڪري انبيائن عليہ السلام جن جا روح ۾ وجود عام ماڻهن جي وجود کي هدايت ڪرڻ ۾ سمجهائڻ آيا. ڇو تہ هميشہ جنس جنس سان خوش ٿيندي آهي ٻڪريون ٻڪرين سان ۾ آدمي آدمين سان نهندا آهن. مثال جيئن طوطي کي سيکارڻو هوندو آهي. تہ ان جو ٻچو هٿ ڪري ان جا ڪن ميڻ سان بند ڪبا آهن، پوءِ سندس آئينو اڳيان رکي ماڻهو لڪي وچي لفظ اچاريندو آهي. طوطو آئينہ ۾ پنهنجي جنس ڏسي ڳالهائڻ شروع ڪندو آهي.

اهڙي طرح انبيائن اوليائن ۾ عارفن جي وجود ۾ ذات ذوالجلال لڪي گفتار ڪئي. عام ماڻهن مسلمانن رسول خدا کي محبوب خدا سڏيندا آهن. اها ڳالهہ برابر سچي آهي معشوق لااحتياج هوندو آهي. عاشق کي احتياج هوندو آهي. معشوق وٽ عاشق هر وقت پيو ايندو معشوق عاشق وٽ قسمت سان ويندو آهي. جبرائيل جڏهن رسول الله جي بلند پراوازي

وقت اوري اڏ ۾ بيهي رهيو اهو ڪٿان ۽ ڪهڙا پيغام آڻيندو. جبرائيل پنهنجي مقام تان وار جيترو به چري نٿو سگهي. سُري ٿو ته سڙڻ جو امڪان اٿس. پوءِ جبرائيل جي ڪهڙي حيثيت جبرائيل ڇا آهي. جبرائيل ته اسان فقيرن جي اڳيان به ڪا حيثيت نه ٿو رکي مگر جيئن ڪوتوار جي اڳيان هجي ته ڇا؟

رسول الله صلي الله عليه وسلم خود حديث ۾ فرمايو آهي ته لي مع الله وقت لا يسمعني فيله ملڪ مقرب ولا نبيءُ مرسل. يعني اسان ڪنهن وقت الله سان هوندا آهيون ته مقرب ملائڪ ۽ مرسل نبي به عجب ۾ هوندا آهن،

حضرت رسول الله صلي الله عليه وسلم ته اسان جو هادي رهبر آهي مگر اهي مقرب ملائڪ جبرائيل، اسرافيل، عزرائيل ۽ ميڪائيل عليه السلام عرش عظيم ڪان هڪ طبقو ٿا رهن. انهن يا ٻين مرسل نبين کي عرش تائين پهچ ڪانه آهي. اهو وقت هيڪڙائي جو هوندو آهي. جنهن ۾ اَنَا اَنت فَاَين اِني يعني مان ته تون ئي آهيان پوءِ مان جدا ڪٿي آهيان اهو آهي. وجداني حال. ٻن جي گنجائش آهي ئي ڪانه ته ٽيون جبرائيل ڪير آهي جو اتي بيهندو ۽ سمائبو

عارفن رندن قلندرن ڇو راز ظاهر ڪري من خدايم جا نعرا هنيا. شمس الحق تبريز قم باذني چئي مئو جياريو. اها الوهيت ۽ خدائي طاقت هئي نڪي آدميءَ کي اهڙي طاقت ٿيندي. ڇاڪاڻ ته انهن عارفن تي نبوت ۽ خلق جي رهبريءَ جو بار ڪونه هو. هو عاشق الاهي ۾ مست هئا ۽ مجذوب هئا. حديث: رفع العلم بالمجنون.

مگر ته به ظاهري بصيرت وارا نهن کي قتل ڪرائڻ ڪل لهرائڻ ۽ سوليءِ چاڙهڻ ڪان ڪين مڙيا. هو جسم ترڪ ڪري بحر اوا گهه ۾ گم ٿيل هئا. ان ڪري هو عام جي رواج ۽ ٻوليءَ ڪان ابتڙ ۽ باطن بين هئا.

باطني توحيد جي زبان عامي نه سمجهيا. ان ڪري هنن سان وڙهيا. جيئن رسول الله کي عربن تڪليفون ڏنيون. ڇو جو اهي به عشق جي اُبتي ٻولي سمجهي نه سگهيا. ڪين مجذوبيءَ جا الزام پي ڏنائون. جنهن جي

جواب ۾ بخوديءَ ۾ ڪلام الاهيءَ مان جواب ملين ته وَ مَا هُوَ اِلَّا ذِكْرٌ لِّلْعٰلَمِيْنَ(۵۲) ۽ وَ قُلْ جَآءَ الْحَقُّ وَ زَهَقَ الْبَاطِلُ اِنَّ الْبَاطِلَ كَانَ زَهُوْقًا(۸۱) جڏهن حق آيو ته باطل فنا ٿيو. تحقيق باطل يعني ڪوڙ تباهه ٿيندڙ شيءِ آهي. انبيائن کي ڏک پيش ٿيا ڇو جو اهي ڏک عشق پنهنجي دوستن کي ڏيندو آهي حديث: ته اَلدنيا سِجنُ المومنينَ، يعني سيني عاشقن کي تڪليفان پيش آيون مگر جن کي پاڻ زنده ٿو رکي تن جو نالو ڪيئن گم ٿيندو. مگر تصديع ڏيندڙن کي عشق اهڙو گم ڪيو جو سندن قبرون به گم آهن. الله وارن جا زيارت گاهه اڄ به قائم آهن انهن جي خاڪ به چمجي ٿي.

عشق شهنشاهه اهڙو آهي جو جنهن وات اڇي ته تيليءَ مان ٿنڀ ڪريس گداگر کي بادشاهه بنائي.

**بيت**

عشـــق ڪـــري ٿـــو جـــيت روشـــنـــائـــي
دور ٿـــئـــي ٿـــي اتـــان اونـــداهـــي.

عشق آهي ۽ ٻيا سڀ در جا پناگر آهن بلڪ پناگرن جا به پنا گرن جا به پناگر آهن.

عشق جي گفتار ڪندي اسان کي وري جبروت جي ياد آئي هن جا به نالا آهن (1) مقام محمود (2) فنا في الرسول. اتي رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جي روح مقدس جي پاڪ تصوير هئي جيڪا احد مان احمد ٿي پر خاڪي وجود واري نه هئي. خاڪي وجود کي محاسن يعني ڏاڙهي آهي مگر هن پاڪ مقدس روح کي ڏاڙهي ڪانه هئي. رف رف ۾ويٺل جو نمونو ڏٺوسون. سو به ائين جيئن شينهن جو نقل ٻلي آهي. هڪ دفعو طواف ڪري ان رسولي روح جي سيني ۾ ٽٻي هنئين سون. غوطه هڻڻ ڪانپوءِ ان رف رف تي اسان پنهنجو پاڻ کي ڏٺوسين ان طرح ايڪيهه ڏينهن ان رف رف رهياسون. اتي اسان کي لولاڪ جو چٽ پٽيل هو. اها رف رف ائين ۽ نائين آسمان

جي وچ ۾ هوءِ هوا ۾ هلندي ٿي رهي اهي ايڪيهه ڏينهن هر روز مٿي تي هٿ ڦيرائيندا هئاسون ته خاڪي هٿ ڇٽ ڪي لڳي ٿو يانه

ان وقت فقير ڪي نا احمد يا رسول خدا سڏائي سگهي ٿو. ڇا لاءِ ته ان وقت ۾ فقير جو روح ۽ رسول خدا جو روح هڪ آهي. ان حال ۾ فقير جي نظر نه اولياءَ تي نه انبياءَ تي مگر ڪنهن تي به ڪانه هوندي اٿس. زماني جو بادشاهه ته عام خلق وانگر خسيس ڏسڻ ۾ ايندو آهي. پاڻ کي اولوالعزم بادشاهه لا احتياج سمجهندو رهندو. جبروتي منزل ۾ سيني مقامن وارا مئل ماڻهن جا روح ڏسڻ ۾ ايندا آهن مڪمل روءِ زمين جو ڪشف حاصل ٿيندو. نيڪ توڙي گنهگار روح سڀ پيو. ڏسندو. گنهگارن جو حال هن طرح هوندو آهي. سندن ٽنگن ۾ به ٽلهيون لوهه جون سنگهرون ٻن شاخن واريون هر ڄنگهه ۾ جدا ڇيلهه ڪان مٿي هڪ ٽلهي زنجير جنهن جو ڪڙو ڳچيءَ ۾ پيل هوندن ۽ رڪوع جي حالت ۾ لاشي جي مثان بيٺل هوندا ۽ نظر سيني ۾ هوندن. هر هڪ جو منهن اتر طرف هوندو. آهي ساري دنيا جي روحن جو منهن اتر طرف ڪرڻ جو قانون آهي. هيڏي هوڏي نهارڻ جي اجازت ڪانه هوندي اٿن. يسين: مبارڪ ۾ ڳن جيڪو گنهگارن لاءِ اَغْلٰلًا فَهِيَ اِلَى الْاَذْقَانِ فَهُمْ مُّقْمَحُوْنَ(٨). جي ها معنيٰ آهي. جيڪا اڪئين ڏٺي سون اها حقيقت جبروت واري جاءِ ۾ ڪلندي آهي. رسولي منزل ۽ ملڪوت ۾ به اها حقيقت جبروت واري ظاهر ٿيندي آهي. ٻين ڇئن مقامن ۾ اهو حال سڄو سال تائين جاري رهندو. پوءِ اهو ڪشف گهٽ ٿي ويندو مگر چاهيندو ته ڏسندو.

حضرت آدم عليه السلام کان اڄ تائين ڪل انبياءَ اولياءِ ڏنل ٻڌل اڻ ٻڌل سڀ اچي فقير جي حضور ۾ حاضر ٿيندا. جيڪي پنهنجي روحاني زبان سان پنهنجو نالو ۽ احوال ٻڌائيندا .

رستم پهلوان جيڪو اوليائن جي قطار ۾ نه آهي سو به فقير جي حضوري ۾ اچي حاضر ٿيندو. نه رڳو مسلمان پر هندو فرنگي يهودي نيڪ توڙي بد سڀ اچي حاضر ٿيا.

## بيت

عشــق ان درياه اعظم بيـڪران. بـحر گـونـان گـون بي پـايـا عيـان،
هر دم عالم آهي. جنس خاشاڪ جيئن موج طغياني ۾ عشق پاڪ تيئن
عشـــق آهـي لا يـزال ۽ لـم يـزل بـارنـگـي بـاچـون بـاصـــورت مـثـل،
عـامـن لاءِ عشـــق بـي رنـگ آهـي بـي چـون ۽ بـي مـثـال آهـي.

مگر خاصن لاءِ بار رنگ باصورت ۽ بامثال آهي .عامن کي باطن جي ڏسڻ جون اکيون ڪونہ آهن. اهي بہ اکيون ظاهري تہ جانورن کي بہ آهن. جيڪي نفساني ۽ بيڪار آهن. جيئن بوتي کي اکيون آهن ائين روح ۽ قلب کي بہ اکيون آهن جيڪڏهن ڪنهن کي پڪ نہ اچي تہ ڪنل جانور جي قلب کي ڏسي تہ ان ۾ بہ ڪن ۽ اکيون آهن جيڪي مخفي آهن. جن جا ڇپر سچ راسين وانگر روشن ڏسڻ ۾ ايندا. اهي وڏي ڪوشش سان ڏسبيون آهن. عام طرح ڏسڻ ۾ نہ ايندڀون آهن.

فقير ان کي ڇئبو آهي جنهن کي چار اکيون هجن ۽ چارئي کليل بہ هجنس. اهي چارئي اکيون سڀ ڪنهن کي هونديون آهن. مگر روحاني بہ اکيون بند ٿيون رهن. جن جي کولڻ جو سرمون ۽ جوهري ڪجل. اسم اعظم آهي ان جي ڪمائڻ سان گهٽي وقت کانپوءِ کلنديون آهن.

ان جو مثال هي آهي تہ جيئن انسان خواب ڏسي ٿو ۽ هوندو ستل ننڊ ۾ آهي انوقت ظاهري اکيون ڪن ۽ هٿ پير بند هوندا آهن. پوءِ جيڪو روح المقدس آهي جنهن جي حوالي دم آهي.اهو سير لاءِ نڪري ٿو ڇو تہ جسم جي قيد ۾ بند رهڻ ڪري ماندو ٿو ٿئي. جيڪو خواب جي حالت ۾ پاڻ کي جسم سان گهمندو ڏسي ٿو. اهي ٻيون اکيون آهن جن سان ڏسي ٿو. خواب جي حالت ۾ ننڊ ستل کي جسم ياد ئي ڪونہ هوندو آهي. تہ ڪو مان فلاڻي جاءِ تي ويٺو آهيان کهڙي بہ سير تي هجي توڙي هزارن ڪوهن جي پنڌ تي هجي تہ بہ سجاڳ ٿيڻ وقت يڪدم بوتي ۾ گهري ويندو. يقين ڄاڻو تہ آدمي ۽ انسان ان جو نالو آهي جيڪو خواب وقت نڪري ٿو. هي جسم تہ سندس پوشاڪ آهي. جيئن خواب ۾ جسم مان نڪري ٿو. ٿيئن

جڏهن هن وجود کي اسم اعظم ڪمائڻ سان الوهيت جو نشو چڙهندو ته پوءِ سڄاڳي هوندي به هن جسم مان نڪري معراج ڪندو. جيڪي آدمي جسم مان نڪري معراج تي نه ويا سي هن جسم جي قيد ۾ رهجي ويا. سي قيامت تائين قبر تي جسم جا قيد ٿيا رهندا. عام عربيءَ جي اعميٰ لفظ مان ورتل آهي ته من کان في اعميٰ فهو في الاخرت اعميٰ. يعني جيڪو هن دنيا ۾ ڏسڻ کان انڌو آهي ته اهو آخرت ۾ به انڌو هوندو.

اسان عشق شهنشاهه کي بارنگ ۽ باصورت ۽ بامثال پيا ڏسون ڇو ته جيڪڏهن بي رنگ بي صورت ۽ بي مثال هجي ها ته اسان ڪيس ڏسي ڪين سگهون ها. ان ڪري اسان عشق کي صورت سان ڏٺو. ان ڪري اسان باصورت ٿا. چئون مثال جيئن قالب مان سر نڪتي آهي. ساقلب جي مهانڊي ۾ همشڪل هوندي آهي. ٻيو ته فوٽو ناهڻ وارو ڏينهن ۾ هزارين تصويرون وينو ناهي. جيڪي آدمي جي شڪل تي ناهي ٿو. سندس جاءِ ۾ هزارين تصويرون ڀتين تي لڳل ڏسبيون آهن. اهڙيءَ طرح هي دنيا به عشق جو دوڪان آهي عشق پاڻ فوٽو گرافر آهي. حديث: خلق آدم عليٰ صورته يعني آدمي پنهنجي تصوير جي نموني تي ناهيائين.

**بيت**

عشق ۽ آدم ۾ تر جو فرق ناهه
عشق آدم ۾ سمورو غرق آهي.

فرهاد جو قصو مشهور آهي جنهن شيرين جي عشق ۾ ڪاٺ جي ڪهاڙي سان جبل ڀڃي پاٽي وهايو هو. جيڪا نهر اڄ تائين ان جاءِ تان وهي ٿي. جنهن جي ويڪر پندرهن فوٽ آهي. ۽ ايران ۾ آهي. ”قصو شيرين “ يعني شيرين جي محلات به اتي آهي هيءَ ته ظاهري صورت ۽ مجازي عشق ايتري طاقت هئي جنهن جبل ڀڳو باقي ذات ذوالجلال وارو حقيقي عشق ايتري طاقت وارو نه هوندو جو وجود جي جبل کي ذاتي عشق جي طاقت سان ڀڃندو. جسم جي ڀڃڻ مهل جيڪا وادي دنڪرندي سان اڀري عرش عظيم ۽ لامڪان تائين وهندي. جنهن جي عشق الاهي جي

فيض ۽ توحيد جي گفتار سان آسماني برسات وانگر آبادي ٿيندي. ان پاڻي جي وهڪري کي ڪوبہ بند نٿو ڪري سگهي. دم ڪوڏارو ۽ ڪهاڙو آهي. طالب حقاني فرهاد آهي. جبل هي وجود اٿس پڳيءَ کان پوءِ قيامت تائين ان جو نعرو بلند رهندو.

**بيت**

بحر وحدت مان اپي جا نهر ٿي. تنهن جي آمد رفت شام وسحر ٿي.
عشق ڏيکاريو اسان کي لامکان تخت يزداني بلندي آشيان.
هن ۾ جو چڙهيو ٿيو سو مرد آهہ. صاحب المعراج عاشق خرد آه
نانءُ ان جو تاجدار دوجاهن حڪم ان جو تحت فوق لامکان.

ملڪوت ۽ جبروت ۾ پهچڻ سان توحيدي ڪلامن ٻڌڻ جو شوق پيدا ٿيندو آهي ملڪوت ۾ بيقراري ۽ جبروت ۾ ڪجهہ قرار هوندو آهي. رسول الله صلی الله عليه وسلم جن ان جاءِ جو نالو فنا في الرسول آهي. رسول الله صلی الله عليه وسلم جن ان جاءِ تي بيخوديءَ جي حالت ۾ قدسي حديث: فرمائي آهي تہ لولاک لما خلقہ الا فلاک ۽ اول ماخلق الله نوري يعني پهريائين الله منهنجو نور پيدا ڪيو. برابر اهو نوراني چهرو ڪائنات ۾ پهريون نمبر آهي ڇا لاءِ تہ نائين آسمان تي يعني عرش عظيم تي احمدي روح آهي. زمين تي وجودي حالت ۾ محمد نالو اٿس.

**بيت**

صاف صوفن حق سچاتو احد احمد اهہ هڪ
قول هي عارف چيو سچل جي قول ۾ ناهي ڪو شڪ
احد بر عرش است احمد بر فلک محمد بر زمين زين نام يک

يعني عرش تي احد آسمان تي احمد زمين تي محمد ٿيو آهي ان هڪ نالي سان اسان جو ان جاءِ تي ايڪيهہ ڏينهن لاڳيتو عروج ۽ نزول هو. هت بہ اچون پيا ۽ وري يڪدم ان رف رف ۾ وڃي پيا پهچون هيءَ اها جاءِ آهي

جنهن لاءِ قرآن ڪريم فرمايو آهي تہ اِنَ المُتَقِينَ علي رفرف بشڪ پرهيز گار رَفرَف تي هوندا.

ايڪيهين ڏينهن خيال ٿيو تہ فنا في الله ۾ بيخودي جو ملڪ اجا پري آهي

جنهن موقعي ۾ اسان کي چيائين تہ پاڻ ۾ نظر ڪر. نظر ڪرڻ سان نشو پئجي ويو نشي ۾ ڏنوسي تہ ستين آسمان تي هڪ حقيقت جو سج ايريو. ان کي سج چئجي يا صورت انساني چئجي. دنيا وارا سج چنڊ ان جي جتيءَ جو مٽ بہ نہ آهن. جڏهن هفتہ گذرڻ کانپوءِ مطلوب ذاتي مرشد گڏجي اتي پهتو تہ مرشد بہ ان ۾ گم تہ اسان بہ گم ان ۾ ٿياسون سجو هفتو اسان جو عروج ۾ نزول جاري هو. ڪنهن وقت جسم ۾ اچڻ تہ وري واپس وڃڻ ان طرح غوطہ پي لڳا . مرشد رڳو اسان کي وٽي واقف ڪيو پوءِ ساري سير ۾ مرشد ڏسڻ ۾ ڪونہ آيو. پوءِ مرشد بہ پاڻ ٿي پياسون. ان حالت ۾ فنا في الوجود ۾ فاينما تولو فثم وجہ الله واري واديءَ ۾ شاهہ حسن واري صورت ڏسڻ سان ذڪر اسم اعظم هتجي ويو. جيڪو اڳ ۾ زور سان هلندو هو. ذڪر مان هڪ آفت نڪتي ۾ جوهر پيدا ٿيو. ان کانپوءِ اسان جيڪڏهن اسم اعظم جو هڪ پيرو ٿي ڏنو تہ اها ان جوهر واري شيءَ لک دفعا پي ڦري جنهن جو نالو فڪر آهي. جيئن ڪنهن دوا جي مٽن ڪاڙهڻ سان جوهر نڪرندو آهي. ائين فڪر ذڪر جو جوهر اهي جهنجي ڏسڻ سان ڏاڍي حيرت لڳي ان معنوي فڪر معنوي سج کي هڪ پيري ذڪر سان هڪ لک دفعا طواف پي ڪيوسي. سجدي ڪندي معنوي صورت اڳيان گوڏا يجي پي ويناسون معنيٰ جي مالڪ کي هڪ انگريزي نمونہ جو خنجر هٿ ۾ هو جنهن جو مٿيو ڳاڙهي رنگ جو ۽ پوئتي مڙيل هو اهو خنجر ترار جي اڌ جيترو هو هر. سجدي وقت اسان جو سر ان خنجر سان ڌڙکان ڌار ٿي ٿيو. هڪ سر جي وڍجڻ بعد ٻيو سر پيدا پي ٿيو ۽ وحدت جو جام ٿي مليو.ان معنوي صورت جو هٿ گهٽي قتل ڪرڻ ڪري ڪارائي تائين رت سان ڳاڙهو ٿيل هو. اهو اهڙو ملڪ آهي جو پاٽيءَ جي هڪ ڍڪ لاءِ سر

وڍرائيندا آهن اهي ست ئي ڏينهن قتل جي ڪار ۾ طواف ٻئي گڏ پي هليا. ستين ڏينهن معنوي صورت اڳيان ماٺ ڪري ويٺاسون ان ڪانپوءِ جبروت نظر آيو جبروت اُپ سرا وياسون. جبروت يعني فنا في الرسول ۾ معنوي شاهہ قرباني گهري. ان وقت ۾ اسان وٽ هڪ نئون ننڍو ڏاند هو جنهن لاءِ حڪم ٿيو تہ جيڪو ان ڏاند جو گوشت کائيندو تنهن کي ابراهيم واري گهٽي جي گوشت کائڻ جيترو ثواب ملندو. مگرهن شرط سان تہ ان قربانيءَ کي ظاهر ڪر ۽ ماڻهن کي ٻڌاءِ مگر مٺس. نالو شيطان جي ختمہ جو رڪ شيطان جي نالي ٻڌڻ سان اسان کي ڏاڍو حذر پيدا ٿيو. تہ اتي جبروتي احمد صاحب روح چيو تہ تو حذر خوف ڇو ٿو ڪرين. هيترو آسماني سير ڪيو اٿئي توکي ڪو شيطان نظر آيو پوءِ يقين ٿيو. پوءِ اسان زور سان هوڪا ڏيئي چيو تہ هي شيطان جو ختمون اٿو جيڪو شيطاني نالي جي اوٽ ۾ کائيندو اهو بهشت ۾ داخل ٿيندو. جيڪو نہ کائيندو تنهن کي ٻہ مهينا جيل ۾ 25 روپيا ڏنڊ پوندو. پوءِ اسان پلاءُ تيار ڪيو ويساهہ وارن کاڌو ٻي ويساهن نہ کاڌو نہ کائڻ وارن کي ڪنهن نہ ڪنهن بهاني سان جيل اچي ويو.

## مصرع

مرا از گرد ابليس فشاندند

يعني مون کي شيطان جي پويان ڦٽو ڪيائون.

عشق جو معراج صاف دل ۾ صدق اليقين آهي جيئن ڪيو. معراج احمد عشق جو حق اليقين عشق ديان التيان بازيان اُلٽِ بازيگر ڪوئي ويکي.

## جبروت کان عروج جو بيان

اهوشوق پيدا ٿيو تہ اسان جي روح نائين آسمان تي عروج ڪيو.

حديث من عروج الروح تيزالفلڪ. شهودن شعاع عرش مٿائون ايريو. نائين آسمان جي ويجهو پهتاسون تہ چار مقرب ملائڪ پر ۾ ڏٺاسون پهريون اسان جي ڪٻي پاسي ۾عذرائيل. اُن جي هي پر ۾ جبرائيل ۽ اسرافيل ميڪائيل هڪ هنڌ ويٺا هئا. سندن منهن جي صورت آدميءَ واري هئي . باقي وجود پکين وارو هو. دنيا ۾ اهڙو ڪوبہ پکي نہ آهي مگر نمونہ اهڙو هين. پوءِ اسان عذرائيل جي پرسان لنگهياسون چو تہ عرش عظيم ڏانهن رستو عزائيل جي پرسان ٿو نڪري جيڪو سندس سڄي پاسي کان آهي. عزرائيل اسان کي پرمان لنگهندي ڏسي حيرت مان چيو تہ مارا مرد تہ اسان کان بہ مٿي لنگهيا ٿا وڃن. عزرائيل جي اک اهڙي تہ هيبتناڪ آهي جو جيڪڏهن نفساني آدمي ڏسي تہ هڪدم ڦڪڪي مري پوي. پر هيءَ ذاتي اک هئي جنهن پرواهہ نہ ڪئي ۽ وجود بہ ذاتي هو جنهن کي خوف بہ نہ ٿيو. عزرائيل کان اڳتي لنگهڻ ڪا چرچي جي ڳالهہ نہ آهي. عزرائيل جي پويان لوح محفوظ هو. جو فقير پڙهيو. ساري لوح محفوظ واري ڦرهي نظر آئي رسول الله صلى الله عليه وسلم معراج واري وقت ۾ لوح محفوظ وارو نور عرش عظيم، هيٺيان ڏٺو هو. حديث: لايرفع الراس استحيا من الله خضوعا وخشوعا.

ان ڦرهي جو احوال آهي. اها ڦرهي سفيد رنگ جي نور جلال جي هئي. ان تي اک سونهري رنگ سان نور جمال جا لکيل هئا. ڦرهي جي منڍ ۾ اسم اعظم ۽ بعد ۾ قرآن ڪريم لکيل آهي. ان تي اسان جي عمر ٽيهٺ ورهيہ لکيل هئي. هيئر اسان جي عُمرنوي ورهيہ آهي جنهن کي وجودي ڄمار ٿا چئون. اسان پنهجي مرضيءَ سان هٽ رهيل آهيون اهو اسان کي اختيار آهي هتي رهون. يا هتي رهون. دنيا عقبيٰ ٻيئي ملڪ فقير جا آهن جيڪو فقير جسم مان نڪري معراج ڪري پوءِ ان کي پنهنجي حياتي وس ۾ اهي دنيا ۾ جيترو بہ رهڻ چاهي تہ رهي سگهندو. ڇو تہ جيڪو عزرائيل سڄي دنيا تي قبضہ ڪيون ويٺو آهي. اهو فقير جو زيردست آهي. فقير ان جي مٿان حاڪم آهي. عزرائيل جي نظر هر وقت لوح محفوظ ۾ آهي ڇو تہ ساري ڪائنات جو موت فوت لوح محفوظ ۾ ليکل آهن. لوح محفوظ ۾ هر

ڪنهن جي موت جا وقت مقرر ۽ لکيل آهن. ان ڪري ان ۾ وينو ڏسي ته متان قانون الاهي جي پيچڪڙي نه ٿي پوي ڪنهن جي به عمر جي ڪا به گهڙي گهٽ وڌ نه ٿي پوي.

جبرائيل جي نظر وري عرش اعظيم جي باب العرش ۾ آهي جتان ايزدي احڪامات صادر ٿين ٿا. اهڙي طرح اسرافيل ۽ ميڪائيل به حڪم جا منتظر آهن. جبرائيل اوليائن، عابدن ۽ ذڪر ڪندڙن جيڪي اجان جسم جي قيد ۾ رهيل آهن انهن ڏانهن ڏسي ٿو. جيڪي پاڪ دل آهن تن ڏانهن مهرباني ۽ دلاسي جا پيغام آڻيندو آهي. مگر جيڪي جسم مان نڪتل ۽ معراج شده هستيون آهن اهي جبرائيل جو احتياج ڪونه ڪنديون آهن. ڇو ته جبرائيل عاشقن جي اڏ ۾به نه آهي. جبرائيل جو اچڻ وڃڻ ڪنهن بند ڪونه ڪيو آهي جيئن ٻين ٽن ملائڪن وارو ڪم هلندڙ آهي. تيئن هن تان به پيغام جو ڪم بند ڪونه ٿيو آهي. نڪي اچڻ وڃڻ جو رستو بند ٿيو اٿس. عزرائيل اسرافيل ۽ ميڪائيل جوڪم بند ٿئي ها ته جبرائيل جو ڪم بند ٿئي ها. رسمي مسلمانن ڪوجبرائيل کي ٻڌي ويهاريو آهي ڇا؟ مسلمانن جو خيال آهي ته جبرائيل جي ڇر پر بند آهي. ڇڻ ڪو ٻڌي ويهاريو اٿنس. جبرائيل ڇوڙائڻ لاءِ مسلمانن کي منٿون ٿو ڪري مگر جيڪڏهن مسلمان ڇوڙي وجهنس ته ضرور ڪوزيان ڪندو. مگر الله وارو جبرائيل ته پرواز به نٿو ڪري ۽ گهمي به ٿو.

## عرش عظيم جي عروج جو بيان

عرش عظيم کي ٻاهران ڪوٽ آهي ڪوٽ کي لکين ڪنگرا آهن جڏهن نائين آسمان مان لنگهيا سين ته اهو ڪوٽ نظي آيو ان جي ڏسڻ سان هوش عقل عبرت ۾ اچي ويو. ان درگاهه عاليجاهه جوبيان ڪرڻ ڪان ٻاهر آهي زبان کي طاقت نه آهي جو قيامت تائين بيان ۽ تعريف لکي نه سگهبي. ان کي منزل لاهوت ڇئبو آهي. هي مقام فنا في الله جو آهي عرش

عظيم جي درگاهه جو فرش رنگين آهي. ان رنگ جي ڳالهه ڪرڻ بہ نامناسب آهي. عرش عظيم جي محلات کي گُنبذن تي بہ منارا آهن. محلات بہ شهنشاهي آهي. ان محلات جي ٻاهران معراجي فقير هندو. خواه مسلمان فرنگي توڙي يهودي طواف ڪندا ٿا رهن. انهن جو تعداد ڪروڙين ۽ پدمن کان بہ ٻاهر آهي. اهي سڀ اسم اعظم جون پويون اڌ پڙهندي تمام خوشيءَ سان طواف ۽ رقص ڪندا ٿا رهن. اها ٻنهي جهانن جي بادشاهي جي جاءِ آهي ساري ڪائنات ان جاءِ کي سجدو ٿي ڪري. ۽ سڀ ان جي مخلوق آهن. جنهن کي عام ماڻهو الله تبارڪ وتعاليٰ ٿا چون پهرئين آسمان کان مٿي عرش عظيم تائين سج چنڊ ڪونہ آهي اتي اهي هر وقت صبح صادق جي مهل آهي سج ۽ چنڊ دنيا جي طبقي لاءِ آهن. اهي ٻيئي قدرتي بتيون دنيا جي سوجهري لاءِ آهن. سج نور جلال ۽ چنڊ نور جمال مان آهي ٻئي ذاتي نور آهن ۽ ڪثرتي ڪاروبار لاءِ آهن. وحدت کي انهن جي ڪائي ضرورت يا گهرج نہ آهي.

عرش عظيم کي طواف ڪندڙن سيني فقيرن جي پوشاڪ سفيد ۽ نوراني هئي. انهن مان شيخ عطار رحمتہ الله اڳتي اچي مون کي هٿ کان وٺي عرش عظيم جو طواف ڪرايو طواف ڪندي جڏهن چوٿين دروازي وٽ پهتاسون تہ ڏٺم تہ ذات ذوالجلال الله تبارڪ وتعاليٰ سرخ رنگ جي هڪ عاليشان ڪرسيءَ تي وڏي رعب تاب ۽ حشت بادشاهيءَ سان ويٺو آهي. سندس سر مبارڪ تي هڪ سونو شاهنشاهي دوعالم جي تاجداريءَ جو ڇٽ پيل هو ڏسڻ سان شيخ عطار صاحب جي هٿ مان هٿ ڇڏائي انهيءَ ذات جي سيني ۾ پيهي ويس. جيئن ڦڙو درياهہ ۾ پوي ۽ هڪ ٿي وڃي. فقير بہ ائين عين درياه ٿي پيو ڪرسيءَ جي هيٺان جيڪا هڪ عاليجاهہ شيءِ پيل هئي ان جي ڳالهہ نہ ڪبي جڏهن ذات ۾ محيط ٿياسي تڏهن مان پاڻ کي انهيءَ وسع ڪرسيہ السموات والارض تي ويٺل ڏٺو. ٻاهران پي ڏٺم تہ الله تعاليٰ ويٺل هو. غوطي بعد مان پاڻ الله ٿيس. حديث: اذاتم الفقر فهو الله جي معنيٰ جي خبر پيئي تہ اها جاءِ آهي. فقيري جي اها انتها آهي ٻانهي

منجهنان الله ٿيڻ. اسان جي ذڪر ٻيهڻ جي اها جاءِ هئي. اتي اسان جو ذڪر هلڻ بند ٿي ويو. پوءِ جلد ئي عرش عظيم تي پهتاسين. اتي جنهن وقت گم ٿيڻ جي حالت ٿي تہ وجود ۾ هڪ آواز پيدا ٿيو اهو عربيءَ ٻولي جولفظ اناالحق هو جيڪو اسان جي لئو لئو مان جاري رهيو ٿي ڏينهن تي راتيون مون پاڻ کي ٻنهي جهانن جو بادشاهہ پي سمجهيو. هتي مان جو لفظ ضروري آهي. ڇو تہ اسان جو لفظ ٻيائي جمع آهي فقير جنهن بہ منزل جي ڳالهہ ڪندو تہ انهيءَ جاءِ تي ٻيهي ڪندو نہ وري زماني جي تعريف لاءِ يا ماضيءَ ۽ استقبال جي فقير جي اڳيان ماضي ۽ استقبال آهن ئي ڪونہ هيءَ جاءِ تمام زور واري آهي منصوري حد ۽ حلا جي حالت هن جو نالو آهي. هتي هستي ۽ بيخوديءَ جي بي انداز حال ٿيندو آهي. ان حال ۾ ڪنهن بہ آدميءَ جو اچڻ رويرو. برداشت آهي. اوجاڳي وارا پسندا ايندا اهن ڇو تہ انهن حدن ۾فقير جي ننڊ پڻ ختم هوندي آهي. ايتري قدر جو ٻارهن مهينا ننڊ نہ ايندي انا الحق واري حالت ۾ مان پنهنجي پاءُ ڪي رات جو اٿاريو هو تہ ڳوٺ وارن روزازل واري ڏينهن مون کي سجدو نہ ڪيو. هو ان ڪري ڪين وٺي اچ تہ مان کي سجدو ڪن ڇو تہ مان ٻنهي جهانن جو الله آهيان. منهجي نفساني پاءُ زماني واري سياٽپ سبب ماٽهن کي نہ ٻڌايو تہ متان ماٽهو ڪفر سمجهن.

## بيت

عشق جنهن سر آئيو.تنهن سر ڏنائين تاج وڪلاهہ
دائما دارين جو ٿيو. شاهہ عالي بادشاهہ
عشق نار الله يحرک ماسوا الله ٿيو گواهہ
پاڻ سجاٽي پانهنجو اثبات ڪيائين الا الله
ليس في الدارين الا هو عشق آيو يڪ نظر

انا الحق واري موقع ۾ اهڙي طاقت ٿيندي آهي جو مئل کي قم باذني چئبو تہ اهو جيئرو ٿي پوندو. حضرت شمس الحق تبريز بہ ان جاءِ تي ٻيهي

قم باذني چيو هو . يعني اُٿُ منهنجي حڪم سان ائين چئي مئو جيئرو ڪيو هئائين. ان وقت جيڪڏهن فقير الوهيت وارو ڪم ڪندو تہ سندس وجود جو سر وڃيو. مگر ان حالت ۾ سر جو سانگ ڪونہ ٿيندو آهي جسم کان اهڙي بيزاري ٿيندي جو چوندو تہ اڄ ۽ هاڻ قتل ٿئي تہ بهتر آهي. اهي پورا ٽي ڏينهن مون کي انبيائن اوليائن طواف ڪيو. اهي ٽيئي ڏينهن مان عرش عظيم واري ڪرسيءَ تي الوهيت جي شاعري شان ۽ قوت سان ويٺو هيس. ان لاهوتي منزل ۾ ڪنهنجو بہ احتياج نہ هو. انبياءَ اولياءَ زمينون آسمان سڀ پنهنجي هٿ جي ٺهيل مخلوق پيو سمجهيم. بي انداز لاپرواهي هيئي هر وقت زبان تي انا الحق جاري هو.

**بيت**

من خدا يم من خدا يم من خدا. نيست ديگر غير من درود سريٰ

يعني مان خدا آهيان مان خدا آهيان مان خدا . مون کي سواءِ ٻنهي جهانن ۾ ٻيو ڪير بہ نہ آهي،

ان حالت ۾ ان محلات ۾ جيڪي راز ڏٺم سي کولڻ جهڙا نہ آهن، مگر هڪ شيءَ جيڪا مون کي اتي هٿ ۾ هئي جنهن کي اسم اعظم جو پيالو چئبو آهي. سو ظاهريءَ بہ مان نهرائي هٿ ۾ ڪيو. جيئن بيدل سائين فرمايو آهي. تہ پيالا. نفي اثبات والا جان جسم وچ ڪوڙين يار پيون بہ گهٽيون ٿي شيون هيون پر مون کي نيزو پسند آيو ان وقت خاڪي وجود جي رڳن جي ڏمڪار مان ڪنهن تي بہ انا الحق انا الحق جو آواز پيو آيو. ظاهري زبان بہ انا الحق جي آواز سان پيو چري هن حالت ۾ سيني عاشقن اسجدني يعني مون کي سجدو ڪيو. جا هوڪا پيو ڏنا. بسطامي صاحب لاَاِلا اَنا فاعبدني سبحاني ما اعظم شاني جو نعرو هنيو شاه منصور نروار ٿي اناالحق جو دم هنيون جنهن تي رسمي مسلمان ڪيس. سوليءَ تي چاڙهيو. آخر باه ۾ ساڙي خاڪ دجدلا ۾ ڪجهہ هوا ۾ اڏاريائون رسمي مسلمان عشق الاهي جي اثباتي جي اها عزت ڪئي.انهن کي عشق جو اهو قدر

هو.رسول الله صلی اللہ علیہ وسلم انا احمد بلا ميم ۾ عمادُ الفَقَرُاَن يّكُون كُفراَ جون حديثون فرمايون فقيريءَ جي اڳيان ڪفر ڪهڙو آهي پاڻ گم ڪري الله اثبات ڪرڻ من خدايم جو نعرو هڻڻ. جنهن کي عام ماڻهو الله سڏائيڻ ڪري ڪافر ڪوٺيندا آهن.

**بيت**

عشق را با ڪافري خويشي بود ڪافري خود عين درويشي بود

يعني عشق کي ڪافريءَ سان پنهجائپ هوندي آهي. عشق جي ڪافري خود درويشي آهي.

عشق جو هن ڪفر سان ناتو آهي. من منا عشق نار الله يحرک ماسوا. عشق باهہ آهي غير کي ساڙي ڇڏيندو آهي هيءَ خودي جڏهن عشق ۾ غائب ٿئي ٿي خدا خود عرش جو صاحب ٿيئي. جيئن ڦڙو درياهہ ۾ ٿئي ٿو. غرق . ڦڙو خود درياهہ آهي ناهي فرق

رسمي مسلمان تيستائين نالي جو مسلمان آهي جيستائين اسم اعظم جي طاقت سان پاڻ مان نڪري معنوي معراج نٿو ڪري

تيستائين حقيقي مسلمان نہ آهي. دلي طرح مسلمان نہ آهي هن کي اندران ڪفر جو جٽيو ٻڌل آهي.اهو نفس جوقيدي ۾ فرمانبردار آهي. تيستائين هر هڪ مسلمان جي روح جي ڳچيءَ ۾وجود جي رهڻ جو ڪافريءَ وارو جٽيو ٻڌل آهي. تازو مسلمان تڏهن ٿيندو جڏهن پاڻ مان نڪري معراج ڪندو. تيستائين هي مائٽن واري رواج تي ٿو هلي. اُهي ڪوري هئا تہ هي بہ ڪوري ٿيو. ڪڙمي هئا تہ هي بہ ڪڙمي ٿيو.اهو جٽيو تڏهن ڇڄندس جڏهن آسماني منزلون ماٽي عرش عظيم تي پهچندو. بانهپ کي درياهہ اعظم ۾ ٻوڙيندو.جيئن پاٽيءَ جوڪوزو درياهہ ۾ هارجي پوي. پوءِ ڪوزو ڪونہ ليندو درياهہ ئي درياهہ هوندو.

حديث قدسي: اَخَرِج بِصغَائي الا خلقي، مَن رَاک فَقَد راني من احبک فقد احبني،

انهن جي اها حد آهي جو انهن جو ڏسڻ الله جو ڏسڻ آهي. هن جي حب الله جي حب آهي پاڻهپ جو ٻيڙيون ٽڻيس تہ پوءِ اهو شاهہ آهي. عرش اعظم جو مالڪ آهي. ان محلات ۾ الوهيت جي ڪرسيءَ جو بہ مالڪ آهي. پوءِ اهو فقير من اراد ان يجلس مع الله فليجلس مع اها.تصوف يعني جيڪو چاهي تہ مان الله سان محبت ڪريان تہ ان کي گهرجي تہ اهل تصوف واري فقير سان صحبت ڪري تہ گويا الله سان صحبت ڪيائين ان فقير جي صحبت خدا جي صحبت آهي.

## دوئي ڇا آهي؟

مان بہ آهيان الله بہ آهي مان پاڻهو بہ آهيان ٻيو الله بہ آهي تہ اها دوئي يعني ٻيائي آهي هي جسم ۾ ان سان رهت بہ دوئي آهي جيستائين جسم مان نڪري آزاد نٿو ٿئي تيستائين دوئي ۾ آهي هڪ هستي پاڻهپ جي ٻي الوهيت جي هوءَ فاني هستي آهي هيءَ باقي جي هستي ڪامل آهي.عبديت جي هستي ناقص آهي.

### بيت

خودي ۾ خدا ڪين مائيندا من ۾
ٻن ترارين جاءِ ڪا هڪ مياڻ ۾

الوهيت جي بادشاهت هِنَ هُن ملڪ جي بقادار حڪومت آهي ان ملڪ ۾ پاڻهپ جي حڪومت نا مناسب آهي. ملڪ ۾ بہ بادشاهہ نہ ٿهندا آهن. سائين جي اڳيان پاڻهي جي ڪهڙي حيثيت هوندي. پاڻهي کي سائين ۾ گم ٿيڻ گهرجي.

مثال ڪنهن ٻيلي ۾ شينهن رهندو هجي ۽ جهنگ ۾ لومڙ بہ هجي ۽ ڪجهہ وقت کان پوءِ لومڙ بہ شينهن سڏرائي تہ شينهن هڪدم فناءِ ڪري ڇڏيندس.

اها وجودي ۾ نفساني هستي لومڙ آهي. جڏهن خودي خدا ۾ گم ٿيندي تہ پوءِ خدا جي گفتار شروع ٿيندي. خدا سان ڪنهن کي بہ شريڪ ڪرڻ کي مشرڪي چئبو آهي ٻن هستين جي پوڄا ڪرڻ مان ۾ الله ٻنهي جي جاڻ ۾شريڪ ڪرڻ ڪرستانين بہ ٻين هستين جي پوڄا ڪئي تڏهن مشرڪ سڏيا ويا.

هي انئي پهر نفساني هستي لومڙ آهي. جڏهن خودي خدا ۾ گم ٿيندي تہ پوءِ خدا جي گفتار شروع ٿيندي.

هي ماڻهو انئي پهر نفساني وجود جي وڏ ۾ وڏ خدمت ۾ ٻانهپ ٿا ڪن هي صرف ليکي سان پنج وقتي نماز تي خوش آهن. هت ليکي جي جاءِ تي آهي ئي ڪانہ وذڪر الله ذڪراڪثيرا کي ويجهائي ڪونہ ٿا وجن. اهي رسمي مسلمان پنهنجي ٻانهپ کي اسم اعظم سان غرق ڪري خوديءَ کي خدا ۾ گم ڪري وجهن تہ جيڪر ان مشرڪي کان آزاد ٿي پون. موحد مسلمان ٿي پون. جنهن مسلمان الله اثبات ڪيو ۾ من خدايم جو نعرو هنيو. حقيقي مسلمان اهو آهي. ٻانهپ واري فقيري ۾بہ شڪ آهي جنهن ماڻهو مشاهدي معراج ۾ جسم جي ترڪ ڪانسواءِ جسم جي قيد ۾هوندي من خدايم جو نعرو هنيو سو سخت ڪافر آهي. ان لاءِ فَجَزائهم جَهنم وَهم فِيهَا خَالِدون جو حقدار آهي. لعنت الله علي الڪاذبين جو حقدار آهي. اهو دربار الاهي مان تڙيل آهي ڇو تہ هو بيخودي ٿيوئي ناهي. نفساني خوديءَ ۾ هستيءَ سان ٿو چوي .اهو فرعوني دم آهي. عاشق جيڪي بہ من خدايم جا نعرا هنياسي سپ وحدانيت جي حالت ۾ چيائون. سو سچ آهي.منصوري دم ۾ بقادار آهي. جيئن سورتہ طٰہ ۾ موسيٰ سان خدا وڻ مان ڳالهايوهو فقال اني انا الله چيو هو. جنهن کي سپ مڃين ٿا. الا نسان سري وا انا سره آدمي جي وجود مان الله جي گفتار نڪري تہ رسمي مسلمان ان سان لڙائي ٿا ڪن. موسيٰ واري وقت ۾ الله کي جواني هئي هينئر شايد الله ڪراڙو ٿي ويو آهي. جو ڪنهن بہ وجود مان نٿو ڳالهائي سگهي قرآن ۾ آهي تہ ڪل يومُ هو في شانُ. يعني هر روز سندس شان نئون ۾ تازو آهي.

مثال جڏهن ڪنهن بہ پردي واري عورت کي جن وٺندو آهي تہ اها پردو يچي پڏر ۾ لهر ڪندي آهي .ٻولي مٿائي ٻيون ٻوليون ڳالهائي راز ۽ ڳجهہ پيئي ڳالهائيندي آهي ڏسو. تہ جن کي بہ ايترو اثر آهي. باقي جيڪو انهن جنن توڙي انسانن جوخلقيندڙ آهي ڇا ان الله کي ايتري بہ طاقت نہ آهي ڪنهن آدميءَ مان ڳالهائي سگهي ٿيو تہ جيڪو شراب ٿو پيئي ان کي شراب بہ اثر ڪري ٿو. ظاهري شراب ۾ بہ نشو آهي.باقي معنوي شراب وحدت واري اسم اعظم واري کي ايتري طاقت نہ آهي جنهن جو شان وسقا هم ربهم شرابا طهورا. آهي پوءِ ڪنهن عارف ۽ عاشق جي وجود مان گفتار ڪري تہ ان کي ڪوڙو ٿا سمجهن. عام ماڻهن ۾ ٻي سمجهن جوارمان آهي. هي آدمي جيڪڏهن اهڙو جڏو هجي ها تہ فسجدو لادم جو حڪم ملائڪن کي نہ ٿئي ها جو ڪيس ملائڪ سجدو ڪن ها. آدمي بہ اهو آهي جيڪو حضرت آدم جهڙو پاڪ ۽ صاف هجي.پوءِ اهو اڄ بہ ملائڪن جي سجود هجڻ جو لائق آهي.نڪي هرهڪ آدمي .جيڪو بہ جسم مان نڪتو سوئي پاڪ آهي. آدم ۾ اهو ڪير هو جنهن علم الاسماءَ ڪلها. جو بيان ڪيو.موليٰ علي السلام سلوني سلوني قبل ان تفقدوني فرمايو. جنهن آدميءَ الله اثبات ڪيو پوءِ ان کي ڇا سمجهي.

**بيت**

عشق آدم ۾ سچو پرپور آهہ
جنهن الله اثبات ڪيو سو نور آهہ

نور ڇا پر عين ذاتِ ذوالجلال،
بيخوديءَ جي حال ۾جنهن ڪيو ڪمال

بيخوديءَ جو حال بيخود کي خبر
محمدي معراج عاشق جي نظر.

محمدي معراج حاصل ڪيو فقر،
تاج لولاڪي جا صاحب زيب تر.

شمع ذاتي جي اڳيان پروانه ٿيا.
مالڪ الملڪ و انا رحمان ٿيا.

جلوه خورشيد وحدت ۾ فنا،
عين خورشيد الاهي حق لقا.

ان مقام تي سيڪو عاشق ٿي ڏينهن رهندو آهي. مگر شاهه منصور هن جاءِ تي ٻارهن مهينا رهيو هو. جنهنڪري سوليءَ تي چڙهيو.

ٽن ڏينهن بعد جيڪا صاحب منصور جي جاءِ آهي اتي چار اوزار ڏنا ويا. (1) شمسير الوهيت (2) تبر اعظم (3) نيزو (4) ڪلا ٻه ڪلاٻه هڪ پٽ جي ڏور ۾ پيل هو. ان محلات ڪنهڙي واري طبقه جو نالو شمس الحقيقت ۽ سياهوت آهي. جيڪا مخفي جڳهه آهي عام مشهور نه آهي عرش اعظم جي چڙهڻ وقت اهي معنوي اوزارڪم آيا. محلات مان نڪرڻ وقت انا الحق جو آواز ختم ٿيو. وري هڪ عاشقيءَ ۾ معشوقيءَ جو دستور پيدا ٿيو. پوءِ ان معشوق اهي اوزار عاشق تي وهايا.

مصرع نيزا ٻڙڇيون تبر تراريون گهوٽڻ کي گهائن. ڪلا ٻه کي جيڪا رنگين ڏوري هئي اها عاشق جي مٿي ۾ وجهي پنهنجي ٻاهران ڦيرايائين ان وقت فقير جي روحاني تصوير ٻه وجود هئي. ڦرائڻ وقت روحاني تصوير جوهر جي پيدا ٿي. جنهن تي حيرت ٻه عجب هئي. جو اسان جي ٻنهي ٻانهن جي هيٺيان سفيد نوراني پر پيدا ٿيا. جن جي سفيدي سج کان ٻه وڌيڪ چٽي هئي. هر هڪ پرجي ڊيگهه عرش کان تحت الثريٰ تائين نظر آئي. عرش عظيم وٽ ٻنهي جهانن جو خاتمو هو. پوءِ بيحد ملڪ ڏٺو سي. جنهن کي ٽيون جهان چئبو آهي جنهن جي ڪنهن ٻه ڪتاب ۾ ڳالهه

ڪانہ آهی. مگر قرآن ۾ جيڪی حروف مقطعات آهن انهن ۾ ٽئين جهان جی حقيقت اشاري طور ڏنل آهی اها حقيقت انهن اکرن ۾ آهی جن تی نڪتا نہ آهن. ڪوبہ عالم فاضل انهن نقطن کی سمجهی نہ سگهندو. بيحد ملڪ کی بقا باالله ۽ لامڪان بہ چئبو آهي.عرش اعظم جو ملڪ حد وارو ۽ ڪثرت آهی.

پرن پيدا ٿيڻ سان ان بيحد ملڪ ڏانهن پرواز ڪيوسي. هن ڳالهہ جي رسول الله صلی الله عليه وسلم جي تائيد ڪندي فرمايو آهي تہ کل مرءٔ ذي بال يطير بهيمتہ باطني طرح اهي پر هر هڪ آدمي کي آهن. ان جو مثال اهو آهي تہ بالپڻ ۾ بلوغت کان اڳي هر هڪ آدمي خواب ۾ خطري ۽ طوف کان يڪدم پرواز ڪري اڏري پوندو آهي. مگر پر ڏسڻ ۾ ڪونہ ايندا آهن جيڪي اسم اعظم جي قوت ۽ ذاتي عنايات سان کلن ٿا. ڇو تہ پرن جي رعب ۽ دٻدٻي سان قلب ڦاٽڻ جو انديشو آهي. مگر اهي پر وجودي وهمن ۽ نفساني ڪمن سبب بند ٿي ٿا وڃن. جيستائين روح نفساني غلاظتن ۽ وجودي وهمن کان جند نہ ڇڏائيندو تيستائين اهي پرڏسي ڪونہ سگهندو. جڏهن جند ڇڏايائين تڏهن ٽنهي جهانن جو اُپ سرو پرواز ٿو ڪري اهي پر بيحد ملڪ جي سير لاءِ خاص طرح سان آدمي کي ملندا آهن. ان ڪري فقير کي شهباز لامڪاني چئبو آهي. ان حد ۾ قلندر شهباز فرمايو آهي تہ

شهباز لامکانم، بيرون زکون ومکانم
مسجود انس وجانم مطلب تو آشيانم

يعني لامڪان جو شهباز آهيان ڪون وڪان ٻنهي جهانن کان ٻاهر نڪري (ٽئين جهان ۾) ويو آهيان. انسان ۽ جنن جو مسجود آهيان مگر محبوب تنهنجي (اصلي رهڻ جي جاءِ) يعني اکيرن تي پهچڻ منهنجو مقصد آهي. عرش عظيم جي محلات مان اڏرڻ وقت اسان جي پرن جو اهڙو واڪو ٿيو جو نون آسمانن ۾ غلغلو مچي ويو. جيئن ڏوهہ پندرهن جهازن جي گڏجي اڏرڻ سان واڪو ٿيندو آهي. حديث: موجب عرش عظيم جو پنڌ پنجاهہ هزار ورهين جي پنڌ جيترو مفاصلو آهي فقير اهو پنڌ عشق جي

عنايت ۾ طاقت سان طئي ڪن ٿا. ان پرواز سان هاهوت. باهوت ۾ هوءِ هواءِ جون حدون طئي ڪرٽيون ٿيون پون. اتي صرف هڪ منٽ ترسيا سون جو اتي صرف رقص جي سڪيا هئي. ان ڪانپوءِ پورب جي طرف جيڪو عاشق جي دلين ڦرجڻ جو ملڪ هو اتي پهتاسون. ان جاءَ کي بقا باالله چئبو آهي جيڪو وحدانيت جو بادشاهہ آهي سو ان اوپر طرف جي پورب واري ڪنڊ طرف آهي.

اسان بہ پهريائين هوءَ هواءِ ان لنگهندي باهوت ۾ هاهوت کان پوءِ ڏکڻ واري پورب ۾ وياسون. انهن حدن ۾اسان جي ٻارهن مهينا آمدرفت ٿي. ان کي پورب يا آڻ حد بہ چئبو آهي. اها جاءِ دلين جي ڦرجڻ ۾ حسن جي حل هنگام جي ڳالهہ آهي. جيئن بيدل فقير فرمايو آهي تہ حسن دي هل هنگام ساڏا هوش گنوايا. اتي پهتي کان پوءِ ٻارنهن مهينن تائين ننڊ ختم ٿي ويندي آهي. اها فقير جي اتنها جي چوٿين. منزل آهي پوءِ الله عاشق تہ فقير معشوق ٿي پوندو آهي. پوءِ جيڪا فقير جي مرضي تہ الله جي بہ ساڳي مرضي هوندي آهي.

سنڌي عارفن بہ پورب جو بيان ڪيو آهي. شاهہ صاحب فرمايو آهي. تہ

پوربيا پوري ويا، آسڻ آڏيءَ رات.
سيم نہ سناسين جون. پچارون پريات
ڪاجا جوڳيءَ ذات مِٿَ نہ معذورين جا.

پورب پوري ويا. آسڻ اڄ صبوح
خستوري خشبوءِ آهي آدسين ۾.

عاشقن جو هميشہ انهن ماڳن تي پيو اچڻ ۾ وڃڻ ٿيندوآهي چوٿين منزل وارن فقيرن کي راڳ ويراڳ ۾ سروزن ٻڌڻ جو ڏاڍو شوق ٿيندو آهي. جو ان کان سواءِ بيقرار ٿيندي اٿن. ڇو تہ انهيءَ حد ۾ حسن جا حملا ۾ ترانہ سروز هر وقت هلندا آهن. پهچڻ سان ئي هن خاڪي وجود جي ڪنن سان

اهي آواز ٻڌڻ ۾ ايندا آهن. عاشق ائين پيو چوندو تہ سدائين عروج ۾ پرواز هجي. وجود ڏي موٽجي ئي نہ. جسم ڏانهن موٽڻ بہ وڏي وٿي آهي. ان وقت فقير کي ملامت ۾ خواريءَ جو اهڙو شوق ٿيندو آهي جيئن بادشاهہ کي شڪار جو شوق ٿئي. دين تي ٺوڪان پيو ڪندو. ڇو تہ دين بہ عشق جو پراڻو دشمن آهي جتي تسبين جا ٺهڪا ۾ نفل نمازون هونديون اتي عشق جو ڏس ئي ڪونہ هوندوآهي. اتي رڳو مسلا مسائل جا دستور پيا هلندا آهن. ڇو تہ عاشق تہ دين کي اڌ ۾ ڇڏيندا آهن.

**بيت**

ٿيا دين ڪفر ٻئي دور. ديدان دوست اڙايون

**عاشق ظاهر ۾ عملي دين جا مخالف هوندا آهن مگر باطن ۾ حقيقي دين الله سان ملحق هوندا آهن.**

**بيت**

عشــق جــت آهــ ڪفر ايمــان نــاهــ، جــت دين ايمــان نــاهــ، اُت الله آهــ.
عشــق بــازيگــر وڏو هــي پــول آهــي. عشــق جــو هي اصــــل الٽو ٻول آهي

شـــاهـ اعظـم آهـ يـڪـا يـڪ وحـده، ڪـفر ايـمـان آدوئـي جـت احـده
لاشـريـڪ لم يلـد جنهنجو لقب. دين ايمان عشـق جي هٽ جو ڪسـب،

لـي مـع الله وقـت جـوصـــافـي بيـان. نـاهـ گنجـائش ملائـڪ انس وجـان
جـت ڪنهن مخلوق جي ناهي ڪا جاءِ دين ايمان ڪيئن رهي ٿو وٽ خداءِ
ڪفر ايمـان عشـــق آبـازي وڏي . عـام قـاســن عشــق ڪـان ٿيـا جي ردي.
عشق آهي عاشق لئہ خاص جاءِ شاهہ اڳيان عام آمد ناروا

عامي ماڻهوءَ رسمي مسلمان لاءِ جن شين جي منع ٿيل آهي تنهن کي حلال ۾ خدائي امر ٿا سمجهن. ۾ جنهن ڳالهين جو حڪم ٿيل اٿن تنهن کي منع ۾ حرام ٿا سمجهن.عبادت ۾ اوجاڳن کان جڻ منع ٿيل اٿن. مگر چوري زنا خون ڌاڙا ڪوڙ. رياءُ ڪوڙا قسم کڻڻ. ڪوڙيون شاهديون. يتيمن

جو مال دغا ۽ ٺڳي ڪي سڀ ڪي حلال ٿا سمجهن. نفس جي مخالفت ۽ حلال خوريءَ کان ڇڻ انهن کي منع ٿيل آهي. جو انهن ڪمن کي ويجهو ئين نٿا وڃن. حقيقت ۾ اهي احڪام آهي. جو انهن ڪمن کي ويجهو ئي نٿا وڃن. حقيقت ۾ اهي احڪام الاهي يدخلون فی دين الله واري عشق جي دين ۽ اسلام جا آرڊر ٿيل آهن. مثال: ذکر الله ذكرا كثيرا. يٰٓاَيُّهَا الْمُزَّمِّلُ(١) قُمِ الَّيْلَ اِلَّا قَلِيْلًا اوجاڳي ۽ ذڪر جا قانون ۽ قائدا آهن. دم قضا نه ڪرڻ لاءِ پڻ حديث: آهي ته فوت الانفاس قتل الانبياءِ بغير الحق. يعني دمن کي قضا ڪرڻ نبين سڳورن کي ناحق قتل ڪرڻ جي برابر آهي. كل نفس معدودت يعني سيئي دم يعني ساهه ڳڻيل هوندا آهن. يخرج النفس بغير ذكر الله فهو ميت يعني جيڪو دم خدا جي ذڪر کانسواءِ خالي نڪتو اهو ڄڻ مئل آهي. واذكر ربک اذا نسيت. يعني ذڪر خدا جو جڏهن وسري وڃيئي. وَمَنْ يَّعْشُ عَنْ ذِكْرِ الرَّحْمٰنِ نُقَيِّضْ لَهٗ شَيْطٰنًا فَهُوَ لَهٗ قَرِيْنٌ(٣٦). يعني جنهنجي دل خدا جي ذڪر کان خالي يعني غافل آهي. ته ان تي شيطان جو قبضو آهي. ۽ اهو ئي سندس دوست ۽ ساٿي اٿس. ڏسو ته خدا جي ذڪر جو ڪيڏو نه تاڪيد ٿيل آهي.

وَ اذْكُرْ رَّبَّكَ فِيْ نَفْسِكَ تَضَرُّعًا وَّ خِيْفَةً وَّ دُوْنَ الْجَهْرِ مِنَ الْقَوْلِ بِالْغُدُوِّ وَ الْاٰصَالِ وَ لَا تَكُنْ مِّنَ الْغٰفِلِيْنَ(٢٠٥) يعني ياد ڪر پنهنجي رب کي پنهنجي دم سان ڳجهو ۽ عاجزيءَ سان ظاهر نه متان غافلن مان ٿئين. ڪيڏا نه حق پاڪ عرش اعظم کان مشهور پيغام موڪليا آهن. وَ نَهَى النَّفْسَ عَنِ الْهَوٰى(٤٠) فَاِنَّ الْجَنَّةَ هِيَ الْمَاْوٰى(٤١) يعني جنهن پنهنجي نفس کي سڌن کان روڪيو ته پوءِ ان جي آرام سان رهڻ جي جاءِ آهي. جنت انهن حڪمن جي تابعداري ڪرڻ جو رسمي مسلمان وٽ ڏس ئي ڪونهي. محمدي مسلمان اهو آهي. جنهن ۾ مٿي ٻڌايل سمورين خاصيتون هجن رسمي مسلمان ان سچي مسلمان اڳيان ائين لڳي آهن جيئن سج اڳيان چمڙو. جن عاشقن ۽ عارفن معراج ڪيو ته انهن جي مسلماني سچي آهي ڇو ته انهن عشق الاهي جي

مٿي ٻڌايل حڪمن جي تعميل ڪئي پوءِ حق جي مدد سان حق کي رسيا. هن جسم جي جيفي کان آزاد ٿي. معرفت ماڻيائون.انهن کي رسمي مسلماني ۾ رسمي دين ڪيئن وڻندو. ڇو تہ سوا لک انبيائن اها پنجاهہ وقت نماز بہ پڙهي هئائون ۾ چاليهہ روزا بہ رکيا هئائون. زباني ذڪر بہ ڪيو هئائون. ايتري نماز سان بہ معراج حاصل ڪونہ ٿين. مگر رسول الله ﷺ ٻنهي جهانن جي گاديءَ تي ويهڻ بعد جيڪو اشتهار جاري ڪيو ان اشتهار جا جملا مٿي لکي آيا آهيون. اهي معراج واري رستي جا جملا آهن. وَالذكُر رَبكَ فِي نَفسِکَ جو نئون راهہ ۽ اسم اعظم وارو اشتهار جاري ڪيائون. جنهن اسم اعظم ۾ دم ڪمائڻ جي وسيلي محمدي معراج ٿين نڪي زباني ذڪر ۾ زباني عبادت سان حديث. پاڪ آهي تہ من قال الله لايحرف الله. يعني جنهن زبان سان الله چيو سو معرفت کي نہ پهچندو. جنهن اسم اعظم لاءِ ملان قاضي حيران آهن. ڇوڏهن سئو ورهيہ گذري ويا. آهن تہ بہ کين هٿ نہ آيو آهي. حالانڪ ڪيترن ئي هنڌن تي ظاهر آهي. تہ بہ بي اعتباريءَ سبب پڙهڻ ڏسڻ کانپوءِ کين ٿا. سچاڻن مگر فقيرن کي تہ عشق شهنشاهہ اهو اسم اعظم عنايت ڪيو آهي. جنهن جي طاقت ۽ همت سان معنوي معراج ڪري بيحد ملڪ جو پرواز ٿا ڪن . ملن ۽ قاضين عشق جي چاش نہ چکي. مسئلن ۾ منجهي مري ويا. رسول الله ﷺ جي معراج جو رستو بند ڪونہ آهي. فيض جو دروازو بند ڪونہ ٿيندو آهي. مثال بغداد جي خليفي دجلہ درياهہ تي پنهنجي لنگهڻ لاءِ هڪ پل ٺهرائي هئي جا اڄ تائين بيٺل آهي. جتان عام خاص ماڻهو جيڪي وڃڻ چاهين ٿا سي لنگهن ۽ اچن ٿا.ٻيو تہ روهڙي کان انگريزن ريل جي لنگهڻ لاءِ سنڌو درياهہ تي پل ٺهرائي هئي اتاهون بہ سيڪو ٻيو لنگهي مگر رسول الله جيڪا معرفت جي ملڪ ۾ پهچڻ لاءِ معراج واري پل ٺهرائي هئي سا ڪا بند آهي ڇا؟ زماني جي بادشاهن جون پليون بہ موجود ۽ ٺهيل آهن. باقي ٻنهي جهانن جي بادشاهہ رسول الله ﷺ جيڪا پل ٺهرائي هئي سا ڪا ڍهي وئي آهي ڇا؟ اها پل اڄ بہ عاشقن ۽ خاصن لاءِ موجود ۽ ٺهيل آهي.

جتان فقيرن جو رات ڏينهن عروج نزول يعني اچڻ وڃڻ ٿئي ٿو. مگر عامي ۽ رسمي مسلمان لاءِ اها پل نہ آهي جو هو ٽپي نہ سگهندا. پر انهن عامن لاءِ تخت الثريٰ ۾ جهنم جو رستو جاري آهي.

ڪنيرن ۾ ڪورين موچين جا دوڪان ۽ مڪان بہ قديم زماني ڪان وٺي هزارن پيڙهين تائين هلندا ٿا اچن. انهن جي دوڪانن مان بہ اج تائين سا ڳيو سامان ملي ٿو. پر انڌير ڏسو تہ رسول الله ﷺ جي فيض توحيد ۽ معرفت الاهي جو دوڪان بند ٿي ويندو ڇا؟ ان جي بند ٿيڻ جو ڪير بہ گواهي ڏيئي سگهندو.

مثال جيئن باغائي پيوندي ٻير جي اک سنڌي ۾ ڪتي ٻير ۾ ياڪتي توت ۾ هڻندو آهي. اها ڪتي ٻير يا ڪتو توت پيوندي ۾ مِٺا ٿي پوندا آهن، ان طرح جيڪو طالب رسول الله جي فيض معرفت ۾ اسم اعظم جي اک مرشد ڪان ڪتي ۾ بيڪار وجود ۾ هڻائيندو تہ اهو طالب بہ عرش عظيم جو شاهہ توت ۾ معرفت جو منو ورڻ ٿي پوندو. اهو ورڻ سيني وٽن جو بادشاهہ وڻ ٿيندو يعني سيني آدمين جو تاجدار مگر خود خدا ٿي پوندو. منجهس فيض الاهي ۾ معرفت جو منو ميوو پيدا ٿيندو. جنهن مان ڪيئي فيضياب ٿيندا. مگر ڪيس پهريائين موتو قبل انت موتو ٿيڻو يعني ملڪوت ۾پنهنجو سر وڍرائڻو پوندس. پوءِ مرشد هادي هٿان شرابا طهورا پيئندو. طالب ڪي هتي ناسوت ۾ نہ بلڪہ آسمان جي ستين طبق عالم الارواح . ۾ حاصل ٿيندو. پوءِ اهو جلد من خدايم جو طبق وڃائيندو. اهو هن ڪي جائز آهي ڇو تہ هن جي خودي خدا ۾ گم ٿي ويندي آهي. فقير بہ ان جو لقب آهي. ان حال ڪانسواءِ ڪنهن بہ طالب جي فقيري الواٽي آهي.

ٻيو جيڪڏهن ڪميشن جو امتحان پاس ڪندو تہ ڪمشنر يا ڊپٽي ڪمشنر ٿو سڏجي. ماءُ پيءُ وارو نالو ڍهي ٿو وڃيس. ان طرح هي اسم اعظم بہ الوهيت ۾ خدا ٿيڻ جو علم آهي. جيڪو بہ اهو لدني علم جو باب عشق جي اسڪول ۾ پڙهندو ۽ چار امتحان پاس ڪندو تہ پوءِ آدم مان الله

ٿي ويندو. سندس نالو هستي حق جي هستي ۾ گم ٿي ويندا. رسول الله جو فرمان آهي تہ الفقر فخري فقير منهنجو فخر آهن

لدني علم جي تشريح هيءَ آهي تہ اثين آسمان في فنا في الرسول جبروت جو مقام آهي. اها رسول الله ﷺ جي جاءِ آهي. ان جي مٿان هڪ آسماني طبقو عرش عظيم آهي جا ذات ذوالجلال جي بادشاهت ۽ حڪومت جي دربار آهي آدميءَ جو فخر ۽ عزت سر ۾ آهي مٿي تي جيڪا دستار يا تاج رکبي آهي سا عزت ليکبي آهي. تهڙي طرح رسول الله ﷺ جي حدفنا في الرسول جي حد کان هڪ درجو مٿي آهي. ان حد ۾ وصال حاصل ڪبو آهي. انهن فقيرن جي باري ۾ اها حديث آهي جيڪي ذات حق ۾ محيط ٿيا. ۽ مستغرق ٿيا. جيئن پروانو شمع ۾ سڙي عين شمع ٿي پوندو آهي. رسول جو فخر ۽ مٿي جي تاج بہ آهي فقير آهن. جن جو درجو فنافي الله آهي. رسول جو فخر ۽ مٿي جي تاج بہ آهي فقير آهن. جن جو درجو فنا في الله آهي. الفقر خزينتہ من خزائن الله فقير الله جي خزانن مان هڪ خزانو آهي يعني فقير جي دل الاهي خزاني جي هڪ ڪوٺي آهي. جتي اسم اعظم جي دنيا ۽ روڪڙ پيل آهي. فقير ان خزاني جا ڪنجي بردار آهن. جتان سخا هلي ٿي. اها سخا فيض معرفت ۽ توحيد جي محبت ۽ الله جو رستو جاري آهي. سائل خدا جا طالب آهن. جيڪي مرشد وٽان اسم اعظم جو دان وٺي قيامت تائين ڍاپي ٿا وڃن.

اِنَّا عَرَضْنَا الْاَمَانَةَ عَلَى السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ وَ الْجِبَالِ فَاَبَيْنَ اَنْ يَّحْمِلْنَهَا وَ اَشْفَقْنَ مِنْهَا وَ حَمَلَهَا الْاِنْسَانُ اِنَّهٗ كَانَ ظَلُوْمًا جَهُوْلًا (۷۲)اها امانت عشق جي امانت هئي. جنهن جي کڻڻ کان زمينن آسمانن ۽ جبلن انڪار ڪيو مگر آدم اهو عشق قبول ڪيو عشق اهڙي آفات آهي جو جنهن وٽ اچي تہ درد بلا ۽ مصيبتون عطا ڪريس. مگر عاشق وٽ اهي ڏک ۽ مصيبتون هزارن عيدن ۽ خوشين کان وڌيڪ آهن. حقيقت ۾ ڪوبہ انبياءُ يا عارف انهن ڏکن کان بچيل نہ ڏٺوسين. جن محبوب جو اهي مصيبتون ۽ ملامتون سٺيون سي مرد مردانہ رند رندانہ عاشق آهي جيڪو سک ۽ نيڪنامي چاهيندڙ

سو نامرد آهي. عاشق اڳيان اهو پاڳل ۽ ٺوڪو آهي. اهو عشق جي درٻار مان تڙيل آهي. جن سُک ماڻيا سي ظاهر ۾ بہ هئا باطن ۾مئل آهن ۽ نا قبول آهن. جن ڏک ڏٺاسي ظاهر باطن زنده آهن. انهن بقادار حياتي حاصل ڪئي. اِنَّ الۡمُتَّقِيۡنَ فِىۡ جَنّٰتٍ وَّ نَهَرٍ (۵۴) فِىۡ مَقۡعَدِ صِدۡقٍ عِنۡدَ مَلِيۡكٍ مُّقۡتَدِرٍ (۵۵) انهن جي جاءِ آهي عشق رڳو سوز گداز آهي درد آهي لاسمعيٰ في الارض ولافي السماءَ ولکن ليسفيٰ في عبدالمومن. اهو عشق جو فرمان آهي جو عشق جو بار آدم کنيو. جيئن ڪڪڙ اُٺ جي دعوت ڪئي. اُٺ اچڻ سان کڏي تي لت رکي کڏي ڀڃي وڌائين. ڪڪڙ جا سڀ آنا ٻچا لتاڙي پيڻڪ ڪري ڇڏيائين. سو هي آدمي بہ ڪڪڙ آهي ۽ حضرت عشق اُٺ آهي.

**بيت**

بديدم عشق راسر مست مي گفت بلايم من بلايم من بلايم

ڏٺم تہ عشق مستيءَ مان پي چيو تہ آءُ بلا آهيان آءُ بلا آهيان بلا آهيان بلا ڏک ۽ مصيبت،

هر آن کس کي اوبه ورزد عشق مارا جفايم من جفايم من جفايم

جيڪو ماڻهو منهنجي عشق کي قبوليندو ( ان لاءِ) مان جفا آهيان جفا آهيان جفا آهيان.

بهر جائيکه من آيم به رحمت عطايم من عطايم من عطايم

جنهن بہ جاءِ تي مان ٻاجهہ ڪري اچان تہ عطا آهيان مان عطا آهيان عطا آهيان.

## مئو من جي وصف

مئومن اهو آهي جنهنجي دل الله جو آئينو هجي. جاڏي ڏسي تہ الله پيو ڏسي. سندس نظر آسمانن مان ائين ٽپي جيئن تير ڍال مان ٽپي ويندو آهي. عرش عظيم کي ائين ڏسي جيئن هٿ جا ليڪا ڏسبا آهن سيني آسمانن مان سندس نظر ائين پار وڃي جيئن اڃي ڪائي مان آر پار ڏسبو آهي.

حديث: ''الموءمن حيٌّ في الدارين بل هم احياءُ عند ربهم''

مومن ٻنهي جهانن ۾ جيئرو آهي پر اُهي جيئرا آهن ۽ موجود ۽ حاضر رهن ٿا. پنهنجي پالڻهار وٽ '' الموءمن مرآت الرحمن'' مومن الله جو آئينو آهي قرآن ۾ ڪيترا دفعا ياايُهاالّذين آمنو چيل آهي نڪي يا ايها المسلمين چيل آهي مومن سان ذات ذوالجلال مخاطب آهي نہ مسلمان سان. ڇو تہ ذاتي زبان ڪي بہ ذات جا ماهر سڃاڻيندا. جو مومن ايمان وار آهن. اهي هر وقت حق ڪي ڏسن ٿا. قرآن ۾ معرفت الاهي جي مقامات ۽ منزلن ۽ معراج ۽ علم اليقين جون حقيقتون آهن.

جن مومن جون ڏنل آهن سي انهن ڳالهين ڪي ڄاڻيندا ۽ قدر ڪندا آهن. جنهن بہ حد ياڪنهن آسماني منزل جو بيان ڪجي تہ مومن اڳيان آئيني وانگر سامهون ڏسي مومن جو مثال ائين آهي جيئن ڪنهنجو ڪراچي شهر ڏٺل هجيس پوءِ ٻيو ڪو واقف شهر ياپار پتا پڇيس تہ هڪ دم پار پتا ٻڌائيدس ۽ ڳالهہ ٻڌڻ مان مزو پيو ايندس. بروهين جي ٻولي بروهي ڄاڻيندو سنڌي ڇا سمجهندو تڏهن الله تبارڪ وتعاليٰ ساري قرآن پاڪ ۾ يا ايها المسلمين. جو صيغو استعمال ئي نہ ڪيو آهي. ان ڪري مومن ۽ مسلمان ۾ زمين آسمان جو فرق آهي.

رسمي مسلمان ڇڙو نماز پڙهي پوءِ ڪهڙا بہ گناهہ ڪري ۽ جنهن مهل پوتي پٿاري نماز پڙهي پوتي ڇڏيندو تہ جيئن پوتيءَ مان ڪل ڇٽي پون تيئن سندس سمجهہ مطابق سندس گناهہ بہ ائين ڇڻي پوندا. اها رسمي مسلمان جي نماز آهي صبح ڪان وٺي ٻيپهري تائين الله ڪي سينڊ بہ ڪونہ ڏين صبح ۽ ٻيپهري جي وچ ۾ جيڪي گناهہ ڪن سي سڀ پوتيءَ ڇنڊڻ سان ڪيرايون وجن. مگر الله ڪو اهڙو پورو سمجهيو اٿن جو روزانو وارا گناهہ ڦٽي ڪندو ويندن. هوڏانهن. فَمَنۡ يَّعۡمَلۡ مِثۡقَالَ ذَرَّةٍ خَيۡرًا يَّرَهٗ(۷)وَ مَنۡ يَّعۡمَلۡ مِثۡقَالَ ذَرَّةٍ شَرًّا يَّرَهٗ(۸) يعني جيڪو بہ ذري جيتري چڱائي يا برائي ڪندو تہ اهو قيامت ۾ ان ڪي ڏسندو.قرآن پاڪ ۾ واضع ٻڌايل آهي. ٻيا مڪر ۽ اٽڪلون نفساني آهن. ذات ذوالجلال اڳيان سڀ ڪجهہ نيڪ

روشن آهي. مڪر مڪر الله والله خير الماڪرين. ڪي ڏسڻ گهرجي وان ڪان مڪرهم لتزومنہ الجبال. الله اهڙو ڪو اياڻو آهي جنهن جي اڳيان جبل بہ ضعيف آهن. رسمي مسلمان جيڪا نماز پڙهن سان بہ خيالن خطرن ۽ دينوي ياد گيريءَ يعني دل جي حضور ڪانسواءِ نماز ٿيندي ئي نہ آهي اهڙا حڪم ٻڌي پوءِ بہ دل ڪي حق جي حضور ۾ حاضر نہ ڪن پوءِ بوتو جيڪو الله جي آڏ ۽ آڙ اٿن. اهو سدائين خوش ۽ متارو هجين. سدائين پيو عيش عشرتون ڪرين. متان ڪا بيماري ٿئين ۽ متان ڪا سندن بوتي مٿان چپ نہ ڪڙڪين ۽ ڪو بوتي ڪي ٽنگ نہ ٿي پوين. اپي اڱر ڪٽي آسمان ڏانهن گهمائن تہ جيئن هميشہ هٿ مندل پيو ڪري اعداني وعدوڪ نفسڪ التي بين الجنبيڪ حديث قدسي اهو نفس منهنجو يعني الله جو ۽ اوهان جو دشمن آهي. جيڪو توهان جي پاسي ۾ اٿو. پوءِ ان دشمن لاءِ دعائون پيا گهرن. پنهنجي سڄي عبادت ان ڪي ڏاڍو ڪرڻ لاءِ ڪپائن.

روح جو ڪاڏو ذڪر الاهي آهي. سو هنن ڪي هٿ نہ آيو اهو هنن ڪي سندن مرشدن ڏسيو ئي ڪين هو.اهي ئي خود الله جي ذڪر واري رستي ڪان انڌا هئا. من ڪان في هذهٖ اعميٰ فهو في الاخرت اعميٰ. جيڪو هت الله جي ذڪر ڪان انڌو هوندو تہ اهو قيامت ۾ بہ انڌو هوندو مرشدن پنهنجي مريدن ڪي رڳو نفس پروري ۽ دعائن گهرڻ جي عادت سيڪاري ٽڪي جي نماز پڙهڻ ۽ الله ڪان وري بهشت گهرن ڇو تہ جيئن هتي شهواني شوق ۾ گذاريائون تہ اتي بہ ائين مزا وٺن. اهو خيال اٿن تہ جيئن هت زالن سان جماع راني ڪيون ٿا تہ هت بہ حوران ملن تہ اتي بہ عيش ماڻيون.ان مان معلوم ٿيو تہ اها نماز الله جي بندگي نہ ڪيائون مگر بهشت جي آسري تي ۽ حورن ملڻ لاءِ مزدوري ڪيائون.

هاڻي بهشت ڏنوسي تہ اهڙي شيءَ آهي جو حضرت رسول الله ﷺ پير موليٰ علي عيلہ السلام پنجتن پاڪ ۽ ٻارنهن امامن ڪانسواءِ ٻيا سڀ انبياءِ ۽ قبول پيل عبادتي بهشت جا حقدار بهشت جي دروازي ڪان اٺڪل چاليهہ قدم پري انتظار ۾ بيٺا آهن. اهو لقاءُ اسان آسماني سير وقت ڏٺو.

انهن ماڻهن جو ايترو ميڙ هو جيئن ميلي ۾ خلق ۾ خدا گڏ ٿي بيهندي آهي. انهن کي به اچا بهشت ۾ وڃڻ لنگهڻ جي بندش آهي. ڇو ته بهشت جو دروازو بند آهي جيڪو قيامت واري ڏينهن کان اڳ نه کلندو. بهشتي ٿيڻ به ڪو سترو نه آهي. گمراهن کي بهشت نه ملندو. جنس جنس سان ملندي لايموت اهل الجنه.

بهشت جي دروازي تي رضوارن نالي هڪ پاڪ نوراني صورت سان حسين ترين ملائڪ بيٺو آهي. هي دروازو حڪم کان اڳ نه کوليندو. بيٺل بهشتين کي بهشت جي باغ جي خوشبوءِ اچي ٿي ته هو دروازي جي ويجهو اچن ٿا. ته اهو نوري ملائڪ کين موٽائي ٿو ڇڏي بهشت جو دروازو اولهه طرف کان آهي . ان باغ جي پت جو رنگ سفيد چوڏهين جي چنڊ جهڙو آهي. جنهن کي چاندي جي پت به چئي سگهجي ٿو. اندرين وٽڪارن انگريزي ٻوٽن وانگر ڪينچيءَ سان ڪتريل نظر ٿا اچن. حورن جي شڪل خوبصورت زالن جهڙي آهي. ۽ سندن چپن جو رنگ مرجان جهڙو آهي. انهن جا وار ڏگها مگر پيچ پيچ چلن وانگر آهن. سندن مٿن وارين چادرن جو رنگ گلابي آهي جسم تي ڪپڙا بخمل ۽ ماهوت جا ڪارا ڪوٽ پيل اٿن. بهشت جي باغ ۾ ستر نهرون گهمنديون آهن. سندن وار پنيان ڪيليل آهن.

حضرت عيسيٰ موسيٰ ۽ يوسف عليه السلام ڏٺاسي جي پڻ اجتماع ۾ گڏ بيٺل هئا. سيني انبيائن مان به نبي موسيٰ ۽ يوسف عيله السلام اسان جي تعظيم لاءِ اڳتي وڌي آيا. مگر ان نوري ملائڪ پاڪ جنهنجا ڪن وڏا ۽ چار پير اٿس انهن کي اسان ڏي اچڻ نه ڏنائين. ان وقت اسان به رضوان جي پير ۾ بيٺا هئاسون. رضوان جي نه ڇڏڻ تي بيئي نبي ڪلڻ لڳا ۽ چوڻ لڳا ته اسان کي اهو ملائڪ تعظيم لاءِ دروازي جي ويجهو اچڻ به نٿو ڏئي يوسف عليه السلام کي باطن ۾ دنيا وارو حسن ڪونه هو معلوم ٿيو ته هن دنيا ۾ حسن جو حصو ورتو هو. فقيرن جو سير بقا باالله جي درجي حاصل ڪرڻ کان ٻارنهن مهينا پوءِ ٿيو. جڏهن ڏکڻي پورب کان مٿجي اترئي بقادار پورب

ڀرياسون تڏهن اهو سير ڏسڻ ۾ آيو. ائين هلندي سڀ ڪجهہ ڏٺوسي. رضوان وٽان بہ هلندي هلندي نڪتا وياسون. چوٿہ فقير کي بهشت جي طمع آهي ٿي ڪانہ وري ان تي نظر ٿي پوندي ڇوتہ فقير طالب العقبيٰ مئونث نہ آهن مگر فقير طالب المولىٰ مذڪر مرد آهن. اسان کي درياهہ اعظم عشق شهنشاهہ جي درياهہ جي ڪن يا ٻار جي ڇڪ وانگر ڪشش هئي جو بهشتن ڏانهن خيال ڇڪ ٿي نہ ڪئي تنهي مڪانن فنافي الشيخ. فنافي الرسول ۽ فنا في الله مان اسان جو عروج ٿيو. پر ٻارهن مهينا اهو عروج ساندهہ ٿيندو رهيو. آسمان وٽان سوا پهر سج واري جاءِ تان ڏکڻ پورب وٽان ٿيو. جڏهن اتر پورب بقا باالله ۾ عروج ٿيو تہ اڳيئن تنهي مڪانن وٽان لنگهڻ بند ٿي ويو. پوءِ سڌو سنئون اترئين پورب ۾ اچڻ وڃڻ ٿيو. مگر جنهن وقت خيال ڪجي پيو تہ هنن ٽن مڪانن جو بہ ديدار ٿئي پيو. وڪڙ ڪپڻ لاءِ سنئون سڌو رستو جاري ٿيو. ان وقت ۾ غلمانن وارو بهشت بہ ڏٺوسين غلمانن جي صورت تمام سهڻي نا بالغ نينگرن جهڙي ڏکهن وارن سان هئي. جيڪي سونن تختن تي ويٺا آهن. جن جي هٿن ۾سرود هئا جن کي وڄائن بہ پيا ۽ ناچ بہ پيا ڪن. انهن جي آواز مان اسم اعظم جو آواز پيو اچي. جو حضرت عشق شهنشاهہ جي تعريف ۽ واکاڻ پيا ڪن. انهن تختن تي موتين هيرن ۽ لعلن جو جڙاءِ آهي. اهو بهشت فنا في الرسول جي منزل اتي رهت ٿيندي آهي. فنافي الشيخ وارن فقيرن جو پهريون بهشت آهي. عشق جي معراج وارن پنهنجو سر عشق جي اڳيان اڇليو. پوءِ عشق شهنشاهہ جي مرضِي آهي. تہ جن فقيرن کي بقا باالله جي درجي سان پاڻ وٽ گهرائي ۽ ڪن کي وري فنافي الرسول جي حد ۾ سڄي عمر رهائي ۽ ڪن کي وري سڄي عمر فنا في الشيخ ۾ رهائي وجهي اهي ٽيئي ذاتي حدون آهن. اهي حدون بہ وڏي طاقت واريون آهن جيڪو فنا في الله ۾ ويو تہ هميشہ ان حد ۾ نہ رهندو. مگر ٽن ڏينهن کان پوءِ بقا باالله واري حد ۾ پهچندو بقا باالله جي درجي جي پهتل عاشق جسماني دم پوري ٿيڻ بعد

عرش عظيم جي محلات وٽ رهندو. سندس روح هميشہ ڳڊريل عاشقن سان گڏ طواف ۾رهندو.

## باقي ڇهن بهشتن جو احوال

بهشت اهڙي نعمت آهن جن جي حقيقت ٻڌڻ سان معلوم ٿيندو تہ انهن جوملڻ بہ ڏاڍو مشڪل آهي. جيتري نعمت الاهي آهي اوتري قيمت بہ آهي. جن جي لنگهڻ لاءِ سوا لک انبياءِ جي قبول پيل عبادتي بہ حيران آهن جن کي قيامت واري واعدي کان اڳ اندر لنگهڻ نٿا ڏين. بهشت بہ انهن کي ملندو جن جي چال چلت بہ انبيائن واري هوندي اها سڀ ڪنهن جي جاءِ نہ آهي بهشت جي نعمت بہ اهڙي نعمت جي لائق ماڻهن کي ملندو. اهڙن ملن کي جيڪي پيٽ خور ختمن جماڻن تي پيا ڏڪا کائڻ ڏيکاءَ لاءِ نمازون پڙهڻ تہ جيئن ماڻهو ڏسي سندن تعريف ڪن. فارسيءَ ۾ چوڻي آهي تہ حلو خوردن را روءِ بايد" يعني حلوه کائڻ لاءِ بہ مهاندو کپي. مسجد ۾گهرن تہ هيڏي هوڏي پيا نهارين تہ هن ڪو ڏسي نہ نمازي آهي. نفس جي خوارڪ کائي الحمد الله چون تہ شال اهڙو ڏهو روزانو پيا ڪريون. الله جو صحيح شڪرانو ائين آهي. تہ ذڪر اسم اعظم جي برڪت سان جسم مان نڪري معراج حاصل ڪري جتي عاشق عشق ۾ معشوق هڪ ٿئي.تہ ذاتي شڪرانو اهو آهي. يا وري ڪو شهود يا رسول الله صلى الله عليه وسلم جي زيارت ڪن جنهن کي روحاني خوارڪ چئجي.انهن آدمين کان ڏوَ تي شڪرانو پولو نفس ٿو ڪرائي. اهو بادر نفس وات بڇڙو اتڪلي اهڙي شاڪر خان جي منهن ۾ لانگ ڪٽي مٽي ٿو. اهي اٺ ئي پهران مڪار باندر نفس کي ڏين. ان باندر نفس لاءِ قرآن ۾ نہ ٻڌو اٿن تہ قُلْ اَعُوْذُ بِرَبِّ النَّاسِ ۙ الله ايمان وارن کی ان باندر جی حرڪتن کان پناهہ گهرڻ سيکاري ٿو. الْخَنَّاسِ(٤)الَّذِيْ يُوَسْوِسُ فِيْ صُدُوْرِ النَّاسِ ۙ اهو خناس آدمين جي دلين ۾ سنڌون ٿو ڪري اهي نفساني سنڌون گمراهيءَ جو منڍ آهي خداوند ڪريم ان جي سڌن جي تابعداري ڪرڻ کان پناهہ گهرڻ ٿو سيکاري.

ونهى النفس عن الهوىٰ فان الجنت هي الماويٰ. نفس کي سڌن کان بند ڪريو ته بيشڪ اوهان جي رهڻ جي جاءِ جنت آهي. نفساني سڌون بند ڪرڻ جو ايترو تاڪيد آهي. مگر اهي سڌون ذڪر ڪانسواءِ بن ڪونه ٿينديون. ذڪر الاهي ڪمائبو ته سڌان از خود بند ٿي وينديون. پوءِ سيني ۾ نور الاهي پيدا ٿيندو. ذڪر حق سان بي انداز روشنائي پيدا ٿيندي. سڌون معدي نفس باندر جي رهڻ جي جاءِ مان پيدا ٿينديون. آهن سڌن جي دونهين سان دل ڪاري ٿي ٿئي. جنهن ڪري آدمي جي دل خدا ڏسڻ کا انڌي ٿيو پوي. هاڻي ثابت ٿيو ته جيڪي حق جا ذاڪر آهن سڄي عمر تائين جسم جي قيد مان نه نڪتا ۽ معراج حاصل ڪري نه سگهيا. سي بهشت جا حقدار آهن. نڪي پيا جيڪي ان باندر نفس جا فرمانبردار آهن.

حضرت دائود نبيءَ کي حضرت عشق شهنشاهه سڌن کان بچڻ ۽ مخالفت جو تاڪيد ڪيو هو. ان جو به اهوئی سبب هو. يٰدَاوٗدُ اِنَّا جَعَلۡنٰكَ خَلِيۡفَةً فِى الۡاَرۡضِ فَاحۡكُمۡ بَيۡنَ النَّاسِ بِالۡحَقِّ وَ لَا تَتَّبِعِ الۡهَوٰى.يعنی اي دائود بيشڪ اسان توکی زمين تی پنهنجو نائب ڪري موڪليو آهی پوءِ تون ماڻهن ۾ انصاف سان حڪومت ڪر ۽ سڌن جی تابعداري نه ڪجانءِ. ان مان ثابت ٿيو ته نه رڳو عام ماڻهن کی سڌن ۽ گمراهی کان منع آهی. مگر نبين ۽ خاصن کی به سڌن جی تابعداري مان گمراهیءَ جو خطرو آهی. ڇو ته خداوند ڪريم دائود نبی کی صاف ٿو ٻڌائی ته توکی سڌن جی تابعداري گمراهه ڪندي. هر هڪ سڌ کی تصوير آهی.جنهن ڪم جی سڌ ٿيندي ان ڪم جی تصوير دل ۾ بت وانگر ٽڪاڻو ڪري ويهندي. پوءِ جنهن دل ۾ نفسانی تصويرون جا بت موجود آهن ته جڻ ان آدمی انهن بتن جی پوڄا ڪئی. انڪري اهو آدمی مسلمان نه ليکبو مگر مشرڪ ڪافر بت پرست چئبو. پوءِ جنهن جی دل نفسانی سڌن جو بت خانو هوندي ته اتی ذات ذوالجلال جی عشق پاڪ جي آمد ڪيئن ٿيندي. ان دل ۾ انبيائن ۽ اوليائن جو اچڻ به نه ٿي سگهندو.

عام آدمي انڌا ۽ عشق کان اوجهل ان ڪري آهن جو هنن جي دل ۾ غير حق جي محبت گهر ڪري ويئي آهي ۽ سڌن انهن جي دل جي آئيني کي ڪارو ڪري ڇڏيو آهي. مثال ڪوبہ آدمي جهاز ٿو هڪلي يا ٻڪريون ٿو چاري تہ رات جو ننڊ ۾ سندس وات مان اهي هڪلون ۽ آواز پيا نڪرندا سپاٽي حشر ۾ بہ اهي آدمي الله کي فيصلہ ڪرڻ ۾ ڪا تڪليف ڪونہ ڏيندا قبر ۾بہ ساڳيو بيان پيا ڪندا ۽ پڙهندا پيا هاڻي ٻڌايو تہ اهڙن کي بهشت ملڻ مشڪل آهي. يا سولو. الله ڏسڻ ۽ ملڻ تہ پري رهيو.

ڪهڙا نہ مسلمان بيوقوف آهن. ائين نٿا سمجهن تہ جيئن آسمان زمين ۾ بهشت ٺاهيا آهن ان کي بہ ڪو زيب زينت يا حسن هوندو تہ جيڪو بادشاهن جو بادشاهہ آهي. اڳ ۾ گهرجين تہ ان جو ديدار طلب ڪن. پوءِ ڏني مختيار آهن پوءِ جي نہ وٺين تہ اسان تي مبارڪن ۽ ساري عمر غير حق جي جيڪر گهر ئي ڪونہ ڪن دنيا .عقبيٰ جي بادشاهہ جي صورت ڏسي دنيا عقبيٰ کي ٺڪ هڻن رسول الله حديث فرمائي تہ ان الله لا ينظر الیٰ صورکم ولکن الله ينظر علیٰ قلوبکم بيشڪ الله تعالیٰ اوهان جي تصويرن ۽ مال ملڪيت ڏي ڪونہ ٿو ڏسي مگر اوهان جي دلين ڏي ڏسي ٿو.

آدمي جي قلب تي الله جي نظر ان ڪري آهي تہ ڏسان تہ ماڻهن جي دل ۾ منهنجي محبت ۽ يادگيري آهي يا نفساني سڌون ٿا رکن الله بہ دلين پرکڻ لاءِ اهو امتحان رکيو آهي.

قرآن ۾ آهي تہ اِنَّمَا جَزٰٓؤُا الَّذِيۡنَ يُحَارِبُوۡنَ اللّٰهَ وَ رَسُوۡلَهٗ وَ يَسۡعَوۡنَ فِى الۡاَرۡضِ فَسَادًا اَنۡ يُّقَتَّلُوۡۤا اَوۡ يُصَلَّبُوۡۤا اَوۡ تُقَطَّعَ اَيۡدِيۡهِمۡ وَ اَرۡجُلُهُمۡ مِّنۡ خِلَافٍ اَوۡ يُنۡفَوۡا مِنَ الۡاَرۡضِ ؕ ذٰلِكَ لَهُمۡ خِزۡىٌ فِى الدُّنۡيَا وَلَهُمۡ فِى الۡاٰخِرَةِ عَذَابٌ عَظِيۡمٌ (۳۳) يعني جيڪي ماڻهو الله ۽ رسول سان وڙهن ٿا ۽ ملڪ ۾فساد پکيڙيندا ٿا وتن. انهن جي اها ئي سزا آهي تہ قتل ڪيا وڃن سا سوليءَ تي چاڙهيا وڃن انهن جا هٿ پير وڍيا وڃن يا زمين تان ڪڍيا وڃن.انهن لاءِ دنيا ۾ اهائي رسوائي آهي ۽ انهن تي آخرت ۾بہ وڏو عذاب ٿيندو.

الله ۽ رسول ﷺ سان لڙائي ڪهڙي آهي خداجي زمين ۾ فساد ڪهڙو آهي اها لڙائي آهي الله ۽ رسول حڪتمن جي نافرماني ڪرڻ. ٻي طرح آدمي ذات ذوالجلال سان ڪهڙي جنگ ڪري سگهندو. اها ٻي فرماني آدمي جي وجدو مان پيدا ٿيندي آهي. ساسپ نفساني سڏن جي تابعداري مان ٿيندي آهي.

هن مان ثابت ٿيو تہ سڏن جو دل ۾رهڻ نفس جو چيو مڃڻ گويا الله سان ۽ الله جي رسول سان جنگ ڪرڻ برابر آهي. زمين ۾ فساد ڪرڻ زمين بہ اها دل آهي جنهن جو عرض الله واسعت لقب آهي ان ۾ فساد ڪرڻ بہ سڏن جي تابعداري ۽ پوڄا ڪرڻ آهي . نوراني دل ڪي وهمن جي دونهين سان ڪارو ڪرڻ معرفت جي روشنائي بند ڪرڻ دل الله جو تخت آهي ان ڪي نفس جي وهمن جي قبضہ ۾ ڇڏڻ ائين آهي جيئن رسول الله جي تخت تي ابوجهل ڪي ويهارڻ.

حضرت سليمان جو تخت ۽ منڊي ديو جي هٿ ۾ اچڻ وڏي نامناسب ڳالهہ آهي. پوءِ اهڙي جا هٿ پير وڍيا ويندا. سوليءَ تي لٽڪائي زمين تي ناس ۽ نابود ڪيا ويندا. انهن لاءِ دنيا عقبيٰ ۾ وڏو عذاب آهي.يعني انهن نفس پرستن ۽ هوس جي پوڄارين ڪي حالانڪہ انهن ڪي آسماني سير لاءِ پرواز جا اوزار بہ مليل هئا. آخرت ۾ اهي ۽ سندن هٿ پير وڍيا ويندا. جيئن سندن روح بہ سير نہ ڪري سگهي توحيد جي گفتار ڪرڻ وارو سِرُ سوليءَ تي چڙهيو.

سر ۾مکيہ تي شيون رکيل آهن. ڪن اکيون ۽ زبان آهي روح جا مکيہ دروازا آهن. جنهن سر ڪي روحاني طرح اندران گهٽوا ڇي ويو سو ڄڻ سوليءَ تي چڙهي مري ويو. ان جون اکيون ڪن ۽ زبان بند ٿيا. ڪن خدا جي الهام ٻڌڻ لاءِ آهن زبان توحيد جي گفتار ڪرڻ لاءِ آهي ۽ ذڪر الاهي ڪرڻ لاءِ اکيون عرش جي شهود ۽ ديدار لاءِ آهن اهي سڀ روح جا غضوا نفس جي تابعداري ڪري بند ٿي ويا آهن. ڇو تہ جڏهن روح جو سفر نفساني هوسن ۽ سڏن جي ڪري لٽجي ويو. پوءِ مکيہ عضون جي بيڪار ٿيڻ ڪري لاشو

بنجي ويو.خَتَمَ اللهُ عَلَيٰ قُلوبِهِم وَعَلَيٰ سَمعِهِم وَعَليٰ اَبَصارِهِم جو اهو مطلب آهي دنيا عقبيٰ ۾ ان کان بيو ڪوبہ وڏو عذاب ڪونہ آهي جو آدميءَ جو روح هٿن پيرن کان ٽنڊو گونگو ۽ ڪنن کان ٻوڙو ۽ اکين کان انڌو بنجی وڃی. اهوعذاب ڪافی آهی. وَالَّذِيْنَ يَنْقُضُوْنَ عَهْدَ اللّٰهِ مِنْۢ بَعْدِ مِيْثَاقِهٖ وَيَقْطَعُوْنَ مَآ اَمَرَ اللّٰهُ بِهٖٓ اَنْ يُّوْصَلَ وَيُفْسِدُوْنَ فِي الْاَرْضِ اُولٰۗىِٕكَ لَهُمُ اللَّعْنَةُ وَلَهُمْ سُوْۗءُ الدَّارِ(٢٥). يعنی جيڪی ماڻهو خدا جی وعدن کی پڪی ڪرڻ کان پوءِ ٽوڙين ٿا ۽ خدا تعالیٰ جی لاڳاپن جی قائم رکڻ جو حڪم فرمايو آهی انهن کی بہ ٽوڙين ٿا ۽ دنيا ۾ فساد ڪن ٿا. اهڙن تی لعنت آهی ۽ انهن لاءِ هن جهان ۾ خرابی هوندي، ان آيت جو مطلب بہ اهو آهی. خدا جی نافرمانی ۽ الست واري انجام کی ٽوڙڻ ۽ سڌن جی خيالن جی تابعداري ڪرڻ لاءِ سيئی شرارتون پيدا ٿين ٿيون پوءِ ذات ذوالجلال انهن وهم پرستن کی پاڻ وٽان تڙائی جهنم ڏانهن ٿو موڪلی. بهلول داناءَ بہ دنياوارن کي چريو ڪوٺيو آهي. قرآن پاڪ بہ اهڙيون ثابتيون موجود آهن. اَلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَتَطْمَىِٕنُّ قُلُوْبُهُمْ بِذِكْرِ اللّٰهِ اَلَا بِذِكْرِ اللّٰهِ تَطْمَىِٕنُّ الْقُلُوْبُ(٢٨). يعني جن ايمان آندو تن جي دلين خدا جي ذڪر سان قرار حاصل ڪيو. خبردار الله جو ذڪر ۽ ياد سان دلين کي سڪون ۽ قرار ملندو آهي. خدا جو ذڪر قلب جوقرار آهي. حق جا ذاڪر قلبي قرار ۾ آهن ان مان معلوم ٿيو. تہ خدا جي ذاڪرن کانسواءِ ٻين دنيا وارن آدمين جا قلب بيقرار آهن. چرين ۽ سودائن جي دل پريشان ٿيندي آهي.ڏسو تہ دنيا وارن جوقلب رڳو نفساني خواهشن سان پريشان ٿيو. خدا جو ذڪر دانائي ۽ ذاڪر داناءَ آهن. وهم ناداني ۽ وهمن وارا نادان آهن.

رسول الله صلی الله عليه وسلم قلب جي ڪس لاهڻ لاءِ فرمايو آهي. تہ قلب جي ڪس ذڪر الاهي کانسواءِ نہ لهندي چو تہ قلب پاڪ جاءِ آهي جنهن ۾ ذات حق جي رهت آهي. ان ۾ پاڻي بہ وڃي نٿو سگهي ٻين عضون جي غلاظت پاڻيءَ سان ڌوپندي آهي مگر دل ۾ اگر ڦڙو پاڻي جو ڦڙو پئجي ويندو.

آهي تہ هڪدم هشڪ اچي ويندو آهي. قلب اهڙي نازڪ شيءِ آهي. جنهن ۾ شاهہ اعظم جو آشيانو آهي.

ساهہ هڪ جهلي وانگر آهي. جيئن بنگلن ۾ پکا هوندا آهن. ائين هي ساهہ قلب جي ڪوٺي ۾ هوائي جهلي آهي تہ متان شاهہ اعظم کي ان قلب جي ڪوٺي ۾ ڪا تڪليف ٿئي.

روح بہ ذات جو حصو آهي ان قلب جي صفائي لاءِ ذڪر الاهي ناهيل آهي جنهن جي ڪمائڻ سان قلب صاف ٿيندو. آهي.

حديث: لکل شيءِ صقالہ الکدورت صقالت القلوب ذکر الله تعاليٰ. يعني هر هڪ شيءِ لاءِ ڪٽ ۽ زنگ لاهڻ لاءِ اوزار موجود آهي. دلين جي صفائي الله جي ذڪر سان ٿيندي آهي.

حديث قدسي: ”انا جليس من ذکرني انيس واستانِسُ بي.“ خدا جي ذڪر سان خدا همنشين رهي ٿو. جتي عشق آيو اتي سڀ ڪجهہ حاصل ٿيو. من لہ المولیٰ فلہ الکل. جنهن پنهنجو پاڻ موليٰ جي حوالي ڪيو پوءِ سڀ ڪجهہ ان جو ٿيو. مومن جو قلب ذات ذوالجلال جو تخت آهي. قلب الموءمن عرش الله تعاليٰ مومن اهو آهي. جيڪو ذڪر الاهي ۽ دم ڪمائڻ سان دل جي صفائي حاصل ڪري. ان جو قلب الله جو آئينو ٿئي. مومن ان کي چئبو آهي. نہ کي رسمي مسلمان کي آدميءَ جو وجود ۽ قلب عرش اعظم جو نقشو آهي. جنهنکي هوسن جا پردا چڙهيل آهن. هر هڪ آدميءَ جي وجود ۾ نوَ پاسريون آهن. اهي پاسريون نون ئي آسمانن جو نقل آهن ۽ نون ئي آسمانن جو نقشو انهن ۾ آهي ساري دنيا عقبيٰ جو نقشو آدميءِ جو وجود ۾ آهي. جيئن ڪِن تسبين ۾ هڪ ٻانگو هوندو آهي. جنهن ۾ مڪہ مدينہ ۽ ڪعبہ جي تصوير لڳل هوندي آهي. ۽ نظر وجهڻ سان سمورين تصويرون ڏسبيون آهن. ان طرح آدميءَ ۾ بہ ڪثرت ۽ وحدت ٻيئي ڇاپيل آهن معدو ۽ شهوت اهي زمين وارا هيٺيان طبقہ آهن معدي جي هر هڪ عادت زمين وانگر آهي، هوس، حرس، طمع، حسد، ننڊ، دغا ۽ خودي جن جي ڪري آدمي جسم جو قيدي ٿي زمين تي ٿو رهي ۽ وحدت جو سير نہ ٿو

ڪري سگهي. آدمي جي وجود ۾ شهوت تحت الثريٰ آهي. آدميءَ جي وجود ۾ نوَ ڪنڊ آهن. جيڪي سوراخن مثل اٿس.جيڪي هي آهن ڪنن جا ٻہ سوراخ ٻہ اکيون. ٻہ سوراخ نڪ جا. ستون وات اٺون اڳيون سوراخ ۽ نائون پويون سُوراخ. جيڪو ٻہ انهن سوراخن جي حد ۾رهيو سو قيدي آهي. جيڪو انهن سوراخن جي حد ٽپي هليو سو شاهہ ٿيو. اهو نون ئي آسمانن مان پار ويندو. جنهن لاءِ فقيرن چيو آهي تہ.

لنگهي ويو نو ڪنڊ ڪان غازين جو غوغاءُ
من عروج الروح تيز الفلڪ سناسين ثناءُ
شهودين شماءُ عرش متائون اپريون.

لنگهي ويو نوَ ڪنڊ ڪان. مردن جو معراج
عاشق ويا اتاهين. پائي لولاڪي تاج
لاحد لااحتياج. پڳائون هن پول کي
(شاهہ)

عاشق ٿيا. عشق ۾ آڏوتي عدم
جا ٿي دم نہ قدم پهتا انهيءَ پار ۾

وڃي پهتاسون اتهين، نيهي ٿي نرواز
نڪو سج نہ چنڊ ڪونہ ڪو اور نہ پار
نڪا ڌرتي نہ آسمان نڪا هنَ هُن سنيار
نڪو غوث نہ قطب ڪو نہ اولياءُ اوتار.

نڪو ذڪر ۽ مذڪور آهہ نہ ذاڪر ۽ اذڪار
نڪا جان جسم آهہ نڪي قدم دلدار
نہ الست ۽ قالو بليٰ . نڪا ڪن ڪوڪار
ڪثرت وحدت ڪانہ ڪا، نڪي آدم ئي اظهار
هي هو ٻئي هجي ويا منجهان پرت پسار
نہ معشوق نہ عاشق رهيو. نہ طالب نہ تنوار
صوفي منجهہ سنسار نيهي گم ٿيا ناهہ ۾.

جيڪو به فقير هنن نون ڪندن مان ٻاهر نڪتو ته عرش اعظم ان جو آشيانو آهي. تنهي جهانن ۾ بيحد ملڪ جو سير ان جي حوالي آهي اهو ائين جو اک مٽي کڻندو ته بقا با الله جي ملڪ ۾ تخت تي پهچندو ۽ اک هيٺ ڪندو ته پاڻ کي ڏسندو. جيڪو صرف ذڪر سان هلندڙ آهي ۽ پرهيزگاري ۾ عبادت ۾ ٿو گذاري مگر جيئري جسم مان نٿو نڪري سگهي ته اهو انهن ملڪن ۾ نه پهچندو. مگر معراج ماڻي ڪونه سگهندو.

يقين ڄاڻو ته جيڪو جسم جو قيدي آهي سو هلاڪ آهي. جيڪو قيد کان آزاد آهي سوبي باڪ آهي. جيڪي آهي سو عشق ۾ آهي. جيڪو عشق جي راهه ۾ آهي سوبي باڪ آهي. آدمي عشق کانسواءِ نابود آهي. جيستائين طالب وجود جي نون ڪندن مان نٿو نڪري تيستائين الله جو عاشق آهي ۽ الله ان جو معشوق آهي. اگر ٻاهر نڪتو ته فقير ماشوق ۽ الله عاشق آهي جيسين الله جو عاشق آهي تيسين فراق جي باهه ۾ پيو سڙندو. معشوق جا ناز ڏک ۽ تڪليفون پيو سهندو. الائي جي ڪڏهن عاشق تي راضي ٿيندو. معشوق لاپرواهه هوندو ته عاشق نياز ۾ رهندو. طالب کي کپي ته اهڙي مردانگي ڪري وجهي جو الله کي پاڻ تي عاشق ڪري وجهي. جيتر عاشق آهي تيتر عاشق جو حال ڏکيو آهي. جڏهن جسم مان نڪتو ته سيئي نفساني هستيون حق جي هستيءَ اڳيان نيست نابود ٿي ويندس. پنهنجو سر عشق ۾ نذرانو ڏيندو.

جسم مان نڪرڻ لاءِ طالب کي هيٺين ڳالهين تي عمل ڪرڻ گهرجي. انن پهرن مان ڇهه پهر اوجاڳو ڪري. گفتگو گهٽ ڪري. صبر ۾ گذاري. گهمڻ ڦرڻ وقت به نظر پنهنجي سيني ۾ هجيس، هيڏي هوڏي نه نهاري. نهارڻ سان دم قضا ٿي ويندس. دنيا وارن جي گفتار ڪنن سان نه ٻڌي ڪچهري ۾ ويهي ته پاڻ کي اڪيلو سمجهي. گهر ۾ رهي ته مهمان ۽ مسافر وانگي رهي.ا لله کان سواءِ ڪنهن سان به دل نه لڳائي. ظاهري طرح معمولي مائٽي رکي. دنيا جي دوستن کان دوستي توڙي ڇو ته انهن مان گمراهي ٿيندس. ذات ذوالجلال جي دوستي سولي نه آهي. جڏهن دنيا جي

سپني دوستن سان دوستي ٽوڙيندو تڏهن ذات ذوالجلال جي ساڻس دوستي ٿيندي.

ڏسو تہ رن جي دوستيءَ لاءِ ڪنهن عورت کي چڪ ڏيندا آهن تہ هوءَ بہ اڳ ۾ قسم ڪڻائيندي آهي تہ تنهنجي ڪنهن ٻي رن سان تہ ياري نہ آهي. جي آهي تہ اڄ اُها ختم ڪر تہ پوءِ اُها رن نيئن يار سان ياري رکندي. ڏسو تہ دنيا جي رن بہ ٻيون سڀ دوستيون ختم ڪرائي پوءِ ٿي ياري رکي. ڪيڏا سونا ٿي ڪڻائي باقي جيڪو مالڪ الملڪ ۽ احڪم الحاڪمين آهي ۽ سڀني حسينن جو بادشاهہ آهي جنهن جو لقب سلطان خوبان آهي. كل يوم هو في شان جنهن جو روزانو نئون شان آهي ۽ نئون حسن رکندڙ آهي. جيستائين دوستن جي دوستي ۽ مائٽن جي مائٽي دل ۾ هوندس تيستائين حقيقي دوست دوستي ڪيئن ڳنڍيندو. هميشہ هڪ ٿانوَ ۾ هڪ جنس واري شيءِ پوندي آهي. يا دنيا جي دوستي دل ۾ رکي يا الله جو عشق دل ۾ رکي الله ۽ دنيا هڪٻئي کان خلاف آهن ۽ هڪٻئي کان ڏار آهن.

## بيت

ڪيست ديوانه که دنيا وخد ، خواهدو گويد که يابم هر دورا

اهڙو ڪير آهي جيڪو چوي تہ دنيا بہ هجي تہ خدا بہ هجي، ٻئي گڏ هجن

جاهل است وبي حرد مرده عقل، که خداو دنيا به بيند ريک محل

اهو جاهل بي عقل ۽ مئل وارو آهي. جيڪو خدا ۽ دنيا کي هڪ محلات ۾ ڏسڻ چاهي.

عشق از دنيا وعقبيٰ فارغ است، تخت لامکان بر ياد است.

عشقن دنيا کان آزاد آهي. عشق لامڪان جي تخت تي رهندو آهي.

عشق گويد جز خدا چيزم جو عقل گويد ماسوار را ترک گو.

عشق چوي ٿو تہ خدا کانسواءِ ڪجهہ بہ نہ گهر عقل چوي ٿو تہ ماسو کي ڇڏي ڏي

عشق دارد جاءِ اندر لامکان عقل دارد جاءِ اندر اين جهان

عشق جي جاءِ لامڪان ۾ آهي عقل جي جاءِ هن دنيا ۾ آهي.

مصطفيٰ فرمود دنياٖ ساعت. هر که دروي رفت راندهٔ رحمت
مصطفيٰ فرمايو آهي تہ دنيا هڪ گهڙي آهي. جيڪو ان ۾ ويو تہ رحمت کان محروم ٿيو.

عشق گيري عشق گيري عشق گير. ترک دنياٖ گير تاٖبشي امير
عسق وڃجانءِ عشق وڃجان عشق وٺ دنيا ترڪ ڪر تہ امير ٿئين.

وربه دنياٖ چيست ترک خويشتين، از جسم رفتن به پيش ذو لمنين
دنيا ڇا آهي پاڻ کي ترڪ ڪرڻ آهي جسم مان نڪري الله وٽ حاضر ٿيڻ بهتر آهي.

همچون پروانه به پيش ذوالجلال، سوختن کلي وجود پرو باٖل
پروانہ وانگر ذوالجلال اڳيان سموري وجود کي کنڀن سوڌو ساڙڻ (بهتر آهي)

ترک گيري جاٖن وتن راگر تماٖم، وهو معکم را به بيني وسلام
جيڪڏهن جان جسم کي ترڪ ڪندين تہ جيڪو توساڻ آهي ان کي ڏسندين.

ترڪ هن طرح ٿيندو آهي. معراج واري رات فقير جسم مان ائين نڪرندو آهي. جيئن نانگ کل لاهي ان مان نڪري ويندو آهي. کل بہ سوڌ نانگ جهڙي ٿيندي آهي. اکين وات ۽ مڇن سميت کل لاهيندو آهي. پوءِ کل کنهن گند ۾ پيئي هوندس ۽ پاڻ گهمندو وتندو. روح جو جسم مان آسمان ڏانهن نڪرڻ جيئڻ ترار مياڻ مان ڪڍبي آهي ۽ مياڻ جو مهاندو بہ ترار جهڙو هوندو آهي. تيئن روح جي شڪل صورت بہ بوتي جهڙي آهي جسم مياڻ مثال آهي. روح ترار مثل آهي. ترار قيمتي آهي مگر جسم جي ڪابہ قيمت ڪانہ آهي. جڏهن جسم جي مياڻ مان روح جي ترار نڪتي تہ ان کان پوءِ روح کي ستين آسمان کان اورتي ترسڻ ۽ ٽڪڻ نہ ٿيندو اتي وڃي مئي خاني جي ساقيءَ ۾ غرق ٿيندو. جتي توحيد جي حسن جو حمام خانو آهي. فقير ان ۾ پنهنجي رت سان تڙڪندو سِر وڍرائنيدو. پِير مغان هادي حضرت رهنما علي اسا الله الغاب جي هٿان شرابا طهورا جو جام

وٺندو. اها ملڪوت واري جاءِ موليٰ جي آهي. جيڪو ويندو ان کي خبر پوندي تہ ويندو سو بيخبر آهي. ان جاءِ جو قرآن ۾ ذڪر آهي تہ.

وَ يُطۡعِمُوۡنَ الطَّعَامَ عَلٰی حُبِّہٖ مِسۡکِیۡنًا وَّ یَتِیۡمًا وَّ اَسِیۡرًا(۸) اِنَّمَا نُطۡعِمُکُمۡ لِوَجۡہِ اللّٰہِ لَا نُرِیۡدُ مِنۡکُمۡ جَزَآءً وَّ لَا شُکُوۡرًا(۹).

ترجمہ: اهي ماڻهو خدا جي محبت خاطر غريبن يتيمن ۽ قيدن کي کاڌو کارائين ٿا ۽ چون ٿا تہ اسان اوهان کي فقط خدا جي رضامنديءَ لاءِ کاڌو کارايائون ٿا. اسين اوهان کان نہ ان جو بدلو گهرون ٿا. نہ شڪريو ٿا گهرون.اها خبر اٿو تہ مسڪينن يتيمن ۽ قيدين کي موليٰ عليہ السلام کهڙو کاڌو کارايو. ۽ الله جي منهن مان ڇا مراد ڪلام الله بہ معنائون ٿو رکي ظاهري معنيٰ بہ اٿس ۽ ٻي باطني معنيٰ بہ اٿس نہ رڳو هيءَ ظاهري معنيٰ اٿس. ٻي معنيٰ تہ مسڪينن ڪير آهي طالب جو فقير آهي . جيڪو معرفت الاهي جو سوالي ۽ بکيو آهي. معرفت ۽ توحيد جو نوراني يزداني حسن جو طعام جنهن کي کارايائين سو ساري عمر اڍاپي ويو. مدينتہ العلم جي دروازي تان لدني علم جي طالب کي طعام مليو ۽ شرابا طهورا وارو جام بہ موليٰ علي عليہ السلام وٽان ٿو ملي. يتيم بہ طالب آهي جيڪو الله کان ڌار ڇورو ٿي ٿو گذاري يتيم لاءِ پيءُ جو ملڻ ڏاڍو ضروري آهي. جو طالب کي حضرت شاهہ موليٰ علي سائين ملڪوت مان جبروت ۾ حضرت رسول ڪريم وٽ پهچائي ٿو پوءِ اتان طالب کي رسول الله صلی الله علیہ وسلم لاهوت ۾ ذات ذوالجلال وٽ رسائي ٿو. پوءِ يتيم طالب لاءِ عنايت آهي پوءِ هو لا احتياج ٿيو. جن کيس آسماني معراج ڪرايس ۽ سچي بادشاهي ڏيکايس انهن رهبرن جو ساري عمر احسان مند رهندو.

قيدي بہ حق جو طالب فقير آهي جيڪو هن ٻانهپ جي وجود ۾ قيد ٿيل آهي.قيديءَ لاءِ آزادي جهڙي ٻي ڪابہ خوشي ڪانہ آهي. شاهہ اولياءُ حضرت علي ڪرم الله وجهہ طالب جو ٻانهپ وارو قيد ڀڃي ٿو ۽ قيد کي آزاد ٿو ڪري محمدي معراج ۽ بادشاهي معرفت جي مسند عطا ٿو ڪريس

۾ طالب کي فنا في الله جو درجو وٺرائي ٿو. جنهن ڪري طالب ساري عمر ٻانهپ کان آزاد ٿوٿئي. جيئن مولانا جلال الدين روميءَ فرمايو آهي.

**بيت**

آنچہ اندا خت بہ روئي علي، افتخار هرنبي وهرولي

مولا علي جي منهن مبارڪ ۾ هر هڪ نبي ۾ هر ولي جو فخر پيل هو

چون تويابي آن مدينہ علم را. چون شعاع آفتاب حلم را.

جڏهن تون علم جي شهر کي لهندين، تڏهن تون بردباريءَ جي سج کي پهچندين.

باز باش اي باب رحمت تا ابد ابارگاه مالہ کفوا احد

اي رحمت ۾ بارگاه رب العزت جا دروازا تون قيامت تائين کليل رهہ

يُوفون بِالنذرِ ، اهو سر جي نذراني جو اشارو آهي. جو طالب ستين آسمان تي پنهنجو سر ميخاني جي ساقي ۾ توحيد جي اڳيان نذرانو رکندو آهي. سر جي نذراني جي عيوض وحدت جي مٺ منجهان جيڪو ساقي صاحب جي تخت جي سيرانديءَ واري پائي جي پرسان رکيل آهي. ان مان طالبن کي جام پياريو ويندو مُّتَّكِـِٕيْنَ فِيْهَا عَلَى الْاَرَآىِٕكِۚ لَا يَرَوْنَ فِيْهَا شَمْسًا وَّ لَا زَمْهَرِيْرًا ۚ ترجمہ: پلنگن تي ٽيڪ لڳائي ويٺا هوندا. نہ اتي گرمي ڏسندا نہ سردي اها مولا علي جي تخت جي ڳالهہ آهي. ان جاءِ تي سج چنڊ ڪونہ آهي. اهو تخت مقام ملڪوت ۾ آهي. روزاول کان ان شرابا طهرا جي ساقيءَ مولا عليءَ جو روح ان تخت تي ويٺل آهي. وَ يُسْقَوْنَ فِيْهَا كَاْسًا كَانَ مِزَاجُهَا زَنْجَبِيْلًا ۚ يعني انهن کي اهڙا شراب جا پيالا پياريا ويندا جنهن ۾ سنڍ مليل هوندي اهو پيالو رنگين ۾ پٽ دار آهي. وَ يَطُوْفُ عَلَيْهِمْ وِلْدَانٌ مُّخَلَّدُوْنَ ۚ يعني انهن وٽ اهي شيون اهڙا نيگر وٺيون پيا ايندا جيڪي هيمشہ ڇوڪرائي رهندا. اهو شاهہ حسن شاهہ مردان ساقيءَ جي طواف ۾ حسين صورت جو بيان آهي. تخت تي پاڪ روح نابالغ بغير مهاسن جي حسين ويٺل آهي. اهي طالب ان تخت واري ساقيءَ کي طواف ڪري گهور ٿيندا آهن. وَاِذَا رَاَيْتَ ثَمَّ رَاَيْتَ نَعِيْمًا وَّ مُلْكًا كَبِيْرًا(٢٠) ۾ جڏهن تون ان کي ڏسين تہ توکي وڏي نعمت ۾ وڏي سلطنت ڏيکاربي.

## بيت

مي روي او بين کي اندر ان جهان فکرت پنهان است آن گردو عيان

اي هن جهان ڏي ٿو وڃين اندر تہ ڏس. تہ تنهنجي لڪل سوچ ظاهر ٿيندي.

يعني سردار دوجهان حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم جنهن رستي سان معراج تي پهتو آهي اها ستين آسمان واري وڏي بادشاهي ڏسندو تہ يقين ٿيندو. ان مان معلوم ٿيو تہ علي ۽ محمد جي عنايت سان طالب معراج تي وڃي سگهي ٿو. عٰلِيَهُمۡ ثِيَابُ سُنۡدُسٍ خُضۡرٌ وَّ اِسۡتَبۡرَقٌ ۫ وَّ حُلُّوۡۤا اَسَاوِرَ مِنۡ فِضَّةٍ ۚ وَ سَقٰهُمۡ رَبُّهُمۡ شَرَابًا طَهُوۡرًا (٢١) يعنى انهن کی سنهی ريشم جا ڪپڙا هوندا ۽ ٿلهی ريشم جا ڪپڙا بہ ڇا لاءِ تہ هر لباس ۾ لطف آهی ۽ انهن کی چانديءَ جا ڪنگڻ وڏا ويندا ۽ انهن کی سندن پالڻهار پاڪ شراب پياريندو. اها اُن تخت پٽرڻين ۽ چانديءَ جی ٻانهين جی ڳالهہ آهی.

سلطان الا اولياءَ فقير محمد زمان ۽ فقير عبد الرحيم گروهڙي مرشد ساقي مولا علي سائين جي هٿان شراب پيئڻ جو احسان مڃيو آهي.

## بيت

ساقي مئي خانه باشد صلاح ، گر خدا گوئيم ميگرد مباه

مئی خانی جی ساقیءَ کی سونهين ٿو. جيڪڏهن خدا چئونس تہ بہ رواٿئی ٿو.

سوره هل عطيٰ سموري حضرت موليٰ عليہ السلام جی تخت حوض ڪوثر ۽ بادشاهی جی بيان ۾ آهی. سورت دهر جو بہ ساڳيو مضمون آهی.

اسان فنا فی الوجود ۽ فاينما تولو فثم وجہ الله وارو عرصو چوڏهن ڏينهن چوڏهن راتيون حوض ڪوثر جی ساقیءَ سان گڏ ۽ همدم رهياسون. پوءِ غين جو نقطو ڊنو ۽ نسورو عين ٿی پياسين. غين عبديت جی وجود آهی. جسم مان فقير نڪرڻ ڪانپوءِ عين ٿی پيو. هی ڳالهہ اڪئين ڏٺی ٿا ڪريون.

آدمی جو وجود روحانی ترار جو مياڻ آهی. جنهنجی وجود الله اثبات نہ ڪيو تہ ان جو روح ڪاٺ جی ترار آهی ڪاٺ جی ترار وارو جنگ جی سڌ ئي نہ ڪندو. پهلوانن جي سامهون جنگ تي وڃي نہ سگهندو جنگ

آهي محشر جي جتي ڪاٿ جي ترار ڪم نہ ايندي بی حاصل اتی کھڙي عزت لهندو. جتی انبياءَ ۽ عاشق جو هر دار ترارين سان بينا هوندا. ان ميڙ ۾ بی حاصل لڄی پيو ٿيندو. ڪاٿ جی ترار جنگ جو ڪم ڪانہ ڏيندي مگر ٻارڻ جو ڪم ڏيندي. ڪاٺیءَ جی ترار آهی دنيا جو ماڻهو جيڪی جسم جی قيد مان نہ نڪتا. انهن جی عزت ايستائين آهی جيستائين جيئرا آهن. مئی کان پوءِ انهن جی ڪاٿ جی ترار باهہ ۾ پوندي ۽ مياڻ اڌهی کائی ويندي آدمی لاءِ باهہ جهنم جی آهی وقود ها الناس والحجارتُ . يعنی ان باهہ جو ٻل ماڻهو ۽ پٿر آهن. جيڪی ماڻهو هوسن ۾ گذاري مرن ٿا. مئی کان پوءِ انهن جی قبرن تی ڪتا پيا مٽندا. آدمی جی سڄی عمر جو سڏون عرش عظيم جی هيٺيان هڪ جڳهہ آهی اتی گڏ پيون ٿينديون. آهن. هر هڪ سڏ جی شڪل باهہ جی الی وانگر آهی. جيڪی آدمی جو مرڻ کانپوءِ باهہ جا الا ٿی ان ماڻهوءَ جی قبرءِ لاشی ۽ روح کی لڳن ٿيون هر هڪ سڏ الو بنجی تحت الثريٰ تائين پهچی وري نڪري ٿی. جيئن سڪی ڪاٺی اپی ڪري پاڻیءَ ۾ زور سان اڇلبی تہ تري تائين پهچی وري جلدي مٿی ٻاهر نڪري ايندي آهی. ان طرح ان سڏڙيئی ماڻهوءَ جی قبر تی الن جی اچ ويج لڳی پيئی هوندي. جيستائين سندس سڏن جا ڪپندا تيستائين اهو آدمی سڪ لڳو بيٺو هوندو. مگر جن الله جو ذڪر ڪمايو تن لاءِ هر هڪ دم جو نور پيو گڏ ٿيندو. ذاڪر جی قيد مٿان نور جون بوندان پيون وسنديون هن جو روح سدائين خوش رهندو. الله نور السموات والارض جي حقيقت اها آهی.

جيڪڏهن ڪاٺیءَ جی ترار واري ڪامل مرشد عاشق بقا باالله واري وٽان رهبريءَ جی جوهر دار ترار هٿ ڪئی تہ وڏو ڪم ڏيندس. ذڪر اسم اعظم هيري جی ترار آهی. اها مليس تہ سڙڻ ۽ شرمساريءَ کان ڇٽی پوندو. فقيرن عاشقن وٽ هيري جی ترارن سان ڪوٺيون ڀريل آهن. جيڪو بہ مٿائڻ ايندو تہ کيس ڪاٿ جی ترار بدران هيري جو ترار ڏنی ويندي ۽ ورتي کانپوءِ جي اها هيري جي ترار نہ وهايائين تہ ڪٿجي ڪاٺي جي ترار

ڪان بہ گھٽ ٿي ويندي، نہ ڪمائڻ سان مرشد جو ڪوبہ قصور ڪونهي. جيڪو طالب ذڪر ڪمائيندو تہ انکي فائدو ٿيندو.

مرشد جي هٿ تي طلب وٺڻ سان طالب سندس در تي وڪامي ٿو وڃي عربيءَ ۾ بعيت معنيٰ وڪامڻ آهي. جنهن پاڻ کي وڪامڻ چاتو تہ ان جو مطلب ٿيندو. جيڪڏهن چاٽي ٻجهي مرشد تان ويساهہ گهٽ ڪيائين تہ الله ڏانهن جبل جيترو وحجاب اچي ويندس. حيف انهن کي آهي جن ذڪر وٺي ۽ پوءِ ڪمايو نہ هيري جي ترار بوتي جي مياڻ ۾ رکي رکي ڪٽي چڏيائون. جسم جي قيد مان نڪري عليين مڪان جو سير نہ ڪيائون.

عشق جي اعظم درياهہ کي موج آئي جنهن مان ڪثرت جو جهان ناهيائين جنهن موج ۾ مڇيون سير ڪرڻ لاءِ ۽ ٻي ڪائڻ پيئڻ لاءِ ٻاهر نڪتيون انهن مان سياڻيون مڇيون هن موج کي فاني سمجهي پاڻي جي ڪر ڏسي يڪدم واپس موٽي ويون ۽ وڃي درياہ ۾ پيون. اهي مڇيون موت فوت کان آزاد ٿي بچي ويون ڇو تہ درياهہ جو پاڻي بقادار آهي اهي درياهہ ۾ وڃي لايموت ٿي ويون. جيڪي اسم اعظم ڪمائي موٽي وڃي ساڳي درياہ اعظم ڪمائي موٽي وڃي ساڳي درياهہ اعظم ۾ گڏيا سي عزرائيل کان بہ لنگهي ويا. پوءِ انهن تي موت آهي ئي ڪونہ.

**بيت**

عشق جي درياهہ جنبش جوش مان موج طغياني ڪئي اندر جهان.
هي سيئي پاڻي انهيءَ درياهہ جو. هي سپهہ سالار آ ان شاهہ جو.
موج مستي عشق جي هي هو جهان شاهہ اعظم ۾ آهہ هر زمان
بحر گوناگون طغياني مثال، موج موجان عشق حضر لايزال.
جملہ عالم وحدت وڪثرت تمام عرش ڪرسي آسمان سڀ تا قيام
بحر اعظم عشق ۾ ڪک جي مثال. جنهن ڏٺو درياهہ معلوم تنهنکي حال
داٻ دهشت ساڻ درياهہ ٿو وهي، بحر آ پرپور موجان ٿو ڪري
موج فاني ڪثرتي عالم عدم شاهہ درياهہ عشق جو زنده قدم

بيوقوف مڇيون نہ موتيون اٿل ۾ رهجي ويون موج جو پاڻي جڏهن سڪڻ لڳو تہ مڇيون بہ اڃي ڍنڍ ۾ پيون آخر ڍنڍ جو پاڻي بہ سڪي ويو ڍنڍ جي ٻاهران گدڙ بہ انتظار ۾ ويٺا هئا. پوءِ هر هڪ مڇي کائيندا پيا وڃن. انهن کي پوئتي نہ موٽڻ ۽ ڍُنڍ ۾ رهڻ جي اُها سزا ملي. هاڻي سمجهيو تہ جن آدمين کي وساريو تن سان بہ اها حالت ٿيندي. حقيقت ۾ هيءَ دنيا انجي موج آهي. آدمي جو وجود ڍنڍ آهي. گدڙان جو نفس ۽ خيال آهن جن دنيا کي بقادار سمجهيو ۽ وجود ۾ رهجي ويا ذات وارو وطن وساري ويٺا. پاڻ کي وجود وارو ڍنڍ سمجهي اصل روحاني وطن نہ پروڙيائون. پائيائون تہ اهو وجود سدائين رهندو. من عرف نفسہ فقد عرف ربہ جو قول ڪوڙو سمجهيائون. ايتري تائين انهن جو نفس انهن جا دم ڪتائي کائي ويو پوءِ انهن مڇين وانگر موت گدڙ جو کاڄ ٿي ويندا پوءِ جيڪو آدمي ان نفساني خيالات جي گدڙن کاڌو تہ اهو دنيا عقبيٰ ٻنهي ۾ مري ويو ۽ ناز جهنم جي حوالي ٿيو.

**بيت**

مردود ٿي مري ويا، ماهر ٿي نہ مئا
حباب ٿي هئا، انهيءَ واديءَ وچ ۾.

هن وجود کانسواءِ هر هڪ آدمي کي ٻيو وجود بہ آهي. اصلي وجود اهو آهي هي نقلي وجود آهي. هي وجود هن وجود جي پوشاڪ آهي. جيڪو هن پوشاڪ تي عاشق ٿيو سو مئو. آدمي کي هي وجود خاص الله جي ڳولي لهڻ لاءِ مليو آهي. جنهن هن کي وجود هوندي الله نہ لڌو تنهن ڪي ڪين ڪيو. هي اکيون الله جي ڏسڻ لاءِ آهن جنهن اکين سان الله نہ ڏٺو تنهن ڪجهہ ڪونہ ڪيو. جن اکين عشق نہ ڏٺو سي اکيون انڌيون پليون. من ڪان في هذه اعميٰ فهو في الآخرت اعميٰ. آيت انهن اکين جي بيان ۾ آهي هي ڪن عرش اعظيم جي الهام ٻڌڻ لاءِ آهن. جن ڪنن هوندي بہ ذات ذوالجلال جو الهام نہ ٻڌو سي ڪن ٻوڙا پلا. جنهن زبان عشق توحيد الاهي جو ذڪر نہ ڪيو سان زبان گونگي پلي. ان زبان کان ڪتي جي زبان پلي

جيڪو مالڪ جي در تي پوئڪي ٿو. جنهن سر ذات حق پاڪ کي روحاني سجدو نہ ڪيو اهو سر سوليءَ تي لٽڪيل چڱو. جيڪي هٿ پير حق جي خدمت ڪرڻ کان منڪر آهن. اهي وڍيل ۽ ٽوٽا ڀلا. انهن جو وجود تي هئڻ بيڪار آهي. جن جو سينو عشق الاهي جي محبت ٺٺور کي اهو سينو ڪوري ۾ سڙيل چڱو جنهن دل ۾ دنيا جي محبت ٽڪيل آهي اها دل شيطان جو تخت گاهہ آهي. جنهن دل ۾ ذات ذوالجلال جو ذڪر جاري آهي اها دل ذات ذوالجلال جو تخت گاهہ آهي. علامت حب الله ذڪر الله علامت بغض الله عدم ذڪر الله. يعني الله جي محبت جي نيشاني ان کي ياد ڪرڻ آهي. الله سان دشمني جي نيشاني کيس وسارڻ آهي.

قيامت ۾ ذات ذوالجلال جهانن جي سڀني آدمين کان پڇندو تہ اوهان کي اکيون ڪن دل ۽ ٻيا عضوا ڏٺاسون انهن سان دنيا مان ڇا حاصل ڪيوَ دل اوهان کي ان لاءِ ڏني هيم تہ ان ۾ منهنجي محبت ۽ ياد رکجو. اوهان ائين ڪونہ ڪيو مگر دنيا جي محبت ۽ يادگيري رکيوَ ڀلا ٻڌايو تہ دنيا جي محبت مان ڇا حاصل ڪيو؟ جيڪو آندو اٿو تہ ٻڌايوءِ اوهان کي ڪن ڏنا هيم منهنجو عرشي الهام ٻڌو مگر اوهان دنيا جون ڳالهيون ٻڌيون.پوءِ اوهان کي دنيا جي بڪواس مان ڇا هٿ آيو؟ اوهان کي اکيون ڏنيون هيم تہ مونکي ڏسجو پوءِ توهان مون کي ڪونہ ڏٺو. دنيا دنيا مان ڇا ڏسي انڌيون ڪيو. ائين هر هڪ عضوي جي پڇا ڪندو تہ مان اوهان کي عرش عظيم جا موتي ۽ تحفا ڏنا هئا اهي ڪيئن خرچ ڪيوَ اِنَّ السَّمۡعَ وَالۡبَصَرَ وَالۡفُؤَادَ كُلُّ أُولَٰٓئِكَ كَانَ عَنۡهُ مَسۡـُٔولًا (٣٦). بيشڪ ڪنن اکين ۽ دلين خواه سڀني عضون جي باري ۾ پڇا ٿيندي. جنهن بعد سڀ آدمي پيشمان ٿيندا. ڪوبہ جواب نہ ڏيندا. شرمساريءَ ڪري رڪوع ۾ بيٺا هوندا. ان وقت ذات ذوالجلال عشق بادشاهہ کي اهڙي لاابالي هوندي جو سندس سخت ڏمڪين جي دٻدٻي سبب جبلن مان رت وهندو. انبياءَ اولياءَ ماٺ ۽ سڪوت ۾ اچي ويندا. پوءِ اهي آدمي رسول ﷲ کانسواءِ ٻين نبين ڏي سفارش لاءِ ميڙ ٿي ويندا. حديث: يشفع يوم القيمتہ ثلثلہ انبياءُ ثم شهداءُ ثم الفقر. مگر ان

هوندي ٻہ ٻيا نبی سڳورا چوندن تہ هت اسان جي پيٽي ڪانهي تنهنڪري توهان حضرت محمد صلی الله عليه وسلم ۽ اسد الله حضرت علی المرتضیٰ ۽ حضرت امام حسين ۽ اهل بيت ڪرام ۽ عاشق عارفن وٽ وڃو جيڪی سرڪار جی حاضري ۽ طواف ۾ ۽ حامل العرش آهن. يعنی عرش کی ڪلهو ڏيئی کڻن ٿا. پوءِ اهی انهن وٽ ويندا. اهی انهن ويندا ۽ شفاعت ڪندن ۽ اهی آزاد ٿيندا جيستائين قيامت اچی تيستائين بی دريافاتا جيل ۾ پيا هوندا. ضامنن کڻڻ کان پوءِ سرڪار جيتري ٻہ سزا ڏين.

## بيت

عشــق لا پرواهہ آهی بـادشــاهہ تـاجداري هر دو عـالم رشــڪ مـاهہ.
لايـزالـی عشــق جی اهڙي آهی.عـام کی ڪـا ڪـل اهـا اصـلـی نـاهی.
عشـــق آدم کـی تـڙايـو بـهشـــت مـان، زار رواريـو رڙايـو درد ســـان.
عشـق ذڪـريـا کـی چيـرايـو هـو کـٽی لاابـالـی عشــق جی آهـی گهٽی.
عشـق يـعـقـوب کی ڪيو دردي تمـام، يوسـف کی ڪيو مصـري غلام.
عشـق ابـراهيـم کـی آتـش ۾ وڌو، عشــق اسـمـائـيـل لاءِ خنجر ڪـڍيو.
عشـق عيسـیٰ لاءِ ڪئی سـولی تيار، عشـق لاءِ علی ڪيو سـر اختيـار.
عشـق احـمـد کـی ڏنـو معـراج ديـن، وحـدتـی واصــل ٿـيـو حق الـيـقـين.
عشــق حيـدر جی جی هٿـان خيبر پڳو، تلف ۽ تـاراج قلعی کی ڪيو.
شـهہ حسـن ڏس زهر سـان ٿيو هو شـهيد عشـق جی هئی مدعا اصـلی مزيد.
عشــق ڪـربـل ۾ ڪـيـو درد عـظـيـم هـئـی حسـين ابن علی ابن ڪريم.
عشـق ڪربل ۾ ڪئی قيامت قرار، شـهہ شـهادت کی رسـيا سـڀ تاجدار.
عشـق منصـور کی ڪيو سـولیءَ سـوار، دار تی سـورهيہ ڪيو سـر کی نثار.
شـــمـس تـبـريـزي ســـنـدو مـلـتـان ۾، پـوش لاٿـائـيـن مـرد جـو مـيـدان ۾.
عشـق پيڙايو گهوٽ گهاٽی بلاول بينظير، عشـق پيڙايو عشق جو عاشق اسير.
سـر عـنـايـت شـــاهہ جـو نيزي چڙهيو، عشــق بلهـا شـــاهہ بـازر ۾ڪـنو.
عشــق جـا هی حـال سـڀ ٻڌنـدا وڃو چا ڳٽيان ڪهڙا چوان سـڻندا وڃو.
عشـق جا مڙيئي ٻڌو احوال هي، جي پڇو ٿا عشـق جي تان قال هئي.

عشق اهڙو بي پرواهہ آهي. جن وٽ آيو تن سان هلتيون ڪيائين. انهن تي مصيبتن ۽ دردن جا طوفان ڪڙا ڪيائين. عشق ڏکن ڪان ڪنهن کي بہ واندو ڪين ڇڏيو ٻيا تہ ٺهيو پر اسان جي اهل بيت گهراڻي تي ڪيترا ڏکن جا طوافان موڪلياٸين. پر انهن کي ڏکن ۽ قتل مان فرحت ٿي آئي عشق وٽ عاشق جو معراج تڪليفون آهن تہ پوءِ عامن کي جيڪي سکن جا پليل آهن انهن کي هن درگاهہ ۾ ڪهڙي تعظيم ملندي.

هي نفس هڪ وڻ آهي جيڪو دل جي صحن تي خيالات جا پن ٿو ڇاڻي. جيڪڏهن دم دم سان خدا جو ذڪر ڪري پاڪ صحن تي ٻهاري ڏبي تہ سڀ پن ٻهار جي ويندا. شاهہ اعظم جو رهڻ بہ صاف دل ۽ پاڪ جاءِ ۾ ٿيندو. جنهن دل ۾ ذڪر جي ٻهاري نہ هوندي تہ اها دل نفس ۽ شيطان جو ٺڪاڻو آهي، جيڪو فقير جسم مان نڪري معراج تي ويو. تہ ان نفساني هوسن وارو وڻ لاجي ڪهاڙي سان ڪپجي ويو ان ڪانپوءِ فقير کي ذڪر فڪر جي ضرورت نہ رهندي پوءِ سيني ٻانهپ وارين عبادتن ڪان آزاد ٿيو. ڇا لاءِ عبادت حقيقت جي شهر ڏانهن پهچڻ لاءِ هڪ رستو آهي. جيڪو حقيقت جي شهر ۾ پهتو تہ ان تان پنڌ ڪرڻ معاف ٿيو. هو حقيقت جي شهر جو مالڪ ٿيو. اتي هن جو تخت گاهہ آهي. حديث: من اراد العبادت بعد الوصول فقد اشرڪ بهي يعني جنهن وصال ڪانپوءِ عبادت جو خيال ڪيو تہ ڄڻ ان معبود سان شرڪ ڪيو. پوءِ ان الله سان ملي اجا ڪو ٻيو الله ڳوليندو ڇا. اهڙي ڪي ٽُڪ آهي جيڪو واصل بہ سڏائي ۽ عبادت بہ ڪري تہ اهو ڪوڙو آهي. اهڙي جو طالب ٿيڻ تي نہ ڪپي. جنهن جو معراج ڪيل هوندو تہ اهو ڪهڙيون نمازون پڙهندو. يا حج ڪندو. ڦڙو درياهہ ۾ پوڻ ڪان پوءِ درياهہ ٿي پيو پوءِ اهو ڪهڙي درياهہ کي ڳوليندو. غلام مان چڱائي نہ ٿيندي توڙي ڪٽي نيڪ هجي.

مراقبو انتظار آهي ۽ عبادت منٿون آهن. جيڪو پاڻ ئي منٿائو آهي ان کي فقير نہ چئبو.

**بيت**

هر آنکہ خویشتن گم است کرا رهبري کند

يعني جيڪو پاڻ ئی گمراهہ هو تہ اهو ٻين جی رهبري ڪيئن ڪندو.

اهڙو ماڻهو ناقص آهی. سرور ڪائنات ناقِص کی ملعون سڏيو آهی.معراج جی صاحب جا طالب ازخود سڏري ويندا. ڇاڪاڻ تہ ڪامل مرشد هر هڪ حد ۾ سندن رهبري پيو ڪندو رهندو ۽ توحيدي گفتار ذريعی کين آسمانن جي رازن کان کين واقف پيو ڪندو. ڪامل مرشد روحاني طرح رسول الله ﷺ واري منزل رکي ٿو ۽ فيض بہ ساڳيو رکی ٿو.

مرشد جی باري ۾ رسول الله ﷺ حديث فرمائی آهی تہ

وَجعلنا شيخ الکامِل نافع اِنسان کما جعلنا نبي آخر زَمان. وَجَعلنا شيخ الناقِص الفاسِد الانسان کَمَا جَعلنا رَجيم الشيطان

يعني اسان جوڙيو آهی ڪامل انسان کی مرشد ڪري جيڪو ماڻهن کی نفعو پهچائی ٿو. ائين آهی جيئن نبی آخر الزمان هو ۽ اسان جوڙيو آهی ناقص انسان کی مرشد ڪري جيڪو ماڻهن جا نقصان ڪري ٿو اهو ائين آهي جيئن تڙيل شيطان آهی.

ڪامل تہ رهبر آهی مگر ناقص مرشد جا طالب ڪيئن سڌرندا. جيڪڏهن هن جا طالب شهود ڏسندس تہ کين کولی ڪين ٻڌائی سگهندو ڇو تہ نمازي انڌو مدد جی بجاءِ نورانی تجلات کی شيطانی استدراج چوندو. ان ڪري هن جا طالب منجهی پيهی رهندا ۽ کين خشڪی ٿی پوندي. ۽ سودا ٿی پوندن. پوءِ دماغ خراب سان بڪواس ڪندا وتندا ۽ هو وري ڊاڙون پيو هڻندو تہ منهنجا طالب مجذوب ٿی پيا آهن. ڇو تہ هو خود ئی ڪامل نہ آهی تہ ٻين کی ڪمال تائين ڪيئن پهچائيندو. گهاٽي جي ڏاند وانگر سدائين ساڳی جاءِ تی پيا ڦرندا.

طالب هميشہ محبت سان سڌرندو آهی ڪامل عارف وفات کان پوءِ بہ روحانی طرح طالب جی مدد ڪري سگهی ٿی. ان جو روح طالب سان گڏ رهي ٿو. آخر معراج لاءِ بہ طالب سان سونهون ٿي هلي ٿو. معنوي صورت

ٻرڪيس ٽپيون هٽائي ٿو. ناقص مرشد جا طالب سندس ائين شيطان ڪنيون پيو ويندو جيئن لوسي ڪتن اڳيان گدڙ واڙمان گهتا ڪنيون ويندو آهي.

مصرح: جاڏي ڪائي جهاز تاڏي گيڙ ڳوڙهو ئي نہ هٽي. يعني گدڙا تر گهٽي سوڏو پيو ويندو تہ لوسي ڪتو وري ڏڪڻ پيو پيچ لوڏيندو. ناقص مرشد جو اهو حال آهي اسان پاڻ بہ طالبي واري وقت ۾ هڪ طالب ڪيو هو. جنهن تمام گهڻو ذڪر ڪمايو هو. تيز دم ڪمائڻ سبب ڪيس ڪجهہ ڪشف حاصل ٿيو. مگر هلندي هلندي ڪيس خشڪيءَ سبب سوداءُ ٿي پيو. اسان کي تہ خبر ئي نہ هئي تہ ڪو سوداءِ جي ڪري ذڪر جي مَٽَ سَٽَ ڪبي آهي ۽ هو ويچارو مونجهہ ۾ مري ويو.

هاڻي اسان کي جسم مان نڪتي ڪان پوءِ طالبن جي سڌرڻ جي خبر پئي آهي طالبي واري وقت ۾مرشد طالب کي سڌاري ڪين سگهندو. ناقص مرشد جسم جي قيدي کي چئبو آهي جيڪو بہ جسم مان نڪل نہ آهي. تہ ان کي طالبن ڪرڻ جو حق نہ آهي. طالب کي کپي تہ اڳ ۾ محمدي معراج جو مرشد ڪان پڇي. جيڪڏهن معراج ڪيل نہ هجيس تہ بعيت نہ ڪريس.

نامور گادي نشين جيڪي عارفن جي گادي تي ويٺا آهن انهن وٽ الله جو ڏس ئي ڪونهي. قحط ذڪر اٿن. پڙ پينگ ۽ ڪاري رات اٿن. معنيٰ ۽ توحيد جي خبر ئي ڪانہ اٿن. جيئن ڏهن ورهين جي ڏڪر ۾ وڻ بہ سڙي سڪي ويندا آهن. اهي گادي نشين اڪثر ڪري عيش عشرت ۾ لڳل آهن. وڏن ڪي ساراهي ٽڪر پيا ڪائين. پاڻ نہ ڪمايائون انهن لاءِ قرآن فرمايو آهي: فَخَلَفَ مِنۢ بَعۡدِهِمۡ خَلۡفٌ اَضَاعُوا الصَّلٰوۃَ وَ اتَّبَعُوا الشَّهَوٰتِ فَسَوۡفَ يَلۡقَوۡنَ غَيًّا(۵۹) يعني پوءِ سندن پويان پيڙهيءَ تي ويٺا جن نماز بہ ڇڏي ڏني ۽ سڌن جي پٺيان لڳا پوءِ جلدي ڪين سنيءَ کوهہ ۾ اڇلايو ويندو. اهي غيا دوزخ جا حقدار آهن. غيا ايترو اونهو آهي جو ان ۾ پٿر اڇلائبو تہ پنجاهہ ورهيہ تائين بہ ان جي تري تائين ڪونہ پهچندو. جنهن طالب اسم اعظم

جي ڀاري سان دل جي صحن جي صفائي ڪئي تہ اهو جلد حق کي رسندو. معنوي معراج ڪري من خدايم جو طبل وڄائيندو. پوءِ اهو هميشہ عليين مڪان ۾ رهندو. جنهن سڄي ڄمار اجاين خيالن ۾ وهمن ۾گذاري تہ اهو هميشہ سجين مڪان ۾رهندو. جتي يا ويلنا ۾ يا ليتني ڪنت تُرابا جون دانهون ڪندو. يعني مون سان ويل آهي جيڪر خاڪ ٿي وڃان پيو چوندو.

**بيت**

ڪڻ ڪهاڙو لاجو اي مرد خدا، وهم ڀانهپ کان ٿي هڪدم جدا.
ڏي ڀاري عشق جي شام وسحر، هن ڀاريءَ مئون پوئي حق جي نظر
تان ٿيئي معراج وحدت جو وصول، تاج تحت لامڪاني جو حصول.
معرفت منصب مقامِ من خدا تاج لالوڪي ٿيئي عاشق عطا.

اسان اڳيئي چئي چڪا آهيون تہ رسول خدا پير موليٰ عليہ السلام ۾ سندن خاندان حق جا رهبر ۾ استاد هئا. عام جي سمجهاڻي. ڪاڻ عبادت ۾ نماز پڙهندا هئا نہ تہ انهن کي نماز جي ضرورت ڪانہ هئي. رسول الله صلى الله عليه وسلم معراج کانپوءِ نماز ۾ ذڪر فڪر کان لااحتياج هئا مگر ٿين نبوت جو بار هو. رندن عاشق نماز جي ڪاڻ ڪانہ ڪڍي حديث طلب الدليل بَعد الوصول ممنوع قبيع .وَصال بَعد دَليل جي طلب ڪرڻ سخت منع آهي. ڇو تہ جيستائين هاريءَ جي پوک نندي هوندي آهي تيستائين خدمت ڪرڻ مٿس لازم آهي پيهي جي مند ۾جهار تڙندو آهي لاباري کانپوءِ ڳاهي صاف ڪرڻ ان ڪٽي اڇي گهر ۾ رکندو.۾ پوءِ پيهو ڏاهي ڦٽو ڪندو آهي. ان ڪٽڻ کانپوءِ ڪلر پاٽي يا هور هور ڪيائين تہ بيوقوف ڇئبو. الاهي عشق بہ محبت جي پوکي آهي. ان جي سار سنڀال ۾ خدمت مرشد ڪامل جي صحبت ۾ مجاهدو اٿس. پيهوان جو وجود ۾ ڪانياٽي ذڪر نفي اثبات اٿس غير خيال جهار ٿس، غير خيال الوهيت جي ان جا دشمن آهن. جنهن طالب دل جي گنديءَ ۾ ذڪر الاهي جو ان وڌو. پوءِ اهو لقاءَ الاهي ۾ معنيٰ جون مانيون وينو ڪائيندو. پوءِ اهونماز جي هور هور کان آزاد ٿيو. پيهو بہ ڏاهي

ڇڏيندو وجود جي هستي فنا ڪيائين پوءِ هن تي نماز بہ لازم نہ آهي ۽ ذڪر جي ڪنياڻي بہ ڦٽي ڪندو.

رسول الله صلي الله عليه وسلم پاڻهو ان ڪري پي سڏايو تہ عام ماڻهو پاڻهپ کان چڙهي احديت جي حد تي پهچي ڪين سگهندا. عرب آدمين جي عقل مطابق رسول الله صلي الله عليه وسلم جو پاڻهو سڏائڻ موافق هو. ڇو تہ تڪلمون الناس عليٰ قدر عقولهم. يعني ماڻهن سان سندن عقلن مطابق ڳالهايو. ماڻهن کي سمجهائڻ لاءِ سندن عبديت واري جنس بنجي ڳالهايائين. جو ڪين ان طرح سان هدايت ٿي پي سگهي. خاص ڪچهريءَ ۾ سندن گفتار انا احمد بلا ميمي هئي. ڪڏهن تہ ائين بہ چئي ويندا هئا تہ ڪبريائي ردائي عظمت ازاري، فمن نازعني فدخلہ النار، مگر عام ماڻهن کان راز لڪائڻ لاءِ چوندا هئا تہ ابا قدسي حديث اٿو. جيڪا رسول الله صلي الله عليه وسلم جي زبان مبارڪ مان نڪتي قرآن بہ تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جي زبان مان نڪتو. جيڪڏهن. جبرائيل آڻي ها تہ جبرائيل کي زبان ڪانہ هئي ڇا، جو ماڻهن کان ڏهہ ويهہ قدم پري ويهي پڙهائي ها. يعني استفت من قبلک لو افتاک المفتون. يعني توڙي مفتي فتويٰ ڏين تڏهن بہ دل کان فتويٰ وٺندا ڪريو. حق ناحق دل کان پڇوان مان سمجهو تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم ۽ ذات ذوالجلال ۾ ڪو فرق آهي. جنهن جي زباني گفتار الله جو ڪلام ٿي سڏجي. اها خبر ويساهہ سان سمجهو. اهو شاهہ اعظم خاڪي وجود جا ڪپڙا پائي چمڙا پوش ڪري ماڻهن کي سمجهائڻ لاءِ آيو هو. ماڻهن جا اهنج سهنج نيڪي. بدي معلوم ڪري ڪين هدايت ڪيائين. الله احمدي وجود جي آڙ ڪري عرب جي جاهل ماڻهن کي پڙهايو. ڪين توحيد جو ڪلمون سيڪاريائين. بادشاهہ توڙي پاڻ کي پاڻهون چوي تہ بہ اسان تہ ڪيس بادشاهہ سمجهنداسون پاڻ کي جيڪڏهن پاڻهو چوايائين تہ اهوان جي قرب جو ڳالهائڻ هو.

**بيت**

گر گويد شاهه خود را بنده ام، ليکه ما آن شاهه را دانده ام،

بادشاهہ جيڪڏهن پاڻ کي پاڻهو چوي تہ بہ سان کي بادشاهہ سڃاڻون ٿا.

شاهه را جو لاهه گر گويد کسي، او سزا يابد که او باشد خس
بادشاهہ کي جيکڏهن ڪو ڪوري چوندو تہ اهو پاڻ خسيس آهي سزا کائيندو
عبد گفتن عام رانہ بود روا، شاهہ راجولاهہ گفتن ناروا،
عام کي ٻانهو چوڻ نہ گهرجي، بادشاهہ کي ڪوري چوڻ روا نہ آهي،
شاهه را جو لاهه گفتن شد گناه شاهه عاليجاه دائم بادشاهه
شاهہ کي ڪوري چوڻ گناهہ آهي.عزت وارو بادشاهہ سدائين بادشاهہ هوندو آهي.
چغد تاريکي کجا شد شاهباز ، اين حقيقت را بدان او راهه جاه
اوندهہ واري چٻ شهباز ڪيئن ٿيندي.هن حقيقت جي رستي کي سمجهہ
چغد را با شد وطن ويرانئه شاهباز لامکاني لانئه
چٻ ويرانن ۾ رهندي آهي. شهباز تہ لامڪان جو رهاڪو آهي.
شب پر تيره کجا عنقا کجا، جاءِ دار دا وهيمشه در سما،
ڪاڏي چمڙو ڪاڏي عنقا باز عنقا سدائين فضا ۾ رهندو آهي.
شب پر تاريکي وتيره فهير، نيست جنس مرغ نور مستطير
جيئن اونداهي رات چوڏاري پکڙيل هئي. پکڙيل نور ڪائنات تي ڪنهن پکيءَ وانگر نہ آهي.
هڪ دفعي رياست جو والي مير علي نواز خان اسان وٽ موٽر تي چڙهي آيو. صحبت ڪندي چيائين تہ مان اوهان فقيرن جو غلام آهيان مون ۾ جيڪو ڪم ڪار هجيوَ تہ مان نياز مند حاضر آهيان. بادشاهہ جيڪو غلامي جو لفظ استعمال ڪيو. سوهن پنهنجو قرب ڳالهايو غلام چوڻ ۾ غلام ٿي ڪونہ پيو. ان چوڻ ڪري اسان بادشاهہ کان ڪو غلاميءَ جو ڪم وٺون ها ڇا؟ چئونس ها تہ اسان کي ڪاٿين جي پير ڪري ڏي يا دلا ڀري ڏي مگر بادشاهہ پاڻ کي غلام چوڻ سان غلام ڪونہ ٿيندو. ان طرح عام آدمي بہ جيڪڏهن رسول الله کي ٻانهو چوندا تہ ڏوهاري ٿيندا. جيئن دنيا ۾ ڪو بادشاهہ کي ڪوري سڏيندو تہ ڪيتري تہ ڪاوڙ لڳندي آهي رسول الله ﷺ کي بہ عبد يا ٻانهي سڏڻ تي ائين ڪاوڙ لڳندي آهي رسول الله ﷺ اهو چيو جيڪو

قرآن ۾ آهي تہ ” وما رميت اذ رميت ولکن الله رما“ موجود آهي جيڪڏهن رسول الله ﷺ کي ٻانهون ڪوٺيندا تہ شفاعت جي ڪهڙي اميد رکندا. ٻانهو ڪهڙي شفاعت ڪري سگهندو ٻانهي کي شاهہ اعظم جي اڳيان ڪهڙي طاقت آهي شاهہ اعظم چاٽندس تہ شفاعت ٿيندن نہ تہ شفاعت ڪان جواب اٿن.

هڪ دفعي ڪنهن عارف وٽ هڪ سوداگر مهمان ٿي اچي ٽڪيو فقير جي صحبت ڏاڍي حيرت ۾ اچي ويو. چوڻ لڳو تہ مان بہ ملڪ رليو آهيان سڄي عمر ۾ ههڙي خدائي صحبت ڪٿي بہ ڪانہ ڏٺي اٿم، هي صحبت جي شوق ۾ ٻي رات بہ ٽڪي پيو فقير. کي چوڻ لڳو تہ مون کي پنهنجي نالي ۽ ذات ڪان واقف ڪيو جو ٻئي دفعي اچان تہ اوهان جو پڇائي اچي لهان. تنهن تي فقير چيس منهنجو سچو نالو آهي. تہ مان الله آهيان ٻنهي جهانن ۾ جتي بہ ڳوليندين تہ مون ڪان سواءِ ٻيو الله نہ ليندءِ

## بيت

منم ذات بيچون و وحت نيشان مبرا زاد راک کون و مکان

منهنجي بيچون ذات آهي ۽ وحدت نيشاني آهي.مان سمجهہ سوچ ۽ ڪون ومڪان ڪان مٿي ۽ پاڪ آهيان.

تقدس منزه مرا شد کلام همان دور ازلي مرا است مقام

پاڪائي تقديس وارو منهنجو ڪلام آهي. روز اول ڪان منهنجو وجود قائم آهي.

همه عرش و کرسي زمين و زمان منم شد ساخت من شهم در ميان

سيئي آسمان ۽ زمين ۽ عرش ڪرسي مان ٺاهيا آهن ۽ انهن ۾ منهنجي بادشاهي آهي.

منم آنکه شاهنشاهه بينظير سميعم عليمم خبير م بصير

آءُ بي مثل شهنشاهہ آهيان جيڪو ٻڌندڙ چاٽندڙ ۽ خبر وارو ڏسندڙ آهيان

منهنجو سچو نالو اهو آهي جيڪو ٻڌايو مان ۽ ڪوڙا نالا تہ دنيا جي ماڻهن گهڙيا ئي رکيا آهن. هو منهنجي اصلي نالي کان بيخبر آهن، ڪو مون کي پاءُ ٿو چوي ڪو چاچو چوي، ڪي وري مامون ٿا ڪوٺين، ڪي پيءُ تہ ڪي وري ڏاڏو ٿا سڏين، ڪي ڀائو چون تہ ڪي منصور تہ ڪي وري جنيد پيا سڏين ڪي جادوگر تہ ڪي فريبي سڏين ڪي رحمان تہ ڪي شيطان چون، ڪهڙو نالو ٻڌائي ڪهڙو ٻڌايانءِ

**بيت**

من ام در شهر کو ران کس مارا نه ميبيند

مان انڌن جي شهر ۾ آهيان ان ڪري مون کي ڪير بہ سڃاڻي ڪونہ ٿو.

ميروم جائيکه مارا به چشمانه مي بيند

آءُ ان جاءِ تي وڃان جتي مون کي ڪير بہ ڏسي ڪين ٿو. منهنجي سچي نالي جي ڪنهن کي بہ خبر نہ آهي. توڙي فقير پاڻ پنهنجو نالو ٻڌاين تہ بہ اعتبار نہ ڪيائون. جي اعتبار ڪن ها تہ منهنجي ڏسڻ سان ٻئي الله جي ضرورت ڪانہ پوين ها. پر منهنجي پوشاڪ ۽ ڪاڏي پيتي ڏي ڏسي پلجي پيا. جن مون کي نہ سڃاتو تہ قيامت جي ڏينهن بہ منهنجي ڏسڻ لاءِ سڪندا، ۽ جن نہ سڃاتو تہ انهن کي جهنم ۾ اڇلائيندس مان هت آيو هيس تہ جيئن مون کي سڃاڻن. ممبرن تي چڙهي هوڪا ڏنم تہ بہ نہ سڃاتائون. اڳي جڏهن عرب ۾ جائو هُيس تہ مون تي ڪلمون پي پڙهيائون توڙي ڪفرستان ۾ جائو هيس. هت تہ هندوستان ۾ غريبن مسلمانن مان پيدا ٿيس تہ اهي ساڳيا مسلمان جن مون تي ڪلمون پي پڙهيو سيئي لڙيا. رڳو صورت متائي آيس تہ پلجي پيا.

**بيت**

جامان لک هزار پهريندڙ آءُ آهيان

کيم روپ اپار سير کيم صورت جو

ظاهر وارن جڏهن تصديق ۾ ثابتي ڪري مٿيان نالا رکيا ان ڪري مان به راز بند ڪرڻ لاءِ صبر ڪيو. سمجهيم ته هڪ جي ڳالهه گهٽا ڪونه مڃيندا پنهنجي الوهيت واري نالي جو مان پاڻ شاهد آهيان.

**بيت**

من آنم که خود را دانم ، ديگر کس نه مي داند

يعني مان اهو آهيان جيڪو پاڻ ئو ڄاڻان ٻيو ڪري به نٿو سمجهي

گهڻن نالن جي ڪري مون پنهنجو سچو نالو ظاهر ئي ڪونه ڪيو ڇو ته عام ماڻهو هن حال مان ڇا ڄاڻندا . ڏسو ته جيڪي رسول الله صلى الله عليه وسلم جي طالبن جا طالب آهن سي به من خدايم جا نعرا ڏا هڻن ۾ قم باذني جا هوڪا ڏا ڏين. جيڪي رسول الله جي وحداني درياه جا واهه آهن. سي به اهڙيون موجان ۾ لهرون ڏا ڪن ۾ ڪنڌ ڏا وجهن باقي جيڪو محمدي درياه خود آهي ان ۾ موج طغياني نه آهي ڇا؟ ان ۾ ته عشق جي وڏي موج آهي. هيءَ وڏي عجب جي ڳالهه آهي ڏسو ان درياهه جي واهن جا ڪم. شاهه منصور شمس تبريز بايزيد بسطاني شيخ شبلي، شيخ جيندُ، اهڙا ڪيئي ٻيا عاشق فقير غلام حيدر منصوري دم ۾ در جي وارا ٻانهپ کان اهڙا بر خلاف هوندا آهن. جيئن مسلمان ڪفر جي جٽئي کان بيزار هوندا آهن. ڇو ته انهن عاشقن ٻانهپ وارو جٽيو ڇنو آهي ۾ عشق جو نئون تازو اسلام برپا ڪيو اٿن

علم جي عالم ۾ عشق جي عالم ۾ هي فرق آهي ته علم جو عالم منطق ۾ فقه پڙهي عالم فاضل مولوي ٿيندو ته ان کي علم مان اها روشني ملندي جو جڏهن ڪنهن آدميءَ تي نظر پوندس ته لاحول پڙهندو. ايتري علم مان شيطان جو ديدار نصيب ٿئيس. ٻين کي خبيث ۾ پاڻ کي پلو ڄاڻي فاينما تولو فثم وجه الشيطان ڏسندو. لاحول جو ورد زبان تي رکي اعليٰ ادنيٰ کي ڌڪاريندو وتندو. الله جي نالي بدران شيطان جو نالو هٽ آيس. هي جي سڃاڻي ها ته مشرڪ ۾ خبيث ته پاڻ کي سمجهي ها ڇو ته الله جي نالي کي گم ڪيون پاڻ کي اثبات ڪيون وينو آهي. شيطان به خود آهي ته ڪٿو ڪافر به پاڻ آهي ڇو ته سڄي عمر هن ڍڍرَ جي ٿهل ۾ خدمت ۾ ٿو گذاري

بوتي جو غلام ٿي رهيو. ٻانهي جو ٻانهون ٿي گذاريائين. جي الله اثبات ڪري ها تہ موحد ٿئي ها مگر هن پاڻ ظاهر ڪيو ان ڪري ملحد ٿي پيو.

موحد ۽ ملحد ڇا آهي؟ ملحد اهو آهي جيڪو هن بوتي ٻانهي جو ٻانهو ٿيو. سموارا دم ان بوتي جي خدمت ۾ تلف ڪيائين نفس کي پالي خوش ڪيائين . هي نفس الله جو ۽ اسان جو دشمن آهي. ان کي ڪڇ ۾ ڪري جيڪو پالي ٿو ان سان الله ڪهڙي مدد ۽ ٻاجھ ڪندو؟

اِنَّ مِنۡ اَزۡوَاجِکُمۡ وَ اَوۡلَادِکُمۡ عَدُوًّا لَّکُمۡ فَاحۡذَرُوۡهُمۡ ۚ بيشڪ توهان جي اولاد ۽ زالن مان توهان جا دشمن آهن. انهن کان ڊڄو جو الله وساري ڇاڻي واٽي انهن جي خدمت ٿا ڪريو. الله جو ذڪر دم سان ڪرڻ وساري پولي نفس جي خدمت ۾ سيئي ڳٽيل دم وڃائي ڇڏيو. اهي ان نفس پولي جا ائين خدمتي آهن جيئن رڇ کي پناگر سوٽيون هٽي پنائيندو ۽ نچائيندو وتندو آهي.

رڇ جو سارو ڏينهن حال اهو آهي جو در در تي لٺيون سوٽيون لڳنديس ۽ گهر گهر ڪري رلائنس، سانجهيءَ جو فقير چڱيون مانيون پنهنجي ٻچن جي اڳيان آڻي رکندو. رڇ کي پکي ڪان پري ڏر هٽي ڪنڌ ۾ سنگهر وجهي ڇڏيندس. رڇ جي اڳيان پاورٽا ۽ سڪل ٽڪر اڇلي ويندو هي رڇ انهن ٽڪرن کي ڏاڍي مشڪل سان چٻاڙي ڪائيندو.

رڇ آدميءَ جو وجود آهي جنهن کي حرص جي خيال جي نوڙي نڪ ۾ پيل آهي. نفس پناگر اٿس. سارو ڏينهن ڪمن ڪارن ۾ هٽ هٽ پيو پڇائيس ۽ نچائيس. سڄ لهڻ مهل هن جي حياتي جو پورو ٿيڻ آهي. زمين جي ڏر قبر اٿس. سڏن جي سنگهر سان قبر تي ٻڌو وينو هوندو. رڇ وانگر ساري عمر تباهہ ٿي ويس.

### بيت

حرص وارو آدمي رڇ جي مثال ٿو نچي در در اجايو بدافعال
ناچ جي مقصود رڇ وانگي خراب خوار، ظاهر ۽ باطن نہ ٿئي هورستگار

ملحد اهو نفس آهي جيڪو ساري عمر ريج وانگر بي سود نچي ٿو. موحد ان کي چئبو آهي جنهن پاڻ گم ڪري الله اثبات ڪيو. پنهنجي هستي حق جي هستي ۾ نابود ڪيائين. جيئن ڦڙو درياهہ ۾ پوي تہ عين درياهہ ٿي پوي.

## باب ستون

# وحدانيت جي واڪاڻ

فقير عام ماڻهوءَ جي ماني نہ کائيندو. جي کاڌائين تہ دل تي بار ٿيندس. عام ماڻهو جي ماني کائڻ سان طالب جو ذڪر بيهي ويندو آهي. جاهل صوفي عالم ۽ ڪامل فقير سن حسد ڪندو. پر پٺ عالمن تي ٺوڪون پيو ڪندو. ڇو جو پاڻ جاهل آهي.

بيت : اکران دي وچ جوئي اڙيا. عشق دي چاڙهي مول نہ چڙهيا.

اهو جاهل صوفي اکرن کي علم چوندو، معنيٰ کان بي خبي. اکر آهن دنيا جا وهم ۽ سڏون. جيڪو انهن ۾ اڙيو سو الله کان گمراهہ ٿيو. مگر بي سمجهہ کي اها خبر نہ آهي تہ عارفن جا توحيدي دفتر ۽ خدائي ڪلام بہ سڀ ڪلام الاهي آهن. جاهليت جي جملن ڇوڙڻ سان پنهنجو دين ايمان چٽ ٿو ڪري.

اهڙي جاهل صوفيءَ جي باري ۾هڪ هندوءَ ٻڌايو تہ هالاڻيءَ ۾ان جو هڪ مريد هو. جڏهن هالاڻي ۾آيو تہ مڙهيءَ ۾ ويو ۽ بہ ٽي واٽيہ بہ ساڻس گڏ هئا. مڙهيءَ ۾ مهاديوَ جي دڪي هئي جتي بت رکيل هئا. جيئن جو اهو جاهل صوفي آيو تہ مٿو ٽيڪي بتن کي اچي سجدو ڪيائين. واٽيہ ڳالهہ ڪئي تہ مون کي پڪ هئي تہ مسلمان جي مذهب ۾بتن کي سجدو ڪرڻ وڏو ڏوهہ آهي، مگر هن بتن جي اڳيان سجدو اسان کي ويساهہ ڏياري مريد ڪرڻ لاءِ ڪيو آهي. پوءِ مان سجاتس تہ هي ننگ آهي فقير نہ آهي. جيڪڏهن خدا کي پهتل هجي ها تہ مندر ڏي هلي ئي ڪين ها. اسان علم جو تاڪيد تڏهن ٿا ڪريون جو جاهل جي فقيري جو اهو حال آهي رسول الله صلى الله عليه وسلم بہ اهڙن فقيرن لاءِ فرمايو آهي تہ الفقر سواد الوجهہ في الدارين. يعني اهڙي فقيري ٻنهي جهانن ۾ منهن ڪارائي آهي.

### بيت

اول علم آموزو بعد ازان این جابیا، جاهلان راپیش حضرت حق تعالیٰ نیست جا
اول علم پڙهه پوءِ هيڏي اچ ڇو تہ جاهلن کي حضرت حق تعاليٰ اڳيان جاءِ ڪانهہ ملندي
علم باطن همچون مسکه علم ظاهر همچون شیر، کئي شود بي شير مسکه کئي شوبي پير پير
باطني علم مکڻ مثال آهي تہ ظاهري علم کير وانگر آهي. کير کانسواءِ مکڻ نہ ٿيندو ۽ مرشد کانسواءِ فقير ڪيئن ٿيندو.
اهڙي جاهل فقير جو مريد بہ جاهل تہ ڪڪڙ ٻچن سوڏي انڌي عالم ۾ واصلي فقير جو طالب توڙي جاهل هوندو تہ بہ صحبت مان چڙهي ويندو. ڇو تہ مرشد کيس لامڪان کان تحت الثريٰ تائين واقف ڪيس. پوءِ اهڙو جاهل بہ علم وارو ٿيبو.
هڪ جاهل صوفي ڪنهن وڏي شهر ۾ واڻين مريدن ڏي ويو ساڻس پٽ ۽ پوٽا بہ گڏ هئا. پوٽن خواه پٽن کي سمجهايائين تہ ڪپڙا واڻين جي دوڪان تان سنا آڻجو جڏهن واڻيہ ڪپڙا آڻين تہ توهان پئسہ مون کان گهرجو تہ مان چوندس تہ ابا پئسہ ڪونہ آهن. پوءِ پاڻهيئي پسئہ مريد ڀريندا ۽ اوهان لاءِ سنا ڪپڙا ٿي پوندا. آخر ڇوڪرن ڪپڙا آڻائي چيو تہ ڏاڏا پئسہ ڏي. پاڻ جواب ڏنائين تہ ابا مسڪين فقيرن وٽ پئسہ ڪٿا آيا. اهو ٻڌي ڇوڪرا روئڻ لڳا. جو سمجهايل هئا اها ڏسي مريد پئسہ پنج سئو روپيہ ڏنا هنن ويچارن کي خبر نہ هئي تہ اها ڪا گروءَ جي حرڪت هئي هوڏانهن پاڻ هزارن جو مالڪ هو. اهو آهي جاهل صوفيءَ جو ڇند ۽ مڪر.

## بيت رومي صاحب

صوفيءَ دنیا پرست وناخلف، حب دنیا عمر او کرده تلف
دنيا جي طالب صوفيءَ نياڳي، دنيا جي محبت ۾ عمر تباهہ ڪري ڇڏي
صوفيءَ مکار شد مردم فریب دام تزریزي کشیده مکر وفریب
مڪريل صوفي ٿيو تہ ماڻهو ڦريندو. اٽڪل ۽ نڳيءَ سان ڦاهيون پيو اڏيندو.

تابدان سالوس دنيا را اخرد ، بي خبر با خويشتين اين مکر کرد
تڏهن تہ بيوقوف دين تي دنيا خريد ڪئي بي خبر اها نڳي تہ پاڻ سان ڪئي
يخدعون الله و ما يخدعون ، کل شيءٍ يرجع الیٰ اصله
نڳي الله سان ٿا ڪن مگر پاڻ ٿا نڳجن، سڀ شيون پنهنجي اصل ڏانهن موٽن ٿيون.
اين جزائي في جهنم خالدين. بشنوو الله خير الما کرين
ان سزا سان جهنم ۾ ويندا، ٻڌو تہ الله نڳن کان وڌيڪ سياڻو آهي.
صوفي روباهه گمرهه کرد خلق همچون گربه موش را بگرفت حلق
لومڙ جهڙي صوفيءَ خلق گمراهہ ڪئي آهي. ٻليءَ وانگر ڪوئن کي نڙيءَ مان ٿي پڪڙي
همچون گربه ذا کر زير درخت : موش گر آيد زندان سخت
جيئن ٻلي وڻ هيٺان ويهي ذڪر ڪندي آهي ڪئو ايندو تہ سڪ چڪ وجهندي اٿس،
وان مريدان گويندا اين شيخ کهن در مراقب خلوتش باذاو لمنن
اهي مريد چوندا تہ هي وڏو پراڻو پير آهي. مراقبي ۾ خدا سان ڪچهري ٿو ڪري
چشم پوشيده است از هل عوام بيخبر مردم کشوده است بدام
عام ماڻهن کا منهن ۾ اکيون ڍڪي ٿو اڻ ڄاڻ ماڻهو سندس دام ۾ ڦاسن ٿا.
شيخ کهنه شدو خودار اونه يافت لاجرم گشته مراکب ذکر تافت
بزرگ ڪراڙو ٿي مگر پان کي نہ لڌائين سندس مراقبہ ۾ ذڪر اجايا ويا.
هر که خود را يافت اوبي ذکر شد نه براو خلوت نه چله فکر شد
جنهن پاڻ کي لڌو تہ ذڪر بيهي ويندس انتي مراقبہ يا چاليهي جي ڳڻتي نہ هوندي
شيخ کهنه هست جويائي خدا. تاهنوار ذا کر است ودر فقا
شيخ ڪراڙپ تائين خدا کي ٿو ڳولي اڄ تائين هو جهد ۾ ذڪر ۾ بيٺل آهي.
چه مراقب غائب را انتظار ، ميکنده موش راد رختان شکار

مراقبو غائب جو انتظار آهي. اهو ڄڻ جهنگ مان ڪوئن جو شڪار ٿو ڪري.
شيخ شد کهنه مراقب در نماز دل بو درد جمع دنيا حرص آز
شيخ ڪراڙپ تائين مراقبي ۽ نماز ۾ آهي، دل دنيا جي گڏ ڪرڻ جي حرص ۾ اٽس.
انتظار است آن مراقب بهر حق، شيخ کهنه شد نه ديده مهر حق.
مراقبہ تہ الله لاءِ انتظار آهن. ڪراڙپ تائين الله جو ديدار نصيب نہ ٿيس
چونکه نا ديده است حق را او نه ديده، زان مرا کب زکروا دارد مزيد
جڏهن تہ حق اڻ ڏٺل اٿس ڏٺوئي نہ اٿائين، ان ڪري گهڻا مراقبا ۽ ذڪر ٿو ڪري.
چون خدا حاضر هي بيند فقير، نام بردن حاضر کار ضرير
فقير جڏهن خدا کي حاضر ڏسندو آهي تہ پوءِ حاضر واري جو نالو وٺي سڏ ڪرڻ انڌي جو ڪم آهي.
شد مجاهد قطع که او حق را بيافت، آفتاب معرفت بروئي بتافت
جنهن حق کي لڌوان تان مجاهدا معاف ٿيا، ان تي معرفت جو سج اڀريو.
ذکر باشد شمع بهر تيره شب، تا که رهرو در رود راه رب
ذڪر اونداهي رات لاءِ شمع آهي تہ جيئن واٽهڙو رستو وٺي سڌو الله ڏي وڃي.
چونکه خورشيد عنايت طلوع شمع شرمنده شده افگندر کوع
جڏهن عنايت جو سج اڀريو تہ شمع لڄي ٿي نوڙي جهڪي پوندي.
پس غلط باشد به جستن آفتاب با شمع بي عقل باشد در د باب
پوءِ سج کي اڀريل ڏسي ڳولڻ غلط آهي. روشني ۾ بتي ڪڻ بي عقل جو ڪم آهي.
از بهر خورشيد خورشيد گواه. شمع چه دهد گواهي شد تباهه
سج جو شاهد بہ سج ٿي ٿو سگهي شمع پاڻ ختم ٿي ويندي ڪهڙي شاهدي ڏيندي.
وان مريد ان چاپلوس وبي وقوف پيش مرشد نرم ميگويد حروف
اهي مريد خوشامدڙيا ۽ بوقوف آهن اڳيان جهٽيو پيا ڳالهائيندا.

ديگران را اوز گفتن لب گزند ، پس ز گفتن جمله خاموشي کنند
ٻين کي بہ ڳالهائڻ کان پيا چپ ڪرائيندا. پوءِ جي ڪنهن ڳالهايو تہ هي ماٺ ٿي ويندا.
هر کس راز ير لب آوازها، شيخ ما اندر ذکر در راز ها.
هر ڪنهن کي هوريان ڳالهائڻ لاءِ پيا چوندا. اسان جو مرشد ذڪر ۾ راز الاڳي ۾ وينو آهي.
آن خوشامد گوو آن نادان مريد شيخ ناقص را کنند همچون يزيد
اهي خوشامدي نادان مريد. ناقص پير کي يزيد جهڙو متڪبر بنائي ڇڏيندا.
وان مريدان بر درش جمله خموش ، از بهر آواز شيخ گوش هوش.
اهي سندس مريد در تي ماٺ ۾ هوندا ان جي آواز لاءِ ڪن ۾ ڏيان ڏيون ويٺا هوندا.
چون بدر آيدر خلوت شيخ نشين ، ميکند گفتار زير لب لعين.
اندر ويٺل پير جڏهن جو بيٺڪ مان ٻاهر ايندو تہ اهو لعنتي هوريان پيو ڳالهائيندو.
نرم گفتار چون گربه حيله ساز، از برائي اثر مردم مکرباز
اتڪلي ٻليءَ وانگر هوريان پيو ڳالهائيندو. ماڻهن کي اثر ۾ نڳڻ لاءِ
غره شيران حق چون رعد برقي، مي رود آواز شان بر نه طبق
حق جي شينهن جو آواز گجگوڙ جهڙو ٿيندو آهي. انهن جو آواز نون طبق تي ويندو آهي.
مگر دنيا نرم گفتار بود، از بهر خود شيخ گفتار بود
دنيا جي مڪر جي گفتار نرم هوندي آهي. ماڻهن کي نڳڻ لاءِ شيخ جي اهڙي گفتار هوندي آهي.
آن مريدان چاپلوس وياژگو، در ثنائي شيخ اندر گفتگو.
اهي خوشامدي ۽ بڪواسي مريد. شيخ جي تعريف ۾ مصروف هوندا آهن.
چاپلوس آن مريدان کره خردست بسته جملگان افگندسر
اهي مريد کوڙا خوشامندي آهن. هٿ ٻڌيون سڀ سجده ۾ هوندس
شيخ مارا منزل لاهوت بس، هم بدين جا کس نه دارد دسترس

اسان جي مرشد جي منزل لاهوت آهي. سندس جاءِ تي ٻيو ڪير به پهچي نٿو سگهي.

اين نه مي داند اعميٰ شيخ را، که اندرون ناسوت گم گشته فنا

اهو نٿا سمجهن ته سندن مرشد انڌو آهي جيڪو هن دنيا جي جهان ۾ ئي گم ۽ فنا آهي.

طالب دنيا ست کافر ملحد آهي، کئي شود مردانهءِ حق مرحر

دنيا جو طالب ملحد ڪافر آهي. هي حق جو مرد موحد ڪيئن ٿي سگهندو.

از وجودنه مي آيد بدر ، بس کجا کرده بود سر سفر

هيءَ پنهنجي جسم مان ئي نه نڪتو آهي. پوءِ هن ٻيا سير سفر ڪٿان ڪيا آهن

چون که شد محبوس جا او به تن، همچون شب پر تير گي دار وطن

جڏهن هي جسم ۾ قيدي آهي پوءِ ته چمڙي وانگر اونده هن جو ٽڪاڻو آهي.

ديگران را حق نمايد او گهه حق را ند ديده روبرو

اهو ٻين کي الله ڪيئن ڏيکاريندو هن ته ڪڏهن الله کي روبرو ڏٺو ئي ڪينهي.

هڪڙو جاهل صوفي ڪنهن ڳوٺ ۾ واڻين وٽ ويو. واڻيه وٽس حلوا پاپڙ ۽ پڪوڙا مصري منائي جا ٿالهه ڀري کڻي آيا ۽ ماني به کڻي ڏنائونس هٿ ڌوئاري چيائونس ته ماني پوءِ کائجو اڳ ۾ هڪ سوال جو جواب ڏيو. سوال آڪاس لوڪ جو آهي ته روح نر آهي يا مادي، جواب ۾ چيائين ته مون کي خبر ئي نه آهي. مان پڙهيل نه آهيان. تنهن تي واڻين چيس ته تون فقير به نه آهين پيٽ پالو آهين. آڪاس وديا. يعني آسماني علم جي توکي خبر ئي نه آهي. جي خبر هجيئي ها ته ضرور ڪو جواب ڏئين ها. ائين واڻين سندس اڳيان پيل سڀ شيون کڻي ورتيون ۽ چيائونس ته توکي (رسوئي ماني ) کارائڻ به پاپ آهي. اسان ڀڳوان جي اڳيان لڄي ٿينداسون. چو ته تو جهڙي بيوقوف جي خدمت ڪرڻ به بيوقوفي آهي. ڏسو ته ان انڌي صوفيءَ کي واڻين به سڃاتو ته بي حاصل آهي. عام لاءِ ته سوال تمام ڏکيو آهي. هن سوال جو جواب ملان قاضي به ڏيئي نه سگهندا. مگر فقير عارف!

هڪ دفعي ڪنهن ماڻهوءَ جاهل صوفيءَ کان پڇيو تہ مست مجذوب گهڻو ڇو ڪلندا آهن، تہ جواب ڏنائين تہ مجذوب ٿهڪي جي منزل ۾ ويندا آهن جتي وڻن جو پاڙون مٿي ۽ لامون هيٺ ڏسندا آهن. تڏهن ڪلندا آهن. ٿهڪي جو مقام ۽ منزل نہ ڪتابن ۾ نہ حديثن ۾ ڪنهن پڙهيو آهي ۽ نہ ڪنهن ٻڌو آهي جاهل صوفيءَ جو جواب ڪل جهڙو.

رسول الله ﷺ ان ڳالهہ جي جواب ۾ فرمايو هو تہ مستن کي خدائي وصل جي خوشي آهي ۽ پيو ڪو بہ غم ڪونہ اٿن ان ڪري ڪلندا آهن ڏسو تہ ڪهڙو نہ سهڻو جواب آهي.

ان جاهل صوفيءَ هڪ دفعو ڳالهين ڪندي چيو تہ عاشق فقير سجين مڪان (دوزخ) ۾ رهندا آهن. تنهن تي سندس ڪچهري ۾ ڪو پڙهيل فقير موجود هو تنهن منهن ۾ هٿ هڻي چيس تہ مان توکي ڪيترا دفعا سمجهايو آهي. تہ عليين مڪان ( بهشت) چئو سجين جهنم کي چئبو آهي عاشقن تنهنجو ڪهڙو ڏوهہ ڪيو آهي جو سجين ۾ ٿو وجهين چيائين تہ مون کي سجين لفظ سولو ٿو لڳي عليين چوڻ ڏکيو ٿو لڳي. اهو حال آهي جاهل فقير جو.

هڪ دفعي هڪ جاهل صوفيءَ ڪنهن پڙهيل کان پڇيو تہ مئي کانپوءِ هي هتئون واري محبت رهي ٿي يا نہ؟ اهو پڙهيل فقيرءَ کان بي خبر هو تہ بہ جواب ڏنائين تہ روح کي جسماني واري محبت ڪانہ هوندي آهي. باطن بي پرواهيءَ جو ملڪ آهي. ڏسو تہ جاهل صوفيءَ کي ايتري بہ روشنائي نہ هئي جو اها خبر بہ ٻين کان پيو پڇي.

هڪ دفعي ڪو درويش جي اولاد مان آدمي رنديءَ صحبت ٻڌڻ لاءِ بي حاصل صوفيءَ وٽ ويو تہ من ان فقير کان ڪا باطني مدد ملي. جڏهن وٽس ويو تہ اهو مريدن وارو فقير هن جي پيرن تي ڪري پيو ۽ چوڻ لڳس تہ وڏن پڪين جا ڪنپ آهيو مون کي دعا ڪريو تہ جنهن پيڙيءَ ۾ فقير چڙهيا آهن تہ مان بہ چڙهان. ائين وري وري هن کان دعا پيو گهري. هن فقير جي تہ رندي صحبت ٻڌل هئي دل ۾ چيائين تہ مار مان ڪنهن کان مدد وٺڻ آيو آهيان.

جو هي تہ اجا فقيري جي ڀيڙيءَ تي چڙھيو ئي نہ آھي. ڀيڙيءَ تي چڙھڻ جي ڪيس پڪ بہ نہ آھي. سندن عمر اسي ورھيہ آھي تہ بہ ٻين کان دعائون ٿو گھري. ويچار ڪيائين تہ پنڌ ئي اجايو ٿيو. حق ڪي نہ پھتل ۽ بي حاصل فقير جو اھو حال آھي.

ھڪ دفعي خواجہ ابو الحسن خرقانيءَ کان حاجين جي قافلي بَدوِنِ جي ڦر مار کان دعا گھري خرقاني صاحب چين تہ اوکيءَ مھل مون کي سڏ ڪجو تہ اوھان جي مدد ڪندس. پوءِ حاجين ائين ڪيو ۽ سڀ قافلو سلامتي سان موٽي آين. ڏسو تہ عارفن جي ڪيڏي نہ طاقت آھي فقير ۽ ڪوڙي مڪار ۾ ڪيڏو نہ زمين آسمان جو فرق آھي. ھو ڀيڙيءَ ۾ چڙھڻ لاءِ ٻين کي منٿون ٿو ڪري ۽ ھيءَ صوفي ٻين جا ٻيڙا ٿو تاري. شمس الحق تبريز قم باذني ۽ اسجدني جا نعرا ٿي ھنيا ۽ ھيءَ جاھل صوفي ڀيڙيءَ ۾ چڙھڻ لاءِ ٻين کا دعائون ٿو گھري.

ھڪ دفعي ھڪ توحيد جي قائل فقير کي شوق ٿيو تہ فلاڻي فقير وٽ وڃان. جڏھن وٽس ويو تہ ڪائونس پڇيائين تہ توھان جو دفتر الاھي ۾ ڪھڙو نالو رکيو اٿن. چيائين تہ ڪنل ٻڪري, اوچتو سندس پٽ ۽ پوٽا آيا جن کي ڏسي فقير چيس تہ ھي ڪنل ٻڪريءَ جا چيلا آھن جيڪي ڪني ڪانپوءِ ڄڻيا اٿس. اھا ڪنل ٻڪري جڏھن مريدن وٽ وڃي ٿي ڪراچيءَ تائين پاپڙ پڪوڙا پر ساد سگر لايون ڪر ٿيندي ٿي وڃي. پوءِ فقير چيس تہ افسوس جوتو ھيترا ورھيہ فقيري ڪمائي ۽ توکي لقب وري ٻڪري مليو. انسان مان ڦري حيوان ٿي پئين, عارفن جن الله اثبات ڪيو سي انسان مان الله ٿي پيا ۽ من خدايم جا نعرا ھنيائون ھاڻي ٻڌاءِ تہ توکي ڪھڙي ٻڪري سڏيون ڪاري ڪبري لاڪي ياليڙي يا ٻتي ٻڪري تون ٻڌاءِ تہ توکي دفتر الاھي مان رنگ ڪھڙو مليو آھي. جنھن تي ناقص فقير واٺڙو ٿي ويو. پنھنجي ڳالھہ مان ڦاٿو. پيشمان ٿيو.

ھڪ دفعي نبي بخش نالي زميندار اسان کي ٻڌايو تہ مان مرحوم مير امام بخش جي وقت ۾ چيڙن سان گڏجي موچاري پوشاڪ سان ھڪڙي

نادان صوفي جي اوتاري ۾ ويس. مان فارسي به پڙهيل هُيس ڏنم ته ان فقير وٽ هندو گهڻا ويٺا هئا. جن کي گيان جون ڳالهيون ٿي ڪيائين ته ابا هيءَ فقيري جيڪا اسان وٽ حي ان جي خبر رسول الله صلى الله عليه وسلم کي به ڪانه هئي معاذ الله چيائين ته رسول الله صلى الله عليه وسلم رڳو روزا نمازون ڄاڻندو هو. باطن بين فقير نه هو. مون کي نبي بخش فقير کي عبرت ٿي لڳي ته نياڳو دنيا لاءِ دين ٿو وڪڻي. هندو رسالت جا ته اڳ ۾ ئي سخت منڪر آهن. هي مسلمان به رسول الله صلى الله عليه وسلم جي رسالت جو منڪر ٿي پيو آهي. قرآن پاڪ ۾ اهڙن صوفين لاءِ فرمان آهي ته اِنَّ الَّذِيْنَ يُؤْذُوْنَ اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ لَعَنَهُمُ اللّٰهُ فِي الدُّنْيَا وَ الْاٰخِرَةِ وَلَهُم عَذَابُ اَليم. رسول الله جي شڪايت الله جي شڪايت آهي هاڻي ڏسو ته اهو صوفي محشر ۾ انهن ڪراڙن ڏوتي بندن جڻيون پائيندڙن ڪولرن سان گڏ اٿندو. من تشبه بقوم فهو منهم. اهو رسول الله جي روبرو ڪيئن اٿندو. اي مسلمانو! هن صوفي کي روسول الله جو طالب سمجهون يا گورک مڇيندر يا ايسر مهاديو جو طالب سمجهون اها ڳالهه نبي بخش هڪڙي رند عارف سان ڪئي جنهن تي فقير چيس ته افسوس تنهنجي مسلمانيءَ جو جنهن وقت ائين چيو هئائين ته ڏاڙهيءَ مرهٽ وجهي ڪٽي دسينس ها ڏاڙهيءَ ۾ بج ئي نه ڇڏينس ها جو اها ڏاڙهيءَ واڻڪي هئي. پوءِ جي جيل وڃي ها ته به جاچ بعد آزاد ٿي وڃين ها. جو مسلمان حاڪم هئا

هڪڙي جاهل صوفي شاهه شرف بو علي قلندر جو بيت ياد ڪيو ۽ اهو بيت ڪنهن عارف بالله جي سامهون پڙهيائين ته ” شرف گرباد ورزد مائيه زلفش به برد. باد را نيز نزد زلفش وريدن نه دهم وي“ يعني شرف جيڪڏهن هوا لڳي ۽ محبوب جي زلفن مان خوشبوءِ ڪٽي ته مان هوا کي به سندس زلفن جي وجهوا چڻ به نه ڏيندس. تنهن تي عارف پڇيس ته چا انهيءَ محبوب کي زلف به آهن. تنهن تي چيائين ته هائو. وري عاشق آزمائش لاءِ پڇيس ته ڏاڙهي به هوندس. ته به جاهل صوفي چيو ته هائو اٺ اگر ڏاڙهي به اٿس. وري ڏاڙي جو رنگ پڇيائين ته ڏاڙهي صفا اڇي اٿس. زلفن ۾ شيشون ٽنگيل اٿس، هڪ شيشيءَ ۾ شراب ته ٻيءَ ۾ ڪجل اٿس. جيڪو پائيندو

آهي. پوءِ عارف چيس تہ ڇا ڪراڙو ٿي ويو آهي ڇا جو سرمون ۾ ڪجل ٿو پائي پوءِ تہ تيل بہ مکيندو هوندو. پوءِ معرفت واري فقير ٽنولي ڪري چيس تہ رنگ تہ فقيري اٿئي باقي خبر تہ ڪابہ ڪانہ اٿي. حقيقت ۾ ڏاڙهي عبديت جو نيشان آهي. احديت ۽ عبديت جا وار ڪين آهن. جڏهن هن ذات ذوالجلال تي ڪوڙ هنيو تڏهن ان فقير چيو تہ آسمانن مان قدرت جي طرفان بہ هٿ ٻُجَنِ وانگر لعنت جا لتا جيڪي ان جاهل جي منهن ۾ اچي لڳا. جن جي ڏسڻ سان ان عارف فقير تي وجد حال پئجي ويو ۽ بيهوش ٿي ويو. اهو حال ڏسي اهو. جاهل شرمسار ٿيو. ڏنائين ڪجهہ بہ ڪونہ جيڪو بہ ذات ذوالجلال تي ڪوڙ هڻندو تہ اها تعدي ان سان ٿيندي لعنت الله علي الڪاذبين ڪوڙن لاءِ آهي.

هڪ دفعي بيدل فقير جي ميلي تي وياسين تہ اتي شڪارپور جي صوفين جو هڪ ٽولو ڏٺوسين جن جو حال ڏسي حيرت لڳي انهن فقيرن مان هر هڪ کي آئينو ۽ ڪجل جو آنڙو کيسي ۾پيل پوشاڪ هوائي گيڙو مٿي تي شودن وارو ڏنگڙو پٽڪو ٻڌل .

**بيت**

ترڙي تور تي نوشي پٽڪي اڳريان ڇهہ ڇهہ ڇلي
ظره ڇوڙ ميليان تي آون ڳاندو ڪر ڪر ڳلي
ٻہ رنان راتيون ۾ ٻلٻليون ساڻ هجنن اهي
ٻہ گيڙوءَ جي لٽن ۾ لعل هجن

نظارا پيا پچن، پنگ جو ڪونڊو پي ساري رات ڊيڀڪا پيا ڪن، جيڪو فقير غيرت ڪري تہ ان کي چون تہ هي فقير الله نٿو ٿئي رسول ٿو ٿئي. ڇو جو رسول الله گناهن کان پاڪ هو. ۽ چون تہ الله ڪل شيءِ محيط آهي. افسوس جو الله جي محيطي واري معنىٰ ڊيڀڪي واري پاسي پيا ڪن اهڙا بي غرت ، اسان ٻئي هنڌ ڪٿي بہ اهڙي فقيري ڪانہ ڏٺي.

حضرت رسول الله صلی اللہ علیہ وسلم جي وقت ۾ سعد اصحاب زال کي اعتراض جوڳي حالت ۾ ڏٺو ان مهل ٻيئي ماڻهو قتل ڪري وڌائين. جڏهن رسول الله

صلی الله علیه وسلم کي خبر پئي تہ پاڻ فرمايائون تہ ان سعد غيوراَ وانا غيورا منہ والله غير مني يعني بيشڪ سعد غيرت وارو آهي. مگر اڄوڪن صوفين کي بيغرت بانيو آهي. معاذ الله ڪل شيءِ محيط جي معنيٰ اها نہ آهي جيڪا هي ٿا ڪن. هو ڏهن فقيرن جو رهبر رسول الله فرمايو هو تہ الزنا يخرج بنا يعني زنا پاڙون پٽيندي آهي.ذات ذوالجلا قرآن پاڪ ۾ بار بار فرمايو آهي تہ قانتات طيبات يعني سڏ ۽ پاڪائي جا حاڪم آهن. هي فقير ڏنڊي ۾ پير ٻڌي ٻہ چار ڏنڊا مستندا گڏجي هر هڪ درگاه تي رنان نچائيندا وتن. رنن جي بوءِ تي ماڻهو ائين اچي گڏ ٿين جيئن وهريل ڪتيءَ تي ڪتا اچن. تئين هر لوفر فقري ويس. ڪري ٽولا ناهيون هلندا وتن. قرآن ۾ آهي تہ قُلۡ لِّلۡمُؤۡمِنِيۡنَ يَغُضُّوۡا مِنۡ اَبۡصَارِهِمۡ وَيَحۡفَظُوۡا فُرُوۡجَهُمۡ ؕ يعني (اي رسول ) چئو مومن کي تہ پنهنجو ن نگاهون جهڪيون رکن ۽ اوگهڙن جي حفاظت ڪن. اهو سيني مسلمانن لاءِ حڪم آهي.

**بيت**

جمله عالم زان غيور آمدز حق، بر داز غيرت درين عالم سبق

سارو جهان حق تعاليٰ غيور وٽان آيو آهي. ان ڪري هن جهان ۾ غيورت جو سبق ورتو اٿن.

او چون جان است و جهان چون کالبند، کالبنداز جان پزيرند نيک و بد

ذات حق ساهہ آهي ۽ جهان جي مخلوق جسم آهي. اهي جسم مان نيڪي بدي اختيار ڪن ٿا.

غيرت حق بر مثل گندم بود گاهه خرمن غير مردم بود

الله جي غيرت ڪڪڪ جي ان وانگر آه ۽ ماڻهن جي غيرت بهہ مئل آهي.

اصل غيرت يا بندنداز الله، ان خلقها فرع حق بي اشتباه

اصلي غيرت الله وٽان آندي اٿن خلق ڏاريون آهي حق تعاليٰ جون بنا شڪ شهبي جي.

حوض را گر آب او شيرين بود، آب شيرين هم لئو لئو مي رود

حوض جو پاڻي چوڏاري منو آهي. منو پاڻي لئولئوءِ مرجان جهڙو آهي.

وري ڪي جاهل صوفي لسڙا ڇوڪرا ناچوڪيون نچائيندا وتن. اهي ڇورا ۽ رنون انهن بي حاصل صوفين جي آسري تي لڳا وتن . بد نظر ۽ بدفعلي لاءِ رات جو گڏجي سمهن. ڀنگون چرس. آفيم پيا پيئن، منجهن ڪابہ الله جي بوءِ بہ نہ هجين، انهن بي حاصلن جو مرشد پنهنجون ڪافيون ڪلام پيو چورائي، جنهن اهي فرن ۽ نعرن جون ڪافيون ٺاهيون ان ڪان هڪ ڪلام جي معنيٰ پڇي سي، تہ هڪ حرف نہ آيس. ائين سڪ ٽي ويو. جيئن گڏهہ گپ ۾ گچندو آهي " خرد رگل بماند. وآن بار در آب انداخت" يعني گڏهہ گپ ۾ ۽ بار پاڻيءَ ۾.

فقيري آهي وجد حال سان بنا وجد حال جي فقيري الوٽي آهي ڪنهن اهڙي فقير ڪان فقيري جي پڇا ڪئي سي جنهن ٻڌايو تہ خير شاهہ تي صلوات تنجينا جو لک پڙهيم .اتان فقير ٿي آيو آهيان. منهن بہ اهڙي نيمڪ هيس جو منهن مان چار پيئي چٽيس. فقير ان ڪي چئبو آهي جنهن جي منهن ڏسڻ سان الله ياد اچي وڃي. توڙي عام ماڻهو يا دشمن ڏسي . جيڪو بہ ڏسندس تہ ضرور الله ياد اچي ويندس. بي حاصل ڪي ڏسي ٻين جو بہ روح پيو سرڪندو تہ ڇنڊڻ ڪان وٺي پادر هڻونس. يعرف المجمون بسيماهم .يعني ڏوهاري پيشاني ڏسڻ سان سڃاتا ويندا. ڇو تہ هو الله جي درگاهہ ۾ ناقبول آهن. اهي نفس. جا فرمانبردار آهن.

## مصرع

"ويچاري وجود ڪي، ڏک نہ ڏيڪاريو،
هڪ مارو رکيائين مانن تي، ٻيو ڳالهين ڳتڪارو،
ڇڪيل ڪيئن لهي چارو، محبت جي ميدان ۾"

جن فقيرن الله اثبات ڪيو تن جي گفتگو رندي ۽ بي پرواهيءَ جي هوندي، ڪنهن جي غرض نہ ڪيڏندا فقير جي صحبت ۾ ڪيئي عالم فاضل ۽ شاعر نالو مٽائي اچي وينا. گفتگو ٻڌڻ ڪان پوءِ ڪابہ ورندي نہ ڏنائون. ڪن پڇين تہ فقير ڪي ورندي ڇو نہ ڏنو.جنهن تي چيائون تہ فقير

قرآن ۾ حديث کان ٻاهر ڪونہ هو. فقير جي گفتار آسماني آهي جيڪا ڪنهنجي بند ڪرڻ جي نہ آهي. فقير عارفن جو قرآن گواهہ آهي. تہ تعرف في وجهم نظرت النعيم. سندن چهرو چمڪندڙ آهي ٻيا صوفي حرامي بي انصاف جيڪي مرشد جو انصاف گم ڪن. چون تہ اسان جي نظر ۾ امام حسين عليہ السلام اُها هستي آهي جنهن دين محمدي زندهہ ۽ روشن ڪيو. جيڪڏهن پليدَ يزيد جي بعيت ڪري ها تہ ماڻهو اڄ سوڏو يزيد تي ڪلمون پڙهن ها. ڇاڪاڻ تہ ان جي حڪومت سبب ماڻهو ان جي پيروي ڪن ها. يزيد فاسق فاجر ۽ زاني شخص هو. ۽ زنا زادو بہ هو. هن جو وطن دوزخ هو.

## بيت رومي صاحب

نه داري معاويه را دوست هر گز که دشمن خدا و پنجتن بود

معاويہ سان دوستي نہ ڪج جو هو الله ۽ پنجتن پاڪ جو دشمن هو.

هزاران بار لعنت بر يزيد است که مرتد ملحد و دوزخ وطن بود

هزار دفعا يزيد تي لعنت آهي جو هو مرتد ملحد ۽ دوزخ ۾ رهڻ وارو هو.

يزيد جي قبر تي ٻاهہ جو ڪورو آهي ان مان شيشو ٿو نهي، هن کي ٻاهہ جي بشارت آهي. حضرت امام حسين عليہ السلام جي روضي جي زيارت ۾ ئي ستر حج جو ثواب آهي. سڪ ۽ محبت سان وڃي ۽ موٽي بہ محبت سان ۽ ساڻس سڪ رکي بد ڪم نہ ڪري، ستر حج جو ثواب انجي ڪري آهي. جو حضرت امام حسين عليہ السلام ڪعبتہ الله جي عزت ۽ حرمت بچائي جو اڄ تائين جو طواف ۽ حج ٿو پڙهجي. نہ تہ ڪعبہ مڙهي ٿي وڃي ها ڇو تہ عرب اڳ ۾ بہ بتن جا پوڄاري هئا. يزيد جا وڏا معاويہ لعنہ ۽ سفيان هئا. هنن اسلام مجبوريءَ کان قبوليو هو. سفيان ڪيئي دفعہ دين کان ڦري ويو هو. آخر جڏهن حضرت رسول الله ﷺ سفيان ۽ سندس زال هنڌ وحشڻ تي مارشل لا نافذ ڪئي. تڏهن سر جي خوف کان مسلمان ٿيا هئا، نہ تہ رسول الله ﷺ سان لڙيا هئا، ابو جهل جنهنجو اصل نالو عمر بن حشام هو اهو سفيان ۽ معاويہ مطلب تہ يزيد جا سڀ وڏا بتن جي ٻڌڻ جي ساڙ کان

ڪيئي پيرا رسول الله ﷺ جن سان لڙيا هئا. مگر جڏهن پڄي نہ سگهيا تہ پوءِ مسلمان ٿيا. عمر بن حشام کي تہ سرڪار دو عالم ابوجهل ڪري سڏيندا هئا. مجبورَن مسلمان ٿيڻ جوهنن کي دل ۾ ڪندو بيٺل هو هنن جي دل اجا بہ بت پرستي ڏانهن مائل هئي يزيد جا جيڪي وڏا رسول الله ﷺ ۽ موليٰ علي عليہ السلام قتل ڪرايا هئا انهن جو ويريڪو هنن جي دل تي بيٺل هو. ڪعبتہ الله کي بتن کان پاڪ رسول الله ﷺ ۽ موليٰ عليہ السلام جن ڪيو هو. جيڪي امام حسين جا هڪ نانو هو تہ ٻيو بابو هو. نہ تہ ڪعبہ اڳي تہ ڇهن ستن سون ورهين کان بتن سان خوش هو. ان ڊگهي عرصي ۾ ڪيئن وڏا وڏا بادشاهہ سلاطين ٿي گذريا انهن مان ڪنهن کي بہ ڪعبتہ الله دانهن ڪانہ ڏني تہ ڪو ڪيس بتن کان ڇڏايو وڃي. جو اهو ڇهہ سوَ ورهيہ ڪعبہ مڙهي ٿيل هو

حضرت امام حسين عليہ السلام جي شهادت ڪانپوءِ يزيد پليد چيو هو تہ بدر ۽ احد جي جنگين ۾ جيڪي اسان جا وڏا حسين عليہ السلام جي ناني ۽ بابي بيگناهہ قتل ڪرايا هئا سي جي اڄ امام حسين عليہ السلام کي ڪٺل ۽ اهل حرم قيد ٿيل ڏسن تہ مون تي ڏاڍا راضي ۽ خوش ٿين ها. بابو ۽ ڏاڏو بہ خوش ٿئي ها.

ان ڪري جيڪڏهن حضرت امام حسين عليہ السلام يزيد پليد جي بعيت ڪري ها تہ ڪعبہ بہ ساڳيو بت خانوٿي وڃي ها. ڇا لاءِ تہ رسول الله ﷺ فرمايو آهي تہ الناس عليٰ دين ملوڪهم ، ماڻهو بادشاهہ جي دين تي هوندا آهن. مثال مير علي مراد رياست جو حاڪم هو ۽ ڏاڙهي رکيل هئيس تہ اڪثر ماڻهو ڏاڙهي رکندا هئا. وري مير علي نواز کي ڏاڙهي ڪوڙائڻ جو خيال پيو تہ اڄ تائين آفيسر سپاهہ ۽ زميندار خواہ رعيت ۾ ساڳيو رواج پئجي ويو. ان ڪري يزيد جي فسق وفجور جي پيروي ضرور هلي ها. ۽ ڪعبہ بہ مندر بنجي وڃي ها.

## بيت خواجہ معين الدين اجميري

شاهہ است حُسین بادشاهہ است حُسین.
دین است حُسین دین پناهہ است حُسین.
سرداد نہ داد دست دردستِ یزید،
حقاکہ بنائي لا اِلہ اِلا الله هست حُسین.

ترجمو: شاهہ ۽ بادشاهہ حسين آهي. دين بہ حسين آهي ۽ دين جو بچائيندڙ بہ حسين عليہ السلام آهي. تحقيق تہ ڪلمہ جو بنياد بہ حسين عليہ السلام آهي. سر ڏنائين مگر يزيد جي هٿ ۾ هٿ نہ ڏنائين

اصل ۾ يزيد جي پڙ ڏاڏي حرب شڪار ڪندي خواجہ عبدا لمطلب رسول الله صلی الله عليہ وسلم جي ڏاڏي جو پاڻي بند ڪيو هو جو قافلہ وارن بيهوش ٿيلن ڪي پاڻي پياري هوش ۾ آڻي اٿاريو هو. ان وقت جيتوڻيڪ سفيان وٽ پاڻيءَ جي پريل مِشڪَ هئي تہ بہ گهرڻ سان بہ نہ ڏنو هئائين اجايلن ڪي بيابان ۾ ڦٽي ڪري هليو ويو. پاڻي بند ڪرڻ جو رواج اصل يزيد جي وڏن جو رواج هو. جنهن جي هن پوٽي پليد ابن الپليد پيروي ڪئي رسول الله صلی الله عليہ وسلم جو خاندان اصلها ثابت و فرعها في السماءِ يعني انهن جون پاڙون مضبوط زمين ۾ ڏار ۽ لامون آسمان ۾ هيون. اهو خاندان نبوت جو وڻ آهي. جنهن جي وڍڻ جي يزيد پليد لعن الله عليهم ڪوشش ڪئي مگر وڍي نہ سگهيو. مگر پنهنجي بني اميہ جي خاندان جو وڻ پاڙئون وڍي ڪڍيائين. جيڪو تا قيامت في السقر في النار ٿيو.

**بيت**

کرد اسمائیل قربانی خلیل ، از بھر فرمان ذات حق جلیل

حضرت ابراهيم خليل اسمائيل جي قرباني ڪئي، ذات حق جي فرمان موجب

کرد اسما عیل زنده فرمان حق ، جمله عالم راهمین ذکر و سبق

اسمائيل حق جي فرمان کي زنده ڪيو. سڄي ڪائنات کي ان ياد ملهائڻ جو سبق آهي.

بل حسین آن خلیل کربلا ، اندرین رهه عشق جان کرده فدا

پر ڪربلا جي خليل امام حسين، ان عشق جي راهہ ۾ جان قربان ڪئي
باهمه جمله صحابان باعيان گشت قربان به پيش ذوالجلال
سيني دوستن ۽ عيال سميت، ذوالجلال جي خدمت ۾ قرباني پيش ڪيائين
بين فرينٰه بذبح عظيم ، ترکتم الآخرين امر حکيم
ڏس تہ ان ڪي وڏيءَ قرباني چيو ويو آهي. خدا جو حڪم پوين لاءِ
چڏيوسون القرآن
سيد عاليجناب شه حسين آن محمد مصطفيٰ را نو عين
سيد سردار بادشاهہ امام حسين اهو سرڪار محمد مصطفيٰ جي اکين جو نور هو.
کردا اندر کربلا ذبح عظيم شه حسين ابن الکريم اب الکريم
ڪربلا ۾ عظيم قرباني ڪيائين شاهہ حسين سخي ابن السخي جو ٻچڙو هو
جمله فرزندان واعوان وتبار جملگان قربان راه حق نثار
سيني پٽن يارن پائرن سميت، حق جي راهہ ۾ قربان ڪيائن
آن نواسئه سيد عالم همه کرد قربان راه حق جان وجسم
ان ٻنهي جهانن جي سردار جي نواسہ خدا جي راه ۾ جان ۽ جسم بہ قربان ڪيو.
کربلا دربين خليل الله را، اين خليل کشته مقتل گاه را
ڪربلا ۾ خليل الله کي ڏس. هھڙي خدا جي دوست کي مقتل گاهه ۾ ڏس
چون حسين آن خليل راپدر، نيست در عالم به بين کشانظر
اکيون کولي ڏس تہ امام حسين ۽ سندس پيءُ جهڙو ڪائنات ۾ ڪو نہ ڏسبو
نيست مادر، مراوار همچون حسين نيست مادر مادر چون قرت العين
حسين جي ماءُ جهڙي ڪنهنجي ماءُ نہ آهي نہ وري ڪنهنجي ماءُ رسول جي اکين جو ٺار آهي.
نه بودش جدي چون ختم الانبياءِ نئي برادر همچون حسن المجتبيٰ
خاتم الانبياءَ جهڙو ڪنهنجو بہ نانو ڪونہ آهي نہ سندس ڀاءُ حسن المجتبيٰ جهڙو ڪنهنجو ڀاءُ آهي.

همچون اسد الله حيدر راپسري ، درهمه دنيا ۾ ڪنهنجي به پٽ کي اهڙو جگر نه ٿيندو.

اين مسلمان است زنده از حسين، ايستاد مسلمان ايستاد دين

هيءَ مسلماني امام حسين جي ڪري زنده آهي، مسلمان بہ قائم آهن ۽ دين بہ قائم آهي.

اين عمارت دين را معمار او ، کنبهءِ اسلام را سالار او

دين جي عمارت جو اڏيندڙ بہ اهو آهي ۽ اسلام جي ڪنبي جو اڳواڻ بہ اهو آهي.

مافقيري از حسين آموختيم ، زان سبب ماجمله درها دوختيم

اسان فقيري بہ امام حسين کان سکي آهي. ان ڪري اسان پيا سڀ دروازا بند ڪري ڇڏيا آهن.

رهبر راه حسين ابن علي راه وحدت ميکنداو منجلي

عشق جي راه جو رهبر حسين ابن علي آهي. وحدت جي راه ۾ قبوليت بہ ان جي هٿ ۾ آهي.

عارفان وعاشقان اور اغلام ، جملگان را بردرش ادب وسلام

عارفن ۽ عاشقن ان جا غلام آهن. سڀني کي ان جي دروازي جو احترام آهي

آن سير حرم وي آن تشنگي خنجرو شمشير جملگي

انهن اهل حرم جي قيد ۾ اڃ انهن سڀني جو قتل ۽ تير تلوارون ڏسو

## ڪنڌياري جي بي خبر صوفيءَ جو بيان

هڪ فقير ان بي خبر صوفيءَ وٽ ويو. پنهنجو نالو ۽ ذات نہ ٻڌايائينس. وٽس ماٺ ڪري ويهي رهيو. ان مجهول صوفيءَ وٽ حضرت پير امام حسين عليہ السلام ۽ يزيد پليد جي باري ۾ گفتگو پئي هلي گفتگو هلندي تي ان بي انصاف جواب ڏنو تہ يزيد ۽ سندس ساٿي پڪا مسلمان هئا. اهو ٻڌي فقير ناراض ٿي اٿيو ۽ چيائين تہ تنهنجي ڪچهري ۾ اچڻ لعنت جهلڻ جي برابر آهي.اوهاج جو امام بہ يزيد آهي تنهنجي جواب مان

اهو ٿو معلوم ٿئي تہ حضرت امام حسين عليہ السلام ڪچو مسلمان هو. نعُوذ باالله من الشيطن الرجيم.

افسوس تہ هن کي فقيري ۾ فيض ڪٿان مليو. شايد هي مريد بہ يزيد پليد جو آهي آخر هن پڇيس تہ فقيري فيض جو دروازو حضرت پير موليٰ علي عليہ السلام آهي، جنهن لاءِ حضرت رسول الله صلى الله عليه وسلم فرمايو آهي تہ انا مدينتہ العلم وعليٰ بابها من كنت مولاء فهذا علي مولہ يعني آءُ علم جو شهر آهيان ۽ علي سائين ان جو درواز آهي. ۽ جنهنجو آئون موليٰ آهيان علي ان جو موليٰ آهي اللهم عاد منعاداه خذل من خذلہ والنصر من نصره يعني اي الله جيڪو علي جي مخالفت ڪري تون ان جي مخالفت ڪر ۽ جيڪو ان جي مدد ڪري تون ان جي مدد ڪر. پڪڙ ان کي جيڪو علي کي پڪڙي وٺي. چئبو تہ تون حضرت پير موليٰ علي ۽ امام حسين کان بيزار آهين تہ ڄڻ تون حضرت رسول الله صلى الله عليه وسلم کان بيزار آهين.. پوءِ تہ جن انسان ملڪ توکان بيزآر آهن. جنهنجي نماز تي توکي پروسوآهي . اهڙي نماز تہ شيطان بہ ڇهہ هزار ورهيہ پڙهي هئي. جهڙو نماز ان کي فائدو ڏنو توکي بہ ايترو فائدو ڏيندي. تو تہ الله رسول الله صلى الله عليه وسلم جي خاندان جو پڪو دشمن آهين تو جيڪي لفظ چيا آهن، انهن جو نتيجو تون مرڻ مهل ڏسندين. اهو بہ يقين آهي جيڪي حضرت امام حسين عليہ السلام سان لڙيا هئا . اهي بہ نمازي هئا ۽ قرآن جا قاري هئا. جن يس شوڪاري قرآن جي ورقن کي تير تي هنيا. تون بہ اڄ مولا امام حسين عليہ السلام جي طرف اهڙا تير ٿو اڇلائين. صرف ڇتن ۽ جاهلن تي اثر وجهڻ لاءِ يزيد پليد کي پڪو مسلمان  ٿو سمجهين تنهنجي معنيٰ تہ حضرت امام حسين کي ڪچو مسلمان ٿو سمجهين توکي خبر هجي تہ رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم حديث فرمائي آهي تہ

لَو اَنّ عبد عبدالله مثل واقام نوح في قومه وكان له مثل اُحدَ ذهباً فانفقه في سبيل الله وَمُرفي عمره حتيٰ يحج الف عام عليٰ قدميه ثم بين الصفا ولمروت قتل مظلوماً ثم لم يوالك ياعلي لم يشم راحته الجنته ولم يد خلها،

ترجمہ: جيڪڏهن ڪو بہ شخص حضرت نوح عليہ السلام جي عمر جيترا سال عبادت ڪري ۽ ان شخص وٽ احد جبل جيترو سون هجي ۽ اهو ان سون کي الله جي راهہ ۾ خرچ ڪري ڇڏي ۽ هزار حج پيادل ڪري ان کان پوءِ جبل صفا ۽ مروه جي وچ ۾ ظلم سان بي گناهہ قتل ڪيو وڃي اي علي ان شخص کي اگر تنهنجي دوستي منظور نہ آهي تہ اهو شخص هرگز بهشت جي خوشبوءِ سنگهي نہ سگهندو ۽ نہ ڪي بهشت ۾ داخل ٿي ٿيندو.

رسول الله فرمايو تہ اهڙي شخص جي عبادت حرام آهي . حديث يا علي انت اخي في الدنيا ولآخرت يعني اي علي تون منهنجو دنيا ۽ آخرت ۾ ڀاءُ آهين يا علي انت بمزلت هارون با الموسيٰ، تون مون سان ائين آهين جيئن موسيٰ عليہ السلام سان هارون مشترڪ ۽ مليل هو.

افسوس هن زماني جا ماڻهو اهڙا بي نصيب آهن جو موليٰ علي جو نالو وٺڻ گناهہ ٿا سمجهن. موليٰ علي اهو آهي جنهن احد بدر خندق خيبر، حنين جون جنگيون فتح ڪيون هيون. خندق جي جنگ فتح ڪرڻ بعد رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم حديث فرمائي هئي تہ ضربتہ عليها يوم الخندق افضل من عبادت الثقلين يعني خندق واري جنگ جي ڏينهن عليءَ جي مرحب ملعون کي ضرب هڻڻ جو ثواب ٻنهي جهانن جي عبادتن کان وڌيڪ آهي.

جيڪڏهن خندق واري جنگ ۾ مسلمانن جي هار ٿئي ها تہ ڪلمون ۽ دين ڪونہ بچي ها. ساڳيو بت پرستيءَ وارو رواج پئجي وڃي ها. ڇو تہ مشرڪن اها جنگ ٿي بتن جي قائم رهڻ لاءِ ڪئي هئي ڪاٿي رهيو مڪہ تہ ڪاٿي رهيو مدينہ ڪاٿائون هلان ڪري مسلماني کي ڊاهڻ آيا هئا. جنهن مولا جي اهڙن خطرن مان اسلام کي بچايو.اڄوڪن مسلمانن جي سامهون ان مولا جي نالي کڻڻ سان هنن جي منهن جي شڪل بدلجي ٿي وڃي. ڇڻ ڪين گار ٿي ملين. پوءِ اهي ماڻهو بهشت جي اميد ڇو ٿا رکن ڇاڪاڻ تہ بهشت دوزخ تہ عليءَ جي هٿ آهي جنهن کي وٽيس تہ ڏئي جنهن کي وٽيس تہ نہ ڏئي رسول الله صلى الله عليه وسلم بہ فرمايو آهي تہ يا علي انت مني

وانا منہ يعني اي علي تو مون منجهان آهين ۽ مان تو منجهان آهيان جبرئيل عليہ السلام وري فرمايو آحي تہ انا منکما يعني مان بہ توهان منجهان آهيان. حضرت امام حسين اهڙي بادشاهہ جو فرزند دلبند آهي.

**بيت**

جوئي ملن مهٺو سوئي مون سردار
پنيءَ لائي پانهنجا ساقي ٿيو سوار
ڪلي وير ڪتڪ ۾ حامي همٿ دار
زابر ذوالفقار، هر دم اٿس هٿ ۾.

اهڙي بادشاهہ حضرت امام حسين عليہ السلام کي جيڪو ڪجهہ مسلمان چوي تنهن تي هزار ڀيرا خدا جي لعنت آهي. قرآن ۾ آهي تہ ان الذين يوذون الله ورسولہ لعن الله في الدنيا والا خرت ولهم عذاب اليم. يعني بيشڪ جن الله ۽ ان جي رسول کي ايذاءُ پهچايو تہ انهن تي دنيا ۽ آخرت ۾ الله جي لعنت آهي ۽ انهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي. اها آيت اهڙن ماڻهن لاءِ آهي. ائين چوڻ سان ان صوفيءَ الله ۽ رسول کي رنجايو. اهڙي مردود نمازيءَ صوفيءَ جو مرڻ بہ اهڙو ڏکيو سڪرات سان ٿيندو جو دنيا تماشو ڏسندس . قبر محشر ۾ موچڙا بہ لڳندس انڌي ائين نہ سمجهيو تہ الله جي شناس ۽ سمجهاڻي اسان کي عليءَ جي گهراڻي ڏني يا يزيد پليد معاويہ جي گهراڻي ڏني؟ الله اسان کي رسول الله ۽ ان جي اهلبيتن سڃاڻايو نہ تہ اسان کي الله جي خبر ئي ڪانہ هئي، ڇالاءِ تہ اسان جا وڏا لات منوات ۽ عزيٰ جا پوڄاري هئا. معاويہ ۽ پڙس سفيان ۽ ڏاڏس عمر بن حشام عرف ابوجهل ، عمر بن عبدود وارن جيڪي لڙايون ڪيون هيون سي سڀ بت پرستيءَ کي بچائڻ ۽ ڪفر کي محڪم ڪرڻ لاءِ ڪيون هيون تہ جيئن اهي بت ڪعبتہ الله ۾ عزت سسان پيا هجن متان ڪو انهن کي ڊاهي.

خندق واري جنگ جيڪا موليٰ عليءَ عليہ السلام فتح ڪئي ان ڪانپوءِ جيڪي مسجدون آباد آهن ۽ ڪعبتہ الله کي متبرڪ ڄاڻي ان ڏانهن منهن ڪري مشرق کان مغرب تائين جيڪي نمازون ۽ عبادتون ٿين

ٿيون سي سڀ موليٰ علي عليہ السلام جي صدقہ آهن جنهن بتن کي نابود ڪري اسلام کيروشن ڪيو. ان ڪري عليءَ ۽ اولاد عليءَ جي دشمن کي بت پرست ڪافر چئبو نڪي کيس مسلمان چئبو.

## هڪ فاسق صوفيءَ جو نظارو ڪمائڻ

هڪ صوفي نادان ڪنهن مسافريءَ دوران ڪنهن مريد وٽ مهمان ٿي آيو ميزبان گهر جو ڪم ڪار لاهي دير سان اچي ان صوفيءَ جاهل کي زور ڏيڻ لڳو. زورن ڏيندي سندس بغل مان هڪ رن پڙڪو ڪائي وٺي پڳي جنهن تي ميزبان چيس تہ چا هي توهان ظاهري ۾ طالب ٿا ڪريو ۽ رات جو زنا ٿا ڪريو اها ڪهڙي قسم جي فقيري آهي. فقيرجي فقيري زنا سبب تباهہ ٿي ويندي آهي. حديث ۾ آيو آهي تہ الزنا يخرج بنا . يعني زنا پاڙ پٽيندي آهي جنهن تي صوفي صاحب ورندي ڏني تہ يارهن تولا سڱنڪيئي جا کاڌا هئم. سي ڪيئن هضم ڪريان ان مجبوريءَ کان 360 رنون ڪم آنديون اٿم . اهو آهي اڄوڪن صوفن جو نظارو جنهن کي نظارو ٿا چون

هڪڙا فقير گادين وارا طالبن کي الله جو ذڪر دم سان ڏسن ۽ انهن مان ڪن کي وري دم ڪمائڻ سان نفساني خودي ٿيو پيو ۽ الله کان گمراهہ ٿي وڃن ۽ ڪوڙا فرعوني دم هڻن. جنهن سبب بي حاصل ماران کائيندا وتن

### بيت

صوفيان راخوار کرده آن گروهه گروري زيشان برو بر قاف کوهه

ان ٽولي صوفين کي خوار ڪيو آهي. انهن ڏي وڃڻ بجاءِ ڪوهہ ڪاف جبل ڏانهن وڃ

علت اينها کرده صوفيان، ظاهرا صوفيان به باطن کوفيان

انهن جي عادتن صوفين کي خوار ڪيو آهي. ظاهر ۾ صوفي مگر باطن ۾ ڪوفي آهن.

هي ڳالهہ اسان خاص هدايت لاءِ ڪئي آهي نہ تہ اسان پاڻ بہ صوفي آهيون اسان صرف جهل واري فقيريءَ جي کول ڪئي آهي. الله ڏسڻ ڪانسواءِ ڪوڙي فقيري جو اهو حال آهي. ٻيو تہ اسان ان لاءِ کول ڪئي آهي تہ متان طالب پلجي ان کوهہ ۾ ڪري مري نہ وڃي.

## بيت

اگر بينم کہ نابينا بہ چاهه است، اگر خاموش نيشينم هم گناهه است

جيڪڏهن انڌو کوهہ وٽ ڏسجي تہ ماٺ ڪرڻ گناهہ آهي.

ذکر بخوان ذکر بخوان ، تارسي اي جوان در لامکان

ذکر ڪر ذکر ڪر ذکر ڪر، تہ اي جوان مرد لامکان ۾ پهچين.

ان ڪري يا تہ آدمي کي الله ڏيکارجي يا تہ دنيا جي ڪم ڪار کان نہ وڃي قرآن ۾ آهي تہ کلو وشربو ولا تسرفو. يعني پلي کائو پئيو مگر اجايو خرچ نہ ڪريو. اها مولوين ۽ ملن جي معنيٰ آهي. مگر اسان فقيرن معنيٰ ڪئي آهي تہ کائو خودي کي نفساني کي خودي ذکر سان کاڄندي آهي. پيئو وحدانيت جو شراب يعني شرابا طهورا الله تہ غني آهي ۽ ٻيا سڀ سندس محتاج آهن. الله سدائين شاهوڪار آهي. مولوين . سمجهيو تہ گهٽي خرچ ڪرڻ سان الله جو خزانو کٽي نہ وڃي نہ تہ ائين هر گز نہ آهي.

شرابا طهورا کهڙو شراب آهي. قرآن ۾ اِنَّآ اَعۡطَيۡنٰكَ الۡكَوۡثَرَ.ؕ کو نہ ٻڌو اٿو تہ اهو اوهان جو دم ڪوثر آهي. جيڪا ڪوثر جي وادي اوهان وٽ سدائين وهندي رهي ٿي ان ۾ ذکر ملايو تہ اها ئي ڪوثر جي وادي اٿو جيئن حضرت موسيٰ عليہ السلام لشڪر سميت نيل نديءَ مان پاڻي پيئندا هئا، تہ پاڻي صاف ۽ اڇو اجرو هوندو هو مگر فرعون ۽ سندس ساٿي ان نديءَ مان پاڻي پيئڻ لاءِ ايندا هئا تہ ساڳيو صاف پاڻي رت جهڙو ٿي پوندو هو. انہ ڪري فرعوني لشڪر اڃ پيو مرندو هو بل ڪائي اڃ سبب مري ويندا هئا. اهڙي طرح جيڪو آدمي نفس فرعون جو تابع آهي تہ ان لاءِ اهو درياه ڪوثر وارو يعني دم جي وادي بہ رت جهڙي ٿيندي آهي. ۽ اهو ان مان ڪوثر پيئڻ کان محروم رهجي ويندو آهي.مگر جيڪو آدمي روح

المقدس موسيٰ جو فرمانبردار آهي تہ ان لاءِ اهو دم حوض ڪوثر آهي. ان واديءَ مان سدائين پيو سيراب ٿيندو.

**بيت**

هر کس که از حوض کوثر نوشید جام، او محمد واردان اورا مقام

جنهن آدمي ان حوض ڪوثر مان جام پيتو نہ ان جو مقام محمد وانگر آهي.

صحبتش بدار با اودم بدم، تان رهي ازقید جان واز جسم

هروقت ان جي صحبت ۾ رهہ تہ جسم جي قيد مان آزاد ٿئين

هر که را از کوثر حق بئو نیست، باَبه کوثر خوردن اورا روئو نیست

جنهن کي حوض ڪوثر جي بوءِ نہ آئي آهي تہ سمجهہ تہ ان جو ڪوثر پيئڻ جهڙو منهن ئي نہ آهي.

او ابو جهل است کافر بو العجب دور است زین تن پرستي بي ادب

اهو ابو جهل ڪافر آهي حيراني ۾ پيل جسم پرستيءَ سبب پري ۽ بي ادب آهي.

جنهن هت دنيا ۾ دم واري واديءَ مان ڪوثر نہ پيتو تہ پوءِ ڪٿان پيئندو. پوءِ آخرت وارو آسرو اجايو آهي.سچي عمر شهوت جو تابع رهيو. ۽ پاڻي بہ شهوت جو پيتائين تہ پوءِ ٻڌايو تہ اهڙن ماڻهن جو حوض ڪوثر ۾ ڪهڙو حق آهي، اي آدميو حوض ڪوثر لاءِ ڪهڙي جان جلايوَ. اها دم واري حوض ڪوثر جي وادي سڄي ڄمار ۾ نفس فرعون جي فرمان ۾ خدمت ۾ گم ڪري ڇڏيوَ. ان واديءَ جي ڇڏائڻ لاءِ ڪهڙا توهان مان قتل ٿيا. اوهان جو حق دوزخ آهي. نفس جي ملڪيت جو جهنم آهي سو اوهان کي پنهنجي پيءُ نفس جو ورثو ملندو، راضي هجو توڙي رنج هجو.

حديث: رجعنا من جهاد الا صغر اليٰ جهاد الا کبر

يعني اسين ننڍي جنگ وڏي جنگ ڏانهن موٽيا آهيون.

ٻيون سڀ جنگيون ننڍيون آهن. وڏي جنگ نفس سان جنگ ڪرڻ آهي. اوهان ڪڏهن وڏي ننگ ڪئي آهي؟ جو ٽنگن کي تيل مکيون ڪوثر پيئڻ لاءِ تيار ويٺا آهيو. ڪوثر جي مالڪ سان اوهان ڪڏهن

ملاقات بہ نہ ڪئي آهي. ڪا واقفيت اٿوَ جو اوهان جو لحاظ ڪندو ۽ اوهان کي ڪٿي ڍڪ پياري، قرآن ۾ اوهان کي ڪوثر جي مالڪ ٻڌايو تہ بہ توهان ان جي چوڻ کي پٺي ڏيئي نفس ابوجهل جا لشڪر بينوء. نفس لاءِ جيڪو جاگير جو ٽڪرو مقرر آهي. سو اوهان کي ضرور ملندو. روح جي جاگير ملڪوت، جبروت، لاهوت، باهوت، هاهوت، ۽ لامڪان آهي.اهو روح حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جو آهي اوهان مسلمان رڳو روح جو نالو ٻڌو آهي. روح ڪا خسيس شيءَ نہ آهي. پر روح وڏي آفت آهي. جيڪو روح کي ڏسندو ان کي خبر پوندي. ڏسڻ ۽ ٻڌڻ ۾ وڏو فرق آهي. "کردن و گفتن فرق دارد" يعني ڪرڻ ۽ چوڻ ۾ فرق آهي. جنهن پنهنجو روح ۽ روح جي ملڪ جي حد ڏٺي تہ پوءِ اهو ڪنهنجو بہ امتي نہ سڏائيندو نہ مسلمان چوائيندو نہ ڪافر سڏائيندو. ان روح جي ڏسڻ واري جوشان اهو آهي تہ "في الجملہ کافر نہ مسلمانم من در هرچہ نظر ميکنم آنم من" يعني تہ مختصر طور تہ مان نہ ڪافر آهيان نہ مسلمان آهيان جنهن شيءَ کي ڏسان ٿو تہ ان مان آهيان.

دم حوض ڪوثر جو پاڻي آهي. جيڪو وهندو ٿو رهي. ان کي وحدانيت جي پوک ۽ ذڪر جي ڪم آڻيو. ولا تسرفو. اجايو خرچ نہ ڪريو. يعني دم جو پاڻي ذڪر جي آبادي ۾ وهايو. آبادي کان ٻاهر وهايو تہ ڏنڊ جو فارم ڀربوَ. جيئن ڪڙمي پاڻي زيان ڪندو آهي. تہ عملدار ڏنڊ وجهندا اٿس. باقي باطن جا عملدار ڪي نادارن آهين ڇا ؟ اجائي وقت وڃائڻ جي منع جو ايترو تاڪيد آهي. وقت بہ دمن سيڪنڊن منٽن ڪلاڪن ۽ پهرن مان جڙڍي ٿو. قال رسول الله ﷺ فوت الانفاس قتل الانبياءُ هڪ دم قضا ڪرڻ هڪ نبي قتل ڪرڻ جي برابر آهي پوءِ ٻڌايو تہ نبي جي قاتل کي معاف ڪري ڇڏيندا. احڪم الحاڪمين ڪو اهڙو آهي ڇا تہ وقت وڃائڻ واري کي ڇڏيندو؟

هڪ ڳالهہ تہ هڪ ياڳياڻي چمڙي جا بہ منڪا گهڙ سان پري ڪنواٽيءَ تي ڪٽي شهر ڏانهن وڪڻڻ تي ويئي تہ جهنگل ۾ هڪ ڇٽ

مليس تنهن چيس تہ گهہ لاهہ تہ مان ڏسي وٺانءِ مائي متڪا لاهي هٿن ۾ جهليا وري هن چيس تہ اڳ ۾ چڪي ڏسان پوءِ ٿو وٺان ائين چئي هن ڄٽ هڪ متڪي جي ٻجي لاهي پري اڇلي ۽ ٿورو چکيائين ۽ ڀاڳياٽيءَ تہ هٿ وجهينس. هن ان جي منهن ۾ سڪ هٿ وڏو چوجو ٻجي ڪانہ هيس. وري ڄٽ چيس تہ ٻئي مان چکان. ائين چئي ان جو منهن بہ کولي ٻجي پري اڇلي ۽ ٿورو چکي ۽ وري چيائينس تہ هن ۾ بہ قابو هٿ وجهہ تہ گهہ هارجي نہ پوئي. هوءَ جا ٻيئي هٿ متڪن ۾ وجهي نوڙي بيٺي هئي تہ ڄٽ ڀاڳياٽي جي پوبان ڦري الله توهار ڪري ڏنس. تنهن تي ڀاڳياٽيءَ دل ۾ چيو تہ جي مٿن مان هٿ ٿي ڪڍان تہ بہ اڍائي سئو روپين جو زيان ٿيندو. تنهن ڪري ڄٽ پلي چا پائي هليو ويو.

آدمي بہ ان ڀاڳياٽيءَ وانگر آهن. جو اهي ربيع جي فصل ۽ خريف جي فصلن جي متڪن ۾ هٿ سڪ وجهون بيٺا آهن. پويان نفس جنبايون بيٺو اٿن. جي اهي فصل مان هٿ ٿا ڪڍن تہ بک ٿا مرن. تنهن ڪري ڀاڳياٽي وانگر سهايون ويٺا آهن.

جيڪو ذات ذوالجلال جي سر جو نذرانو رکندو سو ذات ذوالجلال جي حضور ۾ حاضر ٿيندو. پوءِ هم تم هو ياتم هم هو يا قال عليہ السلام بي يبصروبي يسمع وبي ينطق وبي يمشي يعني فان سان گڏ مان بہ ڏسندڙ ٻڌندڙ ۽ ڳالهائيندڙ ۽ گهمندڙ ٿي پوندو آهيان. پوءِ جنهن ان ذات حق پاڪ ۾ فناءِ ڪاڏي تہ پوءِ هيڪائي هڪ ٿيا.

جڏهن آدمي انساني فرض خدا جي ذڪر سان پورا ٿو ڪري تہ پوءِ ذات ذوالجلال ڪي اهڙو ويجهو ٿو ٿئي جو الله جي فرمائي ٿو تہ مان ان جي اک ٿي ٿو پوان جنهن سان هو ڏسي ٿو. مان ان جا ڪن ٿي ٿو پوان جنهن سان هو ٻڌي ٿو. مان هن جي زبان ٿي ٿو پوان جنهن سان هو ڳالهائي ٿو. بس ان جو جسم منهنجو جسم ٿي پوي ٿو جنهن سا هلي چلي ۽ ڪم ڪار ڪري ٿو. پوءِ عاشق غين مان عين ٿي ٿو پوي. جڏهن طالب ذڪر ۾ گم ٿيندو تہ انن پهرن مان هڪ پهر ننڊ ڪندو. ڳالهائڻ ڪان زبان بند ڪندو.

سوال جو صرف جواب ڏيندو. گهمندي ڦرندي هن جي نظر سيني ۾ هوندي، جڻ اهو فقير سدائين چاليهي ۾ آهي. ڇو ته اک جي نظر به خيال جو گهٽو حصو ڇڪي وجي ٿي. بي خيالو ذڪر به ائين آهي جيئن بنا نظر ني بندوق هڻجي ته نيشان تي نه لڳندي بي خيالو ذڪر به وائڙو اٿس. خيال وارو ذڪر به ائين سڌو ويندو جيئن بندوق نظر جي نيشان تي لڳندي آهي. رات جو ذڪر جي اکرن ۾ نظر وجهڻ کپيس.

طالب کي رات جو به چار سال دم جهلي سيني ۾ نظر وجهي ذڪر ڪمائڻ کپي. جيئن گهوڙي سوار کي جلد پهچي پيادو دير سان پهچندو آهي. دم جهلي ذڪر ڪمائڻ لاءِ به وقت آهن (1) شام کان سمهڻيءَ تائين. ٻيو آذيءَ کان صبح تائين ڏينهن ڪم ڪار ۾ جهلي نه سگهبو.

عام انڌا بي حاصل صوفي طالب کي ذڪر ڪرڻ وقت پنهنجي صورت دل تي پچائڻ لاءِ چوندا آهن. ان کي تصور چئبو آهي تصور پچائڻ وڏو ڏوهه آهي ۽ تصور نه ڪرڻ جو تاڪيد آهي. ڇو ته اها ان بي حاصل جي نڳي آهي. ڇو ته طالب تصور پچائڻ سان هن تي عاشق ٿي پوندو. پوءِ جا شيءَ لهندو. ڪيس آڻي ڏيندو. تصور پچائڻ واري کي ڪجهه به حاصل ڪونه ٿيندو. اهي ڪوڙا ڏس انڌن جا آهن. جنهن مرشد جوتصور پچايو سوبت پرست آهي. مقوله التصور شيخ الکامل و ناقص مشرک عظيم وکفر کبير بنا تصور جي ذڪر ڪمائڻ سان ڪنهن مدت کانپوءِ ذڪر منجهان خواب خيال يا مراقبي ۾ مرشد جي صورت پيدا ٿيندي جا پاڻيهئي ذڪر ڇڪي آڻيندو. سا سچي صورت آهي. سابه ڪامل مرشد جي صورت طالب کي فائدو ڏيندي ناقص جي صورت فائدو نه ڏيندس . ناقص جي صورت ڏنائين ته جڻ شيطان ڏنائين

**بيت**

دست ناقص دست شيطان لعين ، دست کامل همچون رحمٰن ورحيم

ناقص جو هٿ تڙيل شيطان جي هٿ جهڙو آهي. ڪامل جو هٿ رحمن الرحيم جي هٿ وانگر آهي.

صورت ناقص چون شيطان را بدان طالبان را نصرت نه دهر نهان
ناقص جي صورت شيطان جي صورت سمجهه طالبن جي هر گز مدد نہ ڪندي
صورت ڪامل بود نصرت عظيم ، رهرواي راميڪند لطف عميم
ڪامل جي صورت وڏي مدد آهي. ويندڙن جي عام طرح مدد ڪندي آهي.
ذڪر ومحبت هر دو راجاري ڪند، وجد وحالت بر دلش طاري ڪند
ذڪر ۽ محبت جاري ڪندي ۽ طالب جي دل تي وجد جي حالت طاري ڪندي

ڪي ڪي ناقص صوفي تصور ڏسيندا آهن. جيڪو سخت غلط آهي آدمي جي دل تي حق جي ويهڻ ڪافي آهي قلب المومن عرش الله تعاليٰ بہ مومن جي دل الله جو تختگاهہ آهي. ان تخت الاهي تي خاڪي وجود جي تصوير ٽڪائڻ سخت منع ۽ مشرڪ آهي. الله جي ذڪر ڪان خاڪي وجود وڏيڪ نہ آهي مرشد جي خاڪي وجود جي تصوير الله جي اسم جي برابرنہ آهي. مگر جيڪا ذڪر مان مرشد جي تصوير پيد ٿئي سا جبرائيل آهي. جيڪا اڇڻ سان آسمان ڏانهن وٺيون ويندي اڳ ۾ پاڻ هلندو طالب پويان لڳو ويندو جيئن چوٽي آهي تہ اڳ ۾ گرو تہ پويان چيلا.

الله رڳو مسلمان ڪاڻ ڪونہ آهي نہ وري مسلمانن نيڪو ڪنيون آهي. قرآن ۾ الحمد الله راب العالمين آهي. يعني ٻنهي جهانن ۽ ارڙهن هزار جنسن جو خالق آهي. جيڪڏهن رڳو مسلمان لاءِ هجي ها تہ رب المسلمين قرآن ۾ چوي ها. مسلمانن جو الله ڪعبہ جي ڪوٺي تي ويٺو آهي. ڏاڪڻ ڪيڍي يا اٿس. لهي نٿو سگهي. ان ڪري ٻارهين مهيني خرچ ڪري گناهن جو پنارڪون ڪٽي وجي اتي ڦٽو ڪري ايندا آهن. پاڻ خوش ٿيا موٽيا اچن تہ اسان جا گناه لهي ويا. مگر الله رب المشرقين ۽ رب المغربين آهي. ۽ هر جاءِ تي هاضر ناظر آهي. مسلمان رڳو اولهہ طرف الله ٿا سمجهن باقي ٻي طرف خالي ٿا ٻڌائين. افسوس انهن مسلمانن جو جيڪي الله کي ڪعبہ جي ڪوٺي تي چاڙهي صرف هڪ طرف قابو ڪيون ويٺا آهن الله ڪو اهڙو اوڳو سمجهيو اٿن يا جيڪو نوٽن جي مٺ

تي ٿهي پوندو. الله داناءُ آهي ۽ چوي ٿو تہ فمن يعمل مثقال ذرت شرايره ومن يعمل مثقال ذرت خيرايره يعني جنهن ذري برابر بہ بدي ڪئي هوندي اهو ان کي ڏسندو ۽ جنهن ذري برابر بہ نيڪي ڪئي هوندي تہ ان کي بہ ڏسندو ڪنهن کي بہ ترَ جيترو حق بہ ڪونہ ڇڏيندو. هي مسلمان ٻارهن مهينا گناهن جو واپار ڪري گناهہ گڏ ڪن ان آسري تي آئينده حج ڪري گناهہ لاهي ايندا سون پاڪ زيارتن تي پاڪ ٿي نہ وڃن گناهن جو بار ڪنيون وڃن . پاڪ هجن تہ وڃڻ جي ضرورت ئي نہ ٿئين. گهر ويٺي الله ۽ رسول کي وينا ڏسڻ واري پاڪ جاءِ قلب آهي سو پاڪ نہ ڪن مگر ٻاهران عضوا پيا ڌوئيندا رهن ونحن اقرب اليہ من حبل الوريد ساهہ جي رڳن کان بہ ويجهو گهرو الله ڏسن ئي ڪونہ ان کان بيزار رهن، مگر پئسہ گڏ ڪري پڄن تہ الله ايڏانهن وينو آهي ڇو جو پراوا حق کاڌا اٿن اهي الله کان بخشائي اچن. اهي حق انهن حقدار ماڻهن کان بخشائن تہ بہ ٿهيو الله جو پروان حق ۾ ڇا جيستائين حقدار نہ بخشيدن تيستائين الله ڇو بخشيندن،

مثال تاتار بہ ڪٿوريو هرڻ ٿيندو آهي. جنهن کي سندس دن ۾ خوشبوءِ ۽ خستوري ٿيندي آهي جيڪا ڪڏهن ڪڏهن خود هرڻ کي بہ گاهہ چرندي خوشبوءِ ايندي آهي . ان خوشبوءِ تي حيران ٿي ان جي ڳولڻ لاءِ هيڏي هوڏي ڊوڙندي اٿس. نہ لڀڻ ڪري پريشان رهندو آهي ۽ اها خبر نہ پوندي اٿس تہ اها خوشبوءِ پاڻ منجهہ آهي.

اهڙي طرح آدمين سان بہ الله ائين گڏ آهي جيئن ڪٿورئي هرڻ ۾ خوشبوءِ پيل آهي. مگر ڪي ڪعبہ ڏي پڄن تہ ڪي گنگا ڏي وڃن ڪي هر دواري ڏي وڃي پهچن. هرڻ وانگر زيارتن تي ڊوڙندا وتن پاڻ کي نہ سڃاڻن تہ ڪو الله اسان سان گڏ آهي قرآن پاڪ جي ونحن اقرب تي ويساهہ ڪونہ اٿن مگر ” پنهنجو تون پاڻ سڃاڻ درشن ڪر تو دل ۾ ويهي “

**بيت**

حج کردن دیدن شد کعبه را ، نحن اقرب حج خاصان خدا

حج ڪرڻ ڪعبہ ڏسڻ آهي. مگر نحن اقرب ڪي ڏسڻ خدا جي خاصن جو ڪم آهي

حج ڪردن زيارت خانه بود . حج رب البيت مرد انه بود

حج ڪرڻ ڪعبہ جي زيارت آهي. مگر الله جي گهر جو ديدار مردن جو حج آهي.

حج عامان ديدن ديوار را حج. خاصان طواف ڪبريا.

عامن جو حج پٽ ڪي ڏسي اچڻ آهي. مگر خاصن جو حج ذات ڪبريا ڪي طواف ڪرڻ آهي.

حج بيروني بود ڪعبه خليل خانگي مردانگي حج جليل

ظاهري حج خليل الله جي ڪعبہ جو آهي مگر خاص حج ۾ مردانگي ڪرڻ جليل اڪبر جو ديدار ڪرڻ آهن

ليڪه اعميٰ ڪور چشم . وغير بين مي نه دانند خويشين را غير طين

مگر انڌو ۽ انڌين اکين وارو غير ڪي ڏسندڙ پاڻ ڪي مٽيءَ ڪانسواءِ ڪجھ نٿو سمجهي

آن توئي بحر دو عالم قطره تست جمله موجودات عالم تو بست

اهو پنهي جهانن جي درياهہ جو ڦڙو تون آهين. سڄي ڪائنات تنهنجي ڪري قائم آهي.

هان هان خويشتن را اندڪ م بين تو نه لي خود را باز جوئي باز بين

هون هون تون پاڻ ڪي ٿورو نہ سمجهہ تو نہ آهين ڇا. تون پوئتي پاڻ ڪي ڏس تہ سهي

جيڪڏهن گهر وارو الله ڏسن تہ پوءِ ڪعبہ ڏي ڇا لاءِ وڃن جنهنجو گهرو الله ڏنل هوندو اهو توڙي ڪعبہ جي پرسان لنگهيندو تہ بہ ڪنڌ ڦيرائي بہ ڪين ڏسندس جنهن قدسي ڪعبہ جو طواف ڪيو اهو هٿرادو ۽ مٽيءَ جي نهيل ڪعبہ ڏانهن ڪهڙو ڏسندو. حديث قلب المومنين بيت الله يعني مومن جي دل الله جو گهر آهي.

**بيت**

ڪعبه بنگاهه خليل و آذر است . دل نظر گاه جليل اڪبر است

ڪعبہ حضرت ابراهيم بن آذر جو ٺهيل آهي. مگر دل الله جو نظر گاه يعني رهڻ جي جاءِ آهي.

دل به دست آور که حج اکبر است . از هزاران کعبه یک دل بهتر است

دل قربان ڪر خدا وٽ تہ اڪبري حج اٿيئي هزارين ڪعبن کان هڪ دل وڏيڪ اٿيئي

يڪ دل ان جو نالو آهي جيڪا الله سان هڪ ٿي پوي. بقابا الله جو درجو حاصل ڪري.

ڪعبہ وارو الله جو ڪثرتي ميلو آهي الله جو وحد تي ميلو عرش عظيم تي آهي.

الله ۽ رسول گڏجي حضرت ابراهيم کان ماڻهن جي گڏجي لاءِ ميلي جو ٺام ٺاهيو

## بيت

" آيا شاهہ نيارا پائي پُوش پيغمبري"

دنيا وارن تي الله ۽ رسول محصول مقرر ڪيو تہ جيئن خرچ ڪري منهنجو ۽ الله جو ميلو اچي مچائين پيو تہ عربستان ۾ اناج جوفصل ڪونہ ٿيندو هو. نہ وري ان ۾ ڪا پاڻيءَ جي ندي آهي. اناج ٻاهرن گهرائيندو آهن ان ڪري عربن جي پالڻ لاءِ الله اعلان ڪيو تہ جيڪو ڪعبہ ۾ اچي حج ڪندو ۽ روضئہ رسول الله ﷺ تي حاضري ڀريندو تہ ان جا سڀ گناهہ معاف ڪنداسون. عربستان ۾ سرڪار پاڻي بہ پائيپن وسيلي ٻاهران آڻايو. آهي. جتان جا ماڻهو پاڻي مفت ٿا پيئن. ان ۾ ٻيون پيداوارون ٿا ڪڻن ان ڪري الله دنيا جي مسلمانن کان گناهہ جي معاف ڪرڻ جي دلاسي تي اربين روپيہ خرچ ٿو ڪرائي ان ڪري جو عرب جي بيابانن ۾ رهڻ وارن لاءِ الله روزگار جو بندوبست ڪيو آهي ان طرح سيني عربن لاءِ روزگار جاري ڪيو اٿس. سيني کي گهر ويٺي روزي پيو پهچائي. قرباني جي موقعي تي ٻڪرار ۽ ڏنار گهڻا ۽ ٻڪريون وڪڻي سڄي سال جي پورت ڪري ٿا رکن. حجم بہ حاجين جا مٿا ڪوڙي منديل پيا ڪن. سرڪار اعليٰ سيني جو

ڪار ساز آهي جو سپني جا ڪم پيو ڪري مگر اوپر جي هندن کي وري گنگا جو ڏس ڏنائين تہ جيڪو گناگا ۾اشنان يعني تڙ ڪندو تہ اهو پاپن کان پوتر يعني پاڪ ٿي ويندو. ان ڪري هندو بہ هزارين روپيا خرچ ڪري وڃي گنگا ۾ اشنان ڪن ۽ تپشائون ٿا ڪن. پوءِ ڳوٺ موٽي اچي جڳ خيراتون ڪن تہ اسان پاپن کان پاڪ ٿي آيا آهيون هندوستاني جي مندرن خواه مڙهين ۾ مسڪين ٻاوا ويٺا آهن. جيڪي نڪو هنر ڄاڻين نڪا پوک ڪن. انهن لاءِ الله روڪ پئسہ پيو موڪلي جنهن مان اُهي پاپڙ پرساد ۽ پوريون پڪوڙا ۽ ڪورمان ويٺا کائين ٻاهر کان آيل واٽيہ هنن کي مٿو ٽيڪي پيٺائون منتائون ۽ نذرانا ڏين. تہ آسيا ( دعا) ڪين ٿئي گروجي آديس آسيا ۽ ديا ڪرپا پيا چون. ديا جي معنيٰ آهي. مهر ۽ دعا ڪرپا جي معنيٰ وڏي مهر روپئي سواتي ديا ڪن. هزارن روپين ڏيڻ کان پوءِ ڪرپا ڪن. سو بہ رڳو زبان سان ڪرپا چون تہ جڻ انهن هندن تي ڪرپا ٿي ويئي. هوڏانهن اهي ٻاوا پاڻ بتن کي ويٺا پوڄين ۽ سوال ڪن حقيقي الله کي ڪون ليکين تہ بہ رب العالمين اهڙو ٻاجهارو سرڪار آهي جو دشمن کي بہ پيو پالي.

ظاهر جي حاڪم وٽ جيڪڏ ڪهن ڪو نوڪر حاضري نہ ڀريندو تہ ان کي اهو حاڪم يڪدم نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيندس. اسان جو حاڪم اهڙو آهي جو هاءِ جيڪي ياد ئي ڪونہ ڪنس تہ انهن کي وري ياد ڪندڙن کان وڌيڪ ٿو عطا ڪري ڏسو تہ آدمي اهڙي پروردگار پاليندڙ کي وساريون ويٺا آهن اهڙن انسانن جيڪي خدا کي ياد نہ ٿا ڪن ۽ نہ وري ڪا بندگي ٿا ڪن تہ انهن جي جنن انسان انبيائن ۽ اوليائن ۽ ملائڪن ۽ خود خدا جي لعنت آهي جيڪي اهڙي محبوب کي وساري رڳو نفس پرستي ۽ شهوت پرستي ۾ عمر ٿا گزارين اهڙي الله محبوب کان گمراھ رهن جو اهو ڪارائين پيارين بہ پيو تہ ابہ انصاف جو ان کي ياد ئي نہ ڪن.

اسان جي ڳوٺ ۾ هڪ ملان جو گهر هو. اتفاق سان اسان جو ان وٽ وڃڻ ٿيو. ملان وٽ هڪ عرب اڳ ۾ ويٺو هو جنهن عربيءَ ۾ يا شيخ مرحبا

مرحبا پيو چيو. ان عرب پنهنجي ٿيلهي مان هڪ ڪاري غلاف جي اڳڙي ڪڍي ملان کي ڏني . ملان شوق مان ان غلاف جي اڳڙي کي بسم الله بسم الله پيو پڙهي، ۽ ذوق مان پنهنجي اکين تي اها ڪعبه واري غلاف جي اڳڙي گهمايائين. چمي چمي سيني تي رکيائين ۽ منهن تي به ڏاڍو مهٽيائين. آخر اها اڳڙي اسان ڏانهن هٿ ڊگهو ڪري رجوع ڪرڻ لڳو ته اسان هٿن کي ڏکو ڏنس جو اها اڳڙي وڃي زمين تي ڪري چوسونس ته پري ڪر اها اڳڙي جو اسان جو منهن ان اڳڙي کان به زد آهي چا. قرآن ۾ آهي ته وَلِلّٰهِ الْمَشْرِقُ وَ الْمَغْرِبُ فَأَيْنَمَا تُوَلُّوا فَثَمَّ وَجْهُ اللّٰهِ إِنَّ اللّٰهَ وَاسِعٌ عَلِيمٌ (١١٥) اسان جي منهن سامهون هر طرفان الله آهي. الله کي ڇڏي اڳڙيءَ ڏي ڇو نهاريون. الا نسان سري وانا سره به اسان جي شان ۾ آهي ونفخت فيه من الرُوحي اسان جو شان آهي. خلق الادم علي صورت به اسان جي عزت ۽ مرتبو آهي . اسان جو منهن ان اڳڙيءَ کان وڏيڪ آهي گهٽ نه آهي جو گهمايون ۽ ان اڳڙيءَ کي چميون. هي منهن ان حقيقت ۾ فناءِ ڪائي هڪ ٿي ويو آهي. اڙي انڌا ملان اسان جو منهن اهي اڳڙيون ڪونه چميندو. اهي اڳڙيون اهي چمندا جيڪي آفتاب حقيقت کان غير واقف ۽ انڌا هوندا. اکين وارا انهن اڳڙين کي چا ليکيندا. بيخبر ملان اهو ڪعبو سندس پٽ ۽ چت به اسان ٺاهي آهي. ڪعبه کي عزت به اسان بخشي آهي. نه ته ڇهه سئو ورهيهه بتن سان پريو پيو هو. بتن سان به خوش وينو هو. ڪعبه جا ٺاهيندڙ به اسان ئي آهيون. ابراهيم لاءِ آڙاهه مان باغ به اسان ئي ڪيو هو. آدم ڏي رڍن جا ولر به اسان موڪليا هئا. ٻئي ڪنهن نه هيءَ اڳڙي به رڍن جي ان مان ٺهيل آهي. جيڪا منهن جي مخلوق ڪتي ۽ پوءِ اٽاوت ڪري ڪعبه کي غلاف ڊڪايو هئائون. اهي ساڳيا ان جي غلاف کي ٽڪري ڪري چٽن آنن تي جيڪي اتان جي عربن وڪيا آهن انهن کي اسان چميون بيهي ڏيون. طائف ۽ يمن ۾ جيڪي رڍون آهن سي به اسان جو موڪليل آهن. پوءِ انهن رڍن جي ان مان غلاف ٺهيل آهي ان جي ڳڙي اسان جي منهن کان ڪيئن وڏيڪ آهي. ابراهيم کي به ڪعبته الله ٺاهڻ لاءِ اسان موڪليو هو ته جيئن

سيئي مسلمان هڪ عبادت گاهه ڏانهن منهن ڪري عبادت ڪن ته جيئن گڏجي عبادت ڪرڻ سان منجهن يڪجهتي پيدا ٿئي. ان لاءِ اسان حج به مقرر ڪيو هو ته هڪ مقرر ڏينهن تي پنهنجي ئي گهر ۾ ويهي پنهنجي ساراهه گهڻن آدمين جي گهڻي انداز ۾ ٻڌون ۽ ڏسون. اسين سڀ ڪجهه ٻڌي ۽ ڏسي سگهون ٿا. هتان واري پنهنجي مخلوق ڪي تسلي ڏيڻ لاءِ ڪعبه ٺهرايو سون. جنهن لاءِ ابراهيم خليل کي حڪم ڏنوسون ته هڪ پاڪ جاءِ ٺاهه ڇاڪاڻ ته سڀ ماڻهو اسان وٽ عرش عظيم تي پهچي نه سگهندا. انهن جو طواف هت دنيا ۾ اچي منظور ڪيوسون. جن جون جيڪي به اميدون ۽ اراد هجن ٿا. پوءِ انهن جا ڪم خواب خيال جي روپ ۾ پيا ڪريون. نبين جي صورت ۾ جامون پائي انهن جون تڪليفون لاهيون پيا ۽ سندن حاجتون پوريون ٿا ڪريون، ڇو ته هي دنيا عقبيٰ جو ملڪ اسان جو آهي ٻنهي ملڪن ۾ ايندي ويندي نڪا تڪليف نڪو پوءَ ٿئي ٿو. يا هت ڪنهن ٻئي جي حڪومت آهي. هيءَ رياست ٻيئي اسان جون آهن. هُتِ به اسان جي بادشاهي ته هت به اسان جي شهنشاهي آهي هِت اسان جي حڪومت هن خاڪي وجود ڪانسواءِ آهي. مگر هِتِ دنيا ۾ به پيا اچون وڃون. هتان جو سڏ سماءُ به لهون دنياوي حڪومت ڪنهن ڪان به ڪسيون يا ڪنهن ڪي ويهاريون يا تڙيون سڀ اسان جو اختيار آهي. ان ۾ ڪنهن ڪي به پڇڻ ۽ ڇو ۽ ڇا لاءِ چوڻ جي طاقت نه آهي. تازو ڏسو ته انگريزن ڪي ڪياڙي ۾ ڌڪو ڏيئي ڪڍيوسون. وري پوءِ هندوستان ۽ پاڪستان جو نمونو ٺاهيوسين. مسلمانن ۽ واڻين ڪي لڙايوسون. پاڪستان ۾ مسٽر جناح ۽ هندوستان ۾ مهاتما گانڌي کي حڪومت ڏني سون. اهي سڀ تبديليون ڪم هلائڻ لاءِ پيا ڪريون ڪعبه ڪي بتن ڪان صاف ڪرڻ لاءِ احمد ۽ عليءَ کي موڪليوسون. محمد يتيم ڪي طاقت ڏيئي ڪعبه پاڪ ڪيوسون. بتن وارو پراڻو دين ناپسند هو. نفي اثبات سان نئون دين جاري ڪيوسون. بتن واري مذهب ڪي لا سان نفي ڪري الا الله اثبات ڪيوسون. توحيد جي ڪلمه ڪي طاقت ڏني سون. جنهن سان نئون نغارو وڄائي

احمدي دين اظهار ڪيوسون. سچو دين يدخلون في دين الله ۾ فاوحيٰ عليٰ عبده ما اوحيٰ وارو مشهور ڪيوسين. هي قدسي ڪلام آهي. هيءَ عبديت جي زبان نہ آهي هيءَ الهويت جي زبان جي گفتگو آهي.

**بيت**

گهه به وجوديم گهه بي وجود ، گاهه نمودار گهه بي نمود

ڪڏهن وجود سان آهيون. ڪڏهن سوا وجود جي ڪڏهن ظاهر آهيون ڪڏهن لڪل

گاهه بود عبد گهه احد ه گاه بود واحد در وحد ه

ڪڏهن ٻانهو آهي تہ ڪڏهن شاهہ اڪيلو ڪڏهن واحد اڪيلو تہ ڪڏهن ان جي وحدانيت ۾ گم

گاه انا احمد بلا ميم گفت گاه انا عبد ه را بشگفت

ڪڏهن ٿي چيائين تہ آءُ احمد آهيان مگر ميم کانسواءِ ڪڏهن ٿي چيائين تہ آهيان

ولقد کر منا بني آدم جعلنا هم في البرو البحرو رزقنا هم من الطيبت وفضلنا هم عليٰ کثير من من خلقنا تفضيلا .

يعني بيشڪ اسان آدم جي اولاد کي شرف ڏنوسون کين برن ۾ دريامن ۾ سوار ڪيوسون ۾ کين سٺين شين مان پاڪ روزي ڏني سون ۾ جيڪي خلقياسون تن مان گهڻن کي گهڻن کان فضيلت وارو ڪيوسون آدمي کي ساري موجودات ۾ مخلوقات ۾ مشرف ڪيوسون. هڪ مثال : بدڪ جا آنا ڪڪڙ جي هيٺيان رکي ڦوڙائبا آهن تہ بدڪ جا ٻچا بہ ڪڪڙ جي چوزن سان گڏ گهمندا وتن. بدڪ جو ٻچو جڏهن پاڻي ڏسندو آهي تہ هڪدم ڪڪڙ کي ڇڏي وڃي پاڻي ۾ پوندو آهي هن کي پنهنجي اصليت ڇڪيندي آهي چو تہ هن جي ماءُ بدڪ پاڻيءَ جي رهاڪو آهي. پوءِ ڪڪڙ بدڪ جي ٻچي لاءِ دانهون ڪري ڪيس ٽڪ ٽڪ پيئي ڪندي تہ هاءِ ٻڏي ويندين.

ان طرح ھي آدمي بہ بدڪ جو آنو آھي. جيڪو نفس ۾ بوتي ڪڪڙ ھيٺان ڦٽيو آھي ۽ پيلو آھي. ھن آدميءَ کي اصليت واري ڇڪ روحاني وحدانيت جي درياھ ڏي آھي مگر ھن نفس ڪڪڙ جو لاڙو دنيا جي خشڪي ۽ رڄ ڏي آھي. جيڪو ڪڪڙ کي ڦٽو ڪري درياھ ۾وجي وڏي ماءُ سان مليو تنھن کي موت جي باز جو ڪو پوءُ ئي ڪونھي جنھن آدمي کي حقيقت جي درياھ ۾ ترڻ کان ڪڪڙ نفس روڪي وڏو سو بہ ڪڪڙ آھي، جنھن کي عزرائيل جو گدڙ سيٽ وجائي ڪنيون ويندو. ڇاڪاڻ تہ گدڙ جي سيٽ ٻڌي ڪڪڙ وڻ تان ڪري اچي گدڙ عذرائيل جي اڳيان ڪرندي آھی پوءِ ان ڪڪڙ کی گدڙ فی السقر في النار جهنم ۾ وجي ڇڏيندس . لَا يَسۡتَوِیۡۤ اَصۡحٰبُ النَّارِ وَ اَصۡحٰبُ الۡجَنَّةِ ؕيعني يعني جهنم وارا ۽ جنت وارا ھڪ جھڙا ناھن.

وَ لَقَدۡ کَرَّمۡنَا بَنِیۡۤ اٰدَمَ .۽ انسان ذات کي اسان عزت وارو ڪيو. اھي بہ آدمي آھن جيڪي وحدانيت جي اعظم درياھہ ۾پھتا. جيڪي خشڪي تي رھجي ويا سي ڪال گدڙ جو قوت آھن. سيني مخلوقن ۾ شرف وارو اھو آھي جنھن پاڻ سڃاتو.

جملہ آدمين جا ٽي قسم آھن. ھڪڙا آدمي حيوانن جھڙا ٻيا آدمي ملائڪن جھڙا ٽيان نبين جھڙا. جن آدمين تي شهوت غالب آھي ۽ ان جي حڪم ۾ رھيا ۽ کائڻ پيئڻ ۽ عيش عشرت ۾ گذاريائون پاڻ کي نہ سڃاتائون تہ اسين ڪير آھيون ڪاڏھن آيا آھيون ڇا لاءِ آيا آھيون ۽ ڪاڏي ويندا سين. پنھنجو وطن وساريائون انھن لاءِ قرآن پاڪ ۾ بشارت انھن لاءِ آھی تہ اھی حيوان آھن. اُولٰٓئِکَ کَالۡاَنۡعَامِ بَلۡ ہُمۡ اَضَلُّؕ اُولٰٓئِکَ ہُمُ الۡغٰفِلُوۡنَ(۱۷۹). يعني اھي جانور جھڙا آھن پر انھن کان بہ گھٽ آھن ۽ واٽ ماريل آھن. اھی گڏھہ آھن جيڪی دنيا جی ڍوري ۾ پيا چرن گڏھہ کی جتی بہ ڇڏيو تہ اتی خوش ۽ سک لڳو پيو ھوندو. وطن کی ياد ڪري ايندس ٻيا جانور (اُٺ) ھاٿي ڪتو وغيره پنھنجي وطن کي ياد ڪري ضرور

ڪڏهن نہ ڪڏهن پڇي وڃي پهچندو. الحب الوطن من الايمان، يعني وطن جي حب ايمان مان آهي هي. آدمي بہ عرش عظيم مان لهي هت دنيا جي ڍري ۾ ڇپرائي ۾ آيا ۽ سڪ ٿي ويا. گڏهہ وانگر پنهنجو اصل وطن وساري ڇڏيائون. پوءِ عزرائيل جو قوت ٿيا.

ملائڪن جهڙا اهي آدمي آهن جيڪي رات جو جاڳي زباني ذڪر ڪن نمازون پڙهن روزا رکن. خدا جي بندگي ڪن. پرهيزگاري ۽ خدا جو خوف دل ۾ رکن. پرائو حق نہ کائن ڪنهن کي ايذاءُ نہ پهچائن. اهي آدمي اهل بهشت ۽ ملائڪن جهڙا آهن.

انبيائن جهڙا اُهي آدن جيڪي هميشہ عشق الاهي ۽ توحيد جي محبت ۾ گذارن ۽ عشق مولئٰ ۾ گم رهن. شهوت کي قيد ٿا ڪن. اهي ڏسڻ ۾ آدمي معنيٰ ۾ جبرائيل آهن.

## بيت

نقش آدم ليلک معنيٰ جبرئيل رسته از خشم وهوا وقاَل قبل

اهي صورت ۾ آدمي مگر معنيٰ ۾ جبرائيل آهن شهواني ۽ نفساني سڏن کان آزاد آهن.

مثال: بادشاهہ طوطو ڏاريو هو ۽ ان سان ذوق هوس. هڪ دفعي خيال ٿيس تہ هن پکيءَ کي پڃري مان ٻاهر ڪڍجي جيئن پنهنجي سنگتي طوطن سان گهمي ڦري پاڻيهي موٽي ايندو. ٻاهر ڪڍڻ سان جڏهن اڏري وڃي طوطن سان گڏيو تہ اهي پنگ جون گنديون کائيندا هئا انهنجو نشو پڪل هو. هن اڻ هيراڪ جڏهن پنگ کاڌي تہ نشي ۾ ونجي ويو. اتان اڏري اچي ڪنيءَ جي لٽن ۾ ٽنگڻ وريءَ رسيءَ ۾ لٽڪي پيو. بادشاهہ ڳولرائي آخر اچي لڌس بادشاهہ پڇيس تہ رسيءَ ۾ ڇو لٽڪيو آهين. جواب ڏنائين تہ مون کي رسيءَ قابو ڪري وڌو اهي بادشاهہ چيس تہ رسيءَ توکي قابو ڪونہ ڪيو آهي تون رسيءَ ۾ چنبڙي پيو آهين. تون رڳو چنبا ڍرا ڪر. طوطي جيئن چنبا ڍرا ڪيا تہ آزاد ٿي آڏاٽو هليو ويو.

اهڙيءَ طرح هن ساري جهان جا آدمي بہ طوطا آهن ذات ذوالجلال بادشاهہ آهي. اهي سيئي عرش عظيم جي مهلات جا رهاڪو هئا. قرآن اِنۡ كُلُّ نَفۡسٍ لَّمَّا عَلَيۡهَا حَافِظٌ(۴) ترجمون اهڙو ڪوبہ ساهہ وارو ڪونہ آهي جنهن تي ڪوبہ نگهبان مقرر نہ هجي هن سڀني آدمين جو ذات ڪبريا نگهبان ۽ مالڪ آهي مگر هي آدمي عرش عظيم جي محلات مان نڪري اچي دنيا جي سير ۾ ڦهتا جتي هنن کي مائٽن اهو ڪاڏو ڪائڻ سيکاريو. ان اکل وشرب سڪر عظيم. يغفل من ذڪر الله تعاليٰ ڪاڏي پيتي جو وڏو نشو آهي. جيڪو خدا تعاليٰ جي ياد کان غافل ٿو ڪري نفساني لذات ۾ شهوت ڪٿيءَ واري رسي آهي. جنهن ۾ آدمي طوطي وانگر لڙڪيو پيو آهي نفساني دنيا جي رسي ڪنهن کي بہ الله کان ڪانہ ٿي روڪي مگر هي آدمي پاڻ سڪ لڳو پيو آهي جنهن ان حرص جي نوڙيءَ مان چنبا ڪڍي آزادي هٿ ڪئي سو ساڳي عرش عظيم ۾ بادشاهہ وٽ پهچندو حديث: ” ترک الدنيا راس کل عبادت “ يعني دنيا جو ترڪ ڪرڻ سڀني عبادتن جو منڍ آهي ”حُب الدنيا راس کل خطيئتہ “ يعني دنيا جي محبت سڀني خطائن جو منڍ آهي.

ماڻهو روح جو نالو ننڊ پڻ ڪان ٻڌي ٻڌي بي ويساها ٿي پيا آهن. جيئن ماڻهو سچ کي ڏسي هاڻي ڪيس خسيس ٿا سمجهن. جيڪڏهن رات جو خواب ۾ ڏسڻ تہ ڇريا ٿي پون. خواب وارو ڏسڻ سچو ۽ روح جو آهي خواب ٻن قسمن جا آهن(1) روحاني خواب (2) نفساني خواب روح سان خواب ۾ سچ ڏسڻ ڇريو ڪري وجهندو آهي. ڪوبہ آدمي چئي وجي تہ مان خواب ۾ سج ڏٺو يا چوڏهينءَ جو چنڊ ڏٺو آهي. ڪوبہ آدمي خواب ڏسندو تہ صبح جي مهل ڏسندو. سج ۽ چنڊ ڪونہ ڏسندو آهي. انهن ماڻهن سچ کي نفساني اکين سان ڏٺو آهي نہ روحاني اکين سان سو بہ روزانو ڏسي ڏسي اعتبار ڀجي پيوا ٿن. ان طرح روح جو بہ نالو ٻڌي ٻڌي خسيس ڪري ٿا سمجهن ائين نہ ٿا سمجهن تہ ڪو روح بہ وڏي شيءَ آهي. رات جو اهو روح ننڊ ڪرڻ مهل دم جي جهلي کي چاٻي ڏئي مقرر ڪيل وقت جي انداز تي سير لا هزارين ڪوهن تي هليو وڃي ۽ پويان ٻوتي ۾ جهلي پيئي

هلي مقرر وقت تي روح موٽي اچي پر ڪڏهن ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي ته ڪيئي ماڻهو ڪائي پي سمهن ۽ پوءِ ستي پيئي مري وڃن. اهو ڪهڙو سبب جو نه بيماري هجين نه نانگ ڪائين . پوءِ اهي چو مئا. ماڻهو ان ڪي مفاجاتي موت يعني اوچتو موت چوندا آهن ان جو سبب اهو آهي جو هن وجود ۾ ٽي روح (1) روح المقدس جيڪو دم جي حفاظت ٿو ڪري.(2) روح منزح جنهنجي حوالہ ننڊ آهي.(3) روح مقناطيس مرداني روح جو نالو آهي ۽ زناني حسن واري روح الحديد يعني لوهو روح چئبو آهي مردانو روح ڪاڏي پيتي ۽ حسن تي تمام حيران ٿي پوندو آهي. ۽ روح الحديد يا زنانو روح سو به ساڳي طرح مقنا طيس روح کي چنبڙي پوندو آهي. جيڪڏهن انهن ٻنهي روحن کي حسن واري يا ڪابہ لذيذ شيءَ وس ۾ نه ملي ته ان کي نظر ۽ خيال سان نقصان پهچائي وجهندو آهي جنهن کي نظر لڳڻ چئبو آهي.

مثال جيئن رسول الله احد واري جنگ ۾ زخمي ٿي پيو هو. جنهن تي الله کي چيائين ته مون کي هيءَ تڪليف چو پهتي جو تو مون سان فتح جو وعدو به ڪيو هو الله چيس ته ڪافرن توکي نظر هيئن آهي.

قرآن : وَاِنۡ يَّكَادُ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا لَيُزۡلِقُوۡنَكَ بِاَبۡصَارِهِمۡ لَمَّا سَمِعُوا الذِّكۡرَ

۽ بيشڪ جڏهن قرآن ٻڌندا آهن تڏهن توکي پنهنجي تکين اکين سان ٿيڙڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

جنهن وقت مقدس روح سير تي ويندو آهي دمجي کهلي کي چابي ڏيئي منزه يعني ننڊار کي روح کي ننڊ مان اٿاري جهلي جي پارت ڪري پوءِ پاڻ سير تي ويندو آهي. جنهن وقت چابي وارو مقرر وقت پورو ٿي وڃي ۽ مقدس روح واپس نه اچي ته يڪدم دم واري جهلي بند ٿي ويندي آهي ۽ هي بوتو مري ويندو آهي. بوتي جا ٽِٽ نڪري ويندا آهن صبح جو سڪي باند ٿي ويندو آهي پوءِ هلو حشر ۽ پنڻ ٿي ويندو آهي. اهو بوتو روح جو ڪانوَ وارو پڇ آهي. پوءِ ان پڇ تي ڪانون جا ڪانگيڙا ٿي وڃن. سيڪو

ڪانءِ ڪووٽن مان ڪو گهرن مان ٿان ٿان ڪندا ايندا آهن. ڪو ڪهڙي بات پيو ڪهي تہ ڪو ڪهڙي پوءِ وڃي پورينداس.

حقيقت ۾ اهي ٽيئي روح ان روح الا عظم جا جزا آهن. خاص ان درياهہ جا واهہ ۽ واٽر آهن جيئن درياهہ موجان ڪندو آهي تئين اهي واهہ ۽ واٽي بہ وقت تي ڪنڌ وجهندا آهن. ڇو تہ انهن ۾ بہ درياهہ واري موج جي عادت آهي. حتي المقدور اهي واهہ ۽ واٽر بہ اصليت واري هير پوري ٿاڪن. ان طرح روح بہ جنهن مهل ڪاوڙ ۾ جلالي ۾ اچي ٿو تہ ڪنڌ وجهي ٿو يعني ڪنهن ٻئي بوتي کي ڊاهي ٿو وجهي. روح بہ ڪن حالتن ۾ قوت وارو ۽ خودمختيار آهي.

هيءَ ڳالهہ ڪتابي آهي مگر علم لدنيءَ ۽ معرفت جي ڳالهہ آهي. هن حقيقت ۾ عامن جونہ خاصن جو علم آهي. جنهن کي ڄاڻندا آهن. جيڪو دنيا جي ڇپر واري ڊوري ۾ گڏهن وانگر رهندو سوهن ڳالهہ کي نہ سمجهندو. هن لدني علم پڙهڻ لاءِ صرف هڪ لفظ آهي. جيڪو پڙهندو سو سدائين حسن جي هل هنگام ۾ حسن جي حمام خاني ۾ رهندو هي عرش عظيم جو علم آهي. حيف ۽ ٿُڪ هيجو جو اي بي ٿي پڙهيو لدني علم نہ پڙهيوءُ. جيڪڏهن هي علم پڙهو ها تہ ٻنهي جهانن جو احتياج ڪونہ ڪيو ها.

اوهان جا استاد بہ انڌا ٻوڙا ۽ گونگا هئا اهي پاڻ ئي هن علم کان صم بڪم هئا. جن اوهان کي صرف گهڻو کائڻ پيئڻ. گهڻو ڳالهائڻ ۽ شهوت پرستي جو سبق ڏنو. هيءَ جيڪا بہ دوزخ جي حقيقت بيا ڪئي سون اها سڀ قرآن پاڪ جي ٻن آيتن جي تشريح آهي(1) وفي انفسکم افلا تبصرون. (2) ونفخت فيهم من روحي جي توحيد جي تقرير آهي.

مثال: هڪ طاقت وارو ماڻهو هو. جنهن پنهنجي پٽ کي گهوڙن جي تنبيلي ۾ نوڪرن ڳوٺ ڇڏيو. ڇو تہ غربت سکي ۾ ڪم مان تنگ ٿي. من ڪوهنر سکي پوي. اتي رهندي تنبيلي جي جماندار گاهہ ڪرڻ وارن کي ڇيو تہ هي شينهن جو ٻچو آيو آهي. ان کان اهڙو ڪم وٺو جو جيئن توهان

جي منهن ۾ سدائين لڇي هجي. متان سپاٽي بادشاهہ ٿي توهان کان گاهہ ڏوئائڻ ۽ لڏ ڪيرائڻ کي ياد ڪري توهان تي ظلم ڪري. پوءِ هنن ڇا ڪيو جوهن ڇوڪر کي نشو ڪارائين ننڍ ۾ بدفعلي ڪيائنوس . انهن کي اهو ڏس ڪڙهہ جي جماندار ڏنو جو آخر هن خاندان کي ان بدعادت تي هيرائي وڌائون. پوءِ سڄي عمر انهن جو ڪاٽيارو ۽ لڇي رهيو. هنن جي منهن تي ڪڏهن بہ زور نہ پريندو هو ۽ هميشہ هنن جي راءِ تي هلندو هو قرآن الا نسان حريص بتمام

ان طرح هي آدمي جو روح بہ روح الاعظم زابر بادشاهہ جو ٻچڙو آهي جنهن هن دنيا جي تنبيلي ۾ ڇڏيو. خيال ۽ روح وهم سڀ گهوڙن وانگر آهن. ان تنبيلي جو جماندار نفس آهي. حرص. طمع چار عناصر ۽ حواس هن گاهہ ڪرڻ وارا آهن. جيڪي هن کي اناج جو نشو ڪارائين ننڍ سمهاري گهٽي ڳالهاڻ ۽ گمراهيءَ جي بدفعلي جي هير ٿا. وجهن جنهن سان اهو روح سدائين لڇي پيو ٿيندو. اهو روح حق جي طرف هلي ٿو ڪونہ سگهندو نہ وري عرش اعظيم تي پيءُ جي روبرو وجي سگهندو. اتي ان تنبيلي ۾ گاهن دبدبو ڦٽو ڪيون وينو هوندو. دال تي خوش پيو گذاريندو.

**بيت**

روح باشد هر دو عالم را اصول ، ديگر عالم چون امت رسول

روح ٻنهي جهانن جو بنياد آهي، ٻي ڪائنات امت ۽ هو رسول وانگر آهي.

روح راجائي بود در لامکان ، منزلش بس ازبرون کون مکان

روح جي جاءِ لامڪان ۾ آهي. ان جي منزل جي حد ڪون ومڪان کان ٻاهر آهي

روح چون از اصطنبل آزاد شد، از وجود رست او دلشاد شد

روح جڏهن ان دنيا جي تنبيلي مان آزاد ٿيو تہ اهو وجود مان نڪتو ۽ خوش ٿيو.

هر که در اسپان بود خدمت گذار ، روح اوشرمنده شد خوار تزار

جيڪو گهوڙن يعني وهمن ۽ خيالن جو خدمتگار ٿيو تہ ان جو روح لڇي ۽ خوار خراب ٿيندو.

هر که در این اصطنبل محبوس شد. درد و عالم کار را معکوس شد
جيڪو هن جسم جي تنبيلي جو قيدي ٿيو تہ ٻنهي جهانن ۾ ڪارناما اوندها ٿيا.
پيش سائسيان دوتا پست نگون ، آبروئي ريخت شاهي درجنون
اوسئنس اڳيان ڳئي اگهاڙو ٿي نوڙي ٻيهندو عزت ۽ شاهي چريائوپ ۾ وڃائي ڇڏيائون
روح اپرواز جولان چون کند ، چون شب تاريکش افسون کند
ان جو روح پرواز جا جولان نہ ڪري سگهندو. اونداهي رات وانگر پريشان هوندو.
چون پرش در گل بمانده شد خجل، رفتن پيش خدائي عزو جل
جڏهن ان جا پر مٽيءَ ۾ لوئاڙجي ويا. پوءِ اهو رب پاڪ وٽ ويندي لڄي پيو ٿيندو.
شد مقام روح ناپاکان س جين برد ايشان راسوئي قصر زمين
انهن پليدن روحن جي جاءِ سجين دوزخ آهي، پوءِ انهن کي ملائڪ زمين جي تهہ خاني ۾ نيندا
تو ازهل بادشاهه اعظم . ننگ دار راز علت نامحرم
تون تہ بادشاهہ اعظم جي خاندان مان آهين غير واقفن کان لڄ بجاءِ انهن سان گڏ نہ ٿيءُ
هي ازهل وهم اسپان خيال، کردسر گين اسپ تورا پائمال
وهمي ماڻهن جا خيال گهوڙا آهن، جن جي سرگين زڪام تنهن جي گهوڙي کي ختم ڪري ڇڏيو آهي.
خواب غفلت کرده است عافل تمام ، کرده ءِ نسيان ذکر حق ازان
غفلت جي ننڊ اهڙو تہ غافل ڪيو اٿس. جنهنڪري الله جو ذڪر وساريو اٿس
عرش اعظم جاءِ روح پاک را، زير پايش ملک نه افلاک را،
پاڪ روح جي جاءِ عرش اعظم آهي نوَنِ آسمانن جو ملڪ ان جي پيرن هيٺان آهي.

## بادشاهہ جي ڳالهہ

هڪڙي بادشاهہ اعلان ڪيو تہ مان سپاٽي لڪندس. جيڪو مون کي ڳولي لهندو تہ ان کي سارو ملڪ انعام ۾ ڏيندس. ٻئي ڏينهن تي صبح جو سوير بادشاهہ وڃي پنهنجي باغ ۾ لڪو. باغ جي دروازي وٽ ڪيريون سازن سروزن سان ڏڪڙن ڏمانن سان راڳ ۽ ناچ پيون ڪن. دوڪان لڳل هجن جن تي حلوه ۽ ڪباب ۽ ٻيو کائڻ جو شيون موجود هجن مطلب تہ تماشو اهڙو هجي جو ڪابہ ڪمي ڪانہ هجي. جيڪو بہ بادشاهہ کي ڳولڻ پيو اچي سو ان تماشي تي ٻيهي پيو وڃي. پر هڪڙو بادشاهہ وزير هو سوانهن تماشن مان ٻسٽ باغ ڏي هليو ويو ۽ وڃي بادشاهہ کي لڌائين. بادشاهہ انب جي ٽڙ جي پور ۾ويٺو هو. بادشاهہ هن کي ڏسڻ سان ڪٽي پاڪر وڌس ۽ چيائينس تہ هم تم هويا تم هم هويا. ان طرح بادشاهہ لم يزلي بہ هن دنيا جي باغ ۾ آدمي جي وجود ۾ اچي لڪو.

**بيت**

راه خدا تعالیٰ در قلب مومنين است، درزمين وآسمان اور اگنجائش نيست

خدا جو رستو مومنن جي دلين ۾ آهي زمين ۽ آسمان ۾ اهو ماپي نٿو سگهي

حديث: لايسفي في يسعي ارضي ولا سمائي ولاکن في القلوب المومنين. الومن حي في الدارين بل هم احياءُ عند ربهم

جنهن جي دل ذڪر اعظم سان زندهہ آهي اهو هتي هتي جيئرو آهي. اهو الله جو مومن ۽ وزير آهي. فقير الله جا وزير آهن. عاشق ۽ عارف آهن جيڪي هن بوتي جي ڍڍر مان الله کي ڳولي ٿا لهن. دنيا جي لذتن ۽ تماشن ڏي نٿا نهارين. ونحن اقرب اليہ من حبل الوريد جي معنيٰ ۽ شرح اها آهي.

جيڪو دنيا جي تماشن کي ترڪ ڪندو. اهو ان بازار مان ٻسٽ شاهہ اعظم ڏي ويندو. ۽ اهو ئي نحن اقرب وارو الله لهندو.

**بيت**

عارف آنها که خدارا يا فتند ، از تماشاءِ جهان روتا فتند

عارف اهي آهن جن خدا کي لڌو دنيا جي تماشن کان منهن موڙيائون

آن نديمان الاهي در جهان، درد وجد يا فتند آن ذوالمنان

اهي دنيا ۾ الله جا همنشين آهن. انهن پنهنجي وجود مان ذوالجلال کي لڌو
از درخت جسم خود آن شاهه را، يافتند از وصلتش کارو گياه
پنهنجي وجود جي وڻ مان ان شاهہ کي لڌائون ان جي وصل سان سندس
مطلب تي ويا.
من طلب شيءُ چون جستند آن خدا . عاقبت جو بنده يابنده سزا
جنهن کي ڪنهن شيءِ جي گهرج هوندي آهي تہ ڳوليندو آهي. آخر
ڳوليندڙ لهندو آهي اهو دستور آهي.

توحيد جي پڇاڙي توحيد جو انڪار آهي يعني جيڪا ڳالهہ توحيد
جي آهي سا سڀ ڳالهہ فقير پنهنجي چوندو. اهي سڀ گفتاران منهنجون
آهن منهنجي دل جي دفتر تان هليون آهن. قرآن حديث يا عارفن جا ڪلام
پنهنجي گهر جي ڳالهہ پيو سمجهندو. اهي امر نهي ۽ مخلوقن کي
سمجهاڻيون ۽ هدايتون بہ منهنجون ٿيل آهن توحيد جون حديثون ۽ آيتون
بہ پنهنجون پيو سمجهندو. توحيد جي پڇاڙي اها آهي تہ جنهن ملڪ جي
گفتار يا ڳالهہ ٿيندي تہ اهو ملڪ ۽ منزل فقير روبرو پيو ڏسندو. جنهن بہ
حد ملڪوت جبروت يا لاهوت جي ڳالهہ ڪندو تہ جيئن بادشاهہ جلسي ۾
ڪرسيءَ تي ويهي خطاب ڪندو آهي تيئن عارف بہ ان حد ۽ منزل تي
پهچي ۽ اتي ويهي ڳالهہ ڪندو.

وجد جي حالت ٽن قسمن جي آهي (1) وجد هجر جا بہ قسم آهن ٽيون
وجد وصل ۾ ٿيندو آهي. هڪڙو وجد طالب کي سبق پڙهڻ سان ٿيندو آهي،
دلين جا بہ قسم آهن. ڪن دلين ۾ وجد نڪاءُ ڪري گهري پوندو آهي پر
اهو وجد اجا فراق جو آهي، ڇو تہ ذڪر جي جوش ۽ جذبہ سان ۽ ذڪر جي
وهڻ سان طالب جو وجود تڙپي بل کائيندو آهي. ان وجد ۾ طالب ڪجهہ بہ
ڪين ڏسندو مگر سندس روح ذڪر تابش ۽ سازن سروزن جي آواز کي
برداشت نہ ڪري سگهندو آهي جو پنهنجي ملڪ جي ڳالهہ ٻڌڻ سان ڳچ
ڳري ٿا پون. تمام بيحال ٿو ٿئي.

پيو وجد اهڙو آهي جنهن ۾ جسم نہ تڙپندو آهي توڙي هجر هجي يا فراق يا وصال هجي. مگر سندس چهري ۾ تبديلي ايندي آهي. اکين تي نشو پئجي ويندس. مگر معراج نہ هوندس. سندس اکيون هتون لامڪان پيو ڏسنديون دل جا پردا ڦاٽي پوندس. مگر پاڻ نہ ويندو

وجد جو ٽيون قسم اهڙو آهي جو سبق پڙهڻ سان هن جي وجود ۾ قلب ۾ جڻ بندوق جو ڇرو اچي لڳندس. اکين تي نشي جا مڻ چڙهي ويندس. اکيون زورن سان بہ کلنديس. ان وقت طالب عاشق جي وجود ۾ عبرت پيدا ٿيندا آهي ان سخت بيحاليءَ ۾ فقيرجي وجود تي ڪوبہ هٿيار نہ وهندو. عاشق جو وجود عرش اعظم ٿي پوندو يا. خود عرش جو مالڪ رئيس پاڻ ٿي پوندو. اثباتي جي ياڳي جي ضرب پيدا ٿيندي. جنهن ۾ بي انداز نشو ٿيندو. ٻن پيرن سان اهو وجود عين وصل آهي وصل جو مدار سيني تي آهن جن تي اهو وصل وارو وجد پوندو آهي. اهڙيون خاص دليون بہ عشق شهنشاهہ ٺاهيون آهن. عام دلين تي اهو وجد نہ پوندو آهي مگر پوءِ بہ ڏک لڳندو اٿن. جيئن پکيءَ کي گز ڪيرائي وجهي. ڪي پکي بہ گز جهلي اڏريا ويندا آهن.

عشق شهنشاهہ وجد وارين دلين جا بہ قسم ٺاهيا آهن

حديث: الوجد ثلاثتہ الاقسام قسم الاول وجد العام قسم الثاني وجود الخواص،قسم الآخر وجد الخاص. وهوو وجد يوصل لقاءَ الله تعاليٰ

خاص الخاص صوفيءَ کي معراج ٿيندو آهي جيڪو جسم مان نڪري عين ٿي پوي ٿو. اهو رسول الله وارو معراج چئبو آهي. وجد ڇو پيدا ٿيندو آهي. خاڪي وجود ۾ روح عشق جي شينهن اڳيان هرڻ وانگر تڙپندو آهي. عشق شينهن جي اڳيان هرڻ جي هستي رئي ٿي ويندي آهي.

## بيت

پيش شير آهوئي بيهوش شد. هستيش در هستي او روپوش شد

شينهن جي اڳيان هرڻ بيهوش ٿيندو آهي شينهن جي اڳيان ان جي هستي لڪي ويندي.

## بيت

اونها وري جو دوڙا الايو. عشق آرام نہ ڏيندا. عشق جنهن کي بيدار ڪيو سو ملڪ فلڪ ۾ هوشيار ٿيو. هن جسم جي قيد کان بيزار ٿيو. اهو سر سوڍو بردار ٿيو. پوءِ ان جو هٿ اختيار ٿيو. عاشقن جي فوج جوسالار ٿيو. پڇ ان کي دائما ديدار ٿيو. اهو عاشقن ۾ اظهار ٿيو. عشق عجب آفات نہ ڪشف نہ ڪرامات نہ طالب نہ درجات. عشق رڳو الا الله اثبات عشق اتي اُتي جتي ڏينهن نہ رات، ظاهر عشق جي صفات، باطن عشق جي ذات عشق جي اُلٽي چال ۾ الٽي بات، دنيا عقبيٰ عشق جو ظهور آهي. سج چنڊ عشق جي بتي جو نور آهي. جيڪو دنيائي روشنائي لاءِ دستور آهي. عقبيٰ جو طالب مزدور آهي. عشق جو طالب مخمور آهي. دنيا جو طالب بي نور آهي نفس جو طالب حق کان گهڻو دور آهي، جو عشق کانسواءِ جدا آهي سو مهجور آهي عاشق عشق جو منصور آهي عارفت هِتي هُتي منظور آهي. جيڪو هن کان بيزار ٿيو سو عشق ۾ اظهار ٿيو. جنهن هن کي نہ ڄاتو تنهن عشق کي سڃاتو. جنهن عشق کي سڃاتو تنهن سيڪجهہ سڃاتو ۽ پاتو. عشق نہ ڪافر نہ مسلمان آهي عشق کي نہ دين نہ ايمان آهي. عشق جو نہ شيطان نہ رحمان آهي. عشق جي موج هي هو جهان آهي. عشق ٻنهي کان نرالو آهي. عشق جو پنڌ سخت ڪشالو آهي. عشق ۾ مرڻ ۽ جيئڻ آهي. عشق ۾ نہ تقويٰ نہ دين نہ ايمان آهي. عشق حقاني اسلام ۽ امام آهي. دين ۽ ڪفر عشق جي دام آهي. جيڪو مئي وحدت پيئندو سو قيامت تائين نہ مرندو. نہ اتان نشو لهندو. جنهن تي وحدت جي مئي جو نشو چڙهيو سو عمر تائين هوشيار نہ ٿيندو ۽ ڪثرت کان بيزار رهندو. هِن هُن جهان ۾ اهو نہ بيهندو. جسم جي قيد کان آزاد رهندو. ڪڏهن هِتِ تہ ڪڏهن هُتِ رهندو. جيئن ڪو درياهہ جي ڪن ۾ پوندو آهي تہ ڪڏهن تري ۾ تہ ڪڏهن مٿي ترندو آهي. جيڪو درياه جي تيز گرداب ۾ يعني ڪُن ۾ ايندو تہ ان جو ڪهڙو حال هوندو. عشق سان درياهہ جو مثال ان ڪري ٿا ڏيون تہ جيڪو طالب ان

رحمت جي درياهہ ۾ ويو تہ مئي وحدت جي نشي سبب اهو فقير پاڻ اصل ڪونہ رهندو رڳو درياهہ هوندو.

### بيت

من به درياه تيز مهر آمدم ، آمدم من در عجبها آمدم

مان درياهہ جي تيز ڪن ۾ آيو آهيان، آيو آهيان عجيب حيرتن ۾ آيو آهيان

ساري دنيا جو حسن ان درياهہ اعظم جو ڦڙو آهي. هو دهشتي درياهہ آهي. هڪڙو فقير ٿن ڪوهن تان پنڌ ڪري مصرع جي معنيٰ پڇڻ آيو تہ ”دليان ڪي ميداني اوپر ڪونتل عشق ڪڏا ويگا“ هي مصرع سچل فقير جي ڪافي جو آهي. امير بہ ويٺل هئا جيڪي فقيري جي دعويٰ ڪندا هئا وجد حال وارا هئا. عمر فقيري ۾ گذاري هئائون ان مصرع جون پنج ست معنائون ڪري ٻڌايائون جنهن تي پير ڳوٺ جي عليٰ بخش فقير انصاري چين تہ توهان جي هڪ بہ معنيٰ دل کي نہ لڳي تنهن تي ان خان فقير پڇيو تہ هي ڪنهنجو طالب آهي. ماڻهن چيس تہ فولاد علي فقير جو.

پوءِ علي بخش فقير اسان وٽ معنيٰ پڇڻ لاءِ آيو. اسان کيس معنيٰ نہ ٻڌائي چو تہ قرآن پاڪ ۾ بہ خاص راز مخفي آهن. قرآن جي حد لوح محفوظ تائين آهي هيءَ ڳالهہ عرش عظيم کان بہ پري جي آهي. هيءَ بيحد ملڪ جي ڳالهہ آهي قرآن ۾ بہ اُهي ڳالهيون لڪل آهن. هن مصرع ۾ ذات منزه جي حقيقت بيان ڪيل آهي. فقير کي اها ڳالهہ ٻڌائڻ ڏوهہ آهي علي بخش کي چيوسون تہ توکي اسان رستو ڏسيو آهي. ان دڳ سان هلندو رهندين تہ وڃي اتي پهچندين .جنهن تي رنج ٿي ويو. تہ مان ڪيڏو پنڌ ڪري آيو هُيس تہ بہ معنيٰ نہ ٿا ٻڌايو جنهن تي اسان مثال ٻڌايس تہ جيئن خرار مان جنس لاءِ ڪٺا ڏيڪاربا آهن چيوسونس تہ تون ڪراچيءَ ۾ زناني ناٽڪ ۾ رقص ۽ ناچ ڏسڻ سان ڪرسيءَ تان ڪري بيهوش ٿي پيو هيئن اهو حُسن اعظم جو ڦڙو ڏٺو هيئہ جيڪڏهن دهشتي درياه جو حسن ڏسنين تہ تنهنجو الائي ڪهڙو حال ٿئي.جيڪر بچي ڪونہ سگهين هاڻي توکي

درياهہ جي ڦڙي جو ڏس ڏنوسين. هاڻي ان ٻڌايل رستي سان پنڌ ڪري پاڻ وجي ڏس تہ دلين جو ميدان ۽ شهر ڪتي آهي. هي ملڪ جسم جي ڊار ٽيڻ ڪانپوءِ ڏسبو آهي. رسول الله بہ جسم ڪان ڊار ٿي پوءِ ملڪ ڏٺو هو. اهو موت نہ آهي مگر دائمي حياتي آهي. وري موت ان تي هرگز نہ ايندو حديث الموت جسر يوصل الحبيب الي الحبيب، موت پُل آهي جيڪا دوست کي دوست سان ملائيندي آهي.

عشق هڪ مشهور نانءُ آهي جيڪو سڀ ڪنهن کي اچي ٿو ان نالي کي رسول الله صلى الله عليه وسلم بہ قرآن ۾ لڪائي ڇڏيو آهي. عام ماڻهن خواه عالمن فاضلن غوثن قطبن کي انهيءَ عشق جي حقيقت. صورت ۾ حد جي خبر ڪانهي عشق جي خبر ان کي آهي جيڪو جسم مان نڪري معراج ٿو ڪري جنهن نون آسمانن کي پيرن هيٺان ڪيو. عرش اعظم ڪان بہ پري ويو. ان ڳالهہ جي اشاري مان سمجهو تہ عارفن ۽ عاشقن جيڪي شعر چيا. آهن انهن ۾ هر هنڌ عشق جو نالو آيل آهي. ان ڪري عشق جي خبر معراج وارن عاشقن کي آهي. ٻين کي صرف عشق جو نالو ٿو اچي مگر جيڪي حلال ڪائن ٿا ۽ زباني ذڪر ڪن ٿا ۽ نماز پڙهن ٿا تہ انهن جي دعا ۾ پِٽ لڳي ٿي. غوث ۽ قطب بهشت جا خواهشمند آهن. نفس پرور آهن. ۽ عشق جا مُنڪر آهن. ڇو تہ عشق ۾ ڏک آهن. نفس لاءِ ٻڪون اوجاڳا ۽ تڪليفون برداشت ڪرڻ ڏکيا آهن. عاشقن جو ڪم پاڻ کي ڇنگهہ ۾ رسو وجهي ٽنگڻ وارن ۾ رسو وجهي ٻڌڻ وهنڌڙ پاڻي ۾ ڪرڻ يا ڪٻي وڻ تي ويهڻ ننڊ اڃڻ مهل پاڻي ۾ ڪرڻ اهي تڪليفان ڏيئي عاشق پاڻ مان نڪرندا آهن ذڪر جي وسيلي هن پائخاني جي ڪوٺي مان روح کي ذڪر جي وسيلي ڪڍيندا آهن. جاڏهن جا آيل آهن اوڏانهن موٽندا آهن. پوءِ اصلي موج ماڻيندا آهن.

اها خبر نہ ٻڌي اٿو تہ شيخ شبلي جيستائين جسم جي قيد ۾ هو تہ تيستائين نفس جي اڪين ۾ لوڻ وجهندو هو. ڪتاب شيخ شبلي جي باري ۾ لکندا آهن تہ ننڊ وقت فقير اڪين ۾ لوڻ وجهي ننڊ ڦٽائيندو هو. موليٰ عليہ

عليہ السلام جو فرمان آهي تہ جنهن پنهنجي پاڻ کي سڃاتو ڄڻ الله کي سڃاتو.

## بيت شيخ عطار رحہ

م درادرہ بود قالین بود، زیر پهلص خشتها بالین بود

طالب مردانہ کي سمهڻ لاءِ تڏو بہ قالين يا غاليچو آهي. وهاڻي بدران مٽي هيٺان سرون هونديون آهن

غوث قطب سڀ جسم جي قيد ۾ رهجي ويا. جسم مان نڪري معنيٰ جو معراج نہ ماڻيائون نفس دشمنن جي خدمت ڪندي مري ويا. رڳو بهشت جي اميد ۾ ڳٽيتي م رهجي ويا. اسان عاشقن فقيرن کي نہ بهشت جي اميد نہ دوزخ جو ڀوءُ ٻنهي کان بيزار آهيون. ڇو تہ اهي ٻيئي مخلوق آهن اسان وچي ان جي خالق کي لڌو ۽ ان سان همدم ٿياسون اهوئي بهشتن ۽ دوزخ جو مالڪ آهي. دوست ان محبوب جو جلال آهي ۽ بهشت جمال اٿس. اسان ٻنهي کان آزاد آهيون.اتي مخلوق ۽ مخلوقيت جي ڪا بہ طاقت نہ رهندي آهي جيئن رسول الله صلي الله عليہ وسلم فرمايو آهي تہ روايت ربي بيعن ربي. يعني اسان الله ج کي الله جي اکين سان ڏٺو آهي هي آدمي جو روح وڏي درياه جو ڦڙو آهي. ڦڙو درياه ۾ پوڻ سان ملي هڪ ٿي ٿو وڃي ٻي غير جنس آهي روح ان جو ذاتي جزو آهي .پاڻي جا جانور پاڻيءَ ۾ رهن ٿا. ڇو تہ پاڻي هنن جو روح آهي. اهو پاڻيءَ ٻيا خشڪي جا جانور بہ پيئن ٿا. ان لاءِ پاڻي حياتي آهي پر جيڪڏهن پاڻيءَ ۾ ڪرن ٿا تہ ٻڏي مري ٿا وڃن. مثال جيئن ٻيڙيءَ لاءِ پاڻي حياتي بہ آهي تہ موت بہ آهي. ڇو تہ جيڪڏهن پاڻي هيٺان اٿس تہ حياتي اٿس. پر جيڪڏهن منجهہ گهري پيس تہ موت اٿس،

تيئن نفس کي بہ ذات جو پاڻي قدر آهر مليو تہ پيئي ٿو. مگر هي پاڻي کان غير جنس آهي ڇو تہ خشڪيءَ جو رهندڙ آهي. هن کي پاڻيءَ ۾ ٻڏڻ جو خوف آهي. ان ڪري ذات الاهي پنهنجو ديدار روح تي مقرر ڪيو آهي. ڇو تہ روح عالم بالا جو جزو آهي اوڏاهون هت آيل آهي نفس مٿيءَ مان

ٺهيل آهي. ان ڪري ان کي زمين تي چڙهيائين.ذات وئي ذات ۾ صفات وئي زمين يعني مٽيءَ ڏي نفس روح لاءِ سواريءَ جو گڏهه آهي. جيڪڏهن ڪو بادشاهه ڏي ايندو ته سواري ته سامهون نه ايندو مجال نه اٿس. وهٽ پري ٻڌي پوءِ ادب سان ايندو. وهٽ سوڌو وٽس ايندو. ته پادر ڪائيندو.رايت ربي بعين ربي جي اها تشريح آهي.

ذات ذوالجلال جي درٻار جو ڪتو ۽ درٻان حضرت عزرائيل آهي ان کي حڪم ڪيائن ته ڪير به ماڻهو منهنجيءَ درٻار نفس ڪتي سوڌو لنگهڻ نه ڏجانءِ مثال ڪوبه ماڻهو ڪنهن جي گهر ۾ ڪتي سميت ويندو ته گهرو ڪتو ماڻهن کي ڪونه چوندو مگر ڪتي کي وجهي دسيندو.

سرڪار اعظم جي ڪتي جو خوراڪ ٻڌو ته ڪنهن ملان قاضي يا زاهد عابد کان شهواني خواهه گمراهي جو ڪم ۽ حق غضبي ۽ ناحق ڪرائيندو ته پوءِ ڇڙ خوراڪ کاڏائين. پوءِ ٻارهن مهينا ان کي ڍئو هوندو ۽ آرام ۾ پيو هوندو. وري به جڏهن بک لڳندس ته جاچي ڪنهن زاهد عابد جي واٽ ماريندو. شهواني ڪم ڪرائيندس هميشه کان وٺي هن جي اها چال آهي. اهو ڪتو مالڪ جو بي فرمان نه آهي. ڇو ته جيڪو به نفس ڪتي سوڌو درگاهه ۾ وڃڻ جي سڌ ڪندو ته ان کي ماريندو ۽ وڃڻ نه ڏيندس.حديث: ان نفسڪ کلاب بيشڪ توهان جو نفس ڪتو آهي. اسان حضرت عزرائيل کي محبوب جي در جو ڪتو ان ڪري سڏيو آهي جو در جو ڪتو به مالڪ کي پيارو هوندو آهي جيئن مجنون جي محبت جو ڪمال هو جو ليليٰ جي در جي ڪتي جا پير چمندو هو.

**بيت**

پاءِ سگ بوسيد مجنون خلق گويد اين چه گاه گاه اين سگ در کوئي ليليٰ رفته بود

مجنون ڪتي جا پير پيو ته ماڻهو پيا چون ته هي ڇاجي ڪري ٿو ائين ڪري جنهن تي پاڻ چيائين ته هي ڪتو ڪڏهن ليليٰ جي گهٽي ۾ ويندو آهي.

سارو جهان ان نفس ڪتي جو تابع آهي ڇئو تہ ڪنهنکي بہ الله جي محبت يا ڪو يادگير بہ آهي؟ قرآن قليل ما تئومنون واڪثر هم الفاسقون کي ٿورا مومن آهن مگر گهڻا فاسق آهن ساري جهان ۾ نهاري ڏسو تہ ڪو گهر ڪتي کان خالي آهي. شهرن ۾ يا برن ۾ هندن ڪولهين يا ڀولائن جي هر هڪ گهر ۾ ڪتو آهي. دنيا جي مال جي حفاظت بہ اهو نفس ڪتو ٿو ڪري. جهيڙا فساد زمين ملڪيتن تي ڪڙين ڪسين تي تڪرار بہ اهو نفس ڪتو ٿو ڪري سيڪو ٿو چاهي تہ اهي منهنجي حوالہ ۾ هجن اها سڏَ ان ڪتي نفس جي آهي. روح جي خواهش عروج سير معرفت ۽ ديدار الاهي آهي.هر ڪو پنهنجي اصل ڏانهن ڇڪي ٿو. مثال نفس جي نسبت ڪتو ڏسو جو اٺ يا هاٿيءَ يا ڪيڏي بہ ٻئي وڏي ڍونڊ تي ايندو تہ اتان ڪانوَ ۽ ٻيا ڪتا تڙيندو وتندو. .جيئن اهو سپ مان ڪاوان، ٻيو ڪير بہ ڀائوار نہ ٿئي. تيئن دنيا جا ماڻهو بہ ان ڪتي نفس جا تابع آهن تہ جيئن سپ ڪجھ اسان ڪائون ٻئي ڪنهن کی بہ نہ ڏيون، قرآن پاڪ ۾ الله تبارڪ وتعالیٰ دائود نبیءَ کی فرمائی ٿو يٰدَاوٗدُ اِنَّا جَعَلۡنٰكَ خَلِيۡفَةً فِى الۡاَرۡضِ فَاحۡكُمۡ بَيۡنَ النَّاسِ بِالۡحَقِّ وَلَا تَتَّبِعِ الۡهَوٰى فَيُضِلَّكَ عَنۡ سَبِيۡلِ اللّٰهِ ؕيعني (اي دائود ع) توکي اسان زمين ۾ پنهنجو نائب مقرر ڪيو آهي پوءِ حق سان حڪمراني ڪجانءِ سڏن جي تابعداري نہ ڪجانءِ اهي سڏون توکي الله جي رستي کان گمراھ ڪنديون. دائود جهڙي نبيءَ کي بہ رب العالمين سڏن جي تابعداري کان منع ڪئي اها منع جملي انبيائن ۽ عاشقن عارفن کي وقت تي ٿيندي رهي آهي. افسوس آهي جو ان هوندي بہ سارو جهان انهن سڏن ۾ گم آهي. خدا جيڪو نيڪيءَ جو حڪم ڪيو ماڻهن ان کي منع سمجهيو جنهن بديءَ کان منع ڪيائين ان کي حڪم ڪري سمجهيائون. القرآن” ونهن نفس عن الهويٰ فان الجنت هي الماويٰ “ سڏن کان نفس کي بند ڪيو تہ بيشڪ اوهان جي رهڻ جي جاءِ بهشت آهي. ڪيڏو نہ نفس جي تابعداريءَ کان بچڻ جو تاڪيد آهي رسول الله کي بہ ذات ذوالجلال تعليم ٿو ڏئي تہ مسلمان کي سمجهاءِ تہ خناس نفس جي

وسوسن کان مون کان پناهہ گهرن يعني قُلۡ اَعُوۡذُ بِرَبِّ النَّاسِ﴿۱﴾ مَلِكِ النَّاسِ﴿۲﴾ اِلٰهِ النَّاسِ﴿۳﴾ مِنۡ شَرِّ الۡوَسۡوَاسِ الۡخَنَّاسِ﴿۴﴾ الَّذِیۡ یُوَسۡوِسُ فِیۡ صُدُوۡرِ النَّاسِ﴿۵﴾ مِنَ الۡجِنَّةِ وَ النَّاسِ﴿۶﴾ يعنی چئو تہ مان پناهہ گهران ٿو ماڻهن جی پالڻهار کان ماڻهن جی بادشاهہ کان ۽ ماڻهن جی معبود کان ان خناس نفس جی وسوسن کان جيڪو ماڻهن جی دلين ۾ وجهی ٿو. ائين ذات ذوالجلال بہ سيکاري ٿو تہ ان خناس نفس جی وسوسن مون کان پناهہ گهرو. ڏسو تہ وهمن ۽ الوسوس جو ڪيڏو تاڪيد ٿيل آهی جنهن جی عام مسلمان پوڄا ۽ پيروي ٿا ڪن جيئن نفس چوين ٿو ائين ڪن ٿا ڪلام الله ۾ ڪيڏو تاڪيد آهی.

اسان هڪ دفعی هنگورچہ شهر ۾ وياسين جو سيد غلام مرتضیٰ شاهہ اتان جو رهاڪو فقير هو ان سان اسان جی محبت هئی. ان وقت اهو گذاري چڪو هو. سندس گاديءَ تی سيد صوفن شاهہ اسان رات ترسياسون. اسان جو بڏي سڀ سيد جی ڪچهري ۾ گڏ ٿيا. انهن ۾ سيد محرم علی شاهہ بہ موجود هو. ان ڪا ڳالهہ بڌي هئی تہ فقير فولاد علی شيطان جی خيرات ڪري کيس ختمون ڏنو آهی. انهن جی سمجهہ ۾ تہ فقير ڪو غلط ڪم ڪيو آهی. ان ڪري سيد محرم علی شاهہ طعنہ هڻی. قرآن جی آيت پڙهی تہ يا بنی آدم ان لا تعبد الشيطان ان لکم عدو مبين. ۽ چيائين تہ فقير جڏهن شيطان آدمين جو پڌرو دشمن آهی پوءِ توهان ان کی ختمون ڇو ڏنو. جنهن تی اسان چيس تہ سيد محرم علی شاهہ قرآن ڪلمون ۽ نبوت امام توهان سيد تی لٿا اسان شرن تی ڪاٺ جا رنبا ۽ ڏڳن چورائڻ لاءِ رسا لٿا. جی چوين تہ اسان توکی پنهنجی وڏن جی ورثی وارو ڪم ڪري ڏيکاريون. مگر قرآن توهان جو ڪتاب آهی ان آيت جو تفسير تون ڪري ٻڌاءِ شيطان اسان کی بہ ڏيکار تہ ان جی تابعداري نہ ڪريون محرم شاهہ تہ چپ ڪري ويو. پوءِ اسان چيس تہ توهان چئو ٿا تہ شيطان جا ڪم بڇڙا آهن. جنهن تی چيائين تہ هائو. وري اسان چيس تہ سيد اهڙي ڪا ثابتی اٿو تہ شيطان ڪنهن جي گهر ۾ رات جو آيو ۽ ڪنهن پڪڙي بہ وڌس يا

ڪتن پوڇاڻي ڪاڏس. چڱو هلو ته ميرٽا جيل ڳوليون ۾ انگريزن واري حيدرآباد واري جيل ۾ ڏسون ته ڪٿي شيطان ٻڌل آهي. فقير توسان ڪاري پاڻي تائين ٻڌل آهي هلو ته اتي ڳوليونس جيڪڏهن ڪم ٻچڙا اٿس ته ڪاڻي ضرور واڙيل هوندو. قرآن ۾ جيڪي بني آدم جو صفو استعمال ٿيل آهي سو سيني آدمين لاءِ آهي. اسان به آدمي آهيون ۽ توهين به آدمي آهيو. اوهان کي جيڪڏهن شيطان جي خبر آهي ته ٻڌايو ته اسان به سندس تابعداريءَ کان بچي پئون ۽ ڏيکاريو ته ان جي ويجهانه وڃون.

جي نه ته اسان توکي چوريءَ وارو ڪم ڪري ڏيکاريون. ڪاٺ هٽي ڪنهن جي جاءِ جا پاڻانديا لاهي ڏيکاريون. اسان پنهنجي وڏن وارو ڪم اڄ به ڪري سگهون تون سڏائين نبيءَ جي اولاد ٿو ان ڪري اسان کي شيطان جي صورت ڏيکار ته ان کي ڏسي ڪائونس اسان سڄاڻي پري پري رهون جنهن تي محرم شاهه ماٺ ڪري ويو. مگر ان جاءِ تي هڪ قاضي پڙهيل ماڻهو وينو هو. جنهن چيو ته شيطان بي مثل آهي. جنهن تي فقير چيس ته ليس ڪمثله شيءُ ڪنهن جو لقب آهي قاضيءَ چيو ته الله جو. اسان چيس ته الله به بي مثل ۽ شيطان به بي مثل پوءِ ته الله جو سئوٽ چئبو يا ڀاءُ چئبو. وحده جي ڳالهه کي هنن ته ڍاهي وڌو. جنهن تي سڀ لاجواب ٿيا. اسان چيس ته ڪلام الاهي دو معنيٰ خدا جو ڪلام ٻه معنائون رکندو آهي. هڪ ظاهري معنيٰ ته ٻي باطني معنيٰ. اوهان کي ته ظاهري معنيٰ جي به خبر ڪانه آهي ته لدني معنيٰ ڪيئن ڄاڻندو؟ آخر محرم شاهه ۾ حاضر مجلس وارن منٿون ڪيو ته توهان ٻڌايو ته چوٿون عنصر آتشي آهي ان جو تابع شيطان رکيل آهي. جيڪو آدمي ان آتشي عنصر يعني شهوت جو تابع آهي سو شيطان آهي. هوس پرستي جيڪا به آهي باغ رکڻ زمين گڏ ڪرڻ عزت جي تمنا رکڻ مرتبه لاءِ ڪوشش ڪرڻ بهشتن جي اميد رکڻ مطلب ته خدا جي ذڪر ڪانسواءِ ٻي هر هڪ سڌ يا هوس شهوت پرستي آهي. جنهن آدمي جا اهڙا عمل هجن ته پوءِ ان آدمي کي شيطان انسان چئبو آهي. شياطين الانس اهڙن آدمين کي چئبو آهي قرآن ۾ به هر جاءِ تي ان

هوسي انسان جي فرمانبراديءَ کان منع ڪئي آهي. تان جو نبين کي بہ منع ڪيائين. يسٰ ۾پڻ بني آدم جو خطاب آهي. جنهن سان بہ آدمين کي شيطان جي تابعداريءَ کان منع ڪيائين ميلن. يا جلسن جهنگلن جبلن ۾ ڪوبہ انسان شيطان کي ڳولي ڏيکاري ۽ هٿ رکي منادي ڏئي تہ اجهو شيطان ٻڌو اٿم تہ ان کي هزار روپيہ روڪ ۽ چاليهہ ايڪڙ زمين انعام ۾ ڏينداسون. ڏسون تہ جهنگلن ۾ جبلن ۾ بہ اهي انسان آهن.

مثال رحيم هنڱورو خوني ۽ رهزن ماڻهو هو پراوا حق کائيندو هو ۽ پاڪستان جي رياست ۾ رهندو هو. ان جي وٺڻ ۽ پڪڙڻ لاءِ بہ انعام رکيل هو. هو ان کي بہ پڪڙي وڏو هئائون ۽ انهن کي ظاهر جي حڪومت انعام ڏنو هو. اسان بہ شيطان جي وٺڻ واري کي انعام ڏينداسون.

ڏسو تہ جيستائين آدمي نابالغ آهي ۽ ڪو ڏوهہ ڪري ٿو تہ تيستائين حڪومت بہ هن کي صغير سمجهي سزا معاف ٿي ڪري ۽ ڪيس ڇڏيو وڃي ٿو. جڏهن منجهس شهوت پيدا ٿئي ٿي ۽ پوءِ ان کان جيڪو بہ ڏوهہ ٿئي ٿو تہ ان جو قصاص ڪائونس ورتو وڃي ٿو. هاڻي ڏسو تہ جڏهن انسان تي چوٿون شهواني عنصر غلبو ڪري ٿو تہ خيانت جا ڪم ڪري ٿو.ان جي فرمانبرداريءَ جو نالو شيطان آهي. ڪيس سجدو ڪيو. ان جي حقيقت هيءُ آهي تہ آدمي جا جيڪي عضوا امر ۾ آهن اهي ملائڪ آهن جاڏي چاهي تہ پيو ڦيرائي، مگر شهوت آدميءَ جي امر ۾ نہ آهي، شيطان جو آدم کي سجدو نہ ڪيو تہ الله ج، عليک لعني لیٰ يوم الدين چئي ڪيس ڪاڏي تڙي ڇڏيس. جيڪڏهن ڪاوڙيو. آهي تہ ڪيس ڪاڏي تڙي ڇڏيس ها. بادشاهہ بہ ڪنهن تي ڪاوڙيو آهي تہ ڪيس نيڪالي ڏيندو آهي. جيڪڏهن ڪاوڙيو هيس تہ ڪوهہ قاف جي پرينءِ پر ڪاري پاڻي ۾ ڇڏيس ها. دنيا جو ملڪ تہ آدمين جي رهڻ جي جاءِ آهي. لعنت جي معنیٰ آهي بيزاري، بيزاريءَ جي معنيٰ آهي تڙڻ جي تڙيو هئائين تہ آدمين ۾ تہ نہ ڇڏيس ها.

قرآن ۾ قَالَ رَبِّ فَاَنْظِرْنِيْٓ اِلٰى يَوْمِ يُبْعَثُوْنَ(٣٦) پوءِ اهڙي تڙيل کي ڏگهي حياتي فَاِنَّكَ مِنَ الْمُنْظَرِيْنَ(٣٧) جي اجازت ڇو ڏنائين. الله ۽ شيطان جون پاڻ ۾ اندروني ڳالهيون ٿيل آهن. سجدي وقت شيطان کي اک پڳي هئائين ته بيا پلي سجدو ڪن تون آدم کي سجدو نه ڪجانءِ الله ۽ شيطان جو پاڻ سنڌ يا صلح ٿيو هو. ائين نه هجي ها ته آدم جو وجود چوٿين عنصر آتش کانسواءِ نه بنجي ها. سندس وجود تڏهن ئي ته مڪمل ٿيو الله جيڪڏهن آدم کي سجدو نه ڪرڻ تي شيطان تي ڏمريو هو ته ضرور کيس فاسيءَ تي چاڙهيس ها. يا قتل ڪرائي ڇڏيس ها. الله وٽ ڪو مظبوط هٿيار نه هو ڇا جو کيس هڪ ڏڪ سان ماري وجهيس ها. ايتري بي فرماني به ڪيائين پوءِ کيس جيئرو ڇو ڇڏيائين؟ عرش اعظيم کان وٺي تحت الثريٰ تائين سمورو ملڪ ته الله جو آهي. پوءِ شيطان کي ڪاڏي تڙي ڪڍي ڇڏيائين. پلا اتي ڇڏيس ها جتي آدم نه هجي ها سيڪو عالم فاضل چوي ٿو ته آدميءَ ۾ شيطان آهي ونفخت فيه من الروحي. الله به اتي آدم ۾ آهي ته شيطان به اتي پوءِ چئبو ته شيطان به الله جي پرسان وَرُ ورَ تي چاڙهيون ويٺو آهي. هن ڳجهارت کي اهو پيچندو جيڪو جيئري جسم مان نڪري عرش عظيم تي ويو هوندو. ساري خبر ان کي هوندي. جڏهن شيطان آدم کي سجدو به نه ڪيو هو ۽ الله کيس تڙي به ڇڏيو هو. ظاهر بين چون ٿا ته الله کيس آسمانن مان تڙي ڪڍيو هو.واعتدنا رجوع ما الشياطين يعني جيڪڏهن شيطان تڙئي کانپوءِ آسمانن جي طرف لنگهندو ته ان کي ستارا آسمان مان اماڙيون ٿي لڳندا. اها کهڙي ڪنڌ آهي جيڪا الله ۽ ملائڪن کان غفلت سبب رهجي ويئي آهي. جو ائين آسمان تي لنگهي وڃي بيبي حوا ۽ آدم کي داڻو کارايائين. الله کي غافل به نه چئبو. ان مان جاڻجي ٿو ته هم صلاحي هئا. آدم جي داڻو نه کائي ها ته غفار ۽ غفور جي درياهه مان پاڻي جي لپ پري ڪونه پئي ها عاشقي ۽ معشوقي جو درياهه اظهار ڪونه ٿئي ها نه وري دنيا ۾ آبادي ٿئي ها. الله کي هٽ آدم اظهار ڪيو نه ته الله جو نالو ڪير وٺي ها. الله جو ديدبو ۽ سياست ڪيئن اظهار ٿئي ها.

هڪ ناچيز انسان فرهاد نالي خاڪ جي پتلي ڪاٺ جي ڪهاڙي سان جبل پچي نهر وهائي آيو جنهن تي لکن ڪوهن ۾ آبادي ٿئي ٿي ۽ جيڪا نهراج تائين ڪصر شيرين وٽان وهي ٿي هي تہ شيطان هو جهن آدم کي داڙو ڪارايو ۽ پوءِ آدم مان ڪهڙا نہ ڪم ٿيا. هزارين آباديون ٿيون ۽ هزارين مزا ٿيا. سوا لک انبياءَ ۽ اولياءَ پيدا ٿيا، جنهن کي حضرت عزرائيل ڏاڍي شيطان داڙو ڪارايو. جنهن سان ڪيڏو نہ اسرار پيدا ٿيو. موسيٰ عليہ السلام جي لٺ ۾ ڪيڏي نہ حڪمت پيدا ٿي، جو ازدهان ٿي پيئي فرعون جهڙي جابر بادشاهہ کي سيهڙ جي هٿئون ماراياٿين. ڏسو تہ ڪهڙيون نہ پلايون ٿيون جو لوڏيل جي صلاح مان ڪيڏا ڪم ٿيا آهن جنهن کي عام مسلمان لوڏيل ٿا چون.

جيڪڏهن پيءُ پٽ تي ڪاوڙيو تہ جلال هٿ سان پٽ تي چڙ ڪندو ۽ جمال هٿ سان پٽ کي پاڪر پائيندو. پيءُ کي توڙي ڳالهائيندو بہ هجي ۽ ان جي ريس تي سندس پٽ کي ڪو بيو ڳالهائيندو تہ پٽس ان سان وڙهي پوندو ۽ چوندو تہ منهنجي پٽ کي هن ڇو ڳالهايو. هن ڇو بيعزتي ڪيس پوءِ عام مسلمانن کي شيطان کي ڳالهائڻ ۽ لعنتون وجهڻ جو ڪهڙو حق آهي، هي پاڻ شيطان کان ڇا ۾ معتبر آهن؟ شيطان بہ ان کي اک ۾ رکندو ۽ اهڙو بچڙو ڪم ڪرائيندس جو ڇٽي نہ سگهندو.

مثال: هڪڙو پير هميشہ شيطان کي ڳالهائيندو هو. هڪ دفعي پنهنجي مريدن ۾ هڪ حسين مريدياڻي ڏٺائين جيڪا ڪنواري بہ هئي. هي ان تي حيران ٿي پيو. اتفاق سان مريدن جي گهر کي باهہ لڳي. مريد هئس جاهل پير کي چيائين تہ اسان تان هيءَ باهہ ٽار جو جهڳا ساڙي ڇڏيائين. ڪتاب کولي کين چيائين تہ اوهان تي وڏي شامت آهي جيڪا ان نيگريءَ جي رهڻ جي ڪري آهي. ان ڪاٺ جي صندوق ۾ وجهي درياهہ جي ڪناري تي ڇڏي اچو. درياهہ جي پر تي ويٺل هئا پوءِ هنن جتن پير صاحب جو فرمان مڃيو. بيڙي هلائڻ وارو مير بحر بيڙي ڪاهيون پي آيو. انهن اچي صندوق ڏٺي جان ڪٽي کولين تہ ان ۾ حسين زائفان هئي اها

ڪڍي پاڻ سان ڪنئي ۽ صندوق ۾ لنگور پولو وجهي ڇڏيون هليا ويا. لنگور مير بحرن وٽ ڏاريل هو. هي لنگور وجهيون زائفان ڪنيون بيڙي ڪاهيون هليا ويا . هوڏانهن پير صاحب جي دل ۾ جڪ جڪ هئي تہ جلدي وجي صندوق مان زائفان ڪڍي اچان. پوءِ پير صاحب خليفي سميت وڃي اها صندوق بنگلي تي ڪٽي آيو بنگلي جا دروازا بند ڪرائي ڇڏيائين ۽ اندر بنگلي ۾ پيتي ڪٽي کوليائين تہ هڪدم لنگور ٽپ ڏيئي نڪري پيو. چراٽيل هو يڪدم پير کي ڪٽي نڙيءَ ۾چڪ وڌائين. ۽ نہ ڇڏيائينس ڏاڙهيءَ ۾ڪوبج . سندس لٽا ڪپڙا بہ ليڙون ۽ ٽڪڙيون ڪري ڇڏيائين. پير کي اندر گهٽي دير ٿي ويئي. خليفا جان ڪٽي در کولين تہ پير صاحب جي اسهالن سان سارو بنگلو پريو پيو آهي. در لهڻ سان لنگور ٻتڙ ڪوڏيون ٻاهر هليو ويو ۽ پير صاحب جو دم بہ ڪڍيون هليو ويو. پير صاحب کي شيطان جي ڳالهائڻ مان اهو فائدو پيو. اهڙو ڪم ڪرايائينس جو مرندو مري ويو مگر قيامت تائين خواري ڪانہ لٿس.

## بيت

اول ابليس مرا استاد بود بعد ازان ابليس پيشم بادبود

ابليس پهريائين اسان جو استاد هو. پوءِ ابليس. منهنجي اڳيان هوا ٿي ويو يعني ختم ٿي ويو.

معلوم هجيوَ ابليس ۽ آدم ٻيئي پائر هئا. وڏو شيطان هو ۽ ننڍو آدم هو. اهو دستور آهي تہ پيءُ ننڍي سان گڏ ٿيندو آهي. الله وٽ مال ملڪيت ٻن قسمن جي آهي. هڪ لعنت ٻي رحمت اٿس، ٻيئي ٽيڙ شيطان ۾ آدم جي اڳيان رکيائين. ٻنهي ۾ معنيٰ هئي. لعنت جي معنيٰ ڏک ۽ تڪليفون ۽ مشڪلاتان آهن. سيڪو هن کي بڇڙو چوي ۽ ملامت پيو ڪريس. محبوب تي جيڪو عاشق ٿيندو آهي. تہ اندروني طرح محبوب هن تي راضي هوندو آهي پر ٻاهران تعديون پيو ڪرائيندس.

رحمت جي معنيٰ سک ۽ آرام آهي. بهشت جي جوڙ آهي مگر الله ڪان لڪ ڪوهہ پري ۽ ڏار آهي. ڪڏهن ڪا جوڙ جوڙيندڙ جو مٽ نہ ٿيندي .

يعني مخلوق خالق جي همسر نہ ٿي سگهندو. هر گز نہ رحمت اندروني طرح ڏار ٻاهران زيب ۽ زينت جيئن ٿامي کي قلعي ڳلي.

وزير اعظم ۽ بادشاهہ ٻيئي گڏبا گورنر ۽ ڪليڪٽر ٻر ڳڻن تي رهندا آهن. بادشاهہ جي اڳيان ايندي ٻوَ ڪان ٽٽ ٻيا ڇڏيندا آهن. ڪڏهن بہ خوشيءَ سان سامهون اچي نہ سگهندا آهن تيئن عشق جي درٻار ۾ لعنت ۽ ملامت وزير اعظم آهي ۽ رحمت هينان نوڪر آهي.

## بيت لطيف سائين

عاشق عزازيل، ٻيا مڙيئي سڌڙيا.
ورتائين عشق الله جو ڪيائن آدم ڏانهن اُليل
منجهان سڪ سبيل، لعنتي لعل ٿيو

آدمي اچ تائين مرندا ٿا رهن باقي شيطان ڪونہ مئويُ. جي مري ها تہ ضرور ڪاٿي قبر يا درٻار هجيس ها. مسلمان چون ٿا تہ مڪ ۾ شيطان جون ٽي قبرون آهن. شيطان تہ هڪڙو آهي پوءِ ٽي قبرون ڪنهنجون آهن. مئو هجي ها تہ ڪيس ڳالهائڻ ڪونہ ها، مئل هجي ها تہ حاجين سان گڏيو ڪيئن اچي ها. واپار چوريون ٺڳيون زنا فساد ڪرڻ. دنگن تي ماها ڪرڻ پرايون رنان پڄائڻ سڀ ڪم حاجين کان پيو ڪرائي هي تہ جيئرو چئبو مئل تہ ڪونہ چئبو. پٿرن سان بہ ڪين مئو.

مثال گڏهہ ۽ ان جو چارڻ وارو سرڪاري تنبيلي ۾ گڏ رهندا آهن تنبيلي ۾ سرڪاري گڏهہ سان ڇڏيل هوندو آهي جيڪو خچرن پيدا ڪرائڻ لاءِ گهوڙين ۽ پلين گڏهين تي ميڙڻ لاءِ ٻيئل هوندو آهي. پوءِ جڏهن سئنس ميڙڻ لاءِ ڇوڙيندو اٿس تہ اهو گڏهہ ائين اوزار ڪونہ ڪڍندو آهي. پوءِ سئنس ان گڏهہ جا پاسا ۽ پيٽ سوٽيءَ سان ڪٽيندو رهندو آهي. پوءِ ڏڪ ڏڪ سان ويندو اوزار ڪڍندو تان جو ڏيڍ هٿ اوزار ڪڍي قنڌائي ٻيهاريندو آهي. پوءِ جنهن تي ميڙڻو هجيس تہ ان تي ميڙي اها گڏهہ جي اصليت آهي چاڪاڻ تہ جڏهن گڏهہ گڏهہ تي ارهاٽيندو آهي تہ گڏهہ

ڪيس. اٿان ۾ ارهہ ۾ لتان هٽنديءاٿس. ان ڪري گڏهہ لتن تي اوزار ڪيندو آهي.

ان ڪري جيڪو حاجي شيطان کي پٿريون ٿو هڻي تہ شيطان تہ ساٽس گهر تائين گڏيو ٿو اچيس. شيطان لاءِ اهي پٿريون لتان ۾ اٿان آهن شيطان بہ انهن پٿرن سان هوسن جي اوزار کي ڦنڊائيندو وڃي . آخر ڪيترن حاجين جا هوسن سان ڪم لاهيندو وڃي الۡخَنَّاسِ(۴) الَّذِیۡ یُوَسۡوِسُ فِیۡ صُدُوۡرِ النَّاسِ(۵) واري تابعداري ڪن، ڇو تہ پٿرن هڻڻ سان هنن سان گڏجي هڪ ٿي وڃي ۽ هنن سان گڏيو اچي. مِنۡ شَرِّ الۡوَسۡوَاسِ الۡخَنَّاسِ سحر مستمريحکم في القلب. هي دنيا جي رحمت ۽ لعنت جي حقيقت.

مثال جيئن ڪو ماڻهو دنيا جي حسين زائفان تي عاشق ٿئي. عشق بہ پاڪ ۽ سچو هجيس تہ جاڏهن ڪاڏهن ڏسڻ ڪاڻ حيران هوندو. جيئن فرهاد شيرين جي مرجه جوڀڏي پاڻ بہ مري ويو هو ۽ وري شيرين بہ فرهاد جي مرڻ جوڀڏي پاڻ بہ مري ويئي هئي جيڪا ڳالهہ ساري جهان ۾ مشهور آهي. پوءِ سمجهو تہ همدم ۾ ٻيئي هڪ وجود هئا. تيئن عاشق ۾ معشوق بہ هڪ آهن. پوءِ اهو زائفان جو عاشق بہ جتئون بہ لنگهيندو پيو تہ سارو جهان ڦٽڪار پيو ڪندس ۽ ڏڪا پيو ڏيندس . محبوب جا بجا ۾ گاريون بہ فرحت پيو سمجهندو هن کي ايتري فرحت پيئي ايندي جيتري اجايل کي پاڻي ملڻ سان ايندي آهي.

شيطان بہ ذات ذوالجلال تي عاشق آهي. جو محبوب جون لعنتون رحمتن ڪان وڌيڪ پي جاتائين مگر محبوب ڪان منهن پاسي نہ ڪيائين، لعنت جو بار خوشيءَ سان کنيائين ٻئي پاسي نہ نهاريائين الله چيس تہ آدم کي سجدو ڪر تہ جواب ڏنائين تہ توکان منهن ڦيرائي ٻئي ڏانهن ڪونہ نهاريندس. اها جاءِ عاشقيءَ ۾ معشوقيءَ جي امتحان جي هئي. ملائڪ امتحان ۾ نابالغ ڇوڪرا ٿي پيا جو حق ڪان منهن موڙيائون. اتي گسي پيا. ۽ امتحان ۾ ڪچا ٿي پيا. ڇاڪاڻ تہ شهوت عقل جو منڍ آهي. نفعي نقصان ۾ دور انديشي جي خبر بلوغت ڪان پوءِ پوندي آهي ملائڪن کي

شهوت ڪانہ هئی تنهن ڪري ڇوڪرا ليکبا شيطان جی آئی ڪانپوءِ آدمی مرد ليکبو آهی. نہ تہ ڇوڪرو چئبو آهی هر هڪ آدمیءَ تی عبادت ۽ گناهن جو بار بلوغت ڪانپوءِ هوندو آهی. ڏسو جنهن کی ظاهر ۾ شهوت نہ هوندي آهی تہ ان کی مخنث يعنی کدڙو چئبو آهی يا نامرد چئبو اٿس.

عشق محبت ۽ عبادت ۽ ديدار جو ذوق بہ شهوت ۾ آهی. جيئن اسان هڪ کدڙي کان پڇو سون تہ تون اميرن ۽ خاندانن جی گهرن ۾ ويندو آهين پوءِ جی اتی سهڻی زائفان ڏسين تہ وڻندي اٿئی. جنهن تی کدڙي چيو تہ ڪيڏي بہ حسن واري زائفان هجی تہ بہ اسان ڪيس پٿر جو بت سمجهندا آهيون جنهن مان اسان کی ڪوبہ مزو ڪونہ ايندو آهی. اسان کی نہ حسن وڻی نہ گفتار نہ پوشاڪ ڇو تہ اسان جي شهوت جي نيڪال کي ليپو ڏنل آهي. يعنی شهوت آهی ئی ڪانہ

ان مان سمجهو تہ شهوت ئی محبت جو مصدر آهی. آدمی جو چوٿون عنصر شهوت وارو شيطان آهی. اهو نہ هجی تہ عبادت بہ قبول نہ پوي جڏهن اونداهی آهی تہ روشنی جو قدر آهی. گمراهی آهی تہ هدايت جو قدر ۽ عزت آهی. جيڪڏهن گمراهی نہ هجی ها تہ هدايت جو قدر ئی نہ هجی ها.

اها شهوت رحم بہ آهی تہ قهر بہ آهی. نور بہ آهی تہ نار بہ آهی هدايت بہ آهی تہ گمراهی بہ آهی. جيڪڏهن بی فرمان شهوت بند ڪري حق جی عبادت ۽ محبت سان رجوع ٿيو تہ پاڻ تی رحم ڪيائين. جيڪڏهن شهوت جو چيو وٺی گمراهی ڏي ويو تہ پاڻ تی قهر ڪيائن شيطان ذات حق پاڪ جو مالهی آهی جيڪو خبيث ۽ پليد خيال جو وڻ سمجهی ٿو تہ هن مان خراب ميوو پيدا ٿيندو تہ ان کی پاڙئون پٽی ٿو ڇڏي چاڪاڻ تہ ذات الاهی هن کی نيڪ ۽ بد جی سڃاڻ ڏنی آهی جنهنجی وجود ۾ سڌن جو وڻ پيدا ٿيندو تہ ان جی واٽ ماريندو. جنهن صرف الله جی ديدار لاءِ عبادت ڪئی ہی ڪابہ اميد نہ ڪيائين تہ ان جی وڻ جی سنڀال ۽ پالنا ڪندو. هیءَ دنيا الله جو باغ ۽ آدمی ان ۾ وڻن مثال آهن. جنهن آدمی عزت مرتبی غير خدا ۽ بهشت جي سڌ ڪئي تہ اها سڌ خودي آهي. اها عبادت نفس لاءِ

يعني خوديءَ لاءِ عبادت ڪيائين. پوءِ شيطان ان خوديءَ واري وڻ کی پاڙئون پٽی ڪيندو. يعنی حق جی امر جی نافرمانی ڪرائيندس پوءِ هن جو بندگی وارو ذوق مري ويندو. پوءِ سمجهو تہ اهو شيطان جو ماريل آهی دل ۾ چوندو تہ پاڻ کی مزو وٺرايان نفس کی پاڻ رسول خدا تہ اڳيئی موچڙا پسايون ويٺو هوندس. قبر ۾ ايندو ويندو تہ دسبو ويندو. اسان اڳی ٻڌائی آيا آهيون ت لم يزلی ۽ لايموت بادشاهہ جو شيطان دربان آهی. جيستائين بادشاهہ ۽ دربار هوندي تہ دربان بہ جيئرو هوندو بادشاهہ کی دربان جی ضرورت هوندي آهی هی دربان ذات حق پاڪ جو سچو عاشق آهی دربان بہ عجب جهڙو ۽ ڊولڻ آهی هر هڪ بادشاهہ پنهنجی دل گهرئي دوست کي دربان بيهاريندو آهي. نہ ڪي دشمن کي دربان ڪندو آهي.

## بيت

هست شيطان باغبان با غ حق. هست خمخانہ وآن صبا غ حق

شيطان حق جی با غ جو مالهی آهی. شراب خانہ جو مست ۽ حق جو ڪتي آهي

هر درخت نيک وبرا بو کند. آن درخت خبث را بيخ بر کند

هر هڪ نيڪ ۽ بد وڻ کي سنگهندو آهي، پوءِ پليد وڻ جي پاڙ پٽي چڏيندو آهی

هر گل دروئي که بوئي حق بود. ماسو الله جنس او مطلق بود

جنهن گل ۾ حق جي سرهاڻ هوندي ، الله کانسواءِ ٻي سڀ جنس کان پري هوندي

پرورش اورا کند گيرد کنار ، مي نواز دمي شناسد آن سيار

ان کی پاڪر ۾ جهلي پالي ٿو پوءِ ان کي نوازي ٿو ۽ سڃاڻي بہ ٿو جو گهڻو گهمندڙ ڦرندڙ آهی.

هست شيطان عاشق ذات ذوالجلال ، هم ازاو آدم همي گيرد کمال

شيطان ذات ذوالجلال جو عاشق آهی. آدمی بہ ان کان ڪمال حاصل ٿو ڪري

باخودان رادشمن اوبادل وجان ، بيخودان راهست دوست اي جوان

اهوخودي وارن جو دل وجان سان دشمن آهي. مگر بيخود وارن جو دوست آهي

این خودي پیش خدا مردود شد ، بیخودي راپیش حق بهبود شد

هن خوديءَ وارن کي خدا پاڻ وٽان تڙي ڇڏيو. بيخودي خدا جي اڳيان چڱي ۽ بهتر آهي.

موسیٰ عليہ السلام طورسينا تی رب العالمين کی عرض ڪيو تہ مان ڪهڙو مرشد وٺان. جنهن تی حڪم ٿيس تہ اي موسیٰ شيطان کی مرشد وٺ.نبی کی ان ڏانهن وهم حجاب ۾ انڪار هو.ان ڏانهن موڪلياڻين تہ ان کان وڃی رهبري وٺ. جڏهن شيطان وٽ بهتو تہ شيطان چيس تہ مون کی تہ لعنت جو طوق پيل آهی. تو جهڙو رحمت وارو نبی مون ڏي ڇا لاءِ آيو آهی. پر چڱو جو آيو آهين. هاڻی هی نقطہ ۾ سبق ياد رکجانءِ تہ مون وانگر مان نہ ڪجانءِ متان مون جهڙو ٿئين.

رسول خدا کی حڪم مليو تہ بتن کی ڀڃو ۽ سندن سجدي کان ماڻهن کی منع ڪريو تان جو ڪعبہ کی بتن کان خالی ڪيائون. ۽ نعرو هڻی چيائون تہ الله اکبر، الله اکبر، أَشْهَدُ أَنّ لّا إِلٰهَ إِلّا الله يعنی هڪ الله کی مڃو جنهن جو ڪوبہ شريڪ ڪونهی. الله وحده لاشريڪ لہ جی بندگی ڪريو. بتن جی پوڄا سان مشرڪ ٿيندوءِ. اهڙي طرح موسیٰ عليہ السلام سامري وارو ڳابو لت ڏيئی ڪٽی ڪُٺو. هاڻی بہ جيڪو نفس واري معبود ڳابی کی لا جی ترار سان ڪهندو تہ ان جو روح موسیٰ وانگر عروج ڪر ي عرش عظيم تی يعنی طور سينا تی پهچی ڪليم الله ٿيندو. هاڻی ڏسو تہ غير جی تابعداري بت پرستی ۾ ڪافري آهی. اليس الله بکاف، القرآن يعنی ڇا الله ڪافی نہ آهی؟ پنهنجی ٻانهن لاءِ ڏسو تہ شيطان حد ڪري ڇڏي جو آدم جی بوتی کی سجدو نہ ڪيائين. پنهنجی عشق کی مڪمل ڪيائين. عاشقی جی درجی کی پڪو ڪيائين لعنت کان بہ نہ ڊنو. لعنت بہ محبوب جو ٿورو سمجهيائين پاڻ کی بت پرستی کان بچايائين. اهو موحد ويچارو شيطان ئی هو ملائڪن بت پرستی ان ڪري ڪئی جو عشق جو بار نہ کنيائون. شيطان کيون ڪو ٿورڙو حصو آدم کی بہ هٿ آيو. بسطامی صاحب کي ايزدي سرڪار جو حضور حاصل ٿيو تہ چيائينس تہ بسطامي

منهنجي لاءِ ڇا آندو اٿيئي. ڇيائينس تہ عبادت ڪيم.سرڪار ڇيس تہ عبادت ڪيئہ تہ ان جي عيوض تنهنجي لاءِ بهشتن ۾جايون ٺاهيم. سخا ڪيئہ تہ تنهنجي مال ۾ برڪت وڌم. باقي منهنجي لاءِ ڇا آندءِ؟ بسطامي صاحب عرض ڪيو تہ سرڪار تو وٽ ڪهڙي شيءِ جي ڪمي آهي جو مان آڻيان ڇيائين تہ يتقرب . يعني ويجهو ٿيءُ ۽ ٻڌ. مون وٽ خواري ۽ ملامت ڪانہ آهي. سيڪو منهنجي تعريف ٿو ڪري تنهنڪري پاڻ تي خواري ۽ ملامت ڪڻ تہ ڇڻ مون لاءِ تحفہ آندءِ ان ڪان پوءِ بسطامي صاحب خواري ۽ ملامت ڪٽڻ جي ڪوشش ۾ لڳي ويو.

هڪ دفعي بسطامي پنهنجي ڳوٺ جي معتبرن جي اوطاق ۾ لنگهي ويو. ان هنڌ ڇيڙاڪ آدمي وينو هو. ان ويٺي سارنگي وڄائي. اتي بسطاميءَ سمجهيو تہ اڄ موقعو آهي اڄ منهنجي نفس کی هن وٽان ضرور مارڪٽ ملندي,هڪدم سارنگي وڄائڻ واري تي لاحول پڙهيائين. ڇيائينس تہ بي دين آهين جنهن تي هن ڪاوڙ جي مٿي ۾ ٺڪاءُ سانگي ڪيائينس جو سارنگي ڀڄي پيئي. بسطاميءَ جو مٿو بہ ڪجھہ زخمي ٿيو ۽ رت وهڻ لڳس. بسطامي خوشيءَ مان گهر موٽيو. ٻئي ڏينهن بسطامي سانگيءَ جي رقم پنجويهہ روپيہ ۽ حلوه جو ٿالهہ ڀري موڪليائينس تہ جيئن سارنگيءَ بہ نئين وٺي ۽ حلوه کائڻ سان ڪاوڙ بہ لهيس,

ان ڏينهن کان پوءِ جنهن ڏينهن بسطامي صاحب کی مار نہ ملندي هئی تہ سرڪار ايزدي کی چوندو هو تہ ياالاهی مانی تہ ڏنوءِ مگر ڳنڍڻ تہ ڪونہ ڏنہءِ يعني معنیٰ جو ملڪ تہ عطا ڪيہءِ پر نفس لاءِ جُٺ ڦٺ ڪانہ ڏنہءِ ايترو ملامت هٺ ڪرڻ جو شوق هوندو هيس. ملامت عشق ۽ عاشق جو قوت آهي. تعريف ۽ نيڪنامی نفس مڪار جو قوت آهي نيڪنامی تحت الثريٰ ڏانهن اڇليندي آهي. مگر خواري ۽ بدنامی عشق جی ملامت عرش عظيم ڏانهن ڇڪيندي آهي. ملامت واري فقير کي باطن ۾ سلطان العارفين ۽ قلندر لقب عطا ٿيندا آهن,

بيت

ملامت صيقل زنگار عشق است، ملامت شخنهءِ بازار عشق است
ملامت عشق جي ڪٽ لاهڻ لاءِ روات آهي. ملامت عشق جي بازار جو ڪوتوار آهي
ملامت قوت باشد عاشقان را. بود نيڪي سلاسل فاسقان را.
ملامت عاشق جو قوت آهي، نيڪي سراسر فاسقن لاءِ آهي،
ملامت من خدايم طبل باشد ملامت شير معنيٰ اصل باشد
ملامت من خدايم جو نعرو آهي، ملامت اصلي معنيٰ جو شينهن آهي
بودرو باهه نيڪي پيش شران بود نيڪي قوت اين اسيران
نيڪي شينهن اڳيان لومڙي آهي. نيڪي دنيا جي قيدن جو قوت آهي
عشق را بنياد بر بد نامي است، هر که ازوئي سر ڪشداو خالي ست
عشق جو بنياد بدنامي تي آهي جيڪو ان ڪان منهن موڙيندو سو خالي آهي
نام من بوده است سلطان العارفين بر همه گويند شاه عاشقين
منهنجو نالو عارفن جو بادشاهه آهي. سيئي مون کي عاشقن جو شاهه چوندا آهن

جيڪو جسم مان نڪري ملڪوت ۾ ويو ته اها جاءِ ڪائنات جي مولا پير مولا علي سائين جي آهي اتي فقير فنا ٿي ساڳيو علي المرتضيٰ ٿيندو آهي سلطان العارفين لقب ملندس جيڪو لقب پڻ مولا سائين جو آهي. انهن فقيرن کي فنا في الشيخ چئبو آهي. ڪي ڪي فقير مرشد جي صورت پچائي چوندا آهن ته اسان فنا في الشيخ ٿي ويا آهيون. اهي سڀ ڪوڙيون دعائون آهن مرشد جي نفساني صورت بچائڻ غلط آهي اهي ڪوڙا ڪسبي آهن سچي مرشد جي صورت اها آهي جيڪا آسماني معراج ڪرائي. هيءَ ڳالهه معراج جي آهي. جيڪو ڪوڙ ڳالهائيندو تنهن تي به لعنت آهي ۽ جيڪو نه مڃيندو ته ان تي به خدا جي لعنت آهي هي الاهي سخن آهي بشري زبان نه آهي.

**بيت**

نان دهند نانستان و نان پاڪ، هر سه امور گرد خاڪ

اوطاقي اوطاق ۾ پاڪ ماني ٿيئي خاڪ تي ويندا آهن

يعني مرشد نان هنده ماني ڏيندڙ آهي.نان ستان مسافر خانو ۾ مسافر يعني بکيو طالب پاڪ ماني ذڪر الاهي طالب. طالب ۾ مطلوب ٿيئي ملڪوت واري بادشاهه ۾ غرق ٿيندا آهن اتي طالب کي سلطان العارفين لقب ملندو آهي

## بيت

بعد ازان اين دو به بيهوشي روند والد مولود آنجايک شوند

ان ڪانپوءِ اهي ٻئي بيهوشيءَ ۾ ويندا آهن. پيءُ ۽ پٽ اتي هڪ تي ويندا آهن. پتائي صاحب فرمايو آهي ته راجا ۽ راڳي هر دوئي هڪ ٿيا. فنا في الشيخ ڪانپوءِ طالب مٿي انين آسمان تي فنا في الرسول جي مقام تي طالب مطلوب ۾ رسول خدا ۾ هڪ ٿيندا. اتي طالب رسول خدا سڏائيندو. فنا في الرسول جي حقيقت اها آهي

عام ائين چوندا آهن ته جيڪو گهڻي صلوات پڑهندو اهو فنا في الرسول آهي اهي ڪوڙا آهن. جيڪو فنا في الرسول ٿيو اهو پاڻ تي صلوات پڑهندو. ڇو جو هو رسول ته پاڻ تي پيو.

مير علي مراد کي ٻڌايائون ته خدا بخش فقير چريو ٿي پيو آهي جو پاڻ تي صلوات ٿو پڑهي. آخر مير علي مراد گهرايس ته پري کان پاڻ تي صلوات پڑهندو پيو اچي مير پڇيس ته فقير پاڻ تي صلوات ٿو پڑهين، مير کي چيائين ته پاڻ تي نه پڑهان باقي پٺهين تي پڑهان صلوات ته لٿي ئي مون تي آهي مان فنا في الرسول جي منزل ۾ ويو آهيان مون کان سواءِ ٻيو ڪهڙو رسول آهي جو ان تي صلوات پڑهان رسول خدا مان آهيان جنهن تي ڪلمون پڑهيو اٿئي. مير صاحب حيرت ۾ اچي ويو ۽ تعظيم ۽ عزت ڪيائينس.

فنا في الرسول ڪانپوءِ فقير فنافي الله ٿيندو جاتي من خدايم جو نعرو هڻندو. جنهن تي هن کي عام ماڻهو ڪافر سڏيندا ۽ ملامت ڪندس جيڪو من خدايم جي ملڪ ۾ ويو سو ملامت کي شوق سان ڪڻندو. ملامت

من خدايم جو ڏُڪ آهي. پوءِ اهو ظاهري طرح دين ۾ نماز جي ابتڙ هلندو. اندرئون دين ۾ محمدي اخلاق هوندس رڳو ملامت پيو ڳوليندو. رسول الله فقراءُ جي شان ۾ جيڪا حديث فرمائي آهي ته ڪيف آيات الوصل المعرفت الحق تعاليٰ : يعني الله تعاليٰ جي معرفت ڪي پهچڻ جو ڪهڙيون نشانيون آهن وڪيف آيات العشاق. يعني الله جي ديدار حاصل ڪيل عاشق فقير جون ڪهڙيون نشانيون آهن القاءُ الله والفقير.

آيات ثلاثه: ٽي نشانيون آهن: (1) فتو العلماءُ بالڪفر يعني هڪ ته عالم مٿس ڪفر جو فتوائون ڏيندس. (2) فتو العلوام بالقتل يعني عوام مٿس قتل جو فتوائون ڏيندا هجن. وڪثر الملامت الخلق، ۽ خلق جي مٿس گهڻي ملامت هوندي. ڇو ته حضرت رسول الله ۽ پير موليٰ عليه السلام جن تي به اهڙيون حالتون گذريون هيون. ان زماني جي عالمن ۽ عوام سندن قتل جو تياريون ۽ مٿن ملامتون ٿي ڪيون. اڄ به جيڪو الله اثبات ڪندو ان لاءِ اجوڪا آدمي سندس قتل لاءِ تيار ٿيندا، ۽ عالم مٿن ڪفر جون فتوائون ڏيندا. مٿس مالامت به ڏاڍي ڪندا. شيخ شبيليرحه وفات جي وقت جٽيون بڏو هو. پڇيائونس ته جٽيو ڇو بڏو اٿيئي. جواب ۾ چيائين ته عشق جي ملامت وارا سڀ ٽيڙ شيطان ونئي ويو اسان ڪي صرف ڪمال عشق مان ڪو ذرو پروز مليو آهي. جٽيو ان ڪري بڏو اٿم ته مان شيطان جي عشق اڳيان ڪافر آهيان ۽ ريس ٿي اچيم.

آدم عليه السلام ڪي جڏهن سرڪار پيدا ڪيو ۽ شيطان سندس سجدي ڪان انڪار ڪيو. ان وقت شيطان ذات حق پاڪ جي حضور ۾ عرض ڪيو ته هن آدم جي اولاد مان سچن ۽ ڪوڙن جي پرکڻ جو ڪو پنجوڙ مون ڪي ناهي ڏيو ته مان انهن ڪي قاسائي ڏسان ۽ پوءِ ڏسان ته ڪهڙا ٽا توڏي اچن ۽ ڪهڙا مون وٽ ٽا ترسن. جيڪي مون ڏي آيا سي توڏانهن ڪوڙا آهن. ۽ اهي منهنجا رعيتي آهن. جيڪڏهن مون ڪو اهڙو پنجوڙ نه ناهي ڏيندين ته تنهنجو جهان نه هلندو. ڇو ته تنهنجا واقف آهيون آهن توڪان اوري ڪونه بيهندا.

ان ڪري قدرت سان پليون مينهون ۽ وڏن اوهن واريون ڳئون اٺ گهوڙا سونن سنجن سان ۽ رڍون ٻڪريون پيدا ٿيون. اهو ڏسي شيطان چيو تہ آدمي اهو پنجوڙ چنائي ويندا ۽ توڏي پڇي ايندا. وري قدرت جي حڪم سان بادشاهي بنگلا ۽ محلاتيون باغ پيدا ٿيا. جنهن تي شيطان چيو تہ اهو پنجوڙ بہ مزي جهڙو نہ آهي. پوءِ قدرت جي ڦوهاري سان ڪرڙين پدمين سنين پوشاڪن سان حورون پرين جهڙيون سهڻيون عورتون پيدا ٿيون. جنهن تي شيطان گهڻو خوش ٿيو. ڪو وقت تہ جهمر پي هنيائين ۽ ٻئسري وڄائي چيائين تہ هي بهترين پنجوڙ آهي. عام آدمي ان پنجوڙ ۾ سڪ ٿيندا. هاڻي ڏسو تہ سارو جهان انهيءَ ۾ گم آهي ڪو ڪو الله جي طرف نہ مڙئي خير آهي.

مثال هڪ طرف قرآن جو واعظ ۾ مسجد ۾ نماز هجي ٻئي طرف ڪيري پيئي نچي ۽ ملاڪڙو ۽ ريڇ ڪتي جي ٻچ ۽ ويڙه هجي تہ ننڍا وڏا ڪراڙا بہ لٺ تي هلي تماشو وڃي ڏسندا. قرآن جي واعظ ۾ مسجد ۾ نماز تي ڪير بہ ڪونہ لڙندو نہ وري فقير عارف جي صحبت ۽ گفتار ٻڌڻ لاءِ ڪو ايندو. الله جي طرف خلق صرف هڪڙو ٻاگو آهي ٻي عام خلق تہ ٻي سمجهيءَ ۾ شيطان ڏي آهي. ڏسو تہ ڪيتري خلق شيطان ڦاسائي ورتي آهي.

**بيت**

سگ بر آن آدمي شرف دارد کہ دل مرد مان بیازارد

اجوڪي آدمي ڪان ڪتو شرف ٿو رکي. ڇو جو مالڪ ڪانسواءِ ٻئي کي اچڻ نہ ٿو ڏئي

این سخن را حقیقي باید تا معنیٰ بہ دل فرود آید

هن ڳالهہ جي حقيقت گهرجي تہ جيئن معنيٰ جي خبر پوئي

آدمي با تو دست در معلوم ، سگ زبیرون استانہ محروم

ماڻهو توسان گڏ ڪائي ٿو. مگر ڪتو تہ چائٹ جي ٻاهريان نا اميد آهي

حیف باشد کي سگ وفادار آدمي دشمني روادارد

حيف آهي جو ڪتو وفادار آهي ۽ آدمي گڏ ڪائڻ واري سان بہ دشمني ٿو ڪري

نظر پاک توان در رخ جانان. ديدن، که در آئينهءِ نظر جزبه صفانه توان کرد

پاڪ نظر سان محبوب جي منهن ۾ ڏسجي. ڇو جو آئينہ ۾ صفائي کانسواءِ شيءِ نہ ڏيکاربي

به جز آبروئي تو محراب دل حافظ نيست طاعت غير تو در مذهب مانه توان کرد

تنهنجي ڀرون کانسواءِ حافظ جي دل جو محراب ڪونهي. تو کانسواءِ اسان جي مذهب ۾ ٻي عبادت جائز ڪانہ آهي.

## حديث قدسي

اني ما خلقت السماءِ المبنيته ولا ارضا مدحيته، ولا شمسا مضيته، ولا قمرا منيرا، ولا فلک يدور، ولا بحر يجري ولا فلک تسري الا في ضحبته هٰوءُ لاءِ الذين هم تحت الکساءِ

ترجمو: بيشڪ مان آسمانن کی پڏرو نہ بنايان ها ۽ نہ زمين کی وڇاڻو نہ ڪيان ها ۽ نہ سج کی روشن ڪيان ها. ۽ چنڊ کی نواز وارو ڪيان ها ۽ نہ ڪهڪشان کی ڦيريان ها ۽ نہ درياه جاري ڪيان ها ۽ نہ خشڪ بيابان خيقيان ها سواءِ هنن جي محبت جي جيڪي اهي ان چادر جي هيٺان آهن.

# فقير جا سهڻا سخن

1. عشق جي بسم الله جو نيشان آهي عاشقان جو پهريان ڪسڻ، پوءِ اهو حلال ٿيندو.
2. دوست کي سر ڏيڻ وڏي رحمت آهي، جنهن سر ڏنو پوءِ اهو وري نہ مرندو.
3. جنهن دشمن کي سر ڏنو تنهن تي لعنت آهي ۽ ان کي باهہ جو ڪفن ملندو اهو في السقر النار تي ويو.
4. هاءِ هاءِ نہ سڃاتائون جو مسجدن محرابن ۾ ٽڪاٽن ۾ خواه مڙهن ۾ اهو هڪ وينو آهي.
5. ٻيئي طالب ۽ مرشد پلجي پيا. ونحن اقرب وفي انفسڪم ۾ وهو معڪم تي اعتبار نہ آندائون مرشد بہ آنڌا هين جن هنن کي جهنگ ڏي منهن ڏنو. اهي پاڻ ئي بي حاصل هئا.
6. جيڪو اسان وٽ ايندو تہ ان کي هٿ ڏيڻ جيتري چوٽي ڇڏرائبس جٽيو ٻڌرائبس ساري عمر زبان سان الله جو نالو اصل نہ وٺندو.
7. اسان کي پاڻ عشق جو جٽيو ٻڌل آهي. ٻين کي اهو جٽيو ٻڌرائبو. اسان پاڻ عشق جا ڪافر آهيون ٻيو بہ جيڪو ايندو تہ ان کي بہ ڪافر ڪنداسون. مسلمان تہ اصلي هئاسي. هاڻي عشق جا ڪافر ٿيا آهيون. هي ڪفر اصل خاص ايمان آهي.
8. هن ڪفر جي خبر قلندرن ۽ منصورن کي آهي مسلمان کي خبر ئي ڪانهي.
9. عشق جي ڪفر ۾ اهڙي طاقت آهي جو ٻنهي جهانن کان ٽپائي وڃهندو آهي.

10. ٻيئي جهان ڪثرت آهن ٽيون جهان وحدت آهي. جيڪو وحدت ۾ ويندو سو هميشہ زنده رهندو. اهو رسمي دين کان آزاد ٿي وحدت جو دين هٿ ڪندو

11. الله جو ذڪر سڪ ۽ محبت سان ڪندو تہ اڏريو هليو ويندو بنا سڪ جي اتي پيو جهليندو.

12. جنهن جي دل الله جي ذڪر سان جيئري نہ آهي تہ اهو قبر جو قيدي آهي، ڪاڏهن بہ نڪري نہ سگهندو.

13. ڪتي جي جيتري عمر ڏگهي ٿيندي تہ اوترا گهٽا ڊونڊ ڪائيندو. دنيا جي ماڻهوءَ جي عمر بہ ائين آهي جو ساري عمر وهانون ۾ ختمن تي پيو ڊوڙندو.

14. ذڪر وارو ماڻهو صوفي عام ماڻهن کان ائين پري ڀڄي جيئن ماڻهو چتي ڪتي کان ڀڄندا آهن.

15. دنيا جي ماڻهوءَ کي توحيد ٻڌائڻ ائين آهي جيئن ٻوڙي کي دهل ٻڌرائجي.

16. نفس مٿئون ترار اولاريون بيٺو اٿيئي، غافل ٿيندين تہ هٽي ڪيندءِ هوشيار رهہ تہ هوشيار کي ڪوبہ ڏک نہ هٽي سگهندو.

17. نفس سان جنگ ڪرڻ وڏي جنگ آهي. اها جنگ ڪرڻ غازين جو ڪم آهي.

18. دنيا جي طالب کي توحيد ٻڌائڻ ناداني آهي هن جي دل ۾ دنيا جي محبت آهي سو توحيد ڪانہ وٽندس

19. زماني جا بزرگ نمازي ۽ ملان رڳو جسم جي مالش ۽ صفائي پيا ڪندا. قلب کي الله جي ذڪر سان صاف نہ ڪندا. ڏوڙ ٻوتي کي پيا ڌوئيندا. انهن کي مُڇان ڪترڻ ڏگهيون ڏاڙهيون رکڻ ڪلا ۽ دستارون هٿ آيون.

20. عشق جو ڪمال اهو آهي تہ نفس کي پير مغان جي هٿان اسم اعظم سان ڪهائي.

21. جنهنجو نفس لاجي ترار سان ڪٽل آهي ته ان جي قبر کي به طواف ڪجي. ظاهري صورت ۾ هجي ته به طواف ڪجيس ڇو ته ان جو طواف الله جو طواف آهي، جيڪو خود پرست ڪافر هوندو اهو طواف نه ڪندو.

22. جنهن نفس ماريو آهي سو طواف جي لائق آهي.

23. فقير جو ساڙيل ائين آهي جيئن پارو وڻ کي پاڙن تائين ساڙي ڇڏيندو آهي جو ڦٽڻ جي اميد ئي نه هجيس. باهه جي ساڙن جو دونهون ڏسبو آهي هن جو دونهون به ڪونه ڏسبو.

24. دنيادار کي دنيا تي ائين خوشي ٿيندي آهي جيئن چور کي ٻيڙين لڳڻ تي خوشي ٿيندي آهي. ته مان نالي وارو چور آهيان.

25. اسم اعظم جون ڦهريون اڏ ملڪوت ۾ ترار آهي. اگر عارف ٻڌو ته يڪدم وجد پئجي ويندس ۽ اها ترار لڳي ويندس.

26. عاشق جڏهن ٻنهي جهانن کان مٿي ويو ته شاهه حسين جي ملڪ ۾ پهچي ڦر جي ويندو.

27. هي آسمان به ذات حق جي بازيگري آهن. آسمان ڪثرت با وحدت آهن.

28. آسمان شاهه اعظم جو دٻدٻو ۽ سياست آهن، اسان جڏهن آسمانن مان لنگهياسون ته اهڙي لذت آئي جو پاڻ کي گهات ڪري وجهجي. شاهه اعظم جي صورت ۾ ته ڪا وڏي لذت آهي جنهن جي بيان ڪرڻ جي زبان کي طاقت نه آهي.

29. آسان نوَ ورهيه ذڪر ڪيوسي، هڪ دم به وسئون قضا نه ڪيوسي. پوَ کان ننڊ به ٿوري ڪندا هئاسون. اهڙي سرجوشي ڪئي سون. تڏهن عنايت عشق ڪئي تڏهن پاڻ لطف ڪيائين نه ته اسان ڪي ڪهڙي مجال.

30. جنهن فقير کي روزگار جي ڳڻتي نہ هجي تہ ان کي ماني کائڻ حلال آهي ۽ حلال بہ تڏهن اٿس جوهر هڪ گره خدا جي ذڪر سان اماڻي.
31. غافل جي ماني مردار آهي.
32. جنهن کي مالڪ الملڪ تي اعتبار نہ آهي اهو انڌو آهي جيڪو سيمُرغ کي چاليھہ هاٿي هر هڪ ويلي تي کارائي ٿو سو هن جي ماني ۾ ڪٿي پوندو ڇا.
33. جيڪو اسم اعظم ڪمائيندو تہ ان جي سيني ۾ حقيقت جو سج ابرندو.
34. بهشت تي ناز نہ ڪريو جو بهشت ۾ دغا بازي اٿوَ. اوهان جي ڏاڏي آدم سان بہ الله بهشت ۾ دغا ڪئي هئي. بهشت گهرندو تہ دغا بازي اٿو. خوش نہ ٿيو.
35. ڪاٺ جي ترار کي سونو مياڻ هجي تہ بہ ٻرڻ جي ڪم ايندي دنيا جا پير بزرگ ڏسو ٿا يا ملان قاضي وغيره انهن جو ظاهري جسم سئين پوشاڪن سبب ٺهي ٿو مگر اندران هنن جو روح ڪاٺ جي ترار آهي جيڪا ٻرڻ جو ڪم ڏيندي.
36. جوهر دار ترار پلي تہ پراڻي مياڻ ۾ هجي تہ بہ مالڪ جتان هڻندس تہ پار ويندي. فقيرن عارفن جو روح جوهردار ترار آهي. انهن کي ٻاهران زيب ڪونهي اندارن سارو معرفت جو نور آهن.
37. هر هڪ ڏوهي ڇٽي سگهي ٿو. مگر لالچ جو قيدي جنبي جيل ۾ آهي عمر ڪونہ آزاد ٿيندو.
38. ڏيئي جي تيل ۾ پاڻي پوندو تہ ڏيئو وسامي ويندو.ائين الله جو طالب بہ زماني جي ماڻهن سان صحبت ڪندو تہ ذڪر ٻيهي ويندس.

39. ڪوبہ عاشق حال محرم ڪونھی جنھن سان توحید جی گفتار ڪجی. عام ماڻھوءَ سان توحید جو بیان ڪرڻ ائین آھي جيئن پاڻی تی لیڪو.

40. توحید جی ڳالھہ تا ڪیون تہ ڪو ڪونہ ٿو سمجھی چڙ بتن سان تا ڳالھایون چو تہ اھی توحید جی ملڪ ۾ ویل ئی ڪونہ آھن.

41. نندڍو ٻار مائٽن کان ڏار ٿیندو آھی تہ دانھون ڪندو آھی پوءِ ڪا نہ ڪا وسنوَ ھن کی کڻی وجی مائٽن سان ملائیندي اٿس.

42. ھی مسلمان حرامی آھن. جو پنھنجو لاکیٽو مائٽ وڃایون بس کیون وینا آھن. رڙیون ڪن تہ ڪونہ ڪو اچی ٻانھن کان وٺی پیءُ وٹ پھچائین. الله ۽ رسول خدا رج ۾ وڃايون وينا آھن. دنيا جو جھان رج آھی. مائٽن جی ڳڻ ئی ڪانھين.

43. جن کی رھبر نہ ملیو ۽ بي خبريءَ ۾ گناھہ تا ڪن تن کي بخشي ڇڏيندا.

44. جیڪی نماز تی فخر تا ڪن ۽ بوتی کی سینگارین تا ۽ پاڻ کی بھشت جو حقدار تا سمجھن ۽ ھستي تا ڪن تن جي جاءِ جھنم ۾ آھی.

45. جیڪو الله جو طالب دنیا وارن سان دوستی رکندو تہ مئی کان پوءِ ان کی ڪنڌ کان وٺی مسڻ جی باھہ ۾ وڌو ویندو. جيئن واٽيا ساڙيا آھن. الله کان غافل ڪافر آھن. انھن پنھنجو مالڪ نہ سڃاتو.

46. جنھن فقيريءَ کان ماڻھو ٿھن تا سا فقيري ابراھيم بن ادھم تخت ھزارو ڏيئی ورتی ھئی. 118 زالون ڦتی ڪیون. ھئائین بادشاھی سمیت. دنیا جی درياھہ مان تري نڪتو. ٻيا ڪيترائي بادشاھہ ٻڏي ويا. ھڪڙو ھی نعرو ھڻی تري نڪتو.

47. پاڻي کي بہ اجايلن جو قدر آھي. جيڪو ڳوليندو سو لھندو.

48. هتان جي ماڻھن کي اچ ئي ڪانھي. هادي شھنشاھ ڇيو ھو تہ طالب جي دل جاڏي چاھي تہ وڃي اگر نہ چاھي تہ نہ وڃي ڇو تہ نقصان ٿيندس.

49. نفس چور ڪتو آھي، جيڪو طالب کي ويسلو ڪري چوريءَ چڪ هڻندس.ڪاڏھن نہ ڪاڏھن ڪيرائيندس. هر وقت خيال جي نظر ذڪر ۾ هجيس، جي خيال نہ هوندس تہ ڏاڙهي وڃهندس.

50. جنھن وٽ ذڪر جو خزانو هوندو تہ ان سان نفس نہ وڙھندو. چور بہ شاهوڪار گھر کي ڪاٽ هڻندو آھي.

51. جيڪو ڪيترا بہ حج ڪري مگر پاڻ کي نہ ڏٺو اٿس تہ ان جا حج اجايا آھن.

52. جيڪو دنيا جي ماڻھوءَ جي خدمات ٿو ڪري تہ اھو مسلمان نہ آھي مگر ڪفر جو جٽيو ٻڌل اٿس.

53. ڳالھين ڪرڻ سان معراج نہ ٿيندو آھي. جيڪو معراج وارو ڪم ڪندو سو معراج ماڻيندو.

54. اھوجيڪو زبان سان نفيل ٿو وڄائين سو وڃي ڪنھن ٽڪاڻي ۾ ٽنگ.

55. جنھن نفس کي ماريو تنھن ڄڻ سومناٿ جو مندر ڊاٺو. اھوشاھ محمود آھي.

56. جيڪو الله جو ذڪر ڪمائيندو اھو ٻانھي مان بادشاھي ٿي پوندو.

57. جيڪڏھن توکي موسیٰ ٿيڻو آھي تہ نفس فرعون کي دم جي درياھ ۾ ٻوڙي بادشاھي جو نعرو هڻ نہ تہ توکي ٻوڙي ماريندو.

58. آب حيات اڪيلائي ۽ جاڳڻ ننڊ نہ ڪرڻ ۾ آھي. رات جي جاڳڻ سان ملندو آھي.

59. جيڪو نفي اثبات جو سرمون پائيندو تنھن جي نظر ٻنھي جھانن مان ٽپي ٽيئن جھان ۾ وڃي پوندي.

60. جيڪو خلق کان بيزار ٿيندو سو معنيٰ جي محبوب جي روبرو ٿيندو.

61. ظاهر جا بادشاهہ جو فقيرن کان دعائون گهرندا آهن ان مان پڪ ڄاڻو تہ دعا جا مالڪ فقير آهن.

62. دنيادارن لاءِ دنيا پوڄا جي مڙهي آهي. جو اتي مٿو ٽا ٽيڪين، ائين پهر ان مڙهيءَ جو تعريف ٽا ڪن.

63. فقير عارف شب قدر آهن. تارو لاٽ ڪري تہ ان گمان ۾ پليل آهن. حقيقت ۾ شب قدر ان لاٽ ۾ لڪل آهي. فقير عارف ڪي بہ جيڪو سوال ڪندو تہ ان جو مطلب ٿيندو.

64. هلندڙ طالب کي همٿ هجي تہ دم جي ڦوڪڻي تيز ڪري تہ يڪدم الله وٽ پهچندو الله تہ پري آهي ئي ڪونہ الله ڪاڏي ويندو. لوهہ تپي ڳاڙهو تہ پوءِ خود باهہ ٿي پوندو. ائين دل تتي تہ الله پڌر ٿي آهي.

65. بي همت جي دل پراڻو ڪل جي ڦوڪڻي وانگر آهي، هزارين ڇِنَ ۽ سوارخ اٿس. ان جو لوگگ ڪونہ تپندو. نہ ڳارهو ٿيندو.

66. طالب جيستائين ترڪ نہ ڏيندو تيستائين حق کي نہ پهچندو. ترڪ جي دوا اسم اعظم آهي. ترڪ اندرئون ڏئي نہ رڳو ٻاهرئون نہ دنيا جو ترڪ ترڪ آهي پاڻ کي ترڪ ڏيڻ.

67. جنهن دنيا سان محبت ڪئي تنهن ڄڻ زهر ڪاڌو هنڌان هنڌان ڦاٿي پوندو. بوتو بہ خراب ٿيندس. عاقبيت بہ خراب ٿيندس. بڇڙو ٿي مرندو.

68. آدمي جو زيب ۽ زينت اسم اعظم جي ذڪر ۾ آهي. سواءِ ذڪر جي آدمي بي حاصل ۽ ڏوهاري آهي. جنهن کان الله وسريو اهڙو خراب ٻيو ڏوهہ ئي ڪونهي.

69. دل هڪ ٺانءُ آهي ان ۾ يا الله رهجي يا دنيا رهائجي. بہ شيون گڏ نہ رهي سگهنديون.

70. صوفي کي سوال ڪرڻ ڏوهہ آهي. سوال ڪرڻ وارو خوار آهي صوفي نہ آهي.
71. موت قبل موت سدائين حياتي آهي. نہ الله ئي مرندو نہ اهو فقير مرندو.
72. جنهن شخص کي دنيا جي محبت آهي تہ اهو غافل ۽ جيئري ئي مئل آهي.
73. دنيا جي عزت توڙي مال ملڪيت توڙي عقبيٰ ۽ حوارن الله کانسواءِ عذاب آهن.
74. لوڻ پاڻي ۾ اڇلبو تہ پاڻي ٿي ويندو. لوڻ ظاهر ئي ڪونہ هوندو. صرف پاڻي رهندو.
75. هي آدمي بہ جيڪڏهن الله ۾ ائين گم ٿئي تہ آدمي رهندو ئي ڪونہ صرف الله هوندو.
76. ٻنهي جهانن ۾ احمد ۽ عليءَ کانسواءِ ٻيو ڪونهي سڀ نالا انهن جا آهن. اهي صرف جاين جا نالا آهن نہ تہ هڪ آهن.
77. چوٿون بادشاهہ بہ آهي لڪائي ڪئي اٿس. اسان کي بہ عيان آهي مگر ان چوٿين جو نالو نہ وٺبو جو اهو فقير تي گناهہ آهي.
78. جتي نفساني خودي آهي اتي خداءِ جو ڏس ئي ڪونهي.
79. طالب ۾ جيستائين خودي آهي ڪوٺ ۾ قاتل آهي. جنهن مهل ڪوٺ يڳائين تہ ملڪ ماهي اٿس.
80. جنهن مهل طالب عشق جو الهام ٻڌو تنهن مهل سر جو سانگ پاڻهي ڪٽندو.
81. جيڪو ڪلال خاني ۾ مٽن جي پاڙ ۾ وينو تہ ان جو ثواب ستر حج کان وڏيڪ آهي.
82. جنهن وهو معکم وارو الله ڏنو تہ عمر هوش ۾ ڪونہ ايندو هن جو ڳالهائيندو تہ بہ عالم فاضل بہ نہ سمجهندس.

83. جيڪو ڪلال خاني ۾ ساقيءَ وٽ ويو تہ مستيون مڙهيون تسبيون مصلا هر شيءَ اتي ڳهہ رکي شراب پيئندو.
84. ظاهري شراب توڙي وحدت جي شراب پيئندڙن کي عام ماڻهون گمراهہ سڏيندا آهن. شراب ۾ ڪو اهڙو اثر رکيل آهي.
85. ڪلال خاني وارو صاحب ماڻهن کي ڪن ۾ باطني ڦوڪ ڏيندو آهي تہ جيئن انهن تي ماڻهن جون ملامتون ۽ خواري هجي تہ جيئن يڪا مون ڏي رجوع هجن. ٻنهي شرابن ۾ اهو اثر رکيل آهي.
86. دين ايمان جو دشمن آهيان. ڪفر جا جڻيا ٻڌا اٿم. مسلماني کان ڦري ويو آهيان. ٻي ڪار ئي ڪانهي.
87. شراب ملين ۽ قاضين جو دشمن آهي. اسان جي بوتي ۽ روح ۽ جان جو نيپاج آهي شراب آب حيات آهي مئي کي ويجهو تہ جيئرو ٿي پوندو.
88. آذر وٽان ابراهيم پيدا ڪيوسي. مريم مان عيسىٰ بنا يوسي.
89. جڏهن هن کي مرايم تہ دائمي حياتي ڪيم وري تہ مرندس.
90. فقير عارفن جي فرمان ۾ سواءِ چهڙي ڏڦيڙ جي ٻيون سڀ شيون ايندريون.
91. جيڪو عاشق الاهي سان هڪ ٿيو تہ ان جون سڀ سڏون مري ويندريون باقي سندس بوتو جيئرو هوندو.
92. جيڪڏهن صوفي بوتي سميت مري تہ پوءِ معنىٰ جي موج ڪير ماڻيندو. شاهہ حسن جي ديدار جو ذوق ڪير ماڻيندو. بيخودي جو نعرو ڪين هڻندو.
93. جيڪو ساري جهان کان لڪل آهي. ان جي عين عيان ٿيڻ جي موج بوتو ماڻي ٿو. پوءِ ان چڻ سڀ ڪجهہ حاصل ڪيو.
94. اوهان کي خبر آهي تہ دنيا جا ڪيترا ماڻهو مون ٿا. اهو مرڻ ٻئي قسم جو آهي.

95. اهو موتو قبل وارو مرڻ انهن کی هٿ نہ آيو. اهو مرڻ ائين آهی جيئن نانگ جا ڏند ڪڍي ڇڏجن پوءِ مارڻ جی ضرورت نہ آهی. ائين ان عارف جی حياتیءَ مان هزارين فيض پيا وٺندا. عارف وٽ توحيد جی گفتار پيئی هلندي.

96. جنهن جو نفس زنده هوندو سو نماز پڙهندو. ظاهر جي دين جا ٽپڙ پيو هٿ ڪندو تہ متان محشر ۾ موچڙا لڳن.

97. عام خاص زور ڏيئی چون ٿا تہ رسول خدا ۽ پنجتن پاڪ نماز پڙهی هئی. فقير چو نہ ٿا پڙهن. اهو ان ڪري تہ رسول خدا جی وقت ۾ بتن جی پوڄا هئی. ان ڪري رسول خدا جی وقت ۾ بتن جی پوڄا هئی ان ڪري رسول خدا مان احمد چيو انا احمد بلاميم چيو. من رآنی فقد راءَ الحق چيو تہ ان تی نماز ۽ بندگی جو ڪهڙو حق هو. اسان تہ ان جی طالبن جا طالب آهيون تہ بہ اسان جي بہ نماز تی اک ئی ڪانہ ٿی ٻڌي.

98. جيئن استاد عالم فاضل هوندي ٻارن سان گڏ الف بہ پڙهندو آهی. پوءِ ائين تہ نہ چئبو تہ نٿو ڄاڻی. مگر هنن جی سيکارڻ لاءِ الف بہ پڙهی ٿو. رسول الله خدا بہ خلق جی سيکارڻ لاءِ نماز پڙهی ۽ پڙهائی نہ تہ رسول الله تی نماز جو حق ڪونہ هو. خلق کی جو تازو بتن کان موڙيو هئائين. تنهنڪري پاڻ جاهلن جي سيکارڻ لاءِ بي پڙهيائين تہ متان موٽی اڳين پيروي ڪن.

99. جيئن عارف ختمی جی مانی کان پرهيز ڪندو آهی. عارف فقير ڪري يا نہ ڪري مٿس لازمی نہ آهی پر طالبن جی سيکارڻ لاءِ ڪندو آهی تہ متان مون کی ڏسی ڪِري پيچي وجهن ۽ گمراهہ ٿين ۽ سندن دل متان ڪاري ٿی پوي.

100. جيڪڏهن فقير عارف گناهہ جو ڪم ڪري وجهی ظاهر وارا هن کی گناهہ ليکين مگر گناهہ نہ هوندو. چو تہ عارف کان ٻيو ڪير پچڻ وارو ڪونہ آهي. جيڪڏهن عام ڪندو تہ ڏوهي ٿيندو.

101. جيڪو فقير مجوتي جو قائل ٿيندو سوانڊو ٻوڙو گونگو ٿي اٿندو. مئي ڪان پوءِ ان جي جاءِ جهنم آهي. متان ڪوطالب مجوتي جي هوس ڪري.
102. هزار ورهيه توحيد جون ڳالهيون پڙهي ۽ ٻڌي مگر ذڪر ڪمائڻ ڪانسواءِ ڳالهين مان الله ڏسي ڪونه سگهندو.
103. جن فقير سان حسد ڪيو ۽ صحبت ۾ نه آيا تن ڪي ڪالَ جو گدڙ ڪائي ويو.
104. هي جهان ۽ هو جهان عشق جي موج آهن. جيئن درياهه جي موج جو پاڻي وڻ پٽيندو ويندو آهي. پر درياهه جي موج ڪي به فناءِ آهي جو پاڻي جهٽ سڪي ويندو آهي.
105. هي ڪثرت جو جهان ۽ منجهس سڀ ساهواريون شيون به ان دراه اعظم جي موج مان پيدا ٿيا آهن. جن ڪي فناءِ آهئ
106. عشق ڪي بلڪل رنگ روپ مگر عامن لاءِ برابر هو بيرنگ آهي. خاصن لاءِ بارنگ ۽ باصورت آهي مگر دنيا ۾ ان جو مثال ڏيئي نٿو سگهجي.
107. فقير ٿجي ته فقير ٿجي نه ته زماني جي ونديءَ ڪان نه ته ويجي.
108. فقيري پراٽي لوڙهي لت آهي لوڙهو هي جسم آهي جيڪو هن جسم تي لت رکندو. سو هن پر ٽپي وڃي وحدت ۾ پوندو.
109. حقيقت ۾ زماني جي سجاٽپ دوزخ آهي. جنهن ۾ بي ويساهي آهي.
110. حقيقت ۾ سياڻا ۽ ڪل عقل اهي آهن جن الله ياد ڪيو.
111. رسول ڪريم جو ديدار طلب جي رستي ڪان اڳ ڏنوسي. پوءِ نوَ ورهيه ذڪر ۾ هياسي جڏهن معراج ٿيو ته فنا في الرسول ۾ وياسي جتي احد مان احمد اها ذاتي صورت آهي.

112. مگر صفاتي جامون جيڪو حضرت جن هن جهان ۾ پائي آيا هئا اها صورت وصل ڪانپوءِ ٻارهين مهيني مدينه ۾ ڏني سي. گهمندي ڦرندي مدينه ۾ وڃي نڪتاسين. اتي ڏنوسين.

113. الله جو رنگ ڪهڙو آهي. صبغته الله ومن احسن من الله صبغته ڪٿي جيئن ڪپڙا رنگيندو آهي ۽ ڪپڙن جي ڳرئي ڪانپوءِ به انهن تان رنگ نه لهندو آهي

114. الله جو اسم ڪمائڻ ائين آهي جيئن صفات کي ذات جي ڪن ۾ ٻوڙجي عشق جو ڪن نه سمجهيو مگر اها خود ذات آهي.

115. الله به صوفڻ ٻير وانگر آهي. جيڪو هن سڏي صفات جي ٻير جو لامون يعني خيال ڪپي ۽ ان ۾ باغائي اڪ هٽي ان کي پاٽي پيو ڏيندو ته آخر اها اڪ ڪامل ٿيندي پر جيڪڏهن سڏن جي پيل ۽ خيالات جي جهولي کان بچيائينس ته ٿي ويندي نه ته لڳل اڪ به سڪي ختم ٿي ويندي ڪن جي اڪ ٻڪري کائي ويئي ۽ ڪن جي اٺ پاڙئون پٽجي ويو.

116. جيڪا اڪ جهولن کان بچي سامائي ته ساڳي ٿيندي ۽ ان کي ظاهر ۾ آدمي پيو ڏسبو باطن ۾ جبرائيل کان پري جون خبرون پيو ڏيندو. اهي ڳالهيون حال محرمن کانسواءِ عامن کي نه ٻڌائيندو.

117. عشق اهڙي باهه آهي جيڪا هن خاڪي بوتي کي لعل ڪري ٿي ڇڏي جيئن ڪا لوهه جي شيءَ کوري ۾ وجهي ڪنهن جهنگ اڇلجي ته جهڳا ساڙي ڇڏيندي.

118. هي فقير وحدانيت جي گفتار سان ماڻهن جي نفس جا جهڳا ساڙي ڇڏيندو سڙئي کان پوءِ ساڳيو سر ۽ نسوري ذات ٿي پوندا.

119. صوفي اهو آهي جيڪو هن جسم مان ائين نڪري جيئن ترار مياڻ مان نڪرندي آهي اسم اعظم سان ائين نڪري ملڪوت ۾ رهائش ڪري.

120. ڪجھ ڏينھن ملڪوت ۾ ۽ ڪجھ ڏينھن جبروت ۾ ۽ پوءِ لاھوت مان وچي سچي عمر بيحد ملڪ ۾ رھي. پوءِ پاڻيھئي پيو ايندو. ويندو ڇڻ سڀئي امتحان پاس ڪيائين.

121. جنھن ان معنيٰ جي ملڪ جو معراج ڪيو اھو منصور يا قلندر آھي جي ذات حق چئبس تہ بہ پوَ ڪونھي.

122. جيڪو صوفي پاڻ مان نہ نڪتو سو ڪوڙي ڪوڙي جو پٽ آھي. اھو نفس جو قيدي آھي. جي ذڪر بہ ڪمايائين ۽ برا ڪم نہ ڪيائين تہ بھشت جو حقدار آھي. باقي الله جو حقدار نہ آھي.

123. جيڪو دنيا ڳوليندو تنھن کی دنيا ملندي جيڪو آخرت ڳوليندو تھنھن کی آخرت ملندي جيڪو الله ڳوليندو تنھن کی الله ملندو.

124. الله بہ سھڻو آھی. ڳولی بہ سھڻين دلين وارن کي ٿو جنھن کي يقين نہ آھی سو گمراھہ ٿيندو

125. طالب لاءِ ويساھہ بيڙي آھی جنھن سان ھو تري ويندو.

126. جبرئيل سميت اسان جی اڳيان چارئی ملائڪ جھرڪی بہ ناھن اسين شھباز آھيون جتي اسان وياسون اتي جبرئيل ڪھڙي شيءِ آھی.

127. آدمی جو وجود وڻ مثل آھی. ھڪڙا وجود نفس جي سڌن جا وڻ آھن لکن مان ڪی ٿورڙا عشق جا وڻ آھن.

128. عشق جی وجود جی ڇانوَ توحيد جی گفتار آھی. ان وڻ جو ميوو انا الحق آھی. ڏار ملڪوت جبروت لاھوت ۽ بيحد ملڪ اٿس.

129. علم وار فقير ٿيو تہ ڇڻ ھاٿی حلال ٿيو. جاھل فقير ٿيو تہ ڇڻ جھرڪی حلال ٿی . ھاٿی حلال ٿيڻ سان لکين فيض پائيندا جھرڪی تہ ھڪئی کائی ويندو.

130. فقير عاشق لامڪان جو طائوس يعنی مور پکی آھی.

131. فقير عاشق صبر ۾ ھجی تہ مرضی اٿس ھت رھي يا ھُتِ رھي ڳالھائڻ مھل لامڪان ۾ ياھت رھندو.

132. فقير عاشق توحيد جي گفتار مهل جتان جي ڳالهه ڪندو ته ان منزل ۾ بيهي ڳالهه ڪندو. جسم ڇڏيون اتي پيو ڳالهائيندو عام ماڻهو سمجهندا ته هت ٿو ڳالهائي.

133. فقير جو صحبتي سمجهندو ته ڪٿي ٿو ڳالهائي

134. اسم اعظم جو ذڪر هڪ ڪوٽ آهي، جنهن ڪي ملڪوت جبروت ۽ لاهوت ڪيسا آهن

135. اهو ڪوٽ اسم اعظم جو طالب ڪي نفساني سرد هوا ۾ سئي ڪٿان بچائيندو.

136. انبيائن. اوليائن عارفن عاشقن جا ديدار به ڪيسا اٿس، ڪشف القبور يا ڪشف القلوب جا به ان ڪوٽ ۾ ڪيسا آهن. سمنڊن جبلات دريائن ۽ شهرن جي سير جا ۽ ٻيا لکين ڪروڙين ڪيسا اٿس. ڪي ٻڌل ته ڪي اڻ ٻڌل شيون ان اسم اعظم جي ڪيسن مان نڪري پون.

137. ملڪوت جي صورت تمام جلوه دار آهي جبروت واري صورت به سهڻي آهي. لاهوت واري صورت جو درجو اتم آهي. مگر بالا ترين صورت بيحد ملڪ واري آهي. جيڪا دلين جي ڦرجڻ جي ڳالهه آهي جيڪو ان ۾ ويندو ته ڦرجي ويندو وري دنيا ۾ ڪين رَلبو.

138. اسم اعظم ۾ درد فراق گريو ۽ زاري سڀ ڪجهه موجود آهي.

139. اسم اعظم حصار الله يعني الله جو قلعو آهي. جيڪا طالبن جي حفاظت جي جاءِ آهي.

140. اسم اعظم عرش عظيم جي ڏاڪڻ آهي. ان ڏاڪڻ وسيلي جيڪو ان قلعي ۾ پهتو ته نفس جي دشمنيءَ کان امان ۾ رهندو.

141. جنهن آدميءَ کي ڪتو ڇتو ڏاڙهيندو آهي ته ان کي ڪتي جو زهر به اثر ڪري ٿو جو اهو ڪتي وانگر ڀئو ڪان ٿو ڪري.

142. جنهن آدمي پنهنجي وجود ۾ ذڪر ڪمايو ته ان کي خدا جو ذڪر اثر نه ڪندو ڇا . ڪنهن ڏينهن ضرور ان مان من خدايم واري گفتار نڪرندي.

143. ماڻهن جي سمجهه جو ارمان آهي جو صوبيدار ننڊ پيو هوندو آهي ته به ان جي وات مان بچان پيو نڪرنديون آهن ته وٽ فلاڻي کي نه ڇڏ.

144. ڏسو ته ماڻهو ڪهڙا نه نادان آهن جو جن جي دل ۾ سالن جا سال اسم اعظم جو ذڪر هلندو پوءِ ان جي زبان مان انا الحق جو نعرو نه نڪرندو؟

145. اهو ملڪ عظيم آهي جنهن ۾ فقير وڃي ٿو. ان ملڪ جو ذڪر ئي انا الحق آهي. جيڪو عاشق جي زبان مان زوريءَ نڪرندو. جيترو وقت ان ملڪ ۾ رهندو ته ان اعظم ولايت جي اها ٻولي آهي ان ملڪ ۾ سيڪو ويندڙ تي ڏينهن رهندو آهي وڌيڪ نه رهندو. شاهه منصور ان ملڪ ۾ هڪ سال رهيو هو ته ڦاهي چڙهيو هو.

146. ان ملڪ جي اها حالت آهي جو عرش ڪرسي وڻ ٽڻ هر ذري ذري مان انا الحق جي گفتار هوندي آهي. پوءِ عشق بيوس آهي.

147. ان اعظم ولايت انا الحق جو اهو حال آحي جو جيئن سيٽهه وارو درياهه ۾ ترندو وڃي ۽ وچ ۾ سيٽه ڦاٽي پويس ۽ هو غرق ٿي وڃي. پوءِ رڳو محيط درياهه پيو ڏسبو.

148. عاشق جي جڏهن عبديت ختم ٿيندي آهي ته پوءِ ان مان انا الحق جي بيڪي نڪرندي آهي صفات ڳري وڃي ذات رهي پوءِ ذات جي گفتار اها آهي.

149. هونءَ ته سڀ ڪنهن کي پنهنجو خالق ڪونه ٿو سُجهي مجال آهي جو انا الحق چئي سگهي. ٻانهو بادشاهه ڪيئن سڏائيندو. جڏهن ٻانهو رئي ٿي ويندو تڏهن بادشاهه ڳالهائيندو.

150. رسول الله بہ انا احمد بلا ميم چيو تہ مولىٰ علي بہ انا عرب بلا عين چيو بسطامي بايزيد سبحاني ما اعظم شاني چيو. اها ڪا عبديت کی طاقت آهی چا؟ اها سڀ الوهيت جي طاقت آهي. جيڪا ذات تی ڳالهائی پيو تہ ڪوچئی ڏيکاري.

151. هيءَ عشق جي ڳالهہ انڌن گونگن ۽ ٻوڙن جي ٻڌڻ جي نہ آهی جن جااندروني ڪن سرلا هجن سي ٻڌندا. مصرع" کرمادر زاد را باناله وسر ناچه سود" يعني جامڙو گونگي کي سڏن ڪرڻ ۽ سر شرناءِ ٻڌائڻ مان ڪهڙو فائدو؟

152. جيڪی هَوَسَن انڌا ۽ ٻوڙا ڪيا آهن. انهن لاءِ توحيد جی ڳالهہ ائين آهی جيئن مئی کي مڇ کان وٺي وات ۾ پاڻي وجيهس تہ واڇن کان وهی ويندس.

153. جيڪی نفس ۽ شهوت جا مريل آهن انهن جی اندر ۾ هيءَ ڳالهہ نہ لنگهيندي قرآن ڪريم ۾ بہ آهي تہ لاتسمع الموتيٰ ولا صم الدعاءِ.

154. هن ڳالهہ جو قرآن ۽ رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم شاهد آهن تہ سڏن جو تابع سخت گمراهہ آهي. ان ڪري ڪابہ هدايت اثر نہ ڪندي من اضل من التبع هواه.

155. جنهن کي رب العالمين گهري تہ کيس رسول ڪريم وارو معراج ڪرائي. ان ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي جو نبي کٽي چئجيس. سُبْحٰنَ الَّذِیۡٓ اَسۡرٰی بِعَبۡدِہٖ. القرآن گواهہ آهی.

156. حضرت موسىٰ کی ذات ذوالجلال چيو تہ جيڪو توکی اسان حڪيم ڪيو آهی ان تی قائم رهہ يعني ذڪر کی قائم ڪجانءِ خبردار متان سڏن جو تابعداري ٿئين سڏان ذڪر کي وڃائيندیون آهن فَاسۡتَقِمۡ كَمَاۤ اُمِرۡتَ ولا تتبع اهواءَ هم (قرآن).

157. شريعت جي معنيٰ آهي سڌن جي تابعداري نہ ڪرڻ جنهن سڌن جي تابعداري ڪئي نہ انهيءَ شريعت قائم نہ رکي ثُمَّ جَعَلْنٰكَ عَلٰى شَرِيْعَةٍ مِّنَ الْاَمْرِ فَاتَّبِعْهَا وَلَا تَتَّبِعْ اَهْوَآءَ الَّذِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ. القرآن).

158. هر هڪ سڌ بت آهي جيئن ڪافر بتن کي پوڄيندا هئا. ائين هي مسلمان هاڻي سڌن جا بت ٿا پوڄين جيئن ڪعبہ ۾ بت رکيل هئا. تيئن مسلمان جي دل واري ڪعبہ ۾ سڌن ۽ خيلات جا بت رکيل آهن. ان ڪري هنن کي حقيقي مسلمان نہ چئبو مگر ڪافر آهن. جيڪي ذڪر نٿا ڪن انهن جون اکيون ۽ ڪن انڌا آهن. اوهين انصاف ڪريو تہ اڄ جا مسلمان الله ۽ قرآن جي حڪم تي هلن ٿا. اَفَرَءَيْتَ مَنِ اتَّخَذَ اِلٰهَهٗ هَوٰىهُ وَ اَضَلَّهُ اللّٰهُ عَلٰى عِلْمٍ وَّ خَتَمَ عَلٰى سَمْعِهٖ وَ قَلْبِهٖ وَ جَعَلَ عَلٰى بَصَرِهٖ غِشٰوَةً فَمَنْ يَّهْدِيْهِ مِنْۢ بَعْدِ اللّٰهِ اَفَلَا تَذَكَّرُوْنَ(٢٣)) پاره 25)

159. قرآن ۾ دم جي ذڪر ڪمائڻ لاءِ حڪم آيل آهي. قال الله تبارک وتعاليٰ واذکر ربک في نفسک يعني خدا پنهنجي کي دم سان ياد ڪر.

160. زباني ڪلمہ ۽ رسمي مسلمان لاءِ قرآن چوي ٿو تہ اهي ڪوڙا آهن. انهن جي دلين ۾ ايمان ڪونہ داخل ٿيو آهي. قَالَتِ الْاَعْرَابُ اٰمَنَّا قُلْ لَّمْ تُؤْمِنُوْا وَ لٰكِنْ قُوْلُوْٓا اَسْلَمْنَا وَ لَمَّا يَدْخُلِ الْاِيْمَانُ فِيْ قُلُوْبِكُمْ. يعني عرب چون ٿا تہ اسان ايمان آندو آهي. تون چوين تہ توهان ايمان نہ اندو آهي ائين تہ مسلمان ٿيا آهيو. چو تہ توهان جي دلين ۾ ايمان داخل نہ ٿيو آهي.

161. ايمان آڻڻ جو نيشان اهو آهي تہ ان جي دل ۾ خدا جو ذڪر هلي اهو آهي دل جو ايمان. اهي ئي حقيقي مسلمان ۽ ايمان وارا آهن.

162. دل جي ذڪر وارو حقيقي مسلمان آهي. باقي ٻيا رسمي مسلمان آهن.

163. رسمي مسلمان تاڙي ڦوڪ تي پڇي ويندو. رسمي مسلمان مرشد هادي کان بہ ڦري ويندو. منافق ٿي ويندو مگر دل جي ذڪر وارو نہ ڦرندو.

164. قرآن پاڪ جي هي آيت گواهہ آهي تہ جن کان دم وارو ذڪر وسريل آهي اهي شيطان جو لشڪر آهن. اِسۡتَحۡوَذَ عَلَیۡہِمُ الشَّیۡطٰنُ فَاَنۡسٰہُمۡ ذِکۡرَ اللّٰہِ ؕ اُولٰٓئِکَ حِزۡبُ الشَّیۡطٰنِ ؕ. يعني انهن تي شيطان غالب آهي. ان ڪانئڻ الله جي ياد گيري وساري ان ڪري اهي شيطان جي جماعت آهن.

165. ذات ذوالجلال قرآن پاڪ ۾ فرمايو آهي تہ جن جي دل ۾ الله جو ذڪر ٽڪندو ناهي اتي شيطان رهي ٿو. قال الله تعاليٰ : وَمَنۡ یَّعۡشُ عَنۡ ذِکۡرِ الرَّحۡمٰنِ نُقَیِّضۡ لَہٗ شَیۡطٰنًا فَہُوَ لَہٗ قَرِیۡنٌ(۳۶)

166. رب العالمين ڏوراپو ڏيئي چوي ٿو تہ افسوس مان اوهان سان گڏ آهيان مگر ڏسو نٿا چاڪاڻ تہ هي ڪل آدم زاد الله جي اولاد آهن. حديث: القلق عيان الله جو پڻي ڏينو وتن پنهنجا ڪم ڪندا. ونحن اقرب اليہ منڪم ولڪن لا تبصرون.

167. علم اليقين عين اليقين ۽ حق اليقين اهي ٽيئي نالا جيڪي فقير ڪم ٿا آڻين سي ڪلام الله مان آهن. نڪي ناڪو مل وٽان آندا اٿن. ان هذا لهو الحق اليقين. فسبح بحمد ربک العظيم. اهي ٽيئي نالا معراج واري ملڪ مان آندل آهن. اهي حدون ذڪر اسم اعظم سان ۽ حق جي منظوريءَ سان حاصل ٿينديون آهن.

168. جيڪي ذڪر سان نفساني عزت ۽ دنيا حاصل ڪرڻ چاهيندا آهن انهن کي معراج جي حدن عين اليقين ۽ حق اليقين کان جواب آهي. ڇو تہ هنن جو ذڪر باهہ ۽ دونهين سان گڏ آهي نج نہ آهي.

169. جيڪي ذڪر صرف ديدار الاهي لاءِ ڪمائن ٿا انهن جو ذڪر نج باهہ آهي پوءِ اهي حدون بہ انهن کي حاصل ٿينديون فاالسبح

باسم ربک العظيم يعني الله جي نالي سان سندس عظمت بيان
ڪندا رهو.

170. جن کی الله گهري ۽ جيڪی الله کی خاص سک ۽ محبت سان گهرن پوءِ الله بہ انهن جو آهی وڏا ڀاڳ انهن جا آهن جن کی پنهنجو لقاءُ ڏيکاري. جن تی پنهنجی رحمت ڪري قال الله تبارڪ وتعالیٰ: رفيع الدرجات ذولعرش. يلقي الروح من امره علیٰ من يشاءُ من عباده.

171. فقير عاشق الله جا قاصد آهن. جيڪي خدا جا پيغام کڻي آڻي هن مخلوق کی پڌائن ٿا.

172. ڪلام ربی ۾ حڪم آهی تہ جيڪو فقير عاشق وٽ صحبت لاءِ وڃی تہ اهو ڪجهہ نہ ڪجهہ تحفہ يا نذرانو فقير لاءِ کنيون وڃی. هٿين خالی نہ وڃی ٻيو ڪجهہ نہ هجی تہ کٻڙن جا پن يا ڏنڊڻ فقير لاءِ کنيون وڃجن. ان ۾ طالب جو فائدو آهی. يٰٓاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡٓا اِذَا نَاجَيۡتُمُ الرَّسُوۡلَ فَقَدِّمُوۡا بَيۡنَ يَدَىۡ نَجۡوٰٮكُمۡ صَدَقَةً ؕ ذٰلِكَ خَيۡرٌ لَّـكُمۡ وَ اَطۡهَرُ ‌ؕ

173. حضرت يوسف توڙي بادشاهہ ٿيو تہ ان وٽ ننڍائی جو يار آيو هو تہ ان کان تحفہ گهريو هئائين. هن تحفہ ۾ پنهنجی ۾ پنهنجی آئينی ڪڍي ڏنس ۽ چيائينس تہ جنهن مهل ڏسندين تہ مان ياد ايندو سانءِ

174. رسمی مسلمان حسد کان فقير جی خلاف آهن تہ سندس گلا ڪري سندس روشنائي گهٽايون. مگر گهٽايون. مگر گهٽجي نہ سگهندي.

**بيت**

اگر گيتي سراسر ياد گيرد، چراغ مقبلان هر گزنه ميرد

جيڪڏهن ساري دنيا هوا هلائي تہ بہ قبول پيلن جو ٻرندڙ ڏيئو ڪونہ وسامندو

يُرِيۡدُوۡنَ اَنۡ يُّطۡفِـُٔوۡا نُوۡرَ اللّٰهِ بِاَفۡوَاهِهِمۡ وَ يَاۡبَى اللّٰهُ اِلَّاۤ اَنۡ يُّتِمَّ نُوۡرَهٗ وَ لَوۡ كَرِهَ الۡكٰفِرُوۡنَ(٣٢)

يعني انهن جو ارادو آهي تہ اهي الله جي نور کي پنهنجي وات جي ڦوڪن سان وسائڻ مگر الله پنهنجو نور ڪامل مڪمل ڪندو توڙي جو ڪافرن کي پسند نہ هجي.

175. الله جو ذڪر بيخودي جي علم جو سبق آهي، جيڪو اهو سبق پڙهندو تہ اهو بيخوديءَ جو ڪاليج پاس ڪري انا الحق جو نعرو هڻندو.

176. جنهن پاڻ مان نڪري معراج نہ ڪيو هوندو سو ٻئي کي ڪهڙو معراج ڪرائيندو.

177. هي آدمي درياهہ تي اچ ٽا مرن. اهو دم درياهہ اٿن. اهو درياهہ چڏيون دنيان جي رج ڏي پڳا ٽا وڃن.

178. الله جو ذڪر الله جو دين آهي، نماز ۽ روزو وغيره نبيءَ جو دين آهي.

179. جيڪو الله جي دين سان هلندو سو الله تي پوندو.

180. هر هڪ انسان ۾ معرفت جو سج موجود آهي. مگر گناهن ۽ حرام کاڌن ان کي پردو ڏيئي ڍڪي ڇڏيو آهي.

181. جيئن مينهن جو ڪو هيڙو سج کي ڍڪي ٿو تيئن دل وارين اکين کي هوسن ۽ حرام کاڌن جون دونهون رَوَ چاڙهي ٿو ڇڏي.

182. طالبن مان يا ڪير بہ درد وارو جنهن مهل بہ سڏ ڪندو تہ اسان فقير مسڪين جي ماڙ آهيون ۽ ويچارن جا واهرو آهيون. اُن وٽ پهچي ان جو درد دفع ۽ سندس ڪم آسان ڪنداسون.

183. دل وجان سان سڏيندڙ طالب يا سائل توڙي ڪٽي لکن ڪوهن تي هجي تہ بہ فقير ان جي مدد ۽ واهر آهي.

184. اسان هت ماڻهن جون روحاني اکيون ڪرڻ ۽ مشڪلاتون لاهڻ آيا هئاسون.

185. طالب کی مرشد سان ڪاڏي پيتی يا سواري جی ريس نہ ڪرڻ گھرجيس ڇو تہ ھو بقا با الله جی درجی وارو آھی.
186. عاشق جو ڪاڏو پيتو توحيد جي گفتار لاءِ آھي. فقير تي ذڪر فڪر يا عبادت لازم نہ آھی.
187. مگر طالب کی ذڪر فڪر ڏھو چاليھو ۽ عبادتون لازم آھن.
188. ھیءَ ڳالھہ درد واري دل کی گھاءُ ڪندي ۽ جنھن کی ذڪر الاھي جو لالہ گل وانگر دل تی داغ ھوندس تہ ان کی پسند ايندي.
189. ھی ڳالھيون ۽ ھن ڪتاب جا حرف ان کی پسند ايندا جيڪو ڪنھن عارف جو صحبتی ھوندو. ٻيو جيڪو بقا الله جي درجي وارو ھوندو اھو ھن ڪتاب کی اکين تی رکندو.
190. جيڪو ھن ڪتاب کی ناپسند ڪندو اھو ڪم نصيب آھی ان جی منزل فی السقر فی النار آھی. جيڪو ھن راز جو واقف نہ ھوندو سو ھن ڪتاب کی ڏسی نہ سگھندو.
191. ھن ڪتاب ۾ معراج جی اکين ڏٺی حقيقت بيان ٿيل آھی.
192. رموز عاشقان عاشق بداند، رموز عاشقان فاسق چه داند؟
عاشقن جي رمز کي عاشق ڄاڻندو.عاشق جي رمز کي فاسق ڇا ڄاڻندو؟
193. ھی ڪتاب عاشقن جی ڪتابن جی معنيٰ ۽ شرح آھي. جيڪو پڙھندو تنھن کی معنيٰ سمجھہ ۾ ايندي
194. سنڌ ۾ قيامت تائين جيڪو فقير ٿيندو تہ ھن کان وڏيڪ ڳالھہ نہ ڪندو.
195. ھی سنڌي ٻوليءَ ۾ گفتار آھي جيڪا عشق جي دفتر ۽ معراج جي معنيٰ ۽ حقيقت آھی.
196. ھن ڳالھہ ۾ نہ ڪوڙ نہ وڏائي نہ فخر نہ ھستي آھي. لعنت الله علي الڪاذبين.

197. پيري بزرگي جي گفتار جي ڊوڙ بهشت تائين آهي جا نفس جي مراد آهي.
198. اسان نفس جي نامراديءَ جي ڳالهه ڪئي آهي. بهشت حوران اسان جي ٽوڪ جي جاءِ آهن.
199. هيءَ ڳالهه بهشتن جي ناهيندڙ جي روبرو جي ڳالهه آهي.
200. اسان جڏهن هادي شهنشاهه جي روبرو ويهندا هئاسون نه سائين جن توحيد جي گهڻي ڳالهه ۽ گفتار ڪندا هئا ۽ اسان کي چڙ لڳندي هئي ته ذڪر ڇو نه ٿو ڪري پوءِ جڏهن پاڻ معراج تي وياسون تڏهن خبر پئي ته اها اسان جي غلطي هئي.
201. وصل کان پوءِ عاشق عارف جي عبادت توحيد جي گفتار آهي مصرح : بو علی بيچاره راطاعت بجز تو نيست
يعني ويچاري بو علي کي توحيد جي گفتار کانسواءِ ٻي ڪا عبادت ئي ڪانهي.
202. جن کي به ساري سنڌ ۾ ڪٿي ههڙي گفتار هلندڙ ڏسڻ ۾ اچي ته اتان دست بيعت ٿين.
203. جنهن ڪچهري ۾ الله جي ڳالهه نه آهي ته اتي نفس ويٺو آهي. ان ڪري اتي ويهڻ حرام آهي.
204. اهڙي ڪچهريءَ تي الله پاڪ ۽ رسول خدا لعنت ٿا وجهن.
205. اسان جڏهن بيحد ملڪ ٽئين جهان ۾ وياسون ته به ڪافيون لکيون سين. جنهن تي ذات ذوالجلال چيو ته تون به ڪلامن ۾ ڦاٿين جيئن سچل بيدل بلا شاهه ۽ ٻين عارفن ڳالهيون ڪيون آهن. ائين ڪندين تنهن ڪري تون ڪلام نه چئو مگر انهن عارفن جي گفتار جي پنهنجي گفتار ذريعي شرح لک. هيءَ شرح معراج کان چاليهه سال پوءِ لکيوسون.
206. جنهن دل ۾ الله جو ذڪر نه آهي سا دل برباد آهي.
207. جن کي عزرائيل ماريو آهي تن جون قبرون برباد ۽ تباهه آهن.

208. جن عزرائيل کي مات ڏني تہ انهن جي قبرن جا هزارين محتاج آهن.

209. هڪ دفعي مقام جي پرسان لنگهيا تہ قبرن ۾ پاسريون ۽ لاشن جا هڏا ٻرندا ڏٺاسي. اها هوسن جي باهہ آهي جيڪا قيامت تائين نہ وسامندي

210. جن الله ياد نہ ڪيو ۽ هوسن جي قيد ۾ مري ويا تن جي قبرن ۾ باهہ پئي ٻرندي

211. ڪامل عارف کی کپی تہ جتی نفسانی خودي هجی تہ اتی بيخودي کرڻ نہ کپی بيخودي جو قدر اکين وارن وٽ هوندو آهی.

212. جيڪی نفساني خودي سان انڌا هجن تہ اتان هيناهين ڪري جند ڇڏائجی.

213. گڏاٹی ٻروچ هڪ دفعي چيو تہ فقير تون الله ٿو سڏائين اسان کي الله چو نہ ٿو ڏيکارين.

214. اسان چيس تہ تون مڇی وانگر آهين رهين بہ پاڻیءَ سان گڏ ٿو ۽ پاڻی کی ڳوليندو ٿو وتين. رهين بہ الله سان گڏ ٿو ۽ سڃاڻين بہ نہ ٿو. جی سڃاڻين تہ الله تہ پڌر تی آهی.

215. زمانی جی ماڻهن کی الله جی گهر ئی ڪانهي هنن کي صرف دنيا کپی انهن کی گفتار بہ دنيا جی وڻندي

216. گڏهہ کی مشڪ جي قدر جي کهڙي خبر تہ هن ۾ کهڙي خاصيت آهی.

217. جيڪو شخص ذڪر الاهي کان غافل ۽ هوسن جوپو ڄاري آهي سو ڏوهاري آهی.

218. جيڪو اهڙي ماڻهوءَ جی تابعداري ڪندو سو بہ ڏوهاري ليکبو.

219. جنهن جی دل ۾ الله جو ذڪر هلندڙ آهی تہ ان کان گناهہ جو ڪم نہ ٿيندو ڇو تہ هن جی دل ۾ الله رهندڙ آهي. حديث انا جليس من ذکرني انيس من استانيس بي.

220. گمراهي سيني خطائن جو منڍ آهي جنهن جي دل ذڪر کان خالي آهي سو هوس جي تابعداري ڪندو. اهڙي شخص جي تابعداريءَ کان قرآن پاڪ منع ٿو ڪري ته لاتطع قلبہ اغفلنا عن ذڪرنا.
221. سڌن جا تابعدار شيطان جا سپاهي آهن انهن کان الله بيزار آهي. قرآن چوي ٿو ته اُولائِکَ الّذين طَبَعَ اللهُ عَليٰ کُلوبِهِم وَتّبِعُوا اهوائهم
222. دنيا جا ماڻهو حضرت رسول الله صلى الله عليه وسلم جن خواه بين انبيائن کي چريو ۽ جادوگر چوندا هئا. پنهنجي بتن کي ڇڏڻ لاءِ تيار نہ هئا. چوندا هئا تہ محمد ڪريم صلى الله عليه وسلم اسان کان ابن ڏاڏن وارو دين ڇڏائي نئون دين ٿو سيکاري.
223. رسول الله صلى الله عليه وسلم انهن کان لات منوت ۽ عزيٰ جون پوڄائون لوهہ جي ترار سان ڇڏيائون ۽ جڏهن رسول الله صلى الله عليه وسلم هن وجود کي ڇڏي عرش تي ويو تہ هتي اسان لاءِ لاجي ترار ڇڏي ويو.
224. دنيا جا ماڻهو ۽ انهن جا نفس شيطان ۽ دنيا بت آهن. هاڻي جن لاجي ترار نہ وهائي ۽ ذڪر نہ ڪيائون اهي لات منوت ۽ عزي جا پوڄاري آهن.
225. هڪڙي فقيرعارف با الله وٽ ٻہ ڄڻا طالب ٿيڻ لاءِ آيا. ٻنهي کي چيائين تہ مون تي ڪلمون پڙهو. مان هڪ شخص چوڻ لڳو تہ مان توتي ڪونہ پڙهندس ۽ هليو ويو . ٻيو شخص روئڻ لڳو ۽ روئيندي مرشد کي چيائين تہ موکي گمان هو تہ تون الله ج آهين پر لهي رسول ٿي پيو آهين جنهن تي مرشد آفرين چيس پوءِ ذڪر ڏيسائيند. ويساهہ سبب واصل باالله ٿيو.
226. گادين وارن وٽ رڳو ڪوٽومل وينو آهي. انهن سڄي عمر رڳو خواب ۾ بہ رسول ڪريم صلى الله عليه وسلم ڪونہ ڏٺائون جيڪر ڏسن ها تہ الله جي خبر پوين ها.
227. گادين وارن کي خوديءَ ماري ڇڏيو.اهو گاديءَ وارو سيٽيو وينو هوندو آهي ۽ ٻيا سپ سندس اڳيان ڪبڙا ٿيا گهمندا وتندا آهن. انهن کي

رڳو سڪٽي وڏائي آهي. خواب ۾ان سائينءَ ڪڏهن شيطان بہ ڪونہ ڏٺو آهي جي ڏسي ها تہ سمجهي وڃي ها.

228. طالب ڪيترا بہ فقير هجن تہ بہ سندن نفس رڳو فائدي جون ڳالهيون پيو پڇندو تہ جيڪر گدرن جي واڙي پوکيان يا رائي يا ڪمند پوکيان جنهن مان دنيا پيدا ٿئي.

229. اڙي اها واڙي ۽ پوک ڇو نہ ٿا پوکيو جنهن جا گل شهود آهن ۽ ميوا ۽ گدرا انا الحق جانعرا آهن. جو جڏهن اهو پڇي پوي تہ سارو ملڪ ڪستوري ٿي پوي.

230. واصلي کي ذڪر جو پيرو ڪمائڻ گمراهي آهي وصل کانپوءِ ذڪر بيهي رهندو. جيئن نار نهڪڻ بيهي وڃي.

231. ذڪر غائب کي سڏ آهي. حاضر جو نالو نہ وٺبو آهي. وصل وارو توحيد جي گفتار ڪندو جنهن مان ٻيا بہ ٻڌي فيض پيا پرائيندا.

232. فقير ڪماليت ۾پهچڻ کان پوءِ بہ سال ماٺ ۾ رهندو آهي. پوءِ تمام گهٽي گفتار ڪندو.

233. فقير عارف جي ڳالهہ جي اظهاري تي ماٺهو ساڻس جهيڙو ڪندا توحيد جي گفتار تي ماڻهو فقير سان فساد ڪندا.

234. ڇو تہ ماڻهن هيءَ ڳالهہ ٻڌي نہ آهي. دنيا ۾ توحيد جو ٻڌائيندڙ ڪونهي ٻڌندڙ ۽ ڄاڻندڙ بہ ڪونهي. ڏسڻ ۽ ٻڌڻ ۾ وڏو فرق آهي.

235. فقير الله جي توحيد جي ملڪ ۾ وڃڻ وقت پاڻ گم ٿي ويندا آهن ۽ رڳو درياهہ ٿي پون.

236. صوفي اهو آهي جيڪو چوليءَ مان ٻاهر نڪري جيئن رسول خدا صلی اللہ علیہ وسلم معراج ڪيو ائين هي بہ پرن کانسواءِ معراج تي اڏاڻو وڃي.

237. صوفي اهو آهي جيڪو الله سان زبان سان نہ مگر روح سان ڳالهائي.

238. صوفي اهو آهي جيڪو پاڻ الله ٿي پوي پيو الله نہ ڏاري جنهن جو الله پيو آهي اهو نفس جو قيدي آهي. مرد اهو آهي جيڪو پاڻ ٿي پوي

239.الله جي درگاهہ ۾ بہ پوشاڪون آهن (1) ڪرامت (2) ملامت.

240.اسان ملامت ڪنئين ڪرامت عشق جو حجاب آهي. نفس جو ڏئو آهي. ملامت سان الله پڌر تي آهي.

241.جيڪو توحيد ۾ گم ٿيو تہ ان کي سيڪو ڪافر ملحد سڏيندو. هن کي اهو ڏک هوندو. ان طرح هو عام خلق کان بچيل رهندو.

242.عشق شينهن آهي جيڪو ذات ۽ صفات کي کائي ٿو ڇڏي ظاهر ۽ باطن کي بہ کائي وڃي. هجي ڪو جيڪو ان معنيٰ کي سمجهي.

243.عشق اهڙي آفات آهي جو نہ فراق نہ وصال نہ حال آهي. نہ قال نہ طالب نہ مطلوب نہ عاشق نہ معشوق نہ ذاڪر نہ مذڪور.

244.نفس هن وجود ۾ معدي جو نالو آهي جيڪو ان جو چوڻ نہ وٺندو اهو الله کي ويجهو ٿيندو ۽ الله ان کي ويجهو ٿيندو.

245.آدمي ذڪر سان محڪم ٿي پوي تہ ڪوبہ پوءُ ڪونهيس

246.جيڪڏهن ذڪر وسريل اٿس تہ ڪو نہ ڪو پوء اٿس.سيني گناهن جا ڪم الله کي وسارڻ جي ڪري ٿين ٿا.

247.طمع خطائن جو منڊ آهي. طالب طمع ۾ ويو تہ اونداهي ۾ ڪرندو.

248.صوفي جڏهن ڪمال کي پهتو تہ سوال ۽ دعا گهرڻ کئون دنگ اٿس.

249.صوفي ملڪوت ۾ ويو تہ پوءِ سيئي حدن ۾ دعا گهرڻ ۽ ماڻهن کي سوال ڪرڻ بند ٿي ويندو.

250.هن بوتي جي اولي ۾ ڪتو نفس بہ وينو آهي تہ ملائڪ بہ وينو آهي سيڪو پنهنجي طرف ٿو تاڻي. ڏسجي تہ ڪهڙو ٿو زور وٺي.

251.جي ڪتي نفس زور رتس تہ پنهنجي ڳوٺ تحت الثريٰ ڏي گهلي ويندس جي ملائڪ زور ورتس تہ عرش عظيم ڏانهن کڻي ويندس.

252.ساري جهان کي ان ڪتي نفس غرق ڪيو آهي مس ڪنهن ڪنهن وڃي ان کان جند ڇڏائي آهي.

253. هيءَ ڳالهہ جيڪو دل سان ٻڌائيندو تہ ان جي دل الله ڏي مائل ٿيندي ۽ ذوق وڌندس.

254. جيڪو ههڙي ڳالهہ ڪنهن فقير جي واتان ٻڌي تہ گوڏا پيچي الله جو ڏس پڇيس نہ تہ فقير جي تربيت ڪي طواف ۽ سجدا ڪري تہ اتان فائدو ٿيندس.

255. هي عبديت جو چولو لوهہ آهي. ان ڪي دل جي ڪوري ۾ وجهي اسم اعظم جني وڏاڻ سان ڪٽبو. دم جي ڦوڪڻي سان محبت جي باهہ مچائبي پوءِ باهہ جي جوش سان هن جو غير سڙي ويندو ۽ ڪٽڻ سان غير ڇڻي ويندس. پوءِ جڏهن غير صاف ٿيس. تہ اهو لوهہ فولاد ٿي پوندو.

256. فولاد مان لاجي ترار ٺهندي اها جنهن ڪي هڻبي تنهن مان پار ويندي غير ڪي ڪپيندي آسمانن مان بہ ڪونہ اڙندي.

257. پوءِ فولاد نجي ذات آهي صفات ۽ غير خيال سڙي ويندس. باقي هڪ خيال ذات جو وجي رهندو.

258. ٻيو بہ جيڪو ٻانهپ جي لوهہ ڪي دل جي ڪوري ۾ وجهي وڏاڻ مست ڪٽيندو تہ اهو بہ فولاد ٿي پوندو. عرش ۾ بہ اڙيو نہ رهندو.

259. فولاد مان جيڪا تار ٺهندي آهي تہ ان جو آواز بہ ٻين ڪي مست ڪري وجهندو آهي. پوءِ اها تار هن بوتي جي تنبوري تي چاڙهي خيال جي آڱر هڻندس تہ ٻڌڻ سان ٻيا بہ بيهوش ٿي پوندا

260. عبديت ۽ احديت جي حقيقت اها آهي تہ جيڪو سڪ ۽ محبت سان ذڪر ڪندو تہ اهو لوهہ مان تار ٿی پوندو. لوهہ عبديت آهی. فولاد احديت آهی. پوءِ طالب ٻلیءَ مان شينهن شير خدا ٿي پوندو. ذات وجي رهندي صفات سڙي ويندي.

261. فولاد جي تار مان اهڙو سُر پيدا ٿيندو جيڪو گرنار جي ڪوٽ تي وجي پهچندو. گرنار جي ڪوٽ عرش عظيم آهي طالب جڏهن مدينتہ العلم جي دروازي تي اها تند وجائيندي تہ پوءِ اهو طالب

مطلوب يعني مڱڻهارپيجل آهي جيڪو سر ڪانسواءِ خالي نہ موٽندو.

262. جيڪو طالب اها تند وڃائيندو سو راجا جو سر وٺندو. پوءِ راجا ۾ راڳي هر دوئي هڪ ٿيا. اتي طالب مطلوب ٻيئي پاڻ ۾ هڪ ٿي ويندا.

263. طالب جي ذڪر جو هر هڪ ڦيرو عرش عظيم جو طواف آهي يقين ڄاڻو اها اڪئين ڏٺي ڳالهہ آهي.

264. اسان هينئر توڙي هٿ وڻا آهيون تہ عرش ۾ عرش عظيم ڪي طواف ڪندڙ سڀ عاشق ۽ عارف هتان ڏسون ٿا.

265. عرش عظيم جو فرش اهڙو رنگين آهي. جو ان جي ڳالهہ نہ ڪبي.

266. عشق جي ڳالهہ اهڙي آهي جو جيڪڏهن سربستي ڳالهہ ڪبي تہ زبان ڏري پوندي.

267. هڪڙي اسان جي صحبتي فقير کي ملان ڏس ڏنو تہ زباني ذڪر ڪر. پوءِ هو زباني ذڪر ڪرڻ لڳو. ان کي لاابالي مست آندل فقير چيس تہ اڙي اندرئون وهہ جو فائدو اندرئون ٿيندءِ.

268. اوهان جي حياتي بنا ذڪر جي بہ ختم ٿي ويندي. جيڪڏهن ذڪر ڪمائيندو تہ پاڪ حياتي حاصل ٿيندوَ

269. جيڪڏهن ذڪر ڪمائندوء تہ عرش عظيم بہ اوهان جو تخت آهي.

270. آدمي جي حياتي ائين آهي جيئن پاڻيءَ ۾ پتاشو ڳري وڃي. يا پيٽ مان هوا نڪري وڃي.

271. تون پاڻ تہ سنيار تہ ڪاٺئون جو آهين ۽ ڪاڏي ويندين.

272. دل کي اسم اعظم جو راوات هڻ نہ تہ تنهنجي ترار ڪٽجي ويندي.

273. اجايل کي نند نياڳا ٻي حاصل ڪندا آهن.

274. الله جي سڀاڻي ڏسڻ وارو دلاسو صفا ڪوڙو اٿو جيڪڏهن ڏسڻو اٿو تہ هت ڏسو سڀاڻي اهو انڌو الله کي ڪيئن ڏسندو.

275. هي آدمي وڏي درياهہ جا ڦڙا آهن. انهن جي سمجهائڻ لاءِ پنهنجو وزير موڪليائين.

276. وزير صاحب مدينہ ۾ ميٽنگ ڪئي. سڀني کي گهرائي هدايت جو رستو ٻڌايائين.

277. هڪڙن کي عام رستو نماز روزي وارو ڏسيائين ۽ ٻين کي خاص رستو اسم اعظم رستي معراج ڪرڻ وارو رستو ٻڌايائين. جيئن سان پاڻ ذات ذوالجلال وٽ ايندو ويندو هو.

278. ڪي خاص ان رستي سان هليا ۽ حق جي دربار ۾ وڃڻ ۽ عرش عظيم جا حقدار ٿيا. عامن مان بہ ڪن اهو چوڻ ورتو تہ ڪن نہ ورتو جن نہ چوڻ ورتو سي دوزخ يعني تحت الثريٰ جا حقدار ٿيا.

279. مدينہ ۾ وزير صاحب جيڪا اصلاحي ڪاميٽي جوڙي ان جو مک سربراهہ پير مولا علیہ السلام کي مقرر ڪيائين جنهن اهو خاص رستو چالو ڪيو.

280. عام رستي جا سنڀاليندو خليفا بہ مقرر ڪيائين.

281. عام رستي ۾ کائڻ پيئڻ اڇا ڪپڙا پائڻ حلال آهن. پنج وقتي نماز جي سنڀال خليفا ڪندا هئا.

282. خاص رستي تي هلڻ لاءِ اهل صفح وارا رهندا هئا. جن جي شادي قرآن پاڪ ۾ موجود آهي. تہ للفقراءِ الذين احصرو في سبيل الله. الخ اهي اٺين پهر ڪاڏو کائيندا هئا اٺن پهرن مان ننڊ بہ هڪ پهر ڪندا هئا.

283. انهن اهل صفحہ وارن جي سار سنڀال ڪندا هئا تہ ان کي پاڻ معراج بہ ڪرائيندا هئا. اهو پاڻ مان نڪري ملڪوت ۾ويندو هو.

284. انهيءَ خاص الخاص اهل صفحه واري جماعت کی هميشہ ڪوڙ نڱی زنا چوري ۽ گمراهی ۾ گهٽی ننڊ جو روزو هو. هنن جو خيال سدائين سينی ۾ هوندو هو. هو ڏهاڪی يا چاليهی ۾ رهندا هئا.

285. جيڪو آدمی وجود جو ڏيو ساقیءَ ڪوثر وٽ قربان ڪندو. اتی ان جو دين ڪفر بہ ان کان ڏار ٿيندو. پوءِ ذات حق وٽ ان جو عروج نزول پيو وٺيندو. فقير بہ ان کی چئجی.

286. حضرت رسول الله فرمايو آهی تہ روزو ٽن قسمن جو آهی (1) عام (2) خاص )(3) خاص الخاص. عام روزو ظاهري روزو آهی اهو روزو سج جو پابند آهی. هو روزو تہ جهنگلی جانور بہ رکن ٿا، جو ڏينهن جو چار ئی پهر ستا پيا هوندا آهن ۽ اونداهہ مهل نڪرن کائی پی وري باک ڦٽل مهل وچی جهنگل ۾ لکن.

287. خاص روزو آهي ڪوڙ نڱي زان چوري کان پري هرڻ امر انهي تي قائم رهڻ.

288. خاص الخاص روزو اهو آهی تہ ڪوبہ غير خيال دل ۾ نہ آڻ . دم دم سان الله جی ذڪر جی سنڀال ڪرڻ. دم قضا نہ ڪرڻ.

289. جيڪو اهو روزو رکندو سو جسم مان نڪري جلد معراج ڪندو. صفات مان نڪري ذات وچی ذات سان ملندي اها انتها آهي. ان کان وڌيڪ بيو ملڪ ڪونهی.

290. زمانی جا ماڻهو ڏئو ڪري شڪرانا ڪن ۽ شاڪر خان بنجن پر انهن جی منهن ۾ نفس لانگ کينون مٿي ٿو. چو تہ کاڌي تي شرانو نفس جی کاتی آهی.

291. حقيقی شڪرانو اهو آهی تہ دم دم الله جی ذڪر سان هلی. اهو آهی الله جی نعمت جو شڪرانو دم نعمت الاهي آهي. هر هڪ دم ذڪر سان هلائڻ صحيح شڪرانو آهي.

292. ڏوَ تي شڪرانو ڪرڻ جي معنيٰ اها آهي تہ روزانو اسان کي اهڙا ڏوَ ڪراءِ تہ جيئن اسان جو نفس ڪائي پيچ ڪري. پوءِ اهو نفس جو شڪرانو آهي.

293. سيني ماڻهن کي هوسن جي دال ڪائڻ ڪري پرتي ۽ بندش آهي جيڪڏهن انهن جي دل ۾ الله جي ذڪر جو حقنو ڪرائجي تہ بندش کان چٽي پون ۽ حياتي بہ وڏي ٿئين.اهي جيڪڏهن حاذق حيڪم وٽ ايندا تہ صبح يا شام مري ويندا.

294. اهو نفس بيابان جي چپ آهي. ان ڪيترن جا پاڪائي جا لنگ ڦاڙي ڇڏيا ۽ کين گمراهہ ڪري ڇڏيائين.

295. اهونفس ڪوري آهي جيڪو بوتي ۾ سڌن جي جوڙي ٿو اٽي هرهڪ تند سان عرش مان شاهہ اعظم لعنتون ٿو وجهيس.

296. مرڻ کانپوءِ دنيا وارن کي اهو لعنت جو ڪفن ملندو. پيشماني جي ٽاڪن سان سبيل پائيندا. اهڙي پوشاڪ ۾ ويڙهي سيڙهي جهنم ۾ اڇلائيندن.

297. جيڪو اسان جو طالب سڌائي نفس جي تابعداري ڪندو تہ اهو اسان جي دربار مان لوڏيل آهي.

298. اسان مرشد ان جا ۽ هادي آهيون جيڪو اسان جي چوڻ تي هليو. ۽ پاڻ سجاتائين.

299. جيڪو اسان جو طالب ٿي نفس جو تابعدار رهندو تہ خبر نہ اٿو تہ اسان جو نالو واحد القهار آهي. ان کي جهنم ڏي موڪليو.

300. اهو نفس اولاد ۽ ٻچن جي تابعداري سيکاريندو آهي ۽ عارفن جي صحبت کان منع ڪندو آهي ۽ چوندو اٿن تہ اهي سچا آهن اوهان بہ انهن وٽ ويندوءِ تہ سجاتي ويندوءِ.

301. نفس کي سمجهي ٿو عارفن وٽ منهنجي کهڻ جو هٿيار آهي تنهنڪري جهليندو اٿن تہ جي انهن ڏي ويا تہ منهنجي ٻيڙي ٻوڙيندا.

302. صوفن جي صحبت ۾ منهنجا ختما جماٽا ۽ عيش عشرتون بند ٿي وينديون. گهڻو کائڻ گهڻو ڳالهائڻ گهڻي ننڊ ۽ زال سان روزاني همبستري ڪرڻ به بند ڪرائيندا.

303. جيڪڏهن ان نفس کي ڪتا بچائي مارائجي ته به ڪو گناهه ڪونهي ثواب آهي.

304. جيڪڏهن ڪتو ڪافر ان نفس کي بي گناهه ماري وجهي ته به ان ڪان پلاند نه وٺجي.

305. اجا به هن کي سنو ڪاڏو يا حلوو ڪارائجي ته چڱو ڪيائين.

306. اهو نفس معدي جي مس ڪپڙي ۾ زير نافن جو نائو وجهي وهمن جي قلم سان دل جي پاڪ دفتر تي خراب ليڪا ٿو ڪڍي.

307. ان مس ۾ اکرن مان ڊونڊ جي ڏپ پيئي اچي انهن اکرن ۾ مسن تي مکين جا جهوم اچي ٿا گڏ ٿين. دل ۾ روح هن جي ڏپ ڪان دانهون ۾ فرياد ٿا ڪن.

308. هن جي لکڻ مان راج قيد ٿي ويا. جو اڳ ڪنهن ڪونه ورتس.

309. اهڙي حراميءَ ۾ جيڪو چڱائي جي اميد رکندو سو به حرامي آهي الخبيثت للخبيثين.

310. جيڪو ان مان پاڪائي جي اميد رکندو سو ڪڏهن به مسلمان نه ٿيندو. قلم لتن سان چٽي ڇڏيوس.

311. جيڪو ان به حوض ڪوثر جي ساقي جي پير وٺندو ته بچندو نه ته ان جي مڪرن راج گنوائي ڇڏيا.

312. اهو نفس ڊيڊ آهي جو حلال به کائي ته حرام به کائي ڪنهن ۾ اڙيو نه رهي. ان کي سئنکيي جي تڪي ڏجي ته پل ڳري مري وڃي.

313. جيڪو ان جو چيلو ٿيندو ته ان کي ويد شاستر ۾ نوڏڪرڙا پيو پڙهائيندو.

314. رات جو به پنهنجي ڪنڌئي ڪان چيچن تي پيو ليڪا ڪرائي.

315. مطلب تہ هی جيئرو چڏڻ جهڙو نہ آهی ڪنهن شهر ۾ قتل ڪرائی چوسول ۾ لٽڪائی خاص مردانو عضوو وڍي وات ۾ڏيئي ڇڏجيس ۽ پويان ڪِلو لنگهائجيس.
316. نفس جو منهن ڪارو ڪري شهر جي چئني ڪنڊن ۾ عضوو عضوو ڪري ٽنگی ڇڏجيس.
317. جيڪڏهن ماڻهو پڇن تہ هی ڪير آهی تہ چئجي تہ هي ٻائو ٻڏ ٻبوڪ جتی ستی جاهومل حرامی نفس آهی.
318. ڪامل مرد تڏهن ٿو ٿئی جڏهن هو حق جو وصال ٿو ماڻی.
319. ارمان آهی جهان جی ماڻهن جو جيڪي ڪائن پيئن الله جو ۽ ڇيو مجيين ان نياڳی نفس جو.
320. جڏهن اسم اعظم جی لذت آئی تہ سڀ خلق کان بيزار ٿياسون. برادري جی اچڻ وڃڻ ختمن وهانون هندن جي طعامن ڏامن کان قسم کڻی ڇڏيوسين.
321. دنيادارن جو موت ڦڪڙي خواري ۽ سڪرات سان ٿيندو. هتان بہ وارنٽ سان ويندا تہ اڳيان بہ اهوحال اٿن دنيا ڪابہ مدد ڪانہ ٿي ڪرين.
322. آدمی عرش تان لهي آيو آهي مگر اچڻ سان واڳونءَ جي وات ۾اچی پيو آهی.
323. هی نفس واڳونءَ مثل آهی ساروجهان ان جی وات ۾ غرق آهي.
324. هی لذات مزات عيش عشرتون سڀ واڳونءَ جو وات آهن
325. خاص ڪري ظاهر وارا پير بزرگ شيخ المشائخ ان واڳونءَ جی وات ۾ آهن ڪجهہ غريب غربا بہ مطلب تہ سيني کي هن نفس ڳهی ڇڏيو آهی.
326. الله جی ذات بی پرواهہ آهی. هت سيد يا ڪنهن بہ ذات جی پرواهہ ڪانهی. مولاجی ملڪ ۾ جوڪتي سو کائي .جيڪو ان کي ياد ڪندو هو ان جو آهي.

327. جيڪو پوکيندو سو لڻندو. جيڪو پوکيندو ئي ڪونه سو لڻندو وري ڪٿان.

328. جنهن نه پوکی سو پنندو ته به لپ ان جی ملندس. پنڻ مان پوري، ڪانه پوندس. پوکی ها ته جيڪر هن جدر تان ٻيا اچی ٻنن ها.

329. الله جو ذڪر دم سان ڪمائڻ به هڪ قسم جي پوک آهي. ان جي پيدائش وصال حق جو حاصل ٿيڻ آهی.

330. الله جو دم سان ڪمائڻ ڪو جبرائيل جی گهوڙي جی سنبن واري مٽیءَ کان به گهٽ آهی ڇا جو ان مٽیءَ مان سامري گابو ٺاهيو هئائون اهو به ڳجهه جون خبرون ڏيندو هو.

331. جتی الله جو ذڪر هلندو اتان الله نه ڳالهائيندو ڇا ۽ اهو آسمانن جون خبرون نه ڏيندو ڇا؟

332. جيڪو عارف هڪ دفعی جسم مان نڪر اسم اعظم ذريعی نڪري معراج ڪندو ته اهو هري ويندو پوءِ هر دم ان کي معراج آهی.

333. جيڪو ان ڪماليت تی پهتو ته ان جی اک غوثن قطبن تي به نه پوندي، هاءِ هاءِ اهو فقير اهڙو لا پرواهه آهی.

334. ڪامل فقير اهو آهی جيڪو جسم مان نڪري حضرت رسول ڪريم جن وانگر معراج ڪري پوءِ ساري عمر اک ڇنڀ ۾ پيو ايندو ويندو.

335. سيد به ان ملڪ جی واقف کی چئبو آهی.اصلی ساداتن جو حق به اهو ملڪ آهی. مگر پوين. پوڙ ڀلاءِ کائي عيش عشرتون ڪري اهو حق وڃائی ڇڏيائون.

336. حضرت رسول الله صلی الله عليه وسلم جي فقيريءَ جو رستو ڏاڍو سولو ٺاهيو آهي. دم ته ائين به هلي ٿو. مگر صرف ذڪر جو خيال رکڻو ٿو پوي. زماني جي ڪم ڪار سان به پيو هلندو.

337. ڪن سالن ڪانپوءِ جڏهن طالب کي وصال ويجهو ٿيندو تہ زماني تان از خود هٿ کڄي ويندس. قائم فقيري اها آهي.
338. چرين سودائن وانگر نہ مگر هوش هواس سلامت هوندس. مگر معرفت جي وصال حاصل ڪرڻ لاءِ هن کي في الحال ڪثرت کان آجو رهڻو پوندو.
339. جڏهن ڪماليت کي پهتو تہ پوءِ اهڙو داناءُ ٿي پوندو جو زماني جي سموري بادشاهي هلائي تہ بہ پرواهہ نہ هوندس.
340. اي طالب تون سڄو ذڪر ۾ گم ٿيءُ جوان مڙسي وارا چرچا پوڳ ڇڏي ڏي تہ توتي حق جو راض ٿئي.
341. دنيا جي محبت ۽ دنيا لاءِ ڊوڙڻ ۽ دنيا وارن سان دوستي رکڻ سوئر سڄي شڪار وانگر آهي جو شڪاري ڪتا بہ ڊوڙائن تڪليفان بہ ڪن. سوئر بہ مارائن مگر موٽڻ مهل سڪٽا هٿين خالي گهر ڏانهن موٽن.
342. دنيا گڏ ڪرڻ جو اهو حال آهي جو گڏ ڪندڙ کي ان مان ذرو بہ نصيب ڪونہ ٿيندو.
343. دنيا اها حلال آهي جيڪا خدا جي راهہ ۾خرچ ٿئي پاڻ بہ کائي مسڪين يتيم بہ کائن.اها دنيا ٻيڙيءَ لاءِ پاڻي جي مثال آهي ڇو جو پاڻيءَ ڪانسواءِ ٻيڙي تري ڪين. سگهندي مگر اهو ئي پاڻي اگر اندر گڏ ٿيئس تہ ٻوڙي ماريندس نہ تہ پاڻي ٻيڙي جو بچاءُ ۽ حياتي آهي ۽ موت بہ اٿس.
344. ٻيڙي هيءَ دل ۽ وجود آهي. دنيا بہ پاڻيءَ مثال آهي. خدا جي راهہ ۾ خرچ ڪيائين تہ تاريندس جي صرف بند ۾ گڏ ڪيائين تہ ٻوڙيندس.
345. اي ڪتاب جا پڙهندڙوءِ ۽ ٻڌندڙو عارفن جهڙوڪ بيدل فقير سچل فقير عطار ۽ حافظ سيني عاشقن حُسن جي تعريف ڪئي آهي. ان مان ائين نہ سمجهو تہ ڪو مخلوق يا زائفان يا ڪنهن

چوڪري تي تعريف ڪئي اٿن. اهي سڀ تعريفان ان شهنشاهہ جون آهن جنهن هي جهان جوڙيو آهي. هي حسن وارا آدمي انهيءَ اعظم درياهہ جا ڦڙا آهن.

346. فقيرن عارفن جي ڪيل تعريف سڀ ان سمنڊ جي تعريف آهي. هي جهان جي خلق سرون آهن ۽ هو قالب آهي.

347. عارفن عاشقن سر مارئي سسئي پنهون. هير رانجهو يا ليليٰ مجنون وغيره جا قصا پنهنجي نموني سان ڳايا آهن تن ۾ صرف پنهنجي سڪ جي ڳالهہ ڪئي اٿن. انهن دنيا جي ظاهري عاشقن جي لڪ ۾ سسئي مارئي يا هير پاڻ ٿيا آهن پنهون ۽ رانجهو ذات ذوالجلال کي نسبت ڏني اٿن. ڪيڙا پيڙا ۽ سسئي کي منع ڪرڻ واريون سهيليون نفس ۽ نفساني خيالات آهن.

348. اُٺ هي دم آهن. ننڊ ۽ غفلت وارن دمن سان پنهون هليو ٿو وڃي. هي بہ جيڪڏهن سسئي وانگر ننڊ ڪندو تہ الله هن کان بہ هليو ويندو.

349. جنهن ماڻهوءَ هماليہ جبل ۽ درياهہ ڏٺو هوندو سو هر هنڌ پاڻيءَ کي سڃاڻندو ڪڙئي کي بہ درياهہ چوندو.

350. جيڪو اسم اعظم ڪمائيندو سوئي هماليہ جبل ۽ درياهہ ڏسندو.

351. جنهن جوانيءَ ۾ پيريءَ ڏي خيال ڪيو سو يڪدم الله لهندو.

352. چاليهہ ورهيہ ٿيا آهن جو ذاڪر مان ڦري بي ذڪر ٿيا آهيون.

353. وصل ڪانپوءِ هڪ دفعي ذڪر ڪرڻ جي سڪ لڳي ۽ ذڪر جو هڪ پيرو ڏٺو سون تہ يڪدم عرش مان هڪل آئي تہ توکي اجا بيو الله ڏسڻو آهي جا جو اجا ذڪر ٿو ڪمائين.

354. پر هلندڙ طالب ذڪر نہ ڪمائيندو تہ گمراهہ ٿيندو ۽ الله لهي نہ سگندو. اسان هيءَ ڳالهہ وصل تي پهتي کان پوءِ جي ڪئي آهي.

355. جيڪو ذڪر ڪمائيندو سو الله ڏسندو. جيڪو ڳوليندو سو لهندو.

356. طالب کي پنهنجن سان ٻه چريائي ڪرڻ ڪپي تہ پوءِ ٻيا ٻہ لحاظ ڪندا.
357. اصلی اهڙو چو نہ ٿجی جو جاجڪ کی ٻہ جواب ڏجی تہ ٻانہڻ کی ٻہ جواب ۽ اهڙو چو نہ ٿجي جو سائين ٿي پئجي هي سڄو الله تي پوي
358. الله جو ذڪر قلب کی ائين صفا ڪندو آهی جيئن ڪهاڙي روهي تی تکی ڪبی آهی. تہ پوءِ جتان هٽبی تتان پار ويندي.
359. الله جو ذڪر عرش جی چڙهڻ لاءِ ڏاڪڻ آهی.
360. ذڪر ڪانسواءِ هزار زاريون ڪندو تہ ٻہ رسول الله صلی الله علیہ وسلم ٻہ ڏسي ڪو نہ سگهندو. ذڪر الاهي رستو آهي.
361. رسول جي معنيٰ نياپو آڻيندڙ آهي. فقيرعارف الله جا قاصد آهن.
362. هي آدم سڄو حجاب آهي. اسم اعظم هن کي ٻي حجاب ڪري ٿو نہ تہ آدمي لاحجاب ڪونہ ٿيندو.
363. آدمي جڏهن هن حجاب کان نڪرندو تہ سڀ آسمان پڌر تي پوندس شاهہ اعظم ٻہ پڌر تي ڏسندو.
364. اسان عشق جي ڪعبہ وارو احرام روزازل کان ٻہ اڳي ٻڌو آهي. روزازل وارو ڏينهن ٻہ پوءِ ٿيو آهي.ان کان 300 ورهيہ اڳي اسان اهو احرام ٻڌو هو روزازل ڪالهہ ٿيو.
365. حقيقت ۾ انبياءَ ۽ اولياءَ ستار آهن. معرفت جو سج اهو ذات ذوالجلال آهي.
366. جڏهن طالب عارف جي دل ۾ اهو معرفت جو سج اڀريو تہ ان دل تان ستارن جو آسرو محو ٿي ويندو. ان سج اڳيان ستارن جو نالو ئي نہ رهندو.
367. جڏهن کان اسان جي دل ۾ اهو معرفت جو سج اڀريو تہ اسان جي دل ۾ رڳو ان سج جي صحبت وڃي رهي آهي. ستارن جو احتياج ئي ڪونهي.

368. اي طالبو جيئن توهان هتان چوڏهين جو چنڊ ڏسندا آهيو تيئن اسان هينئر بہ اهو لم يزلي بادشاهہ ظاهر ڏسون. توڙي توهان سان ڳالهائڻ ۾ مصروف آهيون.

369. زمين کان جيڪا اڳي ڪري هئي جنهن لاءِ حضرت رسول الله صلى الله عليه وسلم حديث فرمائي آهي اها هاڻي بہ اسان ظاهر ٽا ڏسون.

370. ان ملڪ ۾ جنهن ۾ اسان ويا آهيون ان ۾ طرف اطراف ڪونهي. مگر بہ نسبت هن دنيا جي ان ڪڪري ۽ کي چوڌاريءَ احاطو آهي. اولهندي کان دروازو پايہ پايہ نمونی اٿس.

371. جڏهن زمين آسمان ڊهی ويندا تہ بہ اها ڪڪري ۽ ان جو مالڪ رهندا. بهشت دوزخ عرش ڪرسيءَ ۽ آسمان سڀ ڊهی فناءِ ٿی ويندا. كُلُّ مَنْ عَلَيْهَا فَانٍ (٢٦) وَّ يَبْقٰى وَجْهُ رَبِّكَ ذُو الْجَلٰلِ وَ الْاِكْرَامِ ۚ جو قرآن گواهہ آهی.

372. جيئن جيئن طالب جی دل تی اسم اعظم وهندو تئين مرشد جو ادب وڌيڪ ٿيندس. جنهن مهل طالب جو ذڪر ڍرو ٿيندو تہ طالب گمراهہ ٿيندو. گمراهہ آدمی بی ادب آهی.

373. اصل ۾ ادب عشق سيکاريندو آهي. جنهن وٽ عشق الاهي آهي سو اديب آهی.

374. خبر اٿو تہ عشق الاهی ڇا آهی؟ اهو ذڪر الاهی خود عشق آهی.

375. اسان جا ويجها مٽ مائٽ اسان جی عشق جی فيض کان محروم آهن. جيڪي ويجها آهن سي پري آهن. جيڪي پري آهن سي ويجها آهن.

376. حقيقت ۾ اسان جا مائٽ بہ اهی آهن جيڪي ذڪر الاهي ۾ گم آهن غافل اسان جا مائٽ نہ آهن.

377. ويجها پري ۽ پري ويجها ٿيا آهن. جيئن درياهہ جی پر ۾ نار چڙهندا آهن ۽ پري درياهہ جو پاڻي بہ موڪ لائيندو آهي.

378. انبيائن ۽ اوليائن کان سندن مٿ مائٽ ان ڪري پري ٿيا جو هو حجتي ٿي پيا مائٽ ڪري سمجهيائون. روزانو ڏسي بي اعتبار ٿي پيا.

379. جيڪو عشق جي اسڪول ۾ ويو تنهن جو ڪثرت کان هوش ڪڇي ويندو دنيا سان ڪونه رلبو.

380. عشق جا ٻه اسڪول آهن(1) دهقاني يعني ڳوٺاڻو اسڪول ان جو استاد فقير عارف آهي.(2) ملڪوت ستين آسمان تي، جتي طالب وڃي مرشد سان گڏجي وڃي عشق جو امتحان ڏيندو آهي. پوءِ اتان من خدايم جي سندَ ملندس.

381. جيڪو مرشد واري عشق جي اسڪول ۾ ويندو سو ملڪوت ۽ عرش عظيم ۾ ويندو جيڪو دهقاني اسڪول ۾ نه ويو سو مٿي ڪيئن ويندو. جاهل ڪهڙا امتحان ڏيندو.

382. ماڻهو گهوڙا ته ڏارين ٿا. انئي پهر هنن جي خدمت پيءُ کان به وڌيڪ ڪن ٿا. اڙي اهو براق لا اُبال چو نه ٿا هٿ ڪريو جيڪو عرش جو سير ڪرائيوَ.

383. اسان جو ظاهري بوتو هت ٿا ڏسو مگر اسان جو براق لااُبال عرش کان به پري جولان ٿو ڪري. اسان جي براق جو عرش کان تحت الثريٰ تائين سير آهي.

384. غوث قطبن جي حد وڏ ۾ وڏ بهشتن تائين ٿيندي مگر عاشقن جي حد تمام پري آهي جتي ڪثرت اصل ڪانهي. فقير جتي ويا اتي بهشتن جو ڏس ئي ڪونهي.

385. قطب ستارو به اونداهي معمولي رهبري ٿو ڪري مگر سچ ايرڻ کان پوءِ اهو به رئي ٿو ٿي وڃي.

386. پنگ ۽ نشيدار شين کان طالبن کي پري رهڻ گهرجي چو ته اهي خبيث عادتون آهن.

387. طالب کی جڳائی تہ اندریون عادتون هٽائي ائين نہ ڪري جو ٻاهريون عادتون بہ پاڻ ۾ وجهي.

388. وڏي واهہ مان ترڻ لاءِ ڪپڙا لاهبا آهن ڪپڙن سوڌو وجبو تہ ٻڏي وجبو.

389. هی بوتو بہ روح جو ڪپڙو آهی آسمان بہ عرش جی وحدانیت جا درياه آهن روح جو ڪپڙو بوتی وارو لاهبو تہ تري وجبو تہ نہ ٻڏي ويندو. هن ٻَر عشق جی ملڪ ۾ تپی نہ سگهندو.

390. بوتی جو ڪپڙو اسم اعظم ڪمائڻ سان لهي ويندو آهي. بنا ذڪر جی اهو لهڻ سولو ڪونہ آهی.

391. ورد وظيفا ۽ نمازون ۽ روزن سان اهو بہ بوتو ٿلهو ٿيندو ويندو. مگر لهندو ڪونہ

392. ٻيا ذڪر بہ گهڻائی آهن مگر انهن مان هڪ سردار ذڪر آهی. جنهنجو نالو اسم اعظم آهی. اهو اسم اعظم الله هٿ ڪرڻ ڪاڻ ائين آهی. جيئن مڇیءَ ڪاڻ چار آهی.

393. اهو ذڪر ڪنهن ٻاڳ واري کي هٿ ايندو جنهن مان هو واصلي ٿيندو.

394. اسان ذڪر ڪمايو تہ ان جي حد اتي ڏٺي سين جتي ساري ڪائنات جو دفتر آهی.

395. مرد عارف بہ اهو آهي جيڪو اسم اعظم جي حد ڏسي ۽ اهو ملڪ ماڻی.

396. هڪڙي بی خبر صوفی کان پڇيوسون تہ تون اسم اعظم سان هوندي؟ تنهن تی چيائين تہ مان اهو ذڪر بالڪپڻ ۾ چڏيو آهی. اسان چيس تہ تو تہ ذڪر کی چڏيو آهی. مگر اسم اعظم توکی ڪٿی چڏيو. اها حد ٻڌاءِ يا جَٽَ جی پٽ وانگر تو ڪتابن جو ڪوڙ ڪري مٿان تپی ويو آهين. ۽ ماڻهن کي پڙهين ٻڌائي ٿو تہ منهنجو پٽ سيني ڪتابن مان تپي ويو آهي.

397. جڏهن طالب جو روح ذڪر سان واڳجي پيو تہ ننڊ ۾ بہ ذڪر پيو هلندس.

398. طالب لاءِ رات جو زمين تی ويهڻ ۾ مراقبہ ڪرڻ تمام فائديمند آهی. هيٺ ويهڻ سان نفس ذليل ٿئي ٿو ۽ روح طاقت ٿو وٺي ۽ آسمانن ڏانهن پرواز ٿو ڪري.

399. هيٺ ويهڻ سان ذات ذوالجلال کی تمام گهڻو رحم ٿو پوي.

400. طالب جو نفس بڇڙائی ڪري تہ بک ڏجيس ۽ هيٺ ويهارجيس ۽ پنهنجی ويلی واري مانی ڪنهن بئي کي ڏئي ڇڏجي تہ پوءِ نفس نرم ٿيندو ۽ سڌو ٿی پوندو.

401. طالب تی راءُ تڏهن راضی ٿيندو. جڏهن طالب جی ذڪر جا سڏ الله جی عرش کی تپائيندا. پوءِ عرش مان ذات ذوالجلا ل مقام محمود جي مالڪ رسول الله ﷺ کي حڪم ڏيندو تہ ان طالب جي سڏن تپايو آهي. ان کي هيڏانهن گهرايو چو تہ اوهان جو مسلمان امتي آهي.

402. پوءِ اهو حڪم جبروت مان رسول الله ﷺ جي روح مان نڪري ملڪوت واري بادشاهہ ڏي ايندو پوءِ اهو ملڪوت وارو صاحب طالب جي مرشد کي گهرائي حڪم ڪندو تہ ان طالب جو توتي ويساهہ آهي. ان ڪري تون هيڏي درگاهہ الاهي ۾ وٺي اچينس. پوءِ هن کي مرشد وٺي ويندو.

403. پهريائين هڪ هفتہ اڳ ۾ طالب کي فاينما تولو فثم وجہ الله ذات جي صورت اظاهري ٿيندي پوءِ مرشد وٺي هن کي خوني درياه ۾ غوطا هڻائيندس.

404. پوءِ جيڪو ان ملڪ ۾ويو سو ڪڏهن ڪونہ مرندو. قيامت تائين جيئرو رهندو.

405. جيڪو بہ آدمي اسان جي صحبت ۾ ايندو تہ اهو بہ قيامت تائين نہ مرندو.

406. جيڪو اعتبار ڪري ته ائين آهي. جتي اسان ويا آهيون اتي موت جو ڏس ئي ڪونه آهي.

407. جيڪڏهن ريڊا وينا آهيون ته واهه نه جيڪڏهن هوڏي خيال ٿا ڪريون ته رڳو اک جي ماٽڪي مٿي ٿا ڪريون ته لامڪان جي تخت تي ٿا ڪريون.

408. اسان عرش کي ائين ٿا ڏسون جيئن هٿ جا ليڪا چٽا ٿا ڏسون.

409. جنهن وقت کان معراج ٿيو آهي. تڏهن کان جنهن به عارف جي مقبري وٽان لنگهڻ ٿيندو آهي. ته اهو ميل کن پنڌ اڳتي اچي استقبال ڪندو آهي اهو ڪو عشق جو اصلي قائدو آهي.

410. اڙي جبرائيل ته هت عرش جي اوريئون آهي. اسان فقير اتي ويا آهيون جتي عرش ڪرسي به نه آهي. فقير بيحد ملڪ ۾ ويو آهي. ان ملڪ جي نالي جي ڪنهن کي به خبر نه آهي ۽ ان ملڪ جي حد به نه آهي.

411. جيڪي جسم جي قيد ۾ رهجي ويا سي هت به قيد ۾ ته هت به قيد ۾ ۽ الله جي ديدار کان بي حاصل هوندا.

412. جيڪي جسم جي قيد مان نڪتو سو لاقيد آهي.

413. مڙس اهو آهي جيڪو به پيرا ڄمي حضرت رسول الله صلى الله عليه وسلم حديث ۾ فرمايو آهي ته هڪ دفعي ڄمڻ ماءُ جي گرڀ مان نڪرڻ آهي. ٻيو دفعو ڄمڻ اسم اعظم جي طاقت سان جسم مان نڪرڻ آهي. بوتي مان نڪري آسمانن ڏانهن عروج ڪرڻ آهي. ٻن دفعن وارو ڄمندڙ امير آهي.

414. جيڪو به گهمرا نه ڄائو ۽ هڪ گهمرو ڄائو سو اسير آهي.

415. جنهن جي ٻوبان ڄڄ هلي اهو گهوٽ آهي.

416. گهوٽ ڪانسواءِ ڄاڄي تماش بين هوندا آهن.

417. نفس ٻهراڙيءَ جي ڪتي وانگر آهي. جيڪو لٺ سان وٺائنس لنگهيندو سوجان ڇڏائي ويندو. جنهن کي لٺ ساڻ نہ هوندي تہ ان کي ڏاڙهي کائي ويندو.

418. ان ٻهراڙيءَ جي ڪتي لاءِ ذڪر الاهي لٺ آهي جيڪو ذڪر کانسواءِ آهي سو بنا لٺ جي آهي کاڄي ويندو.

419. جن فقيرن معراج محمدي ڪيو آهي تن جي صحبت ڪرڻ خودي الله جي صحبت آهي.

420. دين اسلام جون ڳالهيون تمام سوليون آهن جيئن ٿي ڪاسا ان هڪ روپئي ۾ ملي مگر آسماني معراج تمام اوکو آهي. حقي مسلمان بہ اهو آهي جنهن معراج ڪيو آهي نہ تہ ٻيا زباني مسلمان آهن.

421. وهم ۽ دليل سڀ الله جي اڳيان منڊا آهن مگر اهو جواب ڪير ڏيندو تہ احد احمد ۽ محمد ڪهڙي حد وٺان جدا ٿيا.

422. آدمي جيستائين ٻانهو آهي تيستائين موچڙن هيٺ آهي.

423. هڪ دفعي ريل گاڏيءَ ۾ مريدن وارو سيد مليو پڇيوسونس تہ ڪير آهين چيائين تہ سيد آهيان چيوسونس تہ سيد ٿي آهين يا نہ سمجهو هو چيائين تہ نہ.

424. جيڪو الله تي عاشق آهي اهو صحيح سيد آهي جيڪو عاشق نہ آهي سو سيد نہ آهي.

425. مرشد وٺڻ جي لائق بہ اهو فقير آهي. جنهن جسم مان نڪري رسول ڪريم ﷺ وانگر معراج ڪيو هجي

426. هڪڙو اکين جو حڪيم آيو پڇيوسونس تہ ماڻهن جو اکيون تون ناهيندو آهين چيائين تہ هائو پڇيوسونس تہ آسمانن کان پرتي عرش عظيم تائين ڪهڙي حقيقت آهي. زبان بند ٿي ويس چوڻ لڳو تہ مون کي خبر آهي پوءِ چيوسونس تہ جي تنهنجون اکيون ٺي تکيون نہ آهن تہ ٻين جو اکيون ڪهڙيون ٺاهندين.

427. اسان چيس تہ فقير تي اهڙي عنايت آهي جو اسان کي عرش جا منارءِ حاطي جا ڪنگرا هتان ڏسڻ ۾ ٿا اچن چوين تہ ڳڻي تعداد ٻڌايونءِ

428. عاشقن عارفن جو قتل ٽيڻ ٻن قسمن جو آهي. هڪ آسماني ستين طبقہ تي ملڪوت ۾ موتو وارو روحاني قتل جسم ۾ ڪارگر شيءِ روح آهي. جو هزار دفعا مري ۽ زنده ٿئي تہ بہ باطن وارو اهو ئي هوندو.

429. ٻيو قتل جيڪو فقير عارف کي ڪو ظالم بوتي ۾ قتل ڪري وجهي. پوءِ اهو ظاهر باطن قتل ٿيو.

430. عاشق عارف سچل بيدل ۽ ڀٽائي صاحب وغيره ٻڌو ٿا اهي باطن ۾ قتل ٿيا جو اج تائين جيئرا آهن.

431. هتان وارن ماڻهن کي عشق جي ڳالهہ ٻڌڻ تي عجب ٿو لڳي جو هنن ڪا شيءَ اڳ نہ ڏٺي آهي نہ ٻڌي آهي.

432. افسوس جو اهي غير علائقہ وارا ماڻهو بہ سنڌ جي ڳالهہ ٻڌاندا آهن مگر هتان جي ماڻهن کي عرش جي ڳالهہ جي بہ سڪ ئي نہ آهي.

433. جيڪو ڏينهن جو جنهن ڏنڏي سان هوندو تہ رات جو بہ انهيءَ ئي خيال سان هوندو.

434. جيڪو ڏينهن جو بہ ذڪر سان رهندو ۽ سومهڻي مهل ذڪر اسم اعظم هلائي هلائي سمهندو تہ ان جو روح بہ ننڊ ڪئي ڪانپوءِ بہ ذڪر ڪندو رهندو.

435. جيڪو بوتي مان آواز ٿو ڪري سو روح جو آواز آهي جيڪڏهن اهو آواز بوتي جو هجي ها تہ مرڻ ڪانپوءِ بہ بوتي مان آواز اچي ها.

436. هڪ دفعي اسان جو طالب اسان وٽ رات رهيو. اڌ رات مهل ڏنوسون تہ هن کي ننڊ هوندي سندس سيني مان ذڪر اسم اعظم جو آواز پي آيو جيئن ڏاڍيان زبان ذڪر ڪبو آهي.

437.اڙي اوهان اسانکی شَرُ ڪري سمجهيو آهی. بوتو ڏسی نہ پلجو. لامڪان وارو ملڪ اسان کی آئينو آهي عرش ڪرسي بہ اوري آهن اسان جو عروج پري آهي.

438.اڙي اوهان ذات ڏسي نہ پلجو چو تہ رسول الله ﷺ بت پرستن وٽ نہ پيدا ٿيو هو ڇا؟ مگر الله اثبات هيس. انا احمد بلا ميمي جو نعرو هنيون هئائين.

439. چاليهہ ورهيہ ٿيا آهن تہ ڪوبہ ذڪر ڪونہ ٿا ڪمايون جو ذاڪر مان ڦري مذڪور ٿيا آهيون عبد مان معبود ٿياسون. ذڪر ۽ مراقبو عبد تي لازم آهن.

440. جيستائين طالب عبد آهي تہ ذڪر لازم اٿس. ذڪر مان انتها تي پهتو تہ الله ٿي پيو. پوءِ الله ڪنهنجو ذڪر ڪندو.

441. طالب جڏهن دوئي مان آزاد ٿيو تہ زير بالا عرش ڪرسي دنيا عقبيٰ ۾ الله آهي. جيسين پيو هو تيسين پيو پي ڏنائين.

442. جيڪڏهن ڪنهن سان اٿو بہ هجي ۽ پچائي نہ ڪائيندو تہ بک ڪانہ لهندس. طالب بہ ذڪر نہ ڪمائيندو تہ سيني وارو پيل ذڪر ڇاڪندس.

443. جيئن ڪوبہ هٿيار ساڻ بہ هجي ۽ استعمال نہ ڪبو تہ ڪهڙو فائدو ڏيندو.

444. جيئن ڪنهن سان سئنکيي جا بہ تولا ڪيسی ۾ پيا هجن ۽ ڪائيندو نہ تہ زهر اثر ڪونہ ڪندس نہ ڪي زهر جي ذائقہ جي خبر پوندس.

445. اهڙي طرح اسم اعظم جو ذڪر بہ نفس لاءِ زهر آهی، جيڪو ڪائيندو تنهن جو نفس مرندو. پيئی هنڌ زهر اثر ڪونہ ڪندس.

446. هی آدمی الله جو پاڇو آهي. پاڇي جي شڪل بہ آدمي جهڙي هوبهو هوندي آهی.

447. آدمي الله سان ائين گڏ آهي، جيئن ماڻهوءَ سان پاڇو گڏ آهي.

448. طالب جو ذڪر ڍور ٿيندو تہ مئي نفس کي ساهہ پئجي ويندو.
449. مئو نفس اٿيو تہ پرهيز ڍچي وجهندس.
450. اهو نفس اٿيو تہ چوندس تہ کلو گهٽ يا وڌ پئي راج سنئون کائي ويندا سين ۽ پاٺهيئي رسول الله ڇڏائيندو.
451. نفس جا دلاسا اهڙا آهن جڻ دستاويز لکي ٿو ڏئينس اهڙي پڪ ڏيئي بچڙا ڪم ڪرائي وجهندس.
452. اسان طالبن کي الله جو رستو ڏسيون ٿا سندن مئل دل فڪر الاهي سان جيئري ٿي پون ٿي. پوءِ بہ جيڪڏهن جهنگ ڏانهن هليو وڃي تہ وڃي گمهراهہ ٿئي ۽ وڃي بگهڙ کائنس پوءِ پاڻ ڇاٽي.
453. اسان جو اهو انجام آهي تہ جيڪو بہ اسان جو طالب آهي پوءِ ڪٽي غافل بہ ٿي پوي مگر زنا نہ ڪري تہ مرڻ مهل اسان ان جي حمايت ڪنداسين. ان وٽ حاضر ٿي ڪيس قبر جي پڇاڙي ۽ ڪلن ڪان ڇڏائينداسونس. ذڪر ڪمائيندو تہ الله ڏسندو نہ تہ بہ قبر تہ آزاد ٿيندس.
454. جيڪو طالب جسم مان نڪري ملڪوت واري منزل ۾ هفتہ تائين طواف ڪندو تہ اهو پروانو آهي ۽ ملڪوت شمع آهي.
455. ملڪوت ۾ پروانگي ڇٽي پوءِ جبروت ۽ لاهوت ۾ هڪ هڪ دفعو طواف آهي جو پرواني مان شهباز ٿي پوندو ۽ سندس هر هڪ پر عرش ڪان تحت الثريٰ تائين ٿئي ٿو عاشق جي انهن پرن جو واڪو اهڙو ٿئي ٿو جيئن ڏهن پندرهن جهازن جي گڏجي اڏرڻ سان ٿيندو آهي.
456. ماڻهو ڪتابن يا معرا ج جي ڳالهہ پڙهي ڏکي ٿا سمجهن مگر اسان کي هيئر بہ آئيني وانگر اکين اڳيان آهي. هتان وڃي ٿا سيڪجهہ ڏسون.
457. جيڪو ڪنهنجي ملڻ لاءِ وڃي سندس دڳ تي وينهندو تہ اهو ساڻس ضرور ملندو.

458.اسم اعظم ڪمائڻ ائين الله جي دڳ تي ويهڻ آهي. جيڪو نہ ڪمائيندو تہ اتي پيو ٿاٻا کائيندو.

459.اي طالبو ارمان ڇو ٿا ڪريو. اهو ملڪ ڪو پري آهي ڇا. مڙس اهو آهي جيڪو وجي ڏسي.

460.جيڪو رن جي انجام تي وڃي ويهندو آهي تہ اها زائفان ترارن مان بہ ان وٽ اچي نڪرندي آهي.

461.جيڪو سڪ ۽ صدق دل سان الله جي ڪاڻ ويهندو تہ الله ان سان نہ ملندو ڇا. هو الرحمان الرحيم ۽ ارحم الراحمين آهي سو طالب وٽ ڪيئن نہ ايندو.

462.خبر اٿو تہ الله جو طالب سان انجام ڪيل آهي تہ ونحن اقرب اليہ من حبل الوريد وفي انفسكم افلا تبصرون. وهو معكم اَينَ مَاكُنتُم. پوءِ اهڙو ويجهڙو سڪ وارن طالبن سان ملندو ڇا؟

463.طالب رات جو جاڳي ذڪر سان ٿو رهي تہ ڄڻ اهو خزانو ٿو گڏ ڪري. پوءِ جڏهن اهو سندس خزانو زور وٺندو تہ اپري وڃي عرش واري خزاني وٽ پهچندو. پوءِ ڦڙو درياهہ ۾ ملي درياهہ ٿي پوندو.

464.ڇپ اڏامڻ جي ڍري آهي مگر رنگ روپ باز جهڙو اٿس. هن جو شڪار ڪوئا آهي.

465.عارفن جا گادي نشين پوشاڪ بہ عارفن جهڙي ٿا پائين مگر هو پاڻ سدائين ڇپ وانگر سڏن جا ڪوئا ٿا مارين ۽ نفساني خيالن ۾ گم آهن.

466.مريد ايندن تہ چوندن تہ فلاڻي اُٺ ڏنو فلاڻي مينهن ڏني. اهڙا اٺر وڃي انهن کان بہ ڏن وٺندا آهن وري بنگلو يا پٽ اڏ ۾ رنڊائي ڇڏيندا آهن تہ ابا پئسو ڪونہ آهي ائين پيا غريب ڦريندا ۽ نفس کي پيا پاليندا.

467.اهڙن گادي نشين جي مريدن مان طالبن کي ڪوبہ ڇاڙهو ڪونہ ٿيندو.

## مصرع

او خوشين گم است که راه بري کند

هو پاڻ ئي گمراهي جي کوهہ ۾ پيل آهن ٻين کي ڪهڙو ڪيڏي سگهندا.؟

468.فقيريءَ جا پنج اصول آهن (1) خلوت دراجمن, فقير ڪچهري ۾ هجي تہ بہ چڱ اڪيلو آهي. پاڻ ۾ گم رهي. (2) سفر در وطن گهر رهي تہ بہ مسافر ٿي رهي(3) هوش در دم دم جي ذڪر ۾ خيال هجيس (4) نظر در قدم صرف ڪڏ ڪوبہ ڪي نظر ۾ رکي رستي وارن ڏانهن بہ نہ نهاري (5) ياد ڪرد باز گشت ٻيو سڀ ڳالهيون وساري صرف خدا جو ذڪر ياد ڪري. خدا ڏي موٽي پوي ۽ حق سان واصل ٿئي.

469.صوفي اهو آهي جيڪو جيئن الله ڏانهون پاڪ آيو هو تيئن الله ڏي پاڪائي سان موٽي وڃي.

470.اسان نوَ ورهيہ طلب ۽ ذڪر سان رهياسين تہ هڪ دم بہ قضا نہ ڪيوسي. تڏهن مقصد کي ٻهتاسي. نوَن. ورهين ۾ جنهن ڪتاب کي بہ نہ پڙهيوسي. ان عرصي ۾ اسان جا ڪتاب اڏايهي کائي ويئي مگر وصل کان پوءِ سيني عارفن جا ڪتاب سرڪار ايزديءَ ڏياري موڪليا. پوءِ جنهن ڪتاب ۾ ڪٽي ڏسون تہ اسان جي ڏنل ملڪ جي ڳالهہ هئي.

471.علم واري کي الله ڏي هلڻ سولو آهي. ڇو تہ ظاهري علم ڪيو تہ باطني علم مکڻ آهي.بنا کير جي مکڻ نڪرڻ محال آهي.

472.ظاهري علم واري کي مرشد جي شناس ۽ معرفت ٿيندي ظاهري علم مونجهہ ۾ طالب جي مدد ڪندو. عارفن جا ڪتاب پڙهندو تہ مدد ملندس.

473.ان الله جي ذڪر ۾ عرش جي نوراني وڄ پيل آهي. جنهن جي ڪري درد حال ۽ وجد پيدا ٿيندو آهي.

474. طالب کی کپی تہ ذکر هلائیندو رهی تہ پاڻیهئی کثرت سان هٿ نکري ویندس. پاڻ نہ ڇڏي جي شروعات ۾ ڇڏیندو تہ ساڳیو لڙي پوندو ۽ پشیمان ٿیندو.

475. ڳالهین کرڻ سان سڏون بند کونہ ٿیندیون آهن. مگر ذکر کمائڻ سان ختم ٿیندیون آهن. ذکر الاهي اندرئون سڏن کي پیو کپیندو.

476. فقیر جڏهن وصل ۾ ویو تہ ڳالهائڻ کائڻ ۽ خلق جی رغبت پاڻهئي ڇڏي ویندس. ضرورت جو کائیندو ضرورت جو ڳالهائیندو.

477. هی نفس الله جی ذکر کان اهڙو گوسڙو آهی جیئن کلهوڙي بادشاهہ جت کی سئو موچڙن هڻڻ جو حکم کیو کیس موچڙن هڻندڙاسی تائین پهچی تہ ڦتڙائی وجی. وري پوڇاڻي. وٺي اچنس تہ وري ساڳیا منڍ کان موچڙا هڻڻ شروع کنس.

478. توحید ڳالهائڻ ان کی جائز آهی جیکو وحدانیت جی درياهہ ۾ ٽٻیون هڻندڙ هجی. جو هر هک ٽبی سان موتی کڍندو هجي ان جی ڳالهہ بہ اثر واري هوندي ٻئی جی اثر نہ کندي.

479. عشق جو ملک ٽیون جهان آهی اتی کی کاهوڙي ایندا. کاهوڙي ان کی چئبو آهی جیکو الله جی پنڌ ۾ جان جلائی.

480. پاکائی سان نماز پڙهڻ ملائکن وارو درجو آهي. اهي نمازي ٻئي جهان جا رهاکو آهن.

481. آدمی بنا عبادت جي گڏهہ آهن. چڙن تہ دوگارا هٽي گڏهِن جي پویان ڊوڙندا وتن.

482. شاهوکار ماڻهو موتی ۽ لعل پاڻ جی ڍیر ۾ پوریندا آهن. حدیث: اِنَّ اُولِیَائِی تَحتَ قِبَائِی لایع رفُهُم غَی رِي" یعنی منهنجا پیارا چادر ۾ ڍکیل آهن. انهن کی مونکان سواءِ کیر نہ سڃاڻی یعنی پیاري شيءَ لکل هوندي آهي. اتي لکائبي جتي کنهنجو گمان بہ نہ وجي.

483. صوفي فقير ڪافور وانگر آهي. جيئن ڪافور کي موڪليائون ته هوا کي وٺي اچ. ڪافور ويو ته پاڻ هوا ٿي ويو. صوفي به الله کي ڳولي ٿو پر جنهن وقت الله کي ڏسي ٿو ته پاڻ ڪافور وانگر گم ٿي وڃي ٿو پاڻ ليءِ ئي نه ٿو.

484. جنهن صوفيءَ کي ان ٻڌل ڪافر نفس جو چڪ پيو ته ڪونه اسرندو. ذڪر واري ترار به ڇڏائي ويندس. صوفي ڪاڏن پيتن ڏي لڙيو ته نفس جو چڪ پئجي ويندس.

485. جيئن ڪي ماڻهو ٻيلي ۾ سوئر جوگهٽ جهلي بندوق سان ماري ڇڏيندا آهن ائين جڪيو به نفس جي تاڙ ۾ رهي ذڪر جي بندوق سان ماري وجهندس ته اهو عاشق عارف آهي.

486. صوفي اول خواه آخر الله آهي. ماڻهن جي نظر رڳو ٻوتي جي چولي تي ٿي پوي.

487. جنهن جي دل دم واري ذڪر سان روشن آهي تهنجو وجود به روشن آهي.

488. سوئر جو ٻچو ضرور ڦاٽ ڪائيندو ٻي ڪهڙي ٻولي ڪندو دنيادار نفس جي اولاد به اهڙي هوندي ٻي ڪهڙي ٿيندي.

489. معراج ڪانسواءِ جيڪو فقيري جي دعويٰ ڪندو سو ڪوڙو ۽ لعنتي آهي.

490. اسم اعظم جو ذڪر ائين آهي جيئن ڀاڻ جي ڪوڙ ۾ چٽنگ پي ته ڊانئي ٿي پوي. طالب جي وجود ۾ ذڪر سان مچ ٿي پوندو آهي.

491. جيڪو ساري رات جو جاڳي ٿو سو نيٺ وڃي حق جي ويجهو ٿيندو. جيڪو ساري رات سمهي ٿو سو گمراهه ۽ ڪافر آهي.

492. ڪوري ٻارڻ لاءِ هزار گاڏيون ڪاٺ جون هجن. ۽ مزدور هوريان هوريان ڪاني ڪاني ڪري ڪوري لاءِ به سئو گاڏيون ڪاٺ جون هجن ۽ اهو ٻل برجستا همراهه اٺ پهر لڳاتار ٻاريندا ته ڪوري مان ٻاهه ٻاهر نڪري پوندي ڪورو به پڇي لال ٿي پوندو.

493. هي دل بہ ڪورو آهي جيڪو طالب هوريان هوريان دم ڪمائيندو تہ ان کي ڪجھہ بہ حاصل ڪونہ ٿيندو. اهو طالب رحمن الرحيم جو لائق آهي مگر الله جو لائق نہ آهي.

494. اگر طالب دم تيزيءَ سان ڪمايو تہ انين ڏهين ورهيہ طالب الله پوندو.

495. سوال طالب امين فقير جيڪو" راقم الحرف جو بابو هو" چوي ٿو تہ ڪوري جي پٽ ڇچي ڏاريون ڪري وجهي ۽ پٽ جو پنهن جي سر تي ڪرڻ جو خوف هجي تہ ڇا ڪجي؟

496. جواب تہ اهڙي ڇنل ڪوري جي پٽ کي عارف عاشق جي صحبت جون پشتيون هٽائجن تہ پٽ ڏاڍي ٿئي، ۽ ڪورو بہ پڇي پوندس.

497. دم جي وڄائڻ وارو سروز سيني جو سردار آهي. سروزن ۾ نڙ بادشاهہ آهي ۽ الغوزه يعني وزير اٿس.

498. حضرت رسول الله صلى الله عليه وسلم جن فرمايو آهي تہ ساري جهان جا آدمي آب حيات ۾ ٽٻيون ٽا هڻن. مگر ڪنهن کي بہ اتان ہڪ پري پيئڻ جي طاقت نہ آهي. جيستائين مرشد ڪامل جي هٿئون نہ پيئندو. تيستائين بي نصيب رهندو.

499. شريعت ڇا آهي اونداهي جهڙي رات آهي. جيڪو ان ۾ ٿوهلي تہ ساري عمر ڊومان ۽ ٿاٻا کائيندو ٿو وتي. جڏهن نراڙ ۾ ڪو ٻنڊ لڳس تہ رت وهائيندو وتندو. اهو ٻنڊ ڇا آهي. اهو مذهب جو ٽڏو آهي جيڪو خدا کان غافل ۽ گمراهہ ٿو رکيس.

500. طريقت ستارا آهن. جيڪو انهيءَ سان هلندو تہ آخر حقيقت جو چنڊ ڏسندو. اگر اڃا بہ محنت سان تکو هلندو تہ معرفت جو سج ايرندس. سج ايريو تہ جند ڇٽي پوندس. پوءِ اهو لاخوفهم عليم ولاهم يحزنون رهندو. سج ايريس تہ وري قيامت تائين نہ لهندس.

501. دنيا جو جهان درياهہ آهي هن ۾ طالب سيڻہ تي ترڻ وارا آهن جيڪي دم سان سيڻہ ڦوڪي هن درياهہ مان تري ٽا وڃن. پوءِ

جيڪو سيڙهه ڦوڪي درياهه مان هلندو تہ پار ٽپي ويندو. جنهن
ڪان ان سيڙهه جي نڙي وات مان نڪري ويئي تہ سيڙهه جي هوا
نڪري ويندي ۽ هو پاڻ ٻڏي ويندو.

502. دنيا جي ماڻهن ڪان دم واري سيڙهه ڦوڪڻي خالي ٿي ويئي آهي سو
مئي ڪان پوءِ جلد فناءِ ٿي ويندا. هنن جو نالو ئي گم ٿي ويندو.
شيخ مشائخ پير بزرگ جيڪي ڏسو ٿا انهن جو اهو حال آهي
ذڪر جو وسرڻ سيڙهه جو خالي ٿيڻ آهي. دل سيڙهه جي مثال آهي.

503. وذكر ربک في نفسک اهو دم وارو ذڪر ئي دل کي ڦوڪي ڀريندو
آهي جنهن اسم ڪمايو سوئي معنيٰ جو معراج ماڻيندو ٻيا مڏي
مري ويندا.

504. تکي ذڪر ڪمائڻ واري طالب جي معراج جو مرشد ضامن آهي.
جيڪو ذڪر کي وساريندو. تہ ان جو ضامن سندس نفس آهي.
جنهن الله جو ذڪر پچي پوءِ پٺيءَ پويان اڇلي ڇڏيو تہ ان کي نفس
تحت الثريٰ ۾ اڇليندو.

505. حقيقت ۽ مجاز پاڻ ۾ ڀائر آهن. وڏو ڀاءُ حقيقت ۽ ننڍو ڀاءُ مجاز
آهي جيئن ڪنهن جو شينهن ڏٺل نہ هجي تہ ٻليءَ کي ڏسي چو تہ
ٻلي بہ شنيهن جي مهانڊي آهي. هيءَ ڳالهہ اهو سمجهندو جنهن
محبوب هٿان جام پيتو هوندو.

506. سوناري ڪنهن بہ ڳهہ مان ٺاهڻ لاءِ چانديءَ کي ڀهريائين نالي
۾ وجندو آهي جنهن مان الف ٺهي پوندو آهي. جنهن کي ڪرسي
چوندا آهن پوءِ الف مان هزارين زيور ٺهي پون ۽ محبوبن جي
سينگار جي ڪم اچن طالب بہ ذڪر اسم اعظم سان جڏهن الف
ٿي پوندو تہ پوءِ هر صورت ۾ سمائجي ويندو. جاڏي ڪاڏي زمين
زمين عرش ڪريسيءَ ۾ پاڻ کي ڏسندو.

507. جيئن پاڻي جمي برف ٿيندو آهي تيئن الله بہ پاڻي وانگر جمي پيو.
پوءِ نالو آدم ٿي پيس. اهو ذات حق پاڪ وڏو بادشاهہ ذات ڪبريا

جيڪو آهي سوبہ آدم جي هر صورت آهي. پر ان وڏي شاهہ کي خاڪي وجود جو هٿ پئجي نہ سگهندو آهي جيئن ماڻهو جو مرڻ وقت دم يا روح نڪري پوي تہ ان کي بہ هٿ وجهي جهلي نہ سگهندو. الله عامن لاءِ بي مثل آهي خاصن لاءِ با مثل آهي.

508. ڇميل برف ٻوريءَ ۾ ڪٽبي تہ گهٽ ڳرندي هن برف جو ٻورو بوتو آهي. بوتي کانسواءِ پگهري پاڻي ٿي ويندي.

509. ننڍو ٻار ڇئن پنجن سالن تائين ڪشف پيو ڪندو آهي مگر جڏهن نفس ٿواچيس تہ سيني ڳالهين کان اوندهہ ٿي ويچينس ٿي . انهن ڇئن پنجن سالن تائين ٻار جو ملائڪن وارو درجو هوندو آهي. پوءِ جيئن وڏو ٿيندو ويندو تيئن سندس نفس بہ وڏو ٿيندو ويندس. جيئن نفس وڏو ٿيندو ويندس تيئن باطن ڏانهن اونداهہ ٿيندي ويندس ۽ ڍڪ ايندو ويندس.

510. جيئن ٻڪئي کي پيٽ سان مانيون ٻڌجن تہ ڊئو ڪونہ ٿيندس. يا مانيون کٽ تي پٿاري مٿان سمهارجيس تہ بہ بک ڪانہ لهندس. جيستائين ماني کائيندو نہ نماز جو حال بہ اهو آهي ڇڻ ٻڪئي کي پيٽ سان ماني ٻڌل آهن. دوا بہ بيمار کائيندو تہ اثر ٿيندس. ٻاهرئون دوا جو مک بيمار کي ڇا ڪندو. نماز بہ ائين آهي. نفس تي نماز جواثر ئي نہ ٿيندو آهي.

511. ٻيائي کهڙي آهي هي. وجود ٻيائي آهي. ماڻهو هن معنیٰ کي نہ ٿا سمجهن جو هي جسم الله جي اڳيان پت ۽ اوٽ آهي. هن وجود جي پت مان هت ڪڍن تہ پوءِ خود الله ٿي پون. هي جسم تہ هر حالت ۾ ڇڏڻو اٿس. جو عزرائيل اچي ڇڏائيندس. پوءِ جو زور سان ڇڏي ان کان ذڪر اسم اعظم سان هن بوتي کي ڦٽو ڪري تہ ٻيائي رئي ٿي ويندس. پوءِ هيڪا هيڪ ذات وچي رهنديس. اصل ٻيائي بي بوتو آهي. جيڪو الله کي ڏسڻ کان جهليون بيٺو آهي.

512. دنيا واري جو ڇيھ اھو آھي. آخري نتيجہ لذات ۽ مزا اٿس. روزانو سٺا ڪاڌا ھجن. پڪل گوشت تيار ڪرائن. اھي سڀ ڪاڌا پنھنجي سخت دشمن قرآن ۾ ٻڌايل نفس کي ٿا کارائين. ان جو نتيجو نند ۽ شھوت پيدا ٿيندس. جيڪو جھنم جو سامان آھي. سو ان جي ڪاڌي مان تيار ٿئي. سٺا طعام کائيندڙ سڌا جھنم ڏي ويندا.

513. پوءِ اھي نفس ناريءَ کي پاليندڙ ڪيئن ٿا بھشت جي خواھش ڪن.

514. جيڪڏھن ڪنھن وٽ ولر ڏيئن جو ويتل ھوندو. ڪو خدا جي نالي تي ان کان گھرندو تہ بہ الرحمان الرحيم جي نالي تي نہ ڏيندو. پوءِ الرحمان الرحيم بہ الله جو سئوٽ پاءُ آھي. بھشت بہ انھن کي ڏيندو جيڪي پنھنجا ھوندس ۽ جيڪي الله جو ذڪر ڪندا تہ الله جو ديدار ڏسندا. الرحمان الرحيم بہ ان جي ھٿ ۾ آھي.

515. ھن روح جي زڪوات ڏيو. روح گويا سئو روپيا سمجھيو. ان جو بوتو اڍائي روپيہ آھي. جيڪو آدمي ملڪوت ۾ انا مدينتہ العلم وَٽِ اھي بوتي وارا اڍائي روپيہ ڏيندو تنھنجو سئو روپيہ گم نہ ٿيندو. نہ وري چور نفس ۽ شيطان چوري ڪندس.

516. ھي سارو جھان روح جو سئو روپيہ وڃايون ويٺو آھي. ساري جھان کي نفس چورائي ويو آھي. ماڻھن جا روح نفس چورائي دوزخ ۾ وڃي ڦٽا ڪيا آھن. نفس جي ديھہ دوزخ آھي. نفس وڏو خوني آھي. خوني جي سزا ڪارو پاڻي آھي. ڪارو پاڻي يعني دوزخ جيڪا نفس جي جاگير آھي.

517. جيڪو فقير پنندو تہ ان جو ذڪر نہ ھلندو. پنڻ ۽ سوال ڪرڻ سان صوفي جو منھن ڪارو آھي. حلال جي ڪمائي سان ذڪر زور وٺندس.

518. جنهن ماڻهوءَ جي هٿ ۾ اگهاڙي ترار هوندي ته ان کي ڪنهن به دشمن جو ڀوءُ ڪونه ٿيندو. جيڪڏهن بنا هٿيار جي هوندي ته مارجي پوندو.
519. تلوار ڇا آهي. خدا جو ذڪر وڏو هٿيار آهي.
520. ياد رکو ته اهو دم شرابا طهورا اٿو. جنهن مرشد جي هٿان اسم اعظم جي لبيڪ ورتي اهو ئي ملڪوت ۾ وڃي ساقيءَ جي هٿان شرابا طهورا پيئندو.
521. پڪ ڄاڻو ته ان دم کي رنگ روپ ۽ صورت آهي. اهو دم بي صورت نه آهي، صورت الاهي ان دم جي آهي. جنهنجي سيني ۾ ذڪرالاهي هلي ٿو ته واهه نه ته غافلن جي سيني ۾ ڊورن ڍڳن ۽ ڪتن ٻلن جون تصويرون آهن.
522. فقير اهڙا آهن جو الله کي ڪرسيءَ تان لاهي پاڻ ڪرسيءَ تي چڙهي ٿا ويهن.
523. فقر اهڙا آهن جو الله جي بنگلي مٿان چڙهي ناچ ٿا ڪن.
524. الله وٽ چار اوزار آهن (1) نيزو (2) تلوار (3) کهاڙي (4) سولي. شاهه منصور سولي ڪنئي. حضرت امام حسين عليه الصلوات والسلام سڀ اوزار کنيا جيڪي صرف تلوار ڪڍندا ته انهن جو ظاهري جسم شهيد ٿيندو.
525. الله واري فقير جو جسم پڃرو آهي. پڃري ۾ عرش وارو طوطو ويٺل آهي. سو ان جو نالو مرشد آهي. اهو سدائين جيئرو آهي مرڻ وارو نه آهي.
526. جيڪو ان پڃري جو ادب ۽ مراد ڪندو ته فيض وارو ٿيندو. جيڪو ان عرش واري طوطي کي سڃاڻندو ته اهو به ساڳيو مرشد ٿي پوندو.
527. هزار اٺ ڪتابن جا پڙهي هزار حج ڪري ته به سروز ۽ نڙ جي معنيٰ جي خبر نه پوندس. اها خبر ان کي پوندي جنهن رسول

الله صلى الله عليه وسلم وانگر معراج ڪيو هوندو. نه ته هزار قرآن ۾ ڪتاب پڙهي ته به ڪل ئي نه پوندس. ڇو ته قرآن ۾ ڪتابن ۾ ٻن جهانن جي ڳالهه آهي نڙ ۾ ٽئين جهان جي ڳالهه آهي.
528. قرآن به رسول الله صلى الله عليه وسلم جن جي قاعدي جو ڪتاب آهي.
529. جيڪو پوک ڇڏي بازاريون گهمندو انجي پوک گڏهه نفس کائي ويندو. سو به اهڙي کائيندس جو وري ڦٽڻ جي اميد نه رهندس.
530. ذڪر اسم اعظم به ڪنهن ڀاڳ واري کي هٿ ايندو. جنهن سان معراج ڪندو.
531. اسان عرش اعظم ته اڳ ڏنو هو هاڻي ان کان انوڻ پنڌ پري هڪ ڦُرجي ملڪ ۾ پهتا آهيون جتي نه جن نه انسان ۽ نه ملائڪ ئي پهچي ٿا سگهن.
532. هماءُ به اسان جي پرواز اڳيان حيران آهي. ۽ نه وري عنقا کي مجال آهي.
533. وهم ۽ خيالات فرهاد وارو جبل آهي جيڪو کهاڙو لا جو ڪٽي جبل ٽڪي درياهه وهائي ايندو. اهو درياهه عرش اعظم کان به ٽپي ويندو. اهو قيامت تائين نه سڪندو. بهاريون ۽ آباديون ڪندو.
534. هي نفس ناري جي ٿاهڙ ڍور وانگر آهي. جيئن انهيءَ کي ٻڪائي وڻي ڪنهن وڻ سان ٻڌندا آهن. جڏهن هن جي جهنگ واري مستي مرندي آهي تڏهن ڪم ۾ لائبوا ٿس. ائين نفس کي به ذڪر جي وڻ سان سڌبو ته پوءِ ٿاهه ۾ مستي ڇڏيندو. پوءِ ڇوڻ تي سڌو ٿي رستي تي هلندو.
535. آسمانن ڏانهن به وسنوَ آهي. اهي خالي نهيل ڪين آهن. ڪو ڀاڳ وارو انهيءَ ملڪ جو معراج ڪري من خدايم جو طبل وڄائيندو. نياڳوا تي ٽڪان پيو جهليندو.
536. مياڻ سوڏي ترار جهنگ ۾ ڪم نه ايندي جڏهن ترار مياڻ مان سرڙي ٻاهر ڪڍبي ۽ پوءِ جتان هٽبي تتان پار ويندي.

537. هي آدمي جيستائين ذڪر اسم اعظم جي وسيلي جسم مان نٿو نڪري معراج ڪري تيستائين جڏهن روح وجود جي مياڻ ۾ پيل آهي، جنهن وقت روح جي ترار جسم مان ٻاهر نڪتي، ته نوَن آسمانن مان ڪانه اڙٻي. پوءِ ان عارف جي گفتار به وڍيندڙ ترار آهي.

538. ڳجهه توڙي آسمانن ڏانهن اڏري ته به هن جي نظر هيٺ ڍونڍ ڳولڻ لاءِ هوندي. وردن وظائفن ۽ نمازي پيرن بزرگن ڪشف ڪرامات وارن جي نظر ۽ مقصد ڳجهه جي اڏامڻ وارو آهي.

539. اسان ڪي ڪٿي قرآن مٿي تي رکو ته اها ڳالهه اٿو ته عرش عظيم وارو الله هن آدم ۾ اچي لڪي ويٺو آهي. پوءِ جنهن روح ڪي اصلي وطن جي ڪشش ٿي ۽ ڪامل عارف مرشد کان ذڪر اسم اعظم وٺي ڪمايائين ته اهو ساڳي عرش عظيم جي ڪرسي تي ويهي من خدايم جوطبل وڄائيندو.

### ضميمون

# چند طالبن جو احوال

**سجاده نشين فقير علي گوهر فقير**

سندن اڪيلو فرزند سن 1337 هجري مطابق 1918ع تاريخ 14 محرم الحرام ڳوٺ مينگهو فقير شر ۾ تولد ٿيو. سندن پالنا ۽ پرورش سندن والد بزرگوار حضرت فولاد علي فقير جي نظر هيٺ ٿي. پاڻ سنڌي فائينل جو امتحان شڪارپور سينٽر مان پاس ڪيائون. بعد ۾ فارسي زبان جي تعليم لاءِ ٽڳڙن جي مدرسه ۾ داخلا ورتائون. جتي مرحوم قاضي غلام محمد تعليم ڏيندو هو. فارسي علم جي تحصيل سڪندر نامونگار دانش ۽ بهار دانش تائين ڪيائين. اردو بہ ٽڳڙن ۾ پڙهيا. عربي ڳوٺ جي مولوي فيض محمد شر کان حاصل ڪيائون. ان سان گڏ گرمکي شاستري ۽ علم سمندرڪ يعني پاميسٽري يا وديا ريڪا هندوستان مان آيل هڪ پنڊت کان سکيائون.

پاڻ علم تصوف يا ويدانيت جا يگانا ماهر هئا. دور قريب جا پاڻ واصل با الله بزرگ هئا پاڻ پنهنجي والد بزرگوار جا دست بيعيت طالب هئا. جنهن جي برڪت سان کين معرفت جو معراج حاصل هو. سندن بہ ڪيترائي طالب آهن. سماع ٻڌڻ جا بيحد شوقين هئا. سماع ٻڌڻ سان مٿن وجد حال طاري ٿيندو هو. پاڻ خود بہ موسيقي جي علم کان بيخوبي واقف هئا. ڳائڻ ۾ طلبہ نوازي سندن ماهرانہ مشغلہ هو.

سندن تصوير خواه تشبيہ سندن والد بزرگوار سان ملندڙ جلندڙ هئي. البت قد وقامت ۾ ڪجهہ ننڍا هئا. پاڻ محاسن ۾ مٿي جا وار رکرائيندا هئا. نفس کي ملامت جو بار رکڻ لاءِ هڪ دفعي روئي تراشي بہ ڪرائي هئائون.

پاڻ گيڙوءَ جو پهرياڻ ڪڏهن الفي بہ پهريندا هئا. خاص موقعن تي گلابي رنگ جي پوشاڪ ۾ مٿي ۾ ڪڏهن ڪلاهہ تہ ڪڏهن چانديءَ جو

ڇڏ جيڪو هادي شهنشاهہ فولاد علي فقير سائين لاءِ سندن طالب نور علي فقير سومرو محرابپوري ٺهرايو هو پهريندا هئا. جڏهن دستار ٻڌندا هئا تہ دستار جي پلاند سان منهن تي نقاب ڏيندا هئا. هر وقت حال خيال فقيراڻو هون. ڪڏهن ڏسبو هو تہ توحيد جي گفتار سان طالبن کي تلقين ويٺا ڪندا هئا. ڪڏهن ڏسبو هو تہ پاڻ ويراڳ ڳائي محفل پيا سينگاريندا هئا

پاڻ بلند پايہ جا شاعر هئا. سندن شعر سنڌي، سرائيڪي، عربي، فارسي ۽ هندي ۾ آهن. پاڻ شعر جي سڀني صنعتن تي طبع آزمائي ڪندا هئا. پاڻ شاعريءَ جا هيٺيان بياض ترتيب ڏنائون.

(1) خادم القرآن (2) روشن جهان، (3) ابيات سلطاني (4) يڪرنگ، (5) بيرنگ، (6) عشقيہ (7) جوهر الامڪان (8) ابيات عشق، (9) صوفيءَ جي سيرب I، (10) صوفيءَ جي سيرب II، (11) عربيءَ ۾ انشاءَ الله (12) شبد گرمکيءَ ۾ (13) طوفان البڪاءُ (14) ابيات توحيد (15) ابيات معرفت (16) بياض ڪافين جو جنهن ۾ جملہ ڇهہ سئو ڪافيون آهن، (17) شمس العارفين.

سڀ ڪتاب سندن تصنيف ڪيل آهن. اڳ ۾ شعر ۾ ٻيا تخليق بيخود وغيره استعمال ڪيا هئائون. پڇاڙيءَ ۾ سڀني شعرن مان اهي تخلص ڪٽي علي گوهر نالو لکيو هئائون. هاڻي سندن جملہ شاعري سندن نالي سان آهي. جيڪو مرتب جو والد ماجد هو.

مثال

ڪافي I

عشق ۾ سر ڏيڻ ڪاٿي سخاوت هن کي چئبو آهہ

مرڻ اُن جي محبت ۾ شهادت هن کي چئبو آهہ
ڪري جو عشق جي دعوي خوديءَ کان ٿئي اول خالي
انا الحق ورد آه ان جو تلاوت هن کي چئبو آهہ
تصور يار جو هردم رکڻ آهي رياضت هيءُ
ڏسڻ ديدار دلبر جو عبادت هن کي چئبو آهہ
عشق جي انتها چاهي پڇو منصور کان يارو

جلائي سر ڏيڻ سجده شجاعت هن کي چئبو آهه
عشق جي آهي حالت هيءَ سدائين سوز آه تازو
عشق ۾ جان پرزه ٿيڻ عنايت هن کي چئبو آهه
عشق آ ”علي گوهر“ مدامي محو معشوقن
آئينه ذات دل ان جي بصارت هن کي چئبو آهه

## ڪافي 2

عشق جي موج مستيءَ ۾ سوين نالا سڏاياسي
مڪمل موج منصوري صورت سڀ ۾ سماياسي
منارا عرش جا جوڙي عرش ڪرسي بناياسي
ڪري ڪم ڪار ڪثرت جو آدم حوا ٿي آياسي
ڪڏهن عيسيٰ ڪڏهن موسيٰ اهي نالا ڌراياسي
ڪڏهن احمد ڪڏهن حيدر عرب ۾ هل مچاياسي
ڪڏهن منصور ٿي پياسي. انا الحق دم الاياسي
ڪڏهن ملتان ۾ مستي مٺا جيئرا ڪراياسي
ڪڏهن فولاد فائز ٿي عشق جا بار چاياسي
ڪڏهن هن رمز رنديءَ سان نجا نعرا لڳاياسي
علي گوهر بات وحدت جي سچل کي پي سڪاياسي
ڪڏهن غلام حيدر ٿي شرن ۾ رنگ رچاياسي

سائين جن کي ڇهه فرزند هئا سندن سجاده نشين فقير شاهه مردان سائين آهي اسدا لله ۽ سلام الله سائين جن جي حياتيءَ ۾ گذاري ويا هئا. باقي فقير علي شير مستوار ۽ فقير شمس الحق ۽ احمد جام تعليم يافته نوجوان آهن جيڪي درگاهه جي فقراءَ جي سيئي گڏجي نگهداشت ۽ سار سنڀار ڪندا ٿا اچن. سائين شاهه مردان جو وڏو فرزند سائين ياسين علي آهي. جنهن جو پڻ درگاهه جي خدمت ۾ ڪردار ساراهه جوڳو آهي.

## ميان دوست علي فقير

فقير سائين فولاد علي شهنشاهہ جي وڏي ڀاءُ محمد خان جو اڪيلو فرزند 1330 هجري ۾ پيدا ٿيو. سندن ننڍپڻ کان پيءُ جو سايو مٿانئن لهي ويو. سندس پالنا فقير سائين جن پاڻ ڪئي.

پاڻ جڏهن ٻارهن سالن جا ٿيا تہ هادي سائين فولاد فقير کي جام وحدت عطا ڪيو مگر ذڪر ڏيڻ وقت ڪين فقير سائين غلام حيدر گودڙيہ جن جي روضہ پاڪ ۾ وٺي آيا ۽ ڪين ڪجھہ وقت اتي ويهي مراقبہ ڪرڻ لاءِ چيائون ڪجھہ وقت مراقبہ ۾ ويهڻ بعد ٻاهر ڊوڙندي اچي مرشد پاڪ کي چوڻ لڳا تہ سائين ڏاڏي غلام حيدر گودڙيہ سائين مون کي ڀاڪر پائي چيو تہ تهنجي فقيري قبول ڪئي سون. توکي مبارڪ هجي. اهو ٻڌي فقير سائين ڏاڍو خوش ٿيا.

فقير دوست علي اڪثر ڪري رياضت ڪندا هئا پنهنجي زمين پاڻ آباد ڪندا هئا. جنهن مان درگاهہ جي ننگر جو پورائتو ٿيندو هو هٿ ڪار ۾ دل يا رڏي هوندي هين. ذڪر کان غافل نہ رهيا. هر وقت حال جي ڪيفيت ۾ رهندا هئا.

هڪ سال ڏاڍيون برساتيون پيون ماڻهن جا فصل ختم ٿي ويا ۽ ڳوٺ وارن مان هڪ ماڻهو وٽن دعا گهرڻ آيو تہ جيئن مينهن بند ٿين. اهو ٻڌي پاڻ ڪجھہ وقت ماٺ ۾ ويهي رهيا ۽ پوءِ ان شخص کي چيائون تہ ابا حضرت رسول الله جي حضور ۾ عرض ڪيم جيڪو قبول ڪري تسلي ڏني اٿن تہ آئينده سڄو سال ميهن ڪونہ وسندو. پوءِ ٿيو بہ ائين جو سڄو سال مينهن ڪونہ وٺو.

محمد صالح نالي ذات جو پيو اپريءَ جو وينل هتي تپيدار ٿي آيو هو. جيڪو فقير سائين وڏي جو طالب هو. ان کي پٽ جو اولاد ڪونہ ٿيندو هو. هڪ دفعي دوست علي فقير کي سوال ڪيائين تہ فقير دعا ڪر تہ پٽ جو اولاد ٿئي. ان تي دوست علي فقير چيس تہ توکي درگاهہ الاهي مان پٽ وٺي ٿا ڏيون جن جا نالا علي نواز ۽ شاهنواز رکج. پوءِ فقير جو قول پورو ٿيو ۽ ٻنهي پٽن جا نالا اهي رکيائين.

فقير دوست علي چوڏهين محرم سن 1364 هجري مطابق 20 ڊسمبر 1944 ۾ سموري فقراءَ کان موڪلائي چادر پائي سمهي پيا ان طرح سان دم پرواز ڪري ويو. سندن مزار شريف فقير سائين فولاد علي جن جي پرسان اوڀر طرف روضي ۾ آهي.

## حضرت ساماڻو فقير مست

هي مست بادشاهہ ڳوٺ ڊيڊاڻو تعلقہ نري ميرواهہ جو ويٺل هو. فقير ابتدا ۾ مال چاريندو هو. پاڻ فقير حضرت فولاد علي سائين جن جو طالب ٿيو طلب پچڻ سان ئي ذڪر سان لڳي ويو. دنيا جا سڀ لاڳاپا ترڪ ڪري ڇڏيائين.ائين مٿس مستي جي ڪيفيت اچي ويئي خوراڪ خوشيون سڀ ختم ڪري ڇڏيائين ۽ پنهنجي نفس تي قهار ٿي ويو. ايتري قدر جو پاڻ دونهين دکائي ويهندو هو ۽ پاڻيءَ جو دلو باهہ تي رکيل هوندو هيس جنهن وقت بہ اڃ لڳندي هيس تہ ان دلي مان گرم پاڻي پيئندو رهندو هو. ماني ۽ ٻاجي ۾ ڪچوءِ دلي وارو پاڻي ملائي پوءِ کائيندو هو. پاڻ هميشہ هڪ جاءِ تي ڪونہ رهندو هو. ڪي مهينا گهنڊ ۾ رهيو پوءِ ٽڏو عرف غلام علي زوار شاهنواز ۽ زوار نجف علي وٽ رهندو هو. پوءِ خدا بخش شر جي ڳوٺ ۾ ديدار احمد ۽ محمود شر جن وٽ رهيو.

ان بعد محراب پور فقير الله رکيو خاصخيلي وٽ رهندو هو. اتي وٽس خدمت لاءِ فقير الله بخش مير بحر درازن وارو ۽ صديق فقير سهتو عنايت علي فقير نوناري حاضريءَ ۾ رهندا هئس.

ان کانپوءِ سيد قلندر شاهہ وٽ گمبٽ ۾ رهندو هو اتي بہ محراب پوري فقير خدمت ۾ ايندا رهندا هئس مگر سندس خاص خدمت سيد قلندر شاهہ ۽ سندس فرزند دلبند ڪندا هئا. فقير وٽ روزانو ڪيترائي سوالي ايندا هئا. انهن وٽان جيڪو نذر ملندو هيس تہ انهن پيسن مان قرآن شريف خريد ڪندو ويندو هو. ڪيس قرآن شريفن گڏ ڪرڻ جو ڏاڍو شوق هوندو هو. سَون جي تعداد ۾ قرآن شريف گڏ ڪيائون. پاڻ پئسو ڏيندڙ کان هٿ ۾

نہ وٺندا هئا. ڪيس چوندا هئا تہ زمين تي رکيون هليو وڃ ڪجهہ دير بعد انهن پئسن مان قرآن شريف آڻائي رکندا هئا.

سندن پوشاڪ تمام سادي ۽ اڪثر ڪري گوڏ ٻڌندا هئا. سدائين رلي ويڙهي ويهندا هئا. گمبٽ ۾ سندن خدمت سيد قلندر شاهہ ۽ سندن فرزند سائين علي گوهر شاهہ گمبل شاهہ سائين غلام شاهہ عرف ڏاڏا سائين سيد غوث علي شاهہ جن خوب چاڪري ڪئي. پاڻ سائين ڏاڏا عرف غلام شاهہ کي پنهنجي پاڳي جو سمجهندا هئا.

جملہ سادات فقير صاحب جي ڏاڍي عزت ڪندا هئا ۽ فقير صاحب جو بہ ساڻن ڏاڍو پيار ۽ محبت هئي. فقير سائين گمبٽ شهر ۾ تاريخ 22 مهينو رجب سال 1970ع ۾ وصال ڪيو سندن مزار شريف سيد قلندر شاهہ ۽ سندن خاندان جي مقبرن پرسان آهي مٿن هڪ ٺي هال ٺهيل آهي.
هڪ دفعي ڪنهن سيدن مان فقير سائين سان اعتراض ڪيو تہ تون شر ٽي سيدن جي حاويليءَ ۾ ٿو وڃين اهوصحيح تہ ڪونہ آهي. پاڻ کيس جواب ڏنائون تہ ابا اسين بہ مديني مان سيد ٿي آيا آهيون.

## مرحوم امين محمد فقير

هي فقير ڇٽي جو ٽيون نمبر پٽ هو. مرحوم عبد الواحد فقير ۽ مرحوم غيبي فقير سندس وڏا ڀائر هئا. هن جو ذهن ننڍائي کان تيز هو ۽ پاڻ صورت ۾ بہ دلڪش هئا. جنهن ڪري پاڻ پيءُ کي گهڻو پيارا هئا. پاڻ صرف سنڌي ٽي درجہ پڙهيا هئائون. ڇو تہ ان وقت هن ڳوٺ ۾ وڌيڪ تعليم جو ڪوبہ بندوبست نہ هو. ڳوٺ مينگهو فقير جا وينل هئا.

بعد ۾ فارسي حضرت فولاد علي سائين وٽ تار نامي تائين پڙهيا ۽ فقير هادي پاڪ کين ڪجهہ حصہ مثنوي مولانا جلال الدين ۽ ديوان آشڪار پڙهيائون. ان مختصر تعليم سان سندن ذهن کلي پيو ۽ اڳتي سمورو مثنوي پاڻ پڙهيائون.

قرآن پاڪ ناظران مرحوم محمد اسماعيل جلباڻي وٽ پڙهيائون فقير سائين صحبت ۾ رهڻ ڪري سندن طبيعت تصوف ڏي مائل ٿي پيئي. مگر فقير صاحب سان ان وقت ۾ ڳوٺ وارن جي سخت مخالفت هوندي هئي. ان وقت ۾ جيڪو بہ فقير صاحب وٽ صحبت لاءِ ويندو هو تہ ان کي بہ سڪون سان رهڻ ڪونہ ڏيندا هئا. فقير جي صحبتن کي بہ ڪافر چوندا هئا مگر ان هوندي بہ پاڻ مرشد هادي جي صحبت ۾ ننڍي هوندي کان رهندا آيا. عارف ڪامل جي صحبت ۾ رهڻ ڪري پاڻ بہ زماني جي هر برائي کان امان ۾ رهيا. هادي سائين سندس عقيدت ۽ احترام ڏسي کيس جام وحدت نوش ڪرايو. پاڻ سڄي ڄمار ان اسم سان محو ۽ مستغرق رهيا.

پاڻ سفر خواه حضر ۾ هادي سائين سان گڏ هوندا هئا. هادي سائين سان هم صحبت رهڻ ڪري سندن گفتار ۾ اهڙي تہ رواني هئي جو هر وقت حاضر جواب هئا. ڪين ڪيترائي مثال آيات قرآني احاديث نبوي صلى الله عليه وسلم بر زبان ياد هونديون هيون.

هادي سائين وٽ ڪيترائي پري پري کان مولوي بحث لاءِ ايندا هئا تہ مرحوم امين محمد فقير سندن زبان بندي ڪري ڇڏيندا هئا.

پاڻ قد جا پورا پنا جسم ڪڻڪ رنگو منهن ويڪرو اکيون ڪاريون ۽ نڪ ڪنڊو هين. ڏند گهاٽا هين. منهن ۽ مٿي جا وار رکيل هئن. محاسن مڪمل رکيل هين.

لباس ۾ اڇو پهريان ۽ سلوار پهريندا هئا. پهراڻ مٿان الفي ۽ دستار گيڙوءَ رڱيل پائيندا هئا. پير ۾ هٽ جي موچڪي جتي پائيندا هئا. ڪلهن تي بہ چادر گيڙوءَ جي پائيندا هئا.

سندن گذر گذران رياضت تي هو. ڪڏهن بہ ڪنهن کي سوال نہ ڪندا هئا. هميشہ سادو کائيندا هئا. سموري زندگي سادگي ۾ گذاريائون. رات جو پهريون پهر ننڊ ڪانہ ڪندا هئا. ۽ جاڳي مراقبو ڪري ذڪر اسم اعظم ڪمائيندا هئا. بعد ۾ شاهہ شمس الحق تبريز حضرت بوعلي قلندر

. حضرت قلندر لعل شهباز ۽ سيد ثابت علي شاهہ جا منقبت ۽ مناجاتون وڏي آواز سان پڙهندا هئا.

ڪڏهن حضرت سچل سرمست جي ڪافي "مانَ اچن اُهي ڪائون موهي ويا جيڪي ماري" چوندي روئي ڏيندا هئا. سموري ڄمار پنهنجي مرشد هادي جي محبت ۽ صحبت ۾ گذاريائون. ڏينهن ۾ صرف ڇهہ ڪلاڪ گهر جو ڪم ڪار ۽ سار سنڀال لاءِ گهر ايندا هئا. نہ تہ سمورو وقت هادي جي صحبت ۾ رهندا هئا.

پاڻ ڇهين مارچ سن 1966ع مطابق 11 ذوالقعد سن 1386 هجري ڏينهن جمع وقت 11 بجي منجهند جو شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جا بيت پڙهندي هن دارالفنا مان دارالبقا ڏي راهي ٿيا. پاڻ شعر ۾ خاصي طبع آزمائي هين. جنهن مان هيٺ ڏنل ٽيهہ اکري تمثيل طور ڏجي ٿي.

# ٽيہ اکري

786

الف حق اظهار اظهر نور نافع نامور، آهي اسد الله غالب انما اطهر علي،
ب برابر بادشاهہ عرش اعظم متڪيٰ، بربام بالا دائما در دست حق دفترعلي،
ٺ ٺنهنجي توڪل جو ترهو طالبن کي تار ۾، هيڏڻ جو همراهہ همدم منجهہ قبرمحشر علي،
ث ثنا قرآن ۾ ڪئي پاڪ حق پروردگار، من ڪنت مرسل ڪيو بيان عرب وعجم اظهر علي،
ج جاني جان جانان طالبن مطلوب تون، جنهن جي جيءَ ۾ جاءِ جانب ذڪر تنهن اڪثر علي،
ح حيات جاودان ۾ جيڪو عاشق لايموت، تنهن چکيو ترار طالب سراڏي خنجر علي،
خ ڪري خوشنود خوشتر جام جوجانا ڏئي، جو پئي هر دم جيئي آن باده برتر علي،
دال دل ۾ جنهن هجي ديدار دلبر جي مدعا، شد مدينہ مصطفيٰ آن باب حق حيدر علي،
ذال آهي ذوالعليٰ حق نام تنهنجو عرش تي، آهہ ڪرسي قرب تنهنجو زيب زيباور علي،
ري ربوبي راز حق جي بخش سائل کي ردا، ذوق محبت شوق شاهي برهہ حق برتر علي،
زي زور آور زير بالا ناهہ مثلث مرتضيٰ، شان شوڪت شاهہ مردان شير يزدان نر علي،
سين سرور دو جهان ڪيو لحمک ولحمي عيان، انت مني وانامنہ. شد برهہ آن برسر علي،
شين شد شبير خدا اعليٰ علي مرتضيٰ، چون يدا الله فوق باشد ساقئي ڪوثر علي،
صاد صاحب صورت ومعنيٰ ۾ مالڪ دين جو، ظاهر وباطن همہ هوڪو حقي حيدر علي،
ضاد ضارب ضرب سان ضايع ڪيا اهلِ فتن، بت شڪن يا ڪو بهادر مرتضيٰ مظفر علي،
طوي طہ يس مزمل ڪهيعص، ڪل ۾ڪئي تعريف تنهنجي ڪل ڪفيٰ قادر علي،
ظوي ظهور ظاهر باطن همہ يڪتا توئي، نور نافع درد دافع ثاني پيغمبر علي،
عين اعظم عشق تنهنجو آهہ جڳ ۾ آشڪار، سمجهہ تونمن راست گويم اول و آخر علي،
غين غرق اندر بحر شوتان پيس تون عاشقا، آهہ ان درياهہ اعظم جو سچو گوهر علي،
ف فنا فاني جهان سڀ فرقتِ حباب آهہ، ٿي بقا جنهن کي لقا ديدار حق دلبر علي،
ق قرآن قرب ڪامل حيدر ڪرار جو، مخزن اسرار موليٰ معنوي مصدر علي،
ڪ ڪعبہ ۾ ولادت آهہ جنهن ڪعبہ صدف، ٻئي نہ ڪنهن اهڙي عنايت شهنشاهہ اڪبر علي
لام لاحد لامڪان جوشان شاهان شهسوار، عرش اعظم پاڪ جو موليٰ اُتم افسر علي،
ميم موليٰ مومنن مهندار ناصر انبياءَ، هم نفس نورِ نبي روز شفا محشر علي،
نون نافع نور نرمل ناز پرور نيڪنام، معراج واري ملڪ ۾ نورالهديٰ همسر علي،
واو وارث وصل والي عاشقن جو پيشوا، مرتضيٰ مختيار هِت هُت باطن وظاهر علي،
هہ هميشہ هر دور عالم ۾ علي آهہ تاجدار، تاجدارِ شهنشاهان مرتضيٰ مقرر علي،
لا حق لولاک لما خلقت الا فلاڪ چيو، شاهہ جو واهہ شان اعليٰ قدرت علي،

ء تنهنجي امر ۾ برق ومطر آب وهوا، هر همہ حيوان شجر جن وانس آمر علي،
ي يقينا برد رت ساجد شده محمد امين، پرت جو پيالو پيار خون آب مئي خاور علي،

## سجان فقير هندو

هي فقير لاڑڪاڻو جو وينل هو. فقير سائين فولاد علي قدس سره فقير غلام قادر انڙ وٹ لاڪاڻي ويندو هو. جيڪو سندن صادق طالب هو. سجان فقير بہ سائين جو ٻڍي اتي اچي سندن طالب ٿيو. طالب وٺڻ بعد هن پنهنجو دوڪانداريءَ وارو ڏنڊو چڏي ڏنو. جيڪڏهن مائٹ کيس دوڪان هلائڻ لاءِ تنگ ڪندا هئا. تہ هي گراهڪن کي اڻ توريو سامان کٽي ڏيندو هو. ان ڪري مائٹن کيس دوڪان هلائڻ کان منع ڪئي ۽ هي گهران نڪري وڃي جهنگ ۾ گذارڻ لڳو ۽ مست ٿي ويو.

هڪ دفعي فقير سائين. وٹ آيو تہ پڇيائونس تہ سجان فقير طلب ورتي ڪانپوءِ ڪو ديدار ٿيو اٿيئي. پاڻ چوڻ لڳو تہ قبلا حضرت پير موليٰ عليہ السلام جو جوڙو ڏنو اٿم. تہ فقير سائين پڇيس تہ پوءِ ڪيئن ڏٺئہ جنهن تي چيائين تہ سائين چا ٻڌايانوَ نندو صاحب جور آهي يعني زور آهي وڏيڪ آهي.

ٻئي دفعي سجان فقير محفل ۾ وينو هو تہ فقيرسائين ڪنهن ٻئي طالب کان پڇيو تہ ابا الله ياد تہ ڪريو ٿا. الله ڏنو اٿو. ان تي سجان فقير جوش ۾ اچي ويو ۽ يڪدم چوڻ لڳو تہ سائين مون کان پڇو تہ مان سڀ ڪجهہ ظاهر ڪري ٻڌايانوَ. ان تي فقير سائين کيس ٿڏو ڪيو تہ ابا توکان تہ پڇان ئي ڪونہ ٿو. ائين نہ ڪر راز ظاهر ڪرڻ ڏوهہ آهي. مان اڻ واقف کان ٿو پڇان تون ماٹ ڪري ويهہ.

سجان فقير يڪتارو وڄائيندو هو جيڪو اڄ تائين محراب پور ۾ علي نواز فقير جي مئي خاني تي موجود آهي.

## شاهہ علي فقير دشتي

هي فقير هنديارِيءَ جي پرپاسي ۾ وينو هو. سندس پويان اڄ تائين ان ماڳ تي وينا آهن. سندن پوين جي اڻ پڙهيل هئڻ ڪري سندس جنم جي تاريخ ملڻ ناممڪن آهي. فقير جوانيءَ ۾ هارپو ڪندو هو. ڏاڍو ڪمائيندڙ هو. جوانيءَ ۾ فقير سائين ڪان سن 1336 هجريءَ ۾ وحدت جو رستو پڇيائين. هن جي ذڪر هلڻ جو اهو انداز هو جو سندس هر هڪ دم سان سندس سيني مان نڙ جي آواز جهڙو سريلو آواز نڪرندو هو. سندس منهن سواءِ ڪنهن تيل وغيره جي سٽيو پيو لڳندو هو. ذڪر جي شوق ۾ ڇير جامون پائي مرشد جي اڳيان اچي نچندو هو نچڻ وقت سندس زبان مان بي اختيار بيت نڪرندا هئا. جن مان صرف هڪ بيت ملي سگهيو آهي.

مونکي من جو محرم ملي ملي ساري خلقت پلي پٺي ڪلي ڪلي

درگاه تي فقراءَ لاءِ سرَنِ جا ٿوٽا ناهيندو هو. سندس زبان مان جيڪا دعا نڪرندي هئي سا قبول پئجي ويندي هئي. ڪنهن ڪان بہ ڪجهہ ڪونہ گهرندو هو. ايتري قدر جو ڪاڏو بہ ٻن ٽن ڏينهن تائين گهري ڪين ڪائيندو هو.

ميلي جي موقعي ۾ بہ هادي سائين طالبن کي تاڪيد ڪندا هئا تہ ابا شاهہ علي فقير کي ضرور ننگر ڪرائجو جو هو گهري ڪين ڪائيندو آهي.

هڪ دفعي گهر ۾ وينو هو سندس پاءُ نريءَ وڃڻ لاءِ سنبريو. فقير کيس چيو تہ ادا ميڏي ڪاڻ ڪفن دا ڪپڙا ڳڏي آوين. متان ٻيا پنڌ ڪرڻا پووئي. اسان ڪن قاصد آيا هي. اڄ شام مين آپڻي اصلي وطن تي ويسان.اهو ٻڌي سندس پاءُ ڪلڻ لڳو ۽ چوڻ لڳس تہ ادا خوش ٻيٺا هين ۽ ڳالهيان ول ڪفن ديان پيا ڪريندا اين. خير گُهر ميڏا ٻِرا ”

آخر هو شهر هليو ويو. مگر ڪفن لاءِ ڪپڙو ڪونہ آندائين جڏهن ٽيپهري ٿي تہ فقير پنهنجي کٽ تي چادر پائي سمهي پيو. ٿوري وقت ڪان پوءِ جو چادر اٿلائي ڏسن تہ فقير تہ وصال ڪري ويو هو. اهو سال 1978ع هو.

## فقير الله رکيو خاصخيلي

هن فقير جي والد صاحب جو نالو نبي بخش فقير هو. ذات خاصخيلي ويٺل محراب پور شهر هو. صرف سنڌي چار درجه پڙهيل هو. زمين جو ڪم ڪار ڪري گذر ڪندو هو. ان ڪانسواءِ درزڪو ڪم به ڪندو هو.

فقير جوانيءَ ۾ ارڙو هو. مگر طالب ٿيڻ بعد سڀ ارڏايون ڇڏي ڏنائين. ذڪر سان محو رهندو هو ۽ مرشد سان ڏاڍي محبت. هيس هادي سائين ڏانهن طلب لاءِ ڪيس سندس پاءُ. رجب علي فقير وٺي آيو.

هادي جي صحبت لاءِ بار بار پيرين پيادو. محراب پور کان درگاهه تي ايندو رهندو هو. ۽ سڀ ڪم ڪاريون ڇڏي ڏنائون. پاڻ محراب پور کي ڇڏي پير انڙ جي مقام پرسان وچي آستانو اڏيائون. سندن آخري آرامگاهه به اتي آهي. جتي 17 شعبان سندن فرزند فقير علي نواز فقرائي ميلو لڳرائيندو آهي.

### سندن ڪلام

پـڪ رکيـل کلي آهـ الا، جنهن وڏو ڪوٽ ڪفر جو ڊاهي الا
فــاذڪــرونــي اذڪــرڪــم جــو ڏس ڏنــو ڪــنــهــن ڏاهــي الا
مـن عـرف واري مـام مـوچـاري ســچـو ســخـن ســو آهـي الا
انـا احـمـد بـلا مـيـمـي مـام مـرشــد ســمـجـهـائـي الا
هـاديءَ مـرشـــد يـاد رکـيـل چـاهـه مـنـجـهـان ٿـو چـاهـي الا

فقير علي نواز سندن مسند نشين آهي سندن درگاه جا ڪيترائي طالب آهن. فقير علي نواز پڻ طريقت جو رستو ٻڌائيندو ٿو رهي. هر سال هادي پاڪ جي ميلي جي موقعي تي ٿنڌي آدم مان بهترين زربفت جي چادر تيار ڪرائي اچي چاڙهيندو آهي ۽ سموري طالبن جي سنگ سميت اچي پنهنجي ڪافي جوڙي محفل ماچيندو آهي. فقير علي محمد لاڙڪ به هر سال تاج نئين جوڙائي اچي عرس تي چاڙهيندو آهي.

## فقير نور علي سومرو

سندن اصل نالو نور الله هو. مگر سندن هادي پاڪ سندن نالو نور علي فقير رکيو. سندن والد صاحب جو نالو در محمد هو. ذات جا سومرا ويٺل شهر محراب پور آهن. 1947ع ۾ سنڌي فائينل جو امتحان پاس ڪيائون، سندن جنم 22 مارچ 1932ع آهي. تعلقہ ميهڙ ضلع حيدرآباد ۾ سيد علي اڪبر شاهہ جي جامع عربيہ مان فقہ ڪنزقد وري ۽ مشڪوات شريف تفسير بضاوي پندرهن سيپارن تائين پڙهيا ۽ هدايت نحو پورو ڪيائون. مئٽرڪ جو امتحان پرائيويٽ طرح پاس ڪيائون 1949ع ۾ پرائمري ماستري ملين جيڪا ترڪ ڪيائون تپيداري ۾ سليڪٽ ٿيا مگر ٽريننگ اڌ ۾ ڇڏي گهر موٽي آيا.

1963ع ۾ بي اي پاس ڪيائون، بعد ۾ ايم اي بہ ڪيائون 1971ع ۾ بي ايڊ پاس ڪيائون آخر نئشلائيزڊ مڊل اسڪول ۾ تعمير ملت ۾ ايس اي ٽي مقرر ٿيا. 1971ع ۾ هائي اسڪول ميوو سيال عرف سيال آباد ۾ هيڊ ماستر مقرر ٿيا. پرائيويٽ اسڪول 1972ع ۾ وزير اعظم ذوالفقار علي ڀٽو سرڪار پنهنجي ذمہ ڪٽي سرڪاري ملازم قرار ڏنو. 1992 ۾ ملازمت تان رٽائر ڪيائون هادي شهنشاهہ جو مٿن گهڻو راض هو. ڪين عشق جو مولوي ڪري ڪوٺيندا هئا. فقير الله رکيو خاصخيلي جو مٿن مجازي نظارو هو. سندن ڪمپائونڊري ڪورس بہ پاس هو. جنهن ڪري يوناني حڪمت بہ ڪندا هئا.

آخر ستين صفر 1429 هجري 2008ع جي ڊسمبر مهيني ۾ مختصر علالت سبب دارالبقا ڏانهن راهي ٿيا سندن آخري آرامگاهہ هادي شهنشاهہ جي درگاهہ ۾ پيرانديءَ وٽ موجود آهي.

## زوار عطا حسين عرف عطا فولادي فقير

عطا حسين ولد محرم امين محمد فقير جي گھر ۾ ڳوٺ مينگھو فقير شر ۾ تاريخ پنجين شعبان 1392 هجري پنجين آگسٽ 1942ع برزو ڇنڇر ڏينهن پيدا ٿيو. پيءُ کي پهريون پٽ ڄائو مگر پيءُ کي ٻين پٽن ڄمڻ بعد هن کي پنهنجي ڀاءُ فقير عبدالواحد جي حوالہ ڪري ڇڏيائين ڇو تہ هو هن جو چاچو لا ولد هو. مگر اهو بہ 1950ع ۾ گذاري ويو. هن سنڌي ست درجہ ڳوٺ جي مينگھو فقير شر اسڪول ۾ پڙهيا بعد ۾ انگريزي پڙهڻ لاءِ گھنڊ عرف رسولپور جي اسڪول ۾ داخل ڪرايو ويو. جتان پهرين ٻيون ۽ ٽيون درجہ انگريزي پاس ڪري هاءِ اسڪول نرءَ مان مئٽرڪ پاس ڪيائون 1963ع ۾ 1964ع ۾ ماستري مليس. 1966ع ۾ سندس والد وصال ڪري ويو ۽ هي ست ڀائر هئا جن مان هي وڏو هوس ۽ باقي ٻيا سڀ ننڍا هئا.

ماستريءَ جي پگھار مان گھر پورت بہ ڪندو هو ۽ ننڍن ڀائرن کي پڙهائيندو بہ هو. جن مان حاڪم علي هائي اسڪول ٽيچر آهي ۽ غضنفر علي پرائمري ماستر ۽ سر احمد علي ايم بي بي ايس ڊاڪٽر ٿيو.

1975ع ۾ بي اي پاس ڪيائين ۽ 1978ع ۾ بي ايڊ ڪيم ۽ 1987 ۾ ايچ ايس ٽي ٿيس. مختلف اسڪولن ۾ نوڪري ڪيائين 1990ع ۾ ايم ايڊ ڪيم ۽ ايم اي سنڌي بہ پاس ڪيائين ۽ باالآخر 2003ع ۾ رٽائر ٿيو.

هادي پاڪ جي صحبت ۾ اچي ڪري 1963 ۾ سندن طالب ٿيا. سائين فولاد علي شهنشاهہ جن جي گفتار دوران فارسي سکي ورتائين ۽ ڪجھہ مطالعاتي ڪوشش سان عربيءَ جي بہ ڄاڻ پيس. ناظران قرآن پاڪ مختلف استادن وٽ پڙهيو ۽ مئٽرڪ ۾ آپشنل سبجيڪٽ طور بہ فارسي جو سبجيڪٽ کنيو ۽ پڙهيو هئائين. جنهن ڪري فارسي سني سمجھہ ۾ اچي ويس. ايتري قدر جو فارسيءَ ۾ آزادانہ گفتگو بہ ڪري سگھندو آهي ۽ ڪجھہ فارسيءَ ۾ شعر وشاعري بہ ڪري ٿو.

هادي سائين فولاد علي طريقہ حيدري ۾ تلقين ڪيس ان ڪري حب علي تو رحمت الله بغض علي تو لعنت الله جو عقيدو رکندو آهي.

شاعري اردوءَ سنڌي، سرائڪي ۽ پنجابيءَ ۽ هنديءَ ٻولين ۾ به ڪئي اٿس. جيڪو پنهنجو بياض ڪليات عطا فولادي نالي پنهنجي ڪتب خانه ۾ قلمي صورت ۾ موجود اٿس.

1990ع ۾ هادي سائين فولاد علي سائين جي روح الاعظم مان چونڊ اقتباس ڪڍي گنجينءِ فولاد نالي ڪتاب پنهنجي خرچ سان ڇپرايو هئائين. 2000ع ۾ ايران ۾ مشهد پاڪ ۾ قم شريف جي زيارت ڪيائين ۽ 2004 ۾ ايران کان ٿيندو عراق مولا ڪربلا معليٰ ۾ نجف اشرف جي زيارتن جوشرف حاصل ڪيو هئائين.

هاڻي به محترم علي نواز گهانگرو روشني پبلڪيشن جي مالڪ محترم آيت الله عرف عاجزي لغاري جي رهنمائي سان ڪتاب مڪمل ڇپرائڻ جو وعدو ڪيو آهي جنهنڪري صحت جي ساڻ نه هجڻ هوندي به هي بياض روح الاعظم جو لکي پورو ڪيو اٿس. درگاهِ رب العزت ۾ آسرو آهي ته ڪتاب انشاءَ الله تعاليٰ ڇپجي منظر عام تي ايندو ۽ آءُ محبوب حقاني مرشد ذات سبحاني حضرت فولاد علي سائين. ۽ حضرت علي گوهر فقير شمس الحق فولادي جن جي حضور اڳيان حاضر ٿي خوش بابا ٿيندس. آمين ثم آمين

**فقط عطا فولادي**

28اپريل 2009ع

# شعر عطا فولادي

## استدعا فارسيءَ ۾

يا رحيمي يا ڪريمي يا غفار، بخش ڪن عصيان ماريا ستار.
من سيه روپرز عصيان نابڪار، درڪرم لا تقنطو اميدوار.
آهه وه وزاري گريه ماراشنو، ڪيست در ديگر شگا ماربگو.
وي خدائي لم يزل ولايزال، دراجابت خويش ڪن مسڪين سوال
درميانِ دوجهان ناصر توئي، ما گنهگاران راغا فرتوئي.
مرد مان ميخوا ستند مال بنون، شادماني جاودان حرفت فنون.
زير سائيه ڪرم خود مارا به نه زره دردت دِلِ عطاآبده.

**عطا فولادي**

### قبلہ سيد محمد علي شاھ ثاني

قبلہ سيد محمد علي شاھ ثاني ولد قبلہ سيد علي حيدر شاھ جن جو جنم سن 1337 هجري مطابق 1914ع ۾ پيير ڳوٺ لڳ ڳوٺ منگهر جي ۾ ٿيو. سندن تعليم سنڌي فارسي پنهنجي والد بزرگوار کان پهريائون. جواني جي عمر ۾ هادي پاڪ حضرت فولاد علي سائين جن جي دست بعيت ڪري جام وحدت حاصل ڪيائون.

سندن نشست برخواست خانداني طريقہ موجب فقراءَ سان رهندي ٿي اچي. پاڻ اهل ذڪر صوفي سدائين ذڪر صوفياڻي لباس ۾ ملبوس ۾ رهندا آهن.

پاڻ قبلہ سيد ومرشد هادي شهنشاھ سيد محمد علي شاھ جن جا پوٽا ۽ سندن مسند نشين آهن. پنهنجي درگاھ جي سار سنڀال ۽ خدمت

پنهنجي هٿن مبارڪن سان ڪندا پيا اچن. پاڻ درگاهہ جي چوڪنديءَ اڏاوت مزار مبارڪ جي بہ پاڻ ڪرائي اٿن.

سندن درگاهہ تي هر سال تاريخ ستين صفر ۾ فقرائي ميلو لڳندو آهي. جنهن عارفانہ ڪلام ڳايا ويندا آهن ۽ پاڻ مرشد جي درگاهہ تي نهايت عقيدت ۽ احترام سان ايندا رهندا آهن ۽ ڪڏهن بہ سائينجن جوميلو نہ گسايو اٿن. درگاهہ تي بہ سندن احترام طور ڪين ڪٺ تي بستر ڏنو ويندو آهي.

## فقير محمد پريل

فقير خواجہ محمد پريل ولد ڏٿي بخش ذات مگريہ وينل لڳ ڪنديارو شهر. تعليم نہ هجڻ ڪري پاڻ رازڪو ڊڪاٽڪو تعميرات جي نقش نگار ۾ بيحد ڪاريگر هئا. ڪامل مرشد جي جستجو ڪندي ڪين هادي حضرت شاهہ فولادي علي فائز جي صحبت نصيب ٿين ۽ گوڏا پيجي جامِ وحدت ورتائون طلب بعد اهڙي تہ سندن دل روشن ٿي جو شعر وشاعري بہ ڪيائون.

مرشد سان عقيدت ۽ حق جي راهہ ۾ جهد ڏسي ڪيترائي پرپاسي جا عشق جا اجارا سندن چشمئہ فيض مان سيرآب ٿيا. پاڻ عاشق مزاج هئا حسين صورت ڏسي مصور ڏانهن متوجهہ ٿيندا هئا. حديث پاڪ بہ آهي تہ المجاز قنطرت الحقيقت. يعني مجاز حقيقت جي ڏاڪڻ آهي.

م تـاب از عشـق روءِ گـرچـه مـجـازي اسـت
کـه از بـحـر حـقـيـقـت کـار سـازي اسـت،

**رومي صاحب**

يعني مجازي عشق کان منهن نہ موڙ توڙي جو مجازي آهي. ڇو تہ حقيقت جي مقصد کي اهو ئي پڄائيندو آهي.

فقير هر وقت محو ذڪر هوندا هئا.مرشد سان عقيدي جي پختگي ڪري روضه پاڪ جو ڪم پاڻ ۽ شاگردن ۽ طالن جي مدد سان مڪمل ڪيو هئائون.روضه پاڪ جي تعمير ۽ چٽسالي هڪ شاهڪار نمونه جي آهي ڪم ڪرڻ جي ڪابه مزدوري ياڪو معاوضو نه ورتو هئائون.

پاڻ سن ۾ وصال ڪيائون جو سندن آخري آرامگاهه سندن ڳوٺ آهي. سندن شاعري مان مثال طور ڪافي هيٺ ڏجي ٿي.

شعر ۾ تخلص پياسي ڪم آندو اٿن.

## ڪلام

ٿلهه: ومست قلندر لعل. هادي ڪر پلايون پال
داتا دهر و دان ڏيارج. سڻ صدائون سوال
پُر پيالو مئي جو پيارج. هٿئون پنهنجي حال
رندن جو سرتاج تو آهين لاهوتي لجپال
ساٽي ٿي تون سيد سهڻا نرمل نور نهالث
هر دم هادي فيض فياضي ڪلنگي دار ڪلال
پياسي آهيون در تنهنجي جا جَرُ پيارج جال

## فقير محمد حسن قريشي

سندن والد جو نالو محمد اشرف ذات قريشي وينل ڪنديارو شهر جي لڳ ڏکڻ طرف آهن. سندن جنم تاريخ ٻه مارچ 1934 آهي. تعليم ڪنڊياري شهر مان سنڌي فائينل پاس ڪيائون بعد ۾ فارسي پڙهڻ لاءِ محترم استاد مولوي غلام محمد بلوچ وٽ اچي فارسي گلستان تائين ۽ قرآن ڪريم ناظران پورو ڪيائون.

1952ع ۾ سنڌي ماستر مقرر ٿيا. پنهنجي ذهانت ۽ ديانت سبب تعليم کاتي ۾ حاضر نالو ڪيدريائون. 1982ع ۾ رٽائر ٿيا.

پاڻ پير شيخ احمد جي درگاهہ جا سجاده نشين آهن 1950ع ۾ فقير پاڪ فولاد علي سائين ڪان عشق جو جام ورتائون. پاڻ محو ذڪر رهندا آهن. مگر شاعري ڏانهن سندن طبيعت مائل نہ آهي.

” هن سال ميلي دوران ميان خادم حسين جي صحبت جي توسط سان بلوچستان جي شوريءَ واري ڳوٺ مان حاجي عبدالستار خان شر ۽ رئيس سمندر خان شر هادي سائين جي مزار لاءِ زبفت جي عمدي تاج ۽ چادر جوڙائي ڪٽي آيا ۽ اچي پنهنجي مشفق هٿن سان مزين ڪيائون“

## ميان سچل فقير لاڙڪ

ميان سچل فقير ولد محمد موريل فقير لاڙڪ ويڙهل ڳوٺ ڪنڊيا ڪاهي ضلع نوشهرو فيروز جا آهن. سندن والد صاحب بہ هاديءَ جي هٿ تي بعيت ڪئي هئي.

1955ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪري 1956 ۾ سيڪنڊري استاد مقرر ٿيا مگر مرشد ڪان جام وحد جو جام وٺڻ سان دنيا جي ڪارو وهنوار تان دل کڄي وين. ۽ 1960ع ۾ ملازمت کي ترڪ ڪيائون ۽ ڪاڏو بہ گهري ڪيئن ڪائيندا آهن. گهڻو ڪري مٿن مجذوبيت جي ڪيفيت هوندي هئي. هاڻي سالڪئي ۾ ٿا رهن ۽ طب نبوي تحت حڪمت ڪندا آهن.

سادي خوراڪ ۽ پوشاڪ اٿن. ڪيترائي سندن بہ طالب آهن شعر بہ چيو اٿن.

فولاد عليءَ ڪان فيض مليو تڏهن خيال خاطر ڪان غير ويو<br>
سچل ساقيءَ جام پياري خوف خطر سپ وهم نيو<br>
اچي عشق هادي امام ٿيو ٿي مرشد جي آهي ماڙسدا.

## فقير محمد صالح عرف فقير بو علي سائين

فقير محمد صالح ولد عبدالله ذات جا ڪوريجا (قريشي) آهن. سن جمڻ جو سال 1928ع آهي.

ابتدائي تعليم شهر ڏيپارجا ضلع نوشهروفيروز ۾ حاصل ڪيائون سنڌي ست درجا پڙهيائون ان کان پوءِ پوليس کاتي ۾ سپاهي ڀرتي ٿيا. ڪجهہ وقت کان پوءِ استعيفا ڏنائون. 1958ع ۾ ڏاڏا پير ڪين ڪلامن لکائڻ لاءِ هادي شهنشاهہ حضرت فولاد علي فقير ڏانهن موڪليو. سائينجن سان صحبت ۽ ملاقات بعد پاڻ قرب جي ڪمند ۾ ڪڙجي ويا جو ڪلامن لکڻ يا نہ لکڻ جي موتي پير کي ورندي بہ ڪونہ ڏنائون . هادي پاڪ جي قدمن ۾ ڪري پيا. سائينجن کان وحدت جو جام وٺي الاهي عشق ۾ محوءِ مست مگن ٿي ويا. هادي پاڪ سندن سچائي عقيدو ۽ احترام ڏسي مٿن بو علي فقير نالو رکڻ فرمايو. اج تائين عام وخاص ڪين ان نالي سان ٿو ياد ڪري.

پاڻ بي ريا ۽ بي باڪ رهندا هئا. پاڻ درگاه معليٰ جي مرمت جو ڪم جملہ فقراءَ جي تعاون سان 1994ع ۾ ڪرايائون ۽ روضہ پاڪ جي ٻاهران ڪمپائونڊ وال ۽ فرش بنديءَ جو ڪم مضبوطيءَ سان ڪرايائون.

ساٹن هٹ وندرائڻ ۾ ۽ ڪم ڪرڻ ۾ بظاهر غلام الرسول فقير چانڊيو فقير نور الله مشوري. صاحب ڏنو فقير اُجڻ ۽ شوق علي فقير چانڊيو هر وقت حاضر خدمت هوندا هئا. عام ماڻهن سان سندن طبيعت نہ لڳندي هئي. مگر خاص طرح سان سيد مسڪين شاهہ مست ۽ سائين جاويد احمد فقير چاچڙ محراب پوري سان سندن طبيعت مانوس رهندي آهي.

عشق شهنشاهہ جي اوقات ۾ پاڻ کي جاٽي واٽي ڪيترائي ڀيرا گدوءَ واري چرين جي اسپتال ۾ داخل ڪرائي ماڻهن جي ميلاپ کان ڪناره ڪش ٿيڻ جون ڪوششون ڪيون اٿن تہ جيئن ڪين ماڻهو چريو سمجهي سندس واسطن کان واندا ٿين.

پاڻ جسم جا قداور سڏا سنوان هئا. ڏاڙهي کي تراشي ڏياريندا هئا. ظاهري طرح ڪوبہ تڳويا خرقو ڪونہ پائيندا هئا. پوشاڪ صاف ستري ۽ اميرن وارو اٿڻ ويهڻ هين سندن اولاد مان فقير غلام مصطفيٰ ساڳي

فقيرائي حال تي گامزن آهي ۽ فقير غلام سرور بہ محبوب اٿن ۽ غلام حيدر فقير صوم صلوات جو پائبند ۽ خاد الفقراءُ آهي.

# ختم ڪتاب

الله سائين جا لک احسان ۽ مهربانيون جنهن مون ناچيز لاءِ پنهنجي مدد ۽ توفيق جون سڀ راهون کولي ڇڏيون. ان ڪري هي ضخيم ڪتاب روح الا اعظم حضرت هادي پاڪ شهنشاهه فولاد علي سائين جو گويا ڪ الوهيت جي گفتار آهي. جيئن مولانا جلال الدين  رومي صاحب فرمايو آهي ته

گرچه قرآن از لب پيغمبر استر
هر که گويد حق نه گفته کافر است

يعني جيتوڻيڪ قرآن محبوب الاهي مصطفيٰ سرڪار جي زبان مان نڪتل الفاظ آهن مگر جيڪوان کي الله جي زبان نه چوندو سو ڪافر آهي.
وانگر اڄ 11جمادي الاول 1430 هجري، مطابق 7 مئي 2009ع بروز خميس هيءَ ڪاپي قلمي مسودو ڇپرائڻ لاءِ لکي پورو ڪرايم. ڪتاب لکندي منهنجو سارو وقت ذوق آرام ۽ خوشيءَ ۾ گذريو. جيڪڏهن مان انهن الله وارن مان نه آهيان ته به ڪم ازڪم عارفن جي مڪمل احوال کي ته ڪتابي شڪل ڏني اٿم. ان جو صِلو مان پنهنجي مرشد حقاني فياض رباني تي ڇڏيان ٿو. جن جو لطف لاحد ۽ ڪرم بي ڪنار آهي.

# پيغام

جيئن تہ فقير شمس الحق فولادي هي ڪتاب ڇپرائڻ جي اجازت ڏيڻ فرمائي. ڪنن ڪم ڪيو آهي. جنهن جي ذريعي عام آدمي تصوف ۽ وحدانيت کي آساني سان سمجهي سگهندو. جنهن لاءِ اسين اهل تصوف سنڌ سندس حياتِ جاودان ۽ عشق محبت لاءِ دعاگو آهيون.

فقير پيارو خان شر ۽ ساٿي
تڳيو سر تعلقہ کپرو

فقير محمد بخش ضامن
سجاده نشين درگاهہ منثار
فقير
ڪاٽي راڄپر کپڙو

# پيغام

محترم فقير شمس الحق فولادي

**حق موجود**

اسان ٻڌو آهي تہ توهن ڪتاب روح الاعظم تصنيف حضرت فولاد علي فقير جن جو ڇپرائي رهيا آهيو. جنهن لاءِ اوهين مبارڪ جا مستحق آهيو.

اسان صرف فقير صاحب لاءِ ڪي ڳالهيون ٻڌيون هيون. مگر ڪتاب ڇپجڻ بعد فقير جو مڪمل فلسفو پڙهي پت پرکي ۽ پروڙي سگنداسون.

اوهان جو دعاگو

فقير عاشقان علي جلالائي.

۽ فقير شمس الدين جلالائي.

سجاده نشين درگاه نصير فقير جلالائي

تعلقہ ڪوٽ ڏيجي

فقير منٺار علي شر محمد حسن شر فقير در محمد شر فقير نذير احمد شر ڏارو فقير شر ۽ سنگت بهرام خان جمالي طالب ۽ مريد درگاه سائين نصير فقير جلالائي.

# پيغام

مانوار فقير شمس الحق فولادي

**حق موجود**

اسان ٻڌو آهي تہ اوهين روشني پبليڪيشن طرفان فقير فولاد علي صاحب جن جو ڪتاب روح اعظم شايع ڪرائي رهيا آهيو. ان نيڪ ڪم ۾ خدا وندا ڪريم توهان جي مدد ڪرڻ فرمائيندو. جو ان ڪتاب جي اڄ جي اٿاڻ جي دور ۾ اهم ضرورت آهي. جيڪو تصوف جي گائيڊ طور عالمن اديبن ۽ تصوف جي ڄاڻوڙيندڙن لاءِ مددگار ثابت ٿيندو. اسانجو دعائون توهان سان رهنديون.

**سيد سجاد الرسول شاھ**

سجاده نشين درگاھ عاليہ سيد اعجاز علي شاھ راشدي

نيو سعيد آباد، حيدرآباد

# پيغام

مهربان ۽ مهذب فقير شمس الحق فولادي

**اسلام عليڪم حق موجود**

اها ڳالهہ اسان جي علم ۾ آئي آهي تہ اوهين ڪتاب اڳ ۾ بہ فقير فولاد علي صاحب جن جي باري ۾ " گنجينئہ فولاد " ڇپرايو هو ۽ هاڻي بہ اصل روح الاعظم جو ضخيم ڪتاب روشني پبليڪيشن طرفان پڌرو ڪرائي رهيا آهيو. جنهن لاءِ اسان جي طرفان دلي مبارڪباد قبول ڪندا.

فقير غلام حيدر ابڙو
ڪراچي
فقير ممتاز علي ابڙو
ڪراچي
فقير غلام ياسين ابڙو
ڳيريلو لاڙڪاڻو
فقير امتياز علي ابڙو
ڳيريلو لاڙڪاڻو
فقير غازي محمد ايوب
سڪندري آبادي

# سنيهڙو

ادا فقير شمس الحق فولادي

حق موجود! اميد تہ باخيريت هوندا.

احوال تہ اوهان ٻڌايو آهي تہ ڪتاب روح الا اعظم تصنيف حضرت فولاد علي فقير ترتيب ڏيئي ڇپرائي رهيا آهيون. اهو ٻڌي بيحد خوشي ٿي آهي چو تہ اهڙي عظيم هستي ڪي ڪتابي شڪل ڏيئي توهان قابل تحسين ڪم ڪيو آهي. جنهن لاءِ اوهين مبارڪ جا مستحق آهيو

**ديگر خيريت**

فقير خادم حسين عباسي

مهتتم درگاه حضرت نانڪ يوسف

اڳڙا تعلقہ گمبٽ

# سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پڪيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

**https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book**